# عشق تمام بِرهه تمام

ناول

سحر گل




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق تمام، بِرھہ تمام

ناول

سحر گُل

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر

**450**

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2018ع
ڪتاب جو نالو: عشق تمام، برهه تمام
ليکڪا: سحر گل
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: ذڪي پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: 700/= رپيا

ISBN 978-969-9866-83-8

**"ISHQ TAMAAM BERH TAMAAM"** (Novel)
By: Sahar Gul
**Published by: Sindhica Academy,**
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400

## اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر 5, ميزنائين فلور حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803 _ 03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ، مدني شاپنگ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039
سنڌيڪا بوڪ شاپ، رمضان بروهي مارڪيٽ، نزد شجاع آئي هاسپيٽل بند عيدن روڊ، نوشهروفيروز. فون: 03022917397
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300-2827848، ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر رروڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سکر - ڀٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد 03223011560 سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ. خيرپور ميرس -المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- سليمان برادرس، مسجد روڊ، عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 03003319565. عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمرڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور، سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535

لکڻ لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

**B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400**
**فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org**
**اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

عشق کي ارپيم، جنهن اندرَ جا پنڌَ ڪرايا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه لفظ

هن ناوِل کي مُڪمل ڪندي مون کي سيپٽمبر 2018 ۾ لڳ ڀڳ چار سال پورا ٿيا آهن. ناوِل جي هر پهلوءَ، يعني ان جي ڪهاڻيءَ، منجهس فِڪر، خيالن ۽ تصورن جي مخصوص ٻوليءَ ۾ جوڙجڪ. ڪِردارن جي اُٿَتَ، وبندي هر ڪردارَ جي انفراديتَ قائم رکڻ لاءِ ان جي گفتگوءَ ۾ مخصوص لفظن جي چونڊَ تائين تي، مون ٻاڻ وِساري، پاڻ وڃائي ڪم ڪيو آهي ته جيئن هن ناوِل کي گِهرائيءَ سان سِرجي تخيل تورڙي تخليقيتَ جو حق ادا ڪري سگهان. اِن خواهِش ۾ مون پٺيءِ هِن ناوِل کي گهڙيو آهي. اُميد ته هن ناوِل کي آرپيل وقت، موضوعَ سان چاهه ۽ منجهس عشق جي فِڪر مان اُهو تخليقي نِياءُ پيو بکندو.

هن ناوِلَ کي مُڪمل ڪرڻ مون لاءِ ڪو سولو ڪم نه هو. هر پيري پڙهڻ مهل لڳو ته اِن ۾ اڃان ڪوڙ سارن پاسن کي پرڻ جي ضرورت آهي... پاڻ جيان ڪُتل لڳو هميشه. تڪميل جي خواهش ۾ ان کي پرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي رهيس.

هِن ناوِل کي ايئن پنهنجو پاڻ اربڻ جي پويان هڪ سَبب هيءُ به آهي ته ناوِلَ جي ٻنهي موضوعن، ”ٻُڌ مَت“ ۽ ”عشق“ سان منهنجو ڏاڍو گهرو چاهه رهيو آهي. پنهنجن ٻنهي مَن-پسند موضوعن کي مون هِن ناوِلَ جي صورتَ ۾ هڪ جاءِ تي ملايو اٿم. ناولَ جو مرڪزي خيال ٻُڌ مت جي روح کي سمجهڻ ۽ اُن جي پانڌيُن جو عشقَ جي دنيا ۾ پاڻ پتوڙڻ آهي. اِهو موضوع دِل وٽان هٿڻ ڪري ناوِل لکڻ جو هر لمحو فِڪري ترنگ جو لمحو هو. ان ڪري ان کي وري وري پڙهي، سنوارڻ ۽ لکڻ کي اڃ تائين روڪي نه ٿي سگهان.

اِهوان موضوعَ جو فِڪري ڪمال هو جو ان تي تحقيق ڪرڻ ۽ لکڻ دوران هر لمحي تخيلاتِي حُسن ۽ تخليقي اِدراڪ جي مُشاهدي مان گُذريس. اوهان پڙهندڙ هِن لکڻيءَ منجهان مُنهنجن اِنهن احساساتي ڪيفيتُن کي محسوس ڪري وٺندا.

ٻنهي موضوعن، عِشق تورڙي ٻُڌ مَتَ جِي هِن دؤرَ تورڙي هر دؤرَ ۾ پنهنجي پنهنجي اهميتَ رهي آهي. هڪ پاسي عشق ڇا آهي، اُن جا قدُرَ ڪهڙا آهن. ان بابت اسان وٽ تمام گهٽ سمجهه آهي. ان کان سواءِ ان کي سماج ۾ نه ته بطور هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهم موضوع ورتو ويو آهي. نہ وري ان تي عام راءِ يا موقف قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جھڙوڪر ان موضوع جي انساني سماج ۾ ڪا خاص حيثيت ئي نہ هجي! جڏهن تہ سچ اِهو آهي تہ انسان جي زندگيءَ ۾ تلهي ليکي رشتن ۾ توڙي زندگيءَ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي پهلوئن ۾ ڪاميابي يا ناڪاميءَ ۾ محبت يا عشق جو وڏو ڪردارهوندو آهي. عشق جيڪو ماڻھوءَ جو ماڻھوءَ سان توڙي آدرشن سان تئي ٿو. ان ڪري مان سمجهان ٿي تہ ان موضوع تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي بيحد گھڻي ضرورت آهي.

ٻئي پاسي سنڌ جا جَيني ۽ ٻوڌي دؤرَ ڪيئن هئا. اُنهن بابت بہ اسان وٽ تمام گھٽ ڄاڻ آهي. خاص ڪري سنڌ جي ٻوڌي دؤر جون سماجي، سياسِي ۽ معاشي حالتون ڪهڙيون هيون، ڪهڙي ثقافت ۽ رِيتون رسمون هيون. اُن بابت ڄاڻڻ جو اُتساهہ رهيو آهي، اُهو اُتساهہ هن حقيقت نگاري توڙي افسانويتَ سان ڀريل ناول جي سِٽَ سِٽَ مان ليئا پائيندو نظر ايندو.

ناوِلَ جي ٻنهي موضوعن منجهان هڪ تصور عشقُ، انسانَ جي داخليتَ، وجدان ۽ اندر جي ڪيفيتَ جي ڪهاڻي آهي، جيئن مون مٿي چيو تہ ان جي عظيم قدرن بابت ڳالهائڻ يا عام راءِ جوڙڻ جا هن مادِي دنيا ۾ وِرلي ڪي مِثالَ نظر اچن ٿا. ٻيو تصور ٻُڌ مت. جيڪو هن ڌرتيءَ جي تاريخَ سان جُڙيل آهي. سنڌ واسين جي اجتماعي وُجودَ جي تاريخ. جيڪا هاڻي فقط ڪنڊرن جي شڪل ۾ موجود آهي. ڪو والي وارث گهرجي، عشق جو ۽ انهن ڪنڊرن جو بہ. تہ جيئن هن اهم دؤر ۾ احساس جي عميقيتَ ۽ ماضيءَ جي هڪ سُڃاڻپ ڪي هڪ پيرو وري پنهنجي ويجهو ڪجي ۽ انهن کي وڏيڪ گهرائيءَ سان سمجهي سگهجي.

”عشق تمام. بِرهہ تمام“ ناول ٻُڌ متَ سان واڳيل ڪِردارن جي عشق-ڪهاڻي آهي، جيڪي محبوب توڙي نِرواڻ ماڻڻ لاءِ اَڃاتن داخلي ۽ خارجي سفرن تي نڪرن ٿا. هو عجب ماڳن ۽ پرڳڻن ۾ پهچن ٿا، جتي ٻوڌي ڪاروهنوار هلي ٿو. ڪجهہ ڪِردار وِيئَت نام جي 1963 جي سائيگان (هوچي منهہ شهر) جو اُن دؤرَ ۾ مُشاهدو ڪن ٿا جڏهن ڪئٿوليائي حڪومت هڪ پاسي ٻُڌ مت کي پاڙئون پٽڻ جا سانباها ڪري رهي هئي تہ ٻئي پاسي آمريڪي آپيشاهي پنهنجا بدترين خوني گُرَ استعمال ڪري اُتي پنهنجا چنبا کوڙي رهي هئي.

تحقيق توڙي محبوب جي ڳولها خاطر ڪجهہ ڪِردار نيپال ۾ گوتم ٻُڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنم يُومي لُمبينيءَ پهچن تا تہ ڪي وري لداخ جي جابلوءِ برفاني علائقن ۽ هِماچل پرديش پُهچي بوڌيشالائن (Buddhist Monasteries) مان سِکيا حاصل ڪن ٿا. هن ناول جي ڪهاڻي گهرائي تي ٻڌل مڪالمي سان پريل آهي. جيڪو ٻُڌ مَت، ڌيان، يوگا، موسيقي، رقص، ۽ عشق ۾ جدائي ۽ ميلاپ جهڙن تصورن ڏانهن فلسفياڻي نگاهہ پيش ڪري ٿو.

اميد تہ پڙهندڙن کي منهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوِش پسند ايندي.

**سحر گل**

حيدرآباد، سنڌ

سيپٽمبر، 2018



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوتم ٻُڌ جي ديس جي هڪ مُک ٻوڌيشالا ۾ اڄ جَشنَ جو ڏينهن هو. ٻوڌيشالا جي وسيع پَڌَرَ جي وِچَ ۾، جتي سرءُ جي موسمَ ساوڪَ توڙي ڌرتيءَ جا رنگ روپَ متائي ڇڏيا هئا. ڌرتيءَ تي گيڙُو ۽ ڦِڪن رنگن جي جَهڙوڪَر هڪ چادر وڇايل هئي. اُتي اُيا بيٺل اَنيڪ ٻي لباس ڇَٽيل وڻَ سونهري ٻتين سان سينگاريل هئا. چوڌاري موجُود انسانن منجهان سڀ ڪو اُن لقاءَ کي پَسڻ لاءِ آتو هو. ”نڪا جَهلَ نہ پلَ. سڀ ڪو پَسي پرينءَ کي“ جهڙو مثال هو.

سمورو ڏينهن انيڪ ماڻهن جو هجوم رهيو هو. ڪي آيا تہ ڪي ويا پئي. هُونئن بہ اُها جاءِ ڪَجهہ مهينن کان ماڻهن جي سوچُن ۽ نهارُن جو مَحور رهي هئي. خاص ڪري گذريل آخري مهيني ۾ اِن يگاني لقاءَ، پسندڙن جي رُوحن ۾ وَنگَ وِجهي ڇڏيا هئا. سڀ ڪو پيو ان منظرَ کي سراپا حيرت ٿيو ڏسندو هو. اڄ ان لقاءَ جي تڪميلَ جو آخري ڏينهن ۽ ان تي جشن جو پهريون ڏينهن هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دَيودار جا وڻَ لڳن کي ڇهڪَ ڏيندڙ پارَي ۾ پنهنجي سموري ساوڪَ کي اُجري برفاني لباسِ ۾ ويڙهي پاڻ جاليو اُڀا ٿيا بيٺا هئا. سوچيم، برفَ کيئن نہ ميرانجهڙي ڌرتيءَ کي اڇو لباس پارائي صفا نئون منظر تي ڏئي ڇڏي: هڪ پاسي اِهو منظرُ فطرتَ جي گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائيءَ جو هڪ بي مثال نمونو محسوس ٿي رهيو هو تہ ڪيئن فطرت هر شئي کي هڪ ئي رنگَ ۾ رنگي، هڪجهڙو بنائي ٿي ڇڏي. جڻ پنهنجي ڪثرتَ ۾ برابريءَ ۽ وحدتَ جي اخلاقيات جو هڪ انوکو مِثال پيش ڪري ٿي. ٻئي پاسي، برفاني هيڪڙائيءَ جي هن سرد ترين سنگينيءَ ۾ جيڪڏهن گرميءَ جو مُناسب بندوبست نہ ڪيل هجي ها تہ ڪنهن بَندَي بَشر جو ڪم نہ هو تہ اِتي رهي سگهي ها. هر شئي ڄميل هئي: وڻَ، پَنَ، ماڪَ، ڌرتي، فقط انسانَ جو وُجُود هو جيڪو اندر ۾ گرميءَ جي روانيءَ کي ساڻ کڻي هھڙي رَت ۽ ماس ڄمائيندڙ ٿڌَ ۾ اڻ-ٽَڪ هليو پئي.

هن جِيئندڙ جاڳندڙ فطرِت جي گهٽائيءَ کي پَسي مون سوچيو تہ فطرت ۾ ڪثرتَ جي هوندي بہ هر وُجُود جي تنهائي اڻ-ٽر آهي، ۽ هن پارَي ۾ اها تنهائي وڌيڪ درد ڏيندڙ لڳي ٿي.

مان پنهنجا خواب کڻي سفر تي هليو هئس ۽ ٿيو ايئن جو اِن ئي سفرَ ۾ مون ٻيا نوان خواب هَٿ ڪري ورتا هئا. ننڍڙو هڪڙي ڪمَ سانگي هئس، ان ڪمَ کي تہ جيئن جو تيئن پورو ڪيم پر ان کان پوءِ هڪ پوري زندگيءَ جو نئون خاڪو کڻي موٽي رهيو هئس. هينئر منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي عِلمي ۽ تحقيقي ڪم سان گڏ ٻَڌ مَت بہ هو، يو ڳٽي هئي، ٻوڌِين جا فِڪري داستانَ هئا. هاڻي مون کي ڇا ڪرڻو هو؟ مون کي پَٽي عشقَ جي دنيا ۾ اَنيڪ سفر ڪرڻا هئا، کوڙ سارو لکڻو هو، پڙهڻو هو. نہ رُڳو هوءَ، پر هُن سان گڏ هاڻي ٻُڌ مَت بہ منهنجي جسم توڙي رُوح جو حِصو بڻجي ويو هو.

هوءَ لَداخ مان دهليءَ ڏانهن واپسيءَ واري سفر دوران اچانڪ منالِيءَ مان هلي وئي هئي ۽ مان وِڇوڙي جي دردَ جون اِنتهائون کڻي انهن ئي برفاني جاٻِن تي بار بار وڃي کيس تَلاش ڪندو رهيس پئي، جتي سائُس گڏ حسين ترين وقت گُذريو هو. هوءَ هلِي وئي تہ ڇا ڇا نہ ٿي ويو هو...! منهنجي زندگيءَ جو رنگ مَٽجي ويو، منهنجا مقصد مَٽجي ويا، زندگيءَ ۾ ايتري تہ بدترين اوپرائپَ اچي وئي جو احساسن پنهنجون وصفون وڃائي ڇڏيون: محبت جي معنيٰ مَٽجي درد بڻجي پئي، خوشيون غمَ، ۽ غمَ خوشيون بڻجي ويا، جڻ نَفي اَثباتَ ۾ ۽ اَثبات نفيءَ ۾ تبديل ٿي ويا هجن. سندس ايئن هلئي وڃڻ کان پوءِ مون جهڙي، برفاني سِيئاري مان حِظ وٺڻ واري، ماڻهوءَ لاءِ سيئاري جي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ٻي ٿي وئي، برفاني موسمَ ۽ وڇوڙو جڻ هڪٻئي جو نعم البدل ٿي پيا.

اهي راڳ، جيڪي ساٿس گڏ ٻڌم، انهن جي موسيقي ۽ شاعري هاڻي مون ۾ نيون معنائون رکن ٿا. معنائون جيڪي سندس چهري، سندس آواز، سندس وجود سان مُشابهت رکن ٿيون.

جنهن ڏينهن هوءَ مناليءَ مان هلي وئي هئي، ان کان هڪ ڏينهن اڳ واري صبح جو مان ننڊ مان اٿيس تہ ڏٺم، هوءَ سامهون صوفي تي ويٺي هئي. پٺائيءَ جي وائي ”عشق تمام برھ تمام“ هلائي ڊائري لکي رهي هئي. ڪيس ڪلام هلائي ايئن پنهنجي سامهون لکندو ڏسي پنهنجي بخت تي هڪ پيرو وري اويساهي ٿي هئم. پر ٻي صبح جو ٿي منهنجو بخت جواب ڏئي ويو. مون کي ننڊ جو هڪ اهڙو جهوٽو آيو جيڪو منهنجو سڀ ڪجهہ ڪٺي هليو ويو. اک کُلي تہ خبر پيم هوءَ هلي وئي هئي! ان ڪري ئي ان ڪلام سان ان وڇوڙي واري صبح جو درد جُڙيل رهيو آهي، اڄ بہ ان کي ٻڌي دل ڦٿڪي پوندي آهي.

عشق تمام، برھ تمام، وو!

مين لوٽي، يار لوڪو!

سيج سُتي نون جَهپ نہ آوي، نيٽين ننڊ حرام.

راتيان جاڳڻ، صاحب سنيالڻ، اي فقيران دا ڪام.

مَتِ عقل دي مُنجهہ ڳئي، آيا عشق اِمام!

عشق تمام، وو برھ تمام!

واقعي بہ ائين ئي هو، هاڻي منهنجو عشق بہ تمام هو، برھ بہ تمام هو! سڀ مون تي چُڪو هو، بس، هاڻي وصل تمام گهرجي پيو. عشق مون کي بہ هن ڪلام جو پرتوو بنائي ڇڏيو هو، منهنجي ننڊ حرام هئي. مان اڪثر راتين جون راتيون جاڳي ڪيس ياد ڪندو هئس. هوءَ جڏهن کان مون کي ڇڏي هلي وئي، مان پنهنجي پاڻ ۾ نہ هئس. مت عقل سڀ ڪسجي الائجي ڪيڏانهن هليا ويا هئا!

تڏهن کان منهنجو جسم ۽ دماغ هر وقت سندس تلاش ۾ رُڌل آهي: نہ مون کان سُک سان ڪنهن هڪ مڪانَ تي ويٺو ٿو ٿئي، نہ وري گهڙيالَ جي سُئيءَ جو ڪانٽو سندس تصور کان سواءِ هڪ پَل بہ اڳتي سُري ٿو. ڪنهن ٻئي خيالَ جي لَذتَ کان تڏهن کان محروم، مان سندس محبتَ ۽ ان کان پوءِ مِليل وڇوڙي جو سُواد چکي، اڄ سُوڌو پنهنجي سموري وجودَ ۽ ساهن سان سندس تلاشَ جي رولاڪيءَ ۾ آهيان. ڪٿي ڪٿي نہ تلاش ڪيو اٿم ڪيس؟

منهنجي اندر ۾ انيڪ غير اِمڪانَ، اِمڪان ٿئجي پيا آهن. مان، رَت ۽ ماھَ جو نهيل ماڻهو، ڪيس تلاش ڪرڻ لاءِ هن ڪائنات جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ وڃي ٿئي سگهيس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ۾ انتها تي وڃي ٽئي سگهيس. آسمانَ جون اوچايون هجن يا پاتارن جون اُوناهيون هجن. ڳجها رازَ ته واقعي به آسمانن جي وُسعتن ۾ هوندا آهن ۽ اَمُلهه ماڻڪ ته. پٽائيءَ جي خيال ۾ به. واقعي به پاتارن جي گهرائين ۾ پيل هوندا آهن. هوءَ هئي به ڪو ڳجهو راز يا اَمُلهه ماڻڪ: مان چڪورُ بڻجي يا غواص بڻجي. آسمان جي اوچائين ۾ يا پاٽيءَ جي تَهن ۾. يا ڪنهن به اهڙي سفر تي وڃڻ لاءِ تيار هئس ته جيئن ڪيس هڪ ڀيرو. فقط هڪ ڀيرو وري هٿ ڪريان!

هوءَ ڇو هلي وئي هئي؟ اُن جو مون وٽ ڪو به منطقي جواب نه هو. نه آهي. بس. هوءَ ويندي ويندي ڇڙ وڇڙ تاريخن تي لکيل پنهنجي ڊائري مون کي ڏئي وئي هئي. ان ڊائريءَ جا سمورا پَنا مون ڪيترا ڀيرا پڙهيا هوندا اهو ته مون کي ياد ئي نه آهي: پر ايترو ضرور پتو اٿم ته انهن پنن کي مان هاڻي به ڪنهن صَحِيفي جيان سانديندو آهيان.

هڪ عجيب ڳالهه اها آهي ته ان ڊائريءَ ۾ لکيل هڪ اهم پَنو مون کان پڙهڻ کان رهجي ويو هو. ان کي نه پڙهي سگهڻ جو مُک سبب اهو هو ته ڪجهه مخصوص تاريخن تي سندس لکيل تفصيلي مواد ايترو ته اهم ۽ دلچسپ هو جو منهنجو سمورو ڌيان ان تي ئي ڪُپيل رهيو هو. جنهن کي پڙهي مون سندس اندرَ جي دنيا ۾ لِيئا پاتا پئي. مون کي ته اها خبر ئي نه هئي ته انهن ميرانجهڙن اُجن پَنن ۾. وِچَ ۾ ڪٿي. ڪجهه مختصر اهڙو به لکيل هو جيڪو انهن ٻلڪڙن جي لِيئن مان ٻاهر نڪري اچي. مُنهنجو هٿ جَهلي. سندس دنيا ۾ مون کي تڪڙو تورڙ تائين پهچائي ها. خير. مان دير يا سوير اتي پُهچڻو هئس. ان ۾ دردَ جو سَفر لازمي هو. سو ته مون کي هُوندئن به ڪرڻو ئي هو.

سندس تلاش واري اُن سفر ۾ دردَ کي جَهڪو ڪرڻ لاءِ اڪثر ڪئميرا کڻي موسمي مَيون جي وڻن. رستن. جبلن ۽ بوڊِيشالائن جا فوٽا ڪيڻ شُروع ڪندو هئس. هر منظر سان سندس ياد جُڙيل هئي. ذهن ۾ سائنس گڏ گذاريل مختصر وقتُ هڪ فلمَ جيان هر وقت هلندو رهندو هو. جنهن جو هر منظر سندس جيان ئي محبوب هو. جو ڪنهن رقتَ هوءَ اُن منظرَ ۾ مون سان گڏ موجود جو هئي! اُن ماضيءَ جي منظرَ ۾ سندس موجودگيءَ جو احساس. حالَ ۾ سندس غيرموجودگيءَ تي حاوي هو. ڪيڏو نه عجيب هو ته سندس فقط ٽِن چئن هفتن جي ساٿ ۾ ئي مون محبتَ جي هڪ پوري زندگي جِيئي ڇڏي هئي. اوهڙي نه ته ڪا ٻي خوشي ملي هئي. نه وري زندگيءَ ڪو ٻيو اهڙو درد ڏنو هو!

مون کي ياد آيو ته ڪيئن مون سائنس اِيندڙ وقت ۾ بار بار لِيهَ اچڻ جي اڳڪٿِي نُما ڳالهه ڪئي هئي. جنهن تي هن چيو هو ته ٻيهر جيڪڏهن اچڻ ٿيو ته شايد مون کي اڪيلو اچڻو پوندو. هوءَ ته وري نه ايندي. چيو ايئن هئائين ڄڻ ڪيس اِن جي وڏي پَڪ هئي! ۽ جڏهن مون ورائي چيو هئُومانس ته مان هن کان سواءِ ۽ اڪيلو ته هن پاسي هرگز نه ايندس ته اُن تي هوءَ خاموش ٿي وئي هئي پر سندس چهري تي قهرَ جو يقين هو... ڄڻ مون سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحث نہ ڪرڻ چاھيندي هجي، پر پنهنجي ڳالھ تي اَٽل هجي. نيٺ ايئن ٿي ٿيو، اچ ليھ ۾ مان اڪيلو سندس تلاش ۾ پنڌ ڪي رهيو هئس.

مان سوچيندو آهيان: ياد ڪنهن حقيقي منظر جيان هوندي نہ آهي جو اُن ڪي لَنوائي بہ منظر ڏانهن ڏسي سگهجي. ياد اُن بيٺل تصوير جيان هوندي آهي، جيڪا اکيون بند ڪجن تہ بہ سامهون تنگيل نظر اچي. پر مان تہ اهو بہ نہ پئي قبول ڪري سگهيس تہ هاڻي هوءَ فقط هڪ ياد بڻجي وئي هئي ۽ فقط ياد ئي بڻيل رهندي؟ هوءَ عجب سُهڻي جسم ۾ رُوح واري ناري، جيڪا منهنجو حال اچي بڻي هئي، منهنجي سموري ماضيءَ تي اختيار رکندڙ هئي، منهنجي مستقبل جو خواب هئي، منهنجو جياپي جو سبب هئي، منهنجو ڪيفُ ۽ خمار، منهنجو اُتساھ، منهنجي تخليقيت جو تخيل هئي. مان ڪيئن مڃيان ها تہ هاڻي هوءَ منهنجي زندگيءَ جو حقيقي مظهر نہ هوندي. فقط منهنجين يادن ۾ رهندي، اِن خيال مون ڪي ماري ئي تہ ڇڏيو. ان ڪري ئي تہ مون اِن ساھ پيئندڙ. نہ ختم ٿيندڙ وڇوڙي ڪي ڪڏهن بہ مڃيو ٿي نہ. اِن جيترو منهنجي روحَ کي ساڙيو پئي، اوترو ئي مان ساھَس ساڻ ڪري سندس تلاش ۾ نڪري پيس ٿئي، تان جو ڪيس پنهنجي ٻُڏندڙ ياڳ جي پاتارن مان هٿ ڪري ٻاهر ڪڍي آيس.

لداخ وارن ٻنهي سفرن ۾ ڪيس هٿ نہ ڪري سگهيس: هر ٻوڌيشالا ۾ سندس بابت پُڇيم. ٻوڌي سينٽر، رهائشي تربيتن جون سيئي جايون. ڪٿي ڪٿي نہ ويو هوندس مان، پر ناڪام موٽيس. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هن اڻ-ڪٿ تلاش مان جهٽ پَل لاءِ ٿڪجي پوندو هئس تہ سوچيندو هئس تہ سندس ٻنا ڏَس پَتي ڏني گم ٿي وڃڻ جو تہ مطلب ئي اهو هو تہ هوءَ مون کي ڏڪاري رهي هئي ۽ مان اها سادي ڳالھ نہ سمجهي رهيو هئس؟ ان وقت پاڻ تي ڪاوڙ ايندي هئم تہ منهنجو اهو نہ سمجهڻ ڪيڏو نہ غير عقلي ۽ غير اخلاقي هو. لازمي هو تہ هاڻي مان سندس پيڇو ڪرڻ ڇڏي ڏيان.

لداخ جي سندس تلاش واري پهرئين سفر ڪان پوءِ پاڻ سان اهو پڪو پهہ ڪري مُلڪ موٽي آيس تہ هاڻي سندس پويان هرگز نہ ويندس، هوءَ جتي بہ هجي خوش هجي... پر ڪوشش باوُجُود بہ پنهنجي ان واعدي تي هلي نہ سگهيس. سندس ياد جي بي رحم بيچيني مون کي ٻن مهينن اندر ئي هڪ ڀيرو وري ليھ ڏانهن وٺي وئي!

هاڻي ليھ ڏانهن اهو منهنجو ٽيون سفر هو، جنهن دوران مان نوبرا واديءَ سميت هر اُن جڳھ تي ٽيون ڀيرو ويس جتي پهريون ڀيرو ساڻس گڏجي ويو هئس: ليھ جو تربيتي سينٽر، هيمس ٻوڌيشالا جي اها ٽڪري جنهن تي پهريون ڀيرو ڪيس يوگا ڪندي ڏٺو هئم، گوتسانگ غار جتي اسان جي ويجهڙائين جا بنيادَ پيا، نوبرا جو ترتوڪ جتي اسان جي محبت جي باقائدي شروعات ٿي، هُندر جو ورياسو جتي اسان سموري زندگي هڪٻئي سان گڏ گذارڻ جا واعدا ڪيا، منالي‌ءَ واري حيرت انگيز ڪاروانسراءِ (جتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊگهن ڊگهن سفرن دوران مُسافر قافلا پنهنجو ٽڪُ پيچڻ لاءِ هڪ ڏينهن پيا راتَ جو تَرساءُ ڪندا آهن) جتي مون پهريون ڀيرو سنڌس رقص ڏٺو)، ۽ ڪيلانگ جو اهو ڪاٽيج جنهن ۾ لداخ مان موٽندي اسين ٻه ڏينهن رهيا هئاسين، جتان هوءَ مون کي هميشه جيان ڇڏي هلي وئي هئي!

اها جيئن ته اسان جي ساٿَ جي آخري جاءِ هئي، مان اُتي ٻه هفتا ڪن رهي پيو هئس. سنڌس يادگيريون جڏهن اچي اندر ۾ ديرو ڪنديون هيون ته مان حَسَن دَرس جي شاعريءَ منجهان هي ٻاپايل شعر ٻُڏي پيو لڇندو هئس:

”هڪ ڏيکُ يادگيري، هڪ شامَ جو تصور،
ڪِرڙندڙ گُلابُ آهي، هڪَ نامَ جو تصور...“

ڪيڏي نه دردَ سان تارَ محبت پرِيَل هئي اِن سِٽ ۾! اِهو ڪلام ٻُڌي ساٿس گڏ گُذاريل ڏينهن کي ۽ ان وقت جي لطيف احساسن کي ياد ڪندو هئس.

ليه مان سنڌس تلاش واري پهرئين سفرَ ۾ مون کي هوءَ ته نه ملي پر ان سفرَ تي ويندي مون کي جادم نالي هڪ سهڻو ٻوڏي مُسافر مليو، جنهن جي ڏاهپ، شخصي ۽ فِڪري خوبصورتي پَسي مون کي پاڻ مان به خوشبو اچڻ لڳي هئي... منهنجي ساٿس اَهڙي ته گهاٽي سَنگت جُڙي وئي، جو ڪانئس موڪلايو نه ٿئي ٿيو.

ان مُسافر سان ٻن هفتن جي سفر ۾ ساٿ رهڻ کان پوءِ جڏهن واپس موٽي رهيو هئس ته منهنجا هي احساسَ هئا: مون کي هڪ پاسي يو ڳَٽيءَ جا پار پَتا نه ملڻ جو درد هو ته ٻئي پاسي جادم جهڙي يارَ سان سنگتَ جُڙڻ هڪ ياڳ محسوس ٿي رهيو هو. ياڳوند محسوس ڪرڻ جو خاص سبب اهو به هو ته اتان موٽڻ کان جلد پوءِ جادمَ مون کي تحريري خطن جو هڪ ڳرو ٿيلهو موڪلي ڏنو، جنهن لاءِ هن ٻُڌايو ته اهي خط هڪ ٻوڏي سَتوا ۽ سنڌس وچ ۾ ٻُڌ مَتَ تي سنڌس تربيتي سلسلي جي ڪڙي هئا. سنڌس خيال ۾ ٻُڌ مَت جي دنيا ۾ داخل ٿيندڙ نَون ٻوڌين لاءِ اهي خطَ پڙهڻ لازمي هو. مون يو ڳَٽيءَ جي تلاشَ ۾ جڏهن ليهه ڏانهن ٻيو سفر شروع ڪيو ته خطن جا اهي ٿَها به ساڻ کڻي ويس. سفرَ دوران مون جڏهن انهن خطن کي پڙهڻ شُروع ڪيو ته سوچيم ڇڻ اهي خطَ نه پر ڪو فِڪري افسانو يا ڪنهن ناولَ جا ٽُڪرا هئا!

هاڻي هر وقَت منهنجي اندر ۾ تصورِ جون ٻه ڏاراٿُون هلي رهيون هيون. سنڌس تلاش واري هن ٻئي سفر دوران مان جڏهن نُوبرا وادي پهتس ته واديءَ جي هڪ ننڍڙي قصبي جي سياحتي گيسٽ هائوس ٻاهران لڳل خِيمن منجهان هڪ خِيمي ۾، هڪ پاسي ساٿس مُلاقاتُن جا نوٽسَ ڊائريءَ تي لاهي رهيو هئس ته ٻئي پاسي جادمَ جا موڪليل ٻوڌي پانڌين جا خطَ پڙهي رهيو هئس. انهن خطن ۾ سنڌن ٻڌايل سفرَ جا تفصيلي داستان، ۽ ڏَند-ڪَٿائن ۽ لوڪ قصن تي ٻڌل پوسٽ ڪارڊ هئا. اهي ٻئي ڪِرتون ۽ يو ڳَٽيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيل ڊائري مون لاءِ ڪنهن اَمُلهه مِلڪيتَ جيان هئا.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ قسمت جي اِن لهندڙ چڙهندڙ وِيرَ بابت سوچيو پئي ته هو ڪو آسرو جو هڪ پيرو پيهر ساڻس ملڃي ها!؟

هِن برفَ ۾ به يو ڳِٽيءَ جي ياد ۾ اهي سوچون رت جي گرم وهڪري سان گڏ جسم جي رڳُن ۾ وهي رهيون هيون. برفَ جيان سرد ڪندڙ سندس ياد ۾ وچوڙي مُنهنجي اَڌ مُئل سَگهه کي اڃان مڪمل سَرد نه ڪيو هو، مان اڃان به پُر اميد هئس. منهنجي ذهن تي هر وقت يو ڳِٽي مِينتَوخ جي تلاشَ جو جُنون طارِي هو. اِهو جنون سندس ساٿَ، سندس عشقَ کي بيهر حاصل ڪرڻ جو هو. ساڻس گڏ گذاريل وَقتَ کي واپس ورائڻ واري بي صبريءَ جو هو، خاص ڪري اُنهن ڏينهن ۾ راتين کي وري ورائڻ جي خواهش جو، جيڪي اسان نُوبرا واديءَ واري تربيتَ پوري ٿيڻ کان پوءِ هُندر ڳوٺ ۾ ڊِسڪِٽ ۾ گذاريون هيون.

اُنهن راتين ۾ وارياسي ۾ رِٽيل ميلي ۾ راتين جو دير تائين قِرڻ، هڪٻئي سان هميشه ساٿ نڀائڻ جا واعدا ڪرڻ... مان ڪيئن وساريان ها اِهو سڀ ڪجهه! اِهي جادوئي اتفاق هڪ ئي وقت حسين ۾ دردناڪ هئا، ۽ منهنجي زندگيءَ تي پنهنجي سنگينيءَ جي مُهر هڻي ويا هئا.

مون کي هنِ جي محبت هڪ نئون انسان بنائي وئي هئي پر هوءَ اوجهل هئي؛ جڻ عجيب جادوئي قوتن جي مالڪ هئي، جو اوجَهل هوندي به روحَ تي ڇانيل هئي. اِن دردَ جي شدتَ ۾ به مون سوچيو ته هوءَ جڏهن کان منهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي، حسين اتفاقن جو بند در مون ڏانهن کُلي پيو هو:

منهنجو سندس محبت ۾ گرفتار ٿيڻ، هن جي اَثبات ۾ وِرندي، لَيهه ۾ اسان جا گذاريل حسين ڏينهن، بُڌ مَت سان رُوشناسي، پوڙين جي صحبتن ۾ سندن سَنياس جا اسرارن پريل داستان پڙهڻ؛ محسوس ٿيو پئي: فقط ظاهري ڏيکَ ۾ اڪيوتَ هئي، نه ته هوءَ جڻ پري وئي ئي نه هئي. اتي ئي هئي، مون وٽ، منهنجين پاسُهن ۾، منهنجن ساهَن ۾...

بس حيرتن جو مقام اِهو هو ته بُڌ مَت اچانڪ منهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن طوفاني سمنڊ جيان چئني پاسن کان ڏوڪجي داخل ٿي رهيو هو: هر پاسي کان اهو ئي منظر منهنجي سامهون هو. انگلينڊ ۾ بشريات علمَ (انٿراپالاجي) جي شعبي ۾ تحقيق دوران بُڌ مَت جو موضوع ڪٺڻ ۾ مائيڪل ۾ جَين سان هڪ تحقيقي رِٽا تي لَداخ اچڻ کان وٺي، يو ڳِٽيءَ سان ملڻ، محبت جو سفر شروع ٿيڻ، جلد ئي وڇڙڻ ۾ سندس آخري خط اچڻ تائين جي واقعن جي سلسلي تي سوچي مان سمجهي ويو هئس ته هاٽي بُڌ مَت کان پاسيرو ٿيڻ اَڻ-ٿيڻي هئي.

اهو منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي منهنجي وُجُود توڙي تصورن کي مَٿائي پاڻ جهڙو ڪري ويو هو. ڇا مان پَڪو پوڙي بڻجي رهيو هئس؟ اِن سُوالَ جو ته مون وٽ اڃان ڪو پڪو پُختو جواب نه هو، سواءِ اِن جي جو مان هر پل بُڌ مَت ڏانهن وڌي رهيو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَيهَه واري آخري سفر ۾ هاٿي مون کي ٻه هفتا پورا ٽيڻ وارا هئا. اُن دوران جادمر ۾ سندس ساڈو اُستاد جا هِڪِيئي ڏانهن لکيل "ٻوڙي سَتوَ پانڊين جا وُجودي پندَ" جي عُنوان وارا خط پڙهي پورا ڪيا هئمر. گڏوگڏ پنهنجي هِن سفر جي قصي کي بہ لکي پوررو ڪيو هئمر. جنهن ۾ يو ڳٽي مِينتَوخ سان پهريون پيرو لَداخ ۾ ملڻ. اسانِ جو هِڪِيئي جي محبتَ ۾ ٻَڌجڻ، ۽ ان دوران ٺي اچانڪ سندس گُم ٿي وڃڻ شامل هو. ۽ اُن کان پوءِ وارن منهنجن ٻن سفرن جا قصا بہ لکي پورا ڪيا هئمر. هوءَ اتي نہ مِلِتي هئي سو نہ مِلي، پر اتفاقن جو جهان هو جنهن تي سوچڻ لنوائي نہ پئي سگهيس.
سندس پيهر تلاش واري سياحت تان جڏهن ناڪام ٿي موٽيس پئي تہ اها خبر ٺي نہ هئمر تہ جتي ڪيس تلاش ڪريان پيو اُتي تہ هاٿي هوءَ ملٽي ٺي نہ هئي. تلاش پوري ڪري جڏهن ملڪ واپس موٽيس تہ جڻ معجزو ٿي پيو. سندس پَتو ملي پيو!
جيئن ٺي اتان موٽي گهر آيس تہ هڪ عجيب خبر اڳ ٺي منهنجي اِنتظار ۾ پيل هئي، هڪ خط جي صورت ۾!
پنهنجي ڪمري جي ميز تي ڪوڙ ساري ٽپال ۾ آيل هڪ پُراسرار خط بہ ڏٺمر. جنهن تي موڪلڻ واري کي پنهنجو نالو لکڻ شايد ڏکيو لڳو هو! ڪمال اِهو هو تہ بنا نالي وارو اهو خط پڙهي مان سمجهي ويس تہ هي ڏهن لفظن کان بہ گهٽ جُملي وارو مختصر ترين خط ڪير لکي سگهيو پئي! عجيب خط هو! جيترو مختصر، اوترو ڳرو نياپو کڻي ايندڙ!
هلڪي ميرانجهڙي اڇي پني تي ميرون نما ڳاڙهسري رنگَ جي مَس واري پين سان لکيل هو:
"ڪبير! تو سمجهيو؟ محبت موهَ جو چار آهي!"
اندر پَني تي اِن جُملي جي هيٺان ڪو بہ نالو نہ لکيل هو. ان ميرانجهڙي رنگ جي لِفافي تي، نيپال جي لمبيني شهر جي هڪ ننڍڙي هوٽل جو پَتو لکيل هو. ان هڪ جملي سان لمبينيءَ جي نسبت مون کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائي وئي. منهنجون اکيون پٽرائجي ويون! اُن هڪ جُملي جڻَ اسٽيج ڊارمي جي هڪ اهم ترين منظرَ تان پردو کڻي اِن کي مون آڏو نِروار ڪيو هجي. مون ان ٺي لمحي، اندر ۾ فيصلو ڪري ورتو تہ مون کي لمبيني پُهچڻو هو. تمام جلد!
سندس اِن خط کان پوءِ مون کي هڪ پيرو وري روشنيءَ جو ڪِرڻو نظر اچڻ لڳو. مُون آڏو سموري حَقيقت کُلي سامهون اچي وئي! سا اها تہ جيڪڏهن مان ڪانٽس پري رهي ٺي نہ ٿئي سگهيس تہ هوءَ بہ گهڻي دير پري نہ رهي سگهي، نيٺ رابطو ڪيائين.
هاٿي تہ مون کي ڪيئن بہ ڪري ساٿس مِلڻو هو ۽ سندس ۽ منهنجي زندگيءَ کي اُن ڏگَ تي لاٺڻو هو جنهن جا اسان ٻنهي خوابَ ڏِٺا هئا. ان لاءِ ڪو ٻيو رستو نہ هو، سواءِ ان جي تہ مان لمبينيءَ وڃي سندس اِن زوريءَ مڙهيل گُمشدگيءَ کي هميشہ لاءِ بي راز ڪري ڇڏيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي مون وٽ گهڻو ڪجهه هو ڪيس ٻڌائڻ لاءِ. پاڻڌين جي وجودي پنڌن جي قصن مون کي ٻُڌ مَت جي ڪوڙ سارن پاسن کان باخبر ڪري ڇڏيو هو. مون وٽ ٻوڙي فڪر ۽ ان جي تاريخ جي هاڻي ڪافي ڄاڻ هئي. ان فڪر اندر ماضي، حال ۽ مستقبل جي سُوالن بابت خبر هئي. تاريخ جي هر دؤرَ ۾ سالڪن انهن سوال جا جواب ڏنا هئا، مون انهن جوابن جو ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. مون وٽ يو ڳِٽي مِينتوخ کي مڃائڻ ۽ راضي ڪرڻ لاءِ هاڻي مڪمل عقلي ۽ فڪري سگهه هئي. مون کي پڪ هئي ته هوءَ هاڻي منهنجي محبتَ کي پنهنجي ڪمزور دليلن سان زير ڪري لنوائي نه سگهندي.

حقيقتَ ۾ جادمر ۽ سندس استاد ساڌُو لطيف جي وچ ۾ ٿيل علمي ۽ فِڪري لِکپڙهه منهنجي ان سگهه جو سبب بڻي هئي، انهن خطن جو پهريون باب ننڍين ننڍين خطن جي ڏي وٺ تي ٻڌل هو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ساڌو!

تون چوين ٿو تہ تو پنڌ بہ گھڻو ڪيو آهي، ۽ تنھنجو رُوح بہ نہ ٿڪو آهي، تون مون کي ٻڌاءِ اهو ڪيئن تہ ٿيو هوندو!

اهو بہ ٻڌاءِ ساڌو! ڇا تو واقعي ٻڌَ کي ماڻيو؟ ٻڌ ماڻڻ ڇا آهي ۽ ٻڌ کي ڪيئن ماڻِيو آهي، اهو مان تو کان سکڻ ٿو چاهيان. پر اُن لاءِ نہ مون کان انتظاري ٿي ٿئي، نہ وري مان صبرَ جو ذرو بہ ڪري سگھان ٿو.

ڄاڻان ٿو تہ فطرتَ ۾ صبر آهي ۽ مان فطرتَ جي منافي ويندس تہ فقط ۽ فقط وِڃائيندس. پر مان بيچينيءَ جي ڏاڍي اوکي وقتَ آهيان، ۽ اوکي وقتَ ۾ سڀ کان اڳ عقل ۽ ڏاهپ جو پاندُ ڇڏائجي سگھي ٿو. جيڪو تہ منھنجو وَڙُ نہ رهيو آهي. پر بي صبري اڪيلي نہ ايندي آهي، ساڌو. اُها اُبھرائي بہ ساڻ ڪٺي ايندي آهي، جنھن جو مان پاڻ کي شِڪار ٿيندو محسوس ڪريان پيو.

توکي تہ خبر آهي تہ ننگر واري سنڌ ٻوڌيشالا ۾ منھنجي تربيتَ گُرو سارنگَ جي رهنمائيءَ هيٺ ٿئي پئي. هن ئي مون کي تو ڏانھن لِک پڙهہ ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو سمجھي ويو آهي تہ خيالَ سدا متحرِڪ تِرورن جيان سمورو ڏينھن منھنجي اندر ۾ ڦِرن پيا. مون کي هر پل بي آرام رکن ٿا.

سچ اِهو آهي ساڌو تہ مان جيستائين انھن هر وقت هُرندڙ خيالن کي پَني تي نہ لاهيان تيستائين ڏيانَ جي مشقَ تہ ٺهيو پر ڪجھہ بہ پيو نہ ٿو ڪري سگھان. منھنجي هن اُتاولائيءَ ۽ بي صبريءَ کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، ساڌُو!

نہ ڄاڻان ڇا پر ڪجھہ آهي. جيڪو مون جھڙو سگھارو اندر رکندڙ ماڻھو بہ بي صبريءَ کي پنھنجي ضبط ۾ نہ ٿو ڪري سگھي، ۽ اڳ ايئن نہ هو اها اَجھل اُتاولائي بنھہ نئين ڪيفيتَ آهي.

هي ڏِس، مون سان ڪھڙي اچي حالتَ ٿي آهي، منھنجي اندر ۾ عجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُساٽَ مَتل آهي، ۽ هِتي سِکيا دوران جيڪي ڪجهہ مِلي ٿو اُهو ڳَڻ ڳَڻ ملي پيو. منهنجي اندر جي اُساٽ ان ڳَڻ ڳَڻ سان ويتر اُساتجي ٿي.

تون مون کي پاڻ هٿن سان ڪٺي ٻُڏ مَٽَ جي بحرَ ۾ ڦِٽي ڪر، مون کي اِن پَوسرَ جو پرپور مُشاهدو ڪراءِ. نہ تہ هيءَ ڄاڻڻ جي لُڇَ ۽ لوچَ مون کي ايترو تہ اُتاولو ڪري رکندي جو مان پنهنجن خوابن کان، ويندي پنهنجي پاڻ کان بہ پرانهون ٿي پوندس ۽ اُهو موتَ جو مُشاهدو ڪرڻ جيان هوندو.

تون ٻُڌاءِ، هن بي صبريءَ کي ڇا تہ ڪريان؟

اندرَ ۾ مَتل اُساٽَ کي ڇا ڪريان؟

پريل بحر پيئان تہ ان تَئو مان آجو ٿيان، پريل بحر ڪٿان آڻيان!

تنهنجو پانڌِي جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پيارا پانڊِي جادم!

اجان تہ تو مَس پيرين پنڌ شُروع ڪيو آهي ۽ اچي مامَري پيو آهين. تُنهنجي بي حاليءَ جو حالُ پڙهي بي اختيار پَٽائيءَ جو هيءُ بيتُ خيالن ۾ تَري آيو آهي:

اڃــا تــو مَنجهــاءِ، ڪَــڪ ڇُتَــي رَتُ نِڪــري،
مُـنهن ۾ مَحبـوبن جـا، ڪيـئن جَهلِيـنـدَين گهـاءَ،
سو تون ڪُڇاڙياءَ، سِـڪـڻ جـون سَـڏون ڪـرِين؟

هي تہ ٻوڙي ڪَشٽَ جي لُڪ جا پهريان جَهولا آهن، جنهن ۾ ٿوڪي فقط اُڏامي اچي لڳندڙ ڪَکُ بہ ايترو اِيذائي ٿو تہ هن عِشق جي پنڌَ ۾ اَڳتي ايندڙ جَهولا تہ وَيتر وڌيڪ لُوساڻيندڙ آهن. تون اُنهن باهِہ جا لهسائيندڙ ڏَکَ ڪيئن سَهي سگهندين؟

ياد رک. تون صَبر نہ بہ ڪرين تہ بہ وقت تہ گُذرندو ۽ نيٺ گُذري ويندو پر تون اِن بي صَبريءَ ۽ اُتاولائيءَ ۾ پنهنجو هر پَل ڪاٽيندين. بس، فرق اِهو هوندو تہ صبر ۾ تون پنهنجي هَٿَ وَس هوندين ۽ بي صبريءَ ۾ بي اَختيار.

تُنهنجا سُوال تہ ڇا آئون ٻُڌَ کي ماڻيو آهي. يا اِن پنڌَ ۾ منهنجو رُوحُ ٿَڪو آهي يا نہ. پڙهي سوچيم تہ ٻُڌَ جي ڳولها جا تہ پنڌَ ئي ايترا ڊِگها آهن. جو اُنهن جو تہ فقط هِڪ پاسو بہ اَنيڪ بابَ لکڻ گُهري ٿو هيڏي طويل پنڌَ جي ڪَٿا کي ڇا فقط هڪ سُوال ذريعي پُڇي سگهجي ٿو! ۽ ڇا ان هڪ سُوال کي هڪ جواب ۾ مڪمل طور وَراڻي سگهجي ٿو؟

ها! فقط هڪڙي ئي سُوال جي وراڻيءَ ۾ انيڪ ڪُتب خانا بہ تہ پرجي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ هيءَ تہ فقط هڪ ننڍڙي جيون جي ننڍڙي ڪَٿا آهي، جنهن بابت تو مون کان پُڇيو آهي. پر منهنجي ان سَتر سالن جي جيون ۾ بہ تہ واقعن، خيالن ۽ مُشاهدن جو ايترو تہ هُجوم هو جو سمجَهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪِٿان کان لکڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شُروع ڪريان؟

چاڪاڻ تہ اُهي رڳو جسمَ جا پنڌ تہ نہ هئا! رُوحَ جا بہ تہ پنڌَ هئا اُهي!

جسم جي پنڌ ـ ڳَتا تہ چند پنن ۾ پري سگهجي ٿي، رُوح جي پنڌ کي ايئن پَنن تي اُتارڻ وڏو ڪشٽُ آهي! ان لاءِ لڳاتار نويڪلين ۾ خِلوتي نشستن جي ضرورت آهي... مٿان پنڌ ۾ ماڻهوءَ جو جُسو ٿڪجيو نِستو ٿيو پوي. پر سچ اِهو اٿئي پانڌي، تہ رُوح جا پنڌ پلي ڪيترا بہ اوڪا ۾ المناڪ ڇو نہ هجن، اُهي انهن سبق ـ ڳَتائن جيان هجن ٿا. جيڪي اڳتي هلي نيٺ انسان جي شعور سان رُوحَ ـ رچنديون ڪرڻ لڳنديون آهن... ان ۾ ٿَڪَ جو سوال ئي نہ ٿو هجي!

ان ڪان سواءِ ٻُڌَ جو پَندُ محبوب ڏانهن پَندُ آهي، اهو پنڌ بہ خود محبوب ٿيو پوي ۾ جڏهن پنڌ ئي محبوب جيان هو تہ ان جي منزل رُوح ۾ بہ هئي تہ دل ۾ بہ، وُجُود ۾ بہ هئي تہ پنڌ جي پهرين وِک کان وٺي آخري وِک تائين بہ. سو ٿَڪُ ڇو تہ ٿئي ها؟

مان توکي اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن هڪ ئي خط ۾ ٻڌائي ڇڏيان!

جن پنڌن ۾ ”گوتم ٻُڌ“ کي پيو ڳولهبو آهي، انهن ۾ جسماني طرح ساڻ نہ هوندي بہ ٻُڌ ساڻ ئي محسوس ٿيندو آهي. ٻُڌ جي ان سهائتا کان سواءِ اهو ڪيئن مُمڪن هو تہ انسان اهڙا اڙانگا پنڌَ ڪٽي انهن اَڻ ـ ڏٺل ماڳن تائين بہ رَسي ها، جيڪي نہ ڪنهن سُئا نہ ٻُڌا؟ سچ اهو هو تہ ٻُڌ جي خيالي صحبت ۾ بہ جيڪو وجدان ملندو آهي، ان جي تہ سُونهن ئي پنهنجي هوندي آهي.

پر مون ڄاتو ٿئي تہ تون هڪ نوجوان پانڌِي آهين. جادمَا تنهنجي سُوالن جي تاسَ پيراڻِتي احوالَ ڏِئي بنا جَهڪي نہ ٿيندي، نہ وري مُنهنجن خيالن ۾ متل هي طوفانَ هاڻ ماٺا ٿيندا. جيسين توکي پيراڻِتو احوال لکان نہ. تنهنجن سُوالن، تصور ۾ منهنجي جيون جي سموري تاريخ جي پنن کي مون آڏو ڀيهر ورائڻ شروع ڪيو آهي، ان سموري ڳتا جو سِرو شروع ڪان ئي ڪٽٺو پوندو. وِچان ڪٽڻ تہ مُمڪن ئي نہ آهي.

ان لکڻ جي سوچَ ئي اندر ۾ عجب لذتَ جو احساس ڏئي ڇڏيو آهي. سوچيان ٿو، پنهنجي حياتيءَ جي پنڌ ـ ڪهاڻيءَ کي پيراڻِتو لکڻ سان منهنجي وُجُود ۾ شعورَ جا بار بہ لهندا تہ ڌرتيءَ جو قرض بہ ادا ٿيندو تہ جيئن ايندڙ نسلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سِنڌ جي ٻوڙي اِتهاسَ سان ڳنڍي اهو سڀ ڪجهه ڏئي ويجي جيڪو ڪين هڪ پيرو ٻيهر ٻڌ مَت جي فلسفي جي عظيم پيچرن تي وٺي وڃي.

سچ به اهو ئي آهي ته جيون جنهن ۾ ٻڌ مَت جي دنيا ۾ وُجُودي پنڌ ڪيل هجن. انهن ڪٿائُن کي نه لکي وجهڻ پنهنجي شعور سان، وقت سان. ۽ هلندڙ توڙي ايندڙ دؤر سان دوهُه هو. بس. اهو سوچي پنهنجي ٻوڙي پنڌ جي طويل ڪٿا کي خطن جي صورت ۾ توکي لِکڻ شُروع ڪريان ٿو. پر ياد رک. توکي "ٻُڌ" ٻڌجي منهنجي هن ڪٿا کي پڙهڻو ۽ سمجهڻو پوندو جادمَ!

هيءَ ڪٿا منهنجي ڏهاڪن تي ٻڌل پنڌ جي ڪٿا آهي.

انهن ڏهاڪن دوران مون صدين جي اُنهن پنڌن جون ڪاهوڙڪيون ڪٿائون به پڙهيون هيون. جيڪي دؤر در دؤر انيڪ ساڌُوئن ڪيا هئا. ان ڪري منهنجي هن پنڌ ـ ڪٿا ۾ منهنجن پنهنجن مُشاهدن سان گڏ انهن ٻوڙي سَتوَئن، ڀِڪشوئن ۽ ڀِڪشوڻيُن جا مُشاهدا به هوندا جن سان آئون مليس. سندن صحبت ماڻيم. ان ڪان سواءِ اُنهن ساڌوئن بابت به ڪٿائون هونديون. جيڪي ڪيئي صديون اڳ گذريا هئا. جن بابت ڄاڻ ۽ سندن ڏاهپ ڀريل درسَ اسان کي دؤر در دؤر منتقل ٿي پئي مليا آهن.

پيارا پانڊِي. تون هن پنڌ ـ ڪٿا کي پنهنجي رُوح جي پنڌ (تجربي) سان به پڙهجانءِ. رُڳو اکين ۽ شعورَ سان نه!

تو پُڇيو."ساڌوا! ڇا تو ٻُڌَ کي ماڻيو؟"

ان جي جواب ۾ ڇا چوان ٻوڙيا! ماڻڻ ته ڳالهه ئي ٻي هئي. ماڻڻ وارا ته پنڌَ ئي پَرانهان هئا. جيڪي مون ته پُڇيا ئي نه هئا. سيد جو درس هِنئين ساڻ ٻڌي هليو هئس "عُمر سَڀ عِشقَ سِين. پُنهُون جي پُڇَن". مون ته رڳو ٻُڌَ کي پُڇيو پئي. ان پڇڻ ۾ ئي مون سِکي ورتو هو ته ٻُڌ ته معراج هو ئي. پر ٻوڙي سَتوَ جي مجلس جيڪا ڏاهپ ڏئي ٿي سا به اَمُلهه هئي.

چاڪاڻ ته نِرواڻ ٻيو ڪجهه نه. پر حقيقي صحبتَ هئي. حتمي ٻُڌَ سان حتمي صحبت. هڪ ٻوڙيءَ جي جيون جي حتمي ماڻِتا. پر ان حتمي ماڻِتا کان اڳ انيڪ ماڻِتائون هيون. جن جو پنهنجو سُک هو. ڪيئن ٻڌايان ها توکي ته اهي پنڌَ ڪيترا نه طِلسماتي هئا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چا ڏٺو چا ٻڌو؟ انسانَ ۾ لقاءَ ٿيڻ ٿي هئا ۾ مون مُشاهدو دل. رُوح. اکين سان پيتو پئي، جيڪو ويو پئي وُجُود ۾ پيهبو. "پيهِي جان پاڻَ ۾ ڪيم رُوح رِهاڻَ" جيان اُن مُشاهدي جي پُراسرار سبقن کي هر پل مون پنهنجي رُوحَ ۾ برقي وهڪرن جيان وهندي ٿئي محسوس ڪيو.

مون تي جيئن جيئن اِسرارَ نِروار ٿيا ٿئي. تيئن تيئن نينهَن-نشي جي مشاهدي اندر ٿي اندر ۾ طلسماتي رنگ ورتا پئي!

مان اِن پنڌ ۾ ٽنهي قسمن جي ٻُڌن سان مليس: مون کي سَماسَم ٻُڌ بہ مليا. يعني اُهي ڪاهوڙِي جيڪي ٻُڌ جي سِکيا کي سمجهي اُن جي بيهر کوجنا ڪن. يا جڏهن سندس کوجنا سان ٻُڌَ جي اُها سِکيا متن بيهر آشڪار ٿئي تہ هو اُن کي نئين سِر سمجهي ۽ دنيا کي بہ لازمي سمجهائين. پوءِ پاسِيڪا ٻُڌ يعني سانتيڪا ۽ ماٺ ٻُڌ بہ مليا جيڪي ماٺ جي گُنبذ جيان رُوح ۾ وجدان ۽ ڏاهپَ جي روشني ماٽيندا تہ وڃن پر ان کي ونڊڻ بدران ماٺ رهن ۽ پنهنجي داخل ۾ ئي نِرواڻ جي سُوکڙي کڻي گهمندا رهن.

ها!پر پاسِيڪا ٻوڌين جي مُک ڳالهہ اِها آهي تہ هو کڻي پنهنجي علميتَ ۽ ڄاڻ جي پکيڙ نہ ڪن، پر هو پنهنجي تربيت ۾ پڇي راس ٿيل سُياءَ سان سُهائيون پکيڙيندا رهندا آهن.

اُن کان پوءِ آراهَنت ٻُدَّ بہ مليا. جيڪي ٻُدَّ جي اِدراڪَ جي بيهر کوجنا ڪرڻ بدران اُنَ کي جيئن جو تيئن کڻن ۽ ان منتقل ٿيل ڏاهپ کي پورو سمجهي پوءِ بين ڏانهن منتقل ڪن. درسَ ذريعي سکندڙن کي اهو سِکيل اِدراڪ چٽو ڪري سمجهائين بہ سهي. سو انهن ٽنهي قسمن جي ٻوڌِي مڪتبن کان ۽ سڌو سنئون ٻُڌ جي دؤر در دؤر منتقل ٿيل ڏاهپَ منجهان سکڻ. ان سِکيا کي پنهنجي اندر جي اونهائين ۾ لاهڻ ۽ پوءِ ان وجداني مئہ جي احساسَ کي ساڻ کڻي زمان ۽ مڪان ۾ هلڻ! اِهو فخُر هو. ڀاڳَ هو. سُک هو. ٽانئيڪائين جا جهڙوڪر فطرت ۾ پکڙيل انبارَ هئا. جن جي وُسعت کُٽي ٿي نہ پئي. سچ پچ تہ جيئڻ جي اصل سونهن اها ئي تہ هئي!

سانت ٻاهر چو گُهر جي ها جڏهن اندر ۾ ئي ٽانئيڪايون وسي ويون هيون تہ؟

وجدان هاڻ ڀاڳَ ٻڻيو هو. ڏِيان رُوح جي رسم تي پيو هو. پرَڪِرتيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳُوڙهي نگاهہ نيڻن جي رَوش تي پئي هئي. نِرواڻ ماڻِڻ ڪيئن هوندو اهو تہ ڏکو سفر هو. اُن سفر جو سمورو احوال ڀلا ڪير هڪڙي ئي سوال جي جواب ۾ بيان ڪري سگهيو هو؟

نِرواڻ جا تہ انيڪ قسم هئا:

اکين جو نِرواڻ، رُوح جو، دل جو، جِسمَ جو نِرواڻ، اڄ بہ لڳي ٿو تہ جڻ انهن مڙني قسمن منجهان مون تہ بس ٿورو ٿورو ئي چکيو هو. ان سِڪيا جي مُشاهدي کي وڏيڪ اڳتي تڏهن ڪٿندس، جڏهن تون منهنجي هر لکيل پَترَ کي غور سان پڙهي، اُن کي پرجَهي، پوءِ اُنهن جا مون کي جواب لکي موڪلين.

تنهنجو پنهنجو پوڙي لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانائتا پوڙي سَتوَ!

مان هِن پنڌَ ۾ پنهنجي نئون آهيان. ان ڪري ڳُوڙهين ڳالهين تي غور ڪرڻ بدران انهن کي پهرين ئي سمجهه سان پرکي تُرت جواب لکڻ لاءِ اُتساهه تو ٿئي. اوائلي ڏاڪن تي آهيان. ان ڪري منجهم اُها نوجوانيءَ واري اُيامَ چِتي نظر ايندي توکي.

تنهنجِيءَ موڪليل سِکيا جا ڪٿا پڙهي مون کي انتظاري نه تي ڪاتِڻ اچي. مٿان تون ذرو ذرو، سُرڪ سُرڪ ڪري تو موڪلين. جڏهن ته اهي سيئي قصا روبرو ۽ طويل نشتن ۾ تيڻ گهرجن. ڇا ڪو اهڙو ڏينهن ايندو جڏهن تو جهڙي محبوب اُستادَ جي اها مجلس مون کي واقعي نصيب ٿيندي؟

مون وٽ ڪوڙ سارا سُوال، رايا ۽ خيال آهن. مثال: مان رُوح سان تيستائين تنهنجي ڪهاڻي نه تو پڙهي سگهان جيستائين اُن کي اکين ۽ دماغ سان نه پڙهان. تو ماڻڻ جي ڳالهه ڇڏي پُنهون پُڇڻ جي ڳالهه ڪئي. پر عشق ۾ محبوب سان سماڏِي ئي ته عشق جي تڪميل آهي. سچ پچ ته سماڏي ئي ته عشق جي پنڌَ جي منزل آهي. نه ته پوءِ عشق ڇا جو جيڪڏهن محبوب نه ماڻجي ته؟ حُسناڪ پنڌن تي هلي منزل تي نه رسجي ته؟

ساڏُو! مون کي پنهنجي اکين ۽ رُوح سان پيتل مُشاهدن جا احوال لِکُ. تون مون کي ٻُڌاءِ ته ڪهڙي پنڌَ جي تو ڳالهه ڪرين. جنهن تُنهنجي اندرَ ۾ سانتيڪائي بخشي توکي سدائينءَ لاءِ ٿانئيڪو ڪري ڇڏيو؟ تو نِرواڻَ جي قسمن جي ڳالهه ڪئي. انهن تي بہ لِکُ مون ڏانهن. مون کي پنهنجن پنڌن بابت ذرو ذرو لکُ. مان گوتم ٻُڌَ جي ڏسيل وجدان جو سمورو سمونڊ ٻُڪن سان پيري پيري پيئندس، مان ٻُڌ مَت جا هڙئي هُنر سکندس. ان کان پوءِ سانت، فطرت، وڻن کان فِطري حُسناڪي سکندس ۽ ڏِيان مان مَنہ ڪَشِي ماڻيندس!

تنهنجو پنهنجو اُتاولو پانَڪ جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پيارا پانڊِي جادم!

تون انتظارِي نـہ سِڪنديـن، ۽ پوڙِي سَتوَ ٻڄڻ جي سَڏَ بہ رڪنديـن؟ ان اُتاولائيءَ کي ڪجهہ وقت لاءِ ترڪ ڪر! ڪجهہ ڏينهن تون هيءُ ڏِيان ڪر:

بند اکين سان چوڌسائن ۾ وَسندڙ لقاءَ جي هڪ هڪ آواز کي محسوس ڪر. ڏس تہ پرڪرتيءَ ۾ ڪيترا جِيوَ آهن ۽ انهن جي ڪري ڪيترا نہ هلڪا ۽ پُرشور آواز آهن. ۽ ڏِس! هر آواز ٻئي کان ڪيڏو نہ مختلف آهي، جن جي اسين پنهنجي جيون ۾ ڪاڻَ ئي نہ ڪيندا آهيون. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ آوازَ اسان جي ڪنن تي پون تہ ٿا، پر اسان انهن کي ٻُڌون نہ ٿا. انسان کي پرڪرتيءَ سان اڻ واڳيل رهڻ واري پنهنجيءَ هِن رَوش کي ختم ڪرڻو آهي. مون ڏانهن اِن ڏَسيل ڌِيان جو سَربستو احوالُ لکجائين!

تون پهرين پل تہ اکين ۽ شعُورَ سان پڙهُہ، پر پوءِ تون جلد رُوح سان پڙهڻ سِکنديـن، وُجُود سان پڙهڻ سکنديـن، پنهنجيءَ ماٺ سان پڙهڻ سکنديـن! توکي وڻَ، پٿَر، آوازِ مِينهن، موسمون، گهٽَ گهيڙَ جبلَ سڀ سيکاريندا. سو تون هن فطرتَ ۾ پوڙِي سَتوَئن جا درسَ کٽي هل ۽ لقاءَ پَس! ها تون انهن سيني کان متڪشي سکنديـن ۽ اَصل ڪيفُ ماڻيندين. ”ڪيفَ ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪو مَ جهانَ ۾!“ اصل ڪيفُ تہ شعور ۽ ڏاهپ جو داڻُ هوندو آهي، اهو ئي تہ اصل عشق آهي.

پر هڪ ڳالهہ ياد رک. عشق ۾ اصل سماڌِي يا ميلاپ منزل ماڻڻ سان نہ پر نئين ماڳ ڏانهن پنڌ کڻڻ سان پاڳُ ٻڌبو آهي. اهو ڪيئن ٿيندو؟

ان کي سمجهڻ لاءِ تون وقت جو انتظار ڪر. وقت توکي پاڻ ئي سمجهائيندو. ان ڪري هر سُوال جو جواب اڄ نہ ڳولهہ. نہ رڳو اهو پر جيڪو جواب توکي اڄ ملي ان کي حتمي سمجهڻ بدران ان بابت وڌيڪ ڦلهور. اُن کان پوءِ ٻُڌَ جي وجدان يا اِدراڪ سان اُن ڦلهورَ کي پنهنجي اندرَ ۾ اوتجاڻ! وجدان ڏِکهو پنڌُ گهري ٿو، اُهو ڪو سستو سودو بہ ناهي جو مُلهَہ سان وڃي ڪنهن هَٽَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تان وٺي اچين.

هي قصو ٻُڌ. پانڊِيتِرا! مان تو کي اهڙا ڏَند ـ ڪٿائي قصا ٻُڌائيندو هلندس. تون انهن قصن جا هم صورت يا هم مزاج قصا دنيا جي ٻين ماڳن جي تاريخ ۾ به پڙهندين. مان توکي اڳتي اِهو به ٻيرائتو لکندس ته ڪيئن وِيئت نام جي تڏهوڪي شهر سائيگان ۾ هاٿوڪي هوچي مِنهه جي قديم ٻوڌيشالا ڦُوان ائم ۾ منهنجي اوائلي ٻوڌي تربيتَ شُروع ٿي هئي.

پر ان کان اڳ توکي هڪ اهم ساڌوءَ بابت ٻُڌايان ٿو.

اسان جي تربيتَ وارن سالن ۾ ڦوان ائم ۾ هفتي ۾ هڪڙو ڏينهن اهڙو هوندو هو جيڪو اسان جي آرام ۽ راند رُوند کيڏڻ جو ڏينهن هوندو هو. اُن ڏينهن هڪ نهايت ئي ٿُلهو ٻوڌي ٻوڌيشالا ايندو هو. جيڪو هر وقت پيو مُرڪندو ۽ ڪنهن وقت ته وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي پيو کلندو هو. سندس ڪُلهي تي هڪ گوڏڙي هوندي هئي. جنهن ۾ سندس ضرورت جي ڪجهه شين سان گڏ مٺايون يا ڪٽمنڙا به هوندا هئا. جيڪي هو اسان ۾ ورهائيندو هو. اُهي ايترا ته لذيذ هوندا هئا جو اسين ننڍا ٻوڌي سمورو هفتو هن جي اچڻ جي ڏينهن جو پيا انتظار ڪندا هئاسين.

اسان جا تَربيت ـ ڪار چوندا هئا ته تربيت هيٺ نون ڀِڪشوئن ۽ چيلن جو هن سان ويهڻ تربيتَ جو لازمي حصو هو.

سندس نالو تِرائِيُو هو جنهن جي معنيٰ هُو هڪ ننڍڙي وِيرَ يا لهر ٻُڌائيندو هو. پر هن اسان کي چيو هو ته سندس نالو تِرائِيُو ظاهري ۽ دنياوي هو. هو اصل ۾ قديم چين ۾ هڪ چيني ساڌُو هَوتيئِي ٻُڌ (830 ـ 902) جو ٻيو روپ هو جنهن کي مڪتبہ فڪرَ جي لحاظ کان آراهَنت ٻُڌ سمجهيو ويندو هو.

هن ٻُڌايو هو ته جپان ۾ اهو ساڌو پُتَہ ـ ئِي جي نالي سان سُڃاتو ويندو هو. سندس خيال هو ته انهن چيني ۽ جاپاني ٻوڌي سَتوائن جيان هن به ٻُڌ جي نياپي کي نہ رڳو سَمجهي ورتو هو پر هاڻ ٻين کي به سمجهائڻ سندس فرض هو. اهو ئي سبب هو جو تِرائِيُو اسان جي تربيت ڪرڻ ايندو هو.

سچ اِهو هو ته سندس ٿولهہ ۽ هَوتيئِي ٻُڌ جون ٽهَڪ ڏيندڙ ماسِيريُون مُورتيُون ڏسي اسين سدائين اهو سوچيندا هئاسين ته هن ماٺهو کي ٻوڌي سَتوَ ڪيئن ٿو سمجهي سگهجي. جيڪو جسم ۾ ايترو ته ٿُلهو آهي جو نہ ٿو ياسي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو هن جسم توڙي دماغ جي ڪا تَپسيا ڪئي هوندي. ڪيس مِنايون ڏاڍيون وڏنديون هيون. سي هو پاڻ بہ ڪائيندو هو ۽ نہ رڳو اسان قوان ائمر جي ٻارن ۾، پر ٻوڍيشالا ڪان ٻاهر بہ پيو ونڊيندو هو. مناڻ ڪائڻ جي ڪري سندس جُسو وڏو ماس گڏ ڪري چُڪو هو.

پر پانڊيا اڳتي هلي تون بہ سمجھي ويندين تہ هو مني ڪائڻ جو سَڌڙيو شِڪمر ساندينڊڙ ماسِيرو ماڻهو آخر ٻوڍي سَتوَ ڪيئن سڏيو تئي ويو؟ پر جڏهن تون هَوتَيئِي ٻُڌ بابت پڙهندين تہ توکي پڪائيءَ جي هيءَ چوٽي گهٽ ۾ گهٽ هُن تي اڻ ٺهڪندڙ لڳندي:

گولا جي گِراهہ جا، جُونا سي جوڳي،
قِتل سَي قوڳي جنين شِڪمر سانڊيا!

هيءَ ماسِيرو ۽ شِڪمر سانڊَڻ وارو نہ رُڳو مَجيل جوڳ ورتل ٻوڍي هو پر جيئن مون مٿي بہ لکيو تہ مختلف پرڳڻن جو ٻُڌ مت سندس جهڙا ماسِيرا ٻوڍي سَتوَ ڪردار رکي ٿو جيڪي نہ تہ گِراهہ جا گولا آهن، نہ ئي ڪُوڙا جوڳي آهن، سندن سانڊيل شِڪمر سَندن مانَ شانَ جو وارُ بہ ونگو نہ ٿا ڪري سگهن.

ساڌُو تِرائيُو اسان کي ڪچهرين جي دوران، ڪلندي ڪلندي ۽ منايون ڪارائيندي گهڻو ڪجهہ پڙهائي ۽ سيکاري ڇڏيندو هو.

هڪ ڀيري اسان کي ٻڌايائين تہ قديم جاپان ۽ چيني لوڪ ڪٿائن ۾ ٻہ ڪردار هئا، جن کي گڏائي هڪ ڪري هَوتَيئِي ٻُڌ ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. اُهي تاريخي ٻوڍي سَتوَ چَئيتز ۽ مَئيترِيا هئا. چَئيتز چين ۾ ڏهين صديءَ ۾ رهندو هو. پنهنجي يگانين رَوِشُن ۽ عادتن جي ڪري ڏاڍو پسند ڪيو ويندو هو. سندس رويو خاص طور ٻارن سان، ڏاڍو ڪِلڻو ۽ دوستاڻو هوندو هو. هو بيحد ٿُلهو هو ۽ پُنن تي ڳورو ٿيلهو کڻي گهمندو هو. جنهن ۾ سَنهو سَنهو غير اَهم سامان ڀريل هُوندو هئس. ان ڪري ڪيس وڏي ٿيلهي وارو ساڌُو بہ سڏبو هو.

پر پوءِ وارين صدين ۾ چَئيتز کي مئيترِيا ۽ مئيترِيا کي چَئيتز ڪري سَمڊو ويو. مَئيترِيا بہ دوستاڻو ۽ هڏڏوکي هو ۽ هو بہ ٿُلهو متارو ٺهڪ ڏيندڙ هو.

چيني ٻوڍي ڏاها جيتوڻيڪ ٻنهي ۾ واضح فرق رکندا آهن. پر عام ٻوڍي يا عام ماڻهو منجهن فرق ناهن ڪري سگهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي خبر آهي پانڊِي تہ عام ماڻھن جي گھڻائي رُڳو متاچرائيِپ کي ڏسندي آهي. اُها سَنھي سَنھي فرقَ کي سمجھڻ جي لاءِ شين، واقعن ۽ ڳالھين اندر ڳُوڙھي جھاتي پائڻ جو ڪشٽُ نہ ڪيندي آهي. سو اُهي عام ماڻھو چِنَيتز ۽ مئيتِريا ۾ فرق کي سمجھئي بنا ڪين ھڪ ئي سمجھندا آھن ۽ ڪين سُکَ، خوشحالي، گھڻ-ھُوندَ ۽ ڀلي ڀاڳ جو خدا ڪري سمجھندا آھن.

ايئن ئي، جاپان جي ستن خدائن مان ھڪ خدا سمجھيو ويندڙ ھَوتَيئِي ٻُڌ کي بہ ڀلو ڀاڳ، گھڻ ھوند ۽ ڀلي صحت آڻيندڙ سڏبو آهي. ساڌُو تِرائِيُو انھن ٽنھي ۾ ھڪ گھري ھم آھنگي سمجھندو ھو.

ان کان سواءِ تِرائِيُو جو اھو بہ پڪو ويساھُہ ھو تہ گوتم ٻُڌ ٽيھَہ ھزار سالَ گذرڻ کان پوءِ ٻيھر مئيتريا جي نالي سان جنم وٺندو.

ڪڏھن ڪڏھن تہ اسان کي ڀاسندو ھو تہ ساڌُو تِرائِيُوءَ تي وجدان اچي لَھندو ھو. ھو ھڪ خاص ڪيفيتَ ۾ اچي پيو عجيب ڳالھيون ڪندو ھو جيڪي اڪثر ڏاڍي گھري معنويتَ رکنديون ھيون. ھڪ ڏينھن مون کي سڏي پنھنجي ڀَر ۾ ٻيھاري چيائين، ”توکي خبر آهي تہ تو ۾ اڳ ئي ٻُڌ موجود آهي؟“

مون اَچرجَ منجھان ڪيس ڏِٺو!

اھا ڳالھہ تہ مون کي اڳ ڪنھن بہ نہ ٻُڌائي ھئي تہ ٻُڌ اسان ۾ ئي موجود ھوندو آهي. مون تہ اھو سکيو ھو تہ اسان کي ٻُڌ کي ڳولھڻو پوندو آهي. ۽ ڳولھڻ تہ ٻاڻ کان ٻاھر ئي ھوندو آهي! پنھنجي ئي اندر ۾ ڳولھا ڪيئن ٿيندي؟ ھا پانڊِي! ساڌُو تِرائِيو ڀھريون ڀيرو اسان نَون پانڊِين کي سيکاريو ھو تہ اصل ڳولھا پنھنجي اندرَ کان ئي شُروع ٿيندي آهي. ايئن اسان ساڌُو تِرائِيوءَ کان اندرَ جي پنڌن جا تصور ماڻيا!

مان اڪثر ساڌُو تِرائِيو بابت سوچيندو رھندو ھئس. سندس ڪردار، تصورن مزاج، ڏيک وغيره تي. ھڪ ڏينھن مون جڏھن متس غور ڪيو تہ مون کي ھڪدم خيال آيو تہ ساڌُو تِرائِيو ۽ اھي ٻئي ڪلندڙ ٻوڙي ڪردار عيسائي روايتَ جي ڏَند-ڪَٿائي ڪردار سَنت نِڪولَس سان بہ مُشابھہ آھن. جيڪو ڀھرين ڪليسا جو سَنت ۽ پوءِ سَنتا ڪِلاز بڻيو. ھو بہ ھڪ اھڙو ئي جھونو ماڻھو آهي، جيڪو بدن ۾ ماسيرو بہ آهي ۽ ٻارن ۾ سُوکڙيون ۽ مِنيون شيون بہ ڀيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وندبيندو آهي. ڪيڏي نہ عجيب هڪجهڙائي هئي، پڻ بنهہ مختلف مذهبن سان واڳيل ۽ حيران ڪندڙ مُشابهت رکندڙ ڪردارن ۾!

مان سوچيندو هئس، پانڌي، تہ ڪيئن چئجي تہ بئي چيني سنتَ چَئِيتز ۽ مئيترِيا، جاپاني سنت هَوتَيئِي ۽ عيسائي روايت جو ڪردار سنتاڪلاز چار مختلف ڪردار آهن يا ڪنهن هڪ ڪردار جا گھڙيل چار ڏند_ڪٿائي تصور آهن؟ پراِن ۾ تہ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ٻڌ مَت رکندڙ مختلف پرڳڻن ۽ قومُن ۾ ان هڪ ئي ڪردار جون صورتون موجُود آهن. تاريخ ۾ مفاصلا، رابطي ڪاري نہ هئڻ جي باوُجُود بہ مختلف جاين تي ڪردارن ۽ تصورن جي هڪجهڙائي ان ڳالهہ جو بہ اُهڃاڻ آهي تہ مختلف تهذيبن ۾ مفاصلا ۽ ويجهو لڳ لاڳاپو نہ هئڻ جي باوُجُود بہ حيران ڪُن هم آهنگي هئي.

آهستي آهستي ان هم آهنگيءَ جي پنيان موجود سببن جا راز تون پاڻ ئي ڳولهي ۽ سمجهي وٺندين.

اهي تہ ٿيا قديم ڏند_ڪٿائي بيان ۽ ان جي ڳُجَهہ ۾ لِڪل ڪجهہ سچيون ڳالهيون ۽ حقيقتون! پر هاڻ جاپان ۾ سورهين صديءَ جي ڪٿا توکي ٻڌايان ٿو. اُتي هَوتَيئِي ٻُڌ کي ڪلندڙ ٻُڌ سڏڻ جو هڪ سبب هو. هو ڳوٺ در ڳوٺ پيو ويندو، ماڻهن سان ملندو، کين کلائيندو هو. پر ڪيس جاپاني زين ماسٽر ٿيڻ جي ڪا بہ سَڌ نہ هئي. بس گهٽين ۾ کِلندي کِلندي گهمڻ ۽ ٻارڙن ۾ مٺيون شيون ورهائڻ ئي سندس ڪم هو.

پهرين ٻار ۽ وڏا سندس چَوڌاري گڏ ٿيندا هئا، پوءِ ڪائنس سوال پڇندا هئا، پر هو سندس سُوالن جا جواب ورائڻ بدران کلڻ شروع ڪندو هو. کيس کلڻ جي جنون ۾ ڏسي ٻار بہ پنهنجا سُوال وساري کلڻ شُروع ڪندا هئا. ان سان گڏ وڏا بہ کلڻ شروع ڪندا هئا. ايئن ٺهڪن جا هُوڪرا هوندا هئا، اهو لقاءُ ڏسڻ وٽان هوندو هو. ٻوڙي فڪر موجب ان عمل ۾ راز اهو هو تہ ايئن کلڻ سان سندن وُجُود هلڪا ٿي پوندا هئا. جيونَ جا بار جَهڙوڪر گم ٿي ويندا هئا.

ساڌُو ٽِرائِيُوءَ جي بقول، هُو کِلَ ذريعي اسان جي شعورَ جي نئين سِر اڏاوت ڪندو هو. اسين بہ ساٿس گڏ ان هڪ ڪلاڪَ واري ويهڪ دوران پيا کلندا ۽ مِنايون ڪائيندا هئاسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چون ٿا تہ هَوتيئِي ٻُڌ تہ ننڊ ۾ بہ پيو ڪلندو هو. ڪيس ماڻهن جي چهرن تي خوشيءَ جي روشني شڪ ڏيندي هئي. هو ڪڏهن بہ ڪنهن تي چِٽر منجهان نہ ڪلندو هو. سندس ڪو بہ فلسفو يا وري عقيدو ۽ نظريو نہ هو نہ وري هو تبليغي هو بس پنهنجن تهڪن سان ماڻهن جي جيون ۾ خوشيون آڻيندو هو.

تون ٻُڌاءِ. تهڪن سان ملندڙ اهڙي ڏِيان جي مشاهدي ڪي آزمائي ڏسڻ گهرجي؟ ان تي تنهنجو ڇا خيال آهي پانڊِي؟

هِن خط سان گڏ توکي هي بہ قصا هَوتيئِي ٻُڌ جي تصوير لڳل پوسٽ ڪارڊن تي لکي موڪليان ٿو مون کي ياسيو تہ گذريل خط انهن ڀِنهي قصن کان سواءِ اَڻ-پورا هئا. اڄ تہ آئون توکي ساڏو تِرائِيو جو ٻُڌايل هڪ ٻيو قصو ٻُڌايان:

**پوسٽ ڪارڊ "اندر جي تياري"**

چون ٿا هڪ ڀيري هَوتيئِي ٻُڌ هڪ ڳوٺ مان گذريو پئي. جڏهن هلندي هلندي هو ٿڪجي پيو تہ سامهون هڪ ٻوڙي وڻ (جنهن هيٺ چيو وڃي ٿو تہ گوتم ٻُڌ کي نِرواڻ مليو. ڏکڻ ايشيائي ملڪن ۾ ان کي مقدس پِپر يا پِيپل جو وَڻُ سڏجي ٿو) جي ڇانوَ هيٺ اکيون بند ڪري ڏِيان ۾ ويهي رهيو. سدائينءَ جيان هو نہ تہ کِلي رهيو هو نہ مُرڪي. مڪمل سانت ڌاريو امن ۾ اکيون بند ڪري وينو هو. هڪ ڳوناٽي کي سندس ان ماٺَ تي تجسس ٿيو هو اُتي ئي ويهي هوتيئِي ٻُڌ جي ڏِيان ختم ٿيڻ جو انتظار ڪندو رهيو.

جيئن ئي هوتيئِي ٻُڌ ڏِيان پُنايو ڳوناٽي ڪيس سڏي پُڇيو. "اڄ تون ماٺ چو آهين. کلين چو نہ پيو هَوتيئِي ٻُڌ؟"

هَوتيئِي ٻُڌ ڪيس مُرڪندڙ نيڻَن سان نِهاريندي ڏِيرجَ منجهان وراڻيو: "مان تياري پيو ڪريان."

ڳوناٽو سَمڌو ڪو نہ. ڪانئس ان جو مطلب پُڇيائين تہ ان تياريءَ مان سندس مُراد ڇا هئي؟ هَوتيئِي ٻُڌ چيو: "مون کي پاڻ کي تهڪ ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي. ان ڪري آرام پيو ڪريان. پوري دنيا وساري پنهنجي اندر منجهان گذرندس تہ جيئن پاڻ کي ٻيهر تيار ڪري پنهنجو اندر وري کِلَ سان پريان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِس تہ سَهي پانڊي. هن ڪتا ۾ ڪيڏو نہ سهڻو خيال پيش ڪيو آهي تہ پاڻ کي مادِي دُنيا کا پري ڪري، پنهنجي اندرَ منجهان گذرجي. تڏهن ئي اندر ۾ حقيقي ڪِل يا خوشي پَري سگهجي ٿي. اِها ڳالهہ تہ دنيا جي هر اِنسان تي لاڳو ٿئي ٿي تہ جيسين هو مادِي دنيا جي لوڀَ کان پرانهون نہ ٿيندو، تيسين اندرَ جي اَصُل خوشي نہ ماڻي سگهندو!

هيءَ ڪتا تہ خوشيءَ ڏانهن ويندڙ گس تي بُڌائي. اصلي ماڻِتا ڏانهن ويندڙ گس. يعني نِرواڻَ جي بند درن کي کولڻ جي ڪُنجِي!

زين فلسفي جي بار لاهڻ ۽ کٽڻ بابت تہ پڙهيو هوندو تو؟ ساڏو تِراڻِيو جو ئي بُڌايل هڪ ٻيو قصو پڙهہ. جيڪو پڻ هَوتَيئِي بُڌ بابت آهي:

**پوسٽ ڪارڊ "بار لاهڻ ۽ کٽڻ جي مشق"**

ڪنهن هَوتَيئِي بُڌ کان پُڇيو "زين" جي اهميت ڇا آهي. هن پنهنجي ڪُلهن تي رکيل ٿيلهو لاهي هيٺ رکي ڇڏيو. پوءِ ڪنهن پُڇيس تہ "زين" جي پُورَڻتا ڇا ۾ آهي. هن وري اهو ٿيلهو کڻي پنهنجن ڪُلهن تي رکيو ۽ هلي پيو!

يعني بار لاهڻ ۽ کڻڻ واري مشق لڳاتار جاري رکڻ رڳو زين جو نہ پر جيون جو فلسفو بہ آهي.

سو، اهڙا قصا ٻُڌائي ساڏو تِراڻِيو اسان کي وري اُها ئي ڳالهہ چوندو هو تہ مِڙني انسانن جي اندر ۾ هڪ هَوتَيئِي بُڌ آهي. ان کي ڳولهجي. آئون سوچيندو هئس تہ جيڪڏهن گوتم بہ اندر ۾ آهي، هوتَيئِي بہ اندر ۾ آهي، نِرواڻ بہ اندران ئي نِروار ٿيندو تہ پوءِ ٻاهِر جي دنيا ۾ ڇا هو؟

پانڊِي، توکي اهي ڪتائون ڪيئن لڳيون؟ ايندڙ خطن ۾ آئون توکي بُڌ جي ڏاهپَ ۽ اُن جي فِڪري پکيڙ، جنهن ۾ زين فلسفو بہ اچي ٿو بابت ٻڌائيندس. پر اُن کان اڳ تو ڏانهن تاريخ ۾ آيل ٻوڏِي سَتوَ مردن ۽ مائين بابت لکندس، جن جي توکي لازمي خبر هجڻ گهرجي، جن جا خيال ۽ پنڌَ اچرجَ جوڳا هئا!

**تنهنجو استاد لطيف**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳين جا داستانَ پڙهندي پڙهندي منهنجو خيال لُڙهي پنهنجي يوڳتيءَ ڏانهن ويو پئي، جنهن کي ڪير پرديسڻ ته ڪير جوڳياڻي سڏي رهيو هو. جنهن جو نالو ته الائجي ڇا هو پر مون ڪيس يوڳتي سڏڻ شروع ڪيو. يوڳتي به هڪ اهڙي ئي سفر جي مسافر بڻجي وئي هئي، جنهن جو ڪو انت نه هو. هوءَ مون کي جسم ۽ رُوحَ جي سفر جا انوکا داستان سمجهائي پاڻ نه ڄاڻان ڪٿي گم ٿي وئي، مان تڏهن کان اڄ تائين سندس ئي تلاش ۾ آهيان. مون کي اڄ به ساڻس پهرين ملاقات ياد آهي. هوءَ به ڄڻ اهڙن ئي جوڳين جو پَرتوو هئي، جن جي قصن کي پڙهڻ سان هوءَ مون کي هڪ پيرو وري ڪنهن مِٺي سُور جيان ياد اچي رهي آهي.

ٻوڌين جي خطن جو پهريون ڀاڱو پڙهي مون سوچيو! هوءَ ٻوڌياڻي به ته اهڙيون ئي ڳالهيون ڪندي هئي، روحَ جا سفر ڪيل هوءَ ناري مون کي ڪڏهن به تڪل نه لڳي هئي. سندس پيرَ به گوتم جي نِرواڻ حاصل ڪرڻ ڏانهن ئي ڪڃيل هئا. پر ان سفر ۾ هلندي هلندي گوتم ٻُڌ کي ڪيئن حاصل ڪيو آهي، اِن تي مون ساڻس تفصيل سان ته ڳالهايو ئي نه هو. پر هاڻي سمجهيو اٿم ته سندس نظر ۾ به ايئن هڙئي رِشتا ناتا ۽ محبتون ڇڏي اَڻ ڄاتي سفر تي نڪري هليو وڃڻ ٻُڌ کي حاصل ڪرڻ ڏانهن پهرين وک هو. جي گوتم جو ٻُڌ مَت اهو ئي هو ته ڪيڏو نه ظالماڻو مقصد، بي رحم سفر ۽ ضياڻ حاصلات هو!

منهنجي اندر ۾ بيچيني هئي، مون کي ڪجهه به ڪئي صبر نه ٿئي آيو. پاڻڌين جي خطن کي پڙهي ڄڻ منهنجا سِبيَل ڦٽ کُلي پيا هئا. انهن خطن جي هر موضوع کي پڙهڻ سان مون کي هوءَ ياد پئي آئي!

مون ٻوڌين جي خطن ۾ ئي پڙهيو هو ته صبر ڪري سگهڻ وڏو وڙ آهي، مون وڙ ئي ته وڃائي ڇڏيو هو، مون وٽ بچيو ڇا هو! سچ اِهو آهي ته محبت ۾ رُڳو سِڪڻ جي سَدَ کيَ ئي عظيم سمجهڻ ۽ رُڳو سِڪڻ تي ئي قائم رهڻ پياڻيءَ جهڙن الپ ڪِردارن جي ڪري سگهڻ جو وَڪر آهي. مون جهڙا عام عاشق ته ڏسڻ ۽ ملڻ جا سَدڙيا هوندا آهن. انهن لاءِ وڇوڙو ٿياسَ تي تنگجڻ برابر هوندو آهي. مان هرگز نه مڃيندس ته وڇوڙا عشق ۾ حقيقي منزل حاصل ڪرڻ جا پهريان ۽ عظيم ڏاڪا يا مقام هوندا آهن. يا اِهو ته ان کان اڳتي ٻيا ماڳ به هوندا آهن، جن تي پهچي شايد لاحاصل محبت تي ئي خوش ٿي ويهي رهبو، ڇا واقعي ايئن آهي؟

ناممڪن! منهنجيءَ دل نه ٿي مڃي ان کي! ان تلاش ۾ مسئلو جسم جي ۽ روح جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪجڻ جو نہ هو؛ مان تہ ڪيس تلاش ڪرڻ لاءِ ڌرتيءَ جي کھڙي بہ ڪُنڊ ۾ وڃي سگھيس پئي، پر ڇا واقعي هوءَ مِلندي؟ ان سُوال مون کي ستايو تہ پئي پر سندس تلاش ۾ هلندو هلڻ کان روڪيو هرگز نہ پئي. مون تہ جادم ۾ سندس ساڏوءَ جي خطن مان بہ پنهنجي عشق جو اتساهہ پئي ورتو. خط جن ۾ شعور ۾ رُوح سان اندر ۾ ٻاهر محبوب جي تلاش جي سفر تي نڪري پوڻ جون ڳالهيون هيون. سوچيم، ڇا هوءَ مون کي تڏهن ملندي جڏهن مان رُوح سان ڪيس تلاش ڪيان، فقط جسم سان نہ؟ اهو ڪيئن ڪبو آهي؟ مون جڏهن ساڏُو لطيفَ جي جادم کي ڏنل تجويز پڙهي تہ هو ٻُڌ مَت تي فِڪري خطن کي اکين، شعور ۾ اندر سان سمجهي تہ اُن وقت محسوس ڪيم تہ منهنجي اکين، شعور ۾ اندر ۾ تہ هوءَ ئي سمايو ويٺي هئي.

اِهو سوچي مُرڪي پيس تہ مان اصل ۾ عشق جي نظر سان ڪيس تلاش ڪري رهيو هئس، اُن ئي نظر سان انهن خطن کي بہ پڙهي رهيو هئس، عاشقيءَ جي نگاهہ سان زندگيءَ کي جيئي رهيو هئس. هر پل محسوس پئي ڪيم تہ رُڳو سندس عشق ۾ هجڻ جو احساس بہ گهٽ جادوئي تہ نہ هو! هڪ سندس سات جو جادو ياد هئم، متا وڇوڙن جا وري پنهنجا جادو هئا! جادُو ان ڪري جو مون کي انڌو يقين هو تہ ساڻس ملڻ اٽل هو.

مان ساڏوئن جي سهڻي ٻوليءَ ۾ خيالن جي گهرائيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڦاٿس ۾ نڪتس پئي. يو ڳٽي مون کي اڃان وڌيڪ سمجهہ ۾ آئي پئي! مون کي لڳو تہ مون ۾ هاڻي بہ نوجوانيءَ واري اڀهري ايام آهي، جنهن ۾ صبر ڪرڻ اوکو لڳندو آهي. ملڻ ۾ ان کان پوءِ هميشہ لاءِ ملي وڃڻ کان سواءِ ڪو ٻيو حل نہ سُجهندو آهي. پر ڇا پنهنجي محبت سان هميشہ لاءِ ملي وڃڻ لازمي نہ هو؟

رُوحانيتَ جي بيان کي جن فڪري لفظن سان ٻوڏي مُسافرن بيان ڪيو پئي، انهن جڻ هڪ عام ڳالهہ ۾ بہ وجدان ڀري ڇڏيو هو! پر ڪنهن ڪنهن مهل اِهو بہ لڳو پئي تہ ٻُڌ، نِرواڻَ يا حتمي منزل جي تلاش رُڳو افسانويتَ ۾ ان کي بيان ڪندڙ ٻوليءَ ۾ سونهندي ڀلي پئي لڳي. حقيقت ۾ تہ اِهو دردَ جو آڙاهہ هوندو! جنهن ۾ وِڇوڙي، انتظار، وڃائڻ جي ايتري تہ اهميت هئي جو پڙهندڙ کي اتساهيو پئي ويو تہ هو ڇائي واٽي وڃائڻ کي ترجيح ڏئي! جي اهي اعليٰ ۽ عظيم مقامَ هئا تہ مان تہ اهڙي ڪنهن مقام تي نہ پهتو هئس نہ وري پهچڻ چاهيم پئي.

جيئن هڪ ڪِلندڙ ٻوڏيءَ پنهنجي اندر ۾ ڪِل ڀرڻ جي تياري پئي ڪئي، مون کي بہ هڪ پيرو وري سندس ڳولا ۾ وڃڻ کان اڳ ڪنهن ڊگهي ڏيانَ ۾ وڃڻ جي ضرورتَ هئي. مون بہ پنهنجي محبت کي حاصل ڪرڻ جي خواب جو بار کڻي ورتو هو. زين فلسفي جيان ان بار کي لاهڻ لازمي هو. مان ان تصور ۾ آدرشَ کي ڪيئن مڃيان ها، جيڪو مون کي محبتَ ۾ يو ڳٽيءَ کان پري ڪري ها؟!

مون وري جوڳين جي خطن جو سِلسِلو پڙهڻ شروع ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ٻوڌي سَتوا!

مون اڄ پنهنجي ٻوڌيشالا جي ڀِڪشوئن جا ٽورا ميڇيا. جن منهنجي خطن ذريعي تو سان ڏيٺ ويٺ ڪرائي. مان جيڪو خيالُ عَملي طور مشقُن ۾ درسَ ذريعي سِکان پيو، تنهنجو ليڪن ذريعي ملندڙ علم مون کي ان سِکيا کي وڌيڪ گهرائيءَ سان سمجهڻ ۾ مدد ڪري پيو. مان تو سان ملي تنهنجي صحبت ۾ سِکڻ لاءِ سڌائِتو ٿيو آهيان، پر سوچيان ٿو تہ آمهون سامهون تنهنجي صحبتَ ملڻ جو ڀاڳُ ڪيئن مُمڪن ٿيندو؟

مان اهو بہ سوچيان ٿو تہ اُهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن مان ٻوڌي فِڪر بابت سڀ ڪجهہ سکي ۽ ڄاڻي وٺندس ۽ نيٺ نِرواڻ بہ ماڻي وٺندس؟

ان پنڌ تي هلڻ ڪرِي دل ۾ جيتري خوشي آهي، اوتري ئي اُتاولائي بہ آهي. سڀ ڪجهہ اڄ ئي ڄاڻڻ جي لوچَ مون کي انتظاريءَ ۾ سُک نہ ٿي وٺڻ ڏئي، ان انتظاريءَ ۾ جيڪا لُڇ آهي سا منهنجي لوچَ کي ڀِيڻو ڪري ٿي. مان ڄاڻان ٿو مون کي ان لُڇَ کي پنهنجي قابوءَ ۾ ڪرڻو ئي پوندو. انسان جو شانُ بہ ان ۾ ئي آهي. مان ان جي مشق هينئر کان ئي ڪرڻ شروع ڪريان ٿو... پر ڪنهن ڪنهن مهل ان تي رَسَڻ جڻ ڪنهن اوکي منزلَ تي رَسڻ جيان ٿو لڳي.

گوتم ٻُڌَ جي هيءَ چوڻي منهنجي اُتاولائيءَ تي ٻهو رکي ٿي: ”سچَ ڏانهن ان ڊگهي پنڌَ ۾ ٻوڌِي فقط ٻہ چُڪُون ڪري سگهن ٿا: هڪ اِها تہ هو پنڌ جي آخر تائين نہ وڃن. ٻي اِها تہ هو پنڌ شروع ئي نہ ڪن.“ سو پهرين ڳالهہ اها آهي تہ مون پنڌ تہ شروع ڪيو آهي، ان جي آخر تائين وڃڻ جي سَڌَ بہ اٿم تہ جوش ۽ جذبو بہ. ڏسجي تہ اِنَ پنڌَ ۾ ڪيستائين رَسي سگهجي ٿو. ساڌُو؟ تو جيڪا ماٺ سان پڙهڻ جي ڳالهہ ڪئي، اُها مون سمجهي پر ان ڳالهہ کي وڌيڪ مون ڌِيان ڪرڻ کان پوءِ سمجهيو. توکي ان جا تفصيل ٻڌائي پوءِ اڳتي وڌندس:

اڄ ٻوڌيشالا ۾ شور گهٽ هو. اڌ کان مٿي ڀِڪشو ننڊين يا وڏين ياترائن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتل هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي هئا جيڪي ٻوڙي-ڏرن يا وڻن هيٺ پنهنجين مشقن ۾ رُڌل هئا. يا وري ڪمن ڪارين ۾ ڦِرندي نظر آيا ٿئي. مان ڏِيان ڪرڻ لاءِ ٻوڌيشالا پنيان ٻيلي ڏانهن نڪري ويس. سياري وچڻ ڪان پوءِ هلڪڙي گرميءَ جو پهريون جهولو آيو هو اج. ۽ ڏِيان لاءِ هيءَ موسم منهنجي ٻُت کي وڏيڪ وڻي پئي.

مون ٻوڙي وڻ هيٺ ويهي ڏِيان شروع ڪيو. فطرت جي چؤڏاريءَ جي هر لقاءَ ڏانهن اکيون چڏي باقي پنهنجا هڙئي حواس کولي چڏيم. بند اکين ۽ ذهن جي ماٺار سان مون اڳ ۾ پکين جي آوازن کي ٻُڌڻ شروع ڪيو. پوءِ هر پکيءَ جي آواز کي ٻئي

کان الڳ ڪري ٻڌم. ڪل سَت مختلف آواز مون هِڪٻئي کان الڳ ڪري رکيا. پوءِ هوا جي گُهلڻ تي غور ڪيم:

هوا تہ اُها ئي هئي پر اُها جڏهن وڻن جي وُجُود مان گذري پئي تہ هر وڻ پنهنجي پنهنجي ٽارين، پنن ۽ ساخت جي حساب سان آواز پئي ڪڍيا. ۽ انهن ٽارين ۽ پنن جا فقط پنجَ مختلف آواز هِڪٻئي کان الڳ ڪري ٻُڌي سگهيس. منجهن فرق واضح ڪيم. قدمن ڪٽڻ جي چاپَ بہ هئي. انهن ٻن ڪلاڪن واري ڏِيان ۾ ڏهہ مختلف قدمن جا آواز هئا: چار نارِيون، ٽي مرد ۽ بہ ٻار. مردن مان هڪ ۽ نارِين مان بہ قدم جهونا لڳا. منجهانئن ٽي تہ آشرم جا ڀِڪشو ۽ ڀِڪشُوٽيون لڳا. پر باقي پاسي واري ڳوٺ مان هوندا!

مون کي اڳ ۾ خبر نہ هئي تہ شايد ٿورو پرانهون هڪ پاڻيءَ جو وهڪرو هو يا ڪا ڍنڍَ هئي جيڪا مون اڳ نہ ڏٺي هئي. پر ڏِيان مهل لڳو تہ اُن ڍنڍَ ۾ ٻيڙيون هڪ ڪنارِي کان ٻئي ڪنارِي ڏانهن ويون پئي. هوا جي گذرڻ سان سِرڙهہ ڦڙڪڻ جو آواز جيتوڻڪ پري کان پئي آيو پر مون هلڪو هلڪو ان کي بہ محسوس ڪيو هوا ۽ پاڻيءَ جي ميلَ جيڪي آواز پيدا ڪيا پئي، اُهي ٻيڙين تڏهن وڌيڪ چِٽا ڪري پئي ٻُڌايا جڏهن هوا ۽ پاڻيءَ جي ميلَ تي ٻيڙيون چُليون پئي، اُنهن وري آلاپ ئي ٽيون ٿئي ڪڍيو.

عجيب ڳالهہ اها هئي تہ انهن مڙني آوازن تي ٻوڌيشالا ۾ تربيت لاءِ داخل ٿيڻ کان اڳ مون ڪڏهن بہ غور نہ ڪيو هو نہ ئي وري انهن کي ايترو الڳ الڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٻُڌو هئم. اِن ڪري جو فطرت ۾ خارجي ماحول ۾ پکين جا. وڻن ۽ پاڻيءَ جا آواز هڪ ئي وقت هلڻ جي ڪري جڙ هِڪٻئي ۾ پوئل هوندا آهن. جنهن ڪارڻ سندن گهڻائي يڪتائيءَ ۾ لِڪي ويندي آهي.

ڇاڪاڻ ته هر وقت متحرڪ ۽ پُرشور فطرت ۾ ڪو هڪ نه پر انيڪ آواز هوندا آهن. جن تي هڪ ئي وقت ۾ ڌِيان ڏئي سگهڻ عام ماڻهوءَ لاءِ ٻِنهه اوکو هوندو آهي. سواءِ ڌِيان جي سخت مشق جي اِهو مُمڪن ئي نه آهي. ان ڌِيان جڏهن مون کي ٻين ڌِيانن جي ٻيٽ ۾ پنهنجي وُجُود کان بي خبري ڏني ته اُن مون کي وڌيڪ باهوش به ڪيو. مون پاڻ وسارڻ ڏانهن هڪ وک کنئي ته اُتي ئي خودشناسيءَ به مون کي پنهنجي جَهلڪ ڏني!

جيڪڏهن مان ڌِيان ڪرڻ کان اڳ هي جواب لکان ها ته اهو ٻيو هجي ها. واقعي ماٺَ ذريعي به. يعني عام انساني ٻوليءَ کان سواءِ به. فطرت ياترا جيڪو سيکاري ٿي. اها هڪ عظيم سِکيا آهي. جنهن ۾ ماٺَ جو مڪالمو پيو هلندو آهي!

عشق ۾ نِرواڻ کان پوءِ نئون پنڌ شروع ٿيندو آهي. جَهڙوڪر ٿانئيڪائي ته ڪٿي آهي ئي ڪونه! اها ڪَڙي حقيقت اندر ۾ لُڇَ نه ٿي پئدا ڪري؟ ۽ اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته اڄ جو جواب سڀاڻي جو رَد هجي. بي ثبات حياتيءَ ۾ اهي جيونَ جا بي ثبات مظهر هجن! انسان ڪيڏو نه اڪيلو آهي هن ڪائناتَ ۾ جيڪڏهن حتمي شانتِي نه آهي ته!

قديم چين جا اهي ماسيرا ۽ ڪلنڌڙ ٻوڌي سَتوَ ڇَئيتز ۽ مئيترِيا جيڪي اَراهنت ٻُڌَ هئا. انهن تي مون به تو جيان ئي سوچيو ته اُهي جيڪڏهن ٻوڌي هئا ته جسم ۾ ايڏا ڳرا ڇو هئا؟

پوءِ مون سوچيو ته ڪِلڻ ۾ ته هڪ نقطو آهي. ۽ ٻارن ۾ مناڻ ونڊڻ ۾ به هڪ نقطو آهي. ڪُلهي تي غير اهم شين جي ڳنڍِ جو بار ڪڻي گهمڻ ۾ به هڪ نقطو آهي. ۽ بار ڪڻي، اُن کي لاهي ڦِٽي ڪرڻ. وري کڻي ۽ لاهي ڦِٽي ڪرڻ واري لڳاتار ۽ اَڻ-کُٽ ڪشٽَ ۾ به هڪ نُقطو آهي. اُهي عِيسائيت جي سَنتا ڪلاز سان مشابهه ڪردار آهن. ان ۾ به هڪ نُقطو آهي.

سو اهي ٻوڌي ته هئا پر سندن محور گوتم جيان هن گهڻ رُخي حياتيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ-رُخا ڪشِشَ ڪيڻ بدران ڪِلڻ وارو ڏِيان ڪرڻ هو ڪُلهي تي بار ڪٽي هلڻ وارو ڏِيان ڪرڻ هو بارن کي خوش ڪرڻ وارو ڏِيان ڪرڻ هو ۽ وغيره وغيره. مون تہ ايئن ئي سوچيو آهي. انهن نُقطن جون ڳُجهيون معنائون ڳولي ڪڍيُيون آهن، انهن کي سمجهڻو آهي.

پيو تہ اِهي نُقطا رڳو ايئن نہ آهن جيئن لفظي معنيٰ کين بيان ڪري ٿي، اِهي تصور شعورَ ۾ باقاعدي پيهجن. اُن لاءِ لفظن جي ظاهري معنيٰ کان پرانهون وڃڻو پوندو.

پر پيارا ٻوڌي سَتوَ! لفظن کان پرانهين بہ تہ اُها ئي اِنساني سمجهہ ڪم ڪندي آهي نہ، جيڪا پنهنجو اظهار ٻوليءَ ذريعي ڪري ٿي؟ چاڪاڻ تہ ماڻ ۾، تورڙي خيالن ۽ تصورن ۾ بہ ٻولي هلندي رهندي آهي، لفظن جي صورت ۾! پر بي آواز. اُها ٻولي بہ ڪيڏي نہ با معنيٰ ۽ واقعن، ڪردارن ۽ اظهارَ سان ڀرپور هجي ٿي؟ مان تہ اهو بہ سوچيان ٿو تہ جڏهن ٻوليءَ جو وُجود نہ هو تڏهن بہ فطرت ۾ موجودات هيون، جيڪي ڪو نہ ڪو ڪارِجُ رکي رهيون هيون، اُهو ڪارِج هڪ قسم جو مڪالمو ئي تہ هو.

پر هڪ ڳالهہ لازمي ڪريان تہ مون کي هِن ڪردار جي تولهَ ۾ ڪو بہ نُقطو سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. تنهنجي نصيحتَ موجب مان اُن نقطي کي سمجهڻ جو انتظار ڪندس.

هَوتَيتِي ٻوڌي سَتوَ جي ڏِيان واري ڪهاڻي پنهنجي سُونهَن پاڻ آهي، واقعي بہ فقط ٿوريءَ دير جو ڏِيان بہ جسم ۽ رُوح ۾ وري توانائي ۽ روشني ڀري ٿو ڇڏي. مون کي تہ منهنجي تربيتي ڏِيان نئين-سِر دنيا ڏيکاري آهي. اندر جي پنڌَ جو نُقطو مون کي هاڻي ڪجهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچڻ لڳو آهي.

پر مون کي چيني، جاپاني ۽ ٻين ٻوڌي سَتوَئن ۾ فرق سمجهہ ۾ نٿو اچي، اهي هِڪٻئي کان ڪيترا مختلف ۽ ڪيترا ساڳيا هئا؟ مون کي تہ اُهي ڪٿي مختلف تہ ڪٿي وري ساڳيا ٿا لڳن تہ ڪٿي وري هِڪٻئي جو مظهر ٿا لڳن!

مان تہ اهو بہ سمجهان ٿو تہ اِمڪان آهي تہ اهو ڪو هڪڙو ئي حقيقي يا تصوراتي ڪردار هجي، جيڪو ٻوڌي تاريخ جي قديم پنن ۾ ڪٿي لڪيل هجي، ٻوڌيُن ذريعي مختلف خِطن ۽ پرڳڻن ۾ ويو هجي ۽ ماڻهن پنهنجي خواهش سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان اُن ڪردار کي پنهنجي ڏرتيءَ جي قصي جو رنگ ڏئي منجهانئس هڪ تصوراتي ڪردار پئدا ڪيو هجي؟ يعني انهن ان کي سرزمين جو روپ ڏئي نئون جنم ڏنو هجي؟ پر وقت گذرڻ ڪان پوءِ اُن قصي جي اصل تاريخ ۽ ڪِردارَ سان وابستگي ڪٽجي وئي هجي؟ اِن ۾ بين ڪيترن ئي اِمڪانن تي سوچي سگهجي ٿو.

پر ساڌو تو بہ تہ انهن ڪردارن کي ڏَند-ڪٿائي سڏيو آهي؟ تہ ڇا انهن ڪِردارن جو ڪو وُجُود نہ هو؟ ڇا اُهي انساني ذهن جي گُمانن مان ڪهاڻيون بڻيا هئا؟ يا وري اهي حقيقي ڪردارن جي بگڙيل يا مَثيل شڪل هئا ڏند-ڪٿائون تہ ايئن هونديون آهن!

ڏَند-ڪَٿا جيئن تہ ظاهري ڏيکَ ۾ غير منطقي هوندي آهي، سو اها جلد مرڻ لاءِ ئي جنم وٺندي آهي. ان ۾ فقط هڪ نياپو هوندو آهي جيڪو ڪم جو هوندو آهي. ان ڪري ئي تہ پيارا پوڙي سَتوَ ڏَند-ڪَٿائن جي ڳُجهارت کي پيجڻ لازمي آهي تہ اُهي جڏهن دؤرن مان گذرنديون صدين تائين هلنديون اچن تہ منجهن موجود غير منطقيتَ بہ ساڻن گڏ اُهو پنڌ طئہ نہ ڪندي اچي! ان ڪري جو دؤرن ڪان هلندي ايندڙ غير منطقيتَ عام سماجي سوچَ ۾ سَولو پيرُ کوڙي سگهندي آهي. پوءِ اها تہ توکي خبر آهي تہ پير کوڙڻ ڪان پوءِ اُها غير منطقيتَ فِڪر، عقل ۽ منطق سان ڪهڙا ڪِيس ڪندي آهي!

ساڌو! هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ غير منطقيت انساني شعور مان ڇَٽي ڪِري پوي ۽ اهو لازمي ٿيڻو بہ آهي. دير يا سوير. هڪ ڏينهن هيءَ سموري دنيا غير عقليت ڪان آجي ٿي ويندي

مان سمجهان ٿو تہ جيترو وڌيڪ مان تاريخ ۾ آيل پوڙي سَتوَنُن بابت اهڙيون ڪَٿائون پڙهندس اوترو وڌيڪ تَٿاڳَٿا جي فڪر منجهان اهو پرکي وٺندس تہ ان ۾ ملاوت ڪهڙي ٿي آهي.

هي پنڌُ مون کي وٺي ٿو. ساڌو! هتي ساڌوئن جي سخت ترين تربيت ٿيل آهي جيڪا هر ڏينهن پنهنجي چيٽيءَ سان مون کي ڇِليندي پئي وڃي ۽ مان گهڙجندو پيو وڃان. مٿان وري اِنهن خطن ذريعي تنهنجي صحبت ان سِکيا جي پنڌ ۾ هڪ روشن ڏيئي مثل بڻي آهي! جنهن جي ڪري مون پنڌَ جي اونداهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ روشنيون پَسيون آهن. ايندڙ وقتَ جو احساس ويتر وڌيڪ حسين لڳي ٿو جڏهن ان ۾ رازن ۽ اسرارن تان پردا کڄندا!

وڌيڪ دنيا-شناسي ڪيئن هوندي، ان سان ميلاپَ جي سوچ ئي مون ۾ پُراسرار تصور پيري ٿي ڇڏي.

ساڊُو مون کي ڏسجانءِ تہ اوهان جي دؤر ۾ يا اُن کان اڳ سنڌ ۾ ڪي ٻوڙي سَتوَ نارِيون بہ هيون ڇا؟ سي ڪيئن هيون، انهن دنيا تي ڪيترو اثر ڇڏيو. سنڌُ جي ٻوڙِيشالائن ۾ پِڪشُوٽيون ڪجهہ ڪلاڪن جي مشقُن لاءِ ايندِيون تہ آهن پر سندن الڳ ٻوڙِيشالائون نہ آهن جتي هو رهي تربيت حاصل ڪري سگهن. ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ ڏينهَڪِي سِکيا وٺي هليون ويندِيون آهن. مان سمجهان ٿو انهن لاءِ رهائشي تربيتَ جو بہ بندوبست ٿيل هجي. اهو تمام گهڻو اهم آهي. ان ڪري جو ناريون ۽ مرد مِلي ڪري ٻوڙِي سماج جوڙيندا آهن. نہ ڪي فقط مرد ٻوڙِي. تنهنجي جواب جو انتظار رهندو.

تنهنجو پنهنجو جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پيارا جادم!

هن دنيا مان انيڪ ٻوڌي سنتَ گذري ويا آهن. ها، جن ۾ مردن سان گڏ ناريون بہ شامل آهن. جن پنهنجا انساني سهائِتا ۽ سَيوا وارا عظيم ترين ڪردار نڀايا آهن. آئون انهن منجهان ڪجهہ مُک ڪِردارن بابت توکي خطن جي هن سلسلي دوران لکندو رهندس. سندن جيونَ جي مُشاهدن بابت ڄاڻڻ تولاءِ لازمي آهي... تہ جيئن تون اڳتي هلي جڏهن ٻُڌ جي جيون ۽ سندس فِڪر جي ڪَٿا پڙهين تہ ان کي سمجهڻ لاءِ تنهنجي اڳوات تياري هجي.

اڳوات تياري وجداني سِکيا جا اِمڪان ڏهوڻا وڌيڪ ڪري ڇڏيندي آهي، ان ڪان سواءِ اڳوات تياري جيڪا گهرائي سمجهہ کي آڇيندي آهي، اُن سان نئون علم ويتر وڌيڪ وَجدان سان سمجهہ ۾ ايندو آهي. اَڳوات تياريءَ جي اهميت تون تڏهن سمجهندين جڏهن تون منهنجي ڏنل هن تربيتَ مان مڪمل طور گذرندين. پر ان ڪان اڳ تنهنجي خط تي مُنهنجي تيڪاٽپڻي پڙهہ.

سوچي ڇڏ. آمهُون سامهُون مِلڻ جو اِمڪان تي بہ سگهي ٿو ۽ نہ بہ ٿي سگهي ٿو. شايد انهن واٽُن تي هلندي هلندي ڪو اهڙو ڏينهن بہ اچي، پانڌِي تہ ڪو گَس اسان جي ٻن الڳ الڳ گَسَن کي ڪجهہ دير لاءِ ملائي ڇڏي ۽ اسين ڪجهہ وقتَ لاءِ هِن ٻوڌي پندَ تي گڏ هلون. جي ايئن ٿيڻو هوندو تہ ان جو بہ وقت ايندو. اهو نہ اڳ ۾ ايندو نہ دير سان. ويساهہ رک تہ هر شئي، واقعي يا ٿيڻيءَ جو وقت طئہ آهي، اُهو پنهنجي وقت سان مختلف مرحلن ۾ ٿيندو ويندو آهي. اُنهن مرحلن کي تڪڙو آڻڻ غير فِطري ٿيندو، اِن ڪري لاڀائِتو نہ هُوندو.

اسان ٻنهي وٽ هڪ عظيم موقعو هلي آيو آهي. هڪٻئي کي هڪٻئي جي سوچن ذريعي سُڃاڻڻ جو. تون مون کي منهنجن ليکن ذريعي سُڃاڻ. جيڪو وڌيڪ گِهري سُڃاڻپَ ڏيندڙ موقِعو آهي. ويساهہ رَک تہ هيءُ بہ ملڻ ئي آهي. وڌيڪ آتاهہ گهرائيءَ سان ملڻ! آئون تہ تنهنجي ۽ منهنجي وَچ ۾ مڪالمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي توکي بيحد ﻣﭔ سمجهان پيو. ان ڪري ئي مُنهنجو خيال آهي تہ توکي مُنهن سامهون ملڻ جي تانگهہ نہ هجڻ گهرجي. جو انهن خطن ذريعي ملڻ وڏيڪ لاڀائتو ۽ معنيٰ ڀريو آهي.

هن خط ساڻ مون توکي هوتيئي پڌ جي تصوير وارا بہ پوسٽ ڪارڊ موڪليا آهن. انهن مان پهريون پوسٽ ڪارڊ ڪڍي پڙهہ. پوءِ هن خط کي اڳتي ڪَرُ:

**پوسٽ ڪارڊ "مهارت"**

هڪ نوجوان ٻوڌي ڀڪشو ٻڌجڻ جي خواهش ۾ هڪ ٻوڌيشالا ۾ اچي داخل ٿيو. هن کي اُن ٻوڌيشالا جي رِيت رسمَ تمام گهڻي وڻي. ذهني ۽ جسماني ڪسرتُن ڪرڻ ۾ کيس وجداني لُطف جو ذائقو مليو تہ هو خوش ٿي هڪ ڏينهن پنهنجي گُروءَ وٽ ويو ۽ ڏاڍي نِهٺائيءَ منجهان چيائينس:

"آئون تنهنجو چيلو ٻڻجي سڀ ڪجهہ سکڻ چاهيان ٿو مون کي ٻُڌاءِ تہ آخر مون کي ڪيترو وقت لڳندو جو آئون ٻوڌي ڏاهپ ۽ انهن ذهني ۽ جسماني ڪسرتُن ۾ ماهر ٿي وڃان؟" ساڌوءَ چيلَي ڏانهن نهاريو سندس اُتساهہ کي سمجهندي چيائين: "ڏهہ سال."

بي صبريءَ جي گهوڙي تي چڙهيل هُن چيلي اَچرجَ منجهان رَڙ ڪري چيو: ڏهہ سال. گُرو؟ پر آئون تہ ان ۾ تڪڙو ماهر ٿيڻ ٿو چاهيان. آئون سخت محنت ڪندس. هر ڏينهن ٻيڻيون مشقون ۽ ڏِيان ڪندس. ڏهہ يا ان کان بہ گهڻا ڪلاڪ. پلا پوءِ آئون ڪيستائين مهارت ماڻي سگهندس؟ ساڌوءَ ڪي لمحا کيس تڪيندي سوچيو ۽ چيو: "وِيهہ سال!"

واقعن کي تڪڙو آڻڻ، يا وقت کي تڪڙو اُڪلائڻ جي ڪوشش ڪندين تہ اُها تڪڙَ توکي بيهاري، منزلَ ڏانهن تنهنجو رستو ڊگهو ڪرِي ڇڏيندي. اهو منهنجو ۽ انيڪ ساڌوئن جو باقاعدي ذاتي مُشاهدو اٿئي. دل جي ڳَنڍِ سان اِن ڳالهَہ کي سدائينءَ لاءِ ٻڌي ڇڏ.

تون چوين ٿو تہ توکي اُتاولائي آهي تہ تون نِرواڻ ڪڏهن ماڻيندين؟ مون کي اچرجُ اِن ڳالهَہ تي آهي تہ ڇا توکي خبر آهي تہ نِرواڻ آهي ڇا؟ پهرين ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت پڙهہ تہ سهي؟

اڄ تہ آئون توکي ٻڌايان تہ نِرواڻ ڇا آهي!

سنسڪرت ۾ نِروانا، ۽ پالي ٻوليءَ ۾ نِبانا لفظ جون بہ ٽي معنائون آهن. مثال طور اُجهامي وڃڻ، تيز هوا سان وسامي وڃڻ، نفيءَ کي شڪست ڏيڻ وغيره. ٻڌ مت جي روايت ۾ ان پراسرار لفظ کي منفي لاڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جن ۾ مادِي ماڻِهتا جو جنون، ڪِروڌَ جو زهر، يا وري هَبڇَ جهڙي باهِہ شامِل آهن. جيڪي عام انساني خواهشن ۾ لوبھ، نفرت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کي پيدا ڪنديون آهن. انهن ٽنهي جذبن يا ذهني حالتَن کي ختم ڪرڻ سان نِرواڻ نِروار ٿئي ٿو.

تون ٻڌاءِ، ڇا تون واقعي انهن ٽنهي شين کي پاڻ منجهان ختم ڪري سگهين ٿو؟

ٻڌ مت ۾ ويساهہ رکندڙان ڳالهَہ تي بہ ويساهہ رکن ٿا تہ جڏهن اهي ٽيئي باهيون مُڪمل طور اُجهامي وينديون تہ ماڻهو ٻيهر جنم جي ڦيري کان آجو ٿي ويندو. ڪِن ماڻهن لاءِ اهو سڀ ويساهہ آويساهہ جو قِصو آهي.

تون هن وقت فقط پنڌ دوران پنهنجن تجربن مان سِکندو اڳتي هل. ان تربيت جي پنڌَ ۾ تہ تو وٽ هڪ ڏکهي منزل پئي آهي ڪاٽڻ لاءِ! نِرواڻ پاڻ ڳالهائيندو تو سان. جڏهن تون ان جي منهن مقابل ٿيندين تہ! اهو تو تي پاڻ ئي آشڪار ٿي توکي ٻڌائيندو تہ تون خواهش، نفرت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کان آجو ٿيو آهين يا نہ!

پر اهو بہ سمجهہ تہ ان منزل تي رَسڻ کان اڳ هڪ ڏکهو پنڌ آهي، "مرڻ مون سين هل تہ پُنيءَ تو پنڌ ڪريان" تائين جو پنڌُ. تون اَڌول-پڻي جي ان يگانِي ڪيفيت کي رَسڻ تائين هڪ ڏکهو پنڌ ڪندين. ڪيترائي ٻوڙِي پانڌِي تہ ان پنڌ جي اَڌَ تي رَسڻ کان اڳ ئي پنهنجي واٽَ مٽائي دنيا ڏانهن وري پوندا آهن.

نِرواڻ بيشڪ هڪ منزل آهي. پر اهو هڪ اهڙي دنيا جو نالو بہ آهي جتي نِروان-ماڻِت پنهنجي جيونَ جي آخري پَساهن تائين رهندو آهي. ان ڪري جو نِرواڻ حتمي شانتِيءَ ۽ آنندَ جو نانءُ آهي. پر حتمي شانتِي، حتمي آنندَ، يا وري حتمي اَثباتَ جي ڳولها تون هن مادي دنيا ۾ ڪيئن تو ڪري سگهين. جتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان فقط لمحاتي خوشيون ماڻڻ چاهي ٿو؟ ان کي ٿون لازوالي احساس جي دنيا ۾ ماڻيندين، جيڪو ڪشتَ سان ئي نصيب ٿيندو.

توکي آراهنت ٻُڌَ ٻوڌي سَتوَ ڇَئَيتز ۽ مئيترِيا جي ڪلڻ، مناڻ ڪائڻ، ورهائڻ، بار ڪٽڻ لاهڻ ۾ ڪو ڏاهپ ڀريو نقطو سمجهه ۾ اچي ٿو. سنتاڪلاز ڇَئَيتز ۽ مئيترِيا ۾ هڪجهڙائيءَ ۾ به نقطو نظر اچي ٿو. مون کي ته ٿون اڳ ئي ٿورو ٿورو تربيت ورتل ٻوڏي لڳين ٿو فلسفياڻه نقطا ڳالهائين ٿو ان ۾ ڪو به شڪُ نه آهي ته ٿون ضرور به ڪنهن پلي تربيتَ مان گذريو هوندين! پر پانڌي! اصل ۾ سچو ماڻڻ ته انهن نقطن کي واقعي به سمجهڻ ۾ آهي، اهو وري اڳيون ڏاڪو آهي! هر ڪو انهن نقطن کي سمجهي نه ٿو سگهي.

جيستائين ٿنهنجو ڏَند-ڪَٿائُن وارو سوال آهي، ان لاءِ آئون ته ايئن چوندس ته هڪ حقيقي قصي مان ٿهيل انيڪ قصا آهن، جيڪي مختلف خِطن ۽ پرڳڻن هڪبئي کان اتساهه وٺي ٺاهيا آهن. پر هڪ حقيقي قصو لازمي آهي، جنهن منجهان ايئن خيال آرائيءَ جنم ورتو هجي.

پانڌي، اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته فقط خيال آرائيءَ ئي اهڙا خيالي ڪردار جَنميا هجن! انساني تخيل اِمڪان جي ڪهڙي حَد تائين وڃي سگهي ٿو اِنساني تخليقيتَ جون حدون ڪيترو اڳتي وڃي سگهن ٿيون. اِن جو ڪاٿو نه ٿو لڳائي سگهجي. ان اِمڪان جون حدُون ماپڻ نه ٿيون سگهجن ته اُهو غير وجود کي ڪيترو وجود بنائي سگهي ٿو. بس اسان جو ڪم شين ۾ موجود ڳَرَ کي جَهٽي وٺڻ آهي، چاڪاڻ ته منجهن هڪ اهم سبق لازمي رکيل آهي.

ياد رک! ٿون پِل ڏَند-ڪَٿائن جي غيرمنطقيت کي ڳُجهارت جيان ڀَڃِڇ، منجهائن منطق ڪڍ، اڄ جي دنيا کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر. منجهائن ڳُجهيون معنائون به ڪڍ، پر انهن کي حتمي معنائون نه سمجهجانءِ، ڪين حتمي سمجهڻ هڪ وڏي چُڪ آهي جيڪا هر نئون پِڪشو اوائلي ڏاڪن تي ڪندو آهي. ٿون معنائون گڏ ڪر، فِڪري لوپيءَ جيان، جيئن لوپُ ماڻهوءَ کي انيڪ مادي هُوندَ جا وکر ماڻڻِ پويان ڊوڙائيندو آهي، تيئن ئي ٿون به ڄاڻ ۽ فِڪر جو لوپي ٿي معنائن پنيان ڊوڙ!

اوستائين ڊوڙ جيستائين عام معنائون نين معنائن ۽ فِڪري پهلوئن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون اچي پاڻ نيٺ بي معنيٰ ٿي پون! ۽ تون ان لوپ مان بہ آجو ٿي وڃين.

تون چيني، جاپاني ۽ هندي ٻوڌي سَتوَئن ۾ فرق وقت سان سمجهي ويندين، رڳو اهي ئي نہ پر هر پرڳڻي جا ٻوڌي سَتوَ يڳاني مزاج ۽ ڪِردارَ جا هجن ٿا. فرق ۽ هڪجهڙايون توکي ان پنڌ دوران سمجهہ ۾ ايندا ويندا. ان تي آئون چوندس: آهستي پانڌي، آهستي! جيئن عُمر ٽڪڙي نہ ٿي گذري سگهي، ان لاءِ وقت جو گذرڻ لازمي هوندو آهي، تيئن ئي اها سمجهہ بہ توکي وقت جي گذرڻ توڙي تربيت سان سمجهہ ۾ ايندي.

معنائن جي ان پنڌ ۾ توکي گذريل وِديا کي اَوِديا ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. هن مرحلي تي آئون توکي اهو نہ ٿو چوان تہ پراڻي سِکيا ٻنهہ وِساري ڇڏ. پر تون اُن کان ٿورو پَرانهون ٿيڻ لازمي سِکُ! تون جيستائين پنهنجي پراڻي سمجهہ کي اَسِکيا ۾ تبديل ڪري اُن جي معنيٰ کان لاتعلق نہ ٿيندين، تنهنجي دماغ ۾ هي خيالُ پنهنجون پاڙون نہ کُپائيندو. بلڪل ايئن جيئن اڳ ئي ڀريل ٿانوَ ۾ ٻيو ڪجهہ ڪيئن ٿو ڀري سگهجي؟

اتي هڪ ٻيو پوسٽ ڪارڊ "ڀريل پيالو" پڙهي پوءِ خط کي اڳتي پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "ڀريل پيالو"**

نَئن-اِن نالي مشهور جاپاني ٻوڌي سَتوَ وٺ ميجي دوَر (1869_1912) ۾ هڪ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر "زين فلاسافي" جو علم چاهڻ آيو. نَئن-اِن کي ساڻس گفتگوءَ ۾ اندازو ٿيو تہ پروفيسر پنهنجن تصورن ۾ ڪافي سخت گير آهي ۽ پراڻن خيالن کي اَسِکيا ۾ تبديل ڪئي بنا هو زين فلسفو سکڻ تہ پري ان جي رُوشناسي بہ نہ ماڻي سگهندو.

هن پروفيسر کي چانهہ آڇي، جيڪا پروفيسر قبول ڪئي. ساڌُو نَئن-اِن سندس پيالي ۾ چانهہ اوتڻ شُروع ڪئي. پروفيسر ڳالهائيندو رهيو پيالو مڪمل ڀرجي ويو. تڏهن بہ ساڌو چانهہ اوتيندو رهيو. ايستائين جو پيالو وهڻ شروع ٿي ويو. پروفيسر پيالي جي ڀرجي هارجڻ کي ڏسي رهي نہ سگهيو. پنهنجي ڳالهہ روڪي، ساڌُو نَئن-اِن کي اَچرجَ مان جهڙوڪر رڙ ڪري چيائين، "ساڌو! هي ڇا پيو ڪرين؟ هي پيالو پورو ڀرجي ويو آهي. ان ۾ هاڻ ان کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ چانهه نه ٿي پيري سگهجي. پنهنجو هٿ روڪي ڇڏ!“

نَئن-اِن وراڻيو: ”بلڪل. آئون به ته اهو ئي چوان پيو ته تنهنجو مثال به ان پيالي جيان آهي، تون به ان جيان ئي پنهنجي پراڻي سِکيا مطابق، راين، اندازن، انومانن ۾ پريل آهين. توکي ٻُڌ مت ڪيئن سمجهايان. جيستائين تون اهو پيالو خالي نه ٿو ڪرين؟“

پانڌي! تو سان آئون ڏِيان ۾ ان جي انيڪ قسمن تي ٻئي پيري لکندس. پر اڄ دوا دارونءَ جي ٻوڙي سَتوَ ڀَئساجيه گُرو بابت لکندس. مون کي ياد آهي ڀَئساجيه گُروءَ تي اسان کي اسان جي تربيتَ جي اوائلي ڏينهن ۾ کوڙ درس مليا هئا..

مون کي ڀَئيساجيا گُروءَ بابت پهريون پيرو مِيڪانگ درياهه جي ڪِناري تي پَسارَ ڪندي ڪچهريءَ دوران ساڏُو تاشِيءَ ٻُڌايو هو. سندس پڙهائڻ ۽ درس ڏيڻ جو طريقو ايئن ئي هوندو هو: ڪنهن به اهم موضوعَ تي ڳالهائڻ لاءِ هو مون کي ٻاهر وٺي ويندو هو باغن ۾، درياهه جي ڪنارن تي، رات جي مانيءَ کان پوءِ قُوان اَئم ٻوڙِيشالا ٻاهران پَسارَ ڪندي..

تاشِيءَ مون کي ٻُڌايو هو ته ڀَئساجيه گُروءَ جو مڪمل نالو ڀَئساجيه گُرو دُريا پَراڀَراجا هو. خبر ٿئي پانڌي، کيس خالص لاپِس لازولي (سنگِ لاجوَرد) جو بادشاه سڏيو ويندو آهي. لاجوَرد هڪ نيري رنگ جو قيمتي پٿر هوندو آهي، جنهن ۾ سمجهيو ويندو آهي ته شعوري روشني، نِرواڻ ۽ سچ جون لهرون موجُود آهن. اهو هندو ۽ ٻُڌ ڌرم مطابق انسان ۾ شعور جي ٽين اک کي جاڳائي سگهي ٿو. اهو پٿر اوائلي دور کان وٺي اڄ تائين وڏي اهميت رکي ٿو.

اُن کان سواءِ مَهايانه ٻُڌ مَت ۾ ڀَئساجيه گُروءَ کي دوا ۾ ڦَڪيءَ وارو ٻُڌ به سڏجي ٿو جيڪو پنهنجي علم ۽ وِچا سان سُورن کي ختم ڪندو آهي. کيس سچ، چنڊ ۽ روشنيءَ جو ٻُڌ به سڏيو ويندو آهي.

قديم گنڌارا جي اُتر-اولهائين پارتي سلطنت ۾ ڀَئساجيه گُروءَ جي شهرت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته گلگت مان لڌل صحيفن منجهان ڪجهه صحيفا ڀَئساجيه گُروءَ جا به آهن.

تون ڀَئساجيه گُروءَ جي تصوير ڏسندين ته توکي هو هڪ مخصوص ٻوڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لباسَ ۾ ويڙهيل هڪ ٻڌ نظر ايندو سندس کابي هٿ ۾ لاجوَرد پٿرَ جي نيري رنگَ جي هڪ صُراحي آهي. ساڄو هٿ گوڏي تي رکيل اٿس. سندس چَوڏاري نيري رنگ جي روشنيءَ جو دائرو آهي. چيني ٻڌ مَت ۾ کيس ٽِن اهم ٻوڌين مان هڪ سمجهيو ويندو آهي جن ۾ اميتابهہ ٻڌ ۽ سئڪيامُني شامل آهن جن تي توکي اڳين خطن ۾ ٻڌائيندس. (ياد رک سَئڪيامُنِي ٿَٿاگتا يعني گوتم ٻُڌَ کي ئي سڏيو ويندو آهي).

سنسڪرت ۾ ڀَئساجيہ گُرو نالي اِن ٻُڌ کي جاپاني ٻڌ مَت ۾ ياڪُوشي نيورائي، تِبتي ٻڌ مَت ۾ سئنگس رِياس يا اوتوچي ۽ منگوليائي ٻڌ مَت ۾ سمان بِلا سڏجي ٿو. اهي سڀ دوا دارونءَ جا ٻُڌ سڏيا وڃن ٿا. جيڪي ظاهري ۽ داخلي بيمارين کان ماڻهن کي آجو ڪن ٿا. ٻوڌِين جو اهو بہ ويساهہ آهي تہ پاڻيءَ تي هڪ سَؤ اَٺ ڀيرا سندس نالي جو منتر پڙهي پيئڻ سان ماڻهو هر قسم جي روڳَ مان آجو ٿي ويندو.

سچ اهو آهي پاندي، تہ اسان کي ٻُڌايو ويو هو تہ سائيگان جي ڦُوان اَئم ۾ صبح جو سوير، سِچُ-نمشڪار کان اڳ ۽ پوءِ جيڪو پاڻي اسان کي پياريو ويندو هو اُن تي سَؤ اَٺ ڀيرا اُهو منتر پڙهيل هوندو هو. اسين اهو پاڻي ڏاڍي شوقَ سان پيئندا هئاسين، ڇاڪاڻ تہ اسان کي اُن پڙهيل پاڻيءَ جي اهميتَ تي درسَ ڏنا ويندا هئا. سچ اِهو ئي هو تہ اسين نوان ٻوڌي اُهو پاڻي پيئندي ئي پاڻ کي توانو محسوس ڪندا هئاسين. اِها بہ حقيقتَ هئي تہ اُن پاڻيءَ پيئڻ جي ڪري وِرلي ئي ڪو بيمار ٿيندو هو.

اسين ڀَئساجيہ گُروءَ جا ڏنل ٻارنهن اُصول ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو ضرور پڙهندا هُئاسين. وِردَ جيان، ورجائي ورجائي. ورجائي پڙهڻ جي ڪري اُهي اسان کي بَرزبان ياد ٿي ويا هئا. اسان جا تَربيت-ڪار اسان کي ٻُڌائيندا هئا تہ ورجائڻ جي اهميتَ هئي. بلڪل ايئن جيئن حق ۽ سچَ کي ورجائجندو رهجي تہ جيئن ورجائيندڙ جي اندر ۾ اُهو سچُ ۽ اُهو حقُ رَچي، وَسي. اُن کان پوءِ اُن کي هر ڪو ٻُڌي ۽ اُهو هر ٻُڌندڙ جي ذهنَ ۾ بہ رَچي ۽ وَسي.

سندن خيال بلڪل صحيح هو تہ ورجائجندڙ تصور جو واڪو پنهنجي داخل ۾ توڙي خارِجَ ۾ هر جاءِ تي پنهنجو خيال، معنيٰ ۽ اثر ڪوڙيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀَٽساجيہ گُرو جي ڏنل اُنهن ٻارهن اُصولن کي سندس قَسم يا واعدا بہ سڏبو آهي، جن ذريعي شعور جي جوتَ ۾ چاڻ ماڻي سگهبي آهي. انهن واعدن جو تَتُ اهو آهي تہ ماڻهن جا دماغ نيري لاجوَرد پٿر جي روشنيءَ سان روشن ڪري کين غير رُوحانيت، جِسماني ۽ ٻين غير ضروري خواهشن. اُج ۽ ڪاوڙ مان ڪڍي ٻوڌ-سَتوَنِي دَکَ تي آڻجي، کين اخلاقي سگهہ ڏئي ٻوڌِي بنائجي، بدحالي، جسماني بيمارين، لاچارين، ذهني خلفشارن ۽ پوڳنائن کان آجو ڪجي. انهن مڙني ٻوڌِين کي ٻُڌ جي اِن فِڪر جي پوئواري هڪ ڏَند-ڪَٿائي ڪردار بنائي ڇڏيو هو اهڙي ڏَند-ڪَٿا جيڪا ايندڙ دورن جي رازن تان پردن کڄڻ جا اُهڃاڻ ڏئي ٿي، بس انهن ڏند-ڪَٿائُن ۾ اندر رکيل اِسرارَ کي سمجهڻ وارو شعور گهرجي، پانڌيا!

ڀَٽساجيہ گُرو بابت پڙهي جيڪي بہ سُوال تُنهنجي ذهن ۾ اچن ٿا سي پيلي لِکُ، پر ڏِيان جاري رک. تون ڏِيان مهل ساهہ جي ڪٽڻ ۽ ڇڏڻ تان خيال نہ هٽائجان، نہ ئي دماغ جي باخبري ۽ باهوشِيءَ کي ڇڏجانءِ! هن خط ۾ توکي دوا دارونءَ جي هن ٻُڌ سوچڻ جو ڪهڙو نُقطو ڏنو؟ اُهو بہ لِکُ.

تو اسان جي دؤر ۾ سنڌ ۾ ٻوڌي نارِيُن بابت پڇيو آهي. سچ اِهو آهي پانڌي تہ ٻُڌ مَت سنڌ ۾ تڏهن بہ، اڄ جيان ئي، نهايت ئي ماٺ ۾، ڪنهن بہ سماجي ڇؤٻولَ کان سواءِ هلي رهيو هو اِهو سوچيندي تہ ان جي پَکيڙ سان ويري اُن کي ناس ڪري ڇڏيندا. ننڍي کندَ جي تُتڻ کان پوءِ هِتي ٻوڌيشالائن پؤ جي اِن زور هيٺ رهندي هميشہ آهستڙي ۽ ماناريِ وِک کڻئي.

اوهان جي دؤر مان آسَ آهي تہ شايد اوهين نِروار ٿي ڪري اُن جي وسيع تَر پکيڙ ڪري سگهو. اسان جي دؤر ۾ تہ مُلڪ ۾ خود کي ٻوڌِي سڏائڻ بہ جيءَ جانَ جو جوکو هو.

پر ناس ٿيڻ جو خوف بي سبب نہ هو. ٻوڌِي-دَرن جي وجود سان ويرَ جا واقعا پيا ٿيندا هئا. اسين ساهُ بہ جهڙوڪر آهستڙي کڻندا هئاسين، لڳندو هو تہ ڪٿي اسان جي ساهُ کڻڻ منجهان بہ اسان جو ٻوڌِي-پڻو ويرين آڏو پَڌرو نہ پوي.

تنهنجو ساڌُو لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پيارا گُرو،

اج ذهني جُمود بابت لکندس! هفتن تائين خيالَ جو ڪنهن هڪ ئي جاءِ تي اَٽڪي بيهڻ. اهو جُمود ئي تہ ٿيو نہ؟

اڳ وارن خطن جي پيٺ ۾ هيءُ جوابُ دير سان لکان پيو. دير جو سبب عجب ۽ پُراسرار آهي. هڪ عجب انگيز ڪيفيتَ اچي ويڙهيو اٿم. جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جي واٽَ ئي نہ ٿي سُجهيم. ان ڪري ئي چوڪو وقت تو ڏي نہ پئي لکي سگهيس. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ مان ان ڪيفيت مان نيٺ آجو ٿي هاڻي لکي سگهان پيو. نہ! ايئن نہ آهي!

سچ اهو آهي تہ لڳاتار ٻن هفتن کان ڏِيان مڪمل نہ ڪري سگهيو آهيان. اها ڪيفيت ايتري تہ زور آور آهي جو اُن جي چار ۾ ويڙهجيو ڏِيان اڌ ۾ ڇڏيو وِهيو رهان. ان منجهان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي بہ نہ پيو نڪري سگهان. نہ ڏِيان پورو ٿي سگهيو آهي نہ ننڊ. نہ ئي ڪا ٻي مشق يا ٻوڙي خدمتَ جو ڪم ڪيو اٿم انهن ڏينهن ۾!

تون حيران ٿيندو هوندين تہ آخر اُها ڪيفيت آهي ڪهڙي. جيڪا ڏِيانَ مهَلَ ڪوهِيڙي جيان منهنجي دماغ کي ويڙهي وٺندي آهي. اِها ڪيفيتَ ان ڏينهن کان شروع ٿي، جنهن ڏينهن مون کي تنهنجو تفصيلي خط مليو.

رات جو پهريون پَهر هو. ڏِيان جي هڪ ٻي ڪوشش مان واندو ٿيو هئس، پهرين تہ انتظار ڪيم تہ اِجهو ننڊَ اچي ۽ مون کي پنهنجن نرم پاڪُرن ۾ پري ڪٺي هلي وڃي پر ايئن نہ ٿيو. هونئن راتَ جي هن پهرَ مان ماڻَ قائم رکي ننڊ پيڙو ٿيندو آهيان. پر ان رات خيالن ۾ ايترو تہ شور هو، جو مون کان ننڊ پري ٿي وئي. اچانڪ تنهنجي خط پڙهڻ جي سَڌَ ٿيم. اُن کي ٿاڻ جي ڪوشش ڪيم. پر اُن مون کي سمهڻ نہ ٿئي ڏنو سو مون اڳ ۾ تنهنجا موڪليل پوسٽ ڪارڊَ پڙهيا ۽ پوءِ خط پڙهيم. ٽَنن ـ اِن جي. ۽ نئين ٻوڏيءَ جي نِرواڻَ تي رسڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتاولائيءَ وارا قصا منهنجي شعور جا بند دروازا کوليندا ويا. لڳم تہ هاڻ اُهي ڪليل دروازا ٻين انيڪ شعوري دروازن کي بہ کوليندا ويندا. خطَ جي هڪ هڪ لفظ پڙهڻ وارو لمحو خوابَ ساپيان تيڻ جي شاهدي هو. مان خطَ پڙهڻ واري هر لمحي منجهان سِڪيس پئي. اِهو سَمجهندو بہ پئي ويس تہ هاڻ انتظاريءَ جي سَگهہ ڏارڻ سولي ڳالهہ هئي. اها ئي سَگهہ نِرواڻ ڏانهن منهنجا ڳس کولِيندي، جِتان کان اڳتي هلي نِرواڻ ڏانهن وِکون وڌائِيبيون.

خط پڙهڻ مهل هڪ پل لاءِ لڳو تہ ڪنهن هٿ کان جَهلي مون کي ڪو لقاءُ پَسائڻ چاهيو آهي. پر اهو وقت جي هڪ ذرڙي لمحي جو احساس هو. هڪدم اُن احساسَ جي اثرَ منجهان نڪري آيس. خيالن کي جڻ پنواتِي آئي هُجي. هيڏي هوڏي نِهاريُم. سڀ ڪجهہ تہ ساڳيو هو! وري خط پڙهڻ لڳُس. اهو خط انيڪ ڀيرا پڙهيم. هر ڀيري ڪجهہ پلَن لاءِ اُهو ئي لقاءُ پَسيُم. ۽ هر ڀيري پڙهڻ سان لقاءَ ۾ رتيءَ برابر وُسعت پَسيم. ڪجهہ پَلن جو اُهو نظارو حقيقت هو يا ذهني اِختراع، سمجهي نہ سگهيو آهيان!

لقاءُ هيئن هو: جڻ ڪو مون کي هلندڙ هوائن، مِينهَن جي رَيلن، ٻيڙَن جي ٺڙڪندڙ سِڙهن جي آوازن وِچ ۾ ڪنهن اَجاتي منزل ڏانهن نيو پئي ويو. يقين ڪندين، ساڌُو، تہ اُهي مِينهن، هوائُن ۽ سِڙهَن جا آوازَ هينئر بہ منهنجي ذهن ۾ ڪيترا نہ چِٽا آهن؟ جيئن ئي ڏِيان شروع ڪريان ٿو، اهو گهڻ-رُخي آواز مشيني رڪارڊر جيان وجڻ ٿو شروع ٿئي، نہ رڳو آواز پر ڪالهہ رات جيئن ئي اکيون بند ڪري سمهڻ لاءِ ليٽيس تہ اکين آڏو انهن ئي آوازن تي ٻڌل فِلمَ ٿِئي هلڻ شروع ٿِي وئي.

ها ساڌو! انهن آوازن کي هاڻي تصوير بہ ملي پئي. ان مون کي هيبَت ٿئي ڏني. اهو لقاءُ هو تہ خواب جهڙو پر ان ۾ خواب جهڙي بيخبري نہ هئي، منجهس رهي ڪري بہ باخبر هئس. گهٽَ ۾ گهٽَ اُن نظاري کي روڪِڻ تہ منهنجي ضابطي کان ٻاهر نہ هو پر ان ۾ بار بار داخل ڪيئن پئي ٿي ويس، خبر نہ ٿئي پيم اُن جي.

ڌِيان جي حالت اها آهي تہ مان ان ۾ اڳتي وڌڻ بدران جميو مُنجَمِد ٿيو بيهيو رهان، وري نئين سر ڌِيان شروع ڪريان. اِرتڪاز نہ ٿئي تہ بنيادي مشقون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورجايان. آهستي ساهہ ڳڻڻ واريون. پر ڏِيان ۾ پندرهن ساهَن پڄاڻان ڳڻَي ئي نہ سگهان. لقاءَ جي جادوءَ ۾ جَهلجيو پوان. وري نئين سِر ڳڻپ شروع ڪريان. نيٺ ٿڪجيو پوان. لڳي ٿو اهو لقاءُ جهڙوڪر هڪ اهڙي ڪهاڻِي آهي جيڪا هر ڏينهن تاڪِين جيان پٺي کُلندي وِيندي. ان ڪري ان کي اڳتي وڌڻ کان اڳ ئي روڪيو ڇڏيان. خوف ٿو ٿئي تہ ان ۾ اڳتي ڇا هوندو؟

هر ڏينهن اُن لقاءَ ۾ ڪو نئون نقطو نئين ڳالهہ. ڪو نئون خيال داخل ٿئي ٿو. ڪوڙ ساترو سوچيو اٿم تہ اهو نُقطو داخل ڪرڻ منهنجي لاشعور جو ڪم آهي يا واقعي مان اهو سڀ ڪجهہ ڪٿي ڏسندو ڏسان ٿو؟ منهنجي داخليت ۾ اهو لقاءُ هلي رهيو آهي يا ڪنهن خارجي لقاءَ کي پسان پيو؟ جيڪو ڪٿي پيش اچي چڪو آهي. هلي رهيو آهي. يا وري ايندڙ وقت ۾ اهو پيش ايندو؟ مان ڪيئن چوان تہ اهو ڇا آهي؟

منهنجو ڏِيان سماڌيءَ تي نہ ٿو رسي. مان جيترو پويان وڃانس ٿو. اُهو سرڪش گهوڙي جيان مون کان ٿَهي ٿو. مونکان ڏِيان ڇُٽي وير تہ پوڙهي سَتوَ ٿيڻ جو ڏبُّ بہ وڃائجي ويندو پوءِ حياتيءَ جو باقي ڪهڙو مقصد رهندو؟ بڏاءِ پوڙهي سَتوَ! تصورن ۾ هلندڙ هيءُ قصو منهنجيءَ جاڳَ جو خواب آهي يا ننڊ پڄاڻان ايندڙ خوابن جهڙو خواب؟ مهارت ماڻڻ جي تڪڙَ مون ۾ هاڻ نهوڙجي نِستِي ٿي وئي آهي.

پيارا پوڙهي سَتوا! تو جهڙو ويڄُ مون کي ان پيڙَ مان آجو ڪندو. تون تہ ڄاڻين ٿو تہ ڏِيان ۾ ناڪامي مون تي پوڙِيشالا جا دَرَ سدائينءَ لاءِ بند ڪري ڇڏيندي! تو ٻُڌايو تہ ڀِڪشُوءَ جي تڪڙ ڏسي ساڌوءَ سندس ڏهن سالن جي مشقن جو مُدو وڌائي ويهہ سال ڪري ڇڏيو اهو بہ ڏسيئي تہ مان بہ وقت کي تڪڙو اُڪلائڻ جي سَڌَ ۾ منزل ڏانهن پنڌ ڊگهو ڪري ڇڏيندس. مون کي ان تڪڙَ جي سزا تہ نہ پئي ملي؟

تو نِرواڻ/نِبانا جي معنيٰ لکي. نہ ڄاڻان ڇو سنسڪرت جي نِروانا کان پالي ٻوليءَ جو لفظ نِبانا وڌيڪ موهيم ٿو؟ جي نِبانا واقعي بہ خواهش. نفرت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کي ختم ڪرڻ سان ايندو تہ پوءِ اسان جو هي جوکو رُڃن پنيان ڊوڙڻ نہ آهي؟ ڇاڪاڻ تہ اسين ڪڏهن بہ نہ تہ حتمي خواهش. نہ وري حتمي نفرتَ ۽ اڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄاڻائيءَ کان آجا ٿي سگهنداسين! علم جي وُسعت ئي ڪٺجي، اَڻ ڄاڻائيءَ کي ڪيترو بہ ختم ڪجي، اڄان گهڻو ڪجهہ سدائين رهندو جيڪو نہ ڄاڻي سگهبو. حتمي طور اڻ ڄاڻائيءَ کان آجو ڪيئن ٿبو؟

يا تون سمجهين ٿو تہ انسان ڪنهن ڏينهن سموري ڄاڻ ماڻي، ازلي طرح باخبر ٿي پوندو ۽ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ وٽس ڪجهہ باقي نہ رهندو؟

ٻئي پاسي منفي خواهشن، هَوَس ۽ نفرت کان ماڻهوءَ جو ذهن ڪيئن آجو ٿيندو جيستائين انساني سماجَ مڪمل طور سُڌرن نہ؟ پلي ٻُري جو فرق، ڪُڌائپ ۽ ڪِروڌ جو جاري رهڻ انسان کي منفيت جي شدتن کان ڪيئن پري ڪندا؟

مان سوچيندو آهيان تہ ٻوڌي تربيت هيٺ تبديل ٿيندڙ ذهن پلي تہ پنهنجي اندرَ مان سيئي منفي لاڙا ختم ڪري ڇڏين پر هُو جِبلتي خواهش مان ڪيئن جان ڇڏائيندا آهن؟

اهو تہ ٻنهہ اَڙانگو جوکو آهي، سدائين رهيو هوندو ۽ اڳتي بہ رهندو انسان پنهنجي بنيادي ۽ فطري خواهشن کان ڇو پري ٿئي؟ هو اهو ڪيئن سگهيو؟

اصل سُوال تہ اِهو آهي پيارا ٻوڌي سَتوَا! ڇا انهن فطري خواهشن کي ضبط ڪندي ئي نرواڻ ماڻي سگهبو؟ پوءِ تون ان نِرواڻ تي ڪيئن رَسئين؟

منهنجي تربيتَ مڪمل ٿئي ان ۾ تہ اَڻ کُٽ منزل پئي آهي.

مٿان هي مُنهنجي حالتَ ڏِسُ، مان هاڻ ڇا ماڻي سگهندس جڏهن ڏِيان کان ئي پَرانهون آهيان! مون کي ٻوڌيشالا مان جيڪڏهن نيڪالي ملي تہ هيءُ جلاوطن رُوح ڪٿي ڪيڏانهن ويندُس؟ تو مرڻ پُنيءَ هلڻ جي ڳالهہ ڪئي، مان ڌِيان جي ناڪاميءَ تي سوچيان ٿو تہ مون کي تہ رُڳو ڌيانَ جو هيءُ جبل بہ پار ڪرڻ کان اُوچو ٿو لڳي.

ايئن نہ آهي تہ ڌِيان ۾ ناڪاميءَ جي لاچاريءَ ڪري مان ڪجهہ سمجهان نہ پيو! سمجهان تہ پيو تہ مان هاڻ تنهنجي موڪليل قصن جي ڏَند_ڪٿائي مزاج کي ڦلهوريندس. اِهو بہ سمجهندس تہ وصفون ۽ معنائون حتمي نہ آهن. وصفون ۽ معنائون ايئن ئي ڳوليندس جيئن لوپي لوپَ پنيءَ سرگردان هوندو آهي.

پر سوچيان ٿو تہ ٻوڌي عقيدي موجب ڇا واقعي لاپِس لازوليءَ يا لاجوَرد پٿرَ جي نِيراڻ ۾ شعوري روشني، نِرواڻ ۽ سچ جون لهرون موجُود آهن يا اهي معنائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسڻ ذهنن جي خصلتَ هئي ۽ آهي؟

دوا دارونءَ جي ٻڌ يَئساجيہ گُرو بابت پڙهڻ کان پوءِ تنهنجن ايندڙ خطن جي اوسيئڙي ۾ آهيان جن ۾ تون سئڪيامُنيءَ ۽ اميتابہ ٻوڌين بابت عجيب ۽ حيران ڪُن ڳالهيون لکندين. جيئن يَئساجيہ گروءَ جا هر خِطي ۾ مختلف نالا آهن، ڇا ٻين ٻوڌِي سَتوائن جا بہ ايئن ئي هر خِطي توڙي ملڪ ۾مختلف نالا آهن؟

ڇا پاڻيءَ تي هڪ سَؤ اَٺ ڀيرا ٻوڌِي منتر پڙهي پيئڻ سان بيماريون ختم ٿي وينديون؟ اها بہ تہ ڏَند..ڪٿائي غير منطقيت جهڙي ئي ڳالهہ ٿي نہ؟ اهو بہ تہ غير عَقُلي تصور ٿيو نہ ساڌو؟

ڇا واقعيِ اِهي مَنترَ معروضي وُجُودن ۽ شين ۾ تبديلي آڻي سگهن ٿا؟ منترن ذريعي انسان فطرت کي پنهنجي منشا موجب موڙي سگهندو؟ دماغ ۽ هٿن سان تہ انسان واقعي بہ نہ رڳو دنيا جي مادِي ۽ خيالي صورتَ بدلائي آهي، هوا ن کي هر دؤر ۾ پيو نيون شناختون بہ ڏيندو آهي،پر ڇا هُوانهن منترن سان معروضي وُجُودن تي حاڪميت بہ ڪندو؟ منطق ڪيئن تومجي سگهي ان ڳالهہ کي.

خيال کي ڇا آهي ٻوڌِي سَتوَ؟ ان کي وري ڪهڙو جسم آهي جو حدبندين ۾ رهي، اُهو تہ پيو ڦِرندو پيو شعورن مان ۽ ٻولين مان گُذري پاڻ کي هڪ پاسي ڪندو يا تہ توهم پرستيءَ يا وري عقليت پسنديءَ سان جُڙندو. ايئن اهو طئہ ڪندو تہ سندس اڳتي جو جياپو عقلي يا غير عقلي هوندو.

تون ڇا ٿو سمجهين، ساڌُو! جيڪڏهن منطق کي رد ڪندي ڪو خيال اڳتي ويندو تہ اُن جي اُڏارَ سَگهي ۽ بي معنيٰ نہ هوندي؟

يَئساجيہ گُروءَ جا ٻارنهن اصول پڙهيم تہ لڳو هُو ٻوڌِي سَتوا سان گڏوگڏ هڪ سماج سُڌارڪ بہ هو. ماڻهن جون رُوحاني توڙي مادِي حياتيون بهتر بنائڻ جو خَفو هوندو هئس. اِن ڪري هو بيمارين جو ويڄ ٿي بيٺو. پر ساڌُو جسماني بيمارين کان آجو ڪرڻ واري رَسمَ تہ حضرت عيسيٰ کان بہ پراڻي آهي، يا مسيح جي هسعصر دؤر ۾ ڏرتيءَ جي ڪنهن ٻي ڪُنڊ تي بہ اها. پيڙا منجهان دارونءَ ذريعي آجو ٿيڻ واري رسمَ رهي آهي. جنهن جو انسان جي انسانيت سان ۽ محبت توڙي سخاوت سان وڏو لاڳاپو رهيو آهي. تڏهن بہ منهنجي خيال ۾ جسماني بيمارين کان دوا يا ماڻهوءَ جون پنهنجون حفاظتي تدبيرُون ئي بچائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن ٿيون. بيمارين کي منترن جا ڦوڪا ڇا ڪندا؟

جيستائين ٻوڙ ـ سَتوئي ڏکَ جو تعلق آهي. اُهو آهي ڇا؟ ان کي ڦلهورڻ جي ضرورت آهي. اهو ڏکُ جيترو نظر اچي ٿو. اُن کان وڏيڪ وسيع، عميقُ ۽ گهڻ پهلوئي هوندو. پر اُهو غير منطقي ڪيئن هوندو جنهن ۾ منترن تي ايئن ويساهُ ڪجي؟ تو شايد صحيح چيو ته انهن ڏَند ـ ڪٿائي قصن منجهان حقيقت جا اُهڃاڻ ڳولڻا آهن. انهن ڏند ـ ڪٿائن کي پرولين جيان پيچٽو پوندو.

پيارا ٻوڙي سَتوا! ٻڌاءِ، منترن تي يا ٻَڌ مَت جي ڪنهن به پهلوءَ تي مُنهنجي هِن تنقيد جي ڪري ڪٿي مُنهنجي ٻوڙي تربيت تي اثر ته نه پوندو؟ تون منهنجي سِکيا ته جاري رکندين نه؟ ڏيان ۾ منهنجي ناڪاميءَ جي هيءَ ڪيفيتي وارتا پڙهي به مون ڏانهن پنهنجا پَتر ۽ پوسٽ ڪارڊَ موڪليندو رهندين؟ مون ۾ ڪا وڏي چُڪَ پَسين ته "فَضل جو قيرو" ڪجانءِ. اِهو سوچي ته شايد منهنجي اندر جو پيالو اڃان خالي نه ٿيو آهي! ڇا جاپاني ساڌوءَ نَئن ـ اِن جي مثالَ جيان منهنجي اندر جي پريل پيالي مان به اوتجندڙ چانهه هارجي پئي؟ ٻُڌاءِ اهو سڀ اِختراع آهي يا حقيقتَ؟ يا مان اڃان پراڻي سِکيا کي اَسِکيا ۾ ۽ گِيانَ کي اَگيانَ ۾ تبديل نه ڪري سگهيو آهيان؟

ڏِس ساڌو! ڌيانَ جي ناڪاميءَ مون کي ڪيئن نه ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. مُنهنجي دل به عقل تان ٿِڙي پئي.

هڪ پَلَ لاءِ اِهو سوچيم ته توکي مِنٿ ڪريان ته دوا دارونءَ جي ٻَڌ (پِئساجيه گُرو) کان مون کي ڦَڪي وٺي ڏي! ڪاش ته لاجوَردَ جي نِيري صُراحيءَ ۾ واقعي به مُنهنجي هن پيڙا جي ڦَڪِي پيل هجي!

ڏِس، وري ثابت ٿيو! هڪ ڀيرو وري ثابت ٿيو ۽ بار بار ثابت ٿيندو رهيو آهي ته توهم پرستاڻي سوچَ اِنسان جي ڪمزور لمحن جي تخليق آهي ۽ اُنهن ڪمزور لمحن مان جان آجِي ڪرڻ جو جڏهن ڪو به حل نه ٿو سُجهي ته ماڻهو ايئن غير منطق آڏو هيڄُ ٿي ڍِهي ٿو پوي.

آخر ۾ مان هڪ ڀيرو ٻيهر به چوندس ساڌو، اِنهن صُراحين ۾ ڪي به اهڙا مشروبَ يا ڦَڪيُون نه هونديون آهن. جن ۾ انسانَ جي پيڙا ختم ڪرڻ جا اهڙا حلَ هجن جيڪي مخصوص لفظن کي اُچارڻ سان مِلي پوندا هجن. انسان مادِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِيو آهي، ان جي حياتي بـ مادِي دنيا جيان. داخلي ۽ خارجي حالتن ۾ اِيندڙ تبديلين جي ڪري مَتبي آهي، نـ ڪِي ڪرامَتي لفظن ۽ مشروبن سان.

ڇا بُڌ مَت جي مِڙني مڪتبن ۾ اهڙا ئي خيال موجود آهن؟ مون کي ٻوڌي مڪتبـ فڪرن بابت ضرور لکجائين، ساڌو!

تنهنجو پانَڪ ٻوڌِي جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو آهيان. بيحد پُر امن، ۽ جذبي سان ڀرپور بہ!“
ساڏوءَ اُن ٿي شانت نظر سان ڪيس نِهاري چيو. ”گُذري ويندي!“

سو پانڊي، هر گهڙي گُذري وڃي ٿي. ڏُکي هجي، ڪٺي سکي هجي! مون ڪي جيون جي پيچيدگين ۽ شدتُن واري پيڙا واري دؤر ۾ سدائين اهو خيال هلڪڙي تسڪين ڏيندو رهيو آهي تہ هر اَوکِي گهڙي گُذري ويندي آهي. ان ڪري اُن مَنجهان گذرڻ مهل واري نازڪ دؤر ۾ اها ڳالهہ سُک ڏيندي آهي تہ ڇا ٿيو جو اوکِي گهَڙِي ترسي پئي آهي. نيٺ ڪيترو ترسندي؟ نيٺ تہ گُذري ويندي.
ان سان واڳيل هڪ ٻي اهم ڳالهہ بہ آهي: سا آهي منجَهہ جي ڳَراڻ جي. اندر جي سَگَهہ، ظرفَ ۽ وقارَ جي.
مثال، گُذري تہ هر گهڙي وڃي ٿي پر تمام وڏو فرق پوي ٿو تہ ماڻهو اُنهن ڏُکين لمحن کي گُذاري ڪيئن ٿو! سگَهہ سان. يا ڪمزور ٿي وِکرڻ سان؟ آئون توکي ٻُڌايان ٿو. جُمود جو ۽ تحرڪ جو احساس. ٻئي داخلي آهن. غور ڪج تہ مون احساس جي ڳالهہ ڪئي. جيڪو دماغ پئدا ڪري ٿو. جيتوڻيڪ خارجيت ۾ بہ جُمود ۽ تحرُڪ ٻئي آهن، پر احساسن تي ضابطو ڪندڙ اصل اختياري خود دماغ آهي جيڪو اوهان کي مختلف احساس ڏيندو رهي ٿو.
دراصل تنهنجي اندر جي خوف اُن لقاءَ کي جُمود سمجهيو پر اُهو جُمود تہ نہ هو! ان لقاءَ کي روڪڻ بدران ڇيهَہ تائين ڏسين ها! پر تو تہ ان کي ڏِيان جو حصو ئي نہ سمجهيو! تہ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ توکي ڪهڙي پاسي وڃڻو آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن ٻئي پار رَسڻ نہ رَسڻ سوچَ جو مسئلو بہ هوندو آهي. هي ٻيو پوسٽ ڪارڊ ”هُن پاسي“ پڙهي پوءِ اڳتي پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ ”هُن پاسي“**

هڪ ڏينهن هڪ نئون ٻوڙي پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو. هڪ وسيع درياهہ جي ڪنارِي تائين آيو تہ ڏٺائين اُتي ڪا ٻيڙي نہ هئي. پنهنجي پنڌَ آڏو هيڏي رنڊَڪ کي ڏسي لاچاريءَ منجهان سوچيائين تہ اِن درياهَہ مان ڪيئن پار پئبو؟
اڃان هو پنڌَ کي اڌ تي ڇڏڻ جو سوچي ئي رهيو هو تہ درياهہ جي پَرئين پِرِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پنهنجي گُروءَ کي ايندي ڏٺائين. رڙ ڪري پڇيائين. ”او ڏاها ساڌو مون کي ٻڌائي تہ آئون ٻئي پاسي ڪيئن وڃان؟“ گُروءَ ڇوڏاري نهار وجهي کيس ڏٺو ۽ چيو. ”تون تہ اڳ ئي ٻئي پاسي آهين.“

سو ڌيانَ جي ان مُشاهدي دوران تو اهو چو سوچيو تہ تون بي راهہ پيو ٿين؟ جنهن ڪيفيت کي تو منزل کان پري ڪندڙ سمجهيو آهي، سا پنڌ جو لازمي حصو ۽ منزل ڏانهن هڪ وِک اڳتي بہ ٿي سگهي ٿي؟ تو ان کي ايئن چو نہ سوچيو؟ ان ڪيفيتَ يا حالتَ کي اڌ ۾ روڪڻ لاشعور ۽ شعور تي ڏاڍ ٿيندو. ان لقاءَ کي وڌيڪ ڦلهور. کول اُن کي، ڳولهہ اُنَ مَنجهہ. توکي انيڪ سُوالن جا جوابَ اُتان ئي ملندا.

ٻڌاءِ اختراعَ مان تنهنجي مُراد ڇا هئي؟ جيڪو تون پَسين ٿو ان وقت اُهو ڀيو ڪو ماٺهو نہ بہ پسي رهيو هجي تہ بہ اُهو تنهنجو داخلي ۽ ذهني لقاءُ ٿيو شعوري نہ ڪٿي پر دماغ جي ئي ڪا اٽڪلَ ضرور هوندي. ان کي اِختراع سڏڻ بدران سمجهہ ايئن ئي لاجوَردَ جي نيراڻ ۾ شعوري روشني، نِرواڻ ۽ سچ جون لهرون شعور جون پيدا ڪيل نہ آهن. سندس اهو ڳُڻ نيراڻ ۽ مخصوص قسمَ جو پٿَر هئڻ جي ڪري آهي. تنهنجي مرضي آهي تہ ان کي عقلي يا غير عقلي قرار ڏين!

حقيقت ۽ اِختراع ۾ هڪ ٻي هڪجهڙائي اِها آهي تہ ٻئي انساني شعور تي مدار رکن ٿا تہ شعور ذريعي پَسيا ۽ سمجهيا وڃن. ان ڪري اِختراع کي حقيقت جو دشمن نہ سمجهہ. اُهو انساني شعور جي انيڪ لقائن منجهان هڪ آهي. ها، حقيقت کي اِختراع ۽ اِختراع کي حقيقت سمجهڻ بي راهہ ٿيڻ آهي.

ڌِيان ڇا آهي، ان جي توکي اجان سمجهہ پرک نہ آهي. تون مُشاهدو ڪندو رهہ. اڄ آئون توکي ڌِيانَ بابت تفصيلَ سان لِکان ٿو.

تنهنجي هڪ سُوال جو جواب اِهو آهي تہ ها، مختلف پرڳڻن ۾ ٻوڌي اصطلاحن جي معنيٰ اتان جي ٻولين جي مزاج موجب آهي. مِثال طور، ڌِيان بابت پڙهہ. سَنسڪرتَ ۾ ”ڌِيان“، پالِيءَ ۾ ”جهانِ“، چينيءَ ۾ ”شَئان“، ڪوريائيءَ ۾ ”سون/زون“، ۽ جاپانيءَ ۾ ”زين“ سڏجندڙ ان مشق جو مزاج بہ هِڪ نئين چاول پار جيان آهي، جيڪو آهستي آهستي وڌي ويجهي ٿو. اوائلي ڏاڪي تي جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار منجهان ٻوڙڻ جي اُميد رکڻ عَقُلي ڳالهہ نہ ٿيندي. ٿيئن ٿي، اهو ڪيئن مُمڪن آهي تہ اوائلي ڏاڪي تي ڌِيان ۾ پِڪشوءَ جون مَتيُون نہ مُنجهن؟

ياد ڪر! مون اڳ بہ تنهنجي ان ڪيفيتَ کي ڀِتائيءَ جي بيت جي فڪر سان پرکيو هو تہ سِڪڻ جي سَڌَ ۾ تو تہ اڃان گهاٽَن کي تِرُ جيترو بہ نہ سَنو آهي. اُهي عشقَ ۽ محبوبَ جا گهاوَ جَهلي جالِڻ تہ اڃان پرانهون پنڌ آهي. تون تہ هوا جي گُهلڻ تي جُهري پيو آهين. پانڌِيَ!

منهنجو مطلب اِهو تہ ڌِيان جي قِصن جي پُروڙ پوندئي تہ تنهنجا لَڱَ ڏڪندا تہ وجدان جا ڪهڙا ڪهڙا نہ مقامَ ٿيندا آهن! پر اُن کان اڳ جا پنڌ ڪيئن نہ پير پٿُون ڪندا؟ ڪيئن سَڌُون بيهڻ نہ ڏينديون. جسمُ جواب ڏئي بيهندو. ٿَڪُ حوصلا پَست ڪندو. اندر جي هيجان کي مانو ڪندي ڪندي نِسَتو ٿي پئبو! جسماني ۽ ذهني ٿانئيڪائي ماٺڻ جي سَڌَ رستي-روڪَ ڪندي! ٻُکَ لوپ ڏيندي. ڪنهن مهل ڌِيان ۾ سوپَ ترنگ ڏيندي تہ ڪنهن مهل ناڪامي احساسَن کي زخمي ڪندي. انيڪ رنڊڪون سُجهندي پاسنديون. اهو سمجهي رک پانڌيَ!

مثال طور نِرواڻ جي پنڌ ۾ اِرتڪاز کي پنج شيون رنڊڪ وِجهن ٿيون: پهرين حواسن جو لوبُ، ٻين نفرت ۽ ڪِروڌ. ڪاوڙ ۽ بَد-اِراديءَ جا احساس، ٽين سُستي، چوٿين بيچيني ۽ چِنتا جو بار بار اچڻ. ۽ پنجين شَڪَ يا بي اعتباريءَ ۾ رهڻ آهن. توکي انهن منجهان ڪهڙي رُڪاوٽ پريشان ڪيو؟

هڪ ٻيو سوال. تون ٻوڌِيشالا ۾ سِکيو هوندين تہ ڌِيان ليٽئي. وِيَنَي. ٻِيَنَي. ويندي هلڪي پَسار دوران بہ ڪري سگهجي ٿو؟ توکي اهو تجربو رِڳو وِيَنَي ڌِيان مهل ٿيو جيئن تو خط ۾ لکيو آهي، يا توکي هر انداز واري ڌِيان ۾ اهو ٿي مُشاهدو پئي ٿيو آهي؟ تون پِڪشُوئن کي ڌِيان تي اِرتڪاز ڪرڻ جي اوائِلي مشقُن ۾ ساهہَ ڳڻڻ جو چئبو آهي. عجب ورتم تہ تون مُونجهہ دوران ٻُڌَپ واري اُها بنيادي مشق بہ ڪئي. جنهن تي تون قُدرت ماڻي پوءِ اڳتي وڌي ويو هئين!

ياد رک. پراڻو سبق ڪڏهن بہ نہ وِسرندو آهي. تنهنجو ٻُڌَپ ۾ مُنجهڻ پراڻو سبق وسارڻ جي ڪري نہ. پر ان ڪري هو جو تو پنهنجي ڌِيانَ ۾ مشاهدي جي ان مظهر کي نہ ٺئي سمجهيو! منهنجو خيال آهي تہ تون سُجاڳ ۽ باشعور ساهہ نہ

ڪٽي رهيو هُئين. هي پوسٽ ڪارڊ پڙهه:

**پوسٽ ڪارڊ "سُجاڳ ساهه"**

هڪ ڀيري ٻُڌ جي دوست آنند کانئس پُڇيو "اهو ڪهڙو خاص گُڻ آهي جيڪو شعوري سُجاڳي پيدا ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ۾ پوکڻ گهرجي؟" ٻُڌ وراڻيو "سُجاڳ ۽ باشعور ساهه کڻڻ!"

توهان ڏَس! تنهنجي ساهَن جي مشق جو تجربو ڪيئن آهي؟ خود ساهه جي کڄڻ ۽ ڇڏڻ سان ڌِيان جو جيڪو تجربو ٿئي ٿو اُهو پڻ اِن پنڌ ۾ هر پل سُجاڳيءَ ڏانهن وڌڻ جو تجربو آهي.

ڌِيان بابت ڪجهه وڌيڪ تفصيل ٻُڌ، پانڌي!

ڌِيانُ سُجاڳيءَ جو عميق مقام آهي. ٻُڌ مَت جو اهم ترين پهلو ذهني سُجاڳي آهي، آگاهي آهي، جنهن کي سنسڪرت ۾ سِمرتي ۽ پالِيءَ ۾ سَتِي چون ٿا. ٻنهنجي ئي اندر ۾ سُجاڳ ٿيڻ ان سموري ڪشٽ جو اهم ترين پاسو آهي. گوتم ٻُڌ به ٻوڌي وڻ هيٺان ويهي ڌِيان ڪندو هو. پر ٻُڌ کان پوءِ ان ڌِيان کي ايندڙ ٻوڌي سَتوئن منظم روپ ڏنو. ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي: هڪ سَماتا (پاليءَ ۾شماتا) ڌِيان آهي ۽ ٻيو وِپاسَنا (وِپاشيانه). سَماتا جو مطلب ماڻ اختيار ڪرڻ، پُر امن رهڻ ۽ پاڻ منجهه شانتي پيدا ڪرڻ آهي. اِن ڏاڪي تي رسي پوءِ ئي اڳتي وڌڻ مُمڪن آهي.

وِپاسَنا مطلب چِٽو ڏسڻ ۽ ذهني سُجاڳي آهي؛ ان سُجاڳيءَ ۾ مان-پڻي يا آپي کان ڇوٽڪارو بي ثباتي، ڏُکا ۽ موتَ بابت سُجاڳي شامل آهن. ڌِيان ۾ ترتيبوار مشقون ئي ڀِڪشُوءَ کي مرحليوار اڳتي وڌائي سگهن ٿيون. ڌِيان ۾ مڪمل ۽ ڪامياب سماڌِيءَ جو چاهُه آهي ته پويون سبق ياد ڪرڻ لازمي آهي. جنهن لاءِ خيالن ۽ شعور جو مڪمل اِرتڪاز اولين طور گهرجي.

ڌِيان جو اڃان وڌيڪ اڳاهون ڏاڪو شِڪانتَازا آهي.

زين ٻُڌ مت ۾ شِڪانتَازا مان مُرادَ وڌيڪ سُجاڳ ٿيڻجي گهرو ڌِيان ڪرڻ آهي، جنهن کي خالِي پڻي جو وَجدان سڏبو آهي. ان ۾ اِرتڪاز جي ضرورت نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان ڪندا هئا. مثال اسان جا گُرو يا سينئر وِديارٿي مَهاياني. وَجريانِي ۽ ٿيراوَيدي ٻُڌ مَت جا سُونهان تي ويهندا هئا ۽ هر ڪو ڪنهن خاص نقطہ نظر بابت پنهنجو پنهنجو فِڪر ٻُڌائيندو هو ۽ پيا ساٿس اُن تي وڏو بحث ڪندا هئا. اسان جهڙا نوان چَيلاَ ويهي اُن لقاءَ کي ماٺَ پيا ڏسندا ۽ اُن منجهان سِکندا هئا.

هر ڪِردار پنهنجي موضوعَ کي، بنھ بنياد يا پاڙَ کان کڻندو هو. مثال طور، هو اِتان ٻُڌائڻ شُروع ڪندو هو تہ مَهايانہ لفظَ جي لُغوي معنيٰ ڇا آهي. اُهو ڪيئن شُروع ٿيو وغيره وغيره. پر ان بيان جي وِچ وِچ ۾ ڊراماڻي موڙَ وڏل هوندا هئا. جيڪي ڪڏهن سنجيده تہ ڪڏهن پُر مزاح هوندا هئا. ايئن سِکيا جي ان دلچسپ ۽ تفريحي نموني سان اسان کي مختلف مڪتبن جي تاريخي پسمنظر سميت منجهن هڪجهڙاين ۽ فَرَقَ جو پتو پئجي ويندو هو.

مَهايانہ بابت اسان ڄاتو تہ اُن جي لُغوي معنيٰ "وڏو رستو" يا "عظيم ذريعو" آهي. اهو مڪتب انڊيا ۾ شروع ٿيو ۽ اُتي ئي وَڌيو ويجهيو. اهو هِنايانہ مڪتبَ جي اُبتڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ننڍو ذريعو. لفظ هِنايانہ بہ مهاياناڻين پاڻ انهن ٻوڌين لاءِ استعمال ڪيو آهي جيڪي متن تنقيد ڪندا هئا. اُنهن ۾ ٿيراوَيدي شامل آهن.

مَهايانہ جا اِهي نقادَ جيڪي هِناياني سڏجڻ لڳا هئا. اُهي مَهاياني صحيفن کي ٻُڌ جا اصلوڪا نقطا نہ سمجهندا هئا. ان ڪري بدلو وٺندي مَهاياني کين هيچ يا ننڍو سڏيندا هئا. هِنايانہ جا پوئوار ٻُڌَ جي فِڪر ۽ ڏاهپَ کي سمجِهي اُن کي جيئن جو تيئن بين ڏانهن منتقل ڪن ٿا. درسَ ۽ عمل ذريعي، سِکندڙن کي اهو سِکيل فِڪر چڱيءَ ريت سمجهائين.

اصل فرق مهايانہ ۽ ٿيراوَيدا ۾ آهي. ان تي آئون توکي ٻُڌائيندس.

اسان کي ٻُڌايو ويو هو تہ مَهايانہ مڪتب ۾ ٻُڌ جي فڪر، ڌيان ۽ مشقُن ذريعي حتمي سُجاڳي ماڻڻ آهي. پر سُجاڳي ماڻي ٻوڌِي سَتوَ اُتي بيهي نہ ٿو رهي، سندس مقصد فقط ٻُڌَ جيان سُجاڳ ٿيڻ نہ پر سندس لاءِ مُڪمل سُجاڳ ٿي ان سُجاڳيءَ کي پکيڙي، بين لاءِ فائديمند ٿيڻ بہ لازمي آهي. مَهاياني خيال ۾ هڪ سچي ٻوڌِي سَتوَ جو اهوئي خواب هجڻ گهرجي. يعني اصل ٻوڌِي سَتوَ اهو آهي، جيڪو نِرواڻ تي رَسي تہ ان تي راضي ٿي ويهڻ بدران پنهنجي نِرواڻَ، سُجاڳي، رحمدلي ۽ ڏاهپَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اجان وڏائيندو رهي ۽ اُن جي بنياد تي دنيا کي بہ اڳتي وٺي وڃي.

سندن خيال آهي تہ هو دنيا کي پنهنجين سجاڳ سوچن، لفظن ۽ عمل سان بدلائي سگهن ٿا. مَهايانہ ۾ سجاڳيءَ جو پنڌ لازمي آهي تہ جيئن هر انسان اُن پنڌ تي هلي حياتي ۽ موت جي چڪر، جنهن کي سَمسَرا سڏين ٿا، مان آجو ٿئي ٿو. تون ٻُڌاءِ پانڌي، تنهنجو سَمسَرا بابت ڇا خيال آهي؟ ڇا انسان ان وري وري جنم وٺڻ ۽ مرڻ مان آجو ٿي سگهي ٿو؟

تون اِهو سمجهي ڇڏ: مَهايانہ ۾ سمورو ٻُڌ مَت نہ آهي، پر ان ۾ زين، مقدس ڏرتي ۽ تبتي ٻُڌ مَت شامل آهن. سندس زور ڏاهپ ۽ سجاڳيءَ تي آهي. مهاياني خيال آهي تہ سُجاڳيءَ جي منزل تي رسڻ جا لافاني گس ۽ لافاني طريقا آهن. اندر جي زرخيزيءَ تي بہ مدار آهي تہ ماڻهوءَ جو پنهنجو مزاج ڪيترو تخليقي آهي ۽ هو ڪهڙي طريقي سان سُجاڳي ماڻي اُن کي پڪيڙي ٿو.

مهاياني سماجي طور سرگرم رهندا آهن. ڪميونٽي ڪمن ۾ ڀهرو وٺندا آهن. انساني برابريءَ ۽ هڪٻئي جي مدد تي زور ڀَريندا آهن. منجهن پنجن ئي مڪتبن مان تعليمات شامل هونديون آهن. جن ۾، مقدس ڌرتي، "چَئن" يا "شَئن" ڌيان، اصل ٻوڌي پستڪ، جن ۾ ٻوڌي سُوترا ۽ مَنترَ شامل آهن. انهن کي سولائيءَ سان پکيڙڻ لاءِ هو انيڪ سِکيا جا ذريعا رکندا آهن تہ جيئن پانڌ ڪ ٻور نہ ٿئي.

مَهايانہ مڪتب پهرين کان ڏهين صديءَ دوران وچ ايشيا، چين، ڪوريا، جپان، وِيئَت نام، تائيوان ۽ منگوليا ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. ان ڪري مهايانہ کي اُترائون ٻوڌي مڪتب بہ سڏيو ويندو آهي.

تون ٻُڌاءِ پانڌي! تون مَهاياني آهين يا نہ؟

وِيئَت نام ۾ جيئن تہ مَهايانہ جو زور هو، اِن ڪري اسان کي اُن ئي مڪتب تي پابند ڪيو ويو هو. ساڌُو تِرائِيُو تہ اسان کي چوندو هو تہ ٻُڌ مَت تہ صرف هڪڙو ئي آهي، سو آهي مَهايانہ. باقي ٻي سڀ ٻي راهَہ روي آهي.

خود مَهايانہ ۾ جيڪي الڳ الڳ لاڙا هئا، اُنهن ۾ هڪ وَجَرايانہ مَڪتب بہ آهي. وَجَرايانہ جون ڪافي لُغوي معنائون آهن. وَجَرا معنيٰ سخت، جنهن کي هِيري سان مُشابهہ ڪيو ويندو آهي، جنهن مان مُراد ان مَڪتب جي اندر ارادي ۽ فِڪرَ جي مضبوطي ۽ پختگيءَ تي زور آهي. وَجَرايانہ پڙهائڻ مهل اسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِرادن جي پُختگيءَ تي ٽيٽر ڏيڪاريو ويو هو. مون کي اُن ۾ پيش ڪيل تمثيلون اڄ بہ ياد آهن، جن ذريعي ٻُڌايو پئي ويو تہ اِن ۾ ڪيئن دماغ سان وابستہ تعليمات شامِل آهن.

وَجَرايانہ فڪر ٻُڌ مَت جي سجاڳيءَ تي پڌل تِن مان هڪ ذريعي جي نمائندگي ڪري ٿو. چوَن ٿا تہ هي مَڪتب اَنين صديءَ ڌاري انڊيا ۾ مَهايانہ جي اڄڻ ڪان پوءِ وجود ۾ آيو. ان ۾ ٻُڌ جي امن، ۽ همدرديءَ سان واڳيل تعليمات تي وڌيڪ زور آهي. ان تي پَدما سَمڀاوا، جنهن تِبتَ ۾ وَجرايانہ ٻُڌ مَتَ کي متعارف ڪرايو ۽ جنهن کي ڪي ماڻهو ٻيون ٻُڌ بہ چوندا آهن، جو وڏو اثر آهي. جڏهن پنهنجي ڌرتيءَ تي ٻُڌ مَت تباهہ ٿيو تہ اُهو تِبت ۾ جاري رهيو. چوَن ٿا وَجرايانہ ۾ ٻنهي مڪتبن، يعني ٿيراوَيدا ۽ مَهايانہ تعليمات جا مختلف پاسا شامل آهن.

وَجَرايانہ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو ٻُڌ تائين رَسڻ جو سَولو ۽ جلد اينڌڙ گس آهي، جيڪو هڪ ئي جنمَ ۾ ماڻي سگهجي ٿو، جڏهن تہ ٻين مڪتبن ۾ نرواڻ ماڻڻ لاءِ انيڪ جنم گهرجن ٿا. وَجرايانِي فِڪر موجب ماڻهن کي خارجي دنيا ۾ پُورڻتا ان ڪري نظر اينديِ آهي جو اُها سندن داخل ۾ موجود هوندي آهي. هُو اِهو بہ چوندا آهن تہ ٻُڌ جون ڏنل براهِ راست تعليمات انهن پاڳوندن لاءِ هونديون آهن جن ۾ خاص قسم جو اعتماد هوندو آهي. سندن موجب گوتم ٻُڌ انسان نہ پر اسان جي پنهنجي ئي دماغ جي هڪ درسني آهي. وَجَرايانہ جا پوئوار ٻُڌ جيان سُجاڳ ٿيڻ چاهين ٿا.

وَجَرايانہ ٻُڌ مَت جي هڪ ٻي وصفَ مون کي ڏاڍي آئڙندي هئي، جنهن کي منهنجو ساڏُو تاشِي ڳجهو طريقو تَنترياڻي يا تانترايانہ ٻُڌ مَت يا صوفياڻو ٻُڌ مَت بہ سڏيندو هو. هو تمام سهڻن مثالن سان اسان کي ٻُڌائيندو هو تہ ڪيئن تنترا جي معنيٰ آهي اُڻڻ يا پکيڙڻ.

مون کي ياد آهي تہ ان درسَ کي مڪالمي سان گڏ اسان کي اُڻڻ واري مشقَ سان بہ سمجهايو ويو هو. اُن درسَ وارو سمورو ڏينهن هڪ ناري ۽ هڪ مرد اسان جي سامهون سُوئَن ۽ اُنَ جي ڌاريءَ سان بنهہ ننڍا ننڍا، هَٿَ جي تِريءَ جيترا رومال اُڻي رهيا هئا. اُنهن سان گڏ ويٺل هڪ ٽين ناري مختلف رنگن جي اُنهن اُٽيل ٽُڪرن کي وري پاڻ ۾ ڳنڍي ڪا ٽِين شئي تيار ڪري رهي هئي. سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم هو تہ اُنهن ٻنهي جي اُتيل ڪم کي ملائي. ڪيڏو نہ جمالياتي طريقو هو وَجرايانہ جي معنيٰ کي سمجهائڻ جو!

ان دوران اسان تنترياڻي يوگا جو مطلب بہ سمجهيو تہ ڪيئن يوگا جون انيڪ مشقون هڪٻئي ۾ اُٺي سگهجن ٿيون. يا وري ڪيئن مختلف روحاني طريقن ۾ تعليمات کي ملائجي تہ جيئن ٻين سان ۽ ڪائنات سان هڪ ٿي سگهجي.

قوان اَئم ۾ منهنجو تربيت ڪار تاشِي تنترا جي هڪ ٻي معنيٰ بجليءَ جي چمڪَ ٻڌائيندو هو. اهڙي چمڪَ جيڪا دِماغ جي اندر فِڪري لِيٿا پارائي ٿي. هو مون کي چوندو هو. "تون تمام جلد پنهنجي ئي دِماغَ جي سَياحتَ تي ويندين. لطيف. جتي تون اُن بجليءَ جهڙي چمڪ جو مُشاهدو ڪندين!"

اِهو ٻُڌي آئون خوشيءَ منجهان ٽِڙي پوندو هئس. مون کي لڳندو هو تہ جڻ آئون جلد ڪنهن ٻي. نئين دنيا جو سير ڪرڻ وارو هئس. مون کان انتظار نہ ٿيندو هو آئون اڪثر وڃي ڪانئس بيچينيءَ منجهان پڇندو هئس. "ساڌُو. ڏَس نہ. بجلي وارو لِيڪو ڪڏهن نظر ايندو؟ اڃان تہ نہ نظر آيو آهي."

اُن تي مُرڪي چوندو هو. "انتظار ڪر. اِنتظار. مشقُن کي ٽِڪو ڪر. ڪشٽُ ٻيٽو ڪر. تياڳ مڪمل ڪري اُن ۾ سُک وٺ. پوءِ ڏِس تہ توکي ڪيڏيون نہ روشنيون ٿيون نظر اچن تنهنجي اندر ۾."

مون کي ٿيراوَيدا مڪتب جو طريقو ڀوڙي تربيت جو اهم ڏاڪو لڳو. جنهن ۾ مڪمل اڪيلائي ۽ ايڪانت اختيار ڪرڻ واري ڪشٽ جي تمام گهڻي اهميتَ هئي. مون کي پنهنجي ڀوڙي تربيتَ کان پوءِ ڏاڍي شدتَ سان ياسيو تہ هر ڀوڙيءَ کي چوکي وقتَ جي لاءِ هڪ ڏِکهي ماٺ وارو ڪشٽُ ڪيڻ گُهرجي. اُن کان سواءِ ڀوڙي تربيت کُٽل رهندي آهي. ڪوڙ سارو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ کان پوءِ لازمي آهي تہ ڪَن ۽ ذهن پنهنجي ۽ ٻين جي آوازن کان پري ٿي ڪو وقت گذارين.

تاشِيءَ اسان کي ٻُڌايو هو تہ ٿيراوَيدا کي وڏن جو مڪتبُ ۽ ڏاکڻو ٻُڌ مت بہ چوندا آهن. اهو يارهين صديءَ ۾ وڏيڪ پکڙيو ۽ ان جي اصل پکيڙ قديم سِيلان يعني اڄ جي سِري لنڪا منجهان ٿي. هن وقت ٿيراوَيدا سِري لنڪا ۽ ڏاکڻي اوير ايشيائي مُلڪن ۾ آهي. جن ۾ ڪمبوڊيا. لائوس. ٿائيليند. انڊونيشيا. ويٽنام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نام ۾ ميانمر شامل آهن.

ٿيراوَيدي قدامت پسند آهن. سندن ليکَ ۾ تصور پالِي ٻوليءَ ۾ آهن جن کي ٽِپيٽاڪا سڏجي ٿو. ٿيراوَيدي سبب ۾ نتيجي يعني ڪرما جي درسَ تي ويساهُه ڪندا آهن. جنهن ۾ ڌيان بہ شامل آهي جنهن ذريعي منفي توڙي هر احساس ۽ سوچَ کي پنهنجي زير ڪري سگهجي ٿو. مَهاياني ڪين هيچ ثابِت ڪرڻ لاءِ هِنايانہ يعني ننڍو طريقو سڏين ٿا. سندن خيالَ ۾ ٿيراوَيدي فقط پنهنجي آجپي تي زور ڏين ٿا. جيڪو تہ اوائلي ۽ سطحي مقصد آهي. اڄ بہ هو ٿيراوَيدا جو ٻيو نالو هِنايانہ چوندا آهن.

ٿيراوَيدا جا پوئوار نَوَيڪلين جاين تي ڌيان ڪندا آهن. فقط ضرورت آهر ڳالهائيندا آهن. سندس زور آيڪانت ۾ ماٺ تي هوندو آهي. جنهن ۾ فوڪس چِٽَن يا شَئن ڌيان هوندو آهي. اُن دوران سُوترا پڙهڻ ۾ انهن کي ٻين کي پڙهائڻ جو ڪم بہ شامِل هوندو آهي. جڏهن ڪين اَراهنت پڻي جو آخري ڏاڪو ملي ويندو آهي تہ اُن کي هو حتمي مائِتا سمجهندا آهن ۽ ان کان پوءِ وٽن ٻيو ڪو بہ مقصد باقي نہ رهندو آهي. منجهس تعليمات ۾ چار عظيم سچَ ۽ هڪ اٺ نُڪاتي رستو آهي. جيڪو ذاتي يا داخلي آجپي ڏانهن وڃي ٿو.

ٿيراوَيدا گوتم ٻُڌ جي براہِ راست تعليمات کي پيش ڪري ٿو. ٻُڌ جون ڳالهايل 84000 سِٽون. جن کي سُوترا جي صورت ڏني وئي هئي. سي ان ۾ شامل آهن. ٿيراوَيدي پنهنجي لالچ، ڪاوڙ ۽ شڪَ کي ختم ٿا ڪري ڇڏين. هو تاريخي ٻُڌ جي تعليمات مان سِکيا وٺن ٿا. ايستائين جو وٽن سکڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين بچي ٿو. هو ماضيءَ جي جنمن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سَمسَرا جي چڪر کان آزاد ٿي ويندا آهن.

سو پانڊِيءِ اِهي سيئي مڪتب اهم آهن. تون ٻُڌاءِ توکي اِهي ڪيئن لڳا؟
تنهنجو پنهنجو ساڌُو لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا ڏاها اُستاد ۽ ٻوڏي سَتوَا!

تنهنجو خط منهنجن پَست حوصلن لاءِ ٽُوٽي ٻٽيو آهي. جيئن تو چيو هاڻ ڏِيان کي روڪيان نـ پيو پر اُن کي نـ روڪڻ ۽ جيئن جو تيئن هلڻ ڏيڻ کان پوءِ جو نئون مشاهدو ويتر وڌيڪ پُراسرار آهي. ان کي سَلڻ جي اجان حالت نـ اٿم. هڪ ٻيو خط لِکي مون کي وڌيڪ سمجهاءِ، جيئن مان پنهنجي پاڻ ۾ ڏِيان، ٻنهي کي سمجهي سگهان.

مون جڏهن ٻوڌي مڪتبن بابت پڙهيو تـ خبر ٿئي مون کي ڇا ذهن ۾ آيو؟ مون کي لڳو مان تـ هڪ ئي وقت انهن مِڙني مڪتبن سان واڳيل آهيان، پر ڪنهن کي بـ مڪمل ڪٽي نـ ٿو سگهان، منجهانئن ڪجهه شيون رد ڪريان ٿو ڪجهه ڪڍان ٿو. مثال طور مون کي اصلوڪن ٻوڌي ليکن کي ڪٽڻ وٽي ٿو جيڪي براهِ راست گوتم ٻُڌَ جي ڳالهايل گُفتن تي ٻَڌل هئا، پر مان جديد دؤر ۾ اُنهن ۾ تبديليءَ جو بـ قائل آهيان. مون کي سُجاڳي حاصل ڪري پوءِ سُجاڳي پکيڙڻ وٽي ٿو.

ها، منهنجو خيال آهي تـ سُجاڳي حاصل ڪرڻ واري مرحلي دوراُن بـ سُجاڳي پکيڙڻ جو ڪم شُروع ڪري سگهجي ٿو ٻوڌي فِڪر ڦهلائڻ لاءِ حتمي نِرواڻَ تائين رَسڻ جي ضرورت نـ آهي. اِن ۾ مان مَهاياني ٿيس. جيتوڻيڪ مان پنهنجو خيال سمجهائڻ لاءِ اِهي لفظ ڪتب آڻيان ٿو پر مون کي لُغوي معنيٰ جي حساب سان مهايانـ ۽ هِنايانـ لفظ بطور مڪتب جي نالن جي ٻنهه نـ وڻيا آهن، اهي لفظ اُچارجندي ئي هڪ مڪتبَ عظيم ۽ ٻيو هيچ طئـ ٿي ٿو وڃي، ٻنا ڪنهن ثابتي، مثال يا دليل جي، جيڪا تـ بي واجبي آهي.

مان اَراهَنت ٻڻجي ٻُڌَ جي فِڪر ۽ ڏاهپَ کي سمجهي ان کي جيئن جو تيئن ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ کان اڳ جديد دؤر جي حسابَ سان اُن ۾ ڪجهه تبديليون آڻڻ ۽ وڌاءَ ڪرڻ جو بـ قائل آهيان. ان ڪري مان اَراهنت آهيان بـ ۽ ناهيان بـ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي مان سَمسَرا تي ويساهہ نہ ٿو ڪري سگهان. ٻوڙي سَتوَ!

بلڪل بہ نہ... انسان نہ تہ وري وري جَمي ٿو نہ مري ٿو. اهي ٻئي لقاءَ هر انسانَ سان فقط هڪڙو پيرو پيش اچن ٿا. مَهاياني نقطہ نظر موجب مون جهڙن ٻوڌين، جيڪي ايئن تنقيدي نقطہ نظر رکن ٿا، ڪي هِناياني يعني ننڍي فِڪرَ جا پوئِوار سڏيو وڃي ٿو. ڪين ايئن سڏڻ مَهايانيُن جو هَٺ ۽ غرور ٿو سمجهان. منهنجي نظر ۾ اُهي ڪنهن بہ صورتَ ۾ ننڍا يا هَيچ نہ آهن.

مان مَهايانِي فڪر موجب ان ڳالهہ تي ويساهہ رکان ٿو تہ سُجاڳي ماڻڻ جا واقعي بہ لاڦاني گَس ۽ طريقا آهن. سيني ڪان ڀَلو گَسُ مون کي سماجي طور سرگرم رهڻ، ڪميونٽي سروس جو حصو بڻجڻ لڳي ٿو.

مون غور ڪيو تہ مان وَجَرايانِي بہ آهيان. مان اُن جي صوفياڻن پهلوئن کي وڌيڪ پسند ٿو ڪريان. اُن جو تَنترياڻي پهلو جيڪو شين، لقائن، وجودن ۽ تصورن جي ڀاڱَ ۾ اُٿجڻَ جي ڳالهہ ڪري ٿو، اها عجب انگيز ڳالهہ آهي. اصل ۾ شيون ڀاڻ ۾ اڳ ئي اُٽيل آهن. خيالي هجن يا مادِي اُهي هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن. منجهن وجود ۾ اچڻ ۽ مرڻ واري هڪجهڙائي آهي. اهو ايئن تہ اِهي سيئي جِيوَ ڀهرين نہ هوندا آهن. پوءِ وجودَ ۾ ايندا آهن. ۽ نيٺ خاتمي جي وَرَ چڙهي ويندا آهن. اِها وُجود ۾ اچڻ ۽ خاتمي جي وَرَ چڙهي وڃڻ واري هڪجهڙائي منجهن اَزلي رشتو قائم رکيو ويني آهي.

وَجَرايانہ فڪر جيان مان اِن ڳالهہ تي ويساهہ رکان ٿو تہ ٻُڌ يا نِرواڻَ تائين رَسڻ سولو آهي. اُها منزل ماڻهو هڪ ئي جنمَ ۾ ماڻي سگهي ٿو. ان ڪري جو ماڻهوءَ جو جنم هڪ ئي هوندو آهي ساڏو!

مان ان تي بہ ويساهہ ڪريان ٿو تہ خارج ۾ فقط اُنهن کي پُورڻتا ٿيندي نظر ايندي جيڪي پنهنجي داخل ۾ اُها تڪميل رکندا. اِن ڪري جو داخل ۽ خارج ٻئي گڏ گڏ هلندا آهن. داخلي ۽ خارجي تبديليون هڪٻئي تي مدار رکندڙ آهن.

ٻُڌَ جي جنمن واري ڳالهہ علامَتي آهي، نہ ڪي حقيقي. اُن جي علامتِي ڀٽي کي تخليقي انداز ۾ ڪٽندس مان.

وَجَرايانِين چواڻي: گوتم انسان نہ هو پر هو اسان جي تصورن ۾ هڪ آئيني جيان آهي. ان کي رد ڪندي مان ايئن چوندس تہ ٻُڌ انسان ئي هو پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس فِڪر انساني شعور ۽ ضمير وٽئون هٽڻ ڪري اسان جي اندر ۾ پنهنجي عڪاسي ڪندو ٿو رهي.

هڪ طرح سان مان ٿيراوَيدي بہ آهيان. جيستائين ٿيراوَيدا ۾ پالِي ٻوليءَ جا ليکَ اچ تائين ڪٽي هلڻ واري ڳالهہ شامل آهي. اِن قدامت پسنديءَ تي اعتراض ڪرڻ بدران مان اِن کي لازمي ٿو سمجهان. مان مَهايانين کي ڪين هيچ يا هِنايانِي سڏڻ کي نِنديان ٿو ڇاڪاڻ تہ سندن خيال ۾ هو فقط پنهنجي آجپي تي زور ڏين ٿا. پر ذاتي آجپي کان سواءِ تہ اڳتي وڌي ئي نہ ٿو سگهجي. ساڌو ان ڪري ٿيراوَيدي بيحد منطقي آهن. هو پنهنجي ذاتي آجپي کي ترجيحَ تي رکن ٿا. جيڪو اُن پنڌَ جو پهريون ڏاڪو آهي. اڳتي جو سمورو پنڌُ اُن کان پوءِ شُروع ٿئي ٿو. سچ اِهو آهي تہ اِنسان کي مسلسل پاڻ کي آجو ڪندو رهڻو ٿو پوي. اِن ڪري اُن پنڌَ جي آخري منزل بہ پاڻ کي آجَو ڪندي رهڻ تي پُڃي ٿي.

هاڻي مان ايندس تنهنجن سُوالن ڏانهن. اُنهن جا مختصر جواب هي آهن:

مون کي پَسار ڪندي ڌِيان ڪرڻ مُمڪن نٿو لڳي. ليٽي ڌِيان بہ وِرلي ڪندو آهيان. روايتي انداز (ڪنول يعني پَدما آسڻَ) ۾ ويهي ڌِيان ڪرڻ سولو ٿو لڳي. ڏِسٽي آڱر ۽ آڱوٺو ملائي هٿ ترِيءَ کي مٿي ڪري هٿَ سٿَرن تي رکي، پُٺَ کي ڪمانَ وانگر بيهاري، سينو ٻاهر ڪڍي، بنا جسم کي تاڻئي، اکيون بند، شانت، نِنڊاکڙو ٿيڻ تي اکيون کولي ڌِيان ڪندو آهيان پر اکيون کُليل ڌِيان جٽڻ نہ ٿو ڪري، اِرتڪاز ٽُٽيو پوي.

پِراڻيامہ (ساهہ کڻڻ جون لاڳيتيون ۽ مختلف مشقون) منجهان ياستريڪا ۽ ڪپالواتي ڪرڻ وڏيڪ سَياويڪ ٿو ڀانيان. ڌيانَ ۾ پاڻ تي قابُو ٿي اِرتڪاز قائم ڪريان. ايئن ڪري سگهڻ جنگَ ۾ سَوِيارو ٿيڻ جيان لڳي ٿو.

مون کي پنهنجي تَربيت ـ ڪارَ ساڌُو سچلَ هدايت ڪئي آهي تہ ڌيانَ ۾ ايترو اندر داخل ٿي وڃان جو اَڻ ـ ڄاڻائيءَ جا هڙئي ڏيرا ڪِري پون ۽ منهنجو شعور مڪمل طور اَڻ ـ ڄاڻائيءَ مان نِڪري ڄاڻَ ۾ پَيهجي وڃي. ۽ منهنجو روحُ ايتري مانارَ ۾ اچي وڃي جو اُها مانارَ مون سان مڪالمو شُروع ڪري ڏئي. آگاهہ مڪالمو...!

ساڌُو اِهي تہ الائجي ڪهڙن مقامن تي رَسڻ کان پوءِ جون ڳالهيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان تہ جهڙو پنهنجي گهرَ جي گِهٽيءَ وٽ ٿي پِند پَهڻ بيٺل آهيان.

دماغ ۾ سوچُن جي حالتَ اِها آهي تہ مان جيڪو ڪجهہ بہ. جنهن وقت بہ، ڪريان ٿو، اُن ڪرڻ وقت، اُن جاءِ بدران جڻ ڪنهن ٻي جاءِ تي آهيان. اُن مهل ۽ موقعي تي مرڪوز ڪيئن ٿِيان. نَہ ڄاڻان. ڏيانُ جنهن مقام تي ڏاهپ ڏانهن بند درَ کولڻ شُروع ڪندو آهي. اُهو مقام تہ نہ ڄاڻان ڪِٿي آهي. دماغ ۾ اَيترو شور آهي جو خبر ئي نہ ٿئي پوي تہ ذهن جي ماٺَ ڪيئن هوندي آهي. مون کي تہ خبر ئي نہ هئي تہ ماٺَ جا بہ ڪي مقامَ ٿيندا آهن. اُنهن ماٺَ جي مقامن تائين ڪيئن تہ رَسان؟

ڏِس ساڌو، ڏيانُ ڪيتري نہ ماٺَ جي ماحولَ ۾ ٿيندو آهي. پوءِ اُن ۾اِهو شور ڪٿان ٿو اچي؟ ڏيان مهل چوڌاري خارجي ماحول تہ سانتيڪو ۽ ماناڻو ۾ هوندو آهي. تہ ڇا اِهو شور منهنجي اندر جو لقاءُ آهي؟

منهنجو حالُ ٻي حال آهي. اِن ڪري خط مختصر ٿو لکان. وڌيڪ تفصيل پوءِ.

تنهنجي خط جو منتظر. پانڌِي جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي جو انسانُ ان تي ويساھہ ڪري ٿو. ها، پنھنجي اثر ۾ طاقت سان مريضن کي شفا ڏيڻ جي ڳَٽا حضرت عيسيٰ کان بہ پراڻي آهي. شايد مصر جو رهواسي حضرت عيسيٰ اهي قديم علم پڙهي پوءِ يروشلم موٽي آيو هو.

پر ياد رک تون ٻن اهم ڳالهين کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڏسين پيو ۽ پاڻ کي مُنجهائين پيو. ٻئي الڳ الڳ ڳالهيون آهن. آئون توکي ٻنهي جا مثال ڏيان ٿو. اهو صحيح آهي تہ ڪجھہ ڏَند-ڳَٽائن ۾ معجزاتي ڳَٽائُن پويان فقط انساني وهم ۽ غير عقليتَ هوندي آهي. اصل واقعن جي ڇاڻ اِنهن قصن بابت عَقُلي سمجَھہ ڏيندي آهي. مثال طور تون هيءُ دلچسپ قصو پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "ٻلي"**

چون ٿا تہ هڪ ٻوڍي سَتوا هر شامَ جڏهن پنھنجن چيلن کي ڏِيان ۽ وجدانَ جون مشقُون ڪرائيندو هو تہ اُن ٻوڍيشالا ۾ رهندڙ هڪ ٻلي ايترو تہ شور ۽ حرڪتون ڪندي هئي جو ان جو آواز مِڙني چيلن جي ڏِيان ۾ رنڊَڪ وجهندو هو.

هڪ شامَ ساڌوءَ پنھنجي چيلن کي حڪم ڏنو تہ ٻليءَ کي شام وارين مشقن دوران ٻڌي ڇڏين تہ جيئن مشقون بنا رنڊڪ جي ڪري سگهجن. سالن پڄاڻان، جڏهن ساڌو هي جهان ڇڏي ويو تہ بہ شام جي ڏِيان مهل اُها ٻلي ٻڌل ٿي هوندي هئي. جڏهن اُها ٻلي مري وئي تہ پوءِ هڪ ٻي ٻلي ٻوڍيشالا ۾ آڻي شامُن جي مشقُن مهل ٻڌي ويندي هئي. صدين کان پوءِ انهن رُوحاني ساڌوئن جي هڪ پوئير پنھنجي هڪ ڏاهپ ڀريل ليکَ ۾ لکيو تہ ڏِيان مهل ٻليءَ کي ٻڌي ڇڏڻ جي وڏي رُوحاني اهميت آهي.

اِهو دُرست آهي تہ ڪي ڪي لقاءَ جيڪي ماڻهن جي اڪثريت کي ظاهري طرح رُوحاني لڳندا آهن. انهن پويان ڪو نہ ڪو عام واقعو هوندو آهي، جڏهن اسين انهن واقعن کي سندن پيش اچڻ جي پويان موجود سببن ۽ مُحرِڪن کان الڳ ڪري ڏسندا آهيون تہ اهي اسان کي معجزاتي لڳندا آهن. پر اِن جو مطلب اِهو نہ آهي تہ هر معجزاتي ڳالھہ منهنجي مٿي بيان ڪيل واقعي جيان غير منطقي پسمنظر رکي ٿي. اهو بہ لازمي نہ آهي تہ هر روحاني لقاءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لازمي طور عقل سان ثابت ڪرڻ جي ضرورتَ آهي. اهو لازمي آهي تہ هڪ سچي ٻوڙيءَ ڪي واقعن ۾ سببَ ڳولهڻ گهرجن. جو اَڻ-ڄاڻائي ٻڌ مت جي رُوحَ جي خلاف آهي. پر سبب ڳولهڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ هر شئي مان روحاني پهلو ڪڍي اُن کي کوکلي ماديتَ پسنديءَ سان ڏسجي. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ٻڌ مت ۾ رُوحانيت نہ هوندي تہ تپسيا اَڌَ-پُوري رهندي. اِهو سمجهڻ توکي ڏکيو اِن ڪري ٿو لڳي جو تون مادِيَت پسنديءَ ڏانهن لاڙو رکين ٿو. تُنهنجو ڇا خيال آهي پنهنجي باري ۾؟

هاڻي اچون ٿا تنهنجي ڏيانَ جي مُشاهدي تي، جنهن کي تون پاڻ بہ سمجهي نہ ٿو سگهين.

تون ٻائين ٿو تہ ڪو توکي (تنهنجن لفظن ۾). "هلندڙ هوائن. مِينهَن جي رَيلن. ٻيڙين جي ڦَڙڪندڙ سِڙهن جي آوازن وچ ۾ ڪنهن اَڄاتِي منزل ڏانهن نيئي رهيو هو" تہ تون ان مشاهدي کان ڊِڄي يا ان کي لنوائڻ بدران ان منجهہ ٿي رهي. اڳتي جو لقاءُ ڏسين ها. تو صحيح چيو جڻ اهو لقاءُ "هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جيڪا هاڻ تاڪِيَن جيان کُلندي ويندي" ها. پانڌيء برابر.

تنهنجي وُجُود جا اهي بند دروازا بہ ٿي سگهن ٿا. انهن کي کولڻ جو موقعو سيني کي نہ ملندو آهي. تو نہ ٻڌو آهي چوڏهن طَبَقَن جي کُلڻ جو؟ شعور جي انهن ٿي روشنين ماٽڻ ڏانهن تنهنجو گسُ کُليو آهي.

پر ياد رکُ. ڪڏهن ڪڏهن پنڌ هڪ پاسي جو شروع ڪبو آهي. رَسبو ڪنهن ٻئي پاسي آهي. (منهنجي جيونَ-ڪٿا بہ ڪجهہ اهڙي آهي) ان ڪري تون توجہ توڙي سمورو غور پنڌ تي رَک. منزل تي نہ. ان پنڌَ ۾منزل ٻنهہ بي معنيٰ اٿئي! اهو بہ ياد رکجانءِ تہ لقاءُ ڪٿي خارجي بہ هجي پر ان جي پَسڻ جو معاملو داخلي آهي. توکي جبلُ واريءَ جي ذرڙي جيڏو پاسي يا اَجگر. اهو تنهنجي سمجَهہ جي داخلي اڏاوتَ. شعورَ جي ساخت ۽ سگهہ جي ٻيهڪ تي مدار رکي ٿو تہ تون ڏسين ڪهڙي رُخ کان پيو. توکي لقاءُ ڪيئن ٿا ڏسڻ ۾ اچن. ان نقطي سان واڳيل هيءُ قصو پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "سِچُ ۽ گُفا"**

هڪ ڏينهن سِچُ ۽ هڪ گُفا (غار) ڪچهريءَ ۾ رُڌلَ هئا. سِچَ کي سمجهہ ۾ نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنئي آيو تہ اونداھہ يا گِھم ۾ آلاڻ چا هوندي آھي، ۾ گُفا کي وريرَاها خبر نہ تنئي پئي تہ روشنائي ۾ چِتائي چا هوندي آھي. پنهي فيصلو ڪيو تہ هو هِڪبئي سان پنهنجي جاءِ مٽائين. گُفا جڏهن سِجُ جي جاءِ تي وڃي مشاهدو ڪيو تہ چيائين، ”واهہ هي تہ بيحد حسين آھي، هاڻ هيٺ اچ ۾ ڏس تہ آئون ڪٿي تي رهان.“ سِجُ هيٺ گُفا ڏانهن ويو ۾ چيائين، ”پر مون کي تہ اتي يا متي، سڀ ساڳيو تو لڳي.“

گُفا کي نواڻ نظر آئي، جو اُها اونداھہ مان روشنيءَ ڏانهن وئي هئي، پنهنجي اُونداهي وُجودَ ۾ اُن روشنيءَ جو مُشاهِدو ڪيو. پر سِج کي ڪا نواڻ نظر نہ آئي، اِن ڪري جو سِجُ جتي بہ ويندو سندس روشني ساڻس گڏ هوندي، اِن ڪري هُن گُفا جي اونداھَ بدران پنهنجي ئي روشنيءَ کي ڀسيو. سو تون جيڪڏهن پنهنجي اندر جي ويساھَ ۾ بُڌ مَت لاءِ پنهنجي عشق کي ساڻ کڻي نِڪرندين تہ ڏيانَ جي هن اونداهي گُفا واري مُشاهدي دوران نِستو تي ويندين، توکي لڳندو تہ تون پنهنجي جاءِ مٽائي ڪنهن اوپري ماڳَ تي رَسيو آهين.

سو سمجهي رک تہ جيڪا ڪيفيتَ توکي ناڪام ۾ گُسَ کان وِڇايل محسوس ڪرائي ٿي، اُها بنا ويساھہ ۾ عشق جي نِڪري پوڻ جي ڪري آھي. پنهنجي اندر ۾ ويساھہ ۾ عِشق کي هَٿيڪو ڪري پوءِ اُنهن پندَن تي نِڪري پئجي، پنهي کي ساڻ کڻي هلڻ کان سواءِ پندَّ تي نِڪري پوڻ غير پوڙي فيصلو آھي.

گُفا ۾ سِجَ جا مثال فِطري لقائن منجهان هئا. جيڪي پاڻ کي شعوري طور تبديل نہ ٿا ڪري سگهن. پر انسان جي سگهہ اِها آھي تہ هو شعوري طور پاڻ کي ۾ پنهنجي سوچَ کي مٽائي سگهي ٿو. ۾ هڪ پوڙي ان معاملي ۾ سيني کان اڳيان ان ڪري هوندو آھي. جو اُهو مشقن ۾ سخت تربيت سان پاڻ کي سگهارو بنائي چڪو هوندو آھي.

تنهنجي پندّ ۾ آئون هاڻ ڪجهہ بيون مشقون بہ شامل ڪندس. جاڪاڻ تہ توکي نِرواڻ ماڻڻ لاءِ بُڌ مت جي لازمي اُصولن، يعني خواهشن، نفرتَ جي احساسَ ۾ اڻ ڄاڻائيءَ مان ڇوٽڪارو ماڻڻ اوکو تو لڳي. ان جا مون کي رڳو بہ حل سُجهن ٿا: هڪ، يا تہ تون وڏيڪ مشقون ڪري ان اوکائيءَ کي سولو ڪر ۾ ويساھہ بہ رک تہ اھو تون ڪري سگهندين. بيو وري اُن جي اُبتڙ ڪر، يعني هن پوڙي پندّ کي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي هليو وڃ. ان ۾ ڪا ٿين واٽ آهي ئي نہ. ياد رک نِرواڻ تي رَسڻ هر ڳالهہ کان سولو ڪم آهي .جيڪڏهن تون ويساهہ سان ان پنڌ تي نڪرين تہ پرِاهو تہ تون بہ ڄاڻين تو پانڊِي، تہ جي بي يقينيءَ جا احساس ساڻ کڻي هلبا تہ اُهي پيا پنڌَ جي لڳاتاريتَ ۾ رنڊَڪ وِجهندا. ايتري رنڊَڪ جو ويجهو پُهتل نِرواڻ بہ وڃائي ڇڏبو.

توکي آئون ڌِيان بابت اجان تورو وڌيڪ ٻُڌائڻ چاهيندس. تو لکيو تہ ڌِيان دوران توکي پراٽيامہ (ساهن جون مشقون) ۾ پاستريڪا ۽ ڪپالواتي سوليون ٿيون لڳن. جي ايئن آهي تہ انهن کي ٻنهہ نہ ڇڏجانءِ. جاري رکجان پر انهن کي ڪرڻ جو طريقو نہ وِسارجانءِ.

ياد رکجانءِ تہ اِهي مشقون رُڳو ساهہ جون نہ آهن. پر ذهنَ جي ڪسرتَ جون پڻ آهن، جيڪو اڪثر ٻوڙي نہ سمجهي سگهندا آهن. مثال طور پاسترِيڪا ۾ جڏهن تون تمام آهستگيءَ سان نڪ منجهان وڏو ساهہ کڻي، ساڳئي ڌِيرج سان نڪ منجهان ئي مڪمل ساهہ ٻاهر ڪڍندو هوندين تہ اُن دوران تنهنجو ذهن ڪهڙي شئي تي فوڪس ڪري، اُهو سمجهڻ لازمي آهي. ۽ ڪپالواتي ڪرڻ مهل جڏهن هر سيڪنڊ ۾ جَهٽڪي سان نَڪَ مان ساهہ ڪڍجي، ۽ ساهَہ جي اُن جهٽڪي سان پيٽ بہ ساڳئي زور سان ان سيڪنڊ ۾ ئي اندر وڃِي ۽ ٻاهر اچي تہ اُن مهل ذهن ڪهڙي حالتَ ۾ هجي... منهنجو خيال آهي تہ ساهن جي مشقُن دوران ذهن جي حالت ۽ ڪيفيت طئہ ڪندي آهي تہ پراٽيامہ ڪامياب ٿئي پيو يا نہ.

اِن سموري ڪسرتَ دوران ڌِيانَ ۾ خيال هڪڙي نقطي يا شئي تي مُرڪوز رکڻو هوندو آهي، ڪي ساهَن جي کڄڻ ڇڏڻ جي آواز تي خيال مُرڪوز رکندا آهن تہ ڪي ساهن سان هيٺ مٿي ٿيندڙ سيني تي، ڪي فقط هٽ جي ڇُهاءَ تي ڌِيان رکندا آهن. يعني ڪي آڱر ۽ آڱوٺي جي مِڙڻ سان ڇُهاءَ جي احساسَ تي تہ ڪي جَنگهن تي رکيل هٿن جي پوئين پاسي تي. نِنڊاڪڙائيءَ ۾ اِرتِڪاز جي شدت وڌائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

عام طور ڌِيان کي ٻاهريان آواز ٻي راهہ ڪندا آهن، انهن سان واڳجڻ کان بچي ساهن تي ڌِيان مُرڪوز ڪرڻ لازمي هجي ٿو. تون خيال سدائِين ساڳي شئي تي مُرڪوز ڪندو آهين يا هر ڀيري مختلف شئي تي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِيان ۾ جيئن جيئن اوهين اڳتي وڌندا آهيو، اوهان سِکندا آهيو. مون اهو سڀ ڪجهه ٻُڌ ڌرم جي اصلوڪن دَرسن ۽ ڪتابن مان ۽ پنهنجي دؤرَ جي عظيم ساڌوئن کان سِڌيءَ ريتَ سکيو هو. سڀ کان پهرين مون فرق ڪرڻ سکيو هو تہ ساهہ کڻڻ کان ساهہ ڇڏڻ کي الڳ ڪيئن ڪجي. سو مون ڊگها ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ. يا وري ننڍا ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ سکيو.

آئون سکيس تہ ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ مهل پوري جسم جي حساسيت کان باخبر رهان. ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ دوران جسم کي سانتيڪو رکان. ٻُڌ مت موجب ترنگ جي آگاهي رکي ساهہ ڇڏڻ ۽ کڻڻ. وڻندڙ احساس ۽ ڪشش کي ذهن ۾ رکي ساهہ ڇڏڻ ۽ کڻڻ. ذهني لقائن جي حساسيت سمجهندي. ذهني وهنوار کي مانيٽو ڪندي ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏڻ!

اهو بہ سکيم تہ شعور ڌانهن حساس رهي ساهہ کڻان ۽ ڇڏيان. اڙانگو ترين وقت اِهو هو تہ ذهن ۾ عظيم اطمينان کي محسوس ڪري، ان کي سمجهي ساهہ کڻان ۽ ڇڏيان. ذهن کي اطمينان بخشڻ هر انسان جي وس جي ڳالهہ ناهي، پر ٻوڌي سَتوا جي وس ۾ ايئن ڪرڻ آهي. اتي ڪنهن ڪمزورَ جي جاءِ ناهي. ٻوڌي صحيفي ”آگاهي ڏيندڙ چوٽيون“ (پاليءَ ۾ سَمِيُوتا نِڪايا 54:13) ۾ لکيل آهي:

> ”هو پاڻ بي پرواهيءَ تي اِرتڪاز رکِي ساهہ کڻڻ ۽ ڇڏِڻ سِکي ٿو، هو ساهہ ڇڏڻ ۽ اَرپڻ تي ڌِيان رکي ساهہ کڻي ۽ ڇڏي ٿو. هو پنهنجي تربيت ڪري ٿو تہ قرباني ۽ ارپنا تي ڌِيان رکِي ساهہ کڻي، ۽ قرباني ۽ ارپنا تي ڌِيان رکي ساهہ ڇڏي“

تنهنجو پنهنجو ٻوڌي لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پيارا گُرو!

مان اڄ پنهنجو احساساتي مُشاهِدو لکان پيو. مَ ڄاڻان اهو ٻُڌ مت جي ڪنهن سُلوڪَ يا ماضيءَ جي ڪنهن قصي سان مشابهہ آهي يا نہ! تو لکيو آهي تہ هڪ وِڪ اڳتي ڪنئي اٿم! مان ڀانيان ٿو تہ ڪُسُ وڃايو اٿم. ان ڳالهہ جو سبب شايد هن يا ايندڙ خط ۾ توتي واضح ٿئي. پر پيارا ٻوڌِي سَتوَا! تنهنجا خط مون کي ڪيفَ جي اُونهائين ۾ ڀيهي منهنجي ڌيانَ جي مُشاهدي کي ويتر گِهرو ڪندا وڃن ٿا.

منهنجو ڌِيان هڪ مرحليوار ڪهاڻي بڻجي ويو آهي. جنهن ۾ منظر ۽ تصور آهن. انسان آهن. ٻولي ۽ گُفتا آهن. ۽ جذبا بہ آهن! ٻنهہ سانتيڪي ماحول ۾ ويٺي، فطري لفائَن سان پُرشور هڪ ٻي دنيا جو سير ڪريان ٿو. ظاهري طرح مُشاهدو تہ فقط جسم جو ٿئي پيو پر منهنجا خيال. تصور. شعوري لاڙا نوان روپَ وٺن ٿا. ويندي پورو وُجُود گهڙجي ٿو.

۽ ها. ان مُشاهدي لاءِ اونداهہ لازمي آهي. اُها صبح سوير جي اونداهہ هجي يا سِجَ لَٿئي جي! مون سکيو تہ رات وارو ڌِيان ڄڻ زرخيز ڌرتيءَ جي جادوئي کيتِي آهي، جيڪا وڃي ٿي تخيل پوکيندي. تصور ڦُٽائيندي. شعور وڃي ٿو جنهن کي لُڻندو ۽ ان ڌاهپَ جي لاباري منجهان شعور ويندو اِدراڪَ ماڻيندو!

ياد آيو پهرئين ئي خط ۾ توکان پُڇيو هئم ڏهاڪن جي پنڌ توکي ٿڪايو تہ نہ؟ تو وراڻيءَ ۾ ان کي گوتم جي ڳولا جو ۽ رُوح جو پنڌ ڪوٺيو محبوب کي پنڌ ۽ منزل ٻئي سڏيو هو. ها! پوءِ اُن ۾ ٿَڪُ ڇو محسوس ٿئي ها؟ منهنجو پنڌ ٿڪَ سان شروع ٿيو. منجهس ڳالهہ جي پُراسراريت هئي، پر ڪجهہ ڏينهن کان ڳالهہ مانو ٿيو آهي، يا گُم ٿي ويو آهي. اُن جي غير موجودگيءَ مون کي هڪ اهڙي ڪيفيتَ ۾ آڻي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ ازلي اُميد آهي.

ڳالهہ ڀڄندي ئي پنهنجي اندرَ ۾ گوتم جي صُحبتن ملڻ جا اُهڃاڻ ڏسان ٿو. اُهڃاڻن ۾ اُن ازلي يارَ سان صحبت جو سماءُ جُڙڻ جا اِمڪان پيو ڀانيان. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهجاڻَ ۽ اِمڪان شايد حقيقت جو روپَ ڳولي لهَن! پر هن سطح تي اُهي آهن فقط اِمڪان ۽ فقط اُهجاڻ!

جڏهن تو ڏِيانَ کي اڏ ۾ روڪڻ کان جهليو هو تہ نہ ڪري سگهڻَ جي باوُجُود بہ ڪي ڏينهن اُن ڏِيان دوران اِرتڪاز ۾ اُتي بيهي تئي رهيس، جتي اڳ پاڻ کي روڪيم پئي. اُتاولو تي لُچيس پئي تہ آخر ان مُشاهدي کي بيهر ڪيئن ماڻيان جيڪو وريو ئي نہ تئي؟ اُنَ لوڄَ ويهڻ نہ تئي ڏنو. رکي رکي پئي ڏِيان جي مشق ورجايَم. رڳو ٻن ڏينهن ۾ ٽي درجن ڀيرا کان مٿي مشق ورجائي هوندم ۽ هر ڀيري ناڪام ٿيس. نيٺ جڏهن تڪجي ان مشاهدي جي بيهر ورڻ جو آسريو پليم تہ چوٿين راتِ ڏِيان جي ڏهن منٽن اندر اُهو ئي سماءُ جُڙڻ شُروع ٿيو!

پيارا ٻوڏِي سَتوَا منهنجي تخيل ۽ شعور جي پنڌن جي ڪهاڻي ٻُڌ!

سِڙهن ڦڙڪڻ جا آواز اچڻ شُروع ٿي ويا. جسم گُهلندڙ هوا ۾ ڪنهن نرم ۽ نازڪ تاريءَ جيان لهڪڻ لڳو هو. اُن مشاهدي ۾ ڪجهہ ڏينهن رڳو آوازن جي گهيري ۾ رهيس. هوا جو آوازُ سِڙهن جي سوٽي ڪپڙي جي ڦڙڪڻ جو آوازُ جيڪو ان ڪپڙي جي ئي ٺڏي مزاج جيان لطيف ڇُهاءَ جهڙو هو. چپن سان تہ مُرڪيس ئي پئي، پر محسوس ٿيم پئي جسم ۽ وُجُود جو هر گهرڙو سُکَ ۽ شانتيءَ ۾ هو! اُن تسڪين جو ڪيفُ ڏِيان پُڄاڻان بہ طاري رهندو اٿم!

سوچيندو رهيو آهيان تہ اُهو هٽُ واقعي مون کي ڪيڏانهن نيئي رهيو هو پر ڪيڏانهن؟ نِرواڻ ڏانهن؟ نہ! مون کي آچپي ڏانهن وڃڻ جو ڪو بہ احساس نہ ٿئي آيو! ترنگَ سو تہ هو پر احساس اڳتي وڃڻ بدران پوئتي وَرڻ جو هو! ايئن ڇو هو؟ ڪي ڏينهن ڏِيان آوازن تي ئي ٻڌل رهيو. پوءِ اجان هڪ ٻيو موڙُ بہ اچڻو هو اُن مُشاهدي ۾! پر پهرين اُن مشاهدي واري سڄي ڏينهن جو قصو ٻُڌ!

ان ڏينهن صبح جو سوير اڳ ۾ يوگا ڪيم. وِڪريل ڪمري جي سنوار ڪري، ڪتاب جائِتا ڪيم. وچي سِيڌو ورتم. پوءِ ٻوڏِيشالا جي ٻُوٽن کي پاڻي ڏئي بہ ڪلاڪ تحقيقي ڪم لاءِ پڙهيم لکيم. ها، ان ڏينهن ٻوڏِيشالا ۾ منهنجو نون ٻوڏِين سان تَٿاگتا جي حياتيءَ تي هفتيوار گفتگوءَ جو ڏينهن بہ هو. ڪلاڪ جي درسَ (ليڪچرَ) ۾ گوتم جي ساموندياتي وجدان سان ڀريل حياتيءَ جي هڪ پهلوءَ تي روشني وڌم. گفتگوءَ دوران ذاتَ تي ويساهَ جي سَگهہ اَڻ_ ڪَٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳم... نون پانڪن ۾ چار نارِيون ۽ ست مرد. سڀ ڏکڻي مُدي واري تربيت ۾ داخل ھئا. سندن سوالن جا جواب ڏيندي تخيل ۽ تخليقيتَ کي وسڪاري جيان وسندي محسوس ڪيم. گفتگوءَ پڄاڻان تيراڪي ڪيم، ۽ پوءِ ٻوڏيشالا جي پٿر ۾ ويھي پراڻيامہ شروع ڪيم.

ھا! جنھن رات مُشاھدي پُراسرار روپُ ورتو اُن رات مون پورا ٻہ ڪلاڪ يوگا ۽ آخر ۾ پِراڻيامہ ڪئي، پر پِراڻيامہ جا اھي ٽي فقط ٻہ قسم. پھرين ڀاستريڪا ۽ پوءِ ڪپالواتي. ڪپالواتي مون تي سدائين اثر ڪندي آھي. ھتي ٻوڏيشالا ۾ ٻوڙي شنڪر يوڳ ۾ چوندو آھي، ڪپالواتي ڪرڻ سان ڪيس ڃڻُ ونندو آھي، ھو عجيب سانتيڪيُن ڪيفيتن ۾ ھليو ويندو آھي، جتان ڪانئس واپس وَريو نہ ٿيندو آھي!

ھا ساڌُو مان ٻہ سمجھان ٿو تہ ڪپالواتي رڳو ساھ کڻڻ جي نہ پر ذھن جي اِرتڪازَ جي مشقَ ٻہ آھي. جيڪا اِرتڪاز کي پُختو ڪري ٿي.

شايد ان رات ڪپالواتيءَ دوران اُن اِرتڪازَ ٿي منھنجا ڀاڳَ ڀِٽا ڪيا ھوندا! اڳ ڪڏھن ٻہ ڪپالواتي پندرھن منٽن کان مٿي نہ ڪئي ھئم، ان ڏينھن مون ساڌوءَ جي اجازت بنا چاليھن منٽن تائين ڪپالواتي ڪئي. اھو چاليھن مِنٽن جو وقت اصل ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن جو ھڪ مُشاھدو ھو، جنھن ۾ ھڪ عجيب لقاءُ سامھون ھو.

بس، پلي ڳالھہ اِھا ھئي تہ اُن رات مان ڌيانَ جي مشق پوري ڪري سگھيو ھئس، جو اُن لقائن سان پريل مُشاھدي مون کي اُتاولو نہ ڪيو. تو چواڻِي مان اُن کي چيھَ تائين ڪٽي ويس تہ جيئن نظر ايندڙ لقاءَ اُن ۾ موجود ڪردارن ۽ ھلندڙ ڪھاڻيءَ کي سمجھي سگھان. سو چيھَ تائين ڪيل اُن مُشاھدي ۾ ڇا پسيم، اُن جا تفصيل توکي پوءِ ٿو لکان. ان ڪري جو ڌيان پورو ڪرڻ کان پوءِ جو تہ لقاءُ ٿي بنھہ نئون ۽ اچرجَ جوڳو ھو!

ڌيانَ کي ختم ڪري اکيون جو کوليم تہ ڪي پلَ تہ پنھنجي چوڌاري ماحول کي سڃاڻُم نہ ٿئي! نہ مان ساڳيو ھئس، نہ ٻوڏيشالا، نہ ئي منجھس ڦرندڙ ساڌُو ۽ سندن چيلا. ھڙئي چھرا نوان ھئا. جھڙوڪر بنھہ اڻ ڏٺل ھئا! ذھن مُشاھدي جي لقاءَ واري ڪيفيت سان ڪيتري ئي دير ڳنڍيل رھيو ھو. ڌيانَ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي تصوير ملي پئي! پر ان ڏينهن بہ مون ڳپالواتي تمام ڏکهي ڪئي هئي، ۽ ها، ان ڏينهن تنهنجو خط بہ آيو هو. تون ٻڌاءِ! مان ان مُشاهدي پويان تنهنجي خط ۽ ڳپالواتيءَ کي ڪيئن نہ مُحرڪ سمجهان؟

سِڙهہ. سوتي ڪپڙي جا. مِيرانجهڙا اچا. اُس تڏي ۽ اَڇڙي. چانڊيءَ جي رنگَ جهڙي. پاڻي ۽ آسمان هڪجهڙا نيرا. ان ڪان سواءِ ڦڙڪندڙ سِڙهن وارو ٻيڙو هو ۽ هڪ ناري هئي جنهن مون کي پرئين ڪنارِي جا پارَ تڻي ڏنا. سندس جُملا ڪجهہ هيئن هئا: "پريون پار هڪ وِک پويان آهي". "وسڪارو اچهو آيو"، "قافلو بيهي رهندو پر ويندو آخر تائين..."، "وک سِگهي نہ پوئتي رک..."

اهو سڀ ڪجهہ ڳالهائڻ واري ناري ڪير هئي، ڇتيءَ طرح خبر نہ پئي. پر ٻوڙي سَتوَا هڪ انومان ضرور اٿم! تہ مون کي پَرانهَن ماڳن جا پارَ ڏيندڙ ناري شايد مِيرا ئي هئي! ايئن محسوس ٿيو مون کي. پر هوءَ ڇا واقعي مِيرا ئي هئي؟ يا، ايئن ان سان مُشابهہ ياسندڙ ڪا ٻي نارِي هئي؟ پڪَ سان ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. بس، سمجهان ٿو تہ منهنجو ڏُڪو مون کي مِيرا جا ئي پارَ ڏئي رهيو هو.

هاڻي مون وٽ اُن مُشاهدي بابت انيڪ سوال آهن. هن چو چيو تہ اڳتي وڌڻ بدران وِکَ پوئتي ڪٽان؟ ڪهڙو قافلو هو جيڪو بِيهندو؟ ڪٿي ۽ ڇو بِيهندو؟ پر پيارا گُرو ڪجهہ ٻيا سُوال وڏيڪ پُراسرار آهن! مثال. مِيرا ٻيهر ڇو منهنجن تصورن تي صبح جي تاري جيان ڪِڙي پئي آهي؟ منهنجي ڏِيان ۽ نِرواڻ ڏانهن پنڌ ۾ هوءَ هاڻ ڇو ٿي اچي رَنڊَڪ وِجهي؟ اڄ بہ سندس تصور هِيجان ۾ منهنجا لڱ ڇو ٿو ڏڪائي! اهي تصور ڪٿي منهنجي تحت الشعور ۾ مِيرا سان مِلڻ لاءِ موجُود سَڏَ ڏانهن هڪ اِشارو تہ نہ آهن؟

هاڻي تہ ڳپالواتيءَ واقعي بہ پنهنجو جادو ڏيکارڻ شُروع ڪيو آهي. لڳي ٿو تہ هر شئي سان. لقائن. انسانن ۽ سندن روين. وڻن. ٻُوٽن ۽ سموري فطرت سان نئين سِر ڏيٺ ويٺ ٿي رهي آهي. هرشئي تي سوچي يا اُن کي ٻَسِي نئين حيرانيءَ جو ترنگ محسوس ڪريان پيو. ويندي هوا جو ڇُهاءُ بہ نئون محسوس ٿي رهيو هو. ويساهُ اچيم ٿو تہ اهو اختراع نہ پر منهنجي پنهنجي شعور جو ئي ڏنل لقاءُ هو.

ڌِيان شروع ڪرڻ کان اڳ واري هيبتَ هاڻ ڪجهہ جَهڪي ٿي هئي. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لمحن کي سگهہ ۽ صبر سان ڪاٽيم.

تنهنجو پڪشو وارو قصو تہ. ناڪامي هجي يا ڪاميابي. هر اوکِي سَوکِي مَهل نيٺ گذري ويندي آهي. پاڻ تي لاڳو نہ ڪندس، جو لڳي ٿو تہ انهن مشاهدن کان پوءِ هاڻ وِرلي ٿي مان ان شعوري ترنگ مان ٻاهر نڪران!

تنهنجو پاٽَڪ جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادم جو ڏنل ”ٻوڙي سَتوَ پاندين جا وُجودي پند“ جي عُنوانَ وارو خطن جي پهرئين ٿَهي جو پيون مون پڙهڻ شروع ڪيو تہ بس ئي نہ ٿئي ڪري سگهيس. بس چا چوان، خط نہ هئا حيرتن ڏانهن گهرا گهرا پارَ هئا. اهي ڪاهوڙي وُجود ۾ پاڻ ئي سفر ۾ پاڻ ئي منزل بڻجي چڪا هئا. مون ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو تہ ٻُڌ مَت جا پيروڪار سنڌ ۾ ايئن پنهنجن وُجودن ۾ گوتم ڪٺي پيا گهمندا هوندا. سندن ان سفر جي داستان ۾ مون کي ڏاهپ جو اوُج نظر آيو آهي، پر حقيقت اِها هئي تہ مون تہ ڪڏهن بہ پنهنجي مُلڪ ۾ ايئن ٻُڌ مَتَ جي کُلئي عام پيروڪاري توڙي ان بنياد تي پَرچار نہ ٻُڌي نہ ڏٺي هئي. تہ ڇا هو اجتماعي رازداريءَ جي حالت قائم ڪيو ٻُڌ مت تي هلي رهيا هئا؟

سنڌ وطن ئي يگانو هو، جتي انيڪ ٻوڙي ۽ جيني آثار کنڊرن جي صورتَ ۾ تہ موجود هئا، پر عمل ۾ جين مَت تہ پري جي ڳالهہ، ٻُڌ مت بہ ڪٿي بہ نظر نہ آيو هو. خير، اِن تي تہ تحقيق جي ضرورت هئي. سوچيم، انهن خطن ۾ سکڻ لاءِ ڪوڙ سارو مواد هو. خط جيڪي ڪنهن بہ اَدبي ذخيري کان گهٽ نہ هئا.

سوچيم پئي تہ ڪئميرا جي لينس جي ذريعي دنيا کي بيان ڪرڻ جو تہ پنهنجو مَزو آهي پر لفظن، ۽ ٻوليءَ ذريعي خيالن جو اظهار بہ ڏاڍي سُهڻي ڪاوش آهي. انهن خطن ۾ استاد توڙي شاگرد، ٻئي مون کي پنهنجي ڏاهپ جا ۽ ان جو اظهار ڪرڻ جا بادشاهہ لڳا آهن. پهرئين بابَ ۾ ٻنهي جي خطن جي ڏي وَٺ پڙهي پوري ڪئي اٿم.

هاڻي وري يو ڳِٽيءَ سان گذاريل وقت لکڻ جي ڪوشش ڪيم:

لِيهہ جي هِڪ سرد شام هئي. مان هڪ هفتو اڳ برطانيہ مان سينٽ اينڊريوس يونيورسٽيءَ جي بشريات (انٿراپالاجي) جي شعبي سان واڳيل ساٿين سان گڏ ٻُڌ مَت تي هڪ تنصيلي تحقيقي ڪم تي بطور ليڪڪ ۽ فوٽو/وڊيو گرافر جي اچي لداخ پهتو هئس. مون بشريات پڙهڻ کان پوءِ ڊاڪيومينٽري ۽ فوٽو گرافيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو، ڇاڪاڻ تہ منهنجو لاڙو لينس ۽ فلم ذريعي دنيا جي انسانن توڙي ثقافتن جا روپ پيش ڪرڻ پاسي وڌيڪ هو. باهران بشريات پڙهي اچڻ کان پوءِ انگلينڊ ۽ پنهنجي مُلڪ کان باهر منهنجي اها پهرين فوٽو گرافي هئي، جيڪا مان پنهنجي يونيورسٽيءَ جي تحقيقي گروهہ سان گڏجي ڪري رهيو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَيهه انسانن جي هجوم ۾ بُدل هو. هَيمِس ميلي جا ڏڻ هئا. جيڪو چوڏهين ۽ پندرهين جولاءِ تي هر سال ملهائبو هو. تبتيائي ٻُڌ مَت جو فڪر رکندڙ ان ڌرتيءَ تي ان ڏڻ کي ملهائڻ لاءِ پوري جهانَ مان پوڙي اچي لهندا هئا. ٻـ بَشرياتي ماهر (جَين ۽ مائيڪل) ۽ مان گڏجي ان ميلي جي مختلف پهلوئن کي رڪارڊ ڪَري رهيا هئاسين. جَين، مائيڪل ۽ مان علم بشريات گڏ پڙهيا هئاسين. اسان ٽنهي جو ايئن هڪ ئي تحقيق کي گڏجي ڪرڻ اسان ٽنهي جو فيصلو هو.

هو ٻئي پهريون پيرو مون سان توڙي هِڪٻئي سان سينٽ ائنڊريوس يونيورسٽيءَ ۾ مليا هئا. جتي اسين هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهي رهيا هئاسين. جَين آمريڪي ناري هئي، ۽ مائيڪل پڪو اسڪاٽش هو. اتي ئي پڙهندي پڙهندي سندن پاڻ ۾ ويجهڙائي ٿي وئي، هاڻي گذريل ڪجهه سالن کان سِول يُونين ۾ آهن. مون کي اهو جوڙو ڏاڍو پيارو لڳندو آهي: ٻئي پنهنجي شعبي جا تمام سُنا پڙهيل ۽ جاڻو آهن، ۽ منهنجا بهترين سنگتي آهن.

ان کان سَواءِ اسان ٽئي هِڪٻئي سان ڏاڍو دلچسپ ميلاپ آهيون، مثال طور، اسين مختلف سامي مذهبن جا ماڻهو آهيون. جَين يهودي آهي، مائيڪل عيسائي ۽ مان مسلمان. عمل ۽ عقيدي ۾ تـ مان آهيان ئي نالي ماتر مسلمان، پر هو ٻئي پنهنجن پنهنجن مذهبن بدران ٻُڌ مَت ڏانهن لاڙو رکندڙ هئا. اسان ٽنهي جڻن جو گروهه عالمگيريت جو ننڍڙو ايڪو هو.

اسان جو لَداخ جو اهو دورو هونئن تـ ٻن ٽن هفتن جو هو، پر مان اُتي ڏيڍ مهينو کن وڌيڪ رهي پيو هئس. ان پويان اصل محرڪ اها ئي ناري هئي، جنهن جو نالو مون خود يو ڳٽي رکيو هو.

اسان کي هَيمِس مَيلي جو سمورو داستان مرحليوار رڪارڊ ڪرڻو هو. اُن جا ٽي قسم هئا: هڪ تفصيلي تحقيقي مقالو، ڪتابَ جي صورت ۾ تصويرن تي ٻڌل هڪ فوٽو رڪارڊ جنهن ۾ هر فوٽو بابت تحريري بيان ڏنل هجي ۽ هڪ وِڊيو ڊاڪيومينٽري تيار ڪرڻا هئا. علم بشريات جي سِکيا اسان جي رُوحن ۾ هر نوعَ جي انسان سان ويجهڙائي ۽ پنهنجائپَ جا احساسَ پيري ڇڏيا هئا. اسان کي ڌرتيءَ جي هر ڪُنڊ ۾ رهندڙ انسانن ۾ عجب خوبصورتي محسوس ٿيندي هئي، اسان جا اُهي ئي احساس لداخ لاءِ بـ هئا. اُتي جي فطري توڙي پوڙي دنيا جي حُسن اسان کي بيحد سرشار ڪري رکيو هو. ايئن حُسن پَسندي پَسندي، هڪڙي ماڻهوءَ ۾ مان ايئن اٽڪيس جو هوءَ مون ۾ اندر پيهجي منهنجي جسم جيان بڻجي وئي.

هَيمِس ميلي جي شُروعات ٿي چُڪي هئي. هڪ پاسي اسين پنهنجي آندل مخصوص سوالنامي تحت ماڻهن کان انٽرويو ڪري رهيا هئاسين تـ ٻئي پاسي وڊيو شاٽس ۽ انٽرويوئن جا ڪِلپ رڪارڊ ڪري رهيا هئاسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُتلين جي لباس ۾ چهرن تي ماسڪ پاتل ٻوڌين جا منفرد رقص ڏناسين. ان رقص جو مَرڪزي نُقطو اهو هو تہ نيڪي پَس و پيش بَديءَ تي حاوي ٿئي ٿي. انهن پُتلين منجهان ڪي نيڪيءَ جون تہ ڪي برائيءَ جون نمائنده هيون. بس رنگن جو جهان هو، جنهن ڪي مان پنهنجي لينس سان وڏيڪ روشن پَسي رهيو هئس.

ٻہ اسان جي ان عِلمي تحقيق دوران ان حسين قصي جي شروعات هيئن ٿي:

اهو هَيمِس ميلي جو ٻيون ڏينهن هو. صبح سوير جو وقت هو، شايد ساڍا پنج ٿيا هوندا: مون کي اچانڪ جاڳ ٿي پئي. اجان وڏيڪ ڪلاڪ سُمهي سگهيس پئي، پر ڪوشش جي باوُجُود ننڊ نہ آئي. جَين ۾ مائيڪل اجان آرامي هوندا، اهو سوچي ننڊ جي ڪوشش ڪيم پر ٿوري دير پاسا ورائيندي ورائيندي جڏهن اک نہ لڳي تہ پنهنجي خِيمي منجهان ٻاهر نڪري آيس.

ياترين، سياحن توڙي اسان جهڙن محققن مان گهٽائيءَ جي رهائش اتي ويجهو ئي خِيمن ۾ رکيل هئي. صبح سوير هجڻ جي ڪري بندي بشر جي اچ وَڃ نہ هئڻ برابر هئي. مون ٻاهر نڪري پَسار ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڪلاڪ ڪن ڪئميرا سان مختلف شين جا فوٽو ڪيندو رهيس: رات واري باهہ جي مچ جي رَک، بند اسٽال، پٽ تي ڪريل ماسڪ، عمارتَ جي مختلف پاسن کان لڳل رنگ برنگي جهنڊيون. تبتيائي طرز جي پٿرن سان جُڙيل هَيمِس لَيهہ ۾ ٻُڌ مَت جي قديم ترين ڏرمشالا، جنهن کي هو ٻوڌيشالا سڏين ٿا، هئي. مون اندر ۾ سرهائي پئي محسوس ڪئي تہ هن مخصوص موقعي تي ان تاريخي ماڳ تي رهڻ صدين جي تاريخ سان جسماني ۽ رُوحاني ميل ملاقات ڪرڻ جيان هو.

مان هلندي هلندي هَيمِس ٻوڌيشالا جي پٺئين پاسي ويس، جتي رنگين جهنڊين سان ٻوڌيشالا جون مٿيون بالڪنيون سجايل هيون. سُهڻن جبلن جي وچ ۾ پويل ٻوڌيشالا جڻ رِحل ۾ هڪ جيئرو جاڳندو حُسن هئي ۽ ان رِحل ۾ پيل ٻوڌيشالا جي پيشانيءَ تي هڪ سهڻي ٽِڪَ جيان مون کي ڪوئي سراپا وجدان نظر آيو!

هوءَ هڪ ٽَڪريءَ جي ٽِري ۾ رکيل هڪ موڪري پٿر تي ڪنول آسڻ ۾ سانت وينل هئي: چَوڏاريءَ کان بيخبر، پنهنجي حُسن کان بي پرواهہ. رُوحاني ارپنا جي اوَجَ جو مظهر ٻٽيل، سنهڙو جسم، ڪٽڪي رنگت، پويان ٻڌل وار، لداخي گيڙو رنگ جي ساڙهيءَ ۾ زيب تن. مون ڏٺو تہ لداخي گيڙُو اسان جي نارنگي رنگ جي گيڙوءَ کان صفا مختلف هو. مان رنگن جي معاملي ۾ ايڏو چاٽو نہ آهيان، پر منهنجي خيال ۾ لداخي گيڙُو گهرو ڳاڙهسرو، يا ميرون نما گهرو واڱڻائي هوندو آهي!

سندس مخمور ڪنڌڙ حُسن ڏسي پاڻ جهلي نہ سگهيس، سندس فوٽو ڪيڻ لڳس. مختلف پاسن کان سندس انيڪ فوٽو ڪڍيم. هوءَ ڌيان ۾ رُڌل هئي: محسوس ٿيو ڪئميرا جو ڪِلڪ ڪيس ڌِيان مان ٻاهر ڪڍي ايندو ۽ هوءَ مون کي ڪاوڙ مان نِهاري چَنڊ پَٽيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ايئن نہ ٿيو. هوءَ پنهنجي ڏيان ۾ رُڌل رهي، مون سندس مورتيءَ نما جسم جي مختلف پهلوئن جا ۽ مُک جا ويجها ۽ پري جا شاٽ ورتا. هوءَ ڪنهن ٻي دنيا جي تصوراتي سفر ۾ اڏرندي محسوس ٿي رهي هئي. سندس پنڊ پهڻ ڌيان جو اهو نظارو فطرت جي هر جيو لاءِ هڪ نياپو هو تہ فطرت آڏو هڪ جيتامڙو انسان ايئن بي خبر، بي نياز، بي پرواهہ پنهنجي تصورن جي آڌار تي پاڻ کي فطرت آڏو اربي ان کي ڪيئن پنهنجي زير ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي... ڪيس ٽڪيندي ٽڪيندي ٽيهارو منٽ ڪن گذري ويا هوندا: هوءَ يڪي دير پنڊ پهڻ ان ئي آسڻ ۾ ويٺي هئي.

ست ٽيڻ وارا هئا. مون کي هڪ پاسي جين ۽ مائيڪل جو اُونو هو تہ هو مون کي ڳوليندا هوندا تہ ٻئي پاسي ميلي شروع ٿيڻ جو بہ فڪر هئم. ان ڪري مون ڪان انتظار نہ پئي ٿيو تہ هوءَ آخر هن ڌيان منجهان ڪيڏي مهل اُٿندي جو سائنس ڪجهہ ڳالهائي سگهان؟

ميلي جي ڪجهہ مُک شروع ٿيڻ جي اتاولائي هئم تہ ڪٿي ڪي اهم منظر ڏسڻ ڪان رهجي نہ وڃان. اهو سوچي مون هيمس جي اڳئين پاسي رُخ ڪيو تہ ليئو پائي ڏسي اچان تہ اتي ميلي جا آثار شروع ٿيا آهن يا نہ.

وچي ڏٺم تہ ڪجهہ اسٽال لڳي چڪا هئا. ڪي اجان لڳي رهيا هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي چڪي هئي. ڪٺ-پُتلي گڏين نما ماسڪ اسٽالن تي ٽنگجڻ شروع ٿي ويا هئا. جين ۽ مائيڪل بهرحال اجان اڌ ڪلاڪ وڌيڪ هن يوڳڻيءَ جي اٿڻ جو انتظار ڪري سگهيس پئي، اهو سوچي هيمس جي پوئين پاسي پهتس تہ بي اختيار نڪري ويو، مار... ڪيڏانهن وئي! هوءَ هاڻي اتي ڪا نہ هئي! مون کي مونٽي اچڻ ۾ مشڪل سان پنج ست منٽ لڳا هوندا. دل جهڙي ٻُڏي وئي. ڪيس هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ شروع ڪيم.

سامهون ڏسان تہ اُن ئي گيڙُو رنگ جي ساڙهيءَ ۾ هڪ ناري پنيري ڏاڪڻيون چڙهندي پئي وئي. يڪ ٽيم، اهائي هئي! جيتوڻيڪ اجان هيمس جي پوري خبر نہ هئم پر اندازو لڳايم تہ اهي ڏاڪڻيون هن بوڌي-درن ڏکانگ يا تشانگز کانگ مان ڪنهن هڪ ڏانهن پئي ويون. (ٻڌ مت ۾ بوڌي-درن کي پگوڊا بہ سڏيو وڃي ٿو). هوءَ پگوڊا ڏانهن ويندڙ پٿرائين ڏاڪڻ چڙهندي پئي وئي. مون بہ سندس پويان پويان اهي پٿرائان ڏاڪا چڙهڻ شروع ڪيا. سندس وڪ ۾ ايترو تہ سڪون هو، جڻ ڪا تڪڙ نہ هئس ڪٿي پهچڻ جي. هڪ ناري ڏاڪڻيون لهندي گڏيس، ان سان بہ ٽي لفظ ڳالهائي اڳتي وڌي وئي.

مان آهستي آهستي سندس پويان ويس پئي، نيٺ هوءَ وڃي هڪڙي ٿلهہ سان ٽيڪ لڳائي هڪ پگوڊا ڏانهن مُنهن ڪري ويهي رهي. مان سندس پنيان ئي بيٺو هئس، ڏانهس وڌي ڳالهائڻ چاهيم، اڳتي وڌيس تہ سندس سامهون هڪ لداخي بوڌي ساڌوءَ کي ويٺل ڏٺم. ٿلهہ جي ٻنهي پاسن ڪان سندس ڪلها نظر آيا ٿئي، هوءَ پلٽي هنيو ويٺي هئي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندي بہ ڏاڪٽيون لھي ميلي جي مُک پاسي ڏانھن وڃڻ شُروع ڪيم. جيتوڻيڪ ذهن ۾ هن ناريءَ کي ئي سوچيم پئي، پر ڌيان متائڻ جي ڪوشش ڪيم.

سامهون ڏٺم تہ هائي ميلي تي آيل مائھن جي پيهہ وڌندي ٿئي وئي. نوجوان ٻوڍي رقص ۾ رُڌل هئا. مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اهو رقص هو ڇا تي. ايڪٽيهين آڪٽوبر تي ملهائي ويندڙ هئلووئين رات جي طرز جهڙو منظر هو: منهن تي ماسڪ پائي ٻوڍي مرد توڙي ناريون رقص ۾ ڦريا پئي. سندن ماسڪ ۽ رقاصي ڊرامو ڏسي لڳو پئي تہ بَديءَ تي ڀلائيءَ جي سوڀ جي ڪهاڻي بيان ٿي رهي هئي.

مون ميلي جا فوٽو شاٽ وٺڻ شروع ڪرڻ کان اڳ ڇوڏاري ڏٺو تہ ڪيترائي فوٽو گرافر منهنجن ساٿين سميت فوٽو ڪڍڻ ۾ رڌل هئا. مون بہ سمجهيو تہ ميلي ۾ فوٽو ڪڍڻ لاءِ هر هڪ ماڻهوءَ جي اجازت وٺڻ ضروري نہ آهي، پر جتي چند لاما پنهنجي منهن سان مشقون ڪرڻ ۾ مشغول هجن تہ انهن کا اجازت وٺڻ لازمي آهي. اهو سوچي مان ٿورو ڪِکو وکو تہ ٿيس، پر اِهو سوچي مُرڪي بہ پيس تہ سندس تہ ڪوڙ سارا فوٽو ڪڍي ورتا هئم. هوءَ هئي تہ ڌيان ۾ گم، پر ڪئميرا جي آواز شايد سندس ڌيان ۾ رڪاوٽ تہ وڌي هوندي.

پوءِ پاڻ ئي پاڻ کي سمجهايم تہ جي ايئن هجي ها تہ هوءَ پنهنجو ڌيان روڪي مون کي ايئن ڪرڻ کان روڪي ها... ظاهر آهي، هوءَ ڌيانَ ۾ ايتري تہ مَحو هُئي جو ڪئميرا جي ان صفا هلڪڙي آواز ڏانهن سندس ڌيان ئي نہ ويو هوندو. هونئن بہ مان سندس ايترو ويجهو تہ بيٺل هئس ئي نہ جو هلڪڙي ڪلڪ تي هوءَ ڌيان ٽوڙي ويهي ها. ايئن پاڻ کي سمجهايم ۽ پنهنجي تحقيقي ڪم ۾ لڳي ويس.

اسان ميلي کان ڪجھ ڏينهن اڳ لداخ پهتا هئاسين. اسان جي تحقيق جو طريقو اهو هو تہ اسين سمورو ڏينهن پنهنجي پنهنجي ڪم تي لڳل هوندا هئاسين. مان فوٽو گرافي ڪندو هئس، مائيڪل وڊيو پريندو هو ۽ جَين انٽرويو ٽئي ورتا. شام جو ٽئي گڏجي سڄي ڏينهن جي ڪم کي سهيڙي ان تي ڳالھ ٻولھ بہ ڪندا هئاسين تہ گڏجي شرما جي ڪٽنٽين تي رات جي مزيدار شاڪاهاري ماني کائيندا هئاسين.

هيمس ميلي جي پهرئين ڏينهن جي پوري ٿيڻ تي اسين هميشہ جيان گڏياسين ۽ سموري ڏينهن ۾ هڪبئي جي ڪيل ڪم کي ڏٺوسين: وڊيو شاٽس، انٽرويو ۽ فوٽو. منهنجي فوٽن جي فولڊر ۾ يو ڳتيءَ جي يو گا وارن فوٽن کي ڏسي جَين خوشيءَ منجهان رڙ ڪئي، ”هي تو ڪيڏي مهل ڪڍيا ڪبير؟“ مون ڪين ٻڌايو تہ ڪيئن اڄ مان ننڊ مان سوير اٿي پيو هئس، هلڪڙي اوندھہ ۾ صبح سوير هيمس جو نظارو ڪيم پئي تہ هيءَ يو ڳتي يو گا ڪندي نظر اچي وئي، پاهرئين منظر کان صفا بي خبر هوءَ ڪو تہ اڌ ڪلاڪ ويٺي هئي، چيم، ”بظاهر بلڪل غير متحرڪ، بي احساس، فطرت جو پرتوو.“

”بي حد حسين!“ مائيڪل ستائشي نگاهن سان فوٽو ڏٺا. سندس ڌيان ۾ ويٺل مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ رقص جو پنهنجو منفرد انداز هو. پَير تي ڏوڪي سان پيرن جو لَهرائي ڪٽي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڪرڻ، هٿ آسمان ڏانهن ڪٽي متي نهارڻ، محسوس ٿيو پئي جڻ ڪو نياپو ڏيڻ جو انداز هجي. سادگي ايتري جو رقص رقص بدران ڪنهن جنگجُوءَ جي جنگي مشق ٿئي محسوس ٿيو. مٿن تي رومال ٻڌل لداخي لباس ۾ محو رقص ناريون، سندن جسم موسيقيائي تالهين جي وڃَت تي مختلف انداز ۾ هيڏي هوڏي ڦِريا پئي، اسان لاءِ تہ اهي منظر جڻ ديومالائي هئا.

سمورو ڏينهن ڪم ڪار ڪري رات جي ماني کائڻ گڏ ويٺاسين. هڪٻئي کي پنهنجو پنهنجو ڪم ڏيکاريوسين. ٽڪ ايترو هو جو وڏيڪ ويهي نہ پئي سگهياسين. پنهنجي پنهنجي خيمي ڏانهن وڃڻ لڳاسين. ويندي ويندي جَين پويان کان وري پُڇيو، ”ڪبير، تو ان يو ڳٽيءَ جي انٽرويو بابت نہ ٻُڌايو. اڄ تو کي نہ مليو ڇا؟“

افسوس منجهان چيم، ”مون کي نظر ئي نہ آئي اڄ تہ.“ مائيڪل ۽ جَين بہ ها ڪئي تہ هنن بہ اڄ کيس ڪٿي ڪو نہ ڏٺو.

ڪمري ۾ اچي سامان رکيم ۽ ليٽي پيس. سوچيم شايد هلي وئي هوندي. اِهو سوچي افسوس ٿيم، پر وري اِن اميد تي بہ سوچيندو رهيس تہ تي سگهي ٿو تہ نہ وئي هجي، متان اِتي ڪٿي ئي هجي، ۽ جي اِتي هوندي تہ نيٺ نظر اچي ويندي، سائنس ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهندس. سوچن جي جهان ۾ پاسا ورائيندي ورائيندي وڃي ننڊ پيڙو ٿيس.

ٻئي ڏينهن اسان گوتسانگ ڏِپان واري غار ڏانهن وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو، جيڪا ڪافي اوچائيءَ تي هئي. صبح جو اُتي ناشتو ڪري ڪلهن تي پنهنجا پنهنجا ٿيلها ڪٽي متي وڃڻ لڳاسين. اها رات منهنجو خيال هو تہ اسان کي متي ان غار ۾ ئي ترسڻ کپي ها پر مائيڪل ۽ جَين جو خيال هو تہ رات واپس اچي هيٺ بُک ڪرايل ڪمرن ۾ ئي گذارجي، پوءِ مون بہ سندن چونڊ تي اهو ئي سوچيو تہ دير تائين متي ماڳ کي قلهوري واپس موٽڻ ئي بهتر هو. اِها بہ خبر نہ هئي تہ متي رهائشي سهولت هئي بہ يا نہ.

اها غار هَيمس وٽ ئي ڏيڍ بہ ڪلوميٽر متي هڪ جابلو ٽريڪنگ تي هئي. پٿرائين رستي کي انتظاميا ڏاڪڻ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا جابلو ناهمواريءَ سبب ڪيترين ئي جاين تان اَڻ-گهڙيل هئي. سُڪل ٺوٺ ٺڪرن جي وچ ۾ اَڏيل اُن رستي نما گَسَ تي پاسن کان سهٽا گل بہ تہ قتل هئا. تہ ڪيئن نہ زندگيءَ جي هن بي رحم بي ثباتيءَ ۾ بہ، اميد جي اَکٽ جهان تي ويساهہ ڪجي ها. اگهاڙن جبلن جي وچ مان متاهين ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ ڏکيو پر هڪ حسين تجربو هو: سانتيڪو رستو، پاٽيءَ جي وهڪري جو آواز جيڪو خبر نہ آهي ڪٿان جبلن مان متان کان هيٺ وهيو پئي، پر نظر نہ ٿئي آيو. ان پُراسرار پاٽيءَ جابلو خاموشيءَ کي انوکو راز پئي ڏنو.

ان سموري سفر جي تجربي جو هڪ ڏکيو پاسو بہ هو... مون سوچيو پئي تہ ايندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهينن ۾ جڏهن سيئارو ايندو تہ ان جي سخت ٿڌ ۾ برف سان ڍڪيل بي رحم جبلن جي وچان نڪتل ان رستي نما جابلو ٽريڪ تي نازڪ انساني زندگيءَ جو ايئن چڙهندو وڃڻ، اصل ۾ وڪَ وڪَ تي جياپي جو بچاءُ ڪرڻ جي ڪهاڻي هوندي. خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن انَ جبلَ جو فقط هڪ پٿر جو ٽُڪرو بہ مٿي تي لڳي يا پٿرن تي پيل برف جي ڪري ٿورو بہ پير ترڪي پوي تہ زندگيءَ کي فنا ڪري سگهيو پئي. زندگي موت جي گهيرن ۾ رَوان دَوان هئي. فنائيت جو راڄ هو. فطرت جو ساهہ ڪٽيندڙ حُسن، فطرت جي احساسَ ۽ رحمَ کان وانجهي اجگريتَ جي ڪري خوف جي شِدتَن ۾ ڪَنبيو ٿئي. ان سموري بي رحم اجگريتَ جي وچ ۾ بقا ڪمزور پر متحرڪ، بامقصد ۽ اٽل هئي.

جڏهن ياتري يا محقق لِيهہ ڏانهن ايندي جادوئي رستن تان گذرندا ايندا آهن تہ ڪين اندازو ئي نہ هوندو آهي تہ اڳتي هلي جڏهن هو قديم پوڙي دنيا جا حسين مقام ڏسندا تہ ڪين اهو حُسن وسري ويندو. هڪ پاسي فِطري حُسن آهي تہ ٻئي پاسي قديم تهذيبي حُسن جيڪو ان ئي فطرت کي چيري گهڙيو ويو آهي. هڪ پاسي برفاني چوٽين وارا اُوچا اڏول جبل، انهن منجهہ انيڪ ڏِسائن ڏانهن ويندڙ پَنڌ جا رستا، گهٽ گهيڙَ ۽ ماڳ مڪانَ، فيروزي ڊنيون، ٻن جبلن جي وچ ۾ گِهريُون ڪاهيُون (Gorges) جن کي ڏسي مون کي هميشہ نارِيءَ جو سينو ياد ايندو آهي، جڻ ڪنهن حسين نارِيءَ جي ڀرپور ڀريل ڇاتين جي وچ ۾ پيل اُونها کُپ هجن اهي ڪاهيون. فطرتَ جي اِن بي مثال حُسن جي ٻي ڪهڙي حسين پَيٽَ پيش ڪجي ها!

چوڏاري اَڏول جبَلن جا گهيرا ۽ اُنهن جي وچ ۾ ڊنين، ميوبدار وڻن ۽ حسين واديُن ۾ جڻ ازل کان ساهہ کڻندڙ قديم تهذيب پنهنجو شاندار جياپو قائم رکيو ويٺي هئي. فطري نوڙي تهذيبي حُسن هِڪبئي سان خطرناڪ مقابلي ۾ هئا. ٻئي فطرت ۽ انسان جي نِجي تخليق، فطري ۽ شعوري طور گهڙيل، انهن ۾ قديم زمانن کان سانڍيل ٻوڌيشالائون، جن جي قديم عمارتن منجهہ ساهہ جيان ڪچندڙ لهندڙ منترَ. جن جي گُونج گذريل صدين جي مختلف دورن کان وٺي اڄ تائين ٻُڌجي پئي.

هڪ پاسي جبلن جون اوچايون، ٻئي پاسي رُوحانيت جون گهرايون... اوير پنهنجي منفرد گِهرائپن ۾ ڪيڏو نہ امير هو. سوچيمر! پر گهرائيءَ جو هڪ نقصان اهو بہ هوندو آهي تہ اُتي گهگهہ اوندهہ هوندي آهي، اتي پنهنجي اندر جي روشنيءَ سان هلڻو پوندو آهي. اُن روشنيءَ کان سواءِ انسان اُنهن گِهرائين ۾ پنهنجو وُجُود وڃايو ڇڏي.

جَين، مائيڪل ۽ مون ان رستي تي هلندي هلندي ان جي گهڻ-رُخي خوبصورتيءَ کي تمام گهڻو ساراهيو پئي. اسان ٿئي ان رستي تي هڪ پاسي ماحول جي وسعت، ٻئي پاسي ان جي خاموش نويڪلائيءَ سان رَلجي هڪ ٿي چڙهندا پئي وياسين. هڪ جاءِ تي ڏهہ منٽ ڪن ترسياسين بہ. پاڻي پيتوسين، پاسي اوسي نظارو ڏٺوسين. ان جي پَٽِريانگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسن تي پنهنجي پنهنجي راءِ ڏنيسين، ايئن وري اڳتي پير کنياسين.
غار جي ويجهو پهتاسين تہ ڇڙا وڳا پئي، مَنترن ڳائڻ جو آواز بہ آيو پئي، اندر ۾ تجسس ۽ خوشيءَ جون لهرون اٿڻ لڳيون هيون... اهو تہ تجربو ئي عجيب هوندو، مون سوچيو.
اتي بہ ننڍيون عبادت گاهون هيون، يعني بوڊِي-درَ، اتي ماٿهن عبادت پئي ڪئي.
هڪ پاسي نِرواڻ جي دنيا کي فقط سمجهڻ لاءِ ٽي سالا تربيتي ڪورس بہ ٿيندو هو، جنهن ۾ نوان شاگردَ، جن کي بيڪو يا ڀڪشو سڏيو پئي ويو، سخت تربيت هيٺ رهندا هئا. سندن لاءِ هڪ طرف نويڪلا ڪمرا مخصوص ڪيل هئا، ان پاسي ڪنهن کي بہ وڃڻ جي اجازت نہ هئي. نہ رڳو اهو پر تربيت هيٺ رهندڙ بيڪارين کي هِڪٻئي سان ڳالهائڻ جي بہ اجازت نہ هوندي هئي. خبر پئي تہ اها نَويڪلائيءَ واري تربيت گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال جاري رهڻي هئي.
مٿي بوڊِي-درَن جو ظاهري ڍانچو بہ ان ٽڪريءَ کان هيٺ بيٺل هَيمِس جي عمارت جيان قديم هو، ان جيان ئي درن ۽ درين تي پراڻي طرز جي چِٽسالي ٿيل هئي. ڪمرن ۾ ساڳي چِٽساليءَ سان فرشي نشست لاءِ ننڍڙيون مَيزون رکيل هيون هيٺ وَيهي جن تي ٻُڌ مَت جا تَربيت-ڪار توڙي شاگرد لکندا پڙهندا هئا. ان کان سواءِ رنگين جهنڊيون عمارت جي مختلف پاسن تي ٽنگيل ۽ بوڊِي مالائون ماٿهن کي پاتل، اهي بہ هَيمِس جون خاص نشانيون هيون، ان ڪري اهي مٿي بہ ايئن ئي ٽئي نظر آيون، پوءِ پتو پيو تہ اهو سموري لَداخ جو مزاج هو.
ان قديم غار ۾ ”گيالوا گوتسانگ پا“ ڏيان ڪيو هو. چون ٿا تہ ساڌو گوتسانگ جبلن جي وَچ ۾ وسيل ان غار ۾ ڏيان ڪندي بيمار ٿي پيو: اوسي پاسي نہ تہ ڪو ويج هو، نہ وري ڪي اسپتالون هيون جو مهل ۾ سندس اعلاج ٿئي ها، نہ وري هو اُن غار مان ٻاهر نڪتو. ايئن هو ڏيان ڪندو رهيو ۽ پنهنجي بيماريءَ جي مخصوص مزاج تي غور ۽ فِڪر بہ ڪندو رهيو. چون ٿا تہ ايئن ان غور دوارن کيس نِرواڻ ملي پيو ۽ نِرواڻ ملڻ سان ئي سندس صحت بحال ٿي وئي. ان کان پوءِ هن انيڪ راڳ رڳو ان تي ڳاتا تہ بيماريءَ دوران بنا ترسئي ڪيئن پنهنجو سفر جاري رکجي. درد ۾ ڳائيندو رهڻ سندس لاءِ وڏو مقام هو.
ڪيڏو نہ سُهڻو خيال هو تہ درد جي شدتن کي پوڳيندي بہ ڳائجي، ويندي مرڻ گهڙيءَ تائين ڳائجي. ايئن ساڌو گيالوا گوتسانگ مرڻ گهڙيءَ تائين ڳائيندو رهڻ ڪري امر ٿي ويو. اهو ۽ اهڙا انيڪ قصا ڪهاڻيون اسان ٽنهي ٻڌا پئي ۽ انهن کي رڪارڊ ڪندا پئي وياسين.
جنهن غار ۾ گيالوا گوتسانگ ڏيان ڪندي گذاري ويو هو، ان غار ۾ پهتاسين. پنهنجو سامان ۽ جوتا لاهي ٻاهر رکياسين. جَين جو خيال هو تہ اتي ڪجهہ دير ويهي ڏيان ڪجي، مائيڪل بہ حامي ڀري تہ مان بہ ساڻن گڏ ويهي رهيس. اندر بہ ناريون ۽ هڪ مرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان ۾ رُڌل هئا. هڪ ناريءَ تي نظر بيهي رهي. تورو غور ڪري ڏٺم ته هڪ ناري اها ئي يو ڳُٽي هئي! ان کي جين ۾ مائيڪل نوٽ نه ڪيو. هو ٻئي به ڏيان جي حالت ۾ ويهي رهيا.

پنهنجي پر ۾ ڏيان ۾ وينل مائيڪل کي نوٽ هٽي پٽڪو ڪري ٻڌايم ته اها ناري به سامهون ڏيان جي حالت ۾ ويني آهي. مائيڪل اکيون کولي سامهون هڪ نظر وڌي مون ڏانهن ڏسي مُرڪيو ۽ وري ڏيان ۾ هليو ويو. جين ۾ مائيڪل اکيون بند ڪري ڏيان ۾ رُڌل هئا. مان اکيون بند نه پئي ڪري سگهيس ته متان هوءَ اکين آڏو گذري هلي وڃي ۽ مان کيس ڏسي نه سگهان. سو اکيون کليل رکي کيس تڪيندو رهيس. مائيڪل ۽ جين اڃان ڏيان ۾ ئي هئا ته هوءَ پنهنجو ڏيان پُنائي اٿي بيني ته سندس نظر مون تي پئي، مان جيڪو اڳي ئي کيس ڏسي رهيو هئس. سُڃاڻپ جا هلڪڙا آثار سندس مُک تي ڏٺم پر ان ئي لمحي اهي گم ٿي ويا ۽ هوءَ ٻاهر نڪرڻ لڳي.

مان به آهستي آهستي ٻاهر نڪري آيس. کيس ويندي سڏ ڪيم، "هيلو مِس..." انگريزيءَ ۾ ڪيڪاري چيومانس، "مهرباني ڪري تورو بيهو، مون کي اوهان سان ڳالهائڻو آهي." هوءَ بيني، سواليه انداز ۾ مون کي ڏٺائين. چيومانس، "اسين علمِ بشريات جا محقق آهيون، هتي ٻُڌ مَت تي هڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ آيا آهيون، مون کي اوهان جو انٽرويو ڪرڻو آهي."

هن ڪجھ لمحا مون کي گهوريو ۽ انگريزيءَ ۾ ئي ڏاڍي نرميءَ سان جواب ڏنائين، "مون وٽ اوهان جي دلچسپيءَ وٺان ڪا به ڪهاڻي نه آهي." ان کان اڳ جو هوءَ پنهنجي دلڪش مُرڪ سان اهو رُکو جواب ڏئي هلي وڃي ها. مون نه پِھ وراٽيو، "اهو اسين بشريات جا ماهر طئه ڪنداسين ته اوهان وٽ اسان جي دلچسپيءَ جون ڪهڙيون ڪهاڻيون آهن، بس اوهان جو تورو وقت کپي، مهرباني ٿيندي اوهان جي." هاڻي هن جي مُکَ تي اثبات جا احساسَ نظر آيا. چيائين، "ٺيڪ آهي، مون کي پاٺ ۽ مشقون ۽ ڪجھ مُلاقاتون ڪرڻيون آهن. مون کي ٽلاڪ به لڳندا، پوءِ ملي ٿا وٺون. اڄ رات به مان اتي ئي آهيان."

سندس اِن "به" ۾ معنيٰ هئي، يعني هوءَ ڪالهه رات "به" اِتي ئي هئي، ۽ منهنجين بيچين اکين وري کيس هيٺ تلاش پئي ڪيو! خير. مِلي ته وئي. مون هڪ لمحو به سوچڻ ۾ وڃائڻ بدران هڪدم کيس چيو. "ٺيڪ آهي. آهيان ته مان به اڄ رات اتي ئي پر منهنجا ساٿي هيٺ واپس ويندا. جو سندن ڪمرا هيٺ ورتل آهن. پر انهن کي به اوهان جي انٽرويو ۾ لازمي هجڻو آهي."

چيائين، "اوڪي، بس ٽلاڪ ڏيڍ ۾ اِتي ئي اچان ٿي..." اهو چئي هوءَ هلي وئي.

جيتوڻيڪ مون سميت اسان سڀني جو هتي رات رهڻ جو ڪو به پروگرام نه هو پر مون لمحن ۾ طئه ڪري ورتو هو ته مان ته هتي رهي پوندس. ان بهاني سان هن يو ڳُٽيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان جيترو تي سگهيو وقت گذاريندس.

ڪجهه دير ۾ مائيڪل ۽ جَين به ٻاهر نڪري آيا: مون کين ٻُڌايو ته يو ڳِٽي هڪ ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ جو وقت ڏنو آهي انٽرويوءَ لاءِ. ان ڪري اتي ترسڻو پوندو. جَين چيو، ”رات هتي ڪيئن رهبي،ڪبير، اسان جا ڪمرا ته هيٺ ٻُڪ ٿيل آهن؟“ مون تڪڙو وراڻيو، ”ها، اوهان پلي هيٺ وڃي رهجو، مان هتي رهي پوندس اڄ رات.“ ٻنهي هڪٻئي کي ڏِٺو. مائيڪل وري جَين کي اک هڻي مُرڪيو، مون کي گهُورَ پائي چيائين، ”هي ته دوکو آهي ڪبير، تون اسان سان گڏ آيو آهين، توکي اسان سان گڏ هيٺ هلڻو پوندو...“

منٿ ڪندي چيم، ”پر مان پنهنجو سمورو ڪم پورو ڪندس، اوهان کي ڪنهن به شڪايتَ جو موقعو نه ملندو.“

اِن تي جَين مُرڪي پئي، ۽ چيائين ”پلي تون رهي پئو، انٽرويو وٺ ان يو ڳِٽيءَ جو.“ مائيڪل ان ۾ جملو هنيو، ”انٽرويو ونجاءِ ضرور...“ مان مُرڪي پيس، اتي جَين هڪڙو ٻيو جملو هنيو، ”رڳو انٽرويو ئي ونجاءِ...“ ان تي اسان ٽنهي کلي ڏنو.

اسان فوٽو ڪڍندا، ٻوڌين کان انٽرويو ڪندا رهياسين. مِنهنجي نظر يو ڳِٽيءَ تي به هئي. هوءَ پاٺ پڙهندي، مشقون ڪندي وڃي پَدما سَمپاوا (گُرو رَمپوچي) جي پير جي نشان وٽ ويهي رهي.

اتي پاسي ۾ بيٺل هڪڙي ٻوڌي اسان کي ٻُڌايو ته گُرُو پَدما سَمپاوا جي تِبتيائي ٻُڌ مَت ۾ تمام گهڻي اهميت ان ڪري به آهي جو هن پهريون ڀيرو وَجرايانه ٻُڌ مَت کي تِبت ۾ روشناس ڪرايو هو. جيتوڻيڪ سندس پيدائش جي جڳهه بابت مختلف رايا آهن، هڪ تحقيق دوران ڪتي اهو به پڙهيو هئم ته پَدما سَمپاوا مالاڪنڊ جي ضلعي دِير ۾ ڄائو هو، جيڪو تنهن وقت ۾ اوڏياڻ جو حصو هو. پر ان جاءِ بابت پڪتي ثابتيءَ سان نه ٿو چئي سگهجي.

مون لاءِ ان سفر جي مزي ۾ هر لمحي واڌارو ٿي رهيو هو. هڪ پاسي پنهنجي علمي تحقيق تي آيل هجڻ، ٻئي پاسي ٻوڌي جهان جا قديم گومپا، غارون ۽ عمارتن جي چِوڏاري گيلرين ۾ لڳل عظيم ٻوڌي انسانن جون فريمن ۾ لڳل پينٽنگون ڏسڻ، جن ۾ هو ڌيان ۽ ڪَسرت جي مختلف مشقن جي دنيا ۾ گم آهن. هيمس ۾ سئڪيامُني يعني گوتم ٻُڌ جي وڏي اِسٽُوپا جي سامهون هڪ پهاڙي ڏرتيءَ جو گهيرو هجي، جتي نيرين ڍنڍون اوچن جبلن جي وچ ۾ وهي رهيون هجن، اهڙي حسين بهشتي منظر ۾ هڪ يو ڳِٽي، جنهن جي نالي ۽ ڏس پَتي جي مون کي ڪا به خبر نه هجي، ۽ ان جي خوبصورت ۽ دلڪش شخصيت دل کي موهي رکيو هجي... ان سان اڄ ڪجهه وقت گذارڻ جو موقعو مليو رهيو هجي ته مون جهڙي عاشق کي ٻيو ڇا گهرجي ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَين ۽ مائيڪل بہ مِيرا جي واندي ٿيڻ جي انتظار ۾ اتي ئي گوتسانگ غارون گهمندا رهيا. هوءَ لڳ ڀڳ پوڻن ٻن ڪلاڪن ۾ واندي ٿي وئي، پاڻ ئي اچي چيائين، "ڪٿي ويهجي؟" مون هڪ رهائشي خِيمي ڏانهن اشارو ڪيو. ان جي سامهون پَٽ خالي هو. هن ها ڪئي ۽ اسين وڃي اتي ويهي رهياسين. مائيڪل ۽ جَين بہ اچي ويا.

گيڙُو ساڙهي ۽ سونهري ڪنڪي رنگ ۾ اڄ هوءَ سچ پچ ديوي لڳي رهي هئي. سوچيم، شايد انسانن اهڙن وُجودن کي ڏسي ئي خدائن جا تصور پيدا ڪيا هوندا. خبر نہ آهي ڇو مون کي لڳي رهيو هو تہ اهڙي وُجود جي فقط پوڄا ئي ڪري سگهجي ٿي، اهڙي حُسنَ جي عاشقَ جي رڳو زماني جي پيار مان دل ٽوڙوئي پرجي ها؟ اتي تہ عشق لازمي هو!

مون ڪانئس ڪو سوال پڇڻ چاهيو پئي پر زبان مان لفظ نہ ٿئي اڪليو، ۽ مون کي ڪانئس گهڻو ڪجهہ پڇڻ جي ايتري تہ اتاولائي هئي جو اها سَڌَ ٻڌجي ساهن سان گڏ ڪڇڻ ۽ لهڻ لڳي هئي. ان شوق ۽ جذبات جي اٿل ۾، مان خيالن منجهان ڪا بہ ڳالهہ جوڙي نہ پئي سگهيس، مون کي چپ ڏسي جَين سانس گفتگو شروع ڪئي.

"اوهان ٻُڌ مَت سان ڪڏهن کان واڳيل آهيو؟"

ان سُوال تي هوءَ مُرڪي پئي. ڪجهہ چوڻ کان اڳ هڪ ٻہ سيڪنڊ گذرڻ ڏنائين پوءِ چيائين، "ازل کان..."

ان تي اسان ٽئي هڪٻئي کي ڏسي مُرڪي پياسين. پر اهو جيئن تہ جَين جي سوال جو تز جواب نہ هو، جَين جي مک تي جواب مان بي اطمينانيءَ جا آثار ڏسي يو ڳُٽيءَ پاڻ ئي چيو، "ڏهاڪو سال کان مان ٻُڌ مَت جي دنيا ۾ آهيان."

جين وري ڪانئس پُڇيو، "هيمس ميلي لاءِ آيا آهيو؟"

چيائين، "لڳي ٿو تہ شايد هن ميلي جي ڪري بہ آئي آهيان..."

مائيڪل پُڇيس، "هن ميلي جي ڪري "بہ" معنيٰ ڇا، ڪنهن اَسائنمينٽ تي آيا آهيو ڇا؟"

ان تي سندس چهري تي سنجيدگي اچي وئي، ايئن نهاريائين ڄڻ ان سُوال جو جواب ڏيڻ بارُ محسوس ٿيس پئي... ٿورو ترسي چيائين، "ها، مان پنهنجي هڪ ڪم جي ڪري ليهہ آئي آهيان، پر هتي ميلو لڳو پيو آهي، سو پنهنجي ڪم ڪرڻ سان گڏ ميلو بہ ڏسان پئي."

مائيڪل وري پُڇيس، "ڪا تحقيق پيا ڪريو ڇا، اسان کي ڪجهہ ٻُڌايو اُن بابت؟"

اِن تي هن ڪجهہ ڊگهي وٿي ڏني ڳالهائڻ کي. ڄڻ اهو سندس مزاج هو تہ تڪڙي جواب ڏيڻ کان اڳ ٿورو ترسي!

سوچيندي مُرڪي چيائين، "پاڻ کي ڳولي لهڻ جي ڪوشش پئي ڪريان."

سندس تحقيق بابت هوءَ اسان ۾ تجسس پيدا ڪري وئي. مٿان پاڻ کي ڳولي لهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سندس ڇا مُراد هئي؟ سمجهه ۾ نہ ٿئي آيو تہ سندس معنيٰ خيزيءَ جي ڪيئن تشريح ڪجي ها!

”ڪيئن ڳوليندؤ پاڻ کي“، جَين پڇيس.

چيائين، ”ٻُڌ مَت ساڻ ڪٽي رُوحَ جي ٻولي سِکندَي، پنهنجي داخِل جي مُسافريءَ تي نڪتي آهيان. ايئن پاڻ کي ڳولي لهڻ جي سفر تي آهيان، ڏسون ڇا ٿو ٿئي...“

اسين سندس اِنهن ڏاهپ ڀريل خيالن کي ڪجهه سمجهياسين تہ ڪجهہ نہ، پر ڪانئس متاثر ضرور ٿي رهيا هئاسين.

مائيڪل پُڇيس، ”هَيمس ميلي جي ڪهڙي خاص ڳالهه توکي موهي تي؟“

اُن تي هن سوچڻ واري وٿي ڏني بنا ئي ڳالهائڻ شُروع ڪيو، ”سموري دنيا منجهان ٻوڌين جو هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ، اها عالمي يڪجهتي ۽ هيڪڙائي ٻُڌ مَت جي تابناڪ مستقبل جو واعدو آهي.“

جين وري ڪانئس پُڇيو، ”ڇا سبب هو جو پنهنجو مذهب ڇڏي، ٻُڌ مت ڏانهن آئينءَ؟“

ان تي نَهہ ٻَهہ وراڻيائين، ”سڀ ڪان پهرين، هڪ ڳالهه واضح ڪريان تہ ٻُڌ مَت ڪنهن بہ صورتَ ۾ مذهب نہ آهي، اهو هڪ فلسفو آهي، ڏاهپَ آهي. ٻيو اهو تہ مان ڪجهہ بہ ڇڏئي بِنا ئي، پنهنجي پُوري مرضيءَ ۽ وُجُود سان هن ڏاهپ ۽ اِدراڪ جي دنيا ۾ آئي آهيان.“

اُن تي مائيڪل پُڇيس. ”تنهنجو مطلب آهي تہ تون پنهنجي مذهب ۽ ٻُڌ مَت تي هڪ ئي وقت هلين ٿي“

ان جو جواب ڏيڻ بدران پاڻ ئي مُرڪي سُوال پُڇيائين، ”اوهان ڇو ٿا سمجهو تہ مون وٽ لازمي بہ ڪو ”پنهنجو“ مذهب هوندو؟“

ان تي اسان ٽئي مُرڪي پياسين ۽ هڪٻئي تي سَرسري نِگاهہ وجهي ڪيس ڏسڻ لڳاسين... اُن جواب کان پوءِ، عام فهم جي حساب سان ۽ عَقلي طور هوءَ اسان کي قطعي مذهبي نہ لڳي.

تورو ترسي جَين پُڇيس، ”اوهان هن ڊِيان واري غار ۾ ٻُڌ مَت جي ٽريننگ لاءِ آيا آهيو؟“

”نہ! مون اوهان کي ٻُڌايو تہ مان پنهنجي ئي تلاش ۾ نڪتل آهيان، ان ڪري ڪو وقت تہ سفر تي ئي رهنديس، ڪجهہ ڏينهن ترسي ڪنهن ٻئي پاسي هلي وينديس.“

منهنجي واتان هڪدم ۽ بي اختيار نڪتو، ”ڪيڏانهن؟“

جيئن تہ منهنجو اهو پهريون سوال هو، سندس ڊِيان گهمّو ڪري جَين ۽ مائيڪل ڏانهن هو، منهنجي اِهو پڇڻ تي هن هڪدم مون ڏانهن ڏٺو، جَين ۽ مائيڪل مُرڪي پيا; پر يو ڳُٽي جڻ هلڪڙو ڇرڪي پئي هجي! مون کي نِهارڻ لڳي...

ايئن ئي نهاريندي نهاريندي آهستڙي چيائين، ”خبر نہ آهي ڪيڏانهن، ڪهڙي خبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ۽ ڪٿي ڳولا پوري ٿيندي!“

مون ڪي پنهنجي ان ابهرائيءَ تي اندر ئي اندر کِل آئي، پر ڪيئن ٿئي روڪي سگهيس پنهنجي بي اختياريءَ کي!

مٿس غور ڪيم: سندس انگريزيءَ جي لهجي ۽ ادائگيءَ مان اندازو نہ پئي لڳائي سگهيس تہ اصل ڪٿان جي هئي. لهجو برطانوي انگريزيءَ جو هئس. سندس نيڻ نقش لداخي نہ هئا پر لباس، بوڏي ريتن ۽ لداخي ثقافت ۾ جيئن رَچي هلي رهي هئي، ان مان اهو اندازو ٿيو پئي تہ اوسي پاسي جي ڪنهن علائقي يا رياست جي هئي. بُدَ مَت جي پڪي پوئوار ۽ سَچي پَچي جو ڀِياٽي لڳي رهي هئي. مٿان ذهانت ڳالهين سان گڏ سندس سموري وُجُود مان بہ بکي پئي.

هاڻي مون ڪانئس پڇيو، ”يلا ڳولا يا جُستجُو پوري بہ ٿيندي آهي ڇا؟ جُستُجو جيڪڏهن حاصلات تي اچي پڄاڻي ڪري تہ ان جو فائدو؟ تشنگي تہ ساڪن ٿي وئي، نہ؟“

پهرين مُرڪي پئي، چيائين، ”هيءُ سُوال تہ اوپَرائين تصور جا پارَ ٿو ڏئي. مون کي خوشي ٿي تہ اوهين اِن فڪرَ کي سمجهي سگهو پيا، تڏهن ئي اهڙا سُوال ڪريو پيا.“

مائيڪل ۽ جَين اِن تي مُرڪي اسان ٻنهي کي ڏسڻ لڳا.

مون چيو، ”ها. آهي تہ اوپرائون تصور.“

ان تي پاڻ مون کان پُڇيائين، ”تہ ڇا نہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪو وَجدان آهي، جو جُستجو يا تلاش بند ڪري ويهي رهجي؟“

ان سوال مون کي منجهائي ڇڏيو. ڪيس ڪي پل ڏٺم، هڪدم هڪ ٻيو سوال ڦُٽي ڪيم، ”تہ ڇا پنهنجو اڌ پاڻ ۾ ئي نہ هوندو؟ ان کي ٻاهر ڇو تلاش ڪجي؟“

اِنهن سُوالن تي مائيڪل ۽ جَين حيران ٿي مون کي ڏسي رِهيا هئا، مان بہ سمجهي رهيو هئس تہ اوپرَ جي خيالن جي هن ڳجهاندرَ (مِسٽيسزم) کي اولهہ ڪيئن سمجهندو!

هاڻي وري سندس خاموشيءَ جو وارو هو. اسان ٻنهي تي هڪڙي مختصر نظر ڪري هوءَ پئي پاسي ڏسڻ لڳي، ڪي لمحا ترسي چيائين:

”اسان پنهنجي ڳولا جو حاصل خارجي دنيا کي ڦلهورڻ کان سواءِ حاصل ڪري ئي نہ ٿا سگهون. اهو تصور ئي پاڻ ۾ هڪ نقص رکي ٿو تہ اسان پاڻ کي پاڻ منجهان ئي ڳولي لهون. ان ڪري جو سڀ ڪجهہ اسان جي اندر ۾ آهي. بيشڪ اندر ۾ گهڻو ڪجهہ آهي پر اهو ٻاهرين دنيا جي هجڻ کان سواءِ ۽ ان جي هجڻ جي سمجهہ کان سواءِ سمجهڻ يا ڳولي لهڻ مُمڪن نہ آهي.“

اِتي جَين ڪانئس پڇيو، ”ڇا پاڻ کي مڪمل ڄاڻي سگهڻ مُمڪن آهي؟“

اِن تي هوءَ مُرڪي پئي، چيائين، ”شايد نہ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ پوءِ سقراط جو پاڻ کي ڄاڻڻ جو تصور بہ تہ نقص رکندو هوندو نہ؟“ مون پُڇيو.

چيائين. ”هڪ تہ پاڻ کي مُڪمل ڄاڻي سگهڻ لڳ ڀڳ نا مُمڪن آهي. اسين پاڻ کي بہ فقط ايئن ئي پهلوئن ۾ ۽ ٽڪرن ۾ سمجهي سگهندا آهيون. جيئن خارجي دنيا جي ظاهري طور نظر ايندڙ وُسعت کي سمجهي سگهندا آهيون. پر ان دنيا جا انيڪ پهلو آهن جيڪي اڃان بہ اسان کان اوجهل هوندا! ڪائنات جي وُسعت جو تہ ڪاٿو ئي نہ آهي. تيئن ئي، انسان جي داخليت جي وُسعت جي بہ ڪا حد نہ ٿي طئہ ڪري سگهجي. سو منهنجو خيال آهي تہ داخل ۽ خارج کي ٽوٽلٽي ۾ نہ ٿو سمجهي سگهجي. في الحال تہ مان ايئن ٿي سوچيان، اڳتي جي خبر نہ آهي، ٿي سگهي ٿو اڳتي هلي مان ڪجھ ٻيو سوچيان.“

اهو چئي اسان ٽنهي تي هڪ نِهار وڌائين. اسان کي خاموش ڏسي چيائين:

”اوهان جو ڇا خيال آهي، سُقراط جي پاڻ ڄاڻڻ واري تصور جو اهو مطلب هو تہ سماج ۽ دنيا ۾ اٿئي ويٺي بنا ئي پاڻ کي ڄاڻجي؟“

سندس اِهو سُوال منهنجي اڳ واري سُوال تي تنقيد هو. اهو چئي هن عُقابي نظر سان مون کي گهورَ پاتي.

مون ڪيس ڏنو، بس مُرڪي پيس. جَين ۽ مائيڪل چپ هئا. جيستائين مون سمجهيو، اسين سڀ ڪانئس مرعوب ٿي رهيا هئاسين... مان کيس ڪو جواب ڏيان ها، ان کان اڳ مائيڪل ڪانئس پڇيو: ”پنهنجي اَدَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا گس وٺڻ کپن؟“

ان سوال تي هوءَ وري هڪ ٻہ لمحا چُپ رهي، ٿورو سوچي چيائين، ”جيئن تہ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي منزل آهي، ان ڪري تلاش بہ سڀ ڪنهن جي پنهنجي ئي هوندي آهي، تيئن ئي ان جا گس بہ ان حساب سان ئي هوندا آهن.“

”تون ڇا ٿي سمجهين تہ تون پنهنجي اِن گسَ تي هلندي پنهنجي اَدَ کي ڪيستائين حاصل ڪري سگهين ٿي؟“

هن مائيڪل کي هڪ گِهري گهورَ پاتي، اکين کي مٿس محور ڪري هلڪڙي آواز ۾ چيائين، ”خبر نہ آهي ڪيستائين ۽ ڪڏهن، پر ها، پڪ اٿم تہ هڪ ڏينهن ماٿينديس ضرور.“

”ايڏي پڪ منزل تي پهچڻ جي، جيڪا سُڃاڻي آهي؟“ مائيڪل وري پُڇيس.

هڪ پختي ۽ بااعتماد نِهار مٿس وجهي چيائين. ”ها، جيئن موت تي ڪو شڪ نہ آهي، تيئن سڃاڻي تي بہ ڪو شڪ نہ آهي. اسان جا ايندڙ ڏينهن منزلن سان تار پريل آهن...“

سندس اِن ويساهہ تي اسين سڀئي مُرڪي پياسين!

جَين پڇيس، ”۽ جيڪڏهن پنهنجي اَدَ کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي تہ؟“

ان تي چيائين، ”اِن پنڌَ ۾ لازمي حاصل ڪبو آهي: ناڪامي، اسان جي ڏسڻ جو انداز بہ تہ هوندو آهي نہ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَين چيو، ”ها، پر هميشہ تہ ايئن نہ هوندو آهي. ڏسو، هوائن جا رُخ، وقت ۽ حالات بہ منزلن کان پري ڪري ڇڏيندا آهن؛ ڇا اِهو لازمي آهي تہ اسين جيڪي ڪجھ بہ حاصل ڪرڻ جو سوچي سفرَ تي نِڪري پئون، اهو ماڻي بہ وٺون؟ اُن ۾ ناڪامي بہ تہ ملندي آهي نہ، جي ايئن ٿئي تہ پوءِ؟“

چيائين، ”سُوال تہ سُٺو آهي، پر تمام پُراڻو آهي. اِن ڪري اِن جا جوابَ بہ ڪوڙ سارا آهن. مثال طور هوائون پنهنجا رُخ مٽائينديون رهن ٿيون تہ اسين بہ پنهنجا رُخ مٽائيندا رهندا آهيون. پيو، منزل فقط ڪنهن هڪ رستي تي ئي هلندي تہ نہ ايندي آهي نہ؟“

مون پڇيو، ”اهو بہ تہ آهي نہ تہ منزل پري ٿيندي وڃي، جو ماڻهو هڪ زندگيءَ ۾ اُن جي فقط جستجو ئي ڪري سگهي، اُن کي حاصل نہ ڪري سگهي، ۽ وقت سفر ۾ ئي گذري وڃي؟“

اِن تي هن نهڪَر ڪئي، چيائين. ”نہ، ايئن نہ آهي. مان پَڪي وَجَراياني ٻوڌي آهيان. منهنجو ويساهُ آهي تہ جُستجو، سفر ۽ منزل اسان جي هڪ ئي جنم ۾ شامل هوندا آهن. هڪ جياپو ڪافِي هوندو آهي جستجوءَ ۾ ڪنهن منزل جي پويان وڃڻ ۽ ان تي پهچڻ لاءِ. بس، ساڻ گهربل داخلي ساز سامان لازمي هجڻ گهرجي؛ نہ رڳو اِهو پر جڏهن واقعي بہ دل ۽ روحَ کي ساڻ ڪري اِن سفر تي نِڪرجي ٿو تہ منزل بہ گڏ گڏ ئي هلندي آهي، وِکُن ۾، جو هر وِکَ منزل ڏانهن گامزن هوندي آهي.“

مائيڪل پڇيس، ”منزل ڏانهن وڃڻ مهل ڪهڙا قدر ساڻ هجن؟“

چيائين، ”هڪ تہ پوري سمجھ ۽ شعور کي اندر سان ساڻ ڪري سفر تي نِڪرجي؛ منزل بابت سوچَ جي پُختگي هجي؛ سفرَ تي نِڪرڻ جي همتَ ۽ اُن سان گڏ خوابَن تي لڳاتار فوڪَس لازمي آهي. فوڪَس ۽ پختگي ئي اُن سفر ۾ وڏي تربيتَ ڪن ٿا، اوهين سفر دوران ئي پچڻ ۽ پُختا ٿيڻ لڳو ٿا.“

ان جواب ڏيڻ مهل سندس اکين ۾ هڪ عجيب چَمڪَ اچي وئي هئي، جڻ ڪنهن خيال يا تصور کيس اندر ۾ ويساهه ڏياريو هجي تہ هوءَ پنهنجي تلاشَ ۾ لازمِي بہ سوڀائتي ٿيندي.

ڦهَر جو ويساهُ هئس! سندس ويساهُ وچڙندڙ هو. اُن ۾ اِمڪانن کان ٻاهر پختگي هئي... لمحي لاءِ اُن لاامڪاني پُختي ويساهَ اچي منهنجيءَ دِل کي سوگهو ڪيو. مون محسوس ڪيو جڻ اهو ويساهُ هاڻي منهنجي اندر ۾ داخل ٿي پاڙون وجهڻ لڳندو. پنهنجي اندر ۾ لرزش محسوس ڪيم.

نفيءَ سان وابستہ هڪ عجيب مثال ذهن ۾ آيم: جيئن وبا يا وائرس، انسانن مان هڪ کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿي ٻاهہ جيان پکڙجندا ويندا آهن؛ تيئن ئي اِن نفيءَ جيان، هيءَ اثبات بہ پنهنجي پکيڙ ڪري رهي هئي. سندس ويساهہ منهنجيءَ دل کي جَهلي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڪڙ ۾ اچي ورتو هو. مون ۾ منزل بابت هڪ لطيف احساس پئدا ٿي پيو هو، جڻ ته فقط ويساهه سان ئي منزل ڏانهن جو اڌ پنڌ اورانگهجي ويندو هوندو. مون کي يقين هو ته مائيڪل ۽ جَين به سندس ان اعتماد تي ويساهه جهڙو محسوس ڪري رهيا هوندا.

مون کي هڪ خيال آيو، ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ خيال مون اڳ ڪٿي پڙهيو به هو ته ويساهه ڪرڻ سان فطرت به متحرڪ ٿي، ماڻهوءَ جي وُجُود توڙي ياڳ کي اُن ويساهَ جي آڌارَ تي منزل ڏانهن ڌڪيندي آهي.

آخري سُوال پڇيو مانس، جنهن جو جواب ڏئي اسان سيني کي خريد ڪري ڇڏيائين.

مون پڇيو، ”مطلب ته منزل جڏهن وڪن ۾ آهي ته بس سفر ئي ڪافي آهي؟ اهو تصور ته ڪا مخصوص منزل، جيڪا ڪنهن هڪ جاءِ تي هوندي، اُن جي پويان وڃڻ، توڙي اُتي پهچڻ ته پوءِ هڪ دوکي يا رُج پويان وڃڻ ٿيو نه؟“

اُن تي چيائين، ”پوڙي انداز ۾ جيئڻ جو اصل قدر ڇا آهي؟ هڪ ته اُن جيئڻ ۾ اندر جو توڙي ٻاهر جو سفر لازمي آهي، اِهو سمجهڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته پوڙي جيئڻ ان سفر کان سواءِ پنهنجي جوهرَ ۾ غير پوڙي ٿيو پوي. ٻاهر جي سفر کاڻ سواءِ اندر جو سفر ممڪن نه آهي. سفر، جيڪو پلي سياحتي مقصد سان ئي ڇو نه هجي، اهو به اهم آهي.

پيو، اصل قدر وِکَ ڪٽڻ ۾ آهي، وِکَ جيڪا اسان کي پوڙي مُسافريءَ جي مختلف مرحلن جو حصو بنائيندي ٿي وڃي، جيڪا ڏِساڻون طئہ ڪرڻ تي اتساهي ٿي، ڪيترن ئي گَسَن تي ڪٺي وڃي ٿي.“

هوءَ ڳالهائيندي جهڙي انداز سان اکيون ۽ هٿ هلائي رهي هئي، لڳو پئي، رُڳو خيالن ۾ نه، پر اکين، آوازَ ۽ هٿن جي آڱرين ۾ به اهو ئي وِچڙندڙ ويساهه هئس... ڪو ڪيئن ته بچي ها اُن وَيساهَ کان!

هوءَ ڳالهائيندي رهي، ۽ ٻُڌڻ وارو ٻُڌڻ مهل بس، فقط جيئي ۽ مري پئي سگهيو مٿس. ”وِک جيڪا پوڙي منزل بابت سُجاڳ آهي، اُن وِکَ ۾ اثبات ۽ ويساهه ٻئي لازمي هوندا آهَن. اثبات ۽ ويساهَ کان سواءِ وِک ۾ منزل جو جوهر ڪٿي هوندو؟ سو پوڙي وِک سَگهي نه، قدرن سان پريل وِکَ هوندي آهي، ايتري پريل، جو اها منزل تي پهچڻ کان هزارين لکين ڀيرا وڌيڪ اهم هوندي آهي.“

اسين ڪيس حيرتَ ۾ ٻُڌندا ۽ ڏسندا رهياسين، هُن سفر کي منزل کان وڌيڪ اهم بنائي پيش ڪيو هو، جيڪو ته صوفياڻو تصور هو. مون کي پنائيءَ جو اهڙو ئي فڪر ذهن تي تري آيو.

خير، اسان پنهنجي انٽرويوءَ کي اتي ئي روڪي ڇڏيو.

جَين ڪيس چيو، ”اسان کي تو سان ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻو مزو آيو آهي، اُميد ته هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي ڏِکي ويهڪَ جو بہ موقعو ملندو.“
اِن تي يو ڳِتيءَ ڪيس عاجزيءَ سان مهرباني چئي.
مائيڪل ۽ جَين ٿوريون گهٽيون ڳالهيون ڪري ڪانئس موڪلائڻ لڳا. اسان هڪڙو گروپ فوٽو ڪڍرايو ۽ هو ٻئي هيٺ هَيمِس ٻوڏِيشالا ڏانهن روانا ٿيا تہ جيئن اوندهہ پوڻ کان اڳ ئي هُو جَبل جي تَري تي پهچن.
اها منجهند مان يو ڳِتيءَ سان وينو رهيس اهو چوندي تہ مون وٽ سندس لاءِ تمام گهڻا سوال آهن، جيڪي منهنجي تحقيق جو حصو آهن. هوءَ بہ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ سڪونَ سان ويٺي رهي. پهرين تہ ڪجهہ لمحا مان سوچيندو رهيس تہ ڪانئس وڌيڪ ڇا پڇان؟ ڇاڪاڻ تہ ڪانئس پڇڻ لاءِ مون ڪي اُوپرن سوالن بدران پنهنجائپَ وارا ۽ ذاتي سُوال سُجهي رهيا هئا پر انهن سُوالن جي ايڏو جلدي پڇڻ جي همت نہ ٿي رهي هئم.
مان هڪ ئي وقت هڪ نئين دنيا (ٻوڌِي دنيا) جي فڪر ۾ بہ داخل ٿي رهيو هئس، ٻئي پاسي ان سان واڳيل هڪ ناريءَ سان منهنجي دل لڳي رهي هئي.
مون محسوس ڪيو پئي تہ ماڻهو محبت ۾ ڪِيڏو نہ جلدي سکڻ لڳندو آهي! اوهان محبوب جي دنيا ڪي قلهورڻ لڳندا آهيو. اوهان عَقلي توڙي جسماني طور اوچن ماڳن تي پهچڻ جي ڪوشِشن ۾ لڳي ويندا آهيو تہ جيئن محبوبَ جي نظر ۾ ڪامياب ثابت ٿيو؛ ۽ پوءِ اوهان اهي ماڳ حاصل بہ ڪري وٺندا آهيو، ان ڪري جو منزلون اوهان لاءِ سوليون ٿي پونديون آهن. ايئن محبت اوهان کي عظيم مقامن تي پهچڻ جي اهل بڻائي ڇڏيندي آهي. محبت ئي تہ هئي جيڪا اصل استاد هئي، اصل رهنما ۽ اصل شعور ساز هئي! مان محبت ڪي پنهنجو سمورو وجود نِوائي سلام ڪري رهيو هئس!
مُون لاءِ ٻُڌ جي هيءَ دنيا نئين ۽ منفرد هئي. مان اهڙي مڪتب ۾ صفا ٻار هئس، ان ڪري اها مون کي هڪ جادوئي منظر واري دنيا لڳي رهي هئي. مون محسوس ايئن پئي ڪيو ڄڻ هڪ مُڪمل طور اڻ-ڏٺل دنيا جو تجربو ڪري رهيو هجان، جيڪا منهنجي اڳ ڏٺل دنيا کان صفا الڳ هئي!
اهو تہ مان هاڻي سوچيان پيو تہ جو ڳيءَ جي ڏٺل خطن واري ٿَهي جي پهرئين حصي ۾ ساڌُو جڏهن پنهنجي سفر جي جادوئي قصن جو ذڪر ڪري رهيو هو تہ مان ڪنهن بہ صورتَ ۾ نہ سمجهي سگهان ها تہ اهي ڪهڙي قسم جا سفر هئا. جيڪڏهن مان ان کان اڳ يو ڳِتيءَ سان ملي نہ چڪو هجان ها.
جڏهن مان يو ڳِتيءَ سان مليو هئس تہ مان ان حوالي کان صَفا ڪورو هئس، پر هاڻي مون کي ان دنيا جي مختلف پهلوئن جي خبر بہ پئجي رهي هئي، مثال اهو تہ انهن يو ڳين ۽ سَنياسين جي مَنَ ڪهڙيون وارتائون هلي رهيون هونديون، جو هِي گهر ٻار ڇڏي عجيب پنڌن تي نڪتا؟ يا وري اهو مُشاهدو جنهن کي جو ڳيءَ جو ساڌو دل ۾ اڪين سان پيئڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ڪري رهيو هو ۽ جيڪو نوجوان جوڳيءَ جي وُجُود ۾ پيهجي وير هو. مان ڪنهن حد تائين هاٿي ان کي سمجهي سگهان ٿو ته آخر اهو ڪهڙو مُشاهدو هو: هو ان مُشاهدي ۾ ڪهڙو حُسن ڏسي رهيو هو. جنهن ڪيس خمار عطا ڪيا هئا! ڇا هو ٻُڌ جي فڪر کي حاصل ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ جي خوشيءَ کي خمارجڻ ڇئي رهيو هو؟

يوڳيٽيءَ سان ملڻ ۽ ساٿس گڏ ٻوڌي دنيا ۾ عملي تجربي ڪرڻ کان اڳ مان ته سمجهي ئي نه سگهان ها ته هو ٻئي ٻوڌي مسافر پنهنجن فڪري خطن ۾ ڪهڙن داخلي ۽ خارجي سفرن بابت ڳالهائي رهيا هئا؟ اهو فهم، اهو اِدراڪ يوڳيٽيءَ جو ئي عطا ڪيل هو.

يوڳيٽيءَ سان ملڻ جو تجربو ڪمال هو: هوءَ مون کي منهنجي ٻُڌ مَت بابت اڳ واري سطحي سمجهه کان اڳيان وٺي وئي هئي. ان ملاقات کان پوءِ مان انهن خمارن ۽ ترالن سفرن جي دنيا ۾ اڳتي وڃي رهيو هئس. ٻوڌي فِڪر جي دنيا جي سمجهه ڏانهن هر ڏينهن منهنجا گس کُلي رهيا هئا ۽ يوڳيٽي انهن رازن جي آشڪار ٿيڻ جو پهريون وسيلو بڻجي رهي هئي. مان ٻُڌ مَت ۽ يوڳيٽيءَ سان هڪ نئين رشتي ۾ ٻڌجي رهيو هئس.

مائيڪل ۽ جين جي وڃڻ کان پوءِ مون سوچيو پئي ته ڪانئس سِندس باري ۾ پڇان ته هوءَ ڪير آهي؟ ڪٿان جي آهي؟ سندس نالو ڇا آهي؟ ڇا هوءَ ليهه ۾ سندس ترسڻ دوران وارو وقت مون سان گڏ گذاريندي؟ پر حوصلو ڏاري ان ابهرائيءَ کان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيم پئي ته ايتري ٿوري وقت ۾ اها گهر ڪرڻ تڪڙ هئي، ڪيئن به ڪري پاڻ کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيس ۽ ڪانئس سندس ۽ ٻُڌ ڌرم بابت پُڇيم.

”مون کي ٻُڌاءِ ته آخر ماڻهو ٻُڌ ڌرم ۾ ڇو اچي، اهڙي ڪهڙي پلي ڳالهه آهي ان ۾؟“

ان سوال تي هوءَ ڀرپور طور مُرڪي پئي. سندس بيضوي ڪٽڪائين چهري تي ٻن روشن اکين جي چمڪ پيٽي تي وئي. پنهنجي مخصوص مزاج موجب مُرڪي پر هر لفظ تي زور ڏيندي چياٿين، ”مون اڳ ۾ به چيو، ۽ هڪ ڀيرو وري ورجائينديس ته ٻُڌ مَت عام ٻوليءَ جي معنيٰ ۾ ڌرم نه آهي. اهو هڪ فِڪري سلسلو آهي، ڪو به ماڻهو، پلي ڪهڙي به فِڪر، مذهب ۽ نسل جو هجي. اهو ان جو حصو بڻجي سگهي ٿو.“

سندس ڌرم واري وضاحت تي مان ڦِڪائيءَ کان مُرڪي پيس، جو هوءَ ٿوري دير اڳ ئي ته اهو واضح ڪري چُڪي هئي. ڳالهه روڪي چيومانس، ”ساري، مون کان وسري ويو. جيستائين ڳالهه دماغ ۾ ويهي، عادت آهي ٻُڌ مَت کي مذهب چوڻ جي.“

چياٿين، ”خير آهي. هاڻي اچان اوهان جي سوال تي، منهنجي خيال ۾ ٻُڌ مَت ۾ ماڻهو ان ڪري اچن ٿا ۽ ڪين اچڻ به گهرجي جو ٻُڌ مَت جو جيڪو انسانيت بابت تصور آهي. اهو هڪ پُرامن دنيا جو مُستقبل آهي. ان رستي تي دنيا آخرڪار پهچندي. سو، جنهن منزل تي سياڻي لازمي پهچڻو آهي ان ڏانهن اج ئي، چو نه نِڪري پئجي؟ دير ڇو ڪجي؟ بس فهم ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِدراڪ گهرجي جيڪو ان ايندڙ مستقبل کي اڄ ئي سمجهڻ جي سگهه ۽ شعور ڏئي.“
سندس جواب مان ئي هڪ سُوال ڪڍيم.
”هن جديد دؤر ۾ ٻُڌ مَت جو ڪهڙو مستقبل ٿي سگهي ٿو؟“
منهنجي ان سوال تي سندس چهري تي گنڀيرتا اچي وئي. سوچيم ڪٿي ڪيس اهو سُوال ناگوار نہ لڳو هجي. ٻُڌ مَت جيڪڏهن مذهب نہ، پر هڪ فِڪري سِلسلو هو تہ پوءِ ان جو مستقبل ڇو نہ هوندو؟ سندس خاموشي جڏهن چند لمحن کان ڊگهي ٿي وئي تہ مون کي پنهنجو سُوال اُبهرو محسوس ٿيڻ لڳو... مان اُتاولو ٿي پيس.
هن مون تي گهري نِهار وجهي چيو، ”اوهان جو هيءُ سُوال بہ اوهان جي پهرئين سُوال جو ٻيو اڌ آهي، واقعي بہ هڪ جديد دؤر ۾ هڪ مذهبَ جو ڪهڙو مستقبل ٿي سگهي ٿو، اوهان اهو ئا پڇڻ چاهيو نہ؟“
مون ڪجهه چوڻ بنا ڪيس ڏٺو. مون وٽان خاموشي ڏسي چيائين. ”ان ڪري جو ٻُڌ مَت رُوحاني ڏاهپ آهي ۽ ڏاهپ تيستائين رهندي جيستائين انسان رهندو.“
هڪدم ڪيس چيم، ”مان اهڙو نئون شاگرد آهيان، جيڪو اِجهو هاڻي ٻُڌ مَت جي دنيا سان روشناس ٿيو آهي، ان ڪري اجان حيرت ۾ آهي، بي سمجهه آهي. سمجهه وِاضح ٿيندي، پر اجان ڪيس هن دنيا ۾ چوڪي رولاڪيءُ جي ضرورت آهي، پر اها هڪ اُستاد جي ريرِ تربيت ٿيڻ گهرجي تہ جيئن هو ان کي ڀرپور طور سمجهي سگهي.“ اهو ٻُڌي هوءَ مُرڪي پئي.
مان بہ مُرڪي پيس. پُڇيومانس تہ هتي هيءُ شام ۽ رات هوءَ ڪيئن گذاريندي، ڪي مشقون ۽ پوڄائون ڪندي يا ماڻهن سان ويهڪون بہ رکيل اٿس.
چيائين، ”اڄ هتي هڪ ٻي ڀِرڏيشالا مان ڪجهه ڀوڏي اچڻا آهن، انهن مان هڪ سان مُلاقات آهي، ان کان پوءِ اتي پاٺ پڙهي منتر ڳائيندا سين، ۽ آخر ۾ سانجهي ڪائي ٿوري پَسار ڪنديس ۽ پوءِ ننڊ.“ سوچيم، وٽس پورو خاڪو اڳواٽ تيار هو.
ٿورو هبڪندي چيومانس، ”ڇا اهو مُمڪن آهي تہ انهن مِڙني مشقن ۾ مان اوهان سان گڏ هجان؟“
منهنجي ان سوال تي هن مون کي ايئن ڏٺو جڻ منهنجي طرفان اهڙي گُهر ڪرڻ جي ڪيس ڪا اميد نہ هئي. مون رضاحت ڪئي، ”مان پاڻ لِيهہ تمام ٿوري وقت لاءِ آيو آهيان. چاهيان ٿو ٻُڌ مَت بابت اوهان کان ڪجهه سکي وڃان، اسان جي تحقيق کي بہ ان مان ڪافي فائدو ٿيندو جي مان عملي طرح اوهان سان گڏ انهن سرِگرمين جو حصو بڻبس تہ.“
اهو ٻُڌي هن اثباتَ ۾ هلڪڙو ڪنڌ ڌوڻيو... منهنجي اندر ۾ بهار اچي وئي.
ان کان اڳ جو مان ڪجهه ٻيو چوان ها، هوءَ اُٿڻ لڳي، چيائين، ”منتر پڙهجن پيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿي.“ مان به سائنس گڏ اٿيس، اسين ان ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳاسين جتان منتر ڳائڻ ۽ چڙا وڄڻ جو آواز آيو ٿئي.

اندر ڪمري ۾ ڏهه ٻارهن ڪن ٻوڌي ويٺا هئا. سندس چواڻي، هو پالي ٻوليءَ جو ڪو منتر آلاپي رهيا هئا. اسين ٻئي به اتي ئي ويهي رهياسين. يو ڳٽي ٻين ٻوڌين جيان منتر ڳائڻ ۾ گم ٿي وئي.

محسوس ٿيو ڄڻ ٻئي آسماني ساز وڄڻ شُروع ٿي ويا هجن جڻ. هوءَ ڪنهن ماهِرَ ۽ ٻوڌي تربيتَ ۾ پچي تيار ٿيل ٻوڌيءَ جيان مَنتر پڙهي رهي هئي، مون کي ته منجهس ۽ اُتي ويٺل جُهونن لداخي ٻوڌين ۾ مهارتَ جي ساڳي حدَ محسوس ٿي پئي. سندس آواز زنانو هئڻ ڪري مِڙني آوازن ۾ نماياڻ ٿي پئي آيو. مون کي سمجهه ۾ ته نه ٿئي آيو ته ڇا پئي ڳاتائون، پر جيڪو ڪجهه به هو، ان جي طِرز ۽ ڏُن واهه جي هئي. هو ته طويل منتر، پر مان فقط ڪجهه لفظ نوٽ ڪري سگهيس:

”*آهاهم آهه ويرو، هو مِيِ؛ آهيياپا شو هو مِيِ، آهه مي گو هو مِيِ؛ سُکي آهتانو، پريها راهه را مِيِ.*“

معنيٰ ته الائجي ڇا هئي اِن منترَ جي، پر اُهو ايترو ته سحر انگيز هو جو مان اِن جي جادوئي اثر ۾ جڪڙجي ويس. هوءَ ڪنهن ماهِر راڳيءَ جيان ڳائي رهي هئي. مٿان سندس آواز جيڪو مِڙني تي حاوي هو، اُن تي غور ڪيم. سوچيم، سندس آواز به ڪيڏو نه دلڪش هو، بلڪل سندس پَنِيهر جهڙي وُجُود جيان نفيس. اُن ۾ به سندس شخصيت جيان پنهنجي ئي انفراديت هئي. آواز نه ته صفا سنهڙو هئس، نه وري گهڻو ڳرو. ان آواز ۾ سندس شخصيت جي زناني وجاهت جو حُسن هو. ايئن سوچي مُرڪي پيس، وجاهت فقط مرداڻي نه هوندي آهي ۽ زناني حُسن ۾ فقط نزاڪت نه هوندي آهي. سندس ان زناني نزاڪتَ ۾ وجاهت جي دلڪشيءَ منهنجي احساسن کي پنهنجي لطيف گهيرن ۾ وٺي ڇڏيو.

هوءَ منهنجي کاٻي پاسي ڪان، اکيون بند ڪيو ويٺي هئي ۽ ڳائڻ ۾ گُم هئي. رکي رکي منهن ورائي کيس ڏِٺم پئي، پر اهو خيال ڪرڻو پئي پيو ته ايئن نه ٿئي جو هوءَ اڇانڪ اکيون کولي ۽ مون کي کيس تڪيندي ڏسي وٺي! پيو ته سامهون ويٺل ٻوڌي به اهو نوٽ نه ڪن ته مان منترن ۾ دلچسپيءَ وٺڻ بدران کيس تڪڻ ۾ وڌيڪ رڌل هئس.

پر ڇا ڪريان ها؟ مان پاڻ کي روڪي نه ٿئي سگهيس، ان ڪري جو هوءَ بلڪل به عام نه هئي، صفا خاص هئي، هر ناريءَ کان ڇا، هر انسانَ کان مختلف! صدين جي گهرائين جا سفر ڪري ماڻڪ ٻڻجي نڪتي هئي جڻ. عشق ڪرڻ جهڙو وُجُود هئي! مون دل ۾ برابر سوچيو ته ها، اهڙي وُجُود جي ڪري پاڻ وڃائڻ به پاڻ ملهائڻ جيان هوندو. اُهو سمورو وقت انهن ئي سوچن ۾ غلطان رهيس. مان اُن ڪمري ۾ فقط اڌ موجُود هئس، ۽ باقي اڌ عشق جي وُجُود ۾ هئس... يا مان سموري جو سمورو عشقَ جي وُجُود ۾ هئس؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منتر اڌ ڪلاڪ کن هلي پورا ٿيا: هوءَ اُٺان اُٿي. مان بہ سائس گڏ اُٿيس جو اڄوڪو ڏينهن هن مون تي مهر ڪري پنهنجو ساٿ بخشيو هو. اڄ اسان جي قسمت هِڪٻئي سان ڳنڍيل هئي. ان ڪري مان ڪنهن مُريد جيان سندس پويان پٺي هليس. ڪيس چيم، "مون کي پالي ٻوليءَ ۾ اهو منتر تمام گهڻو وڻيو. اوهان تمام بهترين ڳائي رهيا هئا. مون کي معنيٰ تہ سمجهہ ۾ نہ آئي، پر مون اِن جي طرز مان مزو پئي ورتو".

ان تي هوءَ مُرڪي پئي. خوشيءَ منجهان چيائين، "ڪيڏو خوبصورت منتر آهي نہ! مان اوهان کي ان جي معنيٰ ٻڌايان ٿي. اها هڪ دُعا هئي تہ: "*شل مان هر دشمنيءَ ۽ خطري کان آزاد ٿيان. شل مان اندر جي ذهني ڪرب کان آزاد ٿيان. شل مان جسماني تڪليف کان آزاد ٿيان، شل پنهنجو خيال ڏاڍي خوشيءَ سان رکي سگهان... شل منهنجا پنهنجا ويجها خوف کان آزاد ٿين، سڀئي انسان، ننڍا وڏا، امير غريب، ناريون مرد ڏک ۽ خوف کان آزاد ٿين.*"

اهو چئي مون ڏانهن نهاري پڇيائين، "ڪيئن آهي؟" چيم، "آهي تہ عام مذهبي دُعا، پر ڳائڻ ۾ واهہ جو ردم هئس".

منهنجو جواب ٻڌي مُرڪي پئي. چيائين، "پر ٻُڌ مت تہ مذهب نہ آهي." ڪلي چيومانس، "اهو منتر تہ صفا مذهبي آهي". اِن تي هوءَ ڪجي ڪجهہ ڪين. مون بہ اِن موضوعَ تي وڌيڪ نہ ڳالهائڻ چاهيو.

هوءَ هڪ وڏي جهوپڙي ڏانهن وڌڻ لڳي جيڪو ڏسڻ ۾ هڪ وڏو رڌڻو لڳي رهيو هو. جتي ڪجهہ ٻوڌي اڳ ئي ويٺا ڪاڌ خوراڪ ڪري رهيا هئا. اسين ٻئي بہ اتي وڃي ويٺاسين.

ويهڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ جسم ڪيڏو نہ ٿڪجي پيو هو. سموري ڏينهن جي هل هلان ۽ ٻوڌي رسمن دوران سِينو ٻاهر ڪڍي ايو تي ويهڻ جي ڪري: هاٿي سولو ٿي پلٿي هڻي ويهڻ جسم کي سڪون ڏئي رهيو هو. ڏانهس ڏٺم، هوءَ تہ هاٿي بہ ايئن سينو تاڻي، پُني ڪمانَ جيان ڪيو ويٺي هئي، جڻ يوگا جو ڪو آسڻ ڪندي هجي! سندس ويهڻ جو انداز ئي ايئن ٿيو ويو هو.

هن مون کي معلومات ڏيندي چيو، "هي رڌڻو ڪجهہ ٻوڌي هلائيندا آهن، اتي سياحن ۽ تربيت هيٺ رهائشي ٻوڌين لاءِ کاڌو تيار ٿيندو آهي".

"مان رهائشي ٻوڌين سان ملڻ چاهيندس. هلو تہ اوڏانهن هلون؟"

وراڻيائين، "نہ نہ. ان پاسي سياحن تہ ڇا ڪنهن کي بہ وڃڻ جي اجازت نہ آهي. تربيت هيٺ ٻوڌي ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندا آهن. سندن تربيت جو حصو آهي اهو."

مون حيرت منجهان پڇيو، "اهڙي سخت تربيت ۾ هو ڪيتر عرصي تائين رهندا آهن."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، ۽ اها ئي لُوهَ پائي ساڳئي پاسي هليو ويو.
هن چيو، ”هلو تہ اوهان جي ڪمري ڏانهن هلون ٿا. هن پاسي هڪ ڪمرو خالي آهي.“
اسان ٻنهي ان پاسي هلڻ شروع ڪيو. هاڻي مون وري مٿس غور ڪرڻ شروع ڪيو.
سندس پورو وُجُود سوبر هو، سندس شخصيت ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڏائُ نہ هو. جسم نہ تہ اضافي ماسيرو هو، نہ وري گهربل کان گهٽ ڳرُ هئس. سندس وڪ ڍڳ تيل هئي، نہ گهٽي آهستي نہ وري تکي. سندس لفظ بہ توريل تڪيل هئا، منجهن نہ تہ ڏيگهه هئي نہ وري اَنَ پُورائي. ان ڪري مون جهڙي عاشق رُوح جي ماڻهوءَ لاءِ اهو لازمي هو، اڻتر هو تہ هن اجنبي ڌرتيءَ تي هن جادوئي شخصيت جي موهہ ۾ جڪڙجي وڃي.
هماليہ جي گهيرن ۾ جبل تي مٿي هيءَ غار ۽ تربيت گاهہ هڪ اهڙي جادوئي زمين مثل هئي، جتي نويڪلائيءَ توڙي ڪنهن جي ساٿ ۾ ماڻهوءَ جو روح فطرت سان ڳجهيون رچنديون ڪري سگهيو پئي. فطرتَ، انساني تهذيبَ جي خوبصورت نموني، عشق ۽ انسان جي پاڻ ارپڻ جهڙين عظمتن ۽ عظيم جذبن جو ميلاپ هئي. زندگيءَ جي ان حسين موڙ جي جادوءَ کي محسوس ڪري رهيو هئس، جو هڪ سراپا طلسم منهنجي سامهون هو.
”هي اوهان جو ڪمرو آهي...“، سندس آواز مون کي منهنجن خيالن مان ٻاهر آڻي ڇرڪائي وڌو. هن هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪري مون ڏانهن نهاري چيو.
سندس ٿورا مجينديَ مان بيگ رکي مونٽي اچڻ جو چئي اڳتي وڌيس، ڪمري جو در ڪوليم. صاف سترو، فرشي نشست وارو ڪمرو هو، منجهس هلڪڙي مِيڻ بتي ٻري ٿئي جو بجلي هئي ئي نہ. پُنيان ساوَڪَ ڏانهن کُلندڙ دري هئي، جنهن تي اهي ئي رنگا رنگي ٽِڪندِيون جهنڊيُون لڳل هيون. اهڙين جهنڊين سان تہ سموري ڀوڊِيشالا سينگاريل هئي، پر هي جهنڊيون ڪمري جي ڪري نسبتاً صفا ننڍڙيون هيون. آبشار جي وَهڪري جو هلڪڙو آواز آيو پئي. جنهن جي ڪري ڪمري اندر هوندي بہ جڻ ماڻهوءَ جي فطرت سان ڏاڍي ويجهڙائي هئي.
ڪمري اندر جيڪو ٿورو گهڻو سامان هو: ان ۾ ويهڻ جي لاءِ بہ مُوڙا، رنگ برنگي چادر، ٽامي جون بہ پليٽون ۽ گلاس، پلاسٽڪ جو گلدستو بہ رکيل هئا. ان ترتيبَ منجهان سادگي ۽ ٻهراڙڪي ماحولَ جو احساس ٿيو پئي. پنهنجو ٿيلهو رکي ٻاهر نڪري آيس. رهائشي ڪمرن جي قطار سان ويراندو لڳل هو، جتي يو ڳٽي هلڪڙي پَسار ڪري رهي هئي. مون کي ڏسي چيائين، ”ڪمرا سادا آهن، پر پُر آرام آهن.“ مون ڪنڌ ڌوڻيو.
مان بہ ساڻس پَسار ڪرڻ لڳس، اسين ان ويراندي مان ٻاهر نڪري هلڻ لڳاسين. مان اندر ئي اندر ڪانئس سندس بابت ذاتي سُوال پڇڻ لاءِ ڦتڪيس پئي تہ ٻوڌِي زندگيءَ ۾ پير رکڻ کان اڳ ۾ سندس زندگي ڪيئن هئي. هوءَ ڪٿي رهندي هئي، سندس تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري هئي، پر اڃان به اهو سڀ ڪجهه پڇڻ جي مون کان همت نه پئي ٿي. اسان ڪيتري ئي دير بنا ڳالهائي پَسار ڪندا رهياسين، نيٺ مون ئي خاموشيءَ کي ٽوڙيو:

”ٻُڌ مَت جي ڪهڙي مڪتبه فِڪر سان واڳيل آهيو؟“

هن پُڇيو، ”اوهان کي ٻُڌ مَت جي مڪتبن بابت ڪيتري خبر آهي؟“

چيم، ”مون ائنٿراپالاجيءَ ۾ هڪ ڪورس مذهبَ ڪنيو هو، ان ۾ ٻُڌ مَت بابت به پڙهيو هئم، بس ان تدريسي پڙهائيءَ کان سواءِ ان بابت گهڻي ڄاڻ نه اٿم، پر ايتري سا خبر اٿم ته ٻُڌ مَت جا به اهم مڪتبه فِڪر هناياڻ ۽ مهاياڻ آهن.“

پنهنجي رسمي خاموشيءَ جا ٻه چار لمحا قائم رکندي چيائين، ”چيائين هناياڻ ايئن ڪو مڪتب نه آهي، ٿيراوَيدين کي مَهاياڻ وارا طنز منجهان هِناياني سڏيندا آهن. پالِي ۾ هنا معنيٰ ”ننڍو“. يعني ننڍي طريقي وارا. ۽ پاڻ کي ”مَهاياني“ سڏيندا آهن، يعني وڏي طريقي وارا. وَجراياڻ (مهاياني) ۽ ٿيراوِيدا (هِناياني) به اهم مڪتب آهن، جيڪي انهن ٻنهي سان واڳيل آهن. يعني، هِناياڻ سڏجندڙ ٻُڌ مَت جو مَڪتب ٿيراوَيدا آهي، جڏهن ته وَجراياڻ مڪتبه فِڪر مَهاياڻ ٻُڌ مَت سان ڳنڍيل آهي. ٻيا به ڪيترائي مڪتب آهن، پر مُک اِهي ئي آهن.

پڇيم، ”انهن مان اوهان ڪنهن سان واڳيل آهيو؟“

مان انهن ٻنهي جي ڪجهه پهلوئن کي ڪٽان ٿي. مڪمل طور ڪنهن هڪ مڪتب سان ناهيان ڳنڍيل، خود ٻنهي ۾ ٻوڙي فِڪر جا ڪيترائي هڪجهڙا لاڙا آهن.“ اِهو چئي مون ڏانهن هڪ ٻه لمحا نهاري چيائين، ”اوهان کي آهستي آهستي منجهن فرق سمجهه ۾ اچي ويندو. اوهان جيئن جيئن ٻُڌ مَت جي دنيا ۾ داخل ٿيندؤ، اوهان ان بابت وڌيڪ ڄاڻيندا ويندؤ. مان اوهان کي ان بابت اڳتي هلي تمام تفصيل سان ٻُڌائيندي‌س.“

سندس ”اڳتي هلي“ ٻُڌي منهنجي وُجودَ ۾ خوشيءَ جي هڪ لَهر سِيسڙاٽ ڪڍائي وئي. اِهو سوچي ته هوءَ مون کي اڳتي به پاڻ سان گڏ ڪٺي هلندي ته جيئن مان ٻُڌ مَت کي وڌيڪ ڄاڻي سگهان.

يو ڳٽيءَ ٻُڌائڻ شُروع ڪيو، ”مَهاياڻ ٻُڌ مَت ۾ خدا جو تصور آهي، جيڪو ڌرتيءَ تي ان ڪري آيو هو ته ماڻهن جي ڏکوئيندڙ حياتيءَ کي سولو ڪري سگهي، ان ڪري هو ٻُڌ کي خدا ڪري پوڄيندا آهن، جڏهن ته ٿيراويدا ۾ اهڙو عقيدو نه آهي“.

چيومانس، ”ان ڳالهه ۾ مون کي ٿيراوَيدا وڌيڪ بهتر ٿو لڳي.“

اِن تي هن مون کي نهاريو، پر چيائين ڪجهه نه.

وڌيڪ ٻُڌايائين، ”ان کان سواءِ مَهاياڻ مڪتب جا ٻوڙي ان تي به ويساهه رکندا آهن ته پاڻ نِرواڻ حاصل ڪرڻ کان اڳ ٻين ماڻهن کي نِرواڻ ماڻائجي، پر ٿيراوَيدا موجب هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو پنهنجو نِرواڻ پاڻ حاصل ڪندو. ان ۾ بہ مان ٻنهي مڪتبن جي لاڙن ڪي نظر ۾ رکندي اهو سوچيان ٿي تہ نِرواڻ تي پهچڻ لاءِ ٻوڌي تربيت لازمي آهي، ان ڪري هر پاڻَڪ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ استاد تہ لازمي هجي. ها، هر ڪو پنهنجو نِرواڻ پاڻ ئي حاصل ڪري ٿو، پر ان تي بہ مون کي پَڪو ويساهُ آهي تہ اهو استادَ جي تَربيتَ کان سواءِ حاصل ڪرڻ مُمڪن نہ هوندو."

اهو چئي هُن مون ڏانهن نهاريو. مون اِن ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو، "ها، مثال طور جيڪڏهن مان هينئر ٻُڌ مَت ۾ داخل ٿيڻ ٿو چاهيان تہ مون لاءِ رهنمائيءَ کان سواءِ ان ۾ هلي سگهڻ نامُمڪن آهي."

ان کي مجيبندي چيائين، "بلڪل، اهو تہ مُمڪن ئي نہ آهي تہ اوهان اُستاد کان بنا اڳتي وڌي سگهو."

ڪيس چيم، "اوڪي، بس پوءِ اڄ کان اوهان پنهنجي رهنمائيءَ هيٺ منهنجي ٻوڌي تربيت جو خاڪو تيار ڪيو تہ جيئن مان ان ۾ بهتر نموني اڳتي وڌي سگهان."

ان تي مُرڪي چيائين، "ها، مون کي خوشي ٿيندي اگر مان اوهان کي ٻُڌ مَت سان متعارف ڪرائي سگهان، پهرين تہ اوهان هتي جي مڙني رسمن ۾ حصو وٺو. مان پرينهن کان ٻيون ٻوڌيشالائون ڏسڻ ويندس، اوهان چاهيو تہ اتي بہ هلي مختلف ٻوڌي رسمون ڏسي سگهو ٿا، يا باقاعدي انهن جو حصو بڻجي سگهو ٿا."

اهو ٻُڌي مان خوش ٿي ويس، دل ئي دل ۾ چيم، "اِتي رڪينس... اِهو ٿِئي ياڳُ کُليو." وڌي ها ڪري ڪيس چيم، "چو نہ، بلڪل هلڻ چاهيندس، اوهان رهنمائي ڪيو."

ڪجهہ گهڙيون چپ رهي، مون کي گهوري ڳالهہ جاري رکندي چيائين:

"سو پاڻ مڪتبن ۾ فرق تي پئي ڳالهايو: ان کان سواءِ هڪ ٻيو بہ فرق آهي ٻنهي ۾. ٻُڌ مَت ۾ ٻُڌ جي پوئلڳن جا بہ قسم آهن، جيڪي انهن ٻنهي مڪتبن سان وابستہ آهن. مثال طور هڪڙا پاسيڪا ٻُڌ سڏائبا آهن. پاسيڪا جي معنيٰ آهي خاموش، يعني اهي خاموش ٻُڌ نِرواڻ تي پُهچي پنهنجين مشقن، ڌيان ۽ سَنياسي زندگيءَ ۾ رڌل رهن ٿا پر عام ماڻهن ۾ ان سِکيا کي وندين نہ ٿا. ٻئي پاسي اراهَنت ٻُڌَ اهي آهن جيڪي ٻُڌ جي فِڪر ۽ ڏاهپ کي پورو سمجهي ٻين کي بہ اهو واضح طور سمجهائين ٿا، يعني هو گوتم جي فِڪر کي جيئن جو تيئن ڪٽنبا آهن ۽ اُنَ کي پاڻ مڪمل سمجهي پوءِ وندينندا آهن. اهي ٻئي هناياني يعني ٿيراوَڌي سڏبا آهن. ٻيا سَماسر سڏجندڙ ٻوڌي جيڪي مَهاياند مڪتب جا آهن، اهي ٻُڌ جي-سِکيا جي ٻيهر کوجنا ڪري ان کي نئين سِر سڪندا ۽ سمجهندا آهن، ان ۾ نواڻ آڻي پوءِ ان کي دنيا کي سمجهائيندا آهن."

اتي مون سندس ڳالهہ اڌ ۾ روڪي مُرڪي چيو، "۽ اوهان انهن ٽنهي قسمن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويساهه ڪندا هوندا."

پاڻ بہ هڪدم ڪلي ها ۾ ڪنڌ لوڏي چيائين، "مان سمجهان ٿي پاسيڪا، اراهنت ۽ سماسمر مختلف ڏاڪا آهن. اوهان پهرين پاسيڪا ۾ ڏين جيان خاموش رهي ڪري علم ماڻيو. ان بنياد تي ڏاهپ جو اڀياس ڪندي نرواڻ تائين پهچو: خاموشيءَ سان ان علم کي پيئي، ان منجهه ڪڙهي ونو. ان ڳوڙهي ڪڙهڻ ڪان پوءِ نري ويهو تہ ان فڪر کي ڦهلائڻ شروع ڪيو. ان ڪان پوءِ ان سکيا جي بنياد تي ان جي کوجنا ڪري ان ۾ نوان خيال داخل ڪري، پوءِ اها ٻين ۾ ونڊيو: اهي ٽئي مرحلا لازمي آهن."

اتي مون بہ ڪيس چيو، "مان بہ اپڻ ئي ٿو سوچيان، اهو ئي طريقو مناسب آهي. پهرين ڀرپور طور سکيا حاصل ڪري ان ڪان پوءِ ان کي لازمي ونڊجي، نہ تہ ونڊڻ ڪان سواءِ ڏاهپ توڙي ڪنهن بہ فڪر کي رکڻ يا حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟"

ان ڳالهہ تي هوءَ مون سان بلڪل سهمت هئي.

اسان کي پسار ڪندي ڪافي دير ٿي وئي هئي. رات بہ گهڻي پئجي چڪي هئي، سڄي ڏينهن جو ٿڪ بہ هو. سندس آرام جو بہ سوچيم، پر ان ئي مهل اهو بہ سوچيم پئي تہ هوءَ ڪيترا ڏينهن اتي هوندي، مون کي ڪيترو ٽائيم ڏيندي؟

پڇيو مانس، "اوهين هاڻي ٿڪجي پيا هوندا." ان تي ها ڪري ڪنڌ لوڏيائين.

چيم، "تہ پوءِ ڀلي آرام ڪيو. بس، ايترو ٻڌايو تہ صبح جو ڇا پروگرام آهي. اوهان هيٺ هيمس ڏانهن ڪڏهن ويندؤ؟"

وراڻيائين، "هيمس مان گهٽو ڪري سياڻي شام نڪرنديس، باقي صبح جو اهو سارو ڏينهن هوندو، ٻوڌين سان ملڻ ۽ مشقون ڪرڻ. ۽ اوهان؟"

مان مرڪي هڪدم وراڻيو، "مان جيئن اوهان اجازت ڏني، اوهان سان گڏ هوندس، ۽ مشقون ڪندس، ۽ انٽرويوءَ جا رهيل پاسا ڪور ڪندس."

مرڪي پئي ۽ چيائين، "نيڪ آهي، پوءِ سياڻي ملنداسين." اهو چئي هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي، جيڪو ويراندي جي ٻي ڪنڊ تي هو. بہ ٽي پل ڪيس پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي ڏٺم، پوءِ مان بہ پنهنجي ڪمري ڏانهن لڙي آيس.

اندر ۾ سرهو هئس تہ ساڻس ايترو سٺو وقت گذريو ۽ اڃان اڳتي بہ گذرندو. سندس مرڪ اندر ۾ پيهي وئي هئي، ڪيس سوچڻ بنا رهي نہ ٿئي سگهيس. سندس مڌر آواز، ڳالهائڻ مهل چپن جي مخصوص چرپر، حسين گهريون اکيون، ڪنهن بہ ظاهري ناهہ نوهہ کان آزاد سونهري رنگ وارو چهرو، مٿان گهرائيءَ وارن تصورن تي ٻڌل ڳالهہ ٻولهہ. هوءَ ڪير هئي ۽ ڪٿان آئي هئي، جيستائين اهي پردا هٽن ها، تيستائين مون وٽ سندس بابت ڳجهه جي هڪ پراسرار دنيا ٺهي چڪي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون لاءِ جڏهن هڪ ئي وقت ٻه تجربا ٿي رهيا هئا: هڪ پاسي ٻُڌ مَت جي حيران ڪُن دنيا هئي، جنهن کي دنيا مذهب چيو ٿئي ۽ ٻيو ڳُٽي فِڪري سلسلو ڇٽي رهي هئي. ٻئي پاسي ٻيو ڳُٽيءَ تي مان موهَت ٿي پيو هئس. اهي ٻئي تجربا مون لاءِ نوان هئا. اهو سڀ ڪجهه هڪدم ٿي پيو هو. ساٿس اڄ جي گفتگوءَ ۾ هڪ جملو مون ۾ اميد جو هڪ ڪِرڻو جاڳائي ويو هو. چيائين، "جيئن جيئن اوهان ٻُڌ مَت جي دنيا ۾ داخل ٿيندؤ، اوهان ان کي وڌيڪ چاٽيندا ويندؤ." مون کي محسوس ٿيو ته هاڻي اها سندس به خواهش ٿي وئي هئي ته مان ٻُڌ مت جي دنيا ۾ داخل ٿيان.

لداخ اچي مون ڏاڍو حسين گَسُ ڏسي ڇڏيو هو، محبت جو، ۽ ٻُڌ مَت جو. هاڻي مون کي اُن گَسَ تي هلڻو هو. پر مان نئون مُسافر هئس، نئين سفر ۽ نون رستن تي اڪيلو ڪيئن هلان ها؟ هاڻي ته سندس ساٿ جي لازمي ضرورت هئي. ڇا هوءَ ان سفر تي مون سان هلندي؟

دِل ئي دل ۾ ان سُوال جو پاڻ کي پاڻ ئي جواب ڏنم، چيم، "شايد ها، شايد نه!"

اُن لمحي کن لاءِ سوچيم ته جي هوءَ واقعي به مون کي ان ٻوڙي پنڌ تي ساڻ ڪٺي هلي ته؟ ان سوچ ئي اندر ۾ سُرور جون لهرون پيدا ڪري ڇڏيون. هاڻي منهنجيءَ دل ۾ اهو خيال مڪمل طور پيدا ٿي پنهنجون پاڙون پُختيون ڪري رهيو هو: هڪ ته مان ٻُڌ مَت جي فڪر کي چڱيءَ ريتَ پڙهان، ٻيو بطور بشريات جي شاگرد به ٻُڌ مَت تي تحقيق کي اڳتي کٽي هلان، ٿيون اهو ته ان سفر ۾ هوءَ به مون سان گڏ گڏ هجي!

مون کي پاڻ تي حيرتَ محسوس ٿي، سوچيم ته ڇا مان ڪيس حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان؟

ڪيس ايئن باقاعدي حاصل ڪرڻ جي سَڌَ ايڏو جلدي ۽ هڪدم واضح ٿي سامهون آئي ته مان پاڻَ تي حيران ٿي پيس. جڏهن منهنجي ئي اندر جي ان احساس جي مون کي پنهنجي اندر بدران ٻاهران خبر پئي هجي، ڪنهن اچانڪ ملندڙ اطلاع جيان.

اِن هڪدم ۽ اچانڪ واري معاملي منهنجي سمجهه جي توازن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو هو ته آخر ڪيئن لداخ جي لَيهه ۾ هڪ ائنٿراپالاجيڪل تحقيق لاءِ آيل ماڻهو هڪ اهڙي هستيءَ سان مليو ٿو ويهي جنهن کان سواءِ ڪيس زندگي گذارڻ اوکي لڳڻ لڳي ۽ اُن ئي هستيءَ جي ڪري هو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي ايندڙ ڏهاڪن جي تحقيق جو موضوع طئہ ٿو ڪري وٺي. اهو ته ڏاڍو عجيب معاملو ٿي پيو هو!

اها رات پنهنجي ڊائريءَ تي سموري ڏينهن جا مختصر نوٽس ورتم. اُن ۾ اڄ پهريون ڀيرو سندس بابت احساسَ به تفصيلَ سان لکيم. سوچيم، ان تي رڳو لکڻ ئي مون کي ايترو بيخود ڪري ڇڏيو، ايئن ٿيڻ ته منهنجا هوش وڃائي ڇڏيندو! فقط ان تصور جي به پنهنجي لذت هئي!

خبر ئي نه پئي ڪنهن مهل ان بيخوديءَ ۾ سوچيندي سوچيندي ننڊ پئجي ويس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو دير سان اک کُلي، اُٿندي ساڻ ئي جيڪو پهريون خيال آيو، سو سندس هو. تہ ايڏي دير سان ڇو اٿيس؟ ڪيس سويرو يو گا ڪندي نہ ڏسي سگهيس اڄ. سخت افسوس ٿيم.

بهرحال اٿي وهنجي تيار ٿي نِڪتس. وَيرانڊي ۾ اڳتي وڃي سندس ڪمري ڏانهن نِهار ڪيم، ڪمرو بند هئس. اوسي پاسي نِهاريم، هوءَ ڪٿي بہ نظر نہ ٽئي آئي. نڪري رڌڻي ڏانهن آيس، ناشتو ڪري هيڏي هوڏي ڦرڻ شروع ڪيم. هَيمس ميلي جا مختلف پَهلو اجاگر ٿي رهيا هئا. ڪوڙ سارا ٻوڌي مخصوص انداز ۾ چادر نما ڳيڙو ڪپڙا ويڙهي گهمي رهيا هئا. ٻوڌين جو هڪ گروپ ماسڪ پائي محوِ رقص هو تہ ڪي ورِي ٻُڌ جي وڏي مُجسمي، جنهن کي هو سئڪيامُني يا شئڪيامُني سڏي ان آڏو سجدا ڪري رهيا هئا. اتي مون سمجهيو پئي تہ اهي مَهايانہ ٻُڌ مَت سان واڳيل هوندا. يو ڳُٽيءَ جي ڏِنل سِکيا سُتت ئي ڪم اچي رهي هئي، پر هوءَ پاڻ ڪٿي هئي؟

ڪيس ڏسڻ لاءِ گهڻو ئي اوسي پاسي نِهاريم، پر هوءَ نظر نہ آئي.

مون بهرحال ڪجھ ٻيا انٽرويو ڪرڻ شروع ڪيا. مختلف پوڄائن ۽ رسمن جا فوٽو ڪڍيم، ۽ ٽڪجي ٻوڌي-دَرَ جي هيٺين ڏاڪن تي ويهي رهيس. ڪجھ دير تصويرون ڏسندو رهيس، پوءِ وڊيو ڏسڻ شروع ڪيم. ان ڪان پوءِ ڊائريءَ تي نوٽس لکڻ شروع ڪيم... ڊائري بند ڪري هڪ پيرو وري چوڌاري نظر ڊوڙايم، هوءَ ڏسڻ ۾ نہ ٽئي آئي. نيٺ اٿي غار طرف روانو ٿيس تہ هوءَ ان طرف نہ هجي، ۽ منهنجو اندازو صحيح هو: هوءَ ڪنهن يو گي آسڻ ۾ ٻن ٻين ٻوڌين سان مراقبي ۾ رُڌل هئي، جڻ صفا گم هئي.

پهرين تہ مون کي سُڃاڻڻ ۾ نہ ٽئي آئي، جو اڄ رُوپ مٽيل هئس. اَڇي رنگ تي مختلف رنگن جي سَنهڙن گُلن واري قميص ۽ جِينز ۾ هئي، ميرَانجهڙي اَڇي رنگ جو مفلر ڳچيءَ ۾ وَيڙهيل هئس. مان بہ اتي ئي ٿورو پَرَيرو ويهي رهيس. ڪي پل ڪيس اِن نئين رُوپَ ۾ حيرانيءَ منجهان ڏسندو رهيس، هوءَ ڪا ٻي مانُهو نظر اچي رهي هئي، ساڙهيءَ ۾ هوءَ رِوايَتي حُسن سان ڀرپور ٿئي لڳي، جڏهن تہ جِينز ۽ ڪرتي ۾ سندس حُسنَ ۾ شهري جِدتَ اچي وئي هئي. ڪيس اِن نئين رُوپَ ۾ ڌيانَ ۾ مشغول ڏِسي سوچيم، لڳي ٿو جڻ اڄ سندس ئي شخصيت جي هڪ نئين رُوپَ سان مِلندس!

سندس ڌيانَ جي اندازَ تي غور ڪيم، جنهن مان هميشہ جيان مَهارَت جهلڪي پئي. مون هڪ ڀيرو وري اندر ۾ پختو ويساهہ ڪيو تہ هوءَ باقاعدي ورهين جي تربيت يافتہ هئي. اهڙي ٻوڌي جيڪا اڳ ئي تربيتَ جي باهہ ۾ پچي تيار ٿي پوءِ ٻاهر نِڪتي هجي. سندس چهري تي اهڙي تہ گهري ۽ خاموش تسڪين هئي، جو محسوس ٿيو پئي جڻ هوءَ تسڪين جي حالتَ ۾ ئي جامد ٿي وئي هجي. اُن جُمودَ ۾ فقط سندس حسين ۽ تَنيل سِينو هو، جيڪو ساهہ کڻڻ ۽ لهڻ جي ڪري، پر تمام آهستي. هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. جڻ جُمود ۾ تحرُڪ رهجي ويو هجي، ڪيڏي نہ پُر جَمال جَدليات هئي! هوءَ ٻن متضادن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلاپ بڻجي وئي هئي.

انهن خيالن تي سوچيندي سوچيندي انتظار پئي ڪيم تہ ھوءَ ڪيڏي مهل تي ڏيانَ مان واندي ٿئي. پر سمجهي ويس تہ هن ڏيان مان هوءَ ايڏو جلد نہ اٿندي، ان ڪري انتظار ۾ سندس مَهارَت جي نقالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. ڄنگهن کي هِڪٻئي ۾ وَرائي ڪَنول آسڻ ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪيم. ڏکيو سکيو ايئن ڪري ويهي تہ ويس پر سُور جي ڪري هڪ ٻن پلن کان وڌيڪ ان آسڻ ۾ ترسي نہ سگهيس، جو ڄنگهن ۾ اها لچڪ ئي نہ هئي. دل ئي دل ۾ سوچيم تہ اِن جسماني توڙي فِڪري علمَ کي هاٿي ضرور حاصل ڪندس. يوڳِنيءَ مون ۾ خواهِشون اٿيِ رهي هئي. منهنجو پورو وُجُود نئين سِر اڏجي رهيو هو: سچ اهو هو تہ مان پنهنجون خواهشون سوچي پاڻ کي پاڻ ئي حيران ڪري رهيو هئس.

ان مهل ڪيس ڏيان ۾ ڏسي سوچيم تہ ڇا هوءَ ڪنهن تصور ۾ گم هئي. هڪ جاءِ تي غير متحرڪ جسم سان اکيون بند ڪري ڇا هوءَ ڪجھ سوچي رهي هئي؟

يوڳنيءَ جي ڏيان مان سُجاڳيءَ جو انتظار ڪندي ڪندي مان پاڻ خيالن جي دنيا ۾ هليو ويس. خيالن مان سُجاڳي تڏهن تي جڏهن يوڳني پنهنجو مراقبو پورو ڪري اٿي چڪي هئي، ۽ سامهون ڪنهن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين. مون ڪيس ڏٺو، ڪنهن پوڙيءَ سان گفتگوءَ ۾ محو هئي، ۽ پنهنجي ڳالھ پوري ڪري پوءِ تمام غور سان سندس ڳالھ ٻُڌي رهي هئي. ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن سندس ڳالھ ختم ٿي تہ مون ڏانهن نهاري اڳتي وڌي آئي، چيائين:

”مان ڪنهن ڪم جي ڪري اڄ جلد ئي هيٺ هَيمس ويندس، اوهان کي هتي ڪم نہ هجي تہ هليا هلو، نہ تہ مان نڪري ويندس...“ ان اوچتي فيصلي تي مان حيران ٿي ويس، چيم، ”پر اوهان چيو تہ اوهان شامَ تائين هتي هوندؤ؟“

هڪدم وراڻيائين، ”ها هجڻو تہ مون کي هتي دير تائين هو، پر اڄ هتي هڪ پوڙيءَ ٻڌايو آهي تہ ٻين پوڙيشالائن ۾ ميلي جي ڏينهن ۾ اهم پروگرامَ رٿيل آهن، جيڪي مان لازمي ڏسڻ چاهيندس. مون کي ڪجھ اهم پوڙي سَتوَئن سان اتي ملڻو بہ آهي، جيڪي شايد گهڻي دير اُتي نہ ترسن، ان ڪري جلدي نڪرڻو پوندو...“

مون هڪدم نئين صورتحال کي سمجهندي چيو، ”ٺيڪ آهي، مون اڄ جو پنهنجو سمورو ڪم مڪمل ڪري ورتو آهي، اوهان سان گڏ ڪجھ ٻيون پوڙيشالائون بہ ڪَور ڪري وٺندس.“

چيائين، ”ها، پر مون کي جلد ئي هَيمس مان نڪري اُنهن پوڙيشالائن ڏانهن وڃڻو پوندو.“

مون بہ جواب ڏنو تہ ”هَيمس مان هوٽئن اسان بہ گهڻو ڪري اڄ ئي نڪري وڃون ها، بس هيٺ پهچي اِتان نڪرڻ کان اڳ مان ٿوري دير پنهنجن دوستن سان ويهندس، ساٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحقيقي موادَ جي ڏي وٺ ڪندس ۽ ان ڪان پوءِ اوهان سان نڪري هلندس، اهو ٺيڪ آهي؟“
مجيائين. ٻه ٽي پل خاموشيءَ ڪان پوءِ چيائين، ”مون رات سوچيو هو ته جي روز هتان جون ٻه ٻوڏيشالائون گهمجن تڏهن ئي وڃڻ ڪان اڳ لڳ ڀڳ سيئي گهمي سگهنديس، ۽ ان ڪان پوءِ مون ڪي واپسيءَ جو سفر به ته شروع ڪرڻو آهي.“
سندس واپسيءَ جي سفر جو ٻڌي منهنجيءَ دل ڪي ڌَڪ جهڙو لڳو. پر اُن تي ڪُجهه ڪُجهه به نه. چيم، ”بلڪل صحيح آهي، مان به وڃڻ ڪان اڳ ۾ اوهان جي سرپرستيءَ ۾ ٻه ٽي بيا گومپا ڏسي سگهندس ۽ انهن ڪي پنهنجي تحقيقَ ۾ شامل ڪندس.“
”مون ڪي پندرهن ويهه منٽ لڳندا سامان سهيڙڻ ۾، پوءِ هلجي؟“ مون ڏانهن نِهاري چيائين. ”بلڪل، مان به پنهنجو ٿيلهو کڻي ٿو وٺان“. اهو چئي ساٿس گڏ ڪمرن طرف هليو آيس.
سوچيم، اتفاقن ۾ اچانڪ سامهون ايندڙ حالتن لاءِ هر وقت تيار رهڻو هو! اچانڪ آيل مخصوص صورتحال ۾ هڪدم ڪهڙو فيصلو ڪجي، ان تي سوچڻ لاءِ هڪ سيڪنڊ ڪان وڌيڪ وقت جي مهلت نه هئي. جڏهن اهو مخصوص لمحو باهوش نه گذارڻ سان هڪ عظيم موقعو گسي وڃڻ جو امڪان هو. جيڪو دل لاءِ حادثو هجي ها... دل، جيڪا هڪ نازڪ مرحلي منجهان گذري رهي هئي! مان ڪاميابيءَ سان اهڙن موقعن تي بلڪل صحيح فيصلا ڪري رهيو هئس، پنهنجي پُٺي ٺپريم پئي!
ڏهن پندرهن منٽن ڪان پوءِ اسين ڏيان واري غار پويان چڙهي هيٺ هماليه جي هڪ لاهينءَ تان لهي رهيا هئاسين. جيڪا پاسن ڪان چڙ وچڙ ٻوٽن جي وچ ۾ هڪ ڏگهو پٽرائون رستو هئي. نظر نه ايندڙ پاڻيءَ جي وهڪري جو آواز، پوپٽن جون بي آواز ڦڙڪيون، جبلن، پٿرن ۽ رستي جي پراٽپ سان ڀريل منظر ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ايندڙ ويندڙ سادو ۽ سياحَ... جڏهن مان ان حُسن جي هر پهلوءَ ڪي اڄ نئين سِر ڏسي رهيو هئس. نه ته ان ئي رستي تان مان مائيڪل ۽ جَين سان به ته مٿي چڙهي آيو هئس. اِهو ئي ساڳيو ڏيکُ هو. پر اڄ ان رستي جي جادوئي منظرن جي حُسن ۾ انفراديت محسوس ٿي رهي هئي.
مون نوٽ ڪيو ته اسان ٻنهي ڪجهه منٽ ته خاموشيءَ سان اها جابلو لاهين لٿي پئي. سندس وِک اِتي ڪجهه تکڙي هئي، جڏهن هوءَ ڪنهن جلديءَ ۾ هجي، نه ته سندس هلڻيءَ جو ڌيرج ته مان ڏسي چڪو هئس. شايد لباس جو فرق به هو.
ساڙهيءَ ۾ سندس ڌيرجُ وڌيڪ واضح ٿي بکيو ٿئي. جڏهن ته جينز ۽ قميص ۾ هڪ پاسي هوءَ جديد شهري سماج جي نارِي لڳي پئي، ٻئي پاسي جڏهن ان لباسَ سندس مزاج به مَٽائي ڇڏيو هو. ٻنهي لباسن ۾ سندس هلڻي الڳ الڳ هئي. سوچيم، ڇا لباسَ اسان جي مِزاجَ تي ايترو گهرو اثر ڇڏيندا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سچ اهو هو تہ هوءَ هئي تہ جديد دؤر جي ناري پر هڪ سچي پچي ساڏو هجڻ جا ياوَ بہ ڏيندي هئي. لڳو پئي جڻ تہ هيءَ انهن پوڙي ساڏوئن کان بہ وڌيڪ پيچيده جبل ڏورَي سگهندي. جديد شهري سماج جي سهولتن کي پاسيرو ڪري، پوڙي زندگيءَ جي سنگين سادگيءَ ۾ رهي سگهڻ جي اهل هئي. ايئن مون کي محسوس ٿيو پئي!

هلندي هلندي سوچيم پئي تہ سائس ڪا نہ ڪا ڳالهہ ڇيڙيان، پر سُجهيم نہ ٿئي تہ ڇوان ڇا. اڃان اِن تي سوچيم ئي پئي تہ هن پنهنجي خاموشي ٽوڙي ڇيو، ”واپسيءَ جو سفر بہ ڪيڏو نہ عجيب هجي ٿو، الائجي ڇو محسوس ٿيندو آهي تہ اهو وڃڻ واري سفر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جلدي اُڪلجي ويندو آهي، يا وري شايد ايئن محسوس ٿيندو آهي؟“ سواليہ انداز ۾ مون ڏانهن ڏٺائين!

مان سائس سهمت هئس. هممم چئي ڪنڌ سان ها ڪيم. پر ڪُجهہ بہ نہ. سوچڻ لڳس، واقعي بہ واپسيءَ وارو سفر جلدي اُڪلجندو محسوس ٿيندو آهي: ڀيو اهو تہ ساڳئي رَستي کي ٻن مُختلف ڏسائُن کان ڏسڻ جو بہ فرق هوندو آهي، جڻ ٻہ مختلف تجربا هجن! ڇاڪاڻ تہ ايندي ۽ ويندي ساڳيو رَستو ٻن مُختلف ڏسائن کان هڪٻئي کان مُختلف ڏيکَ ڏيکاريندو آهي. ٻيو اِهو بہ تہ لاهين چڙهڻ ۽ لهڻ ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي، جسم جي زور جو بہ، تہ وقت جو بہ. ان ڪري واپسيءَ جو اهو سفر مون کي بہ ڪافي سولو لڳي رهيو هو. مٿان اڄ تہ ڳالهہ ئي ٻي هئي، اڄ هوءَ سفر ۾ ساڻ هئي، سندس هجڻ جي ڪري اهو سفر بيحد جمالياتي محسوس ٿي رهيو هو.

گوتسانگ غار کان هيٺ لهندي اسان کي اَنتَ تائين ڏيڍ ڪلاڪ کن ٿيو هوندو، اُڄَ لڳڻ جي ڪري هن ٿوري دير ويهڻ لاءِ چيو. هڪ جاءِ تي ويهي ساهي پٽيسين، پاڻي پيتوسين. پاڻ ۾ ڏاڍو مختصر ڳالهايوسين، ڏهن مِنٽن کان پوءِ وري هلڻ شروع ڪيوسين. مان ان ڪري چُپ نہ هئس جو مون کي رستو پُڇائڻو هو، مان اصل ۾ ان دوران سندس ساٿَ کي چڱيءَ ريت محسوس ڪري رهيو هئس. سندس پٽرائين لاهينءَ تان لهندو هلڻ، هيٺ مٿي ساهہ، ڇهري تي عُجلتَ هئس جهڙي، جڻ ڪٿي تمام جلدي پهچڻو هئس. خاموشيءَ سان اُن پٽرائين لاهينءَ تان لهڻ، رستي جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان رڪي رڪي نظر ايندڙ لهڪندڙ گل، اسان ٻنهي جي پيرَ پوڻ جي ڇاپَ، پاڻيءَ جي وهڪري (آبشار) جو لڳاتار ايندڙ آواز ۽ پکين جون خوبصورت ٻوليون ان رستي کي ويتر وڌيڪ معنيٰ خيز بڻائي رهيا هئا.

محسوس ٿيم تہ سائس گڏ ان پٽرائين لاهينءَ تان خاموشيءَ سان لهڻ بہ جڻ هڪ قسم جي گفتگو هئي. اُها خاموشي بہ جڻ اسان جي وچ ۾ هڪ قسم جو تعلق هئي: ڪنهن يقين جو، اعتبار ۽ واعدي جو، جيڪو جڻ ٻنهيءَ جي وچ ۾ طئہ ٿيل هو. جڻ پاڻ ۾ سڀ ڪجهہ اڻ لکيل معاهدي تحت طئہ ڪري ڇڏيو هئوسين تہ ان جابلو رستي تان گڏ لهڻو آهي، ان کان پوءِ اسان کي گڏجي مختلف ٻوڌي ڄڳهين جي ياترا تي وڃڻو آهي. هئي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا ويجهي مستقبل جي رٿا، پر مڪمل طور تيار رِٿا هئي، جيڪا، مون سوچيو، پرانهين مستقبل تائين بہ وڃي سگهي پئي.

جيتوڻيڪ اها سوچ مون کي ڪجھ تڪڙي ايندي بہ محسوس ٿي پئي، پر اهو بہ سوچيم پئي تہ دل جي دل سان لڳڻ ۾ لازمي نہ آهي تہ هميشہ ڊگهو وقت ڪپي. اهڙا معاملا پَلن ۾ لمحن ۾ بہ طئہ ٿي ويندا آهن. ٻن ڄڻن جي وچ ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ گڏ هجڻ وارو تحفظ طئہ ٿي چُڪو هو. مان سوچي رهيو هئس تہ ڪڏهن ڪڏهن لفظ غير ضروري ٿي پوندا آهن، اهي ٻوليءَ جو سطحي اظهار لڳڻ لڳندا آهن. خاموشي پنهنجيون گهرائيون اسان جي دلين تي لکي رهي هئي، خاموشي اسان جي تعلق کي هر پل سِبي رهي هئي، ان کي خاموش سَيبَي سان مضبوط ڪري رهي هُئي.

مان ٿورائتو هئس ٻُڌ مَت جو، جو اُن مون کي سائنس ملايو، ۽ هاڻي اُن ئي يقين ڏنو هو تہ اهوئي ٻُڌ مَت مون کي سائنس گڏ ڪٽي اڳتي نيئندو.

مان انهن ئي خيالن ۾ هئس تہ هن ڳالهايو، ”بس هاڻي چار يا پنج منٽ پري آهيون.“

”اوهان پهرين بہ ان غار ڏانهن ويا آهيو؟“ مون پُڇيو.

وراڻيائين، ”ها، بہ ٽي ڀيرا وڃي چُڪي آهيان.“

”اوهان اُتان ڪان ٻي کهڙي ٻوڌيشالا ويندؤ ۽ لَداخ ڪان واپس ڪڏهن ويندؤ“، پُڇيومانس.

چيائين، ”مان اَڃان ڪُجھ وقت اتي هونديس هڪ ڏينهن ۾ بہ يا ٽي ٻوڌيشالائون ڏسنديس، ڪوشش ڪنديس تہ سيئي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ اُسي سيڪڙو ليھ جون ٻوڌيشالائون ڏسي وٺان، واپسي شايد ٻن هفتن ۾ ٿيندي.“

مُرڪي چيومانس، ”بس پوءِ اوهان جي واعِدي ۽ منهنجي اِرادي موجب، مان ان سموري سفر ۾ اوهان سان گڏ هوندس.“

حيرتَ ۾ پُڇيائين، ”سموري سَفر ۾؟ پر ڇو؟ اوهان جي ڪم جو ڇا ٿيندو پوءِ؟“

ان تي مون کي ٿوري چُپ لڳي وئي، پر پاڻ سنڀالي چيم، ”منهنجي تحقيق ئي ٻُڌ مَت سان وابستہ آهي، سو اوهان سان گڏ مان پنهنجو ڪم ئي ڪري رهيو هوندس.“

پنڌ جي ڪري تمام هلڪو سهڪي رهي هئي، هلندي هلندي مون ڏانهن ڏٺائين، اکين ذريعي اهڙو اشارو ڏنائين جڻ منهنجي ڳالھ تي ويساھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هجي...

بہ پل رڪي وري چيائين، ”۽ اوهان جا دوست؟ اوهان کي انهن سان گڏجي ڪم ڪرڻو هو نہ؟“

چيم، ”اسان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي مُنهن تحقيق ڪري پوءِ هڪٻئي سان وَنڊي ٿو، سو اهو ڪم ۽ ونڊڻ نہ رڳو جاري رهندو پر اوهان ڪان سکڻ جي ڪري اسان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم وڏيڪ تفصيلي ۽ گهڻ-پاسائون بہ ٿي ويندو. بس اسان دوست هڪٻئي سان ملي مواد ڏيندا ونندا رهنداسين. بيو اهو تہ اسان پنهنجي تحقيق جو اَسي سيڪڙو ڪم ڪري ڇڏيو آهي، ٿورو رهيل آهي، جنهن ڪي پورو ڪرڻ ڪان پوءِ اسان دهليءَ مان هوندسن بہ پنهنجن پنهنجن ٿاڪن ڏانهن ورنداسين."

اهو چئي مون ڪيس ڏنو. منهنجي اِن ڏِکهي صفائي پيش ڪرڻ جي جواب ۾ چيائين ڪجهہ بہ نہ.

اسين اجهو ان وقت هيٺ پهتاسين... هڪدم اوسي پاسي ڏسندي چيائين، "اُجَ لڳي آهي، اوهان کي بہ لڳي هوندي، هلو تہ هلي پاڻي وٺون."

مون اندر ۾ سندس ايئن ڳالهہ مَڃائڻ تي شڪر ادا ڪيو.

سامهون هَٽَ تي آياسين، اچي بہ مِنرل جون بوتلون ورتائين. هڪ مون کي ڏنائين، جنهن جا مون پئسا ڏيڻ چاهيا پر اشاري سان روڪي ڇڏيائين، پاڻيءَ جي سخت ضرورت هئي، سو پنهي پيتو.

مون مٿس نظر ڪئي، جابلو رستي تي تِکو هلڻ جي ڪري جسم ۾ رت جي تيز وهڪري سندس چهري کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو. پاڻي پيئي آخري بچيل ڪجهہ ڍڪ سان مُنهن تي ڇَنڊا هنيائين، منهنجي دِل تي وڄن وسڪارو شروع ڪيو. پاڻيءَ جا ڇنڊا سندس چهري تان ترڪڻ لڳا... سندس چهرو بيو ٿي پيو، سندس ان روپَ کي پهريون ڀيرو ڏٺو هئم! سوچيم، اِهو سندس نِجي، پرائيويٽ لمحن اظهار هو، جيڪو فقط پنهنجائپ جي ماحول ۾ ئي ڪرڻ ممڪن هو. الائجي ڇو، پر مون کي لڳو تہ هوءَ هر ڪنهن جي سامهون ايئن بچيل پاڻيءَ جا ڇنڊا پنهنجي چهري تي نہ هڻندي هوندي. مون کي سندس ايئن ڪرڻ مون سان سندس ويجهڙائيءَ جو احساسُ ڏئي ويو، هڪ نئي سفر ۾ گڏ هجڻ جو احساس ۽ هڪ نئي منزل ڏانهن گڏجي وک کڻڻ جو احساس.

مون کي لڳو تہ گڏجي لڳل اُجَ کي پاڻيءَ سان گڏجي اجهائڻ واري عمل بہ جڻ اسان جي وچ مان اوپرائپ جو هڪ ذرو مفاصلو ختم ڪري پنهنجائپ کي ويجهو ڪيو پئي، ڇا ايئن هو؟ خبر نہ آهي ڇو محسوس ٿيم جڻ هوءَ هِڪ قدم اڳتي ٿيپي آئي هجي. بئي ئي لمحي پنهنجي ان سوچ تي کِل پئي آيم تہ الائجي ڇا ٿي ويو هئم، سندس هڪ عام ۽ نندڙي عمل مان پنهنجي مرضيءَ جا مطلب پئي ڪڍيم!

ڪيس غورَ سان ڏسڻ لڳس، سندس چهري تان ترڪندڙ پاڻي رَت جي ڳاڙهاڻ جي شَيڊ ۾ گلابي ڦڙن جيان سنڌس نِراڙَ، ڳلن، چپن تان تِرڪندو سندس ڳچيءَ تائين آيو، ۽ ڳچيءَ کان سفرَ تي نڪتل اهو مُسافر پاڻي سُري هيٺ سندس سِيني ڏانهن وڃڻ لڳو. اِن منظر ڏسڻ سان منهنجي اندر ۾ اهڙي تہ اچي اٿل پُتل مَچي جو هڪ لمحي لاءِ وس وڃائي ويٺس: اندر ۾ لطيف ڇهاءَ جو مزو محسوس ڪيم. جڻ اهي پاڻيءَ جا ڦڙا منهنجيءَ دل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڇُهي اُن مٿان ترڪي رهيا هجن. ٻئي ئي لمحي منهنجو ڌيان سندس روح جڪڙيندڙ حُسن ڏانهن ڪڇي ويو: هڪ ييرو وري حيران ٿي پيس، سندس بي مثال حسن تي! مون ڪي ڇا ٿي ويو هو! ڪيئن هڪ ڪان پوءِ ٻيو خيال شڪاريءَ جيان مون ڪي ڪَنيي ڪٽي وڃي رهيو هئو. احساسن جي هلڪڙي جهڙپَ سان ئي جَهنجي ٿئي ويس. جذبن ۽ احساسن آڏو چوڳو ٿي پيو هئس جڻ... پر ڪيئن نہ چوڳو ٻڌجي ڪنيجي وڃان ها. سندس حُسن ڪي نِهاري غور ڪيم! هوءَ آخر ايتري حسين جو هئي...!

مون ڪان هڪ لمحي لاءِ پاڻي پيئڻ وسري ويو هو. ڪيس ڏسندو رهيس پئي، مٿانئس اَک هٽي ئي نہ ٿئي، ان خيال ڪي ليکيَ ۾ نہ آڻيندي تہ مان ڪيس يڪو ٽَڪي رهيو هئس ۽ ايئن يڪي دير تائين هڪ نارِيءَ ڪي تڪڻ هرگز مُناسب نہ هو. مٿان ظُلم اِهو ٿيو تہ هُن منهنجي تڪڻ ڪي نوٽ ڪري ورتو. مون ڪي ايئن ڏسندي حيرت ۽ هلڪڙي ناگواريءَ منجهان ٽِڪي گهورَ پاتائين...

منهنجي تہ گمانَ ۾ ئي نہ هو تہ هوءَ مون ڪي ايئن تڪيندو ڏِسي وٺندي. سندس پاڻ تي ڪُپيل اکين تي سخت ڦِڪائي ٿيم، ٻيو ڪو رستو نہ هو سواءِ اِن جي تہ پنهنجون اکيون ٻئي پاسي ڪريان. سندس گهورَ ۽ اُن جي ٽيڪ ڪي لَنوائي هڪدم ٻئي پاسي نِهاريندي ٻڇيل پاڻي پيئي ورتم، بوتل ڊبي ۾ ڦِٽي ڪرڻ بهاني ٻئي پاسي لَڙي ويس.

پاڻ تي سخت ڪاوڙ آيم ۽ شديد افسوس بہ ٿيم تہ مون ڪي ڪيس ايئن گُهورڻ زيب نہ ٿئي ڏِنو. عام فضيلت جي خلاف هو، پر مان ڇا ڪريان ها؟ منظر ئي عجيب هو، بيوس ڪندڙ. ڪيس ساراهيم پئي. منهنجي نِهارَ ۾ ڪو بہ عيبُ نہ هو، سَتائشي نِهارَ ۾ ڀلا ڪهڙو عيبُ هوندو؟ مان تہ ايندڙ ڏينهن ۾ سندس جهڙي لاٽَ مائيءَ سان ساڻ هجڻ جي خيال جي خوشيءَ تي ئي بيهجي وائِڙو ٿي ويو هئس، هاڻي ان خوشيءَ واري وائِڙائپَ ڪي ڪيئن ڪنٽرول ڪريان ها؟

مٿان مون ڪي سندس بابت ڪا خبر بہ تہ نہ هئي تہ هوءَ ڪير هئي؟ ڪٿان آئي هئي؟ ڪيستائين ساڻس گڏ هوندس. پريشاني اها هئي تہ وقت تيزيءَ سان پنهنجي مزاجَ موجب گذري ويندو آهي، سو هاڻي بہ گذرندو ويندو. مثال طور، گذريل شام بہ گذري وئي، پوءِ رات بہ، اڄ صُبحَ گذاري ڇڏيوسين، ايئن اڄوڪو پورو ڏينهن بہ گذري ويندو. اسين هتي مليل وقت جا ڪجھ ڏينهن يا وڌ ۾ وڌ هڪ هفتو بہ گذاري ڇڏينداسين. پوءِ؟ پوءِ ڇا ڪبو؟ بس خوشيءَ ڪي ايتري لحظي لاءِ ئي ماڻبو؟ وري ڪڏهن بہ ملي نہ سگهبو؟ سندس خوبصورت ساٿَ ۾ جناءُ ازلي چو نہ آهي؟ اِهي سوچون بہ تہ ورائي ويون هئم... تہ پوءِ وائِڙو ڪيئن نہ ٿيان ها!

بيگ مان نئيو توال ڪڍي چهرو اُگهي مون ڪي ڏسي چيائين، ”مان هتي هَيمِس ۾ ٿورو وقت هونديس، پوءِ پرپاسي جي ٻروڏيشالائن ڏانهن نڪري وينديس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اجان تائين ڦِڪائيءَ جي احساسَ ۾ هئس، پر هن ڳالهه شُروع ڪري مون کي تورو سامَتَ ۾ آندو...

”اندازن ڪيتري دير کان پوءِ؟“ هلڪي آواز ۾ پُڇيم.

”ڏيڊ ڪلاڪ کان پوءِ؟ اهو ٺيڪ آهي؟ اگر اوهان کي ڪو ڪم هجي ته ڪلاڪ وڏيڪ دير سان به نڪري سگهون ٿا.“ منهنجي ڪمِ جو سوچي چيائين.

”نه، نه... مان پنهنجا ڪم به ڪلاڪ ڪن ۾ اُڪلائي وٺندس. بس، ڪلاڪ ڏيڊ کان پوءِ اتي ئي ملون ٿا.“ هوءَ ان تي سهمت ٿي. سوچيم، اهو ٽائيم جَين ۽ مائيڪل سان گڏ هوندس ته جيئن کين پنهنجي ايندڙ ڪم بابت ٻڌائي سگهان.

يو ڳٽي ڪجهه پلَ اتي هيمِس جي ٻاهرئين ڪشادي پَٽر ۾ بيني ٻهُروپي ماسڪ وارا رقص ڏسندي رهي ۽ رکي رکي پنهنجي پاسي ۾ بيٺل هڪ لداخي ناريءَ سان هڪ به جملو به ڳالهائين پئي.

مان پنهنجي ڪمري ۾ آيس، اچي سامان سهيڙڻ شُروع ڪيم. پنهنجي مختصر سامان وارو بيگ بند ڪري پٺن تي ڪنيم. ڪئميرا ڪٽي مائيڪلِ ۽ جَين جي ڪمري ڏانهن ويس، اهو بند هو. موٽي اچي کين اوسي پاسي تلاش ڪرڻ شُروع ڪيم. موبائيل فونَ جي سِگنلن جو مسئلو هو. جيتوڻيڪ اسان هتي اچي لوڪل سِمون ورتيون هيون، ۽ فون ذريعي لِکت ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وري به مُمڪن هو، پر اڪثر ڪري ڪال سِگنلَ نه هئڻ ڪري لڳندي ئي نه هئي.

مون جَين ۽ مائيڪل ٻنهي کي هڪڙو ميسيج ڪيو، اِهو سوچي ته اهو نيٺ کين ملي ئي ويندو. مان وري ماسڪ واري رقص طرف اچي ويس. چوڌاري نظر ڊوڙايم ته يو ڳٽي ته اتي نه هئي، پر جَين نظر اچي وئي. هوءَ ماسڪ واري رقص جا فوٽو ڪڍي رهي هئي. وڃي سندس پاسي ۾ بيٺس، ڏسي مُرڪي پئي، ”مائيڪل ڪٿي آهي“، پُڇيو مانس.

”اتي ئي هو، ڪجهه نوان محقق آيا آهن آمريڪا کان، انهن کي پنهنجي تحقيق بابت ٻُڌايائين پئي، تون ٻڌاءِ تنهنجو تجربو ڪيئن رهيو...“ مون مُرڪي ڏٺومانس، ۽ چيم، ”لاجواب!“

ڪانئس وڌو ٽهڪ نڪري ويو. مان به گهڙي مُرڪ مُرڪي پيس. چيائين، ”اچ ته ڪچهري ڪيون ۽ هِڪٻئي جو ڪم به ڏسون.“

ان مَيڙاڪي مان نڪري وڃي چانوَ ۾ ويٺاسين، ڪيس ڪم ڏيکاريندو رهيس، ايتري ۾ مائيڪل به اچي ويو.

جَين ڪلندي مائيڪل کي شرارتي انداز ۾ ٻُڌايو ته ڪبير جو تحقيقي تجربو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لاجواب“ هو... ان تي مائيڪل وري ان ئي شرارت سان مون کي اک هڻي چيو ته، ”ان لاجواب تجربي جا ڪجھ غير ڳجھا واقعا اسان کي به ٻُڌاءِ پلا...“

مان بس سندن پو ڳِن تي کلندو رهيس.

ڪين اهو ٻُڌايم ته هي سڄو هفتو مان پوڳُٽيءَ سان گڏ هوندس، هوءَ مختلف بوڊيشالائن ۾ ويندي، دلچسپ تجربو هوندو.

ان تي پنهي تمام گهري مُرڪ سان پرون مٿي ڪري پهرين هِڪٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ مون ڏانهن. جَين چيو، ”اها اسان سان سراسر ٺڳي آهي، پاڻ ٽنهي کي گڏ هجڻو هو. ڪبير!“

مون ڪالھ جيان وري ڪين پَڪ ڏيندي هڪدم چيو، ”مان پنهنجي ٻلي جو سمورو ڪم پورو ڪري اوهان کي ڏيندو رهندس.“

جَين مُرڪي حيرت مان چيو، ”لڳي ٿو دل آئي اٿئي پوڳُٽيءَ تي...“

مون به سندن آڏو مڃيو، چيم، ”ها، اِها حقيقت آهي.“

منهنجي ايڏي پُختي ”ها“ ڪري مِڃڻ تي ٻئي چرچي جي موڊ مان نڪري آيا.

مائيڪل گهري مُرڪ مُرڪندي پڇيو، ”ڪيس ٻڌايو اٿئي؟“

”صفا نه. ايڏو جلدي ڪيئن چئجي اهو؟“

جَين به ان تي هڪدم مائيڪل کي ڇنڀيندي چيو، ”ايڏو جلدي اظهار نه ڪبو آهي، ٿورو وقت وٺڻ ضروري آهي.“

مائيڪل پُڇيو، ”پر تو چا چيو اٿس ته سانس جو گڏ هوندين؟ هوءَ فقط زيارتي آهي، يا ڪنهن تحقيقي ڪم سانگي هتي آئي آهي؟“

پوڳُٽيءَ جي باري ۾ ٿوري گهڻي جيڪا به معلومات هئم سا کين ٻڌائڻ شروع ڪيم ته، ”هوءَ پڪي بوڌياڻي آهي. ڍاڪو سال کان اڳ ٻُڌ مَت ۾ داخل ٿي آهي، هتي پنهنجي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ آئي آهي. وڃڻ کان اڳ ليھ جي مڙني بوڊيشالائن کي ڏسي پوءِ وڃڻ ٿي چاهي.“

جَين پُڇيو، ”آهي ڪٿان جي؟“

چيم، ”اها ته مون کي خبر ئي نه آهي. هوندي ته ڀارتي، پر پڪ نه آهي ته ڪهڙي رياستَ سان تعلق اٿس. اِنهن ڏينهن ۾ اهو پتو ڪندس.“ مُرڪي پيس. دل ئي دل ۾ فِڪر به ٿيس ته آخر اهي بنيادي سُوال ڪانئس جو نه پُڇي سگهيو هئس.

بيوسيءَ منجهان کين نهاري چيم ته ”مون کي ته هن جي نالي جي ئي خبر نه آهي.“

جَين جون اکيون حيرت مان کُلي ويون، ”چا مطلب. ڪالھ سمورو ڏينهن توهان گڏ هئا ۽ هِڪٻئي سان اهو بنيادي تعارف به نه ڪرايو اٿؤ؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر. ”بس موقعو ئي نہ مليو.“ ان تي ھنھي ھڪبئي ڏانھن وري ڏٺو. ”اھڙي ڪھڙي مصروفيت ۾ ھئا جو ھِڪبئي ڪان نالو ئي نہ پُڇي سگھيا؟“ مائيڪل مون ڪي گھوري پُڇيو.

ڪجھ ڪُڇئي بنا مُرڪي ڏٺومانس.

جَين تنبيھي انداز ۾ چيو. ”ھن ھفتي دوران گھٽ ۾ گھٽ نالو تہ پڇجانس.“

مون ڪلي ڪنڌ ڌوڻيو.

جين پُڇيو. ”پوءِ تون ھي ايندڙ ڏينھن ھن سان گڏ ھوندين ۽ اسين تہ چئن ڏينھن ڪان پوءِ دھليءَ ڏانھن نڪري ويندا سين. اتي بہ ڏينھن رھي انگليند جي فلائيٽ پڪڙيندا سين. تنھنجي بہ فلائيٽ آھي واپسيءَ جي.“

”ھا. اھا تبديل ڪرائڻي پوندي. ڪوشش ڪريان ٿو لَداخ مان ئي ڪرائي وٺندس تبديل ھڪ ٻن ڏينھن ۾. مان سائنس گڏ ٻوڌِيشالائون پيو ڦرندس. اوھان ڪي ٻُڌائيندو رھندس تہ ڪيڏانھن ڪيڏانھن پيا وڃون.“

مائيڪل حيرت منجھان تقريبن رڙ ڪري چيو. ”فلائيٽ تبديل ڪرائيندين؟ فقط ان ڪري تہ ايندڙ ھفتي تائين ھن سان گڏ سڀ ٻوڌِيشالائون گھمي وٺين؟“

نئرپٽي سان چيمر. ”فقط ڇا؟ اھو جواز ڪافي نہ آھي تہ سائنس گڏ ٻوڌِيشالائون گھمڻ لاءِ فلائيٽ تبديل ڪرايان!“

اھو چئي مان مرڪي پيس. ڪيس ۽ جَين ڪي ھلڪڙي مِنت واري انداز ۾ ڏٺمر. ان اُميد سان تہ ھو منھنجي ڳالھ سمجھي وٺن.

مائيڪل ڪلندي چيو. ”ھاڻي اھو نہ چئجانءِ تہ تون لَداخ ۾ مڪمل طور رھائش پذير پيو ٿين!“

مون گھوريندي چيومانس. ”ان جا وڏا اِمڪان آھن...“

اِھو ٻُڌي جَين ۽ مائيڪل ٻئي مون ڪي کِلي ڏسندا رھيا.

جَين ھڪدمر ڪمر ڏانھن ڏِيان ڏياريو. ”بس ھِڪبئي ڪي مواد ڏئي پوءِ ئي ھتان الڳ ٿيون. نہ تہ وڊيوز موڪلڻ ڏکيو ٿي پوندو. پاڻ ڪي ڊاڪيومينٽريءَ جي فارميٽ ۽ ڊزائين تي بہ ڳالھائڻو آھي.“

”بلڪل صحيح. اوھان آخري ڏينھن جنھن جاءِ تي ھوندؤ اتي ملي وٺنداسين. فون ڪال تي يا ايس ايمر ايس تي رابطي ۾ رھنداسين.“ ٻنھي ھا ڪئي.

ان دوران اسان ھڪبئي ڪي مواد ڏئي مانجھاندو ڪيو. مختصر ڪچھريون ڪيونسين. جَين چيو اسان يوڳٽيءَ سان ملڻ چاھيندا سين. وري شايد ملاقات ٿئي يا نہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهان جي تحقيق مڪمل ٿي؟ اجان ڪيترا ڏينهن هوندؤ هتي؟“ مون کي محسوس ٿيو ته هن پاڻ بابت وڌيڪ سوال نه ٿئي پُڇڻ چاهيا يا وري شايد وڌيڪ ذاتي سوالن کان لهرائيندي هجي؛ پر مان آتو هئس ته ڪنهن نه ڪنهن بهاني سندس بابت وڌيڪ خبر پوي.

جَين وراڻيو، ”اسان اجان چار ڏينهن اتي آهيون، ڪجھ وڌيڪ جايون گهمي ڏهلي ۽ هليا ويندا سين، ۽ اُتان انگلينڊ.“

ان ئي وقت مائيڪل مون ڏانهن اِشارو ڪري چيو، ”ڪبير ته اِهي ڏينهن اوهان سان گڏ هوندو، اميد ته اوهان جي ساٿَ ۾ ٻُڌ مَت بابت سندس معلومات ۽ تجربو اسان جي تحقيق کي وڌيڪ مُستند بڻائيندو.“

هن ”ڪبير“ نالو ڪڇڻ تي مون ڏانهن ڏٺو. ڪيس هاڻي خبر پئي ته منهنجو نالو ڪبير آهي.

مائيڪل اصل ۾ منهنجي ساٿس ايندڙ ڏينهن ۾ گڏ هئڻ جو ذڪر ڪري صحيح ڪيو هو. سوچيم ايئن ڪرڻ سان يو ڳِٽيءَ کي پَڪَ ٿي وئي هوندي ته مان واقعي به سندس ساٿ فقط علمي ۽ تحقيقي حوالي کان چاهيو پئي، منهنجي اندر جي ٻي لطيف خواهش سندس خيالَ ۾ جي آئي هوندي ته به في الحال پاسيري ٿي وئي هوندي.

خواهش، جيڪا منهنجي خيال ۾ ته اصل محرڪ هئي ساٿس گڏ هجڻ جو. مون ان احساسَ کي تڪڙو اظهاري ان جي لطافت کي هن مرحلي تي شدت نه ٿئي ڏيڻ چاهي. ڪيس اجان سُڃاتو ئي ڪيترو هئم! مان هڪ ئي وقت سوچڻ ۽ حقيقت جي جهولي ۾ لڏيس پئي...

جَين ۽ مائيڪل ساٿس ڳالهايو ئي پئي ته ڪنهن زور سان سڏ ڪيو، ”مِينتو، مِينتو!“

ان تي يو ڳِٽيءَ هڪدم مُڙي ڏٺو. هڪ جُهوني ڏانهس ڊوڙندي آئي پئي، ساٿس گڏ هڪ نوجوان به هو، هوءَ نوجوان ڏانهن اِشارو ڪري ڪجھ ڳالهائي رهي هئي. يو ڳِٽي اسان کي ”اجهو آيس“ چئي انهن سان هڪ پاسي وڃي بيهي رهي؛ هو پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا.

مائيڪل کلي مون کي چيو، ”ان بهاني سان اج اوهان ٻنهي کي هِڪٻئي جي نالن جي ته خبر پئي.“ مون به کلي مائيڪل کي چيو، ”تو بلڪل صحيح ڪيو، ڪافي ذهين آهين.“ مائيڪل وڌيڪ معنيٰ خيز انداز ۾ مُرڪي اکيون ڪُرڙيون ڪري مون ڏانهن ڏٺو، ۽ چيائين، ”مان ته اِن کان به وڌيڪ ذهانتَ ڏيکاري سگهان ٿو ۽ تنهنجي اجان وڌيڪ مدد به ڪري سگهان ٿو، جي تون چاهين ته؟“

پُڇيم، ”مثال طور!“

چيائين، ”مثال طور مان تنهنجي طرفان ڪيس سڳ جي آڇ ڪري سگهان ٿو...“

اسان ٻئي کلڻ لڳاسين، ان تي جَين هڪدم چيو، ”هرگز نه، ايڏي تڪڙ ڇا جي؟“

مائيڪل ڏانهن تِکي گهور ڪري چيائين، ”تون پنهنجون حرفتون هن کي نه سيکار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪ ٽئڪسي واري سان هنديءَ ۾ ڳالهائڻ شُروع ڪيو. ”تِڪسِي گومپا جاني ڪا ڪتنا لوگي يَيا؟“ پهريون ٻيرو سندس هندي ٻُڌمر. ڪيس اينتري سٺي هندي ايندي هئي اندازو نہ هئم.

چو تہ انهن هڪ ٻن ڏينهن ۾ اسان فقط انگريزيءَ ۾ ئي پئي ڳالهايو. ايڪڙ ٻيڪڙ ٻيرو ڪيس ڪچي پڪي لداخي ڳالهائيندي بہ ٻُڌو هئم. ٽئڪسي ڊرائيور مُهاندي مان لداخي نہ ٿئي لڳو. ان ڪري هوءَ ساڻس هنديءَ ۾ شروع ٿي وئي. سندس هندي اسان لاءِ اردو ئي هئي جڻ؛ بيحد چٽو لهجو هئس. انگريزي تہ هئس ئي پختي.

هاڻي اها بہ پڪ ٿيم تہ هوءَ مون ڪي منهنجي ٻروچ نسل جي هئڻ ڪري منهنجن ڪڪائن وارن، ڳاڙهسري گوري رنگت ڪي ڏسي پاڪستاني بدران پرڏيهي سمجهي رهي هئي. جيتوڻيڪ منهنجو نالو ڪبير ايشيائي هو. پر هن غور نہ ڪيو هوندو... شايد جَين ۽ مائيڪل سان گڏ ڏسي ڪيس خيال ۾ آيو هوندو تہ مان بہ پنهي جيان برطانوي ئي هوندس.

مون في الحال ان ڪي راز ئي رهڻ ڏنو. اهو سوچي تہ ڪجھ وقت ۾ ڪيس ٻُڌائيندس تہ مان ساڻس هندي يا اردو بہ ڳالهائي سگهيس پئي. پر ساڻس گفتگوءَ جو حوالو هاڻي انگريزي هو. سو مون ڪي اها ئي بهتر محسوس ٿي رهي هئي. ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ساڻس ڳالهائڻ غير فِطري محسوس ٿي رهيو هئم.

هوءَ ٽئڪسيءَ واري سان پئسن تي ڳالهائيندي رهي، نيٺ پئسا طئہ ڪيائين. ڊرائيور اسان ٻنهي کان بئگ پئڪ وٺي ڪار جي ڊِڳيءَ ۾ رکيا. مان اڳين سيٽ تي پنهنجي ڪئميرا وارو بئگ رکيو. ٻئي پوئين سيٽ تي ويهي رهياسين.

چِوڏاري هماليہ جي جابلو چوٽين جي وچ ۾ هڪ ناهموار رستي تي ٽئڪسي هلڻ شُروع ٿي وئي. روڊ تي چڙهندي ئي ٽئڪسي واري شيشي مان نِهاريندي ڪيس چيو تہ تِڪسِي کان اڳ رستي ۾ ماتو گومپا ايندو. جي دل چاهي تہ اتي ترسي سگهجي ٿو ۽ پوءِ تِڪسِي هلجي. هن پئسا پُڇيا. هن تِڪسِي تائين جي ڀاڙي کان ٿورا اضافي ٻُڌايس.

هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”هي چوي ٿو ماتو گومپا ايندو. تِڪسِي کان اڳ. ان کي بہ ڏسندا هلون؟“

مون چيو، ”ٺيڪ آهي. پاڻ بهتر ٿيندو.“

چيائين، ”ها. هوئنئن بہ تِڪسِي وڏي ۽ قديم ٻوڌِيشالا آهي. اتي تہ رات تَرسڻي پوندي. سو ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ماتو ڏسي پوءِ ئي تِڪسِي ڏانهن هلون ٿا.“

چيمر، ”ها. وڌيڪ بهتر بہ اهو ئي آهي. ٻئي جايون ڏسي وٺنداسين اڄ.“

هن ٽئڪسي واري کي ماتو گومپا هلڻ لاءِ چيو.

چِوڏاري وٽن جي وِچ ۾ هڪ ڊگهو پر سوڙهو رستو هو. جتان گاڏي هلي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هوءَ سمورو وقت گاڏيءَ جي دريءَ مان ٻاهر ڏسندي پئي رهي. خيالن ۾ گم هئي، ذهن منٽن جي +يءَ ڪان پوءِ مون کيس سڏيو، ”مِس مينتَوخ؟“

هن ڇرڪي مون ڏانهن ڏٺو. مون کي محسوس ٿيو ڄڻ کيس منهنجي موجُودگيءَ جو احساس ئي نه هو، يا وري اها اميد نه هئس ته مان کيس سندس نالي سان سڏيندس.

پڇيم، ”اوهان ٻُڌ جي جنم ڀومي لمبينيءَ ويا آهيو؟“

ڪيائين ۽ مون کي ڏسي مُرڪي پئي... ٿورو ترسي چيائين، ”تٿاگتا جي ديس وڃي پوءِ اُتان موٽي ڪيئن سگهبو!“

جواب اهو ئي هو جيڪو مذهبي ماڻهو ياترا يا حج تي وڃڻ بابت ڏيندا آهن ته اُتي وڃي پوءِ ڪانئن واپس موٽيو نه ٿيندو. چاهيندا جيڪر اتي هميشه لاءِ رهي پون! ان وَراڻيءَ تي مون کيس مُرڪي ڏٺو، دل چيو چوانس، اِهو جواب ته هر عقيدي پرست ڏيندو آهي، پر نه چيم.

پاڻ به مُرڪندي وڌيڪ چيائين، ”اُتي ته تڏهن وڃي سگهبو جڏهن واپس موٽڻ جو خَفو نه هوندو. هڪ ڏينهن ايندو ته ويندس اوڏانهن، هميشه لاءِ.“ سندس اِن جواب مان مون ٻُڌ مَت سان جذباتي وابستگيءَ جو اندازو لڳايو.

کيس ٻُڌايم، ”مان لمبينيءَ وڃي چُڪو آهيان. سياحَت جي حوالي کان به تمام خوبصورت جاءِ آهي. اوهان ته ضرور وڃو اوڏانهن.“ مُرڪي پُڇيائين، ”ڇا اوهان تحقيق جي سلسلي ۾ ويا هئا؟“ وراڻيم، ”نه. فقط سياحت لاءِ ڪُٺمنڊو ويو هئس، اُتان لمبينيءَ خاص طور ويس ته گوتم جي جنم ڀُومي ڏسي اچان.“

مُرڪي چيائين، ”مان زندگيءَ جا آخري پَلَ اُتي گُذارڻ چاهينديس.“

مان سندس شوق ۽ خواهش تي مُرڪي پيس.

چيومانس، ”مون کي به لمبينيءَ ساڻ وٺي هلجو جي ائين ڪريو ته.“

ڪري ته مون اِها حدَ ڇڏي، تڪڙي ۽ اُبهري خُجت هئي، پر ڦِڪي وئي.

هوءَ مون کي ڪجهه لمحا ڏسندي رهي، پوءِ آهستڙي چيائين، ”لڳي ٿو اوهان ٻُڌ مَت ۾ ڪافي دلچسپي رکو ٿا.“ دل ۾ چيم، ها، ٻُڌ مَت ۾ به. اهو ته هو ئي منهنجي تحقيق جو مَحور پر هاڻي هوءَ به دل ۾ رَچڻ وَسڻ شروع ٿي وئي هئي، ڳالهه وَس کان اڳتي نڪري چُڪي هئي. اِهو سوچي مُرڪي پيس. پر کيس ائين ئي رَسمي طور تي چيم، ”ها بلڪل، پر اوهان جي صحبت ۾ ان بابت وڌيڪ ڄاڻي سگهندس.“

چيائين، ”مون کي خوشي ٿيندي ته اوهان کي ٻُڌ مَت بابت معلومات ڏيان. اِنهن ڏينهن ۾ پاڻ ان موضوع تي تفصيل سان ڳالهائينداسين. سچ اهو آهي ته مان پاڻ به ان سفر ۾ نئين مُسافر آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم. ”پر تڏهن بہ اوهان منهنجا اُستاد ٿي سگهو ٿا.“ ان تي هلڪڙي مُرڪ ڏنائين، ۽ وري دريءَ جي ٻاهران ڏسڻ لڳي.

ٽئڪسيءَ اسان کي ليهہ جي ڏاڪڻي اوير ۾ سندوءَ ڪناري ٻڌل ماٿو ڳوٺ چاليهن ڪن منٽن ۾ پهچايو. ماٿو گومپا ڏسي مون کي هڪ پيرو ٻيهر پڪ ٿي تہ هڙئي گومپا ٿوري گهڻي فرق سان ساڳيا هئا. بس، هيمس ۾ هن ۾ فرق اهو هو تہ هيمس جي عمارت تمام قديم هئي ۽ ماٿو گومپا ايڏو پراڻو اَڏيل نہ ٿئي لڳو. جيتوڻيڪ اهو بہ ڪجهہ صديون لازمي پراڻو هوندو، ان کي جديد تعمير سازيءَ ٿوري نواڻ ڏئي ڇڏي هئي.

مينتوخ مون کي ٻڌايو تہ ماٿو گومپا کي لاما دُڳپا دورجي اَڏايو هو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ ماٿو گومپا لداخ ۾ ٻُڌ مَت جي سڪياپا فِرقي جو واحد مقام هو.

مون سوچيو پئي تہ اهو پلو موقعو هو تہ جَين ۽ مائيڪل انهن ڏينهن ۾ ڪجهہ ٻيا گومپا ڪَوَر ڪري وٺن ها، يعني انهن کان مختلف جيڪي مان يوڳنٽيءَ سان گڏ گهميس پئي. اهو سوچي مان پهرين تہ جَين ۽ مائيڪل ڏانهن ميسيج ڪريو تہ ٽڪسي ڏانهن ويندي گَس تي ماٿو گومپا آيو ٿئي سو مان ۽ يوڳنٽي اتي وڃون پيا. ڪين اهو بہ ٻڌايم تہ ماٿو مختلف مڪتبہ فڪر جي پرچارڪ ٻوڌيشالا هئي. ان ڪري ان کي ڏسڻ لازمي هو، پر جيڪڏهن وٺن وقت نہ هجي تہ هو ماٿو کي لنوائي سگهن ٿا.

يوڳنٽي ۽ مون طئہ ڪيو تہ اسان ماٿو ۾ ڪلاڪ ڏيڍ هونداسين، ان کان پوءِ ٽيڪسي وچي رات اتي ٽِڪنداسين.

لهڻ مهل ٽئڪسيءَ واري ڪيس وري هنديءَ ۾ چيو، ”ديدي، ڊيڙهہ گهنٽي سي زياده دير نہ ڪرنا، آپ ڪو ٽيڪسي ڇوڙ ڪر مجهي دوسرا پيسينجر لي ڪر دور جانا هي، بهت لمبا راستا هي.“ يوڳنٽيءَ ها ڪئي. اسين لهي ماٿو ٻوڌيشالا ۾ داخل ٿياسين.

يوڳنٽيءَ مون کي چيو تہ مان پلي اتي ڪانٽس الڳ پنهنجو تحقيقي ڪم ڪريان، هو ڪلاڪ ڪن يا ٿورو وڌيڪ ڪجهہ ماڻهن سان ملندي، واندي ٿي اِتي ئي گومپا جي داخلي هند تي اچي مون سان ملندي.

مون ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. هوءَ پنهنجي ڪم سان هلي وئي ۽ مون ماٿو گهمڻ شروع ڪئي: ڪجهہ ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪيم. هڪ پوڙهي لاما کان انٽرويو ورتم، فوٽو ڪڍيم، وڊيو جا شاٽس ورتم، پر ڪا خاص دلچسپي نہ ٿئي پئدا ٿي. شايد مان ٻُڌ مَت کي ٻاهران ٻيهي ڏسي رهيو هئس، هاڻي مون کي منجهس سخت بور ڪندڙ ساڳيائپ محسوس ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي.

مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿئي آيو تہ انهن مڙني ٻوڌيشالائن ٿوڙي سندن ٻوڌي-درن يا پگوڊائن ۾ فرَق ڪهڙو هو؟ جيئن مسجدون يا مندر يا گرجائون ۽ گردوارا ٿوري گهڻي فرق سان ساڳيا لڳندا آهن، جو اهي مذهبي جايون هوندا آهن ۽ منجهن عبادت ٿيندي آهي. ٻُڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَت جا اهي گومپا بہ ايئن ئي هڪ ئي مذهبي جاءِ ٿئي لڳا. جڏهن تہ يو ڳٽي اِن ڪي مذهبَ سڏڻ ڪان بار بار روڪيندي وضاحت ڪري رهي هئي تہ هيءُ مذهب نہ پر هڪ عِلمي سِلسلو هو. ٻئي پاسي هوءَ پاڻ ٻوڌي عبادَت جو حصو بڻجي رهي هئي: مون کي تہ تضاد ٿئي لڳو سندس اِنهن ٻنهي ڳالهين ۾. ان تي مون سائنس تفصيل سان ڳالهائڻ جو سوچيو.

جيتوڻيڪ اهو بہ پڪتو يقين هئم تہ ڪنهن بہ عقيدي جي پوئوار وٽ شين کي ڏسڻ جو پنهنجو لينس هوندو آهي، جيڪو ڪيس عقيدي ڪان ٻاهر ڏسڻ ۾ سمجهڻ نہ ڏيندو آهي. منهنجو تہ پنهنجو لينس هو: مون کي ٻُڌ مَت جي ٻوڌي رسمن ۾، سواءِ پنهنجي بشرياتي عِلمي تحقيق جي حوالي ڪان، ڪا ٻي دلچسپي نہ هئي. ذاتي طور مان موهت ان جي فِڪر تي ٿيو هئس تہ جنهن ۾ انسانن سان برابري، وچٽرائيپَ وارو فلسفو. عقيدي پرستيءَ ڪان آجپو، ڌيان ۽ يوگا شامل هئا. پر هتي ماڻهن کي سجدا ڪندو ڏسي منهنجي دلچسپيءَ جي سطح صفا زيرو تي اچي ڪِري پئي. سوچيم جيئن ئي موقعو ملندو تہ سائنس ان تي ڳالهائيندس.

ان ڪلاڪ سوا دوران مون ڪيس هڪ ٻن ٻوڌين سان ڳالهائيندي ڏٺو. هوءَ ڪي نوٽس نہ وٺي رهي هئي، فقط گفتگو ڪري رهي هئي ۽ وِرلي ڪجھ فوٽا ڪڍيائين پئي.

مون کي مائيڪل جو ميسيج اچي ويو هو تہ هو ماٿو ۾ ٽِڪسي نہ ويندا، ان بدران اِسپيتوڪ ۾ اِستوڪ گومپا ويندا.

مون ماٿو ۾ پنهنجو ڪم شُروع ڪري ڏٺو تہ جيئن ماٿو بابت وڌ ڪان وڌ معلومات هٿ ڪريان. انٽرويوئن مان خبر پئي تہ ماٿو کي مانگترو ٻوڌيشالا يا مانگترو گومپا بہ سڏيندا آهن، مانگترو تبتيائي ٻوليءَ جو اصطلاح آهي: ”مانگ“ جي معنيٰ آهي گهڻو يا گهڻي، ۽ ”ترو“ جي معنيٰ آهي خوشي، يعني گهڻي خوشي. سو هيءُ گهڻي خوشيءَ وارو ڳوٺ هو جنهن ۾ هيءَ گهڻي خوشيءَ واري ٻوڌيشالا هئي. سوچيم آخر ان زمين تي اهو نالو ڪيئن پيو هوندو؟

ماٿو ڳوٺ ٻن جابلو چوٽين جي وچ ۾ هيٺ زميني تَهہ ۾ هو، يعني Gorge جي اِنتهائن ۾ وسيل هو. چون ٿا تہ اهو گومپا ناگرنگ جي ميلي لڳڻ جي ڪري مشهور آهي، جنهن کي ”اورئڪل ماٿو ناگرنگ“ بہ سڏبو آهي. اورئڪل يعني اڳِڪتي! اهو ميلو تبتيائي ڪئلينڊر جي پهرئين مهيني جي وچ ڌاران لڳندو آهي. لفظ اڳِڪتي اِن ڪري استعمال ڪندا آهن جو ناگرنگ ميلي دوران ڪي بزرگ ٻوڌي ساڌو ماٿو ڳوٺ ۾ ان سان چوڌاري لڳندڙ عِلائقي جي حوالي ڪان اڳڪتيون ڪري ان جو مستقبل ٻڌائيندا آهن. اڳڪتيون ڪندڙ اُهي لاما سخت تربيت هيٺ تيار ٿيڻ جي ڪري خاص الخاص حيثيت رکندڙ هوندا آهن.

انهن لامائن جي چونڊ جو بہ پنهنجو منفرد طريقو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر پئي تہ ھر چوٿين سال ڪُٽڻ ذريعي بہ لاما چونڊبا آھن. جيڪي پھرئين سال ۾ ميلي ڪان اڳ نو مھينا ۽ باقي ٽن سالن ۾ ٽي مھينا ساندھہ ڏيان ڪندا آھن تہ جيئن اڳڪٿين ڪرڻ لاءِ پاڻ کي رُوحاني طور سگھارو بنائي سگھن. مون کي ائيٿنز وارو ڊيلفي جو اورئڪل ياد اچي ٿو، جتي سقراط کي ڏينھن تائين ڌيان ۾ گم رھندڙ ھڪ اھڙي ئي ناري ساڌو ٻُڌائي ٿي تہ اپالو خدا جي خيال موجب ھو ائيٿنز جو سڀ کان ڏاھو ماڻھو ھو! ان خيال سُقراط کي حيرتَ ۾ وجھي ڇڏيو ھو تہ آخر ڪير سندس بابت ڪيئن ٿو اھڙو اندازو لڳائي سگھي.

سوچيم تہ ان ماٿو ناگرنگ ميلي واري اڳڪٿي بہ اھڙي ئي نموني جي ٿيندي ھوندي.

مون سوچيو پئي تہ ھر مذھب ۾ عقيدي پرستيءَ جو پنھنجو مزاج ھوندو آھي، ان ۾ معجزاتي عنصر شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آھي؛ ۽ ھتي بہ ايئن ئي آھي تہ ٻُڌ ۽ ڪانئس پوءِ ايندڙ ٻوڌي سَنوائن سان انيڪ معجزا واڳيا ويا آھن. مذھب جو رنگ ئي اھڙو آھي، ان جو جتاءُ معجزن ڪان سواءِ آھي ئي نہ.

مون وري اِن تي سوچيو، ان کي يوڳٽيءَ آخر ڪيئن رڳو علمي سلسلو چيو؟ جڏھن تہ ٻُڌ مَت دنيا ۾ ٻين مذھبن جيان ئي مذھبيت جو راڄ قائم ڪري چڪي آھي ۽ ٻين مذھبن جيان منجھس بہ عبادت ۽ پيغمبريت جو تصور ڀڌايو ويندو آھي. نہ رڳو اھو پر ھاڻي تہ ھر مذھبَ جيان منجھس بہ اِنتھاپسنداڻا رويا ڏٺا ويا آھن. سفر جي ايندڙ ڏينھن ۾ يوڳٽيءَ سان انھن موضوعن تي وڌيڪ تفصيلي گفتگوءَ جي اميد ھئم تہ آخر ھن ايڪيھين صديءَ جي دؤر ۾ بہ ھوءَ مذھبيت ۾ ڇا تلاش ڪري رھي ھئي؟

اسان ماٿو ٻوڏيشالا مان ڏيڍ ڪلاڪَ اندر ئي ٻاھر نڪتاسين، ٽئڪسي وارو اسان جي انتظار ۾ بيٺو ھو. ٽِڪسِي حقيقت ۾ ماٿو جي بلڪل سامھون ھئي، بس جابلو رستن جي ڪري پنڌ ٿورو وڌو ٿي پيو ھو. ھڪ جاءِ تي تعميراتي ڪمَ جي ڪري رستو بند بہ ھو؛ اسان ورن وڪڙن مان ٿيندا اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ ٽِڪسِي پھتاسين. جبلن جي وچ ۾ اڇي رنگ جي ھڪ عمارت، جيڪا ڪيترين ئي ماڙين تي ٻڌل ھئي، نظر آئي. ٽِڪسِيءَ جي پنھنجي انفراديتَ ھئي. منجھس داخل ٿيڻ واري محراب تي خوبصورت چِٽساليون ٿيل ھيون، جيئن ئي اندر داخل ٿياسين تہ محسوس ٿيو تہ چوڏھين صديءَ جي اُن ٻوڏيشالا ۾ نئون رنگ روغن ڪري اِن جي قديم رُوپَ کي نوانُ ڏنل ھئي، پَٽَ نوان وڇايل ھئا. ان ڪري ان جي ڪُجھ حصي ۾ ھِيمِس واري پراڻپ نہ ٿئي نظر آئي.

اھا شامَ جي شُروعات ھئي. يوڳٽيءَ ٽِڪسِيءَ تي لھي سڀ کان پھرين ڪمرن جي پڇا ڪئي، اسان کي بہ سادا ڪمرا ڪِرائي تي مليا. سندس ڪمرو ٻوڌِي نارِين جي رھائشي پاسي ۽ منھنجو مردن پاسي ھو.

ھن چيو، ”سخت بُک لڳي آھي، سامان رکي اڳ ۾ ماني کائجي، پوءِ ٻيو ڪم.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي افسوس ٿيو ته مون ته هيمس ۾ جين ۾ مائيڪل سان ماني کائي ڇڏي هئي، ڪاش ته ڪيس به آڇيان ها. ان افسوس ۾ ڪيس ڪجھ چيم نه. ها ڪري ڪمري ۾ سامان رکڻ هليو ويس. موٽي آيس. هوءَ به سامان رکي اچي وئي هئي، پوڊيشالا جو رڌڻو هٽ ڪرڻ ۾ به اسان کي ڪا خاص دير نه ٿي. ماني تيار هئي. ان ۾ چانور هئا ۽ ساڳ دال نما ڪو ٻوڙ هو. پوکِتيءَ کي ڪافي بک لڳل هئي ان ڪري هن چڱيءَ ريت کاڌو... سون به سائنس گڏجي مڙئي کاڌو.

سائي چانھ جا پيالا اچي ويا. پيئڻ شروع ڪياسين.

هوءَ هيڏي هوڏي ٽڪسيءَ جو آرڪيٽيڪچر ڏسندي رهي، چيائين "ٽڪسيءَ جو آرڪيٽيڪچر هيمس جي ڪان وڌيڪ قديم ٿو لڳي پر هن جي ڪجھ پاسن جي پراٽپ کي چڱو نوان جو هٿ به لڳل آهي." هن بلڪل اهو ئي چيو جيڪو مان سوچي رهيو هئس. ٽڪسيءَ جي عمارت ۾ شفافيت نسبتاً وڌيڪ هئي. جيئن قديم عمارت کي رينوويشن سان نئون ڪيو ويندو آهي، اتي به ايئن ئي ڪيو ويو هو.

جيئن ئي چانھ پي پوري ڪئيسين، هن ساڳئي ئي طريقي سان مون کي چيو هوءَ هاڻي ڪجھ ٻوڌين سان ملندي. ان تي همت ڪري چيومانس، "جي اوهان کي ٻُرو نه لڳي ته مان اوهان سان ان ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيان؟"

نھ پھ وراڻيائين، "نه. مان پنهنجي مُنهن سان مُلاقات چاهينديس." مون کي سندس ايئن ٺپ نه ڪرڻ جي اميد ڪانه هئي.

سندس سِڌي "نه" تي پھرين ته واٺڙو ٿي ويس، پوءِ شرمساريءَ منجهان صفا چپ وٺي ويم! ڦِڪائيءَ منجهان لفظ اڪلڻ محال ٿي ويو هئم. پر خاموشيءَ جي وڌيڪ وٺي ڏئي پنهنجي شرمساريءَ کي وڌائڻ نه ٿئي چاهيم. هڪدم ڦِڪي کِل سان چيم، "خير آهي."

پاڻ به ترت ئي صورتحال کي سمجهندي لفظن جي ڏاڍي سهڻي چونڊ ڪندي چيائين، "دل ۾ نه ڪجو. منهنجي تحقيق ٿوري مُنفرد آهي. اهڙي قسم جون مُلاقاتون مان پنهنجي مُنهن سان ئي ڪرڻ کي ترجيح ڏيندي آهيان."

محسوس ٿيم ته سندس انڪار تي هن منهنجي مُنهن لهي وڃڻ کي نوٽ ڪيو. ان تي ويتر پاڻ شرمنده ٿيس پئي. مون هاڻي نود-پٽي سان فراخدلي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيس مُرڪي ڏنو ۽ چيو. "ڪو مسئلو نه آهي. اوهان پلي پنهنجو ڪم ڪيو. بس اهو ٻُڌايو اڄ گهٽي وڳي ۾ ڪٿي ملبو." وراڻيائين، "رات جي مانيءَ تي، سادي ستين لڳي، اتي ئي رڌڻي وٽ ايندس مان به."

"ٺيڪ آهي، مان به تيستائين وچي پنهنجو ڪم ڪريان ٿو."

اهو چئي نڪري ته آيس، پر سچ اهو آهي ته ان شرمندگيءَ جو اثر چڱي دير تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اندر ۾ پئي محسوس ڪيو هئم. پنهنجي پاڻ سان دل ۾ پڪو پهه ڪيم ته اهڙي ڏيگهه هاٿي وري نه ڪندومانس.

پوڏيشالا جا ٻاهريان شاٽس وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيس. ٽڪسيءَ بابت معلومات وٺي پنهنجي ڊائريءَ تي نوٽس لکڻ شروع ڪيم. ان پراڻي ڊائريءَ جي پنن تي لکيل داستان جا پنا هاڻي نئين ڊائريءَ تي وڏيڪ تفصيل سان اتاريا اٿم. سي هيٺن آهن:

”ٽڪسي اصل ۾ هماليه جي ترِي ۾ وسيل هڪ ڳوٺ جو نالو آهي؛ ڳوٺَ جي نالي تي نهيل ٽڪسي پوڏيشالا هڪ جبل تي ڏاڍي منفرد انداز ۾ وَسيل آهي. ان انفراديت جي ڪري ٽڪسي پري کان هڪ عمارتي جبل جيان لڳندي آهي. جيئن سمررو جبل پٿر جي ڍير وانگر هوندو آهي، جنهن جي پٿرامڊ يا ٽڪنڊي نما شبيهه جي چوٽي ڇهنبياري ۽ ترو وَيڪرو هوندو آهي، تيئن ئي هيءَ جابلو عمارت به پَترامڊ نما هئي. ان جبلَ جي ساخت کي تبديل ڪئي بنا ان جي پٿر کي ڪنهن ڇيڻيءَ سان تراشي، مٿان چوٽيءَ کان وٺي هيٺ موڪري تري تائين گهر اڏي ڇڏيا هئاتون. مون دنيا ۾ مختلف مُلڪن ۾ جابلو رهائش ڏٺي آهي، پر پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ نويڪلي جبلَ تي، ان جبلَ جي ئي صورت ۾ ايئن انيڪ گهر اَڏيل اڳ نه ڏٺا هئم!

مٿئين حصي تي، يعني جَبل جي چوٽيءَ جي پاسي ۾ وڏي لاما جي رهائش هئي، اُن کان هيٺ وري اُن کان نمبر ٻئين لاما جي رهائش. ايئن ڏاڪي در ڏاڪي منصب ۽ حيثيت تحت لامائن توڙي تَربيت-ڪارن کي ماڙيون يا ڪمرا مليل هئا. نارين لاءِ جدا عمارتون هيون جتي انهن تربيت حاصل ڪئي ٿئي. سفيد، ڳاڙهي ۽ نارنگي رنگن سان پينٽ ٿيل ٽڪسي مونَسٽريءَ جي آرڪيٽيڪچر لاءِ چيو ويجي ٿو ته اهو تبت جي لهاسا ۾ ان پوٽالا محل جيان آهي، جيڪو دلائي لامائن جي اڳوٽي مَسند هوندو هو.

ٽڪسيءَ جي داخل وٽ هڪ وڏو محراب هو، جيڪو هڪ وڏي گيٽ تي ٻڌل هو اُن جي مٿئين حصي تي نقش وغيره چٽيل هئا. داخل ٿيڻ کان بس ٿورو ئي اڳتي هڪ تبتيائي ڪردار جو مُجسمو آهي، جنهن کي تحفظ ۽ بچاءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

سموري عمارت ٻارهن-ماڙ هئي. هر ماڙ تائين پهچڻ لاءِ ٽڪسيءَ جي پهرئين پڌر تي ئي ڏاڪٽيون آهن، جيڪي مٿي انهن ماڙين ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. ٻارهن-ماڙ عمارت ۾ ننڍا وڏا ڏهَ ٻوڌي-در به هئا جن منجهان هڪڙو مَرڪزي ٻوڌي-دَرُ هو ته ان جا تربيتي اسڪول ۽ رهائشي ڪمرا به گڏ هئا. هڪ ٻوڌي-درَ جو نالو ساڌو مئيتريا جي نالي تي رکيل هو، جيڪو چوڏهين دلائي لاما جي 1870 ۾ ٽڪسي اچڻ جي ياد ۾ اڏايو ويو هو. جنهن جو ٻن ماڙن تي ٻڌل پندرهن ميٽرن يا اوٽونجاهه فٽن جو مُجسمو رکيل هو، جيڪو مٽي، جستَ، سونَ ۽ رنگن سان ٺهيل هو.

اندر ”ٽڪسي ميوزيم“ به هو جنهن ۾ ٻوڌي فن جا نمونا، مورتيون، چِٽر، ٻيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڌي ساز سامان ۾ اسٽوپا جا نمونا رکيل آهن. سموري ٻوڌيشالا جي قدامت قائم رکندي ان جي نئين سر بناوت ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ گاري، مٽي ۾ سِرن بدران گرئنائيٽ استعمال ٿيو آهي.

اتي تارا ديويءَ جو ٻوڌي-دَر آهي، جنهن ۾ سندس درجن ڪان مٿي تصويرون فريم ٿيل لڳل آهن. ان ٻوڌي-دَرَ ۾ گوتم ٻُڌ سان گڏ ڪوڙ سارن ٻين ٻوڌي ساڌوئن جون تصويرون به لڳل آهن.

ان سان گڏ ان جو وسيع پڌر، ٻوڌين جو رڌڻو ۾ ڊائننگ روم (ڪاڌي پيتي وارو ڪمرو) صَفا نَوان اَڏيل آهن. جيڪي قدامت ۾ جدت جي تضاد کي واضح ڪن ٿا. اندر هڪٻئي جي پاسي ۾ ٻه الڳ الڳ عمارتون بيٺل آهن. هڪڙي ڦِڪي رنگ جي عمارت آهي جنهن ۾ گڏجاڻي هال آهي، ٻي ڳاڙهي رنگ جي عمارت آهي جنهن ۾ رکوالي ڪندڙ ديوتا جي مزار آهي؛ عمارتن جي اندر چتر ٽنگيل آهن. اسيمبلي هال ۾ هڪ يارهن سِري مُجسمو رکيل آهي.

ٽِڪسي ٻوڌيشالا جي مٿئين منزل تي لاموکهانگ ٻوڌي-در آهي جتي فقط مردن کي اچڻ جي اجازت آهي، ان ۾ انيڪ ٻوڌي صحيفا رکيل آهن. ان ئي ٻوڌي-دَرَ جي مٿان هڪ ڪمرو ننڍڙن ٻوڌين جي لاءِ آهي، جيڪو اسڪول طور ڪم ايندو آهي، اتي ڪين تربيت ڏني ويندي آهي. ان کان سواءِ ٽِڪسي ۾ انيڪ اڇي رنگ جا جهوپڙي نما گهر آهن جن ۾ ٻوڌي رهائش ڪندا آهن. نارين لاءِ الڳ رهائشي عمارتون آهن.

هيمِس جي جولاءِ واري ميلي جيان، هتي به مخصوص تاريخ تي هڪ ميلو لڳندو آهي. تِبتيائي ڪئلينڊر جي نائين مهيني جي سترهين ۾ ارڙهين تاريخ تي، جيڪي آڪٽوبر مهيني ۾ ايندين آهن. مقدس ٻهروپي رقص جو ميلو لڳندو آهي. ان کان سواءِ واپار جو ميلو به لڳندو آهي، جنهن ۾ شين جو وڪرو ٿيندو آهي. اُن ۾ بارٽر جيان هڪٻئي کان ضرورتَ ۾ گهرجَ جي حسابَ سان ڏيَتي لِيَتي ذريعي شين جي مٽا سٽا به ٿيندي آهي، اصل ۾ اهو هڪ وڏو ۾ گهڻ-طرفي سماجي ميڙاڪو ٿيندو آهي.

مان سموري ٽِڪسي گهمي، ان جا فوٽا ڪڍي، ٻه ٽي انٽرويو ڪري، مختصر نوٽس ورتل معلومات تفصيل سان ڊائريءَ تي لکڻ لاءِ اچي پاسي واري هوٽل تي وينس ته جيئن فوٽن کي ليک سان هم آهنگ ڪريان. اجان پورو ڪلاڪ هو ساڍن ستن ۾. هلڻ ڦرڻ جي ڪري جام بک پئي محسوس ٿيم، سو هوٽل تي وڃي چانهه ۾ ڪيڪ گهرائي وينس ۾ ان وقت تائين جي ڪمَ جي ڊائري لکي پوري ڪيم.

مون کان انتظار نه ٿئي ٿيو. چڱي دير پَسار ڪندو رهيس، ساڍي ستين تائينءَ جو وقت فقط مان ڄاڻان ٿو ته ڪيئن گذريو هوندو!

ٽِڪسِيءَ جي اندر وڃي رڌڻي جي ٻاهران لڳل ڏِڪيءَ/ٿَلهي تي ويهي رهيس، اُن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت سانِدِن ستن ۾ اجان ڏهه منٽ هئا. مون کان انتظار جو وقت ڪاٽيو نہ پئي ٽيو. مان جيترو اُتاولو هئس، هوءَ اوترو ليٽ آئي، پورو هڪ ڪلاڪ ليٽ. ساڍا اَٺ اجهو ٿيا هوندا تہ هوءَ نظر آئي. ايندي ئي چيائين، "ساري (معاف ڪجو)، مون کي دير ٿي وئي!" ان تي مون کان بي اختيار نڪري ويو، "بس، رڳو ساري. مان تہ انتظار ۾ پٿر جو ٿي ويس...!"

منهنجي ان جملي تي سندس چهري تي هلڪڙي مُرڪ اچي وري هلي وئي جڻ: وَضاحت ڪندي چيائين، "اصل ۾ مان هتي جي ڪجهه سينئر لامائن سان ميٽنگ پئي ڪئي، ۽ مون اڄ هتي جو پنهنجو سمورو ڪم پورو ڪري ڇڏيو آهي. سڀاڻي پاڻ هتان سوير ئي نڪري هلي سگهون ٿا. ٿي ڪن ٻيون ٻوڌيشالائون هڪڙي ڏينهن ۾ ڪَور ڪري سگهنداسين."

مون ڪيس مُرڪي ڏٺو ۽ چيم، "اهو ٺيڪ آهي." ڪانٿس سندس ميٽنگن ۽ تحقيق بابت پڇڻ ٿي وارو هئس پر اِهو سوچي پاڻ جهلي ويس تہ جن ميٽنگن ۾ ساڻ نہ ٿئي ڪٺي هلڻ چاهيائين، انهن بابت ڪانئس هرگز نہ پڇڻ کپي.

ماني گهرايائين، ٻنهي گڏجي کاڌي. هميشہ جيان رَسماً سائي چانهہ گهرايائين.

مون اڄ ساڻس ڪچهري ڪرڻ ٿئي چاهي، ڊگهي دير تائين. ايئن ئي ٻہ ٽي عام سوال ذهن ۾ سوچي ڇڏيا هئم تہ پڇندومانس... سو پڇڻ شروع ڪيم:

"اوهان هر روز يوگا نہ ڪندا آهيو ڇا؟"

مون ڏانهن نِهاريائين، ڄڻ اهو سوال ڪيس عجيب لڳو، جواب ڏنائين، "ڇو؟ مان تہ روزانو يوگا ڪندي آهيان!"

"اڇا! مون اوهان کي وري يوگا ڪندي نہ ڏٺو، جيئن هَيمِس ۾ ڪندي ڏٺو هئم، ڪافي مُتاثر ٿيو هئس."

ان تي هلڪڙو مُرڪي ۽ چپ ٿي وئي. اجان ڪجهه ٻيو پڇانس ها، پر اُن وقت تربيت هيٺ ننڍڙا ٻوڌي اوسي پاسي گيڙُو لباس ۾ ڦِريا پئي، انهن تي اسان ٻنهي جي نظر پئجي وئي، ۽ موضوع مَٽجي ويو.

ڪانئس پُڇيم، "هن عمر ۾ ٻارن کي مائٽن کان پري ڪري ٻوڌيشالا ۾ رهائڻ انهن کان ٻاروتڻ ڇنڻ برابر نہ آهي؟" هڪدم چيائين، "نہ، ڇو ٻاروتڻ ڇنڻ ٿيو؟ هتي کين سندن عُمرين مطابق سهولتون مليل آهن. هي پڙهندا لکندا، کيڏندا ۽ پاڻ ۾ وڙهندا بہ رهندا آهن..."

چيم، "تہ بس هي بہ تہ هڪ اسلامي، هندو يا ڪليسائي مدرسن جيان هڪ مدرسو ئي ٿيو نہ، جتي ٻارن کي مذهبي تربيت لاءِ موڪلبو آهي، ايئن نہ آهي؟" چيائين، "ڇو؟ مدرسي جيان ڇو؟ پوري دنيا ۾ بورڊنگ اسڪولَ بہ تہ هوندا آهن نہ، جتي ٻارَ پڙهندا آهن؟ ٻُڌ مَت کي مذهب سان ڀيٽڻ ان سان زيادتي ڪرڻ آهي، ايئن نہ ڪريو پليز."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم. ”اوهان به ته ڏسو نه. ڪيڏو نه عجيب آهي ته هتي به ڪيئن گوتم جهڙي عظيم انسان کي هي خدا ٿا سمجهن؟ عبادتون ٿا ڪن. اوهان چئو ٿا اِهو هڪ عِلمي سِلسلو آهي؟“

سَهمت ٿيندي چيائين. ”ها بُڌ مَت ۾ تمام گهڻي نَوانَ ۽ سنوارَ جي ضرورت آهي. مون اوهان کي مَهاياَنه بُڌ مَت بابت چيو نه ته اهو ايئن سوچي ٿو. نه رڳو اهو پر منهنجي خيال ۾ ٿيراوَيدا ۽ مَهاياَنه ٻنهي مڪتبن کي سنوارڻ جي ضرورت آهي.“

وراڻيومانس. ”مون اڄ سموري تِڪبي گهمي آهي. مون کي اها ڪنهن مُسلم درگاهه، هندو مندر يا ڪَئٿولِيائي ڪليسائُن کان مُختلف ڪانه لڳي آهي. ڪٿي مزار ناهي مانٿهو ان جي چوڌاري طواف پيا ڪن. ڪٿي مورتين آڏو سر نِوايو پيا آهن. ڪي پنهنجي مُنهن سان زمين تي سجدن ۾ ڪِريا پيا آهن. ته ڪٿي وري تصويرن يا علامتي نشانن کي پيا چُمن...“

هوء مون ڏانهن ڏسندي رهي. مون کي ٻُڌي پُرسُڪون چهري سان. چيائين. ”مذهبن عِلمن تي قبضا ڪيا آهن.“

سندس ان جواب مون کي حيران ڪري ڇڏيو... مون مُرڪي ڪيس حيرت منجهان گهوري چيو. ”ڪمال جو جواب ڏنو اٿوَ!“

جواب ۾ صرف ذهانت پريل اکين سان ڏٺائين.

مُرڪي پڇيم. ”ته پوءِ اهي قبضا ڪير ڇڏائيندو؟ هتي ڏسي ته لڳي ٿو ته انهن قبضن کي وڌيڪ مضبوط ۽ پختو ڪيو پيو وڃي.“ اهو چئي مون ڏانهس نِهاريو. ۽ پُڇيومانس. ”ڇا ايئن نه آهي؟“

سهمت ٿيندي چيائين. ”ها. آهي ته ايئن ئي.“

نه چاهيندي به دِل ٻڌِي ڪيس چئي ڏنم: ”مِس مِينتوخ. اوهان به ته ڪنهن عام مذهبيءَ جيان عبادت ئي ڪندا آهيو نه. منتر پڙهڻ. هٿ ٻڌي مُورتين آڏو جهڪڻ. جيڪو مون هڪ ٻن ڏينهن ۾ اوهان کي ڪندي ڏٺو آهي. عِلمي سِلسِلي جو واپرائڻ يا ڪار وهنوار ايئن ته نه هوندو آهي؟“

ڪيس شايد گمان ۾ به نه هو ته مان ڪيس اِهو سِڌو سنئون چئي ڏيندس.

ٿورو پل خاموش رهي مون ڏانهن نِهاريائين. پوءِ چيائين. ”غلط. صفا غلط!

مان بلڪل به ڪنهن عام مذهبيءَ جيان عبادتَ نه ڪندي آهيان. منهنجو اِهو عمل رُوحاني آهي. انسانَ جي زندگيءَ مان رُوحانيت جو ته نِڪري؟ ها. مان گوتم جي پوئوار هوندي به اڄ ڪيترين ئي ٻوڙي رسمن تي تنقيد ڪندي آهيان. ان علمي سِلسلي کي سنوارڻ جي ضرورت آهي. پر تنهن هوندي به مون کي اها پڪ آهي ته بُڌ مَت جهڙو عِلمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاھيائين، جنھن مان سندس ذاتي احوال بَکي. پر مان سندس بابت سڀ ڪجھ ڄاڻڻ لاءِ بيچين ھئس. اڄھو ھاڻي تہ مليا ھئاسين، ۽ ملندي ئي منھنجي دل ساڻس اَٽڪي پئي ھئي، مان بيچين ٿي پيو ھئس!

ھيتري ٿوري وقتَ ۾ مون کي سندس بابت پلا ڪيتري ڄاڻ پوي ھا، اندازا ۽ انومان نہ لڳايان ھا تہ پيو ڇا ڪريان ھا؟

اسين بہ ٿي منٽ خاموشيءَ سان رات جي روشنين ۾ ڦرندڙ ٻوڙين کي ڏسندا رھياسين.

"ٿوري پَسار ڪريون؟" سندس آواز آيو، ڏانھس ڏسي ھا ڪيم، ٻئي اٿياسين. آھستي آھستي ھلڻ شروع ڪيوسين.

ليھ جي شامَ ڪافي ٿڌي ھئي، ساڻس گفتگوءَ ۾ سندس پاڻ سان گڏ ھئڻ جي احساس جي لطافتَ ۾ ايترو تہ گم ھئس جو احساس ئي نہ پئي ٿيم ٿڌ جو. ٻئي پاسي سندس ساٿ واري احساس جي ڪري ڪافي محتاط بہ ھئس، سخت پريشر ھئم تہ ڇا ڳالھايان ۽ ڇا نہ. مون کيس ناراض ڪرڻ نہ ٿئي چاھيو. سندس پاڻ پيٽڻ مھل کيس تَڪڻ ۽ سندس تحقيق ۾ ساڻس گڏ وڃڻ جو چوڻ واري حُجتَ اڳ ئي ڪري چڪو ھئس.

سوچيم، ھاڻي اھڙي ڪا ٻي غلطي نہ ڪندس، جنھن سان شرمندگي ٿئي. اھو سوچي اندر ۾ پُرسڪون ٿي ويس.

سوچن مان ٻاھر نڪتس تہ وري ھلڪڙي ٿَڌ محسوس ڪيم. ليھَ جي رات ڪافي ٿڌي ٿيڻ لڳي ھئي. ايئن ٻاھر کُليءِ آسمان ھيٺ پسار ڪرڻ لاءِ گرم ڪپڙا لازمي ھئا.

سوچيم يا تہ وڃي مفلر ڪٽي اچان يا ھلڪو سوئيٽر بہ ساڻ کڻان.

کيس چيم، "خُنڪي ٿي پئي آھي، اوھان کي نہ ٿو لڳي اسان کي گرم ڪپڙا اوڍڻ کپن."

مڄيائين، "ھا مون کي بہ سوير کان ھلڪڙو سيءُ جھڙو پئي ٿيو. مان شال ڪٽي ٿي اچان، اوھان وٽ آھن گرم ڪپڙا؟"

چيم، "ھا ھڪڙو سُوئيٽر ۽ مفلر آندو اٿم، وڃي ڪمري مان پائي ٿو اچان، تيستائين اوھان بہ شال کڻي اچو." ٻئي پنھنجي پنھنجي ڪمري مان گرم ڪپڙا پائي آياسين، ھوءَ گھري وا ڳَٽائي ڪٽپ شال پائي آئي.

وري پَسار شُروع ڪئيسين.

مون کان اسان جي ريسرچ بابت پڇيائين، سمورو داستان جيڪو ڊائريءَ تي اوتيو ھئم، اھو ڏسيومانس. پڇيائين، "اوھان سفرنامو بہ لکندؤ ڇا؟"

نيٺ مون کان بہ ڪو سوال پُڇيائين، ٿورو تہ حجاب ٽوڙيائين.

چيم، "نہ، سوچيو تہ نہ اٿم. بس، ڊائري لکڻ جي سو عادت وڃي ئي نہ ٿي. شايد اِھا ڊائري اڳتي ھلي ڪنھن آتم ڪھاڻي يا افسانوي لکڻيءَ جو روپ وٺي، پر ھن وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه چئي نہ ٿو سگهجي.“

”اوهان ۽ اوهان جا دوست هن تحقيق تي ڪتاب لکو پيا نہ؟“ پُڇيائين.

ڪيس اسان ٽنهي جي تحقيقي ڪم بابت تفصيل سان ٻڌائڻ شُروع ڪيم. ”صرف هڪ ڪتاب نہ، ان تحقيق جي نتيجي ۾ اسين ٽي تصنيفون سامهون آڻينداسين. ڪتاب تہ لازمي ايندو، جيڪو ٽئي ملي ڪري لکون پيا. پر ان کان سواءِ اسين هڪ ڊاڪيومينٽري فلم بہ ٺاهيون پيا. ان ۾ مائيڪل ۽ مان گڏجي ڪم ڪريون پيا.

ان کان سواءِ مان لداخ تي هڪ فوٽوئن تي ٻڌل تصويري ڪتاب آڻڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ تصوير ڪشيءَ ۽ مختصر ليکن (ڪئپشنز) ذريعي مان ٻوڌي زندگيءَ جي اهم پهلوئن تي روشني وجهندس. اهي ٽئي تحقيقي ڪم هڪ ئي موضوعَ جي مختلف پهلوئن جي تصويرڪشي ڪندا.“

سارا هيندي چيائين، ”واهہ، اهو تہ ڏاڍو بهترين ڪم ٿيندو، مان اوهان جون تصنيفون ۽ ڊاڪيومينٽري ڏسڻ چاهينديس. يورپ ۾ ڊٽوڊ نالي هڪ محقق جو مان فلسطين جي جنگي حالتن تي بيحد حساس ۽ تخليقي فوٽوئن جو هڪ ڪتاب نُما البم ڏِسي چُڪي آهيان، اهو ڪنهن بہ پراثر ڪتاب کان گهٽ نہ آهي.“

چيم، ”بلڪل، مون بہ سندس ڪم ڏٺو آهي، منهنجو ڪم بہ ڪجهه اوهڙو ئي هوندو. مان اوهان کي اسان جا ٻئي ڪتاب ۽ ڊاڪيومينٽري ڏيندس.“

پُڇيائين، ”اوهان کي ٻُڌ مَت ۾ ڪڏهن کان دلچسپي ٿيڻ شروع ٿي؟“

چيم، ”علم بشريات جي مُحققن کي دنيا جي مختلف ثقافتن توڙي مذهبن جي تاريخ ۽ ارتقا ۾ تمام خاص دلچسپي هوندي آهي. مون کي تہ مذهبن جا سياسي پهلو مُتاثر ڪندا آهن. خاص طور اهي اهم انسان، جن کي دنيا پيغمبر سڏيندي آهي، سندن ڪِردار سياسي سميت گهڻ-رُخو هوندو آهي. مثال طور سامِي مذهبن ۾ حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد صلعم جا پنهنجي پنهنجي دؤرن ۾ سياسي ۽ سماجي ڪردار مون کي تمام گهڻو متاثر ڪندا آهن. منهنجو خيال آهي تہ سندن سياسي ۽ سماجي ڪردار مذهبي ڪردار کان تمام گهڻو متاثهون هو.“

هوءَ مون کي غور سان ٻُڌي رهي هئي... مون ڳالهہ جاري رکي:

”ٻئي پاسي گوتم ٻُڌ، مهاوير وغيره جهڙا ڏاها بہ اُن ئي ڪيٽر ۾ اچن ٿا، مان انهن سيني کي پنهنجي دؤرَ جا عظيم اڳواڻ سڏيندو آهيان. مون کي اهو سمجهڻ جو ڏاڍو شوق آهي تہ هنن جي ڏنل فڪر جا سماجي ۽ سياسي مُحرڪ توڙي نتيجا ڪهڙا هئا. ان فڪر توڙي نتيجن کي انسانذات ڪيئن سمجهيو ۽ اُن سمجهہ جي آڌارَ تي ڪيئن ان جو اثر ورتو ۽ ان کي ڪيئن پکيڙيو آهي. ڪين مذهبي ڪردار چئي اُنهن جي فڪر ۽ عقل جو وسيع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن هِڪبئي سان ملندڙ جُلندڙ. هڪبئي ۾ پيهيل آوازن کي الڳ الڳ ٻُڌي سگهندي هئي؟ هن کي ٻه ٻُڌي ۽ نوجوان جي قدمن جي وِکن ۾ بنا ڏٺئي ئي فرق محسوس ٿي ويندو هوندو؟ ان ڏينهن جڏهن مون يوڳا آسڻ دورانَ سندس فوٽو ڪڍيا ته ڇا ان مهل به هوءَ محسوس ڪندي هوندي ته مان سندس فوٽو ڪڍي رهيو هئس؟

تڏهن نه ته مان ٻُڌ مَت کان ايڏو باخبر هئس، نه وري مون وٽ ان بابت ايڏا گهڻا سُوال هئا، جو ڪائنس انهن جا جواب وٺي تربيت وٺان ها. اها تربيتَ اَڏَ تي رهجي وئي هئي، سندس اچانڪ هلئي وڃڻ جي ڪري... سندس هليو وڃڻ به هر هر ايئن ٿو ياد اچيو وڃي جيئن ساهه ڪٽڻ وسري نه ٿو!

اڄ سوچيانَ ٿو، جيڪڏهن ٻوڌين جا داستان مون کي ساڻس ملڻ کان اڳ ۾ پڙهڻ لاءِ ملن ها ته شايد مان يوڳتيءَ سان پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن پاسي تڪڙو وٺي وڃي سگهان ها. هاڻي جڏهن خطن جي ان سلسلي کي آهستي آهستي، باب در باب پڙهندو ٿو وڃان ته ساڻ يوڳتيءَ سان سفر جي داستانَ کي به ڏاڍي سولائيءَ سان پنن تي اوتيندو ٿو وڃان. محسُوس ڪيم، ڇڻ اهي ٻئي ليک گڏجي منهنجي سمجهه ۽ سِکيا کي تڪميل عطا ڪن ٿا.

سوچيان ٿو، ٻوڌي پانڌين جا خطَ مڪمل پڙهي، يوڳتيءَ سان گهاريل وقت جو سمورو داستان لکي پورو ڪندس ته شايد ڪو رستو کُلي، ساڻس هڪ ڀيرو وري ملڻ جو موقعو ٻڌجي پوي ۽ اتان کان ساڻس گڏجي اڳتي سفر ڪٽان! اهو سوچي مون وري لداخ جي ڏينهن وارا نوٽس ڪنيا، يادگيرين گذريل وقت جا پنا اٿلائڻ شُروع ڪيا.

يوڳتيءَ کي ياد ڪندي نوٽس لکندي دل چيو ته ڪيس ٻوڌي سَتوا يوڳتي سڏيان. جيئن هاڻي جادم جي خطن ۾ اهو اصطلاح پڙهيم: هن جي گروءَ ڪيس لکيو هو ته ڪي نارِيون ٻوڌي سَتوَ به هونديون هيون. سوچيان ٿو اهي به ايئن ئي ته هونديون، جيئن هوءَ هئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سُجاڳ پانڌِيَ!

هاڻ توکي پنهنجي پنڌ جي پهرين ڳٿا جو احوال ٻڌائڻ جو وقت اچي ويو آهي تہ آئون اميتايہ ٻُڌ جي هن دؤر جي پوئوارَ سان ڪٿي ۽ ڪڏهن مليس؟ هيءَ ڪهاڻي اميتايہ ٻُڌَ جي پوئوار بوڙهي سَتوا تِچ ڪُوانگ ڊُوڪ (1963_1897) سان منهنجي وِيئَت نام جي شهر سائيگان جي هڪ پَرانهين ڳوٺ ۾ مُلاقات سان شروع ٿي! اُن ڳٿا جي سمونڊ ۾ توکي لاهڻ کان اڳ اميتايہ ٻُڌَ بابت ٻُڌائيندس تہ جيئن اُن جا سمورا پاسا سولائيءَ سان پِري سگهان پر ان کان اڳ بہ لفظ تنهنجي خط بابت!

تنهنجو ڏِيان وارو تجربو اِسرارن تي ٻڌل آهي. هن وقت تون پلَي ۽ مَندَي جي سنڌَي کي ڇڏي مشقُن ۽ مُشاهدن مان گُذُر.

ياد رک! جيئن ڏَند_ڳٿائن جي پُراسرار ظاهري قصن کي جيئن جو تيئن ڪٽڻ بدران پرولين جيان پِجڻ لازمي هوندو آهي. انهن جي لفظي ٽِڪساٽن پويان ڳُٺائتا سبق سمجهبا آهن. تيئن ئي هن مُشاهدي جي پراسرار خولَ کي پِجڻ جي ڪوشش ڪر. توکي دڳُ ڏيندڙ اُهو سُونهون هٿ ڪنهن جو آهي. مِيرا جو سوچي اُن پروليءَ کي اڏ تہ تو پاڻ ئي پِجڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ان کي حتمي نہ سمجهہ اڃان! هي پوسٽ ڪارڊ پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "اُتي ئي وساري اچ"**

بہ بوڙهي ڪنهن وڏي پنڌ تي نڪتا. هڪ نديءَ جي ڪناري وٽ اچي بيٺا. ڪين ان نديءَ کي پار ڪرڻو هو. اجان هو ترڻ لاءِ لٿا ئي پئي تہ پرِيري بيٺل هڪ نوجوان ناريءَ کين سڏ ڪيو ۽ پاڻيءَ جي تيز وهڪرن کان پَؤ ڪارڻ کين پئي پارَ رَسائڻ جي مِنتَ ڪئي. منجهانئن هڪ بوڙهيءَ لنوايو پر ٻئي بنا ڪنهن دير جي نارَ کي ڪُلهي تي کڻي. تري پاڻيءَ منجهان ٽپائي وڃي ٻئي ڪناري تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٿو. نارِي سندس پلاٽيءَ جا ٽورا مڃي هلي وئي. ٻنهي ٻوڙين پنڌ جاري رکيو. ٻيو ٻوڙي اِنَ واقعي کان ڏاڍو متاثر ٿيو. ماٺ نہ رهي سگهندي نيٺ چيائين: ”ياءَ! ٻوڙي تربيتَ موجب اسان کي نارِيءَ کي ڇُهڻ جهليل آهي. پر تو هن کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي پار پڄايو!“ ٻئي ٻوڙيءَ ورائيس: ”ياءُ، آئون تہ هُن کي ٻئي ڪنارِي ڪڍهوڪو ڇڏي آيُس. تون اڃان سوڌو هُن کي پاڻ ۾ کنيو پيو هلين؟“

تون ٻن سُوالن جي جوابن تي سوچ: هڪ اِهو تہ تو هُن نارَ کي شعور جي ٻئي پارَ پڄايو هو يا ڪيس اڃان ساڻ کنيو پيو هلين؟ ٻيو ان مشاهدي دوران معنيٰ خيز جملن جي حقيقتَ ڇا آهي؟ اهي ڪي اوکيون پروليون نہ آهن. تون انهن کي مشاهدي دوران پاڻ ئي پَڃي وٺندين.

گذريل پيري توکي دوا دارونءَ جي ٻوڙي ڀَئساجيہ گرو ٻُڌَ بابت تفصيل سان لکيو هئم. اڄ هِڪ ٻي ڏَند-ڪَٿائي ڪردار اميتاڀہ ٻُڌ بابت ٻُڌائيندس! اسان جي ڦُوان اَئم ٻوڙيشالا ۾ اميتاڀہ ٻُڌ جي وڏي اهميتَ سمجهي ويندي هئي. اسان کي هڪ لازمي ڪورس پڙهايو ويندو هو. جنهن جو نالو ”تاريخ جا عظيم ٻوڙي سَتوَ“ هو. اُهو ڪورس اسان کي ساڌو تاشِي ۽ ساڌو لِي پڙهائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪورس پڙهائڻ لاءِ ڪي ٻاهريان ٻوڙي بہ ايندا هئا.

اسان کي ٻڌايو هئائون تہ اميتاڀہ ٻُڌَ کي اَميدَيوا ڪانسواءِ وِيئَت نامِي ۾ اَديدا پهات، ڪوريائيءَ ۾ اميتابُل، جاپانيءَ ۾ اميدا ٻُتسُو تبتيءَ ۾ اوڊپاگميد چئجي ٿو. اَميتا معنيٰ بيحد، اَمَر ۽ آڀا معنيٰ روشني، عظمت، شانُ رکڻ يا راجڌٽائي ڪرڻ. يعني اُهو جيڪو بي حد ۾ روشني ۽ عظمت رکي، يا لافاني راجڌاني رکي.

دوا دارونءَ جي ٻُڌ ڀَئساجيہ گرو جيان اميتاڀہ ٻُڌَ بہ هٿ ۾ ننڍڙي صُراحي ڪنيل آهي، جنهن ۾ اَمرتا بخشيندڙ شربت آهي. سندس مُشابِهت سئڪِيامُنِي (گوتم ٻُڌَ جو ٻيو نالو) سان ايتري تہ گهڻي آهي جو منجهن فرق ڪرڻ اوکو آهي. ڇاڪاڻ تہ منجهس ۽ گوتم ٻُڌ ۾ لڳ ڀڳ سڀ ساڳيا گُڻ آهن. سندن مورتيُن ۾ هٿن جا مُدرا بہ ساڳيا آهن.

مَهايانہ ٻُڌ مَت موجب قديم دؤر ۾ هڪ گِڻاٿو بادشاهہ ڌرماڪَرَ (ڌرما جو خزانو) رهندو هو. هُو پنهنجي بادشاهت تَرڪ ڪري ساڌُو بڻيو هو. اميتاڀہ ٻُڌ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محجڻ وارن ايشيا کنڊ جي اويرائن ملڪن (چين، ويٽنام، ڪوريا ۽ جاپان) جي ماڻهن جو خيال آهي تہ ڌرماڪَر لوڪيسوَراجا بوڌي سَتوا جي ڌاهپ ۽ عظيم اِسرار آشڪار ڪندڙ علمَ کان متاثر ٿي تخت ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو هو..

چون ٿا تہ پنجن وڏن دورن جي شعوري ۽ وُجُودي پوکيءَ (تَربيت) کان پوءِ هُو بادشاهہ عظيم ڌاهپ ماڻي اميتايہ ٻُڌ بڻيو هو. ٻُڌ مَت جي ويساهہ موجب هو نون جنمَ وٺندڙن بابت فيصلو ڪري ٿو تہ اهي پنهنجي نئين جنمَ ۾ گذريل جنمن کان ڪيترو مختلف هوندا.

مَهايانہ ٻُڌ مت موجب ڪنولَ جي گُلَ جو علامتي نشان رکندڙ ۽ آسماني سمجهيو ويندڙ اميتايہ ٻُڌُ اولهہ جي مقدس ڌرتيءَ جو راجڌانُ آهي، جيڪا اسان جي دنيا کان جُڳَ پرانهين دنيا آهي. سندس جهوليءَ ۾ رکيل ٻئي هٿ ڏِياني مُدرا ۾ بہ گول دائرا ناهين ٿا. اعليٰ ترين تَنترِيائي مڪتبَ ۽ ٻُڌ مت جي تِبتي نموني وَجَرَايانہ ۾ اميتايہ پنجن ڏِياني ٻوڌين، ٻوڌي اَڪسوبيا، اَئموگهاسِڌيہ رتناسمڀاوا ۽ وئروڪانا منجهان هڪ آهي. جاپاني ٻُڌ مت شِنان ۾ اميتايہ تيرهن اهم ٻُڌن منجهان هڪ آهي، ڪيس جاپاني وڏو مانُ بخشيندا آهن.

مون نوٽ ڪيو هو تہ مِڙني پرڳڻن جي ٻُڌ مَت ۾ مٿس پڙهيا ويندڙ مخصوص عقيدت مندانہ منتر پرڳڻي جي نسبت سان هِڪٻئي کان تورا مختلف آهن. وَجَرَايانہ ٻُڌ مت ۾ ڪٿي اميتايہ تمام ڏِگهي عمر وارو، مڪمل سمجهہ رکندڙ خالص ۽ چِٽا تصور ۽ نقط نظر رکندڙ تہ ڪٿي وري لقاءَ جي خالي ـ پڻي بابت گهري ڄاڻ وارو، اڻـ ڪَٽي جيونَ ۽ ڳاڙهي باهہ واري چقمقي عنصر جو اُهڃاڻ رکندڙ گهڻـ ڳُڻيو ٻُڌ سمجهيو ويندو آهي.

تو اميتايہ ٻُڌَ جون مُورتيون ڏٺيون آهن؟ انهن مورتين کي غور سان ڏسڻ گُهرجي، اُنهن مُورتين ۾ سندس هر انداز ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ هوندي آهي.

مثال طور تون هڪ مورتيءَ ۾ ڏسندين تہ اميتايہ پَدما آسڻ ۾ ڏِياني مُدرا ۾ ويٺل آهي، (ساڄو هٿ کابي مٿان رکيل، کابي هٿـ تري مٿي يا آسمان ڏانهن هجي ۽ ٻئي آڱوٺا هِڪٻئي کي ڇُهن). ڪاماڪورا مان مليل هڪ مورتيءَ ۾ اميتايہ ٻُڌ بيٺل آهي، سندس ساڄو هٿ هيٺ زمين ڏانهن اشارو ڪري ٿو هٿـ ترِي اندرَ جي طرف اٿس. اُن کان سواءِ ڪجهہ پرڳڻن ۾ اميتايوس سڏجندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميتاڀ ٻُڌَ جي مورتي ۾ ڪپڙا ۽ هيرا جواهر پاتل آهي. جڏهن ته ٻين پرڳڻن ۾ اميتاڀ هڪ سادي ٻوڌيءَ جيان هوندو آهي. چيني ۽ جاپاني ريت ۾ اميدا سڏجندڙ هن ٻوڌيءَ جي سونَ وَرني رنگ جي مُورتي نظر ايندي جنهن کي پنجن ڪُنڊُن وارو تاج پاتل آهي. اُن تاجَ جي ڪري ٻنهي کي الڳ ڪري سڃاڻي سگهجي ٿو.

اميتاڀ لوٽس (ڪنول جو گل) جي علامت رکندڙ ٻوڌين جو وڏو آهي، جڏهن ته اميتايوس اهو مرتبو نه ٿو رکي.

اسان جي خطي ۾ به اميتاڀ ٻُڌَ جو مُقدس مُجسماتي ثبوت آهي. پاڪستان جي گووِند نگر مان سندس مورتيءَ جو هيٺيون حصو مليو هو جيڪو هاڻ ماٿُورا ميوزيم ۾ رکيل آهي. ڪُسانا سلطنت ۾ مليل مورتي وري ڪنهن واپاري ڪٽنب جي ارپيل ٻُڌائي وڃي ٿي. مليل مواد ٻڌائي ٿو ته اميتاڀ ٻُڌ پهرين يا ٻين صدي عيسويءَ ۾ رهيو هوندو.

ان مان ظاهر ٿيو ته هُو هِن پرڳڻي ۾ شهرت يافته هو. سندس ڪجهه مورتيون ڀارت جي پالا راڄ، جنهن ٻارهين صديءَ ۾ اسلامي فتحُن دوران پنهنجو زور وڃائي ڇڏيو هو ۾ به مليون آهن.

گنڌارا مان پهرين صديءَ ۾ مليل سندس ٿامي واري ڊِياني ۽ اَڀايا مُدرن واري مُورتيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻيون مُورتيون به مليون آهن. (ٻيخوفيءَ جي نشانيءَ واري اَڀايا مُدري ۾ ساڄو هٿ مٿي ڪلهي تائين کنيل، هٿ_ تري سڌي ٻاهر ڏانهن هجي ٿي). اُهو مٿي هَٿُ مسڪينن لاءِ سندس رَحم ڏانهن اشارو آهي. اُن مورتيءَ ۾ ٻيٺل اميتاڀ جي کاٻي ٻانهن اَڻ ڍڪيل ۽ هيٺ آهي، سندس آڱوٺو ۽ ڏِسٽي آڱر هِڪٻئي سان مليل آهن. هن مُدري جو مطلب ڏاهپ آهي. هيٺ ڪيل هٿ جو مطلب آهي ته هو پَستيءَ ۾ پيڙا ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهن جي رسائيءَ ۾ آهي، سندن ويجهو آهي.

هڪ مُورتيءَ ۾ اميتاڀ ٻِن ماتحت ٻوڌين اَئوالوڪِتشوَرا ۽ مَهاستاما پَراپتا کي پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان رکيو آهي.

اميتاڀ ٻُڌَ کي مڃيندڙن جو خيال آهي ته هن نه رڳو ٻوڌي سَتوَ لوڪيسوَراجا جي ڏاهپَ مان متاثر ٿي تخت ڇڏيو پر اُن ئي ڏاهپ جي بنياد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن انسانيت جي حفاظت لاءِ انيتاليهه قسم ناما يا واعدا لکيا. منجهانئن ارڙهون قسم نامو هو:

جيڪي نيڪ ۽ سچا آهن سي "نامو اميتايہ ٻُڌ" يعني "رحمتون ۽ عزتون اميتايہ ٻُڌ لاءِ" ڏهہ ڀيرا چئي خواهش ڪن تہ هو اولهہ جي ڏُوراهين مقدس ڌرتيءَ تي ٻيهر جنم وٺي سگهن ٿا. سندس پئدا ڪيل اُن ڌرتيءَ جو تصور ٻُڌ مت رکندڙ مِڙني ملڪن ۾ آهي: چيني ان ڌرتيءَ کي جِنگتُو جاپاني جودو. وِيٽنامي تِنهہ دو. ۽ ڀارت ۾ سُکاوتي (سُک-وَرتِي) ڌرتي سڏين ٿا. اوڻويهون قسم نامو هڪ واعدو آهي، جنهن موجب جڏهن ڪو ماڻهو موت مهل اميتايہ ٻُڌ کي ياد ڪندو تہ اَميتايہ پنهنجي ٻوڌِي سَتوَئن ۽ پلن ٻوڌين سميت سندس سامهون اچي ويندو.

محبت جو ٻُڌ سڏيو ويندڙ اميتايہ انسانن ۾ شعور ۽ روشن خيالي پئدا ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو. سندس ڏسيل ڏاهپ منجهان اهم ترين نقطو آهي تہ ڍِيان دوران دنيا کي جنت تصور ڪجي جتي روشن خيالي لازمي جُز آهي. ان ڪري ڪيس رحمت جو ۽ روشن خياليءَ جي توانائي جاڳائيندڙ ٻُڌ بہ سڏيو ويندو آهي. اميتايہ ٻُڌَ جا بنيادي نظريا ٽن حصن ۾ آهن. انهن ۾ وڏو سُکاوتي وِيُوها سُوترا، ننڍو سُکاوتي وِيُوها سُوترا، اَميتا يُورڌوانا سُوترا شامل آهن.

وِيئَت نام جي ٽن سالن واري پنڌَ دوران اسان کي اهي سُوترا پڙهايا ويا هئا. ان بنياد تي اسان کان لِکت ۾ امتحان بہ ورتو ويندو هو تقريري مقابلا ٿيندا هئا.

سو پانڊِيہ هيءَ منهنجي وِيئَت نام جي ٽن سالن جي پنڌَ ۽ سِکيا جي گٿا جون ڪجهہ جهلڪيون آهن. جڏهن مون کي اوائلي ٻوڌي تربيت پوري ڪرڻ کان پوءِ سائيگان جي هڪ ڳوٺ جي قديم ٻوڌِيشالا ۾ وڌيڪ تربيت لاءِ موڪليو ويو هو تہ مون نہ سمجهيو هو تہ اها ٽن سالن جي گٿا عِلميتَ توڙي المين ٻنهي ۾ ايڏي ڳري هوندي! هي 1955 جو ريپبليڪائي دؤر هو جڏهن سائيگان جي ڪميونسٽ راڄ آڻڻ ۾ اجان ويهہ سال باقي هئا!

ذاتي طور مون لاءِ هي اُهو وقت هو جڏهن مون پنهنجي سِکيا جا بنيادي ڏکيا مرحلا گُذاري اڳئين مرحلي جو پنڌَ ڪنيو هو!

پيارا پانڊِيہ ان جا تفصيل توکي هاڻ لکان ٿو تہ منهنجي وِيئَت نام رَسڻ کان پوءِ جي پَنڌَ جي گٿا ڪيئن شروع ٿي. ان ڪهاڻيءَ جو حسين ترين پاسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن قديم ڳوٺ جي هڪ اِسرارن ڀريل ٻوڌيشالا ۾ منهنجي ٻوڌي سَتوَ تِچ ڪُوانگ سان ملاقات ۽ اُن جي زَيرِ تربيت ٻُڌ مَت جي سِکيا وٺڻ آهي!

پنهنجي ئي پرڳڻي جي ڀِڪشو ساڏوئن هيٺ منهنجي تربيت ته انهن ورهين جي عمر کان شروع ٿي چُڪي هئي. پر بنيادي تربيتَ حاصل ڪرڻ کان پوءِ منهنجي اُن پنڌن پٺين ڏاڪي جي پهرين ڳَتا غير ملڪي ياترا سان تڏهن شروع ٿي، جڏهن آئون تيرهن سالن جي عُمر ۾ ساڏوئن جي هڪ ٽولي سان ٻوڌي تربيت لاءِ سائيگان روانو ٿيس. 1963 جي فيبروريءَ ۾ اسان سائيگان جي ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا رَسياسين.

هڪ پراڻي ڊائريءَ جا ڀَنا ڦلهوريان پيو ته جيئن توکي ان تربيت جي سلسلي، اُن دوران مختلف تاريخن تي پيش آيل واقعن جي دُرست جاڻَ ڏئي سگهان.

سنڌ ۾ منهنجي ٻوڌي جيونَ جي شروعات ڪيئن ٿي؟ پنڌ جي اُن احوالَ کي سنڌ ۾ پنهنجي پڇاڙيءَ وارن سالن سان ڳنڍي ٻڌائيندس، جنهن ۾ ڪي خاص تفصيلي احوالَ ڪو نه آهن. جن کي ڀِيرائِتو ٻُڌائي سگهجي. چاڪاڻ ته سنڌ ۾ ٻُڌ مَت هڪ سفاڪ ۽ مارِي ڌهڪاءَ هيٺ ساهُ ڪٽي رهيو هو. اِن ڪري اُن کي پنهنجو ظاهر پَرچار ته ڪرڻو ئي نه هو. پر توکي ان جي اندروني تربيتي احوالَ تي ضرور لکندس. ان جون به دلچسپ ڪهاڻيون آهن.

وِيئَت نام ۾ پنهنجي تجربي جي ڳَتا کي ٻن حصن، هڪ فيبروريءَ کان جون 1963 تائين، ۽ ٻيو جولاءِ 1963 کان ڊسمبر 1965 تائين ۾ ورهايو اٿم. پهريون دوُر پڙهه!

**پهريون دور۔ جنوري۔جون 1963**

1963 جي جنوريءَ ۾ سِياري جي اوُجَ ۾ آئون هڪ سنڌي ٻوڌي ٽوليءَ سان سائيگان شهر جي ڦُوان اَئم ٿُو وِيئَن رَسيُس. (ڦُوان اَئم نارِي ٻوڌي سَتوَ جو نالو ۽ ٿُو وِيئَن معنيٰ ٻوڌيشالا). ان وقت شام جا پوبان پهرَ هئا. ٻوڌيشالا فانُوسَن جي روشنيءَ سان جرڪي ٿئي. ڪٿي هلڪي اونداهي ته ڪٿي هلڪڙي ڦِڪي روشنيءَ ٻوڌيشالا کي طِلسماتي بنايو ٿئي. جيئن ئي اسين ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا جي داخلي محرابَ تي رسياسين ته آڏرياءَ لاءِ هڪ ڪٽڪ۔رنگو سنهڙو سِيپَڪ، گيڙُو وِيسَ ڪيل نوجوان ڀِڪشو ڊوڙندو آيو عجيب ٻوليءَ ۾ ڪيڪار جا ٻه ٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ چئي، ٻوڌيشالا اندر نيئڻ لڳو.

مون سميت، سنڌ پرڳڻي جي چئن ساڌوئن منجهان هڪ وِيئَت نامي ٻولي جاڻندڙ ساڌو هو جنهن سندس ڪِيڪارَ جي ساڳئي پُرجوش انداز ۾ ورنديءَ ڏني. ٻوڌيشالا جي هڪ پاسي پگوڊا يا ٻوڌِي-در هو تہ ٻئي پاسي جُهڳين-نما ڪمرا هئا. هن اسان کي هڪ ڪمرو کولي ڏنو. پنهنجو ٻِنهہ مختصر سامان رکي ٿوري دير ساهي پٽيسين، پوءِ ساڳيو ئي ڀڪشو آيو. وِيئَت ناميءَ ۾ چيائين تہ وڏو ساڌو آيو آهي، هلو تہ هن سان ملون ۽ ماني ٽُڪر بہ کائي وٺون.

اسين ٻوڌِيشالا جي ٻنهي پاسن کان گَس جي ڪنارن تي ڪيل وٽڪاريءَ مان گذري ٻوڌِي-دَر ڏانهن هلڻ لڳاسين. رات ڪاري اُماوس جي هئي. فانوسن جي جَهڪي روشنيءَ اونداهہ جو زورُ ڪنهن حد تائين ٽوڙيو تہ ٿئي پر ڪٿي ڪٿي اونداهہ پنهنجي جاه و جلالَ سان ان روشنيءَ کي زير بہ ڪيو ٿئي.

اسان جيئن ئي ڦُوان اَئم ٻوڌِي-درَ ۾ داخل ٿياسين تہ اسان سان سائيگان جو مشهور ساڌو ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ اُٿي اچي وڏي پاٻوهَہ سان مليو. هي اُهو ساڌو هو جنهن اُن ساڳئي ئي سالَ پنهنجي هڪ عجيب ۽ بي مثال احتجاج سان آمريڪا ۽ وِيئَت نام سميت سموري دنيا کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪائي ڇڏيو هو. ان کان پوءِ اُهو سال وِيئَت نام ۽ آمريڪا جي تاريخ ۾ ڪجھ بين اهم واقعن جي ڪري بہ اهم ثابت ٿيو ان تي اڳتي لکندس!

ڪوانگ ڏُوڪ اسان سان ڏاڍي پاٻوهَہ سان مليو. وڏي تفصيل سان اسان جي پنڌ جا حال احوال پُڇيائين. جيڪي مون سان گڏ آيل ساڌوئن ڪيس سَليا. منهنجي ٻاهرين تربيت جو جيئن تہ اهو پهريون ملڪ ۽ سال هو ان ڪري منهنجو ساڌُو ڏُوڪ سان خصوصي تعارف ڪرايو ويو. مون لاءِ ڪُوانگ ڏُوڪ جو پاٻوهَہ وڏو ڀاڳ هو. مٿان سانُس ان اهم دؤر ۾ ملڻ خود هڪ وڏي مقام ماڻڻ برابر هو.

اُن رات ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ سان اسان جي هڪ ڪلاڪ ڊِگهي ويهَڪ ٿي، ٻئي ٻوليون جاڻندڙ ساڌو ترجمو ڪندا رهيا. (پانڊيا اهو سمجهجانءِ تہ تربيت جا پهريان بہ مهينا اسان جي گفتگو ترجمي تي ٻڌل هوندي هئي. اسان وِيئت نامِي ٻوليءَ جي سِکيا ورتي ٿئي). فانوسن جي روشنين ۾ اسان مڙني جا گيڙُو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لباس ہرندڙ سجَ جيان ہريا ٿئي. سيءَ جي جَهڪائيءَ لاءِ اسان جي ہنهي پاسن کان سِگريون ہَريون ٿئي. جڻ اهو لقاءُ ڏند ـ ڪٿائي دنيا جو ڪو مظهر هو. جنهن جو جادو اڄ ڏينهن تائين ذهن جي ڪنهن پاسي ۾ پيو اٿم!

ڪُوانگ ڏوڪ اسان کي ٻڌايو تہ وِيئَت نام ۾ هيءُ دؤر ٻڌ مَت جي بنيادي ڪردار ۾ هڪ تاريخي تبديلي آڻي رهيو هو. اُن لاءِ پوري دنيا جي ٻوڌين کي هِڪٻئي سان سگهاري اتحاد جي ضرورت هئي. هن ٻڌايو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ ڪجهہ اهم موضوعن تي هُن گڏجاڻيون رِٿيون هيون.

ان مانيءَ دوران ڪچهريءَ تي ٻوڌين بيحد گنڀيرتا سان ڪُوانگ ڏوڪ کي ٻڌو ۽ ڪيس ان معاملي تي پنهنجي راءِ بہ ڏني. اُهي ڳالهيون مون کي ان وقت ڪجهہ سمجهہ ۾ آيون، ڪجهہ نہ. پر جلد ئي مون انهن ڳالهين کي چِٽيءَ ريت سمجهڻ شُروع ڪيو.

ان رات موڪلاڻيءَ مهل ساڈُو ڪُوانگ ڏوڪ ٻوڌيشالا جي هڪ نوجوان ٻوڌِي، جنهن جو نالو لوتَس (ڪنول جو گُل) هو، کي اسان کي ايندڙ ڏينهن ۾ سائيگان شهر جو سيرُ ڪرائڻ جي تاڪيد ڪئي.

اسين ساندهہ ٻہ ٽي ڏينهن سائيگان شهر گهمندا رهياسين. مون تي هڪ نئين ديس جي پهرئين مشاهدي جو جادو طاري هو. فِرانسِين جي ڇڏيل هن ڪالونيءَ جي 1963 واري صورتَ، ڪراچيءَ کي ڇڏي باقي سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد شهرن جي هاٺوڪي صورت کان بہ بهتر هئي. فِرانسِين ٽيٽر بہ قائم ڪيا هئا. شهر ۾ جاءِ جاءِ تي اُن بينڪي دؤر جا اُهڃاڻَ ليٽا پائي رهيا هئا. اسين ٻہ ڏينهن تہ ٽيٽر ڏسندا، باغَ، ٻوڌِي-در ۽ عمارتُون گهمندا. ميڪانگ درياهَہ جي ڪنارن تي پَسار ڪندا ۽ وِيئَت نام ۾ اُن مخصوص دؤر جي وهڪري تي ڳالهائيندا رهياسين.

منهنجي مَنَ ۾ هر وقت نوان لقاءَ پسڻ ۽ نوان خيال سکڻ جو جوش هو. ٻڌ مَت جي انن اهم اصولن ”منجهان پهريان بہ صحيح ڪلام ۽ صحيح عمل، سنڌي ٻوڌِين سيکاريا هئا. هاڻ تيرهن سالن جي عمر کان منهنجي اڳين تربيت ڦُوان آئم ٻوڌِي-در جي هڪ ساڌوءَ شروع ڪئي، جنهن جي تربيت هيٺ مون ڦُوان آئم ٻوڌِيشالا ۽ چوڌاري ماحول جو ماٺَ سان مُشاهدو ڪرڻ شروع ڪيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تربيت ـ ڪار عمر ۾ مونکان سورنهن سترهن سال وڏو ساڏو تاشِي (معني خوشحالي) هو. تاشِيءَ جي يار ويسيءَ جي ڪري منهنجي ساڻس اهڙي تہ پلي سنگت جُڙي، جو ساڻس اُهو سڳ اڄ سوڌو جاري آهي. جيتوڻيڪ هو هاڻ ڪافي ڪراڙو ٿي ويو آهي، پر تڏهن بہ مون سان رابطو رکندو ٿو اچي.

هتي تو ڪي بڌائڻ لاءِ ڪجھ ڳالهيون لازمي ڪندس. هڪ تہ مشاهدي جي تربيت مون لاءِ بِنھ نئين تہ نہ هئي، پر سائيگان جي تجربي کان پوءِ مون کي اها خبر پئي تہ هر پرڳڻي جي ٻڌ مت جي پنهنجي انفراديتَ هئي. ڏيانَ کان وٺي هر تربيتي پهلوءَ تائينءَ ۾ ٿورو گهڻو فرق هو. اِن ڪري ساڏو تاشِيءَ جي سِکيا هيٺ مُشاهدي جي بہ پنهنجي ئي انفراديتَ هئي.

ٻڌ مت جي انن اصولن مان سنڌ جي پيٽ ۾ هتي ڪجھ بين نُقطن تي زورُ هو مثال دُرست ڪمائيءَ واري تصور جو ذڪر سنڌي ٻڌ مت ۾ ٿورو مختلف هو. سنڌ ۾ ٻڌ مت ۾ مُشاهدي جي تربيت ٽيون اصول يا ڏاڪو هو. پر هتي تربيت جو پهريون اصول مُشاهدو ٻڌايو پئي ويو. اها بہ نئين ڳالھ هئي.

ٽين ڳالھ اها تہ هي دوُر وِيئَت نام ۾ آمريڪي قبضہ گيريءَ وارو بدترين دوُر هو جنهن جي ڪري وِيئَت نام جي هر ڪنڊ ۾ ملڪي سياست تي چوبول هو. اڪثر سياسي معاملن ۽ مخصوص واقعن تي ٻوڌيشالائن ۾ بہ ذڪر ٿيندو هو. جڏهن تہ سنڌ ۾ ٻوڌيشالائن ۾ اسين سياست جي موضوعَ تي بنھ نہ ڳالهائيندا هئاسين. اهم ڳالھ اها تہ تڏهوڪي وِيئَت نامي ڪئٿوليائي عيسائي صدر ٻڌ مت جي پوئلڳن جي نسل ڪشي شروع ڪئي هئي، ان ڪري ٻڌ مت جا پرامن پوئلڳ نہ ڪنهن جي ڏيٺي نہ وٺي، ان تعصب، ظُلم ۽ ڏاڍَ جو شڪار هئا. جنهن تي هو سخت ڪاوڙيل هئا ۽ روڊن تي نِڪري احتجاجَ ڪري رهيا هئا.

اُن جي پيٽَ ۾ سنڌ جي ٻوڌيشالائن ۾ سياسي پهلو بِنھ حاوي نہ هئا. ان ڪري منهنجي مُشاهدي واري مشق جو مادي توڙي شعوري تجربو اڪيون ڪوليندڙ ۽ راز آشڪار ڪندڙ هو. اڳتي هلي بڌائيندس تہ اُهو ئي تجربو ڪيئن لڳ ڏڪائيندڙ بہ ٿي پيو هو.

جنوري مهيني جي پڄاڻيءَ کان اڳ ئي منهنجي مُشاهدي جي تربيت شُروع ٿي چُڪي هئي. آئون ننڍي وهيءَ ۾ هئس، ٻڌ مت جو سچو پيروڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئس. عظيم مُشاهدن ماڻڻ جي سَڌَ منهنجي وُجُود ۾ رچيل هئي، جنهن ڪري ان تربيت جي تجربي منجهان پل پل حِظَ ماڻي رهيو هئس.

سنڌ ۾ منهنجي تربيتَ ڪندڙ ساڻوءَ مون کي خاص هدايت ڪئي هئي تہ ان تربيتي پنڌ دوران جي تجربن ۽ ڳالهين کي هر ڏينهن قلمبند ڪندو وڃان. سائيگان ۾ مون عظيم مشاهدا بہ ڪيا تہ مُشاهدن ۽ پنڌن جا اَحوالَ بہ قلمبند ڪيا، جن منجهان ڪجهہ هن خط ۾ ۽ کوڙ سارا ايندڙ خطن ۾ توکي ملندا!

ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا جا روزانُو جا معمولَ ٿوري گهڻي فرق سان ڪنهن بہ ٻوڌيشالا جيان هئا. ٻوڌيشالا جي طئہ ٿيل اصولن موجب اسين صبح جو پنجين وڳي اُٿندا هئاسين، تيار ٿي ساڍي پنجين وڳي کان ستين وڳي تائين يوگا جا آسڻ ڪري ڌيان ڪندا هئاسين. ستين کان ساڍي ستين تائين ناشتو ڪبو هو. ناشتي ۾ چانورن سان ٻوڌيشالا جي ٿي پوکيءَ منجهان ڀاڄيون، ونگيون، چانهان کائيندا هئاسين. مون ڏٺو تہ اُهو کاڌو ٻاهر ڪجهہ غريب ماڻهن ۾ بہ ونڊبو هو جيڪي روز صبح جو سوير اچي ٻوڌيشالا ٻاهران ويهي رهندا هئا.

ان کان پوءِ تَربيت_ڪارَ ٻُڌ مت جا درس پڙهائيندا هئا. جن تي لِکت ۾ بہ مواد ملندو هو جيڪو صبح جي درس کان اڳ واري راتَ ۾ پڙهي ڇڏڻ لازمي هو تہ جيئن اسين ٻئي ڏينهن جي درسَ کي سمجهي سگهون. استادن کان سوالَ ڪري سگهون. اُن کان پوءِ ٻنپهرن جي ماني کائبي هئي. آرامَ جو وقت ٻہ ڪلاڪ هوندو هو پوءِ ساڍي چئين کان ڇهين وڳي تائين وِپَّت نامي ٻولي سکبي هئي، ستين وڳي رات جو ماني هوندي هئي. ان کان پوءِ اسين پنهنجي مُنهن هوندا هئاسين. آئون اتي پنهنجن ساٿي پانڌڪن يا ساڌو تاشيءَ سان پسار ڪندو هئس، آخر ۾ ڌيان جي مشق ڪري ننڊ ڪبي هئي.

آچر موڪل جو ڏينهن هوندو هو سو آرامَ سان گذاربو هو. هر سومر تي سائيگان يا ڪنهن ٻئي شهر جي ٻوڌيشالا منجهان ڏاها ساڌو گهرائي ساڻن ڪچهري رکرائبي هئي. هفتي ۾ هڪ ڏينهن ڪا ٻي ٻوڌيشالا، سائيگان شهر يا ان جا پرپاسي واريون جڳهيون مشاهدي لاءِ گهمبيون هيون.

رات جو سمهڻ کان اڳ سموري ڏينهن جي تربيت ۽ پنهنجي عمل تي نظرثاني ڪبي ڪري ڊائري لکبي هئي. اِها عادتَ مون ۾ سِنڌ ۾ تربيتَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شُروعَ ۾ ٿي پئجي وئي هئي. ڪجھ مهينن اندر ٿي منهنجي لکٽي پُختي بہ ٿي چُڪي هئي. سِنڌ تورڙي ڦُوان اَئم ۾ اسين پنهنجا خيال ۽ تصور ٻَالھ ٻولھ کان سواءِ لِکي بہ هِڪٻئي سان ونڊيندا هئاسين.

ڪڏهن ڪڏهن تاشِي ۽ آئون رات جو ٻين جي پيٺ ۾ سر س جاڳي ڏينهن جي درسن ۽ ٻين ڪيترن ئي عِلمي ۽ فِڪري موضوعن تي ڪچهريون ڪندا هئاسين. تاشِي تمام گهڻ-پڙهيو ۽ ڏاهو ماڻهو هو. سندس ٻُڌ مَت تورڙي اُن کان ٻاهر ڀرپور مطالعو هو. هن جي سنگت ۾ مون عِلمي طور تہ گهڻو سکيو پر جيون جا سبقَ بہ خوب پرايم.

مان هفتي جي اُن ڏينهن جو اُتاولائيءَ منجهان اوسيئڙو ڪندو هئس جنهن ڏينهن اسان کي ٻين ٻوڌيشالائن ۾ وڏيڪ سِکيا ۽ پاڻن لاءِ نيو ويندو هو. اُتي نون ٻوڌين سان سنگتَ جُڙندي هئي. ڊائرين ۾ هر ڏينهن جو لکيل احوالُ اج بہ اوهڙو ئي دلچسپ لڳي ٿو ڪيترا ئي صفحا تہ انيڪ ٻوڌين سان ڊگهي ٻَالھ ٻولھ جي احوالن ۽ منهنجي مُشاهدي جي تجربن جي عڪاسيءَ سان ڀريل آهن.

اهي تفصيل سالن پڄاڻان هڪ اهڙي گذريل جيون جي ڪَٿا تا لڳن، جيڪو ڪنهن دؤر ۾ مون ڀرپور گذاريو هو. وقت گذرڻ سان گڏ آئون بہ گذري چُڪو هئس پر ڊائريءَ جي پنن تي لکيل اهي لقاءَ اج بہ متحرڪ تا لڳن. اُنهن لفظن ۾ اج بہ سائيگان شهر ڪار ونهوار ۾ رُڌل جيئري جاڳندي انساني هجومَ سان وِيرَڻون وِير تار وهي پيو.

ڊائريءَ منجهان ڪيترا ئي پَنا آئون سنڌُ جي گروءَ ڏانهن خطن جي صورت ۾ موڪليندو هئس. سنڌ واپس موٽڻ کان ڪافي سالن کان پوءِ مون انهن جي سنوار ڪري انهن کي نئين سِر لکيو اُنهن منجهان ڪجھ اهم ڏينهن جي ڪَٿا پڙهو:

## چوڏهين جنوري 1963

لڳ ڀڳ ساڍا چار هزار ڪلوميٽر جو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اج تن ساٿوئن جي سنگتَ ۾ ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا رَسيو آهيان. راتَ جي وقت هيءَ انوکي ٻوڌيشالا ڪو طِلسِماتي ماڳُ پاسي ٿي. هتي مُهاندن ۾ چينائي ۽ وِيئَت-نامِي ٻوڌي اسان جو ايئن آدرياءُ ڀيا ڪن جڻ ڪين اسان جي ازلئون انتظاري هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُوان آئمر ٻوڏيشالا چيني ۽ وِيئَت نامي ٻوڌين ۾ برابر مانائتي هئڻ ڪري منجهس تربيت هيٺ چيني ۽ وِيئَت نامِي ٻنهي قومُن جا ٻوڌِي آهن. اڄُ هتان جي هڪ وڏي ٻوڌِي تِچ ڪوانگ ڏُوڪ سان ملاقات ٿي. مون سان گڏ آيل ٻيا ٻوڌِي جيئن تہ تربيت يافتہ سينئر هئا، اِن ڪري ساڌُو تِچ ڪُوانگ کين سندن ٻيون ذميواريون بہ ٻُڌايون، پر منهنجي لاءِ هن هتي خاص تربيت ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي.

ٻوڏيشالا جو نالوڦُوان آئمر هِڪَ ٻوڌِي سَتوَ نارِيءَ جي نالي تي آهي. اُن ٻوڏيشالا جو مَرڪزي ٻُت پاڪ ڌرتيءَ جو بادشاهہ ۽ وِيئَت-نامِي ٻوليءَ ۾"آئڊيڊا ڀهات" سڏجندڙ اميتابہ ٻُت آهي. (هتي مون کي اميتابہ ٻُت جا سچا پوئلڳ مليا. منهنجو گُرو تاشِي ۽ هڪ ٻيو چيني ساڌولِي بہ ان جا سچا پوئوار هئا.

سائيگان جو ڀهريون صبح ڪيئن هوندو؟ سڄَ جي روشنيءَ ۾ ٻوڏيشالا ڪيئن لڳندي؟ نئين ديس ۾ سِکيا ڪهڙي مشق سان شروع ٿيندي؟ سائيگان شهر ڪيترو سهڻو هوندو؟ انهن مِڙني سُوالن تي سوچيان پيو. پر تمام جلد انهن سُوالن جا جوابَ ملندا ويندا!

## سورهين جنوري 1963

ڪالهہ ۽ اڄ سائيگان شهر جا انيڪ گهٽَ گهيڙَ لتاڙيا اٿئون.

سائيگان کي آئون صاف سُترن ۽ ڏوتل پوتل رستن، وڻن سان تار پريل باغن، سهڻين عمارتُن ۽ رُوح-ڪش ڪليسائن ۽ ٻوڏيشالائن جو شهر سڏيندس جتي عمارتون تہ ڪِڙيون بينل آهن پر دليون ڪُومايل آهن. وِيئَت نامر جو هي دؤر پاڪستان جي اَڄُ جي بحران کان وڌيڪ بِگڙيل آهي ۽ بُحران هر ڏينهن پنهنجا پرَ پکيڙيندو ٿو وڃي. شهر جا سمورا باغ، رستا ۽ گهٽيون، عمارتون ۽ هوٽلون ڏٺا اٿئون، اُهي سڀئي اِن تاثُرَ ۾ وِهنتل آهن. اڄ مون پنهنجي گُروءَ ڏانهن سنڌ خط لکڻ شروع ڪيو. ڪيس سنڌُ کان هيستائينءَ جي پنڌَ ۽ ٻن ڏينهن جا تفصيلَ لکي موڪليندس.

## ستاويهين جنوري 1963

سائيگان جي شامَ ۾ ڦُوان آئمر ٻوڏيشالا ڏِيئن جي روشنيءَ ۾ ايئن جرڪي ٿئي، جڻ مٿس سونَ جو مِينهُن وُٺو آهي. اڳ ئي سونهري رنگَ جا گُنبذَ جڻ سونَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مِينھَن-ڦُڙين سان تِمڪيا پئي. چانڊوڪي تہ سڄي ہوڌيشالا ڪي لازمي طور سُفيد سونَ جهڙو لباس پهرائي ڇڏيندي هوندي. پر سائيگان جي صبح کي ڪنهن بہ ديس جي صبح سان نہ تو ڀيٽي سگهجي. جڏهن سياري جي روشن صبح جو ننڍڙي ڍنڍ جي پاسي ۾ وبهي ان جي پاڻيءَ جي سطح تي چانديءَ جهڙي اَڇاڻ وِڇايل پسبي آهي. ۽ "سُوريہ-نمشڪار" يعني سِج-نمشڪار يوگا ڪبي آهي تہ ٻُڌ مت ڌرتيءَ جي رُوح تي راڄ ڪندو پاسندو آهي.

## ائين فيبروري 1963

لائوتُو گهٽيءَ ۾ آڏيل ڦُوان اَئم پگوڊا ۽ ٻوڌيشالا جي عمارت جي هڪ پاسي اندر داخل ٿيڻ جو گيٽ آهي تہ ٻئي پاسي هڪ ننڍڙي مصنوعي ڍنڍ آهي. عمارت ۾ داخلي درَ جي سامهون هڪ ننڍڙو پڌر آهي. پاسي ۾ هڪ ورانڊو آهي، جتي جيڊ بادشاهہ (قدرت جي اوائلي نمائندن منجهان سمجهيو ويندڙ چيني بادشاهہ) جو عبادتي الٽر (مقامُ) آهي. اُن جي پاسي ۾ 'تين هاوُ' (سمونڊن جي ديوي سڏجندڙ چيني ديوي) جو مقام بہ آهي.

هڪ باغ جيڪو گهٽيءَ ۾ ڳاڙهي گيٽ ذريعي الڳ ٿو ٿئي، اُتي هڪ مصنوعي ڍنڍ نما پاڻيءَ جو ذخيرو ۽ هڪ ڦوهارو آهي. اُتي چَوڌاري جابلو گهيڙَن ۾ گهيريل هڪ ننڍڙو مصنوعي ٻيٽ ناهيو ويو آهي. اُن ننڍڙي ٻيٽَ تي ڪنول جي گُل مٿان ٻيٺل چيني ديوي گُوان ين (ڦُوان اَئم ان جو وِيٽَنامي نالو آهي) جي مُورتي کُپيل آهي. ان جي ٿُوٽين تي ڪٿي فِڪري چِٽسالي آهي تہ ڪٿي اميتابہ ٻُڌ جي پاڪ ڌرتيءَ جا اصول لکيل آهن تہ ڪٿي وري اَميدايا جا چِٽرَ چِٽيل آهن. جن ۾ هو گيڙُو ۽ سُرخ رنگن جون اوڙهڙيون پهريو وينو آهي. سندس ساڄو هٿ ٻي خوفيءَ ۽ کابو هٿُ دانُ ڏيڻ وارو اشارو ڪري ٿو. سندس منهن ۽ مٿي جي چَوڌاري باهِہ جو دائرو آهي.

ٻاهرئين پڌر ۾ ڦَوان اَئم ديويءَ جي هڪ قدآور مُورتي رکيل آهي. سندس ٻنهي پاسن کا ٻوڌي سَتوَ ٻيٺل آهن. چَوڌاري ماحول ۾ لوبان ٻرڻ جي خوشبو ڦهليل آهي. ڦُوان اَئم جي چهري تي گهري مُرڪ آهي. سندس ساڄو هٿ هدايت ڏيندڙ انداز سان ڪنيل آهي ۽ کابي هٿَ ۾ هڪ ننڍڙي صُراحي جهليل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ ڏکهي جيون لاءِ آبِ حيات نما شربت پيل آهي. ٿورو پري اراهنت يا اَرهت ٻُڌَ (وِيئَت_نامِي ۾ لاهان) جي مُورتي بہ آهي.

ائين ڊائريءَ جا پنا ويا پٽي پربا.

گهمڻ ڦِرڻ پورو ٿيو تہ منهنجون سخت تربيتي مَشقون شُروع ٿي ويون. جن منجهان منهنجي پهرئين تربيتَ جو محور مُشاهدو هو. هي مُشاهدو مون لاءِ هڪ عجيب تجربو ڪٿي آيو. مون کي ڏينهن جا ڪيترائي ڪلاڪ ڪنهن سان بنا ڳالهائي رهڻو پوندو هو. آئون ٻوڌِيشالا ۾ هجان يا ٻاهر شهر ۾ ڦِرندو هجان. مون کي پسڻو سڀ ڪُجهہ هو غور لازمي ڪرڻو هو پر ڪُڇڻو ڪين هو! اِن تي تفصيل سان آئون توکي ايندڙ خط ۾ لکندس.

جيئن اڳ ۾ لکيم تہ سائيگان جو هي دؤر پنهنجي بدترين سياسي ماضيءَ ۽ حالَ جي پيچيده ۽ عالمي آپيشاهيءَ جي ورَ چڙهيل صورتحال وارو هو. ملڪ ۾ هر مڪتبہ فِڪر جا ان ماحول بابت چوبولَ هئا. ان صورتحال کي ڏسندي ٻوڌِين بہ پنهنجي ڀرپور راءِ سامهون آندي ٿئي.

اسان نون ڀِڪشوئن جون جيئن تہ مشقون سخت هيون، ان ڪري ملڪي سياست جي موضوع توڙي ان تي ڳالهائڻ وارن سان اسان جي ڏيٺ ويٺ هفتي ۾ فقط هڪ ڏينهن تڏهن ٿي سگهندي هئي، جڏهن اسين شهر جي ڪنهن ٻي ٻوڌِيشالا ويندا هئاسين. جتي ٻوڌِجا پاٺَ ڪان پوءِ ان موضوع تي لازمي ڪچهري رکيل هوندي هئي تہ ٻُڌَ مت جي جياپي لاءِ ۽ ڪَئٿوليائي رياست طرفان ٻوڌِين جي نسل ڪشي خلاف تحريڪ کي ڪيئن سگهارو ڪجي.

مون سان گڏ آيل تربيت يافتہ ٻوڌِي نہ رڳو اُن هفتيوار گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هوندا هئا. پر هو ان مسئلي جي حوالي کان ٻين سرگرمين ۾ بہ رُڌل هئا. جن کي مون جُون مهيني کان پوءِ سمجهيو. سائيگان جي تاريخَ جو بدترين ۽ لِڱ ڏڪائيندڙ مهينو... تاريخ در تاريخ واقعا ٻُڌائيندس پر جُون مهيني واري ڪَتا لکڻ لاءِ مون کي لوهي سگهہ گهرجي، پانڌيا!

جيئن مون مٿي بہ لکيو تہ اسان نون ٻوڌِين جي تربيت ڪافي سخت هوندي هئي! اسين ڏينهن جو گهڻو وقت تہ اُن ۾ رُڌل هوندا هئاسين. ٻوڌِيشالا اندر ويهارو کن نوان ۽ پراڻا ٻوڌِي رهندا هئا. جيڪي مشقُن ۾ رُڌل رهندا هئا. ڀِپر، نِمَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻڙ جي وڻن واريءَ هن ٻوڏيشالا ۾ لڳ ڀڳ هر وڻ هيٺ ڪو نہ ڪو ٻوڌي ڏيان جي مشقن ۾ رُڌل هوندو هو.

مون کي ساڌو تاشيءَ چيو هو تہ آئون هر شئي، لقاءَ، ماڻهن جي ماٺ، گفتگوءَ ۾ سندن ڪار وهنوار جو مُشاهدو ڪريان. ياد ٿو اچيم تہ ڦُوان آئم ٻوڌيشالا ۾ انهن ٽن سالن جي تربيت ڪري جڏهن سنڌ موٽيس پئي تہ مُنهنجي ڪليل اکين سان مُشاهدي واري مشق ايتري تہ پُختي ٿي چڪي هئي جو بند اکين سان مُشاهدي دوران بہ آئون هر آواز ۾ وکن ڪڃڻ جي انداز مان سمجهي ويندو هئس تہ ڪير اچي وڃي پيو. جيئن تہ پنهنجي ڌيان جي مشق بابت لکيو تہ هوا جي گُهلڻ ڪري مختلف وڻن جي مخصوص پنن منجهان نڪرندڙ مخصوص آوازن کي تہ الڳ الڳ ڪري سمڌو ٿئي. سمجهہ جو اِهو مرحلو تمام گهڻن ڪشالن کان پوءِ ايندو آهي، پاڻڌيا منهنجي خيال ۾ تہ اِن مهارتَ تي گهربل وقت کان اڳ ئي قُدرت ماڻي ورتي آهي.

هفتي جا ٻہ ڏينهن ڇڏي، جن مان هڪ ڏينهن ڪنهن ٻي ٻوڌيشالا وڃون ۾ ٻئي ڏينهن ڪو وڏو ڄاڻو ٻوڌي ڦُوان آئم اچي اسان جي تربيت ڪري، باقي پنج ڏينهن منهنجو روزانو جو تربيتي ڏينهُن هيئن هوندو هو:

صبح جو پنجين وڳي اُٿي، گرو تاشيءَ سان سڀ نوان ڀڪشو گڏجي سِج-نمشڪار ڪندا هئاسين. ان کان پوءِ ساهن واري مشق پراڻيام ڪبي هئي ۽ پوءِ ڌيان! سج-نمشڪار سان پنجن منٽن اندر ئي اسان جي ٻُتن ۾ سائيگان جي جنوري رِجڻ شروع ٿيندي هئي، ٻُت جيڪو سج-نمشڪار کان اُڳ سيءَ ۾ سياٽا ڏيندو هو سو پگهر ۾ شِمر تي پوندو هو. فجر مهل سَندَن جو ايئن ڪُلڻ ۾ ماٺار جي اونهائين ۾ پيهي ويل جيئرن وُجُودن جو سِج کي ايئن ڪَنِن مشقُن ذريعي سلام جسم جي سَندَ سَندَ توڙي وُجود کي پيون کوليندو هو. هڪ هڪ آسڻُ جڻ تہ سَندَ سَندَ جي سنوارَ لاءِ نهيل هو... وُجُود کي اڻ مَئِي تسڪين ملندي هئي.

سائيگان مون لاءِ اُهو طلسماتي شهر هو جتي پنهنجي ننڍي وهيءَ ۾ انيڪ نيون شيون پهريون ڀيرو ڪيون هئم. ٻوڌي تربيت جي نَوي سيڪٽر روشناسي ورتم. سائيگان ۾ منهنجي تربيت بابت ڇا تہ چوان! بس اِن مان سمجهہ تہ آئون جيڪر ڪجهہ بہ اڄُ آهيان، ان جا ڏانچاتي بنيادَ سائيگان ۾ پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ ٻوڏيشالا جيان ڦُوان آئمر جا بہ پنهنجا جَهلَ جا اُصول هئا: جن ۾ چوري ڪرڻ، ساهوارو مارڻ، جنسي سرگرميون ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، دوکو ڏيڻ، نشو ڪرڻ ۽ مادي شيُن لاءِ هٻچ ڪرڻ شامل هئا.

۽ ها رات جو انين کان پوءِ مڪمل، مُطلِق ماٺَ لازمي هئي.

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ مون لاءِ هفتي جا پنج ڏينهن ماٺ جو مُشاهدو شروع ٿي ويو هو. شروع ۾ مون کي ماٺ رهڻ اڻ ٿيٽي لڳندو هو. اسين سيئي سڄو ڏينهن رڌٽي کان ونى صفائيءَ جي ڪِرتَ ۽ ٻيا ڪارَ هڪٻئي سان ونڊي پورا ڪندا هئاسين. ڪم ڪار مهل اهي ٻوڏي جيڪي ماٺ مُشاهدي ۾ نہ هئا سي ٻيا ڪچهريون ڪندا هئا، انهن جي ڪچهريءَ تي ڪوڙ پيرا ايئن ٿيندو هو تہ ڪِن ڳالهين تي دل اُتلي ايندي هئي تہ ڪجهہ ڳالهائجي. سندن خيال کي رد ڪجي يا اُن جي ساراهہ ڪجي، اُن تي راءِ ڏجي، پنهنجي سوچَ ٻُڌائجي. پر ماٺَ کي ايئن ٽوڙڻ وڏو خطرناڪ ليڪو لتاڙڻ برابر هوندو هو.

مون کان اِها چُڪَ ڪيترا ئي ڀيرا ٿي، مثال طور ڪنهن ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري ڇڏي جنهن مون کي موهيو يا نہ موهيو ۽ آئون پنهنجو احساس ڳالهائي ويهي رهيُس. يا مون ڏٺو تہ رڌڻي ۾ ٻلي ڪيرَ ۾ مُنهن وِجهڻ واري آهي ۽ مون ڪيس هڪل ڪئي. رستي تي ڪو حادثو ٿيو تہ مون کان خوف مان رڙ نڪري وئي، وات ويندي ڪنهن اڻ ڄاڻ مون کان ڪجهہ پُڇي ورتو ۽ مون جواب ڏئي وِڌو انهن مڙني صورتن ۾ مُشاهدي جي مشقَ ٽُٽيو ٿئي پئي.

پر وقت سان گڏ منهنجي تربيت ٿيندي وئي، پوءِ آئون جيڪو بڻجندو ويس، اُهو تہ خود مون لاءِ بہ عجب جو مقامُ هو. مون کي ياد آهي تہ ان تربيتَ کان پوءِ ڪنهن ڏکوئيندڙ خبر تي اچانڪ ڇرڪ پرڻ، رڙ ڪرڻ يا وري اچرجَ منجهان اکيون ڦاڙڻ، اهي سڀ ردعمل منهنجي جيون مان هڪ مرحلي تي اچي جَهڙوڪر گُم ٿي ويا.

هڪ پاسي تاشِيءَ سان طويل ڪچهريُن منهنجي دل ۽ ذهن جا بند دروازا کوليا ٿئي تہ ٻئي پاسي ماٺ مُشاهدو مون کي هڪ نئون رويو سيکاري رهيو هو جنهن ۾ ڪمزور ترين لمحن ۾ صبرَ جي اِنتها اختيار ڪرڻي هئي. خبر نہ ٿئي پيم تہ منهنجي ڏِيان ۾ پراسرار مُشاهدن جو سبب تاشِيءَ سان عِلمي ڪچهريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. يا سخت گير ماٺ قائم رکڻ جي مُشاهدي جي مشقَ هئي؟

مون تہ اُن ماٺ دوران تاشِيءَ جو بہ گُوڙهو مُطالعو ڪيو تہ ٿي. تاشِي حيرتن جو ڀنڊارُ تي چڪو هو. هو مڪمل ڀِڪشُو بنجي چڪو هو. مون کي ٽَتاگتا جي هن عاشقَ جي سَنياس تي اچرج وٺندو هو. سموري ڏينهن ۾ مشڪل سان هڪ يا ورلي ٻہ ويلا کائيندو هو پر چئن يا پنجن گرنهن کان پوءِ سندس هٿ بيهي ويندو هو.

تربيتي ڪلاس ۾اسان کي جڏهن گوتم ٻُڌ جي جيون ڪٿا ڏسيندو هو تہ ياسندو هو جَهڙوڪَر هو پاڻ بہ گوتم جو ئي عڪس بڻجي چُڪو هو. گوتم ٻُڌ. جنهن سُلطاني ٻار هوندي بہ پنهنجي بادشاهي راڄَ ڀاڳَ وارو جيون ڇڏي شروعاتي ڇهہ سالَ تہ ٻنهہ اوکو جيون گهاريو هو. جنهن ۾ هن پنهنجو مٿو ڪُوڙي، ٻُکُون ڪاٽي پنڌن ذريعي سرگرداني ڪئي. تاشِيءَ جو جيون بہ ويهين صديءَ ۾ ڪجهہ ايئن ئي گذريو هو هو ملڪ جي سگهاري سياسي خاندان جو حصو هو. پر کيس مَحلاتي سهولتُن بدران ٻوڏيشالائن جا پِيِر جا وڻ وٺيا ٿئي. هن کي سَنياس جي ٻُکَ ۾ ترنگ اچي ويو هو. يوگا جا جسماني ور وڪڙ سندس جيون بڻجي ويا هئا.

ڏِيان جا مُشاهدا سندس لاءِ سياسي پروٽوڪولن کان وڌيڪ حسين هئا. اهڙي ماٺهوءَ جي ساٿَ منهنجي شعور کي نئدي وهيءَ ۾ ئي ڏاهپ جي چيٽيءَ سان ڇلي مون کي نئون ماڻهو بنائي ڇڏيو هو.

تاشِي ۽ آئون ساڳيون جسماني ۽ ذهني مشقون ڪرڻ جي باوُجود بہ مختلف مقصد رکندا هئاسين. مثال سنڌ ۾ منهنجي تَربيت ڪار ساڏوءَ وٽ اهي مشقون ڪرڻ ان ڪري لازمي هيون جو اهي ذهني ۽ جسماني ڏِيان ۽ صحت لاءِ گُهربل هيون. شعور سازي، جسم سازي، رُوح سازي وغيره ماڻڻ لاءِ گسُ ئي اهي مشقون هيون ۽ اها ئي عظيم ٽَتاگتا جو ڏسيل واٽ هئي.

پر تُوان اَئم ٻوڏيشالا جا ڪيئي ٻوڌي ٻڌ مول تاشِي ان تي ويساهہ رکندا هئا تہ سَنياس ڪرڻ سان جادوئي وجدان اچي وڃي ٿو. اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان متاهين هئي. ان ڪري جو سنڌ ۾ اسان کي پرَڪِرتيءَ سان ڀِڳتي ۽ نينهنَ بابت تصور سيکاريا ويا هئا. جيڪا اصلي ۽ سچي قدرت رکندڙ هئي. انهن مِڙني فَرقن جي ڪري بہ منهنجي سائيگان ۾ سِکيا اَمُلهہ هئي جو مون ٻنهي خِطن جي ٻوڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڪيائُن ڪي پيتي ڏنو پئي. مون ڪي ٻنهي جي ميلاپ ۾ ٺي پُورڻتا نظر آئي. فطرت پسنديءَ ۽ نہ نظر ايندڙ قوت جي سَگهہ جي فطرت تي قُدرتَ هجڻ.

ٻوڏيشالا ۾ رهندڙ مڙني ٻوڌين سان منهنجي ويجهڙائپ هئي، پر گهري سنگتَ تاشِيءَ ڪان پوءِ هِڪ ٻئي ٻوڌِيءَ خوان لي سان جُڙي. جيڪو چينائي هو. سڀ ڪيس لِي ڪوئيندا هئا. هو ڪڏهن پگوڊا جي سامهون واري مصنوعي ڍنڍَ جي ڀَرَ ۾ يا ڪڏهن وري چينائي بادشاهہ جيڊ جي عبادتي جاءِ پرسان وينو ڏِيان ڪندو هو. سندس ڌِيان طويل هوندو هو. آئون تہ مختلف موقعن تي انيڪ ڀيرا پنهنجي ماٺَ جو مشاهدو توڙي ويهندو هئس پر لِيءَ جو ڌِيان ٽُٽڻ مُمڪن نہ هو. چاهي چَوڌاري اچانڪ گهمسان بہ ڇو نہ شروع ٿي وڃي.

منهنجو محبوب مشغلو سندس ڌِيان مهل ڪيس سانتيڪو تڪڻ بہ هو. سندس بُت تي گيڙُو لَٽو لڳندو هو جڻ ڪنهن ڀِجري تي ٽنگيل آهي. هو ٻِنهہ سنهڙو هو پر سندس سنهڙي چهري تي سِج جي لالاڻ جو سبب ٿانئيڪائي، طُمانيتَ ۽ يوگياڻي جَهلَ هئي. جيڪا تربيتَ هيٺ سَنياسي تہ پنهنجي لڳاتار ڪشٽَ ۽ جذبي ڪان پوءِ ماڻي سگهندا آهن پر عام بشرَ جو اُنَ جَهل ڪي سوچڻ سان بہ ڌِيلُ ڏڪندو آهي.

مثال طور زمانو ڏسندو آهي تہ ڪنهن دولتَ ڌَنَ جي لوڀيءَ جي لهجي ۽ سُياءَ ۾ ڪيئن آهنڪار بڪندو آهي پر جيڪو فخُر ۽ جيڪا ماڻِتا جي تسڪين هڪَ يوگيءَ، ڀِڪشُوءَ يا ٻوڌِيءَ جي مُکَ ۽ پيشانيءَ تي هوندي آهي، سا تہ بي مثال هوندي آهي. تيئن ئي لِيءَ جي چهري تي روشن صبح جا اولڙا پيا نظر ايندا هئا. آئون ڪم هجي يا نہ سندس اوسي پاسي پيو ڦرندو هئس تہ جيئن سندس هڙئي مشقون، رويا، گُفتا پَسي ۽ ٻُڌي سگهان.

شروع شروع ۾ تہ آئون حيران ٿيندو هئس، جڏهن ڪيس جابلو گهيڙن جي وِچ ۾ ڪنول جي گل تي بيٺل گُوان ين جي مُورتيءَ ڪي دير تائين تڪيندي ڏسندو هئس. جڏهن هڪ ڀيري مون نوٽ ڪيو تہ هو لاڳيتو بہ ڪلاڪ مصنوعي مُورتيءَ ڪي اُيي پيرين بيٺو تڪيندو رهيو هو.

هڪ ڀيري ساڌو ساڌو تاشِيءَ ڪان پُڇيم تہ هي آخر ڇا پيو تڪي ديويءَ جي مُک تي؟ سو بہ ٻن ڪلاڪن ڪان بيٺو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاشِيءَ مُرڪندي وراڻيو هو تہ هي ڊِيان ۾ رُڌل آهي. مون کي ياد آهي. اُن جواب تي مون اچرج مان سوچيو هو: بَلي! اهڙو ڊِيان؟! ان کان سواءِ لِيءَ جي اُن ڪليل اکين واري ڊِيان کي ڏسي شروع شروع ۾ تہ مون کي ان ڪري بہ اچرج ورتو هو جو مون فقط بند اکين وارو ڊِيان ڪيو هو.

پيارا پانڊِيا! ياد ڪر. جيئن تو سنڌ واري ڀوڊِيشالا جي ڀوڊِي شنڪر جو مثال ڏنو هو تہ هو يوڳ ۾ چوندو هو تہ ڪپالواتي ڪندي ڪيس چِنُ پئجي ويندو آهي. تيئن ئي سچ پچ مون کي بہ پاسندو هو تہ ساڌو لِي کي ڪا غيبات ورتل آهي، يا وري هو ذهني توازن وِڃائي وينو آهي. اهو آئون تڏهن سوچيندو هئس جڏهن هو "تائي چِي" پيو ڪندو هو يعني ڀِنهہ آهستي حرڪت. سِلو موشن ۾ رقص جيان. سندس اها حرڪت هڪ ڪان بہ ڪلاڪ پئي جاري رهندي هئي. يا وري ڪڏهن هو پندپهڻ تيو بينو هوندو هو.

مون کي ياد آيو تہ ننڍپڻ ۾ اسين هڪ راند ڪندا هئاسين جنهن ۾ راند دوران هر ڪنهن کي واري واري سان پٿر جو تي بيهي رهڻو هوندو هو. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ اُن حالت ۾ آئون رڳو پندرهن سيڪنڊ بيني ۾ ئي سخت بيزار تي پوندو هئس پر لِي تہ مَشقُون ڪندي ڪلاڪَ ڪان مٿي بيهي ويندو هو. پوءِ ڪنهن بئي پَهر ۾ جڏهن ڪيس عام ماڻهن جيان بين ڀوڊِين سان پُرجوش انداز ۾ ڪچهريون ڪندو ڏسندو هئس تہ لڳندو ئي نہ هو تہ ڪو هي اُهو ساڳيو درويش آهي!

لِي منهنجي سوالن سان پريل حيران اکين کي پڙهي ويو هو. ان ڪري مون کي ڏاڍو پائيندو هو. مون کي پيار منجهان وِيئَت نامي بوليءَ ۾ ڳون۔سَوڪ (نوريئڙو) سڏيندو هو چوندو هو "اڙي نورِيئَڙا! تنهنجو مُشاهدو ڪهڙي جهانَ رَسيو؟" جوابَ ۾ آئون بس مُرڪي پوندو هئس.

پر مون وٽ اُن وقت فقط سُوال هوندا هئا! مثال. آئون تاشِي ۽ لِيءَ کان پڇندو هئس. "اسين سَنياس چو ونون؟" ڦُوان آئم جي مُورتيءَ وٽ بيهي تاشِيءَ کان پڇندو هئس تہ "آخر هڙئي ڀوڊِي سَتوَ ساڻ ڪنهن نہ ڪنهن مَٿ جي صُراحي چو تا کڻن؟" چو تا ڪجهہ نہ ڪجهہ آچين؟ مثال يَئساجيہ گرو ڏکن ۽ بيمارين جو دارون صُراحيءَ ۾ پري تئي هليو. اميتابہ ٻُڌ جي صُراحيءَ ۾ اَمر جيونَ جو مشروب هو ۽ نارِي ڀوڊِي سَتوَ ڦُوان آئم جي صُراحيءَ ۾ جيئدانَ جو شربت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنيل هئي... سوچيندو هئس ته هي هر اُن سَڏَ ۽ سگهه جو مشروب چو ٿا ڪٺي هلن جنهن ڪي ماڻِهِ لاءِ انسان ماندو آهي؟ اُهو مشرُوب وٺن ڪٿان ٿو اچي؟ مون کي انهن سُوالن جا آهستي آهستي جوابَ ملندا ويا.

يا وري آئون لِيءَ ڪان پچندو هئس ته آخر ٻوڙي وِيئَت نام جي سياست ۾ ڇو ته حصو وٺن؟ هي اُهو دؤر هو جڏهن پاڪستان ۾ ايوب خان کي آئي هڪ سال ٿيو هو محمد علي بوگره جي جاءِ تي اينڊڙ پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀُٽو هو. ملڪي سياست ۾ تڏهن پاڪ ڀارت جنگ بابت اُڻ تُڻ هئي. تڏهن به سنڌي ٻوڙين اُن تي ڪن نه ڌريو هو. هو پنهنجي دنيا ۾ گم هئا. سندن ته دنيا ئي الڳ هئي.

پر وِيئَت نام جي ٻوڙين جا هڪ ته رنگ ئي پنهنجا هئا. ٻيو مٿن جبر ۽ ڏاڍَ جون حالتُون به اهڙيون اچي پيون هيون. جن ڪين ٻوڙيشالائن مان ڪڍي اچي رستن تي بيهاري ڇڏيو اُتي به انهن پاڻ ملهائڻ جا تو ٿئي.

پر پنهنجي بنيادي تربيتَ سنڌ ۾ ٿيڻ ڪري ڪافي وقتَ تئين مون کي ٻوڙين جو سياست ۾ ٻهرو ٻڌ مَت سان اُبتي نِسبتَ ۾ پاسندو هو. ان بابت آئون تاشِيءَ سان به ڪافي ڳالهائيندو هئس. تاشِي اڪثر مون کي چوندو هو ته سُوال پلي پُڇ. ۽ انهن کي لِڪ پيي. پر حتمي جوابن لاءِ اُڻ تُڻ نه ڪر. اُهي شايد ڪڏهن ملي پون پر حقيقت ۾ ڪي به جواب حتمي نه هوندا آهن. حالتن ۽ ڪيفيتن آهر حتمي محسوس ٿيندا آهن.

اينڊڙ مهينن ۾ ڪي ته اهڙا به واقعا ٿيا. جن منهنجي انيڪ سوالن جا جواب هڪ ڌڪ ۾ ئي ڏئي اُنهن لاءِ منهنجي اندر جي سرگرداني سدائينءَ لاءِ ماٺ ڪري ڇڏي. توکي هن ئي خط ۾ مٿي به لکيو اٿم ته هڪ واقعي کي لکڻ لاءِ مون کي لوهي لِڱ گهرجن! سچُ اهو آهي ته جيئن ته آئون هَڏَ ماسَ جو هئس. ان ڪري اُهو واقعو پنهنجي ڊائريءَ تي به نه لکي سگهيو هئس!

اُن واقعي منهنجا لِڱ ڪاٺاري مون کي هفتن تائين پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو هو. ياسِيو هئم هڏَ ماهَ جو هوندي به پٿر جو ٿي پيو هئس. جي ڳيا ڳيا ٿيان ها. تڏهن به منهنجي مُنجَمِد جسم مان رتَ-ڦُڙو به نه نڪري ها. ڪيترا ئي ڏينهن پنهنجي وُجُود ڪان بي خبري هئم. ياد نه هئم ته ٿَن تي چا پاتل هئم. ڪٿي هئس. چا ڪاڏم ۽ چا نا! جيون ۾ اهڙي بيخبري نه اڳ نه وري ٻيهر ڪڏهن مليم! ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن ڪان پوءِ وِيئَت نامي ٻڌ مَت جي پوئواري ڪندي مون بہ ٻڌ مت جي رُوح ۾ انيڪ تبديليون آڻڻ جي خواهش ڪئي هئي!

مون تڏهن ئي طئہ ڪري ورتو تہ نظريو يا فلسفو ڪٿي ڪهڙو بہ هجي، ويندي عقيدو ڇو نہ هجي، اُن کي لازمي طور عمل جي ميدان ۾ آڻجي تہ جيئن اها پرکَ ٿئي تہ اُهو تصور سماجَ ۾ هلڻ جي ڪيترو قابل آهي، اُهو سماجَ کي اڳتي وٺي ٿو وڃي يا پوئتي ٿو ڌِڪي؟ سماجَ ۾ اَمُنَ جو پيامبر ثابت ٿو ٿئي يا اُن ۾ ڏَڦيڙَ جو ڪارڻ ٿو بڻجي؟ جي منفيتَ جو سبب بڻجي ٿو تہ پوءِ اُنَ تصور ۾ تُرت وڏي پڻماني تي تبديلي آڻجي يا منجهس داخلي بگاڙ جي لازمي صورت هجي تہ اُن جو خاتمو ڪجي، فِتنو وجهندڙ تصورن کي سماج ۾ رهڻ ڏِبو تہ سماجَ جو امُن، حُسن، ۽ آشِتي جِتاءِ نہ ڪري سگهندا! بِگڙيل سماجن جا مثالَ تہ تو وٽ ضرور هوندا؟

جنهن سماجَ ۾ نظريا پرکجڻ کان سواءِ لاڳو ٿين. اُهو سماج پس و پيش گهڻ۔طرفي بحران جو شڪار ٿيندو. اهو تون اڄ جي دنيا جي سماجن جي مثالن مان بہ سمجهي سگهين ٿو تہ ڪيترا ئي متروڪ نظريا مُلڪي نظامن ۾ لاڳو ٿيل آهن. جن پٺي انساني قسمت تي بدبختيءَ جي مُهر هڻئي آهي. اهو ٻڌ مَتَ جو خاص الخاص ۽ مُک موضوع هجڻ گهرجي تہ ڪهڙا نظريا سماجَ ۾ ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿي لاڳو ٿين يا نہ ٿين؟ هر نظريي جي پرکَ لازمي آهي، پلي اُهي ٻڌ مت جا نظريا ئي ڪٿي ڇو نہ هجن. انهن کي پنهنجي دؤر جي موجُوده سماجَ ۾ پنهنجو منطق ۽ وقارُ مڃائڻو پوندو! هي قصو پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "جهونو ساڌو"**

ڪنهن پوڙيشالا ۾ هڪ جهونو ساڌو نٿهڻ اُس ۾ ٻهارو ڪڍي رهيو هو تہ هڪ نئين ۽ نوجوان پوڙي اچي ڪانئس عجب منجهان پُڇيو. "تنهنجي عُمر ڪيتري آهي؟"

ساڌوءَ نهنائيءَ سان وراڻيو. "چاهتر سال."

موٽَ ۾ بي يقينيءَ مَنجهان نئين پوڙيءَ چيس: "تون تہ جهونو آهين. پوءِ تون ايڏو ڪم ڇو ٿو ڪرين؟"

ساڌوءَ ان ئي نِوڙتَ مان وراڻيو "ان ڪري جو آئون هِتي آهيان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان ٻوڙيءَ ويتر ڏک ۽ عجب ڀريل آواز سان چيس. ”ها، پر تون هن تَتل سڄَ هينئان ڇو پيو ڪم ڪرين؟“

ساڏوءَ چيو ”ان ڪري جو تَتل سِڄُ ٻه هِتي آهي.“

سو پنهنجي سائيگان واري مُشاهدي ڪان پوءِ مون سِکيو ته دنيا جي سماجن ۾، غلط يا صحيح، جيڪي ڪجهه به موجُود آهي، ٻوڙي توڙي دنيا جي ڪنهن به فِڪر جا ماڻهو ان کان ڪيئن ٻَچندا؟ سماج به هتي آهي، سياستَ، معيشتَ به هتي آهي، ٻک سک، ڏاڍ توڙي امن به هتي آهي. اهو سڀ انساني ۽ سماجي آهي، جيڪو به ڪجهه انساني ۽ سماجي آهي، اُهو ٻُڌ مت جو حصو آهي. ان تي ٻُڌ مَت پنهنجي راءِ رکندو، پنهنجو موقف طئہ ڪري سماجَ ۾ اعلانيہ سامهون ايندو.

سو پانڊِي، وِيئَت نام جي اهڙين حساس ترين حالتُن ۾ تڏهوڪي سائيگان ۾ منهنجي تربيت ٿي رهي هئي، هڪ پاسي ماڻ منهنجي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي انداز کي اندران ئي اندران نئين سِر اُٿيندي ٿئي وئي، ته ٻئي پاسي سماجي حالتون منهنجي داخلي ۽ وُجُودي اڏاوتَ ڪري رهيون هيون. اُن وقت ته خبر نہ ٿئي پئي ته اُن داخلي توڙي خارجي اُٿت کان پوءِ مُنهنجي شخصيتَ جي ايندڙ صورت ڪيئن هوندي، مون جَهڙوڪر ذروذرو ڪري ڪو اَمُلهہ خزانو ڳَنو ڪيو پئي. جنهن جا مادِي ڏِکَ ته آئون ڏيکاري نہ ٿئي سگهيس. پر محسوس ضرور ڪيم ٿئي ته هر لمحي ۾ گڏ ٿيل جاڻ ۽ مُشاهدي جو هر ذرو مون ۾ پيهي مون کي نئين سِر اَڏي رهيو هو. آئون نئون انسان ٻڻجي رهيو هئس. جَهڙوڪر ٻُڌ مَت هڪ اهڙي ماءُ جيان هو جيڪا منهنجي رُوح جي مِٽيءَ کي نئين سِر ڳوهي مون منجهان ئي هڪ نئون ماڻهو ٺاهي رهي هئي.

اهو ئي سبب آهي ته جيون جي انيڪ پنڌن دوران مون ڪيترا ئي ماڳَ ڏٺا ۽ گهميا هوندا. جتي مون تربيت ورتي هوندي پر انهن جي ڀيٽَ ۾ سائيگان سان منهنجو واسطو ئي يگانو آهي. سائيگان مون ۾ منهنجي رُوح جي ئي ڪنهن حصي جيان جڙيل آهي. شايد ان ڪري به جو سنڌ کان پوءِ منهنجي تربيت جو ٻهريون پرڏيهي گهر سائيگان بڻيو هو. ان کان پوءِ آئون دنيا ۾ جتي جتي به ويس، سائيگان سنڌ جيان ئي منهنجي يادن ۾ رهندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاشِي ۽ لِي مون کي مُشاهدي بابت کوڙ سارا خيال ٻُڌائيندا رهندا هئا. مون لِي کان تائي-چي بہ سکي. اُنهن جي ڏَسيل مِڙني طريقن سان گڏ، پنهنجي مُشاهدي ۾ آئون نيون نيون اتڪلون بہ شامِل ڪندو هئس. مثال طور هڪ پيري ساندهہ بہ ٽي ڏينهن پکين جو مُشاهدو ڪندو رهيو هئس. سندن آکيرن کان وٺي، سندن چوڳي، آوازن، رنگن ۽ ٻولين تي غور ڪيو هئم! ان کان پوءِ زمين تي رڙهندڙ ننڍڙن جيت جَڻين تي غور ڪيم.

تاشِيءَ منهنجي اِن ڪارَ تي ڏاڍا پوڳ ڪيا. سندس ڊائريءَ تي هن مون بابت ڏاڍي مزي جي شئي لکي، جيڪا هن مون کي پڙهائي تہ مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ بہ نوٽ ڪري ڇڏي هئي. هن يارهين اپريل 1963 تي ڊائريءَ ۾ لکيو: "سنڌي ٻوڙي سچو ڏينهن مِٽيءَ کي پيو چِتائي، بيخبر ماڻهو سمجهندو يا تہ سندس ڳَلَ تِڙيل آهي، يا سونَ-ذري ڪا پٽَ تي ڪِري گُم ٿي وئي اٿس. ڪير مڃيندو تہ هيءُ ڍِيان جي نالي ۾ جيتَ جڻين سان راهَہ رسمَ وڌائڻ ۾ مگن آهي؟ مجال آهي جو سندس انوکو ڍِيان ٽُٽي."

تاشِي منهنجو براهِ راست تربيت ڪندڙ هو آئون وڏَ ۾ وڌ سندس ساٿَ ۾ رهيس تہ سندس سچو مُعتقد بڻجي ويس. چاڪاڻ تہ پانڊِي جيئن مون اڳ بہ توکي لکيو تہ هو مون کي ٽَتاگَتا جو سچو پَچو اولڙو لڳندو هو.

جڏهن مون تاشِيءَ سان پهريون ڀيرو پنهنجي ارتڪاز ۾ پرَڪِرِتِيءَ جي بين لقائن سان گڏ پکين، جيتڙن کي بہ شامل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ هن پُڇيو تہ ان قسم جي ارتڪاز مان ڪهڙو مقصد پرائڻ هو؟ هو منهنجي جوابَ تي بيحد حيران ٿيو هو. مون کيس ٻُڌايو هو تہ هر شئي علم آهي، جي اُن کي علمَ بدران هڪ عام لقاءُ ڪري ونبو تہ وڏو غلطان ڪبو. ايئن ئي هر ڪيل ڳالهہ ۽ ڪم ڪار بہ علمَ جي ذُمري ۾ اچي ٿو. پرَڪِرِتِيءَ جو هر لقاءُ پنهنجي وُسعت ۽ گهڻ پهلوئي ڳُڻن ڪارڻ ان قابل آهي تہ ان کي علمَ جيان سمجهجي. تاشِي اِهو جواب ٻُڌي حيرانيءَ منجهان مون کي ڪي پلَ تڪيو هو ۽ نيٺ مُرڪي پيو هو. سندس ماٺَ ۽ مُرڪ سان پريل نِهار اڄ بہ ياد اٿم.

اِهو سچ هو پکين تي منهنجي اِرتڪاز مون تي پرَڪِرِتِيءَ ڏانهن کُلندڙ هڪ بند گهٽي کولي ڇڏي هئي. اها تہ مون کي پوءِ خبر پئي تہ اُن بند گهٽيءَ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُلندڙ پيا بـ انيڪ گَس هئا. جيڪي منهنجي مُشاهدي ۾ ايندا پئي ويا. پريان هڪ نئين دنيا هئي، جنهن ڏانهن ڳَڙڪي کُلي پئي هئي. ڦُوان اَئمر ٻوڊِيشالا جي وڻن ۾ انيڪ پکين آکيرا ڪيا هئا.

منهنجا مَن ـ پسند پکي ڪبوترَ هئا. ۽ هڪڙو چندولِ پکي جيڪو مهمانن جيان ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو. اُن تي ڪنهن بئي پيري لکندس!

ٻوڊِيشالا ۾ ٻِن جاين تي پکيئڙن لاءِ داڻي ۽ پاڻيءَ جا مِٽيءَ جا وڏا ٿالهَـ نُما ٿاڻَ رکيل هوندا هئا. هڪ ڦُوان اَئمر جي مُورتيءَ وٽ ۽ ٻيو مصنوعي ٻيٽَ تي.

ٻنهي جاين تي پکين جي ولرن جا ولر اچي لهندا هئا پر انهن مِڙني پکين ۾ ڪبوتر نمايان هوندا هئا. اُهي ٻين پکين کان پنهنجو الڳ پاسو رکندا هئا. ٻوڊِيشالا جي هڪ وڻَ تي تـ جَهڙوڪَر راڄ ئي ڪبوترن جو هوندو هو. هو داڻو چُڳِي وڃي اُن وڻ تي ويهندا هئا. سندن انگ ايترو تـ گهڻو هوندو هو جو ٽارين تي پَنن کان وڌيڪ ڪبوترَ پيا نظر ايندا هئا. جڻ وڻن جي لامُن مان ڦُٽي نڪتا هُجن. سندن گڏيل آوازن جا غوغاءَ هلڪڙا پڙاڏا پيا ڪندا هئا. جنهن سان ڪي پَهَر تـ پاسندو هو جَهڙوڪَر ٻوڊِيشالا جا اصل رَهواسي ٻوڊِي نـ، پر پکيئڙا هئا.

سندن اصل رهائش روشندانَ ۽ بند درين جون وسيع چائنُون هونديون هيون، پر مون ڏٺو تـ هڪ ڪبوتر جوڙي پنهنجو آکيرو وڻ ۾ ٺاهڻ شروع ڪيو هو. غور ڪيم تـ گهڻو ڪري مادِيءَ ئي آکيري لاءِ ڪَکَ پنَ آندا پئي، نَر چوڳو آندو پئي. انسانن سان رهي رهي شايد پکي بـ ٿورا ٿورا ماڻهوءَ جهڙا بڻجيو وڃن ٿا؟ يا فِطري طور هر صنفَ يا جِنس جو مُک ڪِردار طئـ ٿيل آهي؟

جيتوڻيڪ ظاهري طور پکين ۽ ماڻهن ۾ فقط جِبلت جي هڪجهڙائي آهي. هو ڪاڏِيئت ۽ جبلتي ضرورتُن جي پورائي تائين ئي دنگ ڪن ٿا ۽ انسانن جيان پنهنجا آکيرا ٺاهين ٿا. سندن ڪو بـ سماجي ڪردار نظر نـ ٿو اچي.

شهر جي ٽپالَ گهر جي سامهون ميدانَ تي بـ انيڪ ڪبوتر پيا داڻو چُڳندا هئا. آئون ڏسندو هئس تـ اڪثر جهونا ماڻهو ٽپال گهرَ ٻاهران پيپل بينچن تي ويهي ڪبوترن کي پيا داڻو وجهندا هئا. آئون جڏهن سنڌ ڏانهن خط ٽپالَ ڪرڻ ويندو هئس تـ موٽندي ڪي گهڙيون بينچَ تي ويهي ڪبوترن کي تڪيندو هئس ۽ ڪين داڻو ڏيندو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ ڪبوترن جو سماجي ڪارجُ مون تڏهن ڏٺو جڏهن اهي ٽپالَ گهر واري عمارت جي سامهون لڳل بينچُن تي وينل هڪ ٻڍڙي جوڙي جي پير ۾ ويهي ڪائنُن ٻنا ڊِنَي پيا داڻا چُڳندا هئا. مون کي لڳندو هو ته هو ايئن پنهنجي مخصوص انداز سان ساڻن ويجهڙائيءَ جو اظهار ڪندا هئا. موت ۾ پوڙهن جي چهرن تي رونق هوندي هئي.

ايئن ڦُوان اَئم پوڊِيشالا ۾ به هي ڦُوان ائم ديويءَ جي مُورتيءَ ۽ مصنوعي پيٽ جي اوسي پاسي اچي ويهندا هئا. ڪين خبر هئي ته روز چوڳو ڪٿي رکبو آهي، پاٽيءَ جو پاٽ ڪٿي پيل هوندو آهي. پاسِيو ته انسانن سان رهي رهي هو گهٽ ۾ گهٽ پاڻ سان واڳيل داڻي پاٽيءَ واري رشتي جي ڏي وٺ جي حوالي کان انساني شعور سان هم آهنگ هئا. جڻ منجهن به شعوري سمجهه هئي، جيڪا ڪٿي داڻي ۽ پاٽيءَ واري پاتَ جي حدَ تائين هئي، پر هئي ته ضرور.

پکين تي ڏيانَ جي مشق منهنجون اکيون کولي ڇڏيون هيون. پانڊيا پهريون پيرو ڊِيان جي ان نموني مان پاسِيو ته پرَڪِرتيءَ جي هر لقاءَ کي اِرتڪاز گُهرجي. اهو ڪيئن مُمڪن آهي ته سماجي ماڻهو سجو ڏينهن سماجي ڪِرت ۾ گم آهي ۽ ڪيس فِطري لقائن تي غور ڪرڻ جو وقتُ نه آهي؟

ايئن هو پنهنجي جيونَ جو اڌ اهم حصو سمجهڻ کان رهجي وڃي ٿو ۽ اڌ جيونُ جيئي ٿو.

مون کي پاسِيو ته ٻڌ مت جي جوهر ۾ اِرتڪاز وارو فلسفو دراصل انساني جيونَ جو فلسفو آهي. پنهنجي ڇَوَڏاري مادي توڙي خيالي لقائن کي اِرتڪاز سان سمجهڻ کان سواءِ ماڻهوءَ جو انسان بنجڻ مُمڪن نه هو.

سوچيم، انهن خطن ۾ ڪيڏي نه گهڻي معلومات ڏنل هئي ۽ معلومات سان گڏ ڪيترو نه اٿاهه فِڪر سمايل هو انهن ۾! هن مختصر زندگيءَ ۾ وڏي فرصت گهربي هئي ته ان فڪر کي مڪمل طور سمجهي اُن جي ادراڪ کي شعور مان گذارائي، پوءِ زندگي جيئجي ها!

خطن جو هي پاڱو پڙهڻ کان پوءِ مان وري پوڳُتيءَ ۾ پنهنجي داستان کي اڳتي لکڻ لڳس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪي هڪ ڀيرو وري پُڇيو مانس، ”هڪ سُوال پڇان؟ جي دل ۾ نہ ڪريو تہ؟“

ان تي هاڻي پاڻ بہ گهري مُرڪ مُرڪي پئي ۽ چيائين، ”مون اڳ بہ اوهان جي ان سوال تي پڇيو هو تہ اهڙو ڪهڙو سُوال آهي جيڪو پڇڻ بہ چاهيو ٿا ۽ دل ۾ ڪرڻ جهڙو بہ هوندو؟“

چيم، ”مان بہ اهو ئي جواب ورجائيندس تہ منهنجو سوال اصل ۾ دل ۾ ڪرڻ جهڙو تہ نہ هوندو، بس مان وري وري ان ڪري پڇان ٿو تہ متان اوهان کي ڪا شئي اڻ وڻندڙ نہ لڳي وڃي، شايد اجايو محتاط پيو ٿيان!“ اهو چئي ڪيس نهاريم.

اکين ۾ گهري خاموشي ۽ چپن تي هلڪڙي مُرڪ اچي وئي هئس. مون منجهس تحمل ۽ نرميءَ وارو احساس ڏٺو. مون کي محسوس ٿيو هوءَ ان ڳالهہ جي جواب ۾ مون کي ڪجهہ چوندي، پر نہ. هوءَ مانارِي نِهار ۽ هلڪڙي پُرسُڪون مُرڪ سان مون کي ڏسندي رهي.

مون ڪيس ٻُڌائڻ شُروع ڪيو، ”مون وٽ ڪو هڪڙو سُوال نہ آهي، ڪيترائي سُوالَ آهن، جيڪي مان اوهان کان پڇڻ چاهيان ٿو، جيڪي رکي رکي منهنجيءَ دل ۾ هُرندا رهن ٿا، ان ڪري ئي پهرين ڀيو سُوال هو ۽ هاڻي ٻيو آهي، سُوالن جي ڪَن ۾ پيو قِران. وَجهہ ٿو ڏسان تہ اوهان موقعو ڏيو تہ پڇان.“

هلڪڙو ساهہ ڀري چيائين، ”پڇو ڀلا، پر مون کي اجازت هوندي تہ مان جنهن سُوال جو جواب نہ ڏيڻ چاهيان تہ نہ ڏيان.“

”بِلڪل ٺيڪ، اهو تہ اوهان جو بنيادي حق آهي.“ دل سان ڳالهہ کي مڃيندي چيم.

لمحي لاءِ سوچيم تہ ڪانئس اهو سوال نہ پڇان، جيڪو هن وقت ذهن ۾ آيو هو. بلڪ ڪجهہ ٻيو پُڇي ڇڏيانس. ڪجهہ بہ، تہ جيئن مُنهنجن سُوالن کان سندس ٻڏ ٻُجي. حجابن جا پردا هٽن ۽ ساڻس سڌو سنئون ڳالهائي سگهڻ جو رستو کُلي.

اهو سوچي سُوال مٽائي ويس، پُڇيو مانس، ”خوشي ڇا آهي؟“

ڀرپور کلندي پڇيائين، ”ڇا؟ اهو سُوال آهي اوهان جو؟“

مُرڪي چيم، ”ها، ڇو؟ غير اهم سُوال آهي ڇا؟“

هڪدم وراڻيائين، ”نہ نہ، تمام اهم سُوال آهي، پر مون ڪجهہ ٻيو سمجهيو هو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ”ڪجهه بيو“ سمجهڻ تي مُرڪي ڏنو مانس. دل ۾ چيم، تو بلڪل صحيح سمجهيو مائِي، پر هاڻي نہ ٿو

بنا ڪجهه بيو چئي سُوال ورجايم، ”سو؟ جواب ڏيو نہ. خوشي ڇا آهي؟“

چيائين، ”جَر ڦوٽو.“

چيم ”بس؟ ايترو مختصر جواب؟“

کلندي چيائين، ”ها. بس ايترو مختصر جواب هوندو اوهان جي مختصر سُوالَ جو.“

چيم، ”پوءِ تہ مان بيا سُوال بہ پڇندو ويندس، جي جواب ايڏا مختصر هوندا تہ.“

ان تي پَسار روڪي بيهي رهي، ۽ هلڪڙي شڪايتي انداز سان پر مُرڪندي گهورڻ پاتائين.

مون بہ مُرڪي ڪيس ڏٺو... چيم، ”هلو تہ هُن پاسي هلي ويهون ٿا. ميُوزيم واري پاسي ڏانهن اشارو ڪري چيو مانس. ”هن وقت ميوزيم بند هئڻ ڪري اتي رش نہ هئڻ برابر آهي.“

پهريون پيرو پنهنجي مرضي هلائي ڪچهريءَ لاءِ ڪيس ڪنهن جاءِ تي ويهڻ لاءِ چيم ۽ ان ڪي مڃي ورتائين؛ وڃي ميوزيم ٻاهران ٿلهي تي آمهون سامهون ويناسين.

منهنجي پيٽ تي ۽ هن جي ٿلهہ تي ٽيڪ ڏنل هئي. اوپرائپ ۽ اجنبيت جي حجابن جا پهريان پردا اٿڻ کان پوءِ اها اسان جي آمهون سامهون پهرين ڳالهہ ٻولهہ هئي.

خوشيءَ منجهان منهنجي اندر ۾ سُرور پئدا ٿي پيو هو، ساڻس گڏ هئڻ جي خوشيءَ مان هڪ هڪ گذرندڙ پل جو ڀرپور مزو پئي ورتم.

اسان مڪمل مڪالمو ڪرڻ شروع ڪيو، اهو ڪجهه هيئن هو:

مان: سو؟ خوشي جَر جو ڦوٽو آهي؟ ۽ سُک ڇا آهي پوءِ؟

يوڳتي: اهو بہ جَر جو ڦوٽو، ۽ گهڻو ڪري داخلي احساس.

مان: ۽ ڏک؟

يوڳتي: انساني جذبن جو هڪ احساس ، گهڻو ڪري داخلي.

مان: مقصد ڇا آهي؟

يوڳتي: گهڻو ڪجهہ. پر انساني جياپي جي وِندُر جو گُمان بہ.

حيران هئس. مقصد جهڙي عظيم شئي کي انساني جياپي جي وِندُر سڏڻ صفا غير منطقي ۽ غير عقلي هو، مان بلڪل سهمت نہ هئس. هوءَ ڪيئن ٿي وِساري سگهي تہ ان ”وندر جي گمان“ جو انسان جي ۽ هن دنيا جي قسمت بدلائڻ ۾ وڏو ڪردار هو! انساني زندگي توڙي دنيا جي هي صورتَ انساني مقصدن ۽ آدرشن جو ئي تہ نتيجو هئي. سندس موقف جي رد ۾ جواب ڏيڻ کان مان رهي نہ سگهيس.

مان: پر مِس مِينتوخ! مقصد ئي تہ آهي جيڪو دنيا جي هن عظيم تعمير ۽ ان جي مٽيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ماڙي ٿيڻ پويان مُک مُحرڪ آهي، اهو فقط هڪ وِندر جو گمان ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

يو ڳٽي: پر مٽيءَ مان ماڙيءَ جي شروعات حادثي ڪان ٿي آهي.

مان: پر اهو حادثو دنيا ۾ عظيم تخليقي شاهڪارن جو سبب بڻيو آهي، اهو انساني مقصد ڪان سواءِ ته ممڪن ئي نه هو.

يو ڳٽي: ها، پر انسان غلط مقصدن تحت اُن تخليقَ ۾ غيرضروري شيون شامل ڪري جنسن ڪي ڪثرت ۾ وڌائيندو پيو وڃي. اهو غير ضروري ڪثرتَ اڃي هاڻي انساني مقصد بڻي آهي. انساني مقصد جي هن دؤر ۾ مُک وصفَ اِها وڃي ٿي آهي اڄڪلهه.“

هوءَ پنهنجي جوابَ ۾ اضافو ڪري ان کي منطقي بڻائي وئي.

هاڻي هوءَ دؤرَ جي نامر نهاد جدت تحت طئہ ٿيل ”مقصدن“ کي وندر جا گُمان چئي رهي هئي، جنهن تي ته مان بہ سهمت هئس. ڪيترائي نامر نهاد مقصد پئدا ٿي پيا هئا، جيڪي سرمائيداريءَ جي پيانڪ صورت جي جنّاءَ ۾ واڌارو ڪري رهيا هئا. ڪوڙين ضرورتن، ڪوڙن آدرشن جو واهپو ٿئي نظر آيو. هر جاءِ تي. مارڪيٽن ۾، اشتهارن ۾، ڊرامن ۾ ڪُوڙ ۽ وڏاءَ جا منظر هئا، اُتان اڇي اُهي ڪنهن وبا جيان انساني معاشري ۾ پيهجي رسم بڻجڻ لڳا هئا. جن جو انساني زندگيءَ جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ سان ڪو بہ تعلق يا لڳ لاڳاپو ڪونہ هو. بس، وقت جو ضيان هو. محسوس ڪيم تہ منهنجي تنقيد تي هوءَ ڳالهہ کي ٻئي پاسي ڪٽي ان کي عقلي بنائي وئي. مان مُرڪي پيس.

مان: ها، هاڻي ڳالهہ صحيح بيٺي آهي نہ! ڪوڙين خواهشن حاصل ڪرڻ جا مقصد ظاهر آهي تہ وندر جا گمان ئي هوندا نہ. بلڪ جَسي وِندر جا گمان.

اِهو ٻُڌي هوءَ بہ مُرڪي پئي. ٻيو سوال پڇيم.

مان: ڪاميابي ۽ ناڪامي ڇا آهن؟

يو ڳٽي: ڪاميابي انساني سماج مان هر قسم جي پيڙا، محرومي ۽ دردَ جو خاتمو ڪرڻ ۽ ناڪامي انساني سماج جو اَڄ سُودو انهن ڏُيڻن ۾ قائل رهڻ.

مان: درد تہ اَڻ-ٽر آهي؟

يو ڳٽي: فقط احساس ۾ آهي، ٻاهر احساس جو ليَنس. اندرَ جو پيالو خالي ڪري پوءِ ڏسجي تہ ڪٿي آهي درد؟ درد ڪوٺَ جي احساس ۾ آهي، اُهو احساس ڪٿان آيو؟ انسان هر قسم جي درد کي پنهنجي زير ڪري ان کي تسخير ڪري سگهي ٿو.

مان: ۽ آزادي؟

يو ڳٽي: ڪوڙ شين ۾ آزادي آهي، يا وري آزاديءَ جو احساس. ڳولا جي خواهش ۾، ڳولا جي سفرَ ۾. ونڊڻ ۾، اندر جي سَجاڳيءَ ۾، پاڻ کي ڪُتل نہ سمجهي جيئڻ جو تيئن قبولڻ ۾، عشق جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ۾، وغيره وغيره.

مان سندس آخري جملي تي مُرڪي پيس. اِتان ئي اڳيون سُوال پڇيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان: عشق ڇا آهي؟
يوڳِٽي: عاشق بڻجي جيئڻ عشق آهي.
مان: (مُرڪي پيس) ڇا جو، يا ڪنهن جو عاشقُ؟
يوڳِٽي: هر حوالي کان. عشق ۾ جيئڻ، عشق ۾ ساهه کڻڻ.
مان: ڀلا عشق ۾ جيئڻ ڪيئن هوندو آهي!
اهو سُوال ٻُڌي هن مون ڪي ڏٺو. سندس نهارَ ان سُوالَ جي معنيٰ جي تاثير هئي. عشق لفظ هن کي ڪجهه لمحن جي خاموشي ڏئي ڇڏي، لفظ ڳرو هو. ان جي ڳَراڻ سندس چپن کي منجمد ڪري ڇڏيو هجڻ.
يوڳِٽي: محبوب يا منزل تي اِرتڪاز، اندر ۾ ويساهہ جي ازلي خوشي. عشق جو سفر غم کان پاڪ هوندو آهي.
اهو چئي هن مون ڏانهن وري اُن ئي ٻارَ ڀريل اکين سان نهاريو.
ڪيس نِهارڻ سان ڄڻ منهنجين اکين اهو بار جهٽي ڪٽي تئي ورتو، مون پنهنجيون اکيون ٻه ڳريون محسوس ڪيون... سوچيم اِن موضوع تي وري ڪڏهن ساڻس ڳالهائيندس، اڳتي موضوعَ ڪي مَتائي سُوال پڇيم.
مان: تلاش ڇا آهي؟
يوڳِٽي: وُجُود ۽ شعور کي ڇانگيندڙ لازمي جُز.
مان: سچ ڇا آهي؟
يوڳِٽي: لازمي وکر، پر نسبتي ٻه. تنهنجو ۽ منهنجو سچ ساڳيو نہ ٻہ ٿي سگهي ٿو.
مان: ۽ ڪوڙ؟
يوڳِٽي: حقيقت ۾ فطرتَ ۾ ڪُوڙ ڪٿي بہ ڪونهي، اُهو فقط انسان جي مَنفي سوچ جو اهڃاڻ آهي، جيڪو اِنسان پنهنجي داخِل مان ڪڍي خارجَ ۾ ڪٿي اڇي ٿو.
(سوچيم، ڇا تہ ڪمال سوچ اٿس. دل ئي دل ۾ سندس اِن جوابَ کي ساراهيم).
مان: ڀلا سچي ڏاهپ ڇا آهي؟
يوڳِٽي: وُجودي نِرواڻ ماڻڻ.
مان: ۽ نِرواڻ ڇا آهي؟
يوڳِٽي: ازلي سڪون.
مان: ازلي سڪون ڪيئن ملندو؟
يوڳِٽي: ٻوڌِي پنڌ ۾. يعني هوڏ، هيچ ۽ گهڻ-هُوند کان پاڻ پلڻَ ۾.
مان: معنيٰ سَنياس؟
يوڳِٽي: نہ، هرگز نہ. هوڏ، هيچ ۽ گهڻ هوند کان پاڻ پلڻ سنياس وٺڻ نہ آهي. اها اندر جي سگهہ آهي، جيڪا انسان ذات کي عظمتَ جا اڻ-ڏٺل ماڳ پسائيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان: تہ پوءِ سَنياس ڇا آهي؟

يو ڳُتي: ٻُڌ تي پهچڻ جي فقط اها اڪيلي واٽ نہ آهي، اهو غلط آهي تہ فقط سَنياس ئي ٻُڌ تائين وٺي ويندو آهي. (ان تي مون حيرت منجهان ڪيس گهوريو: هڪ ٻوڙياٽي ايئن بہ سوچي سگهي ٿي! ايئن سوچڻ تہ مڪمل طور منطقي هو.)

مان: تہ ڇا سَنياس غلط آهي؟

يو ڳُتي: نہ، مان سَنياس کي غلط بہ نہ ٿي سمجهان، پنهنجي پنهنجي مرضيءَ، لاڙي ۽ چوند تي مدار رکي ٿو تہ ان سفر ۾ ڪهڙو ڳس اختيار ڪجي.

مان: ڳمان ڇا آهي؟

يو ڳُتي: داخلي احساس.

مان: ۽ يقين؟

يو ڳُتي: هئي، داخلي ڳمان، يا وري داخلي سگهہ.

(حيران ٿيس ايترن حتمي بيانن ۽ راين تي).

مان: منزل تي پهچڻ، داخلي يا خارجي؟

يو ڳُتي: هئي.

مان: ماڳ وڃائڻ. داخلي يا خارجي؟

يو ڳُتي: هئي!

ان جواب تي حيرت مان مُرڪي گهوري ڏٺومانس، جوابَ ۾ اوهڙي ئي گهري نِهارَ واري مُرڪ ڏنائين.

مان: ماڳ تي پهچڻ ۾ ناڪامي ٿئي تہ؟

يو ڳُتي: الميو! سچ اهو آهي تہ الميي کي خوشيءَ ۾ تبديل ڪرڻ انسان جي بنيادي ترجيح هجڻ گهرجي.

مان: پر اوهان چيو خوشي جَر جو ڦوٽو آهي؟

يو ڳُتي: خوشين جا مادِي ۽ غير مادِي قسم آهن، خوشين جا مادي قسم جَر جا ڦوٽا ئي تہ آهن. ازلي خوشي مقصدن پويان ڪاهوڙڪن سفرن تي نڪرڻ ۾ آهي.

مان: پر اوهان چيو مقصد جياپي جي وِندُرَ جو ڳمان هوندو آهي؟

يو ڳُتي: (مُرڪي ڏنائين)... ايئن تہ خود زندگي پاڻ بہ هڪڙو ڳمان ئي محسوس ٿيندي آهي. پر جيئن مون اڳ ۾ چيو تہ مقصدن جا بہ تہ قسم هوندا آهن.. مون اڄڪلهہ جي سطحي مقصديت جو مِثال جو ڏنو هو.

مان: زندگيءَ جي اِن ڳمانَ ۾ ٻيا ڪهڙا ڳمان آهن؟

يو ڳُتي: ڪوڙ سارا.

مان: خوشي؟ ڳمان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوڳتي: ها، پر خوشي اِمڪان بہ آهي.
مان: ۽ عشق محبت؟ ڇا اُهي بہ گمان آهن؟
يوڳتي: سچي محبت ۽ عِشق گمان ٿي ئي نہ ٿا سگهن.
مان: ڇو؟ ڪيئن؟
يوڳتي: ان ڪري جو جيڪڏهن اُهو واقعي عشق آهي تہ اُن منجهان ماڻهو پاڻ گذري ٿو، سندس وُجُود مٽجي ٿو، اهو صفا حقيقي تجربو آهي.
اهو جواب مون کي وڻيو: اِتي سندس پنهنجو وجود ڳالهائي رهيو هو، عشق جو پرتوُ تہ هوءَ پاڻ هئي ئي، پر سندس نظر ۾ عشق لازمي بہ هو! ڇا تہ ڳالهہ هئي!
ان سوال تي مون بس ڪئي. چيو مانس:
مان: بيحد گهرا ۽ خوبصورت خيال آهن، پر اوهان جي ڪيترن ئي جوابن جي جواب ۾ مون وٽ بيا سُوال پئدا ٿي پيا آهن. مثال اوهان جو سَنياس کي فقط ۽ اڪيلي بوڏي واٽ نہ مڃڻ، يقين کي گمان سڏڻ، ۽ عشق ۾ جيئڻ يا عاشق ٿي جيئڻ. جيئن اوهان چيو. ان تي مان اوهان سان وڌيڪ ڳالهائڻ ٿو چاهيان. اوهان ٿڪجي تہ نہ پيا آهيو؟
يوڳتي: (مُرڪي پئي)، نہ، ٿَڪِي تہ ناهيان: سُوالن جا ايئن جواب ڏيڻ ڪافي دلچسپ محسوس ٿيو آهي مون کي. پر اڄ ايترو ڪافي آهي، باقي ٻئي ڀيري پڇجو.
مان: ها، بلڪل، اڄ ايترو ئي ڪافي آهي، پر هڪ ٻي ڊِرل بہ لازمي آهي.
يوڳتي: ٺيڪ آهي، پر پوءِ اها ڊِرل اوهان کي بہ ڪرڻي پوندي.
مان: مان تيار آهيان ان لاءِ. کِلي چيم. دل ۾ سوچيم اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جي حسين ترين ڏينهن منجهان هوندو.
پاڻ بہ مُرڪي پئي.
ڪافي دير ٿي وئي هئي. ماڻهن جي اڄَ وڃ صَفا گهٽجي وئي هئي، ان مان نظر آيو ٿئي تہ بوڏيشالا بہ هاڻي آهستي آهستي ننڊ جي گهيرڻ ۾ وڃي رهي آهي.
چيائين، ”دير ٿي وئي آهي، هلجي؟“
”ها بلڪل، سڀاڻي جو ڇا پروگرام آهي؟“ پڇيم.
چيائين، ”سُباڻي سوير نڪري هلجي تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٽي بوڏيشالائون ڪَور ڪري سگهجن؟ اوهان کي هتي ڪو ڪم هجي تہ دير سان بہ نڪري سگهجي ٿو.“
”نہ، نہ، مان بہ اڄ سمورو ڪم ڪري ورتو آهي، چڱيءَ ريت تِڪِيي گهمي اتم. اوهان مون کي ٻڌايو سڀاڻي ڪيڏي مهل هلنداسين، مان صبح جو جلدي تيار ٿي ويندس.“ چيم.
چيائين، ”مان بس صبح جو يوگا ڪنديس، پوءِ ناشتو ڪري نڪري هلنداسين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن نيڪ آهي؟“

نيڪ آهي، اوهان جڏهن يوگا شُروع ڪرڻ وارا هجو تہ مون کي موبائيل تي ميسيج ڪري ڇڏجو، ”ڪيس پنهنجو نمبر ڏنم. ها ڪيائين ۽ اٿڻ لڳي. مان بہ اٿيس.

اسان اٿي پنهنجي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳاسين، دل چيو مُڙي ڏسانس ۽ ڏٺم! هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن آهستي آهستي هلندي ٿئي وئي، اها با وقار هلڻي ئي تہ هئي جيڪا ڏسڻي هئم... ۽ پل ڏسي، مُڙي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳس.

اسان جي ان رات جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ سندس جوابن تي مان ڪيتري ئي دير سوچيندو رهيو هئس تہ هوءَ آخر ڪهڙي قسم جي ماڻهو هئي، جيڪا مقصد کي جياپي جي وندر سمجهي رهي هئي؟ ڪاميابي سندس نظر ۾ انساني سماج مان درد ختم ڪرڻ سان حاصل ٿيڻي هئي، ۽ آزاديءَ کي جُستجوءَ ۾ ٿئي ڏٺائين. سچ کي نسبتي ٿئي سڏيائين ۽ يقين کي داخلي احساس ٿئي سمجهيائين! منزل تي پهچڻ ۽ ان کي وڃائڻ سندس لاءِ خارجي ڏيکَ سان گڏ داخلي احساسَ بہ هئا، پر سندس انداز مان محسوس ٿيم جڻ تہ سندس لاءِ اهي خارجي گهٽ داخلي وڌيڪ هئا. سندس خيال ۾ سَنياس ٻُڌ مَت ۾ بہ هر فردَ جي چوڌ تي مدار رکندڙ هو. محبت کي تڪميل ۽ محبوب کي وُجُود جو ٻيو اڌ ٿئي سڏيائين ۽ عشق ڪرڻ ۽ عاشق بڻجي جيئڻ سندس نظر ۾ لازمي هو. هجر الميو هو. جنهن کي سندس خيال ۾ غير الميي ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت هئي!

ڪجهہ جوابن سان سهمت نہ هوندي بہ مون کي ساڻس گفتگو ايتري تہ وڻي هئي جو مون سمهڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ذهن تي زور ڏئي لڳ ڀڳ سموري ڳالهہ ٻولهہ ياد ڪري پنهنجي ڊائريءَ تي لاهي ورتي هئي.

مون کي محسوس ٿيو هو تہ منهنجي لکڻ سان اهي لمحا بيهي ازلي ۽ ابدي ٿي پيا هئا. جڻ گفتگوءَ جا نوٽس نہ هئا. اسان جي سدائين گڏ هجڻ جو هڪ واعدو هو، جيڪو لکجي چڪو هو!

اڄ جي مُلاقات کان پوءِ تمام گهڻو پُرسُڪون ۽ پُراُميد هئس، جاڳ جي خوابن جي سمنڊ تي ترِيس پئي، ان ئي مزي ۾ ياد نہ آهي ڪيڏي مهل سمهي پيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ ئي جلدي اک کُلي وئي هئم. ڏٺم، سج اڀرڻ وارو هو. سوچيم، ”مار! دير ٿي وئي، هوءَ ڪڏهوڪو يوگا شروع ڪري چُڪي هوندي.“ دير سان اک کُلڻ تي پاڻ تي ڦِٽڪار ڪندو تڙ تڪڙ ۾ وهنجي، ڪئميرا، ڊائري ۽ ٻيو سامان سهيڙي بئگ ۾ بند ڪري ٻاهر آيس. ٻوڙي ساڌو اوسي پاسي ڦريا پئي. مان يوگِٽيءَ لاءِ هيڏي هوڏي نهارڻ لڳس، ان اميد سان تہ ڪاش هوءَ اڃان تائين يوگا ڪندي هجي، ۽ ايئن ئي هو.

اڄ هوءَ ڪاري يوگي لباسَ ۾ يوگا جون مشقون ڪري رهي هئي. نيم صبح جي هلڪڙي مِيرانجهڙي روشنيءَ ۾ سندس اڇي سونَ جهڙو وُجود تجلا ڏئي رهيو هو. هميشہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان وار پويان بڪل ۾ ٻڌل هئس. سندس نگاهہ جو محور فقط سندس اک جي سڌ ۾ هو. هوءَ اوسي پاسي نہ نهاري رهي هئي. هلڪڙي واڳٽائي يوگا پٽراٽيءَ (يوگا مَيٽ) تي هوءَ پنهنجي پاڻ ۾ گم لاڳيتيون مشقون ڪري رهي هئي، جيڪي سلسليوار هيون. مان ڪانئس پريرو هئس. ٿي سگهي اندازو ٿيو هجيس تہ ڪير اوسي پاسي آهي، پر ڪنڌ ڦيرائي نهاريائين بلڪل بہ نہ. ان ڪري لڳم منهنجي موجُودگيءَ کان بيخبر هوندي.

هونئن مون يوگين کي ساڪن مشقون ڪندي ڏٺو هو. يعني هر آسڻ ۾ هو ڍگهو ترسندا آهن پوءِ ٿي ڪنهن ٻئي آسَڻ ڏي ويندا آهن. پر يوگِٽيءَ جون مشقون مُتحرڪ يوگا جيان لڳي رهيون هيون:

سڀ کان اڳ نمستي انداز ۾ هٿ ٻڌي سڌو بيهڻ، پوءِ ٻانهون سِڌيون مٿي ڪري انهن کي پوئتي ڪري ڪنڌ بہ ساڻ پوئتي ڪٽي وڃڻ، ڄڻ آسمان کي ڏسڻو هجي. ان کان پوءِ وري اُن جي ابتڙ آسڻ ڪرڻ. يعني پوئتي ويل ٻانهن کي اڳيان ڪري هيٺ جُهڪي پنهنجا ٿي پير ڇهڻ. اتي جُهڪندي ئي هٿن کي پيرن کان پري ڪري سامهون ڪٽي زمين تي رکڻ ۽ پوءِ ان ويڪرائيءَ ۾ هٿن ۽ پيرن جي آڌار تي جُهڪيل رهڻ. ان کان پوءِ هڪ (کاٻي) ڄنگهہ اڳيان ۽ هڪ پويان پکيڙي سڌيون ٻانهون مٿي ڪرڻ. پوءِ ٻئي ڄنگهون پويان ڪري، زمين تي اونڌو ٿي، جسمَ جي اڳئين اڌ کي هٿن جي زور تي نانگڻ جيان مٿي ڪڻڻ. هاڻي وري (ساڄي) ڄنگهہ اڳيان ۽ هڪ پويان ڪري پکيڙي سڌيون ٻانهون مٿي ڪرڻ، وري ساڳي ريت پيرن تي جهڪڻ ۽ پوءِ پهرين واري مشق ۾ ساڪن ٿي، نمستي انداز ۾ هٿ ٻڌي سڌو بيهڻ.

اهي سموريون مشقون سلسليوار هيون، هوءَ شروع کان آخر تائين انهن کي هڪ ئي وقت مڪمل ڪري وري ورجائي رهي هئي.

دل چيو سندس وڊيو رڪارڊ ڪريان. پر هاڻي تہ سچ پچ ڊنس تہ جي اجازت بنا رڪارڊ ڪيم تہ هوءَ ناراض ٿي ويندي. بس موبائيل فون سان ٽڪڙا بہ ٽي فوٽا ڪڍيامانس ۽ ٿورو پريرو ٿي ويٺس تہ جيئن مون تي سندس نظر جلدي نہ پئجي سگهي. ايئن پرانهون ويهي چپ چپات ۾ ڪيس ڏسندو رهيس، هڙئي سلسليوار مشقون هن گهڙي ۾ گهڙي ويهارو ڀيرا تہ ورجايون هونديون.

سج جي هلڪڙي روشنيءَ ۾ پگهر سندس سونَ-ورنَي چهري تي سونهري ڦڙن جيان پيشانيءَ کان ٿيندو، ڳلن تان ترڪندو ڳچيءَ تائين آيو ٿئي. ۽ اتان کان ترڪندو ڪاري قميص اندر سندس تَنيل سيني ۾ گم ٿي پئي ويو. پگهر جو ايئن سندس چهري تان ترڪي سندس سيني ۾ گم ٿيڻ منهنجي جسم کي ماسَ تائين ڏڪائي ويو، پاڻ سنياڻٺو پئجي ويو هئم!

سوچيم، ڪمال جي لَچڪ هئس، جو جسم جي وَرن وَڪڙن کي مِڙني پاسن کان عجب اِنتهائن تي ڪٽي پئي وئي. محسوس ڪيم زندگيءَ جو زيان هو اِن گر کي نہ سکڻ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ئي سوچيم پئي ته ٽِڪِسي ۾ زير تربيت ننڍڙن ٻوڊِين منجهان ٻه ڄڻا ڦرندي ڦِرندي ونس اچي ببهي رهيا ۽ پهرين ڪي پل ته ڪيس مشقون ڪندي ڏسندا رهيا. ان ڪان پوءِ سندس ڏيکا ڏيکيءَ ۾ ساڳيون مشقون نقل ڪرڻ شروع ڪيائون. مون کي سندن ايئن ڪرڻ تي بي اختيار کل اچي وئي. اينگل وٺي سندن ٻه ٽي فوٽو ڪيمرا ۾ پنهنجي جاءِ تي ويهي ڪين ڏسندو ۽ محظوظ ٿيندو رهيس.

ننڍڙا ٻوڊِي صفا نوان هئا، ان ڪري سندن نقالي يوگا گهڻ انڌا اونڌا ڪرتب وڏيڪ لڳي رهي هئي، مان ته پنهنجي کل کي روڪي نه پئي سگهيس.

ڪجھ دير ڪان پوءِ يوگِتِي پنهنجين مشقن مان واندي ٿي ته۽ سامهون ننڍڙن ٻوڊِين کي ڪرتب ڪندو ڏسي مُرڪي پئي. مان پريان ڪان ئي ڏسندو رهيس، دل نه چيو ته پاڻ وڃي سندس موضوع ۽ محور مٿائي ڇڏيان. هوءَ ننڍڙن ٻوڊِين سان ڪچهري ڪندي انهن کي کلائيندي رهي. هو ٻه ڄام کلندا، ٽپندا ۽ مستي ڪندا رهيا: انهن کي ڪجھ چيائين جنهن ڪان پوءِ هو ٽپندا ڪڏندا هليا ويا ۽ يوگِتِيءَ پلٽي هٽي اڳتي يوگا ڪرڻ شروع ڪئي. اڪيون بند ڪري پهرين ساهَن جون ورزشون ڪيائين ۽ پوءِ ڌيان ۾ هلي وئي. هاڻي مون سمجهيو ته هوءَ ڪافي دير ان ڌيان ۾ رهندي، اتان اٿي پسار ڪرڻ لڳس.

يوگِتِيءَ بابت ڊائري لکندي مون ان کي اتي ئي اَڌَ ۾ روڪيو. مون کي ذهن ۾ آيو ته ڌيان جي مشقن جي باري ۾ جادم جي خطن ۾ به ڪجھ هو، جنهن ۾ سندس گروءَ لکيو هو ته لفظ ڌيان مختلف ثقافتن ۾ مختلف طريقن سان استعمال ٿيندو هو، جتي جتي به ٻُڌ مَت هو، انهن خِطَن جي مختلف ٻولين، يعني پالي، سَنسڪرت، جاپاني، چيني ۽ ڪوريائيءَ ۾ ان جو پنهنجو پنهنجو اچار يا لفظ هو. اڪثر لفظ صَفا ملندڙ جُلندڙ هئا، ڪٿي ڪٿي ته فقط انهن جا اچار مختلف هئا، انهن ثقافتن جي مناسبت سان.

سَنياسين جا خط پڙهي منهنجي عَملي تربيتَ کي ڏس ملي پيا آهن. هاڻي مان هڪ پيرو وري يوگِتِيءَ سان ملڻ لاءِ تاسارو بڻجي پيو آهيان ته جيئن ملي ڪيس ٻُڌايان ته مان ڇا ڇا سِکان پيو، ڪيئن منهنجي بي خبريءَ جا پردا ڇاڪ ٿيا پئي. مان حيران هئس ۽ حد ڪان وڌيڪ خوش به. ٻوڊِي مُسافرن جي خطن جو پيو تفصيلي باب به ڪافي دلچسپ ٿو لڳي. سوچيم، اهي خط پڙهي پوءِ يوگِتِيءَ سان ٿيل ڪچهريءَ جا ورتل نوٽس مان اڳتي ڊائري لکندس.

پر جو ڪِي مُسافرن جي خطن پڙهڻ ڪان اڳ ئي يوگِتِيءَ کي ڌيان ۽ يوگا ڪندو ڏسي مون کي ڌيان جي مختلف قسمن ۽ ڏاڪن کي ڄاڻڻ جو شوق ٿي پيو هو. اهو سوچي ڇڏيو هئم ته يوگِتِيءَ کان مون کي انهن ٻن هفتن ۾ چوکي ٽريننگ وٺڻي هئي، دل ۾ پاڻ ئي پاڻ اهو خيال اچڻ شروع ٿي ويو هو ته هاڻي ڇا ٿيندو، مون کي اڃان وڌيڪ ان پاسي گهرائيءَ ۾ وڃڻو آهي. ڌيان جڏهن خواهش، جسم جي اُڃ ۽ حوصلن کي پَست ڪرڻ جهڙيون رڪاوٽون وجهندو ته انهن رُڪاوٽن کي پنهنجي سگهه سان مَسمار ڪندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُرو لطيفَ جي جادمَ ڏانهن خطن جو هي باب بہ ڏاڍو گهرو ۽ فِڪري آهي، پڙهي ڪوڙ سارو سِکيو اٿم. مان يوڳتيءَ ڪان بہ اميتاڀ توڙي يَشساجيہ گروءَ بابت پڙهيو هو، اميتاڀ جا تہ مون لداخ ۾ مُجسما بہ ڏٺا هئا. هاڻي ان بابت وڌيڪ تفصيل يوگي مُسافرن جي لِکتين ۾ ملي رهيا هئا... اهي هِڪبئي پويان عجيب اتفاق هئا، جن مون کي حيران ڪيو هو تہ آخر اچانڪ چو هر طرف کانِ مون تي ٻوڌي دنيا جا در کُلي رهيا آهن؟

پهريِن مائيڪل ۽ جَين سان لداخ پهچڻ، يوڳتيءَ سان ملڻ ۽ سائنس دل جون ڪَڙيون ملي پوڻ، اتان ٻوڌي سفرَ جو شروع ٿيڻ، پوءِ ٻوڌي مُسافر جادمر سان ملڻ، ان کان پوءِ جادمر جي طرفان ٻوڌي پانڌين جا عِلمي ۽ شعوري خطن جا ٿها پهچڻ. منهنجو ٻوڌي دنيا ۾ داخل ٿيڻ جي خواهش ڪرڻ: هي سڀ اڳ ئي ڪنهن طئہ ٿيل مرحلي جي ڪڙي هئا، يا هاڻي ڪنهن نئين سلسلي جي اچانڪ شروعات ٿي رهي هئي؟

شين جو طئہ ٿيل هجڻ تہ مون کي غير منطقي لڳو ٿئي پر ڳالھ هئي تہ حيرت انگيز! زندگيءَ ۾ نَواڻَ ٻُڌ مَت ۽ عشق سان گڏ ايئن ڪنهن اڻ مُندائتي مينهن جي جيان اچانڪ مون تي وسڪارو ڪري منهنجي ندگيءَ کي سيراب ڪري ڇڏيندي، نہ سوچيو هئم.

هاڻي مُون سوچي ڇڏيو هو تہ ان سِلسِلي جي اَڏو ڪا بہ رُوڪ اَچڻ نہ ڏيندس. مون سڀ کان پهرين ڌِيان ۽ جسماني مشقن کي پهريون ڏاڪو ڪري شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ ان دوران ايندڙ رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس. ڌِيان ۽ جسماني محنت بابت جيڪي ڪجھ بہ مُسافِرن جي خطن ۾ هاڻي پڙهان پيو، تن مان ذرو پُرزو يوڳتيءَ جي تربيت هيٺ اڳ ئي گُذري چُڪو هئس ۽ سندس وڃڻ کان پوءِ ان کي جاري رکيم، ۽ ان ۾ تجربو ماڻيم پئي.

جيئن جادمَ جي گروءَ لکيو آهي تہ ڌِيان کي پنج رُڪاوٽون اَڏو اچن ٿيون: مون کي انهن مان ڪجھ رُڪاوٽن بابت سندس ڳالھ صحيح لڳي آهي. ناڪام ٿيڻ جو ڊپ تہ لازمي آهي، حواسن جي لالچ بہ جڻ سِر تي ٽنگيل ڪنهن تلوار جيان هجي ٿي، پوءِ بيچيني ۽ پريشانيءَجو وري وري اچڻ بہ لازمي آهي.

هي خطَ پڙهي پتو پيو تہ ڌِيان ليٽي، ويٺي، ويني، ۽ هلندي بہ ٿي سگهيو پئي، پر يوڳتي تہ فقط ويٺي ڌِيان ڪندي نظر آئي هئي؟ ٿي سگهي هوءَ ليٽي بہ ڌِيان ڪندي هجي پر مون کي خبر نہ پئي! ڪيڏي نہ مُطلق بي خبري هئم يوگ ۽ ٻُڌ مَت بابت.

ٻوڌي ساڌو پنهنجي خط ۾ لکيو تہ گوتم پنهنجي دوست آنند کي چيو هو تہ شعوري سجاڳيءَ جي لاءِ اهم ترين شئي "سُجاڳ ۽ باشعور ساھ کڻڻ" آهي. سُجاڳ ڌِيان جنهن کي هن ٻُڌايو تہ سِمرتي ۽ سَتي بہ سڏين ٿا جنهن جا وري ٻہ قسم آهن، هڪ سَماٿا (يعني خاموشي اختيار ڪرڻ) ۽ ٻيو وِپاسَنا (يعني ذهني سُجاڳيءَ سان چِٽو ڏسڻ). مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي يوڳِٽي ڪجھ هفتن جي يوگا ۾ ٻوڙي ٽريننگ دوران گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٻڌ مَت تہ سمجهائي ڇڏيو هو جو هاڻي مان ٻوڙين جي خِطن ۾ گهرائي وارن ٻوڙي خيالن کي ڪنهن حد تائين سمجهي رهيو هئس. چِٽو ڏسڻ، پر اُن چِٽائيءَ کي ٻُڌائي نہ سگهڻ جهڙو تجربو، اهو جادم جي ٻوليءَ ۾ ”وُجُودي-لقاءُ“ هو، ان ۾ وڏي حقيقت هئي.

هڪ خط ۾ هن ڏِيان جي اڳئين ڏاڪي بابت لکيو هو، اِن کي مان سمجهي نہ سگهيو هئس. جنهن کي جادم جو ساڌو پهرين وِڪ ٿو سڏي، جنهن ۾ ڻُپ خاموش سُجاڳي هوندي، ان بابت بہ مان سمجهي ويو هئس تہ اهو بہ وُجُودي ۽ شعوري تجربو هوندو؟ يوڳِٽي ساڻ هجي ها تہ اڄ مان اهي سموريون ساڌنائون وڌيڪ مهارتَ سان نہ سکي وٺان ها؟

جادم ۽ سندس ساڌوءَ جي وچ ۾ گفتگو پڙهي اهو بہ محسوس ٿيو تہ هو نظرياتي طور هِڪٻئي کان ڪافي مختلف تصور رکن ٿا، پر مان تہ واقعي بہ جادم سان متفق آهيان تہ منتر پڙهي پاڻيءَ کي طاقتور نہ ٿو بڻائي سگهجي. اِها تہ عقيدي بہ بدترين صورتَ آهي. عقيدي هٿي عقل کي هيٺو ڪري رکيو آهي، جتي ڪٿي عقيدو پنهنجي غير منطقيت سان حاوي آهي. جيئن ڏِيان ۾ رُخنو وجهندڙ ٻليءَ کي ٻَڌي ڇڏڻ واري واقعي کي پوئنئير ٻوڙين هڪ رسم بڻائي ڇڏيو تہ شايد ڏِيان ۾ ٻلي ٻڌڻ سان ڏِيان بهتر ٿيندو!

شايد انساني شعور جون اهي حدبنديون آهن تہ هو هڪدم موجُود حقيقت کي هر وقت ماضيءَ جي تناظر ۾ نہ ٿو ڏسي، هو ان ڪري شين جي ٿيڻ کي ان جي سببن سان ڳنڍڻ وساري ٿو ويهي، ۽ انهن جي ٿيڻ کي پاڻ پنهنجي محدود سوچ سان موجُود حالتن جي نظرَ سان ڏسي ۽ سمجهي ٿو، پوءِ ان کي ئي حقيقي سچ سمجهي ٿو.

ان کان سواءِ جادم جي گروءَ جيڪي محبت جي خواهش ۾ يوڳِڻ جا قصا ساٽس ڪيا انهن تہ مون کي واقعي بہ لوڏي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ هو فقط سِڪڻ جي خواهش کي وڏو مقام چوي ٿو، جنهن سان مان تہ صَفا مُتفق نہ آهيان. اهو ڪيئن مُمڪن آهي تہ محبت کي حاصل ڪرڻ تہ نهيو، ورندو ان کي وڃائي سُک ماڻجن؟ منهنجي ذهن ۾ تہ هر وقت اهي سُوال ايندا رهندا آهن. مان سوچيندو آهيان تہ جا يوڳِٽيءَ کي نہ حاصل ڪري مان ان عظيم محبت جو مزو چکي سگهندس؟ نہ. هرگز نہ. اهو ڪيئن مُمڪن هو تہ مان ساٽس نہ ملي سگهان ۽ اندر ۾ پُرسُڪون بہ هجان؟ اهي تصورن جا عجيب و غريب ڪوڙا مون کان تہ لڳا ئي نہ ٿئي.

جادم جي ڏِيان جي تجربن، جن کي هو مُشاهدا سڏي ٿو، کي پڙهي محسوس ٿيو تہ ڪاش اهي منهنجي بہ نصيب ۾ ٿين ها تہ مان يوڳِٽيءَ کي پنهنجي سامهون نہ هوندي بہ ايئن ڏِيان جي دنيا ۾ ڀِسي سگهان ها.

جادم جو ساڌو ڪيس نِرواڻ تي پهچڻ لاءِ جنهن تڪليف ۽ مشقت ڪاٽڻ جي هدايت ڏئي ٿو. اها ڪيس وُجُودي طور سگهارو ڪندي ويندي، پر ڇا هو نِرواڻ تي پُهچڻ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي کي چٽيءَ ريت سمجهي ٿو؟ هو ڪهڙي يار سان صحبت جي سماءَ جُڙڻ جي ڳالهه ڪري رهيو هو. هو ڏِيان ۾ نظر اينڊڙ منظرن جي ماحولَ کي جسم تي ڪيئن محسوس ڪري رهيو هو؟ ڪَپالواتيءَ کي گهٽو ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ هو ڪنهن مِيرا جو ذڪر ڪري رهيو هو جيڪا ڏِيان جي مُشاهدي ۾ ڪيس ڪي رستا ۽ پارَ ٻُڌائي رهي هئي. اها ڪير هئي؟ مون کي ڪجهه به چٽو سمجهه ۾ نه ٿئي آيو. سوچيم جيستائين ان تفصيلي دستاويز کي مڪمل نه پڙهبو تيستائين سمجهي نه سگهبو.

اُن ڏينهن يوڳَتي ۾ مان صبح جو ساڍي اٺين وڳي ٽِڪسي مان نڪري شَي مونَئسٽريءَ ڏانهن سفر تي نڪتاسين. مون ايس ايم ايس ذريعي جَين ۽ مائيڪل کي ٻُڌائي ڇڏيو ته اسين ٽِڪسي مان هاٽي شَي ڏانهن وڃون پيا. شايد ٻه ٽيون ٻوڏيشالائون به اڄ ئي ڪَوَر ڪري ڇڏيون. مائيڪل مون کي لکيو ته لِيهه ۾ ٻيون جايون به ڏسڻ ڪِپن. هو ڪئمپنگ ڪرڻ جو به چئي رهيا هئا. مون لکيو مانس اجان ڪجهه ٻوڏيشالائون ڪور ڪري آخري ڪجهه ڏينهن ٽوئر جي لاءِ مخصوص ڪري سگهجن ٿا. پر جي هوءَ راضي ٿئي ته. ان تي مائيڪل حسب معمول "گُڊ لَڪ" لکي شرارتي مُرڪ موڪلي ڏني. مان پڙهي مُرڪي پيس.

مون کي سندن سياحتي حوالي ڪان ليهه گهمڻ وارو خيال وڻيو... مون به سوچيو ته لَداخ جا ٻيا پاسا گهمڻ لازمي هو. پر هاڻي مان اهو وقت ڪيئن به ڪري يوڳتيءَ سان گذارڻ چاهيو ٿئي. يوڳتيءَ کي ٻيا پاسا گهمڻ جو ته چوندس پر ان ڪان اڳ هاڻي مون کي ڪيس ڪجهه ٻيو به چوڻو هو. سفر جي دوران ئي مون باقاعدي ڪيس گذارش ڪئي ته مان ڪانئس مڪمل يوگا سکڻ چاهيان ٿو. نه رڳو اهو پر مان ٻُڌ مَت ۾ به شامل ٿيڻ چاهيان ٿو. ان لاءِ سندس رهنمائي گهربي هئي. ان تي هن مون کي حيران ٿي ڏٺو. سندس چهري تي رضامندي ۽ تمام گهري مُرڪ هئي: مون کي محسوس ٿيو ته هن ڏاڍي خوشيءَ سان ها ڪئي هئي. ٿوري دير رڪي چيائين، "پوءِ ته هاڻي اوهان کي هر روز صبح جو مون سان سوريه نَمَشڪار ڪرڻ گهرجي." پُڇيم، "سوريه نمشڪار؟ اها ڪهڙي مشق آهي؟" چيائين، "اها ئي، سورج-سَلامِي، جيڪا اڄ صبح جو مان ڪري رهي هئس."

چيائين ايئن ڄڻ هن کي خبر هئي ته مان ڪيس يوگا ڪندي ڏسي رهيو هئس. پر هوءَ ايتري ته ٻي ڌِيانيءَ سان يوگا ڪري رهي هئي جو مون کي محسوس ئي نه ٿيو ته هوءَ منهنجي موجُودگيءَ ڪان باخبر آهي. حيران هئس ته ڪيس ڪيئن خبر پئي، مون ته وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪئي هئي ته غير محسوس طريقي سان پري بيٺل هجان، پر هن کي خبر پئجي وئي. ڪيس نِهاريم ته سندس چهري تي ڪهڙا ڀاوَ هئا. منهنجي مُنهن تي هلڪڙي مُرڪ اچي وئي. مون تي هڪ نِهار وجهي ڏٺائين، پوءِ ڪار جي دريءَ ڪان ٻاهر ڏسندي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ساڻس ان موضوعَ تي اِن وقت وڌيڪ ڳالهائڻ بهتر نہ سمجهيو.

ڪار ڪان ٻاهر ڏسڻ شروع ڪيم. نئون تعمير ٿيل روڊ هو، ان جي ٻنهي پاسن ڪان ويڪرو مَيداني رستو هو، جنهن جي ڇَيڙي تي جابلو سلسلو هو، سموري رستي تي وٽڪار تمام گهٽ هئي، روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان پَٽرائين زمين هئي.

تيز هلندڙ گاڏيءَ مان اهي ساڳيا ساڳيا نظارا ڏسندي اسين شي ٻوڏيشالا پهتاسين. گاڏيءَ مان لهي اندر رهائش گاهہ ۾ ڪمرا ورتاسين. چانهہ جي طلب هئي، اچي رڌٽي وٽ ويناسين. مون وٽ اڄ وري ڪيترائي سُوال هئا جيڪي ڪانئس پڇڻ ٿئي چاهيم، مثال طور اهو ئي ساڳيو سُوال مون کي شدتَ سان محسوس ٿي رهيو هو، ان تي مون ساڻس تفصيل سان ڳالهائڻ ٿئي چاهيو تہ سيئي ٻوڏيشالائون ۽ انهن جا ٻوڏي-دَرَ بہ ايئن هوندا آهن، جيئن مسجدون، ڪليسائون، مندر ۽ گُردوارا هوندا آهن. جي مان ٻُڌ مَت ۾ شامل ٿيس تہ مان تہ توهم پرستي ۽ عقيدي تي ٻڌل رسمن کي رد ڪندس.

جڏهن مون يو ڳٽيءَ ڪان پُڇيو تہ. ”ٻوڏيشالائون صفا هِڪٻئي سان مُشابهہ آهن، ڪا بہ نَواڻ نہ آهي منجهن، پوءِ اَسين اتي ڇا پيا ڏسون؟“

مُون ڏي ڏٺائين، ۽ چيائين، ”فطرت ۾ بہ تہ ڏاڍي گهري مُشابِهت آهي؟“

چيم، ”ها، آهي تہ.“

”۽ جيئڻ ۾ بہ“، چيائين.

چيم، ”ها، سا بہ آهي.“

چيائين، سو سڀ ڪجهہ ساڳئي ۾ اسين نواڻ نہ ڏسي سگهندا آهيون. ڏينهن رات، انسان، فطرت، جيئڻ، جيئڻ جا سوين لوازمات؟ سڀ ڪجهہ ساڳيو ئي لڳندو آهي نہ؟ ڪيس ڏٺم، بنا ڪجهہ ڪڇئي.

پاڻ ڳالهہ جاري رکندي چيائين، ”اهو سچ آهي تہ هر ڏينهن ٻئي ڏينهن سان مُشابهہ آهي، پر اهو فقط ايترو مُشابهہ آهي جيترو هِڪ انسان ٻئي انسان سان مُشابهہ آهي. ايئن ئي هر ڏينهن ٻئي ڏينهن ڪان ايترو ئي مختلفَ بہ آهي، جيترو هڪ انسان ٻئي انسان ڪان مختلف آهي. ٿورو سوچ، هڪ انسان ٻئي انسان ڪان ڪيترو نہ مختلف هوندو آهي. سماجي جانور هئڻ ڪري هڪجهڙيون حياتياتي ضرورتون رکڻ باوُجُود بہ اسين سيئي هِڪٻئي ڪان ڪيڏا نہ مختلف هُوندا آهيون.

اڄ سڀ ڪجهہ ساڳيو آهي ۽ اَڄ ڪجهہ بہ ساڳيو نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسين هن دنيا ڪان، پنهنجي وُجُود ڪان اوپرائپ محسوس ڪندا آهيون تہ وري ڪڏهن پنهنجائپ محسوس ڪندا آهيون، آهي يا نہ؟“ اهو چئي مون ڏي ڏٺائين.

چيم، ”ها، آهي تہ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي مقدس ڦيٽا، جن کي عبادتي ڦيٽا بہ سڏجي ٿو، هر مونئسٽريءَ ۾ عجيب لڳندا هئا، جيڪي شي ۾ بہ هئا. هر عقيدي پنهنجي پنهنجي انداز سان عبادت يا دعا ۾ مافوق الفطرت قوتن کان گهرڻ جا طريقا رکيا هئا. شي مونئسٽريءَ ۾ کُلئي آسمان هيٺ ديوار سان لڳل هڪ قطار ۾ انيڪ ڳاڙهسري ۽ هلڪڙي سونهري يا چانديءَ جي رنگ جا ڦيٽا هئا، جن تي تبتيائي يا چيني ٻوليءَ ۾ خطاطيءَ جون ڪجھ چِٽساليون بہ ٿيل هيون. مون ٻين ٻوڌيشالائن ۾ بہ ڏٺو هو تہ ماڻهو انهن رنگ برنگي ڦيٽن کي ڦيريندا ۽ مَنتر پڙهندا اڳتي وڌي ويندا هئا. لڳ ڀڳ هر ماڻهو ڪوشش ڪري هر ڦيٽي کي ڇُهندو اڳتي ويو پئي.

مون اتي بيٺل هڪ پوڙهو ٻوڌي ڏٺو. هو هڪڙي ڦيٽي تي بيهي ان کي رکي رکي تسبيح سورڻ جيان ڦيرائي رهيو هو. جنهن نتيجي ۾ بہ انهن ڦيٽن کي ڦيرڻ تسبيح ڦيرڻ جيان هو، پنهنجي ٻوڌي خدا کان ڪجھ گهرڻ کان اڳ ان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش هئي.

جيئن ئي مقدس ڦيٽا ختم ٿيا، ان جي دنگ تي ئي ساڄي طرف کان هڪ موڙ هو. جتان مُڙندي ئي سامهون سادي سيمنٽ جي ڏاڪڻ هئي، جنهن تان چڙهندي ئي سامهون سفيد رنگ جو مقبري نما گومپا نظر آيو. اتي پهچي ميلن تائين قدرتي منظر پئي ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ پرانهان جبل، ان کان اڳ ۾ ساوڪ ۽ وچ وچ ۾ وَرن وَڪڙن وارا رستا هئا، جن تان گاڏيون لنگهندي نظر پئي آيون. مون نوٽ ڪيو تہ شي ڪافي پراڻي مونئسٽري هئي. ڇتين تي رنگ رنگ جون ننڍڙيون جهنڊيون ٽنگيل هيون، جيڪي هر مونئسٽريءَ ۾ هيون، شايد ان ڪري جو ٻوڌي سَنونڻ جي ڪا علامت سمجهيون وينديون هيون.

مون کي سڀ کان گهڻي حيرت جبلن تي اڏيل سادين ماڙين تي ٿي رهي هئي، جن جي تعمير ۾ انهن جي قدامت ۽ پراڻپ قائم هئي، جدت جو نالو نشان نہ هو. شهري مرڪزن ۾ وڏيون عمارتون تہ ڏٺيون هئم پر پهاڙي علائقي ۾، جبلن تي اڏيل پنج ڇھ يا ڏھ ماڙ عمارت مون کي ڇرڪائي ڇڏيو هو.

ڪيڏي نہ حيران ڪن ان جي سادگي هئي، خاص ڪري ان ڪري بہ جو اُهي ماڙيون هيناهين ۽ مٿاهين بيهڪ جي حساب سان بلڪل طبقاتي هيون، يعني مٿين ماڙ وڏي لاما لاءِ هئي، ۽ هيٺيون ماڙيون ان حساب سان انهن کان ننڍن لامائُن لاءِ هيون. ٽري واري عمارت ۾ نون ٻوڌين کي رکيو ويو هو. شي ۾ هڪ مقدس ”مجيون“ نالي ڍنڍ بہ هئي، جنهن جي چوڌاري وسنديءَ کي چراگاهي علائقو پئي سڏيو ويو. شي وٽان مٿاهينءَ کان بہ ان ڍنڍ ۾ آڙيون ترندي نظر پئي آيون. مون سوچيو تہ آخر ۾ وڃي اُتي ويهندس.

اندر مون ڪجھ فوٽو ڪڍيا. شي گومپا جي حوالي کان فقط هڪ لاما سان ڳالھ ٻولھ ڪيم. جيڪو نوجوان هو، عمر ۾ چوويهن پنجويهن سالن جو هوندو. ست سال اڳ پُونَي کان هتي لڏي آيو هو. هن ٻڌايو تہ شي ليھ ضلعي جي ليھ تعلقي ۾ هو. اتي لداخ جي بادشاهن جا سياحتي محل بہ هئا جن ۾ هو اچي ترسندا هئا. هن ٻڌايو تہ هتي سندو درشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلو. جيڪو شَي وٽ وهنڌڙ سنڌو ڪناري تي لڳندو هو. اُهو جون جي مهيني ۾ لڳي چڪو هو.

شَي مونئسٽريءَ بابت هن ٻڌايو ته ان جي شُهرت گوتم ٻُڌ جي وڏي مُجسمي جي ڪري هئي، جيڪو سون ۽ ٽامي جي ڌاتوئن جي گڏيل مَٽ سان ٺهيل هو.

هن جو چوڻ هو ته هو سِڌو سنئون سٽڪيامُنيءَ يعني گوتُم ٻُڌ جو پوئلڳ هو. هن جو ويساهه هو ته اصلي ٻوڌي تَعليمات فقط اهي ئي آهن، جَيڪي سِڌو سَنئون گوتم ٻُڌ جي فلسفي، چوڻين ۽ عمل مان سکجن. يعني هر ڪو پاڻ ئي سنڌس درس کي سَمجهڻ جي ڪوشش ڪري، فقط ٿوري رهنمائيءَ سان. ٻُڌ جو سُمورو علم سِڌو سنئون سندس تعليمات بدران ڪنهن ٻئي استاد کان سکڻ جو نقصان اهو ٿو ٿئي ته خالص ٻُڌ جي ڏنل تعليم منتقل ٿيڻ بدران اُستاد جو پنهنجو تصور به ان ۾ مِلي ٿو وڃي، جنهن سان گوتم جو خالص فلسفو گم ٿيو وڃي. مون کي اها ڳالهه دل سان لڳي. نوجوان لاما موڪلائڻ کان اڳ مون کي تاڪيد ڪئي ته لازمي طور ٻوڌي ميڊيٽيشن سينٽر ڏسندو وڃان، نه رڳو اهو پر ڪوشش ڪري اتي ٿورو وڌيڪ وقت به گذاريان. هن ڪلندي چيو، ”اتي وڃڻ کان سواءِ ليهه چڏڻ پاپ هُوندو.“ مون به مُرڪي ان ڳالهه کي مڃيو.

ان کان پوءِ وچي ڍنڍ جي ڪنارِي تي ويهي بدڪون ڏسندو رهيس، اڄ خبر نه آهي چو گهڻا انٽرويو وٺڻ تي دل نه ٿئي چيو. هڪ ته مون کي انهن انٽرويوز مان هاڻي ڪا نئين معلومات نه ٿئي ملي، ان ڪري هاڻي بوريت پئي ٿيم. مٿان منهنجي خيالن تي يو ڳَٽي ۽ سائس گڏ وقت گذارڻ جي شدت ورتل خواهش حاوي هئي، ان جي اِمڪان تي پئي سوچيم... ان ڪري جو وقت جو گذرڻ اٽل هو، اها قسمت هئي جو وقت ڪٿي بيهٽو ئي نه هو، ان جي جلدي گذرڻ کي مان ڪجهه به نه ٿئي ڪري سگهيس، بس مليل وقت منجهان وڌ ۾ وڌ حاصل ڪرڻ ٿئي چاهيم، جيڪو انيڪ سفر ڪرڻ کان پوءِ به نه ماڻي سگهان ها.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو وقت جي ايئن گذرڻ جو احساس ٿيم ته بيوسيءَ جي درد منجهان گذرڻ لڳس. پاڻ کي سمجهائڻ ڏکيو ٿي پيو. سوچيم، فقط ليهه ۾ ئي چو، هوءَ پنهنجي سڄي زندگي چو نه مون سان گڏ هجي؟ ڳالهه فقط هن قسط جي ته نه هئي، ڳالهه اڳتي جي زندگيءَ جي به هئي. مون ڪيس پاڻ سان گڏ ڏسڻ جو اِيترو ته چِٽو تصور ڪيو هو جو ان تصور جي ابتڙ ڪجهه ٿئي، ان سوچ ئي ڦٿڪائي ٿئي رکيو. انهن ئي سوچن ۾ مان ڍنڍ جي بدڪن کي ڏسندو رهيس ۽ يو ڳَٽيءَ جي ڪم ڪار ختم ٿيڻ جو انتظار ڪندو رهيس.

اڄ خبر به نه هئم ته شَي کان پوءِ ڪيڏانهن ويندا سين، ٻه ڪلاڪ ٿيڻ وارا هئا. مان اُتان اُٿي وچي شَي جي رڌڻي وٽ ويهي رهيس. اتي يو ڳَٽي اڳ ئي سائي چانهه جو مَگُ هٿ ۾ جهليو هڪ لاما سان ڪجهه ڳالهائي رهي هئي. مون کي ڏنائين، اشاري سان چانهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ڪائونٽر تي پهتاسين. يوڳٽيءَ اتي وينل هڪ نمائندي سان اسان ٻنهي جو تعارف بطور محقق جي ڪرايو. هن کان رهائشي تربيت بابت ڪجهه سُوال پڇيائين. هن هڪڙي فون ڪال ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن سان ڪجهه ڳالهايو. ۽ ان کان پوءِ اسان کي اهو چئي ڪائونٽر وٽ ويهڻ لاءِ چيائين ته رهائشي تربيتي پروگرام جو انچارج اچي پيو. جيڪو وڌيڪ تفصيل ٻُڌائيندو. اسين ٻئي اتي ويهي رهياسين. ڪجهه ئي منٽن ۾ هڪ وچولي عمر، گهري رنگ ۽ پوري پُني قد وارو ماڻهو آيو. جنهن اچي اسان ٻنهي سان پنهنجو تعارف بطور نَوانگ مُنيءَ ڪرايو. هن يوڳٽيءَ ۽ منهنجي هٿ ۾ پمفليٽ نما بروشر ڏنا جن ۾ تربيت جي رهائشي پروگرامن جا پيڪيجز ڇاپيل هئا. ڪي ٽن ڏينهن جا، ڪي پنجن ڏينهن جا ته ڪي ٻن هفتن جا پروگرام هئا. ان رهائشي تربيتي پروگرام کي هو رِٽريٽ سڏي رهيا هئا.

مون چاهيو پئي ته اسين ٻن هفتن واري رهائشي پروگرام جو حصو بڻجون. ان ۾ ٻوڌي علمي سلسلا، يوگا ۽ ڌِيان رکيل هئا ته سموري ليهه جو ٽوئر به هو. مون پاڻ ئي مسٽر نَوانگ کان پُڇي ورتو ته هي ٻن هفتن جو ڪورس ڪڏهن شروع ٿيندو؟ ان کان اڳ جو نَوانگ مُني ان جو جواب ڏئي ها، يوڳٽي هڪدم مون ڏانهن ڏسي حيرت منجهان چيو، ”اوهان هتي ايترو وقت ترسي سگهندؤ؟ اوهان جي فلائيٽ جو آهي واپسيءَ جي؟“

مون چيو، ”ها، منهنجي فلائيٽ ته ٻن ڏينهن کان پوءِ جي آهي، ان کي ته مان هونئن ئي اڄ تبديل ڪرائيندس ۽ جي اُها رهائشي تربيت اوهان لاءِ به مُمڪن هجي ته پوءِ ان حساب سان فلائيٽ جو به ٽڪيٽ ڪندس.“ هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي.

مسٽر نَوانگ ٻُڌايو، ”ٻن هفتن واري رهائشي تربيت ته شروع ٿي چُڪي آهي، اُن جو سُياٺي ٻيون ڏينهن آهي ۽ سياڻي شَي، تِڪسي، ماٿو ۽ هَيمس ٻوڌِيشالائن جو ٽوئر آهي، اوهان چاهيو ته مان اوهان کي ان جو حصو بنائي سگهان ٿو، ان ڪري جو هن ڀيري اسان جو ٽوئر گروپ صفا ننڍو آهي، ٻه ٽي ٻيا ماڻهو به داخل ٿي سگهن ٿا.“

مون کيس ڏٺو، صفا هڪ لمحي اندر ئي فيصلو ڪرڻو هو ته ٽوئر کي ٻن ٽن ڏينهن بدران ٻن هفتن تائين ڊگهو ڪري ڇڏجي. منهنجي اندر ۾ آنڌَ مانڌ هئي ته خبر نه آهي هوءَ ڇا چوندي.

يوڳٽيءَ مون کي ڏٺو، ۽ چيو، ”اوهان چاهيو ٿا ان تربيتَ جو حصو ٿيڻ؟“ مون تمام وڏي ۽ پرزور ”ها“ ڪئي؛ هوءَ ڪي لمحا ڪجهه سوچي چوڻ لڳي، ”مان اوهان جي ٻوڌِي تربيت جي ڪري اهو ڪريان پئي ته جيئن اوهين باقاعدي ان ۾ داخل ٿي سگهو.“

مون دل تي هٿ رکي مهرباني چئي مانس.

چيم، ”ان سان ته اوهان کي به پنهنجي تحقيق ۾ فائدو ٿيندو، اوهين پنهنجون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاقاتون جاري رکي سگهندا.“ ان تي مون کي گهوري چيائين، ”ياد رکو، هي رنٽريٽ منهنجي تحقيق جي فائدي لاءِ نہ، اوهان جي تربيت لاءِ پئي ڪريان. پُڌ مَت سان اوهان کي هاٿي نياڻٺو پوندو.“ وري سيني تي هٿ رکين پڪ ڏني مانس تہ هوءَ مرکي پئي.

مسٽر نَوانگ کي چيائين، ”جي اسين سياٽي جي ٽوئر کي ڇڏي پرينهن کان ان جو حصو بنجڻ چاهيون تہ؟ اسين اهي چارٽي مونٽسٽريز گهمي چڪا آهيون، اسين ڪجهہ پيون جايون ڏسي سگهنداسين.“

منهنجي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ هئي، مون تہ اهو سوچيو ئي نہ هو تہ ڪو هوءَ پاڻ بہ ان ڏگهي رهائشي تربيت ڪرڻ تي راضي ٿي ويندي. هاٿي اينڊڙ لڳ ڀڳ بہ هفتا اسين گڏ هونداسين، اهو تصور ئي حسين هو. مسٽر نَوانگ ان کي مڃي ورتو. اسان کي مڪمل پئڪيج ٻڌايائين، اسان ٻنهي پنهنجا پنهنجا فارم ڀرڻ شروع ڪيا.

هن اسان کي چيو تہ اڄوڪو ڏينهن اسين هتي معلومات وٺون، آرام ڪريون، ۽ سياٽي کان هتي ٿيندڙ ڏيان جي مشقن ۽ يوگا جو حصو بڻجڻو پوندو. پرينهن کان سموري گروپ جو حصو بڻجنداسين. مون ٽڪيٽ جي تاريخ مٽائڻ لاءِ ڪائنٽس اوسي پاسي ڪنهن ٽريول ايجنسيءَ جو پُڇيو تہ هن مون کي هڪڙو نمبر ڏنو تہ اتي رابطو ڪري مدد وٺي سگهان ٿو.

هن اسان کي ٽي وقت ماني ۽ ڏينهن ۾ ٽن چانهين جا اڄوڪي ۽ سياٽڪي ڏينهن جا ڪُوپن ڏنا ۽ پلجُور نالي هڪ مددگار ساڻ ڪري سينٽر جي گيسٽ هائوس ڏانهن موڪلي ڏنو. اهو گيسٽ هائوس سينٽر جي مُک عمارت کان اتراهين پاسي هو، فقط رهائش لاءِ مخصوص هو. نويڪلي ۽ بيحد پُرسُڪون رهائشي جاءِ هئي، جنهن جي پسگردائي چڻ سوچيندڙ، ادبي لِک پڙهہ ڪندڙ ۽ اسان جهڙن ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙ ماڻهن لاءِ ئي تيار ڪئي وئي هئي. اسان جا ڪمرا هڪڙي ئي ڪاريڊور ۾ هئا.

اسان کي پلجُور ميس ڏيکاري؛ ان کان پوءِ گيسٽ هائوس ۾ ٿيندڙ مختلف سرگرمين جا ڪمرا ڏيکاريا. هي گيسٽ هائوس هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هو، جنهن ۾ رهائشي ڪمرن کان سواءِ يوگا جا ڪمرا، ڌيان جا ڪمرا ۽ ٻاهر لان ۾ ويهڻ لاءِ جاءِ جاءِ تي ڪرسيون، بينچون رکيون هيون، اتي بہ اهڙا تہ بهترين ڪارنرز ٺهيل هئا جو ماڻهو ڏاڍي سڪون سان يوگا يا ڌيان ڪري ۽ ڪتاب پڙهي پنهنجي نويڪلائي بہ حاصل ڪري سگهي پيو.

هاٿي تہ اسان کي بک بہ لڳي هئي، سو اسان پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ سامان رکي ماني کائڻ لاءِ ميس طرف هليا آياسين، اتي هڪ بہ ننڍيون ۽ بہ وڏيون ڊائننگ ٽيبلون رکيل هيون. هڪ وڏي ٽيبل تي ويهارو کن ماڻهو هڪ ئي وقت ويهي ۽ کائي پي سگهيا پئي. بي ٽيبل ان کان ڪجهہ گهٽ انگ جي ماڻهن جي ويهڻ لاءِ هئي. اسان معمول موجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاڪاهاري ماني ڪائي، سائي چانهه جا مگ کڻي ٻاهر آياسين. گيسٽ هائوس جي ٻاهران رکيل ڪرسين تي ويهي رهياسين. مون کيس چيو، ”هتي ترسڻ جو فيصلو بهترين ڪيوسين، هيڏي پُرسڪون جاءِ تي رهڻ بنا هليو وڃڻ واقعي به وڏو ڏوهه هجي ها.“

هن مُرڪي ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. چيائين، ”اوهان سيني جي تحقيق ان کان سواءِ اڌوري ٿي هجي ها. رهائشي تربيت جو خاص طور اوهان کي ته اهو فائدو ٿيندو ته اوهان کي ٻُڌ جي فلسفي کي سمجهڻ جو ڪافي وقت ملي ويو، ڪافي نئون مواد ملندو اوهان کي.“

ان مهل مون کي مائيڪل ۽ جَين جو خيال آيو، چيم، ”ڪاش منهنجا دوست مائيڪل ۽ جَين به ان رهائشي تربيت جو حصو ٿين ها. پر هو ته شايد سيائٽي دهلي نڪري ويندا. هنن جي فلائيٽ هوندي واپسيءَ جي.“ هن چيو، ”اوهين انهن سان رابطو ڪيو، ٿي سگهي هو ٿوري دير لاءِ ٿي هتي اچي سگهن؟“ مون ها ڪئي ۽ مائيڪل کي ٻوڌي سينٽر بابت لکيم. ڪال ته لڳي ئي نه ٿئي، ان ڪري سنڌس ميسيج جو انتظار ڪرڻ لڳس.

ٿوري ئي دير ۾ مائيڪل جو ميسيج به اچي ويو. لکيائين، ”اسان مهاٻوڌي سينٽر ۾ هڪ ڏينهن گهاري نوبرا نڪري ويا هئاسين، اڄ واپس پهتا آهيون، سيائٽي دهليءَ واپس وڃون پيا. ڪاش ته اسان به رهائشي تربيت تي هلي سگهون ها. اڄ ملون رات جي مانيءَ تي؟ مواد ڏجي ونجي؟“ ان کان پوءِ وري شرارتي مرڪ واري سائن موڪلي لکيائين، ”جي اوهان جي پرائيويسيءَ ۾ ڪو خلل نه پوي ته ٻڌاءِ. اسين رات جو تو وٽ ٻوڌي سينٽر اچون، اسان جي رهائش ان جي ويجهو ئي آهي؟“ مائيڪل مون کي چيڙڻ جو ڪو به وجهه نه ٿئي وڃايو، مون کي ان تي مزو پئي آيو. مون به ايئن ئي مرڪي سادي ستين وڳي ملڻ جو ٽائيم طئہ ڪيو مانس.

يو ڳٽيءَ کي ٻُڌايم ته مائيڪل ۽ جَين هتان گهمي ويا آهن ۽ اڄ رات جي مانيءَ ۾ موادَ جي ڏي وَٽ لاءِ هتي ايندا. وراڻيائين، ”زبردست. ڪانئن سندن تجربا ٻُڌي خوشي ٿيندي.“

اسين ٻئي گيسٽ هائوس جي پُراسراريت تي ڳالهائيندا رهياسين. يو ڳٽيءَ ٻُڌايو ته هوءَ اڳ ۾ به انڊيا جي ڪافي ٻوڌيشالائن ۾ ڪيترين ئي رهائشي تربيتن ۾ حصو وٺي چڪي هئي، جيتوڻيڪ ليهه اڳ به اچي چڪي هئي پر اُتي سنڌس اها پهرين رهائشي تربيت هئي، ان ڪري هوءَ ڪافي منجسس هئي. ان مهل منجهند جا ٻہ ٿيا هئا. يو ڳٽيءَ چيو، ”اوهان پنهنجي ٽڪيٽ تبديل ڪرائي اچو، ٽيستائين مان ڪلاڪ ٻہ ڪن آرام ڪرڻ چاهينديس.“

اسين پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وياسين. مان سامان رکي ٻاهر نڪري آيس، خوابن جهڙي دنيا مون آڏو هئي. اها خبر هئم ته وقت اَڪ ڇنڀَ ۾ ئي گذري ويندو آهي. پر خوشيءَ ۽ اميد جي اِن احساس جي ڪري ايندڙ ٻہ هفتا مون کي ٻن صَدين جيڏا ڏِگها لڳي رهيا هئا. صورتحال ايئن ڦيرو کاڌو هو جو ٻن يا ٽن ڏينهن جو سَاٽ ٻہ هفتا ڏِگهو ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ڪم ڪندو رهي.

مون کي هڪ سنڌي ٻوڙيءَ جي اهڙي فلسفي کان رُوشناسي ۽ سندس سائيگان جو تجربو حيرت انگيز لڳو ته هو ڪيئن ٻوڙي ساڌوئن سان گڏ تيرهن ورهين جهڙي ننڍي عمر ۾ هڪ غير ملڪي سفر تي نڪري ٿو، سو به ٻڌ مَت جي درس حاصل ڪرڻ لاءِ، خوابَ جهڙي ڳالهه لڳي ٿي. 1963 واري سائيگان جي ان دؤر جي ساڌوءَ ايتري ته بهترين منظرڪشي ڪئي آهي جو مون باقاعدي پاڻ کي ان دؤر ۾ محسوس ڪيو. هي خط سندس پهرئين دؤر تي ٻڌل هئا، جيڪو جنوري کان جون 1963 تائين هو. ان دؤر جي سياست ۽ ٻُڌ مَت ۾ شعوري تربيت تي ٻڌل خطن جو هي ياڳو هڪ پاسي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ان دؤر ۾ عيسائيت ٻُڌ مَت جي پوئلڳن جي نسُل ڪشي ڪئي، ته ٻئي پاسي ڦوان اَثم مونئسٽريءَ ۾ ڪنهن به نئين ٻوڙيءَ جي تربيتَ ڪيئن ٿيندي هئي، ان جون به تَفصيلي جَهلڪيون آهن.

مون ته اهو سوچي ڇڏيو آهي ته اها تربيتَ مون کي به کپي. مان به ڏسان ته هي ٻوڙي آخر اِمڪان کان ٻاهر ڳالهين کي ڪيئن مُمڪن ڪندا آهن، مثال طور مڪمل خاموشيءَ وارو ڏِيان ڪجهي ۽ انسانن جي اوسي پاسي رهندي به ڏينهن جا ڏينهن هڪ اکر نه اُڪلجي؟ يا وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ ئي جسماني پوزيشن ۾ خاموش ويهي يا ويهي ڏِيان ڪجهي ۽ جِسم چري ٻِ نه! هاڻي مون لاءِ اهو ڄڻ لازمي ٿي پيو هو ته مان ڪنهن ٻوڙي تربيتي سينٽر وڃان، اها جاءِ لمبيني به ٿي سگهي ٿي، جتي مون کي هوئن به وڃي يوڳٽيءَ سان ٻيهر ملڻو هو.

پوءِ اُتان ئي يوڳٽيءَ سان گڏجي ٻوڙي دنيا جا ٻيا عجيب مظهر ڏسڻ به لازمي هو، جنهن علمي سلسلي جي تاريخ ٻُڌائي ٿي ته وٿس هر دؤر ۾ هر مجيل ۽ معروف ٻوڙي سَتوَ وت ڪنهن نه ڪنهن مڌ جي صُراحي هوندي هئي، جنهن منجهان اهي درد يا اڻ ڄاڻائيءَ جي ماريلن کي دارون طور اثرائتي مڌ آڇيندا هئا. ان دؤر ۾ به ساڌوئن وٽ ته اهي ئي سُوال هوندا هئا ته آخر مڌ جي صراحي ڪٽڻ جو لازمي هو؟ ان ۾ ڪهڙي طِبَ رکيل هئي؟ يا ٻوڙي ٿيڻ لاءِ سَنياس چو ونجي ها؟ ان کان سواءِ به ته ٻوڙي ٻڌجي سگهجي پيو، جيئن گوتمَ چيو ته فقط وچ وارو رستو اختيار ڪرڻ جي ضرورت هئي؟ مون وٽ به اهي سڀ سُوال هئا ۽ منهنجي خيال ۾ مون جيان مڙني انسانن جي ذهن ۾ اهي سُوال لازمي ايندا هوندا جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي کان ٻُڌ مَت جي دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ان ڪان پوءِ مون کي هڪ ٻي ڳالهه جي ٻي چيني به هئي ته جادمَ جو ساڌو بار بار ڪهڙي لڳ ڏڪائيندڙ واقعي جو ذڪر ڪري رهيو هو پر ان جا تفصيل پوءِ ڏيڻ بابت چيائين ٿئي. مون کي ان واقعي کي ڄاڻڻ جي به جامر هورا ڪورا ٿي پئي هئي پر صبر پئي ڪيم ته ان کي سلسليوار خطن ۾ ئي پڙهان. متجسس هوندي به وقت کان اڳ ان کي پڙهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿئي چاهيم.

اوچتو ننڊ مان جاڳي پيس، ٽائيم ڏسان تہ ڇهہ ٿي ويا هئا. ٻہ ڪلاڪ ڪن يا ان ڪان ٿورو وڌيڪ ننڊ ڪئي هئم. اٿندي ساڻ ئي پهريون خيال يوڳٽيءَ جو آيم... شاور وٺي ڪئميرا کڻي ٻاهر نڪتس، سنڌس ڪمري کي تالو هو. سوچيم، ”هاڻي ڪٿي تلاش ڪريانس،“ مون ڪيس ڪال ڪئي، رنگ وئي، پر هن کڻي نہ. ميڊيٽيشن سينٽر ڏانهن وڃڻ لڳس. اتي ٻار، نوجوان، ٻڍا هڙئي پنهنجي پنهنجي ٻوڌِي مشقن ۾ رُڌل هئا: ڪٿي وڻ هيٺ ڪجهہ ڄڻا ويهي مَحو گفتگو هئا، ڪٿي ڪو تائي چي تہ ڪٿي ڪو يوگا ڪري رهيو هو.

يوڳٽي نظر نہ ٿئي آئي. مان انهن مظهرن جا فوٽو ڪڍندو رهيس. ڪجهہ رهائشي تربيت تي آيل سياحن سان ڪچهري ڪيم ۽ ان ڪان پوءِ ايئن ئي مهاٻوڌِي سينٽر ۾ ڦرندو رهيس.

اُتي ڪنهن مُون کي وڏي آواز سان سڏ ڪيو، ”ڪبير، ڪبير“ منهن ورائي ڏٺم تہ سامهون يوڳٽي ڪجهہ ماڻهن جي جُهرمٽ ۾ بيٺي مون کي سڏي رهي هئي.

ڏانهس ويس، چيائين، ”اسان جي رهائشي تربيت جي ميمبرن سان ملو، اسين ايندڙ ڏهہ ٻارهن ڏينهن گڏ هونداسين.“

يوڳٽيءَ مون کي سڀني سان بطور پنهنجي دوست متعارف ڪرائي ملايو. مختلف ملڪن جا ماڻهو هئا، انهن سان گڏ ٻوڌِي سينٽر جو اهوئي گائيڊ نَوانگ بہ هو، جنهن اسان سڀني کي ايندڙ ڏينهن جي پروگرامن جا بروشرَ ۽ مانيءَ جا ڪوپن ڏنا. ٻئي ڏينهن سڀني کي انهن مونئسٽريسز ڏسڻ وڃڻو هو، جيڪي اسين ڏِسي چُڪا هئاسين. اِن ڪري اهو ڏينهن مان ۽ يوڳٽي ٻوڌِي سينٽر ۾ هُجڻا هئاسين.

سينٽر تي صبح شام يوگا جا ٻہ سيشن رکيل هئا ۽ ڪل چار مختلف درس رکيل هئا، جن مان اسان کي ٽي درس تہ لازمي اٽينڊ ڪرڻا هئا. ان ڪان سواءِ ٻنهي يوگا سيشنز جو حصو بہ ٿجڻو هو، ٻئي ڏينهن اسان سمورن ساٿين سان گڏ هجڻو هو.

نَوانگ ايندڙ ڏينهن جي پروگرامن بابت مختصر ٻُڌائڻ ڪان پوءِ اسان مڙني کي صبح جو پنجين وڳي يوگا ۽ ڏِيان جي پهرين نشسن جو حصو ٿيڻ بابت ٻُڌايو ۽ چيو تہ سڀني کي پوڻي پنجين وڳي گيسٽ هائوس جي سامهون واري لان ۾ گڏ ٿيڻو آهي. اهو ٻُڌائي هو هليو ويو.

مان ۽ يوڳٽي ميس جي ٻاهران رکيل بينچن تي ويهي جَين ۽ مائيڪل جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، يوڳٽيءَ مون ڪان سنڌن بابت پُڇيو، ”اوهان ڪيتري وقت ڪان هِڪٻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان تحقيق ۾ گڏ آهيو؟“

مون ڪيس ٻُڌايو ته اسان سينٽ ائنڊريوس يونيورسٽيءَ جي ائنٿراپالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ گڏ پڙهياسين. چار سال گڏ پڙهيا آهيون. اسان جي تحقيق جو پهريون پراجيڪٽ به هڪ ئي ملڪ جو هو. هي ٻيون پراجيڪٽ آهي.

اسين ڳالهائي ئي رهيا هئاسين تيستائين جَين ۽ مائيڪل به اچي ويا. هن ٻيري يو ڳٽي ساڻن اڳ جي ٻيٽ ۾ وڏيڪ خُجائتي هئي. ڪانئن حال احوال پڇيائين. هنن ٻڌايو ته هو نوبرا واديءَ ۾ هڪ رات رهي آيا هئا. ان جا واريا سا ڳوٺ گهمي آيا هئا. هنن اسان تي ڏاڍو زور پريو ته اسين اها جاءِ لازمي ڏسون. خاص ڪري صحرا جي رات. يو ڳٽيءَ کين ٻڌايو ته اسان جي رهائشي تربيت ۾ نوبرا جو ٽوئر به آهي. سو اسين اها جاءِ ضرور گهمنداسين.

اسان سيئي ميس آياسين. جتي گڏجي بهترين شاڪاهاري ماني کاڌيسين. مانيءَ کان پوءِ سائي چانهه ڪٽي ٻاهر لان ۾ آياسين. مائيڪل ۽ جَين کي اتي جو ماحول تمام گهڻو وڻيو. جَين ارمان وچان چيو. ”ڪاش ته اسان به ان تربيت جو حصو بڻجون ها“. کين ٻُڌ مَت ۾ تمام گهڻي دلچسپي هئي. مون کين چيو. ”ان رهائشي تربيت لاءِ هتي ٻيهر اچجو.“

ان تي متفق هئا. يو ڳٽي ڪجهه دير اسان سان ويٺي ڪچهريون ڪندي رهي ۽ ان کان پوءِ اهو چئي هلي وئي ته. ”اوهان پلي پنهنجي تحقيقي ڪم بابت ڳالهايو. مان ڪمري ۾ وڃي ڪجهه ڪم ڪريان ٿي.“

مان به مائيڪل ۽ جَين کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويس. هِڪٻئي کان مواد ڏنو ورتوسين. ٽنهي تصنيفن بابت ڳالهايوسين. ان جي فارميٽ تي تفصيلي ڪچهري ڪئيسين.

طئہ اِهو ڪيوسين ته مائيڪل اسان ٽنهي جي رڪارڊ ٿيل وڊيوز مان ڊاڪيومينٽري ٺاهيندو. مان فوٽو ڪتاب مڪمل ڪري ۽ ان جو مواد لکي آخري شِڪل ڏئي کيڻ موڪلي ڏيندس. باقي تحريري تحقيق تي اسان ٽنهي کي گڏجي ڪم ڪرڻو هو. جَين اُن جي مُک ليکڪ هئي. طئہ ڪيوسين ته مائيڪل ۽ مان پنهنجا نوٽس مختلف بابن جي صورت ۾ آخري شِڪل ڏئي مڪمل تيار ڪري کيس موڪليندا رهنداسين. هوءَ ان سموري ڪم مان آخري ۽ ڇاپي لائق ڊرافٽ تيار ڪري اسان کي راءِ لاءِ موڪليندي. ائين اسين گڏجي اينڊرٿ پن مهينن اندر تحقيقي ڪتاب به پورو ڪري وٺنداسين. ڊاڪيومينٽري فِلمَ. تصويري ڪتاب ۽ تحقيق. ٽنهي جو هڪ ئي وقت مهورت ڪنداسين.

ڪم جو خاڪو سولو هو.

وڃڻ کان اڳ ۾ مائيڪل مون کان سنجيدگيءَ سان پُڇيو. ”تون واقعي هن سان ٻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هفتن جي رهائشي تربيت تي وڃين پيو؟"

مان مُرڪي پيس... جَين بہ ان ئي سنجيدگيءَ سان پڇيو، "هي پُڌ مَت جو شوق آهي يا هيءَ نارِي آهي، جنهن جي ڪري تون اهو فيصلو ڪرين پيو؟"

مُرڪي پُڇيو مان، "اوهان کي ڇا ٿو لڳي؟"

مائيڪل چيو، "ظاهر آهي، تو هن نارِيءَ جي ڪري اهي هڪدم نوان فيصلا ڪيا آهن."

مون چيو، "ها. پُڌ مَت تہ شروع کان منهنجو من پسند شعبو هو، پر ان ۾ ايئن دلچسپي سندس دوستيءَ جي ڪري وڌي آهي."

ان تي ٻنهي هِڪٻئي کي معنيٰ خيز انداز منجهان ڏٺو. جَين پڇيو. "دوستي يا لانگ ٽرم (ڊگهو) رشتو؟"

مون کين ڏسي حيرت منجهان چيو، "اوهان کي لڳي ٿو تہ هوءَ اهڙي آهي جنهن سان ملي پوءِ ڪيس وڃڻ ڏجي؟"

ان جواب تي ٻئي مون کي ڏسي کليا. ٻنهي منهنجي ڳالهہ کي مڃيو.

جَين پُڇيو، "سو! شاديءَ جي آچ ڪنڊينس؟" مون وڏي دل سان ها ڪئي... جَين انگريزيءَ جو مخصوص جملو استعمال ڪيو، "يو هَيو فالِن اِن لو"، مون چيو، "ها، فال تہ ٿيو آهيان، تمام اُتاهين اوچائين کان تمام گهرين گهرائين تائين..."

مائيڪل وري انگريزيءَ جو هڪ ٻيو اصطلاح استعمال ڪيو، You are head over heels, man!

مون ان تي وڏي ها ڪئي... مائيڪل چيو، "تہ پوءِ گڏ لَڪ. وڃڻ نہ ڏجانس، ماٺجانس."

"بلڪل." مون پُختي ويساهہ سان چيو. ۽ ايئن هو بہ. مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو: مون بہ اهڙي ئي زندگي چاهي پئي، جنهن ۾ پُڌ مَت جو ائڊوينچر هجي، تحقيق هجي، يوگا هجي، سفر هجن، ۽ ان کان پوءِ هڪ پُرسُڪون زندگي هجي. مان ساڻن ان موضوع تي ڪچهريءَ کان پوءِ ويتر وڌيڪ سنجيدگيءَ سان ساڻس زندگيءَ جي رِٿا تي سوچڻ لڳس. اها رات جَين ۽ مائيڪل مون سان ڊگهي ڪچهري ڪري وڃڻ لاءِ نڪتا تہ هوءَ لان ۾ ئي پَسار ڪري رهي هئي.

هنن کانئس موڪلايو. موڪلائيندي مهل جَين ڪيس هڪ جملو چيو، "اسان کي تو سان ملي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. ڪاش تہ تو سان وڌيڪ ڪچهري ڪرڻ جو موقعو مِلي ها. ڪبير لَڪي آهي تہ هو ايندڙ ڏينهن تو سان گڏ هوندو. ۽ تنهنجي صحبت ۾ ڪافي سکندو." ان تي يو ڳَتيءَ ڪيس مُرڪي ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائيڪل ويندي ويندي چرچي ۾ چئي ويس. ”هن جو خيال رکجانءِ. چئني پاسن کان مڪمل ثابت ۽ سلامت ڪپي اسان ڪي. متاهيُن تي پيو گهمي اچڪله.“ يوڳتي ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيس اکيون ڪرڙيون ڪري مُرڪي ڏٺو. چيائين. ”چا مطلب؟“

مائيڪل اُن ئي انداز ۾ مُرڪي چيس. ”هن کان پُڇي ونجانءِ.“ يوڳتي ڪجهه نه سمجهڻ جي احساس سان مُرڪي مون ڪي ڏسڻ لڳي ۽ هو هئي موڪلائي پنهنجي رهائش تي هليا ويا. يوڳتيءَ به مون ڏانهن ڏسي مائيڪل بابت پڇيو ته هو چا چئي رهيو هو. مان ٽاري ويس. ڳالهه مٽائيندي چيو مانس. ”رات جا ڏهه ٿين پيا. مون ته اڄ منجهند جو ڪافي ڊگهي ننڊ ڪئي هئي. سو اجان ته جاڳڻ چاهيندس.“

هن چيو. ”ها. سُتي ته مان به آهيان مَنجهند جو. ٿوري دير اتي ئي پَسار ڪريون ٿا.“ هئي اتي پَسار ڪرڻ لڳاسين.

مون ڪيس ڏٺو. هوءَ ان ئي شانت چهري سان هئي. محسوس پئي ٿيو ته اندر حد کان وڌيڪ پُرسُڪون هئي. سندس چهري تي بي پرواهيءَ جهلڪيون ڏنيون پئي. مون ڪيس ڏٺو پئي. هاڻي ان ڏسڻ تي هن مُرڪي چيو. ”اوهان جا ساٿي ڏاڍا بهترين آهن. مان ڏاڍي تجسس سان اوهان جي تحقيقي ترائلاجيءَ جو انتظار ڪنديس.“

ٿورو ترسي مون کان پڇيائين. ”اوهان ٻڌايو ڪبير. اوهان ڪي سياڻي کان باقاعدي يوگا ۽ ڌيان جون مشقون شُروع ڪرڻ ڪيئن ٿو لڳي؟“

”پراسرار...“ مُرڪي جواب ڏنم.

ڪلي ڏنائين ۽ پڇيائين. ”پراسرار مان مُراد؟“

چيم. ”ان مان مُراد اها ته ايڏا حيران ڪن اتفاق ٿين پيا منهنجي زندگيءَ ۾. ان ڪري هر ايندڙ لمحو مون کي پُراسرار ٿو لڳي.“

هن اها ئي سانتيڪائي ۽ تسڪين سان پيريل نِهار مون تي وڌي. پر پِرُن کي مٿي ڪري اکيون ويڪريون ڪري ڏنائين. سندس چهري تي سُوال هو.

چيم. ”ڏسو نه. اوهان سان ملڻ به ته هڪ حسين اتفاق هو. مون ته سوچيو ئي نه هو ته پنهنجي تحقيقي سفر تي نڪتل ڪيڏانهن وڃي نڪرندس ۽ ٻُڌ مَت مان ايترو مُتاثر ٿيندس جو اوهان هن نئين سفر ۾ مون لاءِ هڪ صَفا نئين سِکيا جو سبب بڻبا.“

اهو ٻُڌي هوءَ مون کي ان ئي سانتيڪي نِهار سان گهور وجهي ڏسڻ لڳي. چپن تي مُرڪ تري آيس جيڪا جلد ئي هلڪڙي ٿيندي ٿيندي گم ٿي وئي. چيائين. ”انسان جي زندگي هونئن به اڻ رٿيل واقعن. منظرن ۽ حادثن جو حيرت انگيز مجموعو آهي. پر مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اوهان ٻُڌايو، اوهين ڇا ٿا سمجهو تہ اهو حسين اتفاق ۽ هي نئون سفر اوهان کي ڪيڏانهن نيئندو؟"
سندس ان سُوال تي مان ٿورو مُنجهي پيس تہ ڇا جواب ڏيانس ها. سُجهيم ڪجهہ نہ تہ سندس سُوال مٿان سُوال پڇيومانس، "معنيٰ؟ ٿورو سمجهايو!"
چيائين، "معنيٰ اها تہ اوهين ڇا ٿا سوچيو تہ اهي حسين اتفاق اوهان کي ڪٿي پهچائيندا. ڪهڙي منزل تي پهچندؤ...؟" اِن سُوال تي مُنڌل تہ اڃان بہ هئس، پر هاڻي تہ جواب لازمي ڏيڻو هو، چيم، "مان صفا اوهان جهڙو بڻجي پوندس."
حيرت منجهان ڏنائين، "مون جهڙو ڪيئن؟"
چيم، "اوهان جيان، سچو يوگي، سچو ٻوڌِي." هاڻي سندس مُرڪ موٽي آئي. هلندي هلندي بيهي رهي، ۽ هلڪڙي آواز ۾ چيائين، "ڪبير، اوهان ڪيئن ٿا چئو تہ مان سچي يوگي ۽ ٻوڌِي آهيان، مان تہ اڃان تائين ان پنڌ جي اوائلي ڏاڪن جي ٻوڌِياڻي آهيان."
مان کيس گهوري ڏسي، چُپ ٿي وري ٻئي پاسي ڏسڻ لڳس، آهستي ان ئي لهجي ۾ چيم، "بس مان اوهان جهڙو ٿي ويندس، تمام جلدي، اوهان ڏسجو."
کلي چيائين، "پر ياد رکو مان ڪجهہ بہ نہ آهيان، اوهان کي اڃان اڳتي وڃڻو آهي."
چيم، "في الحال ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. هونئن منهنجي زندگيءَ ۾ اڳ بہ هڪ ٻہ پيرا ايئن ئي ٿيو آهي تہ مان جنهن مقصد سان ويو آهيان، ان بدران ڪجهہ ٻيو حاصل ڪري آيو آهيان، اهو بہ اوترو حسين ئي هوندو آهي. جيئن مون کي هتي اچي جيڪي ڪجهہ مليو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ اڳتي هلي زندگيءَ ۾ ملندو، اهو بہ تہ اڳ طئہ ڪري نہ آيو هئس نہ؟"
منهنجي ان ڳالهہ تي هوءَ ڪُجهي ڪجهہ ڪين، بس گنڀيرتا سان آهستي آهستي پَسار ڪندي رهي. چيم، "ڇا ايئن ٿيندو آهي تہ اوهين پنهنجي مقصد کي حاصل نہ ڪيو ۽ ان جي جاءِ تي ڪجهہ ٻيو حاصل ڪري وٺو، نئون، پُراسرار... جنهن جو اوهان تصور بہ نہ ڪيو هجي؟!"
هن مون کي ڏٺو، منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏيڻ بدران چيائين، "ٿورو ويهي نہ رهون، ڪافي پَسار ٿي وئي آهي." مون ڪنڌ ڌُوڻيو ۽ سامهون رکيل هڪڙي بينچ تي ٻئي ويهي رهياسين.
مون کي محسوس ٿيو تہ شايد ان موضوع تي وڌيڪ ڳالهائڻ نہ چاهيندي هوندي، پر ايئن نہ هو. هن چيو، "اوهان ٻُڌايو ڪبير، دنيا ۾ ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي جيڪو چاهين ٿا سو حاصل ڪن بہ ٿا ۽ سندن زندگين ۾ اهڙا اتفاق بہ نہ ٿيندا هجن، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس زندگين کي نوان رُخ ڏئي ڇڏين؟“

مون کي سندس ڳالهه صحيح لڳي. زندگي ته آهي ئي ڇَڪو. لڳو ته لڳو، نه لڳو ته نه لڳو. هجڻو ته اِتي ئي هو، هر حال ۾... جيڪو به موجود يا مُيسر، يا وري حاصل هجي ان جي آڌار تي...!

چيائين، ”پر منهنجي زندگيءَ جو تجربو اُن کان مُختلف آهي...“

اِهو پهريون ڀيرو هو ته يوڳيٽي پنهنجي ذات جي باري ۾ ڳالهائي رهي هئي، مون کي انهن پردن جو ايئن آهستي آهستي هٽڻ وڻي رهيو هو، جيڪي ڪيس مون آڏو وڏيڪ ڪولي نروار ڪري رهيا هئا.

تورو رکي چيائين، ”مون زندگيءَ ۾ جيڪو چاهيو آهي، سو حاصل ڪيو آهي، پر ان کي وڃايو به لازمي آهي.“

سندس چهري تي ڳهري اُداسي محسوس ڪيم: دل چاهيو پڇي ته سندس سمورو اندر ڇاڻي وٺان ته آخر هن ڇا حاصل ڪيو ۽ وڃايو آهي. پر هن وقت اهو سڌو سنئون سُوال ڪرڻ مناسب نه لڳم.

چيم، ”۽ پوءِ؟ وڃائڻ کان پوءِ ڇا ڪيو اوهان...؟“

چيائين، ”پوءِ ان حاصل ڪري وڃايل کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان پئي. ان ڪري جو مون اهو سکيو ئي نه آهي ته جيڪو خواب نه مليو يا ساڀيان تي وري ڪسجي ويو، ان جي پويان نه وڃجي. خوابن جي پويان وڃڻ لازمي آهي، اهو ئي خوابن جو شان آهي، ۽ خواب ڏسندڙ جو به. مان لافاني حد تائين، ۽ اڻ ڪٿ وقت تائين خوابن جي پويان وڃي سگهان ٿي...“

اهو چئي هن مون ڏانهن ڏٺو، ۽ وري چيائين، ”مان خوابن پويان اَڻ ٿَڪ مسافري ڪري سگهان ٿي.“ سندس لهجي ۾ اَٿاهه ويساهه هو، اعتماد هو.

مان سندس اِهي عجب ڳالهيون ٻُڌي ڪجهه سمجهي ۽ ڪجهه نه به سمجهي رهيو هئس. ڇاڪاڻ ته مون کي خبر نه هئي هوءَ ڇا کي حاصل ڪندي ۽ وڃائيندي رهي آهي، پر سندس اکين ۾ بي پناهه چمڪ هئي. ساڀيان جي اميد واري چمڪ، جنهن ۾ ڪو به شڪ ۽ گمان نه هو.

ڪجهه سوچيندي چيم، ”ته ڇا اوهان هميشه مسافري ڪندا رهندؤ؟“

چيائين، ”ها! ڇو نه؟ ڪهڙو حرج آهي جي مُسافريءَ ۾ ئي رهجي؟“ مون سندس ان سُوال تي ڪيس ان ئي خاموشيءَ سان نهاريو جيڪا سندس وُجود جو حصو هئي.

چيائين، ”اوهان ڏسو نه، هڪ پاسي زندگي ڪيڏي نه ٿورڙي آهي، ۽ ٻئي پاسي فِطري مظهرن جي هيءَ دنيا ڪيڏي نه وسيع آهي. ان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ته انيڪ جنم هجن ته به ڪافي نه آهن. مسافريءَ ۾ نه رهندو ته ماڻهو گهٽو ڪجهه ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهجي نہ ويندو؟

”پر پوءِ بہ... سُڪونت پذيري بہ لازمي آهي مِس مِينتَوخ!“ اهو چئي سندس اکين ۾ وري تَڪيمر.

چيائين، ”ها پُرسُڪونت پذيريءَ کان وڌيڪ احساسِ سڪونت پذيري لازمي آهي، جيڪو اوهين هر حالت ۾ محسوس ڪري سگهو ٿا، ڀلي سفر ۾ هجو يا ڪٿي پُرسُڪون ويٺل هجو. ٻئي پاسي سچ اهو آهي تہ مان تہ سفر ۾ سُڪونت پذيريءَ کي بہ هڪ ئي وقت خارجي ۽ داخلي سمجهندي آهيان، مثال هڪ جاءِ تي ويهي بہ رُوح عجيب سفرَ ڪري سگهي ٿو... ايئن ناهي؟ چين ۾ هوندي بہ ماڻهو بي سُڪونيءَ جي پيچيدگين ۾ الجهيل هجي؟ ايئن سفر ۾ هوندي بہ سُڪونت پذيريءَ جي احساس کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.“

سندس ڳالهہ ۾ گهرائي هئي، اِن ڪري ڏاڍي وڻيمر، چيمر، ”اهو تہ آهي، مون کي بہ ٻئي هڪ ئي وقت وڻن ٿا. مُسافري، ۽ سڪونت پذيري. مون کي سفرن تان موٽي وري سرائن ۾ رهڻ نہ وڻندو آهي، هڪ مستقل جاءِ تي سڪونت پذيري وڻندي آهي تہ جيئن تَڪ اچي هميشہ پنهنجي ئي ٿاڪَ تي لاهجي.“

اهو ٻُڌي يو ڳُٽي مون کي ڏسندي رهي. ڪي پل سوچي سوچي مون ڏي ڏٺائين ۽ اَنَ سِڌيءَ طرح پاڻ بابت هڪڙي وڏي ڳالهہ ڪري چِڏيائين، چيائين، ”پر لازمي نہ آهي تہ هر ڪنهن جي نصيب ۾ پنهنجي ٿاڪَ واري سُڪونت پذيري هجي.“

ڪيس ڏٺمر، نہ سمجهندي چيمر، ”چو نہ...؟“

ڳنڀيرتا سان چيائين، ”ها، تي سگهي ٿو منهنجو سفر بہ هڪ ڏينهن پُنَي، پر منهنجي تلاش وڏي آهي. ماڻي پوءِ وڃايل منزل لاءِ اڻ-کُٽ تلاش جي ضرورت هوندي آهي.“

چيمر، ”پر ايڏي اوکي منزل ڇو رکجي، جو هميشہ مسافريءَ ۾ رهجي.“

چيائين، ”مسئلو منزلن جو نہ، خوابن جو هوندو آهي، ڪبير! اسان کي خواب ڊوڙائيندا آهن.“

سندس گهرن خيالن کي سمجهندي بہ مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو پر سندس ايئن ڳالهائڻ مان ايتري سا خبر ضرور پيمر پئي تہ هوءَ پنهنجي اندر ۾ انيڪ ڪهاڻيون رکندڙ ماڻهو هئي ۽ سڀ ڪجهہ سَلڻ واري بہ نہ هئي. ان ڪري اهو احساس ٿي ويو هئمر تہ سندس اندر جون گهرايون ڪيس هميشہ جُستجوءَ ۾ مِحو رکنديون.

مون ڪيس ڪلي چيو، ”ڏسو نہ، منهنجي منزل ڪيڏي نہ سولي ۽ سامهون آهي، مان اوهان جهڙو تيڻ چاهيان ٿو، ۽ اوهان سان گڏ مان پنهنجي منزل جلدي حاصل ڪري وٺندس.“

ايئن چوڻ تي هن مون کي ڏٺو. آهستڙي چيائين. ”شايد.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ٿورو ترسي وري چيائين، ”مان ته وڏي سفر تي نڪتل آهيان. هميشه ته گڏ نه هونديس جو اوهان مون سان گڏ رهي مون جهڙا ٿيڻ جي ڪوشش ڪيو.“

اِهو ٻُڌي مان اندر ۾ ونجي ويس، ڪيس هلڪڙي ڏک منجهان ڏٺم، ۽ دل جَهلي بي باڪيءَ سان چيم، ”چو نه تو تي سگهي اهو مِينتَوخ ته اوهان مون سان گڏ هجو، هميشه!؟“

اهو ٻُڌي مون ڪي حيرت منجهان ڏٺائين. هاٽي سندس مُک تان هڪ پيرو وري سڪون هليو ويو. هڪ ٻه پل مون تي نِهار وجهي، هاٽي هوءَ بينچ تي سِڌي ٿي ويٺي ۽ مون ڪي ڏسڻ بدران سامهون تَڪڻ لڳي.

هلڪڙي روشنيءَ ۾ لان ۾ وڻن جي ساوڪ ڪاراڻ مائل نظر اچي رهي هئي. انهن لامُن جي ڪارَن پاڇن تي سندس اکيون کُپيل هيون. انهن کي تڪيندي تڪيندي چيائين، ”ڪبير هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو سفر هوندو آهي، ان ڪري جو اسان جا خواب مختلف هوندا آهن. اسان پنهنجن پنهنجن خوابن جي پويان ويندا آهيون. گڏ ڪيئن ٿو هجي سگهجي اهڙن سفرن ۾؟“

چيم، ”پر مِينتَوخ، خواب هڪجهڙا يا ساڳيا به ته ٿي سگهن ٿا نه؟“

چيائين، ”ها، ٿي ته سگهن ٿا، پر هتي ته ائين نه آهي نه ڪبير؟ اسان جا خواب ته الڳ الڳ آهن نه؟ سو اسان جي مسافري ۽ منزلون به الڳ الڳ ئي هونديون نه؟“ اهو هن ايڏي سخت ۽ پختي لهجي ۾ چيو جو ان کان پوءِ مان هڪدم ڪجھ ٻيو چئي نه سگهيس، ڪيس ڏسندو رهيس ۽ هوءَ سامهون ڏسندي رهي.

سندس انهن ڳالهين تي غور ڪيم پئي. سندس سخت ۽ پُختي لهجي باوُجود به الائجي چو ڪجھ چوڻ کان رهي نه سگهيس. اندر ۾ جذبات جو دباءُ وڌي ويو هو. سوچيم شايد اهو وقت اچي ويو آهي جو مون کي ساڻس هڪ وِک اڳتي ڪجھ ڳالهائڻ کپي، ٿي سگهي ٿو پنڌ نِبري پوي. مون ڪيس هڪ عجيب ڳالهه چئي ڇڏي. ڪيس چيم، ”ديوي، مان صفا تو جهڙو ٿيڻ چاهيان ٿو، نه ته مان...“

مون کي حيرت مان گهوري ڏٺائين، ”نه ته ڇا؟“

چيم، ”نه ته مان ائين تاراج ٿي ويندس، جيئن ٻوڏون ۽ آفتون فطرت ۽ عمارتن کي تاراج ڪري ڇڏينديون آهن!“

ان تي هوءَ مون کي هاٽي تمام گهري حيرتَ منجهان ڏسڻ لڳي. سندس چهري تي عجب احساس اڀري آيا هئا، مون کي محسوس ٿيو ته هن مُرڪڻ ٿئي چاهيو پر مُرڪي نه پئي سگهي. يا ته سمجھ ۾ نه ٿئي آيس ته سندس جهڙو ٿيڻ چاهڻ مان منهنجي ڇا مُرادَ هئي، يا وري هوءَ منهنجي مُراد سمجهي وئي هئي.

هڪ لمحي ۾ ته ائين محسوس ڪيم ته مان شايد اهو ڏاڍو جلدي چئي وينس، اِن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَڪَڙ ڪيس وڌيڪ حيرت ڏئي ڇڏي هئي شايد. پر مان ڇا ڪريان ها اگر وقتي به پيو هئس ته، ڇاڪاڻ ته هاڻي مان ڪائنس پنهنجا احساسَ نه ٿئي لڪائي سگهيس. منهنجي ساڻس اهڙي اڇي دل لڳي هئي، جو پٺي تَرَقي ته ڪيئن به ڪري ساڻس پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ويهان. جنهن ڪان مان پاڻ کي اڄان روڪي رکڻ پئي چاهيو. مون کي سندس تاءَ ۾ اچڻ جو پَڻ هو، مان ڪجهه به جالي سگهيس ٿئي، پر سندس ڪاوڙجڻ هرگز نه.

هوءَ خاموش ٿي وئي، مسلسل وٽن جي ڪارن پاڇن ڏانهن ڏسندي رهي. مون کي خاموشي هاڻي ڏنگي رهي هئي. دل چيو ته ڪيس وري اهو ئي ورجائي ۽ پُرزور جذبات سان چوان، متان هوءَ مون کي مثبت ورندي ڏئي، پر اهو خوف به مون تي حاوي هو ته ڪٿي هوءَ ايتري سخت ڪاوڙجي نه وڃي جو اِن تربيتي پروگرام کي ئي اڌ ۾ ڇڏي هلي وڃي؟ ان ڪري ڪجهه چيم نه.

جڏهن سندس خاموشي ڏهن منٽن تائين ڊگهي ٿي وئي ته مون ڪيس سڏيو، "مينتوخ!" هن مون ڏانهن نهاريو. ڇوَڏاري هلڪڙي روشني هئي، پر ان ۾ به مان ڏسي سگهيس پئي ته سندس اکين ۾ اداسي ۽ هلڪڙي آلاڻ هئي. هوءَ خالي اکين سان مون کي ڏسڻ لڳي. اهو هڪ لمحو جنهن ۾ اسان جون اکيون مليون، اهو لمحو ان مهل ذهن ۾ ڄمي ويو، اهو اڄ سوڌو منهنجي خيالن ۾ چٽو بيٺو آهي.

مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته ان ئي هڪ لمحي ۾ هن منهنجي اندر ۾ سندس لاءِ مانڌائيءَ کي پروڙي ورتو هو. تڏهن ئي هوءَ هيتري ساري دير خاموش ٿي وئي هئي. ان ڪان پوءِ هوءَ سامهون لڙڪيل رات جي ڪاراڻ ۾ ونهنتل لامُن کي تڪڻ لڳي. هاڻي مان صفا ڊڄي ويس. سوچيم ته شايد هن کي منهنجو ايئن ڳالهائڻ خراب محسوس ٿيو آهي ۽ هوءَ ڪاوڙ منجهان اِجهو ڪو نه ڪو ردِ عمل ڏئي، مون ڪان پري ٿي ويندي، يا شايد پنهنجي ڪاوڙ کي سنڀالڻ ۾ لڳي پئي هئي. منهنجي اندر جو اهو خوف مون تي سخت حاوي ٿي ويو. مان ان ٿيڻ کي روڪڻ جي ڪوشش تي سوچڻ لڳس، ڪيس هڪدم چيم، "مس مينتوخ، صبح جو سوير مشقن لاءِ اٿڻو آهي، هلي آرام ڪجي!"

هن وري مون ڏانهن نهاريو... ڪاوڙ وارا ته ڪي به ڀاو نه ٿئي نظر آيا سندس مُوهٽي مُکَ تي، پر بنا ڳالهائي فقط "هممم..." چئي بينچ تان اٿي.

اسين ٻئي ان ڪاريڊور ڏانهن هلڻ لڳاسين، جتي اسان جا ڪمرا هڪٻئي جي پرسان هئا. ڪمري جي در کولڻ ڪان اڳ ڪيس نهاري پُڇيم، "اوهان صبح جو گهٽي وڳي يوگا لاءِ لان ۾ پهچندؤ؟"

دروازو کوليندي مون ڏانهن بنا نهاري چيائين، "پوڻي پنجين."

در کولي اندر وڃڻ بدران ٿورو ترسي. ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريائين. اها ئي نهار، بيوس، بي چين، پر ڪنهن به چِٽي احساس ڪان وانجهيل ته ڪيس مُنهنجو اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ ٻرو لڳو، ڏکيو لڳو، يا وڻيو. جڻ منهنجي چهري منجهان منهنجي اندر جا خيال ڄاڻڻ چاهيندي هجي! اسان ٻنهي نِهارن جو ايئن ملڻ ٻن دلين جي وچ ۾ هڪ مَڪالمو هو، دل دل کي سمجهيو ٿئي. ڪمري ۾ وڃڻ کان اڳ منهَنجو نالو وٺي ٻوڙي سلام ڪيائين، ”او ڪي ڪبير. نامو بوڌيبا.“ اهو چئي ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيائين.

مون بہ آهستڙي ٻُٽڪيو، ”نامو بوڌيبا، مِس مِينتَوخ.“ ڪمري جو دروازو بند ڪري ڪپڙا مٽائي اچي ليٽيس. ليٽئي ليٽئي سندس ان آخري نِهار بابت سوچيندو رهيس، ان ۾ مون لاءِ هڪ واضح نياپو هو. مان هاڻي مڪمل طور منجهس گرفتار ٿي چڪو هئس. هوءَ منهنجي محبوبہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ فقط محبوبہ ئي ٿي سگهي پئي.

مان سُوالن جي وِيڙَن ۾ اُٿليُس پُٿليُس پئي. هوءَ پاڻ بابت ڪجھ بہ سَلي نہ رهي هئي. هوءَ ڪهڙي خواب بابَت ڳالهائي رهي هئي، جيڪو هن حاصل ڪري پوءِ وڃائي ڇڏيو هو؟ جنهن جي ڪري ڪيس هڪ تمام ڏکي سفر تي رهڻو هو؟ يا هن ايئن چو چيو تہ اسان ٻنهي جا خواب گڏ نہ ٿئي ٿي سگهيا؟

اڄ ڪيس منهنجي دل جي حالت جو چڱيءَ ريت اندازو ٿي چُڪو هو، اِن ڪري هوءَ ايڏي گهري خاموشيءَ جي حالت ۾ هلي وئي هئي.

سادِي چئين جو الارم رکي مان سمهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس.

---

مون کي اڄ بہ ياد آهي ان رات واري منهنجي بيچيني جنهن ۾ مليل جُليل احساس شامل هئا: هڪ پاسي يو ڳَٽيءَ ۽ منهنجي وچ ۾ان هاڻي وٽيون هَٽنديون پئي ويون ۽ ٻئي پاسي ايندڙ ڏينهن باقاعدي ٻوڌي تربيت جي شروعات ٿيڻ واري هئي. ٻنهي ڳالهين تي دل ۾ هڪ لطيف احساس بہ هو.

پنهنجي لَيھ واري ڊائريءَ کي بند ڪري پاسي تي رکي ساڌوءَ جي خطن کي پڙهڻ شُروع ڪيم.

جادم جي ساڌوءَ جيڪي مُشاهدن جا داستان لکيا هئا، اهي يقين نہ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون هئا. مون سوچيو پئي تہ ڇا انسان پنهنجي سمجھ کي ايترو تِکو ڪري سگهي ٿو جو پکين، جِيت جَتُن ۽ جانورن جي اندر کي بہ وڏي حد تائين سمجهي سگهي؟ انهن داستانن ۾ ٻوڌِي تربيت جا عظيم درس هلي رهيا هئا: ڪو تائي چي سکي ۽ سيکاري رهيو هو تہ ڪو پکين ۽ جيت جَتُن جا مُشاهدا ڪري رهيو هو.

نہ رڳو اهو پر هر ڪو پنهنجن داستانن کي ڊائرين ۽ نوٽ ڪاپين تي لکي بہ رهيو هو. جتي جا استاد پنهنجن شاگردن کي سچي پچي گوتم ٻُڌ جا عڪس لڳندا هئا، جن وٽان شاگرد عجب داخلي ۽ جسماني سکھ حاصل ڪرڻ جون تربيتون حاصل ڪري رهيا هئا. ڪيڏو نہ عجيب هو تہ ٻُڌ مَت جي هڪ شاگرد عِلميت کي هيئن سمجهيو هو تہ فطرت توڙي سماج ۾ هر شئي کي علمي طور پڙهي ۽ سمجهي سگهجي پيو. نہ رڳو اهو پر هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري ۾ نَوانگ بہ اچي پهتو، هن اِيتئن ۾ هماچلي جوڙي منيش ۾ سارا بابت پُڇيو، اسان کيس ٻُڌايو تہ هو شايد ننڍ مان اٿيا ئي نہ آهن. نَوانگ ڪجهہ ٻُڏڪندو ٻوڙندو انهن جي ڪمرن ڏانهن ويو. ٿوري دير ۾ ئي ڏٺوسين تہ انهن کي پاڻ ساڻ وٺي اچي رهيو هو، ۽ هو اڪيون ملينڊا سندس پويان ننڍا ڪڙن قدمن سان هلندا ٿئي آيا.

يوگا واري ماڳ تي اڳ ئي لڳ ڀڳ اسان جي گروپ جيترا ئي بہ ٻيا گروپ بہ موجُود هئا. يوگا جون پٽراٽيون جيئن وڇايل هيون، اسان سيني کي اُنهن تي ترتيب ۾ اڳيان پويان بيهاريو ويو هو. هڪڙي يوگيَ استاد سُورج-سَلامي ڪرائڻ شُروع ڪئي. هر ڪنهن کي جيترو سمجهہ ۾ آيو ٿئي، هُن اوترو بهتر ان آسڻ کي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿئي.

اسان جي گروپ مان هِماچلي ناري سارا، يوڳتي ۾ پروفيسر ڪَمل اڳ ئي يوگا جا ماهر لڳا ٿئي، باقي اسان سَيئي سيڪڙات هئاسين. يوگي استاد کي ڏسي ڏسي نقالي ڪرڻ جي ڪنهن مهل ناڪام تہ ڪنهن مهل ڪامياب ڪوشش ڪري رهيا هئاسين.

هڪ عظيم منظر هو، جڻ يوگا پاڻ هڪ مها ٻوڙي سَتوَ ٻَڌي جِسم کي تربيتَ ڏئي رهي هئي. مونِ کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو تہ جِسم پنهنجي پاڻ ۾ هڪ الڳ دنيا هو، ان جي سَنڌَ سَنڌَ جي پنهنجي رَوش هئي، جيڪا ان دنيا جي پنهنجين رسمن تحت هلي رهي هئي، جن ۾ پنهنجون حدَ بنديُون ۾ پنهنجي آزاديون هيون. يوگ جي هر آسَڻُ عظيم يقينَ سان اهو نياپو ڏنو ٿئي تہ جِسم کي اُن پکيڙ ۾ ڇڪ جي ڪيڏي نہ شديد تانگهہ هئي؟ وُجُود پنهنجين جسماني حدبنديَن کان اڳتي پکڙجڻ جي ڪوشش ۾ سويائتو ٿيو پئي.

هر آسڻ، جسم کي ڪنهن سُونهي جيان هر گذرندڙ پل ۾ جسم جي سُجاڳيءَ ۾ وُجودي ڏاهپَ ڏانهن بلڪل ايئن وک وِک اڳتي وٺي وڃي رهيو هو، جيئن شعور خود علميت حاصل ڪري اڳتي وڌندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ٻوڙي سَتوَا!

منهنجي ڏِيان جي مرحليوار ڪهاڻي ٻہ تنهنجي سائيگان واري پنڌ۔ ڪهاڻيءَ جيان ارتقا وٺندي پئي وڃي. فرق فقط اهو آهي تہ تو وٽ ماضيءَ جي معروضي قصہ گوئي آهي ۽ مان پنهنجي اندر جو حالُ پيو اوريان. هاڻ انيڪ ۽ مختلف منظرَ. ڇڙوڇڙ تصويري جهلڪيون. تجريدي فنَ نما علامتي ڳالهيون ۽ قصا پاڻ ۾ جُڙي هڪ اَڻَ کُٽ ۽ سلسليوار ڪهاڻي اچي بڻيا آهن.

حياتيءَ جي ڀرپور ۽ گهڻ رُخي ڪهاڻيءَ جيان. جنهن ۾ مقصد هجي. هڪ ڏِگهو پنڌُ هجي. همراهي هجي. منزل بابت چِٽا تصورَ هجن. رُوح سانتِيڪو پر عشقَ جي جُنونَ سان آراستہ هجي.

گهٽِي ٽٽِي ذهني اتڪلَ هجي پر جسمُ احساسَ. ويندي هوا جي گُهلڻ کي بہ محسوس ڪري. مون کي ٻُڌاءِ تہ جنهن منزل جي احساس ۾ ئي وَجداني سُرور هجي. عِشقَ جي لهِرَ هجي. اُن منزلَ جي حقيقي ماڻِتا ڇا هوندي!

پر مانائتا ٻوڙي سَتوا. سچُ چوان تہ تنهنجي پنڌ جي ڪهاڻي تہ هڪَ اهڙي رُوحَ رچندي آهي. جيڪا مون کي بہ تنهنجي پنڌَ ۾ ساڻَ نيئي ٿي هلي. جَهڙوڪَر هاڻ مان بہ 1963 واري سائيگان جي دوَر ۾ ٿورو ٿورو رهان ٿو. ياترا۔ ڪهاڻين جي اها ئي خاصيت هوندي آهي. خاص ڪري جڏهن قِصہ گو ادبَ جو ڏٽي هجي. جيڪو تہ تون بيشڪ آهين!

تنهنجي حياتيءَ جي ڪهاڻي تہ حقيقت تي ٻڌل آهي. پر تون حيران ٿيندين تہ منهنجي ڪهاڻي پَل تہ تصوراتي آهي پر اُها بہ حقيقتَ جيان ايڏي ئي طويل ٿيندي ٿي وڃي. اُن ۾ بہ تنهنجي ڪهاڻيءَ جيان ئي ڪو سلسليوار قصو هلي پيو آهي. جيڪو وڃي پيو وڌندو. جيئن تہ توکي اڳ ۾ بہ لکيو هئم تہ منهنجي مشاهدي ۾ في الحال رڳو اُهڃاڻَ ۽ اِمڪان آهن. پر هاڻي ڪهاڻي هڪ وِڪ اڳتي وڌي آهي. اُهڃاڻن کي چِٽيون صُورتون مليون آهن. اِمڪان حقيقت جو روپ وٺي سامهون ايندا پيا وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا جي جوشَ سان ڦڙڪندڙ سِڙهن جي آوازن ۾ آلاڻ هئي، جنهن ۾ لهڪندڙ منهنجو وُجُود هڪ اهڙي پنڌَ تي هلي پيو آهي، جنهن ۾ راتيون اڇن ڏينهن. شامون اڇن ڏينهن ۽ صبح نروار ٿين ٿا. جنهن ۾ ساٿُ ۽ همراهي آهي، وجداني ذِڪر آهي، گفتگو ۽ فِڪر آهي، رازنَ ۽ اسرارن جي سمجهه ڏانهن تڪڙيون وِکون آهن.

پنهنجي اُنَ ڪيفيت کي لفظ ترنگَ سان بهتر طور بيان ڪري سگهان ٿو جنهن جو ترجمو تَرنگ ڪجي؟ تَرنگ اِن ڪري جو اُن طويل پنڌ ۾ مون کي مِيرا جي همراهي آهي!

ها ٻوڌِي سَتوَا مون کيس چِتيءَ طرح ڏسڻ شروع ڪيو آهي. هوءَ مِيرا ئي آهي، جيڪا مون کي ان پنڌ تي اڳتي نيئي ٿي. پنڌ ته ڪنهن اڳتي واري مقامَ ڏانهن محسوس ٿئي ٿو پر مان مِيرا سان آهيان! معنيٰ مان پِڪشُوئاڻي حياتيءَ ڏانهن جنهن نارِيءَ کي چِڏِي سندس حُسن جمالُ تياڳي آيو هئس، ان سان پنهنجي ڏِيان ۾ انيڪ پلَ گهاريان ٿو. سموري نند ۾ خوابن جي صورت ۾ هوءَ مون ساڻ هوندي آهي. جي سچ چوان ته مان محسوس ڪريان پيو ته ان مُشاهدي ۾ جَهڙوڪر سندس ڪارڻ حقيقي جنتَن جا نظارا پَسان پيو ان ڪري حسين جيئان پيو!

ايئن نه آهي ته مان پنهنجين مشقُن ۽ ڪِرت ڪارِ ۾ پوئتي ٿيو آهيان. ڏِيان ۽ يوگا جي سخت مشقُن کي ويتر سولائيءَ سان ڪري سگهان پيو. منهنجو روزانو جو معمول اهو ئي آهي. يعني سمورو ڏينهن صبح سوير کان وني يوگا، پراڻيام، پڙهڻ، پڙهائڻ، لکڻ ۽ ٻوڌِيشالا جي اندرين ۽ ٻاهرين ڪمن ۾ گذرندو آهي.

شامَ سج لٿئي سان ڪاڏ پيٽ ڪري پَسار ڪري جو ڏِيان ۾ ويهندو آهيان ته اهو مُشاهدو ڪنهن ڏُوراهين پريم ديس کان اُڏري آيل پکيءَ جيان اچي منهنجي رُوحَ تي ويهندو آهي. ۽ گڏ مِيرا به ڪنهن پکيءَ جيان اُن مُشاهدي جي دنيا ۾ اُڏامي اچي لَهندي آهي. هُوءَ اِن مُشاهدي ۾ مون سان ڳالهائيندي آهي، اُن ۾معنيٰ خيز جملا، لفظ، اصطلاح، مانار ۾ ٻُڏل نگاهون شامل آهن. مان نه رڳو کيس ٻُڌندو آهيان پر کيس ورندي به ڏيندو آهيان. اسان جي وِچ ۾ ڳالهين جي طويل ڏي وٺ به هلندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي تون ڇا چوندين. ساڏوا اڄ هيءُ خط پڙهي تون ضرور سوچيندين ته آخر مون وٽ رُڳو سُوال ڇو آهن؟

پهرين جيئن مون لکيو هو ته منهنجي ڏِيان جي مُشاهدي ۾ سندس ايئن اچڻ هاڻ مون کي اُتاولو نه ٿو ڪري، مان ٻيهر سندس عادي بڻجان پيو. هڪ اهڙو پِڪشو تي پيو آهيان، جيڪو نارِي تياڳ اَتياڳ جي وچ ۾ لَمي پيو. سچ پُڇين ته شروع ۾ ته اهو تِياسَ جيان لڳو پئي پر هاڻ فقط ۽ فقط ترنگ آهي.

پيارا ٻوڙي سَتوَا مون کي ٻُڌاءِ ڇا ٻوڙين کي عشق جهليل آهي؟ ڇا نارِيءَ سان عشق پاپ آهي؟ ته ڇا تٿاگتا ڪڏهن به عشق نه ڪيو هو؟ يلا ڇا تو ڪڏهن عشق ڪيو؟ تنهنجي تِياڳ ۾ نارِيءَ يا اُن جي خيال ڪا رنڊڪ وِڌي؟ انهن سُوالن جا جوابَ مون تي روشن ڪر ته منهنجا گسَ کُلن. تو هڪ پِڪشوءَ جو نارِي کي ڪُلهن تي کڻي درياهه پار ڪرائڻ وارو جيڪو پوسٽ ڪارڊ موڪليو اُن ۾ موجُود نياپي مون کي لوڏي ڇڏيو هو!

ته ڇا مان مِيرا کي اڃان ساڻ کڻي پيو هلان؟ شعور ۾؟ يا شايد لاشعور ۾؟ ڇاڪاڻ ته مون کي پِڪشوئاڻي حياتي ڏاڍي موهي ٿي، پر نه ڄاڻان ڇهڙوڪر مِيرا جي ڏِيان ۾ ايئن اچڻ سان منهنجو تياڳ ٽُٽڻ بدران مضبوط ٿئي پيو. تون مون کي پنهنجي راءِ ڏجان. ڇا مان پنهنجي پِڪشُوئاڻي حياتيءَ ۾ اهو پاپ ڪيو آهي؟ اڃان به مان انهن معنيٰ خيز جملن جي پروليءَ کي مڪمل طور پيچي نه ٿو سگهان، پر انهن جُملن کي ڪنهن حد تائين سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيان پيو.

توکي اُهو سڀ ڪجهه لکندس، جيڪو سمجهان پيو. تنهنجي سائيگان واري ڪهاڻي ته ويتر مون کي ان مشاهدي ۾ وڌيڪ اندر کڻي پئي وڃي. لڳي ٿو مِيرا ڇتي ٿئي ئي پِراٿيام ڪرڻ ۽ تنهنجي خطن پڙهڻ سان ٿي. تنهنجو ساٿ ۽ تربيت منهنجي پِڪشوئاڻي حياتيءَ ۾ بند ڳلين کي کولين پيا. بند درين جي وِٿيُن جي زنگجي ويل بندش ڏري تي پُرڻ شروع ٿي وئي آهي ۽ وِٿيون ويڪريون ٿي پيون آهن. لڳي ٿو اهو مشاهدو پنهنجي سموري پُورڻتا سان مون کي روشنين ڏانهن نيئي پيو.

ٻوڙي سَتوَا هن وقت مون وٽ رُڳو سُوال نه آهن. مان ته هڪ اهڙي سمونڊ ۾ تران پيو جتي سُوالن، انهن جي انيڪ جوابن، انديشن ۽ اُميدُن. منزل ۽ پنڌ. تياڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اَتياڳ جا خيالَ بہ مون ساڻَ ترن پيا. مون کي زمينَ جي ڇڪَ جيان پنهنجي محور ۾ قابو ڪري رکن پيا. جيئن تو چيو هو تہ هن مرحلي تي حتمي جوابَن پويان نہ وڃان. پر لاچاريءَ اِها آهي تہ مون کي هڪ هڪ سُوال جا چار چار جواب سُجهن ٿا. مان تہ بِنھہ متيُون مُنجهائيندڙ چؤواٽن تي بيٺل آهيان! اِن ڪري مون وٽان توکي فقط سُوال ملندا ۽ منهنجي مُنجهيل ڪهاڻيءَ جي ئي خبر پوندي.

هاڻي مان ڪجھہ رايا تنهنجي خطن تي لکان. آهن وري بہ اُهي ئي سُوالن جي صورت ۾! تو سائيگان جي ڪهاڻيءَ کان اڳ اميتايہ ٻُڌَ بابت ٻڌايو. ان کان اڳ وارو ذڪر ڪيل ٻوڌِي سَتوَ يَئساجيہ گُرو هجي يا اميتايہ. مون کي اهي ڪردار توري فرق سان هڪ جهڙا لڳا آهن.

مون کي خبر نہ آهي تہ آخر اِهي سيئي ٻوڌِي سَتوَ لافانيت تي ڇو ٿا زور ڏين. جڏهن تہ ٿَتاگتا جو سمورو فلسفو جيون جي فنائيت. دکَ جي لازمي هجڻ تي آهي تہ صُراحيءَ ۾ لافانيت جو شربت رکڻ مان ڪهڙو فائدو جڏهن انسان فاني آهي؟ يا يَئساجيہ گروءَ جو صُراحيءَ ۾ پيڙائن ختم ڪرڻ جو دارون رکندڙ شربت رکڻ سان ڇا ٿيندو جڏهن بيماري ۽ موت اڻ روڪَ آهن؟

ٻُڌ مت جي شروعات ئي فنائيت جي دُک سان ٿي آهي. جنهن ۾ ٿَتاگتا پيڙا موت, سفاڪ اڻ برابري ۽ حياتيءَ جا ٻِنا معيار ڏسي ئي پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ طور طريقن ۾ وڏي تبديلي آڻڻ جي ڳالھہ ڪئي هئي تہ پوءِ مون کي ٻُڌاءِ اُن پنڌ جا ٻوڌِي لافانيت. لازواليتَ ۽ دُکَ يا بيماريءَ کان آجپي جي مشروبن سان ڀريل صُراحيون ماڻهن کي ڇو ٿا آڇين. جڏهن تہ اهو مُمڪن ئي نہ آهي؟ هڪ بِنھہ غير اِمڪاني ڳالھہ تي نہ رُڳو ويساھہ ڪرڻ. پر ماڻهن کي ان کي سچ مڃڻ تي مجبور ڪرڻ ڪيڏو نہ پاپُ آهي؟

ان کان سواءِ جيئن تو وَجرَايانہ ٻُڌ مت بابت ٻُڌايو تہ اهو "اميتايہ تمام ڊگهي عمر وارو. مڪمل سمجھہ رکندڙ خالص ۽ چِٽا تصور ۽ نقطہ نظر رکندڙ تہ ڪٿي وري لقاءَ جي خالي۔ پٽي بابت گهري ڄاڻ وارو اڻ۔ ڪٿي جيونَ ۾ ڳاڙهي باھہ واري چقمقي عنصر جو اُهڃاڻ رکندڙ گهڻ۔ ڳُٽيو ٻُڌ سمجهيو ويندو آهي."

ٻيون خصلتون سڀ صحيح پر آخر اَڻَ ڪٿي حياتيءَ جي اميتايہ ٻُڌ ڳالھہ ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ ڪو بہ انسان اَڻَ۔ ڳٽيو جيئي ئي نہ ٿو سگهي تہ پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جيڪو مون کي ڳالهين کي جيئڻ جو تيئڻ قبولڻ کان روڪي ٿو.

جيستائين مان انهن ڳالهين کي سُوالن سان وڌيڪ نہ ڦلهوريندس، تيستائين اُنهن جا جواب قبول ڪرڻ تہ پري، مان سُک بہ نہ ماڻيندُس.

منهنجو خيال اهو آهي تہ ٻُڌ مَت اڻ برابري، توهم پرستي ۽ ڏاڍ خلاف هڪ شديد ردعمل هو. جنهن جو حُسناڪ پاسو اِهو آهي تہ اُهو ردعمل هوندي بہ پنهنجي جوهر ۾ يگانواِن ڪري هو جو اهو دنيا جو پراَمن، ڏاهپ ڀريو ۽ انسان دوست ترين ردعمل هو جنهن انسان تہ ٺهيو پر ڪنهن بہ جاندار کي ايذائڻ، ويندي اهنجائڻ بنا ئي هندو مت جي نرگسيت پسند برهمڻ-پڻي کي رد ڪيو. سندس ان عمل ۾ هڪ اهڙي چقمقي قوت هئي جنهن ذات پات جي ماريل ماڻهن کي ڇڪي پنهنجي ويجهو ڪري ڇڏيو هو.

سچ اِهو آهي تہ گوتم ٻُڌ يا شهزادي سڌارٿ جَي ٻُڌ مَت هرگز توهم پرستيءَ ۾ پناهہ نہ ورتي هئي، هُن تہ اُن جي رد ۾ هڪ تصور آندو. ها سنگين اڻ برابريءَ جي خاتمي جي حلَ لاءِ کيس تِياڳ کان سواءِ ٻيو ڪو گس سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ هن نہ رڳو تِياڳ ڀرپور ڪيو پر اُن تياڳ جون بہ اِنتهائون اختيار ڪيائين.

ساڏوا مون ان جو باقاعدي تجزيو ڪيو آهي، مان ان نتيجي تي اچي بيٺو آهيان تہ ٻُڌَ جو تِياڳ بي معنيٰ نہ هو. اُن ۾ هڪ گهري معنيٰ هئي، مقصد هو. هوندَ وارن ڏاڍن، عام انسانن کي ايترو تہ ڦُريو هو انهن کي بکيو ڏکيو رکي ايترو تہ ماڻيو هو جو گوتم ٻُڌ کي اُن بي رحمانہ هَبَچَ جو رد عمل اُن سخت جسماني تياڳَ کان سواءِ ڪو ٻيو نہ سُجهيو. اُن دؤر جي جابر آرِيائي برهمڻ کي ڪو برهمڻ ئي ايئن سَنياس وٺي سمجهائي سگهي ها. سندن عقيدو جن انسانن کي گهٽ ذات وارو قرار ڏئي شُودرَ سڏي ٿو اُنهن شُودرَن منجهان جي ڪو اهڙو لِڱ- برف ڪندڙ تِياڳ ڪري ها تہ برهمڻ نہ رُڳو مٿس ٺَنوليون ڪن ها پر هُن جو جيئڻ جنجال بہ ڪري ڇڏين ها.

پنهنجي ئي برهمڻ جي اهڙين ساڌنائن ۽ سخت جسماني مشقتَ ڀرين تہ کين ڀنواِتيون ڏئي ڇڏيون هونديون. سندن رُوح بہ ڏکي ويا هوندا تہ ڪو اهڙو جوڳ بہ مُمڪن آهي جو هڪ شاهي گهراڻي جو نوجوان زرَ ۽ زمين، هر قسم جي سَگهَہ ۽ حڪمرانيءَ کان دستبردار ٿي مُنهن ئي ويرانن، جهنگن ۽ جبلن ڏانهن ڪري؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن تہ مون کي هر پڪشوئاٽي مشق لازمي ٿي لڳي، جنهن ۾ هر قسم جي منفيتَ کان پاڻ پلڻ آهي: جنهن ۾ چوري ڪرڻ، ساهوارو مارڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، دوکو ڏيڻ، نشو ڪرڻ، مادي شيُن لاءِ هٻچ ڪرڻ شامل آهن. ان کان سواءِ مون کي نماشام کان پوءِ ماڻَ اختيار ڪرڻ بہ تربيتي وِچور جو اهم نقطو لڳي ٿو. اِنهن تي مون قدرت ماٽي ورتي آهي، پر ڪنهن نارَ سان عشق نہ ڪرڻ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ اُهو ڪيئن ٻُڌ مت جو اُصول بڻيو؟ يا ٻُڌ مَت ساٿس محبت ڪندڙن عاشقن جي پاڻ ۾ محبت کي ڪيئن ٿو رد ڪري سگھي؟

پيارا ٻوڙِي سَتوَ مون کي ٻُڌاءِ، بہ جڻا، يعني مائِي ۽ مرد ٻوڙِي سَتوا هجن ۽ زال مُڙس بہ هجن. ڇا اِهو مُمڪن نہ آهي؟ ان ڪري مان اها دعويٰ ڪريان ٿو تہ ٻُڌ مَت نهنائي، انسانيتَ سان محبت ۽ عشق جي فلسفي تي ٻڌل هڪ سوچَ جو طريقو فلسفو يا نظريو آهي. جيڪو سموري دنيا سان عشقَ جي ڳالھ ڪري ٿو. عشق کان روڪَ اُن جي رُوح جي منافي آهي.

گھڻَ ۾ گھڻَ مون تہ ايئن ئي سمجھيو آهي. پر اِن تي اهو هرگز گُمان نہ ڪجانءِ تہ مان مِيرا لاءِ سڏائتو بڻيو آهيان، ۽ ان ڪري هاڻ عشق جي اجازت وٺڻ ٿو چاهيان. ايئن نہ آهي. مون کي اج بہ ڪيس لنوائڻ تي قُدرت حاصل آهي، پر مون شدت سان سوچڻ شروع ڪيو آهي تہ ڪيس لنوائڻ غير عَقُلي ٿيندو. مِيرا ۽ منهنجي پِڪشوئاٽي حياتي گڏ گڏ هلي سگھن ٿيون. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ان تي مون کي وڏيڪ لک تہ جيئن مان صحيح ڏَگَ وٺان!

هِڪ ٻئي اهم سُوالَ جنهن تي بہ مون سدائين پئي سوچيو آهي ۽ اُن جي ڪنهن هڪ جواب تي دل اچان بيٺي نہ آهي. سو اهو آهي تہ صحيح هجي يا غلط، ٻئي نسبتي ڪيئن آهن! دنيا جي مختلف سماجن ۾ انهن جي ثقافتن ۾ يلي بُري جا تصور هِڪٻئي کان ايڏا تہ مختلف آهن، جو هڪ سماج جنهن کي ڪليل دل سان قبولي ٿو تہ ٻيو سماج اُن کي سختيءَ سان رد ڪري ٿو نہ رڳو اهو پر ان تي سزائون بہ ڏئي ٿو. انهن تضادن تي ٻُڌ مت کي پنهنجو سوچَ جو ڪو سِرشتو جوڙڻ نہ گھرجي؟ اخلاقيات جيڪڏهن نِسبتي آهي تہ دنيا جي مِڙني ٻوڌين کي اُن تي ڪنهن عقُلي راءِ سان ۽ يڪراءِ ٿي سامهون اچڻ گھرجي.

جيئن تو لکيو تہ تنهنجي ۽ تاشِيءَ جي مقصديت ۽ دنيا ڏانهن نقطہ نظر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو فرق هو. اج بہ سنڌ جي ہوڏيشالا ۾ آفاقي قوتن تي ويساهہ بدران فطرت ڏانهن سڌو سنئون احترام وارو رويو آهي.

اسين سِچ ـ نمشڪار اِن ڪري نہ ڪندا آهيون جو اسين سِج کي ڪا آفاقي قوت سمجهي پوڄيندا آهيون. پر اسين سج جي هئڻ ۾ ان جي روشنيءَ جي عطا ڪيل تحفن تي پنهنجو سِرُ نوائي ڪيس پيتا ڏيندا آهيون. تنهنجو خط پڙهي مون کي لڳو تہ سنڌ جي ہوڏيشالا پنهنجي اوائلي دؤر کان وٺي ساڳيو ئي ترقي پسند نقطہ نظر رکندي اچي تي.

اسين فطرت جا عاشقَ آهيون. ان ڪري ان جي مظهرن کي ساراهڻ. انهن آڏو عجبَ. خوشي. مانَ ۽ احترام منجهان اکيون نِوائڻ لازمي سمجهندا آهيون ۽ اِها نهني روش هِڪ بئي مقصد ڪارڻ بہ ضروري آهي. سو اهو تہ انسان جي اندر جي هوڏَ کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. منجهس عاجزي. نهنائي ڪيس نہ رڳو سندس پنهنجي پاڻ لاءِ. پر بئي ماڻهوءَ لاءِ بہ اِنسان بڻائي تي چڙهي جيستائين مافوق الفطرت وُجُودن آڏو رتَ ۾ ڏنَ جون پيتائون ڏيڻ جي ڳالهہ آهي. اُن عمل ۾ نہ تہ اِنسانن جي نهنائي آهي. نہ وري اها ٻُڌ مَت سان سڌي نسبت ۾ آهي.

اِن ئي حوالي سان ياد آيو تہ مهاوير تي بہ هڪ ساڌوءَ اُن ڏينهن اسان جي ہوڏيشالا ۾ درسَ دوران ڳالهايو پئي. هن انساني حياتيءَ جي عظمتُن جي ڳالهہ ڪندي چيو هو تہ حياتيءَ ڏانهن مثبت رويي جي اهميت آهي.

پر پيارا ہوڏي سَتوَا! اثبات جي ڳالهہ ڪندڙ مهاوير جهڙي عظيم ماڻهو بہ پُوڄا پاٺَ جي حمايت نہ ڪئي. نہ ئي وري مافوق الفطرت قوتن کي مڃيو هن چيو تہ ٻاوا انسانن کي پنهنجي مطلب خاطر گمراهہ ڪن تا. هن چيو تہ سڀ ساهوارا پلي ننڍا وڏا. ڪمزور سَگها. برابر اهميت رکن تا. اها تہ بي مثال نهنائي آهي نہ؟

ہوڏي سَتوَا! ٻُڌ مَت جي نهنائيءَ واري فلسفي تي تورو وڌيڪ لکندس. پر اُن کان اڳ تو کان هڪ سُوال پُڇان؟ تو سموري دنيا پنهنجي پنڌ ۾ عُمر جي تجربي سان پسي آهي. تو مٿان انيڪ سِج اُيريا ۽ لٿا آهن. توکي تہ منهجين ڳالهين مان ئي پتو پئجي ويو هوندو تہ مان ڪا دگُ پُليل پاڻَ آهيان يا وري راهِ راست تي آهيان؟

مان هي سڀ ڪجهہ پيرائتو لکي توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ سنڌي ٻُڌ مَت منهنجي تربيتَ ڪيئن پيو ڪري. جيڪا تصوراتي ارتقا منهنجي هت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڙيشالا ۾ تي آهي. اُن جون سموريون جهلڪيون توکي لکڻ تو چاهيان تہ جيئن اُهي پڙهي تون منهنجي شعورَ جي بيهڪَ کي سمجهين ۽ مون کي چٽيءَ طرح کولي ٻڌائين تہ منهنجي شعوري تربيتَ صحيح ڏِس ۾ ٿئي پئي يا نہ؟

جي غلط ڏڳ ورتو اٿم تہ پوءِ مون کي بيهار. ٻوڙي سَتوَا پر اِهو بہ ياد رکجان تہ تون مون کي بيهاري فقط منطقَ سان سگهندين! جوابي منطق ۽ منطقي جوابَ کان سواءِ مان پنهنجو نقطو ناهيان ڇڏيندو ۽ جيڪو مون کي منطقَ سان سمجهائي ويجي تہ مان اُن آڏو وُجُود سان آڻ مڃيندو آهيان. تون بہ تہ سدائين لِکندو آهين تہ ٻُڌ مت ۽ ٻوڌ-سَتوَئِي پنڌَ ۾ منطق جي اهميت آهي.

هِتي ڪجهہ ساڌو منهنجن ڪجهہ خيالن کي رد ڪن ٿا پر ڪجهہ مون سان انهن تي مڪمل سهمت آهن.

پنهنجن مِڙني خيالن تي ٻڌل هنن خطن ذريعي توکي ٻُڌايان پيو تہ ٻُڌ مَت جي گهڻ-پهلوئي تدريس کي مان ڪيئن تو ڏسان، سمجهان ۽ پرکيان:

مون گُذريل خط ۾ بہ ٻُڌ مَتَ ۾ نِهنائيءَ جي اهميتَ جي ڳالهہ ڪئي هئي. اسان کي ٻُڌايو ويندو آهي تہ تربيتَ ۾ اسان کي جيڪي بہ مشقون سيکاريون وينديون آهن، اُهي بہ اسان کي نِهنائيءَ ڏانهن نيئن ٿيون. يلي اُها يوگا هجي يا پِراڻيامہ. تائو فلسفو هجي يا اُن جون ٻِنَي فلسفي (يانگ ين. يعني مثبت ۽ منفي) تي ٻڌل تاءِ چي جون مشقون هجن: نِهنائي فقط احترامَ سان ايندي، احترام محبت سان ايندو. محبت هن فطرت، سموري ڪائناتَ جو جوهر آهي.

پوءِ ٻوڙي سَتوَا آخر سموري محبت جي پچار ڪندڙ ٻُڌ مت ڪيئن ٻن فردن جي محبت کي رد ڪندو. فقط ان ڪري تہ منجهانئن ڪو هڪ، يا ٻئي ٻوڌ-سَتوَئِي پنڌَ تي نڪتل آهن؟ ٻوڙي سَتوَئن کي تہ عام ماڻهن جي ڀيٽَ ۾ وڌيڪ محبتُن جي دائرن اندر هجڻ گهرجي! ڪين عشق جو تجربو ڪرڻ گهرجي.

جي واقعي ٻُڌ مت جو درس اهو آهي تہ سندس سچو پوئوار مرد يا نارِي ڪو جيون ساٿي نہ رکي، يا ان قسمَ جي محبت ۾ نہ هجي تہ مان ان کي نہ مڃيندس، ڇاڪاڻ تہ ٻُڌ مَت عَقُليتَ ۾ ايئن کُتل هجي، اهو مُمڪن نہ آهي. اهڙن خيالن جي پوئواري ٻُڌ جي تعليم سان ڪو وڏو ڊوهہ تو لڳي. مون کي سمجهاءِ تہ جيئن هڪ پاسي ٿيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ٻوڙي سَتوَا! اسان کي نھنائيءَ کي بہ دُرست ڪتَب آڻڻو پوندو. مثال طور اِھا نھنائي نہ آھي تہ ٻَڌ مَت جي احترام ۽ محبت ۾ سُوال پڇڻ يا متس تنقيدي نقط نظر رکڻ کان لنوائجي. ٻَڌ مَت جو ڇاڻ تي زور ان ڪري ئي آھي تہ ڄاڻ حاصل ڪرڻ منجھس اولين شرط آھي. ان اصول جي پوئواري نہ ڪرڻ ٻَڌ جي درس جي منافي آھي. پر سچ اھو آھي تہ. تنھنجي سائيگان جي قِصي کي پڙھندي سمجھان پيو تہ تون بہ انھن مڙني سوالن تي بينو ھئين جتي ھاڻي مان بہ بيھي رھان ٿو.

مثال جيئن تو ساڌو لِپي ۽ تاشِيءَ کان پُڇيو ھو تہ ھي اُن مشروبَ کي ڇو ٿا ڪٽي ھلن جنھن لاءِ انسان ماندو آھي. مان تہ اھو ٿو چوان تہ اھڙن مشروبن پنيان انسان کي ماندو ئي غلط مفروضا ڪن ٿا. جيڪي ماٺِھوءَ کي غير اِمڪاني وکرن ذاتھن سَڌاڻِتو بنائين ٿا. مشروبن ۾ ڪا بہ اھڙي قوت نہ آھي جيڪا انسان کي لافاني بنائي.

مان تہ حيران آھيان تہ جيڪو غير اِمڪاني آھي، اُن جي سڌَ ۾ جديد دؤر جو ٻَڌ مَت ڪشالا ڪٽڻ لاءِ چوي ٿو. پر جيڪو محبوب ماٺڙ اِمڪاني آھي، اُن کان ٻوڙيءَ کي پري ڪرڻ تي زور ڏنو ٿو وڃي. ايڏو تضاد گھٽ ۾ گھٽ تَتاگتا جي حُڪمن ۾ تہ نہ ھوا!

جيئن گذريل خط ۾ بہ لکيو ھئم ۽ وري بہ ورجايان ٿو منھنجا پيارا گروا تہ منھنجي ان موضوع تي رکي رکي ذڪر ڪرڻ جو مطلب ھرگز اِھو نہ آھي تہ مان ڪو نارِي-تِياڳ نہ ٿو ڪري سگھان. منھنجي جسماني سَندن ۽ رُوحاني ۽ شعوري اعصابن سان ٻوڙي مشقون ٺَھڪي بيٺيون آھن. منھنجي تربيت ڪندڙ ساڌوءَ کي مون منجھان اھا شڪايت ھرگز نہ آھي تہ ڪو مان پنھنجي درس ۽ مشقُن ۾ پوئتي آھيان. پر اھي اھم سُوالَ آھن. ٻوڙي سَتوَا اھي سڀ متروڪ رسمون آھن، جن مان جان ڇڏائڻ گرھجي.

ٻَڌ مَت جيستائين نئين دؤرَ سان پنھنجي ذاھپَ کي ھم آھنگ نہ ڪندو تيستائين سندس لاءِ سولو جتاءُ ڪرڻ وڏو جوکو ھوندو. باقي توھم پرستيءَ جي صورت ۾ متروڪ تصور تہ ھن ايڪيھين صديءَ ۾ بہ ھلن پيا. اجان ڪجھہ دؤر اڳتي بہ انسان سوچ جي ان قسم جي پسماندگيءَ کي ڪٽي ھلندو، پر ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متروڪيتَ ڪي لازمي فنا آهي.

توڪي سمجهڻو پوندو تہ منهنجو بوڙي پنڌ تي هوندي بہ ناريءَ ۽ مرد جي محبت ڪي مجتا ڏيڻ مان مُرادَ فقط جِبلتي سَڌون پوريون ڪرڻ نہ آهي. ناريءَ ۽ مرد يا ٻن محبت ڪندڙن جي جي سڳ ۾ وُجُودي سَڌون ۽ لازمي دِلي گُهرجون بہ آهن جيڪي هِڪٻئي سان سڳ ۾ ٺي سندن محبتي وُجُودن جي اڏاوتَ ڪنديون آهن. انساني حياتيءَ جي هڪ اهم گُهرجَ کي اصُل حياتيءَ مان ايئن ڪٽي ڇڏڻ ڇا هڪ قسم جو ڏاڍُ نہ ٿيندو؟

مِيرا سان وُجُودي سَڳُ تہ هوا! هوءَ منهنجي ساٿي هئي، پانهن بيلي هئي. تَتاڱتا ساڻ بہ تہ سندس سنگتي ساٿي هوندا هئا؟ جي مرد ساٿي بوڏ سَتوڙِي پنڌ ۾ هلن ٿا تہ نارِيون ساٿي ڇو نہ ٿيون هلي سگهن؟ جڏهن مون تِياڳ وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو تہ مِيرا اُن تي باهِ جيان تپي پئي هئي. سندس نيڻَن، جن کي مان پيار منجهان نِماڻا نيڻَ ڪوٺيندو هئس، مان آڳَ جا اُلا ٿئي نِڪتا. مون کي سندس هيجانُ ۽ ڪاوڙ ياد آهي. هوءَ زلزلي ورتل ڌرتيءَ جيان مون تي ڏمري پئي هئي. هن جو وس پڄي ها تہ جيڪر هوءَ سموري پِرڪرتيءَ کي اُن ڪروڌَ ۾ ساڙي رک ڪري ڇڏي ها!

جڏهن هُن جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌُ ماٺا ٿيا تہ پوءِ هُن نيڻَن منجهان سمونڊَ وهايا هئا... اُهو ڇا هو ساڌُو؟ جبلتي سڌُن جي اڻ پورائيءَ جو ڀؤ هو يا ڪنهن ساٿيءَ جي حتمي طور ڇڄي وڃڻ جو خوف هو؟ ڪانئس پڄاڻان اڪيلو ٿي وڃڻ جي پيڙهيندڙ احساسُ جنهن منجهان مان گذران پيو تون اِن کي ڇا سڏيندين! ذاتي ۽ سماجي مفاد يا لَنئون لڳيءَ ۾ وڇوڙي جي پيڙَ جي اِنتها؟ ساڌو! منهنجي هن ڪيفيتَ ۽ مِيرا جي اِن اذيتناڪ ڪاوڙ کي تون ڪو نالو ضرور ڏِج!

تنهنجي ڊائريءَ جو احوالُ پڙهي لڳو تہ ٿُوان اَئم بوڌيشالا جڏهن بوڙي تربيتَ ۾ سياستَ شامل ڪئي هئي تہ اُن دؤر ۾ سنڌي ٻُڌ مت سياست کان ٻنهہ ڪنارا ڪش هو. تنهن دؤر ۾ ٻڌ مت جي رُوپ متائڻ ۾ هڪ ڪردار عالمي سياستَ جو بہ هو. مون کي لڳو تہ وِيئَت نام جي اهنجن-پريل تاريخ بہ ٻُڌ مت جي صورت تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

مثال اُهو دؤر جڏهن وِيئَت نام فرانس جي بينڪ ٻٽيو يا وري ڪانئن ٽُرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ آمريڪا جا مٿس لامارا هٽڻ ۽ نيٺ اچي پير کوڙڻ. 1963 واري دؤر ٻڌ مت جي زمين ۾ اُن سماجي ۽ سياسي ڪارِجَ واري رسم جو اڳ ئي ڪُپيل ٽُوٽو وڏيڪ سگهارو ڪري ڇڏيو هو.

بهرحال، سنڌ ڪي وِيٽَت نام سدائينءَ موهيو آهي، جهڙي دل جهورينڊڙ سندس ڏکن جي ڪهاڻي آهي، اوتري ئي اُتساهيندڙ وري سندس پاهرئين ڦوُروءَ سان سگهاري ويڙهَہ جي ڪهاڻي آهي. شِڪست خوردگي ان جي مزاجَ ۾ ئي نہ هئي. پلي تہ جارحُ طاقت، وسيلن، حُرفتن ۾ ڪانئن ڪيترو بہ مٿاهون ڇو نہ هو، پر پنهنجين بهترين سياسي حڪمتِ عملين، جنگي تدبيرُن ۽ فَنَ سان اُنهن نہ رُڳو دشمن سان وِڙهي جاتو پر ڪين بدترين شڪست ڏئي ڪانئن ڪٿي بہ ورتو.

انهن، ظاهري طور معجزاتي، سوِيُن جا تمام اهم ۽ گهرا داخلي ۽ معروضي سبب هئا!

تجسس اٿم تہ تو پهريون دؤر جنوريءَ کان جون 1963 تائين جو مختصر رکيو آهي، ۽ ٻئي دؤر کي جولاءِ 1963 کان وني ڊسمبر 1965 تائين رکيو آهي. هڪڙو فقط ڇهن مهينن جو ۽ ٻيو اڍائي سالن جو. اِن ۾ ضرور بہ ڪا معنيٰ هوندي؟ انهن سوالن جي ڪري تنهنجن خطن پڙهڻ مهل مان ڪيترين ئي جاين تي بيهيو رهان! مثال تون ڪهڙي لڱ ڏڪائيندڙ واقعي جو ذڪر ڪرين ٿو، جنهن کي لکڻ لاءِ توکي لوهي لڱ گُهرجن؟ جنهن جي اذيتَ جي سختيءَ جي ڪري تون ان کي ڊائريءَ تي قلمبند بہ نہ ڪري سگهيو هئين. ان واقعي بابت تون ڪڏهن لکندين؟

سَٺ واري ڏهاڪي دوران سياسي طورَ ٻنهي اڻ واڳيل سنڌ جي ٻوڙيشالا هاڻ مختلف آهي. اوهان اڳانهن ٻوڙين سنڌي ٻڌ مت جي مزاجَ ۾ وڏي تبديلي آندي! اهو سنڌ جو ياڳ هو جو تيرهن سالن جي عُمر کان شروع ڪيل تنهنجي تَپسيا سنڌ کي نوازيو. تنهنجي ۽ ٻين سنڌي ٻوڙين جي سائيگان جي تجربي کان پوءِ آندل تبديلي اڄ بہ قائم آهي.

مان بہ هاڻي اُن کي بيحد لازمي تو سمجهان. مان تہ اهو بہ چوندس تہ ٻڌ مَت بطور فڪر سياستَ سان پاڻ کي واڳي سماجَ ۾ ڏرائتو تي بيهي، نتيجي ۾ اهو لازمي طور مظلوم طبقي سان هڪ تي بيهندو. اهو ئي تہ تٿاگتا جو پيغام هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڌُوا سچو ہوڏي تيڻ لاءِ طبقاتي مَتيپيد کي وڏي واڪ اڳيان اچي رد ڪرڻ لازمي شرط هجي.

نظريا. جيئن تو چيو، واقعي بہ سماجَ ۾ چڏي ڏجن تہ ٻاڻ مجائين ۾ ٻڌ مَت جيئن تہ مذهب نہ پر هڪ فڪر هڪ نظريو آهي، اُن جي پرڪَ تڏهن ٿيندي جڏهن اُهو سماج ۾ ٻاهر نڪري اچي بيهي! عام انسان لاءِ آواز اُٿاري، انسان دوست نظرين جي حمايت ۾ بيهي.

جيئن تو تاشِيءَ جو ہڌايو تہ سائيگان جي سگهاري خاندان منجهان هوندي بہ هن زماني جا شُک تِياڳي ساڌُوپڻو اختيار ڪيو هو. منهنجو پڪو ويساھُ آهي تہ ظُلم جي دوُر ۾ ڏاڍَ خلاف پوڳيندڙ سان ٻَرجَهلو ٿي بيهڻ لاءِ ڪهڙا بہ اُصول توڙي سگهجن ٿا. عوامي پلاٽيءَ وارين حڪومتي رٿائن جي حمايت ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جي حڪومتُن جو حال تہ توکي خبر آهي. پهرين عوام واڪو ڪري تہ وريام ٻُڌي وٺندو هو. هاڻي تہ وريام ۾ مارِيُن ۾ ڪو فرق ئي نہ رهيو آهي. جي واڪو ڪجي تہ ڪهڙي ڏِسَ مُنهن ڪري ڪجي؟

ٻوڙي سَتوَا پيچيده سماجي صورتحال ۾ اسان ٻوڙين کي ڏُراٽتو ٿيٽو پوندو. جيئن تو ”جهونو ساڌو“ پوسٽ ڪارڊ ۾ مثال ڏنو آهي تہ جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي ماڻهو موجُود آهي ۽ فطرت ۽ سماج بہ اتي ئي آهن. ۽ انهن سان واڳيل مسئلا بہ اُتي ئي موجُود آهن تہ پوءِ هر بشرَ جو اهو فرض آهي تہ هو انهن مسئلن سان جيءَ سان جَڙجي وڃي.

ماڻهو سماجَ ۽ فطرت سان ٻڌايو ڪيئن قائم ڪري سگهندو. جڏهن هو اُن جي پيچيدگين کان قطع تعلق هوندو. يا انهن کان بي احساس هوندو تہ؟ ٻوڏيشالائُن کي سماجن ۾ سچو پچو وُجُود رکڻو پوندو. فقط زميني عمارت جي صورت ۾ نہ. جيئن انساني جسم جي رڳن ۾ رت جي گردش هوندي آهي، تيئن ئي سماجَ جي رڳُن ۾ ٻڌ مَت کي پنهنجو رُوح داخل ڪرڻو پوندو. ٻوڙين کي طبقاتي جنگ ۾ مسڪين ماڻهن سان گڏ وڏي واڪي سامهون اچڻو پوندو. عَقُليت جي، سماجَ جي، اخلاقيات جي ۽ دوُر جي گُهرِاها آهي.

مان اهو سمجهندو آهيان تہ ٻُڌ مت مذهب نہ هوندي بہ پنهنجي انسان-دوست مزاجَ جي ڪري دنيا جي انيڪ نظرين ويندي مذهبن ۽ عقيدن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسانيتَ جي بنياد تي هم آهنگ تي دنيا جو رنگ روپ متاثر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ٻڌ مت اولهه ۽ اوير ڪي ڳنڍي سگهي ٿو.

اولهه ۽ اوير جي تهذيبُن ۾ ٽڪر نہ آهي، ٻوڙي سَتوَا اِهي ٽَڪرن جا مفروضا عالمي جارحيتي سياست جا ٽِڪساٿَ آهن تہ جيئن ٻنهي يگانيُن تهذيبُن کي ويجهو اچڻ نہ ڏجي. اهڙين عالمي سطح جي سياسي ڏُوت پائين پويان گروهن ۽ مت پيدي قُوتن جا سياسي ۽ مُعاشي مفاد آهن.

جبر جي ارتقا ورتل صورت تمام نہ تہ انسان ڪهڙي بہ فِڪر، نسل، مذهب ۽ سوچ جو هجي. اُهو تہ سدائين ٻئي انسان سان هم آهنگ ٿيڻ لاءِ تيار آهي. اهو ئي سبب آهي تہ مون کي اڄڪلهہ پوري عالم ۾ ٻڌ مَت ۾ ايندڙ تبديليءَ ۾ دلچسپي آهي. پوءِ اُهي ٻڌ جون تعليمات هجن، يا اُن جون مشقون ڪرڻ هجي، يا تپسيائون ۽ سخت جسماني جوکا کڻڻ هجن.

تو وِيئَت نام ۽ سنڌ جي ٻڌ مت ۾ فرق جي ڳالهہ ڪئي. اسين تہ اُهي ئي عالمگيري اٺ _نُقاطي اصولَ کڻي هلون پيا. جيڪي اڄ سموري دنيا ۾ رائج آهن:

جن ۾ پهريون اُصول دُرست سمجهہ. يعني دنيا جيئن آهي ان کي تيئن ئي سمجهڻ. اُن ۾ وڌاءَ ڪري اُن جي وصفَ کي مسخ ڪري نہ پيش ڪرڻ: ٻيون دُرست اِرادو_ حياتيءَ ۾ انساني برابريءَ کي ذهن ۾ رکي پوءِ ڪو ارادو رکڻ تہ جيئنَ اُهو اِرادو انسان دوست هجي، انسانيت جي مفاد ۾ هجي: ٽيون دُرست گفتگو سوچي سمجهي ڳالهائڻ تہ جيئن باهميت کي وڌائي. اختلافن کي دُرست ڳالهہ ذريعي ختم ڪري سگهجي: چوٿون دُرست عمل. يعني اخلاقي گُهرجُن کي ذهن ۾ رکي پوءِ ڪو بہ قدم کڻجي اهو سوچيندي تہ ٻيا انسان نقصان نہ کڻن: پنجون، دُرست روزگار. يعني اُن ڪم منجهان روزگار ڪرڻ جنهن سان ڪنهن جي حق تلفي نہ ٿئي: ڇهون دُرست ڪوشش يعني دُرست ڏِس ۾، ۽ دُرست سوچ سان ڪوشش ڪجي جيئن اها انسان دوست انساني مفادَ ۾ هجي: ستون دُرست ذهني سجاڳي، يعني هر لمحي بابت سُجاڳ رهڻ تہ ان کي باقاعدي سمجهي گذارجي، جيئن خوف ۽ ٻين ڪمزور ڪندڙ روين کي نظرانداز ڪجي: اٺون سوچ جو دُرست محور يعني جيڪڏهن ذهن سجاڳ هوندو تہ ان جو محور بہ سجاڳ سوچ تي ٻڌل هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي تہ ٻڌ مَت جا عالمي اُصول آهن. سنڌي ٻڌ مَت نائون اُصول دُرست سماجي ڪردار بہ اِنهن ۾ شامل ڪيو آهي. اُهو ئي سماجي ڪردار جيڪو ڦُوان آئم ٻوڌيشالا ۾ اُن دؤر ۾ جُڙندي ڏسجي ٿو.

انهن اصولن کي سماج ۾ لاڳو ڪجي تہ تصور ڪري سگهجي ٿو تہ سماج جي ڪهڙي صورت وجي بيهندي؟ سماجُ انقلابي طور منجهي نئون ٿي پوندو. ساڌوءَ مان حيران تہ ان تي تو ٿيان تہ ٻڌ مَت کي تہ سندس مزاجَ موجب انقلابي گروهن ۽ تنظيمُن سان ملي ڪم ڪرڻ گهرجي ها پر اُن جي اُبتڙ اهو وري عقيدي سان ملي ويو! تاريخ ۾ سائنس اهو بدترين حادثو ٿيو. سنڌي ٻڌ مَت کي ايئن ئي ڪرڻ گهرجي. ساڌو مون کي تنهنجو مُشاهدي جو هي مخصوص تجربو وٽيو تہ اچانک صَدمن جي مُنهن ۾ پوڻ کان پوءِ بہ سَگهو بيٺو رهڻ لاءِ تربيتُن جا انيڪ نمونا سنڌُ جي ٻوڌيشالا جي تربيتي مواد ۾ بہ شامل ڪيا ويا آهن.

ملڪ جي گهڻ-طرفي ڏيوالپٽي ڪارڻ عوام جون نِجي حياتيون بہ آويءَ جيان تَتيون پيون آهن. ان ڪري سِکياٿُن ۽ تربيتُن تي زور ڏنو اٿئون تہ جيئن ماڻهو پنهنجن مسئلن ۽ اُنهن جي نتيجي ۾ آيل پوڳنائن تي حوصلا وڃائڻ بدران اُنهن کي عقل ۽ فهمَ جي درسَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. ايئن اِنهن سِکيائن جي نتيجي ۾ ماڻهو حياتيءَ ڏانهن پنهنجو رويو نئين-سر تيار ڪري ٿو. پوءِ ڪين صَدمن ۽ اچانک ٿيندڙ المناڪ واقعن تي هڪدم رَدِّ ڪري ڪو اوکو ردعمل ڏيڻ سيڪڙاتَ دل جي نشاني ياسندو اُن تي قُدرت ماڻڻ کان اڳ باهہ جا درياهہ پار ڪرڻا پوندا.

جيئن تون سِکيا جي آويءَ مان پچي راس ٿي ٻاهر آئين. تو لکيو تہ ماٺ مُشاهدي جي مشقَ توکي ان حوالي کان سدائينءَ لاءِ سَگهو بنائي ڇڏيو هو.

مون کي لڳندو آهي رِشتا. لَنئُون لڳاءُ. دلين جو ڳَنڍَجڻ. رت جي ڇِڪَ وغيره جهڙيون شيون انسان کي صَدمن کي عام ڪري ڪٽڻ نہ ٿيون ڏين. ماڻهو پيڙا مان جان آجي ڪري سگهي ها تہ اسين حوصلا لوهي ڪري گهمون ها.

سوچيندو آهيان تہ شايد ايندڙ سماج انهن جذباتيت پريل رشتن مان انسان کي آجو ڪري تہ پوءِ تياڳ اوکو نہ. فِطري ٿي پوي!

پر. نہ ڄاڻان. ايئن ٿيندو ڪي نہ. ڇاڪاڻ تہ منهنجي شعورَ جو هڪ پاسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن کي رد ڪري ٿو ان سوچ جي آڏار تي تہ رشتن. لنئُون لڳڻ، دلين جو ڳنڍجڻ فطري آهي. ان کي روڪڻ فطرت سان هٿ-چُراند ڪرڻ آهي! پر گڏوگڏ مان اهو بہ سوچيان ٿو تہ ان لَنوَ ۾ محبت ۾ جي عقل ساڻ نہ هجي تہ فقط مجنونيت پنهنجو ڏيک ڏيندي نہ؟ ٻئي پاسي جي عقل سان عشق ساڻ نہ هجي تہ هڪ بي احساس شئي هوندي جنهن ۾ انساني جذبو ڪٺل هوندو.

ڪڏهن وري اهو بہ سوچيندو آهيان تہ ايندڙ صدين ۾ ڇا واقعي ماڻهو ايترو پُختو ٿي سگهي ٿو جو هو فِطري شين جيان انسانَ جي مرڻ کي بہ سماجي ۽ احساساتي بدران فِطري طور سمجهي؟ جيئن ماڻهو پنن جي ڇڻي ڪرڻ تي روئي نہ پوندو آهي. ڇا انسان جي مرڻ کي بہ ايئن ئي وٺي سگهبو؟

ڪا خبر نہ آهي تہ اهو انومان اڳتي هلي ثابت ٿيندو يا نہ. پر هڪ ڳالهہ سچ آهي تہ ان رشتن جي ٻنڌڻن کان سواءِ بہ انسان ٻيا ٻنڌڻ پيدا ڪيا آهن. انسان ڌن دولت، جسماني سهولتن ۽ لذتُن جو ايترو تہ عادي ٿي چڪو آهي جو انهن سهولتُن کان پرانهون ٿيڻ کيس غيرفِطري لڳي ٿو.

غير ضروري ۽ ڪوڙين ضرورتُن کان پرانهون ٿيڻ غير فِطري نہ پر ٻنهہ انساني آهي. ڇاڪاڻ تہ فِطري گُهرجُن ۾ فقط چند سماجي ضرورتن کان سواءِ باقي سهولت ۽ عياشيءَ جي دائري ۾ شُمار ٿين ٿيون.

پر عشق سان وِڇڻي مون کي غير فِطري ٿي لڳي، ساڌوا عشق ڪرڻ، پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ هجڻ مون کي سهولت يا عياشي بدران ساهہ کڻڻ جيان اهم ٿو لڳي. ان کان انسان کي پري ڪرڻ غير عَقُلي آهي. تون ڇا ٿو سمجهين ساڌوا عشق عقل کان سواءِ ۽ عقل عشق کان سواءِ جٽاءَ ڪري سگهندا؟

سماج ۾ اهي ٻئي هِڪٻئي کان سواءِ جي لاڳو ٿيندا تہ ان جا نتيجا ڀيانڪ نڪرندا. مون کي مِيرا وارو صَدمو ياد آهي. پيارا ٻوڙي سَتوَا هوءَ بہ تہ ٻوڙي پنڌَ تي هئي. پر مون سان جُدائيءَ جو صَدمو هن کان جاليو نہ ٿئي ٿيو.

سندس نُقطو اهو هو تہ منهنجو کيس ڇڏي سندس سُونهَن تياڳڻ ٻُڌ مت جي منافي هو. سندس موجب گوتم ٻُڌ جو ايئن ڪرڻ متس واجب ان ڪري هو جو کيس جابراڻي برهمڻ سماج ۾ هڪ مثال قائم ڪرڻو هو. خاص طور انهن سفاڪ ۽ خودپسند برهمڻن خلاف جيڪي جسماني ۽ ذهني عياشين جا ايترا تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام تي چُڪا هئا. جو هڪ هڪ برهمڻ ويهن انسانن جيترو سُک ماڻيو پئي، اُن گهڻ هوندَ جيڪو ضيانُ ڪيو ٿئي اُن جو ڪاٿو ئي نہ هو. پر برهمڻ کي ضيانُ قبول هو، اُن هُوندَ کي ونڊڻ قبول نہ هو.

مون کي ياد آهي تہ مِيرا ورجائي ورجائي مون کي چئي رهي هئي تہ گوتم جو اصل مقصد سهپ، ضبط ۽ انساني احترام جو هڪ بي مثال نمونو پيش ڪرڻ هو ۽ کيس سندس ئي ذات جي بادشاهي جابراڻي روِش ۾ ڪيل ظلمَ جي تلافي بہ ڪرڻي هئي. پر هن هر ٻوڙي سَتوا لاءِ اهڙو لازمي نہ ڪيو هو. سندس خيال هو تہ ناري بہ ٻوڌ-سَتوَئي پنڌ تي پنهنجي مرد سان هلي سگهي ٿي. هن مون سان گڏ هلڻ جا بہ وَس ڪيا هئا. سندس نيسارَن جيان وَهندڙ نيڻَن ۾ ڪِروڌ، هورا ڪورا، منٿ ميڙ ۽ آزيون هيون. جيئن ياد ڪريان ٿو تہ لڳي ٿو تہ هوءَ تڙپي ۽ لُڇي ان ڪري رهي هئي جو محبت جو سندس ساڻ هجڻ سندس جيئڻ جهڙي بنيادي گهرج هئي.

جيئن مون مٿي چيو تہ انسان عياشين ۽ سهولتن جو عادي ٿي چڪو آهي پر مِيرا جو هي ڦٽڪڻ ڌن دولت، عياشِين ۽ لذتن جي ڪڍ حِرصَ نہ هو. ڪانئُس محبوب پري ڪرڻ سندس ساهَ ڇنڻ جيان هو. هن زور پئي پريو تہ ٻوڌي پنڌ ۾ اهو تِياڳ بي معنيٰ هو ڪروڌَ ۾ هن مون کي اهو بہ چيو تہ مان کيس بہ ٻوڌي پنڌ کان پري پيو ڪريان. دُرست يا غلط، پر مون کيس سمجهايو هو تہ پنهنجي يڪشوئاڻي حياتي هوءَ مون کان سواءِ وڌيڪ بهتر گذاري سگهندي، پر هن اهو آخر تائين نہ مڃيو.

مان ساڌوئن سان ساموندڪي پنڌَ تي نڪرڻ لا ڪراچي بندر تي پنهنجي مختصر سامان سوڌو بيٺو هئس. سندس نيڻَ روئي روئي سُڪي ويا هئا. مڪران جي اولهائين ڪنارِي تي ٻڌل گوادر بندر مان نڪتل جهاز جيسين ڪراچي بندر اچي، تيسين هوءَ مون سان گڏ ويني... هوءَ مون کي ايئن تڪي رهي هئي جڻ کيس آسرو هجي تہ مان اِجهو فيصلو مٽائي ساڻس گڏ واپس ورندس پر مون ايئن نہ ڪيو هو، ٻوڌي سَتوَا!

نہ ڄاڻان ڪيترا پيرا مان لُڏيو لميو هوندس! پر ڪِريس نہ. اندر ڇڄندي لڳو هئم پر پاڻ کي ٽُٽڻ نہ ڏنو هئم. آخر ۾ سندس پيرن تي هٿ رکي ڪانئس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي انسان ذات اهو تہ اڳتي هلي ڏسندي تہ انسان پاڻ کي ڪيتري حد تائين فطرت سان هم آهنگ ڪري سگهي ٿو ايترو جو هو انسانن جي مرڻ کي پنن جي ڇڻڻ جيان ٿي ڪٽي. اِنهن ڳالهين تي منهنجا ڪيترا ئي ساٿي منهنجي نِندا ڪندا آهن تہ مان آخر اِمڪان کان ٻاهر ڳالهيون ڇو ٿو ڪريان.

اهو منهنجو بہ فقط انومان ئي آهي، مان ان تي انڌو ويساهہ نہ ٿو ڪريان تہ ڪو واقعي اهو ايئن ئي ٿيندو ۽ فلاڻي دؤر ۾ ٿيندو. اِنهن موضوعن تي ماهِراڻا رايا ڏيڻ کان اڳ وڌو سوچڻ، لوچڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورتَ آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي مهل هڪ پلَ لاءِ پاسندو اٿم تہ مان بہ جَهڙوڪر ٻواٽن يا چؤواٽن تي بيٺل آهيان. انيڪ سُوالَ واڇوڙن جيان مون کي اُڏاري نہ ڄاڻان ڪٿي ڪٿي هليا ٿا وڃن.

مان اڄڪلهہ جوابن جي ڪڏِ سرگردان پيو ڦِران. لڳي ٿو ڄڻ تَتل ڏينهن جا واريا سا سرابَ هجن ڇؤڏاري ۽ مان اُجارو هرڻ. ڀِٽائيءَ جي لفظن ۾:

جــئن ســو هَــرَڻُ، هُمــاءُ، سَــرگَردان سَنســارَ ۾،
هِيءَ پَکِـ نہ کوڙي پَتـئين، هُـو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نـہ ساهُ،
جــيڪُسِ تــن مُــلاءُ، سَسُــئِيءَ سُــورَ پِرائِيــا.

پيارا ٻوڙي سَتوا! ڀِٽائيءَ هن بيتَ ۾ حدون ڪري ڇڏيون آهن.

سرگردانيءَ جهڙي رُوحُ جهيريندڙ تڙپَ کي هو اُن ڪَٿُورِئَي هرڻ سان ڀيٽي ٿو ، جنهن جي ڏُنَ ۾ خوشبو هوندي آهي؛ گڏوگڏ سدائين پرواز ۾ رهندڙ ڏَند۔ ڳتائي پکي هُماءَ جا مثالَ بہ ڏئي ٿو ايئن هن سرگردانيءَ جهڙي حوصلا شِڪَن وکرَ کي جاوداني بخشي آهي. تہ هڪ تہ پنهنجي عشق ۾ ڳولا ۾ هُماءُ پکي ايترو تہ مجنونُ آهي جو ڪائنات ڌرتيءَ تي پير بہ کوڙيو نہ ٿو ٿئي؛ ٻئي پاسي هُو هرڻ وري ايترو تہ پنهنجي ئي بُت (ڏُنَ) مان نڪرندڙ خوشبوءَ تي عاشق آهي جو ڪيس اها خبر ئي نہ ٿي پوي تہ اُها خوشبوءِ ڪٿان پئي اچي، هو اُن سُرهاڻَ کي پاڻ کان ٻاهر پيو ڳولي!

اها ڳولا تہ يقينن "هوتَ" سان رسمي طرحَ "ملڻ" واري ناهي. مون کي بہ پنهنجي اِها سرگرداني، دردَوندي هوندي بہ ڪيفُ بخشي ٿي. مان تہ ان اتي ئي اَٿاهہ ترنگ ۾ آهيان تہ مون ان پاسي سوچيو تہ سهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال انهن ۾ بين ڪيترين ئي ڳالهين تي اسان ٻوڌين کي سوچڻ گهرجي. صدين کان ڏاهپ دورن منجهان پنڌ ڪندي اسان تائين اچي پهتي آهي، اُن جي آڌار تي ئي اسين پنهنجي داخليت ۽ خارجيتَ تي غور ڪري ان کي وڌيڪ بهتر طورَ سمجهي سگهون ٿا.

مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ ٻوڌيشالائن توڙي مِڙني درسگاهن ۾ سوچڻ جو بہ هڪ شعبو هجڻ گهرجي تہ جيئن نون پڪشوئن کي اهم سُوالن تي سوچرائجي ۽ ڳالهارائجي. اهو شعبو مِڙني شعبن سان ملي ڪري ڪم ڪري ان ميانڪ توڙي گُرو مِڙني متين ڳالهين ۽ انيڪ بين ڳالهين تي بہ سوچين. مثال طورَ هو سوچين تہ ارتقا ڇا آهي؟ ارتقا جي نظريي تي ويساهہ ڇو ضروري آهي؟ ماڻهو آخر ڇو فِطري لقائن يا آسماني سيارن تارن تي غور ڪري؟ يا وري ارتڪاز ڇو ڪجي؟ اُن جي مشق ڪرڻ نہ ڪرڻ سان ڪهڙا فائدا ۽ نقصان ٿيندا؟ ٻوڌي اُصولن تي ٽيڪاٽپڻي ڪري ڪين نئين دؤر سان ڇو نہ ملائجي؟

ڇوڻ جو مقصد اهو تہ اِنهن مڙني ڳالهين تي انسانن کي سوچرائجي تہ جيئن هو علمَ توڙي پنهنجي ماحولَ جي عطا ڪيل مظهرن ۽ لقائن تي چڱيءَ ريتَ سوچي سمجهي پوءِ انهن تي ويساهہ ڪن. ٻوڌي هدايتون عمل هيٺ آڻڻ ان ڪري لازمي نہ هونديون آهن جو اُهي آفاقي آهن ۽ انڌَ ۾ سندن پوئواري ڪجي پر ان ڪري لازمي هونديون آهن جو منجهن انساني ڀلائيءَ تي ٻڌل مٺيا سمايل هجي ٿي.

سڀ ڪجهہ علم آهي، ان ڪري هر شئي شعوري ارتڪاز گهري ٿي. امجد اسلام امجد جي نظم جي هن سِٽ جيان، ”سب کُچ محبت کا ڦيلاؤ هي“. هن ساري سرشتيءَ تي پکڙيل جيڪو لقاءُ آهي، اُهو هڪ عاشق دل ۽ دماغَ جو محتاج آهي تہ اُهو متس هڪ نظر ڪري ۽ پوءِ منجهس پيهي وڃي تہ جيئن اُن جي انيڪ پهلوئن ۾ لڪل اِسرارن تان پردا کڻي سگهي. فطرت توڙي سماج کي، ويندي رِشتن کي بہ علمي ارتڪاز ۽ وجداني عشق جي احساس رکڻ کان سواءِ بهتر طور نہ ٿو سمجهي سگهجي.

فطرت شعور جي محڻ نہ محڻ جي باوُجُود بہ جيئندي، ارتقا ونندي، وري مرندي ۽ نئون جنمر وننديرهندي، پر شعور جي متس طبع آزمائي اُن جي خيالي ۽ مادي وُجُود جي وُسعت پيمائي ڪندي. منهنجي راءِ آهي تہ اُن جي وُسعتَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو بہ ڪاتو نہ آهي. سو شعور جيڪڏهن وُجُود رکي ٿو تہ اُن جو فرض آهي تہ اُهو اُن تي ڳُوڙهي نظرَ سان غور بہ ڪري.

مثال، جيئن تو ڪبوترن وارو ڏِيان ڪيو هو اُن ۾ تو ڪيڏيون نہ عجيب ڳالهيون کوجنا ڪيون هيون. تو ويندي ڪبوترن جو سماجي ڪارِجُ بہ سمجهيو هو جيڪو ڪٿي هڪ پاسائون ۾ بِنهہ مختصر هو پر هو ضرور. بي شعور حيوانَ جو بہ نيٺ سماجي ڪارجُ ٿيو پوي، انسانَ تي تہ پوءِ تمام وڏي ذميواري آهي! اِرتڪاز اوهان کي شين ۾ لقائن جي مزاجَ کان رُوشناس ڪرائي ٿو.

اڳ بہ لکيو هئم تہ فطرت جي هر مظهر کي ارتڪاز گهرجي. تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو پنهنجي ارتڪاز ۾ غور جي نتيجي ۾ سماجن کي نيون کوجنائون، انوکا نظريا ۽ اَمُلهہ ايجادون عطا ڪن ٿا، نہ تہ بشَرَ جي گهڻائيءَ کي تہ ارتڪاز جي عادت ئي نہ پيل آهي. فطرت تہ نهيو سماجَ ۾ ڪيترو نہ گهڻو ڪجهہ آهي اِرتڪاز لاءِ!

پر ماڻهوءَ جو محور بِنهہ سطحي آهي: ڪمائڻ ۽ جِبلتون پوريون ڪرڻ! اُن ۾ تهذيب ڪٿي آهي؟

پنهنجي خوراڪ جي ڳولا تہ هر جانور ۽ هر حيوان بہ ڪري ٿو ۽ اُهو پنهنجي ٻي جبلت بہ پوري ڪري ٿو؟ تہ ماڻهو ۽ حيوانَ ۾ ڪهڙو فرق ٿيو؟ ماڻهو پڙهو دراصل تهذيبَ جي علامتَ آهي ۽ تهذيب ۽ تمدُن جي عڪاسي سماجَ جي هر پهلوءَ کان ٿيڻ گهرجي، جڏهن تہ سماجَ جي گهڻن پهلوئن ۾ اُها شئي کُتَل نظر ايندي آهي.

منهنجو تہ اِهو خيال آهي انسان ۽ فطرت ۾ ايڏي وِٿي آهي ئي نہ. اِنسان ڏاڍي سولائيءَ سان فطرت جي مزاجَ سان هم آهنگ ٿي سگهي ٿو. مثال جيئن قديم چيني فڪر "تائو" جو باني لائو زو (پنجين يا ڇهين صدي قبل مسيح) چوي ٿو تہ فطرت ۾ جيئن تہ تڪڙ نہ آهي، ان ڪري اُها پاڻ منجهہ مڪمل آهي.

مون اِن جملي تي ڪافي غور ڪيو تہ فطرت جي اها ماٺ ارتقا ڇا اسان کي ٻُڌائي نہ ٿي تہ انسان جي ڀاڄَ نُما تڪڙ اُن جي ۽ سموري فطرت جي مزاجَ جي منافي آهي؟

مثان ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي سرمائيداراڻي مزاج جو سماج جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳن ۾ پيهجي وڃڻ بدترين نتيجا ڪٺي آيو آهي. نتيجي ۾ جيڪا بہ انساني خواهش پئدا ٿي آهي، اها بِنھ غير فِطري آهي، غير عَقُلي آهي. پر تڏهن اُن جو پورائو ڪرڻ لازمي ٿي پيو آهي.

اُن ڪان سواءِ لائو زو مطلق ماٺَ جي ڳالھ ڪري ٿو تہ جيڪو دماغ سانت ۾ ماٺ آهي، اُن آڏو تہ ڪائنات بہ پنهنجو پاڻ جُهڪائي ٿي. ”سَر دَر قدمِ يار فِدا شُد. چہ بجا شُدا“ عشق جي عجب حُسناڪ شڪل اسين ان مثال ۾ ٿي ڏسي ٿا وٺون تہ انساني فطرت بہ عشق جي ڪيفيت ۾ ڪيڏي نہ سُک ۾ آهي. منجهس لڳاتاريت بہ آهي تہ تبديلي بہ. اِنَ ڪري اُها پاڻ پنهنجي تڪميل ماٺي ٿي.

انسان جي تڪڙ، يچ پچان فِطري نہ آهي. ان ڪري اُها لاياڻي ٿي ٿي نہ ٿي سگهي. جيڪي سبب اها يچ پچان، يا غير فطرت پويان سماجي ياجَ پئدا ڪن ٿا، اُنهن کي چانگي دُرست ڪجي، نہ تہ ختم ڪري ڇڏجي.

تہ ڇا واقعي ماڻهو فطرت سان هم آهنگيءَ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو؟

ها، ها، ڪري سگهي ٿو. منهنجا پيارا ٻوڙي سَتوَا! بلڪل ڪري سگهي ٿو.

بس، انسان ۾ ئي فطرتَ جي اظهارَ جا روپ مختلف آهن. اردو ۾ فارسيءَ جي شاعر اقبال بہ اهڙي ئي ڳالھ ڪيڏي نہ حُسناڪيءَ سان ڪئي آهي، ساڏوا!

حُسنِ ازل کی پیدا ہر چیز میں جھلک ہے،
انساں میں وہ سُخن ہے، غنچے میں وہ چٹک ہے۔

انداز گفتگو نے دھوکے دیے ہیں ورنہ
نغمہ ہے بوءِ بلبل، بُو پھول کی چہک ہے۔

کثرت میں ہو گیا ہے وحدت کا راز مخفی
جگنو میں جو چمک ہے وہ پھول میں مہک ہے!

فطرت ۾ ماڻهن جي مزاجَ ۾ هڪجهڙائي آهي، اظهار مختلف آهي. شيون وُجُود ۾ اچن ٿيون، ارتقا ڪارڻ پنهنجي نسل جي جتاءَ جي حسابَ سان اوُجُ ماٺي پوءِ زوالَ ڏانهن وڃن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن کان سواءِ جيت جٽيا. پکي پکڻ، آبي، زميني ۽ آسماني جانور ۽ ٻوٽن سميت هڙئي ساهوارا پنهنجو مخصوص مزاجُ رکندي اظهار ڪن ٿا. جيئن انسان پنهنجو مخصوص ارتقا پذير مزاجُ رکي بيان ڪري ٿو. ها مزاجَ حيوانيت جي سطح جي حساب سان مختلف ضرور آهن. پر مرحليوار اُهي ئي ڏاڪا آهن جن تان انسان ۽ حيوان، ويندي وڻ ٽِڻ گذرن ٿا. هي تہ ٿيا پيدائش کان مرڻ تائين جا مرحلا!

ٻيو مثال وَٺُ: هوا کي کَڻُ. مون اڳَ ۾ بہ توکي ڪنهن خط ۾ لکيو هو تہ هوا جڏهن مختلف قسمن جي وڻن جي پنن ۾ لامُن مان گُذري ٿي تہ اُها مختلف سَر سَرِ ڪندڙ آواز ڪڍي ٿي. اُهي آواز پنن جي مختلف قسمن ۽ مزاجَ جي حساب سان مختلف ٿين ٿا. تہ پوءِ اهو ڪيئن چئجي تہ اها رڳو هوا جي خصلتَ ٿي، پنن جي نہ... جنهن سبب جي ڪري هوا گُهلي ٿي ۽ جنهن سبب جي ڪري اها فِطري لقائن ۽ شين تي اثر وجهي ٿي. ان تي تہ پاڻ ڳالهايون ئي نہ ٿا؟

اُها هوا جڏهن پٿرن مان گذري ٿي تہ مخصوص آواز پيدا ٿئي ٿو ۽ اُها ساڳي ئي هوا جڏهن پاڻيءَ کي پنهنجي زورَ ۽ شِدتَ سان ڇُهي ٿي تہ اُن جو آواز ويتر مختلف ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو.

اِن مثال کي ٿورو محبت سان ڳنڍيو ڏِسجي تہ وڌيڪ سمجهہ ۾ ايندو. مثال طور آغا سليم پنهنجي ناول ”همہ اوست“ ۾ لکيو هو تہ ماڻهو کان اڳ ۽ ماڻهو کان پوءِ محبتَ جو مزاجُ مختلف هجي ٿو. هو اُن لاءِ پاڻيءَ جو مثال ڏئي ٿو تہ ماڻهو کان اڳ محبت پٿرن مان گُذرندڙ پاڻيءَ جيان هجي ٿي جيڪو پٿرن جي سختيءَ ڪارڻ پُرشور هجي ٿو. پر اُهو ئي ساڳيو پاڻي جڏهن مَيداني علائقن ۾ وهي ٿو تہ اُن جي وَهڪري ۾ سانتيڪائي ۽ هڪ ڳنڀير ماٺارَ پسجي ٿي.

جڏهن فطرت ۾ موجُود جُزيات بہ پنهنجين حالتُن ۽ لهہ وچڙ ۾ ايندڙ ڏُر جي حساب سان پنهنجو روپ مٽائي ٿي تہ انسان بنا روپَ مٽائي هڪ ئي مِزاجَ ۾ ۽ هڪ ـ ڳرو ڪيئن ٿو هلي سگهي؟ اُهو بہ فطرتن پنهنجو روپُ ۽ رويو مٽائيندو رهندو هو ساڳئي ئي معاملي تي انيڪ ماڻهن سان مختلف رَوِشون رکندو نظر ايندو.

ايئن اسان کي انسانن ۽ فطرت ۾ هم آهنگي نظر ايندي، ڪي بہ فِطري مظهر، عمل يا لقاءَ جڏهن مختلف زمان، مڪان، حالتُن ۽ وُجُودن سان لهہ وچڙ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچن ٿا تہ پنهنجي رَوِش اُن فريقَ جي نسبت سان متائين ٿا.

اِن ساڳي ئي ڳالهہ جو محبت يا عشق جي حوالي ڪان هڪ ٻيو نقطہ نظر اِهو آهي تہ عشقُ پنهنجو روپُ ۽ مخصوص مزاجُ لقائن ۽ واڳيل فردن جي نسبت ۾ طئہ ڪري ٿو. اُهو ساڳيو ئي عشقُ هوندي بہ نِسبتَ جي حسابَ سان مختلف اِظهارن ۾ نظر ايندو آهي. مثال. ڪو ماڻهو جيڪڏهن پنڊ ۾ سيلانيءَ سان عشق ڪري ٿو تہ اُن جو اظهار هو سياحتَ جي دنيا ۾ رَچي وَسِي ڪندو. ڪٿي سيلاني ڪانئس وڏا اوکا پنڌ بہ ڪرائي ٿي تہ ڪٿي اُها ڪانئس لکرائي ٿي.

عشقُ جيڪڏهن نارِي يا مرد جو آهي تہ اُن جنونَ جو اظهار سياحت سان عشق ڪان مختلف هوندو. پر آهي ساڳيو عشق جو تصور يعني ماڻهو ڪنهن لقاءَ. مظهر. حقيقتَ يا فردَ جي چاهہَ ۾ پنهنجي ڪيفتَ ۽ جنونَ کي اُن (جاندار يا بي جان) محبوبَ جي مزاجَ (نوعيتَ) جي حسابَ ۾ اظهاري ٿو.

”انساں میں وہ سُخن ہے، غنچے میں وہ چٹک ہے“!

پيارا ٻوڙي سَتوا! منهنجي موقف جو تَتُ اِهو آهي تہ اسان ٻوڙين جي ٻُڌ مَت سان ۽ نارِيءَ سان عشقَ جي اظهار ۾ فقط نسبتي فرق هوندو. ٻنهي عشقَ جي ڪيفيتُن ۽ عشقَ جي نتيجي ۾ پئدا ٿيندڙ جذبن جون وهاندون مختلف هونديون. نتيجا مختلف هوندا پر پنهنجي جوهرَ ۾ آهي اُهو ئي ساڳيو عشقُ. اهو سُوال تہ عشقَ جو ڪو بہ نمونو مختلف قسمن جي محبوبَ جي حسابَ سان اظهارجي ڪيئن ٿو اهو پنهنجيءَ جاءِ تي اهم آهي پر وڌيڪ اهم ڳالهہ عشق ۾ جاکوڙَ ڪرڻ ۽ جوکا کڻڻ آهي. نہ ڪيِ اِهو تہ ماڻهو ڪنهن سان عشق ڪري ٿو!

منهنجو ويساهُ آهي تہ انسان جو پورهئي ذريعي تخليق. کوجنا ۽ دنيا جي نئين سِر اڏاوتَ ڏانهن جُنونَ جي حد تائين عشقَ ڪان پوءِ ٻيو اهم ترين عشقَ جو نمونو اِنسان جو انسانَ سان عشق ڪرڻ آهي. انسانَ سان انسانَ جو عشق پنهنجي جوهر ۾ نہ رُڳو حد ڪان وڌيڪ تخليقي آهي پر اُن تخليقيتَ ۾ فردَ جي فردَ سان رُوحاني توڙي جسماني عِشق جي ڪري هڪَ حُسناڪ لطافتَ بہ آهي. دنيا جي نئين سِر اڏاوتَ ۾ وري بہ چِتاپيتي ٿئي ٿي. ماڻهو هِڪبئي ڪان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطرت ۾ چَٽاپيٽي نہ آهي: ہر فرد جي فرد سان عشق ۾ (جي اُهو واقعي بہ عشق آهي تہ) گوءِ کٽڻ تہ پري جي ڳالهہ ماڻهو رُڳو ارپڻ، ڏيڻ چاهي ٿو. هو اُن عشقَ دوران پاڻ وڃائي بہ دنيا جون حسين ترين سوکڙيون پنهنجي محبوبَ کي ڏيڻ چاهي ٿو. اهو دؤر اندر جي نزاڪت، تخليقيتَ، وجدان ۽ گهڻ-رُخي حُسناڪيءَ کي وڌائڻ جي انيڪ موقعن وارو دؤر هجي ٿو اُن دؤر ۾ جسماني ۽ شعوري حُسناڪي ۾ جاڻَ ٻيڻا ٽيڻ ٿا يا ٿي سگهن ٿا. اِمڪان جي بي پناهيتَ ۽ اوڄَ جا عجب انگيز مقام نظر اچن ٿا.

ان ڪري چٽاپيٽيءَ جي جذبن ۾ گوءِ کٽڻ جي حرص کان سواءِ بہ ماڻهو اڳتي وڌي ويجهي ۾ ارتقا ڪري سگهي ٿو. بس، فرق ايترو هوندو تہ چٽاپيٽيءَ جي احساسَ کان سواءِ ان دوران ڪيس ٻئي انسان کي هيچ ڏيکارڻ جو جنون نہ هوندو.

چَٽاپيٽيءَ جو لازمي نتيجو حِرص ڪرڻ ۽ اڳئين کي هيچ ڏيکارڻ آهي. علمي، فڪري يا سماجي ڪاميابي حاصل ڪرڻ بدران ماڻهوءَ جو زور ٻئي کان انهن پهلوئن ۾ اڳتي وڌڻ يا گوءِ کٽڻ تي آهي. ان دوران ماڻهو سِکيا جا اهم مرحلا بيچيني، اُڻ تُڻ، حِرص ۽ غير ضروري تڪڙ ۾ وڃايو ڇڏي!

حقيقت اها آهي تہ فطرتَ جي جوهرَ ۾ چَٽاپيٽي آهي ئي نہ. اِن ڪري چٽاپيٽي مثبت انساني تبديليءَ ۽ واڌَ جي دشمن آهي. لاٿُوزَو تہ اهو بہ چوي ٿو تہ پاڻُ سيني انسانن کي ڪم اچي ٿو ان ڪري جو اهو مت پيد نہ ٿو ڪري.

مون بہ سوچيو آهي تہ فطرت تي غور ڪجي تہ پتو پوندو تہ هر ڪا شئي پاڻ ئي وڌي ويجهي ٿي. ٻي شئي کي فائدو ڏئي پنهنجي ۽ اُن جي ارتقائي مرحلي کي اڳتي وڌائي ٿي. وڻ، ٽڻ، پکي، نديون، جيتَ جڻيا ۽ جانور، هڙئي پنهنجي پنهنجي مزاج موجب وڌن ويجهن ٿا ۽ هڪ ئي فطرت ۾ گڏ رهن بہ ٿا. پر ڪٿي آهي منجهن اُها چٽاپيٽي جيڪا انسانن جي سرمائيداراڻي سماجَ پئدا ڪئي آهي؟ ماڻهو سمجهن ٿا تہ واڌَ بدران گوءِ کٽڻ سان ئي ترقي مُمڪن آهي، مان چوندس تہ اُن قسم جي ارتقا جي نتيجي ۾ چُڪُن مٿان چُڪون ئي ٿي سگهن ٿيون.

پيارا ساڌو! مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ عَقُلي تصور انسانَ جي اندرين صورتَ جو خاڪو جوڙين ٿا. مثال طور جيئن مون مٿي عشق ۽ چٽاپيٽيءَ بابت پنهنجي راءِ پيش ڪئي، اهڙا اثبات تي ٻڌل تصور رکندڙ ماڻهن ۾ اُن جي اُبتڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال رکندڙ ماڻهن جي شعورَ جو مزاج لازمي طور هڪٻئي کان مختلف هوندو. تہ ڇا شعورَ جي بہ ڪا شِڪلَ هُجي ٿي، جيڪا انسان جي مزاجن جي حسابَ سان جُڙندي هجي؟ شايد ها...!

جيڪڏهن شعورَ جي انساني صورتَ سان مُشابهہ ڪا شِڪلَ ڪڍجي تہ اُها ڪيئن هوندي؟ ٻڌ مت ۾ اُن جهڙا ٻيا علمي مڪتبہِ فِڪر واقعي بہ ڪنهن مُورتي سازَ جيان اندرَ جي وُجُود کي ڇيڻيءَ سان ڇلي تيار ڪري، اُن جي هڪ صورتَ ٺاهِين ٿا. جَهڙوڪَر وقتُ، تجربا، ۾ سِکيائون جسم ۾ تصورن ۾ پنهي کي گهڙين ٿا. مان سوچيندو آهيان تہ جيئن هر انسان جي پنهنجي الڳ صورتَ ۾ الڳ نيڻَ نقش هوندا آهن، تيئن ئي اسان منجهان هر ڪنهن جي سوچَ، شعور يا رُوح جي پنهنجي يگاني صورت بہ هوندي. جيڪا پنهنجي پنهنجي ڪردار، سگهہ، علم، وقار ۾ انسان دوستيءَ جي حوالي کان مختلف جُڙندي هوندي! ڪاش تہ ڪو چِترڪار اسان جي اُن داخلي صورتَ جو خاڪو ڪڍي سگهي؟

بهرحال، پيارا ٻوڌي سَتوا! اهي سڀئي خيال منهنجي شعورَ تي روز ڪنهن پکيءَ جيان اچي لهندا آهن... ٿورو ترسي وري اُڏامي ويندا آهن. منهنجي شعور تي سندن وري اچي ٻيهر ڪوڙڻ جي معنيٰ ئي اِها آهي تہ مان انهن جا جوابَ ماڻيان! تنهنجا قُوان اَئم ٻوڌيشالا جا مُشاهدا پڙهي سوچيندو آهيان تہ توکان پڇان تہ ڇا توکي ڪڏهن اهڙن سُوالن اُتاولو ڪيو؟

تو پنهنجي خطن ۾ قُوان اَئم ٻوڌيشالا جي جيڪا منظر ڪشي چِٽي آهي اُن جو اولڙو منهنجي اکين ۾ ترسي پيو آهي. ڪاش تہ هر خط سان گڏ ڪجهہ تصويرون بہ هجن ها! تہ ديومالائي ٻوڌيشالا جي ڪهاڻيءَ کي اجان وڌيڪ چِٽن ۾ پختن اُهڃاڻن سان سمجهان ها.

تو سان اُتي تاشِيءَ جي صحبت، علمي موضوعن تي ڪچهري، راتيون جاڳي پَسار ڪرڻ ۾ سندس تنهنجي تربيتي نشستن جو پڙهي مون کي ساڌو چوفيل جي ياد اچي وئي، جنهن جي صُحبت مون کي فقط هڪ سال ئي نصيب ٿي هئي، لَداخ جي تِڪسِي ٻوڌيشالا ۾، پر ڇا تہ ڏينهن هئا، نينهَن جهڙا!

توکي مان چوفيل جي صحبت جا احوالَ پنهنجي ڊائريءَ منجهان ڪڍي لکي موڪليندس. اُن هر پل گذرندڙ ماضيءَ کي تو جيان ڊائريءَ ۾ قلمبند ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون بہ ٻڌ مت جي تاريخ جي هڪ سُهڻي حصي کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هڪ ڀيري مون کي ساڌو چوفيل چيني ڏاهي لائو زو بابت ٻڌايو تہ هو دنيا ۾ پلن گسَن جي ڳالهہ ڪري ٿو. سندس خيال موجب جيڪو پلو گس آهي اُهو سولو بہ آهي ۽ سُک بہ ڏئي ٿو پر ماڻهو اُن جي ابتڙ اوکي گس تي وڃن ٿا. جتي هيج ۾ ڪين تسڪين بہ نہ ٿي ملي. تڏهن بہ هو هيج ۾ اڳتي هلندا. غير ضروري ماڻيندا ٿا وڃن. جيترو هلن ٿا اوترو بيزار ٿين ٿا. پر ڪين بيزاريءَ جي سبب جي پروڙ نہ ٿي پوي. ان ڪري اُن بيزاريءَ جي تدارُڪَ ۾ هو هڪبئي پنيان ڪُوڙيون ضرورتون پيدا ڪري تسڪين ماڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر ڪين پلئہ ان جي ابتڙ پوي ٿو.

مان تو کي سچ ٻڌايان ساڌُوا ٻڌ مت ۾ عقيدي جي گِهڙي اچڻ تي پاڻ هڪبئي سان پنهنجا خيال پئي ونڊيا آهن. مون کي ماڻهن جي توهم پرستيءَ پويان انڌي ڊوڙ ۽ وڪري جي وکر لاءِ هيجَ ۾ ڪو فرق نہ ٿو لڳي. پاسي ٿو قديم توهم پرستيءَ جي اڄ جي صورت وَکر پَرستي آهي.

ماڻهو جديد دور جي بازارين ۾ وڪامجندڙ نِت نين شين کي ايئن ٿا پوڄين جيئن قديم ماڻهو هٿ ـ ٺوڪين ديوتائن ۽ ديوين کي پوڄيندو هو. اِهو لقاءُ تو کي سموري دنيا ۾ ڏسڻ ۾ ايندو... اُتي بہ جتي ڪٽي سرمائيداري پنهنجي بدترين اوُڄَ تي نہ بہ آهي. جنس جي پهچَ تہ دنيا ۾ هر جاءِ تي آهي. جيڪا ماڻهوءَ لاءِ هڪ ڪوڙڪي آهي جڻ!

تون اسان جي اڄ جي سماج جو سوچ ساڌُوا

نوجوان ناريون ۽ مرد ڏس. سندن لاءِ ڪوڙيون ضرورتون جَهڙوڪر حياتيءَ جو لازمي جُز ٿي پيون آهن. جن کان سواءِ جڻ سندن جياپو ڏکيو آهي. هو وڃن ٿا خريد جي جنون ۾ گم ٿيندا.

اُن وحشتي جنون جو فائدو سرمائيداراڻي راڄ ۾ اشتهاري دنيا ايئن ٿي وٺي جو اُها اُنهن ڪوڙين ضرورتُن کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ اُنهن جي ساراهہ جا نِت نوان طريقا ڳولي اُنهن کي حياتيءَ جو اَڻ ـ ٽُٽ حصو ڪري ٿي پيش ڪري. ميڊيا جي صنعت اِن ڪُڌائپ جي ساٿَ ۾ ساٽن پِٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڏس! خبرون، سياسي گفتگوءَ جا پروگرام، فلمون ۽ ڊراما جيڪي سماجي ماڻهوءَ جي جاڻ ۽ وِندر جو مُک سامان آهن انهن کي ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ لُطف اندوز ٿيڻ دوران ڪيئن بار بار وِڪري جي وکر جا اِشتهار ايندا رهن ٿا. انهن اِشتهارن جي موادَ تي غور ڪر، اهي گهڻو ڪري نوجوان نارين ۽ نينگرن کي ذهن ۾ رکي وِڪري جون نيون نيون شيون پيش ڪيون وڃن ٿيون. جيڪي لازمي نہ آهي تہ عام ضرورتن ۾ شُمار ٿين. منجهانئن اڪثر ڪوڙيون ضرورتون آهن جيڪي انهن اشتهارن ذريعي پئدا ڪيون ٿيون وڃن.

مثال طور، انهن اشتهارن ۾ اهو ڏيکاريو ويندو آهي تہ نارين وٽ ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جو معيار گورو رنگ رکڻ يا گهٽي ۾ گهڻو سينگار جو سامان گڏ ڪرڻ آهي. جڏهن تہ نوجوان نينگرن ۾ مردن لاءِ اصل ترقي مهانگيون فونون ۽ گاڏيون رکڻ آهي. اهو بہ ڏيکاريو ويندو آهي تہ اهڙيون اشتهاري شيون رکڻ جي ڪري ناريون ۽ مرد هڪٻئي کي آئيڊيل سمجهن ٿا. هڪٻئي سان محبت بہ ڪن ٿا. ايئن سرمائيداراڻي راڄ ۾ ڪوڙين ضرورتن جون انيڪ جِنسون تيار ڪري هڪ پاسي اُن جي وِڪري مان فائدو ماڻين ٿا. ٻئي پاسي ڪُوڙو شعور پئدا ڪن ٿا، جيڪو سچو تو لڳي.

اُن وِڪري جي ناٽي مان هڪ واپاري ماڻي تو. ٻيو بهروپي رياستي چاڙتو ۽ سياستدان ماڻي تو. ٽيون مُلائيتَ جا جاوا هجن ٿا. اِهي ٽئي ڌريون عام ماڻهن کي مادِي شين جي خريد، سطحي سياستَ ۽ توهم پرستيءَ ۾ رُڌل رکي سندن بيخبريءَ ۾ ساڻن وڏو ڏڪ ڪري وڃن ٿا.

منهنجي نظر ۾ اُن جو مُک حل ماڻهن کي سڀ کان اڳ ۾ توهم پرستيءَ جي جار ۾ ڪيڏڻ ۾ لڳي تو. جي هو اُتان نِڪري ويا تہ سرمائيداراڻي ۽ سياسي تڪساڻن مان نيٺ جان بچائي ويندا. پر ساڏو هيءَ اسان واري دنيا تہ ماڻهوءَ کي توهم پرستيءَ ۾ وجي تي گم ڪندي! تون ڏِس، ٻُڌ مَت جهڙو فڪر بہ اڄڪلهہ مذهب تو چوائي، ۽ ماڻهن کي پيو امر حياتي ماڻيندڙ شربتَ آڇي. ان کان وڏيڪ گوتم ٻُڌ سان پيو ڪهڙو ڍوهہ ٿيندو!

خير، هي موضوع تہ ڪُتڻ جو نہ آهي. هاڻ مان ڪجهہ تنهنجي سائيگان ۾ تربيتَ دوران ڪيل مُشاهدي ۽ ارتڪاز جي قسمن تي ڳالهائيندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي تنهنجي مُشاهدي جون اتڪلون ڏاڍيون موهين ٿيون. خاص ڪري تنهنجو پکين ۾ جيت جٽين وارو غورُ. مون ٻوڙي چوفيلَ سان گڏجي اهڙي ئي قسم جو هڪ ڏيان سِکيو هو. جڏهن اسين رِڏُون چارڻ واري لازمي تربيت تي ويندا هئاسين. چارڻ جو تجربو ڪنهن بہ ڪنن ٻوڙي مُشاهدي جي تجربي کان گهٽ نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن مان رِڏُن جي واڙيءَ ۾ بہ رهي پوندو هئس.

رِڏون ڏاڍو سادو جانور آهن. کين ڏڳَ تي رکڻ تمام وڏو جوکو هجي ٿو. اُن جوکي ۾ چارڻ کي صبر جون اِنتهائون گُهرجن. جيئن تو ڪبوترن تي غور ڪيو ۽ لکيو تيئن مون رِڏُن تي پنهنجي غور تي بڌل ڪافي قصا لکيا. سچ اهو آهي تہ سندن انسانن سان سَنبَنڌ بيحد يگانو ۽ حسين آهي. اِن تي مان توکي ڪنهن ڏينهن تفصيل سان لکندس.

پيارا ٻوڙي سَتوا! هاڻ مان هن خط کي پڇاڙيءَ تي رَسائيندس. ايندڙ ڪڙيءَ ۾ توکي ٽِڪسِي ٻوڙيشالا، ساڏو چوفيل سان گڏ يوگي مشقُن ۽ پنهنجا رِڏون چارڻ جي تجربي جا احوالَ لکندس.

مِيرا ۽ اسان ٻنهي جي سڱ جو قصو فقط هن ڪڙيءَ تائين محدود نہ هوندو. ان ڪري جو مان ان تي جيترو لکڻ چاهيان اوترو گهٽ ٿو لڳيم. ساٿس ڪو عدُل ڪريان ها سو تہ نهيو پر وڏو ڏوهہ ڪري ويس. پيارا ساڏوا مان مِيرا ڏانهن موٽي پنهنجي ڏوهہ جو ڪيو پرڻ ٿو چاهيان. ٻڌاءِ تہ ايئن ڪرڻ آخر ڇو پِڪشوئاٽي تربيت کي اڏ ۾ ڇڏڻ برابر هوندو؟ اهو عمل ڪيئن ٻُڌ مَت جي منافي ٿيندو؟

سچ اِهو آهي تہ بندر تي جهازَ پيڙو ٿيندي ئي پڪو پهُ ڪيو هئم تہ نہ سندس سڏن کي، نہ وري ڪيل رابطي کي ڪا ورندي ڏيندس. هرگز نہ. سندس ڪجهہ خط منهنجي تَربيت گاهہ تي آيا هئا پر مون ڪيس هڪ ٻيرو بہ ورندي نہ ڏني. ايئن هوءَ ماٺ تي وئي! ٻنهہ ماٺ! چو ماٺ تي وئي هوءَ. ٻوڙي سَتوَ؟ هُن مون مان مڪمل آسرو پليو هو ڇا؟ يا اجان بہ اوسيئڙو ڪندي هوندي؟ پر مون ڪيس ورندي ڇو نہ ڏني؟ مون کي لڳو هو تہ خط جو جواب موڪلڻ ڪيس آسري جو ڪِرٽو ڏيکارڻ برابر هوندو. مون سندس سڀ اُميدون ڇِتي ماري ڇڏِڻ چاهيون ٿئي. مون ايئن ڇو ٿئي ڪرڻ چاهيو، ڪِي نہ ڄاڻان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس خطن ۾ آزيون نيزاريون هونديون هيون. لکندي هئي پل گهارڻ بہ اوکو هئس. نالي ۾ جيئري هئي. اصل تہ مري چُڪي هئي. مون کي ياد آهي سندس آخري خط ۾ قليچَ جي شاعريءَ منجهان هي سِٽون هيون:

قُـربَ وارن سـان قليچـا ڪـا گهـڙي ويهـي گـُذار
اڄ سُپان هلندين هتان، روئنديون اکيون نِت زارو زار
ڪيـــئن ڪنــــدي دلـــــڙي ويچـــــاري!

ماناٽتا اُستادَ ڪيڏو نہ صحيح چيو آهي قليچ تہ هيءَ گامَ تہ اڄ يا سُپان پنتي چڏي ويٺي آهي. انهن گهتن گهيڙن تي پيهر وري نہ اچي سگهبو. اهو ڏک گهٽ آهي. جو عشقَ سان وچوڙا بہ ڪجن؟ هينئر احساس ٿئيم ٿو تہ انهن لفظن لکڻ مهل هوءَ ڪهڙي پيڙا مان گُذري هوندي؟ ساڏوا جي مان ان احساسَ کان بہ وانجهو ٿي ويس تہ پوءِ مان پوڙي ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ اِنسان بہ نہ بڻجي سگهندس!

بس هاڻ تہ مان ڏِيان دوران ساٿس ملي وٺان ٿو ساٿس ڳالهائي. ڪيس چُهي سگهان ٿو ڪيس پنهنجي چُهاءَ ۽ لفظن سان اها پَڪ ڏئي سگهان ٿو تہ مون ساٿس وڏو دِوهُہ ڪيو. غلط فيصلو ڪيم ۽ هاڻ مان ٻُڏ مَت جي ويساهَہ کي چيهو رسائڻ بنا ئي وٽس واپس ويندس ۽ اسين ٻئي گڏجي پوڙي پنڌ شُروع ڪنداسين.

تو صحيح چيو هو تہ مُشاهدي دوران مِيرا جي ڳالهايل جملن جون گُجهارتون مان پاڻ ئي پَچي وٺندس. منهنجي ڏِيان جي مُشاهدي ۾ سندس ڳالهايل جُملا. "پريون پارُ هڪ وِڪ پويان آهي". "وَسڪارو اِجهو آيو." "قافلو بيهندو. پر وِيندو آخر تائين". "وِڪ سِگهي نہ. پوئتي رک". هاڻ مون کي سمجهہ ۾ اچي ويا آهن. هر جملي ۾ ڪو نہ ڪو نُقطو آهي. انهن جي معنيٰ جيتوڻيڪ سادي آهي پر. اُن سادي معنيٰ ۾ هڪ گهرائي بہ آهي. منهنجي حياتيءَ جو سمورو جوکو پنڌ. منزل ۽ نِرواڻ انهن سادن پر معنيٰ خيز جملن تي مدار رکن ٿا.

"وسڪارو اجهو آيو" مان مُراد اها تہ انتظاريءَ جو سوڪهڙو اِجهو پورو ٿيندو ۽ مان موٽي وٽس ويندس ۽ اسين ٻئي هِڪٻئي کي محبت سان سيرابُ ڪنداسين. ۽ جُدائيءَ جو وقت اچي پُنندو. "پريون پار هڪ وِڪ پويان آهي". "وِڪ سِگهي نہ. پوئتي رک". ۽ "قافلو بيهندو پر ويندو آخر تائين" جي معنيٰ اها آهي تہ مان انهن پنڌن مان پار پئي اڳتي نِرواڻ طرف تہ ويندس پر مون کي وِڪون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنتي موناٽيون پونديون تہ جيئن ڪيس ساڻ ڪٽي هلان.

ڪيس ساڻ ڪٽي هلڻ ڪان پوءِ ئي مان اڳئين پارَ رَسندس. سو پنڌَ جي ٻوڙين جو قافلو بيهندو پر هو پنهنجون نارِيون ساڻ ڪٽي ٻُڌ مَت جي دنيا ۾ هلندا. مون اِهي ڳُجهارتون ايئن ڀڳيون آهن.

مان ڳُوڙهو سوچيءِ اِن نُقطي تي رَسيو آهيان تہ ٻوڙي پنڌُ عشقَ جو پنڌُ آهي. اُن ڪي پيڙا بدران سُرور ۽ ڪيفَ سان شروع ڪرڻ گهرجي. حُسناڪ منزلن ڏانهن حسين ۽ نماڻا نيڻَ نيسارن جيان وسندا چڙي وڃي منزلون ماڻڻ اڏورو ڪم آهي، جيڪو تہ غير عَقُلي بہ آهي. منهنجي ٻوڙي علم موجب ٻُڌ مَت ۾ غير عَقُليتَ جي جاءِ نہ آهي. گوتم ٻُڌ جي درس جو اهم مقصد طبقاتي اڻ برابري، اُوچي جاتِي (ذات پات) جي سفاڪ هوڏَ ۽ ڏاڍِ خلاف هو. جنهن لاءِ ڪيس نارِي تياڳڻي پئي پر سندس مقصد اهو هرگز نہ هو تہ سماجَ جي اڌ حصي کي هر مرد ايئن پيڙا ۾ چڏي وُجودَي تياڳ وٺي.

ٻوڙي سَتوَا اِن موضوع تي مان آخر ۾ ورجائيندس تہ ٻُڌ مَت ۾ ماٺهوءَ جو ماٺهوءَ سان عشق سِڌي نِسبت ۾ آهن. اوهين ان کي الڳ چوتا ڪيو. اوهين عشق نہ ڪريو پر ٻُڌَ جي فلسفي تي ڪاربند رهڻ جي دعويٰ ڪريو. اِها متضاد ڳالهہ آهي.

هاڻي مان توکي پنهنجي ڏِيان جا تفصيلَ لکندس. منهنجي آوازن سان پرپور، تصويرن کان وانجهي مُشاهدي کي هڪ ڏينهن چِتي روشني ملي وئي. اُن ڏينهن سِجَ ـ سلامي يوگا ڪري اتي ئي ڍنڍَ ڪنارِي ويهي، تڙڳندڙ بدڪن ۽ ترندڙ ڏُنگيُن کي تڪيندو رهيو هئس.

اُن ڏينهن پهريون پيرو احساس ٿيو هئم تہ مان نہ تہ جُهريل هئس نہ سَرهو. بس ماٺ هئس. مشقون ڪرڻ اوکو پئي لڳم. جسم ساٿُ نہ ڏئي ڏنو نہ وري ساهن جي ورزش پئي ڪري سگهيس. بس درياهہ ڪنارِي سانت ويهي مُشاهدو ڪندو رهيس. جَهڙوڪر ڪا بي ڪيفيتي واري ڪيفيت هجي. موتي اچي ٻوڙيشالا ۾ بہ هڪ وڻ هيٺ ويهي ڪجهہ سوچڻ بنا وينو رهيو هئس.

اُن رات ڪجهہ سَوير وڃي بستري پيڙو ٿيو هئس. پر لَيٽي لَيٽي ڏِيان شُروع ڪيم ۽ ڏِيان جي ڪجهہ لمحن ۾ ئي وڃي اُن مخصوص لقاءَ سان جُڙيس. سڀ ڪجهہ چِٽو پِٽو پئي ڏنم چوڏاري. پاڻ کي اُن ئي ساموندڪي سيلانيءَ تي ڏٺم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڪراچي بندرَ کان شروع ڪيو هئم، جتي مِيرا کي تاساري ۾ روئندي ڇڏي سندس محبتاڻا جذبا لتاڙيندو اڳتي نڪري ويو هئس. ڏِٺم تہ جهازَ جي ويرانڊي نما اڏ کليل ۾ اڏ ڏيکيل جاءِ (ڏيڪ) تي هڪ بينچ تي وينو آهيان، جيڪو مٿان ايئن ڍڪيل آهي جيئن پڍر يا ويرانڊي جي ڇت تي ڇاپرو لڳل هوندو آهي.

ڦڙڪندڙ ڪپڙي جا آواز ڪنهن وڏي ٻيڙي جي سِڙهن جا نہ، پر جهاز کي سينگاريندڙ اڇين ۾ نيرين جهنڊين جا هئا. مينهن وسڻ ڪري هوا، پاڻي ۾ سوٽي ڪپڙن جي سنگت. بلڪل ايئن ٿئي آلاپ پيدا ڪيا جيئن مختلف سازَ راڳَ رنگَ جي سنگت تي گڏجي آلاپ ڪندا آهن. هوا مِينهن جي پاڻيءَ کي ڪٽي جڏهن گُهلِي پئي تہ اُن ٻُتَ تي ٿڌڙا ٿڌڙا ڇنڊڪا هنيا پئي. پر اُهي گُهلندڙ هِيرَ جي سنگتَ ۾ ٻُتَ کي ڇُهندڙ ڇنڊڪا ايترا تہ هلڪڙا ۾ لطيف هُئا جو ٻُت آلو تہ نہ ٿئي محسوس ٿيو پر ٿڌڙي آلاڻ جِسمَ منجهان ٿيندي رُوح جي اُونهائين کي ڇُهي رهي هئي!

هوا معطر هئي. مينهن جي خوشبوءِ الڳ سمونڊ جي خوشبوءِ پنهنجي، مٿان جهازَ جي جسم جي هڪ ٽين خوشبوءِ ها، ٻوڙي سَتوَا جهازَ جو پنهنجو هُڳاءُ هوندو آهي، جيڪو انهن مِڙني خوشبوئن جي سنگت ۾ جَڙجي ايئن هڪ وحدتَ ٻڻيو هو جيئن آرڪيسٽرا جا انيڪ ساز گڏجي هڪ گڏيل پڙاڏو پيدا ڪندا آهن.

منهنجي رُوح ۾ بہ هوا، سمونڊ، ڦڙڪندڙ جهنڊين، ۾ پنهنجي ئي وُجُود جا انيڪ هُڳاءَ ميلو مچائي اچي مِڙيا هئا. مون محسوس ڪيو تہ مان ٻنهہ اُتاولو نہ هئس. ويتر ايتري تہ ٿانئيڪائي محسوس ڪيم پئي جو لڳم جڻ منزل ماڻڻ جي پڪَ واري خوشي هجي، جڻ ناڪامي ٻنهہ اڻ ٿيڻي هجي يا ٿي هجي تہ بہ ڪا پراڻي ڪهاڻي هجي.

تسڪينَ جو ڪيفُ. ڪنهن شرابَ جي مئڪشيءَ کان گهٽ نہ هو. اُهو مون کي منهنجي حياتيءَ جيان سچو مُشاهدو لڳي رهيو هو. جهڙوڪر ڏِيان ۾ نہ هجان. واقعي بہ ڪنهن جهاز ۾ چڙهيل هجان. عشقَ جو تئو محسوس ٿئي ڪيم، ان ڪري جو اهو بہ احساس هُئم تہ مِيرا آس پاس آهي. قصو سلسليوار آهي پر آهي سدائين جهاز تي ساموندڪو پنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي خبر نہ هئي تہ اڻ ڇِنا اُهجاڻ ايئن سلسليوار کهاٽي بڻبا. سو بہ جَهڙوڪر ڪراچيءَ بندر کان شروع ٿيل قصو هجي، جتان مان مِيرا کي ڇڏي پَرانهَن پَنڌن تي نِڪري ويو هئس.

هڪ ڏينهن مون مُشاهدي ۾ ڏٺو تہ جهاز ڪنهن بندر تي لنگر وڌو آهي. مِيرا ساڻ آهي، ڪيس هلڪي گيڙُوءَ رنگَ جو لباس پهريل آهي. اسين جهاز مان ٻاهر نڪري پَسار ڪريون پيا. هوءَ هلندي هلندي منهنجي ساڄي ٻانهن جهلي منهنجي ويجهو ٿئي ٿي ۽ منهنجي سيني تي پنهنجو سِر لاڙي اکيون بند ٿي ڪري ڇڏي. مان ڪيس مُرڪي ڏسان ٿو. هوءَ بي پرواهہ مُرڪ ڪنيو اکيون بند ڪيو، منهنجي ٻانهُن جي سهاري پَسار ڪري پئي. اُن رات مُشاهدي دوران مون کي جاڳ ٿي پئي.

مون پنهنجي پاڻ کي ٻوڙيشالا واري ڪمري ۾ ڏٺو آس پاس مِيرا نہ هئي، منهنجو سڄو بُت پگهر ۾ شَلُ هو. هوش آيم تہ مِيرا کي ڇڏي وڃڻ وري ذن تي تري آيو... احساسن ۾ تڪليفَ جي شدت ايتري تہ گهڻي ٿي وئي جو بي اختيار روئي پيس. سچ اهو آهي تہ ڪيتري ئي دير تہ منهنجا سُڏڪا نہ ٿَئي بينا ان پوائِتي احساس ڪارڻ تہ هوءَ مون سان نہ آهي هاڻي، ۽ ڪيس وري ماڻي بہ سگهندُس يا نہ؟ ايئن هر رات يا هڪ نہ بي رات مُشاهدن مون کي مِيرا سان ميل ڪرايا ٿئي، مَر جاڻان ڇو لڳيم ٿو تہ هوءَ اجان بہ منهنجي انتظاريءَ ۾ لمحا اوکا ڪاٽيندي هوندي!

مون کي ساڻس گُذاريل ڏينهن راتيون هاڻي پل پل ياد اچن ٿا: اسان ٻنهيءَ جي محبت جي شُروعات، ٻنهيءَ جو ٻُڌ مَت ڏانهن لاڙو، گڏجي مشقون، ساڌنائون ڪرڻ. اسين ٻُڌ مَت جي رُوح کي روشنيون بخشيندڙ دنيا ۾ گڏجي داخل ٿيا هئاسين. هر گهٽَ گهيڙَ تي مون کي سندس ياد اُتاولو ڪندي رهي آهي. ڪنهن سَنگي ساٿي کان ايئن هٿ ڇڏائي گَم ٿي وڃڻ جهڙو ميهٽو بيو ڪهڙو ڪٽي هلندس؟

ٻوڙي سَتوَا هاڻ پُنتي موٽڻ کي ميهٽو نہ ڇئبو. ان موٽڻ کان وڏي سورهيائي ڪا بي نہ هوندي جو موٽي وڃي اُن ڏکوئيل کي وڇوڙي جي پيڙا مان ڪڍي سُک ڏجي ۽ پاڻ بہ اُهو سُک ماڻجي، اهو ئي تہ ٻُڌ مَت جو اصل مقصد ٿيو!

تنهنجو پانَڪ جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادم ڪيڏو نہ صحيح چيو هو!

ٻڌ مَت اجان تائين هڪ متروڪ سوچَ جو شِڪار هو. مون جادَم جي خطن جو هي ڀاڱو مڪمل پڙهي، يوڳٽيءَ سان يوگا جي تجربي کي لکڻ شروع ڪيو!

جڏ جسم بہ شعور کان الڳ هڪ ٻيو باشعور منظر هو، جتي فقط لمحن ۾ بہ وُجُودي ارتقا ٿي رهي هئي.

جسم سُجاڳي ٻاسي رهيو هو ۽ يوگا جسماني شعور جو عظيم ذريعو بڻجي جسم کي ان جا اختيار سيکاري اهو يقين ڏئي رهي هئي تہ جسم انهن ورزشن سان عظيم وُجُودي ماڳن تي پهچي سگهيو پئي. يوگا جسم سان تربيتَ ذريعي محو گفتگو هئي ۽ مان اهو مڪالمو سمجهي رهيو هئس: ڪيڏي نہ حيرت انگيز حقيقت هئي!

مان نئون هئس، سيکڙاٽ هئس... پر ڇا ٿيو جي ايئن هو بہ تہ؟ تڏهن ئي تہ مهارت جا گُر پيچ سکي رهيو هئس! تربيتَ جي پهرئين ڏاڪي تي هجڻ ڪو عيبُ تہ نہ هو... جو پهريان ڏاڪا تسلسل هئا اڳتي ايندڙ ڏاڪن جو. جن ۾ ساڳاهہ ڏانهن انيڪ اِمڪاني دَر کليل هئا! سچ بہ اهو ئي هو تہ عظمتن ڏانهن ويندڙ اوائلي ترين ڏاڪا بہ، پل ڪٿي صديون پوئتي ڇو نہ هجن پر اهي پسمانده ۽ اڻ گهڙيا هوندي بہ هئا تہ عظمتن ڏانهن وڌندڙ نہ! سو ڇا ٿيو جو اسين ڪچا ۽ سيکڙاٽ هئاسين؟ ڪچو ۽ سيکڙاٽ هجڻ تہ ڪا تهمت نہ هئي؟ اصل تهمت تہ نہ سکڻ هئي. تانگهہ نہ رکڻ هئي.

ڪيڏو نہ حسين تصور هو! تربيتَ جي پنڌ ۾ غير مهارت ۽ ڪچائيءَ جو بہ پنهنجو وقار ۽ تقدس هو تہ اها مهارتَ ۽ ڏاهپَ عظمتن ڏانهن سفر تي هر وقت گامزن هئي. ان عظيم منزل ڏانهن سفر جا منهنجي وجود تي اهڃاڻ هي هئا: مان پنهنجي جسم جي تربيتَ ۽ سِکيا جو پاڻ تجربو ڪري رهيو هئس: مون کي هر پل اهو معلوم ٿي رهيو هو تہ شعورجڻ يا شعور رکڻ فقط دماغ جي ڪار نہ هو. جسم جي رڳ رڳ ۾ شعور سازي ٿي سگهي پئي. اڄ يوگا اهو سيکاري مون کي وَجد ڏئي ڇڏيو هو، پر اهي سڀ محبت جا اثر بہ تہ هئا. هن محبت مون کي اهي لقاءَ پئي پسايا، جيڪي اڳ مون نہ ٻڌا نہ سُئا هئا.

اهو سوچيندي سوچيندي مون هن ديويءَ کي ڏٺو... سُورج-سلاميءَ جون ٻارهن ئي مشقون هوءَ جنهن جسماني روانيءَ سان ڪندي پئي وئي. هڏ چم جر تہ جڻ جُسو ئي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، رٻڙيلو بدن پئي محسوس ٿيو جيڪو اوڪين ڏسائن ڏانهن ايئن وڃ-ورااڪا ڏئي وڪڙجي ۽ وري چڏائجي پئي ويو. جڻ ڪا حدبندي، ڪا رُڪاوٽَ ئي نہ هئس. هن لاءِ يوگا جڻ لَهندي ڇايا تان وهندو پاڻي هو. اياز جي لفظن ۾، ”وهندو پاڻي، لهندي ڇايا، ڪير سگهي ترسائي...“ هوءَ اڻ روڪَ هئي، جڻ لا مُتنهاي وقت تائين ايئن وِڃَ جي وَراڪن جيان پئي انيڪ ڏِسائن ۾ ورندي، ايرندي ۽ گم ٿيندي رهندي...

پر مون لاءِ يوگا ڪيئن هئي؟ مون جهڙي نئين پانڪَ لاءِ يوگا هڪ اُتاهين جبل تي لاڳيتو، بنا وقت جي وِٿي ڏيڻ جي چڙهڻ جيان هئي. مان مشقن دوران بيهي ٿئي رهيس، ساهہ بي ترتيب ٿيا پئي، آسڻ جي وچ ۾ لڳاتاريت جو سلسلو بار بار ٽوڙي ٿئي وينس. پُجاٽيءَ تي پهچڻ ڪا اڳ ئي جسم ڪنهن ميڻ جيان وگهرڻ شُروع ٿي ريو هو، جڻ يوگا جو ڪو وڏو ويږ هو ماسيرائپَ سان؛ ان ڪي لمحن ۾ سنڌائتا ڏک هٽندي ٿئي وئي... سينيءَ جي جسمن مان پگهر نيسارن جيان وهيو ٿئي، پر رُوح نُري پيا هئا... وُجُودن تان بار لهي چڪا هئا. محسوس ٿيم جڻ ڪو بہ شڪ، انديشو يا گمان هاٿي چنتا نہ ڏئي سگهندو. سموري نفي اثبات ۾ تبديلي ٿيندي محسوس ٿي رهي هئي.

سُورج-سلاميءَ کان پوءِ يوگيءَ پراڻيامہ شُروع ڪرايون، جيڪي جڻ جسم جي ان محنتَ کان پوءِ لازمي هيون. محسوس ڪيم مون کي فقط بہ ڏينهن پيا لڳندا ۽ مان انهن مڙني آسڻن کي ڪنهن حَد تائين سولائيءَ سان ڪري سگهندس. اسين پندرهن منٽن تائين ساهن سان ڪيڏندا رهياسين. ان کان پوءِ ڌِيان جو وارو آيو. يوگيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ ان ڌِيان جي دنيا ۾ مان پهريون پيرو داخل ٿيس پئي. ڌِيان اڄ جي جسماني ورزش ۽ پراڻيامہ کان پوءِ جي سلسلي واري لازمي ڪڙي لڳي رهيو هو.

جيئن ئي مشقون پوريون ٿيون، يوگي ماسٽر جي اٿي بيهڻ سان سڀئي اٿي بيٺاسين. هر ڪو پُسيل جسم سان وُجُودي وسڪاري جي لذت سان ڏيٺ ويٺ ڪري وينو هو. ٿورو ٿورو انسان ٻيو ٿي چُڪو هو... مون يوڳٽيءَ جي پسيل وُجُود کي ڏٺو، سندس ڳلن تي وارن جون ڇڳون چنبڙي ويون هيون، جاءِ جاءِ تان هلڪي پُسيل گيڙو پهرياڻ سندس جسم جا پاوَ ٿئي ڏنا، مان نہ چاهيندي بہ سندس وُجُود جي هر پهلوءَ کي نوٽ ڪري رهيو هئس، سو سندس جسم کي ڪيئن نظر انداز ڪريان ها...!

هوءَ پنهنجي حُسن ۽ منهنجي محبت کان بي نياز مُرڪندي مون ڏانهن وڌي ۽ چيائين، ”اڄ اوهان جو پهريون پيرو هو، اوهان کي ڏُکي تہ نہ لڳي يوگا!“

چيم، ”ها ڏُکي تہ هئي، پر بيحد حسين سختي هئي، اڄ منهنجو وُجُود پنهنجي پاڻ تي راز جيان آشڪار ٿي پيو آهي.“

ان جواب تي هوءَ ويتر خوشيءَ منجهان مُرڪي پئي، ۽ چيائين، ”مون کي خوشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ اوهان کي اهو سڀ ڪجھ وٺي پيو.“
چيم، ”اوهان جا تورا سڄي عمر نہ لاهي سگھندس، انهن ماڳن تي مون کي اوهان آندو آهي...“
سندس مُک تي هلڪڙي لجاڙي مُرڪ اچي وئي. اسان کي حڪم ڏنو ويو تہ اسين ترت تيار ٿي ميس ۾ ناشتي لاءِ پهچون ۽ انين وڳي واري درس ۾ شامل ٿيون. ائن ۾ تہ لڳ ڀڳ پوڻا ٻہ ڪلاڪ هئا. اڃان ڪافي وقت هو...
اسان سيئي گيسٽ هائوس ڏانهن وڌڻ لڳاسين. اسان جي گروپ ۾ هڪ رٽائرڊ پروفيسر بہ هو، جيڪو اسان کي پنهنجن پُر-مزاح جملن ذريعي کلائيندو رهيو تہ، ”اڄ پهرئين ڏينهن جي يوگا جي تجربي ۾ ئي اهڙا انجيس ڍرا ٿيا آهن تہ اڳتي ڇا ٿيندو!“
وري چيائين، ”اڄ ڍري انجيسن واري ٽاڪ جيان سمورو ڏينهن ۽ رات پيا چيڪاٽ ڪنداسين.“ ان تي سيئي ٽهڪ ڏئي کلي پياسين.
هر ڪو وڃي پنهنجي پنهنجي ڪمري پيڙو ٿيو. وهنجي سهنجي ميس پهتس. اڃان يوڳني نہ پهتي هئي. ماني لڳل هئي پر مون سندس انتظار ڪرڻ چاهيو پئي. آهستي آهستي پيا ساٿي بہ ايندا ٿئي ويا. ميس جي شيشن مان ڏٺم، هوءَ بہ نيٺ نظر اچي وئي. ڳاڙهسري گيڙُو ساڙهيءَ ۾ آئي پئي. اڄ پهريون ڀيرو سندس وارن کي کليل ڏٺم. آلن هئڻ ڪري في الحال انهن کي کليل ڇڏيو هئائين. مان تہ ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏوڏجي ويس. هوءَ اچي اسان واري وڏي ميز تي منهنجي پاسي واري ڪرسيءَ تي ويهي رهي.
ناشتي تي ڪچهري هلندي رهي، مون کيس ڏٺو پئي، کليل آلار وارَ، گيڙو ساڙهي، هي سندس وري هڪ ٻيو نئون روپ هو... ڪيترا روپَ هئس، سوچيم!
ايتري ۾ نَوانگ اچي پهتو ۽ درس بابت ٻُڌائڻ لڳو. اهو درس لڳ ڀڳ ڪلاڪ جو هو، جنهن کان پوءِ اسان جو گروپ بوڌيشالائن جي دوري تي نڪرڻو هو. مان ۽ يوڳني جيئن تہ اڄوڪو ڏينهن سينٽر تي ئي هئاسين ان ڪري اسان کي هن اڄ جي ڇٽني درسن جا بروشر ڏنا.
اسان درس ٻُڌڻ لاءِ سينٽر جي مَرڪزي هال پهتاسين. ان هال ۾ لڳ ڀڳ ٻہ سَؤ کن ماڻهو ويٺل هئا. اڪثر نارنگي گيڙو، تہ ڪي ڳاڙهسري گيڙُو ٻوڌي لباس ۾ هئا، سندن هٿن ۾ ٻوڌي مالائون هيون. اڄ جي درسڪار مانَسَري ديوي نالي هڪ سنهڙي سيپڪ ٻوڌي نارِي هئي، جيڪا پنجاھ جي ڏهاڪي ۾ هوندي. هوءَ بہ سادي لداخي گيڙُو لباس ۾ هئي. سندس ڳچيءَ ۾ ڪجھ منفرد ٻوڌي مالائون پيل هيون. هن صبح جو پهريون درس شُروع ڪيو. ان درس جا جيڪي مون نوٽس ورتا، انهن کي تفصيل ڏئي لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانَسَوي ديوي پنهنجي درس جو پهريون حصو شهزادي سڌارٿ جي قصي کان شُروع ڪيو ته ڪيئن هڪ شهزادو پنهنجي پُور-جُوانيءَ ۾ انساني دردن ۽ تڪليفن کي ڏسي پنهنجو تخت تاج ڇڏي سَنياس جو دڳ وٺي ٿو. هوءَ ان پنڌ جي اوکن تجربن تي ڳالهائي رهي هئي ته ڪيئن شهزادو سڌارٿ سَنياسي گروهن جو حصو بڻيو پر نِرواڻ نه حاصل ڪري سگهيو. هڪ رات جڏهن هو عام انساني زندگيءَ جي تڪليف ۽ پنهنجي زندگيءَ جي سک، عيش ۽ آرام بابت غور ڪري رهيو هو ته مٿس هڪ سچ آشڪار ٿيو ته انسان کي سچ کي پڪيڙڻ کپي. جيئن ته هو پاڻ سَنياس وٺي ان جي سختيءَ مان گذري چُڪو هو، سندس خيال موجب فقط سنياس آجپي جو حل نه هو.

هن پنهنجا شاگرد گڏ ڪري انهن کي سَنياس ۽ دنيائي عيش جي وچ واري زندگي گذارڻ لاءِ چيو. اهو وچ يا اعتدال واري رستي جو فڪر پوري اوڀرائين ايشيا ۾ باهه جيان پکڙجي ويو. دلچسپ ڳالهه اِها هئي ته هر جاءِ تي وچي ان فڪر اتي جي ماڳ مڪان جي نسبتَ سان انفرادي رنگ اختيار ڪيو. درس جي ٻئين حصي ۾ هن ان وچ واري رستي بابت تفصيل سان ٻُڌائڻ شروع ڪيو.

چيائين ته گهڻ هوند انسان کي هميشه ان جي انسان پڻي کان دور ڪٽي وجي ٿي، ان ڪري دنيا جي مسئلن جو اصل آجپو تَتاگتا جي ٻُڌايل وچ واري رستي اختيار ڪرڻ ۾ ئي آهي. هن سَنياس بابت چيو ته نه پاڻ کي بک ۾ پاهه ڪجي، نه ڪِي ڏؤ ڪري ڪائجي.

سندس ٿي سنسڪرتيائي ۽ پالي لفظن ۾، ”سچو ڀڪشو يا ڀِڪشوڻي (بيڪاري مرد ۽ بيڪارِي ناري) نه ته ضرورتَ کان گهڻو پوچن يعني کاڌ پيت ڪندا نه گهٽ. نه ته پٽرن تي سمهنداِ، نه ئي مخملي پُرعيش بسترن تي، نه ته مهانگا ترين لباس پائيندا نه وري ڦاٽل لباسن ۾ مٽيءَ ۾ وهنتل رهندا. سندن بنيادي تربيت ۾ گهري ڪاڻڻ ضرورتَ آهي ته جيئن اندر جي هوڏ کي مارجي.“

هن چيو، ”اوهين يلي ويدن ۽ پانن جو گيان پڙهو، يڳوانن جو سوچي تپسيائون ڪيو، پر اهي تپسيائون انساني آتما کي پوتر نه ٿيون ڪن. انسان آهنڪار، هوڏ، ڪروڌ، دوکي، اهنسا، ٻين جي حق تلفي، پاپ يا وري يؤ ۽ بد اِراديت ڪري ڪرما جي روڳ ۾ ڦاٿل ئي رهي ٿو.

ٻُڌ جي وديا اهو ئي ٻڌائي ٿي ته ڪيئن اَوديا کان پاسو ڪجي. اِنتهائن کان پاسو ڪري ئي هن پرتوي (ڌرتيءَ) ۽ يوميءَ کي سياويڪ ٻڌائي سگهجي ٿو. ان سان ڪلياڻ، ڏاهپ ۽ نِرواڻ تي پهچي سگهجي ٿو، جيڪا اندر جي اصل روشني آهي. ضرورت جي حدَ کان مٿي حاصل ڪرڻ جو موهه، يلي اهو اوڙهڻ ۾ هجي يا جبلتن جي پُورتا ۾ هجي، ٻُڌ مَت جو ضد آهي. ٻُڌ مَت خواهش نه پر لوڀ مارڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. ان ڪري جو مُورک ماڻهو جنم کان مرڻ تائي پنهنجي لوڀَ جي رکشا ڪري ٿو. ڪايا (جسم) کي چوبند رکڻ هر انسان لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لازم آهي، جيئن چويند آتما لازمي آهي، ان ۾ ئي سچي موڪشا آهي.“

مانسَوي ديويءَ جو سمورو ليڪچر وچٽرائپ اختيار ڪرڻ تي ٻڌل هو، جنهن ۾ هن تَتاگتا جون انيڪ ڪَٿائون بہ ٻُڌايون پئي. مون وٽ ٻُڌ مَت بابت هاٽي ٻرپور راءِ جُڙي رهي هئي.

اسين ان ليڪچر کان ٻاهر آياسين. مون ٻاهر نڪرندي ئي يو ڳٽي مِينتَوخ کي ڏسي چيو، ”مون وٽ انيڪ سُوال آهن.“

هن مُرڪندي چيو، ”مون کي خبر هئي اوهان وٽ سُوالَ هوندا ۽ سُوالَ هجڻ تہ ڀلي ڳالهہ آهي.“

ڪيس چيمر، ”مان سموري زندگي ٻُڌ مَت بابت سَنياس جي قسمن تي ئي ٻُڌندو رهيو آهيان، اها تہ ڳالهہ ئي نئين هئي تہ وِچٽرائپ رکجي، ان ڪري جو ٻوڏِي ساڌو ان بابت تي ڳالهائيندا ئي نہ آهن.“

هن وراڻيو، ”ها، وچٽرائپَ لازمي آهي، اهو ئي تہ آهي ٻُڌ مَت.“

مون چيو، ”تہ پوءِ اڄ تائين ٻوڏِي سَتوَ سَنياس جو تا ونندا رهن، ڇا اها غلط ترجماني نہ تي آهي ٻُڌ مَت جي؟“

هن مُرڪي چيو، ”اهو وڏو بحث آهي. اڳ ۾ هڙئي ڊرس ٻُڌون پوءِ رهائشي تربيت جي آخري مرحلن ۾ ان موضوع تي تفصيل سان ڳالهائبو. ان کان اڳ ۾ انهن جي فِڪر ۽ ڏسڻ جي انداز کي چڱيءَ ريت سمجهڻ جي ضرورت آهي.“

مون سندس ڳالهہ تي حامي ڀري.

هاٽي نَوانگ اچي مون کي ۽ يو ڳٽي مِينتَوخ کي رهيل پروگرامن جا هڙئي بروشر ڏئي، باقي مڙني کي مونَنسٽريز ڏيکارڻ وني ويو. مِينتَوخ ۽ مون بروشر ڏسڻ شروع ڪيا. هڪ ئي وقت ٽي ٽي پروگرام هلي رهيا هئا، مون ڪيس چيو، ”اوهين پاڻ ئي منهنجي رهنمائي ڪريو تہ اڄ ڪهڙا پروگرام ڇڏجن ۽ ڪهڙن ۾ هلجي.“

هن چيو، ”اڄ تہ اسين پهريان هي ڪلاڪ فقط درس ٻُڌون تہ بهتر، اوهان ٻُڌ مَت جي موقف جي ڪافي پهلوئن کي صحيح طرح سمجهي وننڌؤ.“ مون سندس ڳالهہ جي تائيد ڪئي.

هوءَ پڇا ڪندي هڪڙي هال ۾ وني هلي، جتي ساڌو گيان چند ”گوتم جي نگاهہ سان دنيا ڪيئن ڏسجي“ تي ڳالهايو پئي. اسين وچي اتي ويهي رهياسين. هو ٻُڌ جي ڏنل هڪ سبق کي ورجائي ٻڌائي رهيو هو (جنهن کي هينئر ڊائريءَ تي لاهڻ مهل ياد آيم تہ جادم بہ پنهنجي خط ۾ انهن کي پنهنجي انداز سان بيان ڪري چڪو هو). ليڪچر جو تَتُ هيءُ هو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻُڌ چيو... جيڪو ڏُکا کي سُڃاڻي وجي ٿو، اُهو ان جي وديا ۽ ڄاڻي وٺندو ۽ ستيہ (سچ) جي راهہ تي هلندو. دُرست ويچار ئي آهن جيڪي ان سفرَ ۾ روشنيءَ جا ڏيئڙا ٻاريندا: دُرست ارادا اڳواڻ بڻبا: دُرست واڻي (ٻولي) ان سفرَجي سُڄَ ۾ ۽ سراءِ پيدا ڪري ڏيندي. درد ۽ دکا هن پرَڪرتيءَ جي هر وُجُود ۾ آهي! جنمر ۾ دکا آهي، مِرتيو (موت) ۾ دُکا آهي. درد اٽٽر آهي. بيماريءَ ۾ درد آهي، جدائيءَ ۾ درد آهي، خواهشون نہ حاصل ڪرڻ ۾ درد آهي. سموري سرشٽي درد منجهان ئي اُپجي وڌي ٿي، ان ڪري دُکا ۽ درد لازمر آهي واڌ لاءِ. ماڻهو مادي وکر حاصل ڪرڻ جي ڪِڏ لڳو رهي ٿو، هر لمحي جي ماڻتا جي سَڌَ ان کي جنون ۾ رکي ٿي.

مادِي هوندَ جو آهنڪار، وڃائڻ جو ۽ هڪ ڪان پوءِ ٻي خوشيءَ کي حاصل ڪرڻ جو لوڀ... ۽ نتيجي ۾ اڻ-کُٽيو درد! ان مان آجپو ان ۾ ئي آهي تہ دُرست رايا رکجن، دُرست خواهشن جي ڪڍ وججي، دُرست گفتگو ڪجي، دُرست رويو هجي، دُرست ڪمائي هجي، دُرست ڪوشش هجي، دُرست سوچون رکجن ۽ دُرست غور ڪجي.“

ٻُڌ مَت جو اٺ-پاسائون فلسفلو سمجهائيندي هن اڳتي چيو:

”جي ڪو انهن اٺن ئي پاسن تي هلندو تہ سندس واٽي ٻُڌڻ لاءِ آڪاش مان اَوَتارَ ايندا. ويندي انسان تہ نهيو خود جانور، پکي، ٻوٽا توڙي فِطري نظارا سرشاريءَ ۾ ٻرجي ويندا ۽ سچ جو راڄ قائمر ٿيندو.“

ان کان پوءِ اهو ساڌو آسماني اوتارن جو ذڪر ڪندو رهيو ۽ ٻُڌائيندو رهيو تہ اهي ڪيئن آسمانن مان ليئا پائي انسانن کي انهن اٺن نقطن تي عمل ڪندو ڏسي خوش ٿيندا رهندا...

مون ان وقت پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪيو. ”تہ ڇا ٻُڌ مَت ۾ بہ آسماني اوتارن تي ويساهہ آهي تہ اهي جنتن مان ايندا ۽ انسانن کي انعامر اڪرامر آڇيندا يا آجپو ڏيندا هوندا؟ پوءِ ڪهڙو فرق هو هندو ڌرمر ۽ ٻُڌ مَت ۾؟“

پنجويهن منٽن جي ان ليڪچر کي ٻُڌي اسين ٻاهر نڪري آياسين... مون يو ڳُٽيءَ کي بہ ايئن ئي چيو، ”ٻُڌ مَت هندوازمر جون سِڪون پيو لاهي!“ هن مون کي ڏٺو ۽ مجيائين تہ هن بہ ايئن ئي محسوس ڪيو پئي.

هاڻي ٿورو ٿڪ جهڙو ٿي پيو هو. صبح جو ساڍي ڇئين وڳي کان جاڳ تي هئي. هينئر ٿيا تہ صبح جا ساڍا ڏهہ هئا، پر جڻ ڏهارو ڪلاڪ گذري ويا هئا آرام کي. يو ڳُٽيءَ کي چيم، ”مون کي صفا ڪڙڪ چانهہ جي ضرورت آهي.“

چيائين، ”مون کي بہ طلبَ محسوس ٿئي پئي، هلو ميس مان پي اچون.“ ہئي ميس طرف آياسين، چانهہ جو چئي ويٺاسين. پڇيائين، ”اوهان کي ٿَڪ ٿيو آهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلنديءِ چيم، ”ها... اچوڪي يوگا جسم تي ڪجهه گهري پئي آهي.“
پاڻ به مُرڪندي چيائين، ”پهرئين ڀيري ۾ ئي اهو حال ٿي ويو آهي، اڃان ته شام وارا يوگا جا سيشنز به آهن.“
مون کي ته صفا وسري ويو هو ته ڪو شام جو به يوگا جي نشست هئي!
مون کي چندائپ جو تَپُ چڙهڻ لڳو، چيم، ”پوءِ ته منجهند جو ڀرپور ننڊ ڪرڻ گهرجي. مان ته تيستائين ان يوگا جي قابل نه بڻجي سگهندس، جيستائين سمهندس نه.“
پاڻ ان تي مُرڪي ڏنائين، چيائين، ”ٺيڪ آهي، اوهان منجهند جي مانيءَ کان پوءِ سمهي رهجو ته جيئن پنجين وڳي واري يوگا جو حصو بڻجي سگهو. پر هڪ وڳي تائين ته نشستن ۾ ويهندؤ نه؟“
ويچارائيءَ منجهان چيم، ”ها، ان کان بچڻ جو ڪو اُپاءُ به ته نٿو نظر اچي. ڪيترين تربيتي نشستُن کي وڃائيندس.“
هوءَ منهنجي ان ٿڪاوٽ ۽ لاچاريءَ تي ڏاڍو محظوظ ٿي رهي هئي. خاطري ڏياريندي چيائين، ”اوهان جي اها حالت فقط سياڻي تائين رهندي، ان کان پوءِ اوهان ان جا عادي ٿي ويندؤ.“
چيم، ”حالت ته انهن جوانن سان هوندي جيڪي مونٽسٽريز ڏسڻ ويا آهن، خاص طور جهوني پروفيسر سان. هن جا انجيس ته اڳ ئي ڍرا هئا.“
هڪدم کِلي ڏنائين.
مون چانهه جو هڪ ٻيو به ڪوپ گهرايو، ٻه وڏا ڪوپَ پيتم، پوءِ وڃي ٿورو حوصلي ۾ آيس... پر اڃان به دل چيو ٿئي جيڪر وڃي سمهي رهان.
يوڳٽيءَ کي چيم، ”هاڻي به آهيان ته صفا ٻَسِتو پر هڪڙو ليڪچر ٻُڌي سگهڻ جيترو پيٽرول اٿم، پر پوءِ جي گَرَنٽي نه آهي...“
مُرڪي پئي، بروشر ڏسندي چيائين، ”ساڍي يارهين کان ساڍي ٻارهين تائين دهليءَ جي ميڊيٽيشن سينٽر جو ”جگديپ“ نالي ساڌو اچي هتي ڳالهائيندو. اتفاق سان سندس گفتگوءَ جو موضوع ”نِرواڻ“ ئي آهي. اهو ليڪچر ٻُڌڻ ته اوهان لاءِ لازمي آهي، پوءِ ڀلي اوهين آرام ڪجو.
ان موضوع ۾ ته منهنجي به دلچسپي هئي. يوڳٽي مِينتوخ کي چيم، ”مون کي ته اڃان تائين اها خبر نه پئجي سگهي آهي ته آخر نروانا يا نِرواڻ هوندو ڇا آهي؟“
تمام گهٽي گنڀيرتا سان چيائين، ”نِرواڻ جي خبر ته نه ڄاڻان ڪڏهن پوندي آهي، پر ان جو احساس تڏهن ٿيڻ شروع ٿيندو آهي جڏهن جسماني مشقن ۽ ڌيان ۾ بنياديءَ کان اڳتين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڪي تي پهچبو آهي. انتظار ڪريو اوهان جو شعور پاڻ اوهان کي ان جي سُڄاڳي ڏيندو.“
مون کيس چيو، ”منهنجي جسم ته مون سان اڄ ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي.“
ان کي چرچو سمجهي کلي ڏنائين ۽ چيائين ”پروفيسر جيان اوهان جي جِسم جا انجيس به اوهان سان ڳالهائيندا هوندا، ايئن نه؟“
چيم، ”نه، ايئن نه... واقعي به مون کي محسوس ٿيو ته يوگا سان جسم به باشعور ٿئي ٿو. يوگا ڪندي محسوس ڪيم شعور رڳو ذهن جي دنيا جو ڪم نه هو، جسم جي هر سَنڌَ کي يوگا باشعور ڪري رهي هئي.“
هڪدم جوش منجهان چيائين، ”اها ٿي نه ڳالهه! ڏسو، اوهان جو پهريون ڏينهن آهي ۽ اوهان سان هاڻي ئي يوگا رهاڻيون شروع ڪري ڏنيون آهن.“ مون چيو، ”ها، مون سان منهنجي ئي اندر ۾ هڪ ٻيو شعور جڻ پئدا ٿي پيو آهي، جيڪو مون سان مون تي ئي ڳالهائي پيو.“
بيحد سرهي مُرڪ سان چيائين، ”لڳي ٿو اوهان اڄ کان يوگي رستي تي چڙهي چُڪا آهيو.“ برجستو وراڻيم، ”نه، ايئن نه آهي، يوگي رستي تي ته مان اوهان سان ملڻ ساڻ ئي چڙهي چڪو هئس. هاڻي بس ان ۾ اڳتي وڌندو پيو وڃان. ڪنهن رهنما جي ضرورت هئي، اهو مليو پيو آهي.“
اهو ٻُڌي منهنجي اکين ۾ نِهارِيائين ۽ مُرڪي چُپ ٿي وئي. سارا هه ٿي کيس سمجھ ۾ نه ايندو هو ته ڇا چوي. بس، ڳالهه ٽارڻ جو ڪو نه ڪو بهانو ڪري وٺندي هئي... هينئر به ايئن ئي ڪيائين.
اُٿي بيٺي ۽ چيائين، ”هلجي، اهو به ڏسڻو پوندو ته هيءَ نشست ڪهڙي هال ۾ رٿيل هوندي؟“
مان کيس نِهاري مُرڪي پيس ۽ اُٿي بيٺس، اهو سوچيندي اندر ۾ پُرسُڪون هئس ته هاڻي هوءَ به سمجهي رهي هئي ته مان سندس ٽارڻ کي سمجهو پئي ۽ ان ٽارڻ پويان مقصد کي به سمجهو پئي، سا ڳئي ئي لطيف احساس جي بار هيٺ هوءَ به هئي.
مان اٿي بيٺس، ٻئي ٻاهر نڪري نشستن جي پاسي هلڻ لڳاسين.
منهنجو ذهن اڃان به نِرواڻ واري سُوال تي بيٺل هو. هلندي هلندي کانئس پُڇيم، ”مِينتَوخ! اوهان کي ته پتو پئجي ويو هوندو ته نِرواڻ آهي ڇا؟“
چيائين، ”نِرواڻ ڇا آهي، اُن جو ڪو هڪڙو جواب نه ٿو ٿي سگهي. مون هن وقت تائين اِهو ئي سَمُڌو آهي. جو ته انساني وُجُود جي نِرواڻ تي پهچڻ لاءِ گهڻ رُخي سختي ڪاٽڻ لازمي آهي. ان ۾ نِهار جي، ٻوليءَ جي، سوچ جي، خواهش جي، جبلتن جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ جي گهر ڪري ٿو ٻُڌ مَت. نئين سِر جوڙجَڪ مان مُراد انهن ۾ اهو ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتدال آئي جنهن بابت اڄ نارِي ساڌو ڳالهائي رهي هئي. جڏهن مڙني پهلوئن کان وِڇڙائپَ سڪي ونبي تہ وُجود جو هر حصو نِرواڻ سان متعارف ٿيندو.“

مون کي سندس جواب موهيو: چيم، ”پوءِ ٻُڌايو تہ وُجود جي انهن مڙني پاسن کي ڪيئن وڇڙائپَ سيکارجي؟“

ان تي مُرڪي چيائين، ”باقي سُوال ڊنر کان پوءِ.“

ان تي مان بہ ”اوڪي اوڪي“ چئي ڪٽي چپ ڪئي. دل ۾ سوچيم تہ گهٽ ۾ گهٽ اها پڪ تہ هئي تہ هاڻي اسان جون راتيون سمهڻ کان اڳ ڪچهرين ۾ گذرنديون. مون نقشو ڏسي هال جو طرف سمجهي ڪيس اشارو ڪري ٻڌايو تہ هال ان پاسي هوندو. اسان ٻئي هال طرف هلڻ لڳاسين. اسان کان سواءِ ڪجھ ٻيا ماڻهو بہ ان طرف وِيا پئي.

هال ۾ پهتاسين. اتي ڪافي ماڻهو وينا هئا. ليڪچر شروع ٿيڻ ۾ اڃان ڏھ منٽ باقي هئا. اسين وچي بهتر جاءِ هٿ ڪري ويهي رهياسين. هال ۾ ماڻهو ايندا ٿئي ويا. نرجوان، ٻُڍا، وچولي عمر وارا. گهٽ ۾ گهٽ ٻن سَؤ ماڻهن جي هال ۾ گنجائش هئي. منهنجي اندازي موجب سَؤ سوا کن تہ ماڻهو هئا اتي. نارين جو انگ بہ پوئين ليڪچر جي ڀيٽ ۾ اتي وڌيڪ نظر پئي آيو.

منهنجي ذهن ۾ نِرواڻ وارو سُوال ٻيهي ويو هو. مون ايتري شوق سان نِرواڻ تي اڳ ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو. مون کي هميشہ لڳندو هو تہ نِرواڻ ڪا اهڙي منزل هو جيڪا غير يقيني سختي ڪاٽڻ سان حاصل ٿئي ها. مان متجسس هئس تہ اڄ نِرواڻَ بابت ڪهڙي خبر پوندي.

موضوع تي گفتگو ڪندڙ ساڌو اچي وينو، هو سٺ جي ڏهاڪي ۾ هوندو. ان ئي مخصوص ٻوڌِي لباس ۾، ڳچيءَ ۾ ٻوڌِي مالا يا تسبيح ئي چئجي ان کي. ان ڪري جو مون سيني ٻوڌِين کي ان مالا جا مڻيا ايئن سوريندي ۽ منتر پڙهندي ڏٺو جيئن مسلمان تسبيحَ جا موتي سورَي وِرد ڪندو آهي.

هو مائيڪ سنڀالي وينو، ماڻهو چوڪس ٿي سندس سامهون ويهي رهيا.

هن گفتگو ڏاڍي دلچسپ انداز سان شُروع ڪئي، جنهن کي مان ايڪڙ ٻيڪڙ ورتل نوٽس ذريعي تفصيل ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان پيو:

”اڄان تائين مان پاڻ سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ نِرواڻ ڇا آهي؟ اڪثر سوچيندو آهيان تہ جنهن سمجھ ۽ فهم جي ڏاڪي تي مان بيٺو آهيان، ان کي مان نِرواڻ سڏيان يا نہ؟ يعني مان نہ ٿو ڄاڻان تہ مون نِرواڻ حاصل ڪيو آهي يا نہ. ڇاڪاڻ تہ گوتم ٻُڌ بہ نِرواڻ تي پهچڻ جا انيڪ رستا پئي ڏسيا هئا. پر هن اهو نہ ٻُڌايو تہ نِرواڻ تي پهچڻ جو سڌو سنئون رستو ڪهڙو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا نِرواڻ ڪا مخصوص جاءِ آهي، جنهن تي پُهچڻ جا اتر ڏکڻ، اولهه اوڀر ڪان ڪي رستا نڪرندا هوندا... انهن رستن منجهان ڪهڙو به رستو اختيار ڪري نِرواڻ تي پُهچي سگهبو؟ زندگيءَ جي هن ڏاڪي تي جڏهن مان ٻُڌ ڌرم ڪي پنهنجي زندگيءَ جا ٽيهه سال ڏئي چڪو آهيان، مان ان سمجهه تي پهتو آهيان ته نِرواڻ جو گس ٻُڌائڻ جي ڳالهه نه آهي، نِرواڻ پنهنجي پوري وُسعت ۽ شدت سان محسوس ٿيندو آهي، ڪجهه مخصوص مرحلن مان گذرڻ ڪان پوءِ اهو اچي سگهي ٿو.

بلڪل ايئن جيئن اسين ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ڪاٽيل سختيءَ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ وڏيڪ فَصاحت سان نه ٻڌائي سگهنداسين. ان ڪري جو نِرواڻ ڇا مان ٿو نهي، اهو سامان ٻڌائي سگهڻ جهڙو نه آهي. نِرواڻ ڪجهه شين جي ملاڻ سان نه ٿو نهي، جو ان کي شعور سان سمجهي پوءِ ڪنهن ڪاڏي پچائڻ جي طريقي جيان بيان ڪجي، اهو مُمڪن نه آهي.

پر نِرواڻ جو شعور سان اِدراڪ ڪرڻ ضروري آهي. مون کي نِرواڻ جي مقام تي باقاعدي پُهچڻ بابت ڪا خبر نه آهي، پر ڇئي سگهجي ٿو ته ڪهڙي انساني حالت ۽ ڪيفيت کي نِرواڻ ڏانهن وک وڌائڻ چئي سگهجي ٿو. مثال طور جنوني خواهشن ڪان آجپو ماڻجي، اندر مان نفرت صَفا ميساري ڇڏجي ۽ مسلسل اڻ ڇاڻائيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهجي. انهن ٽنهي شين کي ٻُڌ ڌرم ۾ باهيون سڏجي ٿو، جن جي وسامڻ سان ڇوٽڪارو ملي ٿو ۽ ايئن انهن کي ساڙي نِرواڻ ڏانهن وڌي سگهجي ٿو."

سندس چوڻ هو ته، "انسان نِرواڻ تي جيئري به پُهچي سگهي ٿو ۽ مرڻ پڄاڻان به. ٻُڌ مَت جو ٻيهر جنم تي ويساهه آهي پر ان ۾ درد به آهي، ٻيهر جنم جي درد ڪان ڇوٽڪارو ملي ٿو نِرواڻ ۾. ان ڪري مَوَڪشا به نِرواڻ جو هم معنيٰ لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي آجپو، ڇوٽڪارو. جيڪو جيابي ۾ ملي... پر خواهشن ڪان آجپو مرڻ ڪان پوءِ ملي ته ٻيهر جنم وٺڻ ڪان آجپو گهرجي."

ساڌوءَ جون ڪجهه ڳالهيون مون کي سمجهه ۾ آيون. ڪجهه نه. پر مان اَڌُ سُتل اَڌُ جاڳيل ذهن سان ڪيس ٻُڌندو ۽ رکي رکي نوٽس وٺندو رهيس. مون کي آسرو هو ته يو ڳٽي مِينتوخ سان اڄ رات جي ڪچهريءَ ۾ ان موضوع کي ڦلهوربو.

ٻئي ٻاهر نڪري آياسين. مون ڏي ڏٺائين، ڪلندي چيائين، "اوهان جون اکيون ته ڏسو، ايڏيون ڳاڙهيون ٿي ويون آهن، هلو ته گرنهن هٽي وڃي آرام ڪيو."

مون سندس ان احساس ڪرڻ تي سندس ٿورا مڃيا. اسان وري ميس طرف هلڻ شُروع ڪيو، جيتوڻيڪ ٽڪ ايترو هو جو مون کي ڪائڻ جي سَڌ به شايد نه رهي هئي، پر جيئن ته ٽيرن سوير پرو ڪئي هئيسين، ان ڪري لازمي هو ته سمهڻ ڪان اڳ ڪجهه ڪائي وٺجي ها.

ميس مان پتو پيو ته مانيءَ ۾ اجان اڌ ڪلاڪ هو، ٻئي ٻاهر اچي وياسين. مون تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍ جا اهڙا ته خمار هئا، جڻ مان پيتل هئس. يوڳتي منهنجي اهڙي حالت کي ڏسي مسلسل مُرڪي رهي هئي. اچي بينچ تي ويهي رهياسين، مون ٿڪاوٽ کي روڪڻ لاءِ اتي ڪئميرا ساڻ اوسي پاسي جا شاٽ وٺڻ شروع ڪيا... سامهون هڪڙي بوٽي مٿان پوپٽ پئي ڦريو، ان جو فوٽو ڪڍڻ لاءِ اٿيس. ٻه ٽي ڪلڪس ڪيم. هيڏي هوڏي فوٽو ڪڍندي يوڳتيءَ کي ڏٺم. ۽ ڪئميرا سان سندس اينگل ورتم. هاڻي سندس مُرڪ ٿوري گهٽ ٿي؛ چپن کي پيڙي مون کي ڏسڻ لڳي. سندس تنبيهي نهار کي سمجهندي، وضاحت ڪيم، "مان اوهان جا فوٽو ڪڍڻ ٿو چاهيان، ناراض نه ٿجو..." ڪجهه نه ڪڇي. مون کي ڏسندي رهي، ۽ مان سندس مختلف اينگلس کان فوٽو ڪڍندو رهيس. ٻه ٽي منٽ گذريا، چيائين، "مسٽر ڪبير، اوهان کي آخر منهنجا ڪيترا فوٽو گهرجن؟"

نِنرپتي سان چيم، "سوين، هزارين..." هڪدم چيائين، "اهي ته اڳ ئي اوهان وٽ آهن. ڪي ٻه ٽي سَوَ کن منهنجا فوٽو ته توهان فقط ان هڪ هفتي ۾ ڪڍي چڪا آهيو."

مون ڪئميرا هٽائي ڪيس حيرت منجهان ڏٺو. ڳالهه کي سمجهندي منهنجي منهن تي گهري مُرڪ اچي وئي! معنيٰ هوءَ با خبر هئي ته مان سندس فوٽو ڪڍي رهيو هئس!!

ڦڪائيءَ کي لنوائڻ لاءِ سندس فوٽو ڪڍڻ لڳس؛ مٿس هڪ نِهار وجهي پُڇيومانس، "پوءِ اوهان مون کي جهليو ڇو نه؟"

شڪايتي انداز ۾ چيائين، "منهنجي بي خبريءَ ۾ ٻه ڀيرا اوهان فوٽو ڪڍيا، سو ٻه منهنجي ڏِيان دوران پئي ڪڍيوَ. مون پنهنجو ڌيان ٽوڙڻ نه ٿئي چاهيو، منٽ کن جي رنڊڪ محسوس ٿيم، پوءِ وري پنهنجي ڌيان ۾ گم ٿي ويس."

مان اندر ۾ ٿورو ڪتي لڄارو محسوس ڪري رهيو هئس، پر دل ۾ خوشيءَ جا وسڪارا پوڻ لڳا هئم، مُرڪي ڪيس ڏٺم. اهو اعتماد ان ڪري ٻه هئم ته هوءَ مون کان ناراض بلڪل ٻه نه هئي، سندس چهري تي اهائي هلڪڙي مُرڪ رقصان هئي.

چيم، "مان اوهان کي هاڻي جواب ڏيان ته مون کي اوهان جا ڪيترا فوٽو کپن؟"

ان ئي مُرڪندڙ خاموشيءَ سان، بنا ڪجهئي پڇڻ جي انداز سان نِهاريائين.

چيم، "بس ٻه ٽي هزار..." اِهو ٻُڌي ڏسندي رهي... چيم، "پڇندؤ نه ته ڇو؟"

اها ئي خاموش نِهار ڪتي سواليه انداز ۾ نهاريائين. جڻ منهنجن جوابن جي اڳ ئي خبر هئس پر شايد ٻُڌڻ ٻه پئي چاهيائين.

دل ٻُڌي چيم، "ان جا ٻه سبب آهن: سڀ کان پهريون اهو ته مان هڪ بوڙي ناريءَ جي بوڙي رهڻي ڪهڻيءَ جو هر اينگل ڪيپچر ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيئن مان هتان وڃان ته مون سان ٻُڌ مَت ۽ يوگا جي هڪڙي ڀرپور نشاني ساڻ هجي، ۽ منهنجي تربيتَ جاري رهي."

اهو چئي مون ڪيس نِهاريو، هن ڏسندي پُڇيو، "۽ ٻيو سبب!؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم، ”پيو سبب پوءِ وري ڪڏهن پڌائيندس جڏهن اُن جو وقت ايندو. هاڻي نہ...“
ان تي وري اهائي گهري نِهار وڌائين.

مون اهو چئي ڪيس جاڻي واڻي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪجهہ ڳجهو آهي دل ۾ سندس لاءِ. مون کي يقين هو تہ هوءَ سمجهي بہ وئي هئي، پر ڪجي نہ ٿئي. مون دِل ۾ سوچيو تہ اِن جو وقت بہ جلد اچي ويندو، يوڳيٽي، جڏهن مان تو سان پنهنجا اندرَ جا احساس ونڊيندُس. هاڻي اها خوشي هئم تہ سندس چهري تي ناراضگيءَ جو ذرو بہ آثارُ نہ هو.

هوءَ ان ڳالهہ کي قبول ڪري چُڪي هئي؛ سچ بہ اهو ئي هو تہ جذبن جو ايئن ايرڻ ڪو پاپ نہ هو! ڳالهہ ٽاريندي چيائين، ”هلو تہ ميس ۾ هلي ويهون، ماني تيار ٿي چُڪي هوندي.“

اُتي ميس ڏانهن آياسين، ماني لڳي رهي هئي. ڏاڍي لذيذ شاڪاهاري ماني هئي، اسان ٻنهي گڏجي ماني کاڌي. مون رکي رکي سندس ننڍڙن ننڍڙن گرنهن کي ڏٺو پئي، سندس ايئن کائڻ جو نتيجو سندس جسم جي هر پهلوءَ مان بکيو پئي. سمورو جسم ايترو تہ متوازن هئس، جو ڪنهن بہ ماس جي زيادتيءَ کان چنديل هو. مان سوچيندو پئي رهيس: ڪيئن مان بہ پنهنجي جسم تان اجايا بار هٽايان. اجايو ماس انساني هيچ جي علامت بہ تہ هو.

پُڇيو مانس، ”اوهان بہ آرام ڪندؤ هاڻي يا ليڪچرن لاءِ ويندؤ.“ چيائين، ”مان فقط ڪلاڪ کن آرام ڪنديس، پوءِ ويندس.“ کلي چيومانس، ”مان ڪي تہ بہ ٽي ڪلاڪ نظر نہ ايندس تہ جيئن شام واري يوگا جو حصو بڻجي سگهان.“ اهو ٻُڌي کلي ڏنائين، چيائين، ”ڪري وٺو آرام، پر يوگا جو ڪلاس مِس نہ ڪجو. اوهان جي جسم لاءِ بيشڪ نئون ڪشٽ آهي، ٿورو تہ پريشان ڪندو شروع ۾، پر پوءِ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

اسان اتان اُتي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وياسين. مان وڃي دِهي پيس. سمجهان ٿو مون کي پنجن منٽن اندر ئي گهري ننڊ وٺي وئي هوندي.

---

مون وٽ اُن شام جا ڏاڍا تفصيلي نوٽس هئا، جن ۾ اسان جي رهائشي تربيت وارن ساٿين سان بہ ويهڪ هئي ۽ آخر ۾ منهنجي ۽ يوڳيٽيءَ جي وچ ۾ بہ ڪلام ٿيو هو، پر ان تي پوءِ لکندس، پهرين ٻوڏين جي خطن کي پڙهڻ ٿئي چاهيم.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪچرن ۾ ٻڌوسين تہ گوتم جو اصل ۾ اعتدال يا وچٽرائپَ وارو فلسفو هو... هن تہ پو ڳنا ۾ ازلي آجپي جي ڳالھ ڪئي هئي. سَنياس جو تصور تہ ان جي منافي آهي! شايد اعتدال کي سختيءَ سان لاڳو ڪرڻ جي چڪر ۾ اِنتهاپسندي متعارف ٿي وئي. جيئن اسين عقيدي جي دنيا ۾ لڳ ڀڳ هر عقيدي سان اها وارتا ٿيندي ڏسندا آهيون.

مون کي جادم جو منجهيل هجڻ تہ هو ڪٿي بي راهہ تہ نہ ٿيو آهي, يا سندس مسلسل غير يقينيءَ واري حالت ۾ رهڻ بہ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. هن جهڙي عَقليت پسند سوچ رکندڙ ماڻهوءَ کي اهو ڀواٽو لڳي ئي نہ ها. سَنياس ۽ اَسَنياس ڪو ڀواٽو تہ آهي ئي نہ! شيون سندس سامهون مڪمل طور واضح هيون, ان ٿي ڪي بہ رايا تہ هٿا ئي نہ, پوءِ هن چو اچي پنهنجي ذهن کي مُنجهائي ڇڏيو هو؟

مون کي هڪ پيرو پيهر سچل سرمست جي ان تصور تي اچي يقين ٿيو هو تہ عقيدن واقعي بہ دنيا ۾ ماڻهو مُنجهايا آهن. جي ٻُڌ مَت فقط فلسفيائي ۽ فِڪري راهہ تي هلي ها تہ اهو ماڻهن کي ايئن مُنجهائي نہ ها.

آخر جادم پنهنجي محبوبہ کي لنوائي سگهڻ تي ايڏو فخر چو ٿو ڪري تہ ڪيس پنهنجي نوجوان پرٽيل زال کي "لنوائڻ تي قدرت حاصل آهي؟"

جادم جو هر هر اها وضاحت ڪرڻ تہ سندس مِيرا کي سوچڻ مان اها مُراد نہ ورتي وڃي تہ ڪر هو "مِيرا لاءِ سڌائٽو" بڻيو آهي. مون کي اڻ وڻندڙ لڳي. يا وري سندس اهو ثابت ڪرڻ تہ سندس جسماني سڏَ تي ضابطي سان توڙي "روحاني ۽ شعوري اعصابن جي سگهہ سان پرڏي مشقون نهڪي بيٺيون آهن." ۽ هو ڏاڍي سولائيءَ سان "ناري-سَنياس" ڪري سگهي ٿو. سندس ايئن ڪرڻ پنهنجي پاڻ مٿان ڪيڏو نہ بي رحماڻو جبر هو؟ پنهنجي پاڻ تي جبر ڪرڻ جو مطلب اِهو هو تہ ان جبر کي ٻين تي بہ لاڳو ڪجي. پر جيڪو ان جبر کي نہ مڃي تہ ان بابت ڪهڙو اصول يا گُر اختيار ڪرڻو هو؟ انتهاپسنداڻو؟

مان حيران ٿي سوچي رهيو هئس تہ ڇا اها غير حساس سوچ ٻُڌ مَت ۾ فقط ڪنهن هڪ مڪتبَ جي هئي يا سموري ٻوڌي فلسفي جو بنياد ئي ان قسم جي سَنياس تي هو؟

جڏهن جادم پاڻ پنهنجي ناريءَ کي ڇڏي وڃڻ جي ڳالھ ڪندي سندس غصي بابت لکي ٿو تہ هوءَ ڪيئن ڏرتيءَ جيان تپي باهہ ٿي پوي ٿي. منطق سان وڙهي ٿي, ڪاوڙ ۾ وڙهي ٿي ۽ آخر ۾ روئي سمجهائي ٿي. پر جادمَ جي نظر ۾ ٻُڌ مَت جا اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ هن معصوم ناريءَ کي سُوريءَ چاڙهڻ لازمي هو.

هاڻي بہ اصل ۾ جي جادم ان معاملي ۾ صحيح ۽ غلط جي چڪر ۾ نہ پوي تہ هو بلڪل درست آهي. سندس سوچ ۾ ڀرپور تضاد پڇتاءُ ڪان پوءِ غير تضاد ۾ تبديل ٿي ويو. سندس پشيمان ٿي پنهنجي ان دل-گهري ساٿيءَ ڏانهن واپس موٽڻ ان جو ثبوت هو.

مان سندس ان ڳالھ سان بہ متفق ٿيس تہ جيڪو مڪتب نهنائيءَ جي ايڏي اهميت جي ڳالھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو، سو محبت ڪرڻ کي رد ڪرڻ جو حُڪم جاري نہ ٿو ڪري سگهي.

مون تہ پاڻ کي جادم سان ان ڳالھ تي بہ متفق محسوس ڪيو تہ گوتم جي ڏسيل واٽ کي، جيڪا هندو برهمڻڪ سوچ خلاف هڪ ردعمل هئي. ان کي انهن ئي تصورن سان جوڙي ٻڌ مَت جي جوهر کي ميساريو ويو. اهو بلڪل سچ آهي تہ هندو ڌرم ٻڌ مَت جي ردعمل جو ڪانئس اهو وير ورتو جو ڪيس بہ پاڻ جهڙو توهم پرست بنائي ڇڏيو.

مان ان تي بہ سهمت آهيان تہ هن برهمڻ شهزادي جي اهڙي سَنياس تہ وقت جي بادشاهن جا ڏند ڏڪائي ڇڏيا هوندا. اهو بہ صحيح آهي تہ ڪو شودر سڌجندڙ جيڪڏهن اهڙو سَنياس اختيار ڪري ها تہ هي متيون طبقو ان تي ڇتر سان گڏ ايڏو تہ قهري ظلم ڪري ها، جو هُو ان پيڙ جي شدتن ۾ ئي دبجي مري وڃي ها.

مون کي سنڌي ٻوڌيشالائن ۾ سورج-سلاميءَ جي منفرد مقصد بابت پڙهي خوشي ٿي تہ اهو فطرت ڏانهن عقيدي پرستائي بدران عاشقاڻو رويو هو. جَين مَت تہ ان کان وڌيڪ فطرت پسنداڻو تصور ڏئي ٿو، پر گڏوگڏ هو اِهو بہ لازمي چوي ٿو تہ پنڌتن اصل ۾ انسانن کي گمراھ ئي ڪيو آهي ۽ هر ساھ وارو اهميت رکندڙ هو.

مان جادم جي ان خيال سان بہ سهمت هئس تہ ٻُڌ مَت کي عام سماج ۾ وُجود رکڻو پوندو. اهو فقط جَهرن جهنگن ۾ چو هجڻ گهربو هو؟ اصل ٻُڌ مَت جيڪو برهمڻ سماج ۽ متئين طبقي خلاف هڪ للڪار هو. اها ٻُڌ مَت ڪٿي آهي اڄ؟ ٻُڌ مَت جي هن موجوده اختيار ڪيل صورت کان تہ امن ڏانهن رهنمائي نہ ٿي وٺي سگهجي. منهنجي خيال ۾ فقط ٻُڌ مَت جي انن عالمگير اُصولن تي مڪمل طور هلجي تہ بہ دنيا ۾ انسانيت پسنديءَ کي نوان رنگ روپ ڏئي سگهجن ٿا.

جڏهن هو صَدمن کي عام لقاءَ جيان ڪٽي سگهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو تہ اُها ڳالھ منهنجيءَ دل کي بہ لڳي. سوچيم، جڏهن ٻوڌيشالائون ماڻهوءَ کي ايڏو جرئتمند بنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون تہ سندن ان عمل کي انسان مٿان وڏو وڙ سمجهبو.

ذاتي يا قومي صَدمي مان گذرندي مضبوط بيٺو رهڻ ۽ ان صَدمي کي اهڙي ڪاميابيءَ ۽ سگھ سان معروضي طور سمجهڻ وارو ڏيک ڏيڻ تہ جڻ اهي مامرا ڪا عام ٿيڻي آهن، يا پاڻ سان نہ پر ڪنهن ٻئي سان ٿيل آهن، ڇا ايتري سگھ ڌارڻ انسان لاءِ مُمڪن آهي؟ هرگز نہ!

چو ممڪن نہ آهي، ان جو مون وٽ ڏاڍو سگهارو جواب آهي: منهنجو خيال آهي تہ انساني سماج ڪٽي ڪيڏو بہ معروضيت پسند چو نہ ٿي وڃي، يا هو رشتن جي اڇوڪي حساسيت ۽ ذميوارين کان آجو ٿي وڃي، پر تڏهن بہ هو پنهنجي ۽ ٻئي جي جسماني تڪليف جي احساس کان تہ مڪمل طور آزاد نہ ٿو ٿي سگهي؟ جسماني سُور تہ ڏکندو نہ؟ جيستائين اهو ڏکڻ ختم نہ ٿئي تيستائين تہ ان جي پيڙا محسوس ٿيندي رهندي. ان کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ بيماريءَ لاءِ بہ تہ انسان حِساس هوندو آهي نہ؟ پنهنجي ۽ ڪنهن ٻئي جي مرٽينگ ڪنڊڙ بيماريءَ ۾ هو ڪيئن محسوس ڪندو. ڪهڙو ردعمل ڏيندو؟ ڇا ان مهل بہ هو سڪون ۾ هوندو؟ بلڪل نہ.

ان ڪري مان تہ ان بحث جي مُک نقطي کي ئي غير منطقي سڏيان ٿو. مان نہ ٿو مڃي سگهان يا نہ ٿو مڃڻ چاهيان تہ ڪو اهڙو وقت بہ ايندو جو انسان جا انسان لاءِ جذباتي رشتا اهم نہ رهندا ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جو مرڻ سندس لاءِ ڪنهن پَن جي ڇڄي ڪِري پوڻ جي مترادف هوندو.

مون سوچيو. ڪيس لکان تہ جادم سائين! هيءُ ماڻهوءَ جو داستانُ آهي. نہ ڪي ڪکَ پَن جو. ۽ نہ ئي وِري پَن ۾ ڪو ماڻهپو آهي جو ٻنهي کي هڪ ئي نِهار سان ڏسجي... ۽ پوءِ ان کي عَقلي ۽ علمي نِهار بہ سمجهجي.

محبت سان انساني احساس توڙي جسم جو تعلق ٽُٽي ئي نہ ٿو سگهي. انسان لاءِ سندس احساساتي توڙي جسماني محبت سندس زندگيءَ جي لَکيري يا عياشي نہ پر فِطري ۽ لازمي ضرورت آهي.

جادم جي خطن جو هي ياڳو پڙهي ڏک ۽ ڪاوڙ منجهان منهنجي بُت ۾ سُور پئجي ويو. اڳتي پڙهي نہ ٿي سگهيس. ڊائري بند ڪري سوچيم: آدرشن انسانن کي رُڳو سڏا سنوان ۽ انسان دوست گُس نہ ڏيکاريا آهن. پر ڪجهہ آدرشن انسانن کي گمراهہ بہ ڪيو آهي.

آئون وري لَيهہ وارن نوٽس کي ڏسڻ لڳس. سَنياس جي اوٽَ ۾ جادم جي پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ سان ڪيل ان ظلم جي پيڙَ اندر منجهان وئي ئي نہ ٿئي. ان کي يوڳِتيءَ جي ياد سان سوري گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. واقعي بہ. جادم جي خطن جي تلخيءَ کي يوڳِتيءَ جي ياد سان ئي هلڪو ڪري سگهيس پئي. يوڳِتي جنهن بابت فقط سوچڻ ئي لطافتَ جي وادين ۾ پهچي وڃڻ برابر هو.

مون پنهنجا ليهہ وارا نوٽس ڏسڻ شروع ڪيا.

منهنجي اک کُلي. بدن ۾ هاڻي بہ ڪجهہ ٿڪُ باقي هو. مون ڪان اُٿيو نہ ٿئي ٿيو. هٿ وڌائي واچ کڻي ٽائيم ڏٺم. مار! پنج ٿيڻ وارا هئا ۽ شام واري يوگا ۽ ڌِيان جو وقت پنج هو. نہ چاهيندي بہ اٿيس. جلدي جلدي فريش ٿي ڪئميرا ۽ فون کڻي ٻاهر نڪري آيس. يوگا واري جاءِ ڏانهن وڃڻ لڳس. اتي پهتس تہ ڏٺم. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺل هئا پر يوڳِتي نہ هئي.

سوچيم هوءَ اڄهو آئي. پنهنجي سامهون وڇايل يوگا پٽراٽين منجهان هڪڙي چونڊي ويهي رهيس.

مون کي ان ڳالهہ جو پورو احساس ٿي ويو هو تہ جسم ۽ يوگا جو اهو لاڳاپو بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي انداز کي مٽائي، سنواري يا برباد ڪري، ان کي محبت پريو يا متعصب بڻائي سگهي ٿو، ان ڪري ان جو منفي ڪردار بہ سماج تي وڏيڪ حاوي ٿيندي نظر اچي ٿو.

پر سچ اهو آهي تہ احساس مختلف انساني حالتن جي نتيجي ۾ اپرندڙ هڪ لازمي ڪيفيت آهي. جيڪڏهن انسان مختلف حالت ۾ احساس جي انهن ڪيفيتن ۾ نہ اچي تہ پوءِ اهو سمجهبو آهي تہ سندس نفسيات سان ڪو مسئلو آهي. شايد اڳتي ڪي دؤر اچن جڏهن انسان ڪافي يا ڪجھ احساساتي ڪيفيتن مان آجو ٿي وڃي، پر وقت جي هن ڏاڪي تي اهي احساس لازمي طور موجود آهن. ٻڌ مت ۾ جذبات جي پنهنجي هڪ نفسيات هوندي آهي.

مثال دلڪش ۽ غير دلڪش شيون هڪدم مخصوص جذباتي ڪيفيتن کي پيدا ڪنديون آهن. احساسَ نفي ۽ اثبات جي وچ ۾ جيڪا ولوڙ پيدا ڪندا آهن، اها ولوڙ وُجُودي مقامن سان ملاقات ڪرائي سگهي ٿي، پر هر ڪو ماڻهو احساسن جي نتيجي ۾ ماٺي نہ ٿو. جنهن وٽ ٻُڌ اُهي، ان کي احساس درد ۽ ڏُکا کان پرانهون ڪري ٿو وڃي، جڻ ڏُکا جو وُجُود ئي نہ هو، اهو غير وُجُود ۾ تبديل ٿي انسان جي وُجُود مان ٻاهر نڪريو وڃي. ايئن انسان اثبات جي دُنيا ۾ جيئڻ لڳي ٿو. احساس سَجاڳي ڏئي ٿو، احساس اوندهہ ۾ ڌڪي ٿو، احساس ماري جياري ٿو، احساس هن دنيا ۾ تباهي ۽ ترقي جو سبب بڻيو آهي."

ٻوڌي خُطبو هو تہ طويل پر اڌ ٻُڌم اڌ نہ. ڪجھ يوگا جو ٽُڪ هو تہ ڪجھ وري رهائشي تربيت جي ساٿين سان ايندڙ ڏينهن جي ٽوئر جو خيال هو. مٿان هوءَ اِنتهائي حرڪي توانائيءَ جي انساني صورتَ ۾ مون سان گڏ ويٺل هئي.

بس، انهن مڙني حالتن ساٿائيءَ ۾ هڪ عجب مزو ملائي الائجي تہ ڇا بڻائي ڇڏيو هو. دل ۾ سوچي مُرڪي پيس تہ نِستائِيءَ ۾ بہ ايڏو مزو محسوس ٿيندو آهي ڇا؟

ليڪچر پورو ٿيو، اسين ٻاهر نڪري آياسين ۽ ٻاهر نڪرندي ئي يوگِنيءَ چيو، "مون کي تہ ايڏو متاثر نہ ڪيائين." مون بہ وراڻيو، "پر مان تہ ٽُڪَ جي ڪري فوڪس نہ پئي ڪري سگهيس."

ٽَڪَ تہ هاڻي مون کي بہ محسوس ٿئي پيو، ڪرائيءَ تي ٻڌل واچَ ڏسي چيائين، "سوا ست ٿين پيا، ٿوري بُک بہ لڳي آهي، هلي ميس جي پاسي ۾ ٿا ويهون." مون کي بہ اها ڳالهہ وڻي، اسين ميس جي ٻاهران لان ۾ رکيل بينچ تي ويهي رهياسين.

چيائين، "ڏسجي اسان وارا ساٿي ڪڏهن ٿا اچن، ۽ سيائي اسان کي لَيهہ ۾ چؤ گلامسر ويٺو آهي."

دل ۾ سوچيم ساٿس وري هڪ ڏگهي ڪچهري ڪجي، نويڪلائيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين بينچ تي وچي ويهي رهياسين. اُن لان جي ويجهو پهچندي ئي محسوس ڪيو ته چَوڏاري ڪا مليل جليل خوشبوءِ وسيل هئي. جڻ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ سان ڪا ٻي بوءِ ملي وئي هجي، خبر نه هئي ڇا جي.

مُون ڪيس ڏسي چيو، "هيءَ ڇا جي خوشبوءِ آهي!؟"

وڏو ساهُ کڻي چيائين، "خوشبوءِ؟ ها آهي ته سهي."

چيم، "ها، جڏهن هلڪڙي هوا گُهلي ٿي ته اها محسوس ٿئي ٿي پر خبر نه آهي ڇا جي آهي. مون کي لڳي ٿو رات جي راڻيءَ ۾ موتئي جي خوشبوءِ ملي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويون آهن، ان کان سواءِ انهن ۾ هڪ ٻي بوءِ به آهي، تمام هلڪي، ڪٿي هشيش جي ته نه آهي!"

اهو ٻُڌي مون تي ڪجهه پلن لاءِ هڪ غير يقينيءَ سان پريل نِهار وجهي وري ان ئي سِڌَ ۾ ڏسڻ لڳي، چيائين ڪجهه به نه.

خبر نه آهي ته اهو ساءُ ڪٿي هو! موسم ۾ هو، وڻن ۾ هو، ٻو ڪُٽيءَ جي وُجُود جي ساڻ هجڻ ۾ هو، يا وري منهنجو ئي اندر واسجي ويو هو. مون کي اها خوشبوءِ شدت سان محسوس ٿي رهي هئي.

چيم، "هشيش جي بوءِ ته ڪافي تيز هوندي آهي، هر ڪنهن کي نه وڻندي آهي پر اها جڏهن ڪنهن خوشبوءِ سان ملي ته ان کي امر ڪري ڇڏيندي آهي."

مُرڪي نِهاري، هلڪڙي شرارتي انداز ۾ چيائين، "اوهان کي ان جو ڪافي تجربو ٿو لڳي." مان ڪلي ٿاري ويس، سندس جيان ئي سِڌَ ۾ ڏسڻ شُروع ڪيم، ان خوشبوءِ جي تيک اندر تائين هلي وئي هئي.

سچ اهو هو ته مون کي وهسڪيءَ جي سخت ياڙَ لڳي رهي هئي. ٽِن هفتن کان به مٿي ٿي ويو هو ته هڪ دفعو به موقعو نه مليو هو ته شراب هٿ ڪجي ها. مٿان هشيش جي ساءَ مون کي صفا بيچين ڪري ڇڏيو هو. مان اُن جو عادي ته نه هئس، پر ياڙَ ۾ حالتَ اهڙي ٿي پئي هئم جو ڪنهن به نشي جي ساءَ اندر ۾ لهرون ٿئي پيدا ڪري ڇڏيون.

مان ان تي سوچي رهيو هئس، هوءَ به خيالن ۾ گم هئي شايد. ڪافي دير خاموشي رهي اسان جي وچ ۾.

مون ان ساءَ کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خاموشي ٽوڙيندي چيم، "اڄ واري گفتگوءَ جي حوالي کان ڪجهه سُوال اهن مون وٽ، مثال، اوهان جي خيال ۾ احساس جي اهميت ڪيتري آهي؟"

مون ڏي اُن ئي نِهار سان ڏٺائين، پر اڄ اها خاموشي اڪين سان گڏ سندس چپن تي به هئس، جيڪي ايئن ڀِڇيل هئا جڻ ڪجهه به ڪڇڻ جو ارادو نه هئس.

جهٽ پل خاموش رهي، چپن جو جُمود ٽوڙيندي آهستڙي چيائين، "احساس لازمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اهو ڪنهن به فِڪر ۾ مَرڪزي اهميت رکي ٿو. ان ۾ جدت به ٿئي ٿي ته قدامت به. ان ٿي حساب سان اهو پنهنجي وابستگي ۾ ان جو اظهار دور، حالتُن ۾ گهرجن جي مناسبت سان ڪري ٿو."

چيم، "پر مون وٽ هڪڙو سُوال آهي، مثال طور جيئن هن اسڪالر جو خيال هو ته احساس مثبت توڙي منفي رُخن ڏانهن وڃي سگهن ٿا. پر اهو ڪير طئہ ڪندو ته ڇا مثبت ۽ ڇا منفي آهي؟"

مُرڪي چيائين، "اهو سمجهڻ ته ڏاڍو سادو آهي. اڪثر اثبات يا نفي ثقافت ۽ سماجي رواجن جي نسبت سان طئہ ٿيندي آهي."

مون وراڻيو، "پر سماجي رواجن يا ثقافت جا طئہ ڪيل اصول متروڪ به ته ٿي سگهن ٿا. اهو ته ان تي مدار رکي ٿو ته آخر سماج ۾ فيصلہ ساز قوتون ڪهڙيون ڌريون آهن. اهي انسان دوست آهن به يا نه؟"

ان تي هوءَ ويتر مُرڪي پئي. مون کي نِهاري ڪجھ پلَ سوچيندي رهي ۽ چيائين، "ته پوءِ دؤر جون ترقي پسند ڌريون طئہ ڪنديون ته معاشري ۾ نفي ۽ اثبات ڪهڙن ماڻ ماپن سان طئہ ڪجي!"

اهو جواب مون کي وڻيو پر ان تي مون وٽ هڪ ٻيو سُوال هو. پڇيم، "جي ٻُڌ مَت کي مذهب سمجهيو ٿو وڃي ته پوءِ هڪ عقيدي ۾ قائل ڌريون آخر ڪيتريون ترقي پسند ٿي سگهن ٿيون؟ ڇاڪاڻ ته ترقي پسندي ته فقط متحرڪ شعبن ۾ مُمڪن آهي، عقيدو جيڪو غير متحرڪ هجي ٿو، اهو آخر ڪيترو ترقي پسند ٿي سگهندو."

ان تي هن چيو، "بلڪل صحيح ٿا چئو. سوچيان ته مان به ايئن ٿي، ته عقيدو فقط محدود طور ترقي پسند اصولن جي پوئواري ڪري سگهي ٿو. بيهي رهڻ، هڪ ئي نقطي تي ترسي پوڻ ان جو مزاج آهي، ۽ مان به اهو ئي ٿي سمجهان ته ٻُڌ مَت مذهب نه آهي، اهو هڪ فلسفو ۽ هڪ علمي شعبي جهڙي دنيا آهي پر عقيدي سان گڏ روحانيت ته نٿي ڪڍي ٻاهر ڪري سگهجي، مون کي لڳي ٿو اوهان اُن کي به عقيدو ڪري ڪٽو پيا."

چيم، "پر عقيدي پرستائي روحانيت ته خطرناڪ آهي. مان اڄڪلھ ان تي ڪافي سوچيان پيو ته جنهن تصور کي عقيدو ڪري ڪنيو ويو آهي اتي اوهان ڇا پيا ڪيو؟"

حيرت منجهان گهوريندي چيائين، "ته ڇا جنهن جنهن فِڪر کي اِنتهاپسندائي عقيدي طور ڪنيو ٿو وڃي ان کي فقط ان بنياد تي رد ڪجي ؟ ڇا روحانيت جي اهميتَ نه آهي؟"

ڳالھ سندس هڪ حوالي کان صحيح به هئي پر ٻئي حوالي کان حقيقت اها به هئي ته عقيدي جي جوهر ۾ اِنتهاپسندي آهي، اُن ڪري ان جي نتيجي ۾ فساد اڻ روڪ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چيمر، ”جڏهن ڪو به فڪر عقيدي جي ور چڙهي ٿو، اهو متروڪيت جي راهه تي گامزن ٿئي ٿو.“

ڪلي چيائين، ”ته ڇا پوءِ ان کي متروڪيت ڏانهن وڃڻ کان نه ٿو روڪي سگهجي؟ ايئن ته پوءِ اوهان ڏسو، متروڪ سوچ رکندڙ ذهن ته سائنسي دنيا ۾ به هوندا آهن جيڪي سائنس کي عقيدي ذريعي پيا ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن؟ ته ڇا سائنس متروڪ ٿي وئي؟ جيڪڏهن ڪنهن علم کي غلط انداز سان سمجهيو ۽ پيش ڪيو ويندو ته ڇا اُن علم کي ئي متروڪ قرار ڏبو؟

متروڪ سوچ ته فقط ڏسڻ جو هڪ مخصوص انداز آهي. هي دؤر به عجيب آهي جتي لڳ ڀڳ هر جاءِ تي اِنتهاپسندي راڄ ڪري ٿي، جنهن جنهن فِڪر ۾ اوهين اِنتهاپسندي ڏسندؤ ته ڇا ان سموري علم کي ڪُليت ۾ رد ڪندؤ؟ مثال اوهان انهن سڀني سُوالن کان الڳ رُوحانيتَ تي به سرچيو: رُوحانيتَ کي انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن تو گم ڪري سگهي؟“

چيمر، ”پر اوهان نوٽ ڪريو ته اِهو عقيدي پرستاڻي روحانيتَ پسندي جو ئي ته نتيجو آهي ته هي سماج غير عَقلي نرگسيتَ جو شڪار آهن. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته عقيدو اِنتهاپسنديءَ جي وَرَ وڌيڪ سولائيءَ سان چڙهي ٿو، جنهن تحت هو مرڻ مارڻ تي تيار ٿي وڃي ٿو، مڙني مذهبن جي ملائيت جي تاريخ ان جي شاهد آهي.“

ان تي هوءَ سهمت هئي، چيائين ”ها، هر عقيدو اڪثر اِنتهاپسنديءَ تي ڇيهُ ڪري ٿو. پر ٻُڌ مَت ۾ روشن خيال سوچ رکندڙ ماڻهو به آهن، ان ڪري ترقي پسند سوچ کي ڪٿي هلجي ته وڏا امڪان آهن ته ان ۾ عَقلي پاسن کي وري جاڳائي سگهجي.“

اسين اجان ڳالهائي ئي رهيا هئاسين ته ڪنهن اسان کي وڏي آواز سان سڏيو، مُڙي جو ڏسون ته سامهون مسٽر نوانگ اسان جي رهائشي تربيت جي ڪجهه دوستن سان گڏ بيٺو اسان کي سڏي رهيو هو.

”دوست اچي ويا آهن، هلو ته گڏجي هلي ٿا ماني کائون.“ يو ڳَٽيءَ خوشيءَ منجهان چيو. اِسين وڃي دوستن سان ملياسين، سڀئي ڏاڍو خوش لڳا ٿئي. ڊائننگ هال ۾ ماني لڳي چڪي هئي، وڃي هڪ ميز جو دائرو ٺاهي ويهي رهياسين.

مانيءَ دوران ڪچهري به ڪندا رهياسين، نَوانگ به اسان سان گڏ ماني کاڌي ۽ وڃڻ کان اڳ اسان کي هن ٻُڌايو ته سڀاڻي يوگا ڪرڻ کان پوءِ چؤگلامسر ڏانهن نڪري وڃبو، جتي شانتيِ اِسٽُوپا به وڃبو. اهو چئي هو هليو ويو، ۽ اسين سڀئي چانهه جي ڪوپَ سان وڃي لان ۾ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ويٺاسين.

اتي اسان سڀني پهريون ڀيرو هِڪٻئي سان پنهنجو تعارف ڪرايو، اتي ئي ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مار...!

مان تصور ئي نہ ٿي ڪري سگھيس تہ ڪا هوءَ پاڪستاني هوندي! پوءِ سنڌياڻي هوندي، مٿان صحافڻ هوندي. اهي ٽئي حيرت انگيز ڳالهيون هڪ ئي وقت مون آڏو کُليون هيون مون لاءِ. مون تہ هن وقت تائين ڪيس يارتي ئي سمجهيو پئي.

مِينتَوخ هڪدم حيران ٿي مون کي ڏٺو ۽ سيني کي ڏسي چيائين، "اسان ڪيترن ئي ڏينهن کان گڏ آهيون، اسان کي خبر ئي نہ هئي تہ اسين ٻئي هڪ ئي مُلڪ جا آهيون!

هڙئي اسان ڏانهن مُرڪي نِهاري رهيا هئا. ڊئنش پروفيسر پُڇيو، "تہ ڇا اوهان هڪ ٻيرو بہ پنهنجي ملڪ بابت يا پنهنجي ٻوليءَ ۾ نہ ڳالهايو آهي؟"

مون ۽ يو ڳِتيءَ ٻنهي نهڪر ڪئي تہ پڇيائين، "هِڪِٻئي سان ڪيترن ڏينهن کان گڏ آهيو؟"

يو ڳتيءَ کلي چيو، "هفتي کان مٿي ٿي ويو آهي." اهو ٻُڌي ڊئنش پروفيسر حيرت منجهان چيو، "او خدا! اوهين ٻئي ڪيڏا نہ پورا آهيو!"

مون بہ کلي چيو، "ٻئي پاڪستاني، سنڌي ۽ بلوچ آهيون، عجيب اتفاق ان ڪري آهي جو اسان فقط انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا رهيا آهيون. اسان کي هِڪِٻئي بابت تفصيل جو پتو ئي نہ پيو."

آمريڪي ليڪڪ اِيٿئن مون کي ڏسي چيو، "اوهان ڏيک ۾ يوروپين لڳو ٿا ۽ مِينتَوخ هن خِطي جي ٿي لڳي." چيم، "ها، ان ڪري ئي، هوءَ شايد مون کي يورپي سمجهندي رهي هوندي، ۽ مان ڪيس يارتي سمجهندو رهيس."

ايئن ڳالهائيندي ڳالهائيندي اسان سيئي ماني کائيندا رهياسين، رَڪي رَڪي ٻئي ڏينهن جي سفر تي بہ ڳالهايوسين پئي... پر مڙني کان الڳ ٿلڳ، اسان ٻنهي جي اندر ۾ وڏو مانڌاڻ متل هو!

ان تعارف کان پوءِ هوءَ مون کي حيرت منجهان ڏسندي رهي پئي. مان بہ حيران ٿي ڪيس ڏسندي مُرڪندو ئي رهيس. اها نئين شناسائي، جيڪا اصل شناسائي هئي، هاڻي اسان ٻنهي جي وچ ۾ رهيل سَهيل وِٿين کي بہ يري رهي هئي... ان راز جو آشڪار ٿيڻ بيحد خوشگوار هو. مان آتو هئس تہ ڪيڏي مهل اسان کي هڪٻئي سان نويڪلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ٿو مِلي.

ماني پوري ٿي تہ ڊئنش پروفيسر سائي چانهہ جو چئي اسان سيني کي ٻاهر هلي ويهڻ لاءِ چيو. ايئن اسان هڙئي لان ۾ اچي ويهي رهياسين.

ڊئنش جهونو سيني مان گهڻ ڳالهائو، ڏاهو ۽ کلڻو ماڻهو هو. چرچا ۽ يوڳ ڪرڻ سندس شخصيت جو خاص پهلو هو، سندس موجودگي اسان جي هن گروپ ۾ ساهہ وجهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو هو. هماچلي نوجوان جوڙو اجان ويهن جي شروعاتي ڏاڪي ۾ محسوس ٿيو پئي. ننڍي وهيءَ جي ڪري منجهن جوش ۽ جذبي جا اهي نوان ۽ تازا ڪِرڻا نظر آيا پئي. اڳتي هلي يوگا جا جديد طرز جا ادارا کولڻ جو ارادو هئن.

آمريڪي ڪهاڻيڪار اِيٿئن گهڻ ڳالهائو هو. مون سندس ڪهاڻين جي موضوعن بابت پُڇيو ته هن ٻُڌايو ته هو رشتن جي نفسيات سان واڳيل موضوعن تي لکندو آهي. مون کان سِواءِ اهو ٻين سڀني نوٽ ڪيو ته هو نشي پتي جو شوقين هو. هڪ ته سگريٽ جام ٿئي ڦوڪيائين، مٿان سندس ڪي سگريٽ ڪنهن ٻئي مواد سان به ڀريل هوندا هئا. جنهن تي ڪِنهن کي به اعتراض جيتوڻيڪ نه هو پر هر ڪو ان کان باخبر هو. يوڳِتي ڪمل ۽ رِيا سان لمبيني يونيورسٽيءَ بابت ڳالهايو پئي. شايد هوءَ ڪانئن ٻوڌي ڪورسن بابت پُڇي رهي هئي، پر مون کي خبر هئي ته ڪيس لمبيني يونيورسٽيءَ کان وڌيڪ لمبيني شهر ۾ دلچسپي هئي، جيڪو شهزادي سڌارٿ جي جنم ڀومي هو.

پروفيسر ٽائو منهنجي بشرياتي ڪم ۾ ڪافي دلچسپي ورتي ٿئي، مان سندس سوالن جا جواب ڏيندو رهيس. يوڳتيءَ سان اِيٿئن سندس ٻُڌ مَت ۾ داخل ٿيڻ بابت ڳالهائيندو رهيو. مون کين ڳالهائيندي ٻُڌو: يوڳتيءَ کيس ٻڌايو پئي ته هوءَ ٻُڌ مَت جي هڪ اهڙي ئي رهائشي تربيت مان متاثر ٿي هئي، ان کان پوءِ پاڪستان ۾ هڪ ٻوڌي-دَر جي مدد سان ان خوبصورت دنيا ۾ داخل ٿي هئي.

ان مان اهو ثابت ٿيو ته اسان منجهان ٻُڌ مَت سان باقائدي اصلوڪا واڳيل فقط نيپالي جوڙو هئا. باقي سڀئي ان کان متاثر ٿي پوءِ ان ۾ داخل ٿيا هئا، يا هماچلي نوجوان جوڙي ۽ مون جيان سياحتي سفر تي هئڻ ڪري هتي هئاسين.

پر هاڻي منهنجي حقيقت ته مَتجي ڇُڪي هئي! مان رُڳو سياحتي يا علمي سببن جي ڪري هتي نه هئس، منهنجي هتي هجڻ جو هڪ سبب هاڻي يوڳتي ۽ ٻُڌ مَت به هو. خود مون لاءِ به ڪيڏي نه عجيب ڳالهه هئي ته مان تبديل ٿي رهيو هئس.

يوڳتيءَ ڪانئن پُڇيو، ”اوهان جا رهائشي تربيت جا پهريان سفر ڪيئن لڳا اوهان کي.“

اِيٿئن چيو، ”بهترين، پر هتي جي ٻوڌيشالا ئن جي لقائن ۽ ٻوڌي اسڪالرن جي نقط نظر ۾ وڏو فرق ٿو نظر اچي. مثال هتي ٻوڌي سينٽر ۾ اچي منهنجا ٻُڌ مَت بابت تصور تبديل ٿيا آهن. اسان هَيمس، ماٿو ۽ شَي ۾ وڃي ڏٺو ته اتي ٻڌ مَت هڪ مذهب يا عقيدي جيان ئي نظر اچي ٿو پر ڪجھ اسڪالر ته ان کي مذهب ئي نه ٿا سمجهن...“

مون چيو، ”مان به سموري زندگي ٻُڌ مَت بابت سَنياس جي قسمن تي ئي ٻُڌندو رهيو هئس، هتي اچي مون کي نئين ڳالهه پتو پئي آهي ته سَنياس لازمي نه آهي، توازن رکڻ تي زور آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر تائو چيو، ”ها، وچترائپ تہ گوتم جي فلسفي جو مُک اصول آهي، ان کان سواءِ ٻُڌ مَت پنهنجو جوهر وڃائيندي.“

هاٽي هِماچلي ناري سارا ڳالهايو، ”جي ٻُڌ مَت مذهب نہ هجي ها تہ پوءِ اڄ تائين ٻوڌي سَتوَ سَنياس جو ٿا وٺندا رهن؟“

نيپالي استاد ڪمل ان تي چيو، ”تہ ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ ٻُڌ مَت واقعي هڪ مذهب آهي؟ ان تي تورو سوچيو!“

ان تي هِماچلي نوجوان منيش چيو، ”ها ٻُڌ مَت هڪ ڌرم آهي، هندومت جيان، ان ۾ تہ ڪو بہ شڪ نہ آهي.“

پروفيسر تائو جيئن تہ مذهبن جو پروفيسر رهيو هو ان ڪري سيئي هُن ڏانهن ڏسڻ لڳاسين تہ هو ڇا ٿو ڳالهائي.

هن مُرڪي چيو، ”اهو هڪ وڏو بحث آهي، هن رهائشي تربيت جي تجربي دوران بهتر آهي تہ اسين ٻُڌ مَت کي سِکڻ تي ڌيان ڏيون. رهائشي تربيت جي آخري ڏينهن تي ان تي تفصيل سان ڳالهائبو تہ ٻُڌ مَت مذهب آهي يا نہ. پهرين ان جي فِڪر ۽ ڏسڻ جي انداز کي چڱيءَ ريت سمجهڻ جي ضرورت آهي.“

پروفيسر جي ڳالهہ جي مڙني حامي ڀري. مون کي خوشي هئي تہ اسان جي رهائشي تربيت جو گروپ جو هر فرد علمي لحاظ کان دلچسپ شعبن سان واڳيل هو. اسان سيني جو هڪ جاءِ تي گڏ رهڻ، گهمڻ ۽ ٻوڌي زندگيءَ کان رُوشناس ٿيڻ هڪ حسين ائڊوينچر هو.

پروفيسر تائو اڌ ڪلاڪ جي ڪچهريءَ کان پوءِ اٿندي چيو، ”مان تہ وڃي سُمهان ٿو، ٿڪل آهيان. سياٽي وري يوگا جسم جون اِنجيسون ڇيڪائيندي.“

سندس ان جُملي تي هڙئي ٽهڪن ۾ پئجي وياسين. مون بہ اٿندي چيو، ”مان تہ اڳ ئي سڄو ڪڙڪان پيو، جو يوگا مِنهنجو نئون تجربو آهي.“

ايئن سيئي موڪلائڻ لاءِ اٿي بيهي رهياسين.

سيئي پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لڳا تہ يوڳنيءَ سيني کان موڪلائيندي چيو، ”اسين ٻئي هاٽي جيئن تہ پهريون ڀيرو بطور هم وطن متعارف ٿيا آهيون، ان ڪري لازمي آهي تہ ان نسبت سان پاڻ ۾ تورو ڳالهائي وٺون.“

”بلڪل، بلڪل، اهو پهريون ڀيرو ملڻ جيان آهي.“ نيپالي پروفيسر ڪمل چيو.

اهو چئي سيئي موڪلائي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويا.

يوڳنيءَ انهن جي ويندي ئي هڪدم مون کي چيو. ”مان تہ حيران آهيان! ڇا اوهان کي اُردو نہ ٿي اچي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون مُرڪي چيو، ”ها، چو نہ تي اچي اُردو، مون بنيادي تعليم ورتي ئي پاڪستان ۾ آهي.“

تہ حيرت مان اکيون ويڪريون ڪري چتائي چيائين، ”تہ پوءِ اوهان جڏهن مون کي ٽئڪسي وارن سان ڳالهائيندي ٻُڌو تہ پوءِ مون سان اردوءَ ۾ چو نہ ڳالهايو؟“

چيم، ”ها، اهو مون جاتي ٻُجهي نہ ڪيو، ان ڪري جو مون کي اسان جي وچ ۾ رابطي جي بهتر ٻولي انگريزي ئي لڳي پر سچ اهو آهي تہ تڏهن بہ مون اوهان کي پاڪستاني تہ نہ سمجهيو هو نہ. جڏهن اوهان کي هندي ڳالهائيندو ٻڌم تہ مون کي پڪ ٿي وئي تہ اوهان انڊين آهيو. مون تہ سوچيو ٿي نہ تہ اها ٻولي اردو بہ ٿي سگهي پئي؟“

چيائين، ”ها. ۽ مان سمجهندي رهيس تہ اوهان اردو يا هندي سمجهي ئي نہ ٿا سگهو. مان وري اوهان کي مائيڪل ۽ جَين جي پسمنظر ۾ ڏسندي رهيس. ان ڪري مون کي خبر ئي نہ پئي تہ اوهان پاڪستاني يا سِنڌي بلوچ بہ ٿي سگهو ٿا. مون تہ سوچيو اوهين برطانوي آهيو. نہ تہ اسان ٻئي هِڪٻئي سان سنڌي يا اردو ۾ ڳالهائي سگهياسين پئي.“

وري ٿورو ترسي چياٿين، ”ها، اوهان صحيح ٿا چئو، مون کي بہ هاڻي اهو ئي ٿو محسوس ٿئي تہ اسين انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ وڌيڪ سولو محسوس ڪنداسين.“

ٿورو رڪي مُرڪندي چياٿين، ”۽ اهو بہ آهي تہ اوهان جي نسلي نقشن جي ڪري هڪ ئي وقت بلوچ يا پشتون سان گڏ ڪنهن يورپي نسل جا بہ لڳي سگهو ٿا.“

مون بہ ان تي کِلي ڏنو. ڪيس ٻُڌايم تہ مان بلوچي، سنڌي، بروهڪي، انگريزي ۽ اردو چارئي ٻوليون بهترين ڳالهائي سگهان ٿو.

هن مون کان پُڇيو، ”۽ سنڌي اوهان کي پوري ايندي آهي؟ مون سنڌيءَ ۾ وراڻيو مانس، ”ها، ان ۾ لکي پڙهي بہ سگهان ٿو، فقط لهجو اوهان کي ٻروچڪو لڳندو.“ ان تي کِلي ڏنائين.

مون ڪيس گهور پائي سنڌيءَ ۾ پُڇيو، ”هڪڙي ڳالهہ چوان...“

مُرڪي سنڌيءَ ۾ ئي جواب ڏنائين، ”ڀلي پڇو.“

چيم، ”اوهان رهائشي تربيت گروپ کي چيو تہ اوهان جو ٻوڏي نالو مِينتوخ آهي پر اهو تہ لَداخي نالو آهي؟“

سندس مُرڪ گِهري ٿي وئي، چيائين، ”چو؟ نالو تہ ڪو بہ ٿي سگهي ٿو ماڻهوءَ جو، ڪنهن سنڌياڻيءَ جو لداخي نالو نہ ٿو ٿي سگهي ڇا؟“

”اوڪي مس مِينتَوخ، اهو لَداخي نالو تہ ڀلو آهي، پر اهو نالو اوهان جو اصلي نالو آهي يا اوهان ان کي هتي اچي اختيار ڪيو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان تي هن ڪجهه بہ نہ ڪيو، بس مُرڪندي رهي. اڄ سندس مُک تي مُرڪ هئي، پنهنجائپ هئي، اسان جي وچ مان هاٿي اوپرائپَ صفا گم ٿي وئي هئي.

اسين بہ ٿوري گهڻي ڪچهري ڪري هِڪبِئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي ڪمرن ڏانهن وياسين. صبح جو پنجين وڳي يوگا ميدان ۾ گڏ ٿيڻو هو، ۽ ان کان پوءِ چڻگلامسر ۽ شانتِي اِسٽوپا وڃڻو هو.

لَداخ جي سفر جا ايترا نوٽس وٺي، مون جادم ۽ سندس اُستاد جي خطن جو سِلسلو اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو، جيڪو هاڻي ساڌو لطيف جي خطن تي ٻَڌل هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پيارا پانڊِي جادمَ!

هي سڀ ڏينهن تنهنجا خطَ هڪ هڪ لفظ ڪري پڙهيا اٿم. ڪي خط تہ هڪ ٻہ ڀيرا ورائي ٻہ پڙهيم تہ جيئن تنهنجا خيال، تصور، سوچون، مُشاهدا ۽ ذهني عڪاسيون چِٽائيءَ سان سمجهڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ رهي. تو بابت منهنجي تڪڙي ۽ ٿُلهي ليکي راءِ اِها آهي تہ تنهنجون ڳالهيون نہ تہ مُنجهيل آهن، نہ وري منجهائڻ ڏاهپ کُٽل آهي. ان ڪري آئون اعتبار سان اهو ٿو سمجهان تہ تنهنجن خيالن جا ڌاڳا سُلجهيل ۽ عقل جي ڪَٽڻ سان تار آهن.

گُذريل ڪنهن خط ۾ لکيو هئم تہ خيال يا تصور نِج سائنسي هجن يا سماجي يا رُوحاني هجن. انهن جي ڇنڊڇاڻَ فقط اُنهن کي عملي ميدان تي لاهڻ سان ئي سگهندي آهي. اهو بہ چيو هئم تہ خيالن کي ميدان ۾ لاهڻ سان اُنهن جي پرکَ ٿي ويندي آهي تہ اُهي سماجَ ۾ بگاڙ جو سبب بڻجندا يا سنوارَ جو.

تنهنجو ٻُڌ مَت ۽ ناريِ_تِياڳ جو تصور بہ بلڪل ايئن ئي آهي. جيڪو ٻُڌ مت جي دنيا ۾ ڪڏهوڪو ميدان تي لٿل آهي. ۽ دنيا ۾ هڪ وڏي بحث جو سبب رهيو آهي. ان سُوال جا جواب سمجهڻ لاءِ انيڪ ٻوڌِين تجربا ڪيا آهن: ڪِن تِياڳ اڌ ۾ ڇڏي دنياوِي جِيوَن وَسائي ڏنو ۽ اُهو مُشاهدو ماٺي وري موٽَ ڪاڏي ڪي تِياڳ کان پوءِ وري ڪڏهن گهر نہ موٽيا تہ ڪي وري گهر جي سُک کي ڪڏهن پُٺي ڏئي نہ سگهيا. پر ٻُڌ مَت ناريِ تِياڳڻ کان سواءِ ڪيئن مڪمل ٿيندو؟ اِن سُوال تي سوچڻ جي ضرورت آهي.

ٻيو سُوال اِهو تہ ڇا مائِي ۽ مرد ٻئي گڏجي ٻوڌسَنوَئِي پنڌَ تي نڪري سگهن ٿا؟ آئون جوابن کي ايڏو نڪتو طئہ نہ ڪندو آهيان. ان ڪري جو ايڏو جلد انهن سُوالن جا جواب نہ ملڻا آهن. تو مون کان پڇيو آهي تہ. "تنهنجي تياڳَ ۾ ناريءَ يا اُن جي خيال ڪا رنڊڪ وِڌي؟" هاڻ شايد وقت اچي ويو آهي تہ آئون توکي تنهنجي اِن سُوالَ جو جواب ڏيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس پانڌيا منهنجي ذاتي راءِ هيءَ آهي: مردَ ۽ مائيءَ جي محبت ۽ عشق جو سِڌو سنئون لاڳاپو جبلتي سَڌُن سان آهي. جي چئجي تہ منجهن اِن لاڳاپي کان سواءِ عشق محبت ٿيندو اهو بنهہ غيرعقلي خيال آهي. سو ٻوڙي بہ جيئن تہ اِنسانَ آهن. ان ڪري منجهن اِها خواهش ڪڏهن بہ نہ ٿي مَري. هو بس اُن خواهش کي پاڻ ئي مختلف طريقن سان مُنهن ڏيندي ڏيندي اِن تي قابض ٿي ويندا آهن. اِهو سمورو قصر سندن داخلَ جي رياضَتَ جو آهي. جيڪو نيٺ سَگهہ ماٺيءِ اِن جِبلتي سَڌَ کي غير اَهم ڪري ڇڏيندو آهي. بنهہ غير اَهم.

ها, پانڌي ها, مون کي بہ اِن احساسَ منهنجي زندگيءَ ۾ بہ پيرا ننهن کان چوٽيءَ تائين لوڏي ڇڏيو هو. آئون بہ اِن احساسَ ۾ بيوس ٿي پيو هئس. مون توکي لکيو هو تہ آئون تيرهن ورهين جي عُمر ۾ سائيگان آيو هئس. اِها جسماني تبديلين ۽ لطيف احساسن جي حوالي کان ڏاڍي حِساس عمر هوندي آهي. مون توکي ٻڌايو هو تہ سائيگان ۾ ٽپال گهرَ جي سامهون واري ميدانَ تي عام ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ نهيل هوندي هئي, جتي وِچ ۾ ڦوهارو لڳل هوندو هو. ان جي چوڌسائن ۾ گول دائري ۾ بينچون رکيل هونديون هيون. اُن ئي دائري ۾ مٿن وڻڪارَ جي ڇانوَ پئي پوندي هئي, جتي ماڻهو ساهہ پٽڻ لاءِ اچي ويهندا هئا.

آئون بہ هر پيري خط ٽپالَ ڪرڻ کان پوءِ اُتي ويهي رهندو هئس. شُروع شُروع ۾ جيئن تہ هن شهر جي هر شئي مون کي نئين لڳندي هئي ۽ اُتساهيندي هئي. آئون هر وقت حيراني, اُتساهہ ۽ اڻ جاتل خوشيءَ جي احساسن ۾ رهندو هئس. ان ڪري مون کي ٽپال گهر جي سامهون ماڻهن جو ايئن بينچن تي ويهڻ بہ بيحد عجيب لڳندو هو ۽ اُن ماحول ۾ آئون ڊگهو وقت ويهي رهندو هئس. آهستي آهستي مُنهنجي عجَب ۽ اُتساهَہ کي هڪ محور مِلي ويو. اُتي هڪ ڇوڪري ايندي هئي, جيڪا اُتي ويهي ڪتاب پڙهندي هئي. نيڻ نقشن ۾ وِيٽنامي نہ پر اِنگلش يا آمريڪي لڳندي هئي. عمر ۾ پندرهن يا سورنهن سالن جي هوندي. هوءَ مون کي بيحد سُهڻي لڳندي هئي, آئون هن کي پيو تڪيندو هئس.

پانڌيا هاڻ هفتي ۾ بہ پيرا سنڌ خط موڪلڻ ويندو هئس. مون کي منهنجو تَربيت ـ ڪار تاشِي چوندو هو: آخر اِهڙو ڇا پيو لکين جو هفتي ۾ بہ پيرا پيو خطَ موڪلين! کيس ڪيئن ٻڌايان ها تہ ٽپال گهر جي سامهون ڪهڙو طلسم هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر تہ هوءَ ڪتاب ئي پئي پڙهندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پنهنجي ڊائريءَ تي پئي ڪجهہ لکندي هئي، يا پکين کي چوڳو ڏيندي هئي. يا ڪڏهن وري اُتي وينل جهونن سان پئي ڳالهائيندي هئي. هن مون کي ڪافي دفعا نهاريندي ڏٺو پر پوءِ لنوائي ويندي هئي. شايد منهنجي گيڙُو لباسَ جي ڪري منجهس ڪو اُتساهہ پئدا نہ ٿيو هوندو. منهنجا سائيگان ۾ شُروعاتي ڏينهن هئا. هڪ پاسي آئون ہوڏي تربيت هيٺ گُذري رهيو هئس، تہ ٻئي پاسي مون کي رات ڏينهن سندس خيال هوندو هو. ڏيانَ ۾ رَنڊَڪ رهندي هئي. اهو سِلسِلو ٻن مهينن تائين هليو تہ آئون هفتي ۾ ٻہ پيرا کيس ڏسي وٺندو هئس.

هاڻ آئون بہ ٻوڌي درسِي ڪتاب ساڻ کڻي ويندو هئس، اُن کي پڙهي چا سگهندو هئس، پاڻڌي، بس پَڙهڻ جو ڏيکُ ڏيندو هئس ۽ پيو کيس ڏسندو هئس.

هڪ ڏينهن آئون خط ٽپال ڪري اَچي بينچَ تي ويهي رهيس، پنهنجي ڪتابَ جا پنا اُٿلائڻ لڳس. منهنجي نِهارَ مٿس هئي. هُن پنهنجي اکين سان مُنهنجي نِهار کي جَهلي ورتو ۽ پنهنجي بينچ تان اُٿي اچي منهنجي پرسان ويهي رهي. منهنجو ساهُہ هيٺ مٿي ٿي ويو. ڏٺم هوءَ مون کي سخت نِهار سان نِهاري رهي هئي. دل تيز ڌڙڪڻ لڳي، جَيستائين هوءَ ڪجهہ ڳالهائي، ياسيم دل جهٽڪو ڏئي جهڙوڪر نِڙيءَ ۾ اچي پئي هجي.

پنهنجي گُهورَ جو دَهمان پورو ڪري، انگريزيءَ ۾ چيائين، تو لاءِ ہہ سُوال آهن مون وٽ. مون کي جواب ڏي.. تون اندازو لڳائي سگهين ٿو. پاڻڌي تہ آئون ڪيئن نہ واٺڙو ٿيو هوندس؟ منهنجي واتان هڪ اکر بہ نہ ٿئي نِڪتو بس ايترو ياد اٿم تہ منهنجو وات پٽجي ويو هو ۽ آئون اکيون ويڪريون ڪريو هيٺ مٿي تيندڙ ساهہ سان کيس نِهاري رَهيو هئس. مُنهنجي جوابَ جو انتظار ڪئي بِنا پڇيائين، "تون هِتي مون کي تَڪڻ ايندو آهين چا؟"

منهنجي حالتَ ويتر خراب ٿي ئي. سوچيم، مري ويس! هاڻ چا ڪريان. سُوال ٻہ پيرا ورجايائين تہ نيٺ مون کي جواب ڏيڻو پئجي ويو. ڊپ جي ڪري هبڪي رهيو هئس. پنهنجي ٽُٽل ڦِٽل انگريزيءَ ۾ چيم، "ان ڪري جو تون مون کي وڻندي آهين."

اِهو ٻُڌي هن پهرين مون کي گُهور پاتِي، ۽ پوءِ وڏو ٽَهڪ ڏئي کِلي پئي. هوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِلي تہ مون ۾ ساهہ وري پيو. اُن سخت خوفَ جو ڌهڪاءُ مون تان لٿو. هاڻ مون کي ٿوري لَڄ بہ پئي آئي، پر پاڻ کي روڪئي بنا ڪلي ڏنومانس. چيائين، "اَڇا، تہ تون مون کي پسند ٿو ڪرين!"

ٿوري همتَ آيم، ڪنڌ ڏوٺي بي باڪيءَ سان چيم، "ها، ۽ پيو سُوال ڪهڙو آهي؟"

هاڻ سندس مُک تي مُرڪ ويتر وڌيڪ نِتري پئي، چيائين، "تون هفتي جا بيا ڏينهن ڪٿي گُم هُوندو آهين، روز هتي ڇو نہ ايندو آهين؟"

سندس اِن سُوال منهنجي خوشيءَ کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو.

سو پانڌيءَ! ايئن منهنجي ۽ سندس وِچ ۾ محبت جو قصو شُروع ٿي پيو. هوءَ پاسي واري ڪئٿوليائي گَليسا جي پادريءَ جي ڀاڻيجي هئي، جيڪا پنهنجي ماءُ سان آمريڪا مان سائيگان گهمڻ آئي هئي. سندس نالو اَيما هو. اَڄرجَ جي ڳالهہ اها هئي تہ آئون سِنڌيءَ دراوڙي قد بُت ۽ نيڻ نقش وارو ٻوڏي ڪيس وٺي پيس. آئون هاڻ هفتي ۾ هڪ بہ ڦيرا ڪنهن نہ ڪنهن بهاني نِڪري سانُس ملڻ هليو ويندو هئس. اسين اُتي بينچن تي ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين، يا ڪڏهن ڪيس سندس گَليسا تائين ڇڏيندو پنهنجي ٻوڏيشالا نڪري ويندو هئس.

اسان جي مُلاقاتُن ۾ اسين هڪٻئي کي پنهنجي پنهنجي ڄاڻَ سان متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. آئون کيس ٻوڌي درسن بابت ٻُڌائيندو هئس، ۽ هوءَ مون پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتابن بابت ٻُڌائيندي هئي. خيالن جي ان ڏي وٺ اسان ۾ ڪافي ويجهڙائي پئدا ڪري ڇڏي هئي، ايتري جو اسان کان هِڪٻئي کان موڪلايو نہ ٿيندو هو. پر اُن جو ڇيهہ ڪيئن ٿيڻو هو ان تي تہ ڪو شڪ ئي نہ آهي پانڌي.

ساڌو تاشِيءَ کي اسان نون ترٻيت-ڪارن منجهان ڪنهن ٻُڌائي ڇڏيو تہ آئون هڪ عيسائي ناريءَ سان ٽپال گهر سامهون وارين بينچن تي وڃي ويهندو آهيان. تاشِيءَ مون کي سمجهايو تہ ايئن ڪرڻ سان آئون پنهنجي تربيت کي خراب ڪري رهيو هئس. اِن ڳالهہ جي سنڌ مان آيل منهنجي بزرگ ٻوڌيءَ کي بہ خبر پئي. سَڀئي مِلي ڪري مون کي ورائي ويا پر اُن وقت جيئن تہ آئون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي اندر جي ضبط کان ٻاهر نِڪتل هئس. مون ڪنهن به صورتَ ۾ آيما سان ملڻ چڏڻ نه ٿئي چاهيو مون ساڻن غلط بياني ڪئي.

مون کين بلڪل به نه ٻڌايو ته مون کي ڪو هن ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ويو آهي. مون کين خاطري ڏني ته آيما کي ٻڌ مَت ۾ دلچسپي آهي. آئون کيس ٻوڌي درسن بابت ٻڌائيندو آهيان. اهڙي ٻي ڪا به ڳالهه نه آهي. آئون ڪو به غلط ڪم نه ڪندس جنهن سان منهنجي ٻوڌي تربيتَ تي اثر پوي. آيما جي ٻڌ مَت ۾ دلچسپيءَ واري ڳالهه ۽ منهنجي خاطريءَ اِن ڳالهه کي وقتي طور مانو ڪري ڇڏيو.

پر سچ اِهو هو اسان ٻنهي کي هِڪٻئي سان تمام گهڻو لڳاءُ ٿي ويو هو. ايستائين جو اسان مُستقبل ۾ گڏ هجڻ جون رِٿون رِٿڻ شُروع ڪري ڇڏيون هيون. هوءَ ڪافي سمجهدار هئي. پنهنجي دؤر جي اَدب ۽ ڪهاڻين پڙهڻ ڪري سندس سوچَ ڪافي پُختي هئي. پر هوءَ به توجيان ٻوڌي تربيت ۾ تِياڳَ جي ردَ ۾ پئي ڳالهائيندي هئي. وقتي طور آئون به اُن جذبي جي لهرُن ۾ لُڙهي ويجي سندس پاسي نِڪتس.

اُتان ڪيئن موٽيس. اُها ڪا ڏگهي ڪٿا نه آهي. پانڊي هڪ ته ڏيئم حڪومت (ان بابت هن ٿي خط ۾ اڳتي تفصيل لکندس) ۾ حالات تمام گهڻا خراب ٿي ويا هئا. سنگين واقعن جي نتيجي ۾ هن جي ماءُ هن کي آمريڪا واپس وٺي هلي وئي.

سندس وڃڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ اسان مِلياسين. اسان ٻنهي هڪٻئي کان روئي موڪلايو. هن مون کي بار بار چيو ٿئي ته ٻوڌي تربيت ۾ تياڳَ ٻنهه غلط هو. مون کي آمريڪا اچڻ لاءِ چيائين به. آيما هلي وئي. مون کي وقت لڳو سندس ياد مان نِڪرڻ ۾. ساڻس ويجهڙايون ياد اينديون هيون ته ڏيان ۽ ٻيا تربيتي مرحلا اوکا لڳندا هئا. پر توکي سچ چوان پانڊيا ته اُها ياد فقط ۽ فقط جِبلَتي سَڏ جي هئي. جَر جي جهاڳَ جيان. پهرين هئي. ۽ پوءِ نه هئي. هُئي نه چِٽي نظر ٿئي آئي. ختم ٿي ته جَهڙوڪر هئي ئي نه. سو ايئن ٿيو آيما ۽ منهنجي قصي جو اَنتُ.

مون هڪ پيرو ٻيهر به انهن احساسن جا گَس ڏٺا هئا ۽ ٻاڻ کي ٻيهر اُن ساڳئي جذبي ۾ پرکيو. لڳ ڀڳ ڏهن سالن کان پوءِ هڪ پيرو وري. آئون اُن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي شدت واري ڪيفيتَ مان گذريس. اُن وقت آئون تنهنجي وهِيءَ هوندس.
پنجويهن يا ڇويهن سالن جي عمر ۾. جيتوڻيڪ اهو منهنجو آخري پيرو محبت
۾ جي ڪوڙڪيَ ۾ ڦاسڻ هو پر اُهو شديد هو پانڊيا!

جبلت فقط ۽ فقط شِدتَ ۾ پاڻ اظهاريندي آهي. اُن ڪا ٻي رَوِش سِکي ئي
نہ آهي. اُن سِکيا مون کي مڪمل طور سَيڪاري ڇڏيو. پر اُن بابت وري ڪنهن
ٻئي پيري لکندس.

ڏِس! ٻُڌ مَت ۾ مونَيَسٽِڪ اهو سلسلو آهي. جنهن ۾ ٻوڙي نارِيون ۽ مرد وڏي
مقام تي رَسڻ کان پوءِ بہ شادي ڪري سگهن ٿا. آئون اُن سان سَهمت نہ آهيان،
ڪنهن بہ صورت ۾ نہ. جِنسي جبلت ماڻهوءَ کي اعليٰ پڌي ڏانهن وڃڻ ئي نہ ٿي ڏئي.

پر پانڊيا! آئون تنهنجين ڪيترين ئي ڳالهين تي تو سان سهمت بہ آهيان،
مثال طور، ٻُڌ مَت جي سياسي ڪردار جي حوالي کان انيڪ موضوعن تي گرما
گرم بحث رهيا آهن. جيئن مون توکي ٻُڌايو تہ سٺ واري ڏهاڪي ۾ سائيگان ۾
تہ اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڦُوان آئم ۽ بيِن ٻوڙيشالائن ۾ ويهَڪُن دوران اِن
موضوع تي وينا بحث ڪندا هئاسين تہ ٻُڌ مت جا پوئلڳ ۽ ٻوڙي سَتوا ڏاها
سياست ۽ سماجي معاملن تي ڏُرائتا ٿي سامهون اچن يا نہ؟

جيستائين آئون سمجهان ها اِن سُوالَ کي، تيستائين آئون اُن کي ڀرپور
طور رد ڪندو رهيو هئس. ۽ هاڻ؟ هاڻ تہ منهنجيءَ نظر ۾ اُهو ٻوڙي ئي نہ آهي
جيڪو سماجي معاملن تي پوڳيندڙ سان ڏُرائتو ٿي جابر آڏو اچي مُهاڏو نہ ٿو
اٽڪائي! پر ڪنهن بہ ٻوڙيءَ جي انهن سماجي ۽ سياسي معاملن ۾ ڪيتري ۽
ڪهڙي نوعيتَ جي حصيداري هوندي، اهو ٻُڌ مَت جا بنيادي اُصولَ تيار ڪندا،
اُها انهن اصولن جي ئي دائرن ۾ هوندي.

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اسين اڄان تائين اهڙيءَ ريت ٻُڌ مَت لاءِ ڏُرائتا ٿي سامهون
نہ اچي سگهيا آهيون. اُتي تہ پاڻ کي ٻوڙي سڏائڻ بہ وڏو جوکو آهي. پر اسين انتظار
۾ آهيون. جيئن وقت ايندو، اسين آهستي آهستي ان فِڪر کي اُڀاريندا سين. هيءَ
ڌرتي ٻوڌين جي هئي. ٻوڌين جي آهي ۽ ٻوڌين جي ئي رهندي.

ٻُڌ مَت ۾ ڏاهپ کي مَرڪزي حيثيتَ ڏيڻ واري روايت ڪارڻ سندس
دائرن اندر سوال اُٿارڻ جي اهميت. ڳالهين جي سچ ۽ ڪوڙ هجڻ بابت جوڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندبچاڻ ڪرڻ وغيره لازمي جُزَ رهيا آهن. مثال طور، تِبتي ٻُڌ مَت ۾ ڏاهپ حاصل ڪرڻ جي روايت تمام گهڻي مشهور رهي آهي. هو تہ اهو بہ چوندا آهن تہ يوڳناٿون دراصل ڏاهپ نہ هئڻ يا ڏاهپَ جي گهٽتائي هجڻ جو نتيجو آهن. ڪيڏو نہ سُهڻو خيال آهي، پانڊِيا!

هڪ چاڻُو ۾ اِدراڪ رکندڙ اِنسانُ ڏک تي يوڳڻ بدران اُن کي برجستگيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو، نہ رڳو اهو پر هو اُنَ ڏکَ جي سببن کي ڳولهي اُن جو تدارُڪ بہ ڪندو آهي. جيڪي فِطري واقعا ۾ ٿيٽيون اَڻ_روڪَ هجن. اُنهن تي پچڻ، پِچرڻ کي غير عَقُلي عمل سمجهندو آهي. تِبَتي ٻُڌ مَت ۾ نہ رڳو بحث مباحثو لازمي آهي، پر ان بحث جي دائري ۾ اهو بہ طئہ آهي تہ بحث ڪندڙ ٻنهي ڌرين مان بحث دوران جيڪو منطقي سطح تي ڪمزور ثابت ٿيندو اُهو سگهارِي ڏاهپَ آڏو سِرُ نِوائي پنهنجي نقطہ نظر تان هٿ ڪڻي اُن سگهاري ڌُر جو فِڪر اختيار ڪندو.

جيتوڻيڪ سائيگان ۾ اڄ جي هوچِي مِنهہ شهر ۾ تنهن دؤر ۾ اِن منطقيتَ جي شُروعات اجان اُن اوَّج سان نہ ٿي هئي، بس ايڪڙ ٻيڪڙ پيرا مختصر طور ڪٺي ڪنهن اِن موضوعَ تي ڳالهايو هوندو بس ايترو ئي. چاڪاڻ تہ اُتي تربيت جو گهڻو زور مُشاهدن ۾ ڏِيان جي انيڪ قِسمن تي هوندو هو جسماني ڪشٽَ جون مشقون بہ چڱو وقت ڪٺنديون هيون.

پر ٻُڌ مت پنهنجو سياسي ڪردار اُن دؤر ۾ سائيگان ۾ تيار ڪيو چڻ تہ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار تيار ٿيندو هجي، ٻُڌ مَت ۾ اُن تصور جي بہ ايئن آهستي آهستي تشڪيل ٿيڻ لڳي هئي. ايئن وڏندي ويجهندي ڪجهہ ڏهاڪن اندر ئي نئون روپ اختيار ڪري ورتو هئائين. پر آئون جيئن تہ سنڌ جي ٻوڌيشالا جو تربيت يافتہ هئس، ان ڪري مون کي سياست ۾ ٻُڌ مَت ٻنهہ اُبتي نسبت ۾ لڳندا هئا. آئون تاشِيءَ کي چوندو هئس تہ اهو بحث ئي غير ضروري هو تہ اسين ٻوڌيشالا ۾ سياسي موضوع ڪٺي اچون يا نہ. جيستائين جون 1963 وارو اُهو واقعو نہ ٿيو هو تيستائين آئون اونداهين جي اهڙين ئي بي خبرين ۾ هئس.

پر هڪ شئي، جنهن جي منهنجي نظر ۾ اڄ بہ وڏي اهميت آهي، سا اُن ئي دؤر ۾ مون تي آشڪار ٿي هئي تہ هر شيءِ علمي طور پڙهڻ ۾ سمجهڻ جي لائق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، فِطري توڙي سماجي لقائن کي علم جيان سمجهي سگهجي پيو. ان تي تہ تون ۽ آئون سهمت آهيون. نہ؟ مون تجربا شروع ڪري ڏنا هئا. ساڏو هڪ مشق جي سِکيا ڏيندا هئا تہ آئون ان منجهان ہہ ٽي نيون مشقون تيار ڪري وٺندو هئس.

ايئن ٻڌ مَت کي جسم ۾ ساهہ سوڏو پاڻ ارپڻ کان پوءِ مون ان جي سمجهہ ماڻڻ شروع ڪئي. مون سمجهيو تہ فطرت تي غور ڪرڻ سان شعورَ جون بند دريون کُليون ٿيئي. انهن درين وري فطرت جي طرحين طرحين جي ڳُجهن تي ليئا پاتا ٿئي.

هڪ پاسي جتي پکي پکڻن، وڻ ٽڻن، جيتَ جَڻين، آبي ۽ زميني جانورن، پاڻيءَ جي وهڪرن، چنڊ تارن وغيره جهڙا علمي خزانا هئا، تہ ٻئي پاسي شعوري وجدان شعور جي يگانين تَلُن سان انهن علمي خزانن منجهان وڏيڪ عجيب جا نمونا آشڪار ڪيا ٿئي. اُن تي چنڊول پکيءَ جو مثال ڪڻ، جنهن بابت پنهنجي مُشاهدي دوران عجب نوان پاسا ڳولهي هٿ ڪيا هئم. اُهو توکي هن ڪڙيءَ جي ٿي ڪنهن خط ۾ لکندس.

ڇوڙ جو مقصد اِهو تہ تون پلي انهن سُوالن تي سوچ پر جواب تڪڙو نہ ڳولهہ. مون کي تنهنجو تڪڙو حتمي راءِ تي رَسڻ وارو رويو غير عَقُلي ٿو لڳي، جيڪو تنهنجي هونئن پُختي رويي جي منافي ہہ آهي. تون ٻنهہ منطقي ذهن رکندڙ ٻوڙي آهين. پر تو منجهہ ڏاڍي تڪڙ پسان پيو. تون جلد راءِ قائم ڪري، اُن جي بنياد تي ڳالهيون طئہ ٿو ڪري وٺين. جنهن سان تڪڙا نتيجا تہ نڪري سگهن ٿا. پر اُنهن ۾ جٽاءَ جي پَڪَ نہ آهي.

ڇو تہ هر سُوالَ جو جواب ٻوڙيءَ وٽ ہہ گهٽو ڪري سندس عُمر ۾ تجربي جي حساب سان مختلف هوندو. ساڳيو سوال هر عمر ۾ تجربي جي ٻوڙيءَ کان پُڇُ تہ پتو پوندو تہ منجهانئن هر ڪو پنهنجي پنهنجي عمر جي مخصوص تجربي جي بنياد تي ٿو ڳالهائي.

تون پلي جوابَ ڳولهہ. پر سمجهي رک تہ وقت جي حسابَ سان توکي تو وٽان ئي هڪ سُوال جا انيڪ جواب ملندا. جيڪي سيئي سچا ۽ تنهنجي سمجهہ ۾ ڇَوڏاري ماحولَ سان واڳيل ہہ لڳندا. منهنجي خيال ۾ ڪنهن ہہ انسان جي، پوءِ ڪٽي اُهو ٻوڙي ڇو نہ هجي، حقيقي عشق جي ماڻِتا جسماني هرگز نہ آهي. جڏهن ماٺهو جسماني هُوندَ جي سَڌن کان ٽپي اڳتي وڃي ٿو تہ پوءِ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عَقُلي ۽ شعوري اسرارن سان آشنا ٿئي ٿو اهو منهنجو پختو ويساهُ آهي. مادي خواهشن جي اڳتي وڌيل صورت ڏسجي ٿي تہ اُها ڪيتري پيانڪ ٿي سگهي ٿي، ان جو اندازواج جو سماج ڏسي لڳائي سگهجن ٿو..

مِيرا بابت تنهنجا خيال ۽ مُشاهدن جي ڪٿا تفصيل سان پڙهيم. سچ اهو آهي تہ مِيرا تنهنجي ذهن جي اٽڪل نہ آهي. جادمَا اُها فقط خوابن ۾ تي اچي توکي، خوابن ۾ تون ڪيس ٻنهه حقيقي محسوس ڪرين ٿو. پر جيئن تہ جاڳڻ کان پوءِ تون ڪيس نہ ٿو پسين تہ ان ڪري سوچين ٿو تہ ڪٿي اُهي فقط مشاهدي دوران جا اُهڃاڻ تہ نہ آهن جيڪي ڏِيان ۾ پسجن ٿا ۽ حقيقت ۾ گم ٿيو وڃن؟ مِيرا جو خوابن ۾ اچڻ توکي ترنگ ڏئي ٿو. تو اِسرارن تان پردا کُلڻ کي ترنگ سڏيو آهي، جنهن سان آئون تمام گهڻو سهمت آهيان.

تِياڳ اَتِياڳ جي وِچ ۾ لمندڙ پِڪشُو تون تِياڳ بہ چاهين ٿو ۽ مِيرا بہ چاهين ٿو يعني پڪشوئاٽي جيون ۾ مِيرا (يعني تنهنجي لفظن ۾ "ترنگ" ساڻ هجي!) جيتوڻيڪ سچي ٻوڌِيءَ کي فقط هڪ ناريءَ جي ساٿَ ۾ ئي ترنگ نہ محسوس ڪرڻ گُهرجي. ٻُڌ مت وٽ ترنگ جا انيڪ سبب آهن. جيڪي تو بہ قلهوريا آهن. اُن وٽ ان خواهش جي صحيح غلط هئڻ کي طئہ ڪرڻ کان اڳ منهنجا بہ سُوال آهن:

هڪ اهو تہ ڇا تون سمجهين ٿو تہ ٻُڌ مَت جي پڪشوئاٽي جيون ۾ ان کان سواءِ ڪو ٻيو ترنگ نہ آهي؟ يا هن تربيت ۾ تو اصلي ٻوڌِي تَرنگَ جو تجربو ئي نہ ڪيو آهي؟ ٻيو اهو تہ ڇا توکان نارِي تِياڳي نہ ٿي ٿئي؟ اِهو سَندو في الحال ڇڏ تہ تِياڳ يا اَتِياڳ سان ڪو ٻُڌ مت جو رُوح مري يا جيئي ٿو. تون ٻڌاءِ تہ ڇا توکي مِيرا تِياڳڻ ۾ اوکائي ٿي ٿئي؟

مان توتي واضح ڪريان تہ ٻُڌ مَت ۾ نہ تہ ٻوڌِين کي عشق جهليل آهي. نہ وري سندن لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪو هو جيون ساٿي ـ ماٿِتا جي تجربي ماڻڻ کان اڳ ئي تِياڳ اختيار ڪن. ٻُڌ مت تہ تجربي ۽ مُشاهدي کان سواءِ تِياڳ ۾ وڃڻ کي رد ڪري ٿو.. پر ٻُڌ مت ۾ عشق ڇا آهي، اُن کي سمجهڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ اُن جون بہ پنهنجون وصفون ۽ حدَبنديون آهن. نہ تہ سماج ۾ رهندڙ هڪڙو نيڪ انسان جيڪو عام سماجي رسمن هيٺ پنهنجي ڪُٽنبَ يعني پنهنجي ونيءَ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارڙن ۾ پاڙي سان گڏ رهي ٿو ٻڌ مت جي اَنن اُصولن تي بہ هلي ٿو تہ اُهو نيڪ ۽ ذميوار ٻوڌي انسان تہ چورائي سگهي ٿو پر اُهو ٻوڌي سَتوَ ڪيئن سڏائيندو؟

پيارا پانڌِي جادم، تون اِهو نہ وِسارا تہ ٻوڌِي پِڪشُو سخت علمي ۽ جسماني تربيت کان پوءِ "ٻوڌِي سَتوَ" جو لقب ماڻيندا آهن. تون اِهو بہ هرگز نہ وِسار تہ ٻُڌ مَت هڪ جامعُ عِلمي فلسفو آهي. جنهن جا انيڪ پهلو آهن. جن ۾ اُن جا اُصولَ، قسمين قسمين پاٺَ ۽ ڳُوڙهي فلسفي تي ٻڌل انيڪ درسَ ۽ سبق آهن. جيڪي لازمي طور سِکڻا پوندا آهن. پاڻ کي اُن علمي سلسلي ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪو سڏائتو جيڪڏهن اُنهن منجهان اڌ اُصولن تي هلندي ۽ اڌ کي رد ڪندي رهڻ چاهي. اُن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻُڌ مَت جي دائرن ۾ رهڻ نہ ٿو چئي سگهجي.

تو جهڙو ڏاهو نوجوان جيڪو فِطري لڦائن جي سمجهہ کي بہ هڪ علمي رِتا جيئن ڪٽي ٿو. جيڪوِان ڳالهہ تي ويساهہ ڪري ٿو تہ فطرت ۾ هر شئي کي علم جيان سمجهي سگهجي ٿو (مون اهو ئي توکي هڪ گذريل خط ۾ بہ لکيو هو. اِن ۾ پاڻ سؤ سيڪڙو هِڪٻئي سان سهمت آهيون تہ هر شئي ويندي جيتَ جَڻين کي بہ علمي نگاهہ سان پڙهي سمجهي سگهجي ٿو.

مطلب تہ سائنسي شعبن جي سمجهہ کان سواءِ انهن کي ٻوڌي فلسفي سان بہ پرکي سگهجي ٿو) تو جهڙو ماڻهو انساني شعور جي هن عظيم، تخليقي عالمي فلسفي کي ڪيئن ٿو علمي انداز سان ڏسڻ کان لنوائي وڃي؟ جيترو مون توکي سمجهيو آهي، ايئن ڪرڻ تنهنجي پنهنجي مزاج جي بہ خلاف آهي.

ڇا تون سمجهين ٿو تہ دنيا ۾ جيڪو بہ پريم ٿئي ٿو سو عشق آهي؟ ۽ عشق ڇا رُڳو مائِي ۽ مرد جو هِڪٻئي کي ماڻڻ آهي؟ ڇا خود پنڌ عشق نہ هوندو آهي؟ پنائيءَ ڪيئن پنڌ کي ئي اصل ماڻِتا ٻڌائي ٿو.

خاص طور سندس سُر سسئي ۽ سُر سهڻي غور سان پڙهہ تہ هو پنهنجن انهن ٻنهي ڪردارن کان عشق ۾ منزل ڏانهن وڃڻ کي ڪيئن ٿو پيش ڪري! تتاگتا جو خود ناري تياڳڻ ڇا سندس هڪ وڏيڪ اعليٰ مقصد سان عشق نہ هو؟ اهي ڪشٽ ۽ ڪشالا ڪائنس عشقَ نہ ڪرايا هئا؟ تہ پوءِ اُهو ڇا هو؟ تون ڇو ٿو چوين تہ ٻُڌ مَت ٻوڌِيءَ کي عشق کان پَرانهون ٿو ڪري. اِهو تنهنجيءَ سوچَ جو خالُ آهي جيڪو توکان ايئن سوچرائي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو لاءِ ضروري آهي تون عشق کي بہ هڪ علمي تربيت ڪري سمجھہ. عشق رُڳو صحبتِ يار نہ آهي، عشق سچي ٻَڌتي آهي، جنهن ۾ جيءَ جو جَڙجڻ اَٽڪر آهي.

ان ڪري جو ٻَڌَ مَت ۾ نارِي يا ڌن دولت ٽِپاڳڻ تي زورَ پنيان هڪ محرڪ آهي. هي سماج ڏس جيڪو جڄهو ڌنَ ميڙڻ پويان ڪيئن سرگردان آهي، تو پتائيءَ جو مثال ڏنو هو "جيئن سو هَرڻُ هُماءُ. سَرگَردان سَنسارَ ۾". ڪيئن هرڻ ۽ هُماءَ جي سرگردانيءَ ڪي هو ٻُڌائي ٿو! اها سرگرداني جيڪا اڻ ڏٺي خوشبوءِ کي ماڻڻ ۽ اوچائين تي رَسڻ جي آهي سا تہ تمثيل آهي، پر چا تہ منزل آهي! چا تہ آدرشَ آهن! اُن سرگردانيءَ کي تون ڪيئن ٿو ڏسين اڪثريت انسان ذات جي مادي ذخيره اندوزيءَ لاءِ سرگردانيءَ جي پيٺَ ۾؟

منزل لاءِ پندَ تي سَنبهڻ کان اڳ لازمي آهي تہ طئہ ڪجي تہ منزل آهي ڪهڙي؟ منزل تہ هڪ هبچي دل جي بہ آهي. نارِيءَ سان پريم جي ماڻِتا تہ هڪ هبچي دل بہ گُهري ٿي پر ان سرگردانيءَ ۾ هرڻ ۽ هُماءَ واري تمثيلي سرگردانيءَ ۾ ڌرتيءَ آڪاش جو فرق نہ آهي؟ تون پنهنجي ٻُڌَ مَت سان عشق ۾ مِيرا سان عشق کي ڪيئن پيٽيندين؟ تون ڪيئن ثابت ڪندين تہ اُهو ماڻِتا جي هبچ بدران حقيقي عشق آهي؟ تون ثابت ڪري سگهين ٿو اهو مُمڪن آهي، پر توکي لازمي طور ثابت ڪرڻو پوندو پنهنجي علميتَ ۽ فلسفي سان.

مرد ۽ مائيءَ جو جوڙو شاديءَ جي سڱ ۾ رهندي پوڙ سَتوائِي پندَ تي هلي. اِن تي ٻَالهائي سگهجي ٿو پر اُن کان اڳ اسان کي اُن پريم جي عميق وادين ۾ لَهي اُن کي سمجهڻ گُهرجي، چاڪاڻ تہ عام سماج ۾ بہ نارِيءَ ۽ مرد جو سڱ ناهمواريت جي انيڪ نمونن جو شڪار آهي. محبتون تڪجيو پون هتي پوڙي جادم! ماٺهن پريم جي حُسناڪ جُنونَ مان نڪريو اچن. جنهن پريمَ جي انت ۾ محبوب محبوب نہ رهي، پريمي پريمي نہ رهي. اُهو ڪهڙي قسم جو پريم يا تنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻڌتي يا عشق چئبو؟

باقي عظيم عشق جي پندَ ۾ دل جا ڳرا سودا اُهو ئي ڪندو جيڪو عشق ۾ ماڻڻ کي حقيقي طور سمجهندو جيئن مون متي چيو. مثال طور تون پتائيءَ جو عشقُ ڏس... جيڪو عشق ۾ رُڳو پُڇڻ جي پچارَ کي ايڏو مانائتو منصب ٿو عطا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معيارن جيان سطحي نہ هوندا. جيڪي مادي هوندَ تي ٻڌل هوندا آهن. مِيرا ۽ پڪشوئاٽي جِيوَن کي تون ڪيئن گڏ هلائيندين. اُن جو تو ڪو خاڪو چِٽيو آهي؟ تون اُهو ٻوڙي مَنڊلَ اندر چِڪي تہ ڏس.

تون پريمَ کي سمجهي نہ سگهيو آهين. اِهو تہ آئون بہ پڪَ سان چوان ٿو. مون کي خوشي آهي تہ توکي اجان وڏيڪ ان ڏس ۾ داخلي ۽ خارجي مُشاهدن مان گذرڻو پوندو.

ٻئي جنهن سُوال تي تو لکيو آهي سو آهي صحيح ۽ غلط جي نِسبتي هئڻ جو. گهڻ ۾ گهڻ ٻُڌ مَت جا اُصولَ پنهنجي جوهرَ ۾ جاودانيتَ رکن ٿا. اُهي حالات آهر تبديل ٿي وُسعت ضرور ماڻين ٿا پر منجهن اخلاقي مَنڊلَ گهٽو ڪري غير نسبتي ۽ نوس آهن.

دنيا جي ڳالهہ ڪجي. جتي اخلاقي قدر ڪٽي نِسبتي ئي هجن. پر جيڪي اخلاقي اصولن جا گهيرا جِن جن سماجن ۾ جُڙيل آهن. اُتي اُنهن جو لاڳو ٿيڻ ڪيڏو نہ ضروري هوندو آهي؟ بيشڪ اخلاقياتَ جا اُصول نِسبتي آهن ۽ ٻُڌ مَت هر سماجَ جي اصولن جو احترام ڪري ٿو. ان ڪري منهنجو تہ خيال آهي انهن نسبتي اصولن کي اِڳتي هلي دنيا جا سماج هم آهنگ ٿيندي شايد ڏسي بہ وٺن. پر اُن ۾ وقت جا وڏا ڦيرا لڳندا.

ڏس پيارا پانڊِيا هاڻ سدائينءَ لاءِ اِن ڳالهہ کي پنهنجيءَ دل جي ڳنڍ سان ٻڌي بہ ڇڏ تہ تہ ٻُڌ مَت ۾ غير عَقُليتَ جي ڪا بہ جاءِ نہ آهي. ٻُڌ مَت عام عقيدن جيان آفاقيت جي تصور کان نہ رُڳو آجو آهي پر اُهو اُن خلاف پئدا ٿيل ڪروڌ جي احساسن جي نتيجي مان جنميو آهي. پر اهو بہ سمجهہ ٻئي جنم تي ويساهہ لاءِ ڪِن خدائن جو هجڻ لازمي نہ آهي. توکي ٻُڌ مَت کي صحيح سمجهڻو پوندو.

جيتوڻيڪ اهو تہ پسجي پيو تہ تون دُرست سمجهہ جي گَس تي ئي هلندو پيو هلين ۽ تو سِچ ـ نمشڪار ٻويان محرڪَن کي بہ صحيح ڄاتو تہ اُها سلامي فطرت جي اُن "ڏيڻ" يا "اربڻ" واري مزاجَ کي سچي سلامي يا پيتا آهي. نہ ڪي ڪنهن هڪ آفاقي قوت جي پوڄا. جي تَتاگتا سان عقيدت آهي تہ اها پلا چو عام انسانن سان عقيدت جيان هجي؟

مان ان تي بہ سدائين سوچيو آهي تہ جيئن جِسم کي چانگي سنوارڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورت هوندي آهي، تيئن ئي رُوح کي بہ چانگِڻ لازمي هوندو آهي، ۽ يوگا اسان جي رُوح، وُجُود، شعور ۽ ضمير کي چانگي، نئون ۽ معصوم بنائي رکڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. پر ان چانگجڻ جي اهميتَ تي سماج جو ماڻهو نہ ٿو سوچي. وٽس اِهو تصور ئي نہ آهي تہ ڪو نيڪ ۽ بد شعور بہ هجي ٿو ۽ ڪو ڏاهو ۽ پورو شعور بہ هجي ٿو. مثان هڪڙو ٻيو بہ شعور جو قسم هجي ٿو جيڪو ازل کان ڏاهپ ۽ پورائپ کان الڳ پنهنجي عجب ڪارجَ ۾ رُڌل رهندو آهي ۽ سو ظُلمتي شعور سڏائبو آهي!

ايئن سائنس، مذهبيت ۽ مڙني سماجن کي ۽ انهن ۾ پلجندڙ سماجي ۽ انساني علمن کي انهن ٽنهي نقط نگاهن يعني ڏاهپ، پورائپ ۽ ظلمت پنهنجي اثر هيٺ پئي رکيو آهي، انهن ئي علمن جي مَنڊَلن يا دائرن منجهہ ڪي ڏاهپ پريل تہ ڪي پورائپَ جي پُل ۾ ورتل شعور هجن ٿا.

انهن منجهان جنهن جي هڙَ ۾ جيڪو هجي ٿو هو اُهو ئي آڇي ٿو. پلا پورائپَ جي هڙَ ۾ ونڊڻ لاءِ ڇا هوندو؟ ايئن ئي ظُلمت جي، يعني اونداهہ جي مُسافرن جي هڙَ ۾ ونڊڻ لاءِ ڇا هوندو؟ منهنجي چوڻ جو مقصد اهو تہ جيئن ڏاهپَ فقط ڏاهپ ونڊيندي، ۽ پورائپَ اهو ئي ڪجهہ ونڊيندي جيڪو وٽس هوندو تہ پوءِ ظُلمت بہ جيڪڏهن ڪجهہ ونڊيندي تہ اُها ظُلمت نہ هوندي تہ ٻيو ڇا هوندي؟

سماجَ جي ڇِگي اڪثريتَ کي پورائپَ پُلائي ٿي تہ باقي چوکي انگَ کي ظُلمتَ بي راهہ ڪري ٿي. جنهن لفظ جي معنيٰ ئي گُگهہ اونداهہ آهي تہ اُن جو مطلب ئي اهو آهي تہ اُها هر پلَي ۾ لازمي گَس کان انسانن پري ڪري.

تون چوين ٿو: اَمر جيون ملڻ ڪُوڙو تصور آهي. ٻوڙي سَتوَئن جو لاچار ۽ جيون ۾ موتَ ۽ وڇوڙي جي ڏُک ۾ ورتل وُجُودن کي لافانيت جا شربت آڇڻ غير منطقيت آهي، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي خيال ۾ دائميتَ فقط فنائيتَ ۾ آهي.

ڏاها پانڊيا! تنهنجو مطلب آهي تہ عام انساني فنا کي بقا آهي باقي اَمَر جيونَ جو جُز فقط تبديليءَ ۾ آهي. تون چوين ٿو تہ جڏهن عام انسانن کي اهڙا شربت آڇجن ٿا تہ اُهي توهم پرستانہ روين ۾ وڃن ٿا قاسندا ۽ اڻَ ڳڻتي جيئڻ تي ويساهہ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. اهو سوچي تہ هيءُ جنم ڏکن اهنجن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريل آهي، ايندڙ جنم ۾ سُک ۽ شانتيءِ هوندي ايئن سندس سمورو ڏيان ۽ اُميدَ اُن نئين جنم مان هجي ٿي . جنهن بابت حالَ ۾ ڪنهن کي ڪا بہ خبر نہ آهي.

تون سؤ سيڪڙو دُرست آهين تہ عقيدي جي توهم پرستي ماڻهن جي اڪثريتَ کي، پنهنجن سماجن ۾ حصو وٺڻ بدران عبادتن ۾ ئوٽُن ڦيٽُن پويان رُڏل رکيو آهي. سَچُ اهو آهي تہ سو بہ غلط آهي. دنيا ڇڏرائي دنيا کان پوءِ جو ئي سوچڻ ۽ ماڻهن کي ان جو ئي آسرو ڏيڻ ڍوهُہ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي. پر سَچُ اِهو بہ آهي تہ اهو ڍوهُہ پُڏ مَت جو ڪيل نہ آهي. اهو ڍوهُہ تہ هر علم سان. هر دؤر ۾ جهالتَ ڪري ٿي. جو اُها بہ اڃي سندس دعويدارن ۽ عاشقن منجهان ٿي ٻيهي ٿي.

حقيقت ۾، رڳو پُڏ جي يا ٻين عظيم انسانن جي علميت مختلف دورن منجهان پنڌُ ڪري هن دؤر تائين نہ رَسي آهي، تون ڇو ٿو وِسارين تہ دؤرن جي جهالتَ بہ تہ لڳاتار پنڌَ ۾ آهي. اُها جهالتَ بہ تہ ارتقا ماڻي ٿي، اُها پنهنجي مزاجَ کي تبديل ڪري پنهنجي نقطہ نظر جي حسابَ سان اڄان وڌيڪ اڳتي وڌي ٿي. اُن ارتقا جو بہ تہ ڀرپور مثال اُن جهالتَ جي بدشڪل صورتَ ۾ سماجَ ۾ عام جام نظر ايندو.

پر ان ساڳئي ئي نقطہ نظر جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي، جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. سو اهو تہ تون لافاني يا اَمر جيونَ جي تصور کي لفظي تصور ڪري ڇو ٿو ڪٽين؟ توکي اهو تصور سمجهہ ۾ اڃي ٿو تہ لفظ اَمرتا يا لافانيتَ مان آخر ڇا مُراد آهي؟ جيڪڏهن لافانيتَ مُمڪن ئي نہ آهي تہ پوءِ اُن جو مذهبن، علمن ۽ فلسفن ڇو ڪٽي ايڏو ذڪر ڪيو آهي؟

منهنجي خيال ۾ اُهو ان ڪري جو سدائين جيئڻ ۽ ڪڏهن نہ مرڻ کي اسين رڳو جسماني طور تہ نہ ڪٽندا آهيون نہ؟ جِيوَنَ جي جاوِدانيءِ ۽ لافانيتَ تہ فلسفي، عظيم تصورن، ڀلائيءَ، علم ۽ فڪر ۽ ڏاهپ سان بہ ايندي آهي. ڪيترا علمي نقطا آهن جيڪي دؤر در دؤر هلندي هن دؤر اڃي پُڳا آهن ۽ انهن نقطن کي پيش ڪرڻ وارن کي اڄ بہ جاودان رکيو وينا آهن تہ لافانيت ۽ دوا دارونءَ جي شربت واري تصور کي حقيقي بہ سمجهي سگهجي ٿو ۽ تمثيلي ۽ علامتي ڪري بہ ڪٽي سگهجي ٿو.

ان کي ٻاوَن، پنڊتن ۽ اَبوڏ ٻوڙين بہ پنهنجي سادگيءَ ڪارڻ بہ غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو آهي، پر تون ان کي سمجهہ تو صحيح ڇيو تہ هندو ڌرم پُڏ مَت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پنهنجي متضاد تحريڪ بيهارڻ جو اهو بدلو ورتو هو تہ هن ٻڌ مت کي يگانگيت ڪان پَرانهون ڪري پاڻ جهڙو بنائي ڇڏيو.

تاريخَ جا پنا ۽ اڄ جي دؤر جا سياسي ۽ سماجي رڪارڊ اُتلائي ڏِسجن تہ دنيا ۾ اُهي پُليل پاٺُون ڏاڍيون اثرائتيون رهيون آهن. اُهي جڏهن پاڻ پُليون تہ نِڪري پيون راڄن کي پُلائڻ ۾. انهن دنيا جي اڪثريت آباديءَ کي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان پُلايو ۽ اڄ سوڌو پيون پُلائين. سندن اُها چالَ اثرائتي رهي آهي.
تون اِن تي سوچ تہ اُنهن جي ڪاميابيءَ جو اصل رازُ ڇا آهي؟ انڌي عَقُليت پسنديءَ جي نصيبَ ۾ اها ڪاميابي ڇو نہ اچي سگهي؟ آئون عَقُليت پسنديءَ ۽ انڌي عَقُليت پسنديءَ ۾ فرق تو سمجهان.

آخر ڇو هيچ ترين مفروضن جو راڄ رهيو ۽ سچُ پنيان رهجي ويو؟ اڪثر وِديارٿي ۽ چيلا اهو سوال ڪندا آهن تہ ڇا سچ سگهارو نہ هو جو پاڻ مڃائي نہ سگهيو؟ عَقُليت پسندي بہ اِنتهاپسنديءَ جو روپ وٺي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُها پنهنجي اَنڌَ ۾ رُوحانيت کي بِنهہ انڪاري. رد ڪري ڦِٽي ڪري ٿي ڇڏي.

تون ان تي ڇا چوندين؟ ٻُڌ مت بابت مفروضا اڄ بہ راڄ ڪن ٿا. ٻُڌ جو اصل درس تہ وڃي چند دلين پيڙو ٿيو. باقي اُن جي غلط پيشڪش يا سطحي نقالي هئي. جنهن مان ٻُڌ گُم هو. يعني اصل گُم هو اُن اصُل ــ گُم نقاليءَ پٺي پاڻ کي خوب پکيڙيو آهي ۽ ايترو تہ پکيڙيو آهي جو اُن جي وُسعت جو اندازو اسين دنيا جي سياستَ جي موضوعن مان لڳائي سگهون ٿا.

مثال طور ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي سياست جو تصور، اُن جو عملي ڪارج ۽ قومُن جي وچ ۾ جهيڙي ۽ دوستاڻِن لاڳاپن جا موضوع ڪهڙا آهن؟ هو ڇا تي جهيڙو ڪن ٿا يا تضاد رکن ٿا؟ تضاد ۾ موقف ڪيئن ٿا رکن؟ جهيڙي ۾ ڪيئن ٿا وڙهن؟ اهي سڀ ڳالهيون اهو طئہ ڪن ٿيون تہ سماجن پاڻ کي انهن مفروضن جي ڪري اخلاقي حوالي ڪان ڪِٽي وڃي بيهاريو آهي!

اجتماعي انسانيت بہ خام خياليءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿي؟ اُن جو ان ڪان بدترين مثال ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ غير منطقيت جو شيطاني راڄ بہ قائم ٿي وڃي ٿو دنيا ۾ اڪثر جاين تي. جنهن کي سوچ ۽ سمجهہ رکندڙ انسانن جا انبوهہ جاري رکندا پيا اچن. جڏهن دنيا وارن ڏَندَ ــ ڪَٿائي واقعن جي پيرولين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڻ بدران اُنهن کي حقيقي سمجهي جيئن جو تيئن قبول ڪري ڇڏيو!

تو صحيح چيو تہ وڪري جي وکر لاءِ هيڄ جهڙوڪر عام رِوش آهي. واقعي بہ ايئن ئي آهي تہ قديم توهم پرستيءَ جي اڄ جي صورت وَکر پرستي آهي. هيءَ دنيا قديم ڏَند۔ڪٿائي تصورن کي جديد روپَ ۾ پيش ڪندي ٿي نظر اچي. واقعي بہ ماڻهو جنسن جي پوڄا ڪن ٿا. سرمائيداري ويا آهي، جيڪا نوجوان نارين ۽ مردن جي ذهن کي ڪوڙين ضرورتن ذريعي وڪوڙي وئي آهي. ها، مان بہ مڃان ٿو تہ ميڊيا ان سوچ جي پکيڙ لاءِ سرمائيداريءَ سان ہٿ آهي، بي شڪ مٿس داغدار دلالي ڪرڻ جي تُهمت آهي.

پر ان کي ٻڌ مَت ۾ لافاني يا اَمر جيوَن يا اَمرتا ماڻڻ وغيره جي تصور سان ڳنڍڻ جو ڪهڙو واسطو؟ تنهنجي نظر ۾ اهي تصور بہ ڇا هيڄ ۽ ڪوڙين ضرورتن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيا آهن؟ نہ، ۽ بلڪل نہ.

منهنجي سموري ڳالهہ جو تَتُ اِهو تہ هتي تون اَمرتا کي بہ علامتي ڪري ڪڻ ۽ سوچ تہ جيڪڏهن تون علامتي طور اَمر ٿِين تہ ڪيئن ٿيندين؟ جسماني طرح ڪڏهن بہ نہ مرڻ سان يا پنهنجي علميتَ سان؟ منهنجو خيال آهي تہ اسان انسانن کي امر ڪم ڪرڻ گهرجن! هر ڪم ايئن ڪرڻ گهرجي جڻ تہ اُهو اَمرتا ماڻيندو. ۽ اُن امرتا سان آد جُڳاَد تائين قائم رهي انساني خدمت جو ڪارجُ سرانجام ڏيندو. تہ پوءِ ڇا ماڻهو پنهنجو هر ڏينهن ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي نہ ڻئہ ڪري تہ اُهو امر هجڻ گهرجي؟ هر ڏينهن ڪيئن اَمر ڪجي، ڇادم! سوچ ان تي.

باقي هر علم ۾ مفروضا اچي اُن ۾ چوکِي جاءِ والاري ٿا ونن، ۽ مُنجهائين ٿا. مثال وَٽُ خوف ۾ جُهڪڻ ۽ نهنائيءَ ۾ جُهڪڻ ۾ فرق آهي: بي لوث نينهن ۽ هيڄ پريل چاهہَ ۾ فرق آهي. ٻڌ مَت ۽ بين علمي گروهن کي انهن مفروضن مان انسان ذات جي جان ڪڏهوڪو آجِي ڪرائي ڇڏڻ گهرجي ها پر ايئن ٿيو ڪونہ.

اِن موضوعَ جي حوالي کان آئون آخري ڳالهہ اِها ڪندس تہ صديءَ جي ڏاهپَ جو اهم ترين ڪارِجُ هجڻ ئي اِهو گهرجي تہ اُها تصورن ۽ علمي شُعبن کي مفروضن ۽ غير منطقيتَ مان آجو ڪري. اِنَ وهمن تي ٻڌَل ظُلمَت کي عَقُليتَ جي روشنيءَ سان آخري پيرو ختم ٿي ويڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ ڪجھ بين اهم موضوعن تي لکندس توکي. انهن تي لکڻ دوران تنهنجن خطن ۾ڪنيل سُوالن جا جوابَ بہ ڏيندو ويندس. اُنهن موضوعن ۾ خصوصي طور ٻُڌ مَت جو اَيڪيهين صديءَ وارو روپُ. نينهَن جو فلسفو ۽ نارِي۔ تياڳ بہ شامل آهن. پر اُن کان اڳ توکي ڦُوان ائمر ۾ مُشاهدي هيٺ آيل ڪجھ رهجي ويل ڳالهيون بہ ٻُڌائيندس. جن ۾ يَئساجيہ گروءِ اميتايہ ٻُڌ کان پوءِ آيل ٻوڏي سَتوَ نارِين تي هڪ مختصر روشني وجهندس. ۽ پوءِ اُن ۾ اُهو ڏِيلَ ڏَڪائيندڙ واقعو بہ شامل آهي، جنهن کي آئون پنهنجي ڊائريءَ ۾ نہ لِکي سگهيو هئس. ۽ توکي خط ذريعي اُهو واقعو لکي اصل ۾ اُن کي ڀِهريون ڀيرو قلمبند ڪندس.

توکي پنهنجي ائين فيبروري 1963 واري ڊائريءَ جو ليکُ موڪليو هئم. جنهن ۾ ڦُوان اَئمر ٻوڏِيشالا جو ظاهري نقشو اُن جي داخلي در واري گهٽيءَ کان وٺي اندروني پاسن تائين چِٽيو هئم تہ جيئن تون هي واقعو مڪمل منظر ڪشيءَ سان پڙهين ۽ زمانَ سان گڏ مڪانَ جو بہ تصور ڪري سگهين. تورو اُن منظر ڪشيءَ کي ياد ڪر. پانڊِيا توکي ٻُڌايو هُئم تہ ٻوڏِيشالا ۾ ٻوڏِي سَتوا ڦُوان اَئمر يا گُوان ينَ جي مُورتي هڪ مصنوعي ٻيٽَ تي بيٺل هئي. اُن جي آس پاس وڻن جي ڇانوَ ۾ آئون اڪثر ويهي اُن ٻوڏِي نارِيءَ جي مُورتي يا ساڌو لِيءَ جي يوگياڻين مشقُن کي پيو تَڪيندو هئس.

اوڀَر ائين ايشيا جي هن ديويءَ جو مڪمل نالو ”گُوان شِي ينَ“ آهي. سندس نالي جي لفظي معنيٰ آهي ”دنيا جي سَڏن ۽ واڪن کي سمجهڻ“. يعني جيڪو دنيا ۾ رهندڙ پوڳيندڙ انسانن جون دانهون ٻُڌي هن نالي کي ٻُڌ مَت جي پوئوارِي ڪندڙ مختلف پرڳڻا پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ جي مزاجَ مُطابق اُچارين يا وري گهڙِين ٿا. دُنيا جي ڪجھ خِطن ۾ سندس ٻيا نالا گوان ينگ يا ڪُوان ينڪ بہ آهن. مثالو طورَ هانگ ڪانگ ۾ ڪُوون يام. ماڪائو ۾ ڪُون اِيام. جاپان ۾ ڪئنان يا ڪئنون يا وري ڪئنزيون. ڪورياٰئيءَ ۾ گُوان اِيَم. ٿائي ۽ انڊونيشيائي ۾ ڪُٺان اِم. برميءَ ۾ گُوان ينَ. ۽ وِيئَت ناميءَ ۾ ڦُوان اَئمر سڏجي ٿو.

اهو بہ ڇيو ويندو آهي تہ ڪجھ ٻوڏِي مڪتبہ فِڪر ڦُوان اَئمر کي جِنس ۾ مؤنث بدران مذڪر سمجهندا آهن. جڏهن تہ منجهانئن ڪجھ ٻوڏِي وري ڪيس صنفي شناخت کان ٻِنھ آجو ڪري بہ ڪٽندا آهن. منجهانئن گهڻا ڪيس نارِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڌي سَتوَ ثابت ڪندا آهن. اِهو ئي ڪارڻ آهي تہ سندس ڪجھ مُورتيُن ۾ ٻنهي صِنفُن جا اُهڃاڻ بہ ملن ٿا. منهنجي خيال موجب ٻئي صِنفون رکندڙ مان مُرادَاِها آهي تہ هوءَ ٻنهي جِنسُن جي نمائندگي ڪري ٿي.

اوڀرائين ايشيا جي ماڻهن جي ويساھہ موجب، ٿُوان اَئم کي سنسڪرت ۾ اَئوالوڪِتِشوارا (جنهن جو مجسمو گنڌارا مان بہ مليو آهي) جو نئون جنم بہ سڏبو آهي، جيڪو سموري انسان ذات لاءِ رحم جي علامت هو پر ڪي لکيل پنا وري ان تصور کي رد ڪن ٿا.

اَئوالوڪِتِشوارا جي سنسڪرتي نالي جي آخري حصي ايشوارا کي ”ايساورا“ بہ سڏجي ٿو ان کي شَئِوزم يا سَئِوزم جو اثر بہ سمجهيو ويندو آهي، يعني هندو ديوتا شِوا يا شِو جيڪو دنيا جو تخليقڪار آهي، اُن جي اثر هيٺ. پر ٻُڌ مَت جا اصلوڪا پيروڪار اِن نالي جي شِو ديوتا سان لاڳاپي کي سختيءَ سان نِندي رد ڪن ٿا. هو اِن کي ٻُڌ مَت ۾ ٻوڌ-سَتوَئي خصلتَ سان ئي ڳنڍي ڏسن ٿا.

هڪ ٻيءَ ڏَند-ڪَٿا موجب ايوالِڪِتِشوارا خواهش ڪئي هئي تہ سندس ٻيو جنم هڪ نارِيءَ جي صورت ۾ ٿئي تہ جيئن هوءَ هڪ مشهور بادشاھہ کي ٻوڌي رستو اختيار ڪرڻ لاءِ راضي ڪري سگهي.

جِنس جي حوالي کان ان ديوي يا ديوتا بابت متضاد رايا مڙني پرڳڻن ۾ ساڳيا آهن. مثال طور اَئوالوڪِتِشوارا لاءِ ڪجھ ٻوڌي تہ اهو بہ سمجهندا آهن تہ اُهو وقت ۾ حالتُن آهر مرد، نارِي، ٻار ٻُڍي توڙي ٽين جنس جو روپ ڌاري سگهي ٿو. ان ڪري هو انسانن جي مِڙني شناختن جو واهرو آهي.

ڪِن ٻوڌِيشالائن ۾ گُوان ٻِن جي مُورتي هڪ اهڙي اُترائين ڏرتيءَ جي نوجوان جي صورت ۾ هوندي آهي جنهن ۾ هو ٻوڌي لباس ۾ شاناٺتي انداز ۾ ويٺل هوندو آهي. سندس نگاھہ هيٺ هوندي آهي. جَهڙوڪَر هو سموري سرشتيءَ تي پنهنجي نظر رکيو وينو آهي.

چِينَ ۾ گُوان ٻِن جي مُورتي هڪ نوجوان نارِيءَ جي صورتَ ۾ آهي، جيڪا هڪ ويڪري سُفيد جُبي ۾ هوندي آهي. سندس ڳلي ۾ چيني يا انڊين بادشاهت جو اُهڃاڻ هار پهريل هوندو آهي. سندس ڪابي هٿ ۾ صُراحيءَ ۾ خالص پاڻي هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان سواءِ فِجي ۾ گُوان يِن جي مُورتي هڪ اهڙي مائيءَ جي آهي جيڪا ڏاڪٽين سموند جي آهي ۽ سندس هٿ ۾ مچين سان پريل ڇٻي آهي. چيني فن ۾ گُوان يِن اڪيلي بيٺل نظر اچي ٿي. سندس چوڌاري ٻه جنگجو يا ٻه ٻار هوندا آهن. جيڪي سندس ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان بيٺل هوندا آهن.

آسماني ديوي سمجهي ويندڙ ٻوڌي سَتوا ڦُوان اَئم رحم جي علامت ۽ رحمدليءَ جي نمائنده ديوي آهي. ٻُڌ مت موجب جڏهن ڪو ٻوڌي هي دنيا ڇڏيندو آهي تہ سندس جُسو گُوان يِن جي مُورتيءَ جي پَرَ ۾ پيل پَدما گل جي مرڪز ۾ رکيو ويندو آهي. جنهن کان پوءِ اُن کي سُکاوتيءَ جي مقدس ڌرتيءَ ڏانهن موڪليو ويندو آهي. اِنهن ٻوڌي سَتوئن کي ٻُڌ مت جا ڪجهہ مڪتبہ فِڪر بلڪل خدائن جيان پُوڄين ٿا جيئن ڪجهہ مذهب پوڄيندا آهن.

ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا جي درسَ ۾ جڏهن بہ ڪنهن ٻوڌي سَتوَ کي پڙهايو ويندو هو تہ اُن جون ايتريون تہ خصلتون ۽ روپَ ٻُڌايا ويندا هئا جو آئون مونجهاري ۾ اچي سوچيندو هئس تہ اُهي انيڪ درجن ٻوڌي جَهڙوڪَر هڪ ٻوڌي هو جنهن جا بس روپَ انيڪ هئا.

ٻوڌيشالا جي مصنوعي بيٺ ۾ ڦُوان اَئم جي مُورتيءَ جي بيهڪ ايئن هئي جڻ هوءَ اِجهو اِڳتي اچي پنهنجي صُراحيءَ منجهان شفاف پاڻي آڇيندي. ساڌو لِيِ اِن ٻوڌي ديويءَ سان بيحد لڳاءُ رکندو هو. مون هڪ ڀيري کيس سَروانگ آسڻ ۾ اُن جي مُورتيءَ سامهون ڪيتري دير منجمد ڏٺو هو. هُو جسم وڃائي چڪو هو وُجُود وڃائي چڪو هو. جَهڙوڪَر هَڏ ماهَہ بدران اَڻ-ڏِٺي وُجُود جو اُهڃاڻ بڻجي چُڪو هو جيڪو پنهنجي ئي وجود جي آرام ۾ زمان مڪان کان بي خبر ٿي چُڪو هو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ هو اُن مُورتيءَ جي چَوڌاري وڻن تي ويٺل پکين سان پيو ٻوليون ڪندو هو.

مون توکي چنڊول پکيءَ بابت چيو هو تہ اُن جو قصو توکي ٻُڌائيندُس. اُهو پکي هر روز صبح جو لڳ ڀڳ ڏهين ڏاري اچي مخصوص لام تي ويهي ڏاڍيون سُريليون ٻوليون ڪرڻ شُروع ڪندو هو. زردي رنگ جي سيني. سِر تي پِتڪڙي تاجَ ۽ جهرڪيءَ جيتري جسم وارو هي پکي ٻوليندو ڏاڍو حسين هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڏو لِي اُن چنبولَ کي وينو گيت سيڪاريندو هو. بيجنگ ۾ هن پکيءَ کي ڏاڍي اهميت ڏني ويندي آهي. مون ڪٿي پڙهيو هو ته هن کي انيڪ ٻوليون سيکاريون وينديون آهن. اهو ئي سبب آهي ته کيس تيرهن گيتن وارو پکي سڏبو آهي. جيڪڏهن هو تيرهن ئي گيتَ مڪمل طور سکي ۽ ڳائي وجي ته سندس قدر ۽ حيثيت وڏي سمجهي هئي، پر جيڪڏهن هو تيرهن منجهان ڪي گيت دُرست نه ڳائي سگهي ته سندس قدُر ۾ گهٽتائي سمجهي ويندي آهي.

ساڏو لي اُن زرد سيني واري چنبولَ کي ستَ گيت سيکاري چڪو هو. اسان مِڙني کي لِي پجرندڙ دل سان ٻڌائيندو هو ته ڪي ماڻهو ان معصوم پکيءَ کي کائيندا به هئا. اُن ننڍڙي وُجود جو باهه ۾ تِچڪي پچڻ جو تصور ئي کيس جهوري رکندو هو. ساڏو لِي ڏک منجهان ٻڌائيندو هو ته چنبول جي تيرهن گيتن سکڻ واري ڳُڻ جي ڪري، سندس جِيَ کائي انسان سوچيندا هئا ته هو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڳالهائڻ جي ڳُڻَ کي پلو ڪندا. اهو ٻڌائي هو ڪافي دير تائين ماٺ ۾ اُداس رهندو هو. اها ڳالهه ته مون کي به جام اُداس ڪندي هئي، اج سُوڌو مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ماڻهو هڪ زنده جيون کي کيئن ٿو کائي سگهي؟

چنبولَ کي ڏَند ـ ڪَتائي پکي به سڏجي ٿو. ڏَند ـ ڪَٿا ۾ ادب ۾ چنبولُ ڏينهن جي شُروعات جي علامتَ سمجهيو ويندو آهي. جنهن کي سِج جي اُڀرڻ ۽ روشنيءَ جي شُروعاتَ جو اُهڃاڻُ چئي سگهجي ٿو. انگريزي شاعرن کيس ”پِرهه جو پيغام آٽيندڙ“ ، ”باکَ ڦٽائيندڙ“ ، ”محبوب ۽ محبوبيتَ جو مُشاهدو“، ”ڪليسا جي پُوڃا پاٺَ جو اُهڃاڻ“ ۽ ”رُوحانيت جو نئون ڏينهن آٽيندڙ“ ڪري سڏيو آهي. ساڏو لِي ٻڌائيندو هو ته نِشاطِ ثانيه جي دؤر ۾ چترڪارن چنبول پکيءَ کي حضرت عيسيٰ (رعہ) جي ڪردارَ جي علامت به قرار ڏنو آهي.

ايڏا لقبَ ۽ علامتي ڪردار ماڻيندڙ اُن پکيءَ جو مزاجُ به ٻنهه يگانو هو. ياسندو هو جڻ هو ساڏو لِي جون مشقون پيو تڪيندو هو. مون کي ته لڳندو هو جڻ چنبولُ به ساڏوءَ سان گڏ اُن جي يوگَ جي مُشاهدي ۾ رُڌل آهي.

اُن يگاني چنبول پکيءَ کي ساڏو لِيءَ وِيتَ نامي ٻوليءَ ۾ پهات ڳيائو چمبي يعني ٻوڙي جهرڪي ڪوٺيندو هو. ڳالهه هئي به ته سچي. ڇاڪاڻ ته چنبولُ ٻنهه ذرڙي فرق سان پنهنجي جسامت توڙي ناسي ۽ سُرمئي رنگن ڪارڻ ٻِنهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهرڪيءَ جهڙو لڳندو هو. فرق بس رُڳو ايترو هو تہ هن چنڊولَ جو رنگ اڳيان ڪان ڳِچيءَ ڪان سيني تائين زردو ڦِڪو هو ۽ مٿي تي بہ ڀِنهہ سنهڙا سِڱن نما ڪنين جا اُڀار هئس. جيڪي ڪنهن مهل سِڱ تہ ڪنهن مهل تاج نما لڳندا هئا.

مون سنڌ ڪان وٺي سائيگان تائين چنڊول پکيءَ جا ڪجهہ ٻيا بہ قسم ڏٺا هئا. جن ۾ رنگت ۽ جسامت جو فرق هو. يعني ڪي جهرڪيءَ ڪان ٿورا وڏڙا ۽ ڪن جو سينو زردو نہ هو. مٿي جي تاجَ نُما سڱن جي ڪري ڪيس سُجاپبو هو.

مان اِن پکيئڙي کي چِمسي چنڊولُ سڏيندو هئس. منهنجو مُشاهدو اِهو هو تہ هو ساڏو لِيءَ جي مشقن دوران اچي، ماٺ ڪري وڻ تي ويهي ڪيس پيو تڪيندو هو. ساڏوءَ جي مشقُن پُڄاڻان اُڏامي ويندو هو. پر ڦُوان اَئم ٻوڏِيشالا جي اُن مصنوعي ٻيٽ تي صبح وارو اُهو خاص وقتُ جنهن مهل اهو اچي وڻ-ٻيڙو ٿيندو هو اُن مهل جيڪڏهن ٻيا ساڏو اچي اُن ٻيٽَ تي ساڏو ليءَ سان گڏ مشقون ڪرڻ لڳندا هئا تہ پوءِ اُهو سمورو ڏينهن چِمسي اُن وڻ تي نظر نہ ايندو هو. جڻ ڪيس ساڏو ليءَ سان گڏ هجڻ واري ايڪانت گُهربي هئي، انسانن جي هُجومَ ڪان ڀَؤ ٿيندو هئس شايد! جڻ هو ۽ ساڏو لِي پاڻ ۾ هڪ هئا، بہ جڻا جڻ بہ جڻا نہ وُجودي هيڪڙائي هئا.

نہ وري مون ڪڏهن ڪيس اُتي ٻوڏيشالا ۾ ويهي چوپگو ڪندي ڏٺو. هو فقط اچي اُن مخصوص وڻ جي هڪ ٽارَ تي ويهندو هو. ڪو تہ ڪلاڪ ڪن ايئن ئي وينو ٻيٺ، مُورتي ۽ ساڏو ليءَ کي تڪيندو رهندو هو. آئون ڏاڍي غورَ سان پيو سندس مُشاهدو ڪندو هئس، ۽ پوءِ حيرانيءَ منجهان رات واري پَسار دوران ساڏو تاشِيءَ سان اُن چنڊولَ تي ڳالهائيندو هئس.

منهنجو خيال هو تہ سندس شعوري سطح ڪيترن ئي پکين ڪان بهتر هئي، اِن ڪري هو فقط وينو لقاءَ جو مُشاهدو ڪندو هو. پر تاشِي نہ مڃيندو هو چوندو هو تہ، سندس آکيرو بہ اُتي ئي ڪٿي ويجهو هوندو هو چوڳو ڪري، پاڻ ۽ ٻچڙن کي کارائي ٿَڪُ ڀڃڻ لاءِ اُتي اچي ويهي رهندو هوندو. پر مون کي چِمسي چنڊولَ جو شانت ۽ ساڪِن جسم سان ساڏو لِي ۽ ڦُوان ائم جي جي مُورتيءَ کي تڪڻ، فقط سندس ٿڪَ ڀڃڻ بدران ڪجهہ ٻيو بہ لڳندو هو. ڀاسندو هو جڻ هُو ڪجهہ سمجهي بہ رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيرو تہ آئون حيرانيءَ جي سمونڊن ۾ وڃي ڪِريو هئس. جڏهن چِمسي چنڊولُ ساڌو ليءَ جي سروانگ آسڻ ۾ آسمان ڏانهن ڪجيل پيرن تي اچي وينو ۽ ويهي ڦُوان اَئم جي جي مُورتيءَ ڏانهن تڪڙ لڳو. اُتي هن پنهنجيءَ ماٺَ ڪي توڙي مڌر آواز ۾ عجب اڻ ٻڌو راڳ شُروع ڪيو. سندس آواز ۾ سوزُ هو ترنگ هو. اهڙو ويساهُہ هو جڻ هن ڪجهہ سمڌو هو ۽ اُن سمجهہ جي وٿس گِهري سُجاڻپ بہ هئي، تہ مچتا بہ. جهڙوڪَر هُن ڦوان اَئم ديويءَ جي مُورتيءَ کي مخاطب تي ساڌو ليءَ بابت ڪجهہ ٻڌايو پئي:

هڪ رازُ هڪ اسرارُ جيڪو هُن سمجهي ورتو هو. اُن ڏينهن کان پوءِ مون تاشِيءَ ۾ ساڌو ليءَ کي وڏي ويساهَہ سان چيو هو تہ پل هو مچين يا نہ مچين. پر چِمسي چنڊولَ جي اِن مخصوص احساس ۾ تورو تورو شعور بہ هو. نہ تہ هو ڪيئن ۽ چو تہ هڪ انسان کي عجيب ڪرتب ڪندي تَڪيندو رهي تو ۽ پوءِ اچانگ اُڏري. ساڌوءَ جي اُبتي تيل جسم جي آسمان ڏانهن ڪجيل پيرن تي اچي ويهي تو ۽ راڳ آلاپڻ شُروع تو ڪري. اها سندس اُن حسين لقاءَ تي موهت تيڻ جي ادا هئي. سندس موهجي ڳائڻ ليءَ کي ساراهڻ جو مخصوص انداز هو. اهو هو شعوري!

ساڌو لِي منهنجي حيراني پَسِي چيو هو "پيارا ڪون سوڪ! جي ايئن آهي بہ تہ ان ۾ ايڏي ڪا عجبَ جي ڳالهہ نہ آهي! چاڪاڻ تہ فطرت ۽ انسان ۾ هم آهنگيءَ جا انيڪ رنگ ۽ روپَ آهن. اُهي سيئي روپَ اهڙا راز آهن. جيڪي انسانَ مٿان تيئن تيئن کُلندا ويندا. جيئن جيئن هو فطرتَ سان ويجهڙائين ۾ ايندو. فطرت سان ويجهڙائيءَ سدائين انسان جو مقدر بدلايو آهي ۽ بدلائيندي رهندي نہ رڳواِهو پر انسانَ بہ ويجهڙائي ڪري فطرت جو مقدر بدلايو آهي ۽اِهو بہ جاري رهندو. پر اسان کي انهن اسرارن منجهان عجب فقط اُنهن تي تيندو آهي. جن بابتَ پهريون پيرو پتو پوندو اٿئون. نہ تہ تون پاڻ ٻڌاءِ! پُراسرار تہ هوا جو گُهلڻ بہ آهي. جنهن کي اسين پنهہ عام لقاءُ ڪري سمجهندا آهيون؟"

مون کي سندس اِها ڳالهہ ويتر اچرج ڏيندي هئي تہ هي سيئي حيرتُن جا پنڊار ياسندڙ لقاءَ انسان جي اڻ جاڻائيءَ ڪارڻ انتهائي عجيب لڳا تئي. پر جاڻَ کان پوءِ اُهي هڪ غير اهم ۽ معمولي تيٽي تيو تئي پيا. معنيٰ تہ جاڻ اڻ روڪَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، لازمي هئي، فِطري هئي، ان ڪري جو فطرت جو مزاج هر اِسرار کي ڪنهن نہ ڪنهن مظهر ۾ تبديل ڪرڻ هو. ان ڪري جو فطرتَ جي جوهر ۾ آشڪار ٿيڻ هو ۽ ظاهر اسرارن کي کولي نروار ڪرڻ هو. اهو سندس بنيادي مزاجُ يا فطرتَ هئي. پر انسان جو ڪم سندس نِروار ڪيل اسرارن تان پردو کڄندي پَسڻ هو انهن کي شعوري طرح سمجهڻ هو. پر ڇا فطرت اسرارن کي ايئن آشڪار نہ ڪري ها ڇا جيڪڏهن ان کي سمجهڻ وارو انسان هن دنيا ۾ نہ هجي ها تہ؟ انسان سمجهڻ لاءِ هجي ها يا نہ. فطرت اسرارن کي ايئن ئي آشڪار ڪندي رهي ها.

ٻئي پاسي اهو بہ تہ سچ آهي تہ جيستائين مٿس انساني شعور پنهنجي ڪاريگري نہ ڪري ها. تيستائين فطرت سماج ۾ انيڪ روپن سان نظر نہ اچي ها. انساني هٿ فطرت کي سماج ۾ ڪٺي آيو. اُن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري ان کي ان گهڻين شڪلين ۾ روپَ ڏئي ڇڏيائين ۽ ايئن هن پنهنجي ۽ پنهنجن سماجن جي قسمتَ بہ تبديل ڪئي.

اهو ئي سبب آهي تہ ٻڌ مَت جي بنيادي تعليمات ۾ اهو جُز لازمي طور شامل هو تہ سندس پوئلڳَ علم ۽ ڄاڻ کي اهم مقام ڪري ڪٺندا ۽ پنهنجو سڄو ٻوڙي جيون ان ڄاڻائيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهندا. اهڙيءَ ريتَ هو تاحيات اهڙي پنڌَ ۾ رهندا جنهن جي منزل علمُ هوندو. پر جيئن تہ علم اڻ ـ کُٽ آهي، ان ڪري علمَ کي ماڻڻ ۾ دؤر در دؤر ٻوڙي سَتوَ پيا سِڪندا ۽ پراڻي ۽ نئين سِکيا کي ايندڙ دؤر ڏانهن منتقل ڪندا ويندا. علم جيڪو نيسارن، پاڻيءَ جي نندڙين ڍنڍن ۽ وهڪرن جي صورت ۾ پيو تاريخَ جي دورن منجهان وَهندو رهي ٿو اُهو ويندو هڪ ڏينهن سامونديائي صورتَ اختيار ڪندو. علمَ ۽ فڪرَ جي تاريخ جو هڪ سمونڊ آهي، جيڪو صدين جي گهٽن گهيڙن مان گذرندو هتي اچي رَسيو آهي ۽ اِهو پنڌ جاري رکي اڳتي هلندو رهندو.

پر ڪڙي حقيقتَ تہ اها آهي تہ عام سماجَ ۾ علم ۽ سِکيا جي اُها اهميت نہ آهي جيڪا انساني شانَ جي حيثيتَ سان هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ مادي ماڻِتا جون سَڏُون عام انسان جي وُجُود کي ڄوڙَ جيان چُهٽيل رهن ٿيون. هو انهن مادي ضرورتن پويان شين جي ماڻِتا جي ڪڍَ سرگردان رهي ٿو. ان ڪري ٻوڙين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪم رڳو پاڻ سڪندو رهڻ نہ آهي پر اهو بہ آهي تہ هو سماجن کي بہ اُن علم جي روشني پکيڙيندا وڃن. تہ جيئن انسان ڪُوڙين مادي ضرورتُن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندو ۽ ڦٿڪندو نہ رهي.

مادي شين ۽ انهن جي ڳرين قيمتُن حوالي کان هڪ قصو ياد اچي ٿو:

**پوسٽ ڪارڊ "مُئل ٻليءَ جو مٿو"**

هڪ چيني زين ماسٽر سوزَن کان سندس چيلي پُڇيو: "دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ قيمتي شئي ڪهڙي آهي؟"

سوزَن چيو: "مئل ٻليءَ جو مٿو."

چَيلي کي اَويساهي ورتي، چيائين: "هڪ مئل ٻليءَ جو مٿو ڀلا ڪيئن ٿو دنيا جي قيمتي ترين شئي ٿي سگهي؟"

ماسٽر وراڻيو: "ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ مئل مٿي جي قيمتَ ڪو بہ نہ ٿو لڳائي."

پانڊِي؟ تون سمجهين ٿو تہ اِهو ڪيڏو نہ حسين جملو آهي؟ تہ جنهن شئي جو اڳهہ بازار جهڙي بي اعتبار ۽ پلڪ ۾ بدلجندڙ قوتَ لڳائي، اُها شئي ڀلا حقيقتَ ۾ ڪيتري قيمتي ٿي سگهي ٿي؟ تڪن سان ماپجندڙ شئي جو ڪالهہ اڳهہ هڪڙو اڄ ٻيو سڀاڻي ويتر ٽيون هوندو. جَرَ-ڦوٽي جيترو جيون ماڻيندڙ مقبول وکر اڄ مهانگو تہ سُڀاڻي اُن کي تڪن بنا بہ ڪير نہ ڪڻندو. هي آهي بازار جي قيمتي وَکر جو مُقدر.

پاڻ بازارَ ۾ وڪامجندڙ وَکر جي مُلهَہ جي ڳالهہ ڪئي ٿئي، تہ ڇا دنيا ۾ ڪا اهڙي بہ قيمتي ترين شئي آهي جنهن جو مُلهہ ۽ قدر تَڪن ۾ نہ ڳڻي سگهجي؟ جيتوڻيڪ اعليٰ اخلاقي قدر اُملهہ هجن ٿا. علمي وجدان جا مقامَ اَمُلهہ آهن. حق ۽ سچ لاءِ پاڻ ارپڻ بہ اَمُلهہ قدُر ٿيو پر هن دنيا ۾ تہ انسان مڙني شين، رشتن ۽ ڪمن کي 'گهٽ ۾ گهٽو فائديمند' جي ياڳن ۾ ورهائي انهن جو قدُر ۽ قيمتَ طئہ ڪندو رهي ٿو جيڪو زمان، مڪان، وقت، حالتُن ۽ ضرورتُن جي مطابق متجندو ٿو رهي.

ايئن ماڻهو پنهنجي هَلت بہ ان هيٺ مٿي ٿيندڙ قدُر ۽ قيمت جي آڌار تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تشڪيل ڏئي ٿو. معنيٰ اِج جنهن جنس جو اڳِهه مارڪيٽ وڏو ڪري پيش ڪري تہ اُها قدُرَ ۾ وڏي، جي سياڻي مارڪيٽ اُن جو اڳِهه ڪيري تہ اُها زماني ۾ بہ غير اهم! انسان ذات جي گهٽائي مادي شين ڏانهن اِنتهائن جي حد تائين ڏُرائتي آهي. ايتري گهٽي جو ڪيترن ئي ماڻهن جو شانائتو يا غير شانائتو هجڻ ۽ سندن جيئڻ مرڻ هٿَ تان ملندڙ جِنسَ جي گهٽ وڌ ماڻي سگهڻ تي مدار رکي ٿو.

اهڙو ئي هڪ بيو قصو يوناني ڏَند ـ ڳَتا منجهان پڙهہ. هي هڪ بيو پوسٽ ڪارڊ ٿو موڪليان. اِن کي ڏس:

**پوسٽ ڪارڊ "سُقراطَ جي ازلي ٿانئيڪائي"**

سُقراط جو ويساهہ هو تہ هڪ ڏاهو ماڻهو لازمي طور بيحد سادو جيون گذران ڪندو. پاڻ پيرن ۾ جُوتو بہ نہ پائيندو هو. تنهن هوندي بہ هو هڪ عجيب ڪم ڪندو هو! ڇا ڪندو هو جو هو اڪثر بازارين گُهمندو هو ۽ گُهمندي گُهمندي وِڪري جون انيڪ جِنسون پيو پَسندو هو. هڪ ڀيري سندس هڪ چَيلَي ڪانئس پُڇيو "سُقراط وِڪري جي وکر جي خريدَ توکي بِنهہ نہ آئڙي، پوءِ بہ تون هَٽ هَٽَ تي وچيو جِنسُن کي ڇو تہ تڪين ٿو؟"

سُقراط وَرندِي ڏني: "مون کي بازارين گهمي شيون ڏسڻ ان ڪري وڻندو آهي جو آئون ڏسندو آهيان تہ بازارين ۾ ڪيتريون تہ شيون آهن جن جي هوندَ کان سواءِ بہ آئون ڪيڏو نہ خوش آهيان."

اها ڏاهپَ جيڪا ماڻهوءَ کي ظاهري مادِي جِنسُن ماڻِڻ جي هبڃَ کان پري ڪري، سا ڪيس فطرت جي خارجي ۽ پنهنجي اندر جي داخلي مُشاهدن ڏانهن نيئي ٿي، سندس ڏاهپَ کي وُسعت بخشي ٿي. مادِي لذتن پويان انڌي ڀاڄَ انسان کي پنهنجي منصبَ کان پري ڪري ٿي، جنهن جي لازمي حاصلات علم ۽ فڪر ذريعي دنيا کي حسين کان حسين ترين بنائڻ آهي. انسان جنهن حسين ترين احساس کي بہ مادِي هُوندَ اڻ هُوندَ جي نظر سان ڏسي، پَرکي اُن جو مُلهہ طئہ ڪري ٿو سا آهي محبت ۽ محبت ۾ بدَل رِشتا! انسان هن پنهنجي هَبڃَ ۾ محبتَ ۽ پيارَ جي سگَ سان وڏو ڏوهہ ڪري ٿو. اُن ڏوهَہ کان بچڻو آهي، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن؟ اُن جو مثال تُنهنجي نينهَن جي تجربي جي مِثالَ ذريعي ڏيندس.

جيستائين مون توکي سمڏو آهي، تون چوين ٿو تہ تون ناري تياڳي سگهين ٿو تو جسماني سَڏُن تي قابو ماٽيو آهي، پر تون مِيرا تِياڳڻ نہ ٿو چاهين. ان ڪري نہ تہ ڪو تون مِيرا کي تِياڳي نہ ٿو سگهين. يا تنهنجي جبلتي سَڏُن توکي ڪو بيوس ڪيو آهي. پر ان ڪري جو تو لاءِ ناري-تياڳ هڪڙو بِنهہ غير عَقُلي، غير فِطري تياڳ آهي ۽ تنهنجي خيالَ ۾ اُهو ٻُڌ مَت جي رُوح جي منافي بہ آهي.

ايئن بلڪل بہ نہ آهي. ناري-تياڳ ٻُڌ مَت جي منافي نہ پر هڪ لازمي ٻوڙي رسم آهي، جنهن جي شُروعات گوتم پاڻ ڪئي هئي. شهزادي سڌارٿ ۽ شهزادِي يشوڌرا ٻنهي جو سورنهن سالن جي ڄمار ۾ وهانءُ ڪرايو ويو. کين هڪ پُٽ ڄائو نالو راهل رکيائونس. ان ٻار جي ڄمڻ جي ڪجهہ ڏينهن اندر ئي گوتم محل ڇڏي نِڪري ويو. يشوڌَرا مُڙس جي تياڳَ جو ٻُڌي پنهنجا زر زيور ڦٽي ڪري، رهڻ ڪهڻ ۾ ڪاڌ پيت ۾ سادگي اختيار ڪئي. کيس سندس مائٽن واپس اچڻ لاءِ چيو. ٻئي وِهانءُ جي آڇ آيس. هن ٻنهي آڇُن کي انڪاريو ۽ پاڻ بہ ٻوڌي آرڊر تي هلڻ لڳي. اراهت ٻوڌي درجو ماڻي نارين ۽ مرد ڀيڪارين ۾ شامل ٿي. سو اِهو چوڻ تہ اهڙو تياڳ ٻُڌ مَت جي منافي آهي، غلط آهي.

تنهنجي خيال ۾ تنهنجو مِيرا ڏانهن موٽي کيس ٻوڌسَتوَئي پنڌ تي پاڻ سان ساڻ کڻي هلڻ جو مطلب هڪ اهم ۽ سچي ٻوڌي ساٿيءَ کي بيرحميءَ سان پنيان ڇڏڻ بدران، کيس ساڻ کڻي. سندس ٻوڌي تربيت ۾ وِڌل رنڊَڪَ کي ختم ڪرڻ آهي. سموري ڳالهہ جو تتُ اِهو تہ تنهنجو ۽ مِيرا جو هڪ سچو وُجُودي سڱ آهي، جنهن ۾ جدائي هڪ غير ضروري ۽ غير عَقُلي ڪشتُ آهي ايئن ٿو چوين نہ تون؟

گڏو گڏ تون اهو بہ چوين ٿو تہ مائِي ۽ مرد رسمي سڱ ۽ وِهانءُ هوندي بہ ٻوڌي سَتوَ بڻجي سگهن ٿا ۽ ٻار بہ پئدا ڪري سگهن ٿا. ان ڪري جو اها محبت آهي، جيڪا ٻُڌ مَت جي جوهر ۾ آهي. تنهنجي ئُز لفظن ۾: ”نارِيءَ ۽ مرد جي سڱ ۾ وُجُودي سَڏون ۽ لازمي دِلي گُهرجون آهن جيڪي هِڪٻئي سان سڱ ۾ ئي سندن وُجُودن جي اڏاوتَ ڪنديون آهن.“

تنهنجو مطلب تہ مائِيءَ ۽ مرد جو عام سماجي حيثيتَ وارو سڱُ سندن شخصيتن جي اڏاوت ڪري ٿو. اتي تنهنجي ڳالهہ عَقُلي تہ پاسي تي تہ مثبت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگ انسان جي گهڻ رُخي اڏاوتَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ۽ ٻيو تہ جي محبت يا وِهانءُ جبلتي سڌن جي وحشي جانورن جيان پورائي بدران وُجُودي نِينهن جيان هجي ۽ جنهن ميلاپَ جو ڪو شعوري ۽ سماجي ڪارجُ بہ هجي تہ پوءِ وڌو امڪان آهي تہ اُهو نِينهن يا يگانو وِهانءُ ٻوڏستوائي پنڌ ۾ رُڪاوٽ نہ وجهي. پر تون تاريخَ جاچ. پانڊِيا تو اهڙي وُجُودي سَنبَنڌ جو حقيقي روپُ اڄ جو ڏوُر تہ ڇڏ. تاريخَ ۾ ڪيترا پيرا ڏٺو آهي؟

انسان ڪي گهڻ-هُوندَ ماڻهِڻ جو اهڙو تہ وُجودي روڳُ لڳل آهي جو هو هڪ عام فِطري گُهرجَ ڪي بہ وحشياڻي انداز سان ماڻڻ چاهي ٿو. مثال وَٺُ. جيئن کائڻ. پيئڻ ۽ پهرڻ انسان ذاتَ جي جياپي لاءِ اهم آهي. اُن ۾ جتي هڪ پاسي سادگيءَ سان جيون گُذارڻ جا ڪيترائي نمونا سماجَ ۾ ڏسبا آهن. تہ ٻئي پاسي دسترخُوان انيڪ طعامن. صُراحيون مهانگن شرابن ۽ گهر اڻ ڳڻين لباسن سان پريل هوندا. هي اُهي انسان آهن. پيارا پانڊِيا جن ڪي گهڻ هوندَ اجان وڌيڪ طمع ڏيندي آهي. ۽ سندن رڳن ۾ ۽ وُجُودن تي چربيءَ جا تَهَہ جمي سندن اندروني عُضون کي بيهاري ڇڏيندا آهن. جڏهن تہ سندن رُوح تہ ڪڏهوڪو اڳ بيهي رهيا هوندا آهن.

ايئن کائڻ کان سواءِ جيڪا ٻي انساني جِبلتَ آهي. اُن ۾ بہ سادگي ۽ لوبَ جا انيڪ قسمَ تي سگهن ٿا. اُن جو مثال تون هيءَ دنيا ڏِس جتي عام جسماني ۽ فِطري ضرورتُن جي پورائي جي لوبَ ۾ جسم جي وڪري جا ادارا بہ کلي ويا آهن. جن کي قانوني اجازت ناما بہ مليل آهن. دنيا جا عظيم ترين ملڪ انهن وڪري جي اڏن کي آزاديءَ جي علامتَ سمجهن ٿا.

هن دنيا جي ترقي پسند ملڪن جا سماجَ بہ اُنهن انساني توهين تي ٻڌل اڏن کي وڏي واڪَ نِندي رد نہ ٿا ڪن تہ جيئن سندن خاتمو ٿئي. ويندي اُهي توهم پرستَ جيڪي جبلتي چُڪن تي ماڻهوءَ کي سنگسار ڪن ٿا. سي بہ انهن اڏن جي هجڻ تي ماٺ آهن. ڏِس. هڪ ئي سماجَ ۾ رائج ڪيڏا نہ متضاد قدر آهن؟

تنهنجي مِيرا کي ماٺي ساڻ کٽي هلڻ کي مون هَيچ نہ سمجهيو آهي. پر اُهو ڇا آهي. اُن کي ڏاڍو سوچي سمجهي طئہ ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ ان سان اسين ايندڙ ڏوُر جي ٻُڌ مَت جو گس بہ طئہ ڪنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر منهنجي هڪڙي پختي راءِ اِها آهي تہ تنهنجو ٻوڏي تربيتَ جو اِرتڪاز ٽُٽو ضرور آهي!

جيئن توکي هڪ پيري لکيو هئم تہ ڪنهن بہ ٻوڏيءَ کي نِرواڻ جي ماڻِتا جي اِن ڪَشتَ پريل طويل پنڌ جي اِرتڪاز جي راهَہ ۾ پنجَ رنڊڪُون اچن ٿيون. پهرين حواسن جي لوڀَ ۾ مادي شين جي سَڌَ. ٻين نفرت. ڪاوڙ ۽ بدِاراديءَ جي احساسن جو هرَ هرَ دل تي هُري اچڻ. ٽين مشقُن ڪرڻ کان سُستي، چوٿين بيچيني/چِنتا جو هُرندو رهڻ ۽ پنجين شڪ/بي اعتباريءَ ۾ رهڻ آهن. سڌو سنئون تہ تنهنجو ارتڪاز انهن منجهان ڪنهن بہ نہ ٽوڙيو آهي، پر سَڌَ جي هڪَ صورتَ توتي حاوي ضرور ٿي آهي. اُها توکي نارِي ماڻڻ جي خواهشَ جي ڪَڍَ لڳائي ٿي رکي.

منهنجو هڪ سُوال آهي تو کان: جنهن مِيرا کي هاڻ تون پنهنجي ٻانهن ٻيلي. سنگي، ساٿي ۽ وُجُودي سگ ڪوٺين ٿو، اُن مِيرا کي پوءِ ڪهڙي سببَ روئندو ڇڏي اڳتي هليو ويو هُئين؟ اچرجُ تہ اهو ٿيو اٿم تہ لَداخ رَسڻ کان پوءِ تو سندس خط ئي نہ ورنايا؟ هاڻ ان سُوالَ تي تون پاڻ ئي سوچ ۽ توکي اُن جو جواب ملي ويندو تہ اُها ڪهڙي سوچَ هئي جنهن پنهنجي اِرادي ۾ توکي ايترو تہ مضبوط ڪيو هو جو ٽن سالن جو سگ لحظن ۾ ڇني ورتو. ڇو؟

آئون تو ٻُڌايان توکي، تو اهو ان ڪري ڪيو جو توکي بہ اهو خوف هو تہ جسم جو لوڀَ انيڪ مادي لوڀن کي جنم ڏئي سگهي ٿو جيڪي ٻوڏي پنڌ ۾ وڏي رستي ـ روڪ بڻجي سگهن ٿا.

پيارا پانڊِيا! تنهنجي خيالَ ۾ ٻوڏي پنڌَ ۾ مرد پاڻ سان گڏ نارِيءَ کي بلڪل ايئن کڻي هلي، جيئن. تنهنجن لفظن ۾. ٿَتاگتا ساڻ سندس سنگي ساٿي هوندا هئا؟ تنهنجو اِهو سُوال بہ پنهنجي جاءِ تي سؤ سيڪڙو اهم آهي تہ "جي مرد ساٿي ٻوڌ ـ سَتوَئي پنڌ ۾ گڏجي هلن ٿا تہ نارِيون ساٿي ڇو نہ ٿيون هلي سگهن؟"

آئون تہ اهو بہ چوان ٿو تہ هر جنس جا انسان ٻوڏي پنڌَ تي گڏجي هلي سگهن ٿا پر ٻُڌ مَت جو اصل مسئلو اهو آهي تہ اُن پنڌ ۾ لوڀُ. طمع. بنهہ ساڻ نہ هلي، جيڪا انساني رُوح جي وِڌي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. مُخالف جنسَن منجهہ فِطري سَڌَ ڪارڻ لوڀ اڻ ـ ٽَر آهي، ان ڪري اُن پنڌَ ۾ لوڀَ منجهان بي راهہ ٿيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو امڪان لازمي نتيجي جيان سامهون اچي سگهي ٿو ۽ ايئن ٿيو به آهي.

تو مون کان پُڇيو تہ تنهنجي ان فيصلي تي مِيرا جي ڏمرجڻ مان مُرادَ ڇا هئي، اُهو ڏمرُ پنهنجي پوڙهي مڪتب جي ساٿيءَ جو ڪيس پِڪشوئاٽي پنڌ ۾ آڏَ ۾ ڇڏي وڃڻ جو ارمان هو يا هڪ ناريءَ جو پنهنجي محبوب مرد کان دوريءَ جي نتيجي ۾ ڪِروڌ ۽ هيجان جي اِنتها تي تڙپڻ هو؟ مون ڪي مِيرا جي ردعمل منجهان سندس سوچ تي ٻئي ڳالهيون حاوي نظر اچن ٿيون ۽ گڏوگڏ هوءَ ايئن بہ سوچي رهي هئي جيئن تون هاڻ سوچين ٿو تہ نار ۽ مرد وهانءَ جي سڱ ۾ هلندي بہ پوڙهي سَنتوَ تي سگهن ٿا.

پر پيارا پانڊِيا! هڪ پاسي تنهنجي اِها سوچَ توکي نارِي-تِياڳ نہ تي ڪرڻ ڏئي، تہ ٻئي پاسي تون جڏهن صَدمن جي سببن ۽ اُنهن جي ڏُکوئِيندڙ محسوسات تي ڳالهائين ٿو تہ انومانن ۾ لُڏڻ لَمڻ ٿو لڳين. تنهنجي ئي لفظن ۾، ”رِشتا، لَنئُون، دلين جو ڳَنڍجڻ، رت جي ڇڪ وغيره جهڙيون شيون انسان کي صَدمن کي عام ڪري ڪٽڻ نہ ٿيون ڏين.“ ڇئو، توکي مِيرا کان دوريءَ جو ڏُک جذباتي طور صَدمو ٿو ڏئي يا تون فقط عَقلي طور ايئن سوچين ٿو؟

تون متضاد خيالن ۾ لمين پيو. هڪ پاسي دلين جي ڳَنڍجڻ کي فِطري چئي، ان کي روڪڻ ”فطرت سان هٿ-چُراند ڪرڻ“ سڏين ٿو، تہ ٻئي پاسي صَدمن ۽ اهنجنَ جو خاتمو بہ چاهين ٿو. اهو سمجهندي بہ تہ الميا، حادثا ۽ انهن جي پوڙِگنا جو گهٽو ٿٽو حصو انساني سَنبنڌن جو لازمي نتيجو آهي. تون مرڻ کي وٽن جي ڇٽڻ جيان ڪٽڻ چاهين ٿو!

توکي انومان آهي تہ انسان فطرت سان ايترو تہ هم آهنگ ٿيندو ويندو جو سندس لاءِ پنَ ڇٽڻ جيان انسان جو مرڻ هڪڙي غير اهم ڳالهہ هوندو. پر آئون تنهنجي انُومان کي رد ڪندي چوان ٿو تہ اُن جي اُبتڙ هاڻ ماحولياتي حفاظتي اصولن ڪارڻ انسان وٽن جي ڪٽجڻ کي پنهنجي همزادَ جي مرڻ جهڙو نہ سهي پر بيحد ڏُکوئِيندڙ ڪري ضرور ڏسي پيو. مهاوِيرَ صديون اڳ ۾ چئي ڇڏيو هو تہ ڌرتيءَ تي آهستي هلو، اُها جيئرو وُجُود رکي ٿي. هن فطرت جي حفاظتَ جي ڳالهہ ڪيئي صديون اڳ ڪري ڇڏي هئي، جيڪا اڄ تنهنجا ماحولياتي ادارا ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ ڪن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صَدما انسان لاءِ فقط هڪ عام لقاءُ تڏهن ٿيندا جڏهن سماجي نظامَ نئين سِر جُڙندا. ڪاميابين ۽ ناڪامين، پلي ٻري، خوشين، غمين جون معنائون نئين سِر جُڙنديون تہ پوءِ رشتا بہ هِڪٻئي جي سامهون نوان اصولَ، قدُرَ ۽ معنائون کڻي ايندا. جَذباتيتَ کان آجو ٿي حوصلا لوهي ڪري جيئڻ جي سڏَ ڪندڙ. پانڊِيا توکي تہ مائِي مِيرا ئي وِگهاري ڇڏيو! اِهي تہ اجان "ٻَپَ جا پهاڙَ" هئا. "پُنهل جا پيرا" رَسڻ وارا ويتر اڙانگا گَسَ تہ تو اجان پرکيا ئي نہ تہ جُهري پئين؟

تون مِيرا جو سات ماڻڻ تو چاهين ان ڪري سندس نيڻهن سان وِڌيءَ کي غير فِطري سڏين تو ۽ کيس ماڻڻ کي جبلتي سَڏن بدران ساهہ کڻڻ جيان لازمي سمجهين ٿو. يعني جيئڻ انسان ساهَہ کڻڻ بنا جيئرو نہ ٿو رهي سگهي، تيئڻ ئي نيڻهن بنا بہ انسان مري ويندو. ان ۾ تہ ڪو بہ شڪ نہ آهي ماڻهپي بنا انسان بطور انسان جيئي نہ ٿو سگهي. محبت ماڻهپي جو اولين مظهر آهي. گوتم ٻُڌ تہ يقينن جابراڻي آريائِي برهمڻ هندو سماج خلاف شديد ردعمل ڏنو سندس تياڳ ان سلسلي جو سنگين ترين مثال هو. مِيرا توکي صحيح چيو هو تہ ٻُڌَ پنهنجي اوچي ذاتَ جي ڏاڍاين جي تلافي ڪرڻ ٿئي چاهي. هو اُن ۾ ايترو تہ اڳتي نڪري ويو جو پنهنجي جبلتي وُجود جي بہ نفي ڪري ڇڏيائين... پر اهو سڀ دُرست هوندي بہ مون کي اها بہ پڪي سَمجَهہ آهي تہ تنهنجو اِرتِڪاز ٿُٺو آهي.

توکي پنهنجي نارَ جا نيسارا نيڻ ياد بيٺا آهن. پانڊِيا تون وٽس موٽي وڃي سگهين ٿو. پوءِ ڇو نہ ٿو وڃين؟ بندرَ تي کانئس موڪلاڻيءَ جو جيڪو لقاءُ ٿيو ڏسيو آهي. اُهو ئي ڪافي هو تنهنجي پيرَن ۾ ڏانوڻ وجهڻ لاءِ. پر تون نہ بيٺئين. هليو وئين! تنهنجي بوڏي سلسلي جي نتيجي ۾ اها مِيرا جي صَدمي واري قِسطَ تہ اَٽَٽر هئي. ان ڪري جو هڪ ٻوڏيءَ سان نيڻهَن جي سَنبَنڌ ۾ ٻڏجندڙ نارَ جي قسمتَ ۾ اهو ليڪُ لکيل آهي تہ سندس رُوح وِڇوڙي، اَيڪانت ۽ اَڪيلائيءَ ۾ ڏرتتيءَ جيان جلندو! پر هن وقت تہ مون کي تون ٿو ڏرتتيءَ جيان جلندو نظر اچين. جادِمَ!

پوءِ تون وٽس هليو ڇو نہ ٿو وڃين پانڊِي؟

سيڪجهہ عِلمي نِگاهَہ سان سمجهي سَگهڻ جهڙو آهي. اهو تہ تون بہ مڃين ٿو تہ پوءِ هليو وڃ وٽس ۽ اها موٽي وڃڻ واري سِکيا بہ ماڻِ! جنهن خوشبوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرگردانيءَ تنهنجي رُوحَ ۾ طوفان برپا ڪيا آهن. اُن جي ڳولها ۾ وڃڻ تنهنجو حقُ بہ آهي. اُن ۾ صحيح غلط جو سَنڌو ڇو تو توکي پريشان ڪري؟ ان تي آئون بس ايترو ئي چوندس. وڌيڪ تنهنجو پنهنجو فيصلو ٻُڌڻ چاهيندُس.
ان ۾ ڪو بہ شڪُ نہ آهي تہ لَداخَ جي تِڪسِي ٻوڌيشالا جي پريمَ جا ڏانوڻَ انيڪ مِيرائن جي پريمَ جي ڏانوڻَن کان وڌيڪ وَنگ وجهندڙ هوندا!

پندرهين صديءَ ۾ قائم ٿيل اها قديم ٻوڌيشالا تِبتِيائي ٻُڌ مَت جي پوئوار هئي. آئون بہ تہ اُتي وڃي چُڪو آهيان. مون کي انتظارِي آهي تہ تون ڪڏهن پنهنجي اوائلي دؤر جي ڪَٿا لکندين؟

مان هاڻ توکي آمريڪي بينڪي راجَ جي وِيئَت نامي پَنُوئن پاران ٿيل لِڱَ ڏڪائيندڙ واقعن منجهان هڪڙو اُهو واقعو بہ ٻُڌائيندس جنهن بابت تو سان ڳالهائيندو رهيو آهيان. پوءِ پاڻ ئي تنهنجي تخليقي اُڻَ تُڻَ کي بہ ماٺ ايندي تہ آخر مون پهريون دؤر ڇهن مهينن جو. يعني جنوريءَ کان جون 1963 تائين جو مختصر ۽ ٻيو دؤر اڍائي سالن جو يعني جون 1963 کان ڊسمبر 1965 جو ڇو چاٽايو؟ شايد اُهي ڇهہ مهينا تہ ڇا. واقعاتي حوالي کان فقط يارهين جون وارو هڪڙو ڏينهن ئي اڍائي سالَ تہ نهيو هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ ڳَرو ڏينهن هو!

جيئن تو ڇيو تہ ٻوڌيشالائون سماج ۾ سچ پچ پنهنجو وُجُود رکن ۽ سماجَ جي سياسي معاملن ۾ بہ ڀرپور ڀهرو وٺن. آئون توکي ٻُڌائي ڇڏيان پانڊِي تہ وِيئَت نامي ٻوڌيشالا اها سماجي بلوغتَ اُن هڪ ڏينهن ۾ ئي ماڻي ورتي هئي!

يارهين جون 1963 وارو سنگين ڏينهن اچڻ کان اڳ ڪهڙيون سرگرميون ٿيون پئي. جيڪي اُن ڏينهن واري واقعي جو پيش خِيمو ٿي سگهيون پئي؟ اُن واقعي کي تاريخي پسمنظر ۾ سمجهڻو پوندو. پر ان کان اڳ توکي ساڌو ٿِچ ڪُوانگ بابت ٻُڌائيندس.

ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ وچ وِيئَت نام جي هڪ صوبي جي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺَ ۾ 1897 ۾ جائو هو. ڇون ٿا تہ هو ستن سالن جي عمر ۾ ئي ٻوڌِيائي تربيت ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ زين ساڌو هوئانگ ٿئم جي تربيت هيٺ ٻوڌِي سِکيا وٺڻ شروع ڪئي هئائين. ننڍڙي عُمر کان ئي تربيتَ ٿيڻ ڪري فقط تيرهن سالن جي لڳاتار مشقن سان. يعني ويهن ورهين جي ڄمارَ ۾ هو مڪمل ٻوڌِي ڀِڪشُو بڻجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪو هو. چون ٿا تہ مڪمل ٻوڌي بنجڻ کان پوءِ هن پنهنجي جيونَ جا لڳ ڀڳ پندرهن سال وِيئَت نام جي شهر نِها ترانگ جي پرپاسي جي نِنهہ هاٿو جبلن ۾ سَنياسَ جون سخت مشقون ڪندي گُذاريا هئا.

1932 ۾ نِنهہ هاٿو ۾ هن پاڻ ٻوڌي تَربيت۔ڪارَيءَ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هن وِچ وِيئَت نام ۾ انيڪ ٻوڌِيشالائون آڏايون. چون ٿا 1943 تائين هن ويهارو کن ٻوڌِيشالائون تيار ڪرائي ورتيون هيون. پوءِ هو لڏپلاڻ ڪري سائيگان آيو ۽ ڦُوان اَنم ٻوڌِيشالا ۾ مستقل طور رهائش پذير ٿيو.

پيارا پانڊِي! مون توکي يارهين جون واري واقعي جو پسمنظر ٻُڌايو پئي ۽ اُن کان اڳ اُن ڏينهن واري واقعي جي مُک ڪردار ساڌو ٿِچ ڪُوانگ ڊُوڪ جي جيونَ ڪٿا پئي ٻُڌائي. ان کي غور ۽ تحمل سان پڙهجانءِ...

ساڌو ٿِچ ڪُوانگ ڇاونجاهہ سالن جي ڄمارَ ۾ وِيئَت نام جي گڏيل ٻوڌي ميڙاڪي يعني ”يونائيٽيڊ وِيئَت نامي ٻُڌِسٽ ڪانگريگيشن“ جي تربيتي رسمن واري ڪميٽيءَ جو سربراه بڻيو هو ۽ پنهنجن آخري پساهن تائين هو اُن اهم مسندَ تي فائز رهيو.

اُن وقت جي مُلڪ جي آدمشماريءَ موجب وِيئَت نام ۾ ٻوڌِين جو انگُ ستر کان نَوي سيڪڙو هو. اِها ڳالهہ تڏهوڪي صدر ڊِيئَم جي اندرَ ۾ ڪنڊي جيان ڪُکِي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ ملڪَ جي اقليتي رومن ڪئٿولڪ گروهہ سان واڳيل هو ۽ سندس جِيونَ جو باقي مقصد اهو وڃي بچيو هو تہ سموري ٻوڌي سماجَ کي رومن ڪئٿولڪ عيسائيتَ ۾ داخل ڪري، پنهنجي مذهبي فرقي کي اقليت منجهان اڪثريت ۾ تبديل ڪري ڇڏِي. اصل ۾ ملڪ کي ڪنهن نہ ڪنهن فساد ۾ ڦاٿل رکڻو هو تہ جيئن ڪجهہ ٻيا ڳُجها مقصد بہ حاصل ڪري سگهجن ها.

صدر ڊِيئَم هڪ ڪٽر ڪميونسٽ راڄ دشمن ماڻهو هو. هي اُهو انسان هو جنهن وِيئت نام جي فرانسي جنگ ۾ هوچي مِنهہ جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ آمريڪي حمايت سان ڏکڻ وِيئت نام ۾ 1954 کان وٺي 1963 تائين حڪومت ڪندو رهيو هو. آمريڪي سياست جي مزاج موجب جڏهن هو سي آءِ اي جي نظر ۾ ڪنهن ڪم جو نہ رهيو تہ کيس سندس ڀاءُ سميت وِيئت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نامي فوج ذريعي ئي مارايو ويو.

پانڊِيءَ تون تصور ڪري سگهين ٿو تہ ان رَتَ پياڪ هَوَس ڪهڙو نہ ڪِيس ڪيو هوندو وِيئَٽ نامين سان؟ خاص ڪري تڏهن جڏهن هڪ ڪان متي داخلي ۽ خارجي تضاد ۾ مفاد هجن! خارجي مداخلت ۾ داخلي طور تي ملڪ جي اقليت جو اڪثريتي آباديءَ خلاف پرڏيهي مدد سان سياسي تِڪسات قائم ڪرڻ جو اهو نمونو ۾ مثال دنيا ۾ ٻئي هنڌ تہ ڇا توکي پاڻ وٽ بہ عام جام ملندو.

ان تحت هن ڪَئٿوليائي اقليتي آباديءَ کي زمينون عطا ڪرڻ، فوجَ ۾ بيوروڪريسيءَ کي اهم عهدن تي فائز ڪرڻ، ڪَئٿوليائي آفيسرن کي تڪڙين ترقين ۾ واپار جي انيڪ سؤلن موقعن فراهَم ڪرڻ جي صورت ۾ مراعتون ڏيڻ جهڙيون اتڪلون اختيار ڪيون هيون. ٻُڌ مَت سان واڳيل ڪجهہ آفيسرن تہ صدر ڊيئم کي اهو چوندي بہ ٻُڌو هو تہ فقط ڪَئٿوليائي آفيسرن کي اهم ۽ حِساس عهدن تي رکيو وڃي جو اُهي "بين" جي پيٽ ۾ وڏيڪ ويساهہ جوڳا هئا.

وِيئَٽ نامي فوجَ جا ڪيترائي آفيسر زوريءَ ڪَئٿوليائي مذهب ۾ داخل ڪيا ويا هئا، ۽ اِن شرطَ تي مراعتَ طور سندن ترقيون بہ ڪيون پئي ويون. حد اها هئي تہ هٿيار ۾ ٻيون لازمي سهوليتون بہ انهن ٻوڌي آفيسرن کي نہ ٿي ڏِنيون ويون جن ڪَئٿوليائي بڻجڻ کان انڪاريو ٿي. نہ رڳو اهو پر منجهانئن ڪجهہ ڪَئٿوليائين تہ خانگي فوجون تيار ڪري ورتيون هيون، جيڪي ٻُڌ مت جي پوئوارن کي زوريءَ عيسائيت قبول ڪرائڻ، ڦُر لُٽ ڪري ڪين مارڻ ۾ ٻوڌيشالائن کي باهيون ڏيڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهيون هيون.

حڪومتَ جي بي رحم چُپ ان جو ثبوت هئي تہ اهو سڀ ڪجهہ سندس مرضيءَ سان ئي ٿي رهيو هو. متان ان ۾ آمريڪي حڪومت جو راضپو بہ شامل هو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ هو تہ صدر ڊيئم جا آمرانہ ۽ سفاڪ فيصلا آمريڪا جي ظالماڻي منشا جي تسڪين بہ هئا تہ اُن ۾ سندس هيچ بہ پوري ٿي پئي. رومن ڪَئٿوليائي ڪليسا ملڪ جي وڏي ۾ وڏي زميندار هئي. جيڪا زمين وتس هئي، اها زميني سُڌارن جي حد ۾ بہ نہ ٿئي آئي. ڏڪڻ وِيئَٽ نام ۾ هر جاءِ تي ويٽيڪن جو جهنڊو ڦڙڪندو هو. نہ رڳو اهو پر صدر ڊيئم 1959 ۾ وِيئَٽ نام ملڪُ "ڪنواري مريم" کي اربي چڙهيو هو ڪيڏو نہ ڀيانڪ طنز هو تہ ڪوتاهہ نظر صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيئم جي خيال ۾ مُلڪ ”ڪنواري مريم“ کي ارپڻ کان پوءِ ٻُڌ مت جي نسل ڪشي لازمي هئي!

ان ئي سال ۾ هِڪ ٻئي واقعي ٻوڌين جي تمام گهڻي دل آزاري ڪئي. ٽيون هيئن هو تہ مئي مهيني ۾ ويساک تي، يعني گوتم ٻُڌ جي جنم ڏينهن تي، ٻوڌين کي ٻوڌي جهنڊو ڦڙڪائڻ جي اجازت نہ ڏني وئي. جڏهن تہ هو ويٽيڪن جو جهنڊو مختلف موقعن تي ڦڙڪائيندا رهيا هئا. ان واقعي کان پوءِ ٻوڌين جا وڏا مجموعا گڏ ٿي احتجاج ڪندا رهيا ۽ چئن سالن جي لڳاتار جدوجهد جڏهن ڪو رنگ نہ لاتو تہ پوءِ ٻُڌ مت پنهنجي فيصلہ ڪُن روپ سان دنيا ۾ سامهون آيو.

نيٺ يارهين جُون جو اُهو ڏينهن آيو جنهن ڏينهن سموري دنيا جي اخبارُن جي پهرين سُرخي سائيگان جي ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا ۾ ساڌو ٿِڇ ڪوانگ بابت هئي. اُن ڏينهن ضرور ڏرتي بہ ڏُٻي هوندي اُن واقعي ويٽنت نام توڙي سموري دنيا کي مذهبي آزاديءَ جو نياپو ڏنو. پر پانڊِي! جڏهن آئون تو کي اهو واقعو ٻُڌائيندس تہ تون بہ چوندين تہ هن ڪيڏي نہ لڳ ڪاندارينڊڙ انداز سان پنهنجي حق ۽ آزاديءَ جو نياپو ڏنو؟ سندس نياپي جي اُن انداز تي ڦُوان اَئم توڙي سائيگان جي ٻين ٻوڌيشالائُن ۾ خوب بحث رهيو هو تہ اُها تدبير دُرست هئي يا نہ؟

پر هڪ ڳالهہ تي تہ سڀ سهمت هئا تہ ٻُڌ مت جي نسل ڪشيءَ جو وڏو خاڪو تيار ٿي چڪو هو. اُن کي روڪڻ لاءِ سَگهارا بَچاءَ بند ٻڌڻا هئا. مثال 1958 ۾ هڪ قانون پاس ٿيو هو جيڪو ”حُڪم نمبر ڏهہ“ جي نالي سان مشهور ٿيو هو. ان حُڪم کي مئي 1963 ۾ لاڳو ڪيو ويو. جنهن تي مون توکي هينئرلکيو تہ اُن حُڪم تحت مذهبي جهنڊا ڦڙڪائڻ تي پابندي لڳائي وئي هئي. سو هاڻ ٻوڌين لاءِ ويساک واري ڏڻ تي ٻُڌ مت جو جهنڊو ڦڙڪائڻ تي پابندي هئي.

ان فيصلي خلاف انهن مئي تي ٻوڌين ڪروڙ مان ميڙاڪو ڪري وڏو احتجاج ڪيو. جن تي بندوقُن جو منهن کولي گوليون وسايون ويون. نتيجي ۾ نَو ڪن ٻوڌي مارجي ويا هئا. مٿان مُنهن جي پڪائي ۽ سياسي چالبازيون اهي تہ صدر ڊِيئم اُن پنهنجي ڪئي جو الزا م ويٽنت ڪانگ تي هنيو. جنهن تي ڊِيئم جي حامي اخبارُن بہ زور ڏنو تہ ڊيئم حڪومت مذهبي رواداريءَ تي ويساهہ رکي ٿي، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري احتجاجين تي گولين جا منهَن ڪولڻ وارو ڪم هو نہ تہ ڪري سگهن!

چيو پئي ويو تہ ڊيئم جي قومي اسيمبليءَ بہ اِن منافقانہ ۾ ڪُوڙي بيان جي حمايت ۾ تصديق ڪئي. پر اهو جيئن تہ سچ نہ هو ان ڪري ٻوڌين ۾ بيچيني ڀِڙڪڻ کان پوءِ اُن ۾ پڪڙ وڌي وئي. سچ اهو هو تہ اِهو ويئَت ڪانگ يا قومي آزاديءَ جو محاذ ئي تہ هو جنهن ذڪرڻ وِيئَت نام ۾ آمريڪا سان مُهاڏو اتڪائي اُن کي هارايو هو. اهڙي خونريز مارا ماري هوندي بہ ٻوڌين آڻ نہ مڃيندي پنهنجو احتجاج جاري رکيو هو. تاريخَ ڏنو تہ ٻُڌ مَت تي ويساهہ جي قيمت جيڪا وِيئَت نامي ٻوڌين چُڪائي هئي سا شايد ئي ڪنهن ٻئي چُڪائي هجي.

مان توکي اُن سموري واقعي جو پسمنظر ٻُڌائي پوءِ ٿو واقعي کي بيان ڪريان! ڊيئم جي ان ڏکي حڪومت دوران اهو ٻهريون پيرو ٿيو هو تہ سمورا ٻوڌي ڪنهن منظم تحريڪ تحت ميڙَ جي صورتَ ۾ احتجاج ڪري رهيا هئا. ٽيهين مئيءَ تي پنج سؤ کن ٻوڌي ڇئن بسن ۾ چڙهي رُڪاوٽون ٽوڙيندا عوامي اسيمبليءَ ڏانهن وڌيا پئي. اُهي بسُون پوري شهر مان گذرنديون طئہ ٿيل جاءِ تي اچي بيٺيون پئي. بسُن تان لهي، سائيگان قومي اسيمبليءَ آڏو هڙتي ٻوڌي احتجاج ڪرڻ لڳا. سندن بَئينر ۾ جهنڊا ڦَڙڪيا ۽ اُن کان پوءِ 48 ڪلاڪن جي بُک هَڙتال جي شُروعات ڪيائون. جنهن جي سربراهي ٻوڌي پادري ٿِچ ٿِنهہ ڪيئات ڪري رهيو هو.

هڪ پاسي پنهنجي صدارت کي الزامن کان بچائڻ لاءِ ڊيئم حڪومت ڏيکاءَ ۾ پنهنجن ٽن وڏن عهدن تي فائز اهم آفيسرن کي نيڪالي ڏني، جيڪي ٻوڌين جي ميڙاڪي مٿان فائرنگ واري واقعي ۾ ملوث هئا. جن ۾ صوبي جو وزير ۽ سندس صلاحڪار شامل هئا.

صدر ڊيئم پنهنجي فاشي سفاڪيءَ کي اِنهن ڪوڙن ٽِڪساٽن ڪندي بہ پاڻ ئي نہ روڪي سگهيو هو ۽ ڪجهہ عملن سان اهو ثابت ڪيو هئائين تہ وِيئَت ڪانگ تي ٻوڌي ميڙاڪي تي گوليون هڻڻ جو الزام ڪُوڙو هو. ان جو ثبوت هو تہ ٽين جون 1963 تي وِيئَت نامي پوليس وِيئَت نامي آرميءَ جي سپاهين سان گڏجي ذڪرڻ وِيئَت نام جي شهر هِيُو ۾ احتجاج ڪندڙ ٻوڌين مٿان ڪيميڪل اُڇليو هو جنهن جي نتيجي ۾ سٺهٺ ٻوڌي اسپتال پيڙا ٿيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ته انهن واقعن جي ڪري ۽ ٻيو منهنجي ننڍي عمر جي ڪري به، مون ڦُوان اَئم ٻوڏيشالا جي ماحول کي مستقل طور هڪ ڳنڀير اُداسيءَ منجهه ڏٺو. خاص ڪري ٽِين جون واري ڪيميڪل اُڇلڻ واري واقعي جي نتيجي ۾ ستهٺ ٻوڌين جي مارجي وڃڻ تي ڦُوان اَئم جو سوڳ به مون کي نه ٿو وِسري. پوري ٻوڏيشالا تي ماٺ جو راڪاس ڳُهمي ويو هو پر ان هوندي به اسان جي تَربيت ڪارڻ پنهنجي سَگهه جو سِرو هڻڻ مان نه وڃايو هو. ساڌو تاشِي ۽ ساڌو لِي جن سان اڪثر تربيتي ويجهڙائيءَ ۾ رهندو هئس. اُهي ان موضوعَ سان واڳيل سياسي سبَبن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀيا ڳالهائيندا هئا. واقعي واري ڏينهن تي ساڌو ٿِچ ڪُوانگ جي ڏاڍي پُرڦَيش تقرير مون کي اڄ به ياد آهي!

پيارا پانڊِيَ! مون کي چڱيءَ رِيتَ ياد آهي ته ٽين جون 1963 تي معصوم ٻوڌين جي ڪيميڪل ذريعي قتلِ عام واري حادثي جي ڪري ٻوڏيشالا ۾ ڊيئم حڪومت خلاف ردعمل ڏيڻ بابت ائيڪ رايا هئا. جن مان ڪجهه ڳالهيون ته آئون سمجهندو هئس، پر ڪجهه ڳالهيون ٻنهه پلئه ئي نه پونديون هيون.

سچ پُڇين ته تون منهنجي ڊائريءَ ۾ ان سالَ جي سياسي صورتحال جو بس سَرسَري ذڪر پڙهندين، ڇاڪاڻ ته هڪ ته منهنجي عمر ٻنهه ننڍي هئي، ٻيو ته مون کي سياسي سُوجهه گهٽ هئي. آئون نئون پِڪشُو هئس ۽ منهنجو گهڻو ڌيان پنهنجين مشقُن تي، درس تي ۽ ٻوڏيشالا ۾ پنهنجي سينئر ٻوڌين جي ڳالهين ۽ راين تي هوندو هو. آئون ڪين غور سان ٻُڌي سندن ڳالهايل احساسن کي سمجهي اُنهن تي پنهنجا خيالَ ۽ احساسَ لکندو هئس.

اهو ئي سبب آهي پانڊِيَ، ته مون وٽ هن ڊائريءَ ۾ 1963 وارو پورو سال سياسي گهٽ جذباتي ڪَٿا وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ڪو سياسي صورتحالَ جو ذڪر به ڪيو اٿم ته اُهو هڪ غير سياسي ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ جو بيان آهي. جيڪو رڳو پنهنجا موڊَ ڀيو لکي. هو ڪنهن مهل ٻوڌي تربيتَ ۾ سِکيا جا مرحلا ٽپي اڳتي وڌڻ تي ترنگ جي احساسَ ۾ آهي ته ڪنهن مهل ڏکن جي سمونڊن ۾ ٻيهِي ويل آهي.

جيستائين مون کي ياد آهي آئون انهن ڏينهن ۾ تمام گهڻو خوفَ جو شڪار هئس. هونئن به ننڍي عمر ۾ اڳ ئي ٿِر جيتري شئي جبل جيڏي ڀاسندي آهي، مثال هي ته قتل عام هو رتوڇاڻ هئي، عالمي آپيشاهي راج هو مذهبي اِنتهاپسندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. آئون ان احساس مان ڪڏهن نڪتُس ئي نہ تہ اسان ٻوڙي جيڪي جيتامڙن کي بہ ايذائڻ نہ چاهيندا آهيون. انهن کي باقاعدي ماريو پئي ويو. ان احساس مان، جيستائين آئون وِيئَت نام ۾ هئس. تيستائين نہ نِڪتُس تہ هڪ ڏينهن ايئن ٿي، شايد ٻين لاشن سان گڏ آئون بہ پيو هوندس.

نہ تہ جي هاڻ ياد ڪريان تہ سياسي طور وِيئَت نامي جنگ 1963 واري ڏؤر کان تہ ڇهہ سالَ اڳ سرد جنگ ذريعي شروع ٿي چڪي هئي. پر ان سرزمين تي ان جي باقاعدي شروعات اُتر وِيئَت نام تي آمريڪا ۽ سندس ڏکڻ وِيئَت نامي اتحادين جي قبضي سان ٿي هئي. ورندو آئون تہ ان کي نَوَ سال پراڻي ڳالهہ چوندس. جڏهن وِيئَت نام ۾ 1954 ۾ فِرانسِي ٻينڪي راڄ اڃي پَٽ پيو هو تہ ڪجهہ وقت لاءِ ملڪ ٻن حصن ۾. يعني اُتر وِيئَت نام ۾ هوچي مِنهہ جي ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ آف وِيئَت نام ۽ بادشاهہ بائو ڊاءِ جي ڏکڻ وِيئَت نام واري رياست ۾ ورهائجي چڪو هو.

فِرانسِي انڊو چيني ٻينڪيُن جنگبندي ٿيڻ کان پوءِ ملڪي سطح تي چونڊُون ڪرائڻ جي ڳالهہ لازمي رکي هئي. پر نِگو ڊِنهہ ڊيئم نگيءَ ۽ ڊانڊليءَ سان ڏکڻ وِيئَت نام جي صدر چونڊجڻ جو اعلان ڪري ويهي رهيو ۽ هن چونڊن جي اهميت کي رد ڪري ڇڏيو. سندس اهو فيصلو آمريڪا جي چُرچ تي هو.

چون ٿا تہ ڏهوڪي آمريڪي صدر آئيزن هاور کي اهو پختو يقين هو تہ جيڪڏهن چونڊون ٿيون تہ وِيئَت نامي عوام هوچي مِنهہ کي ووٽ ڏئي ڪيس پنهنجو نئون صدر چونڊي وٺندو. ايئن خارجي ٻينڪيُن جي مفادن ۽ داخلي پَنوئن جي ڳٺ جوڙ جي ڪري ملڪ ورهائجي ويو. هڪ پاسي ڏکڻ وِيئَت نام ۾ آمريڪا جي پِنُو حڪومت نهي، ٻئي پاسي وِيئَت نامي عوام "ڏکڻ وِيئَت نام جو قومي آزاديءَ جو محاذ" National Liberation Front for South Vietnam (NLF) جي جهنڊي هيٺ بغاوت شروع ڪئي هئي. سندن طاقتَ ۽ سگهہ جو گهڻو زور ٻهراڙيءَ ۾ ڏِسڻ ۾ آيو ٿئي.

ان ڪري اهو چئجي تہ غلط نہ ٿيندو تہ وِيئَت نام جي جنگ کي چئن الڳ الڳ دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون گهڻو ويڙهہ جو دور، جيڪو 1957 کان 1964 تائين هليو. ان کان پوءِ 1964 کان وٺي 1969 تائين ملڪ ۾ آمريڪي راڄ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو غلبو هو. 1969 کان 1973 جو دؤر وِيٽنام قوميت پسنديءَ جي وڏنڊڙ زورَ جو دؤر هو. ۽ آخري دؤر 1974 کان وٺي 1975 تائين جو هو جنهن ۾ اها جنگ نيٺ وڃي پڄاڻيءَ تي رَسي هئي.

پر مون اهي سڀ ڳالهيون اينڊڙ سالن ۾ مرحليوار سمجهيون. ان ڪري منهنجي تنهن وقت جي ڊائريءَ جي صفحن ۾ سياسي گهرائين جي جهلڪ ٻه نه آهي. مون کي جيڪو هڪدم سامهون نظر پئي آيو ۽ جيڪو ٻڌم پئي ان کي پنهنجي سنڌي سمجهه سان سمجهڻ جي ڪوشش ۾ هيئن لکي رهيو هئس:

**پهرين مئي 1963**

اڄ وَيساک آهي. ڪالهه رات ساڌو تاشِيءَ گوتم ٻڌ جي مُورتيءَ جي پاسي ۾ ويهي اسان کي ٻُڌ جي ڳالهه جو اُهو حصو ٻڌايو جنهن ۾ ٻڌ کي پهريون ڀيرو ڏُک جو پتو پيو هو. جڏهن جوانيءَ جي وچڙ ۾ موتَ جهڙي ڪؤڙي حقيقتَ کي پهريون ڀيرو ڄاتو هئائين. ڪالهه رات اسان سموري بوڌيشالا کي ڏيئن ۽ ميڻ بتين سان روشن ڪيو سوچيان ٿو سونَ جو مينهن پيو آهي: ڄا ته بوڌيشالا آهي!

اڄ آئون ۽ هڪ نئون ڀِڪشو ڪوشائي ساڌو لي ۽ تاشِيءَ سان گڏ سِج لَٿئي کان پوءِ بوڌيشالا کان ٻاهر پَسار ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين ته اوسي پاسي جا سمورا گهرَ روشن هئا. ڏيئن جي لاٽَ ۾ گِهٽي گِهٽي جَرڪي ٿئي. گهرَ گهرَ ۾ ٻُڌ جي نئين چاول رُوپَ جون تصويرون ۽ بتيُن سان روشن مُورتيون رکيل هيون. بوڌيشالا توڙي گهٽيون ڪيڏيون نه پليون سينگاريل آهن!

**ٻين مئي 1963**

اڄ ڦُوان اَٿم ۾ اجتماعي ڌِيان رکيل هو. نوجوان ڀِڪشُوئن کي ساڌو ٿِچ ڪوانگ ڏُوڪ طويل ليڪچر ڏنو. پر مون کي اجتماعي ڌِيان کان وڌيڪ اڪيلو ڌِيان موهي ٿو. اجتماعي ڌِيان ۾ هڪ هجومَ جي موجُودگيءَ جو خيال ئي نه ٿو وڃي دماغ مان! آئون ڌِيان ڪري ئي نه ٿيو سگهان. ڌِيان ۾ رُڳو خيالن کي ضابطي ۾ ڪرڻ ۾ رُڌو پيو هوندو آهيان ته پاسي وارو ٻوڙي ايڏو زور سان ساهه ڇو ٿو کڻي؟

**چوٿين مئي 1963**

مون کي پنهنجي سنڌ جي ٻوڙي ساٿين جي ياد اڄ ماندو ڪري پئي ته سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچان. ساڻن ملي هي سڀ حال ڪين ڏَسيان. پر ڪيئن؟ پنهنجي استاد کي ته مهيني ۾ هڪ پيرو خط موڪليندو آهيان. پر سندس خط ايڏي دير سان ڇو ٿا اچن؟ اجان تربيتَ جي شُروعات ٿي آهي. پنڌ جون پهريون وِکون آهن. سوچيان ٿو ڪيڏو نه سِکان پيو هتي. ڪيڏو نه ماڻهيان پيو جڏهن به سنڌ ورندس ته منهنجي هيڏي تربيت ٿيل پَسي سڀ ٻوڙي ساٿي ڪيڏو نه حيران ٿيندا!

**ڇهين مئي 1963**

ساڏو ٿِچ ڪُوانگ اج پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ڪيٿوليائي حڪومت ٻُڌ مَت جي نسل ڪشيءَ جو وڏو خاڪو تيار ڪيو آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هو آتا آهن. آمريڪا به چاهي ٿو ته ٻوڌين کي ماريو وڃي. پر آخر ڇو؟ ساڏو ٿِچ ڪُوانگ اج پنهنجي تقريرَ ۾ 1958 ۾ پاس ٿيل هڪ قانون جو ذڪر ڪيو جنهن کي هو "حُڪم نمبر ڏهه" ڪري سڏي رهيو هو. هن ٻڌايو ته هاڻ حُڪم نمبر ڏهه لاڳو ٿيو آهي، ان ڪري سيئي ٻوڌِي هاڻ ٻوڌي جهنڊو ڦڙڪائي نه سگهندا. يلي ويساکَ جو ڏِڻ ئي ڇو نه هجي. سوچيان ٿو يلا ٻوڌي جهنڊو ڦڙڪڻ سان عيسائيتَ جو ڪهڙو نُقصان؟

**نائين مئي 1963**

ڪالهه رَتَ-هاڻي رات هئي. آئون ڊائري نه لکي سگهيس. ڇو ته ڪالهه انين مئي جو ڏينهن هو ۽ ٻوڌي ميڙاڪي تي گوليون هليون هيون. کوڙ ٻوڌي مارجي ويا. حضرت عيسيٰ جا ڪيٿوليائي اسان کي مارين ٿا پيا ۽ اسين هجومن ۾ مارجون پيا. ساڏو تاشِيءَ چيو پئي ته ڊيئم حڪومت ٻُڌ مَت جو خاتمو چاهي ٿي. اخبارون ۾ بيانَ ته چون ٿا ته صدر ڊيئم جي حڪومت نه. پر وِيئَت ڪانگ ايئن حملا ڪري ٻوڌي ماري پئي. پر ڦُوان اَئم جو هر ٻوڌي چوي ٿو ته ڊيئم صدر جا بيان ڪوڙا آهن. هو ٻُڌ مَت جو جاني دشمن ٿي بينو آهي. آمريڪا هُن جو ساٿارِي آهي.

**اوڻٽيهين مئي 1963**

ساڏو ليءَ ٻُڌايو ته سياڻي سمورا ٻوڌي سمونڊ ٻڄي نڪرندا. هو پيرين پنڌ ۽ بسن تي چڙهي عوامي اسيمبليءَ جو گهيرو ڪندا. انهن جي هٿن ۾ پنهنجا جهنڊا ۽ نعرن وارا بَئينر هوندا. اُهي تقريرون ڪري پنهنجا خيالَ پيش ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڍو ٽيج تِنهه ڪيئات جي اڳواٽيءَ ۾ بک هڙتال شروع ڪرڻ جي ڳالهه بہ ڪئي وئي آهي. جو تہ انين مئيءَ واري واقعي جو الزام پاڻ تان لاهڻ لاءِ صدر ڊيئم ڊرامو ڪري پيو. ڏيکاءَ لاءِ ذميدار آفيسر نوڪري بدر ڪيا اٿس. شيطاني دماغ ماڻهو آهي، هو ٻڌ ـ دشمن ۽ انسان ـ دشمن آهي.

**ٽين جون 1963**

ڦُوان اَئم اج روئي پئي. اج ٻڌ جو رُوح اُداس آهي. اسان سڀ آهستي آهستي مري ويندا سين. صدر ڊيئم ڪوڙو ۽ ظالم آهي. وِيئَت ڪانگ تي الزام هو تہ انين مئيءَ تي انهن ٻوڌين کي ماريو. ڊيئم حڪومت اج ڏينهن جو وِيئَت نامي پوليس ۽ آرميءَ کي حڪم ڏنو تہ ٻوڌين کي ڪيميڪل سان ماري. ڪيميڪل لڳل زخمي ٻوڌي رستن تي اسپتالن ۾ ڪريا پيا آهن.

پيارا پانڌيا! چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ منهنجي ان سالَ جي ڊائري ٻڌائي ٿي تہ منهنجي شعوري ۽ فِڪري نقط نظر انهن ڏينهن ۾ اجان هڪ بالغانہ ۽ سياسي طور سَگهارَي موقفَ جي صورتَ اختيار نہ ڪئي هئي. هڪ ننڍي عمر جو ٻوڌي، جيڪو هِڪ ٻئي ۽ پَرانهين ديس کان تربيتَ لاءِ آيو آهي، اُتي سندس جيءُ ۽ جسم ٻُڌ مَت ڪارڻ هڪ ٻنهه نئين ديس سان اچي جُڙيو آهي. ۽ بدقسمتيءَ سان اُن ديس ۾ جَبر آهي، ڏاڍ آهي، ڊوهہ آهي، ظلم آهي. ان ظلم کي هو پنهنجي ڪچي عمر جي بلوغتَ ۽ سوچَ ۽ ڪوري دماغ سان جيئن محسوس ڪري ٿو. تيئن لکي ٿو. پر ان ڪٿا منجهہ سياسي سُوجهہ بدران جذباتي ۽ احساساتي انداز حاوي نظر ٿو اچي.

ان ۾ ڪو بہ شڪُ نہ آهي تہ منهنجي شعوري ارتقا جي شروعاتَ سائيگان ۾ ٿي، جڏهن تہ ڪورو ڪاڳر هو دماغ منهنجو. برطانوي تَجربيت ـ پسند فلسفيءَ جي اصطلاح جيان. منهنجو دماغ اڻ لکيل سليٽَ (تَئبيولا رازا) هو ۽ ان تي سائيگانَ جي ٻوڌي تربيت سمجهہ جا اوائلي نقش چِٽيا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ آئون پاڻ کي سنڌيءَ سان گڏ اڄ وِيئَت نامي بہ سَمجهندو آهيان. منهنجا تصور اڄ بہ سائيگان جي گهٽين ۾ سرگردان ڦِرن پيا.

سو مون توکي ٻڌايو پئي تہ وِيئَت نامي جنگ کي ٽن الڳ الڳ دورن ۾ ورهائي ڏسجي تہ وڌيڪ بهتر انداز ۾ سمجهي سگهجي ٿو. آئون پهرئين دؤر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1957_1964) جي آخري پاڱي دوران يعني 1963 ۾ سائيگان رَسيو هئس ۽ ٻئين دؤر (1964_1969) جي اوائلي حصي يعني 1965 تائين اُتي رهي پوءِ سنڌ موٽي آيو هئس. اهو ٻيون دؤر آمريڪي غلبي جي باقاعدي شروعات ۽ سنڌن آپيشاهي پير کوڙڻ جو هو. ڪاش تہ اُهو دؤر بہ آئون اُتي هجان ها. پر منهنجي تربيت جو ڳڻ ٽيل وقت ايترو ٿي هو. نيٺ اُهو آخري دؤر بہ آيو يعني 1974ـ 1975 تائين وارو دور. جيڪو دراصل وِيٽنام جي سوڀ جو دؤر هو ساڌُو تاشِي خطن ذريعي مون کي انهن ٻنهي دورن جي ڳالهہ باقاعدگيءَ سان لکي سنڌ موڪلي پئي جيڪا اڄ بہ مون وٽ سانديل آهي.

ان سياسي دؤر تي تفصيل سان توکي خطن جي ايندڙ سلسلي ۾ لکندس. هاڻ فقط ٽين جون تي لکندس. ان ڏينهن جي ڳالهہ کي آئون ڦيرين پيرو قلمبند ڪريان پيو. پر توکي ٿورو ساڌو ٿِچ ڪُوانگ دوڪ جي باري ۾ ٻڌائيندس تہ جيئن سندس جِيوَن جي پَسمَنظر کي ذهن ۾ رکي تون سندس بابت سوچين.

ٿِچ ڪوانگ دُوڪ (1897_1963). مَهايانہ ٻُڌ مَت جو نامور ٻوڙي سَتوَ هو. هُو "هوئيڪانهہ" نالي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو لام وان ٿُوڪ هو. سندس تربيت ـ ڪارَ زين ساڌو هوئانگ ٿئم سندس نالو مٽائي نِگُيين وان ڪِيئات رکيو هو. جڏهن تہ "ٿِچ" ڪيس مُعتبر لقب مليل هو ۽ ڪُوانگ دُوڪ سندس قابل ۽ ماهرانہ خصلتن جي نمائندگي ڪندڙ لقب هئا. توکي ٻُڌائيندو هلان تہ ٻنهي مَهايانہ ۽ ٿيراوَيدا ٻُڌ مَت ۾ نون ٻوڙين کي سندن اصل نالن سان سڏڻ بدران نون نالن سان سڏيو ويندو آهي. اهو نالو کين سندس ٻوڙي تربيت ـ ڪارَ يا گُرو ڏيندا آهن. وِيٽنامي ٻُڌ مَت کان سواءِ جاپاني، برمي، تبتيائي ۽ چيني ٻُڌ مَت ۾ بہ اها نئين نالي ڏيڻ واري رسمَ آهي. پر اُنهن نالن جي ذريعن ۽ رکڻ جي طريقہ ڪار ۾ علائقن جي نِسبت سان ٿورو گهڻو فرق آهي.

هوئيڪانهہ وچ وِيٽنام جي ڪانهووا صوبي جي وان نِنهہ ضلعي جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ جي دنيا ۾ هاڻ سُڃاڻپ ٻوڙي ساڌو ٿِچ ڪُوانگ جي نالي سان بہ ٿئي ٿي. جنهن تڏهن جي صدر نِگو ڊنهہ ڊيئم جي ڏاڍ، مت ٻيد ۽ ٻوڙي نسل ڪشيءَ جي جوابَ ۾ هڪ عظيم ردعمل ڏئي اُن گهرو ويڙهہ جي دؤر کي پختا ۽ مضبوط گس ۽ رُخ ڏنا! منهنجو تہ اهو بہ خيال آهي تہ 1975 ۾ خارجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جارحيت کان آجپي ۾ ان گھرو ويڙھہ واري دؤر جو اھم ترين ڪردار ھو.

ٻڌ مَت سان ساڏُو ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ جو سڱ سٽن ورھين جي ڄمار کان شروع ٿيو ھو ۽ کيس تربيتَ جي تيرھن سالن اندر يعني اوڻيھن ورھين جي ڄمار ۾ مڪمل ٻوڌي ڀِڪشُو بڻجڻ جو مقام ماڻڻ جو ڀاڳُ ٿيو. مون توکي اھو بہ ٻڌايو ھو تہ ٻوڌسَتوَي سَندَ ماڻڻ کان پوءِ ھن پنھنجي جِيوَن جا ڪيترائي سالَ سَنياس ۾ گھاريا ھئا. ھن ويجي شھر ٺِھا تِرانگ جي پرپاسي ۾ وسيل نِنھہ ھائو جبلن ۾ مشقُون ڪري ٻوڌِي ڪشتَ ۾ گذاريا. جتي ھن ٻُڌ مَت تي تربيتي ڪلاس بہ ھلايا. پنجاھہ کن ٻوڌِيشالائون اَڏايُون. ان کان پوءِ ھن لڏي اچي سائيگان جي ڦُوان اَنم ٻوڌِيشالا ۾ مستقل طور پَڪا اَڏيا.

ان وچ ۾ ھن بہ سال کَن ڪمبوڊيا ۾ ٿيراوَيدا ٻُڌ مَت جي تربيت بہ ورتي ۽ موٽي اچي سائيگان ۾ ڦُوان اَنم پيڙو ٿيو. جن سان سندس سڱ سندس موتَ تائين يعني ٽيتاليھہ سالَ قائم رھيو. ڪنھن بہ عظيم رُومانوي نِينھَن جي ڪٿا کان غير اَھم نہ آھي اھڙي اَرپنا پانڌِي، نہ؟

مون توکي لکيو ھو تہ اصل مسئلو تڏھن شُروع ٿيو جڏھن صدر ڊيئم روَمن ڪئٿولڪ چَرچَ تي پنھنجو اَچي ۽ ڦِڪي-سونھري رنگن وارو جھنڊو تہ ڦڙڪائيندو رھيو پر ملڪ جي اَسي سيڪڙو ٻوڌي آباديءَ جي ٻُڌ مَت جي جھنڊي ڦڙڪائڻ جي گوتم ٻُڌ جي جنم ڏينھن تي بہ اجازت نہ ڏني وئي. ان تي اَٺين مئي 1963 تي ٻوڌي ھڪ وڏي مجموعي جي صورت رستن تي جھنڊا کڻي نڪري آيا. جن تي گوليون ھلايون ويون. ان واقعي ٻوڌين ۾ جيڪو طَيش پيدا ڪيو. اُن پنھنجو ڀرپور اظھار يارھين جون 1963 تي ڪيو. ان ڏينھن جي واقعي کان ٿُرت اڳ وارن واقعن جي سلسلي جي ڪڙي ھيءَ آھي.

ڏھين جون 1963 تي آمريڪي ذريعن کي خبر پئي تہ سائيگان ۾ ڪمبوڊيائي سفارت خاني سامھون ھڪ اھم مظاھرو ٿيندو. جيتوڻيڪ ان واقعي جي اھميت تي ڪافي زور ڏنو ويو ھو. پر ڪنھن کي بہ ان جي شدت يا سنگينيءَ جو اندازو نہ ھو خاص ڪري صحافين جي اڪثريتَ ان کي ھڪ عام مظاھري جيان سمجھي نظرانداز ڪيو. اِن ڪري اُن ڏينھن ڪمبوڊيائي سفارت خاني جي سامھون ايڪڙ ٻيڪڙ صحافي آيا ھئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏينهن لڳ ڀڳ ساڍا ٽي يا پوڻا چار سؤ ٻوڌي ساڌو نارِيون ۽ مردَ گڏجي ريليءَ جي صورتَ ۾ نِڪتا. انگريزيءَ ۾ وِيٽنامي ٻولين ۾ ڪنيل بئنر ۽ پلي ڪارڊ سندن هٿن ۾ هئا. جن تي ڏيئم حڪومت جي ڏاڍ خلاف نِندا. ۽ گهرجون لکيل هيون. هنن پُرجوش انداز ۾ نعرا هنيا پئي.

عام طور مون سميت ننڍين ٻوڌين کي ننڍي عمر هئڻ ڪري احتجاجن ۾ وڃڻ جي اجازت نہ هئي. پر مون کي ياد آهي، احتجاج واري ڏينهن کان اڳ واري راتَ مون ساڌو تاشِيءَ سان هلڻ لاءِ ضد ڪيو تہ آئون هاڻ ايترو وڏو ٿي ويو آهيان جو ٻوڌي مقصد کي سمجهي سگهان ۽ ان جي سياسي تحرڪ جو حصو بڻجان. تاشِيءَ تہ ان تي ٻِنهہ نهڪر ڪري ڇڏي، پر منهنجي گهڻي زور ڀرڻ تي منهنجي اها درخواستَ ساڌو ٿِچ ڪُوانگ وٽ وئي تہ هن مون کي سڏايو! ساڌو لِي ۽ تاشِي مون کي وٽس وٺي ويا. ساڌو ٿِچ ڪُوانگ کي ڏسي ساڌو ليءَ مُرڪي چيو، ”هي ڪون سوڪ (نوريئڙو) ڇوڪر تہ هي جُوان ٿي ويو آهي، ان ڪري ڪيس احتجاج ڪرڻ ڏنو وڃي.“

مون کي ياد آهي تہ ساڌو لِيءَ جي ايئن چوڻ تي لجَ منجهان مون ساڌو تاشِيءَ جي پويان لِڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ٿِچ ڪُوانگ مون کان پُڇيو ”تون واقعي احتجاجَ ۾ وڃڻ ٿو چاهين؟ ٻُڌائيندين تہ ڇو؟“ مون تہ اهو نہ سوچيو هو تہ ٿِچ ڪُوانگ مون کان سُوال پُڇندو، ان ڪري ان جي جوابَ ۾ مون ڪي پل تہ ماٺ ۾ ڪيس تڪيندي ۽ پوءِ تڪڙو اکيون ڇورائيندي هيڏي هوڏي پئي ڏٺو. سندس مُک تي پرامن قسم جي مُرڪ ۽ نِهارَ هئي. اُها نِهار... پانڊِيا اُها نِهار منهنجي ذهن ۾ اڄ بہ تازِي آهي. ان ڪمري جي ٿڌي روشني، ساڌوءَ جو گيڙو لباس، سندس ڪمري ۾ ساز و سامان جي جاءِ... سڀ ڪجهہ ياد آهي.

يارهين جون 1963 جي آڳَ جو سُنهن. پانڊِيا اُن ڏينهن ساڌو ٿِچ ڪُوانگ جي مُرڪ ۽ نِهار آئون هينئر بہ چِٽيءَ رِيت ڏسان پيو.

ٿِچ ڪُوانگ طرفان ٽين جون 1963 واري احتجاجَ ۾ وڃڻ جي اجازتَ تي آئون سندس ٿورائتو ٿيو هئس. اُها اجازت منهنجي ٻوڌي تربيتَ ۾ هڪ ڏاڪو اڳتي وڃڻ جي سَندَ هئي. مون کي اُن جي اَهل سمجهي ان بند گُس کي کولي هڪ ڏاڪو اڳتي ٽپايو هئائين ۽ سندس ان ويساهَ جي موٽَ ۾ آئون بہ پانڊِيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر قربانيءَ لاءِ تيار ٿيو هئس. ساهُ جو چا هو؟ اُها تہ نيٺ وڃڻي شئي هئي.

ٻُڌ مَت خلاف ڪئٿولڪ ڪيٿوليائي ظُلم ۽ جبرَ آڏو فقط هڪ ٻوڙيءَ جي جيونَ جي پلا ڪهڙي اهميت هئي! اهو سوچي پڪو پَهُه ڪيو هئم تہ ساڏو ٿِچ ڪُوانگ جي ويساهہ جو مانُ رکندس. ساڏو تاشِيءَ ۽ ساڏو لِيءَ جي چِنتا کي بہ دوُر ڪندس. هو منهنجي هن عمر ۾ آڏول سَگهہ پسندا تہ عجب ڪندا. اِهي ۽ اهڙا ٻيا خيالَ پڇائيندي پڇائيندي نيٺ سمهي رهيس.

نيٺ يارهين جون 1963 وارو صبح بہ اچي ويو. آئون ٻين زيرِ تربيت ساٿين سان گڏجي سِج ـ نمشڪار مشق پوري ڪري، اُن کان پوءِ جمع ٿيل نوجوان ٽوڙي ٻُڌڙن ساڌوئن سان گڏجي ويٺس.

ڦُوان اَئم ٻوڌيشالا ۾ سياسي طور سرگرم ٻوڌي ساڌُو تاشِي ۽ ساڌو لِيءَ سميت صُبح سوير کان ئي ساڌُو ٿِچ ڪوانگ جي صدارتَ ۾ گڏجاڻين ۾ رُڌل هئا. احتجاج لاءِ نڪرڻ کان اڳ ساڌُو تاشِي مِڙني ڇيلن ۽ پَرپاسي کان آيل ٻوڌين کي سائيگان جي ٻوڌيشالا جو صدر ڊيئم حڪومت لاءِ هي نياپو پڙهي ٻُڌايو:

"پنهنجون اکيون بند ڪرڻ کان اڳ ۽ گوتم ٻُڌ جي تصوُرن ڏانهن موٽڻ کان اڳ، ٻي پناهہ احترامَ سان آئون صدر نِگو دِنهہ ڊيئم کي عرض ٿو ڪريان تہ هو پنهنجي ئي قومَ جي ماڻهن ڏانهن ٻاجهہ جي نظر ڪَري. مذهبي برابريءَ کي لاڳُو ڪري سدائينءَ لاءِ مُلڪ کي سگهارو بنائي ڇڏي. اِنهن مڙني ڪمزور، قابلِ احترام ٻوڌي سنگها (ساٿين) کي عرض ٿو ڪجي تہ اهي يڪجهتي ڏيکاريندي پاڻ کي منظم ڪن ۽ ٻُڌ مت جي حفاظت خاطر قربانيءَ لاءِ تيار رهن."

مون کي ۽ ڪجهہ ٻين ٻوڌين کي پاسِيو تہ اهو نياپو ڏاڍو ٺٺو هو خاص ڪري اُن وقت جڏهن پنهنجي ئي ديس ۾ هڪ پاسي ٻوڌي جهنڊي ڦڙڪائڻ تي بندش وِڌي وئي هئي. ٻئي پاسي ٻوڌين جو قتلِ عام جاري هو ان صورتحال ۾ اهو نياپو هڪ پِنهہ بيوس دانهن جيان پاسِيو هئم. سوچيو هئم ڪو زوردار ۽ پڙڪندڙ نياپو هجي ها، جنهن ۾ تمام گِرا لفظ، ٻَرَّچيون خيال هجن ها. جوش ولولو هيجان هجي ها. هڪ وڏي دانهن هجي ها. تاشِيءَ کي جڏهن چيم، تہ هن مون کي گُهورَ پائي هڪ بہ پل تڪيو هو پوءِ مُون سان سهمتَ ڪندي ڪنڌ ڌُوڻيو هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ٿي اهي سندس ڇوڏاري مڪمل گهيرو ڪري بيٺا ته مون وري بي يقينيءَ منجهان ساڏو تاشِيءَ ڏانهن ڪنڌ مٿي ڪري نهاريو. هو مون کي لَنوائي بِنهه سرد احساس ڪنيو ڪار مان لٿل تِنهي ساڏوئن کي تَڪي رهيو هو. ياسِيو پئي چرڻ هو پنهنجي چوڌاريءَ کان بِنهه بي خبر هو. فقط اُهو ڏيک ئي سندس محور هو.

مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿئي آيو ته آخر ٿي ڇا رهيو هو. سوچي رهيو هئس ته ساڏو تِچ جو هي انوکو احتجاج نيٺ هو ڪهڙي قسم جو؟ ساڏو تِچ ڪجهه منٽ ٻوڏي آسڻ ۾ ويهي منتر پڙهندو، ٻوڏي مالا جَپَندو رهيو. نيٺ مالا ڇڏي مڪمل طور ڏِيان جي صورتَ ۾ هليو ويو... ٻه ٽي مِنٽَ ڇڏي ساڏو تِچ سان ڪار مان لٿل ٻئي ساڏوءَ ٻوڙي وڃي ڪار جي ڊِگي کولي. اُتان هڪ پنجن گيلنن وارو چرڻ پاٽيءَ سان ڀريل دٻو ڪڍيو. هن اُن دَٻي جو ڍڪُ کولي پدما آسڻ ۾ نيڻَ ٻُوٽي ٻوڏي مالا سوريندڙ عظيم ٻوڏي سَتوَ جي سِرَ تي هارڻ شُروع ڪيو...

پانڊِي! اُن دبي ۾ پيٽرول هو! پيٽرول!

اُن وقت مون پنهنجن ٻنهي هٿن سان ساڏو تاشِيءَ جي ٻانهَن کي سُڪَ جهلي رَڙ ڪئي، ”هي ڇا پيو ٿئي، ساڏو؟“ مون ڪانئس پنهنجن ٿُنندڙ جُڙندڙ ساهَن ۾ پُڇيو پر تاشِي اهو ئي بي نياز بِنا مُون ڏانهن نهارئي، سِڌو تَڪي رهيو هو. تاشِيءَ جي اُها سرد نظر ايندڙ بي خبري منهنجي لڱن ۾ سياندڙا ڪڍي رهي هئي.

ان ٻاريندڙ پاٽيءَ جي نَڪ لهسائيندڙ ڌَپ ڇوڏاري ڦهلجي وئي هئي. پيٽرول هاريندڙ ساڏو سمورو پيٽرول جڏهن مٿس خالي ڪري رهيو هو ته ان وقت ساڏو تِچ ڊُوڪ ڏادي شانتِيءَ سان ٻوڏي مالا جا مٽيا سوريا پئي ۽ ”نام مو اَديدا پهات“ جو وِرد ڪيو ٿئي، جيڪو اميتابه ٻُڌ جي ساراهه ۾ پڙهبو آهي. پيٽرول هاريندڙ ساڏو دٻو خالي ڪري جيئن ئي پَريرو ٿيو ته انهن ئي لمحن اندر ساڏو تِچ ماچيس جي تيلي ٻاري پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي!

هي ڇا ٿي ويو؟ منهنجا لڱ ڏڪيا پئي! ڇوڏاري ٻوڏين جي آوازن ۾ دانهُون ٻه هيون ته سُڏڪا ٻه. منهنجا ٻئي هٿَ تاشِيءَ جي ٻانهُن ۾ ڪُپيل هئا. آئون رڙين ۾ ويڙهجي ويس، ڪانئس پڇندو رهيس ته ”هي ڪهڙو احتجاج آهي تاشِي؟“ ”بچايو ساڏو ڊُوڪ کي، بچايو، بچايو...“ مون رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ان تي هڪدم تاشِيءَ مون کي رڙ ڪري چيو ”ڪون سوڪ. توکي ليءَ چيو هو نه ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي سَگهه کي اِن ڏينهن لاءِ سنڀالي رکجانءِ؟ ڪٿي آهي سگهه تنهنجي؟"
سندس انهن جُملن مون کي ان بيهوشيءَ ۾ ڪجهه هوش جا ڪٽا ڏنا. منهنجون رڙيو سڏڪن ۾ تبديل تي ويون. جڏهن يقين ٿي ويو هجيم ته ساڏو ٿِچ کي ڪير به نه بچائيندو هاڻ...! اهو احتجاج هوئي خود-سوزيءَ جو.
مون سامهون تڪِڙ جي سَگهه نه سارينديءَ به ٿِچ جي سڙِي رَک ٿيندڙ جسمَ ڏانهن ڏسڻ شُروع ڪيو!
هيبتَ. پانڌِي. هَيبتَ!
ان کان وڌيڪ خوفناڪ هيبتَ مون اڳ يا پوءِ ڪڏهن به پنهنجي هن ننڍڙي جيونَ ۾ نه محسوس ڪئي. ڏک جي اِنتها هئي. شديد ڏک ۽ بيوسيءَ ۾ رُوح چِلجي ويو هئم. عجب اذيتناڪ صدمي مان گذري رهيو هئس.
پر ان صدمي سان گڏوگڏ ڏندين آڱريون به اچي ويون هئم ته ساڏو ٿِچ سڙندي مهل به پَدما آسڻ ۾ ويٺو رهيو جڏهن باهه جي سڙڻ جي ايذاءَ کي ڏِيان ڪارڻ سندس جسم بلڪل به محسوس نه ٿئي ڪيو؟ پر اهو ڪيئن ممڪن هو؟ سندس جسم سَڙڻ جي سختيءَ ڪري ڪنبيو ته پئي پر ڪِريو نه. ٿِڇڪيو ته پئي پر بچڻَ لاءِ لُڇيو نه پئي! باهه ۾ جِسم جي سَڙڻ جا آواز ته هئا پر ساڏوءَ جي واتان هڪ آهَه به نه نڪتي. جيستائين ڪيس هوش رهيو هوندو، هو آخر تائين هڪ شاناتي مضبوط سُياءَ سان پَدما آسڻ ۾ هڪ باوقار بوڌيءَ جيان ڌِيانَ ۾ ويٺو رهيو. دنيا صدمي ۾ اچرجَ منجهان اهو لقاءُ ڏٺو پئي، ڪجهه صحافين فوٽو ڪڍيا پئي.
پانڌي! هڪ انساني جسم هو جيڪو شعلن ۾ سڙي رهيو هو جيڪو سڙندي سڙندي سُسندو پئي ويو سندس مٿو ڪارو رک ٿيندو ويو هوا ۾ پهرين پيٽرول جي ڏپ ته هئي ئي ۽ ان ۾ هاڻ رُوح جهوريندڙ انساني ماس جي سڙڻ جي ڏَپ به ملي وئي هئي. ٻوڌي توڙي غير ٻوڌي سيئي سُڏڪيا پئي.
پيارا پانڌِي! هن عظيم اڳواڻ جو جسم سڙندو، ڏُکندو هڪ ڪارڻ جي صورت وٺندو پئي ويو. مون ڏٺو ته ڪيئن هڪ پورو جِيونُ، شعور، مقصد، تِياڳ، ساڌنا ۽ پاڻ ارپنا جي عظيم تاريخ سان ڀريل هڪ انساني وُجُود سُسندو پئي ويو.
آئون انيڪ ڏينهن اُن حادثي تي سوچيندو رهيو هئس. مون کي محسوس ٿيڻ شُروع ٿيو هو ته فطرت جي سمورن ماڌِي ۽ ٻي ساهن وُجُودن جيان انسان به ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَي ساهو وُجُود ئي هو گَسَ تي پيل پٽر جيان، وڻ جي ڪريل ٽاريءَ جيان.

جڻ منجهس شعور جو هجڻ بہ ڪو اتفاق ئي هو جنهن شعور جا ڪارناما فقط ان اتفاق جو ئي هڪ نتيجو هئا! جيڪي هڪ لحظي ۾ "هئا" منجهان "نہ هئا" ۾ تبديل ٿي ويئا هئا. جڻ معني، مقصديت، انساني قدُرَ ۽ انسانيت بِنهہ ڪُوڙا سانگ هئا جيڪي انسانَ دنيا سان پنهنجيءَ دل لڳيءَ ڪري رچايا هئا نہ تہ فطرت جي ڪنهن بہ شئي جو مرڻ، پلي پوءِ اهو ڪو ننڍڙو پکي ئي ڇو نہ هجي... جانور يا جيت جڻيو پٽر يا ڪو ٻوٽو ئي ڇو نہ هجي، انسان جو مرڻ بہ انهن جيان ٿي غير اهم ٿي سگهيو پئي. يا وري ايترو ئي اهم ۽ غير اهم هو جيترو ڪنهن بہ فِطري لقاءَ جو متجي هڪڙي صورت کان ٻي صورتَ اختيار ڪرڻ هو.

اُهي ٻُڌ مت سان واڳيل ماڻهو جيڪي احتجاجَ جو حصو هئا. منجهانئن ڪي رُنا پئي تہ ڪي وري پنهنجي ضبطَ کي نہ سنڀالي سگهڻ جي صورتَ ۾ روئندي روئندي زمين تي ڪِري پيا هئا.

جڏهن تہ اُهي سياسي طور سرگرم ٻوڌي جيڪي ساڌو ٿِچ کي سندس چَوڏاري گهيرو ڪيو بيٺا هئا سي پنڊ پهڻ هئا. سندن چهرن تي رُڪ جهڙي سختي هئي. سندن مُنهن پگهر ۾ ايئن لڳا پئي جڻ منجهانئن پگهر نہ شِيهو وهيو پئي ۽ چپن تي موتَ جهڙي ماٺ ـ مُهرَ لڳل هئي...

مون ساڌو ٿاشِيءَ جي منهن ڏي رکي رکي ڏٺو پئي. ساڌو لِي پرانهون بيٺل هو. ٻنهي جي چهري تي واقعي سان سَنبَنڌ تہ نظر آيو پئي پر جذباتي ردعمل جيڪو اهڙي واقعي کان پوءِ لازمي هو، اهو سندن چهرن جي سختيءَ پويان دَٻيل رهيو. ظاهري طور منجهن ڪٽي عام انساني جذباتيتَ ٿِر جيتري بہ محسوس نہ ٿي رهي هئي. پر سندن چَپَ اج ٻئي انداز ۾ ڀِڇيل هئا. اُنهن ڀِڇيل چَپن ۾ هڪ احساس هو جيڪو اِجهو هڪ سفاڪ موتَ منجهان گُذريو هو.

آئون ۽ مون جهڙا ٻِنهہ نوان ٻوڌي ٻي اختيار نُڇيا ۽ رڙيا پئي. آئون قبول نہ پئي ڪري سگهيس تہ اسان جو عظيم اڳواڻ، اسان جو رول ماڊل ٻوڌي سَتوَ ساڌو ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ ايڏي تڪليفده موتَ جو شڪار ٿيندو.

مشهور فوٽوگرافر ڊئوڊ هالبر اِشتام ٻئي ڏينهن جي اخبار ۾ ان واقعي جي تصوير ڪشي ڪندي لکيو هو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهڙي لقاءَ کي (شايد) فقط هڪ پيرو ئي جيونَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ انساني جِسم منجهان شعلا نڪتا پئي، سندس جسم ڳنبندي ڳنبندي آهستي آهستي ڳوماڻجندو پئي ويو. سندس مٿو پَرندو ڪارو ٿيندو پئي ويو. هوا ۾ انساني گوشت جي سڙڻ جي بوءِ هئي. مون ڏٺو ته انساني جسم تمام ٽڪڙو سڙي ٿو. پنهنجي پويان وِيئٽ نامين جا سُڏڪا ٻُڌم پئي. آئون ايترو ته گنگ هئس جو نه روئي سگهيس پئي، نه وري ان واقعي جي رپورٽنگ ڪري پئي سگهيس. ساڌو ٿِچ ڪوانگ دوڪ جو سڙندڙ جسمُ ايذاءَ کان ذرو به نه ڇُريو هن کو به آواز نه ڪڍيو سندس رويو سندس ڇوڏاري ٻينل ماڻهن کان ڪافي مختلف هو."

اُتي ٻينل چند صحافين مان هڪ اُهو به هو جنهن ان ڏينهن جي منظر ڪشيءَ کي فوٽوءَ جي صورت ڏئي عالمي انعام ماڻيو هو! ها پانڊِيءِ فوٽوگرافر مئلڪام براؤن کي ساڌوءَ جو سڙندي فوٽو ڪڍڻ تي عالمي "پُلائيٽزر انعام" مليو هو.

ڏِس نه ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ ٻوڌي معاشري وِيئٽ نامي سياست کي ته گهٽو ڪجهه ڏئي ويو هو پر اُن ڏينهن هو اُن صحافيءَ کي انعام به ڏئي ويو جنهن ان هيبتناڪيتَ کي ڪئميرا ذريعي جامد ڪري عالمي ٻوڌي توڙي سياسي ڪئنواس تي سدائينءَ لاءِ چِٽي ڇڏيو.

آمريڪي صدر جان ايف ڪئنيڊي پنهنجي بيان ۾ ته ايترو چيو ته "دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن به خبر جي فوٽوءَ جذبن جي اظهار جي اهڙي اُڇلَ نه ڏني هوندي جهڙي هن فوٽو ڏني آهي."

ڇوڏاري ٻينل دردناڪ لقاءَ پسندڙ ماڻهن جي گهڻائي يا ته روئي رهي هئي يا زور زور سان ٻوڌي منتر پڙهي رهي هئي. ڪيترا ئي ٻوڌي ناريون ۽ مرد ساڌو ويندي رستن تان گذرندڙ ماڻهو به جذبات جي شدت مان پٽ تي ڪريا پيا هئا. اتي ئي بيٺا ٿيو تڙپيا پئي ته ڇا ٿي ويو هو! ان کان سواءِ ڪي ٻوڌي احترام ۾ ساڌو ٿِچ جي آڏو جهڪي جهڙوڪر سجدن ۾ پيا هئا. مون ته اهو به ڏٺو ته ويندي اهي پوليس وارا جيڪي صدر ڊيئم جي حُڪمن جي پابندي ڪندي هجوم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جائتي ڪرڻ لاءِ بيٺل هئا، سي بہ احترام ۾ سِر نِوايو بيٺا هئا.

هڪ ٻوڙي مائيڪ تي ان واقعي کي بيان بہ ڪري رهيو هو تہ "هڪ ٻوڙي پارٽ کي ساڙي امر ڪري ڇڏيو آهي، شهيد ڪري ڇڏيو آهي، ٻوڙي فرض ادا ڪيو آهي،" وغيره وغيره.

پانڊِي! فقط ٽَون ڪان ڏهہ منٽ لڳا هوندا، ساڏو ٿِچ دوڪ جي جسم کي سڙڻ ۾. جسم سڙي وڃي پوئتي ڪريو. ساڏو لي ۽ ساٿس گڏ ٻين ٻوڌين سندس سڙيل جُسي کي گيڙُو لَٽي ۾ ڪٺي، تابوت ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. هڏا ۽ ماس سڙي سخت هڏائين پيجري ۾ تبديل ٿي ويا هئا. جسمَ جو ڍانچو ڪرونبڙو ٿي گول ٿي ويو هو ۽ تابوت ۾ بند نہ ٿئي ٿيو ڇاڪاڻ تہ سندس هٿ پير سڌا نہ پئي ٿيا. هڪ ٻانهن ان تابوتَ مان ٻاهر ئي نڪتل رهي.

وِچ سائيگان ۾ زا لوئي نالي ٻوڌيشالا ۾ سندس تابُوت کي نيو پئي ويو. نہ ڄاڻان مون ايئن ڇو پئي سوچيو تہ ساڏو ٿِچ ڪوانگ ڏوڪ جسم سڙڻ باوُجُود بہ جَهڙوڪَر جيئرو هو ايئن تابوت ۾ شانت پيو رهڻ بہ جَهڙوڪَر ان سنگين احتجاجَ جو حصو هجي. آئون سمجهي نہ ٺئي سگهيس تہ هيڏو وسيع سوچ ۽ شعور جو نظام جيڪو ماڻهوءَ جي داخلي توڙي سماجي ۽ فطرت جي معروضي وُجودَ کي پيو بيان ڪندو آهي، سو ڪيئن ٺو فقط ڪجهہ منٽن جي اندر ئي سڙي ويندڙ جسم سان گڏ ختم ٿئي؟ آئون ساڏو ٿِچ کي ڪيترو ئي عرصو جيئرو سمجهندو رهيو هئس، پانڊِي

اسين جيئن ئي تابوت ڪٺي زا لوئي رَسياسين تہ پگوڊا جي ٻاهران ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن وٽ انگريزي ۽ وِيٽنامي ٻولين ۾ لکيل پلي ڪارڊَ هئا. منجهانئن هڪ تي لکيل پڙهيم: "هڪ ٻوڌي ساڌوءَ اسان جي پنجن گُذارشُن جي پورائي لاءِ پاڻ کي ساڙي ڇڏيو."

ٻنپهرن جو شروعاتي پَهر هو يعني هڪ ڏيڍ ٿيو هوندو. هزارين ساڌو ان ٻوڌيشالا ۾ گڏجاڻيءَ لاءِ گڏ ٿيا. ٻوڌيشالا جي پگوڊا (مقبري نما ٻوڌيشالا يا ٻوڌي-دَر جو ڍانچو)، جي ٻاهران ٻُڌ مَت جا حمايتي شاگرد انساني شيلڊ ٺاهي اندر گڏجاڻي ڪندڙ ٻوڌين جي حفاظت لاءِ گهيرو ڪيو بيٺا هئا.

ڪلاڪ کن جي مختصر گڏجاڻيءَ کان پوءِ لَڳ ڀَڳ هزار ٻارنهن سؤ ٻوڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن پوئلڳن سان گڏجي ان جاءِ واردات ڏانهن وڃڻ لڳاسين. پر صدر ڊيئم جي حُڪمن موجب زالوئي ٻوڌيشالا مان نڪرندي ٿي تيهه نارِيون ۽ ڇهه مرد ساڌو پڪڙيا ويا. ان الزام ۾ تہ عبادت واري گڏجاڻيءَ جو وقت ايڏو ڊگهو ڇو رکيو ويو هو. هٿيارٻند سپاهين ٻاهر نڪتل ٻوڌين ۽ ٻوڌيشالا جو گهيرو ڪيو ۽ ڪين اڳتي وڌڻ کان روڪيندا رهيا.

هُن پاسي صدارتي محلّ جي صورتحال هيءَ هئي تہ صدر ڊيئم ان واقعي کان ٺُرت پوءِ ريڊيي ذريعي پيغام ۾ اُن واقعي تي افسوس ڪندي معاملو جلد حَل ڪرڻ جو واعدو ڪيو. ان جو سبب شايد اهو هو تہ اخباري بيانن موجب آمريڪا صدر ڊيئم تي ڪيئن بہ ڪري مذاڪرات ٻيهر شُروع ڪرائڻ لاءِ زور ڀريو هو ان ڪري واقعي کان ٺُرت پوءِ صدر ڊيئم ساڌي يارهين بجي گڏجاڻي ڪوٺائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو تہ ٻوڌي بحران کي ڪيئن حل ڪجي؟

پوءِ خبر نہ آهي تہ ڇا سوچي (يا وري ڪنهن جي چُرچَ تي) صدر ڊيئم ان ڪونايل گڏجاڻيءَ کي معطل ڪري پنهنجن وزيرن سان هِڪ هِڪ ڪري الڳ ملاقات ڪئي. اهو بہ ٻُڌڻ ۾ آيو تہ ان واقعي جي ٺُرت ڪلاڪ اندر صدر ڊيئم کي عالمي ڦوڙُو آفائن وٺان نِياپو مليو. جيڪو وٺس ڏکڻ آمريڪا جي ٺڏهوڪي قائم مقام سفير وليئم ٽروهارٽ آندو هو. صدر ڊيئم کي ڪيئن بہ ڪري معاهدو ڪرڻ جو حُڪم ڏئي ڇيو ويو تہ صورتحال ايتري تہ بگڙي چڪي آهي. جو جيستائين ٻوڌي منشور جا پنج نُڪتا نہ مڃيا. تيستائين ڪنهن بہ بهتريءَ جو امڪان نہ آهي.

گڏوگڏ آمريڪا ۾ سائيگان جي سفارتخاني کي آمريڪي حڪومت اِها ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن اهڙو معاهدو نہ ٿيو تہ آمريڪي حڪومت ڊيئم جي سرڪارَ سان تعلق ختم ڪندي. هوڏانهن ساڌو ٿِچ جي آخري رسمن لاءِ چار هزار کن ماڻهو زالوئي پگوڊا جي چَوڌاري گڏ ٿيا پر ٻوڌي قيادت آخري رسمون ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ جيستائين مطالبا نہ مڃيا ويندا تيستائين آخري رسمون ادا نہ ٿينديون. اخبارن ذريعي عوام آڏو سامهون ايندڙ انهن دبائن جو اثر ايترو تہ ڳِهرو وينو جو ساڌو ٿِچ جي سڙڻ واري واقعي جي پنجن ڏينهن اندر ٿي يعني سورهين جون تائين اهڙي گڏيل معاهدي تي صحيحون ٿي ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا پانڊيا! هن سموري اهنجَن ڀري ڳتا جو تتُ اهو هو تہ اوٽيهين جون تي اسين شهر جي ڏاکڻي پاسي سترهن ميل پري پنهنجي عظيم اڳواڻ جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ رَسياسين. ايئن ٻوڌين ۽ سڪيورٽي گارڊن سُوڌو ڪل پنج سؤ ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ساڌو ٿِچ دوڪ کي آخري رسمن تحت ٻيهر ساڙيو ويو باهہ ۾ سڙڻ باوُجود بہ ساڌو ٿِچ دوڪ جي دل جي شڪل نہ بگڙي هئي. جنهن کي زا لوئي ٻوڌيشالا ۾ تاريخي وِرثي جيان هڪ شيشي جي سجاوٽي پيٽيءَ ۾ سدائينءَ لاءِ محفوظ ڪيو ويو.

اها الڳ ڳالهہ آهي تہ معاهدي تي صحيحون ٿيڻ کان پوءِ بہ انهن پنجن مطالبن تي ڊيئم حڪومت عمل نہ ڪيو هو. جهڙوڪر آمريڪي حڪومتَ جي ٻوڌين جي حمايت ۾ صدر ڊيئم کي ڌمڪي فقط هڪ سياسي ٽِڪسات هئي. ۽ جيئن تہ خارجي آمريت نواز آقائن جي حُڪمن کي ايئن لنوائڻ ڪنهن بہ ويڪائو حڪومت جي نہ تہ مجالَ هوندي آهي، نہ وري انهن جي حق ۾ بهتر هوندو آهي. پر جيئن ئي ٻوڌي قيادت کي خبر پئي تہ طئہ ٿيل معاهدي تي عمل درآمد نہ ٿيو تہ احتجاجَ وڌي ويا. ايئن هڪ ڀيرو وري ڪشيدگي وڌي وئي. صدر ڊيئم جي ڪٽر ۽ متعصب ڪئٿولڪ پادري ڀاءُ ٻوڌيشالائن تي ملڪ گير سطح تي راتاها هڻي ٻوڌي ڪنيڻ شُروع ڪيا.

ساڌو ٿِچ جي پوئواري ڪندي اڳتي هلي ڪجهہ ٻين ٻوڌين بہ پاڻ ساڙيو. ان سموري صورتحال ۾ بحران خوفناڪ صورت تڏهن اختيار ڪئي جڏهن خود فوج ۾ بہ راڻا تي پيا. نيٺ ان بحران جو ڇيهُہ اِتي ٿيو جو فوج ڊيئم حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ کيس ٻين نومبر 1963 تي قتل ڪيو ويو. اجان ٻوڌي سياست ۽ ويٽنام جي ڏک-ڀري ڳتا جي بدترين حصي جي شروعات ٿيڻي هئي. جنهن تي ايندڙ خطن ۾ لکندس. هاڻ توکي ٿِچ ڪوانگ دوڪ جي ان قربانيءَ کان پوءِ واري ڦُوان آئم ٻوڌيشالا جو ٻنهہ مختصر حال اوريان ٿو.

يارهين جون واري ڀيانڪ ڏينهن تي ڦُوان آئم ۾ ترسيل اسين اٺ درجن کن نوان ٻوڌي هئاسين. جيڪي ان سموري رات شمهي نہ سگهيا هئاسين. منجهانئن ٻوڌيشالا ۾ رهندڙ ٻيا ۽ خاص طور تربيت ڪندڙ هڙئي سينئر ٻوڌي (ساڌو لي ۽ ساڌو تاشِيءَ سميت) زا لوئي ٻوڌيشالا ۾ ترسي پيا هئا. جتي هڪ پاسي ٿِچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوانگ دوڪ جو تابوت پيل هو. جيڪو هڪ دؤر ۾ هڪ نسل لاءِ هڪ ئي وقت ڏک ۽ فخر جي علامت هو. ٻئي پاسي رات دير تائين سياسي طور سرگرم ساٿين جي اُتي گڏجاڻي پئي ٿي، جنهن جو فقط هڪ ئي موضوع هو تہ ان معاملي کي نبيرجي ڪيئن؟

ان رات اسان ڇهہ ڪن نوان ٻوڌي ڇيلا هئاسين. جيڪي ڦُوان اَئم جي مُورتيءَ واري پاسي هڪ جاءِ تي ويٺا هئاسين. اسان منجهان ٿي جيڪي ان واقعي جا عيني شاهد هئا. سي پنڌ پهڙ هئا. جڏهن تہ رهيل ٿي ٻوڌي، جيڪي عمرين ۾ لڳ ڀڳ ٻارهن کان چوڏهن سالن جا هوندا. سي احتجاجَ ۾ نہ ويا هئا. سندن چهرن تي وحشتُن جا آثار هئا. مون کي ياد آهي تہ اُن رات هڪ نوجوان ساٿيءَ، جيڪو مون کان ڪجهہ سال وڏو هو ۽ احتجاج دوران موجود هو اُن وهندڙ اکين سان چيو هو. "اهو احتجاج ظُلم هو اهو ظُلم جنهن جي خلاف خود گوتم ٻُڌ بہ هو. سو ظُلم ساڏو ٿِچ ڪوانگ پاڻ تي ڇو ڪيو؟"

سندس خيال ۾ ايئن پاڻ ساڙڻ ٻُڌ مَت جي منافي هو ۽ ظلم جيڪڏهن ٻئي تي غلط هو تہ پنهنجي ساهن پرئي جُسي سان پوءِ ڪيئن ٺئي جائز ٿي سگهيو... مون کي ياد آهي تہ مون سُجيَل اکين سان ڪيس نهاري هلڪڙو ڪنڌ ڌوڻيو هو تڏهن مان ساڻس سؤ سيڪڙو سَهمت هئس. پر آئون ڪجهہ بہ ڪُڇي ڪِين سگهيو هئس. ياسِيو پئي تہ لفظن کي چوڻ لاءِ جيڪا سَگهہ گُهربي هئي، سا اڄ آئون ٻاهہ جي حوالي ڪري آيو هئس. ايئن ان سُورَ جا ڇِپيُون جيرا اسان جا رُوح ساڙيندا رهيا، پڇندڙ ۽ پڇرندڙ سوچون ۾ خيال ڪٽي نيٺ وڃي بسترن پيڙا ٿياسين.

مان اُها سموري رات روئيندو رهيو هئس. مون کي ساڏو ٿِچ ڪوانگ جي سُپاءَ جي نرمي ياد پئي آئي. جنهن ڳالهہ مون کي جيئري ماريو پئي، سو سندس ايئن تڙپي مرڻ هو. اندر ۾ جِهير پئي پيا تہ ڪيئن هن عظيم انسان ان تڙپ جي آڳ ان مهل بہ عامَ کي ٻِنهہ نہ ڏني! پتائيءَ جي ٻوليءَ ۾ هي ساڏو تہ پچڻ کي پچائي ويو هو!

صَدمو اِن ڳالهہ جو هو تہ هاڻ سموري عمر هن محبوب اڳواڻ کي ڏسي نہ سگهبو! سندس ٻُڌ مت لاءِ ايئن پاڻ اربڻ جو مثال مون کي ٻُڌ مَت جي ويتر وڏيڪ ويجهو وني ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏک جي نہ ڪتندڙ تند کي سوريندي سوريندي وهندڙ اکين سان مون ڪجهہ لمحن لاءِ تہ اهو بہ سوچيو تہ آخر ساڏو تاشِيءَ سان احتجاج ۾ وڃڻ لاءِ ڇو ضد پريو هئم؟ ڀلا ڇا ٿئي ها جي اسان نون ٻوڙين کي اڳوات خبر هجي ها تہ ساڏو تِچ پاڻ ساڙيندو؟ تہ ڇا آئون تڏهن بہ وڃان ها اُن احتجاج ۾؟ نہ! شايد نہ وڃان ها!

پر هاڻ مون ڪان اهو سُور نہ تہ ڊائريءَ سان سليو ٿيو پئي، نہ ٿي اُن هڪ وُجُود کي وڪوڙيندڙ باهہ جي لقاءَ کي پنهنجن تصورن ۾ اچڻ ڪان روڪي سگهيس پئي. اها اندر جي پيڙَ منهنجيءَ دل جي ڪٽڻ ڪان ڳري هئي. روئندڙ اکين سان ڇت کي پئي تڪيم. تڪيندي تڪيندي اچي ليٽڻ ڪان بيزار ٿيس. ٻاهر نڪري پٽ تي ويهي يوڳا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پَدما آسَڻ ۾ وينس پر ساڏو تِچ جو سڙندي جُسي سان ايئن ٻي ڊپو تي پَدما آسڻ ۾ ويهڻ اکين ۾ تري آيو. ان آسڻ کي ڇڏيم. ياسيم جڻ هاڻ وري ڪڏهن بہ پَدما آسڻ ۾ نہ ويهي سگهندس.

ان ڪان پوءِ تابوت مان ٻاهر نڪتل سندس هٿ نہ ٿئي وسريو آخر هڪ انساني جسم هو پانڊيَ! ڪو ڪاٺَ جو بوتو تہ نہ هو! انهن پُورن ۾ پاڻ پچائيندي پچائيندي ساڏو تاشِيءَ جو انتظار ڪندو رهيو هئس. پر سُجهيم نہ پئي تہ هو آيو تہ ساٿس ڳالهائيندس ڇا؟ ياسِيو پئي ان واقعي جي اثر ۾ منهنجا لڱ اجان تائين ڪانڊاريل هئا. نيٺ ڪافي دير ڪان پوءِ ڦوان آئم جا رهيل رهواسي ٻوڙي پنهنجي وُجُودن تي ڏکن جا بار کڻي ڳرن پيرن سان اچي ٻوڊيشالا جي رهائِشگاهہ پيڙا ٿيا. مون کي سينئر ساڏوئن اڪيلو ٻاهر وينل ڏٺو!

هونئن مون کي پَسندي ئي جيڪو پهريون لفظ ساڏو لِيءَ سميت هر ڪو چوندو هو سو هو "اڙي، سنڌي ڪون سوڪ. ڪيئن پيون تنهنجون مشقون هلن." يا وري اهڙو ئي ڪو بيو سُوال: پر ان ڏينهن منجهانئن هر ڪو مون تي هڪ اُچاتري نگاهہَ وجهي پنهنجي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. ڄڻ تہ هو اڄ گهٽو ڪجهہ ڏسي. ٻُڌي ۽ ڳالهائي چُڪا هجن.

ساڏو تاشِي اچي منهنجي پرسان ويهي رهيو. منهنجي سُڳَل اکين کي ڏسي پڇيائين. "لطيف. تون سُتو ڇو ناهين اجان!" ڪيس سواليہ نظرن سان ڏٺم تہ هن اهو سوال ڪيئن پُڇيو. هيڏي ڏک جي جبل ڪرڻ ڪان پوءِ بہ سُمهي رهجي ها!

ياد اٿم، مان وري روئي پيو هئس! ڪيس جِهجندڙ رُوح ۽ سڏڪندڙ سان ڇيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئم. ”ساڏو اهو غلط هو ايئن جُسو ايذاءَ ۾ وجهڻ غلط هو. ساڏو تِچ دوڪ جيئرو هجڻ گهرجي ها. هن جو وجڻ ٻُڌ مت لاءِ نقصان ڪار آهي. اهو فيصلو غلط هو ساڏو باهه ۾ پاڻ ساڙي مارڻ غلط آهي ساڏو!“ اهو چئي آئون سُڏڪن ۾ پئجي ويو هئس. ساڏو تاشِيءَ مون کي ياڪر پائڻ لاءِ پنهنجي ويجهو ڪيو تہ پريشان ٿي چيائين. ”اڙي ڪون سوڪ. تون تہ تپيو پيو آهين؟“

هو مون کي زوريءَ اُٿاري منهنجي ڪمري تائين وٺي آيو. آئون وجي هنڌ تي سُڏڪندي ڪِريس. هو منهنجي متي تي پاٽيءَ جون پَٽيون رکي تَپَ کي جَهڪو ڪندو رهيو. تپُ ٿورو جَهڪو ٿيو تہ هو اُٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو. مون کيس روڪيو نہ. ايئن اڏ ننڊ اڏ جاڳ ۾ اُها رات وِهامي وئي!

سو پانڊِيا هي هئي سائيگان جي گهرو ويڙهہ واري بدترين دؤر جي ڪَٿا!
ان موضوع تي پنهنجن خطن جي سلسلي کي اتي پُناٿيندس. سائيگان ۾ اسان جي اڳتي سياسي توڙي ٻوڌي سِکيا جي ڪَٿا کي ايندڙ خطن ۾ کٹندس. هاڻ تنهنجن جوابي خطن جو انتظار اٿم.

تنهنجو پنهنجو
ٻوڌي لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهائشي تربيت جي چوٿين ڏينهن جو پروگرام منهنجي سامهون هو. بروشر کڻي ڏٺم، اسان کي صبح جو پنجين وڳي يوگا لاءِ مخصوص ميدان تي پهچڻو هو، جتي يوگا جي هڪ ڪلاڪ جي نشست رکيل هئي. ان کان پوءِ اسان کي شانتي اِسٽوپا ڏانهن نڪري وڃڻو هو، جتان ڪان اڌ ڪلاڪ جي مفاصلي تي واقع چؤگلامسر پهچڻو هو. چؤگلامسر ۾ وري انهن ٻي ٻوڌي نشستن جو حصو ٿيڻو هو، جن ۾ مختلف موضوعن تي درس رکيل هئا. هڪ بروشر ۾ اِسٽوپا بابت معلومات ڏنل هئي، ان جا فوٽا به هئا. ڏٺم. جبلن جي گهيرن ۾ هڪ سفيد رنگ جو قبو هو، ان جي چوڌاري سادو پر وسيع پٽ وڇايل هو.

ڪجهه دير ان بروشر کي اٿلائي پٿلائي ڏسندو ۽ مختلف حوالن کان سوچيندو رهيس ته سفر ڪيئن هوندو، شانتي اِسٽوپا هتان ڪيترو پري هوندو، اتي ڇا هوندو، اتان پوءِ ڪيڏانهن ويندا سين؟ انهن سيني سوالن ۾ سوچ جو مرڪز ۽ محور يوڳٽي مِينتوخ هئي ته اهو سمورو وقت سندس ساٿ ۾ هوندس. مون کان پنهنجو پاڻ پليو نه ٿئي ٿيو، ڪيس سوچڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهيس. انڌن جيان سندس پويان هلندو پئي ويس، صحيح غلط جو سوچئي بنا، گڏوگڏ اهو به احساس هئم ته آخر منهنجي ان جذباتيت جو ڇيهه ڪٿي ٿيندو!

قسمت منهنجي سوچ ۽ خواهش کي پورو ڪرڻ جي مجاز ته نه هئي؟ مون کي ان جو پورو پورو احساس هو ته هڪ يوڳڻ، ٻوڌيائيءَ سان محبت جي به ته پنهنجي قيمت ادا ڪرڻي پوندي! پر مان بي پرواهيءَ جي آسمان تي هئس، پر اندر ئي اندر ۾ جڻ ان منزل ڏانهن ڊوڙيس پئي جنهن لاءِ سڪيس پئي، ته جيئن جلد از جلد ان مقام تي رسان جتي هوءَ مون سان گڏ هجي يا مون کي سائس گڏ هجڻ جي پڪ ملي وڃي...

خبر نه پئي ته ڪنهن مهل اهو سوچيندي سوچيندي ننڊ اچي وئي. صبح جو پنجين ٻجي کان پنج منٽ اڳ پاڻ ئي اک کُلي وئي. تڙ پڪڙ ۾ برش ڪري، منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ڪپڙا مٽائي يوگا واري ميدان تي آيس. اڄ يوگين جو تعداد نسبتاً گهٽ هو... جيڪي لوڪل به لڳا ٿي ته ٻاهريان به... مون کي محسوس ٿيو ته هڪ ئي وقت ڪيترين ئي رهائشي تربيتي نشستون رکيل هيون، جن لاءِ آيل ماڻهو هتي ترسيل هئا. اسان جي رهائشي تربيت وارن جي پنهنجي ڪنڊ هئي، اڄ يوگا جي نشست ۾ ڊئنش پروفيسر کان سواءِ سڀ ئي موجود هئاسين. ڊئنش پروفيسر آخري اڌ ڪلاڪ ۾ آيو، جنهن کي ايندو ڏسي مون دل ئي دل ۾ مرڪيو ته اڄ هن پنهنجا انجيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ دير ڪئي آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح واري يوگا ۾ ڪجھ مخصوص مشقون لازمي ڪرڻيون پونديون هيون. روز جيان، سُورج-سلامي، پوءِ پراڻيامہ ۽ ان کان پوءِ ڌهن منٽن جو ڌيان، جنهن کي يوگي استاد هدايتن سان ٿئي ڪرايو...

ان هدايتي ڌيان جو مطلب جسم جي يوگا دوران ڪاٿيل سختي، ۽ ٿڪ کي هلڪو ڪرڻو هو، ۽ ايئن ٿيو بہ. جسم کي ڍري ڇڏڻ جون جيڪي جيڪي تصوراتي مشقون هن ڪرايون، سيئي ڪارائتيون هيون. جسماني ٿڪ کي تصور سان گهٽائڻ يا ختم ڪرڻ عجيب هو. اهو بلڪل وُجُود کي غير وُجُود سان ختم ڪرڻ هو جڻ.

اسين يوگا کان پوءِ وهنجي سنهنجي اچي ناشتي واري ميز تي پهتاسين، جتان اسان کي لگ ڀڳ ساڍي ڇهين يا پوڻين ستين تائين چَنگسپا طرف نڪري وڃڻو هو، جتي شانتي اِستُوپا هو. اتان کان اسان کي اوريئنٽل گيسٽ هائوس ۾ هڪ سيشن اٽينڊ ڪري، ٻوڌي سينٽر واپس اچڻو هو، جتي وري سمورو ڏينهن ليڪچر، ڌيان ۽ يوگا جون مشقون ڪرڻيون هيون.

ناشتي واري ميز تي اسان جو گائيڊ نوانگ بہ اچي پهتو تہ جيئن اسان کي هتان تڪڙو فارغ ڪري سفر تي ساڻ کڻي هلي. يوڳٽي اڄ سنيد پهراڻ ۽ نيري جينز ۾ هئي. سنيد ئي مفلر ويڙهي رکيو هئائين. وار ان ئي طريقي سان ڍرا ڇڏيل، جن مان هڪ بہ ڇَڳون ڇهري تي نہ پون ها اهو ڪيئن مُمڪن هو! هر رنگ هن جو رنگ هو پر سفيد رنگَ ڪيس نکاري ويو هو. ريتر رنگَ جو حُسن وڌي پيو هو، ان کي معنيٰ ملي وئي هئي.

محسوس ٿيو پئي، سفيد رنگ کي ڪا مقدس ديوي پَهريو ويٺي هئي. مون کيس ڏٺو تہ اکين سان پئي پر عاشقَ جيان رُوح سان محسوس پئي ڪيم. ايئن نہ ڪريان ها تہ ٻيو ڇا ڪريان ها! ماڻهن جي ان ميڙ ۾ هڪ ماڻهوءَ کي ايئن پنهنجي دل ۾ جَڙيل محسوس ڪري مان پاڻ ٻيو تي ڇڪو هئس. زندگي ٻي تي ڇڪي هئي، نہ ڪي وري اهو سفر ڪو عام سفر هو، خود سفر منزل بڻجي ويو هو.

بهرحال، ان سفر جي سفر ۾ ڪيس مِڙني ساٿين سان گڏ ڏسڻ جو وري تجربو ئي پنهنجو هو.

ناشتو ڪري وئن ۾ چڙهياسين. اسين سيئي پهريون ڀيرو سفر تي گڏجي نڪتا هئاسين. مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ اهو ساٿ مختلف خِطن جي سوچَ جي ننڍڙن ايڪن جي مجموعي جو هو، جيڪو پنهنجي پاڻ ۾ گهڻ-رُخي دنيا جي جهلڪ جو هڪ نمونو هو. جابلو رستن تي اسان جي سگهاري وئن چڙهي تہ سيني، جيڪو جنهن سان ويٺو هو، هِڪٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. مختلف ملڪن جو هئڻ ڪري هي سفر بيحد دلچسپ هو، مان آمريڪي ليڪڪ اِيٽئن سان گڏ ويٺل هئس جنهن مان مون کي خُماري سامانَ جو هُڳاءُ ايندو رهندو هو. يوڳٽي پوئين سيٽ تي نيپالي جوڙي ڪمل ۽ ريا سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي هئي. هماچلي جوڙو منيش ۽ سارا ۽ ڊئنش پروفيسر تائو منهنجي اڳيان واري سيٽ تي هئا ۽ نَوانگ ڊرائيور سان اڳيان ويٺو هو. هي سفر ٿڪن ۽ سنجيده ۽ پر مزاح ڪچهرين تي ٻڌل هو. وچ وچ ۾ نَوانگ به ڳالهايو پئي، هن اسان کي اهو به ٻُڌايو ته اسين چئنگسپا ڳوٺ واري رستي کان شانتيِ اِسٽوپا وڃي رهيا هئاسين. اهو رستو ليهه يا اسڪارا واري رستي کان ٿورو ڊگهو هو، پر نَوانگ جي چوڻ موجب هي رستو اسان نون مسافرن لاءِ وڌيڪ بهتر هو.

شانتيِ اِسٽُوپا ڏانهن رستو هو ته پنجن ڪلوميٽرن جو پر جابلو گهڻن گهيڙن جي ڪري اسين اڌ مُني ڪلاڪ ڪن ۾ اتي پهتا هونداسين. چئنگسپا جي هڪ جابلو چوٽيءَ تي سفيد رنگ جو هي ٻوڌي سٽوپا، پري کان ئي نِروار بيٺو هو. ان جي سامهون پهچندي ئي اندازو ٿيو ته جابلو چوٽيءَ تي هجڻ جي ڪري اتان کان چوڌاريءَ جي نظاري کي آسمان منجهان پکيءَ جي نظر سان ڏسي سگهجيو پئي.

اِسٽُوپا طرف ويندي اسان کي نَوانگ اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هي اِسٽُوپا 1991 ۾ هڪ جاپاني ساڌو گيومايو ناڪامُورا اڏايو هو. (ان تاريخ تي هڪ بيو رايو اهو به آهي ته اهو اِسٽُوپا 1980 ۾ ٺهرايو ويو هو ۽ ان کي هڪ جاپاني ٻوڌي اداري ٻَڌرايو هو. اهو سندن اُمن مِشن جو حصو هو، ان ڪري اِن جو نالو شانتيِ رکيو هئائين جنهن جي سنسڪرت ۾ معنيٰ ”امن“ آهي. ان کي اَڏرائڻ جو مطلب ٻُڌ مَت جي تاريخ کي ۽ ان جي امن جي پيغام کي پکيڙڻ ۽ ملهائڻ هو.

جيئن ته اسان کي شانتيِ اِسٽوپا تان ٿي وري ٻوڌي سينٽر پهچڻو هو ۽ اتي ڏينهن جون مشقون ڪرٽيون هيون ۽ درس وٺڻا هئا، ان ڪري اسان کي ان کان اڳ ڏينهن جو چوکو حصو اِسٽُوپا تي لازمي گذارڻو هو. ان اِسٽُوپا جي اهميت جو اندازو ان مان به محسوس ٿيو پئي ته لَداخي ٻُڌ مَت ۾ ان جي ڪيڏي نه اهميت هئي. سُرمئي جبلن جي گهيري ۾ سفيد قبي جي چوٽيءَ جي ساخت ايئن هئي، جو پري کان محسوس پئي ٿيو ته ڪا ناچٽي چيلهه تي هٿ رکيو بيٺي هجي. ۽ ماڙ قُبي جي سموري جسم تي رنگ رنگ جي ڇنسالي ٿيل هئي، جنهن ۾ ٻُڌ جا ٻاهر اُڪريل اَڌڙ مجسمي نما خاڪا به هئا ته ان ئي نموني جا جانور، وٽڪار، ساوڪ يا ٻوڌي سماءَ جا نظارا به هئا.

ٻاهر اُڪريل خاڪا ايمبورز ٿيل فني نمونن سان ملندڙ جُلندر هئا. اصل مجسمن، ايمبورز ٿيل فن ۽ هنن اُڪريل خاڪن ۾ فرق اهو هو ته ايمبورز ٿيل اهڙو فن سطح کان فقط هڪ سينٽيميٽر يا ان کان به ٿورو گهٽ ٻاهر اڪريل نظر ايندو آهي؛ جڏهن ته هن فن ۾ جڻ مجسمن جا اڌ بُت سطح جي اندر ۽ اڌ سطح کان ٻاهر هئا.

هڪ پاسي دعا وارو ڦيٿو سونهري رنگ سان ٺهيل هو. اُن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان جانور ويٺل هئا. ان کان سواءِ سونهري رنگ جا ٻُڌ جا مُجسما به چوڌاري ديوارن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳل هئا. ان کان سواءِ انيڪ تصويري چٽساليون هيون.

پوري مقبري جي چوڌاري، اولهه اوڀر، اتر ڏکڻ مڪمل خالي پٽ هو، جتي ڪجهه ماڻهو مذهبي زيارتي ٿي لڳا ۽ سجدن ۾ پيا هئا، ڪجهه ڌيان ۾ ويٺل هئا. نوجوان نارين ۽ مردن جو هڪ مختصر گروهه ڪنهن يوگيءَ جي سونهائپ ۾ يوگا ڪري رهيو هو، تہ ڪي وري اِسٽوپا جو طواف ڪري رهيا هئا. اسين اِسٽوپا جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳاسين تہ منيش ۽ سارا ٻنهي اتي طواف ڪرڻ شروع ڪيو. اهو چئي تہ "اوهين هلو، اسين پويان اچون ٿا..."

گائيڊ نوانگ جي اڳواڻيءَ ۾ اسان سيني اِسٽوپا جون ڏاڪڻيون چڙهڻ شروع ڪيون. هو اسان کي شانتي اِسٽوپا جي تاريخ جي باري ۾ ٻڌائيندو پئي هليو. اسان ساڻس گڏ سفيد گنبذي اِسٽوپا جون ڏکيون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳاسين. ڏاڪڻيون چڙهندي وقت مون نوٽ ڪيو تہ سموري اِسٽوپا جون ديوارون ۽ پاسا رنگ برنگي چٽساليءَ سان ڀريل هئا. انهن رنگن ۾ ڦڪو، فيروزي ۽ سونهري ۽ ٿورو ڳاڙهسرو نارنگي رنگ حاوي هئا. ديوار تي اهي ئي اڪريل مُجسما هئا.

ڪٿي ڪٿي وري باقاعدي مڪمل مُجسما ديوار کان ٻاهر رکيل هئا. اُتي جيڪي بہ ماڻهو هئا، سي هٿ ٻڌي عبادت گذاريءَ ۾ مؤدبانہ انداز ۾ هليا ٿي. مون نوٽ ڪيو تہ يوڳٽي بہ جيئن تہ پنهنجي عقيدي ۾ سچي ٻوڌيائي هئي، سندس هلڻ، ويهڻ ۽ ڏسڻ جي انداز ۾ هڪ عقيدو رکندڙ ۽ انتهائي عقيدتمند ناريءَ جو مزاج ٿي جهلڪيو. ڪٿي ڪٿي هن اکيون بند ڪري ٻُڌ جي مُجسمي وٽ هٿ ٻڌي سِر جهڪايو ٿي... ڪمل ۽ ربا تہ هئا ئي ٻُڌ مَت سان وابستہ، پر سندن انداز مون کي عقيدائي بدران زيارتي وڌيڪ نظر آيو ٿي، اهڙا زيارتي جيڪي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پنهنجي عقيدي سان وابستہ ڪا ٻوڌي جاءِ ڏسي رهيا هئا، ايترا حيران ۽ پُرجوش نہ هئا.

يوڳٽي ۽ مان اِسٽوپا جي دائري ۾ ڏنل سموري ديوار تي اهڙن ئي اُڪريل مُجسمن تي ٻڌل وڏا تائيل ڏسڻ لڳاسين، جن تي گيڙُو رنگ جي لباس ۾ ڪنول آسڻ ۾ ٻُڌ جا ننڍڙا ننڍڙا مُجسما اڪريل هئا. ڏاڪڻيون چڙهندي ئي اِسٽوپا جي ٻئي فلور جي ديوار شروع پئي ٿي، جنهن تي رنگين چٽسالي ٿيل هئي. انهن ۾ سائي ۽ نيري پسمنظر ۾ زمين ۽ آسمان چٽيل هو، جنهن تي وچ ۾ سونهري رنگ جو هڪ وڏو دُعائي ڦيٿو هو، جنهن جي سامهون اُن ئي رنگ ۾ ساڄي پاسي بہ هرڻيون ويٺل هيون. آسمان ۾ چنڊ نظر ٿي آيو، زمين تي وڻڪار هئي: جڻ هڪڙي ئي تصوير ۾ سمورو لقاءُ پيدا ڪيو ويو هو.

هر تصوير زندگيءَ جا ڪيئي پهلو رکندڙ هڪ منظر هئي، جنهن ۾ زندگيءَ جي گهڻ-رُخي جهلڪ هئي. مون يوڳٽيءَ کي چيو، "لڳي ٿو هر تصوير هڪ پورو هڪ زمانو ٿي ڏيکاري."

يوڳٽيءَ چيو. "هممم! بلڪل."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو چئي هڪدم مُرڪي چيائين: ”ڪوشش ڪجو ته ان ۾ نواڻ ڏسي سگهو. ساڳيائپ هوندي به اتي سڀ ڪجھ نئون آهي.“

سندس اِهو جُملو ٻُڌي مون کي پاڻ تي ڪِلَ اچي وئي هئي. هوءَ صحيح ٿي ته چئي رهي هئي، ان نَواڻ کي محسوس ڪرڻ لاءِ مون کي ڪوشش ڪرڻي ٿئي پئي ۽ مان ان ڪوشش ۾ ناڪام پئي ٿِيس. عقيدي طور ٻوڌِي نه هئڻ ڪري مون کي ان ۾ شَديد پراڻَپ پئي نظر آئي، جيئن هر عقيدي ۾ هوندي آهي، پراڻپ جو ورجاءُ.

ڪلي چيومانس. ”سخت ڪوشش ڪريان پيو. ايئن محسوس ڪرڻ جي ۽ ان ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيڻ جي...“

ان تي گهوري چيائين. ”انهن حالن سان ٻوڌِي-دَر اندر داخل نه ٿي سگهندؤ.“

هڪدم چيم. ”اوهان جو پاند جَهلي هليو هلندس اندر!“

ان تي هوءَ گهري مُرڪ مُرڪي پئي. اسين وري لڳي وياسين شانتي اِسٽوپا جي قلهورڻ ۾. مان ان دوران چؤڌاري منظر جا فوٽو ڪڍندو رهيس. جتي لازمي سمجهيم اتي وڊيو شاٽس به ورتم. ڪوشش ڪيم پئي ته فوٽو ايئن ڪڍان جيئن گهٽي کان گهٽين تصويرُن ۾ هوءَ به اچي.

ان جي مٿئين طبق تي داخلي لنگهه واري جاءِ کان سِڌ ۾ سونهري رنگ ۾ ٻُڌ جو هڪ وڏو مُجسمو ڪُتل هو. جنهن جي چؤڌاري محراب تي رنگين ميناڪاريءَ سان نهيل ٽائيلن جو گهيرو هو. جنهن پسمنظر تي اهو مُجسمو لڳل هو. ان سونهري ديوار تي گهري نِيري رنگ سان جاپاني ٻوليءَ ۾ ڪجھ لکيل هو. جتي ٻُڌ ڪنول آسڻ ۾ پَلِٿي هنيو ويٺو هو. ان جي هيٺان وري سندس پوئلڳ هٿ ٻڌيو ويٺل هئا. جيڪي چِٽن سان نهيل هئا. مون غور ڪيو ته انهن ۾ جانورن جا چِٽَ به اڪريل هئا. اهي چِٽَ ڪنهن نه ڪنهن وسيع منظر جي تصوُر جي عڪاسي هئا. اُن سموري منظر پويان لازمي ڪو نه ڪو دلچسپ داستان هوندو. محسوس ٿيو. ڪنهن حقيقتَ جو فني خاڪو چِٽيل هو جن. مون ڪئميرا ڪٽي انهن مُجسمن. چِتسالين ۽ پنهنجي ساٿين سميت ٻين زيارتين جا شاٽس ورتا. يوڳتيءَ ۽ ٻين به پنهنجي ڪئميرا سان رکي رکي فوٽو ڪڍيا ٿئي.

اتان اڳتي وڃڻ تي ٻُڌ جو هڪ ٻيو ڏِکهو سونهري مُجسمو نظر آيو. جنهن جي مٿي، پيرن ۽ ساڄي کاٻي پاسي کان ٻيا مُجسما به اڪريل هئا. جيڪي عقيدت مندن بدران ڪنهن بادشاھ جا محافظَ لڳي رهيا هئا. ڪِن جي هٿن ۾ تير ڪمان ته ڪن وٽ ڀالا هئا. ڪو نقارا ٿو وڄائيندو نظر اچي ته ڪو هٿَ ۾ وزنائتو پٿر کنيو بيٺو هو. سندس مٿان کان بيٺل محافظَ وري هڪ شيطان صِفت ڪردار کي ابتو ٽنگي ان کي ماري رهيا هئا.

اُن سموري لقاءَ جي هيٺان لکيل هو. ”شيطان کي شِڪست ڏيندي.“ مون غور ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اُتي ئي بہ حسين جسم رکندڙ. اِنَ پوريون ڍِکيل نارِيون اُن سموري منظرَ ۾ ساجي ڪاٻي ٻنهي ڇيڙن ڪان رقاصي انداز ۾ بيٺيون هيون. مون مزاخ ۾ يوڳِٽيءَ ڪان پڇيو، ”آخر هي حسين نارِيون هتي ڇو ضروري هيون، ڪيس وندرائڻ لاءِ بيٺيون آهن ڇا!“ يوڳِٽيءَ جوابَ ڏيڻ بدران ان تي مون ڪي تنبيهي گهور سان ڏٺو.

ماڻ مُرڪي چپ ٿي ويس.

اِسٽوپا جي دائري ۾ اڳتي هلندي وري ٻُڌ جو سونهري رنگ جو هڪ ٻيو مُجسمو نظر آيو، جنهن ۾ گوتم ٻُڌ بيٺل هو. سندس هڪ هٿ، آسمان ڏانهن هو ۽ هڪ هٿ ٻانهن جي سِڌَ ۾ ڍِگهو هيٺ ڪيل هو. هٿ جي ترِي ٻاهر ۽ سڌي کليل هئي. سندس چڙڌاري معتقد هئا، جن مان ڪي بيٺل تہ ڪي ويٺل هئا. انهن ۾ هڪ ساڌو، مُريد جيان سندس پاسي ۾ هٿ ٻڌي ويٺل هو. ٻئي پاسي هڪ اڌ ڍِڪيل نارِي رقاصي انداز ۾ ٽيوب روز جي ڏانڊي جهليو دلرُبائي اَدا سان بيٺل هئي. مُجسمي جي مٿئين پاسي فقط اهي ئي گُلن واريون ڏانڊيُون پوپَل هيون. اُن ئي ساوَڪ منجهان لينا پائيندڙ هڪ ٻار جو مُجسمو هو.

ٻُڌ جي ٻنهي ٻانهن ڪان هيٺ واري پاسي بہ نارِيون بيٺل هيون، هڪ نارِي مُريد ٻُڌ جي پيرن ڪي ڇُهي رهي هئي تہ ٻئي پاسي ڪان هڪ ٻي نارِي ڪنول گُل ڪي هڪ ادا سان جهلي بيٺي هئي، ان ادا ۾ عاجزيءَ سان گڏ جنسي ارپنا بہ نظر پئي آئي. ان جي هيٺان واري پاڳي ۾ ٻنهي پاسن ڪان بہ ٻيون نارِيون ويٺل هيون، جن مان هڪڙي سجدي ۾ تہ ٻي هٿ ٻڌيون ويٺي هئي. اُن مُجسمي جي هيٺان ”جَم“ لکيل هو، گوتم ٻُڌ جي جنمَ جو لقاءُ هو.

اڳتي هِڪ اڪريل مُجسمي ۾ ٻُڌ پاسو ورايل، آرام ۾ سُتل هو. سندس چوڌاري محافظ معتقدن جا وڏا وڏا مُجسما هئا.

ان دوران نَوانگ اسان ڪي ٻڌايو تہ اسين نائين وڳي تائين هتي ترسي سگهون ٿا، اُن ڪان پوءِ ڪلاڪ ڪن ڇَنگسپا جو علائقو ڏسي پوءِ درسَ جي نِشستن ڏانهن ويندا‌سين. اسان وٽ اجان هڪڙو ڪلاڪ باقي هو. اسين اِسٽوپا تان هيٺ لهي آياسين، ٻيا دوست اجان مٿي هئا، مون لهندي ڏٺو تہ اِيٽڻن فوٽو ڪڍڻ ۾ مصروف هو.

اِسٽوپا جي اولهائين پاسي ديوار سان لڳ نوجوانن جو هڪ ٻيو ٽولو يوگا جي گائيڊيڊ سيشن ۾ رُڌل نظر آيو. اتي اسڪول جي ٻارنِ جو گروپ بہ آيل هو، جن ڪي سندن استاد اِسٽوپا تي وني وڃڻ ڪان اڳ جي معلومات ڏئي گهمڻ جا قاعدا سمجهائي رهي هئي.

نيپالي نارِي رِيا ۽ يوڳِٽي مِينتوخ اِسٽوپا جي رنگن تي ڳالهائي رهيون هيون. رِيا مِينتوخ کي ٻڌائي رهي هئي تہ ڪيس پوڪارا جو شانتي اِسٽوپا بہ تمام گهڻو وڻندو، جنهن ۾ رنگين ڇِٽسالي بلڪل بہ نہ هئي. يوڳِٽيءَ ڪيس پنهنجي نيپال وڃڻ جي پراڻي خواهش بابت ٻڌايو.

اُن وقت دل ۾ سوچيم تہ ساڻس گڏ نيپال مان بہ ويندس! مان هاڻي پاڻ کي ساڻس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳَنڍي ڏسڻ کان سواءِ سوچي ئي نہ پئي سگهيس. شايد محبت آهي ئي ايئن، ان ۾ اوهان حقيقتن کان بي نياز ٿي پوندا آهيو: بي خبريءَ جي هَوا شعور کي اڏاري ڪٿي ويندي آهي، اها تہ تمام گهڻو پوءِ خبر پوندي آهي تہ انهيءَ هوا وُجودَ کي ڪٿي ڪهڙن مقامن تي پهچائي ڇڏيو.

نوانگ اسان کي هَلڻ لاءِ چيو.

اِيتئن هيٺ لهي آيو رهيو هو. هِماچلي جوڙو ويندي مهل هڪ پيرو وري اِسٽوپا جي چوڌاري طَواف ڪرڻ لڳو. پروفيسر تائو، ڪمل، ريا، يوڳتي ۽ مان هڪڙو پاسو وٺي بيهي رهياسين. اسان سيئي ليھ جي چَئنگسپا روڊ تي وڃڻ لاءِ آتا هئاسين، جتي جي روايتي مارڪيٽ مشهور هئي. منيش ۽ سارا جڏهن طواف ڪري ورتو تہ اِيتئن بہ اچي ويو، اسان اتان ڪان نڪري آياسين.

چئنگسپا جي مارڪيٽ جتي ڪاڻ پيتَ جون ننڍڙيون هوٽلون ۽ بيڪريون هيون ۽ ياچين ۽ فروٽ جا ڳاڏا هئا. اتي لداخي ڪَلچر جا دڪان بہ هئا جن ۾ نارين مردن جا مخصوص لباس، نارِين جا زيورَ مليا پئي. ويندي جبل جها ڳينڊڙ جُوانن لاءِ دڪان بہ هئا، جتي سندن مخصوص جوتا، ڪپڙا ۽ بيو گهربل سفري سامان مليو پئي. اسين چَئنگسپا روڊ تي ڪلاڪ کن گهمندا ان جي مارڪيٽ ڏسندا رهياسين. نَوانگ اسان کي ڪلاڪ کان پنج منٽ اڳ ئي اَلرٽ ڪري ڇڏيو تہ هلڻو آهي.

اتان کان اسان کي نَوانگ اورِيئنٽل گيسٽ هائوس وٺي آيو. اتي داخل ٿيندي ئي گيسٽ هائوس جي وڏي عمارتَ تي نظر پئي، جيڪا ٻاهرئين ڏيکَ ۾ هڪ ٽِري اسٽار هوٽل جيان هئي. عمارت جي ٻاهران بيني ئي هر طرف تي رنگ نظر ٿئي آيا، ان جو داخل ڳِتيل وٽڪار، پوٽن ۽ وَلين سان سَجيل هو. مٿي عمارتَ تي نظر ٿئي پئي تہ اُها صفا چٽي سفيد رنگ جي نهيل هئي، جنهن جا دَر دريون ۽ انهن جا محراب ناسي رنگ جا هئا. سائو، اَچو ۽ ڪٿي ڪٿي ناسي: انهن ٽنهي رنگن جو ڏيک اکين ذريعي جيئن ئي دماغ ۾ پهتو ان جمالياتي حِسَ کي مُتحرڪ ڪري ڇڏيو. مون کي رنگن جو اهو ميلاپ تمام گهڻ وٽيو پئي. ان تِماڙَ سفيد عِمارت کي ناسي رنگ جي ڪاٺَ جي گيلرين، دَرَ درين جيڪا خوبصورتي بخشي هئي، ان جو تہ ڪو مثال ئي نہ هو.

اسين نَوانگ پويان هلندا اندر داخل ٿياسين. داخلي دَرَ پرسان ئي ڊائننگ هال هو، ٽيبلون ڪرسيون لڳل هيون. ڇت تي رنگين چِٽسالي ٿيل هئي. جنهن ۾ سونهري ۽ ڳاڙهو رنگ حاوي هو. ديوارُن تي وڏن فريمن سان وَڏا فوٽو ٽنگيل هئا. انهن فوٽن ۾ ليھ جون قديم عمارتون ۽ ماٿهو هئا. تصويرن سان سينگاريل ان هالَ کي ٽَپي اسين اڳتي هِلڻ لڳاسين. نَوانگ اسان کي هِڪ ٻئي هال ۾ وٺي آيو، جيڪو نسبتاً وُسعت ۾ نَنڍو هو. اُتي اسان کان اڳ ئي ويھ ٻاويھ کن ماٿهو ويٺل هئا. اسين سيئي بہ هڪ ڪُنڊ وٺي نَوانگ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ ويهي رهياسين. نَوانگ پڌايو تہ اتي گوتم ٻڌ جي ڏمپاڏا تي اڄ هڪڙو ٻوڍي ڳالهائيندو.
ليڪچر شروع ٿيڻ ۾ اڃان ڪجهہ دير هئي، اسان جي ويهڻ جي ڪجهہ منٽن اندر ئي نَوانگ ٻاهر وڃي هڪ ڪارٽَن کڻي آيو، ان ۾ ڪتاب پريل هئا. هن اسان رهائشي تربيت وارن سيني مسافرن کي ٻُڌَ جو ڏمپاڏا ڏنو. مون ڏمپاڏا تي هڪ ٻہ تبصرا پڙهيا هئا، پر ان کي تنصيل سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو هاڻي ملي رهيو هو. پروفيسر تائو ڏمپاڏا ڪتابَ کي هٿ ۾ کڻي هڪدم چيو، ”ڪيڏي نہ مُنفرد ڇپائي آهي!“
هو بہ ايئن تہ هي ڏمپاڏا ڇپيل تہ نئون هو پر قديم طرز جي ڇپائيءَ واري ڊزائين سان ڇپيل هو. هلڪڙي ناسي رنگ جو ڇاپو هو، ان تي رورزائتي ٻُڌ جو سنهڙو ڊانچاتي مُجسمو اڪريل هو، ڪتابَ جي سائيڊن منجهان محسوس ٿيو ٿئي تہ انهن تي هلڪڙا هلڪڙا چير آهن، جيڪي ڪنهن قديم ڪتاب جي خستہ حاليءَ جي عڪاسي هئا؛ پر اصل ۾ اهَا فقط ڊزائين هئي ۽ مخصوص ڇپائيءَ جو انداز هو.
مون کي ان ڊزائين جي قدامتَ موهي ورتو هو. ٻہ ٽي صفحا اٿلائي ڏٺم، سوچيم تہ هن کي تہ جلدي پڙهي پورو ڪندس. ان ڪتاب ڏسڻ دوران ئي سَٺ سالن جي عمر جو ڳاڙهسري گيڙو رنگ ۾ ويڙهيل هڪ ساڌو اندر داخل ٿيو ۽ اسانِ جي آڏو رکيل ٿوري مٿاهين مسنَد تي وينو. هن ٻوڌي دعا آلاپي ڏمپاڏا تي گفتگو ڪرڻ شروع ڪئي: ان ليڪچر جا جيڪي نوٽس مون پنهنجي ڊائريءَ تي ٽڪرن جي صورت ۾ ورتا، سي هيئن هئا:
”ڏُکا اَڻ ٽَر آهي ۽ ساهَہ سان گڏ جُڙيل آهي: ڏُکا جسمَ جي انگَ جيان بہ آهي، جيڪو وُجُود جي ظاهر ۽ باطِن ۾ پيوست آهي. سمورو درد اَنڌي پيار ۾ آهي، جيڪو ماڻهوءَ لاءِ هجي، يا دولتَ لاءِ. فقط اهڙو پيار ئي درد ڏئي سگهي ٿو، اهو درد خوف ڏئي ٿو ۽ اهو خوف ماڻهوءَ کي اَڻ-ڳڻين پَستين ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. سو اِن صورت ۾ هڪ ٻوڌي ڇا ڪري؟ هو اهو ڪري تہ ان پيار جي ڇڪ کي سمجهي وٺي تہ اها مايا آهي، ان کي سَنياس تحت جيترو جلد ٿي سگهي ڇڏي ڏئي. جيڪو پيار ڏُک ۽ پِڙ ڏئي پستين ۾ ڪيرائي ان مان جان آڇي ڪرڻ جو حل فقط سَنياس ۾ آهي. سو جيڪڏهن خوف ختم ٿيندو تہ لازمي آهي تہ درد بہ ختم ٿيندو. اها هن سموري سِرشٽيءَ جي حقيقت آهي تہ جنهن سان محبت آهي، ان سان ڏُکا بہ جُڙيل آهي. محبت کان آجپو، ڏُکا کان آجپو آهي، خوف کان آجپو آهي. جيءَ جو جَڙجي وڃڻ بہ طَمَع آهي، جنهن سان خوف ۽ درد ٻئي ملن ٿا. اجائي خوشيءَ جي سامان مان بہ درد ملي ٿو، خوف ملي ٿو، اهڙي خوشيءَ کان آجپو اصل ۾ خوف ۽ درد پنهي کان آجپو آهي. احساس بہ ايئن آهي، سَڌَ بہ ايئن آهي، ٻئي طمع تا پئدا ڪن، طمع نتيجي ۾ خوف ۽ غم پنهي جو سبب بڻجي ٿي. فطرت ۾ اَڻ-ڳڻيا لقاءَ آهن. ماڻهوءَ جي دل انهن کان اڳي موجود هئي، دل ئي تہ هئي جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن لقائن جي بناوت ڪئي. متن حڪمراني بہ دل جي آهي. دل اگر سَرهي ۽ سانتيڪي آهي تہ ان پويان اصل خوشي پاڇي جيان هلندي ايندي، پرَ جي دل ڪوڙي ۽ دولابي آهي تہ پوءِ پرڳنا لازمي ايئن پويان هلندي ايندي آهي، جيئن ٻڌل ڏاند گاڏيءَ پويان هلندا ايندا آهن.
ڏاڍ جي بدلي ۾ ڏاڍ ڪرڻ غلط ان ڪري آهي جو ڏاڍَ ڪي ڏاڍ نہ پر سهَپ ختم ڪندي آهي. بهتر عمل ۽ بدتر عمل ڪندڙن ۾ فرق آهي، غلط ڪار ڪندڙ پيو پڇتاءَ ۽ لالچ جي ڏِيَڻ ۾ تڙڳندو، پر دُرست عمل وارو وري سرهائيءَ جي سُک، حيرتَ ۽ خوشيءَ ۾ سرشار رهندو. ياد رکو، گناهہ جي پٺيان لوڀ آهي، جيڪو محبت، دلي خوشي ۽ سُک جي صورتَ ۾ سامهون اچي ٿو. اهو سڀ ڪجهہ دولابُ آهي. جيڪو ماڻهو انهن ڪوڙن سامانن جي ڪڍ وڃي ٿو، سو پنهنجيءَ دل کي بيمار ڪَريو ڇڏي: دل محبت ۽ خوشيءَ جي نالي تي طَمع جي بيماري پالي ٿي، جنهن ۾ اندرَ جو موتُ اڻ-ٽَر آهي!“

هو ٻوڙِي انهن ئي نقطن ۽ انهن سان لاڳاپيل موادَ کي پُرزورِ انداز سان ورجائيندو رهيو. مون وٽ ڪافي سوال هئا ۽ ڪيترا ئي نقطا هئا جن تي مان اَسهمت هئس.

مثال طورِ: سندس مِحبت بابت اهو چوڻ تہ اها ڏک ۽ خوف جو سبب بڻجندي آهي ان ڪري ان کي لُنوائجي: اُن تہ مون کي لوڏي ڇڏيو. منهنجو شڪ صحيح هو تہ هِي اهڙو مڪتبہ فِڪر هو جيڪو ٻُڌ مَت جي نِرواڻ ڏانهن سفرَ تي نڪتل نارِي ۽ مَرد ٻوڌِين جي سڱَ ۽ سَنبندَ سِياپِي تي پابندين جو بہ حامي هو. اهو هڪ مڪمل غير انساني توڙي غير فِطري سوچَ جو انداز هو. اهو ڪيئن مُمڪن هو تہ ڪو ٻُڌ مَت جهڙو فلسفو هجي يا مڪتبہ فِڪر هجي، ان ۾ محبتِ تي جهل پَل هجي! ان تي ٻوڳِنيءَ سان مون کي تفصيل سان ڳالهائڻو هو. مان هاڻي اُن اَنديشي ۾ ورتل ضرور هئس تہ جيڪڏهن هوءَ بہ ان ئي مڪتبہ فِڪر جي حامي هوندي تہ منهنجا سمورا خواب پُري پوندا.

ان درس ڪان پوءِ اسين پنهنجي رهائشي سينٽر تي واپس آياسين، اتي اسان کي نَوانگ ٻڌايو تہ اسان کي هن رهائشي تربيتَ دوران ئي ڏمپاڏا کي پڙهي پورو ڪرڻو آهي.

نَوانگ اِهو بہ ٻڌايو تہ اڄ سميت ايندڙ ٽي ڏينهن جيڪي بہ ليڪچر يا ڳالهہ ٻولهہ جون نشستون ٿينديون سي ڏمپاڏا جي موضوعَ تي هونديون. ان ڪري ان دوران اسان سڀني لاءِ ان کي پڙهي پورو ڪرڻ لازمي هو. هن اسان سڀني کي چيو تہ اسين ٽين وڳي تائين پلي پنهنجي مُنهن سان هجون، پر ٽين ڪان سادي پنجين تائين ڏمپاڏا تي گفتگوءَ جون نشستون رکيل هيون، ان ڪري اڄ يوگا پنجين بدران ڇهين وڳي هئي ۽ فقط اڌ ڪلاڪ لاءِ هئي. ان ڪان پوءِ اسين وري واندا هئاسين.

هيئنر منجهند جا ٻارنهن ٿيڻ وارا هئا، اسين سيئي وري ڇڙ وڇڙ ٿي وياسين. مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يو ڳُٽيءَ کي چيو، مانيءَ ۾ اڃان ڪلاڪ هو. هلي سينٽر جي پَسگرداِئيءَ کي ڏسجي، يو ڳُٽيءَ حامي ڀري. اسين عمارتَ جي جدت کان پرانهان ٿي، ان پاسي آياسين جتي ڊِيان جا خِيمن نما ننڍا ننڍا آستان ٺهيل هئا. ڪي فقط ڪڏون ڪوٺيل هيون، جن کي سِرُن جو فرش ڏنل هو. انهن ڪڏن مٿان وڏن وڏن پٿرن جي ڇانوَ هئي. انهن اڄگر پٿرن تي تصويري چِٽ چٽيل هئا، منجهانئن ڪِن تي چيناني ٻوليءَ ۾ ڪجهه لکيل بہ هو. جيڪي خِيمن مثل آستان ٺهيل هئا، انهن تي بہ ڪي نہ ڪي چِتساليون ضرور تيل هيون. ان سموري سينٽر جي چوڌاري وڏا دڙا ۽ وارپاسا ٿَهہ هئا، انهن ٽڪريءَ نما اوچن وارياسن ٿَهن مٿان رنگين جهنڊيون لڳل هيون ۽ ان اوچائيءَ تي اڳهاڙي آسمان هيٺ ٻُڌَ جا مُجسما رکيل هئا. هوا جي تيز ڳهلڻ جي ڪري ڪجهہ جهنڊيون چيرجي لِيڙون ٿي ويون هيون... اسين سموري سينٽر جو ٻاهريون پاسو ڏسي هڪ ڊِيان واري آستاني تي ويهي رهياسين.

مون ڪانئس پُڇيو، ”اوهان ڌمپاڌا پڙهيو آهي.“

چيائين، ”ها، مون پڙهيو آهي، تفصيلي طور ۽ بار بار. اوهان بہ ان کي چڱيءَ ريت پڙهو. ٻُڌ مت جو رُوح اوهان کي اتان ئي پتو پوندو.“

چيم، ”مُون بہ اهو ئي پئي سوچيو، اهو پڙهي پوءِ مان اوهان سان ان تي ڳالهائيندس ۽ اوهان کان ڪافي ڪجهہ سِکندس.“

هوءَ مُرڪي پئي ۽ چيائين. ”مون کان ڪيترو سکندؤ، ڪبير! اوهان کي باقاعدي ٻوڌي تربيتي نِشستَ ۾ داخل ٿيڻو پوندو.“

موقعو وٺي هڪدم چيومانس، ”تہ پوءِ ڪريو نہ داخل اوهان پاڻ وٽ مون کي، ان کان وڌيڪ بهتر تربيتي نشستَ ٻي ڪهڙي ٿيندي؟“

ويچاراِئيءَ منجهان چيائين، ”مان ڀلا اوهان کي ڪيترو سيکاري سگهنديس، مان تہ هلي ويندس هتان ڌهن ڏينهن ۾!“

بيحد نِنرپٽي سان چيم. ”تہ مان وري ڪهڙو هِتي هجڻ ٿو چاهيان، جي اوهين مڃيو تہ مان بہ اوهان سان ئي هليو هلندس.“

اهو ٻُڌي هوءَ مون کي حيرتَ منجهان ڏسڻ لڳي. اهو چوڻ لاءِ تہ مان چئي ويس، پر احساس ٿيم تہ ان جملي ۾ گهڻو ڪجهہ هو، گهڻو ڪجهہ.

ٻہ پَل ترسي، پوءِ ڳنڀيرتا منجهان چيائين، ”اهو ڪيئن مُمڪن آهي تہ اوهان مون سان هلو، ڪبير!“

هاٺي مون ۾ همت آئي. سوچيم، جي اڄ نہ ٿيو تہ ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. اهو ئي موقعو هو، اها ئي مهل هئي تہ هاٺي ڪيس مان اهو چئي ئي ڇڏيان، جيڪو ڪيترن ئي ڏينهن کان اندر ۾ سانڍيو ويٺو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت ۾ ڪيس ڏسي چيم، ”عجيب ڳالهہ آهي مس مينتوخ. اوهان پيا ڳالهايو. سو بہ امڪانن جي ڪوٺ تي؟ مان تہ اوهان کان پيو سکان تہ امڪان ڪيئن حقيقت جي صورتَ اختيار ڪندا آهن. مون ۾ تہ اوهان سان ملڻ کان پوءِ هاڻي شايد ٿي ڪا غير يقينيءَ واري ڪيفيتَ رهي آهي. مان تہ اوهان سان پنهنجي سموري زندگي جوڙڻ ٿو چاهيان، ڇا ٿي پيو جي پاڻ اڄ کان پوءِ هڪٻئي کان ڪڏهن بہ الڳ نہ ٿيون ۽ هميشہ لاءِ هڪ ٿي وڃون؟“

هوءَ مون کي حيرت منجهان ڏسڻ لڳي. محسوس ڪيم، منهنجي ايئن چوڻ ڪيس عجب ۾ اويساهي ڏئي ڇڏي. ڪيس منهنجي سندس لاءِ پسنديدگيءَ جي احساسَ جي لازمي خبر هوندي. پر ان تي ويساهہ نہ ٿئي آيس تہ ڪو مان سائنس ايئن ۾ ايترو تڪڙو اِظهار بہ ڪري ڇڏيندس.

هوءَ مون کي تڪڻ لڳي. اُف... ڪيڏي نہ بيچين ٿي پئي هئي! سندس پيشانيءَ تي ان بيچينيءَ لمحن لاءِ لڪيرون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. جيڪي اُڀريون ۽ گم ٿيون پئي. چيائين، ”اوهان منهنجي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻو. ڪبير! مڪمل طور هڪ اَڻ-ڄاتل ماڻهوءَ سان پنهنجي زندگي ايئن ڳنڍڻ ڪا عَقلي ڳالهہ نہ آهي.“

منهنجي دِل ماندي ٿي پئي. چيومانس، ”اڻ-ڄاتَل کي ڄاڻڻ ۾ ڪيتري عُمر لڳندي آهي، مِس مِينتوخ؟ مون کي ٻُڌايو. مان ڇا ڪريان اوهان جي ان غير مُمڪن کي مُمڪن ڪرڻ ۾؟ مون کي ٻڌايو تہ سهي اوهين، مان مري بہ ايئن ڪندس.“ مان جذباتي ٿي پيو هئس.

هن منهنجي آواز ۾ اکين ۾ محبتَ ۾ ان جو درد پَسي چيو، ”اوہ ڪبير! هي سڀ ڇا آهي، نہ ڪريو ايئن!“

ڪيس بيوسيءَ منجهان ڏٺم ۽ چيم، ”ٺيڪ آهي. پوءِ اوهان بہ ايئن ظلم نہ ڪريو مون سان ۽ پاڻ سان.“ ڪيس مان اهو چئي ويس تہ هوءَ فقط مون سان نہ پر پاڻ سان بہ ظلم ڪري رهي هئي، ان ڪري جو سندس دل ۾ بہ ڪجهہ تہ هو جو هوءَ مون سان رهائشي تربيت تائين ترسي پئي!

اهو ٻُڌي هن مون کي ويچاراڻيءَ منجهان ڏٺو. سندس اکيون هلڪڙيون آليُون ٿي ويون هيون. پر هوءَ انهن کي روڪي پاڻ سنڀالي اٿي بيٺي. مان بہ اٿي بيٺس. ڪيسِ ڪجهہ چوڻ چاهيم پر زبان هٻڪي پئي. هوءَ رهائش ڏانهن هلڻ لڳي هئي، بنا ڪجهہ ڪڇڻ. منهنجي دِل جڻ ٽٽي پئي سندس ايئن بي پرواهيءَ سان اٿي هلي پوڻ تي. مان بہ چُپ چاپ سائنس گڏ هلڻ لڳس. پر گُنگ هئس. شايد ڪجهہ چوڻ جي ضرورت بہ نہ هئي. ان ڪري جو مون کي جيترو چوڻو هو مون ڪيس چئي ڏنو هو. ان کان وڌيڪ ڪيس چئي بہ ڇا ٿئي سگهيس؟ ان جي موٽ ۾ هاڻي ڪيس ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ چوڻو هو. مان سوچيندو رهيس تہ هن جي اکين ۾ پاڻي چو اچي ويو هو؟ مان جيڪڏهن سندس دل لاءِ قابلِ قبول نہ هئس تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليٽ ٿاهي سنڌس اڳيا رکندي چيو، ”مِس مِينتَوخ، مون کي شديد بُک لڳي آهي، اڇو ته ماني کائي وٺون.“ هڪدم رُنل اکيون مٿي ڪري ڏٺائين، پيشانيءَ تي وري اهي ئي بيچين ريکائون اڀري ويس. ٿڪل آواز ۾ اکيون هيٺ ڪري چيائين، ”اوهان ماني ڇو نه کاڌي آهي؟“

آهستڙي چيم، ”ڪوشش ڪيم پر پن گرهنهن کان مٿي کائِي نه سگهيُس، سوچيم اوهان سان گڏجي کائيندس.“ سنڌس سامهون پليٽَ ٿاهي رکيم، هوءَ پليٽ کي تَڪيندي رهي. پر جَڻ صرف اکيون اتي هئس، خيالي طور ڏِسي هوءَ ڪنهن ٻئي پاسي رهي هُئي.

ڪيس مُرڪي چيم، ”جي اوهان نه کائيندؤ ته مان به نه کائيندس.“ وري اهي ئي نِماڻا نيڻَ کڻي ڏٺائين، نه چاهيندي به مُرڪ کي روڪي نه سگهي. ڪيس مُرڪندي ڏسي حوصلو آيم، کلي چيومانس، ”ءِ اها ڌمڪي نه آهي، حقيقت آهي، مان هڪ گِرنهه به نه کائيندس.“

وري پليٽَ کي تڪڻ لڳي، پيٽ تي هٿ رکي چيم، ”تڪيو نه پليٽ کي، کائو به، پيٽَ ۾ آنڊ مانڊ آهي، بکَ ۾ ساهُ نه نڪري وڃي منهنجو.“ ان تي هن واقعي به کِلي ڏنو ۽ آهستڙي چيائين، ”اوڪي، کانوان ٿي، اوهان به کائو.“

مون پنهنجي پليٽ ٿاهي ڪيس ڏنو. به ٿي پل ترسي، پوءِ مانيءَ ڏانهن هٿ وڌايائين ۽ پنهنجي مزاج مطابق آهستي آهستي ماني کائڻ لڳي. مون ڪيس رکي رکي تڪيو به پئي ته هڪ به گرنهه به هنيم پئي پر سچ اهو هو ته مان سنڌس ايئن روئڻ تي صفا ونجي ويو هئس. مون کي سنڌس روئڻ جو سبب سمجهه ۾ نه ٿئي آيو. سوچيم، آخر ڇو ته رُني ايترڙي ڳالهه تي. جي ڪيس اها ڳالهه صَفا نه وڻي هئي ته ڪٽي چِٺو چئي ڏئي ها، مان کهڙو زوريءَ سنڌس ڪڍ لڳندس. منهنجي ان چوڻ اهڙي کهڙي پيڙ ڏنس جو هوءَ صفا روئي ڇُڙي.

ماني کائي ورتيسين. مان پنهنجي پشيمانيءَ مان ٻاهر نه ٿئي نڪتس، ڪيس ڏسي رَنجيده لهجي ۾ چيم، ”مس مِينتَوخ، مون کي معاف ڪيو، مون اوهان کي رنجائي وڌو.“ بيوس نِهارون مٿي کڻي ڏٺائين، وري ان وقت ئي هيٺ نوائي ڇڏيائين. غور ڪيم، اکيون وري آليون ٿيڻ لڳيون هئس، شايد، جو سنڌس چپن ۾ هلڪڙي ڪنبڻي محسوس ٿي. مان درد جي اونهائين ۾ وڃي ڪريس، سنڌس ڪرسيءَ وٽ گوڏن ڀر هيٺ ويهي ڪيس ڏنم، دل چيو سنڌس هٿ پنهنجي هٿَ ۾ جهليان، سنڌس روئيندڙ اکين کي پنهنجن هٿن سان اگهان... پر بيوس ٿيو ڪيس ڏسندو رهيس ۽ هوءَ اتي ئي، ان ئي حالت اکيون نِوايو ويني رهي. بس ايترو ڳالهائي سگهي، ”اوهان هيٺ نه ويهو، مٿي ڪُرسي تي ويهو، پليز...!“ مان اُٿي ڪرسي سنڌس ڪرسيءَ جي ويجهو سورَي سنڌس ڏُوبڏو ٿي ويٺس.

چيم، ”اوهان مون سان جيترو چاهيو اوترو جهيڙو ڪيو، پر ايئن نه ڪيو، ڪاش ته مان اوهان سان پنهنجا احساس ايئن اظهاري نه ويهان ها. ڪاش ته مان ايئن نه ڪريان ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس مِينتَوخ، پر مان پنهنجيءَ دل هٿان بيوس ٿي پيس.“

ڪيس ڪيئن سمجهايان ها ته مون ڪيس رنجائڻ نه ٿئي چاهيو، پر مون کي سائنس محبت ٿي وئي هئي، هاڻي مان ڇا ته ڪريان ها، جي ان جو اظهار نه ڪريان ها؟

چيائين، ”ايئن نه آهي، ڪبير.“

”ته پوءِ ڇا آهي، مِينتَوخ، ڇا محبت کي اظهار ڪرڻ عيبُ آهي؟“ پُڇيم. شايد لفظ ”محبت“ تي هڪدم آلين اکين سان نماڻي انداز ۾ نهاريائين... ۽ نهاريندي رهي. پر هڪ ڀيرو وري اکيون نِوائي نهڪر ڪندي آهستڙي چيائين، ”نه، ڇو عَيبُ آهي!“

آواز هاڻي مڪمل روئڻهارڪو ٿي ويڳ هئس. سندس ايئن چوڻ ۽ روئي پوڻ مون کي جذبات ۾ بي ترتيب ڪري ڇڏيو، هڪدم چيم، ”جي محبت عيب نه آهي مِينتَوخ ته پوءِ اوهان ڇو چيو ته پنهنجو گڏ هجڻ مُمڪن نه آهي؟ ڇو مُمڪن نه آهي، هان؟ ۽ اوهان روئڻ ڇو پيا...؟“

وري اکيون مٿي ڪري نِهاريائين ۽ پنهنجو اُهو ئي جملو ورجايائين، ”ها، ڪبير، اهو مُمڪن نه آهي!“

منهنجي وُجُود ۾ باهه لڳي وئي، دردَ منجهان دانهن ٿئي نڪتي پر پاڻ کي روڪيم، چيم، ”ڇو؟ ڇو ناهي مُمڪن، ڇا مان ان قابل نه ٿو لڳان ته توکي حاصل ڪري سگهان؟“ مان پاڻ جهلي نه سگهيس ۽ سندس هٿ جهليم. هن هٿ ڪي ڇڏائڻ بنا، وري مون ڏانهن نِهاريو ۽ چيائين، ”نه، مون ايئن ته نه چيو، ڪبير!“

”ته پوءِ؟ پوءِ هي ڇا آهي؟“ منهنجو زور سندس هٿن تي ڪُيي ويو. هن ان ئي زوردار ٽيڪ سان پريل نِهار سان مون کي گهوري چيو، ”ان ڪري مُمڪن نه آهي ڪبير ته...“ هوءَ جملو مڪمل نه ڪري سگهي، مان ڪيس بيچينيءَ سان ڏسڻ لڳس ته هوءَ ڳالهائي ڇو نه ٿي! هن آهِستڙي چيو، ”ان ڪري جو مان شادي شده آهيان.“

منهنجي واتان بي اختيار نڪتو، ”ڇا؟“ بس ان کان مٿي ڪجهه چئي نه سگهيس.

هن جي ايئن چوڻ سان ئي منهنجو هٿ ڍَرو ٿي پيو، منهنجو دماغ گهمي ويو. منهنجي ته وهم ۽ گمان ۾ ئي نه هو ته هوءَ اهو جواب ڏيندي! هوءَ شادي شده هئي؟ مان هڪ شادي شده نارِيءَ سان محبت ۾ ڦاٿو هئس؟ اهو ڪيئن ٿئي ٿي سگهيو؟ مان سندس هٿ ڇڏي، ساٿو تي وڃي ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي پنهنجو پاڻ ڇڏي ويهي رهيس. ڪيس ڏٺم هوءَ منهنجي سامهون ويٺل هئي. سندس اکين ۾ هاڻي به ڳوڙها هئا. مان صفا لُڏي ويس ته مون کي سندس ان حقيقت جو جو اندازو ڇو نه ٿيو؟ ان سموري سفر دوران مون کي محسوس ئي نه ٿيو هو ته ڪو هوءَ شادي شده نارِي هئي. ان کان سواءِ جيئن سندس بي پرواهه انداز به هو. مٿان هوءَ ٻوڏِياڻي هئي، لڳو اها ته لازمي طور غير شادي شده هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پُٽ مَت جي سفر جي مُسافرياڻي هئي!

بهرحال منهنجا ته ٽَپَ ئي ٽري ويا هئا. مان پنهنجا چَپ ٽُڪيندو، پنهنجي جذباتيت کي روڪيندو رهيس. هي اکيون ڪهڙي اوکي هنڌ اچي اڙيون هيون؟ ڏانهس تڪليفَ منجهان نهاريم، هوءَ به مون ڏانهن ئي نهاري رهي هئي. هاڻي منهنجين اکين جو وارو هو، بيوسي پنهنجون حدون اورانگهي وئي ته اکيون آليون ٿينديون محسوس ڪيم. هاڻي ڪنهن به قسم جي جَهلَ پلَ تي منهنجو وسُ نه رهيو هو، منهنجو دماغ طوفانن ۾ هو. مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته ان ڳالهه ٻُڌڻ کان پوءِ مان ڪيس ڪهڙو ردعمل ڏيان ها. اهو ٻُڌڻ کان پوءِ بچيو به ڇا هو منهنجي ڳالهائڻ لاءِ...؟

اسين هِڪٻئي جي چهرن ۾ آلين اکين سان ڏسندا رهياسين. هوءَ مُنهنجي روئي پوڻ تي سخت بيچين ٿي پئي، آهستڙي چيائين، ”پليز ڪبير، نه ڪريو ائين.“

مان ڪجهه دير چپ وينو اکين کي جهليندو، ان ۾ ناڪام ٿيڻ تي چپَ ٽُڪيندو رهيس. هڪ لمحو اهڙو به آيو، جو محسوس ٿيو ته سُڏڪي پوندُس. ان مهلَ اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس، در بند ڪري وڃي بستري تي ڪِريس... هي ڪهڙو الميو ٿي پيو هو منهنجيءَ محبت سان، ان جي شروع ٿيندي ئي ان تي ماتم ڪرڻ جو ڏينهن اچي ويو هو. سُڏڪن ۾ پئجي ويس. بس، اکين ۾ درياهُ هو جيڪو اٿلي پيو هو... پاڻ کي روڪڻ بنا، پنهنجن ئي ڳوڙهن ۾ ٻُڏندو ۽ ترندو رهيس. مون سان هيڏو وڏو حادثو ٿي پيو هو!

ان دردَ کي زندگيءَ ۾ مان ڪيئن ڪٿي هلندس؟ هن رهائشي تربيت ۾ ڪيئن هلي سگهندس، ساڻس اکيون ڪيئن ملائيندس... پاڻ کي ڪيئن مُنهن ڏيندس؟ اهو مون ڪيئن ڪيو جو ٿورڙن ڏينهن ۾ ئي بيخبريءَ ۾ سفر ڪندي ايترو ته اڳتي نڪري آيس جو ناڪاميءَ جي اِمڪانن تي سوچيم ئي نه! پنهنجين سوچن ۾ ڪيس حاصل ڪرڻ جو ايترو ته يقين ڪري ڇڏيو هئم جو هاڻي ناڪاميءَ جي سوچَ به ايذائي رهي هئي.

اهو سمورو ڏينهن ته مان ٻاهر ئي نه نڪتس، نَوانگ کي ميسيج ڪري ڇڏيم ته مان ڪجهه نشستن ۾ نه اچي سگهندس، ڪنهن ضروري ڪم ۾ ڦاٿل آهيان. نه پئي چاهيم ته هو اچي دروازو ڪڙڪائي. غمگين موسيقي هلائي ان کي پنهنجون واڳون ڏئي ڇڏيم. اها منهنجي غم کي منهنجي ئي وُجود ۾ ڏوٽيندي رهي، سَٽيندي، ماريندي ۽ جياريندي رهي. هڪڙو ڀيرو دَر کڙڪيو هو، سوچيم، رات جي مانيءَ لاءِ شايد يوڳٽي سڏڻ آئي هوندي، يا ڀين ساٿين مان ڪو آيو هوندو. در نه کوليم. بُک ئي مري وئي هئي. موسيقيءَ ۽ ڳوڙهن جي جهوليءَ ۾ وڏيڪ سُڪون پئي محسوس ڪيم. ائين اها رات لڄندي گذاريم، بي سُڪونيءَ ۾ پاسا بدلائيندو رهيس، ننڊ به نيٺ اچي وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪجهه دير سان اٿيس. هاڻي جذبات ٿورو سامَت ۾ آيا هئا، وهنجي تيار ٿيس، بک ۾ ٻاهر هئس. سوچيم ته ٻاهر وڃي ڪجهه کائي وٺان. جيئن ئي در



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولي ٻاهر ڊائننگ هال ڏانهن وڃڻ لڳس تہ ٿوري جهٽ ۾ يوڳِتي بہ ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي. سڏيائين، ”ڪبير!“ ڪيس مُڙي ڏٺم. الائجي ڇو سندس اکين ۾ نِهارڻ لاءِ تيار نہ هئس. مون کي عجيب نظرن سان ڏسي رهي هئي، ڪيس يقين نہ اچي رهيو هو تہ ڪو مان اهڙا حال ڪيو ويٺو هوندس. هلڪڙي بيوسيءَ منجهان چيائين، ”هي ڇا آهي ڪبير!“

مون کي ڪجھ سُجهيو نہ تہ ڇا چوانس، بس اِيترو چيم، ”مون سمجهيو اوهان تربيتي نشتن ۾ هليا ويا هوندا.“ چيائين، ”نہ، مون نَوانگ کي اڄ لاءِ جَهلي ڇڏيو.“ اهو چئي هوءَ سواليہ انداز ۾ نهارڻ لڳي، مون مُنل اندر سان چيو ”بک لڳي آهي مِس مِينتَوخ، ڪجھ کائي وٺان.“ ”ٺيڪ آهي“، چئي مون سان گڏ هلڻ لڳي.

مانيءَ جو چئي اچي هڪ ڪنڊ تي ويهي رهياسين. مون اکين جي مِلڻ کان لنوائڻ لاءِ دريءَ کان ٻاهر نِهارڻ شروع ڪيو. پر ٿورو ترسي ڪيس ڏٺم بہ پئي، هوءَ لاڳيتو هٿ ۾ ڪنيل فون سان کيڏي رهي هئي. اسان جي وچ ۾ خاموشيءَ پٺي تياڪڙي ڪئي. ڪجھ پلڪ گذريا اکيون مٿي ڪري مون ڏانهن نِهاريائين. چهري تي اٻاٽڪائي هئس. ٻيو اهو تہ اڄ هوءَ ڪاري رنگ جي پرنٽيڊ پهرياڻ ۾ هئي، ڳچيءَ ۾ڪارو مفلر ويڙهيو هئائين. ڪاري رنگ سندس اداسيءَ کي ويتر گهٽو نمايان ڪري ڇڏيو هو، سُهڻي تہ ڪمال پئي لڳي! پر منهنجا حال تہ صفا اَبتر هئا. انهن کي ڏسي ڪري هوءَ تہ ڇا ڪو بہ پريشان ٿي وڃي ها.

خاموش نِهارن سان هڪٻئي کي ۽ اوسي پاسي ڏسندا رهياسين، ماني اچي وئي. هن هميشہ جيان بہ ٿي گرنھ هنيا، مان تہ راتوڪو بُکيو هئس، سو دل پري کاڌم. هال خالي هو، ان ڪري اسين اتي ئي ويهي رهياسين.

نيٺ مون خاموشي ٽوڙيندي چيو، ”مون کي معاف ڪجو، مِس مِينتَوخ، مون اوهان کي پريشان ڪري ڇڏيو، بس، وَس کان نڪري ويس.“

هن ڳنڀير اکين سان مون ڏانهن نِهاريو، وري اکيون نِوائي فون سان کيڏڻ لڳي. چيم، ”مون کي ايڏو جذباتي نہ ٿيڻ گهربو هو، بس حقيقت ٻُڌي مون کي ڏک رَسيو، مون کي ان جي خبر هجي ها تہ مان اوهان ڏانهن اهڙي پيش رِفت هرگز نہ ڪريان ها...“

هوءَ ٻڌندي رهي. ڪيس ڏسي، ڦِڪي مُرڪ سان چيم، ”شايد زندگي ايئن ئي آهي، لازمي نہ آهي تہ اسين جنهن کي چاهيون اهو اسان کي ملي بہ.“

چيائين، ”پر مون کي تہ ان جو افسوس آهي تہ منهنجي ڪري اوهان جي رهائشي تربيت ڊسٽرب ٿي وئي.“ مون ڪيس ڏٺو، سندس اکيون وري آليون ٿي ويون.

مون کي اڃان تائين سمجهہ ۾ نہ ٿئي آيو هوءَ ايئن جذباتي ڇو ٿي رهي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چيم، ”رهائشي تربيت ڪرڻ لاءِ دل جو سُڪون ڪپي، ان ڪي جائتو پئي ڪيم، سپائي ڪان نِشستُن ۾ وجڻ شروع ڪندس، اوهان اجايو نه ويا اچ!“ اِن تي هوءَ چپ رهي. مون ڪان رهيو نه ٿيو، نيٺ مون ڪانئس پُڇي ورتو...

”پر مس مينتوخ، اوهان ٻُڌايو، اوهان چو رُنا.“ منهنجو اهو پُڇڻ هو ۽ سندس اکين ۾ وري آگر پرجي آيا. مون کي سمجھ ۾ نه آيو ته ڪيس ڪهڙو ڏک ايئن جهوري رهيو هو. مون ڪيس چيو، ”اوهان روئي چو ٿا پريو؟ مون سان ڳالهايو چو نه ٿا، هاڻي لازمي آهي ته اسان هِڪٻئي سان کُلي ڳالهايون.“

ان ڳالهه سان سهمت هئي، پنل آواز سان چيائين، ”ٺيڪ آهي، پر پهرين هن پوڙهي سينٽر کان نڪري ڪٿي ٻئي هنڌ هلجي، تورو ماحول تبديل ڪجي.“

بلڪل ڏرست چئي رهي هئي، اسان کي تقريباً چوپهن ڪلاڪ ٿي رهيا هئا. جو اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي جهوريءَ ۾ ڦٿڪياسين پئي، هڪڙي ئي تڪليفده لمحي ۾ بيهي وجڻ هڪ عذاب هو، مٿان موتي ان ئي ڪمري ۾ وجڻ جو سوچيندي ئي منهنجي اندر ۾ به اپاتڪائيءَ جو احساس وڌيو پئي.

مون سندس ڳالهه کي بجا مڃيندي ڪيس چيو ته ٺيڪ آهي، اسان جي رهائشي تربيت ته اڌ ۾ ٽٽي ئي وئي هئي، اڄ هتان ڪنهن ٻي جاءِ تي نڪري هلڻ گهرجي. ايئن اسين ٻاهر نڪري ٽئڪسي ۾ چڙهي ويناسين. مون ٽئڪسي واري کي چيو ته اسان کي پورر ليهه ڪار تي گهماءِ. ايئن اسين ٽئڪسيءَ ۾ ويهي گهمندا رهياسين، ان ڏينهن يوگنٽيءَ ۽ مون هِڪٻئي کي پنهنجي باري ۾ تفصيل سان ٻُڌايو. يوگنٽيءَ جيڪو پاڻ بابت مون سان سَليو، ان وري منهنجي اندر ۾ اٿل پُٿل پيدا ڪري ڇڏي هئي.

ان ڏينهن جي سموري قصي کي لکڻ لاءِ مون نوٽس ڏسڻ شروع ڪيا. ان کان پوءِ دل چيو ته ٿورو جادم جي سفر جي داستانَ کي پڙهڻ شروع ڪريان، پوءِ پنهنجي قصي کي لِکان. اهو سوچي پوڙهين جا موڪليل خطَ پڙهڻ لڳس.

خطن جي ان بابَ ۾ جادم ڏانهن ساڌوءَ جا لکيل خط هئا. جنهن ۾ پوڙهي دنيا جو ڏاهپ پريو اُپياس هو. ساڌو لطيف جا ڪجهه خيال ته بلڪل عجيب هئا. مثال طور: مون کي ساڌو لطيفَ جي اِن نقطي هميشه سوچڻ تي مجبور ڪيو ته ڇا يوگنائون محسوس ڪرڻ گهٽ عِلميت جي نشاني آهي؟ ڇا علم ۽ اِدراڪ غمَ کي ختم ڪري سگهن ٿا؟ يا وري عِلم ۽ اِدراڪ هوندو ته غم غم نه لڳندو ڇا؟

اُن کان سواءِ ساڌو لطيف پنهنجي شاگردَ جادمَ کي ٻُڌ مت جي دائرن اَندر رهي هلڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هدايت ڏئي ٿو. جادم پنهنجي محبوبا کي بوڙي ساڌنائن ۾ ساڻ ڪٺي هلڻ ٿو چاهي ۽ سندس استاد ڪانئس پڪ وٺي پڇي ٿو تہ ڇا هن کان ناري تياڳي نہ ٿي ٿئي؟ اهو ڪهڙو سوال هو؟ ڪو بہ ماڻهو محبت جو سنياس ڇو تہ وٺي ها؟ اتي مون کي محسوس ٿيو تہ ٻڌ مت جي ان حوالي کان نگاهہ متروڪيت جي ور چڙهيل آهي!

سندس ساڌو ڪنهن بہ مذهب جي مولويءَ جيان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ سائنسيت ۽ سندس عقيدو ٻئي هڪ ئي شئي آهن ۽ محبت ۾ محبوب حاصل ڪرڻ لازمي نہ آهي. هي ڪهڙي ڏور جون ڳالهيون هيون؟

مان تہ حيران هئس... محبت جا ايڏا حسين تصور رکندي بہ ٻڌ مت کان ناري ۽ مرد جي محبت سٺي نہ ٿي ٿئي؟ ڪيڏو نہ ظالماڻو ۽ غير منطقي جملو هو سندس استاد جو تہ، ”عشق رڳو صحبت يار نہ آهي.“ پر ان بابت سندس ڇا خيال هو تہ ”عشق صحبت يار بہ تہ آهي؟“ مجازي محبت کان سواءِ ڪير آهي ماءُ جو ٻچو جيڪو حقيقي محبت تي پهچڻ تہ نهيو. ان کي رڳو سمجهي بہ سگهي؟ يا وري سندن اهو مفهوم تہ محبوب تائين پهچڻ اصل ۾ هيڇي دل جي گهر آهي ۽ هو محبتن جي تڪجي پوڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. ان سموري نقطي کي مڃائڻ لاءِ هو يٽائيءَ کان مدد تو وٺي تہ ڪيئن يٽائي سهڻيءَ کي ميهار جي ويجهو پهچائي اتان موٽائي واپس ٿو ڪري، جتي هوءَ پنهنجيءَ تانگهہ کي پلينڊي چوي ٿي:

”دل تہ چوي ٿي تہ ميهار جي ڏونهيءَ پاسي سندس بنا ڇٽي ئي رهي پوان، ماڳهين مري پوان. مٿان ميهار ۾ ظاهري صورت وارو حسن تہ صفا نہ آهي پر هن منهنجي دل چري ڪئي آهي. پر جيئن تہ ملڻ کان وڇوڙو وڏيڪ وڏو ۽ عظيم آهي، ان ڪري ڪناري جي ويجهو پهچي، ميهار پسي، واپس موٽيو ٿي وڃان.“ واقعي يٽائيءَ سهڻيءَ کي ايئن موٽرائي نرواڻ تي پهچائي ڇڏيو. ڪير ٿو ايئن محبوب جي پاسي ۾ پهچي، ان کي حاصل ڪئي بنا ئي اتان موٽي سگهي؟

اها سگهہ ۽ اهو پارُ پلڻ جو وجدان ڪنهن عام ماڻهوءَ وٽ تہ نٿو اچي سگهي، جيڪو منزل کي پنهنجي اڳيڻءَ وٽ تي ڏسي بہ ايئن موٽ ڪائي. اهو مثال ڏئي بوڙي استاد جادم کي سمجهائي ٿو تہ هو ٻڌ مت ۾ زال يا محبوبہ ساڻ ڪٺي نہ ٿو هلي سگهي. مان تہ سندس ان جواب تي ونجي ويو آهيان، جي بوڙي ايئن ٿا سوچين تہ پوءِ مون کي يو ڳٽي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ملندي!

---

جادم جي خطن مون کي پريشان ڪري ڇڏيو هو، انهن کي اتي ئي ڇڏي مان وري پنهنجا ليهہ وارا نوٽس لکڻ شروع ڪريان پيو.

---

ان ڏينهن مان ۽ يو ڳٽي ان ئي ٽڪسيءَ ۾ ليهہ ۾ ڦرندا رهيا هئاسين، مان سمجهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ان ڏينهن ان ٽئڪسيءَ ۾ لڳ ڀڳ اڌ ڪان مٿي ليهه جو ٽوئر ڪيو هوندوسين. ٽئڪسي ڊرائيور مختلف جايون ڏيکارڻ لاءِ ٽئڪسي روڪيندو رهيو. اسان ٻئي ٻي دليءَ سان ڪجهه جايون ڏسي باقي انڪاريندا رهياسين پئي. مون ڪانِ همت نه پئي ٿي ته ڪيئن سائنس ان موضوع تي وري ڳالهه ڇيڙيان، جيستائين هوءَ پاڻ شروع نه ڪري. هوءَ خاموش هئي، مٿان ٽئڪسي وارو مختلف معلومات ڏيندو ٿئي ويو، ان ڪري هڪٻئي سان گهٽ پر سائنس وڌيڪ پئي ڳالهايوسين.

هڪ ٻن جاين تي مختصر وقت لاءِ لٿاسين، اسان جو ڀوڏيشالائون گُهمڻ جو ته ڪو پروگرام نه هو، بس، هڪ ميوزيم ڏٺوسين، هڪ جاءِ تي لهي چانهه پيتيسين. ٻي جاءِ تي ماني کاڌيسين، پر ان دوران ان موضوع تي ڳالهائي نه سگهياسين. بس رکي رکي اسان جون اکيون ملِيون ٿئي ۽ هٽي ٿئي ويون.

هوءَ اُداس هئي، صَفا اداس، مُرڪ ڪان وانجهيل سندس چهرو ڏسي مون کي سندس چهري جي مُرڪ ۽ طمانيت ياد ٿئي آئي، جيڪا گذريل ڏينهن ۾ ته هئي، جيڪا سندس فوٽوئن ۾ به هئي. پر هاڻي ته هوءَ انسان ئي ٻيو هئي هاڻي.

ان سموري وقت ۾ اسان فقط رسمي ئي ڳالهائي رهيا هئاسين. آخر ۾ اسين ليهه جي هڪ مارڪيٽ ۾ وياسين ۽ ٻيرين پنڌ ڦرياسين. مون ته منظرن جا فوٽو به ٿئي ڪڍيا. رکي رکي انهن بابت ڳالهايم به پئي، پر هوءَ فقط هممم... هان... ئي ڪري رهي هئي.

شامَ اِجهو اچڻ واري هئي، هن مون کي چيو، ”جي اوهان کي اعتراض نه هجي ته اسان اڄ شام شانتي اِسٽوپا تي گذاريون؟ چون ٿا اتي رات جي بتين ۾ اِسٽوپا بيحد حسين لڳندو آهي. ٻيو ته اسان جي رهائش به اتان ڪان صفا ويجهي آهي.“ مون کي سندس اهو خيال وڻيو. مون ها ڪئي.

مون سوچيو ته اڄ جيڪڏهن اسان جي ڪا به گفتگو ٿي ته اها اتي شانتي اِسٽوپا تي ئي ٿيندي. ايئن اسين پورو ليهه گهمي شامَ جو اچي شانتي اِسٽوپا وٽ لٿاسين. هڪ ٻيرو ٻيهر مٿي وڃي اِسٽوپا گهميوسين. مون کي بار بار پڪ ٿي رهي هئي ته هوءَ پڪي ٻوڌياڻي هئي، ٻوڌي انداز ۾ اِسٽوپا کي ۽ ٻُڌ جي مُجسمن کي سلام ڪندي رهي.

مان شرارت ۾ هڪ دفعو وري پوڄا مهل سندس فوٽو ڪڍندو رهيس. فوٽوئن جي ڪلڪ تي اها ئي سندس تنبيهي مُرڪ ڏسي اندر ۾ خوش پئي ٿيس ته هوءَ آهستي آهستي پنهنجي اصل مزاج ڏانهن موٽي پئي. منهنجيءَ دل ٿئي چيو ته سندس هيءُ انداز به منهنجيءَ ڪئميرا ۾ هميشه لاءِ محفوظ ٿي وڃي. مون ڏٺو فوٽوئن ۾ اڄ سندس اکين جو روپ مٽيل ٿئي نظر آيو، مون کي اسان جا هڪٻئي سان سليل حال به سندس نيڻن ۾ نظر ٿئي آيا.

اتي اِسٽوپا جي پسگردائيءَ ۾ ڦِرندي ڦِرندي سِجُ اچي لٿو هو، نيٺ ٿڪجي اِسٽوپا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وسيع پٽ تي هڪڙي ڪُنڊ وٽي ويهي رهياسين. سونهري روشنين شانتي گنبذ ڪي پنهنجو عڪس ڏئي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو هو. هوءَ منهنجي سامهون ويٺي هئي، سونهري روشنين جو عڪس سندس ڳلن تي هارجي ويو هو. سندس اداسِ اکين ۾ ان جا تجلا هئا. ڪاري لباس ۾ سندس وُجُود ويتر وڌيڪ نمايان ٿي پيو هو جو اُن جي اِنفراديت جي شدت کي لنوائي نہ پئي سگهجيو. سندس حُسن ڏسي عجب ۾ وَڃي ويو هئس: ڇا هوءَ واقعي ايڏي حسين هئي، جيتري مون کي لڳي رهي هئي؟

ڪافي دير خاموش ويٺا رهياسين. پر ايئن ڪيتري دير خاموش ويهجي ها؟ آخر ڪيتري دير اوسي پاسي ڏسجي ها؟ اسان جي وچ ۾ هڪ پيرو وري خاموشيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. اسان ٻنهي جا اندر پريل هئا. جيڪي هِڪٻئي تي کولڻ ٿئي چاهياسين. مون کي شديد احساس هو تہ هن پنهنجي اندر جي جي پردن مان نڪرڻ ٿئي چاهيو پر جيستائين اهو حجاب ٽُٽي ها، تيستائين هوءَ اکيون ملائڻ کان لنوائيندي رهي. ايئن آمهون سامهون ويٺئي ڪجھ نہ ڳالهائڻ تہ ويتر ڏکيو هو؟ مون نيٺ ڳالهايو. ڪانئس پُڇيم، ”اوهان مون کي ٻڌايو مس مِينتوخ تہ اوهان جون اکيون ڇو ٿيون پرجي اچن، کهڙو درد آهي جيڪو اوهان کي ايئن جهوري ٿو رکي؟“

ان سوال تي هن مون کي نِهاريو، وري اکيون نِوائي ڇڏيائين. محسوس ٿيو اِجهو وري اکين منجهان سَمنڊ ڇُلڪي پوندس.

هوءَ چُپ رهي.

مون چيو، ”اوهان جي زندگيءَ جي حقيقت بابت مون کي خبر نہ هئي، اوهان تہ مون کي آرام سان نڪرائي ڇڏيو ۽ اُن لاءِ اوهان وٽ بيحد ڳَرو سبب اوهان جو شادي شده هجڻ آهي، تڏهن بہ اوهان جي اندر ان تَڙپَ جو هجڻ مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي.“

سندس اکيون وري وهڻ لڳيون!

مان سخت مُنجهي پيس، مون کان بي اختيار نڪتو، ”اوه مينتوخ، ساري! مون کي معاف ڪيو، هي مان وري ڇا پُڇي ورتو!“

هن مون کي اشاري سان جهليو، چيائين، ”روئڻ ڏيو پليز!“

مان ان وقت جي سندس ڪيفيت کي سمجهي چُپ تہ ٿي ويس، سندس اکين مان لُڙڪ ڳڙندا رهيا... مان ان جو سبب سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو، کيس ڏسندو رهيس. جڏهن هوءَ پورو روئي چُڪي تہ مون ڏانهن نِهاري چيائين. ”ڪجھ تہ آهي، جيڪو رُئاري ٿو، پر مون کي پاڻ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ ان کي لفظن ۾ ڪيئن چوان.“

مون کيس ڏٺو. صفا بي يقينيءَ ۾ هئس، آخر هوءَ ڇا چوڻ واري هئي.

پُڇيومانس، ”ڇو؟ اهڙو ڇا آهي جيڪو چوڻ ايڏو ڏکيو آهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ نہ چيائين...

هاڻي منهنجو دماغ مڪمل طور بَتال تي چُڪو هو. چيومانس، ”مان ٻُڌڻ چاهيندس، اوهان ڳالهايو، مس مِينتوخ. مان هر ڳالھ ٻڌي سگهان ٿو. مون ۾ همتَ آهي، بس اوهان حوصلو رکو.“

لڙڪ سندس ڳلن تان لارون ڪري وهيا پئي، سندس پيچيل چپن ۾ دردناڪ ڪنبڻي هئي، جڻ سوچيندِي هجي تہ اِن موضوعَ تي ڳالهائي يا نہ ڳالهائي.

نيٺ ڏڪندڙ آوازَ ۾ چيائين، ”پَنج سال اڳ منهنجو گهرَ وارو مون کي ڇڏي هليو ويو، تڏهن کان وري واپس نہ آيو آهي.“

عجيب المناڪ ڳالھ هئي... مون کي يقين نہ ٿئي آيو تہ سندس جهڙي ناريءَ کي بہ ڪو مرد ايئن ڇڏي وڃي سگهي ٿو! مون حيرتَ مان پُڇيو، ”پَر ڪيڏانهن هليو ويو؟“

هوءَ وري ڪي پل ٻنا ڪُڇئي اکين مان نِيرَ وهائيندي رهي.

پڇيومانس، ”گذريل پنجن سالن ۾ هن سان ڪو رابطو ٿيو تہ هُو ڪٿي آهي. ڪيئن آهي؟“

نهڪرَ ۾ هلڪڙو ڪنڌ لوڏيائين.

اهو مون کي سمجھ ۾ نہ ٿئي آيو تہ پنجن سالن کان ويل ماڻهو، جيڏرو هجي ۽ ڪڏهن بہ نہ رابطو ڪري يا موٽي، اِهو ڪيئن مُمڪن هو؟ منهنجي ذهن ۾ خيال آيو تہ ڪٿي ايئن تہ نہ هو تہ هُو دنيا ۾ ئي نہ رهيو هجي!

ڪانئس هٻڪندي پڇيم، ”مِينتوخ، دل ۾ نہ ڪجو، پر پنجن سالن کان اڄ تائين سندس نہ موٽڻ عجيب ٿو لڳي، ايئن نہ تہ هُن سان ڪو حادثو ٿيو هجي؟“

چيائين، ”نہ، ايئن نہ آهي، هو هِن دنيا ۾ ئي آهي.“

پڇيومانس، ”تہ پوءِ ٻُڌايو مِس مينتوخ، هو ڇو نہ ٿو واپس اچي؟

چيائين، ”ڇئِي ويو هو تہ مان سندس اِنتظار ڪرڻ بدران پنهنجي رَسمي زندگي شُروع ڪري ڇڏيان، هو مون وٽ واپس نہ ايندو.“

مون ڪيس حيرتَ مان ڏسي چيو، ”تہ پوءِ مِس مينتوخ، اوهان ڇو نہ ٿا پنهنجي رَسمي زندگي شُروع ڪيو؟“

اچانڪ منهنجي مٿان وِچوڙي جَي دردَ جو ڪِريل بازُ هَٽِي ويو. اندرَ ۾ وري اُميدُن جو جَهان کُلي ويو...! منهنجو اندر ٽِڙي پيو هو.

هن ڪجھ نہ ڪچيو. مون وَرجايو، ”جواب ڏيو مِس مينتوخ، جڏهن هو اوهان کي نہ رِڳو ڇڏي ويو پر چئي بہ ويو تہ هُو ڪڏهن بہ نہ موٽندو ۽ اوهان پنهنجي زندگي نئين سِر شُروع ڪري سگهو ٿا تہ پوءِ پاڻ کي اڄ ڏينهن تائين سائنس ٻَڌي رکڻ جي ڪهڙي ضرورتَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي...؟"

ان تي سهمت ٿيندي نِهاري چيائين، "ها. پر مون کي محسوس ٿيو ته هو پڇتائيندو. هڪ ڏينهن لازمي موٽي ايندو."

اِن تي مان صفا حيران ٿي ويس. ڪيس غير يقينيءَ منجهان ڏسي چيم، "هو پَنجن سالن تائين نہ موٽيو آهي. مس مِينتَوخ! هي ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو ۽ ڪهڙي دؤر ۾ ٿا رهو؟ اوهان جهڙي گهرواريءَ کي ڇڏي هو هليو ويو ۽ صفا واضح ڇئي ويو ته هو وري نہ موٽندو. پوءِ بہ اوهان سندس موٽڻ جي انتظار ۾ آهيو. مون کي تہ اوهان تي حيرت ٿي آهي!"

مُنهنجي ايئن چوڻ تي هوءَ مون کي ويڳاڻين نِهارُن سان ڏسندي رهي. منطقي طور تہ ونس ڪو بہ جواب نہ هو.

هاڻي وري مون ۾ اميد جاڳي پئي هئي، اچانڪ اهو ٿيو هو تہ منهنجي سامهون اِمڪانن جا جهانَ هڪ ڀيرو وري کُلي پيا هئا. مان ارمان گاڏڙ حيرتَ ۾ ٻُڏي ويو هئس تہ هوءَ چو ڪيس ڇڏي ويندڙ ماڻهوءَ جي انتظار ۾ پاڻ کي روڪي رهي هئي. جيڪو ڪيس واضح طور ڇئي ويو هو تہ هو واپس نہ ايندو. هن وچي پنهنجي نئين زندگي ڇاهي هوندي ۽ هيءَ اجان تائين سندس انتظارَ ۾ هئي؟ مان هُئس نہ سندس عاشقُ. مون کي ڇو ٿئي ڏڪارڻائين؟

هاڻي هڪ دفعو وري منهنجي دل ٽِڙي پئي هئي، مان مُئل مان جيئرو ماڻهو ٿي پيو هئس. هوءَ چُپ هئي. مون ڪيس سڌو سنئو چيو، "تہ اوهان منهنجيءَ آڇَ کي ڇو رد ڪيو؟ مان وري ٿو پڇان. ڇا مان اوهان کي ان لائق نہ ٿو لڳان تہ ڪو مون کي زندگيءَ ۾ ساڻ ڪٺي هلو؟"

هڪدم چيائين، "نہ نہ. ايئن بلڪل بہ نہ آهي. اوهان ايئن نہ سوچيو."

"تہ پوءِ ڇا آهي مس مِينتَوخ؟ اوهين هڪ پاسي انڪاريو ٿا ۽ ٻئي پاسي پيا دردَ منجهان جُهرو؟"

هن مون ڏانهن نِهاريو. ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪُڇي. پر واتان اکر نہ اُڪليُس. ٿوري ترسي چيائين، "ان ڪري جو..."!

هو ڇئي وري آواز جڻ ٽِڙيءَ ۾ بيهي ويس. اکيون پرجي آيس. چُپ ٿي وئي.

مون پرزور انداز ۾ سندس ئي جملو ورجائي پُڇيو، "ان ڪري جو؟ ان ڪري جو ڇا مِس مِينتَوخ. پليز ٻڌايو مون کي؟"

چيائين، "اِن ڪري جو مُحبت غير جٽادار آهي ڪبير! اوهان جنهن محبت کي ڪٺي هلو پيا. اها رُڳ جيان فقط حواسَن جو ڏيک آهي، جيئن ئي ان جي ويجهو ويندؤ تہ اها اوجَهل ٿي ويندي، جڻ اُن جو وجود ئي نہ هو..."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي هئي تہ هن تائين بہ پهچي رهي هئي. مان هر ڏسا ۾ اُن محبتَ جو ڏيک ڏسي رهيو هئس. اهو سُوال ايترو تہ معنيٰ سان پريل هو جو مون کي محسوس ٿيو تہ اِهو سُوال پُڇي هوءَ بہ مُنهنجي وُجُودَ مان نڪري پکڙجندڙ محبتَ ۾ تار تِينءَ لڳي هوندي. سُوال پڇڻ کان اڳ تائين مون چڱيءَ ريت پَسيو تہ سندس چهري تي اُنهن محبتَ کان وانجهن پنجن سالن جي عذابَ جو ڪَرب اچي ويو هو، اِن ڪري هوءَ جُهري رهي هئي.

منهنجي محبت بابت ڪانئس سُوال پڇڻ سندس ڪَربَ کي ايئن ڌُوڏي ڇڏيو جو سندس چهري تان درد ڇٽي ڪن پلَ ۾ غائب ٿي ويو. هاڻي سندس اکين ۾ پُرسُڪون سانت نظر ٿئي آئي، سندس چَپ بہ اکين جي سانت سان هڪ هئا، پر چپن تي اهڙو احساس اڀري آيو هئس، جنهن جي اندر، جڻ، هڪ محبتَ سان ڀريل مُرڪ دَڪيل هجي، جيڪا اِجهو سندس ڀِڃيل چپن جي بندشن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڦٿڪندي هجي. سندس اندرَ جي اها مُرڪ سِندس اکين منجهان پَسي رهيو هئس ۽ ايئن چپن پويان اها ٿڙپندڙ مُرڪ ڪيترو لِڪي ها؟ اِن مُرڪ سندس اندران نڪري ٻاهر ليئا پائڻ شروع ڪيا، هلڪڙا هلڪڙا ليئا، پر وري لِڪي ٿئي وئي.

سندس اندرَ جون بندشون سندس احساسن جي شدتُن کان بہ سگهاريون ٿي چُڪيون هيون. پنهنجي اندر جو اوتُ نہ پئي ڏنائين. مون سوچيو، هڪ حَسين ناريءَ جي محبت، هڪ مردَ جي ڪنوارتا جو شڪار ٿي پنجن سالن کان هن جي انتظار ۾ پِنڪي رهي هئي. مٿان هن کي منهنجي محبت جو تاءُ ڪيئن نہ پنهنجي نَرم گرميءَ جو سَيڪ ڏئي ها!

سندس چهري تان ڪَرب مڪمل طور غائب ٿي چڪو هو، مُرڪ اُن جي جاءِ ورتي هئي، اکيون جيتوڻيڪ اجان بہ آليون ئي هئس پر اُهي هاڻي هڪ لطيف احساس ۾ ڏيئن لاٽيون لڳيون پئي. هوءَ جواب ڏيڻ بنا مُرڪي پئي.

پر اِج مان نِنر هئس. سندس چهري تي آيل مُرڪ منهنجي بيباڪيءَ جا سيئي رَسا ٽوڙي منهنجي اندر اظهار کي آزاد ڪري ڇڏيو هو. مون وري اهو ئي سُوال ورجايو، "چُپ نہ ٿيءِ، مس مِينتَوخ، مان ٻُڌڻ ٿو چاهيان، اوهان کي منهنجي محبت ڪيئن لڳي؟"

لمحي لاءِ مون محسوس ڪيو تہ مان اهي سُوال پُڇي ڪٿي ڪيس دٻاءَ ۾ تہ نہ وجهي رهيو هئس. پر سندس چهري جي ڏيکَ مون کي سندس اندرَ ۾ چُلڪندڙ پيارَ جا پاوَ ڏيکاريا.

اکين ۾ ترندڙ هلڪڙن لڙڪن ۾ مُرڪ جي ڪِري تارن جهڙي چِمڪ پرجي آئي هئس.

اُن سُهڻي نِهار سان هن جيڪو جواب ڏنو، اُن منهنجيءَ دل کي رَقص ڏئي ڇڏيو.

چيائين، "بيحد حسين لڳي اوهان جي مُحبت، ڪبير! جو مون کي پنهنجو انڪارڻ عَيب لڳو."

مون ڪِلي ڏنو... شايد گذريل ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان اهو پهريون ڀيرو کِليو هوندس. منهنجو مُرجهايل گُل جهڙو اندر. هڪ ڀيرو وري ٽڙي پيو هو. چيومانس، "بلڪل. مِينتَوخ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت موٽائڻ آهي ئي عيبُ. تو جهڙي لاٽ مائيءَ کي تہ ايئن ڪرڻ هرگز نہ سُونهي.“
مُرڪي اکين جي وَهندڙ ڳوڙهن کي صاف ڪرڻ لڳي. دل چيو اڳتي وڌي پنهنجن هٿن سان اکيون اُگهانس پر پاڻ جهلي ويس.
چيائين، ”مان محبت کي ڪيئن ٿي موٽائي سگهان، پر محبوبَ تي ويساهہ مون کي اڳ ئي ڏاڍو ڳرو پيو آهي...“
مان مُرڪي پيس، هڪدم وراڻيم، ”پر مان تہ محبوب نہ آهيان، مان تہ عاشق آهيان، مِينتَوخ!“
پاڻ تُرت ئي وراڻيائين، ”عاشق تي تہ ويتر وڌيڪ اَويساهي آهي“، اهو چئي بي اختيار کلي ڏنائين. سندس آلين اکين واري کِل ڏسي مان بہ کِلي پيس... جذبن تي قيد جون پيل زنجيرون ٽُٽي پيون هيون. دل ۾ سوچ آزاد ٿي چڪا هئا...
هن اڄ پنهنجو پاڻ مون تي نِروار ڪري ڇڏيو. چيائين، ”سچ پچ تہ سخت حيرتَ اٿم تہ هن جي انتظار جي باوجود بہ ڇو اچي ہواٽن تي مُنجهي پئي آهيان. اچانڪ تنهنجي محبت هڪ حقيقت بڻجي منهنجي سامهون بيٺي آهي. ڏِس نہ! مان محبتَ ۾ هن جي موٽڻ جي جُستجوءَ ۾ هيءَ زندگي جيئندي پئي هليس. هلندي هلندي ڳَس تي تون ملئين ۽ مون کي تنهنجي محبت وڻڻ لڳي، ڪيڏو نہ عجيب آهي ڪبير؟“
اهو چئي مون کي ڏٺائين، سندس اکيون هڪ پيرو وري آليون ٿي وهڻ جا سانباها ڪرڻ لڳيون. سندس وُجود هلڪو هلڪو ڏڪي رهيو هو...
هوءَ واقعي بہ هڪ پيرو وري محبت جي احساس ۾ اچڻ تي حيرتن جي ڏُبڻَ ۾ ڪِري پئي هئي. تڪليفَ ۾ هئي. پنهنجي اڳ واري رشتي جي وِڇوڙي تي ارمان ۾ بيوس هئي. بلڪل بيوس. ٿوري دير رکي وري چيائين:
”هي ڇا ٿي ويو آهي، ڪبير، جڏهن کان تنهنجي محبتَ کي محسوس ڪيو اٿم، مون کي هن لاءِ پنهنجو انتظار بي معنيٰ لڳڻ شروع ٿيو آهي تہ ڇا محبت ايتري غير جٽادار هوندي آهي؟ جو محبوب بدلجي وڃي! منهنجو محبوب تہ هو هو نہ ۽ عاشق بہ تہ هو منهنجو، پوءِ ڪيئن ڇا ٿي ويو؟“
مان خاموش کيس ڏسي رهيو هئس ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ کولي رهي هئي.
”مان روئان ان ڪري ٿي تہ مان جيڪا سندس انتظار ۾ وقت کان پٺڪيس پئي، هاڻي دل ۾ هڪ ٻئي لڳاءَ جي جاءِ جڙي پئي، اها محبتَ سان وفا تہ نہ ٿي نہ ڪبير؟ مان ڪجهہ ڏينهن کان اِن تي سوچيندي رهي آهيان تہ ڪِٿي سياڻي ايئن تہ نہ ٿيندو تہ هيءَ محبت بہ مون لاءِ بي ڄَسي ٿي وڃي، ايئن هڪ کان پوءِ ٻي محبتَ، هڪ نہ کُٽندڙ سفر...؟“
چيم، ”ها، مِس مِينتَوخ، جَي مان اوهان سان اهڙو ڪو ظلم ڪريان تہ پوءِ مُنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُحبت ڪي وِسارڻ اوهان جو حق هُوندو. جي هو اوهان سان وفا ڪري ها ته اڄ اوهان منهنجي سامهون ايئن نہ ڳالهائي رهيا هجو ها. هن جاءِ خالي ڪئي، اها پرجي وئي.“
سندس اکين ۾ اَزلي بي يقيني هئي.

چيم، ”منهنجو ڀاڳ ڀلو آهي ته اوهان جي دل ۾ مون لاءِ چاهہ پيدا ٿيو آهي. هاڻي ان جي پارتَ اٿو. جيڪي ڇڏي هليا ويا انهن جي پويان وڃي مون جهڙي عاشق ڪي ته اوهان نہ ڏڪاريندؤ نہ.“

مون ڪي حيرتزده اکين سان نِهاريائين... ڇڻ ڪيس يقين نہ ٿئي آيو ته ڪو هوءَ هڪ ڀيرو ڀيهر بہ محبت ڪري سگهي ٿي!

هڪ ڀيرو وري شرارتَ منجهان پُڇيو مانس، ”اوهان اجان بہ کُلي ڪري نہ ٿا ٻُڌايو ته اوهان ڪي منهنجي محبت ڪيئن لڳي.“

چيائين، ”انهن پنجن سالن ۾ پهريون ڀيرو ٿيو آهي جو مون ڪي سندس تلاش ۽ انتظار بي معنيٰ ڀاسن ٿا. مان مُنجهي بِہ واٽي تي بيهي رهي آهيان. اجان ڀيو ڪهڙو جواب ڪپي اوهان ڪي پنهنجي سُوالَ جو!“

مون چيو. ”اجان بہ ٻِواٽو آهي، مس مِينتَوخ؟ هاڻي ته نڪري اچو ان ٻِواٽي واري ڪيفيت مان!“

چهري تي رياڪل پٽو طاري ٿي ويس، چيائين. ”اوهان ڪي خبر نہ آهي ته مان ڪيتري نہ سخت تڪليف ۾ رهي آهيان. جڏهن کان اوهان مليا آهيو، اوهان جو مون ڏانهن وڌڻ مون ۾ اوهان لاءِ خواهش پيدا ڪري ويو، ڪنهن نئين احساس ۾ اچڻ مون ڪي شديد خوف ڏئي ويو آهي.“

”خوف ڇا جو مِس مِينتَوخ؟ اوهان ڪي نئون اَحساس اِن ڪري آيو آهي جو اوهان وٽ اها جاءِ خالي ٿي وئي آهي هاڻي، هڪ ماڻهو نہ موٽڻ جو ڇئي هليو ويو آهي ۽ اوهان اِن ڳالهہ تي پريشان آهيو ته ان جي جاءِ ڪو ٻيو ڪيئن ٿو وٺي سگهي ۽ اوهين اُن نئين محبت تي ڪيئن يقين ڪيو؟“

بيچينيءَ منجهان نِهاري، آهستڙي وراڻيائين. ”پر ڪبير، مسئلو جَتاءَ جو آهي، ڪنهن بہ نئين احساس تي ويساهہ ڪرڻ سولو نہ آهي. اها خبر نہ هئم ته ايڏي شديد محبت بہ ايئن ڪنهن ٻئي احساس جي ڪري بي معنيٰ ٿي سگهي ٿي ۽ وري ڪو اهڙو ئي ٻيو شديد لڳاءُ بہ ٿي سگهي ٿو!؟

مون مُرڪي ڪيس نِهاريو، ڪيڏو نہ سُهڻو اِظهار ڪري رهي هئي مُحبت جو!

سندس اهڙي اظهار هڪ پاسي منهنجيءَ دل ڪي خوشيءَ منجهان بي اختياري ڏئي ڇڏي هئي ته ڪيس مون سان محبت ٿي وئي هئي. واقعي بہ ايئن ڪيئن ٿئي ها جو منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جي شدتن جا تاءَ سندس دل تائين نہ رسن ها، پر پٺي پاسي مان ان شخص جي ڀاڳ تي رشڪ ڪري رهيو هئس، جيڪو پنجَ سال اڳ سانئس ناتو ٽوڙي نہ موٽڻ جو چئي هليو ويو هو، هن جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ بہ سانئس ڪو رابطو نہ ڪيو هئائين، ۽ هوءَ ان باوُجُود بہ سندس يادَ ۾ مُبتلا ٿي پڻڪي رهي هئي!

هو لازمي بہ هڪ عجيب ماڻهو هوندو. جيڪو اهڙي محبت ڇڏي هليو ويو هو! ڪو ماڻهو هڪ محبت ڪي فقط هڪ ئي شديد محبت جي ڪري ئي ڇڏي سگهي ٿو، مون کي تہ اعتبار ئي نہ ٿئي آيو تہ ڪو ماڻهو هن جهڙي ناريءَ سان ايئن ڪيئن ڪري سگهيو هو؟ ڇا سبب هو اِن جو؟

پر اصل ۾ سندس ماضيءَ بابت سُوالن ۾ مون کي ڪا بہ دلچسپي نہ هئي، مون لاءِ محبتُن جي دنيا ۾ نئون نِياپو هي هو تہ يو ڳِٽي مِينتوخ جي دل جي دنيا تي بہ منهنجي محبتَ جو مينهن وُٺو هو، هاڻي اِن احساسَ ۾ بيوس رڳو مان نہ هئس، هوءَ بہ هئي.

ايئن هڪبِئي سان دل جو حال سلڻ کان پوءِ ان نئين رشتي جو آغاز ٿي ويو جنهن کي مان تاحيات اڳتي زندگيءَ ۾ ڪٽي هلڻو هئس. منهنجي وُجُود، منهنجي زندگيءَ ۽ منهنجي تصورن جي دنيا جو محور بنجي وئي هئي هوءَ. زندگي سولي بہ ٿي سگهي پئي تہ اوکي بہ. پر مان ان اگر مگر جي مسئلي کان آجو ٿي چڪو هئس.

هن مون لاءِ پنهنجي دل ۾ محبت کي مڃيو هو، هاڻي ٻيو ڇا گهرجي ها.

اسان کي اتي ويٺي ڪافي دير ٿي وئي هئي. گيسٽ هائوس واپس موٽڻو بہ هو. هلڪي هلڪي بک بہ لڳي هئي، کيس چيم تہ هلي ڪٿي ڪجهہ کائي وٺون. ايئن ٻئي اچي ان مارڪيٽ ۾ ماني کائي ٿورو ڦرياسين. هاڻي هوءَ وڌيڪ پُرسُڪون هئي، پر اعتماد بہ، پر اڃان بہ چپ چپ هئي، کُلي نہ پئي ڳالهايائين. هڪ ڳالهہ جيڪا مون واضح محسوس ڪئي، سا اِها تہ اڄ اسان ٻنهي جي دِلين تي چڙهيل زنجيرون ٽُٽي ڪري پيون هيون. اسان پنهنجن جذبن کي پنهنجي ئي اندر جي قيد کان آزاد ڪري ڇڏيو هو.

کيس ڏسي مُرڪيس، چيم، ”ڪافي دير ٿي وئي آهي، هلجي؟“

اُن تي هلڪڙي، محتاط، پر دلرُبائي مُرڪ سان ”هممم...“ ڪري آهستڙي چيائين، ”ها. سياڻي رهائشي تربيت ۾ بہ هلجي، سمورا ساٿي سوچيندا هوندا تہ آخر اسين ڪٿي گم ٿي وياسين.“

چيومانس، ”ها تہ ڇا آهي پوءِ؟ کين ٻڌائيندا سين تہ اسين محبتَ ۾ آهيون، اِن نئين احساس جي بار هيٺ ٿورو گهبرائجي ويا آهيون.“ ان تي مُرڪي پئي. سندس ان مُحتاط مُرڪ ۾ محبت بہ هئي...

اسين گاڏيءَ ۾ چڙهي گيسٽ هائوس ڏانهن موٽڻ لڳاسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس اِن جواب مون کي وري نشا ڏئي ڇڏيا!

مُرڪي سندس اکين ۾ اکيون کُپائي پُڇيومانس، ”ڇا واقعي، مِينتوخ، هِڪبئي کان پري ٿيڻ ٻنهي تي ظُلم آهي نہ!“

ڏاڍي مِنٿڙي مُرڪ سان چيائين، ”هممم.“

ڪيس نِهاريندو رهيس، سندس اکين ۾ هِن محبتَ جي قبوليَت هئي!

سندس اِن ”هممم“ ۾ ڪيڏي نہ عظيم مَحِبتا هئي اَن محبتَ جي، جيڪا اسان ٻنهي جي دلين ۾ جنم وٺي چڪي هئي. اسان جي زندگين ۾ هيءُ رِشتو هڪ اَڻ-ٽُٽ حقيقت بڻجي چڪو هو، پٿرَ تي ليڪ جيان!

هاٽي مان بہ اٿي بيٺس، ٻئي پنهنجن ڪمرن ڏانهن هلڻ لڳاسين.

چيومانس، ”اڄ موڪلائڻ تي دل ئي نہ ٿي چئي، مِينتوخ!“

هَلندي هَلندي وري مون تي هِڪ نِهار وِڌائين، ان ئي دِلرُبائي مُرڪ سان ۽ هلڪڙي آواز ۾ اُها ئي ”هممم“ ڪيائين.

اِن يقينَ جي ڪيڏي نہ وڏي تسڪينَ مِلي هئي مون کي تہ هاٽي سندس دِل جي بہ اُها ئي حالتَ هئي!

رات ڪافي ٿي چُڪي هئي، وچٿو تہ هو اسان کي، ايئن اسين نہ چاهيندي بہ نيٺ هِڪبئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي ڪمري پيڙا ٿياسين.

مان اچي پهرين تہ پنهنجي بسترِي تي ڪِريس. خوشيءَ منجهان پاڻ کي روڪي نہ پئي سگهيس، دِل چيو پئي خوشيءَ منجهان زور زور سان ڳائڻ شُروع ڪريان.

اٿي پرو گرامَ ڪِپ بروشر ڏٺم. هميشہ جيان صُبح جو طئہ ٿيل وقت تي يوگا هئي، ان کان پوءِ ٽي ڏينهن نوبرا سَراءِ ڪئمپ ۾ رِٽيل هئا. ڏينهن جو اٽي يوگين ۽ سَنياسين سان نِشستون هيون ۽ راتيون ڪچهرين ۾. ڪئمپنگ جي ان تجربي جو تصور ئي دلڪش هو، متان اڄ رات خوابن جي رات هئي. اڄ اهو سڀ ڪجهہ اسان هِڪبئي سان سَلِي ڇڏيو، جنهن منهنجا ڏينهن رات بيچين ڪري رکيا هئا. مُنهنجي تہ اُن مُسافرَ جهڙي حالتَ هئي، جنهن جو تمام وڏو پنڌ نِبري چڪو هو، مِنزل اکين آڏو هئس.

ساٿس گڏ زندگي ڪيئن هوندي اُن بابت جاڳندي جا خواب ڏسندي ڏسندي ننڊَ جي دُنيا ۾ گم ٿي ويس.

ٻئي ڏينهن صبح جو يوگا لاءِ گڏ ٿياسين. مون يوڳنيءَ جي نِهار ۾ اڄ اهو چاهُ ڏٺو جيڪو مون وٽ سندس لاءِ هو. هڪ پيرو وري ڇهري تي اهو ئي، اڳ وارو، سڪون هئس. بس اُن ۾ هاٽي هلڪڙي مُرڪ بہ شامل ٿي وئي هئس، جيڪا سندس چپن ۽ اکين ٻنهي مان بَکي پئي.

ان ڏينهن يوگا ۾ مون وري سندس اهي ئي وَراڪا ڏٺا پئي، اها ئي وِڄ ڪڙڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي. هوءَ ايتري ته دلڪش هئي جو ان جي ڪشش تي دل کي ٿَڪي ڏئي بار بار سمجهائڻو ٿئي پيو ته اهڙا به ڀاڳ ٿيندا آهن. اهڙو حُسن به ملي پوندو آهي مون جهڙن کي، پوءِ اهي بخت ڀريا ٿي پوندا آهن.

يو گا کان پوءِ سيئي تيار ٿي ناشتو ڪري ستين ڏاري ئي لَيهه جي اُتر ۾ واقع نُوبرا واديءَ ڏانهن نڪري وياسين. رستو گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪلاڪ ڊگهو هو. اهو اسان جو پهريون ۽ شايد آخري موقعو هو جو اسين رهائشي تربيت جي مڙني ساٿين سان گڏ ساندهه ٿي ڏينهن گذارڻ پئي وياسين. ٻوڙي سينٽر اسان لاءِ ٻن وڏين ڇهه سيٽر جيپُن جو بندوبست ڪيو هو.

اسان واري گاڏيءَ ۾ ڊرائيور نَوانگ، ان جي پويان واري سيٽ تي يو ڳُتي ۽ اِيتئن ۽ ان جي پويان واري سيٽ تي پروفيسر تاڻو ۽ مان هئاسين. ٻي گاڏي ۾ ٻوڙي سينٽر جو هڪ ٻيو نمائندو ۽ ٻئي نيپالي ۽ هِماچلي جوڙا چڙهيل هئا. گاڏيون گڏ گڏ ننڍڙي قافلي جي صورت ۾ هڪٻئي پويان هلي رهيون. مون لاڳيتو اڳين سيٽ تي وينل مينتوخ کي تَڪيو پئي. ڪنهن مهل دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين پئي ته ڪنهن مهل اِيتئن سان ڳالهائيندي ٿئي هلي. سندس پُني تي ڪِريل وارن مون کي پنهنجن وَنگن ۾ وَڪوڙيو ٿئي، مان صفا قاسي پيو هئس.

هي سفر به يادگار هو.

هِڪ ته نَوانگ کي ڇڏي باقي اسان سيني جو نُوبرا ڏانهن سفر پهريون ڀيرو هو، اِن ڪري اُن سفر دوران سيئي پُرجوش هئا. ان کان سواءِ منهنجي ۽ يو ڳُتيءَ جي دلين ۾ هڪ رات اڳ واري احساسن جي ڏي وٺ اجان تازي هئي. هونئن به خود سفر پاڻ هڪ سهڻو تجربو هوندو آهي، مٿان ليهه جي جادوئي وادين مان محبت جي ان احساس کي ڪٽي گذرڻ سفر جي خوبصورتيءَ توڙي اندر ۾ رنگ ڀري ڇڏيا هئا. منهنجي ته اها حالت هئي. يو ڳُتي جيتوڻيڪ پنهنجي پهرين واري ڪيفيت جي ڪري ان نئين احساس تي ٿورو مُنڌل هئي، پر هوءَ مجي ڇڪي هئي ته هوءَ به نئين نِينهن ۾ هئي.

اسان کي نَوانگ هر ٿوري جهٽ ۾، جِن جن خاص جاين تان گاڏي گذري ٿئي، انهن جي باري ۾ ٻڌائيندو ٿئي هليو. هن ٻڌايو ته نوبرا جو نالو لدومرا مان اَخذ ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گُلن جي وادي. لَيهه مان نڪري، خاردونگلا مان ٿيندي، شيوڪ واديءَ مان گذرندي گُلن جي واديءَ نوبرا پهچبو: ۽ خار.ونگلا روڊ کان نُوبرا تائين گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪلاڪ لڳي ويندا. هو ته اِهو فقط ڏيڍ سؤ کن ڪلوميٽرن جو مفاصلو، پر اسان جي ٻن مختلف جاين تي ترسڻ کان سواءِ ان ڪري به ڊگهو ٿي پيو جو جابلو رستن تان گاڏي آهستي ئي هلي سگهي پئي.

ساموندي سطح کان سَراسري طور ڏهه هزار فوٽ مٿي هن واديءَ ڏانهن ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطرتَ جي خالص حُسن کي تمام ويجھڙائي ڏسي سگھجي پيو، پر اُنهن اوچن پڙپانگ جبلن جي وچ ۾ وِڇايل سوڙهن رستن تان گذرڻ مهل ان خالص حُسن بي پناهه خوف به ته ڏنو پئي. مون کي ته اِن خوف ۾ به مزو پئي آيو.

اوچائيءَ تي هئڻ ڪري نوبرا وادِي هڪ ٿڌو علائقو هو، اتر ۾ سياچن گليئشير هئا. رستي تي جبل، پاڻيءَ جا وهڪرا، پيچيده رستا ۽ ڏنڻ ڪاهي هلندڙ ڏنار خاص لقاءَ هئا، انڊيا پاڪستان جون سرحدون ويجهيون هئڻ ڪري اتي بلتي ۽ گِلگتي رهائشي به هئا، جيڪي يا ته ٻُڌ مَت جا پوئلڳ هئا يا نوربخشيا شيعا هئا. ڪراڪرم لَنگهه ۽ ساسَر لَنگهه واديءَ جي اتر-اولهائين پاسي هئڻ ڪري نُوبرا کي چين جي اوئيغر سان ڳنڍين ٿا. چوندا آهن ته ڪو دؤر هو ته هتان جا ماڻهو تبت توڙي وچ ايشيا ڏانهن سولائيءَ سان وڃي سگهندا هئا. اِهو سڀ ڪجهه اسان کي نَوانگ ٻڌائيندو پئي هليو.

منهنجو ڌيان هِن محبوبَ پاسي به هو، جنهن ڏانهن سفر دوران الائجي ته ڪيترا ڀيرا منهنجو ڌيانِ ويو هو، مون ڪنهن ڪنهن مهل غور ڪري ڪيس ٻُڌو به ٿئي. يو ڳٽي اِيتَئن سان سندس اَدبي تخليقن ۾ انهن جي مختلف موضوعن تي ڳالهائيندي ٿئي هلي، ڳالهائڻ دوران مخصوص انداز سان ڪنڌَ کي لوڏي هٿن کي اشارن ۾ مُختلف طريقن سان استعمال ڪرڻ، وري رکي رکي اُن ئي هٿ جو وارن جي چڳ کي سنوارڻ. اِهو سڀ مون نوٽ ڪيو پئي. مون کي خوشي به ٿي پئي، پاڻ تي ڪِلَ به آيم ٿئي. مون کي مُحبتَ جهوريءَ جيان لڳي وئي هئي ۽ هميشه لاءِ لڳي وئي هئي، ساڻ نيئي ڪٽڻ واري جهوريءَ جيان! هر پل جُهرڻ ۽ جُرڻ وارن لمحن مان ڪجهه پلن لاءِ نڪتس پئي جڏهن مهل پروفيسر تاٺو ۽ منهنجي تحقيقي تجربن تي ڳالهايو پئي.

ايئن اسان ليهه پويان ڇڏيو ۽ گاڏي زور ۽ شور سان خارڊُونگلا ٽپڻ لڳي. گاڏيءَ ۾ لَداخي موسيقي هلي رهي هئي. ڇوڏاري جبل ڪنهن مهل ڪڪرن ۾ لِڪا ٿئي ته ڪنهن مهل نِروار ٿئي ٿيا، گاڏي پنهنجي مُناسب رفتارَ سان لڪن تان گذرندي رهي، تان جو اسان کي جبلن تي ڏُنڌَ جي چِڏي اُجاڻ نظر اچڻ لڳي. ڪٿي آسمان اُن ئي ڏُنڌَ جي زَدَ ۾ ورتل هو ته ڪٿي اهو جڏهن ڇِنو پئي تي بيٺو ته جبلَ به پنهنجي اصلي رنگَ جا لباس پاتل ٿئي نظر اچڻ لڳا. نَوانگَ ٻڌايو ته آگستَ ۾ جبلَ برفاني لباس پائڻ شروع ڪندا آهن، سو اِهو منظر به ڪجهه ئي ڏينهن ۾ شُروع ٿيڻ وارو هو. رستي تي ڪيترين ئي جاين تي وستيون، پاڻيءَ جا وهڪرا نظر آيا ٿئي.

ڏکين رستن تان ٽپياسين ته نُوبرا واديءَ جو بيابان اچي ويو. بيابان هجي ۽ اُٺَ نه هجن اهو ڪيئن مُمڪن آهي؟ نه رڳو اهو پر اٺَ به ٻِئن ٿُوهن وارا. ڪٿي لڪَ هئا ته ڪٿي سادا رستا. ڪٿي بيابان ته ڪٿي پٽرائين ڏرتي، مونَ کي پنهنجي وطن بلوچستان جا رستا ياد اچڻ لڳا. ڪوئيٽا جي بي مثال خوبصورتي، زيارتَ جا سَياحتي منظرَ، سرمائيداراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزاجَ سان تڪڙو تبديل ٿيندڙ گوادر، هر جاءِ ڪيڏي نہ خوبصورت هئي! مون کي ياد آيو تہ گوادرَ کان سنڌ ڏانهن ويندي ڪيئن هر موڙَ تي جادوئي لقاءَ وچايل آهن. شديد تاس پئي محسوس ٿيمر پنهنجي ديس کي ڏسڻ جي.

هو تہ هي ديس بہ بيحد حسين... ڪي ڪي رستا ايترا تہ ڏکيا هئا جو انهن تان گذرڻ مهل لڳ ڏڪائيندڙ احساس اڄ بہ ياد اٿم. ان کان سواءِ اوچائيءَ جي ڪري ڪنهن ڪنهن مهل ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي بہ محسوس ٿي رهي هئي. شايد ان سفر دوران جا ڪجھ موقعا تہ ڪنهن کان بہ نہ وسرن تہ ڪيئن هڪ ٻن جاين تي ٻوٗ جي اِنتها ۾ سيني جو ساهہ هيٺ مٿي ٿي ويو هو.

دلچسپ ڳالھ اها هئي تہ ان مهل بہ پروفيسر ٽاٿو جي پُر مَزاح جملن اندر ۾ خوف جي احساس جي باوجود بہ اسان سيني کي کلائي پئي وڌو. حقيقت ۾ انهن رستن جا ماهر ڊرائيور ڏاڍي مهارت توڙي احتياط سان گاڏي هلائي رهيا هئا. ايئن اسين ٻوٗ جي ٿياس تي تنگيل فطرتَ جي زميني اوجَ ۽ زوالَ ۾ هيٺ مٿي ٿيندا اچي نُوبرا جي تربيتي ماڳ تي هڪ وڳي پهتاسين. اوچائيءَ تي پيل اهو اتاهون ماڳ هڪ بهترين جاءِ هو جتي اسين ٽن ڏينهن جو ٻوڏي ڪورس ڪرڻ آيا هئاسين. مونِ سامهون نهاريو، هڪ قطار ۾ خِيما اڏيل هئا، جن ۾ بہ ٻہ قسم هئا، ڪي سادا تہ ڪي نسبتاً وڌيڪ پُر آسائش.

نَوانگ سيني جي رهائشي خِيمن جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ڪائونٽر تي ڳالهائڻ لڳو. هاڻي اسين وسيع آسمان هيٺ، هماليہ جي پِرَّيانگ جبلن جي گهيري ۾ سَمنڊ کان هزارين فٽ مٿاهين واديءَ ۾ موجود هئاسين. اسان مرَّني کي ان لقاءَ پنهنجي جادوءَ ۾ گهيري ورتو هو، سيني اُن جاءِ جي تعريفَ ٿَئي ڪئي. نَوانگ ٿوري ئي دير ۾ مرَّني کي سندن خِيمن ڏانهن وٺي ويو، مٿاهينءَ واري ان علائقي ۾ محدود وسيلن ۽ پيچيده حالتن هوندي بہ خِيمن کي وڌَ ۾ وڌَ آرامده ناهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي.

رهائشي خِيمي ۾ باٿروم سميت هر سهولت موجود هئي. اسانِ سَيني پَنهنجا پَنهنجا سامان رکيا ۽ مانجهاندو ڪرڻ لاءِ اچي خِيمن جي ٻاهران رکيل ڪرسين ۽ ٽيبلن تي ويناسين. هڪ صَفا منفرد وادي جتي خِيمن ۾ رهائش هجي، چَوڌاري هماليا جي رينج هجي، واريءَ جا دڙا هجن، ٿَڌَ هجي، مَٿان وري اسان سڀئي مختلف ڪندن کان آيل، ان موقعي ۽ جاءِ تي گَڏ ويٺل هجون، اهو سڀ پُراسرار ٿَئي لڳو.

سيئي اُن جاءِ جي خوبصورتيءَ جي اثر هيٺ هئا.

اِيتئن چيو، ”مون کي انتظار آهي ڏسان تہ ان سموري منظر جي رات ڪيئن لڳندي.“ نَوانگ چيو، ”خاص ڪري تَڏهن جڏهن اها باهِ جي مچَ جي چَوڌاري ويهي مَحسوس ڪجي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون اِيٽئن تي اُن مهلَ ئي رکي هڪ جُملو هنيو، چيم ”۽ جي اُن سان گڏ تورو خُماري سامان بہ هُجي!“

اِيٽئن منهنجي ايئن چوڻ تي ٺهڪَ ڏئي کِلي پيو.

پروفيسر تائو بہ کِلي چيو، ”لڳي ٿو اڄ ڇڪيءَ جي ضرورتَ پوندي، جي مِلي پوي تہ.“.

اسين مُرڪي نَوانگ ڏانهن ڏسڻ لڳاسين، هُن اِشاري سان نهڪر ڪندي چيو، ”تربيتي نِشستُن دوران اِن جو سوچيو بہ نہ.“

پروفيسر تائو مايوس ٿي اِيٽئن ڏانهن جُهڪي آهستڙي چيو، ”تنهنجي ئي سامان مان هڪڙو ڪَش هٽائجانءِ.“

اِن تي سڀني کلي ڏنو.

اسان مِڙني ماني کائي، ڪجھ دير ڪچهري ڪئي، ڪلاڪ ڏيڍ کن جي آرام جو چئي نَوانگ اسان کي خِيمن ڏانهن وٺي ويو. سفر جو ٿَڪ تہ هو. مون يو ڳِٽيءَ کي ڏٺو، سندس چهري تي سڪون هو، نہ بيان ڪري سگهڻ جهڙو. چيائين، ”ڪيڏي نہ پُرسڪون وادِي آهي. اِيٽئن صحيح چيو، مان بہ انتظار پئي ڪريان تہ اُن جي رات ڪي ڏسان تہ آخر اها ڪيئن هوندي!“

هن مون ڏانهن ڏٺو تہ شايد مان ڪجھ چوندس، پر منهنجي ذهن ۾ جيڪو جواب آيو، سو مون سَلڻ نہ ٺيڪ چاهيو. مون دل ۾ چيو تہ مان بہ ئي منظر ڏسڻ جو منتظر آهيان، هڪ تہ هن حَسين واديءَ ۾ رات ڪيئن هوندي، ٻيو ان رات جي گهرن پاڇن ۾ تون ڪيئن لڳندينءَ!

دل ۾ اهو چئي ڪيس خاموش نِهار سان گهوري ڏٺم ۽ مُرڪي پيس.

هن ايئن جواب نہ ڏيڻ ۽ گهوري ڏسڻ تي اکيون گهمائي چيو، ”ڇا مطلب؟“ مون چيو، ”ڪجھ خاص نہ، مون کي بہ رات جو انتظار آهي تہ ڪيتري نہ خوبصورت هوندي.“ اهو چئي منهنجي مُرڪ اچان گهري ٿي وئي.

هوءَ تِکي گهور وجهي ڏسندي رهي پوءِ مُرڪي پئي، ڳالھ مٽائي چيائين، ”ڏسجي انهن ٽِن ڏينهن ۾ ڪهڙيون نشستون ۽ مشقون ڪرائيندا!“

مان ”هممم“ ڪري ڪيس جواب ڏنو، وڌيڪ ڪجھ نہ چيم.

مون محسوس ڪيو تہ سندس موڊ ڪچهري ڪرڻ جو هو، پر مان خبر نہ آهي ڇو ماني کائڻ کان پوءِ صفا نِستو ٿي پيو هئس، ڪيس ڏسي چيم، ”مان ٿوري جهٽَ سمهڻ ٿو چاهيان، بُت ۾ سگهہ نہ آهي.“ چيائين، ”اوڪي، اوهان ڀلي ننڊ ڪري وٺو، مان في الحال ساٿين سان هونديس.“

ايئن مان پنهنجي خِيمي ڏانهن آرام ڪرڻ لاءِ هليو آيس.

اندر ئي اندر ۾ مان ڪيترن ئي سُوالن ۾ گهيريل هئس، جن کي سوچيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيندي وچي پنهنجي خيمي ۾ ليٽي پيس. سوچيندي سوچيندي اک لڳي وئي. هڪ ته اهو سوچيم پئي ته اسان جي هڪبئي سان هن سموري احساس کي سلڻ جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ منهنجو ذهن ان سوال کان ڪيئن ٿئي هٽي سگهيو؟ مون لاءِ ممڪن نه هو ايتري حد تائين معروضيت ۾ هليو وڃان ها جو پنهنجي خواهش کي وساري ويهان ها. مان آيو ته ليهه ۾ پنهنجي تحقيق جي شوق ۾ هئس. پر هاڻي ان شوق سان گڏوگڏ محبت جو جنون به ساڻ ٿي پيو هو. تحقيق ان آڌو ذرڙي ٿئي لڳي، هي ان کان وڌو پراجيڪٽ هو. ان پنيان ويس پئي. اهو ئي منهنجو رهنما ٿي پيو هو. سندس عشق-پنيءَ پيرَ ڪٽي هلي رهيو هئس. رڻ ۾ اڪيلي مسافر جيان نه هئس. عشق جهڙي وڏي وٿ ساڻ هئم.

ان سموري احساس مون کي هر شئي کي منفرد ٿئي پسايو: مثال مون کي پکي، وڻ ٽڻ، پاڻي، جبل، جانور، انسان ويندي فطرت ۽ سماج جو هر منظر ايئن پئي لڳو ڄڻ مان ان کي پهريون ڀيرو يا نئين سر پسي رهيو هجان. ان جو سبب هوءَ هئي. فقط هوءَ. ڄڻ مان يوڳنيءَ ۽ پنهنجي تعلق تي ان سموري لقاءُ سان مڪالمو ڪري رهيو هئس. مان هر لمحي بدلجي رهيو هئس، هوءَ مون کي هڪ نئون ماڻهو بنائي رهي هئي.

يوڳنيءَ جي هلڻي وڃڻ کان پوءِ مون کي جادم ۽ سندس ساڌوءَ جي خطن جيئن ساٿس جوڙي رکيو هو، هوءَ مون کي مون کان الڳ محسوس ئي نه ٿي پئي. ان ڪري مان انهن خطن ۽ يوڳنيءَ کي پنهنجن انهن پن مختلف تجربن جي ڪڙي سمجهي رهيو هئس. فطري منظرن کي سمجهڻ. انهن سان مخاطب ٿيڻ جي عادت پوڻ لڳي هئم، انهن جي تحرڪ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس.

مان نوبرا واديءَ جي داستان کي لکندي لکندي ٿڪس ته جادم جا خط پڙهڻ شروع ڪيم. انهن خطن ۾ هڪ پاسي سندس پوڙهي استاد هڪ جوڳيءَ جي مائيءَ سان لاڳاپي کي مادي لوڀ جي قسمن مان هڪڙو قسم چئي ان کي هڪ سطحي ۽ هيچ مادي خواهش ڪري پئي پيش ڪيو، ته ٻئي پاسي سندس ڦوان ائم جا تجربا پڙهي لڳن مان سيسڙاٽ نڪتا پئي. انهن کي پڙهي مون ۾ ته حيرت به ڦٽڪي پئي. مان هينئر به اهو ئي ٿو سوچيان ته منهنجي وجود کي ڌوڏيندڙ آخر اهو ڇا هو؟ يوڳنيءَ سان تجربو هو، يا ان جي وڃڻ کان پوءِ اچانڪ ملي ويل وجودي سفرن جا اهي خط هئا؟ ڪيڏو نه ڇاڻ ۽ تجربن سان پريل داستان هو، انهن خطن جي فڪري وسعت کي پڙهي انهن کي اندر ۾ سانڍڻ ڏکيو هو، انهن پنهي ٻوڏين ته فطرت جي هڪ ننڍڙي جزي کي به ان جي اندرين تهن تائين وچي ڏٺو پئي.

فقط هڪ پکيءَ جي داستان کي به ساڌو ڪيئن ٿئي پيش ڪيو، ان جي پيشڪش مان محسوس پئي ٿيو ته ڄڻ اهو پکي نه هو، ڪنهن جوڳيءَ جي صحبت هئي، جيڪا ساڌوءَ کي وجودي تجربن مان گذارائي رهي هئي. هڪ پکي جيڪو فقط هڪ مخصوص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوگيءَ کي يوڳي پاڻَ پڙهنديءَ مشقون ڪندي ڏسي ٿو. فقط ان مخصوص يوگيءَ کي ئي چو!؟ پوءِ اهو پکي راڳ ڳائڻ ٿو شروع ڪري. جيڪي بيحد سُريلا آهن، يا وري قُوان ائمر جي مُجسمي کي تڪي ٿو، جڻ ان سان تخاطب ڪندو هجي!

ان کان پوءِ ساڌوءَ انساني هٺَ جي فطرتَ تي ڪاريگريءَ جي ڳالهه ڪئي. مون سوچيو تہ ڇا واقعي اها ڪاريگري اِنسان مُڪمل عقل فهم سان اختيار ڪئي ٿئي جنهن جي نتيجن جي ڪيس اڳ ئي پرک هئي؟ يا اهو اِتفاق هو؟ فطرتَ انسان جي محتاج تہ نہ هئي، انسان هجي ها توڙي نہ. اها تہ پاڻ آشڪار ڪندي رهي ها! انسان اُن تي پنهنجي مَنشا هلائي ان کي انيڪ رُخن ۾ ڪٽي ويو آهي. فطرتِ تي انسان حڪمرانيءَ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر فطرت آفتن ۽ ڏمرن جي صُورت ۾ ان کي بيوس ڪندي آئي آهي تہ ڪِٿي پنهنجا ثمر آچيندي رهي آهي.

مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ان سموري منظر ۾ آخر فرد جي فرد سان محبتَ جي خواهش ۽ جسماني ويجهڙائيين سان ڀوڙي اِرتڪاز ڇو ٿو ٽُٽي؟ اِرتڪاز مان مُرادَ ۽ مقصد فقط مُحبتَ کان پري ٿيڻ هو؟ ساڌو لطيف جادم جي محبوبہ کي هڪ اهڙي جِنس ڇو ٿو سمجهي جنهن جي سَنياسڻ سان ئي سندس اِرتڪاز ڪامياب ٿيندو؟ بس سَنياس لازمي هو ٻُڌ مت ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ.

مون سوچيو، يوڳٽي بہ تہ ان ئي مڪتب جي مسافر هئي، پر ڪيس سَنياس جو موهہ نہ هو! نہ تہ هوءَ پنهنجي مُڙس جو اجان تائين انتظار نہ ڪندي رهي ها.

هاٽي تہِ مون کي اها خبر پئجي وئي هئي تہ مُنهنجي محبتَ ڪيس ڏنگي وڌو هو. سندس دل بہ اُن ئي چاهہ ۾ ڏکي پئي جنهن ۾ منهنجي دل پَچي رهي هئي! محبت ڪرڻ سندس لاءِ عيبُ هرگز نہ هو.

نَوانگ جي سڏڻ تي مان جاڳي پيس. شام جا پنج ٿي رهيا هئا. مُنهن ڌوئي ٻاهر آيس تہ سَيئي ٻاهر ويٺا چانهہ پي رهيا هئا. مُرڪي سامهون نِهاريم. هوءَ پنهنجن ساٿين سان گڏ ويٺي هئي. اسان جون اکيون مِليون... نهار مِلنديِ ئي اسان ٻنهي جي مُرڪ ڳِهري ٿي وئي. مان اچي ساٿن گڏ ويهي رهيس، چانهہ گهرايم. نَوانگ اسنآ کي ٻُڌايو تہ شامَ جو يوگا ۽ ڳالهہ ٻولهہ جون نِشستون رکيل هيون پر اسان جي تَربيت-ڪار ساڌوئِن جو گروپ اجان تائين سفر ۾ هو. ان ڪري اڄ يوگا بدران پَسار ڪندا پاسي واري ڳوٺ ترتوڪ هلي گهمون ٿا. رات جو سيئي ساٿي گڏبا تہ نشستون شُروع ٿيندين.

اِيئن اسان سيني نَوانگ جي رهنمائيءَ ۾ تُرتوڪ ڳوٺَ ڏانهن هلڻ شُروع ڪيو. اسان جي خِيمن کان هي ڳوٺ ڪلوميٽر ڪن پري هوندو. اسان ڪٿي هموار تہ ڪٿي ناهموار گهٽن گهيڙن تان ٿيندا هلڻ لڳاسين. جيئن تہ نُوبرا لفظ جي معنيٰ ئي ساوڪ آهي، ان ڪري ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واديءَ جا ڳوٺ ساوا هئا. جيترو وڌ ۾ وڌ ڪو جابلو علائقو سائو ٿي سگهي ٿو هي اوترو سائو هو. سادا سراوان گهر، ڪاٺ جون پُليون، چرندڙ رڍن جا ڪَٽڪ، سادن ڪپڙن ۾ ملبوس مخصوص مُهاندن وارا مائهو، ڪي پورهيت ته ڪي هارپو ڪندڙ!

ترتوڪ ڳوٺ همالياڻي خطي جُمون ۽ ڪشمير جي ليهه ضلعي ۽ نوبرا تعلقي ۾، ليهه شهر کان ٻه سؤ ڪلوميٽر پري هو. چون ٿا ته 1971 تائين ترتوڪ پاڪستان جي ضابطي هيٺ هو، ان کان پوءِ انڊيا ان تي قبضو ڪيو. ترتوڪ سڏجندڙ ان علائقي ۾ اوسي پاسي ترتوڪ نالي ڳوٺ سميت چار پنج ڪُن ڳوٺ هئا. جن منجهان بيدانگ ڳوٺ ڪنٽرول لائين کان پارت ۽ پاڪستان جي سرحدن کي الڳ ڪيو پئي. اِن ڳوٺ جي هڪ پاسي پارت ته ٻئي پاسي پاڪستان جي حدن هيٺ گلگت ۽ بلتستان وارا علائقا هئا. نوانگ اسان کي ٻڌايو ته هي ڳوٺ سياچين گليشئر ڏانهن ويندڙ رستن منجهان هڪ هو.

ترتوڪ پهچي اسان محسوس ڪيو ته هتي جو هر منظر سهڻو هو. ڪراڪرم جبلن منجهان نڪرندڙ ڳوٺن کي ڏسڻ خود هڪ حيرت جو مقام هو، مون کي محسوس ٿيو پئي جڻ ته اسان لداخ جي رُوح ۾ داخل ٿيا هئاسين.

ترتوڪ ڳوٺ شيوڪ واديءَ جو حصو آهي. نوانگ اسان کي ٻڌائيندو پئي هليو، ”هتي مُسلمان آبادي گهڻي آهي، پر ٻوڌي آبادي به آهي، انهن جا گومپا به آهن. هتي جي بلتي آبادي تبتياڻي نسل جي آهي. اتي ئي هڪ قديم بادشاهي گهر آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو ايندا آهن.“

چون ٿا ته اتي پرنسلي اسٽيٽ جيان هڪ ننڍڙي رياست هئي، جنهن جو هڪ بادشاه هو، اُن ئي گهراڻي جي نسل جو هڪ شهزادو اُن محل نما گهر ۾ هاڻي به ان ئي بادشاهي حيثيت ۾ رهيو ٿئي. اسان اندر وڃي هُن سان ملياسين به. هو ڪنهن به ٽَر جي وڏي جيان هڪ ڏاڍو سادي طبيعت رکندڙ ماڻهو هو. اسان ڏٺو ته سندس گهر شاهي انداز ۾ سجيل هو. ديوارُن تي پراڻن بادشاهن جون تصويرون لڳل هيون، انهن جا شاهي ساز سامان به پيل هئا. اتي ئي پاسي ۾ هڪ الڳ باغ هو، جيڪو فقط اُن خاندان جي ذاتي استعمال هيٺ هو. دلچسپ ڳالهه اِها هئي ته اهڙو ماڳ جتي جديد دؤر جون سهولتون نه هئڻ برابر هيون، اتي اِهو شاهي خاندان اڄ به اُهو ئي سماجي مرتبو ۽ حيثيت رکيو وينو هو.

ترتوڪ پنهنجي ان انفراديت جي ڪري اسان سڀني کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. هڪ ڳوٺ جنهن جي ماڻهن جا نيڻ نقشا بلتي نسل جا هئڻ ڪري تکا ۽ وار ڳاڙهسرا هجن، ڏينهن جو جتي جا اڪثر ماڻهو خاص طور ناريون ٻنيءَ تي هجن، نوجوان مرد چارڻ هجن. ڳوٺ ۾ ڪاٺ جي پُل هڪ حسين پاڻيءَ جي وهڪري تي ٻڌل هجي، اخروٽن، صوفن ۽ خوبانين جا انيڪ وڻ هجن، چوڌاري ساوڪ هجي. ترتوڪ کي اڪثر سياحَ جنتي جاءِ چوندا آهن، سوچيم، سچ به اهو ئي هو. اتي قديم جابلو حُسن نروار ٿيو بيٺو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيونداس چئي مُتعارف ڪرايو جيڪو دهليءَ ۾ هڪ ٻوڌي سينٽر جو انچارج هو ۽ ناري شوپا ديوي ٻُڌ مت تي آزاد محقق هئي. انهن سان ميل ملاقات ڪري مڙني گڏجي رات جي ماني ڪاڌي.

مانيءَ کان پوءِ هڪ ڊگهي نِشست رکيل هئي مڪالمي جي. اهڙي قسم جي نشست ڏسڻ جو منهنجو پهريون پيرو هو. اُن تي سڀ کان پهرين ته ماحول جو اثر هو.

جبلن جي وچ ۾ پٿاريل هڪ حسين واديءَ ۾ رات مهل اسان دنيا جي مختلف ڏرتين جا ماڻهو پاڻ جي مچ جي چوڌاري گڏجي ويٺا هئاسين. ٻيو انهن ساڌوئن جي مڪتبِ فڪر تي به مدار رکي پيو. هڪ ته اِنهن نِشستن ۾ تربيت-ڪار ٻوڌين جا ٻئي قسم موجُود هئا. يارتي ساڌو جيونداس ۽ ديوي شوپا ٻئي ڪٽر سَنياسي هئا ۽ آمريڪي وري مُتعدل ٻوڌي هئا، جيڪي شادي شده به هئا. ان کان سواءِ اڄ جي گفتگوءَ جو موضوع ٻُڌ مَت ۾ اعتدال جي اهميت هو، جنهن تي هڪ ڊگهي گفتگوءَ کان پوءِ سوال جواب ٿيا ته هڪ ڀرپور مڪالمو ٿي پيو. اها سموري نِشستَ جهڙي علمي انداز ۾ پيش ڪئي وئي، اها مون کان ته چا، رهائشي تربيت جي ڪنهن به دوست کان اڄ تائين نه وسري هوندي.

ان سموري گفتگوءَ دوران به يوڳتي خاموش ٿي هئي، شايد اسان جي ڪالهه رات واري گفتگوءَ مٿس ڪافي اثر وڌو هو، شايد هو پنهنجي ڪيفيت جي بار هيٺ هئي. مُنڌل هئي. پنهنجين ئي سوچن تي. هوءَ نارنگيءَ رنگ جي ڪرتي ۾ هئي، جنهن پاڻ جي رنگ سان ملي ڪيس پاڻ جو پرتوو بنائي ڇڏيو هو.

سَنياسي ساڌو جيونداس ڳالهائڻ شروع ڪيو، سندس مُنو ڪلاڪ ڊگهي گفتگوءَ جو تَتُ ڪجهه هيئن هو:

”حواسن جي لذت هڪ ذِهنِ جيان آهي، ان ۾ داخل ٿيل نڪري نه سگهندو. ماڻهو بُک جو شڪار آهي، جبلتي بُکَ کي وُسعت ملي وئي آهي هن دنيا ۾. نظر جي بُک، ذائقي جي بُک، ڇهاءَ جي بُک، اها ضرورت پوري ٿيڻ جي حدُن کان اڳتي نڪري وئي آهي. بُکَ جڏهن ضرورت کان ٽپي لوڀَ تي پهچي ٿي ته اها ٻيهڻ وساري ٿي ويهي. بس پوءِ اها هلندي، وڌندي ٿي رهي. اصل مسئلو ان لوڀَ جي نه ٻيهڻ جو ٿي آهي، ان ڪري جو لوڀَ جي سفر جو انت نه آهي. لوڀَ خواهش جو نتيجو آهي. خواهش جيئن ته لوڀَ جي اَوائلي صورت آهي، اِن تي شروع کان ئي بندشون وجهڻ ضروري آهن ته جيئن اها ضرورتَ جي حدُن کان ٽپي لوڀَ جي حدُن ۾ نه داخل ٿي وڃي!“

جڏهن سندس گفتگو پوري ٿي ته هن پاڻ کي سوالن جوابن لاءِ آڇيو. اُن تي ڪائنس پهريون سوال هماچلي ناري سارا پُڇيو، ”جي ماڻهو ڪنهن به خواهش جي سَڌ ۾ اڳتي وڌندو وڃي ته اهو فِطري نه آهي؟ جي هر ماڻهو ايئن ئي وڌي ٿو ته پوءِ ان کي روڪڻ ۽ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي بندشون وجهڻ فطرت سان ضدجڻ نہ آهي؟“

ان تي سَنياسي جيونداس وراڻيو، ”جنون فِطري نہ آهي، اهو خواهشُن جي نتيجي ۾ سامهون اچي ٿو. گهڻ-هوندَ جي خواهش فِطري نہ آهي، اها اندر جي هَبَڄَ جو نتيجو آهي، انسان جي هر عمل کي جي اوهين فِطري سمجهي چڏي ڏيندؤ تہ دنيا هڪ دردَ جو آستان ٿي پوندي. انسان فطرت جي نظارن ۾ شين کي پنهنجي زير ڪري ٿو، مِثال طور سَرڪش پاڻيءَ کي بَندن آزاد ڇڏي رکجي تہ اهو سڀ ڪجهہ تاراج ڪندو ويندو، پر اهو بہ تہ فِطري آهي؟ سو اها ڳالهہ تہ هر جنون يا اِنتها کي فِطري سمجهي ان جي آزاديءَ جي وڪالت ڪبي تہ دنيا جي امن کان موڪلائبو. ان ڪري جنون کي روڪڻ فطرت سان ضدجڻ بدران ان سان پلائي آهي.“

اِيتئن سَنياسين کان ستو سنئون پُڇيو: ”جنسي لاڳاپن کي بُدَ مَت جي منافي سمجهڻ پويان ڪهڙو راز آهي، اهو تہ بلڪل فِطري آهي؟“

سَنياسي سمراٿ چيو، ”اهو تہ مفروضو آهي تہ بُدَ مَت شادي يا جنسي لاڳاپي جي خلاف آهي. انسانن جو ڪو بہ نظام اهڙو اصول قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهو غير عَقلي عمل هوندو. جي مرد ۽ ناريءَ جو پاڻ ۾ ميلاپ نہ ٿيندو تہ دنيا جو ڪاروهنوار ڪيئن هلندو؟ بُدَ مَت انسان جي انهن فِطري ۽ سماجي ضرورتن آڏو نہ ٿو اچي. ان وٽ هڪ بهتر سماج جو خاڪو آهي جنهن ۾ انساني نسل جي واڌ ويجهہ لازمي آهي، پر اوهان ڏسو تہ سهي تہ اِها ضرورت پنهنجي بدترين صورتن ۾ آخر ماڻهوءَ سان ۽ دنيا سان ڪري چا ٿي؟ ڇا هٿيار بہ ضروري آهن انساني واڌ ويجهہ لاءِ؟ عجيب نہ آهي تہ هٿيار انسانذات کي انسانذات کان بچائين ٿا؟ پر خطرو پئدا ڇو ٿيو جو اهي تباهہ ڪُن وکر پئدا ڪيا ويا؟

ڇا انيڪ ڳاڏيون، ڪپڙا ضروري آهن؟ ۽ ڇا پيون هوند جون شيون بہ ڪثرتَ ۾ هجڻ ضرورت آهن؟ اوهان دنيا ۾ هن ضرورت جو سفر تہ ڏسو؟ پئي پاسي جِنسي ضرورت جو جهان بہ تہ ڏسو! جو ماڻهو جسم وڪڻڻ جا ڌنڌا متعارف ڪرائي دنيا ۾ ان کي هڪ پيشي طور پيش ڪن ٿا. دنيا جي ترقي يافتہ ترين ملڪن ۾ تہ وڏي کان وڏا جسم فروشيءَ جا اڏا آهن، ڇا جبلتن جو ايئن پوراٿو بہ ماڻهوءَ جي ضرورت آهي؟“

سَنياسيءَ جي ڳالهہ واقعي بہ ڏاڍي اهم هئي. پر مون وٽ ان ئي موضوع جي حوالي کان اڃان هڪ ٻيو سوال هو، جيڪو مون ڪانئس پُڇيو. ”هي سموريون ڳالهيون صحيح آهن، پر هڪ ٻوڙي سَتوا لاءِ بہ ايڏو ڳرو سَنياس ڇو ضروري آهي، ڪين تہ شادي ڪرڻ يا جنسي لاڳاپن رکڻ جي اجازت ئي نہ آهي؟“

هن وراڻيو، ”ها، اهو ان ڪري ضروري آهي جو ٻوڙي سَتوا جو فرض آهي تہ هو عام ماڻهوءَ آڏو هڪ بي اِنتها پرهيزگار زندگي گذارڻ جو نمونو پيش ڪري؛ جيئن عام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يو ڳڻيءَ مون ڏانهن نهاريو. مون کيس چيو. ”ٿوري دير اتي ئي ويهون ٿا.“ هوءَ باهه جي هر پاسي ويٺي رهي. احهامندڙ باهه جي تئو کيس اڳ ئي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو هو. منهنجي نهار ڪي هوءَ لنوائيندي باهه تڪيندي رهي. مان کيس نهاريندو رهيس. خاموشي ٽوڙيندي چيم. ”ڇا پيا سوچيو...“ اکيون مٿي ڪئي ڏٺائين. ڄڻ ان سوال جي اميد نه هئس. آهستگيءَ سان چيائين. ”ڪجهه خاص نه.“

پڇيائين. ”اوهان کي هتي وارا ليڪچر ڪيئن لڳا؟“

مرن سندس تجليون ڏيندڙ چهري ڏانهن ڏٺو. سندس سوال جو ڀرپور جواب ڏيڻ چاهيم پئي. پر لفظ جوڙڻ جو سوچيم پئي. مُرڪي پُرخمار اکين سان ڏٺو مانس. پڇيم. ”دل جو جواب ڏيان يا رسمي؟“

مُرڪي ڏٺائين. چيائين. ”رسمي ڏيو پهرين.“ مون کي ڪِل اچي وئي. چيم. ”اوهه. مون نه جواب ئي غلط ڏنو. هتي ته رسمي جواب نهندو ئي نه.“

اهو چئي کيس ڏٺم. اهو ٻڌي هوءَ مُرڪي پئي. چيائين. ”ڪيئن ڀلا. سمجهايو مون کي.“

چيم. ”اوهان لاءِ رسمي نه فقط دل جو ئي جواب هوندو!

۽ دل.. دل ته ميلاپ ئي عميقن جو پسي پئي. هڪ پاسي لداخ واديءَ جي اوچائي. گوتم ٻڌ جي سونهائپ. موسم ٿڌي. ڪاري رات. جنهن ۾ ٻاهر باهه جو مچ ٻرندو هجي ۽ اندر ۾ محبت جون اُتاولايون هجن. محبوبه سامهون هجي ۽ علمي گفتگو هجي. اهو سڀ ڪجهه ڪيئن لڳندو هوندو؟ منهنجي دل جاءِ تي نه آهي.“

مُنهنجي ايئن کُلي ڳالهائڻ تي هوءَ ٿورو حجابن ۾ آئي. پر ٿورو سنجيده ٿي چيائين. ”اوهان اڃان به مون کي پنهنجي محبوبه ڪوٺيندؤ!“

ورائيم. ”نه ته ٻيو ڇا سڏيان اوهان کي. ان کان بهتر ڪو ٻيو لفظ؟“

چُپ ٿي نهاريائين. چيائين. ”ان سفر ۾ ڏُک آهي. ان کان ڪير به آجو نه آهي. مان به آجي نه آهيان. اوهان به آجا نه هوندؤ. سوچي وٺو.“

سندس چهري تي هڪ گهرو سڪون هو. مُرڪ هئي.

مون به ان ئي سڪون ۽ مُرڪ سان کيس گهوريندي چيو. ”محبت ۾ سفر. دک ۽ محبوب. انهن ٽنهي شين کان آڇيو ڪو پورو ماڻهو ئي گهرندو. اوهان جي ساٿ ۾ مون کي سڀ ڪجهه قبول آهي.“

پڇيائين. ”ايستائين جو اوهان کي دُوري به قبول هوندي؟“

مون بيچين ٿي کيس ڏٺو ۽ چيم ”يو ڳڻي. هاڻي ته مليا آهيون. اسان جون دليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس مليون آهن ۽ توهان دوريءَ جي ڳالھ پيا ڪيو؟ اجان تہ هڪبئي کي دل پيري ڏنو ئي نہ آهي. هِڪبئي کي دل پيري ڏسون تہ سهي، اندر ۾ پُر جوش ڇولين جيان ڇُلڪندڙ محبت تہ اجان هڪبئي سان سَلي ئي نہ آهي.“

مُرڪي مون ڏانهن ڏٺائين، پوءِ وري وسامندڙ تاندن کي ڏسڻ لڳي. آهستي چيائين، ”محبت ملڻ سان مرندي ڪبير.“

مون کي سندس جواب صفا نہ وڻيو، مون وڏيڪ پرزور طريقي سان ڪيس چيو، ”مان ڪيئن سوچيان ان محبت جي مرڻ تي مس مينتَوخ جيڪا محبت منهنجي دل ۾ اجان نئين نويليءَ ڪنوار جيان آهي. تون هينئر ئي ان جي مرڻ جي ڳالھ نہ ڪر، مان ناراض ٿيان پيو ان تي.“

مون کي واقعي بہ ڪاوڙ اچي وئي هئي تہ هوءَ ان احساس جي خاتمي تي سوچي رهي هئي، جيڪو صفا هينئر اسريو هو.

مُرڪ ڏنائين. پر چپ رهي.

مون چيو، ”اوهان کي معذرت ڪرڻ گهرجي، اوهان کي منهنجي دل کي ايئن ڏڪ هڻڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي.“

ان تي مُرڪي چيائين، ”اوڪي اوڪي ڪبير، ساري، آئنده خيال رکڻ جي ڪوشش ڪنديس.“

توري جَهٽ ۾ ئي چيائين، ”ويهي ويهي ٿڪجي پيا آهيون، توري پَسار ڪري اوهان جي اِن حقَ تي ڳالهايون ٿا.“

سندس ايئن چوڻ مون کي وري مُرڪ ڏئي ڇڏي.

ٻئي اٿياسين، مون ڪيس خِيمن جي پوئين پاسي ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ هلو تہ هو پاسو ڏسون. اجان تائين ڪجھ خِيمن جون بتيون ٻري رهيون هيون. اسان خِيمن پويان وياسين، جتي ايڪڙ ٻيڪڙ بلب ٻرڻ ڪري صفا هلڪڙي روشني هئي. خِيمن کان ٿورو پريرو ٿي اسان پَسار ڪرڻ شروع ڪئي. چيم، ”سو مِس مينتَوخ، ڳالهايو اوهان منهنجي حق تي!“

هوءَ مُرڪي چوڻ لڳي، ”ها. اوهان بلڪل صحيح چيو تہ مون کي اوهان جي دل تي ايئن ڏڪ هڻڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي، سچ اهو آهي تہ مان.“ اهو چئي هوءَ ٿورو چپ ٿي وئي. ٿورو وقفو ڏئي چيائين، ”مان بہ چاهيان ٿي تہ زندگيءَ ۾ ان رولاڪيءَ مان آجي ٿيان، رُجن پويان پئي ڊوڙان.“

مون کي سندس ايئن کُلي ڳالهائڻ وڻيو، ڪيس غورَ سان ٻُڌڻ لڳس.

چيائين، ”بس ڊپ ٿئي ٿو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڳالهه اتي روڪي چيم، ”ڇا ڪان ڊپ ٿئي ٿو، مِينتَوخ؟“
چيائين، ”ته اسان مان محبت ختم ٿي ويندي.“
چيم، ”اوهان اڃان ان محبت ڪي اظهاريو ئي نه آهي، نه وري اڃان مُنهنجي محبت ڪي ڏٺو اَٿو، اڳ ئي ان جي خاتمي تي پيا سوچيو؟ پهرين محبت ونديون ته سهي؟“
ان تي ڏسڻ لڳي.
مون ڪيس چيو، ”اڄ هڪ ڳالهه طئه ٿا ڪريون مِينتَوخ. مڃيندؤ؟“
هلڪڙي رضامنديءَ منجهان نِهاريائين.
مون چيو، ”نه، واعدو ڪريو پهرين.“
مُشڪي چيائين، ”واعدو.“
چيم، ”اڄ کان پوءِ اوهان ڪڏهن به محبت جي خاتمي جي ڳالهه نه ڪندؤ ۽ جيڪو ڪجهه دل ۾ منهنجي لاءِ محسوس ڪريو ٿا، اهو ٻڌائيندؤ.“
ان تي سندس مُرڪ گهري ٿي وئي ۽ چيائين، ”اوڪي.“
منهنِجي دل ٽِڙي پئي، چيم، ”مس مِينتَوخ، ياد ڪيو، اوهان منهنجي هڪ سُوال جو جواب اڃان تائين نه ڏنو آهي... ٻڌايو، اوهان ڪي منهنجي محبت جو احساس ڪڏهن ٿيو ۽ اوهان ڪي مون بابت پهريون ڀيرو ڪڏهن محسوس ٿيو؟“
ان تي هن کلي ڏنو ۽ چيائين، ”اوهان ڪي اِهو سُوال اڃان تائين ياد آهي!
اهو چئي ڪجهه دير ته مُرڪندي رهي. پوءِ چيائين، ”جڏهن اوهان منهنجي ڏيان دوران منهنجا فوٽو ڪڍي رهيا هئا، ان وقت مون ڪي اوهان جو رويو عجيب لڳو ته آخر هي ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي جيڪو فوٽو ڪڍڻ کان اڳ اجازت نه ٿو وٺي.“
مون کان ٽهڪ نڪري ويو، چيم، ”اوهان ڪي خبر ڪيئن پئي، اوهان ته بلڪل سانت پنهنجين مشقن ۾ مصروف هئا، مون ته سمجهيو هو اوهان بيخبر هئا.“
کلي چيائين، ”مون ڪي خبر پئجي رهي هئي، ڪئميرا جي ڪِلڪ تي منجهيس پر مون پنهنجين مشقن ڪي روڪڻ نه چاهيو.“
مون چيو، ”ته اوهان سوچيو هوندو ته هي ڪو لُچ لوفر آهي جيڪو فوٽو پيو ڪڍي.“
کلندي چيائين، ”ها پهرين ته ايئن لڳو، پر ان کان پوءِ مون جڏهن اوهان ڪي ٻوڏي رقاصن جا به ايئن ئي فوٽا ڪيندي ڏٺو ته مون ڪي ايئن لڳو ته ڪو اَناڙي تحقيق ڪرڻ آيو آهي جنهن ڪي تحقيق جي اخلاقيات جي الف ب به خبر نه آهي، پر پوءِ مون ڪي حيرت ٿي ته اوهين ته ائنتراپالاجسٽ هئا، انهن ڪي ته ان اخلاقياتَ جي سڀ کان پهرين تربيت اِها ملندي آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئاسين، يعني اسان جي سفر جو پهريون ڏينهن هو. اوهان جي دوستن جي ۽ اوهان جي نهارُن جي ڏي وٺ ۾ بہ مون محسوس ڪيو. هو مون کي عجيب انداز ۾ مُرڪي ڏسي رهيا هئا، شايد انهن کي اوهان جي حال جي خبر هئي؟" پڇيائين.

مون مُشڪي ها ڪئي...

چيائين، "مون کي اتي ئي هلڪڙو شڪ ٿي ويو هو: اوهان جو ايئن مون سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ ڏاڍو عجيب هو. هڪڙو اَئنٽراپالاجسٽ جيڪو پنهنجن ساٿين سان گڏ هڪ تحقيق تي آيو آهي، اهو پنهنجن ساٿين کي ڇڏي هڪ انَ جاتل ناريءَ سان گڏ هليو ٿو وڃي، عجيب نہ آهي؟" مان مُرڪي پيس.

ڳالهہ جاري رکيائين، "ان کان پوءِ جڏهن اوهان جا دوست جين ۽ مائيڪل اسان وٽ آيا هئا تہ مائيڪل ويندي ويندي هڪ جملو چيو هو. جنهن مون کي اوهان جي احساس بابت پَڪ ڏئي ڇڏي. هن چيو هو، ﷺهن جو خيال رکجانءِ. چئني پاسن کان مڪمل ثابت ۽ سلامت کپي اسان کي، متاهيَن تي پيو گهمي اچڪلهہ. ﷺ ان وقت مون کي پنهنجي شڪ جي وڌيڪ ثابتي ملي هئي."

اهو چئي هن مون ڏانهن ڏٺو. مون مُرڪي جَهڪي روشنيءَ ۾ سندس اکين ۾ لِيئو پائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪي پَلَ ڏِسندي ڏِسندي هن مرڪي نظر ڦيرائي ڇڏي ۽ اتي ئي خاموش ٿي ڄڻ سوچ جي ڌيڻ ۾ هلي وئي.

سندس موڊ متائڻ لاءِ وري ڪائنس پُڇيم، "هاڻي اندازو لڳايو تہ منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ ڇِڪ ڪڏهن پيدا ٿي هوندي ڀلا؟"

اکيون مٿي ڪري رڳو ڏٺائين... وياڪل اکين سان، اوندهہ ۾ گهڻو پتو تہ نہ پئي پيو، پر مون کي سندس اکين ۾ آلاڻ لڳي. هن ڪجهہ بہ جوابَ ۾ نہ چيو.

مان هلندي هلندي بيهي رهيس، ڪيس چيم. "مان ٿو ٻُڌايان تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪهڙي ڏينهن ٿيو."

سامهون رکيل ويڪرن پٿرن منجهان هڪ تي وينس، هوءَ بہ اچي ويهي رهي.

"جڏهن پهريون ڀيرو مون تو کي نڪريءَ جي ترَي ۾ رکيل هڪ پٿر تي ڪنول آسڻ ۾ سانت ويٺل ڏٺو هو. تون اکيون بند ڪيو ڌيان ۾ ويٺي هئينءَ. ڪنول آسڻَ ۾. اها پهرين نظر ئي محبت واري نظر ۾ تبديل ٿي وئي هئي. مون جنهن احساس هيٺ تنهنجا فوٽو ڪڍيا پئي، يقين ڪنديءَ، ايئن مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن لاءِ بہ ايئن نہ محسوس ڪيو آهي، نہ ئي وري مان ڪڏهن ايترو بيوس ٿيو آهيان ڪنهن جي آڏو." اهو چئي مون کيس ڏٺو.

هاڻي هوءَ وياڪل پئي مان نڪري آئي هئي، مُرڪڻ لڳي، جيتوڻيڪ اکين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڪي اُداسي ضرور هئس.

مون وڌيڪ چوڻ چاهيو، دل چيو پئي سڀ ڪجھ ڪيس چئي ڇڏيان. ايترو چوان، ايترو چوان جو هوءَ ان اظهار جي چاشنيءَ ۾ پنهنجي ماضيءَ جي درد جي سموري ڪَڙاڻَ وساري ويهي رهي.

”پوءِ جڏهن مان تو سان مليس، ڳالهايم تو سان، توکي ڏٺم. مون کي تو ۾ علم ۽ حُسنَ جي آميزش محسوس ٿي. مون کي تون بي مثال لڳينءَ. مون چاهيو تہ تنهنجي ويجهو هجان، ڪنهن عام ماڻهوءَ جيان نہ، ڪنهن خاص ماڻهوءَ جيان، هڪ خاص رشتي ۾.“

هوءَ ڪاڏيءَ تي هٿ رکي مون کي ڏسندي ۽ پنهنجين حَسين اکين جي ويڪرن ڇَپَرن کي ڇنڀيندي رهي.

”مان چاهيان ٿو تون مون کي پرک، ٽيسٽ ڪر پر پوءِ نيٺ ان پرکڻ کي بند ڪري مون تي ويساهہ بہ ڪر، مِينتُوخ ۽ منهنجو هٿ پڪڙي هن زماني ۾ هل ۽ پوءِ ڏس تہ مان ڇا ٿو ڪريان.“

هانئي هن جي چهري تي مُرڪ گهري ٿي وئي. نهايت ئي خوشيءَ سان پيريل ۽ هلڪڙي آواز ۾ چيائين، ”اوڪي.“

چيم، ”آخري سوال اڃان آهي.“

”پلي پڇو!“ چيائين.

”توکي پهريون ڀيرو ڪڏهن محسوس ٿيو تہ هي محبت تو ۾ بہ جنم وٺي چُڪي هئي؟“

مُرڪي نِهاريائين ۽ ان ئي حالت ۾ ڪاڏي هٿ تي، چهري تي مُرڪ، اکيون بند ڪري ڇڏيائين، چيائين، ”محبت تہ نہ، پر پسنديدگي چئي سگهجي ٿو. پهرين اوهان اندازو لڳايو.“

”يعني پهريون ڀيرو اوهان جي اندر ۾ مون لاءِ پسنديدگي پيدا ٿي؟“

ها ڪيائين.

چيم، ؛”ان جو مان اندازو لڳايان؟“ حيرت مان نهاري پُڇيم... سوچڻ لڳس.

هوءَ تجسس ۾ مون کي ڏسندي رهي.

”جڏهن اسين رهائشي تربيت وارا شروع وارا ڏينهن ڪجھ بوڊِيشالائن گهمڻ جي ڪري فِري هئاسين، انهن مان هڪ رات جڏهن اسان دير تائين لان ۾ ويهي ڪچهريون ڪيون ٿئي؟“

ڪنڌ نَهڪَر ۾ ڌوڻيائين.

”سو ان ڪان بہ پوءِ ٿيو محسوس اوهان کي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، ”نہ.“
”اڳ ۾؟“ مان حيران ٿي پيس.
پڇيم، ”جڏهن اسين گوتسانگ غار ۾ شام جو ڪچهري ڪئي.“
مُرڪي ڏنائين، ڪجهہ ڪچي نہ.
مان بيچين هئس، جلدي جلدي پُڇيم، ”ٻڌاءِ نہ، تڏهن محسوس ٿيو تو کي؟“
وري نهڪر ۾ ڪنڌ ڌوڻيائين.
”ان کان بہ اڳ ۾؟“ حيرت منجهان رڙ جهڙي نڪري وئي. ”پوءِ ڪڏهن؟“
نيٺ چيائين، ”جڏهن اوهان ڪئميرا سان ٻوڙي رقاصن جا فوٽو پئي ڪڍيا، ان وقت. مون کي هڪ جهٽڪي سان محسوس ٿيو تہ هي تہ اهو ئي ماڻهو آهي جنهن منهنجا يوگا دوران فوٽو پئي ڪڍيا. ان وقت مون جڏهن اوهان کي ايئن ڪرڻ کان جهليو تہ اوهان هڪدم معافي ورتي. مون کي اها ڳالهہ تمام وڻي. ان کان پوءِ مون اوهان مون کان انٽرويو وٺڻ لاءِ چيو، مون کي محسوس ٿيو تہ هن ماڻهوءَ وٽ انٽرويو جي ايجنڊا کان مٿي ڪا ٻي ايجنڊا بہ آهي، تڏهن بہ مون کي اها ڳالهہ بہ خراب نہ لڳي.“
مان مُرڪي پيس، چيم، ”اڇا، تہ اوهان کي اها ڳالهہ خراب نہ لڳي، ان ڪري جو اوهان جي اندر ۾ پسنديدگيءَ جو احساس پيدا ٿي پيو هو...!“
چيائين، ”ها، اُن ڏينهن مُون اِهو سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ اوهان کي روڪيو نہ، شايد پنهنجي پاڻ کي نہ روڪيم.“
اهو ٻُڌي مان خوش ٿي ويس.
اچانڪ سندس مُرڪ گهري ٿي وئي، چيائين، ”اوهان ان تي بہ تہ سوچيو نہ تہ پندرهن ڏينهن جي رٽريٽ تي مان اوهان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويس، اوهان اِتان بہ نہ سمجهيو؟“
اهو تہ واقعي بہ حيران ڪن هو! مون کي اندازو هو.
ڪيس نِهاري سوچيم، ها، هاڻي اچ اُهو ڏينهن اچي ويو هو، جڏهن اسان محبت جي ٻئين ڏاڪي تي پهچي چڪا هئاسين.
اچانڪ کلندي چيائين، ”هي تہ وري بہ اوهان ئي سُوال پڇو پيا، اوهان کان تہ اجان ڪوڙ سارا سُوال پڇڻا آهن!“
چيم، ”مان حاضر آهيان، پر مون وٽ اجان هڪ ٻيو سُوال آهي، جي اوهان اُن جو جواب ڏيو تہ؟“
کلي چيائين، ”اوهان جا سُوالَ تہ نہ کُٽندا، پڇو پلا!“
چيم، ”ٻُڌايو، اوهان ٻُڌ مَتَ ڏانهن ڪيئن آيا؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، ”ان جو جواب تہ ڏِکهو تي ويندا. اوهين ٿَڪا ناهيو. آرام ڪيو نہ؟“
چيم، ”آرام پيو ڪبو. پهرين ڳالهائي تہ ونون.“
مُرڪي چيائين، ”نيڪ آهي.“

ايئن هن پنهنجي ڪهاڻي ٻُڌائڻ شُروع ڪئي. چيائين: ”اصل ۾ مان پنهنجي اسڪول جي ڏوَر کان ئي ٻُڌ مَت ڌانهن لڙيل هئس. ان ڪري مان دل ۾ تہ ڪافي وقت اڳ ٻوڌِي تي چڪي هئس پر باقاعدي ۽ رَسمي طور داخل ٿيڻ پويان مختصر ڪهاڻي آهي. قائد اعظم يونيورسٽيءَ مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مون هڪ ڊِپلوميٽڪ مِشن ۾ اسلام آباد ۾ نوڪري ڪئي هئي ۽ مان ڊِپلوميٽڪ اَئنڪليو ۾ رهندي هئس. اتي اندر فارين آفيسن ۽ ٻاهرين ترقياتي اِدارن جي ٻوڌِي پرڏيهين هڪ ٻوڌِي-ڍَر قائم ڪيو هو. منهنجي هڪ سِري لنڪن ڪَليگ پهريون پيرو مون کي اتي وٺي وئي. ان کان پوءِ مان اتي هَميشہ ويندِي رَهندي هئس. اهو اَڪيلو ٻوڌِي-دَر هو جيڪو اسلام آباد ۾ ايئن وڏي واڪ کُليل هو. اهو خاص پرڏيهي ٻوڌِين لاءِ قائم ٿيل هو، جتي مختلف ٻوڌِي سَرگرميون بہ ٿينديون هيون، خاص ڪري اهم ٻوڌِي ڏڻن تي.

چيم، ”پر ڊِپلوميٽڪ اَئنڪليو تہ سڪيورٽي زون آهي، اُتي تہ ممڪن هو ٻوڌِي-دَر جو هجڻ، ان کان ٻاهر شهر جي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ بہ ٻوڌِي-دَر هئا ڇا؟“

چيائين، ”کُلئي عام تہ نہ هئا نہ، اِن ڪري مون کي شُروع ۾ بس اُن هڪڙي ئي ٻوڌِي-دَر جي خبر هئي. اتي مختلف ماڻهو ايندا هئا، جن وٽان اسان کي خبر پئي تہ واقعي بہ ماڻهن جي دلين ۾ ٻُڌ مَت اڃان بہ جيئي ٿو ۽ شهر جي ٻين علائقن ۾ ماڻهن پنهنجن گهرن ۾ ٻوڌِي-دَر قائم ڪيا آهن.“

چيم، ”مان ڊِپلوميٽڪ اَئنڪِليو وارو ٻوڌِي-دَر ڏسڻ چاهيندس، اوهان سان گڏ.“

ان تي مُرڪي چيائين، ”ضرور، هلبو اتي.“ پوءِ ٿورو ترسي وري ڳالهہ جاري رکيائين، ”اُتي مختلف ملڪن مان لاما ايندا رهندا هئا. اُنهن جي هَٿ هيٺ مان رَسمِي طور ٻُڌ مَت ۾ شامل ٿي ويس، اُن کان پوءِ انهن مون کي هڪ ننڍي تربيتي ڪورس لاءِ هِماچل پرديش موڪليو. مان پهريون پيرو دَلائي لاما سان بہ هِماچل ۾ ئي ملي هئس.“

مون کي ڪافي تجسس ٿيو اهو ٻُڌي. اِها مون کي بہ هتان ليهہ مان ئي خبر پئي هئي تہ دَلائِي لاما هِماچل ۾ رهائش پذير هو. ڪيس چيم، ”ڏسجي اگر ممڪن هجي تہ هن ڀيري ساڻس مُلاقات ڪجي؟“

چيائين ها، ”واپسيءَ تي مِلي سگهجي ٿو. مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جي اوهين هن سان ملندا تہ.“

ڳالهہ جاري رکيائين، ”سو اُتان کان مون کي خبر پئي تہ پوري مُلڪ ۾ ٻوڌِيشالائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، ٻوڌي-دَر هئا. جيڪي مانُ ميٺ ۾ ٻوڌي جهان قائم رکيو وينا هئا. مون کي اها به خبر پئي ته سنڌ ۾ ننگر پارڪر ۾ هڪ ٻوڌيشالا آهي. ايئن پهريون ڀيرو منهنجو ننگر پارڪر واري سنڌ ٻوڌيشالا وڃڻ ٿيو. جتي وڃي مون کي خبر پئي ته سنڌ ۾ ٻوڌي تربيت جا ٽي وڏا گڙهه هئا: هڪڙو ننگر پارڪر ۾، ٻيو ڪراچيءَ ۾ ۽ ٽيون شِڪارپورَ ۾. مان سيني ٻوڌيشالائن ۾ ويندي رهي آهيان، پر ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير هئڻ ڪري مون کي ڪراچيءَ واري ٻوڌيشالا ۾ تربيت وٺڻ سولو لڳو. اتي مان باقاعدي داخل ٿيس.“

اهو چئي مون ڏي مُرڪي نهاري چيائين. ”ايئن منهنجو ٻوڌي سفر شروع ٿيو.“

مون پڇيو مانس، ”پر مون کي ته ڪڏهن به خبر نه پئي ته سنڌ ۾ ٻُڌ مَت ايئن موجود آهي.“

چيائين، ”رڳو سنڌ ئي ڇو، پوري مُلڪ ۾ موجود آهي. اوهان جي بلوچستان ۾ به آهي ٻُڌ مَت. گوندراڻي غارن جو شهر ڏسو لَس ٻيلي ۾. اوهان ته لازمي ڏٺو هوندو اهو؟“

چيم، ”ها پر اهي ته ٻُڌ مَت جي تاريخ جا آثار ۽ کنڊر ٿيا نه. مان هلندڙ ٻوڌ-درن جي ڳالهه ڪريان ٿو.“

چيائين، ”بلڪل آهن. ڪيترين ئي جاين تي ٻوڌي-دَر آهن، بلوچستان جي مخصوص صورتحال جي ڪري اتي به ايئن کُلئي عام ٻُڌ مَت کي پريڪٽس ڪرڻ سولو نه آهي.“

مون کيس ٻُڌايو ته ڪيئن اسين انهن پُراسرار غارن کي ننڍپڻ ۾ ڏسڻ ويندا هئاسين، جن کي ماڻهو مختلف نالن سان سڏيندا هئا: لاَسي غارون، لَس ٻيلي جي غارُن جو شهر، مائي گوندراڻيءَ جون پُراسرار غارون، يا وري گوندراڻيءَ جا قديم گهر وغيره. هڪ هزار سال اڳ هتي هڪ تمام وڏي ٻوڌيشالا هوندي هئي، پندرهن سَوَ کن ننڍيون وڏيون غارون هيون جتي ٻوڌي رهندا هئا ۽ درس ۽ تدريس ڏيندا ۽ ٻوڌي مشقون ڪرائيندا هئا.

هائي شايد به ٽي سَوَ کن غارون باقي رهيون هونديون، پر اُنهن جي سارَ سنڀال نه ٿي ٿي وڃي. هائي به اتي اوسي پاسي ڳوٺن ۾ جيڪي ماڻهو رهن ٿا، اُنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي ٻوڌي هوندا پر ظاهر نه ٿا ڪن. چون ٿا ستين ۽ اٺين صديءَ ۾ ٻُڌ مَت جي راڄ هئڻ ڪري هي وسيع شهر آباد ڪيو ويو هو. هر غار ۾ ننڍا ڪمرا، مشعلن لاءِ ديوارُن ۾ نهيل جايون هيون. سامهون اڱڻ ۽ تَلها نهيل هئا. هڙئي پندرهن سؤ غارن نما گهر ورن وڪڙن ذريعي هڪٻئي سان ڳنڍيل به هئا.

اهو چئي مون ڳالهه روڪي ڪيس ڏٺو، هوءَ غور سان ٻُڌي رهي هئي. پڇيائين، ”اُتي لاءِ هڪ ڏند-ڪٿا به ته مشهور آهي نه؟“

مون چيو، ”هڪ نه، ڪيتريون ڏندَ ڪٿائون آهن پر سڀني کان مشهور جيڪا ڏند ڪٿا- آهي، سا مائي گوندراڻيءَ بابت آهي. چون ٿا ته قديم دؤر ۾ هي پُراسرار غارُون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ روان دوان ھوڙي شهر هو، جيڪو تمام وڏي ايراضيءَ تي ٻڌل هو، جنهن ۾ پندرهن سؤ غارون هونديون هيون، جن ۾ ڪنهن وقت انيڪ ھوڙي رهائش پذير هوندا هئا. اُن پرامن ۽ خوبصورت شهر تي هڪ رات اچانڪ غائب شيطانن اچي حملو ڪيو، جيڪي ڏينهن جو گُم هوندا هئا، رات مهل نڪرندا هئا.

ڏند-ڪٿا موجب اهي شيطانَ بي جسم هوندا هئا. نظر نه ايندڙ. ان ڪري ماڻهن کي خبر به نه پوندي هئي ته مٿن حملو ڪنهن ڪيو. اُتان ڪجھ ماڻهو اچانڪ غائب ٿيڻ لڳا، جو سندن جسم به نه ملندا هئا. جن لاءِ چيو ويندو هو ته شيطان کين جيئرو ڳڙڪائي ويندا آهن. چون ٿا هڪ رات اُتان جي ھوڙي بادشاهه جي ڌيءَ تي انهن شيطانن حملو ڪيو، جيڪا رڙيون ڪندي بيهوش ٿي وئي. ڪيترائي ڏينهن هوءَ جيئري پر بيهوشيءَ جي حالت يا ڪوما ۾ هئي، ماڻهن جي خيال ۾ شيطانَ سندس جسم ڇڏي رُوح کڻي هليا ويا هئا.

چوندا آهن، مائي گوندراڻيءَ، جنهن کي مائي بلوچاڻي به سڏيو ويندو هو، جڏهن اهڙا دل ڏاريندڙ واقعا ڏٺا ته هن ھوڙي منترن ذريعي ڪيترائي ڏينهن ۽ راتيون چلا ڪاٽيا ۽ نيٺ انهن شيطانن کي ڀڄائي ڇڏيو. ايئن بيهوش شهزادي اٿي ويٺي، گم ٿي ويل سڀئي ماڻهو پاڻهي واپس اچي ويا. سندس مرڻ کان پوءِ مائي گوندراڻيءَ کي اتي ئي دفنايو ويو. سندس مزار تي ماڻهو ايندا رهندا آهن.“

يو ڳِتي غور سان ٻُڌي رهي هئي، چيائين، ”مون اها ڏند-ڪٿا نه ٻُڌي آهي، ڪافي دلچسپ هونديون آهن ڏند-ڪٿائون، نه؟“

چيم، ”ها مان ڏند-ڪٿائن کي حقيقي ماضيءَ جا بگڙيل ۽ غلط-بيان اُهڃاڻ سڏيندو آهيان، انهن مان ماضيءَ جا حقيقي سَچ تلاش ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.“

اِهو ٻُڌي مُرڪي پئي، چيائين، ”ڳالھ ته ڏاڍي ڀلي ڪئي اٿو، پر ڏند-ڪٿائن منجهان حقيقي سَچ تلاش ڪرڻ لاءِ به شيون ڪرٽيون پونديون. هڪ ته انهن کي به قديم کنڊرن جيان ڏسڻو پوندو، ٻيو انهن کنڊرن ۾ اڪثر وڃي رهڻو به پوندو.“

مون کِلي ڏنو، سوچيم: پاڻ به ڪيڏي نه گهري ڳالھ ڪئي هئائين! تاريخ کي سمجھڻ لاءِ اهو سؤدو مهانگو ته نه هو؟

ڪيس ٻُڌايم ته بشريات جا ڪي ماهرَ ته هنگلاجَ ۽ لاهوت لامڪان کي به ٻُڌ مَت سان واڳي ڏسندا آهن، پر اصل ۾ هندو ڌرم ۽ ٻُڌ مَت جي پاڻ ۾ ويجهڙائي به ته آهي. هِندو ڌرم اصل ۾ ھوڙي ماضي آهي، هڪٻئي کان ڪيترو پرانهان ٿيندا؟

ڪيس ڳالھ جاري رکڻ لاءِ چيم، ”اوهان ٻُڌايو پئي ته اوهان ڪراچيءَ ۾ ھوڙيشالا ۾ داخل ٿيؤ، پوءِ؟“

چيائين، ”ها، اُتي مون باقاعدي تربيت حاصل ڪئي، اُتان کان مان ڪجھ مُلڪن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍا ننڍا ٻوڌي دؤرا بہ ڪيا پر منهنجي جيڪا طويل، وڏيڪ اثرائتي ۽ رسمي تربيت ٿي، سا هماچل ۾ ڪراچيءَ کان پوءِ سُوات ۾ ٿي. مان مالاڪنڊ يونيورسٽيءَ جي هڪ ڪانفرنس ۾ پنهنجو هڪ تحقيقي پيپر پڙهڻ لاءِ ويل هئس. اُتي مون کي ڪيترائي ٻوڌي مُحقق مليا جيڪي مون کي سُواتَ جي هڪ وڏي ٻوڌيشالا ۾ وٺي ويا، جنهن جو نالو اوڊياڻہ ٻوڌيشالا آهي. سُوات لاءِ اهو سمجهيو ويندو آهي تہ اهو گنڌارا جي راڄڌانيءَ اندر هو."

مون کيس روڪي پڇيو، "تہ اُتي ٻوڌي-دَر آهن؟"

چيائين، "ها، بلڪل آهن. اڄ بہ اُتي سِک مَت ۽ ٻُڌ مَت تمام آرام سان پنهنجي فڪر جي پَرچار ڪن ٿا. فقط طالبان جي دؤر ۾ تورو مسئلو ٿيو هو پر 2009 آگسٽ کان پوءِ حالتون ڪافي بهتر آهن. عام پختون ۽ ٻيون آباديون تمام گهڻيون پُرامن آهن. مينگؤرا، جيڪو ملالہ يوسفزئيءَ جو شهر آهي، اُتي جا سِک مايون مرد عام پختونن جيان اوهان کي پنهنجي ڪار وهنوار ۾ مصروف نظر ايندا. ڏيکَ ۾ تہ منجهن ۽ مسلمان آباديءَ ۾ ڪو بہ فرق محسوس نہ ڪندا، ساڳي ٻولي، ساڳيو لباس، ساڳيا نيڻ نقشا."

چيم، "مون کي اُتي وڃي ڪڏهن تحقيق ڪرڻ جو موقعو تہ نہ مليو آهي پر مالاڪنڊ ۾ ماں ٻوڌي ڪنڊر گهمي چُڪو آهيان."

چيائين، "ها، ڏٺو نہ، اُهي ڪنڊر اِن حقيقتَ ڏانهن اشارو ڪن ٿا تہ هتي ٻُڌ مَت ڪيترو نہ سگهارو هو، ان ئي سگهاري تاريخي دؤر جي ڪري هتان ٻوڌي فِڪر ختم ئي نہ ٿي سگهيو. ان ڪري ئي هتان جا ٻوڌي-دَر ۽ ٻوڌيشالائون اڄ بہ قائم آهن پر دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ 2012 جي آدمشماريءَ ۾ لڳ ڀڳ پندرهن سَؤ ٻوڌي ڄاڻايا ويا آهن، جن وٽ شناختي ڪارڊ آهن."

چيم، "پر اِهو تہ صفا ٿورو تعداد آهي؟"

مُرڪي چيائين، "ها، اِهو ظاهري طور آهي تہ صفا ننڍڙو انگ پر هڪ اهم ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ سنڌ جي ٻوڌيشالائن جي نَوي سيڪڙو ٻوڌين وٽ شناختي ڪارڊن ۽ پاسپورٽن ۾ ٻوڌي شناخت ذڪر نہ ڪيل آهي. سو هاڻي اوهان تصور ڪيو تہ اُتي ڪيتري آبادي ٻوڌي هوندي، جيڪا شناخت کي غائب رکيو هلندي هوندي."

مون کي تمام گهڻي حيرتَ محسوس ٿي، چيم، "ڪيڏو نہ الميو آهي تہ ماڻهو پنهنجي تاريخي سُڃاڻپ لِڪائيندا ٿا وتن!"

چيائين، "ها، الميو تہ آهي."

مون کيس ٻُڌايو تہ هتي تہ واقعي ٻُڌ مَتَ جو ڪنهن دؤرَ ۾ اوڄُ هو. سنڌ ۽ مڪران تہ اڳ ئي اشوڪا بادشاهہ جي ڏينهن ۾ مائورين سلطنتَ جو حصو هئا، جنهن جي دؤر ۾ ٻُڌ مَت تمام گهڻو پکڙيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، "ها، اوهان ڏسو ته سهي، اوائلي ٻُڌ مَت ڪيئن گنگا جي وادين مان نڪري ڪٿي ڪٿي نه پهتو! ٻُڌ مَت تيويهه سؤ سال اڳ اشوڪا جي مائوري دؤر ۾ پکڙيو پر اوهان گنڌارا جي وُسعت ته ڏسو نه، جيڪو پشاور کان وٺي باجوڙ ۽ اتان کان سوات، ڊِير، بُنير تائين پکڙيل هو، ان کان سواءِ عظيم گنڌارن سياسي راڄ ڪابُل تورڙي پنجاب ۾ پوٺوهار تائين به پکڙيل هو."

ٿورو ترسي چيائين، "اوهان ڏسو بلتستان ۾ ٻڌ مت ستين صديءَ ۾ آيو، جتي اڳ ئي هڪ قديم مذهب بون هوندو هو. اسلام کان اڳ اتي فقط اهي ٻه ئي هئا. بلتستان ۾ ڪافي ٻوڌي جايون آهن. پندرهين صديءَ تائين ٻُڌ مَت قائم رهيو جتي ڪيترائي ٻوڌي مسلمان ٿي ريا، جيڪي بچيا سي اوپر ڏانهن لداخ هليا ويا."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي اچانڪ فون ۾ ٽائيم ڏِسي چيائين، "ڪبير ڪيڏي دير ٿي رئي آهي!"

چيم، "بس ڳالهه کُٽي وئي آهي، اوهان رڳو اينرو ٻڌايو ته اوهان سُواتَ ۾ ڪيترو وقت تربيتَ حاصل ڪئي؟"

چيائين، "سوات ۾ ٻوڌي تربيتَ جو پنهنجو طريقو هو. مون اُتي سالَ جو ڪورس ڪيو هو، جنهن ۾ اسين هفتي ۾ ڪجهه ڏينهن هڪ هڪ ٻوڌي جاءِ تي وڃي تربيتي نشستون ڪندا هئاسين، جتي ليڪچر، يوگا، ڌيان ڪرائيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ٻوڌِي انداز ۾ زندگي گذارڻ جو طريقو عملي طور سيکاريو ويندو هو. اوهان تصور ڪريو ڪنهن قديم ٻوڌي جاءِ تي، جنهن جي ديوارُن تي قديم ٻوڌي نقاشي ڪيل هجي، ماحولَ ۾ قدامتَ هجي، اتي مهيني جا اڌ کان مٿي ڏينهن رهڻ ۽ هڪ جوڳ ورتل ٻوڌيءَ جيئن وقت گذارڻ ڪيئن هوندو؟"

مان مُتاثر ٿيس پئي، ڪيس غور سان ٻُڌم پئي.

چيائين، "اسين تخت باهي، مينگؤرا، باريڪو، اَمان ڪوٽ، جَهان آباد، ڪَبال، سَيدو شريف، بَحرين، مَديَين، ميئاندم ۽ ڪالام جي تاريخي ٻوڌي جاين تي وڃي رهائشي تربيتون ڪندا هئاسين، خود ٽيڪسيلا جي وسيع ايراضي، جنهن ۾ پنجاهه جي لڳ ڀڳ ٻوڌي ڪندر آهن، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 300 قبل مسيح آهن. انهن منجهان ڪجهه مُک جاين تي وڃي به اسان تربيتي نشستون ڪيون."

مون کيس ياد ڏياريو ته ڪيئن جهان آباد ۾ وينل ٻُڌ جو مجسمو ۽ ڪُوشان دؤر جا ٻوڌي اسٽوپا طالبان برباد ڪري ڇڏيا. سُوات جي مٺنگلور جي مجسمن کان وڏا فقط باميان وارا مجسما هئا، سي به طالبان تباهه ڪري ڇڏيا."

چيائين، "ها، اِها ته بدبختي آهي اسان جي. پر وقت هميشه ساڳيو نه رهندو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ ٻين ڏاڍ جي نمونن جي ڪري نيٺ اهو ڏينهن آيو جنهن ڏينهن ويٽنام دنيا جي هر اخبار جي سرخي بڻيو هو. اهو واقعو منهنجو اڳ پڙهيل هو، پر ايئن سربستو اندروني احوال پڙهي منهنجون ڏنديون آڱريون اچي ويون.

ويندي جو ايئن به ٿيو ته احتجاج ڪندڙن مٿان ڪيميڪل اڇليو ويو، نتيجي ۾ ڪيئي ٻوڍي مارجي ويا هئا. جادم جي استاد جي ننڍي وهيءَ ۾ اهو مشاهدو ڪيس ڪيترو نه اڳتي ڪٺي ويو هوندو. ان ڪان سواءِ مان ان تي به حيران هئس ته ڪيئن هڪ سنڌي نوجوان ٻوڍيءَ جي اوائلي تربيت وچي سائيگان ۾ ٿئي ٿي، جتي هو اتفاق سان ان دؤر ۾ ويو هو. جنهن ۾ آمريڪي چنبا ويٽنام نامي زمين ۾ کپڻ لڳا هئا.

ان سموري ڏاڍ جي نتيجي ۾ نيٺ يارهين جون تي ساڌو ٿچ ڪوانگ پاڻ کي اربي ٿو... ڪيئن ٿو اربي، اهو پڙهي منهنجو روح به ڏکڻ ٿو لڳي پر افسوس اهو هو ته ٻڌ مت جهڙو فڪر به مذهبن جيان وڳوڙ ۾ تشدد جي ور چڙهي ويو. افسوس ته اهو آهي ته هاڻي ٻڌ مت پاڻ به اهي ئي تشدد جا نمونا سکي پنهنجي صورت مسخ ڪري ڇڏيندو.

مون کي آمريڪا ۾ پنهنجي هڪ جهوني آمريڪي فوجيءَ ۽ سنڌس زال سان ملاقات ياد آئي جيڪو ويٽنام جي جنگ دوران نوجوان فوجي آفيسر رهي چڪو هو. مان هڪ شام جو فلوريڊا جي شهر ويسٽ پام بيچ جي هڪ قديم بار ۾ خماري سامان واپرائڻ لاءِ پهتس. چوڌاري نظر ڊوڙايم، بار ايتري ڀريل هئي جو ويهڻ جي جاءِ نه هئي.

مون هيڏانهن هوڏانهن واجهايو، اهو سوچي ته ڪا ٻي بار ٿو ڏسان، اجان نڪرڻ وارو ئي هئس ته هڪ مهربان ناريءَ جو آواز آيو. هن مون کي سڏي چيو ته سندن ميز وڏي هئي، مان ساڻن گڏ ويهي سگهيس پئي. مون ڏٺو ان ميز تي ان جهوني ناريءَ سان گڏ هڪ بزرگ مرد به ويٺو هو.

شروع ۾ پنهنجي منهن سان، ٽيبل جي ٻي ڪنڊ وٺي ويٺس. جڏهن بيئر جو ٻيو گلاس گهرايم ته بزرگ مرد مون کي چيو ته جي مان چاهيان ته سندن ويجهو ويهي ساڻن ڪچهري ڪري سگهيس ٿي. مان احتراماً ساڻن گڏ ويهي رهيس. اتان اسان جو تعارف شروع ٿيو. مرد ۽ مائي ٻئي ستر پنجهتر سالن جي عمرين ۾ هوندا. مائي رٽائرڊ استاد ۽ مرد رٽائرڊ فوجي هو. جيڪو ويٽنام نامي جنگ ۾ ڀرو وٺي چڪو هو. هو ٻئي تيز ٿڌ کان بچڻ لاءِ هن پيرسنيءَ ۾ فلوريڊا لڏي آيا هئا ته جيئن پيريءَ جا سال ڪنهن وچٽري موسم واري رياست ۾ گذارين.

مرد کان مون سندس ويٽنام نامي جنگي تجربي بابت پڇيو ته هن ماڻهوءَ جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هئي. ٺونيون ٽيبل تي رکي ٻئي هٿ اکين تي رکي چيائين، ”اسان ويٽنامين سان ڏاڍو ظلم ڪيو. ڪين بدترين سفاڪيءَ سان اذيتون ڏيندا هئاسين. هو ايئن ئي اکيون بند ڪري ورجائيندو رهيو. ”اسان ڏاڍو ظلم ڪيو“. ”اسان ظلم جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنتهائون ڪري ڇڏيون“. هن جي زال مون کي اشارو ڪيو تہ اهو موضوع مٽايان.

آهستڙي چيائين. هن جي طبيعت خراب ٿي ويندي آهي. سندس يادداشتَ ۾ اُن وقت جا منظر وري تازا ٿيڻ لڳندا آهن. هن جهوني فوجيءَ جو اهڙو اظهار ڪيترا ئي ڏينهن مون کان نہ وسريو هو. هي ٻئي زال مُڙس سموري عمر اُن ظلم جي ازالي خاطر هر ٻئين ٽئين سال ويٽنامي ٻارڙيون ويٽنامي ڳوٺن مان ڪٺي آمريڪا ۾ پاليندا رهيا هئا. انهن سندن پوري زندگيءَ ۾ ويٽنام جي ڳوٺن مان ڪل ٻارهن ويٽنامي ٻارڙيون ڪٺي آڻي پاليون هيون. جن کي پڙهائي لکائي وڏن مقامن تي رسايو هو. جهونيءَ ٻڌايو تہ انهن نينگرين سميت ڪين ڪل چوڏهن ٻار هئا. جيڪي ڪرسمس يا ڪنهن ٻئي خاص ڏِڻ تي جڏهن سيئي گڏ ٿيندا هئا تہ سندن گهر ۾ جڻ وڏو ڪاڄ محسوس ٿيندو هو.

هي انهن ڀَلن ماڻهن جو مثال هو. جيڪي پنهنجي ڪيل ظُلم کي مڃيندي اُن جي تلافيءَ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. نہ تہ تنهن دؤرَ جا آمريڪي فوجي. صَلاحڪار. ڪجھ ميڊيائي ادارا تہ پنهنجي مُلڪَ جي ڪَيل بي گُناھ رَتوڇاڻَ کي نہ رڳو اڄ تائين لڪائيندا آهن پر ان جنگي ڏاڍ کي جائز ۽ لازمي ثابت ڪرڻ لاءِ هَٿ-ٺوڪيا جوازَ بہ پيش ڪندا آهن.

ڪٿي ڪٿي بي حيائيءَ جي انتها هيئن بہ نظر ايندي آهي. جڏهن پولش_آمريڪي ڊپلوميٽ ڪٔزبيميرز برزيزنسڪي. جيڪو 1966 کان وٺي 1981 تائين مُختلف صدرن جو صلاحڪار رهيو هو. ڪائنس انٽرويوءَ ۾ ڪنهن صحافيءَ افغانستان ۾ داخل ٿيڻ جي جِواز تي ڳالهائيندي پڇيو تہ ”جڏهن رُوس گهٽو اڳ چيو پئي تہ آمريڪا افغانستان ۾ ڳجهي طريقي سان داخل ٿي چُڪو آهي تہ آمريڪا عالمي سطح تي ڪين رد ڪيو هو. پر پوءِ اهو ثابت ٿيو تہ رُوس غلط نہ هو. آمريڪا ڪڏهوڪو افغانستان ۾ داخل ٿي چڪو هو. روس ان کان پوءِ آيو: ان تي توکي ڪو پڇتاءُ آهي؟“

جنهن تي هن حيرت منجهان صحافيءَ کي ڏسندي چيو: ڇا جو پڇتاءُ؟ اسان ان ڳجهي آپريشن ذريعي روس کي ٻاهر ڪڍيو ۽ تون چئين ٿو تہ مان پڇتايان؟ صحافيءَ پڇيس تہ. ”توکي ان تي بہ پڇتاءُ ڪونهي تہ آمريڪا اسلامي انتهاپسندي پئدا ڪري مُجاهدين ۽ طالبان کي مالي ۽ جنگي امدادَ سان سگهارو ڪيو؟“

ڪاوڙ منجهان چيائين. ”تاريخ ۾ ڇا وڌيڪ اهم آهي؟ طالبان يا سوويت يونين جو ڊَهڻ؟ چند مُشتعل مسلمان ۽ سرد جنگ جو خاتمو...؟“

تہ انساني بي رحميءَ جا اهڙا بدترين مثال بہ دنيا جي سامهون آهن. جنهن ۾ انتهاپسنديءَ جي نالي ۾ هيڏي وڏي قتل ۽ غارتَ ٿيڻ کان پوءِ بہ کهڙو موقف سامهون اچي پيو؟ جڻ انساني ساھ صفا سستو. غير اهم هو.

هِن آمريڪي جوڙي سان مِلي مون اهو بہ سوچيو تہ جيڪا ٻي اهم ۽ سوچڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه اها آهي تہ اُهي عام فوجي جيڪي تنهن دؤر ۾ ويٽنام ۾ وڙهيا، پنجن ڪان مٿي ڏهاڪا گُذرڻ ڪان پوءِ بہ سندن نفسياتي حالتَ اها هئي، جو اُن وقتَ جو ذڪر ڪندي ڪين اندرَ ۾ شديد پڇتاءَ جي احساس ۾ نفسياتي دؤرا پوڻ لڳندا هئا! هڪ انسان اِن ڏوهي نفسيات سان ڪيئن سموري عمر رهندو...!

ساڏو لطيف جي سائيڳان جي تجربي کي مون آمريڪي جوڙي سان ان شامَ واري ڪچهريءَ سان ڳنڍي سوچيو تہ فقط انهن ٻن مثالن مان بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ آمريڪا-نواز ويٽنام نامي حڪومت جا بوڏين جي نسل ڪشي ۽ سفاڪيءَ جا اڃان انيڪ مثال هوندا جيڪي قلمبند نہ ٿي سگهيا هوندا.

خير، منهنجي دلچسپي ان ۾ آهي تہ جادم پنهنجي ساڏوءَ جي ان تجربي تي ڪهڙي راءِ رکي ٿو ۽ سندس ڏيانَ جون ڪهاڻيون ڪٿي پهتيون: مون جادم جا خط پڙهڻ شروع ڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ٻوڙي سَتوَ!

مون کي تنهنجا سمورا خط هڪ ئي وقت اچي مليا. ڇاڪاڻ تہ گذريل سمورو مهينو مان سنڌ ٻوڙيشالا ۾ هئس ئي ڪونہ. دراصل پنڌ تي نڪتل هئس! ڪهڙي پنڌ تي نڪتو هئس؟

ساڌو! ظاهري طور تہ مان ويو مِيرا جي سارَ لهڻ هئس، پر جڏهن ان پنڌَ جي پڇاڙيءَ تي رَسيُس تہ لڳو تہ اهو پنڌُ رڳو مِيرا ڏانهن نہ، پر پنهنجي پاڻ کي نئين سِر سمجهڻ جو پنڌُ بہ بڻجي پيو هو!

ان عجب پنڌ تان جيئن ئي موٽيس تہ پهرين اچي ان جو احوال لکڻ چاهيم. هئي تہ ڇئن هفتن جي پنڌَ-ڪهاڻي، پر اها ڪهاڻي تہ جَهڙوڪَر منهنجي حياتيءَ جي ڪهاڻي بڻجي وئي هئي، ان جو سربستو احوال قلمبند ڪرڻ لازمي هو.

مُون جاڻي ٻُجهي تنهنجا آيل خطَ بنا پڙهڻ جي ڪجهہ ڏينهن لاءِ پاسِيرا ڪري رکيا تہ جيئن پنهنجي پنڌَ جي تازن احساسن کي وقت جا مفاصلا ڏئي يادگيرين تي ماضيءَ جو ڪوهيڙو نہ چاڙهي ڇڏيان. جيئن تہ يادگيري تازي هئي تہ ان جا احساس بہ تازا هئا، نہ ٿئي چاهيم تہ انهن احساسن ۾ ڪي نوان احساس بہ ملن.

هونئن بہ ساڌو توکي تہ مان لکندو رهيو آهيان تہ تنهنجا خط منهنجن مُشاهدن جي ڏنڌلن رنگن کي تِکو ڪندا آهن. جيتوڻيڪ اُها تيک بہ منهنجي تربيت لاءِ هڪ لازمي سبق آهي، پر، پهرين هن پنڌَ جي رنگن جو اَحوالُ پَني تي لاهيان، ان کان پوءِ توڏانهن ورندس.

اهو سوچي، اڳ ۾ پنڌَ جي سموري ڪهاڻي پهرينءَ کان وٺي آخري وک تائين لکيم ۽ ان کان پوءِ تنهنجا خط پڙهڻ شُروع ڪيم ۽ هاڻ انهن جا جواب لکان پيو. آهستي آهستي توکي پنڌَ جا خط پهرين ۽ پوءِ تنهنجي خطن جا جواب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪليندو ويندس. (ٽِڪسِي بوڏيشالا جا قصا بہ گڏوگڏ هلندا رهندا جتي مِيرا جي ياد هڪ وار بہ دل جي دريِ تيپي نہ سگهي هئي. ان ڪري جو لَداخ جي ٽِڪسِيءَ جي مُشاهدي جو تہ سحر ئي پنهنجو هو).

پڇاڙيءَ وارن هڪ ٻن خطن ۾ توکي لکيو هئم تہ هاڻ مِيرا کان سواءِ سَري اهو مُمڪن نہ هو. مون سوچي ڇڏيو هو تہ وڃي ساڻس گڏجي بوڌسَتوائِي پنڌ اُتان ئي شُروع ڪندس. جتي ڪيس ڇڏي ويو هئس.

مون طئہ ڪيو هو ساڏو تہ هاڻ واپس نہ ورڻ مَيهڻو هو!

ٻُڌ مَت تہ محبتُن جو هڪ امين سلسلو هو. ! ونداهين مان آجپي ڏانهن پنڌ ٻُڌ مَت جي وُجُود تي اڪين جيان اهم هو. روشنين ڏانهن وڃڻ جو هڪ ڏگهو سلسلو هو. جيڪو ساڌنائن ۾ ساٿ سان شروع ٿيو پئي. اُهو حياتيءَ جي آخري لمحي تائين رُوح کي سِچ جي روشنيءَ سان آشڪار ڪرڻ جو سفر بڻجي چڪو هو. پر مون ڪيئن پنهنجو اندر اُجارڻ لاءِ پنهنجي ساٿي ٻوڌياڻيءَ کي اڌ واٽ تي ڇڏي ان نئين سچ ڏانهن اڻ-ڪُٿ ياترا شروع ڪئي هئي؟ پاڻ تي جڏهن نِندا وڌي وئي تہ پوءِ پنهنجي گُروءَ ساڌُو سچل کي سمورو حال سربَستو ٻُڌايم. ڪيس تنهنجا جوابَ بہ ڏسيم ۽ چيم:

"ساڌوا مون مِيرا وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي... مان ڪيس آڇ ڪندس تہ هوءَ مون سان گڏ ان تپسيا کي شُروع ڪري جيڪا اڌَ تي ڇڏيسين. مان هفتي کن ۾ بوڏيشالا واپس ورندس ۽ آخري فيصلو سندس جواب کان پوءِ ئي ڪندس." هو ڪي پلڪ تہ ماٺ ڪيو منهنجي مُنهن ۾ نهاريندو رهيو... پوءِ نيٺ تو جيان ئي چيائين:

"وچ! وڃي پاڻ وڃاءِ مُشاهدو ڪر. پر مُشاهدو ڪجانءِ. وڃائجي نہ وڃجانءِ."

سندس انهن لفظن تي ڪيس تڪيم... تہ ڇا مطلب هئس؟ پر هو اهو چئي منهنجي پُني نِيري اُتان اُٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

ڪنهن حد تائين سندس خيال کي سمجهيم ۽ هفتي جي موڪلاڻيءَ جو چئي، ڊائري، ڪتاب ۽ مختصر ڪپڙن جو ٿيلهو ڪُلهي تي پائي وارياسي جي بوڏيشالا مان نڪري پيس. پنڌ جي شُروعات ۾ هوئڻ بہ مون کي سدائين تَرنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پريل لُڇ محسوس ٿيندي آهي. پر هن پنڌ ۾ اهڙي ته سرهائي محسوس ڪري رهيو هئس، جنهن مون ۾ مِني هورا ڪورا ڪي ختم ئي نه ٿئي ڏنو.

مون کي اها خبر نه هئي ته ڪيس ملندس ته ڇا چوندس؟ ڪيئن پنهنجي ايئن وڃڻ ۽ موٽڻ جا جواز پيش ڪندس. هوءَ ڇا موٽ ڏيندي. آسري ۾ هوندي يا آسرو پليو هوندائين؟ آخر مون ڏانهن لکڻ چو ڇڏيائين؟ سندس لڳاتار مهينن تائين ايندڙ خط اچانگ ڇو بيهي رهيا هئا...! ياد ٿو پئيم ته سندس انهن خطن کي مان پڙهندو به شايد مٿئين دل سان ئي هئس. ان ڪري سندس احساسن تي ڪا ڪهَل محسوس ڪريان ها. سا ته پري جي ڳالهه. ورندو دل ئي دل ۾ سندس نِندا ڪئي هئم. لڳو هئم ته ٻوڌسَتوائِي پنڌ تي نڪتل هوندي به هوءَ ڪيڏي نه جذباتي ۽ ٻُڌ مَت بابت غير سنجيده هئي!

اها منهنجي ظلم جي بدترين اِنتها هئي ساڌوا!

پر ڇا هاڻ هوءَ مون سان ٻيهر ٻوڌ ـ سَتوَئي پنڌ شروع ڪرڻ تي تيئن ئي اُتاولي هوندي ۽ منهنجي واپس ورڻ تي اُها ئي سرهي ٿيندي؟ مون کي ايئن نه ٿيڻ جو ٻِنهه ٿورو وهم هو پر اهو وهم منهنجي اُميد جي جبل آڏو هڪ واريءَ جي ڪَڻي جيترو هو بس.

پيارا ٻوڌِي سَتوَا! مِيرا ڏانهن ڪيل ان پنڌَ ۾ مون جيڪو سکيو ان ياد جي سُرور جو ڪو انت نه هو. مان ان خوشيءَ جي ميلي ۾ جَهڙوڪر ٻِنهه بيهي رهيو هئس. يعني ذهن تي ايتري ته ٽانئيڪائي ڇانيل رهي آهي جو لڳي ٿو اهو احساس اتي ئي بيهي ويندو. مٿان منهنجي ڏِيان جي ڪهاڻي به جيئن جو تيئن آهي. بس ٿورو فرق اهو آهي ته جڏهن ڪان مان ان پنڌَ تي نڪرڻ جو سوچيو، تڏهن ڪان ڏِيان واري مُشاهدي جو مزاج به مَٽيو آهي.

مثال جنهن ڏينهن مون توکي پنهنجي خطن جي گذريل سِلسلي جو آخري خط موڪليو هو ته ان ڏينهن ئي مون فيصلو به ڪيو هو ته ڪيئن به ڪري جلد مِيرا ڏانهن ويندس ۽ ڪيس ان ٻوڌسَتوَئي پنڌ تي گڏجي نڪرڻ جي آڇ ڪندس. ان رات جي مُشاهدي ۾ مون ڪيس ۽ پاڻ کي ڪنهن خانقاهه ٻاهران يوگ ڪندي ڏٺو! هوءَ هڪ وڏي يوڳِڻي ٿئي لڳي. جيڪا ٻوڌسَتوَئي پنڌ جي منزل تي رسي، پُورڻتا جو لقب ماٿي ڇُڪي هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پنهه هلڪي گيڙُو لباس ۾ هلڪڙي روشنيءَ ۾ سندس ٻرندڙ چهري انهن انيڪ تپسيائن جا اُهڃاڻ ڏسيا پئي، جن جي اڙانگائيءَ مان هوءَ گُذري چڪي هئي. مون ڪيس تڪيو ويني ته ڪڏهن تي هو تپسيا مان آجي تي مون ڏي نهاري، پر هوءَ بيخبر پنهنجي ڌِيان ۾ ويني رهي ۽ مون ڪيس پئي تڪيو... ايستائين جو ان ڌِيان منجهان مان سُجاڳ تي پيس.

جنهن صبح مان مِيرا ڏانهن نڪرڻو هئس، ان کان اڳ واري رات ۾ ڪيل مُشاهدي ته مون کي ڏنڊين آڳريون ڏئي ڇڏيون هيون. لڳو ته جڻ هاڻ ان فيصلي کان پوءِ مُشاهدي جو مزاج به منهنجي فيصلي جيان ئي متجي چڪو هو. ان رات مون مشاهدو ڪيو ته مان آهيان ته پنڌ ۾ پر شايد ڪنهن خانقاهه ۾ ترسيل آهيان. جتي ڪيترائي صُوفي، ڪنهن مخصوص مسلڪ جا، به ترسيل آهن. هجوم جهڙو محسوس تيو پئي. جيتوڻيڪ مون کي ڪنهن جو به چهرو هاڻ نه تو سُجهي، نه وري ڪو سُڃاڻجندڙ چهرو ان مَهل سُجهيو پئي پر مان اوپرو نه هئس. سندن محفل هلي پئي. ان خواب نما مُشاهدي ۾ مِيرا جي موجودگيءَ جو احساس ته آهي پر هوءَ آس پاس نظر نه تي اچي.

صوفين جي محفل جي ته صحبت ئي پنهنجي هوندي آهي. ساڌُوا جنهن ۾ ساز مئڪشي ۽ سُرورَ جو بيو سامان به هوندو آهي. مون کي محسوس تي رهيو هو ته جڻ ڪو پُر ڪيف صوفياڻو سماءُ قائم تيڻ وارو هو. جهڙوڪر مِيرا ڏانهن منهنجي ان پنڌَ ۾ اها خانقاهه به لازمي هئي. اهي صوفي به لازمي هئا. راڳ جو سماءُ به، ته مئڪشيءَ جو سُرور به ان جو ئي حصو هئا. اهي مُشاهدن جا نوان نوان نمونا اڄ به جاري آهن.

مان بس جو ڊگهو سفر ڪري پراڻن ڪکن تي رَسڻ لاءِ آتو هئس. جيڪي مون ۽ مِيرا ملي ڪري ٺاهيا هئا. بيچيني سا ته هئي ته جنهن مائيءَ کي بي گناهه پنهنجي حياتيءَ مان ايئن نيڪالي ڏئي نڪتو هئس، ان وٽ موٽي وڃڻ لاءِ سگهه ته گُهربي هئي.

پيارا ٻوڙي سَتوا! مان نِينهَن جي پنڌ تي هئس...

وُجُود جا پنڌ ته هئا ئي ٻوڙين جو نصيب، پر هيءُ نِينهَن جو محبوبَ ڏانهن پنڌ هو. اهو پنڌ به ڪنهن منزل کان گهٽ ياڳ ته نه هوا هر شئي ترنگياتي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هِجرُ. بيو رات. ٽيون مُسافريءَ دِل تي نِينهن-نَشي وسڪارو ڪيو هو. خيالن جي گهيرن ۾ هئس .. احساسن جا ونگ وڪوڙي ويا هئم. جَهڙوڪر مان هڏ ماهه جو ماڻهو ئي نه رهيو هئس. شايد خيال بڻجي ويو هئس ۽ خيال ڏانهن وڌيس پئي.

پنهنجي وٿاڻ تي رَسڻ جي جيتري تانگهه هئم اوترو اوڏانهن موٽڻ جو پنڌُ ڏکيو ٿي پيو هو. ٿَر جي ننگرَ مان ڪراچي تائين جو سفر ته هونئن به ڏکيو هو پر اج جَهڙوڪر لمحا ڪلاڪ ۽ ڪلاڪ ڏينهن بڻجي گُذري رهيا هئا. جيستائين اهو پنڌُ پُني ها. تيسين ذهن ۾ ماضيءَ جي واقعن جا سلسلا هلندا پئي رهيا. خيالن جي وهڪري ۾ پنجَ سال پُڄاڻان جي ڪهاڻي وِيرُن جيان دل تي چڙهي لٿي پئي... سوچيم پئي ته جڏهن ڪنهن ٻئي ڏوهه ڪيو هوندو آهي ته دل جي ويجَ لاءِ سولو هوندو آهي ته اُن پيڙا تي پَها رکي اُن جو دَرمان ڪريءِ پر جي پاڻ ئي پنهنجو رُوح رنجايو هوندو آهي ته ان وِڍيءَ جو ڪو ويج ئي نه هوندو آهي. جيئرو ماڻهو هر پلَ پيو پاڻ کي پنهنجي ئي وِڍيءَ جي سزا ڏيندو آهي.

ساڏو! منهنجي جسم ۽ رُوح ۾ بَرپا هيجانَ جو ڪو ڪاٿو نه هو. منهنجي حالتَ اِها هئي جو هڪ پاسي جنهن مهل ڏانهس موٽڻ جي ڪيفَ جو سُرور هو ته ان ئي مهل ٻئي پاسي اها لُچ به ساڻ ساڻ هلي پئي ته منهنجي وَئي پڄاڻان جي هُن ٻوڏستوَئِي پنڌ چڏي ڏنو هجي ته پوءِ ڪيئن ڪندس؟ يا وري اهو سوچي مون وٽان پنهنجو ڏکُ متائي ڇڏيو هجائين ته هوءَ مون جهڙي بيوفا لاءِ واٽُون ڇو ته نهاري. جنهن وئي پُڄاڻان مُڙي به نه ڏٺُس؟ اُن خيال ته ويتر رُوح ۾ وِلوڙَ پئدا ڪري ڇڏي پئي. سو هڪ ئي وقت ڪيف ۽ اُن جو ردَ ساڻ کنيو پئي هليس. مان هڪ ئي وقت سراپا سُرور ۽ سراپا سُور بڻجي پيو هئس...

بس. احساسن جا ٻرانا هئا ۽ مان هئس!

پنڌ دوران ٽِڪسِي ٻوڙِيشالا ڏانهن به سال اڳ واري پنڌ کي مِيرا ڏانهن موٽڻ واري پنڌ سان ڀيٽيندو پئي ويس. ٻَئي پنڌ هِڪٻئي جي متضاد هئا. پر مان اهو ئي ٻوڙِي. اُهو ئي مُسافر هئس. جنهن اج هڪ ڀيرو وري اُن ئي محبتَ کي منزل بڻايو هو جنهن کي ڪڏهن ساڻ ڪٽي هلڻ بدران ڇڏي هليو ويو هو.

ان تي ٻيو ڇا چوان. بس اِهي وقت جا ڦيرا هئا. جن سوچَ ۾ به ههڙا ڦيرا پئدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا هئا. مون کي موتَ جهڙو ويساهہ هو تہ مان مڪمل طور ٻڌ جي پنڌ تي ٿي گامزن هئس. ٻڌ خود بہ نِرواڻ ماڻڻ کان پوءِ اهو واضح ڪيو هو تہ جسم کي اهڙو سخت ترين جوکو ڏيڻ، احساسن جي پورائي ۽ بنيادي ضرورتن کي تياڳڻ بہ هڪ ظلم ٿي هو.

مانائتا گُروا! ٻوڏي سيلانين سان ڪراچيءَ کان ڪانڊلا تائينءَ جي ٻن ڏينهن جي پنڌَ ۾ ياد ٿو پئيم تہ ان دوران منهنجي اندر ۾ هڪ ساعتَ لاءِ بہ اهو نہ هُريو هو تہ ڪو مِيرا کي پنيان روئندو ڇڏي آيو هئس... ۽ اڄ هيءَ ڏينهن آيو هو جو پڇتاءَ جي آويءَ ۾ سڙان پيو ۽ سندس مُتلاشي بڻيو آهيان.

هوءَ نومبر جي پڇاڙيءَ جي هلڪڙي سيءَ ۾ هڪ نُلهہ جي سهاري ويٺي هئي. بندرَ جي ٿڌڙي هوا ۾ سندس وار اُڏريا پئي. پاڻ گيڙُو رنگ جي سلوار قميص تي ڪاري شال اوڍيو پنهنجي عشق ۾ جَبل جيان اڏول ويٺي هئي. سندس روئي روئي سُڄي ويل اکيون اُن مهل بہ آليون هيون پر منهنجي دماغ تي تِياڳ جا ڪيپَ چڙهيل هئا. مان ان منزل جي نينهن ـنشي ۾ اَلوٽ هئس. جيڪا بس اِڃهو آئي ويٺي هئي. ان جو اثر ايترو تہ وجداني هو جو خيالن ۾ ان جي چَوڌاري جهڙوڪر ڪوهيڙي جا گهيرا هئا. جنهن ڪنهن ٻئي خيال جي وُجُود جو احساس بہ نہ ٿئي ڏياريو.

ان ڪري ئي مون کي سندس محبتَ، جسم ۽ رُوح سان پاڻ ارپڻ جا ونگَ نہ ٿئي وڻيا. مون کي جاڻَ ۽ علم ڏانهن پنڌ ۾ نارِي ـتِياڳ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ سُجهيو ئي نہ ٿئي. افسوس اهو آهي تہ جهڙي شديد احساس سان اڄ سندس عشق جي سچائيءَ کي محسوس ڪري رهيو هئس. ان احساس جو رتيءَ برابر ٿَئو بہ اُن ڏينهن محسوس نہ ڪيو هئم.

منهنجي حالتَ جو تون ان مان اندازو لڳائي سگهين ٿو تہ ان پنڌَ جي ڪيفَ جا ڪيپ هاڻ بہ ذهن تي طاري آهن. سو مِيرا ڏانهن موٽڻ دوران اهي ڪيف جا احساس بہ هئا تہ مِيرا سان ميل لاءِ جَهرندڙ ۽ مانڌي رُوح کي رقيق ڪندڙ تڙپ بہ هئي. ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي ساڌوا! تہ مان اهي ٻئي عشق ساڻ ساڻ هلائي ان ڪري سگهان ٿو جو اهي هِڪٻئي جي متضاد نہ آهن.

مون کي ياد آهي تہ اسان جو آخري ساموندي مقام ڪانڊلا بندر گجرات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اُتان کان پوءِ زميني سواريءَ ذريعي لَداخ رَسڻو هو. مون ساڻ گڏ سچا سيلاني هئا, ڪيفَ جو وکرَ ساڻ, سموري وقتَ ۾ حلاج, رومي, ڀٽائي, سچل ۽ ڪبير جي تصورن تي ڳالهائيندا, راڳَ جا سَماءَ ڪندا ۽ ڪيف جي هِندورَن ۾ رُوحَ جُھوليندا منزل ڏانهن روان دوانَ هئا.

ايئن سرد مهريءَ سان مِيرا جي لُڇَ کي اورانگهي, ڪيفَ جي هِندورن ۾ لُڏندو لَداخ جي سرد دنيا ۾ گُم تي ويو هئس! مان برفَ جيان جميل روحَ وارو ماٺهو ٻڻجي پيو هئس... ۽ هاڻ وِگهران پيو ساڏُوا!

هڪ ڍِگهي رولاڪي ڪرڻ کان پوءِ وري مِيرا ڏانهن موٽيس پئي, بس جو اهو مختصر پندُ کُٽو ئي نہ ٿئي. وقت سُرڻ جَهڙوڪَر بند ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ان ترڙپَ پنهنجي جهڙپَ ڇتي ڪئي تئي تہ ان اُتاولو ڪندڙ پيڙا کي ماٺو ڪرڻ لاءِ ڌِيان شُروع ڪري تئي ڏنم.

ڌِيان ۾ هاڻ اُهي ئي مَثيل لقاءَ هئا. پر آهي نہ عجب جهڙي ڳالهہ تہ هاڻ ڦڙڪندڙ سِڙهَہ, هوا جا جهولا, وڻن جي لامُن جو آوازن سان لَمڻ ۽ پَنن جي سَرسر بدران سانتيڪو ماحول آهي. شايد صبح سوير جو وقت آهي يا شامَ جو ڪجهہ پتو نہ تو پوي. جَهڙوڪَر صبح سِجَ ايرڻ مهل وارو ڪوهيڙو آهي يا بس اِجهو سِجَ لهڻ واري هلڪڙي اونداهہ آهي. مان ڪيس چِتو نہ پيو ڏسي سگهان, پر هوءَ ڌِيان ۾ مَحو آهي. جَهڙوڪَر ڪو ڳوٺ آهي جنهن جا لقاءَ جيتوڻيڪ نِهار کان اوجهل آهن, پر انهن جي موجُودگي آس پاس محسوس ٿئي پئي. احساسَ ڏَسين پيا تہ اسين ڪنهن اهڙي لقاءَ ۾ آهيون, جتي ساڌو آهن, ٻوڌيشالائون آهن, صوفي بہ آهن تہ سندن خانقاهُون بہ آهن.

جيئن توکي گذريل خط ۾ بہ لکيو هئم تہ مِيرا ڏانهن ويندي ڌِيان ۾ مون کي هينئر بہ ڇِتيءَ طرح ياد آهي تہ مان پاڻ کي ڪنهن خانقاهَہ ۾ صوفين جي صحبت ۾ محسوس ڪري رهيو هئس, جنهن جي تاثير ۽ تاس اندر ۾ محسوس پئي ڪيم.

ڏنم پئي: مِيرا ڌِيان ۾ آهي, پسمنظر ۾ هلڪا هلڪا آواز اچن پيا, سازن جا, چَرَن جا ۽ منتر راڳڻ جا. ڌِيان مان نڪرڻ کان پوءِ احساس تيم پئي جَهڙوڪَر لَداخ ڏانهن سفر وارا سيلاني صوفي بہ ڌِيان ۾, توڙي مِيرا ڏانهن ان پنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ساڻ آهن پر نهار ڪان اوجهل آهن. نظر ايندڙ ڪو بيو انسان آس پاس آهي ته سا فقط مِيرا آهي.

ايئن نيٺ مان ڏِيان منجهان ٻاهر نڪري اچان ٿو ڏسان ٿو ته بس ۾ ته اهي ئي عام ڪار وهنوار وارا ماڻهو آهن. جيڪي ڪنهن نه ڪنهن منزل ڏانهن وڃن ۽ موٽن پيا.

ساڏوا نيٺ وقت هو. سو گذرڻو ته هو. ڪيترو به آهستڙي سُري ها. پُنڻو ته هو؟ مان بس مان لٿس. ڪلهي تي ٿيلهو ڪٽي گهر ڏانهن سُرڻ شُروع ڪيم. هاڻ پندرهن منٽن جو پنڌ هو جيڪو پُنڻ باقي هو. مان هلندو پئي ويس. اڪيون پير ڪريَہ رُوح ۾ خوشيون پريل هئم. جذبن ۾ شديد تانگهه هئي ۽ هيجَ ۾ اڪيون وسڻ لاءِ آتيون هيون.

ويس پئي وقتَ کي کُتائيندو. جيڪو ڳرو ٿي پيو هو...

ها ساڏوا!

جڻ ته وقت نه هو. ڪا چِپَ هئي جيڪا ڪلهن تي کٽي پئي اڳتي وڌيس. ان مقام ڏانهن جيڪو منهنجو پنهنجو آستاڻو. منهنجو پنهنجو ماڳُ هو پر ان آستاڻي ۽ ماڳ سان به ته ڏاڍ ڪري هليو ويو هئس. ان ڪري پوُ ٻيٺا ٿيا هئا جيڪي اچان پچٺا هئا. مان اَجاڻ هئس ته مِيرا مُنهنجي واپس ورڻ کي ڪيئن وٺندي؟ اوسيئڙي ۾ هوندي؟

اَجاڻ چو ٿيو هئس. جي اَجاڻ هئس ته پوءِ سچو ٻوڏي ڪيئن هئس؟ ٻُڌ ته اڻ ڄاڻائيءَ جي خاتمي کي ٻُڌ مَت جو رُوح ڪري چيو هوا!

پيارا ٻوڏي سَتوَا شامَ جي ٿڏي ۽ نِرمل چانڊوَ هئي پر مان اندر ۾ طوفانَ ڪنيو پئي هليس. پنهنجي ئي جوڙيل مڪانَ ڏانهن; هن مهل اُن تائين رَسڻ نِرواڻ جهڙي منزل ماڻڻ جيان لڳي رهيو هو. بس اجهو اچي رَسيو هئس. پنهنجي اُن چانوري ويجهو جنهن کي مون ۽ مِيرا ملي ڪري هٿن سان نه پر اکين. رُوح ۽ وُجُود سان ذرو ذرو ڪري اَڏيو هو.

وُجُود ۾ اُميدن. سُکن ۽ خوشيُن جا ترنگ هئا. سوچيم پئي ته مِيرا مون سان ڪيئن ملندي. اوپرائپَ سان؟ يا پهرين جيان ئي اچي ياڪر وجهندي؟ يَوُن ۽ آسرن جي چولين مون کي اگ ڪذهن به ايئن بيرحميءَ سان نه اُٿلايو پُٿلايو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تالو کولي گهرَ اندر گهڙيس... ٻوٽن جون سموريون ڪُونڊيُون ٻاهر ڪار پورچ ۾ پيون هيون. ڪار تي ڪپڙو چڙهيل هو. ٻوٽا ٻنهي هلڪا گهميل هئا. لڳو ٿي يا ته ڏينهن کن اڳ انهن کي پاڻي مليو آهي. ان مان اهو به اندازو ٿيو پئي ته هوءَ تازو ئي شايد ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪنهن پاسي وئي آهي. ياد آيم ته هوءَ ايئن ئي ڪندي هئي. جڏهن هفتي يا ان کان وڌيڪ وقت لاءِ شهر کان ٻاهر ويندي هئي ته ڪُونڊيُون ٻاهر پورچ ۾ رکي ويندي هئي. پورچ جي هڪ چاٻي پاڙي وارن وٽ هوندي هئي، جن جو ڪو نه ڪو ماڻهو پئي ٽئي ڏينهن اچي ٻوٽن کي پاڻي ڏئي ويندو هو. بهرحال ٻوٽن جي گهميل هجڻ ڪجهه اندر ۾ آسرو ڏنو.

لائُونج جي دَرَ تي به تالو هو. جيڪو کولي اندر آيس. لائونج ۾ ان سان گڏ ئي جُڙيل رڌڻو سامهون هئا. هر شئي پنهنجي جاءِ تي پئي هئي. سڀ ڪجهه ساڳيو هو. هن گهر جي هڪ هڪ شئي پنهنجن هٿن سان گڏجي ناهي هئيسين. اُن ۾ ڪو به فرق نه آيو هو. سندس غير موجُودگيءَ جو مارينڌڙ احساس هوندي به هر هڪ شئي منجهان سندس وُجُود جو ساءُ آيم ٿئي ۾ اُن سُک جو ڪو ڪاٿو ئي نه هو ساڏوا ڪمرن جا در ڀيڙيل هئا. اوطاق (ڊرائنگ روم) کولي اندر آيس. اُن جي ترتيب به اها ئي هئي، ميز تي هڪڙو ڪتاب ۽ فون ۽ بجليءَ بِل پيا هئا. هڪ صوفي تي ٽُوال پيو هو. ميزن تي مٽيءَ جا هلڪڙا تهه نظر ٿئي آيا.

اتان نڪري اچي اسٽڊي روم کوليم. اسان ٻنهي جي ميزن تي ڪتاب پيا هئا. منهنجي ميز جي ته ترتيب به اها ئي هئي جيڪا مون پاڻ سيٽ ڪئي هئي. ڪتاب، ڊائريون، پينون، رنگ به رنگي هاءِ لائيٽر، بُڪ مارڪ. انهن مڙني شين کي سرسَري ڏسندو ٻاهر لائونج ۾ آيس. رڌڻي ۾ غير ارادي طور فِرج ڏانهن وڌي ويس. فرج کولي ڏٺم ته اُهو بند هوا ڏک جي هلڪڙي لهر دل ۾ اُٿيم... هوءَ اهو تڏهن ڪندي هئي جڏهن مهيني کان مٿي وقتَ لاءِ ڪيڏانهن ويندي هئي.

اتان پَڪ ٿي وئي ته هوءَ ڪافي وقت لاءِ گهر ڇڏي وئي هوندي

اُتان ئي بيڊ روم ۾ آيس. ڪمري ۾ اُن ئي خوشبوءَ جو احساس هو جيڪا هوءَ استعمال ڪندي هئي، يا اُها سندس وُجودَ جي خوشبوءِ هئي. اُتي پاڻُ جَهلي نه سگهيس. جَهليل بند ٽُٽي پيا. بيڊ تي ليٽي وِهاڻي ۾ مُنهن وِجهي ڇڏيم. جيڪو سندس وُجُود جي هُڳاءَ سان واسيل هو. نَس نَس ۾ خوشبوءِ پرجي وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ڪيتري ئي دير تائين روئيندو رهيس. سُجهيم نہ ٿئي تہ آخر ڪنهن ڪان سندس ڏَسُ پُڇان؟ ايئن ڪلاڪ بہ گذري ويا.

اِڄهو رات اچي مٿان پئي هئي. راتَ اُن پيڙا کي جَهڙوڪر پِيٺو ڪيو ٿئي تہ آخر ڪنهن کان وڃي پڇان ها تہ هوءَ ڪيڏانهن هلي وئي هئي؟ پنهنجو ڏَسُ پتو ڪو ڇڏي وئي هئي يا نہ! سوچيم تہ وڃي پاڙي وارن ڪان پڇان. گهران ٻاهر نِڪتُس. گهٽيءَ ۾ بلبن جي مِيرانجهڙي روشنيءَ ۾ اوسي پاسي پئي نهاريم تہ ڪهڙي گهر جو در ڪڙڪايان. ڇاڪاڻ تہ اسان جي گهٽي اُتي ويني فقط ٻن گهرن سان هئي. نيٺ دل ٻڌي سائين سُليمان جي گهرَ جي گهِنٽي وڄايم. در جيئن ئي کُليو تہ جهونيءَ مون کي ڏسي پُڇيو ڪير ابا؟

منهنجي ڏاڙهي ۽ وار وڌيل هئا, هن مون کي نہ سُڃاتو پر مون سُڃاتومانس. سائين سُليمان جي گهر واري سڪينہ هئي, جنهن کي مان ۽ مِيرا جيجي سڏيندا هئاسين. ٻئي زال ۽ مڙس يونيورسٽيءَ ۾ دَرس ۽ تدريس جي شعبي سان واڳيل رهيا هئا, هاڻ رٽائرمينٽ واري حياتي گذاري رهيا هئا. پنهنجا ٻار ٻچا نہ هئن, اُها سِڪ اسان مان پوري ڪندا هئا. مِيرا ۽ مون کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. اسان جي غير موجُودگيءَ ۾ گهرَ جي سارَ بہ هي ئي لَهندا هئا.

مون جڏهن تعارف ڪرايومانس تہ هلڪڙي رَڙَ جهڙي نڪري ويس. "اڙي ابا پُلي ياڻَ ايڏي دير سان موٽئين!؟" اندر اچڻ لاءِ چيائين. سندس پويان هلڻ لڳس. هوءَ هلندي هلندي ڳالهائيندي بہ رهي, "ابا تو تہ مُڙي پُڇيو ئي ڪونہ. مِيرا تہ روئي روئي جُسو ئي جلائي ڇڏيو."

هوءَ ڇوندي رهي, مان ٻُڌندو ۽ سندس پويان هلندو رهيس. ڪمري ۾ اچي ويهاريائين. "هي ڪهڙا حال ڪيا ٿئي ابا, هوءَ نارَ اَڏ مُئي ڪري هاڻ موٽيو آهين...؟"

ڇا مطلب هو سندس تہ "اَڏ مُئي ڪري هاڻي موٽيو آهين." ڇا جواب ڏيانس ها ان سوال جو. اندر ۾ آنڌَ مانڌَ وڌي وئي هئم تہ آخر مِيرا ڪيڏانهن وئي هئي جو هن ايئن ٿي ڳالهايو. نيٺ رهي نہ سگهيس ۽ پُڇيومانس.

"جيجي گهر ڇو بند آهي, مِيرا ڪٿي آهي؟"

ان سوال جي جواب تي پهرين تہ هوءَ جَهڙوڪر ڇرڪي پئي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پلَ عجبَ منجهان مون کي تڪيندي رهي، بنا ڪُڇئي. سندس ماٺ منهنجي اُڻ تُڻ وڌائي ڇڏي هئي. جَهڙوڪَر منهنجي ان سوال جو ڪو اهڙو جواب هو جيڪو هن ڏيڻ نہ ٿي چاهيو ان ڪري ڪانئس ڪُڇيو نہ ٿئي ٿيو.. مون کان سندس ماٺَ سَني نہ ٿئي ٿي.

مون آنڌَمانڌَ منجهان ورائي پُڇيومانس. جيجي. "ڏَس نہ... ڪٿي آهي مِيرا؟ ماٺ ڇو ٿي وئي آهين؟ گهر ڪڏهن کان بند آهي؟"

جيجيءَ جي مُک تي اُهو ئي عجب جو احساس طاري هو. جَهڙوڪَر مون ڪا اڻ-ٿيٽي ڳالهہ ڇئي وِڌي هجي. ڪانئس هڪ لفظ بہ اُڪليو نہ ٿئي ٿيو... ۽ مان وري اهڙو اُتاولو هئس. جو مون کان هڪ پل بہ رهيو نہ ٿئي ٿيو "جيجي! چُپ ڇو ٿي وئي آن. ٻُڌاءِ نہ. مِيرا نيڪ تہ آهي نہ؟ آهي ڪٿي؟"

جيجيءَ جي اکين ۾ عجبَ جا پارَ هئا. هن ماٺَ ٽوڙيندي عجب غير يقينيءَ منجهان چيو "ابا مِيرا توکي ڪانہ ملي ڇا؟"

سندس ان جواب تہ منهنجي لُچَ وڌائي ڇڏي. اندر ڦٿڪي اُٿيو. "ڪا نہ ملي معنيٰ ڇا جيجي؟ ڪٿي ڪا نہ ملي مون کي مِيرا؟"

هوءَ ويتر وڌيڪ عجب ۾ پئجي وئي. اسان ٻنهي جا جواب هِڪٻئي کي سمجهہ ۾ نہ ٿئي آيا.

جيجيءَ وراڻيو "هوءَ تنهنجي ڪَڏَ توکي ڳولڻ نڪتي هئي. اسان سوچيو هوءَ توکي ڪٿي نہ ڪٿي رَلي هوندي؟"

اهو ٻُڌي مان وِچي بيوسيءَ جي آڙاهہ ۾ ڪِرِيُس! هوءَ مون ڪَڏَ ڪيڏانهن وئي هوندي؟ جڏهن ڪيس ڪا موٽَ ئي نہ ٿئي ڏنم تہ پوءِ ڇا سوچي نڪتي؟ ڪيئن سمجهيائين تہ مان پنجن سالن کان پوءِ بہ اُن ئي شهر ۾ جاءِ تي هوندس جتي تڏهن ويو هئس؟

جي هوءَ وئي بہ هجي تہ مون کي ڪو نيايو موڪلي سگهي پئي. منهنجو تہ واسطو تِڪِسِي توڙي لَداخ جي بين ٻوڏيشالائَن سان ڪڏهن بہ نہ ٽُٽو هو اڄ تائين بہ فون ۽ ايميل ذريعي رابطو پيو هلندو آهن.

هورَ ڪورَ منجهان پُڇيومانس. "پر جيجي هوءَ مون کي ڪٿي ڳولڻ وئي آهي؟ مون کي تہ ڪٿي بہ نہ ملي گذريل پنجن سالن ۾؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجي ان تي ٻنهه ماٺ تي وئي. بيچيني ۾ ڏک جا اُهڃاڻ سندس جُهوني مُکَ تي وِيرَ جيان لَهندي چڙهندي نظر آيا پئي.

چيائين، "اڙي ابا. چوري رُلائي ڇڏيئہ. هوءَ تہ اِهو چئي نڪتي تہ توکي ڳولڻ تي وڃي. ان ئي ٻيڙي ۾ چڙهي ويندي جنهن ۾ تون چڙهي ويو هئين؟"

مون کي حيراني وٺي وئي. چيم. "پر جيجي مان تہ لَداخ ۾ فقط ٻہ سالَ هئس ۽ ان دوران تہ هوءَ اُتي نہ آئي هئي، هتان ڪڏهن وئي؟"

"سال کن تہ ٿيو هوندا ابا."

مون کان رڙ نڪري وئي، "سال اڳ وئي مون پويان. جڏهن مان ٻہ لداخ ڇڏي چڪو هئس؟ ڪيڏانهن وئي جو اجان گهر نہ موٽي آهي جيجي!"

هاڻي جيجيءَ جون اکيون آليون هيون. ڄهيڻي آواز سان چيائين، "ابا وڃڻ کان اڳ مون وٽ آئي هئي. تو سندس خطن جا جواب جو نہ پئي ڏنا تہ چيائين تہ شايد توکي خط ملن ئي ڪونہ ٿا. نہ تہ تون لازمي ورنائين ها."

لازمي ورنايان ها؟ اهو ڪيئن سوچيائين؟ منهنجي ايئن بيرحميءَ سان وڃڻ کي ڇو وساريائين؟ جي منهنجي برف جيان رُوح جمائيندڙ سفاڪي ياد رکي ها تہ اها اُميد ئي نہ ٿئيس ها تہ منهنجي مطلق ماٺَ جو مطلب ڪو مون کي خطن جو نہ ملڻ هوندو! ايئن ڇو نہ سوچيائين تہ خط ملندي ٻہ مان کيس ورندي نہ پيو ڏيان! پڇتاءُ ۽ پشيماني واسينگن جيان وڪوڙي ويم تہ ڪٿي هڪ پيرو موٽَ ۾ لکانس ها تہ هوءَ ايئن انڌ ۾ ڳولا ۾ تہ نہ نڪري پوي ها!

آخر وئي ڪيڏانهن هوندي؟ مان تہ لَداخ مان ٿي سال اڳ موٽي آيو هئس. اتان پوءِ جپان ۽ انڊونيشيا ۾ ٻڌ مَتَ تي ننڍا ننڍا ڪورس ڪيا هئم. ان کان سواءِ ملڪ ٻہ موٽي آيو هئس تہ انهن ٽن سالن مان ڇهہ مهينا گنڌارا ۾ ٻوڌين سان مشغُن ۾ رُڌل رهيس. اتان موٽي ڪجهہ مهينا ننگرَ ۾ سنڌ ٻوڌيشالا ۾ ٻہ رهيس. ان کان پوءِ وري ٻوڌين ۽ صوفين جي هڪ گڏيل وفد سان ڪٺمنڊو هليو ويو هئس. اتان موٽڻ کان پوءِ هاڻ سال کان ٻہ ٿورو گهٽ وقت ٿيو آهي تہ مان سنڌ ۾ ئي آهيان. مون کي تہ ڪتان ٻہ اها خبر نہ پئي تہ ڪا نارِي هن وسيع سنسار ۾ منهنجي تلاش سرگردان هئي.

مان جيجيءَ جي مُکَ تي ليئو پاتو هوءَ سخت پريشان ٿي وئي هئي. اجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي سامت ۾ جَهڙوڪَر نہ آئي هئي تہ مان ڪو ايئن اڪيلو موتي ايندس ۽ مِيرا جيڪا سالَ کان منهنجي ڳولا ۾ نڪتل هئي. سا مون سان ان وچ ۾ ٻنهي نہ ملي هوندي ۽ الائجي ڪٿي هوندي. سندس نفيس گهنجن پريل مُکَ تي تڪليف جا آثار اهو ٻڌائين پيا تہ اها خبر سندس لاءِ ڪيتري نہ ڪربناڪ هئي.

مان پٽي هٿ مٿي تي رکي سوچيندو رهيس. جيجي مون کي ماٿ تڪيندي رهي. نيٺ هن وري ماٺ ٽوڙي. "ابا تو هن جي خطن جي هڪ بہ ورندي نہ ڏني. هاڻ پنج سالَ پُنائي اچيو پُڇين پيو مِيرا ڪيڏانهن وئي! ايئن پنهنجي نارَ چڏي هليو وئين ڏٽيءَ کي ماڻِ. اها کهڙي ڏٽيءَ جي تپسيا؟"

ان جو جواب ڇا ڏيان ها؟ مان پاڻ ان سوچَ جو حامي ٻڌيو هئس تہ اُها تپسيا جيڪا دليون اَهنجائڻ سان شُروع ٿئي ان جي قبوليت ڪٿي بہ نہ آهي. نہ سماج ۾. نہ وري فطرتَ ۾. منهنجو پُختو ويساهُہ هو تہ ٻُڌ مَت ۾ ايئن اَهنجائڻ سنگين پاپَ برابر آهي.

مون ڪيس اَهنجايو هو. اهو سچ ايڏو تہ وُجُود ساڙيندڙ ۽ ڪَڙو هو جو مون کان سَنو ٽي نہ ٿئي ٿيو. ڪيئن مجان ها تہ مون ڪو اهڙو ڏوهُہ بہ ڪيو هو. بهرحال اهو سچ هو. مان ڪيس ان سفر جي ڏڳ تي اڌ ۾ ڇڏي سندس حياتيءَ ۾ واچُوڙا آڻي ڇڏيا هئا. جيجيءَ کي ڇا چوان ها تہ مِيرا کي خطن جي ورندي ڇو نہ ڏنم؟

"بس جيجي سندس خط اٺ نو مهينا ڪن ملندا رهيا هئا. پوءِ تہ سي بہ بند ٿي ويا هئا."

ان تي جيجيءَ بہ نَهَہ پَهَہ ڪاوڙ ۽ طنز منجهان پُڇيو. "۽ ابا تو ڪيترن خطن جي ورندي ڏنس؟"

ان سُوال جو مون وٽ ڪو جواب نہ پر هڪ پڇتاءَ سان پريل نهار هئي. جنهن سان مان جيجيءَ کي بيوسيءَ منجهان ڏسندو رهيس... ڪُڇيس ڪجهہ ڪونہ!

جيجيءَ هڪ جَهٽ رکي بيو جملو ڳالهايو. "ابا. مون چيومانس تہ ڏَس پَتو هٿ ڪري. تو سان رابطو ڪري پوءِ گهران نِڪري.. پر چئي تہ نہ هاڻ انتظاري ڪانہ ٿي سَني ٿئي. تي سالَ وقت بہ تہ وڌو هو. نيٺ نڪري پئي. شابس ٿئي ابا...!"

مان بُت بڻيو جيجيءَ کي تَڪيندو رهيس. انهن جملن مون کي پيچي لاٿو. سوچيم! هن کان وِڇوڙو جاليو نہ ٿيندو هوندو. سو ڳولڻ نڪتي هوندي! اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچي پيڙ وڌي وئي ۽ اکيون آليون ٿيڻ لڳم.

منهنجو منهن تي اُباٽڪائي ڏسي جيجيءَ موضوع مٽايو ”ڪجهه کاڌو ٿي؟ اڄ تہ ماني ڪائي ونون.“ اهو چئي جيجي رڌڻي ڏانهن وڃڻ لڳي.

مون ڪائڻ لاءِ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي، جو بُک تہ هئم... جيجي بورچيخاني ڏانهن وڌي ۽ پويان اچڻ جو چيائين. سندس ڪڏ ويس. هوءَ جيستائين ماني گرم ڪري، تيستائين پئي سوچيم تہ هاڻ ڪٿان مِيرا جو ڏس پتو ڳوليان؟

مٿس سوچيندو بہ رهيس تہ ڪيڏي نہ عجيب ماڻهو هئي، مون کي ڳولڻ جو فيصلو جو ڪري نڪتي تہ ڪيس اها اُميد لازمي هوندي تہ هوءَ منهنجو فيصلو مٽارائي مون کي پاڻ ڏانهن موٽائي سگهندي. هن کي اُن ڪوڙي حقيقت تي ويساهہ نہ هو تہ مون سندس روئندڙ اکين کي نہ ڏٺو. سندس ميڙَ مِنٿ کي رُڪائپ سان اڻ ٻُڌو ڪري هليو ويس، مُڙي بہ نہ نِهاريُم. تڏهن بہ! تڏهن بہ ڪيس اُميد هئي تہ مُنهنجي خطن جي جوابن نہ ڏيڻ پويان سبب خط نہ ملڻ هوندو؟ ان ڪري منهنجي ڪڏَ اچي مون کي مڃائيندي؟ اهو هوءَ ڪيئن پئي سوچي سگهي؟

سخت بُک لڳي هئم. ڍَئو ڪري ماني کاڌم. ٿوري دير ويهي اُٿيس... ويندي ويندي پُڇيومانس، ”جيجي ڪجهه ٻيو چيائين، مون لاءِ؟ ياد هجئي تہ ٻڌاءِ!“

چيائين. ”ٻُوٽن جو اُلڪو هئس تہ سڙي نہ وڃن. ان هڪ سالَ ۾ مون انهن کي پٽي پاڻي ڏنو آهي. جي ڪيڏانهن وڃان تہ پاسي وارن وٽ چابي ڇڏيو ويندي آهيان. صفائي بہ ڏهين پندرهين ڏينهن ڪرايو ڇڏيان. سائين سُليمان هفتي ٻئي ڪار بہ اسٽارٽ ڪندو هو پر هاڻ ڪجهہ مهينن کان اهو نہ ٿو ڪري. ميرا ڪجهہ پئسا ڏئي وئي هئي، بجليءَ ۽ گئس جا بِل ڀيارڻ لاءِ. اُهي هر مهيني ڀيارينداا رهيا آهيون. ويندي ويندي مون کي ٻُڌائي وئي هئي تہ سڀ ڪجهہ جيئن جو تيئن ڇڏي پئي وڃي. تو لاءِ چيائين پئي تہ تنهنجي هر شئي جاتِڪي آهي.“

اهو چئي جيجي ڪي پل ماٺ ٿي وئي.

پوءِ وري چيائين. ”اهو ضرور چئي وئي هئي تہ جلدي موٽندي. پر شُروع وارن هِڪ ٻن پيرن ڪان سواءِ نہ تہ فون نہ ڪيائين. نہ وري ڪو خط پٽ موڪليو اٿائين. پهريان بہ ٽي مهينا تہ ڏهين پندرهين ڏينهن فونون ڪندي هئي. تنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇندي هئي تہ متان تون آيو هجين. يا خط وغيره موڪليو هجئي. خبر بہ هئس تہ مون وٽ سندس نمبر هو. تون اچين ها يا ڪو خط اچي ها تہ فون ڪري ڪيس لازمي ٻڌايان ها. پر اهو سڀ سمجهندي بہ مِڙئي پئي تنهنجون پڇائون ڪندي هئي. هفتي ۾ هڪ ڀيرا مان بہ فون ڪري سندس احوال وٺندي، هئس پر ڪجھ مهينن کان تہ فون ئي بند اٿس."

جيجيءَ کان ميرا جو نمبر ورتم. مون تہ سندس نمبر بہ ڊاهي ڇڏيو هو. عجيب ماٺهو ٺجي پيو هئس مان. اهڙو قطع تعلق تہ دُشمن سان بہ نہ ڪبو آهي!

اهو ٻُڌي ڳورن قدمن سان در ڏانهن وڌڻ لڳُس. جيجيءَ وري پڇيو "ابا تون تہ هتي هوندين نہ؟ وڃين تہ تون بہ پنهنجو ڏَس پتو ڏيون وڃجانءِ. هوءَ موٽي تہ تو سان رابطو ڪنديس."

اهو چئي وري پُٺڪي، "تون وَئين تہ تون نہ موٽئين. هوءَ وئي تہ هوءَ نہ موٽي. الائجي ڪهڙا ڳس ڏنَوَ ابا. جو گهر وريو نہ ٿيو ٻنهي کان... وڃي ڳولي وٺي اچينس."

هاڪار ڪري ڪانئس موڪلائي گهر موٽي آيس.

گهر ۾ اچي بتيون ٻاريم. رات ۾ بلبن جي روشنيءَ ۾ گهر جَرڪيو پئي. اچي اسٽڊي روم ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي سندس نمبر ملايم. بند هو. ذهن ڳورو لڳو پيو هو. ڏيان ڪرڻ لاءِ جيڪو ڏِيرج گهرجي ها. اُهو تہ مون کان اڄ ڪوهين ڏُور هو.

ذهنَ ۾ جيجيءَ سان ڪيل ڳالهيون ڦريون پئي. حقيقتَ جي اها ڪوڙاڻَ جالي نہ پئي ٿيم. ويساهَ نہ ٿئي آيم تہ ڪو ايئن بہ ٿي سگهيو پئي. مون پنهنجي سُنهن پُٺڪيو پئي تہ هوءَ منهنجي ڳولا ۾ سال اڳ گهر ڇڏي وئي. اُن ئي بحري ٻيڙي ۾ ۽ اڃان نہ موٽي آهي. هي تہ ڪهاڻيءَ ۾ ٻنھ نئون موڙ آهي. مون کي تہ ان جو اندازو ئي نہ هو تہ ڪو ايئن بہ ٿي سگهيو پئي.

بهرحال. پنهنجون سوچون سِهيڙي. ڪنهن نتيجي تي رَسڻ پئي چاهيم تہ جيئن اڳين وِکَ طئہ ڪريان تہ ڪيس هتي سنڌ ۾ ئي ڳوليان يا سنڌ کان ٻاهر؟ هوءَ لَداخ وئي هوندي؟ تہ ڇا ايئن ئي مون جيان سَنياسين سان گڏ ڪانڊلا وئي هُوندي؟ پوءِ اُتان کان زميني سواريءَ ذريعي اڳتي لَداخ تائين وئي هوندي؟

مون کي صوفين ۽ پانڌين سان گڏ ڪيل ساموندڪو سفر ياد آيو. ڪيڏو نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِگهو پنڌ هو. جيڪو فقط جسم جو پنڌ نہ هو. وُجود تي پنڌ جي انهن گذرندڙ پَلن پنهنجا اهڃاڻ تہ گِهرا اُڀاري ڇڏيا هئا جو مان اُن ڪيفَ جو سُرور نہ ٿو وساري سگهان. تہ ڇا مِيرا بہ اُنهن پاندين ۾ صوفين ساڻ ان ئي پُر ڪيف لقاءَ جو حصو ٿي وئي هوندي؟ نيٺ ڪنهن جي آسري تي هيڏي وڏي پنڌ تي ڳولا ۾ نڪتي هوندي؟ بِنهہ اڪيلي سِر ڳولا جي پنڌَ جي سختي ڪٽڻ بہ تہ وڏو جوکو هو. ان کي پنڌُ ڇا. بي منزل سرگرداني ئي چئبي. جيڪا وِڇوڙي پڄاڻان يار جي ڳولا ۾ هجي.

ساڏوءَ سان تہ واعدو ڪري نڪتو هئس تہ هفتي اندر موٽندس پر سوچُن ئي سوچُن ۾ ٽئہ ڪيو هئم تہ موٽڻ کان اڳ ڪيس ڳولڻ جي پوري ڪوشش تہ ضرور ڪندس. پوءِ پلي سنڌ ڀوڙيشالا دير سان موٽان. بس اُڻ تُڻ اها هئم تہ ڪٿي هوءَ اڃان تائين ڳولا ۾ تہ نہ هوندي؟ پر اهو بہ ممڪن هو تہ هوءَ موٽي آئي هجي ۽ هتي مُلڪي ماڳن تي هجي؟ اهو بہ ٿي سگهيو پئي تہ هوءَ موٽي تہ هجي پر گهر نہ وري هجي اڃان؟

آرام ڪرسيءَ تي ليٽي ليٽي سوچيندي ٿڪُس تہ ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳس. ڀِتين تي تي تصويرون لڳل هيون. انهن مان هڪَ اسان جي فريم ٿيل تصوير هئي. جيڪا ٽيڪسيلا جي کنڊرن ۾ ڪڍيل هئي. تصويرَ ۾ هوءَ پَدما آسڻ ۾ ويٺي هئي ۽ مون سندس فوٽو ڪڍي ورتو هو. ان دوران هڪ ٻوڌي ساٿيءَ اسان ٻنهي جو گڏيل فوٽو ڪڍي ورتو هو اُن تصوير ۾ هوءَ پَدما آسڻ ۾ ويٺي آ- هي ۽ مان ڪيس تڪيان پيو. اها تصوير اسان ٻنهي جي مختلف ۽ متضاد مُوڊن ۾ نڪتي. اُها ايڏي تہ حقيقي ٿئي لڳي جو اسان اُن جو وڏو فريم تيار ڪرائي ڀِت تي لڳائي ڇڏيو هو. چوندي هئي تہ هن تصوير ۾ ڪيس منهنجي نِهار موهي ٿي. سندس مُک تي هلڪڙي مُرڪ آهي. بِنهہ هلڪڙي. جنهن کي ڪنهن مهل نہ بہ محسوس ڪجي. شايد مون کان سواءِ ڪو بہ سندس چپن جي ان اظهار کي تاڙي نہ سگهي. جڏهن تہ منهنجي منهن تي عجب آهي. جڻ ڪيس پهريون ڀيرو ان انداز ۾ ويٺل ڏسندو هجان.

باقي ٻِن تصويرُن منجهان هڪ ۾ برفاني موسم آهي. رستا ۾ انهن جي ٻنهي پاسن کان وڻ برفَ ۾ ڍڪيل هئا. بس. ڪٿان ڪٿان ساوڪ ٻکي ٿئي. نہ تہ سمورو منظر اڇاڻَ ۾ لڪل هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل ۾ اها منهنجي ئي فوٽوگرافي هئي. ياد آيم تہ شاديءَ کان پوءِ ملڪ اندر اسان جو اهو پهريون گڏيل ٽوئر هو. اسين گرمين ۾ ملڪ جي اُتراهين پاسي ويا هئاسين. ان تصوير سان جُڙيل ڏاڍيون گهريون رومانوي يادون هيون... سوچي مُرڪي پيس...

ٻي تصوير ۾ ٻڌ جي روزائتي مُورتي هئي، جنهن ۾ سندس جسم هڏائون پڃرو ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ اهڙي سخت جسماني ڪشٽ جي تجربي کان پوءِ گوتم ٻڌ پاڻ بہ جسم کي ايذائيندڙ تپسيا جي ننداا ڪئي هئي، پر روزائتي ٻڌ جو تصور اسان ٻنهي کي ڏاڍو آئڙندو هو. عجب وڻندو هو تہ ڪو اهڙو سخت جسماني روزو بہ رکي سگهي ٿو!

اسٽڊي واري ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي ليٽئي اِهي پُورَ پچائيندي پچائيندي مان ڏِيان ۾ هليو ويس: هڪ خواب جهڙو ماحول هو جنهن کي حقيقي حياتيءَ ۾ مون ڪڏهن پسيو ئي نہ هو. ڏسان ٿو تہ ٻڙَ جي هڪ وسيع وڻَ هيٺ هڪ پورو جهانُ ٻڌل آهي. ان ٻڙ جون زمين تي الائجي ڪيترين جاين تي شاخون ڪُتل نظر اچن ٿيون. هر شاخ تي هڪ ڪُشادو ٻوڏي ـ دَرَ ٻڌل آهي، جتي ٻوڏي ڏِيان ۾ وينل آهن.

خبر نہ آهي ڇو مون کي سائيگان جو جسماني مُشاهدو نہ هوندي بہ محسوس پئي ٿيو تہ جَهڙوڪَر سائيگان جي قُوان اَئم ٻوڌيشالا هجي. ساڌوا ۽ تون بہ آس پاس هجين پر نظر نہ پيو اچين. سُجهي پيو مِيرا بہ اتي ئي ڪٿي آهي، پر هن وقت نظر نہ پئي اچي.

پَريان کان، نہ ڄاڻان ڪٿان، اُهي ئي مخصوص ڇَڙا وڄڻ جو آواز اچي پيو... ان مان اهو پئي لڳو تہ جهاز تي مليل صُوفي بہ اِتي ڪٿي پنهنجي پُرڪيف مجلِس قائم ڪريو وينا هئا پر ڏسڻ کان ڏور آهن. ڪنهن بہ پيڙا جو ان ڏِيان ۾ گُمان ئي نہ هو. مِيرا جَهڙوڪَر ڪيڏانهن وئي ئي ڪا نہ هئي. هوءَ مون وٽ هئي، مون ساڻ. بس نِهار کان اوجهل هئي. ڏِيان دوران مان انتظار ۾ آهيان تہ هوءَ اِجهو آئي. ميرا ڏانهن واپس ورڻ کان پوءِ جنهن پِيڙَ دل تي دهشت ڪيري هئي، سا گم ٿي وئي هئي.

هڪ لمحي لاءِ مون تو بابت بہ سوچيو ساڌُو تہ تون اجهو آئين ۽ تو سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي پنهنجي نئين ڊِيان بابت تنهنجا خيال ٻڌندس. ان ڊِيان منجهان پندرهن منٽن اندر ئي سُجاڳ ٿي ويس. ساڍا اهو مون باقاعدي طئہ ڪيو آهي تہ مُشاهدي ۾ ٻنهہ ٿوري وقت ۾ وقت جو تمام ڊگهو مُفاصلو طئہ ڪري سگهجي ٿو. مثال طور هن ڊِيان ۾ مون کي محسوس پئي ٿيو تہ ڪي ٻہ ٽي ڪلاڪ کن تہ مان ان ٻڙ جي وڻ هيٺ وسيل جهانَ ۾ پئي رميو هوندس. اُن ڊيان ۾ سوچيو اٿم. ميرا جو انتظار ڪيو اٿم. آرام ڪيو اٿم. صُوفين جي سماءَ جي لقاءَ کي محسوس ڪيو اٿم. پر جيئن ئي جاڳ ٿي تہ گهڙيال ڏسي عجب ورتم تہ اهو طويل محسوس ٿيندڙ وقت ٻنهہ مختصر هوا

ڊِيان واري ترنگ پيڙا واري ڪيفيت کي ٿورو جَهڪو ڪيو هو.

جيئن ئي ڊِيانَ جي ڪيفيتَ مان نڪتس تہ ڪي پل ان ئي ٽانئيڪائيءَ جي اثر ۾ رهيس. پر بي رحم سَچ تہ تلوارَ جيان سِر تي ٽنگيو بيٺو هو. منهنجو دماغ وري مِيرا جي ڳولا جي سوچَ-پچارَ ۾ اُلجهي ويو ۽ وري ڏک وري پيو. هاڻ مُنهنجو وارو هو سندس ڳولا تي نِڪرڻ جو. پر ان اڻ جاتل پنڌَ تي نڪرڻ کان اڳ مون سندس انهن مِڙني ٽاڪن تي وڃي سندس پتو ڪرڻ پئي چاهيو جن جي مون کي خبر هئي. الائجي چو دل چيو تہ سندس ڪجهہ دوستن سان رابطو ڪريان.

اهو سوچيندي اچانڪ ذهن ۾ آشا جو خيال آيو ۽ عجب ٻہ ٿيم تہ آخر مون آشا وٽ وڃڻ جو اڳ ۾ چو نہ سوچيوا اهو مُمڪن ئي نہ هو تہ هوءَ آشا کي ڪجهہ ٻہ سَلئي بنا هلي وڃي. آشا سندس واحد دوست هئي، جيڪا خود ٻڌ مَت جي پوئِوار هئي ۽ اسان جو هن سان هڪ گهر جهڙو واسطو هو. سنڌ ۾ الائجي ڪيترين ئي گڏيل ڊِيان ۽ يوگا جون گڏيل نِشستون رکيون هيُون سين. آشا جي گهر واري مهيش سان ٻہ منهنجو پنهنجو سنو واسطو هو. افسوس اهو هئم تہ مان سيِ ناتا ٽوڙي رشتن جو هڪ ڊگهو جهانُ ڇڏي ايئن هليو ويو هئس جو ٻيهر نہ وريس. هاڻ سندس ۽ پنهنجن پراڻن لاڳاپن سان ٻيهر رابطو ڪريان ها تہ ٻہ ڪهڙي مُنهن سان! نہ تہ پُڇي تہ مِيرا جي پنهنجي مائٽن کان ٻہ سگهيس پئي. پر انهن جي سامهون وڃڻ منهنجي تہ وس ۾ ئي نہ هو.

آشا سان رابطو ڪرڻ ئي هڪ واحد حل هو. اتان ئي مِيرا جو ڏَس پتو ملي ها. سندس فون نمبَر تہ مون وٽ هاڻ هو ئي نہ. بس گهر ياد هئم. صبح جو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي وڃڻ جو طئہ ڪري خبر ناهي ڪيڏي مهل سمهي رهيس.

صبح جو اُٿي تياري پڪڙيم. شيو ڪري پنهنجي پراڻي حالت ۾ ويس. ڪار اسٽارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. تمام مشڪل سان ڏِکي سان مڪينڪ تائين رسائي آئل وغيره وِجهرايم. تيستائين ڪُلهن تائين ڏڳها وار ڪٽرائي پاڻ کي نارمل ڪري آشا ڏانهن نِڪتُس. آشا جو گهر شهر جي ٻي ڪنڊ ۾ هو. سوچيم، جيجيءَ کان پوءِ هاڻ آشا جي حيران ٿيڻ جو وقت هو.

آشا گهر تي نہ هئي، پنهنجي اسٽوڊيو هئي. مون سائٽس اسٽوڊيو ۾ ئي وڃي ملاقات ڪئي. آشا فائين آرٽس جي شعبي سان واڳيل هڪ ڏاڍي ڀلي آرٽسٽ هئي. سندس اسٽوڊيوءَ ۾ چترڪاري ۽ مُورت۔سازيءَ جي شعبي ۾ ٻاڙَڪن کي تربيت ڏني ويندي هئي. هوءَ اين سي اي لاهور مان ۽ ان کان پوءِ ٻاهران بہ پڙهي آئي هئي. پهريان تہ هوءَ مون کي ڏسي عجب ۾ پئجي وئي. جهڙوڪر ڪيس ويساهُ ئي نہ ٿئي آيو تہ ڪو ايئن ڪنهن ڏينهن اچانگ هن جي مون سان مُلاقات ٿيندي.

هوءَ مون کي ڏسي عجب ۽ سرهائيءَ مان مُرڪي اُٿي ۽ پهرين جيان ئي تمام ڀرپور آڌرڀاءَ سان ملي، پر ٿوري ئي دير ۾ سندس منهن تان مُرڪ غائب ٿي وئي. جيڪو پهريون سُوال هن مون کان پُڇيو سو هو "جادم، تون ڪٿي گم ٿي ويو هئين؟" ان جو جواب مون وٽ اهوئي هو جيڪو هن بہ ڄاتو ٿئي، ان ڪري ان جواب کي ورجائڻ نہ چاهيم. ان کان سواءِ هن جي ان سوال ۾ پيهيل اصل سُوال پيو هو تہ "آخر تو وچي ڪري بنهہ رابطو ڇو ڪٽي ڇڏيو؟" مون ڪجهہ نہ ڳالهايو بس سِڌو سنئون پُڇيومانس تہ "آشا، ٻُڌاءِ مِيرا ڪٿي آهي؟"

"مون کي خبر نہ آهي، جادم!" اهو هو آشا جو تکڙو جواب. جيڪو منهنجي سُوال جي جواب ۾ تُرت سامهون آيو. سندس مُک تي عجب جا پاڇا ترسي پيا هئا. مان ارمان جي ڏُٻڻ ۾ وڃي ڪِريو هئس! منهنجي هورا کورا ۽ پيڙا جو تہ آشا کي اندازو ئي نہ هو. مون سوچيو پئي تہ ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ هئي تہ جي آشا کي بہ ڪا خبر نہ هئي تہ مِيرا ڪٿي هئي، تہ پوءِ ڪنهن کي خبر هوندي سندس باري ۾؟

"آشا توکي خبر نہ آهي تہ مِيرا ڪٿي آهي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙوڪَر منهنجو اهو جملو آشا کي نہ آئڙيو هجي. هن مون ڏانهن عجبَ منجهان ڏٺو پر ان عجبَ سان گڏ هلڪڙي طنز بہ ليئا پاتا ٿئي. جنهن کي مون اکين سان پڙهي ورتو. منهنجي ذهن تي طاري پشيماني ڏهوٽي وڌي وئي. سندس اکين ۾ مون لاءِ نِندا ڪيڏي نہ جائز هئي!

آشا وراڻيو: "واقعي. مون کي ڪُجهہ مهينن کان ڪا بہ خبر نہ آهي تہ هوءَ ڪٿي آهي، سندس فون بند آهي. گهر وئي هئس تہ اتي هئي ڪانہَ. سائين سُليمانَ جي گهر بہ ڪا خبر نہ ڏني هئائين."

"پر هوءَ سالَ اڳ جيجي سڪينہ کي تہ گهران اهو چئي نڪتي هئي تہ هوءَ منهنجي ڳولا ۾ ويندي... توکي تہ هن بابت هر خبر هوندي آشا، تون ئي تہ هئينءَ سندس واحد دوست جنهن سان هوءَ پنهنجي هر ڳالهہ سلينديل هئي، ڪو تہ ڏس پتو هوندو تو وٽ هن جو!؟"

اهو ٻڌي، آشا مون کي سخت افسوس مان ڏٺو... هاڻ سندس صبر جا بند ٽُٽي پيا. سخت ڏک ۾ ڪاوڙ مان چيائين "ها جادم! مان تہ هئس سندس دوست، پر تون ڇا هئين هن جو؟ تون ڪيئن هن جي محبت کي پني ڏئي ڪيس ڇڏي هليو وئين ٻڌ کي ماڻهن؟ ماٺي ورتو تو ٻڌ؟ خبر نہ آهي تہ ڪٿي ڀٽڪندي تي وتي، هيڏن سالن کان پوءِ هاڻي توکي ياد آيو آهي تہ ميرا بابت مون کا پڇڻ اچين؟"

مان ورنديءَ ۾ چا تہ چوان ها. سندس ڳالهہ سؤ سيڪڙو سچي هئي. کيس ٻڌندو رهيس. چيائين. "جادم! بي رحميءَ جي بہ حد هوندي آهي. جو مُڙي سندس تلاش تہ نهيو سندس بابت ڪنهن کان پڇيئي بہ نہ. توکي تہ خبر بہ نہ هوندي تہ تنهنجي وڃڻ جي سال اندر ئي ساڻس هڪ وڏو حادثو تي ويو..."

منهنجي دل جي ڌڙڪڻ بنهہ بي ترتيب ٿي وئي. بي صبريءَ سان پڇيم. "ڪهڙو حادثو آشا، ٻڌاءِ مون کي...؟"

چيائين. "جادم هڪ تہ تون هن کان هڪ پل بہ وِسرئين نہ پئي. تنهنجو انتظار ڪري ڪري ٿڪي تہ تنهنجي ڳولا جي سفر تي نِڪرڻ لڳي. پر ان کان اڳ. تمام ٿوري وقت ۾ لاڳيتو ٻن صدمن مان گذري، سندس پيءُ ۽ ماءُ ٻئي هڪبئي پنيان گذاري ويا. ان ڪري تنهنجي پويان نڪرڻ جو خيال هن ٿورو اڳتي ڪري ڇڏيو هو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ٻڌي مان ويتر تڪليف ۾ ٻڏي ويس. مون کي سندس ماءُ سان سندس ويجهڙائي، پيار ۽ دل ياد آئي. هوءَ اهڙن اذيتناڪ حادثن مان گذري! ڪيئن سَنا هونداڻين اهڙا الميا اڪيلي سِرا!

”هوءَ گهر جون چابيون سائين سُليمان جي گهر ڏئي هڪ ڏگهي پنڌ جو ساز سامان کڻي مون وٽ ٺي آئي هئي، ڪجهه ڏينهن مون وٽ رهي. وٽس تنهنجو ڪو بہ ڏَس پتو نہ هو مون کيس ايئن بنا ڏَس پَتي جي، کيس ننڍڙڪو ڇڏي ويل ماٺهوءَ جي ڳولا ۾ وڃڻ کان روڪيو پئي پر هن نہ مڃيو. جنهن ڏينهن تي کيس وڃڻو هو ان ڏينهن تہ مون کيس مِنٿون ڪري وڃڻ کان روڪي ورتو هو ۽ پاڻ وٽ هفتو کن وڌيڪ زوريءَ ترسائي ورتو هئم پر پوءِ نيٺ هوءَ هلي وئي.

ان ئي هفتي ۾ اسان گڏجي سندس اينڊرسفر جي امڪاني اثبات ۽ نفيءَ تي ڳالهايو هو. هوءَ تنهنجي سِڪ ۾ پرندڙ ڪانيءَ جيان ڏُکي پئي. ان ڪري منهنجي ڳالهہ ۾ منطقي نقطا هوندي بہ مان کيس راضي نہ ڪري سگهي هئس تہ هوءَ تنهنجي ڳولا ڇڏي ٻيهر پنهنجو گهر وسائي پر هن نہ مڃيو.

جڏهن هوءَ مون وٽ رهيل هئي تہ ان ئي دوران کيس سندس پيءُ جي مرتيي جي خبر آئي. هوءَ گهر هلي وئي. ان اوچتي حادثي کيس ٻهوڙي وڌو هو پر تڏهن بہ هن مون کي اُتي بہ اهو ئي چيو هو تہ مهينو بہ ڇڏي پوءِ هوءَ تُنهنجي ڳولا ۾ نڪرندي. بدبختي اها هئي تہ سندس پيءُ جي وڃڻ جي ٻن مهينن اندر ئي سندس والده بہ گذاري وئي. انهن حادثن کيس ايترو تہ زخمي ڪري ڇڏيو جو سندس وُجُود تي هر پل پيڙا جي ڇاپَ نظر ايندي هئي. هڪ اهڙي ڇاپَ جيڪا لڳو تہ سڄي عمر ڪنهن گهري زخم جيان نظر ايندي رهندي.“

اهو چئي آشا ڪي پل ماٺ ڪري مون کي تڪيو. مون کي سندس ماڻٽن جي ايئن هِڪبئي پويان وڃڻ جو شديد ارمان ٿيو هو. سوچيم، ماڻٽن جي وڇوڙي سندس دردونديءَ دل کي ويتر وڌيڪ آزاريو هوندو. ان ٻِٽي پاڇاريءَ کي هن ڪيئن سَنو هوندو، اُن پيڙا جو ڪاٿو هو مون کي.

آشا ڳالهائيندي رهي. ”جادم تو تہ سفاڪيءَ جون هَڙئي حدُون اورانگهي ڇڏيون ۽ پنجن سالن کان پوءِ هاڻي پيچڻ آيو آهين تہ مِيرا ڪٿي آهي! اِهو تہ مون کي تو کان پڇڻ گهرجي تہ آخر مِيرا وئي ڪيڏانهن. تو سندس اِڳ ۾ سارَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو نہ لڏي؟ ڪيس اڳ ۾ چو نہ ٻوليو؟"

مون وٽ ان ڪُڙي سچ تي سواءِ ماٺ رهڻ جي ٻيو ڪهڙو جواب هو تہ مان ڪانئس ٿي تہ ٽياڳ تي هئس. ساڻس رابطو ڪيئن ڪريان ها؟

دل ٻڏي چيم: "بس آشا! ان ڳالهہ کي ڇڏ. هاڻ مان ڪيس ڳولڻ نڪتو آهيان منهنجي مدد ڪر ۽ مون کي ٻڌاءِ تہ هوءَ ڪڏهن ۽ ڪيئن نڪتي؟"

آشا مون کي تَڪي هڪ ٿڌو ساهُہ ڀريو ۽ پوءِ ٻڌائڻ شُروع ڪيائين: "پيءُ ماءُ جي دنيا ڇڏڻ کان پوءِ هوءَ اڪيلي ٿي پئي هئي. ماءُ جي چاليهي کان پوءِ هوءَ مون وٽ جڏهن آئي تہ ڏاڍي ٿُتل قِتل انسان لڳي. اڪثر مون وٽ رهندي هئي يا وري هتي پنهنجي گهر ۾. پر اُتي اڪيلي هئڻ ڪري مان اڪثر ڪري ڪيس پاڻ وٽ وٺي ايندي هئس.

ويجهڙ کان اڳ بہ هوءَ مون وٽ ڪجهہ هفتا رهي پئي هئي. ڪي ڏينهن تہ سندس اکيون ئي نہ ٿئي بيٺيون. پر سچ اهو آهي تہ جڏهن هن پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش شُروع ڪئي تہ هن ڀرين ڀرين تو بابت ڳالهائڻ شُروع ڪيو. مان سمجهان ٿي، جادرا جي تنهنجي جهوري نہ هجيس ها تہ هوءَ شايد جهونن ۽ عليل والدين جي وڇڻ تي اصل ايئن ڍهي نہ پوي ها جو ڪيس اُٿڻ ۾ مهينا لڳن ها.

هوءَ هڪ ئي وقت ٽِن مؤتمار وِڇوڙن جا اُهڃاڻ کنيو پئي وتي. سندس اکيون ڏينهن ۾ الائجي ڪيترا ڀيرا ڀرجي ايندڻيون هيون. هوءَ فوٽن جا البم پئي ڏسندي هئي، پاڻ کي تو کان الڳ سمجهيائين ئي نہ ٿئي! پر تو ڪيس ۽ سندس ويساهہ کي توڙي ذريُون ذريُون ڪري ڇڏيو هو."

آشا ٻڌائيندي رهي ۽ مان ڪيس غور سان ٻڌندو رهيس، ان جو ئي تہ مون کي شديد افسوس ۽ پڇتاءُ هو تہ ڪيس ايئن سُورن جي سنگينين سان آشنا ڪيم. ڪاش تہ اها سِڪيا ڪيس جفا جهڙي بي رحمي ذريعي نہ ڏيان ها.

مون آشا کي غور سان ٻڌو پئي، پر مون کي سندس گفتگوءَ جي اُن موڙ تي رَسڻ جو انتظار هو جتي مِيرا جي ڏس پَتي جا پَيرا چِٽا ٿي بيهن ها. آشا ڳالهائيندي رهي.

"هوءَ ان وچ ۾ هڪ ڀيرو پنهنجي اباڻي گهر ۽ قبرستان جو بہ چڪر لڳائي آئي هئي. پنڌ تي سَنبهڻ کان ڪجهہ هفتا اڳ مون وٽ آئي. اسان جو اهو وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪچهرين ۾ گذريو. مون هن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جيتوڻيڪ هاڻي هوءَ ڪجهه بهتر تي نارمل زندگيءَ ڏانهن ورڻ لڳي هئي پر تنهنجي پويان نڪرڻ جو ته ڪيس جُنون سوار هو.

اُها آخري رات جنهن جي صبح هوءَ نڪتي ٿئي. اسان ٻنهي دير تائين جاڳي هڪٻئي سان حال اوريا هئا ۽ سندس ان قدم جي حوالي کان مختلف پاسن کي قلهوريو به هو پر مان ڪيس مڃائي نه سگهي هئس. مون محسوس ڪيو ته ان صدمي مان گذرڻ کان پوءِ تولاءِ سندس مانداڻي ايترو ته وڌي چڪي هئي، جو اُن جو بارُ سندس وُجُود کان به ڳرو ٿي چڪو هو.

آخري رات هن ڪافي گهريون ڳالهيون پئي ڪيون. اسان ڪافي ذومعنويت ۾ ڳالهايو هو. مون ڪيس چيو: "مِيرا! تون ڪچو گهڙو کڻي ڪُنن ۾ گهڙڻ لاءِ آتي آهين" ته چيائين. "گهڙي تي ويساهُ اٿم. اهو پار پُڄائيندو". چيومانس. "جي گهڙي مان ٻچيڻ ته مَيهر ٻوڙيندُئي. اهو اڳ ئي هليو ويو ۽ تون پاڻيءَ تي پئي پيرا ڳولين." ته خبر ٿئي جادم. ڇا جواب ڏنائين؟ چيائين. "نا مُمڪن. مَيهَر جا پيرا منهنجيءَ دل تي آهن. هو منهنجي انتظارَ ۾ آهي."

اِهو ٻُڌي مان اندر جي پيڙا کان وڌيڪ ارمان ۽ پڇتاءَ ۾ ٻيٺو تي پيس. سندس ان ويساهَ جو ٻُڌي اکيون ٻِنيون هئم.

آشا جي ان ڳالهه مون کي هڪ پيرو وري وڃي ڏکن جي آڙاهَ ۾ ڪيريو ته مِيرا ان ويساهَ سان منهنجي ڳولا ۾ نڪتي جو سندس خيال ۾ مان به سندس انتظاريءَ ۾ هوندس! آخر هن منهنجيءَ دل ۾ ايندڙ احساس کي ان احساس جي اڇڻ کان سال اڳ ڪيئن طئہ ڪري ورتو هو؟ مون سخت پڇتاءَ ۾ آلين اکين سان آشا کي تڪيو.

بيوسيءَ منهنجي سموري وُجود کي پنهنجي پِڪوڙَ ۾ اهڙو ته سوڙهو ڪيو هو جو مون ان مهل رُوح جي پيڙا جونِ انتهائون پَسيون پئي. جڏهن سندس پاڳَ ۾ مون سرگرداني. اڪيلائي ۽ رولاڪيءَ جهڙا اذيت ناڪ ۽ اَڻ کُٽ جوکا لکيا هئا ته هاڻ منهنجو ئي فرض هو ته ڪيس انهن مان آزاد ڪري، ماڳ تي موٽائي آڻيان ها. آشا سان مِلڻ کان پوءِ ته مون پُختي ويساهَ سان طئہ ڪري ورتو هو ته ڪيس موٽائي آڻي پنهنجو گهر وري وسائيندس. پوڙي پنڌ جو پئي گڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيندا سين تہ اُن کي ڪيئن اڳتي ڪٽي هلجي.

آشا تہ فقط ايترو ئي ٻڌايو هو تہ هوءَ تہ اهو چئي وٺانئس نڪتي هئي تہ مون کي ڳولڻ وڃي رهي هئي. يعني هاڻ تہ ڪنهن بہ شڪَ جي گنجائش ئي نہ هئي، اها ئي وات بچي هئم تہ مان بہ هاڻ ٻيڙي ذريعي ڪانڊلا ۾ اتان کان لَداخ رَسان.

آشا کان سندس ڏس پتو ورتم تہ جيئن کيس مِيرا بابت خبر ڏيان. اتان نڪري لداخ ڏانهن سواريءَ جا وقت معلوم ڪري گهر موٽي آيس. مون پڪو پھ ڪري ڇڏيو هو تہ کيس ڳولي ئي لهندس.

گهر موٽي جيتري ٿانئيڪائي محسوس ڪئي هئم، اوتري ئي ويراني بہ هئم ڇوڏاري نخبر نہ آهي ڇا سُجهيم. سموري گهر جي صفائي ڪرڻ شروع ڪيم. ڇَنڊي ڦوڪي، ٻهارو ڏئي ڌوئي بلڪل ان گهر جيان ڪري ڇڏيم جيڪو مِيرا جي هَٿن هيٺ هوندو هو. ان کان پوءِ وهنجي سهنجي تيار ٿي هڪ ويجهي هوٽل تي ماني کاڌم. موٽي اچي جيجي سڪينہ سان هڪ ڀيرو وري مليس. کيس ٻڌايم تہ مِيرا کي ڳولڻ لَداخ ٿو وڃان. واعدو ڪيومانس تہ کيس اطلاع ڪندس. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ٻيڙي ذريعي نڪري ويس. هن ڀيري مون کي پوڙين. يا وري صوفين جو ڪو بہ ٽولو نظر نہ آيو. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ سازندن جي.

مان هڪ مخصوص جاءِ تي ويهي رهيس تہ جيئن اُتان آسمان تڪي سگهان. مون ڪالهہ کان ڏِيان جي مشق نہ ڪئي هئي، سوچيم پئي تہ ڏِيان ڪري وٺان پر سوچُن ارتڪاز کان روڪيو پئي.

ساڏوا توڻ تصور ڪري سگهين ٿو تہ مان ڪهڙن ٻواٽَن ويندي چوواٽن تي بيٺل هوندس! سندس وڇوڙي جي تہ پيڙ هئي ئي، پر هاڻ عجب هيجان هئم ذهن ۾ تہ آخر هوءَ ڪٿي هوندي؟ ڪهڙن تجربن مان گذرندي هوندي، ڪنهن ڪنهن مهل تہ اهو بہ پئي خيال آيم تہ اتان ڪنهن ٻئي هنڌ نہ نڪري وئي هجي؟ هاڻ تہ بس ڳولا ئي ڪرڻي هئي مون کي سندس ۾ مون لاءِ اها رڳو جسم جي نہ. رُوح جي سرگرداني بہ هئي.

ياد ٿئي گرو، تو لکيو هو تہ ڏَند-ڪٿائن تي غور ڪري سندن ڳُجهہ لهي کين سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. مِيرا جي ڳولا بہ هڪ ڏَند-ڪٿا جيان ئي لڳي پئي ان مهل. جنهن جو ڳجهہ جڏهن کُلندو تہ خبر نہ آهي منهنجي حياتيءَ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي ۽ آسمان ڪيئن هوندا. پر مون کي ان دوران عجب اسرار پئي محسوس ٿيا. ذهني لقائن ۾ حُسن، عشق، اونداهي، پيڙا، سُرور ۽ ٽياڳ جهڙن انيڪ متضاد احساسن جا ملندڙ جُلندڙ منظر پئي جهلڪين ۾ نظر آيا. هڪ اهڙو پنڌُ هو جنهن ۾ خوف ۽ سُرور جي وَهانڌَ هئي جنهن ۾ مان پئي ويس لُڙهندو.

پر مان وڌي ويساهَ سان توکي ٻڌايان ٿو تہ غم، پيڙ ۽ خوف جي هوندي بہ سندس ڳولا جو سُرور مڙني احساسن منجهان وڌيڪ پرزور ۽ حاوي هو. ان ڪري جو منزلن ڏانهن پنڌَن ۾ ايئن ٿي تہ ٿيندو آهي تہ هڪ پاسي منزل تي رَسڻ جو آسرو هوندو آهي تہ ٻئي پاسي وري ان تي نہ پڄي سگهڻ جا ڀؤ بہ پيا لامارا ڏيندا آهن. ڪٿي رستن تي اونداها گس ايندا آهن تہ ڪٿي روشنيون، اميد ۽ نااميدي هٿ ۾ هٿ ڏئي گڏ هلنديون آهن. چپن تي مُرڪ ۽ اکين ۾ لُڙڪَ هوندا آهن. اهو ئي سبب هو تہ خوف ۽ سُرور گڏ گڏ هئا.

پلا سُرور ڇو نہ هجي ها حاوي؟ سندس ڳولا ۾ وڃڻ بہ تہ جَهڙوڪر عِشقَ جي ڳولا ۾ وڃڻ هو مان پنهنجي ٻڌ جي ڳولا ۾ وڃي رهيو هئس. پيارا ساڌوا! توکي منهنجو ايئن چوڻ ڪاوڙائي تہ نہ ٿو؟

منهنجي حياتيءَ جو اهو سچ آهي، ساڌوا جي مون مِيرا کي ڇڏي ڏنو تہ مان ٻُڌ بہ وڃائي ويهندس. مِيرا کي ساڻ ڪري جيڪي پنڌ مان ڪٽندس، ان ۾ ٻُڌ بہ لازمي طور ملندو. منهنجي اها دعويٰ توکي پلي تہ اُبهري لڳي، پر قديم ماضي هجي يا ايندڙ دورن جا اڻ ڏٺا مقام هجن، ٻُڌ مت جو مطلب اهو ئي هو ۽ اهو ئي رهندو. ٻُڌ مت کي جيڪڏهن هڪ جملي ۾ بيان ڪجي تہ مان تہ چوندس تہ ٻُڌ مَت محبت ذريعي انسان ذاتَ کي پيڙائن مان ڪڍڻ جي واٽ آهي.

قديم دؤر کان وٺي اڄ تائين عظيم ٻوڌِي سَتوا انساني اَهَنجن ۽ پيڙا جي آجپي لاءِ ڪم ڪندا رهيا آهن، اهو محبت جو ئي نتيجو آهي. مثال تو خود دوا دارونءَ جي ٻوڌِي سَتوَ بابت لکيو هو. جنهن بابت پڙهي لڳو تہ هو ٻوڌِي سَتوَ تہ هڪ سماج سُڌارڪ ۽ ويڄُ هو. اهي بہ مُحبت جا لازمي نتيجا آهن نہ؟ شين ۽ جذبن جي سخاوت جا اَنيڪ مثال آهن، جن سان ٻُڌ مَت ۾ حُسناڪي ۽ عشق جو هڪ سَمُونڊ پيو ڇُلي، جذبن جي آسمان هيٺ. محبوب ۽ عشق، ٻئي هن ڪائنات جا جاوِدان مَظهرَ آهن ٻوڌِي سَتوَا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان انهن مڙني سوچن ۾ غلطان وينو سامونڊي پنڌ منجهه پاڻ بہ اندر جي عجب ماڳن تان گذري رهيو هئس. جَهڙوڪر جهاز جيئن سمونڊ چيري گذريو پئي، تيئن ئي سوچون منهنجي رُوح مان گَس ٺاهينديون پئي ويون. اندر جا سامونڊڪا گس ڪهڙا ڪهڙا پنڌ ڪرائيندا ان جو ڪاٿو ڪٿي نہ هئم پر اُهڃاڻن مان سو سُجهيم پئي تہ ڪهاڻي تہ بنهہ ڏگهي آهي. انهن ئي سوچن دوران محسوس ٿيم تہ ڪو ماڻهو منهنجي پاسي ۾ اچي وينو آهي، پنهنجي ساڄي طرف منهن جي ڦيريان تہ هڪڙو مسافر مون ڪي ڏسي مُرڪي رهيو هو. چيائين، "لڳي ٿو اندر ئي اندر ۾ ڪي پچارون پيا ڪيو. اوهين دل ۾ نہ ڪريو تہ مان اتي اوهان جي پر ۾ ئي وينو رهان؟" هو مون کي تصورن جي دنيا مان ڪڍي سامونڊي دنيا ۾ واپس وٺي آيو. موٽ ۾ کيس مُرڪي ڏنم ۽ هاڪار ڪيم.

پنڌ دوران هڪ انسان جو ٻئي انسان سان هجڻ جو تہ احساس ئي پنهنجو هوندو آهي

مون مٿس غور ڪيو. وچولي قد ۽ جسامت جو تيهن کان پنجٽيهن ورهين جو جوانَ. کيس پُوري ۽ ناسي رنگ جي چيڪ واري قميص ۽ ناسي رنگ جي پينٽ پهريل هئي. سفيد چمڪندڙ رنگ جي چهري تي گهري ناسي رنگ جون اکيون، منهن تي وارن جي گهاٽاڻ، گهاٽا ڀرون. ڪڪائين ناسي رنگ جون گهاٽيون مڇون، ٻهار ۾ عجب ڪشش. اکيون جڻ عجب پرولين جا ڳجهہ پچڻ ۾ رُڌل. مٿان مُرڪ بنهہ دوستاڻي. لڳم جَهڙوڪر ڪا پراڻي سُڃاڻپ هجي ساڻس.

مون کي سوچن ۾ گم ڏسي پاڻ ئي وري ڳالهہ ڇيڙيائين، "ڪير آهيو پاڻ ۽ ڪهڙي منزل ڏانهن نڪتا آهيو؟"

ورندي ڏني مانس، "سائين جادم نالو اٿم. ليکڪ آهيان ۽ ٻوڌي پيروڪار آهيان. ٻڌ جي ڳولا ۾ آهيان. اوهان ڪير آهيو؟" اهو ٻُڌي مُرڪي پيو ۽ سرهائيءَ منجهان چيائين، "اوهان جو لباس، ٻوڌي مالا، هٿ ۾ ڊائري اهو ئي ٻڌائين ٿا. جيڪو اوهان چيو. منهنجو نالو ڪبير آهي، مان فوٽوگرافر ۽ وڊيوگرافر آهيان. هڪ ڪم لاءِ لَداخ وڃان پيو."

هن ٻنهہ اوپري ماڻهوءَ سان ملي مون کي سرهائي محسوس ٿي. جو سندس منزل بہ اهائي هئي جتي منهنجي ڳولا جا مقامَ هئا. هن مون کان منهنجي منزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ۽ ڊِيان شُروع ڪري ويس.

پارڪ کي ڪنهن وڏي چينائي عمارت جي ٻاهران بينل ڏسان ٿو جتي ماڻهن جو ميڙاڪو آهي. جَهڙوڪر ڪو ميلو آهي ۽ اها عمارت ڪنهن زين ساڌوءَ جو مقام لڳي ٿي. مان ان ميڙاڪي کي ان جي ٻاهران بيهي پَرتان ڪان ڏسان پيو. ڪبير ان ميڙاڪي جا فوٽو ڪڍي رهيو هو جن ۾ ٻوڙي نارِيون ۽ مرد ٻچن ڳائي رهيا هئا. اوسي پاسي مان انسان آيو ويو پئي. جيڪو ويندي ويندي ان ميڙاڪي تي هڪڙي نظر وجهندو ويو پئي. ڪبير ڪيتري ئي دير تائين فوٽا ڪڍندو رهيو ڪجهه دير ڪان پوءِ جڏهن ٻچن پورا ٿيا تہ هو هڪ جهوني ٻوڙياڻيءَ سان ويهي ڪچهريون ڪندو ۽ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهه لکندو بہ رهيو پئي.

مون کي مِيرا جو ڪو بہ خيال نہ ٿئي آيو. مان ان لقاءَ کي تڪيو ويني رڳو. جَهڙوڪر اسين سامونڊي پنڌَ ۾ هئاسين ئي نہ. پنڌَ دوران ڪبير ۽ مان ڪٿي لهي بينا هجون ۽ ڪنهن ميڙاڪي جو حصو بڻيا هجون. ڪبير ٻوڙين ڪان انٽرويو وٺندو رهيو. تيستائين مان پريان ڪان ويني ميڙاڪي کي پَسيو پئي.نيٺ سِجُ لهڻ جو وقت اچي ٿيو ۽ مون ڪيس سڏڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هاڻي واپس موٽجي. پر هو منهنجي وُجُود ڪان بيخبر. پهرين تصويرن ڪڍڻ ۽ ان ڪان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ رڪارڊ ڪرڻ ۾ رُڌل هو. مان اِهو سوچي ماٺ رهان ٿو تہ نيٺ هو پنهنجو ڪم چڏائي واپس موٽندو.

ان وچ ۾ اچانڪ پريان ڪان سفيد رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ڪبير سان بينل هڪ نارِي ڏسان ٿو اها مِيرا ٿي لڳي. پر پَڪ نہ آهي. چاڪاڻ تہ هوءَ پُنيري آهي. ڪيس تڪيان ٿو تہ مُڙي ڏسندي پر هوءَ ايئن مُنهن مون واري پاسي ڪرڻ بنا هيڏي هوڏي تيندي رهي ٿي. ڪنهن مهل ڪنهن ٻوڙيءَ سان ڳالهائي ٿي تہ ڪنهن مهل ڪبير سان. مان اُتاولو آهيان. سوچيان ٿو تہ آخر هوءَ مُڙي چو نہ ٿي ڏسي.

ان ئي مهل پاسي مان نارِين جي حقن لاءِ جاڪوڙ ڪندڙن جو هڪ قافلو گذري ٿو. هڙئي سفيد رنگ جي ساڙهين ۾ آهن ۽ سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ آهن جن تي ڪنهن عجيب ٻوليءَ ۾ لکيل مواد آهي. پر ان کي مان پڙهي نہ پيو سگهان. اهو قافلو گذري ٿو وڃي. اچانڪ ڏسان ٿو تہ هوءَ نارِي بہ غائب آهي. چڻ قافلو ڪيس ساڻ ڪڻي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيان ٿو ڪبير اچي ته ڪانئس پڇان ٿو ته اُها نارِي مِيرا ته نه هئي. پر ڪبير پنهنجي ڪم ۾ رُڌل آهي. نيٺ رات اچي متان پوي ٿي. اها پوڙهي عمارت روشنين سان جرڪي پئي. ميڙاڪو هاڻ ڪنهن حد تائين ڇڊو ٿي ويو آهي. پر ڪبير ڪجھ پوڙهين سان ڳالهائي پيو. ايتري ۾ وري اها ئي سُفيد ساڙهيءَ واري نارِي اچي وٽس بيهي ٿي، پنيري، هڪ پيرو وري سندس مٽڻ جو انتظار پيو ڪريان. هاڻي رات جي بتين ماحول کي هلڪڙي روشني عطا ڪئي آهي. سفيد عمارت جي سرخ جهوپڙائن ڇپرن سان تيل اڏاوتَ تاريخ جو عظيم اُهڃاڻ لڳي رهي هئي. اڄان اهو سوچيم ئي پئي ته هوءَ نارَ مُڙي ٿي ۽ مان نراس ٿيس! ان ڪري جو اها مِيرا نه پر هڪ سخت جسماني تپسيا ڪيل نوجوان پوڙِياڻي هئي. جنهن جي هڏائين مُک تي پِڪشوئاڻي جوڪي جي ڏنل شانتِي هئي.

ايئن منهنجو مُشاهدو پورو ٿيو. پر ساڏوا ٿور سوچ ته سهي ۽ پُڏاءِ ته اِهو ڇا آهي. مون گهڙيءَ تي وقتُ ڏِسي ڪاتو لڳايو ته هي مُشاهدو جيڪو فقط پنجويهن منٽن جو هو پر ڏيانَ دوران مون اِن کي ڪنهن پوري ڏينهن جي ڪهاڻي محسوس ڪيو هو. مون کي سمجهه ۾ نه ٿئي آيو ته آخر اِن جو ڇا سبب هو ته هاڻ مان مختصر منٽن واري ڏِيان جي مشاهدي ۾ وقتَ جا ڏِگها سلسلا پِسَي رهيو هئس. اهو ڪيئن ٿي رهيو هو مون کي ان جي ڪا به خبر نه هئي. بس حيران هئس.

مون اکيون کوليون ته ڪي پلَ حالَ سان پاڻ کي ڳنڍي نه پئي سگهيس. جَهڙوڪر جهازَ ۾ اها ڳاڙهن ڇپرن واري سفيد عمارت ڳوليم ٿئي. سامهون ڏنم ته ڪبير ڪنهن ڪتابَ ۾ گُم هو.

ڪبير منهن مٿي ڪري مون ڏي ڏٺو. مُرڪي ڏنائين ۽ چيائين، ”سو تنهنجو ڏِيان پُنو يوگي.“ مون به ڪيس نِهاريو. سوچيم ته ڪيس ٻڌايان ته مون مُشاهدي ۾ ڪيس سندس تحقيقي ڪم ڪندي ڏٺو پر ڪيس اهو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ بِنهه غير ضروري ان ڪري لڳو. جو ڪيس پوڙِي مشقن توڙي مِيرا سان وچوڙي جا احوالَ سَلڻ کان سواءِ اِهو سمجهائي نه سگهجي ها.

ڪيس مُرڪي ڏنم ۽ پُڇيومانس ته هو ڇا پڙهي رهيو هو جواب ۾ ڪِتاب جو عنوان وارو ڪَوَر مون ڏي ڪيائين. گارشيا جو ”اڪيلائيءَ جا سَؤ سالَ“ پڙهي رهيو هو... مون کي هڪدم ان ناول جي مُک ڪردارن جي ستن نسلن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنتهائن ۾ ڪيڏندا تہ ڪي وِچٽرائيءَ جي علامت بڻبا. ياد اٿم تہ هن ڪتاب پڙهڻ دوران تنهائيءَ جو سُورُ هن ناول ۾ جيئن هليو ٿئي، تيئن منهنجو رُوحُ بہ ان پيڙا جي دؤر ۾ هليو ٿئي. هن ناول جي ڪهاڻيءَ مون کي ڪهاڻي بنائي ڇڏيو هو. مون کي لڳو اهو هر ڪنهن سان ٿيو هوندو تہ هر پڙهندڙ اهو ناول پڙهي پاڻ بہ هڪ ڪهاڻي بڻجي ويو هوندو. ڪبير سان ۽ مِيرا سان بہ. ڇا ايئن ئي ٿيو هوندو؟

هِسپانوي ادبَ جي حُسناڪ دنيا ڪنهن کي نہ موهيندي؟

لمحن ۾ ئي منهنجي ذهن تي هِسپانويتَ طاري ٿي وئي. هِسپانوي ادب، رقص، راڳ، مشروبَ... سوچيندو رهيس.

مون ۽ ڪبير جي وچ ۾ ماٺَ جي هڪ بي وِٿي اچي وئي. ايئن ان پنڌَ دوران مون هڪ ڀيو بہ ڏِيان ڪري ورتو. هن ڏِيان ۾ مان حقيقي دنيا کان ايترو تہ باخبر هئس جو مون جهازَ ۾ موجود ماڻهن جي گفتگوءَ کي بہ جَهرُوڪَر ٻُڌو پئي. مان هڪ ئي وقت مشاهدي توڙي حقيقي دنيا کي محسوس ڪري رهيو هئس.

مشاهدي ۾ مون هِسپانوي خانقاهہ ڏٺي جنهن ۾ هلڪي آواز ۾ لاطيني موسيقي پئي هلي، اتي مِيرا سُفيد ساڙهيءَ ۾ ويٺي هئي. جَهرُوڪَر اسين ان لقاءَ مان نڪري وري خانقاهہ آيا هجون. مون ڪبير کي ڳولڻ شروع ڪيو ايترو سُجاڳ هئس جو ڪبيرَ کي جهازَ ۾ ويٺل بہ محسوس ڪيم پئي پر ان خانقاهہ ۾ بہ پئي ڳوليومانس. هو هڪڙي ڪُنڊ تي پوڙين جي هڪ مختصر ٽولي سان ڪچهريءَ ۾ گم هو. هن جي پير ۾ سندس اها ئي ڪئميرا ۽ جديد گودڙيءَ نما ٿيلهو رکيو هو. مِيرا سفيد ساڙهيءَ ۾ هئي ۽ ڪبير کي اهي ئي ڪپڙا هئا پاتل جيڪي هو جهازَ ۾ پهريل هو.

ڪيڏو نہ عجيب هو اهو. مان ڪيئن هڪ ئي وقت ٻنهي لمحن ۾ هئس، جهازَ ۾ بہ تہ اُن خانقاهہ ۾ بہ. هي منهنجي اندر ۾ ٻِت ڪهاڻي ڪيئن گهڙجي رهي هئي. سمجهہ ۾ نہ ٿئي آيو.

اڪيلائيءَ جي بدترين گهرائين ۾ ڪِريل هُجڻ باوجود بہ اهو احساس هُجڻ تہ ان لمحي ۾ مان مِيرا سان گڏ جيئي رهيو هئس. ان سوچَ ۾ ٿانئيڪائي هئي. مِيرا جي دوريءَ ۾ محبت منهنجي اندر ۾ اڪيلائيءَ جون ڪاهيُون کوٽي رهي هئي. گارشيا سَؤ سالن جي اڪيلائيءَ ۾ وُجُودن جي اندر جي ڪاهين جو ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ذڪر ڪري رهيو هو. هر شئي ۾ محبت هئي: بدترين حياتيءَ ۾ بہ ڪجھہ نہ ڪجھہ هو جيڪو قابلِ محبت هو. ان تڪليفَ جي اِنتهائن جي باوُجود بہ اِن ڪري انسانن تي راڄُ فقط محبت جو هوا پوءِ اهو مُحبت جي موجُودگيءَ جو راڄُ هجي يا غير موجُودگيءَ جو. انسان تي اهو ئي راڄ حاوي رهي ٿو.

جهاز مختلف سامونڊي مقامن تان گذرندو نيٺ پنهنجي ماڳ تي رَسيو... سفر هو سو نِبري ويو. اڳتي بہ ڪچهري. ماٺ ۾ ڏيان جي مختلف دورن مان گذرندي ۾ پنڌَ جا سَنڌَ سَنڌَ پرکي لَداخ پيڙا ٿياسين. اسان هِڪٻئي کان موڪلايو پر پيهر ملڻ جو واعدو ڪري پوءِ الڳ ٿياسين.

مان اڳَ ۾ هيمِس بوڌيشالا آيس. ان ڪري جو مون کي دوستن ذريعي پتو پيو هو تہ اجڪلهہ ساڌو چوفيل تِڪسِيءَ بدران هَيمِس بوڌيشالا ۾ رهيو ٿئي...

هَيمِس بوڌيشالا تبتيائي ٻُڌ مَت لَيهہ شهر کان پنجيتاليهہ ڪلوميٽر پري وسيل آهي. يارهين صديءَ کان وُجود رکندڙ هَيمِس بوڌيشالا کي 1672 ۾ لَداخي بادشاهہ سينگي نئمگيال پيهر قائم ڪيو. ساڌو چوفيل سان منهنجي پهرين ملاقات پدما سمياوَ ميلي ۾ ٿي هئي. اُن کان پوءِ وٽس زيرِ تربيت رهيس.

ساڌو چوفيل سميت ٻين ساڌن سان مليس، ڪين پنهنجا سنڌ ۾ تربيت جا احوالَ اوريم، سندن حال ورتم. منهنجن احساسن ۾ پيڙا هوندي بہ هڪ چاهَ جو اثر طاري هو. لڳو پئي مِيرا هن بوڌيشالا ۾ ڦري هوندي. هتي ڪيس سڀ سُڃاڻندا هوندا ۽ مون کي ٻڌائيندا تہ ڪا نارَ منهنجيون پُڇائون ڪندي هتي آئي هئي پر پراڻن ساڌن مان مون سان ڪنهن بہ اهو نہ سليو.

رات جو اڪيلائي ملي تہ مون ساڌو چوفيل سان مِيرا جو قِصو سليو ۽ ڪيس پنهنجو سمورو قِصو بہ ٻڌايم تہ مان تياڳ جي سختيءَ کان ڊڄي اهو نہ پيو ڪريان. پر مان ويساهہ ڪريان ٿو تہ مِيرا ۽ مان هِڪٻئي کي تياڳڻ بدران گڏجي نِرواڻ ڏانهن پنڌ ڪٽي سگهون ٿا ۽ ٻُڌ مَت گهٽ ۾ گهٽ ان محبت کي نِرواڻ ۾ رستي روڪَ نہ ٿو سمجهي. ان ڪري مان مِيرا جي ڳولا ۾ نڪتو آهيان.

جيڪا منهنجي ڳولا ۾ نڪري هتي آئي هوندي. منهنجيون اهي ڳالهيون ٻُڌي ساڌو چوفيل هڪ بيحد گهري نگاهہ مون تي وڌي ۽ ڪي پل مون کي ڏسڻ کان پوءِ چيائين، هڪ نارِي هتي هڪ بہ دفعا آئي هئي، تنهنجو پُڇيو بہ هئائين، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُوٽي آهي، مون کُس نہ مَتايو آهي. نہ ئي ماڳ. مون رڳو پنڌ ۾ پنهنجو دل گُهريو ساٿي ساڻ ڪٽي هلڻ جو سوچيو آهي."

ساڏو ماٺ رهيو. چيائين، "اهو پنڌ ڪٽي ان تي هلي ڏس. جادم. پاڻ کي ان کان روڪڻ سان نہ تہ تون پاڻ پلي سگهندين. نہ ئي وري اڳتي وڌي سگهندين. چاڪاڻ تہ تو ٻُڌ مَت تي ويساھ نہ متايو آهي. تو ٻُڌ مَت بابت هڪ ٻيو بيان جاري ڪيو آهي تہ اصل ٻُڌ مَت هيئن آهي: اِها تہ ويتر اوکِي ڳالھ تي. تو سان سهمت ٿيڻ اوکو آهي ٻوڌِيئڙا! پر تنهنجي حالتَ کي ذِهنَ ۾ رکي سوچجي تہ تُنهنجي ڳالھ ڳري بہ آهي، چاڪاڻ تہ هوءَ بہ تُنهنجي ڳولا جي پنڌَ تي نِڪتل آهي. ٻُڌ مَت زورِيءَ تنهنجي سوچَ کي تبديل ڪرڻ نہ چاهيندو. تون وڃ، هڪ ٻيرو وري اِن تجربي مان گُذر تہ جيئن توکي تنهنجي سُوالن جا جوابَ مِلن. اُن کان سواءِ تون اُتاولو رهندين."

مون ساڏو چوفيل کي سمجهايو تہ بيشڪ، ڳالھ هئي تہ ڳَري، منهنجي لاءِ ٻُڌ مَت کان جدائيءَ کان وڌ موت قبول هو پر اُن ۾ هاڻ ساڻ مِيرا بہ گُهربي هئم. ها مون سان ٻوڌِين جي گهڻائي سهمت نہ هئي، پر مون کي اندو ويساھ جهڙو تي چڪو هو تہ اهو تِياڳ ٻُڌ مَت جي سِکيا جو رَد هو. ڪائنات ۾ هڪڙي ئي حقيقت ازلي هئي. سا هئي محبت ۾ مَيل. فطرت ۾ هر شئي ان منجهان ڦُٽي نڪتي هئي. ان محبت کي مون پري ڪري پاڻ سان موت جهڙي اونداهيءَ کي ساڻ نيئي ڪنيو هو.

حياتي بي ثبات هئي، مختصر هئي، رنگين هئي، بي رنگ هئي، هجوم هئي، اڪيلائي هئي، پيڙا هئي، سک هئي، ان متضاد جي ميلاپَ ۾ مون هُن کي ۽ پاڻ کي هڪ صديءَ کان ڏِکهي ۽ رُوح ڪنبائيندڙ اڪيلائيءَ جي سزا ڏئي ڇڏي هئي. مان پاپي هئس!

اِهو تہ مون هاڻي سَمجهيو هو تہ اِنسانن جي . گهڻائيءَ جي ڇوڏاري هجڻ سان اڪيلائي ختم نہ ٿيندي آهي. وُجُود جو حصو وُجُود کان پري هجي تہ محفلون المين ۾ ٻَدل وِيرانا ياسنديون آهن. جڏهن کان مِيرا کان پري ٿيو هئس تہ اچانڪ وچي وِيرانن جي پنڌَ تي پاڻ کي پيل ڏٺم. منهنجي اندرَ جي وِيرانيءَ مون کي جيئڻ نہ ٿئي ڏنو. منهنجي اکين مان مِيرا جي صورت هَٽي ئي نہ ٿئي. لڳو پئي اندر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڀرپور دنيا هئي، جنهن ۾ انيڪ فوٽوئن جا فريم لهڪيا پئي ۽ هر فريمَ ۾ هوءَ ئي بيٺي هئي. ڀتائيءَ جو ڪوڙين ڪاياڻن وارو تصور هو جنهن ۾ اَيڪ قَصر جي ڪوڙين ڳڙکين ۾ هوءَ ئي بيٺي هئي. يا وري مان اندر منجهه هوءَ ٻُڌجي ڇڪو هئس ۽ اندر جي درسنيءَ ۾ پاڻ کي سندس چهري ۾ پسيم پئي!؟

هوءَ محبوب هئي منهنجو اهو ئي محبوب جيڪو عشقَ جي معراجَ جي اَرپنا جو حقدار هوندو آهي. هاڻي ته هن جي اَرپنا مون تي ويتر ڀيٽا بار وِجهي ڇڏيا هئا. هوءَ منهنجي ڳولا ۾ پنڌ تي نڪتل هئي، مون کي ماڻڻ لاءِ سرگردان هئي. مون هن کي غير محبت سيکاري اڪيلو ڪري ڇڏيو. هن مون سان محبت نه ڇڏي، نه ئي منهنجي ڳولا! پهرين به محبت مون کي هن ئي سيکاري هئي ۽ جڏهن گَس تان هٽيس ته پوءِ به هوءَ ئي منهنجي سيکاريندڙ منهنجي اُستاد بڻي هئي.

ساڏو چوفيل مون کي غور سان ٻُڌو پئي، مون ڪيس ٻڌايو ته هاڻ وقت اچي ويو هو ته مان مِيرا سان ڪيل ڌوهه جي اَزالي طور وٽس موٽي وڃي سيني ڏوهن جا ڏنڊَ ڀري ڏيان، جيڪي مون ڪيس سالن جون وِٿيون ڏئي ڪيا هئا.

ماضي حسِين يادَ جيان هو ۽ اها ياد پلي ته مادي طور واپس نه وَرڻي هئي، پر تصور ۾ اُڀرندڙ ۽ گُم ٿيندڙ عڪسن جيان رکي رکي تِمڪي اُجهامي ٿئي... هُرندڙ يادَ وقتَ کي ماضي نه ٿئي ٿيڻ ڏنو. ياد گُذريل وقت کي بيهاري حال تائين ڪٺي آئي هئي. هوائن ۾ گلن جي هُٻڪارَ سان واسيل موسم جڏهن گذرندي آهي ته گرمي ساڙڻ لڳندي آهي، پر بهار ته وري وري، وري وري موٽي ٿي.

بي ثبات فقط جسم هو محبت نه. انسان جي دماغ جي عُمر ته جَر-قوتي جيتري هئي، پر تصورن ته صدين جا پنڌ طئه ڪيا هئا. پيڙائن جو اَڻ-ڪُٽ سلسلو هو پر محبت دائم ۽ جاودان هئي. ڏکن ۽ المين جو ڇُپڪو بيوفائيءَ جي ڇُپڪي جيان ئي لڳن مان سِياندڙا ڪيندڙ هو. حياتيءَ جي طوفانن ۾ لاوَن جي اذيتُن منجهان گذرندي به محبت جيئدان ماٺيو هو. اهو مون ٻُڌ مَت جي دنيا کي ۽ ان کان ٻاهر زماني کي سمجهائڻ ٿئي چاهيو.

ساڏو چوفيل منهنجيون اهي سموريون ڳالهيون ٻُڌي حيرانيءَ منجهان مون کي تَڪي رهيو هو. جهڙوڪر مون ايئن سوچي ٻُڌ مَت جي بنيادي اصولن جي پَيَڪڙي پئي ڪئي. مون ساڏوءَ جي چهري تي آيل ڀاوَ سمجهندي سندس آڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معافيءَ لاءِ هٿ ٻڌا ۽ چيم. ”ساڌوا مون کي هن پنڌ جو سچ اهو ئي تو ڏسڻ ۾ اچي. مان ان سچَ تي انتَ تائين هلندس، جي ناڪام ٿيس ته ٻه اِتي ئي اچي حاضري ڀريندس.“ ساڌو چوفيل منهنجي ڳالهه ٻڌي، پر ان تي پنهنجي ڪا به راءِ نه ڏني. هن بس ايترو چيو. ”چڱيءَ ريت اوسي پاسي معلوم ڪر. چاڪاڻ ته ڪنهن چيلي مون کي ٻڌايو ته هوءَ هيمس اچڻ کان اڳ يا پوءِ هن علائقي ۾ سال تائين ڦرندي رهي هئي.“

'هوءَ انهن آستانن تي ڦري هئي'. ان احساس ئي مون ۾ اُميدُن جون ڳڙڪيون کوليون ٿئي. مون کي ڪيس ڳولي لهڻو هو. ڳولا جو جنون منهنجي وُجُود ۾ پيهي ويو هو. جيئن فطرت ۾ وُجُود رکندڙ هر شئي ۾ ساهه حياتي ۽ رواني محسوس ٿيندي آهي، هاڻي مون کي فِطري لقائن ۾ ان تحرڪ سان گڏ محبت ڦٽڪندي نظر اچي رهي هئي.

جَهڙوڪر هر شئي ۾ رُوح هو. هر لقاءَ ۾ ساهه هو. هر اميد نياپو هئي. مِيرا سان ملڻ جي اميد جي، ساڪَ پنَ، پکي، پاڻي ۽ هوا ڏئي رهيا هئا. منهنجي اندر ۾ اچانڪ اَجاتل سگهه اچي وئي هئي. ويساهه اچي ويو هو ته هوءَ اجان تائين منهنجي ڳولا جي پنڌَ ۾ هوندي. مون جيان سرگردان هوندي. هن ته اڳ ئي سمجهي ورتو هو ته محبت کي ڏڪاري هِڪبئي کان پري ٿي ڪري ٻُڌ ماڻڻ نامُمڪن هو. بس هاڻ ڪيس لَداخ ۾ چڱيءَ ريت ڳولڻو هو. هوءَ اتي ئي ته نه رهيل هوندي؟ دل ان تي ويساهه ڪرڻ ٿئي گهريو.

ساڌو چوفيل کان موڪلائي مان وچي سُتس ته سهي پر ننڊ ڪوهين ڏور هئي. ڏِيان ڪرڻ شُروع ڪيم. ڪجهه ئي دير ۾ وچي هڪ لقاءَ سان جُڙيس. هلڪي طوفاني هوا ۾ هڪ وڻ جي پاسي ۾ بيٺو هئس. ماحول سنڌ جي ڪنهن ننيڙي شهر جيان معلوم ٿي رهيو هو. تمام گهاٽي وٽڪار هئي. ٻڙَ جا وَڻ لامُن سان زمين ۾ کُتل هئا. هر کُپيل لامَ هيٺ هڪ ننئين چانوَ ۽ اڏاوتَ جو الڳ ۽ وسيع سِلسلو هو.

هوا هلڪڙي طوفاني ۽ تِڏِي هئي، ان ڪري ٻُٽ تي اَڻ-وٽندڙ لڳي رهي هئي. پريان کان هڪ ساڌو پُنيرو وينل ڏٺم. هُو سيءَ کان بچڻ لاءِ ڪارِي شال اوڍيو وينو هو. هوا ۾ خُنڪي ايتري ته شدت وٺڻ لڳي هئي جو مان ڏڪڻ لڳس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيچين تي پُڇيم، ”ڪيڏانهن وئي پوءِ؟“

چيائين، ”ڳولا جي پنڌ تي هئي، هتي ٻوڙي ياترين جا ڪٽڪ لٿل هئا، انهن منجهان ڪنهن سان وئي هوندي“ هڪ ساهہ ۾ پُڇيومانس ”ڪهڙي ڏڻ جي ڳالهہ آهي، ڪيترو وقت ٿيو هوندو اُن کي؟“

”هَيمِس جا ڏِڻ هئا“. مان سوچ ۾ پئجي ويس: هن سال هَيمِس کي گذرئي ڇهن مهينن کان وڌيڪ ٿي چڪو هو. سوچيم هوءَ گذريل سال واري هَيمِس ميلي ۾ هئي يا هِن ۾؟ هَيمِس ڏِڻ تہ چوڏهين ۽ پندرهين جولاءِ تي هر سال ملهائبو هو. ان ڏِڻَ تي تہ پوري دنيا منجهان خلقَ ايندي هئي. ڪٿان ڪٿان نہ انسان اچي لَهندو هو لَداخ ۾.ـ پُڇيومانس، ”ڪجهہ ياد ڪر ديوي! هن ڪجهہ تہ ٻڌايو هوندو تہ ڪيڏانهن وئي ٿئي؟“

”نہ. هن سَليو ڪجهہ بہ نہ. بس هڪ ٻوڙيءَ جي پڇا ڪندي رهي ۽ پوءِ گم ٿي وئي.“

اهي سڀ چِٽا اَڻ چِٽا مِيرا جا ئي پارَ هئا. مون کي دلجاءِ اِها هئي تہ هوءَ اڃان تائين منهنجي ڳولا ۾ هئي. اسان ٻئي هِڪٻئي جي ڳولا ۾ هئاسين تہ بس اِڃهو ملڻَ جي دير هئي. ملي ڪري گڏجي، هِڪٻئي جي ساٿَ سان ٻوڙي پنڌ تي نڪرڻا هئاسين... ٻوڙي پنڌ جي نِت نَون مڪانن ڏانهن گڏجي شُروع ڪرڻا هئا. جيڪي سندس همراهيءَ ۾ ٻوڙي دنيا کي بہ سمجهائڻا هئا تہ ٻُڌ ماڻڻ جو پهريون ڏاڪو عشق ڪرڻ، ان کي ماڻڻ ۽ مانُ ڏيڻ هو ان کي پالِڻ هو ان کي جِيارڻ هو. مون کي اها پڪ ٿي وئي تہ مِيرا هِت آئي هئي ۽ پوءِ هلي وئي هئي. هاڻي پتو لڳائڻو هو تہ هوءَ ڪيڏانهن وئي هوندي؟

لَداخ ۾ منهنجي رهڻ دوران ڪبير ۽ مان بہ ٺي پيرا مليا هئاسين. منهنجي نڪرڻ کان هڪ شام اڳ مون کي ڪبير ساٿس وقت گذارڻ جي دعوت ڏني. ڪبير لَيهہ جي هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ ترسيل هو هُن اُتي منهنجو ڪمرو بہ بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو. اها رات مون کي ياد آهي ساڌو، رات ڇا هئي، بس، سحرانگيزيءَ جو اوڄ هئي. اها رات اسان لَيهہ جي يَخ سرد هوٽل جي ٻاهرئين ميدان تي باهہ جو وڏو مچ ٻاري، سِتار جو ساز هلائي انيڪ موضوعن تي پچارُون ڪيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ٻاڙهاڻ مائل ڇهري ڪي ٻاهه جي مچ ۽ مٿ جي ٽئو ويٽر ٽپائي ٽانڊو بنائي ڇڏيو هو. لڳو ٽانڊا جهڙوڪر سندس اندر ۾ به ٽچڪيا پئي.

توکي سچ چوان ساڏوا! ته مٿ ۽ ڪيُوبن سِگار جي خوشبوءِ منهنجي رُوح کي به هڪ ٻه پيرا لوڏي وِڌو هو. دل گهريم سموري مٿ پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيان. موسيقي، تماڪ، شراب ۽ لَداخ جي رات ۾ هڪ ٻوڙيءَ ۽ هڪ سيلانيءَ جي پارٽ ۾ مجلس! اهو ميلاپ پنهنجي محبوب سان مَيل جي سنپار نه ڏئي ها ته ٻيو ڇا ڪري ها؟

مِيرا جي سنپارَ مون ۾ انيڪ يادن جا اُوچا ۽ اونها ديرا اَڏي ڇڏيا هئا. اندر ۾ پُورَ جي هڪ لهرَ اُٿيم پئي. ڪاش! هوءَ هينئر مون ساڻ هجي ها! مان جهڙوڪر ان اڻ-روڪ خواهش جي آخري حدَ تي اَچي بيٺو هئس. جو هاڻ وڏيڪ وڇوڙو سَهڻ کان ٻَرو تي پيو هو. مِيرا جي سارَ هاڻ جسم ۽ رُوح ٻنهي کي ساڙيو ٿئي. خيالن جا وَهڪرا مون کي هن ڏانهن ڪنير ڪنيو ٿئي ويا. پاڻ کي سوچن جي گهيرن مان ڇڏائي مون ڪبير ڏانهن نهاريو. هو مون ڏانهن ئي تڪي رهيو هو. انتظار ڪري رهيو هو ته مان ڪيڏي مهل ٿو خيالن مان نڪران. نهاريندو ڏسي پڇيائين، "ڇا پيو سوچين جوڳي!"

مون کان ٿڏو ساهُ نڪري ويو. نه چاهيندي به

مُنهن مٿي کٽي ڪيس نِهاريم. ڪجهه چوڻ چاهيندي به ڪُڇي نه سگهيس. ڪي لمحا سوچي فقط پنائيءَ جي هيءَ سِٽ ڪُڇيم، "پَرِ سِين مُون نه ڪيُون، گوشي پِرِين نه گڏِيا!"

اهو ٻُڌي ڪبير وري هڪ گهري مُرڪ مُرڪي پيو. جيڪا سندس اکين مان به بَکِي پئي. چيائين، "جوڳي مان ايڏو اوپرو به نه رهيو آهيان هاڻي."

اهو ٻُڌي مون به دل ۾ هاڪار ڪئي. واقعي به هن سان ڪو خاص سَنبنڌ هو. ان پنڌ ۾ سندس مختصر ساٿُ جهڙوڪر منهنجي ڪهاڻيءَ جو لازمي حصو بڻجي چڪو هو. لڳو پئي اسين ٻئي هڪ ئي منزلَ جا مُسافرَ هئاسين. مون جيان هن به سرگرداني ياڳَ ۾ ڪنئي هئي. هو به ڪنهن محبوبَ جي ئي ڳولا ۾ هو جڻ.

مون سندس اکين ۾ گهري نِهار وڌي. سندس نيڻَن ۾ اڄ مئڪشيءَ جا معراج ٿئي نظر آيا. منهنجي اندر جي لقاءَ جا ته منظر ئي عجيب هئا. خبر نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ اهو خنڪ ماحول جو اثر هو يا ڪبير جي نيڻن ۾ مئڪشيءَ جا ڪيف پسڻ جي ڪري هو. يا وري تڪي سِگارَ جي ساهَن تي تاثيرَ هئي. منهنجو سمورو وُجود پُرباش تي چُڪو هو. مون کي اَڻ-پيتي جي ڪيف ئي اهڙو ڪڪوري ڇڏيو هو جو مَدَ جا مَٽَ پيئندڙ بہ ماتِ ٿين ها اڄ.

مون اهو چڱيءَ ريت محسوس ڪيو پئي تہ مان ڪنهن سان بہ اندر جي ڳالهہ ايڏو سولائيءَ سان سَلي نہ سگهندس. ماٺ رهڻ جو دل فيصلو ڪري ڇڏيو هو. ڪبيرَ جي ڪيفيت بہ سندس اندرَ جي ڪنهن تانگهہ جا پارَ ڏنا ٿئي. مون ڪبير کي ڏٺو... سندس اندر ۾ مانڌاڻُ مَتل محسوس ڪيم. هن جي اکين ۾ ڳالهيون ليئا پاتا ٿئي. لڳو پئي هو مون سان اِجهو اَندرَ جو حالُ سَلي ويهندو! مون هيترين مُلاقاتُن ۾ ڪيس ههڙي حالتَ ۾ اڳ نہ ڏٺو هو... پر جيسين هو پنهنجي موجَ مان نڪري تيسين مان بہ خيالن ۾ وسيس پئي.

الائجي ڪيتري دير اسين ايئن خيالن ۾ غلطان هئاسين. هڪ ئي ماحول ۾ هوندي بہ هِڪبئي سان گڏ وينبي بہ خيالن ۾ اڻ ڏٺل مقامن تي اُڏرياسين پئي. اچانڪ سندس آواز مون کي خيالن مان ٻاهر آندو.

”جوڳي! محبتَ مون وٽ گُلن جا جهولَ پري ڪٽي آئي ۽ نرميون ۽ سُڳنڌ آڇيائين. پر جهٽ پلَ ۾ اَلوپ تي وئي. هڪ پلڪ جي حُسناڪيءَ جيان. جَهڙوڪر جَرَ ڦوٽو هو. جيڪو ڏيکُ ڏئي وڃائجي ويو.“

سندس آوازُ ٺڏي راتَ جي سانتَ ۾ هڪ جادوئي صدا جيان لڳو ڪبير جڻ قدرت سان شڪايت ڪئي ٿئي. ماٿِيل منزل وڃائڻ جو شديد ارمانَ ۾ هن جو وُجود هر پل ڪاڃِي رهيو هو.

”سيلاني! بُڌاءِ محبتَ آخر ڪيئن تي وڃائجي سگهي؟ عشقُ اِنسان-پڻي جي رُڳو عظمتَ نہ آهي. پر ان عظمت جو مٿاهون ۽ عظيم ترين ڏاڪو بہ آهي. جي اها محبتَ آهي تہ اُها وڃائبي نہ آهي. مُحبتَ تہ لافاني ماٽِيا آهي. وُجود جي ماٽِيا. داخلي وِرثو جيڪو ڪير بہ ڇِني نہ ٿو سگهي. پلي ڪيتريون نہ بي رحم قسمَ جون معروضي حقيقتون ڇو نہ هجن!“

”ها جوڳي! پر وِڇوڙو موتَ جو بيو نالو بہ آهي“. ڪبير ورندي ڏني. پوءِ ٿورو ترسي چيائين: ”مون هڪ اهڙي نارِيءَ سان محبتَ ڪئي جنهن لاءِ محبتَ بي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جي موسمَ جي اڪين سان پسي ٿو. وچوڙو جيئڻ جي هڪ نئين نگاهه عطا ڪري، مسلسل اُڪير (ناسٽيلجيا) ڏئي ٿو ڇڏي

ڪبير ناسٽيلجيا جي گهاٽي ۾ پيڙهيندڙ اذيتَ جي حالتَ ۾ هو. منهنجي به اها ئي حالت هئي. بس فرق اهو هو ته منهنجي ناسٽيلجيا ۾ اُهو اِطمينان به شامل هو ته منهنجي مِيرا منهنجي ڀَرسان ۾ هئي. پر ڪبير جو وُجود ٽانڊن تي هو ته سندسَ محبوبه ڪيس ڇڏي هلي وئي هئي.

"سيلاني! تون وچي ڪيس مڃائين ڇو نه ٿو؟" ڪيس صلاح ڏنم.

"ڪتي تلاش ڪريانس. جوڳي! هوءَ ڌرتيءَ جي الائجي ڪهڙن ڪوهيڙن ۾ گُم ٿي وئي. ساڻس پاڇو ٿي هلندو رهيس. پر هوءَ هر ڏينهن منهنجي وجهو ايندي ايندي هڪ ڏينهن اچانڪ ٻئي پَري ٿي وئي."

مُون ڏٺو ته ڪبير جون اکيون پُرجي آيون هيون. پر سندس منهن تي اُها ئي سرد مُرڪ هئي. جيڪا هئي ته مُرڪ پر ان منجهه پيڙا جو ڏنگ به پڌرو هو. ڪبير کان پُڇيم، جيڪڏهن هو ڪيس ماڻڻ چاهي ٿو ته وٽس وڃي ڪيس موٽائي، پر ڪبير جهڙوڪر وساهه وڃائي چڪو هو.

"ساڻس گڏ گُذاريل وقت وِسري ئي نه ٿو. جوڳي." مون کي ڪبيرَ جو آواز ڪنهن گُفا مان ايندو محسوس ٿيو. "محبت ته هن کي به مون سان ٿي هئي، بس هُن ان پنهنجي ئي احساسَ کي ٿُڏي ڇڏيو ۽ پيار کي پُٺي ڏئي هلي وئي." ڪبير جي مُڪَ سندس اندر جي الميَن مان گذرڻ جا ڏَس پئي ڏنا. اهو به ٻڌايو ته ئي ته اُنهن الميَن ۾ پيڙا ڪيتري هئي، ڦٽُ ڪيترو گهرو هو.

دل چاهيو ته کيس چوان ته هن آخر همت ڇو هاري ۽ کيس پري ٿيڻ ڏنو ڇو جي هوءَ به ساڻس محبت ڪندي هئي ته هو ڪيس مڃائڻ لاءِ وٽس ترسي ڇو نه پيو؟ پر پوءِ ماٺ ٿي ويس. منهنجي ذهن تي مِيرا جو خيال تري آيو. جيڪڏهن ايئن روڪڻ سان ڪير ترسي پويَ ها ته مِيرا به ته مون کي روڪڻ جا وڏا وَسَ ڪيا هئا. مون به ته ڪيس نه مڃيو هو. نه ته سندس سڏڪا، نه وري مِنٿون مون کي بيهاري سگهيون هيون. ڪبيرَ جي محبوبه به ڪا شايد مون جيان ئي ڪنور دل رکندڙ انسان هئي. جنهن ڪبير جهڙي حُسناڪ ماڻهوءَ جي عشقَ کي ڌڪاريو هو. ان متعلق سوچيم پئي ته ان دوران مون کي ڪبير جي آوازَ موٽائي حقيقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب نہ هو.

هو پنهنجين اڌ کُليل اکين سان منهنجي مُنهن ۾ نهاريندو رهيو... هاڻ چهري تان مُرڪ غائب هئس... آهستڙي وري چيائين. "ڇو ڪيو تو ايئن، جوڳي!؟" مون وٽ ڪو بہ جواب نہ هو مان ماٺ ٿي رهيس.

اُن کان پوءِ ڪبير ڪجهہ بہ ڳالهايو نہ. ڪي پل مون ڪي نهاري پوءِ هو جَهڪي ٿيندڙ باهہ جي تانڊن کي تڪيندو رهيو... مان پنهنجن خيالن ۾ غلطان رهيس. ڪلام هلندا رهيا. اُهي ماحول تي، اسان جي سوچُن تي حاوي ٿي رهيا هئا. سازن جي سموند جي حوالي ٿي ڀيا هئاسين. جن جي وِيرُن تي اسان جڻ پنهنجن پنهنجن جذبن جي تيراڪي آزمائي رهيا هئاسين...

تان جو ڏسان تہ ڪبير کي ننڊ جا گهيرٽ ونجڻ لڳا هئا... مون اڳ ئي ڏنو پئي، هن تمام ڳرا پيگ ناهيا هئا. سوچيم. ڪيترو بہ وزندار پياڪ ڇو نہ هجي، اهڙا گلاس پيئڻ کان پوءِ ڍهي پوڻ لازمي هو... مون ڪيس جيئن تيئن ڪري اٿاري سندس ڪمري تائين رسايو ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پيس. ڪي پل سوچي سوچي نيٺ وڃي ننڊ جي جهوليءَ ۾ پيس.

ساڳي مون کي اها رات حياتيءَ جي چند يادگار راتين جيان سدائين ياد رهندي. اُها آخري رات ڪبير ۽ مون جَهڙوڪر عشق جي سراءِ ۾ گُذاري هئي. خود لَداخ بہ واقعي ڌرتيءَ تي عاشق پانڌين جي سراءِ کان گهٽ نہ آهي. عشق جا پانڌِي جيڏانهن بہ وڃن. پر جي اتي وڃي نہ ترسيا تہ ان جو مطلب سندن پنڌ ۾ ڪجهہ کُٽل ئي رهندو...

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي ڪبير سان ملڻ ويس پر هن در نہ کوليو. شايد اگهور ننڊ ۾ سُتل هو. هُن لاءِ هڪ ننڍڙو خط لکي نڪري آيس. ايئن هن نئين دوست جي ساٿ ۾ منهنجي ڳولا جي پنڌ جي ڪهاڻي پُني.

ساڳوا مان مِيرا سان تہ نہ ملي سگهيس. تڏهن بہ خبر نہ آهي ڇو هي پنڌ لاڀائتو سمجهان ٿو. مان سمجهان ٿو مِيرا لاءِ هڪ ٻي ڳولا جي تياري ڪرڻي پوندي. پر بوڙيشالا موني پنهنجي پاڻ کي وڏيڪ منظم ڪرڻ چاهيم پئي. هاڻ پنڌ منهنجي رُوح ۾ مايوسي ڀرِي ڇڏي. ڇڙوڇڙ سوچُن کي سندس ڳولا ۾ ناڪاميءَ ويتر گهٽو وڪرايو پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن واڙي جي اندر ئي هڪ ڪُنڊائتي ڪُرسي ۽ هڪ اسٽول بہ رکيو هو. رات جو سمهڻ کان اڳ جڏهن مان پنهنجين رڍن کان موڪلائيندو هئس تہ وڃڻ کان اڳ هڪ بہ ڪلاڪ کنَ ويهي اُتي پڙهندو هئس ۽ مٿن نظر بہ رکندو هئس. جڻ ڪُجهہ مهينن لاءِ اُهي مُنهنجو ڪُٽنب تي ويون هيون. هڪڙو ڀيرو تہ مان اُلڪي منجهان اُتي ڪٿ وجهي سُتو هئس جو هڪ ننڍڙي گهيٽڙي بيمار ٿي پئي هئي ۽ کيس ويجَ وٽان دوا دارون ڪرائڻو پيو هو. سِياري جي ٿڌَ ۾ مون کي ياد آهي تہ اُن ننڍڙي جَيوَ کي مون ڪمبلَ وِجهي سُمهاري ڇڏيو هو. ڪُتڪي ۾ مون کي ننڊَ نہ ٿئي آئي تہ ڪٿي سندس طبيعت وڌيڪ خراب نہ ٿي پوي.

جڏهن مان کين پاسي واري وڻڪارَ ۾ چارڻ لاءِ وٺي ويندو هئس تہ اُهي پنهنجو مضبوط وَڳر ناهي هلنديون هيون. اَلڳ تي هلڻ هر رِڍ کي ڏاڍو بيچين ڪري ڇڏيندو هو. مجالَ جو اِن وَڳرَ مان نڪرن. پر هڪ مسئلو اهو پيش ايندو هو تہ جڏهن ڪا رِڍ اچانڪ ڪنهن بہ سبب جي ڪري پنهنجو اهو وَڳر ڇڏي اَلڳ هلڻ لڳندي هئي تہ باقي سموريون پاڇَيريون بہ اُن جي ڪڍَ هلڻ لڳنديون هيون ۽ ان ۾ کين سنڀالڻ جيءَ جان جو جوکو هوندو هو. اُن صُورت ۾ بہ وڏو مسئلو تي پوندو هو جڏهن وَڳر ڇڙوڇڙ ٿيندو هو ۽ آس پاس ڪُتا هوندا هئا. جيڪي ننڍن گهيٽڙن جا جاني دشمن هوندا آهن ۽ اڪثر ڏڻ جي آڏو آڏو هلندا بہ گهيٽڙا آهن. بَس مون لاءِ ان صورتحالَ کي مهارت سان منهن ڏيڻ انتهائي اوکو مرحلو لڳندو هو. پر هفتي ٻن جي پريشانيءَ کان پوءِ مون سِکيو تہ ريڍار جيڪڏهن هر وقت چوڪس نہ آهي تہ اُهو اِن معصوم جانور کي ٻنهي سنڀالي نہ سگهندو.

رات جو وٿاڻين اچڻ کان پوءِ جڏهن رڍون ٿڪجي ڍرئُون تي ڪرڻ لڳنديون هيون تہ هِڪٻئي جو پاسو وٺي ويهنديون ويهنديون هيون. لڳندو هو کين جُهڳٽي ۾ هلڻ ۽ ويهڻ ڀلو لڳندو هوندو.

مون کي تہ سڀئي هڪجهڙيون لڳنديون هيون. سوچيندو هئس ممڪن هو تہ سندن نيڻ نقش مختلف هجن. ان فرق کي بطور انسان مان سمجهي نہ سگهندو هجان... جيئن شايد هو مِڙني انسانن کي مٿان هڪجهڙو سمجهنديون هجن! کين اها تہ خبر ئي نہ هئي تہ اُهي سڀئي انسانن کي شبيهہ ۾ هڪجهڙيون نظر اينديون آهن. کين اِهو خيال ئي نہ ايندو هوندو تہ سندن شڪل صورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نيننگ تپا ڏيندو چراگاهن ڏانهن ويندو ۽ کيس هٿ ڪرڻ اوکو ٿي پوندو. اُن ٽِن مهينن واري سموري دؤر ۾ منهنجي يوگيائي مشقُن دوران هو بيحد بيچين ٿي پوندو هو. مان اڪثر ڪري سمهڻ کان اڳ جڏهن واڙي ۾ واءُ سواءُ لَهڻ ويندو هئس تہ سڀ کان اڳ ۾ کيس پاڻهن ۾ ڪٽندو هئس تہ هو ڏاڍي آرام سان مون ڏانهن هليو ايندو هو. ڪنهن مهل ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي چڏيندو هو تہ ڪنهن مهل وري سيني سان مٿو ٽيڪي چڏيندو هو.

جيئن جيئن وقت گُذريو تہ اهو لَيلڙو مون سان وڌيڪ مانُوس ٿي ويو. اڪثر لُوهَہ پائي اچي منهنجن پيرن ۾ ور وڪڙ ڪائڻ لڳندو هو. ڪائنس انتظاري نہ ٿيندي هئي جيسين کيس هنج ۾ کڻان. مون کي لڳندو هو تہ هو مون کي گهري گُهورَ پائيندو هو سندس اکين جا ڪارا تارا ويڪرا ۽ مُستطيل شڪل جا هئا. موڪريون اکيون ۽ تارا جيڪي پنهنجي چوڌاري وسيع لقاءَ پسي سگهڻ جا اهلَ هئا. منهنجي مُنهن ۾ سندس گُهورَ واري لمحي محسوس ٿيندو هو تہ هو اجهو اچي انسانن جيان ڳالهائي ويهندو. ڪنهن ڪنهن مهل اُهو مون کي منهنجو اهڙو همر نفس لڳندو هو جنهن کي منهنجي اندر جي سموري خبر هئي. هونئن تہ مڙني رڍُن جي ٻُڌڻ جي حِس تمام گهڻي تيز هوندي آهي، پر هي گهيٽڙو ويتر سَرلا ڪَن رکندو هو. منهنجو آواز هن کي جڻ مڙني کان وڌيڪ تيز ۽ چِٽو ٻُڌڻ ۾ ايندو هو. پاسندو هو تہ هڪ ڏينهن شايد هو منهنجو پاڇو بہ سُجاڻي وٺندو هوندو.

جيئن توکي ساڌو ليءَ چيو هو ساڌو تہ چِمسي جيڪڏهن اَوائِلي ڏاڪي جو ذرو پُرزو شعور رکندو هو تہ ان ۾ عجبَ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ ساهوارا فِطري لقائن سان توڙي هِڪٻئي سان هڪ ربط تحت ڳنڍيل آهن. همر آهنگي اَٽڪر آهي، فطرت ۾، انسانن ۾، جانورن ۾ ۽ مِڙني ساهوارن ۾. ان ڪري جتي جتي انسانن ۽ گروهن جي وچ ۾ اَڻ ٻَڻ هوندي آهي، پلي مذهبي يا نسلي بنيادن تي هجي، ان جي عُمر ٿِنهہ ننڍي آهي. ڇاڪاڻ تہ رُڳو تضاد نہ، همر آهنگي بہ انساني جبلتَ آهي. اِنسان پرس و پيش اِنسان ـ دوست فيصلا ڪري پنهنجِي ۽ پنهنجي چوڌاري حياتين کي سولو ڪري ٿو.

منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ رِڍون چارڻ جو تجربو مون کي انسانن سان گهارڻ جا گُرَ بہ ڏئي ويو هو. هي اُهي ڏينهن هئا جو اڃان منهنجيءَ دل ۾ مِيرا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي چڏڻ وارو پڇتاءُ اُتيو ئي نہ هو.

ساڌُو مون کي اَچرج وندڙ آهي تہ آخر اهي ڪهڙيون بي پرواهيءَ جون هوائون هيون جن ۾ مان اهڙو تہ اُوچو اُڏريس پئي جو مون کي پنهنجو ماضي بہ ياد نہ رهيو هو! اِنسان پنهنجي ماضيءَ ۽ پنهنجي ويجهي ۽ پرانهين تاريخَ کان سواءِ ڇا آهي؟ وِسرَ جو عجب گهر اچي طاري ٿيو هئم يادگيريءَ تي، جو انهن پيچيده مشقُن ڪندي بہ ڪڏهن ٿڪَ جو احساس نہ ٿيو هئم. نہ وري ڪو خيال آيو هئم تہ موٽي وڃي مِيرا جي پَرَ وٺان. مان بُڌ مَت جو عاشق تہ اڳ ئي هئس، مٿان لَداخ جي تربيتُن مون کي اِرادن ۾ لوهي بڻائي ڇڏيو هو.

هاڻي بُڌ مَت سان عِشقَ منهنجي رڳُن ۾ رتَ جيان ڊوڙڻ لَڳو هو. ان ڪري ڪنهن مِيرا يا اَپسرا جو تصورن ۾ اچڻ تہ ڄهڙوڪر هڪ اڻ ٿيڻي هو. تصور ڪر ساڌو مان جنهن ڏينهن داهہ هنو ڳوٺن مان اها مشق ڪري ٽن مهينن کان پوءِ موٽيس پئي تہ اُن حيوان، بي زبان جانور جي واڙي وٽ ڪا دَير بيٺو رهيو هئس. پير ڳرا محسوس ڪيا هئم. ڄهڙوڪر هُو منهنجي تربيتَ جو حصو هو جنهن کي ڇڏي وڃڻ بہ پنهنجيءَ دل سان ڊوهہ ڪرڻ هو.

واپسيءَ واري صُبح جو پنهنجو مختصر ٿيلهو کڻي هَيمِس ڀوڊيشالا ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪرڻ کان اڳ پنهنجين رِڍن کان موڪلائڻ ويس تہ ڪجهہ دير اتي وينو کين ڏسندو رهيو هئس. گهيٽڙو اچي منهنجي پاسي ۾ بيٺو. کيس ڪنيم ۽ سندس پَشمَ تي پيار سان هٿَ ڦيريندو رهيس. دل تہ نہ ٿئي چاهيو پر وڃڻو تہ هو سو نيٺ اتان نڪتس. لڳو تہ ان کي بہ احساس ٿي ويو هو منهنجي وڃڻ جو. هو مون کي واڙي جي چوڌاري وريَل جَنگلَي جي وِٿين مَنجهان ويندو ڏسندو رهيو مون ويندي ويندي هِڪ بہ پيرا مُڙي کيس ڏِٺو سندس اُيئن تڪڻ عجب اَنگيز هو.

اڄ ڏينهن تائين سندس مستطيل ۽ گهرين ڪارين اکين جي اُها نِهار سوچي مان مُرڪي پوندو آهيان تہ انسان جو ڪنهن بہ ساهواري سان بہ ڪيڏو نہ ويجهو لاڳاپو جُڙي سگهي ٿو. تنهنجي ساڌو ليءَ جي ڳالهہ وانگر تہ: ”فطرت سان ويجهڙائيءَ سدائين انسان جو مقدر بدلايو آهي.“ ۽ اهو بہ تہ ”انسانَ بہ اُن ويجهڙائيءَ جي ڪري فطرت ۾ حيوان توڙي نباتات جو مقدر بدلايو آهي.“

اسين سيئي ساهہ وارا هِڪٻئي جو مِزاجُ بدلايون ٿا. يا گوتم بُڌ جي تصور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهيون. اسان منجهان ڪو بہ يا ڪجھ يڪتا نہ آهي. هن فطرتَ ۾ شيون پاڻ ۾ جُڙيل آهن. جيڪي جنم وٺڻ کان پوءِ جُڙن ٿيون ۽ مرڻ کان پوءِ الڳ الڳ ٿين ٿيون. اچرج اهو آهي تہ انسان بي سمجھہ انهن جي جُڙڻ تي سرهو ٿئي ٿو. انهن جي الڳ ٿيڻ تي آرهو. ڄَمَ تي خوشي، موتَ تي آرهائي.

فطرت ۽ سماج ۾ اِهو ڏار پيل ڳانڍاپو مون کي حيرتُن جي انبارَن ۾ اچي ڪيريندو آهي. تو بلڪل صحيح مثال ڏنو تہ ٻُڌ مَت جي فِڪرَ موجِب ٻوڙي پنهنجي سموري حياتي اَڻ ـ ڄاڻائيءَ مان جان آجي ڪرڻ ۾ رُڌل رهندا آهن. مان چوان ٿو تہ انسانن کي فطرت بابت اَڻ ـ ڄاڻائيءَ کي ختم ڪرڻو پوندو تہ جيئن ماڻهو فطرت جي سموري وحشيءَ کان وٺي معصوم لقاءَ تائين جيوَ کي سمجهي سگهي. انسان جي ان حوالي کان اَڻ ڄاڻائي کيس فطرت جي اُگهاڙي وحشتَ آڏو بي يار و مددگار ڪري رکيو آهي. هُو بي خبريءَ ۾ فطرتَ جي نہ سمجھہ ۾ ايندڙ لڳاتاريت کي پنهنجي محدود شعور سان بيان ڪري ٿو تہ ڏک جو شڪار ٿئي ٿو. ايئن فطرت کي پنهنجين حدبندين سان ڏسڻ سان ساڻس پنهنجو شعور ئي ڪيڏ ڪيڏندو ٿو رهي.

پر ساڌو، مان ورِي پنهنجي مُک موضُوعَ تي اچان ٿو: ٿورو سوچ تہ! ڪيڏي نہ عجيب ڳالھہ آهي. مان اِنسانَ ۽ فِطرتَ جي هَم آهنگيءَ تي ٿو ڳالهايان... رُڳو هِڪ جانورَ سان بہ ٽي مهينا رهي ڪري مون کي کيس ڇڏڻ اوکو پئي لڳو ۽ مِيرا کي ڇڏڻ مهل سندس ٽڙپڻ کي بہ نِندَي رهيو هئس! هي مان ڇا ڪري رهيو هئس؟ اِن غلطانَ جو ازالو ڪيئن ڪندس؟ پاڻ کي ڪيئن معاف ڪندس؟

منهنجي نارِي ـ تياڳ جي متضاد خيالن تي تنهنجو رايو پڙهيم. ساڌو! پِڇي تہ تاريخ ۾ وِهانءَ ڪيل مائِي ۽ مرد ٻوڌِي سَتوَئن جا مثال نہ گهٽ هجن. پر مان ۽ مِيرا اهو ثابت ڪري سگهون ٿا تہ اِهو سَنبَندَ ٻوڌسَتوَئِي پنڌ ۾ نہ رُڳو رنڊڪَ نہ وجهندو پر اهو ٻُڌ مَت جي لاءِ جِيئدان جو سبب بہ بڻجندو. منهنجي ان سَڌ کي طمع سان ڀيٽڻ دُرست نہ آهي. جيئن تو مثال ڏنو تہ ماڻهو ”دسترخُوان انيڪ طعامَن. صُراحيون مَهانگَن شرابَن ۽ گهر اَڻ ـ ڳڻين سامانن ۽ قيمتي لباسن سان ڀريل“ رکندا آهن ۽ ”جِسماني ۽ فِطري ضرورتُن جي پورائَي جي لوڀَ ۾“ جسم جو وِڪرو ڪندڙ ادارن جو بہ ڪُليل هئڻ سندن لاءِ لازمي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪُ ٻٽيو آهي ۽ مان ڪيس ڳولي لَهندس.

مان توکي پنهنجي ڏِيانَ بابت بہ ٻُڌايان. جنهن ڏينهن مان سندس ڳولا مان نِراس ٿي لَداخ مان سِنڌ ٻوڏيشالا موٽي آيس، اُن پهرين شامَ جو مون پنهنجي ڏِيان ۾ عجب اَنگيز منظر پسيو جيڪو ٻِن ٻِنهہ مختلف لقائُن جو ميل هو. هڪ تہ ماحولَ ۾ تيز هوا ۽ پنن جي سَرسَر جو آواز هو. هَوا جو آواز ڪنهن ڪاوڙيل انسان جي آهُن جهڙو لڳو پئي.

اوسي پاسي لقاءُ عجيب آهي. ڪنهن مَهل محسوس ٿيو پئي تہ مان وِيئَت نام جي ڦُوان اَئم ۾ آهيان، جتي مون کي اچانڪ مِيرا اچي ملي آهي. هوءَ ۽ مان ڦُوان اَئم جي مُورتيءَ وٽ گڏ وينا آهيون. هوءَ ماٺ آهي، مان ڪيس واپس هلڻ لاءِ چوان ٿو پر هوءَ لَنوائي ٿي. هوءَ نہ تہ مُرڪي ٿي، نہ وري ڪجهہ ڪُڇي ٿي. سندس نِهار ۾ عجب اَڻ چاتل بيخبري آهي... مان ڪيس نِهاريندو رهان ٿو پر منجهس ڪا جُنبش نظر نہ ٿي اچي. نہ ٻُت ۾ نہ احساسن ۾. اهو ڏِيان تمام جلدي پُنو جَهڙوڪَر ڪجهہ ٻِنتن جو قصو هو اهو سمورو. پر جيئن مان ان مان سُجاڳ ٿيس تہ مون گهڙيال ڏانهن ڏٺو ان ڏِيان ۾ مون کي بہ ڪلاڪ ٿي چڪا هئا. ساڍو!

اها وقتَ جي راندَ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي ساڍو نہ ڄاڻان اِن ۾ آخر ڪهڙواسرار آهي؟

خير، انهن ڏيانَ جي اِسرارن تي وري لکندس. هاڻ تنهنجي ڦُوان اَئم واري اَحوالَ تي هڪ نظر وجهندس.

تنهنجو وِيئَت نام وارو پهريون دؤر پڙهڻ کان پوءِ هاڻ مون سمجهيو آهي ساڍو تہ تو آخر ڇو جنوريءَ کان جون 1963 تائين واري ڇَهن مهينن جي عَرصي کي پنهنجي تربيتَ جو پهريون دؤر ۽ اُن کان پوءِ واري اَڍائي سالَن جي عرصي کي ٻيو دؤر سڏيو. ساڍُو تِچ ڪُوانگ جي ڪهاڻي پڙهي لڳو تہ واقعي بہ پهرئين دؤر کي هڪ الڳ ياڳي ۾ ايئن ئي رکجي ها جيئن تو رکيو. ان جو تہ فقط هڪ ڏينهن ئي ايڏو ڳرو هو جو اُن جو ڪاتو ئي نہ تو ڪري سگهجي. سَچ پَچ تہ ساڌُو تِچ ڪُوانگ دُوڪ وارو واقعو دِلگِير ڪَندڙ هو. اُن کي سمورو پڙهڻ کان پوءِ مان سُمهي نہ ٿَي سگهيس. نيتُ تي ان واقِعي جا فوٽا ڪِڏي ڏنم تہ هو ڪيئن چوڙاري بيٺل عوام جي وچ ۾ چِپين ۾ آڏول جلِي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڏو وَحشتَ جو اهڙو منظر تو پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ ڏِسي چا تہ ڏک سَنو هوندو! اِن ڳالهہ مُنهنجي بُت ۾ سِياندڙا تَئي ڪڍيا تہ آخر منجهس اهڙي ڪهڙي قوتَ اچي وئي هئي جنهن ڪيس باهہ جي شعلن ۾ جَلندي جَلندي بہ چُرڻ نہ ڏنو هو. ساڏوءَ اهي سِيئي عشقَ جا ڪمالَ آهن تہ اِنسانَ کي اهڙي وُجُودي سَگهہ عطا ڪري سگهي ٿو. عشقَ جون نِعمتون ئي يگانيون آهن.

پر ساڏوءَ ياد رک. هي مان اُن خودسوزيءَ کي نہ پيو ساراهِيان. مان اُن عملَ پويان موجود سياسي مُحرڪَ کي سَلام ڪريان ٿو جنهن ساڏو ٿِچ ڪُوانگ کي جرئت عطا ڪئي. منجهس بي پناهہ ۽ باڪمال جرئَت هئي. جيڪا اُن دؤر جي ڏاڍَ آڏو پڙاڏا ڪندڙ جواب بڻجي وئي.

اِن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ وِيئَت نامي ٻوڌِين جو تنهن دؤر جي عالمي آپيشاهي راڄَ سان مُهاڏو اَتڪائڻ هڪ وڏو جوکو هو ۽ ٻُڌ متَ جي دنيا ۾ هي سِياسي رُخ هڪ عظيم انقلابي تبديلي هو. مون چيو هو نہ تہ ٻُڌ متَ کي سماجن ۾ وُجُود رَکڻو پوندو. سماجن جي سياسِي معاملن ۾ گِهڙڻو پوندو. سو تو صحيح چيو تہ وِيئَت نام اها بلُوغتَ ماڻي ورتي هئي.

مون جڏهن ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪَ جي ٻوڌِي حياتيءَ بابت شروع کان پڇاڙيءَ تائين پڙهيو تہ مون هڪ راءِ قائم ڪري ورتي. جيڪا توکي لکندس. پر ان کان اڳ مان ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مون چا محسوس ڪيو. ياسِيو تہ ستن سالن جي عُمر کان ئي هن ان مقام ڏانهن پنڌ ڪٽي ورتو هو جنهن تي هو نيٺ وڃي جون 1963 ۾ رَسيو.

پر اِن احتجاجَ جا بہ پهلُو آهن. هي فقط ٻُڌ مَت جي راهَہ ۾ سندس پاڻ قربان ڪرڻ نہ هو. دُنيا ڏنو تہ هڪ پاسي هڪ پِڪشُو ٻُڌ مَت جي اصل ڪارِج تحت پاڻ کي اَربِي ويو پر اُن اَرپنا جي پويان اصُل محرڪ دؤر جي مُتعصب سياستَ جي نِندا هو. آمريڪي آپيشاهيءَ جي پَٺُو ڍِيئم جي مَت پيڊِي سياستَ خلاف ڏِڪارَ جو اظهار هو جنهن وِيئَت نامي سياستَ کي مذهبيتَ جي وَرَ چاڙهي اچي بَدنام ڪيو هو.

آمريڪي جارحيتَ جي اُن مَتڙهيل آمِرَ جي جَبر جي جوابَ ۾ هِڪ وِيئَت نامي قوميَت پسند ٻوڌِي اَڳواڻ يگانو احتجاج ڪري پوري دنيا کي اِن خبرَ سان لوڏِي ڇڏيو تہ هڪ جرئتمند ساڏوءَ پاڻ ساڙَي قربانيءَ جو هڪ عظِيم مثال پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو تہ سياستَ ۾ هيئن بہ احتجاج ٿيندو آهي... پنهنجن مقصدن، آدرشن لاءِ قرباني هيئن بہ ڏِبي آهي.

ان ڪري جديد دؤر جي ٻُڌ مَت تي ساڌو دوڪ جو وڏو قرض آهي. اهو ايئن لاهي سگهجي ٿو تہ ٻُڌ مَت ڪي سماج جي رَڳَ رَڳَ ۾ لاهجي تہ جيئن ٻُڌ مت رڳو ٻوڌين جي ايڪانت ۽ سانت ۾ ڪيل ڌِيانَ ۽ يوگِي مشقن تي ٻڌل نہ هجي. اهو سماج جي داخلي ۽ مَعرُوضي مڙني حالتن جو پارکُو بہ هجي. ٻُڌ مَت حياتي گُذارڻَ جو هڪ پورو نمونو فراهم ڪري ٿو. اهو انسان جي ڪائِڻ پيئڻ کان وٺي ان جي حُڪمراني، اِنسان دوستي، مُعاشي ۽ سياسِي لاڳاپن تائين جي پنهنجي فِڪري حِساب سان صُورتَ ڪشِي ڪري سگهي ٿو.

بهرحال ڪئٿوليائين جو ٻُڌ مَت جو ايئن نسُل ڪُشي ڪرڻ وارو عمل اڄ بہ هڪ ڳُجهہ جيان ٿي پيش ڪيو ويندو آهي. اهوسُوال تہ ڇا واقعي آمريڪا خود ان نسل ڪُشيءَ پُنيان مُک ڪردار هو ان تي انيڪ رايا سامهون ايندا رهيا آهن. پر اهڙا سُوالَ هَرو پِرو اُتاريا ويندا آهن. نہ تہ آمريڪي جارحيتَ ڪنهن کان ڳُجهي آهي؟ اِن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ تارِيخ جي انهن بدترين واقعن هڪ پاسي آمريڪي سياسي تڪساتن جي بدترين صورت دنيا ۾ وائکي ڪئي تہ ٻئي پاسي عالمي ٻوڌيائي نقطہ نظرَ ۾وڏي اِنقلابي تبديلي آڻي ڇڏي.

پر ساڌو توکي سچ چوان تہ مون کي ساڌو ٿِچ ڪُوانگ ڏُوڪ جي جرئت منديءَ لاءِ حد کان وڌيڪ هئڻ احترام هئڻ جي باوُجُود بہ سندس پاڻ ساڙڻ جهڙي بدترين احتجاج تي شديد اعتراض آهي. ان احتجاج کان علاوه بہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهجي پيو جنهن سان دؤر جي رياست کي ڏوڏي رکجي ها. اهڙا سنگين قدمِ انتهاپسنديءَ ۾ شُمار ٿين ٿا.

يعني اهو احتجاج ٻوڌين کي مارڻ خلاف هو. اهو پاڻ ماري ڪيو ويو؟ اتي ڪٿي آهي اَمُنيتَ جو تصور؟ تون پاڻ سچ ساڌو، اهي ٻوڌي جيڪي وِٽن جي شُڪل پنن مٿان بہ ڏيرج سان هلڻ چاهيندا آهن. ڌرتيءَ جي سنهڙن سنهڙن جيتامڙن کي اهنجائڻ نہ چاهيندا آهن. اهي ٻوڌي پنهنجي جسم کي اهڙي سفاڪيءَ سان ايذائين؟

ساڌو گوتم ٻُڌ جڏهن پنهنجي جسم کي سنگين تَسا ڏئي نِرواڻ تي رَسيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ھن پنھنجن چيلن کي واضح طور چئي ڇڏيو تہ جسم کي ايئن ايذائڻ آسپاويڪ آھي. ان ڪري ايترو جسماني ڪشٽ نہ ڪڍجي جو ماڻھو مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي رَسي.

جي ٻُڌ جي نظر ۾ تياڳ سان جسم اِيذائڻ غلط ھو تہ پوءِ پاڻ ساڙڻ تہ مھا غلطان ھوندو نہ؟ ان ڪري مان تِڇ ڪوانگ دوڪ جي ان احتجاج بابت اھو چوندس تہ اُن بيشڪ ٻُڌ مَت جي نسل ڪشي ڪندڙ قوتن کي لوڏي رکيو ھوندو. پر وسيع طور اھو احتجاجَ ٻُڌ جي پيغام جي نفي ھئي. نہ رُڳو اھو پر ان احتجاجَ ٻُڌ مَت کي انساني ڪاوڙ جي بدترين حالت ۾ پاڻ کي يا ٻين کي ايذاءَ ڏيڻ جي ھڪ رسم سان متعارف ڪرايو.

اوھين پڪي پرکَ ڪري ڏسو دنيا ۾ ٻُڌ مَت جي ڏاڍ ءِ وِگوڙ ۾ ڀھري پويان ھڪ سبب اِھڙن واقعن جو بہ ھوندو. اھو وِيٽَت نامي ٻوڌيشالا جو بدترين فيصلو ھو. ڪاش تہ ان فَيصلي جي تياريءَ واري گڏجاڻيءَ جا نُقطا ملن تہ اُنھن کي پڙھي ڏسجي تہ آخر اھو فيصلو ڪيئن ٿيو ھو.

ھِڪ ساڌوءَ جو واقعي واري جاءِ تي ساڌُو تِڇ جي ويھڻ لاءِ ھڪ گدِي رکڻ، يعني ڪيس خبر ھئي تہ ھو اِھا گدِي خودسوزيءَ لاءِ ويھندڙ اڳواڻَ لاءِ رکي رھيو ھو. مٿان ساڌو تِڇ جي مٿان جنھن ٻوڌيءَ پيٽرول ھاريو. ھُن اِھو ڪھڙي ذھني حالتَ ۾ ڪيو ھوندو؟ يا وري اُھي ٻوڌِي جن سندس چوڌاري مضبوط ٻانھُن سان گھيرو ڪيو ھو تہ جيئن ڪو ٻيو اُن گھيري ۾ داخل نہ ٿي سگھي. يعني سندن اھو گھيرو خودسوزيءَ کي ڪنھن بہ رَنڊَڪَ کان بچائڻ لاءِ ھو. سي سانت ٿيو سندس چَوڌاري گھيرو سخت ڪيو بيٺا رھيا. يعني گھٽَ ۾ گھٽ تي ٻڙنَ ٻوڌي تہ اِن واقعي کان باخبر ھئا. اُن عمل سان سَھمتَ ھئا. ھو اُھا خودسوزي ٿيڻ ڏيڻ ءِ اُن احتجاج کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڀرپور تياري ڪري آيا ھئا.

مان ان تي ڏاڍو سوچيندو رھيو آھيان. اھو ھڪ گڏيل ڪم ھو. ڪَڻ تيل ھو. جَھڙوڪَر ھر ڪو پنھنجي وُجُود جو ذرو ساڙڻ لاءِ تيار ھو. ان تي اَرَھو نہ پر سَرھو ھو. مطمئن ھو. اِن واقعي کي تڪميل تي رَسائي سوپائتو ٿيو ھو.

ساڌو، مون تو کي چيو نہ تہ مان اھو قِصو پڙھي ڪيترين راتيون سمھي نہ سگھيو آھيان. اھو رڳو ھڪ واقعو نہ ھو. ان ھڪ طرح سان ٻُڌ مَتَ ۾ ڏاڍَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ قسم جي رسمَ پئدا ڪئي، جيڪا آهي تہ مظلوم جو رد عمل پر اها رسم ٻڌ مَت جي رُوحَ ۾ داخل ٿي. ان کي هڪ بي رحم عقيدو بنائي وئي. هاڻ ايئن ڪرڻ ٻڌ مَت جي حِساب سان جائز ٿي ويو. جيتوڻيڪ قومن، نسلن ۽ گروهن جي وچ ۾ تضادن کي حل ڪرڻ جا انيڪ طريقا ۽ اَٽڪلُون ٿي سگهن ٿيون، ايئن نہ آهي تہ تنهن وقت جي ٻوڌيشالا وٽ فقط هِڪ اهو ئي آخري ۽ سَنگِين رستو وڃي بچيو هو. پر ان کان پوءِ بہ ظالمن جا تِڪسات جاري رهيا.

مثان وِيهين ۽ اَيڪيهين صديءَ ۾ دنيا ٻڌ مَت جو خوني ڪردار بہ ڏٺو آهي. ايڪيهين صديءَ ۾ انهن کي اڄ بہ نسل ڪشيءَ ۾ ملوث ڏِسُون پيا. ان جي باري ۾ تون ڇا چوندين ساڌو؟ ٻڌ مَتَ جي ان اڄ جي اختيار ڪيل صورت ۾ انهن واقعن جو ڪردار نہ هوندو؟ بلڪل هوندو.

مان اهو ڏسان پيو تہ تنهنجي منهنجي رشتي ۾ هڪ گِنديندڙ ۽ مضبوط رسِي ٻڌ مَت جي آهي، پر سچ اهو آهي تہ اسين ٻڌ مَت جي دائري ۾ رهندي بہ ٻنهہ مختلف سوچ رکون ٿا. ٻڌ مَت ۾ ايئن فِڪري ياڱي بندي واضح ٿئي تہ ان کي اثبات سان قبولڻ گهرجي تہ ٻڌ مَت ۾ سوچ جو هڪ انداز هي بہ آهي، ان سان ٻڌ مت بطور هِڪ فڪر جي جِيئدان ماڻيندو.

ساڌو هاڻ اُن احتجاج جي هڪ ٻئي پاسي تي پنهنجي راءِ ڏيندس. توکان هڪڙو سوال پڇان؟

جي توکي ان واقعي جي اڳوات جاڻ پئجي وڃي ها جيئن ساڌو لي ۽ تاشِيءَ کي هئي تہ ساڌو تِچ ڪوانگ اهڙو سنگين احتجاج ڪندو تہ ڇا تنڌهن بہ تون اُن احتجاجَ ۾ وڃين ها؟ منهنجو ذاتي خيال اهو هو تہ ڪيس توکي اها اجازت نہ ڏيڻ گهرجي ها. آخر ان بي رحميءَ جي ڏيک سان هڪ ٻار کي ڇو تہ رُوشناسي ڏجي ها؟ لڳي ٿو تہ ان دوَر ۾ نسل ڪشيءَ وِيتّت نامي ٻوڌيشالا کي ٻنهہ نااميد ڪري ڇڏيو هو. نا اميديءَ جي اونداهہ ۾ جڏهن مَتيون ٻنهہ مُنجهنديون آهن تہ اهڙيون غير منطقي چُڪون ٿينديون آهن.

منهنجي خيال ۾ ساڌُو تاشِيءَ جو فيصلو دُرست هو. جو هن توکي اجازت نہ ڏني. باقي ساڌو تِچ ڪوانگ دوڪ جيئن تہ هيءَ دنيا ڇڏي رهيو هو ان ڪري هن اهو احساس وڃائي ڇڏيو تہ ان پاڻ ساڙڻ واري فيصلي جو ۽ نون ٻوڌين کي ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو بنائڻ جو ڪهڙو نقصان تي سگهيو پئي. جنهن دنيا ۾ اُن جي اِنسانَ تي اُن جو منفي اثر ٿئي ها. ان ۾ ته هو رهڻو ئي نه هو. ان ڪري ان جو ڪيس فِڪر به نه هو.

ان احتجاج تي منهنجي آخري ڳالهه. هڪ حوالي کان مان تو سان متفق آهيان. مثال طور ساڌو ٽِچ ڪوانگ جي جيڪا آخري تقرير ڏ ئي، ان ۾ هو ڀِنهه شانت هو ۽ سندس تقريري مواد بنهه هلڪو هو. تو بلڪل صحيح چيو ته جهڙو احتجاج هو ته تقرير ۾ به مواد اهڙو ئي جوش ڏيارينڌڙ هجي ها. اُن ۾ هيجان ۽ دانهن هجي ها. هو پنهنجي تقريرَ ۾ هِڪبئي سان باهميت ۽ گڏجي رهڻ تي اُتساهه سان ڳالهائي ٿو. سندس ٻولي پُر اميد هئي. هو گوتم ٻڌ جي تصور جي ذڪر سان پنهنجي گفتگو شُروع ڪري ٿو. ٻوڌين جي قاتل نِگو ڊِنهه ڊيئم کي احترام سان مخاطب ٿئي ٿو.

هو ڪانئس ٻاجهه جي گُهر ڪري ٿو ته جيئن ملڪ ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي گروهن جي پُر امن طور گڏجي رهڻ کي مُمڪن بنائي ملڪ کي سگهارو ڪري سگهجي. لفظ ٻُڌائين پيا ته جَهڙوڪَر هو ڪنهن هلڪي ڦُلڪي بک هڙتال جهڙو ڪو احتجاج ڪرڻ وارو هو. پر اهو احتجاج ته خود سوزيءَ جو هو..! ان احتجاج جي بيانَ ۾ به ايئن ٻاهِر جا اُلا هجن ها!

جڏهن اوهين پنهنجي مخالف کي اهڙو نياپو ڏيندا آهيو ته ان جو مطلب اهو هوندو آهي ته اوهين جارحيت جي خاتمي لاءِ هڪ غير اثرائتو احتجاج ڪري رهيا آهيو! احتجاجي نياپي جي لفظن ۾ مِنٿ نِماڻائي. جيڪا لڳ ڀڳ هيٺائيءَ سان مُشابهه هئي ۽ عمل ۾ هو ساڌُو ٻاهِر جي ڄِڀين ۾ سڙي رهيو هو! پُرامن نياپي سان سلهاڙيل اهو احتجاج وِگوڙ سان ڀريل هو. ساڌوءَ اِهو واضح تضاد هو. لفظن ۽ عمل جو ڇا ايئن نه هو؟

مون ان وحشت جو اندازو لڳايو آهي. ان تي سوچڻ مهل محسوس ٿئي ٿو ته منهنجا لِڱ منهنجا نه رهيا آهن ساڌو. مان وري ورجائيندس. جي ٻين انسانن جي نسل ڪشي ڏوهه آهي ته پنهنجي پاڻ کي مارڻ سو به خود سوزيءَ سان. اهو به هڪ تمام وڏو ڏوهه آهي. ٻُڌ مَت جي تاريخ ۾ هڪ غلط باب شامل ٿيو.

ٻوڌي سَنتوَ! ساڌُو ٽِچ جو خود سوزيءَ وارو واقعو جڻ ڏک جو هڪ مُنجمد تي ويل جسم ٻڻجي ويو هجي. ساڌو دوڪ جي سڙي ڪرونڊڙو تي ويل جسم بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي منهنجي رَتَ جو دورو تيز ٿي ويو. مون محسوس ڪيو پئي ته اهو پڙهي منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون هيون ۽ منجهن آلاڻ پاڻيءَ جي نه پر رَتَ جي گرميءَ جي شدتَ جي هئي، ساهه ڪنهن بارڻ ۾ ٻريو پئي.

منهنجي ذهن مان اهو لقاءُ نڪري ئي نه ٿو. ٻن راتين کان مون خيالن ۾ ساڳو دوڪ جي ڪروندڙي ٿي ويل جسم جو تصور جوڙي ورتو آهي. جيڪو رکي رکي هيانءَ توڙي خيالن ۾ هُري ٿو. ويندي ويندي مون ڏِيان ۾ هڪ عجب مشاهدو به ڪيو. جنهن تي توکي پوءِ ٿو لکان.

هڪ مؤتمار لقاءُ هو جنهن تي عالمي طور وڏو واڪو ٿيو اهو ڪيڏو نه عجيب هو ته ساڳو ٿِچ ڪوانگ دوڪ پاڻ ته نه رهيو هو. پر هاڻ سندس سڙي ڪوئلو ٿيل ٻڄي ويل جسمَ کي عالمي سطح تي هاڪَ ملي رهي هئي.

ان واقعي جي ڪجهه ٻين پهلوئن تي به مون کي سخت عجب ٿيو. مثال طور، آخر هو ڪهڙي قسم جو انسان هو جنهن ان دل تي تانڊا ڇٽيندڙ منظر جا فوٽا ڪڍيا ٿئي ۽ جنهن تي دنيا وارن وري ڪيس انعام اڪرام عطا ڪيا...!؟ ان جو ته مطلب اهو آهي ته تصويري صحافتَ ۾ ماڻهو سچو وقت اذيتناڪ منظرن جي ڳولا پويان رهي، اها جديد دنيا جي اخلاقي قدُرن ۾ هڪ وڏي بحران جي نشاني آهي. هو جيڪو هڪ انسان کي باهِه جي شعلن ۾ سڙندي ڏسي رهيو هو پر ان کي بچائڻ بدران سندس فوٽو ڪڍي رهيو هو.

مان سمجهان ٿو ته ساڳو ٿِچ ڪُوانگ جي چوڌاري ٻوڌي نوجوانن جو جوڙيل سخت گهيرو هن فوٽوگرافر لاءِ پار ڪرڻ مُمڪن نه هو. پر اُن جي باوجود به اُن موقعي ته هر انسانَ جو اهو وڙُ هئڻ گهرجي ها ته هو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سڙي مرندڙ انسان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندي ته نظر اچي ها. مٿان دنيا ان فوٽوءَ جي ڪِلڪ کي سورهيائِي ۽ مهارتَ، سمجهندي ان فوٽوگرافر کي انعام آڇي رهي هئي. ڏاڍو اَچرج ٿيو اٿم! ڀلا باهه ۾ سڙندڙ اُن جسم جا ڪيترا ئي فوٽو ڪڍندڙ هوندا جن کي اِنعام نه مليو اُهي ڪيڏو نه ارمان ۾ هوندا؟ هيءَ ڪهڙي ڇِتاپيٽِي هئي؟

جيئن تو ٻڌايو ته هڪ ٻوڌي لائوڊ اِسپيڪرَ تي اعلانَ ذريعي اُن واقعي جا تفصيلَ زور زور سان ٻڌائيندو پئي رهيو. جهڙوڪر ڪنهن ميلي جي مَلهه يا ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي راند تي ڪمينٽري ڪري رهيو هو. انيڪ پوڙي ساڏو تِج ڏوڪ جي تعظيم ۾ سجدن ۾ ڪِري پاڏائيندا بہ رهيا پئي؟ پر هو ڪنهن کي پاڏائي رهيا هئا ساڏو؟ انسانن کي موقعي مهل جي حساب سان جيڪو عمل ڪرڻ يا ردعمل ڏيڻ جڳائي، اهو لازمي ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن هو اهو نہ ڪن يا ڪرڻ کان ڪيٻائين تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سندن اخلاقي قدرن سان ڪو سنجيدہ مسئلو آهي.

مون وري وري عجب منجهان ان تي پئي سوچيو آهي تہ ڇا اهو اذيتناڪ منظر پيش ڪندڙ ٻڌ مت هو؟ ۽ ان منظر جي دنيا آڏو منظر ڪشي ڪندڙ هي ويهين صديءَ جو تهذيب يافتہ انسان هو؟ ساڏو! تون ئي مون کي ٻڌاءِ تہ اهو ڪهڙو انسان هو. اها ڪهڙي دنيا هئي، جتي جسم تہ ڇا رُوحن کي ساڙيندڙ ڦهري لقاءَ کي سڀاجهڙن انسانن جو هجوم هِڪ تماشبين جيان پِسِي رهيو هو؟ دنيا ان تي اِنعام آڇي رهي هئي؟ ان صحافيءَ ڪهڙي سورهياتي ڪئي هئي آخر؟ جي هئي بہ تہ اصل سورهياتي تہ تِج ڏوڪ جي هئي. سائيگان جي پوڙيشالا جي هئي. ٻڌ مت جي هئي. ان فوٽوگرافر جي ڪيئن هئي؟

اُتي ڪمبوڊيائي سفارتخاني جا نمائندا. ڊيئم حڪومت. آمريڪي راڄ جيڪڏهن ان بي رحميءَ کي روڪڻ جا قدم نہ کنيا تہ ظاهر آهي ان ڪري جو اهي تہ پاپي هئا. دشمن هئا. پر ٻئي پاسي پوڙي ڇا ڪري رهيا هئا؟ ٻڌ مت جا محبتي بہ تہ وقت جي ان ظالم سان هم آهنگ هئا. هڪ هئا. جڻ هو هڪ اڻ لکئہ ڪيل معاهدي تحت هِڪٻئي جو ساٿ ڏئي رهيا هئا. ماٺ رهڻ جو ساٿ. آواز نہ اُٿارڻ جو ساٿ. ظلم ٿيڻ ڏيڻ جو ساٿ! ظُلمَ جي جواب ۾ وڏيڪ ڀيانڪ ظُلمَ جا ڏيک پئدا ڪرڻ جو ساٿ!

تون پاڻ سوچ! اهو رُوح جي سرديءَ ۽ سفاڪيءَ جو ڪيڏو نہ ڀيانڪ مثال آهي؟ انساني شعور جي هيٺڙي پستي ڪنهن ٻڌي؟ سموري تهذيبيت کي ان سفاڪيءَ مٿيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. يعني جنهن عمل تي نِندا پلئہ پوڻ گهرجي ها. ان عمل تي مجتا ملي رهي هئي. هيءَ دنيا اخلاقي طور ڪيڏي نہ ڏِنگي آهي؟ منهنجو خيال آهي تہ اها ان ڪري ايئن آهي جو ان تي ڪاپائو ذهنن جو راڄ آهي.

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انساني قدر کي هڪ ڪاپائو سوچ کائي کوکلو ڪري ڇڏي. انساني تحفظ. عظمتَ ۽ احترام بدران ڪاپي کي ترجيح هئي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سڙندڙ ٻوڙهيءَ جي تصوير دنيا ۾ وڏن انعامن سان ڪپائي وئي. ڏيکاءَ کي مانُ هو. هن عالمي دنيا جيئن جيئن ترقيءَ جا ڏاڪا اڳتي ٽپيا آهن. تيئن تيئن ان قدُرن کي پرتئي پئي ڇڏيو آهي. ترقيءَ جي تاثير ان جي ابتڙ ٿي پئي آهي، ترقي پنهنجي معنيٰ جي اُبتڙ کي نتيجي ۾ جَنم ڏيندِي رهي آهي. مان ان تدبير جي، ان تعظيم جي سخت نِندا ٿو ڪريان. ان اِنعام تي نفرت جا ڇوهَ ٿو ڇنڊيان جيڪو ڪنهن عظيم ڪمَ جي نتيجي ۾ ملڻ بدران، سفاڪيءَ ۽ بي رحميءَ جي نتيجي ۾ ملندڙ انعام هو ساڏو.

هن يگاني ساڏوءَ جو ڪوئلو بڻيل جسم آخري رسمن جي مقام ڏانهن نيو ويو. ايئن خودسوزيءَ جي ان عمل کي باقاعدي تڪميل تي رَسايو ويو. آخر ۾ اهو واقعو عالم لاءِ هڪ خبر بڻجي ويو ۽ سائيگان لاءِ هڪ اذيتناڪ واقعو ۽ ان تصويري صحافيءَ لاءِ انعام.

پيارا ساڏوا توکي سچ ٻڌايان ته هن سموري عرصي ۾ مان مِيرا جي ياد کان به الائجي ڪيترا ڀيرا وڌيڪ جنهن ڳالهه تي لُڇيو ۽ ڦَتڪيو هوندس، سو اهو واقعو آهي. مان هاڻي اندازو لڳائي سگهان ٿو ته آخر ڪيئن ٻُڌ مَت جي وِڳوڙ سان ويجهڙائي ٿي هوندي ڊِينيتَ. عقيدي ۽ نرگسيت کي جنهن به ويساهَه يا علم سان واڳجي ته اِهو ڪيئن مُمڪن آهي ته ان مَنجهه وِڳوڙ جنم نه وٺي. اهو ٻُڌ مَت جنهن عالمي هڪ ـ هٽيءَ جي خلاف مزاحمت ڪئي ٿئي. مزاحمت ۽ پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهندي وِڙهندي هُو پنهنجي مَدِ مقابل ظالم جهڙو ئي ٿي ويو؟ وِيهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي ٻُڌ مَت جو اهڙو ڀيانڪ روپ انهن ئي اُبهرين تدبيرُن جو نتيجو آهي.

تون ڀاڻ سوچ. ساڏوا مذهبن سموري عالم ۾ اِنسانيت جون متيون منجهايون آهن. پر عالمي سياست ته ٻنهي، ويهين ۽ ايڪيهين، صدين ۾ خود مذهبن کي اهڙا چڪر ڏنا آهن. جو مذهبَ ان ڦيريءَ مان نڪرڻ ۾ وڏو وقت وٺندا. پر ٻُڌ مَت ته مذهب نه هو. ان ڇو مذهبي جُبو ڀاتو؟ جي ڀاتائين تو پوءِ ان جي قيمت ته ڪيس ادا ڪرڻي ئي هئي!

سائيگان جيان برما ۾ به اهو 1962 وارو ئي دؤر هو جڏهن ڪجهه حڪومتي فيصلن سان مسلمان عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا هئا. جنهن جو اثر نَوي واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍاڪي جي پچاڙيءَ ۾ وڌيڪ اُڀري سامهون آيو. جيڪو اڄ سوڌو قائم آهي ۽ تازو ئي ڪيڏي نہ بدترين شڪل اختيار ڪئي اٿس. برما ۾ اهو بحران ڇاڪاڻ ته پيدا ٿيو؟ ان جو هڪ مثال طور هڪ پاسي اهو بحران طالبان جي باميان افغانستان ۾ ٻُڌ مت جي مُورتين کي ميسارڻ جو لازمي نتيجو هو ته ٻئي پاسي جذبات جو اهو اڀارُ هڪ مُسلمان تي هڪ ٻوڌي نينگريءَ تي ڪيل جِنسي حملي جي الزام سان بہ اُڀريو هو. جنهن لاءِ اهو پڻ چيو ويو تہ اهو هڪ هٿ-ٺوڪيو الزام هو تہ جيئن ٻوڌين ۾ مسلمانن خلاف جَذبات اُڀاري وِڳوڙ پيدا ڪرائجي.

ڇئي سگهجي ٿو تہ هڪ پاسي سائيگان ۾ عيسائيت ٻُڌ مَت کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي تہ ٻئي پاسي برما ۾ ٻُڌ مَت ۾ مسلمانن خلاف جذبات اڀري رهيا هئا. ايئن ئي سري لنڪا ۾ بہ ٻوڌي بحران جي اهڙي ئي بدترين صورتحال رهي آهي. اتي ٻوڌي سمجهن ٿا تہ سري لنڪا ۾ ٻُڌ مَت ئي واحِد شناخت آهي، مسلمانن جي موجُودگي ان شناخت کي ڇيهو رسائي ٿي. داخِلي طور قِصو تہ اڃان ٿيون آهي، جنهن جو سياسي پسمنظر آهي.

جيڪڏهن ٻُڌ مَت فقط فَلسفو ئي رهي ها ۽ پنهنجي عِلمي حدبندي عَقُليت، عِلميت ۽ منطق تي قائم رکي ها، بلڪل ايئن جيئن گوتم ٻُڌ چيو هو تہ پوءِ اڄ اُهو عالمي سياست جي بدبودار اتڪلن جو ايئن شِڪار نہ ٿئي ها.

مون کي مِيرا چوندي هئي تہ هل تہ ٻئي ملي ڪري جاڪوزيون ۽ ٻُڌ مَت کي هڪ فِڪر ۽ فلسفي جيان متعارف ڪرايون. ساڏيا مان سچ ٿو چوان. جيڪڏهن ٻُڌ مَت ايئن نہ ڪيو تہ ڪنهن بہ عقيدي جيان ايندڙ دؤر ۾ سندس بہ ڪو مُستقبل نہ آهي.

مِيرا جو ٻُڌ مَت کي هڪ فِڪر ۽ فلسفي طور دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ وارو خواب شل هر ٻوڌيءَ جو خواب بڻجي وڃي ۽ ان جي ساڀيان جي لاءِ هڙئي اِجتماعي طور ڪوششون ڪن. دنيا ۾ غير عَقُليت جو ڪو بہ مستقبل نہ آهي، ان ڪري ان غير عَقُليت کي اڄ ئي ختم سمجهيو وڃي. جنهن جو مستقبل نہ آهي ان جي واريءَ جهڙن بنيادن تي ڪنهن بہ عمارت اَڏڻ وسيلن ۽ سوچن جو ضيان آهي.

مون آمريڪي ٻُڌ مَت جي ماهر ڊئنيئل پرڊيو (1950_2013) جي ٻُڌ مَت تي ڪم کي سدائين ساراهيو آهي، ان ڪري جو هن ٻُڌ مَت ۾ بحث جي روايتن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن ۾ سندس مرڪزي نُقطو تبتي ٻوڌيشالا ۾ ٻُڌ مت بابت مفروضن کي واضح ڪرڻ هو. ساڏو سندس تصور ڪمالَ جا آهن. ڊئنيئل پرڊيو موجب تبتي ٻُڌ مت ۾ منطقي نقطو جيئن تہ يوناني فلسفيءَ ارسطوءَ جي سِلاجيئزم کان متاثر ٿيل آهي. ان ڪري ٻُڌ مت ان جي سائنسي حيثيت کي مڃي ٿو.

مان جپان جي مهاياني ٻُڌ مت جي هڪ مڪتب نچيئرِن شوشُو کان بہ ڪافي متاثر ٿيس، جنهن جو جاپان ۾ وچي ويجهڙائيءَ سان مُشاهدو ڪيو هئم. اُن جو بنياد 13هين صديءَ جي هڪ ٻوڌي سَتوَ نِچيئرِن ڊائيشونِن (1222_1282) وِڌو هو. ڪي محقق نِچيئرِن کي ٻُڌ مت ۾ وڏين تبديلين آڻڻ جي ڪري مليٽنٽ پيغمبر بہ سڏيندا آهن. نِچيئرِن شوشُو ڪاماڪُورا ٻُڌ مت مڪتب سان واڳيل آهي جنهن جو زين ٻُڌ مت تي بہ وڏو اثر آهي.

ان مڪتب جا ٽي اصول آهي. هڪ تہ نِچيئرِن عقيدو اختيار ڪرڻ. ٻيو منتر "نام مِيوهو رينگي ڪيَو" جو وِرد ڪرڻ ۽ ٽيون نِچيئرِن مڪتب جي روحاني لکڻين جي تصنيف "گوشو" جو مطالعو ڪندو رهڻ.

نِچيئرِن فِڪر جا پوئوارَ ڪَنول سُترا کي ئي محور بنائين ٿا. جنهن جو مُک نقطو آهي تہ سڀئي انسان پنهنجي فطرت توڙي شعور ۾ ٻُڌ رکن ٿا. ان ڪري اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ نِرواڻ ماڻي سگهن ٿا.

نِچيئرِن غوهنزون هڪ ڪيليگرافيائي تصوير يا منڊل آهي. جيڪا نِچيئرِن ٻُڌ مت جي ٻوڌي_دَرن ۽ ٻوڌيشالائن ۾ ٽنگيل هوندي آهي. خاص ڪري ٻوڌي خُطبي دوران ٻوڌي الٽر تي تصويري صورت ۾ فريم ٿيل لڳل هوندي آهي. ان تصوير ۾ مُک ٻوڌي سَتوئن جا نالا ۽ لوٽس سُترا ۾ منتر "نام مِيوهو رينگي ڪيَو" بهترين انداز ۾ لکيل هوندو آهي. غوهنزون کي تصويري فريم جي صورت ۾ لڳائڻ پاڳ سمجهيو ويندو آهي.

جڪارتا ۾ مان هن مڪتب جي هڪ ٻوڌي_در ويو هئس. پوري انڊونيشيا ۾ ان مڪتب جا فقط ٻہ يا ٽي ٻوڌي_در هئا: هڪ جڪارتا ۾، ٻيو جاوا ۾ ۽ ٽيون سُماترا ۾. سندن ساڌُو توڙي ٻوڌي سَتوَ عام زندگيءَ جي لوازمات کي تياڳيندا نہ آهن. اُهي شادي بہ ڪندا آهن. اتي جي هڪ ساڌوءَ مون کي ٻُڌايو تہ هو ٻُڌ مت جا پروٽيسٽنٽ سمجهيا ويندا آهن. ٻُڌ مت ۾ وڏي تبديلي آندي اٿن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِچيئڙن ٻڌ مت جو ويساھ آهي تہ ڪو وقت ايندو جڏهن دنيا ۾ لاقانونيت تيندي ۽ ٻڌ مت تضاد ۽ جهيڙن جو شڪار ٿيندو. اُن جو فقط هڪ حل آهي. سو اِهو تہ رُڳو نظريي، خيالن ۽ ڌيان ۾ نہ. ٻڌ مت کي مادِي طور عمل ۾ آڻجي تہ جيئن اُهو سماج ۾ نِسرجندو نظر اچي. دنيا جون حالتون انسان جي داخلي حالت جو مظهر آهن. ان ڪري ماڻهن کي پرامن رکڻ لازمي آهي تہ جيئن معاشري کي با انصاف بنائي سگهجي. ٿُلهي ليکي سندن موجب ٻڌ مت جو پيغام پکيڙڻ مان اصل مُراد سماج کي وڏي پئماني تي تبديل ڪرڻ آهي.

سماجن کي اهڙي سائنسي سوچ سان ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو. پَل ڪٿي ماڻهو ٻڌ مت کي هڪ ڪٽر مذهبي يا انتهاپسند فِڪر سمجهن پر سچ اهو آهي تہ اُن جي سائنسيت کي رد ڪرڻ باوُجود بہ ان جي سائنسيت تي ڪو فرق نہ ٿو پوي. اُها پنهنجي جاءِ تي اَٽل رهي ٿي. لڪين عقيدا اچي مِڙن ٿا پر اُهي اڪيلي سائنسيتَ کي رتيءَ برابر ڇيهو بہ نہ ٿا رسائي سگهن. اِها چٽبي منطق ۽ منطقيتَ جي سگهہ.

هو چوي ٿو تہ *'ساجو مٿ "طريقي" جي نمائندگي ڪري ٿو. يعني احساساتي رويو ڪيئن هجڻ گهرجن ۽ کابو هٿ "ڌاهپ" جي نمائندگي ڪري ٿو. يعني بنهي هٿن کي ملائڻ معنيٰ ڌاهپ ۽ ان جي اظهار جي طريقي جو ميل ڪرڻ'.*

ٻڌ مت هڪ احساس ۽ عقل جو ميلاپ رکندڙ فڪر آهي. ان مان گذريل پوري صديءَ ۾ عقل ۽ ڌاهپ الڳ ڪري ان کي هڪ ڦوڳ جيان بنايو ويو آهي.

مان سمجهان ٿو ساڌو تہ توهان مون سان ان حوالي کان. توڙي مِيرا کي ماڻهن پنڌ تي هلڻ جي حوالي کان بِنهہ سَهمت نہ آهين. هاڻ اهو مان پليءَ پيٽ سمجهي ويو آهيان تہ بوڙي دنيا ۾ مون کي ان تي تمام وڏي مخالفت کي منهن ڏيڻو پوندو. جيئن تہ مون ٻڌ مت جي رائج موقف تي سوال اُٿاريو آهي. ان ڪري سڀ کان پهرين تہ شايد مون تي هڪ سچو ٻوڌي نہ هجڻ جو الزام بہ لڳندو. اِها اِلزام هٽي الڳ ڪرڻ واري رَوِش بہ فقط عقيدو ئي اختيار ڪندو آهي!

پر جيئن تہ ٻڌ مت عقيدو نہ آهي، مذهب نہ آهي، ان ۾ مافوق الفطرت قوت يا قوتن هجڻ جو تصور نہ آهي. ان ڪري شل منهنجي ان تنقيد ۽ راءِ کي علمي حوالي کان ورتو وڃي. اهو منهنجو بنيادي حق آهي. مون کي اها پڪ هجڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي تہ ان تنقيد ۾ راءِ تي ٻڌ مَت عقيدي جيان مچرجي مرڻ مارڻ لاءِ تيار نہ تي ويندو. اجڪلهہ ٻڌ مَت مذهبي اِنتهاپسنديءَ جا گَس ڏنا آهن. ان ڪري ان جو اثر مان بہ پوڳي سگهان ٿو چاهي تہ ڪيترو بہ سچو ٻوڌي چو نہ هجان.

ان موضوع کي اِتي بس ٿو ڪريان. وڏيڪ ڇا چئجي ان تي!

ٽورو پنهنجي واپسيءَ واري سفر تي لڪندس. مان لَداخ مان موٽندي هڪڙو چڪر گهر جو بہ هڻندو آيو هئس. سڀ ڪجهہ ايئن ئي هو جيئن مون آخر ۾ ڇڏيو هو. بس مِيرا نہ هئي. هڪڙي رات اُتي رهيو هئس. اسٽڊي رُوم ۾ ويهي هڪ پيرو وري ڪتابن ۾ هن جي فوٽُن کي ڏسندو رهيس.

ٻيهر سائين سليمان جي گهرواريءَ سان بہ مليو هئس، اتي جيجيءَ کي سمورو حال بيان ڪيو هئم. جيجيءَ جون اکيون ٻيهر آليون ٿيون هيون، هوءَ مون تي سخت چِڙيل هئي تہ مون مِيرا کي هن مختصر حياتيءَ ۾ رولاڪيون ڏئي ڇڏيون هيون. هوءَ حَق تي هئي، مان اها تُهمت کڻي هلٺو هئس ان ڪري پشيمانيءَ منجهان ماٺ هئس. بس کيس پنهنجو ڏَس پتو ڏئي آيس تہ مِيرا جي کيس ڪا خبر پوي يا هوءَ موٽي تہ مون کي جلدي اطلاع ڏئي. آشا شهر کان ٻاهر هئي، ساڻس بہ فون تي احوال ڪيم، کيس بہ اهو ئي چيم ۽ سنڌ ٻوڙيشالا موٽي آيس.

ان دوران مون ڏِيان جا هَلڪا ڦُلڪا مُشاهدا ڪيا. اها آخري رات جيڪا پنهنجي گهر رهيو هئس، ان ۾ مون عجيب ڏِيان جو مُشاهدو ڪيو. مون ڏٺو تہ مان لَداخ مان پاٽيءَ واري جهاز ذريعي موٽان پيو. ان جهاز تي انيڪ ٻوڙي سوار هئا جيڪي لباس توڙي ڏيکَ ۾ پارتي لڳا ٿَئي. گيڙُو رنگ جي ساڙهين ۾ انيڪ ناريون هيون، جن کي ٻوڙي مالائون پاتل هيون. مون منجهن مِيرا کي ڳولڻ شُروع ڪيو. مون کي لڳو جهڙوڪَر انهن ۾ ئي مِيرا بہ هئي، جيڪا فقط هيڏي هوڏي ٿيڻ جي ڪري ان مهل نظر نہ ٿئي آئي.

نيٺ مون مِيرا کي ڏٺو هوءَ هڪڙيءَ دريءَ منجهان پاٽيءَ کي نِهاري رهي هئي. ساڻس گڏ هڪ ٻہ ٻيون ٻوڙياٽيون بہ هيون، جن سان هوءَ رکي رکي هڪ ٻہ جُملا ڳالهائي رهي هئي.

کيس ڏسي منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي، مان ڏانهس وڌڻ لڳس. جيئن ئي سندس ويجهو رَسيس، کيس سڏيم، "مِيرا!" هن منهن ورائي ڏٺو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ لمحا مون کي تَڪَّي هوءَ وري مُڙي دريءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي. جڻ ڪجهہ ڏنو ئي نہ هئائين. سندس مُک تي ڪنهن بہ سجاڳپ. شناسائيءَ جي ريکا نظر نہ آئي. مون کيس سڏيو. پر هن وراڻيو نہ پر پوءِ مون نوٽ ڪيو جَهڙوڪَر اُتي ڪير بہ منهنجو آواز نہ ٻُڌي رهيو هو. ويندي لڳو تہ جڻ مون کي ڪو بہ ڏسي ئي نہ رهيو هو.

جَهڙوڪَر اهڙي شيشي جي پٺِ پويان مان هئس. جتان مان تہ مڙني کي ڏسي پَسي ۽ ٻُڌي رهيو هئس. پر مان ڪنهن کي بہ نظر ئي نہ پئي آيس.

ان ڏِيان مان سُجاڳيءَ ڪان پوءِ بہ تي پلَ پندِ پهڻ هئس. ان منجهان نڪري پاڻ کي گهر جي لائيبرريءَ ۾ مِيرا جي فوٽن لڳل ديوارن جي وچ ۾ ويٺل ڏٺم. ذهن تي خوشيءَ جو هڪ احساس قائم هو تہ کيس هڪ ڀيرو وري سامهون ڏٺو هئم.

پوءِ اِهو بہ ياد آيم تہ مِيرا جي ٻُولا جي پنڌَ تان مِيرا بنا موٽي رهيو هئس. ان مون کي اُداس ڪري ڇڏيو... سوچيم. هاڻي ٻوڏِيشالا واپس وڃڻو هو سندس ٻُولا کي وڌيڪ بهتر طريقي سان ٻيهر شُروع ڪرڻ تي غور ڪرڻو هو.

مون کي سندس بابت جيڪي پارَ پَتا ۽ اُهڃاڻَ مليا هئا. انهن ۾ هڪ تہ ساڌو چوفيل ڏسيو هو تہ هوءَ منهنجي ٻُولا ۾ لَيهہ جي ٻوڏِيشالائن ۾ ڦِرندي ڏٺي وئي هئي. هڪ ڏينهن هَيمِس ٻوڏِيشالا ۾ بہ رهي هئي. جنهن ٻوڏِياڻي مون کي سندس پارَ ڏنا. سندس لفظ منهنجي دماغ ۾ اڄ سوڌو پڙاڏا ڪندا رهن ٿا: ”نہ. هن سَليو ڪجهہ بہ نہ. بس سنڌي ٻوڌيءَ جي پڇا ڪندي رهي ۽ پوءِ گم تي وئي.“ مون سوچيو. هوءَ اُن ٻوڌيءَ کي پوري عمر جي ملامت ڏئي الائجي ڪيڏانهن هلي وئي هئي. بس سندس ٻُولا هاڻ هن ٻوڌيءَ جو بہ مقصد بڻيو هو.

هن اهو بہ چيو هو تہ هوءَ هَيمِس ميلي جي ياترين سان ڪيڏانهن نڪري وئي هوندي. هن اهو ڪيئن چيو تہ هلي وئي هوندي؟ اهڙو ڪو اُهڃاڻ مليو هئس کيس تہ هوءَ ڪِنهن ياتري گِروهہ سان گڏ نڪرڻي هئي؟ هاڻ مون کي اهو پتو ڪرڻو هو تہ اُتان نڪري هوءَ ڪيڏانهن وئي. هوءَ گهر تہ نہ آئي هئي. ان جو اهو ئي مطلب هو تہ هوءَ ڪنهن ٻئي پاسي وئي هوندي. پر ڪٿي؟

لَداخ ۾ خلقَ ڪتان ڪتان نہ ايندي هوندي. ڪيئن سمجهجي تہ هوءَ ڪهڙي پاسي وئي؟ سو بہ تڏهن جڏهن هوءَ منهنجي ٻُولا ۾ هئي؟

هوءَ مُنهنجي لداخ ۾ موجودگيءَ دوران بہ ڀيرا تہ سنڌ ٻوڏِيشالا آئي هئي. تازو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ٻوڏي سارنگ مون کي ٻڌايو هو. پر ٽيڻ تہ ايئن گهرجي ها تہ هوءَ ملڪ جا ٻيا ٻوڙي ماڳ بہ ڏسي ها. جو مان ڪجهہ عرصو ٽيڪسيلا سميت ڪن ٻين علائقن ۾ بہ ويندو رهيو هئس. هوءَ اُتي هجي ها تہ منهنجي باري ۾ ڄاڻي سگهي ها. جي هوءَ پاسي ئي ڪنهن ٻئي هلي وئي هئي تہ پوءِ مان ڪيس ڪيئن ملڻو هئس؟

سنڌ ٻوڌيشالا موٽڻ کان پوءِ جڏهن مون تو ڏانهن پنهنجي ان پنڌ جا احوالَ لکڻ شُروع ڪيا. تڏهن کان، اڄ سوڌو، ڏيان جي مُشاهدن ۾ ان پنڌ سان واڳيل لقاءَ ئي پسان پيو. مثال ڪنهن مهل هوءَ مون کي هيمس ٻوڌيشالا ۾ پکين کي داڻو وجهڻ ۾ رُڌل نظر آئي. ڪنهن مهل سِڄ ايرڻ مهل سِڄَ ـ سلامي ڪندي نظر آئي تہ ڪڏهن وري گهر جي اسٽڊي رُوم ۾ ڪتاب پڙهندي، يا ڊائري لکندي.. پر منهنجي ڪنهن بہ مُشاهدي ۾ ساڻس ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي سگهي. سواءِ گذريل رات واري مُشاهدي جي.

ڏٺم. مِيرا ڪليل وارن سان هلڪي مِيرانجهڙي رنگ جي ڪپڙن ۾ ڪنهن ٽَڙ تي ويٺي آهي. هوءَ هلڪڙي آواز ۾ ڪو ڪلام جهونگاريندي پاٽيءَ کي تڪي پئي. ڏيان ۾ مان ان ئي احساس ۾ هئس تہ هاڻ بہ اڳ وارن مُشاهدن جيان هوءَ مون کي ڏسي يا ٻُڌي نہ سگهندي هوندي. مان وڃي سندس پنيان بيٺس. هوءَ پيرن جي چاپ تي مُڙي ڏسي پڇي ٿي، "جادم تون ڪٿي هئين؟"

سندس اهو سُوال ٻُڌي مان خوشيءَ ۽ اُويساهيءَ ۾ ٻُڏي ويس. دل چيو تہ هوءَ اجهو اُٿي بيهندي ۽ ڀاڪر وجهندي.. پر هوءَ اتي ئي ويٺي مون کي ڏسندي رهي، جَهڙوڪر مان صبح جو نڪري رات دير گهر موٽيو هجان ۽ هوءَ اِن تي پريشان هجي ڄڻ.

مان پنهنجي موجُوده حال جي جذبن ۾ تار هئس... پڇيومانس "مِيرا تون ڪيڏانهن هلي وئي هئينءَ؟" هوءَ مون کي اِن سُوال تي عجبَ مان ڏسي ٿي ۽ اتي اهو مُشاهدو اچي پُنو.

مون اڄ کان مِيرا جي ڳولا ۾ ڪجهہ ٻوڙي ملڪن جي ٻوڌيشالائن سان لِکپڙهہ شُروع ڪئي، خاص ڪري سري لنڪا ۽ نيپال ۾ جتي منهنجي پنهنجي ذاتي سُڃاڻپ رهي آهي ۽ اُتي هو اڪثر وڃڻ جي خواهش بہ ظاهر ڪندي هئي. جيتوڻيڪ لڳ ڀڳ هر جاءِ تان جواب نهڪر ۾ آيو آهي... پر ساڌو مان سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُولا ۾ پاڻ ملهائيندس. هيءَ حياتي مِيرا جي ساٿ کان سواءِ ضِيان آهي.

تو کي سچي ٻُڌايان. ساڏو تنهنجي پيارَ-ڪهاڻي پڙهي مون کي هڪ خِيال ذِهن ۾ آيو. شايد اِن پنڌَ تي نڪتل سيئي پانڌيءِ اِن ڪيفيتَ ۽ صورتحال مان گذرندا هوندا تہ ڪين تِياڳڻ اوکو ۽ غَيرِ فِطري لڳو هوندو. اِن سُوال تي اُنهن سيني بہ سوچيو هوندو تہ آخِر چو تِياڳجن جيڪڏهن اِنساني جذبن ۽ جِبلتُن جون گُهرجُون ايتريون فِطري آهن تہ؟

اِهو تہ تمام بنيادي سُوال آهي جيڪو هر ڪنهن جيان تنهنجي ۽ اَيما جي ذهنَ ۾ بہ آيو. مِيرا جي ذهن ۾ بہ آيو. مُنهنجي ذهن ۾ بہ آيو. بس اِن سُوال کي لنوائڻو آهي...! پر چو لنوائِڻو آهي؟ اُن جو ڪو بہ منطقي جواب نہ آهي.

ساڏُوا مون اِنهن خطن ۾ پنهنجي پوڙي حياتيءَ جي ڪهاڻيءَ جو مُک ترين حصو لکيو آهي. اُن تي مون کي تنهنجي تفصيلي جوابَ جو انتظار رهندو ۽ ها، پنهنجي آخري پيارَ ڪهاڻيءَ بابت بہ ضرور لِکجانءِ تہ جيئن مان ڏِسان تہ تون پيار کان بار بار ڪيئن پاڻَ پَلي سَگهئين.

تنهنجو پانڪ. جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون جادم جا ۽ سندس ساڏوءَ جا ڪجھ خط پڙهيا. سندس اُستادَ جو يارهين جون 1963 وارو هانءُ جهوريندڙ قِصو پڙهي ورتو. جادم جي خطن ۾ سندس مِيرا جي تلاش وارو سمورو سفر لکيل هو. جادم منهنجي ۽ سندس مُلاقات کي تمام سهڻي انداز ۾ لکيو هو. پڙهي تمام خوش ٿيس. مون هڪ پاسي يوڳِتي ۽ منهنجي لَداخ واري داستان کي مڪمل لکڻ پئي چاهيو. ٻئي پاسي مون نيپال وڃڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي هئي. بس ٽڪيٽ خريد ڪري نڪرڻو هو. مون چاهيو پئي ته نڪرڻ کان اڳ جادِم وارا دستاويز پڙهي، يوڳِتيءَ واري سموري روداد لکي پوءِ نئين سفر تي نڪران ته جيئن نئون مواد هٿ ڪري ان تي فوڪس ڪري سگهان.

ٻئي ڏينهن اسان سيئي صبح جو سوير يوگا لاءِ نَوانگ جي ڏسيل ميدان تي گڏ ٿياسين. جيسِڪا ۽ سَئمر ٻئي اسان جا نوان يوگي تَربيت-ڪار هئا. انهن اسان کي ٻڌايو ته اُسين سُورج-سلامي ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ٻيون مشقون ڪري پراڻيام ڪنداسين.

سج اِجهو اڃي نڪتو هو. موسمَ ٻلي هئي. چوڌاري هلڪي ڦلڪي وٽڪار ۽ جبل جي وچ ۾ ۽ ميرا جي سامهون هئڻ ڪري منهنجي اندر ۾ خوشيءَ ۽ سڪون جا چشما ڦٽي نڪتا هئا. اسان ٻنهي جون اکيون مليون پئي ته هوءَ بہ ڀرپور مُرڪي ٽئي پئي. سندس هي روپ ڪيڏو نہ ڀلو لڳي رهيو هو.

اسان جي تَربيت-ڪارن يوگا کان اڳ ٻُڌَ جي ٿنا ۾ پالي ٻوليءَ ۾ ڀڄن پڙهڻ شُروع ڪيا. جيڪو ٻور ڪندڙ مرحلو هو پر يوڳِتي اکيون بند ڪري ڀڄن پڙهندي ۽ جهومندي رهي. تعارف ڪندي سئمر ٻڌايو ته اها ٻوڌِي ٿنا تِسارٽا چوائبي آهي، جنهن جا ٻولَ ڪجھ هيئن هئا. ”نامو تاسا ڀاگاواتو. اَراهتو. ساما. سامبُڌاسا.“ هو اِهي ٻولَ ورجائيندا رهيا. آخر ۾ جيسِڪا انگريزيءَ ۾ ان پالي ڀڄن جو ترجمو راڳي انداز ۾ پڙهڻ لڳي. اهو هڪ طويل نظم جي شڪل ۾ ٻُدَ کي ڀيٽا هو. ان جو تت ڪجھ هيئن هو:

هو جيڪو حڪمتن توڙي رحمتن سان ٽُپ تار ڀريل آهي،
ان ڪري ئي هو ازلئُون اَملھ آهي،
ان کي رُوح ۽ وُجُود جي هيءَ ڀيٽا اَرپجي ٿي!
هو، جيڪو مڪمل طور هڪ پاڻ-سجاڳ وُجُود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي سواليہ انداز ۾ مُرڪي ڏسندي رهي.

مان اندر ۾ جوش ۽ جذبات ۾ هئس، ان ڪري بس پنهنجي ان بيچينيءَ وچان ڳالهائڻ شروع ڪيم، گهڻي غور ڪئي بنا...

"سياڻي هتان هليو وڃبو ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ رهائشي تربيت ختم ٿي ويندي." اهو چئي ڪيس ڏٺم... هوءَ مون کي سواليہ نظرن سان ڏسي رهي هئي. ان ئي سواليہ تاثر ۾ چتائيندي چيائين، "سو؟"

سندس اهو "سو؟" چوڻ منهنجي اندر کي سوڙهو ڪري ويو. هوءَ سمجهندي بہ نہ سمجهڻ جي ڏيکاءُ ڇو ڪري رهي هئي؟ وراڻي پڇيو مانس، "سو ڇا. مينتوخ؟ اهو بہ ڪو سوال آهي! سو اهو تہ مون کي تو سان ڪجھ وڌيڪ وقت کپي، هتي گذارڻ لاءِ..."

هوءَ جڻ بي خبريءَ ۾ گهوري ڏسڻ لڳي... هلڪڙي بيزاريءَ ۾ ورجايم، "سو اهو تہ تون ۽ مان هتي ڪجھ ڏينهن رهون تہ جيئن اسان کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ وڌيڪ وقت ملي."

منهنجي اُن پُرزور ۽ گنڀير انداز تي مون کي ڏسي چيائين، "اوڪي. ٺيڪ آهي. رهون ٿا بہ ڏينهن هتي." جڻ چوندي هجي تہ ايڏو جذباتي ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. رهون ٿا نہ...

هلڪو مُرڪي چيائين، "پر اوهان کي جلد واپس وڃڻو هو نہ؟"

مون هڪدم جواب ڏنو، "ان کي ڇڏيو تہ مون کي ڪڏهن واپس وڃڻو آهي، بس اهو طئہ ٿيو تہ پاڻ هتي بہ ٽي ڏينهن وڌيڪ رهون ٿا."

اُثبات ۾ ڏسڻ لڳي.

مون سندس چهري تان اُثبات کي پڙهندي چيو، "مان وڃي ڪمرا بُڪ ڪرايان ٿو."

هوءَ مون کي هلڪڙي مُرڪ سان ڏسڻ لڳي. مان بہ جواب ۾ مُرڪي ڪائونٽر تي هليو ويس. وڃي اسان پنهي جو ترسڻ وارو وقت وڌائي آيس: منهنجي اندر ۾ خوشيءَ جو سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳو.

نيٺ اهو وقت بہ اچي ويو، جنهن ۾ اسان سيني هڪٻئي کان موڪلائي رهيا هئاسين. ڏينهن جي پهرئين اڌ ۾ موڪلائيءَ واري نشست ۽ ٿورو سوير پُرز مَنجهند جي ماني رکيل هئي، گڏجي ماني کاڌيسين. سيني کي خبر پئي تہ اسان وڌيڪ ترسي ٿا پئون تہ انهن پنهنجا وِزٽنگ ڪارڊ اسان کي ڏنا. ايئن اسان کان موڪلائي هو پنهنجي سفر تي نڪتا.

ساٿين جي وڃڻ کان پوءِ اهو اسان جو پهريون ڏينهن گڏ هو. اسان خِيمن کان ٻاهر رکيل ڪرسين تي ويٺا هئاسين ۽ اهو ڏينهن ڪيئن گذارجي تي اسين ڳالهائي ئي رهيا هئاسين. ان وقت منهنجي نظر سامهون اينڊرڊ ڪئمپ مئنيجر تي پئي... سوچيم ڪانئس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچان تہ هتي آس پاس ڪھڙي منفرد ۽ ڏسڻ جهڙي جاءِ آهي جتي گھمڻ وڃجي. مون ڪيس روڪي پڇيو. هن ٻڌايو تہ هتي ڪوڙ سارين گھمڻ جون جايون آهن. هن ويهي تفصيل سان مون کي ۽ يوڪِڪيءَ کي ٻڌايو تہ هتي شويوڪ ۽ نوبرا ندين آهن جتي ڪئمپنگ ڪري سگھجي ٿي. ڊِسڪٽ جي بوڌيشالا لازمي گھمون جتي مئيتريا ٻُڌ جو ٻتيھ فوٽ ڊِگھو مُجسمو رکيل آهي. ان کان سواءِ هُندر ڳوٺ بہ گھمڻ گھرجي جيڪو حسين واريءَسي ۽ ٻنِن ٿوهن وارن اٺن جي ڪري مشهور آهي. ان کان سواءِ ان واريءَسي ۾ ڏاڍا منفرد مَيلا بہ لڳندا آهن.

اسان ٻنهي جو هِڪ ئي خيال هو تہ اسان کي اهي سيئي جايون ڏسي پوءِ ئي هتان نڪرڻ کپي.

يوڪِڪيءَ چيو. "صحيح آهي. لَداخ وري تہ نہ اچبو نہ. اِن ڪري بهتر آهي تہ اهي سيئي جايون جيڪي سياحتي لحاظ کان اهم آهن. سي بہ ڏسي وٺون." ان تي مون کيس چيو. "اهو نٽو چئي سگھجي تہ وري انهن جاين تي نہ اچي سگھبو. مون کي چو ٿو لڳي تہ اتي بار بار اچبو؟" ان تي مُشڪي ڏسي چيائين. "ها. شايد اوهان اتي بار بار اچو. پر مان تہ نہ ايندس. مون لاءِ هڪ ئي سفر ڪافي هو."

مون ڪجھ سمجھو نہ. چيومانس. "مان اڪيلو ڇو ايندس. هتي فقط اوهان سان ئي ايندس." ڪجھ نہ ڪُڇي ان تي. بس گھوري ڏسندي رهي.

وينڊي وينڊي مئنيجر اسان کي اهو بہ ٻڌايو تہ جي اسان کي گھمي ڦري هتي اچڻو آهي تہ اسان جو گھڻو وقت سفرَ ۾ ئي گذري ويندو. بهتر اهو هو تہ اسين هڪ رات ڊِسڪٽ ۾ ۽ ٻي هُندر ڳوٺن ۾ رهون. اتي بہ بهتر انتظام هئا. ايئن وقت بہ بچندو ۽ ڪافي جايون ڏسي بہ سگھبيون.

اسان ٻنهي کي اها ڳالھ بهتر لڳي تہ سياڻي سامان سوڌو نڪري پئبو.

مون يوڪِڪيءَ کي ڏسي چيو. "سو اهو طئہ ٿيو تہ سياڻي صبح سوير ڊِسڪٽ ڳوٺ ويندا سين. ڊِسڪٽ بوڌِيشالا ۽ ان ۾ مئيتريا ٻُڌ جو مُجسمو ڏسندا سين؛ ان کان پوءِ هُندر ڳوٺ جو واريءَسو ڏسي، رات شويوڪ جي ڪناري ڪئمپنگ ڪندا سين. ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن ليھ واپس ويندا سين. ٺيڪ آهي؟"

چيائين. "ٺيڪ ۽ اڄ؟ پورو ڏينهن پيو آهي؟"

"اڄ پورو ڇا. اڌ ڏينهن آهي. هتي اوسي پاسي گھمندا سين ۽ ڪچهريون ڪندا سين. مون کي اوهان کان گھڻو ڪجھ پڇڻو آهي." چيم.

کِلي چيائين. "اوه. اوهان وٽ اڃان بہ سُوال آهن! اهي ڪُٽندا ڪڏهن جو منهنجو سُوال پڇڻ جو وارو ايندو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڇا! پلي پڇو، مان تيار آهيان جوابن ڏيڻ لاءِ." ڪلي جواب ڏنو مانس، مُرڪي پئي.

منهنجو ڪيس ترسي پوڻ جو چوڻ، سندس اهو مڃي وڃڻ ۽ ايندڙ ڏينهن گڏ گذارڻ. هڪ نئين رشتي جي شروعات ٿيڻ نه هئي ته ٻيو ڇا هو؟ مون ته سوچيو ئي نه هو ته نه پاڪستان ۾، نه وري هيٿرن سالن ۾ انگلينڊ ۾. مون کي منهنجي زندگيءَ جي ساٿي وچي لڌاخ جي ليهه ۾ ملڻي هئي...! زندگيءَ جا به ڪيڏا نه عجيب ۽ سهڻا رنگ هئا!

هوءَ ڪاري پرنٽڊ ڪرتي ۽ جينز ۾ هئي. مان سوچڻ لڳس. ساڙهيءَ ۾ ته هوءَ پڪي پيو ڳڻ. ٻڌ مت جي پاڻ-اريتا تي نڪتل هڪ ڳنڀير ٻوڙي ناري لڳندي هئي. جڏهن ته ڪرتي جينز ۾ ان جي ابتڙ هوءَ هڪ اهڙي نوجوان ناري ٿئي لڳي. جنهن جو ڳهٽ ۾ ڳهٽ ٻڌ مت جي عقيدي پرستائي نسبت سان ته ڪو واسطو نه هو.

مون اهو به سوچيو ته وٽس مختصر ڪپڙا هئا. جيڪي ورائي ورائي پئي پائيندي هئي، شايد سفر ۾ هلڪو رکيو هئائين پاڻ کي. خود مان به سفر ۾ بلڪل هلڪو هلندڙ ماڻهو آهيان: پر دل چيو سندس لاءِ ڪپڙا وٺان، هر رنگ جا. ان خواهش تي پاڻ تي پاڻ ئي دل ۾ کليس به پئي. پر ان خواهش جو پورائو به جلد ئي ٿي ويو.

نوبرا جي ننڍڙين مارڪيٽن ۾ گهمندي ڦرندي هڪ دڪان تي مون کي نارين جا لداخي لباس نظر آيا. گائون نما ڊگها ڊگها فراڪ، مختلف رنگن جا. ڪيس زوريءَ ان دڪان تي وٺي وڃي چيم ته هڪ ٻه لباس خريد ڪري. پهرين ته نپ انڪار ڪيائين، پر مون ڪيس صفا سختيءَ سان اهو چئي زور ڀريو ته هوءَ انڪار ڪري مون کي رنجائيندي...

حجاب ۾ مرڪندي چيائين، "اها ڪهڙي ڳالهه تي پلا، مان اهڙي قسم جا ڪپڙا ڪڏهن پاتا ئي نه آهن."

چيم، "تڏهن ئي ته چاهيان ٿو ته اهي ڪپڙا پاءِ! زور ڀرڻ تي مرڪي پئي ۽ وچي اهي لباس ڏسڻ لڳي. ٻه مختلف رنگن وارا لباس مون کي ڏيکاريندي پڇيائين، "هنن مان ڪهڙو وٺان؟" انهن مان هڪڙو لداخي گيڙو هو، ٻيو هلڪن رنگن سان رنگ برنگي هو.

مون پهرين مرڪي لداخي گيڙوءَ ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو ڳاڙهي رنگ سان ملندڙ جلندڙ هجي ٿو، پر ان کان پوءِ ڪيس چيم، "ٻئي چو نه، بلڪ هڪ ٻه ٻيا به وٺو؟" هڪدم چيائين، "نه نه، ايترا چو!"

هوءَ لباس پاڻ تي ماپي ڏسندي رهي. مان ڪيس ائين ڪندي ڏسندو رهيس، مرڪندو ۽ نرندو رهيس...! پنهنجي پسند سان لداخي گيڙو وڳو ورتائين، مون بهرحال ڪيس ٻئي وٺرايا. خود هن کان پڇئي بنا هڪ سفيد رنگ وارو ۽ ٻيو ڪارو پرنٽڊ به خريد ڪري ورتم، ان تي هوءَ مون کي مصنوعي ڪاوڙ ڏيکاريندي، پنهنجائپ مان گهوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندي رهي... مان مُرڪندو رهيس.

دڪان کان ٻاهر نڪري ته ٿي پيرا مهرباني چيائين. ڪيس چيم، ”ڪيترا پيرا ٿورا مڃيندؤ مس مِينتوخ، مان ته هميشه اوهان کي ايئن ئي ڪپڙا وٺي ڏيڻ چاهيندس.“ اهو ٻڌي هلڪي مرڪ ڏنائين...

ڪيس چيم. ”اوهان کي اندازو نه آهي ته انهن لداخي ڪپڙن ۾ اوهان ڪيئن لڳندؤ. اوهان کي ان لباس ۾ زيب تن ڏسي مون کي ڪيتري خوشي ٿيندي.“ ان تي مُرڪي پئي.

اسين رات ٿيڻ کان اڳ ئي موٽي آياسين. اڄ ڪافي سيءُ هو، مون ٻيري کي سڏي ٻاهر ٻاهه جو مچ ٻارڻ لاءِ چيو. اسين ٻئي هٿ منهن ڌوئي تازا ٿي اچي ٻاهر ويناسين. هاڻي ڪير تصور ڪري ان منظر جو! ٿڌي رات، ٻاهه جو مچ، ۽ مان ۽ يوگِتي هڪبئي جي آمهون سامهون، مٿان اندر ۾ جذبن جو سمنڊ جوش ۾ هجي! مون ڪيس ڏٺو، هوءَ خيالن ۾ گم هئي. ڪهڙن خيالن ۾ گم هئي؟ مون سندس هر سوچ بابت به ڄاڻڻ ٿي چاهيو.

مون ڪانئس سنڌيءَ ۾ پڇيو، ”ڇا پئي سوچين، مِينتوخ!“

ڇرڪي مون ڏانهن ڏٺائين، ڪي پل اکيون ڇنڀيندي حيرت ۾ ڏسندي رهي. ڪلندي انگريزيءَ ۾ ئي جواب ڏنائين. ”اوهان جي واتان سنڌي ٻڌڻ عجيب لڳندو آهي.“

چيم، ”ڇو؟ ان سان پنهنجائپ نه ٿي لڳي؟“

هوءَ ان وقت منهنجي سوال تي مون ڏانهن نهارڻ لڳي. مون به ڪيس نهاريندي نهاريندي خاموشي ٽوڙي، ساڳيو ئي سوال پڇيومانس، ”مِينتوخ، ٻڌاءِ نه، چپ ڇو آهين، سنڌيءَ ۾ پنهنجائپ ناهي؟“

ايئن ئي نهاريندي، هلڪي آواز ۾ چيائين، ”نه، ان ٻوليءَ ۾ وڌيڪ پنهنجائپ محسوس ٿئي ٿي، جنهن ذريعي اول رشتو شروع ٿيو هجي.“

مون دل ئي دل ۾ ان ڳالهه کي مڃيو.

مُرڪي پاڻ به سنڌيءَ ۾ چيائين، ”اوهان جي سنڌي بلوچي لهجي واري آهي. پر ڀلي ٿا ڳالهايو.“

سندس سنڌي ٺيٺ هئي، چيومانس، ”توهان ته ڏاڍي ڀلي سنڌي ٿيون ڳالهايو. مان اوهان کان نج نبار سنڌي سکي وٺندس.“

کلي ڏنائين، ٻاهه جي الن سندس چهري تي جڻ هلڪڙو ڳيڙهو رنگ هاري ڇڏيو هو، ان تي ٽڙيل سندس ڪل، جڻ ٻاهه جي الن منجهان موسيقي نڪتي ٿئي. ڳيڙهو منظر ۾ جلترنگ ٿئي وڄڻ لڳا.

چيائين، ”دل جوئي ٿي موسيقي ٻڌجي. اوهان کي ڪهڙي موسيقي وڻندي آهي؟“

مون کي به محسوس ٿيو ته واقعي هن ماحول ۾ موسيقي لازمي هئي. خاص ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪي ڏنائين. ڪجھ چيائين نہ.

سوچيم، هن وقت تہ مون کي سندس نظرن منجهان خُمار پئي مليا، اِها ئي غنيمت هئي. اسان موسيقي ٻڌڻ شروع ڪئي.

هن پهريون ڪلام هلايو. لوٽس فيٽ موسيقيءَ منجهان. جيڪا مون اڳ ڪڏهن نہ ٻُڌي هئي. هن مون کي لوٽس فيٽ جي ٽنهي موسيقارن. جان لاغلين. ذاڪر حسين ۽ پانٽي بابت ٻڌايو. سندن نوجوانيءَ جي مختلف دورن ۾ سندن ساٿ بابت تہ هُو ڪيئن مِليا ۽ نوجوان وهيءَ کان وٺي پيريءَ تائين ساڳي ئي ڪمپوزيشن بار بار ڳائين ٿا. نہ رُڳو اِهو پر وقت آهرَ ۽ موسيقيءَ ۾ جِدت جي ڪري ان ۾ واڌارا ڪري ان کي وڌيڪ امير بہ بنائين ٿا.

سندس اکين ۾ ان بابت ڳالهائڻ دوران عجب چمڪ هئي...

مون ڪيس غور سان ڏٺو. باهہ جي هَلڪن هَلڪن الن جي وچ مان سندس سونهري ڪٽڪائون چهرو ٽپي ڳاڙهسرو ٿي ويو هو. مون متس گهري نِهار وڌي تہ اکيون اکين ۾ ٻَڪجي ويون. سندس اکيون مون تي ڪٽل. خاموش ۽ پُرسُڪون هيون. سندس نِهار ڪنهن لهندي اڏارَ جيان منهنجي اندر ۾ پنهنجا پَرَ ڪوڙي لهي رهي هئي. مون ساهہ روڪي ڪيس ڏٺو تہ آخر ڪيئن هوءَ بِنا اک چنيئي منهنجي متس ڪٽل نگاهہ کي ڏسي رهي هئي.

ان لمحي هن مُرڪي نظرون پري ڪري ڇڏيون. باهہ جي وچ مان سندس چهرو لهراٿيندڙ الن جي وچ مان اِيري گم ٿي رهيو هو. اڳ ۾ هوءَ هڪ ئي هئا اچ. مٿان سندس گهور جي پنهنجي خاص تپش هئي. سندس مون کي نِهاري وري اکيون هٽائي ڇڏڻ تي منهنجي وجُود جي گرمي رتَ سان گڏ رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳي هئي.

مون بہ نِيم ڪلاسيڪل مَنجهان هڪ بہ ڪلام هلايا. پر هوءَ شايد فقط موسيقيءَ جي مُوڊ ۾ هئي: پنهنجي واري تي مسلسل لوٽس فيٽ هلائيندي رهي. ان سموري رات ۾ هن ڪيترائي ڀيرا ان موسيقيءَ کي هلايو هوندو. مون سوچيو: پهريون ڀيرو ڪا موسيقي ٻُڌڻ بہ ڪنهن فردَ سان مِلڻ جيان هوندي آهي، جنهن سان پهرين مُلاقات ۾ فقط ڏيٺ ويٺ پئدا ڪرڻي پوندي آهي. جيستائين مڪمل ڏيٺ ويٺ نہ ٿئي، تيستائين اجنبيتَ ئي طاري هوندي آهي. بار بار ٻُڌڻ جي ڪري مان ان موسيقيءَ جي رِدم سان ڳنڍجي رهيو هئس.

اهو ئي صحيح هو. لفظ موسيقي ۽ جذبن جي وچ ۾ شايد رَنڊڪ وجهن ها، جذبن انهن سازَن جي پاڻ تشريح ٿئي ڪئي. ايئن موسيقيءَ جي ترنم دوران رُڪي رُڪي ملندڙ نِهارَن هڪٻئي سان پنهنجي اندرَ جو حال اورڻو پئي. مان لوٽس فِيٽ جهڙي يگاني موسيقيءَ سان روشناس ٿي پيس. ان موسيقيءَ سان اهڙو تہ گهرو سڱ جُڙيو جو اهو اڄ ڏينهن تائين نہ ٽٽو آهي.

ٻيرو مانيءَ ڪٽي آيو تہ اسان ان سَماءَ مان نڪتاسين. مان باهہ جي هن طرفان اُٿي وٽس اچي ويٺس. گڏجي ماني کائي، قرمزي چانهہ پيئڻ لڳاسين... پس منظر ۾ هلڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز ۾ هلندڙ موسيقي هئي. منظر متڪشاتو هو ۽ مون سائس ڳالهائڻ ٿئي چاهيو، سندس باري ۾، پر ان کان اڳ جو مان ڪو سوال سرچي ڪانئس پڇان ها. هن ڳالهايو، "ڪبير، اوهان پنهنجي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو!"

مون محسوس ڪيو، سندس آواز ۾ منهنجو نالو مون لاءِ ٿي جڻ نئون ٿي پيو هجي. مان اڄ به سندس آواز کي ياد ڪري پنهنجو نالو ورجائيندو آهيان، "ڪبير!" ڪبير جي "بي" کي هوءَ ٿورو ڊگهو ڪندي ان ۾ وَڪڙ ڏيندي هئي، جيئن ڪشمير کي گورا اچاريندي ان کي "ڪشميئر" چوندا آهن. "ڪبيئر" سڏيندي هئي ته پاڻ مُرادو نالو پنهنجي صورت نئين ڪري ويهندو هو. اها سندس معشوق ادا هئي!

مون کيس ٻڌايو ته مان ڪيئن سنڌي ۽ بلوچ نسلن جو ميلاپ هئس. خاندان ملڪي ترڙي بلوچ سياست سان وابسته هو. پيءُ ۽ ماءُ ٻئي عملي سياست ۾ هئا. جڏهن ته مان ۽ منهنجو هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻ پاڻ نظرياتي تصور رکندي به عملي سياست کان ڪوهين ڏور هئاسين. نه ٿي وري اسان جا ماءُ پيءُ اسان کي سياست ۾ آڻڻ جا خواهشمند هئا. ڀيڻ ڊاڪٽر هئي، ڀاءُ بزنيس شعبي ۾ ٻاهر پڙهي رهيو هو.

مان پاڻ علمي طور محقق هئس بشريات جو. سياحت ۽ فوٽوگرافي منهنجا شوق هئا ۽ پنهنجي شعبي ۾ تحقيق منهنجو جنون هو، شايد ان ڪري به جو ان ۾ سفر لازمي هو. هوءَ منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌندي رهي. کيس اکين ۾ نهاري چيم، "۽ هاڻي منهنجي ان شوق ۽ جنون ۾ ٻُڌ مَت کي ساڻ کڻي يوڳتي داخل ٿي چڪي آهي، مان هاڻي رُوح جي سفر تي اچي نڪتو آهيان."

اهو ٻڌي ڀرپور مُرڪ سان چيائين. "اڇا. اوهان جي زندگي خطرناڪ زون ۾ داخل ٿي وئي آهي، خيال ڪجو."

هلڪڙي اک هڻي سِنڌيءَ ۾ چيومانس. "خير آهي، مائي! تون دل ٻڌ، مان مُنهن ڏئي ويندس."

وڏو ٽهڪ نڪري ويس. ڪلندي سِنڌيءَ ۾ چيائين، "مائي؟ اهو ته صفا نج پج سنڌي لفظ آهي."

کلي چيم، "نه ته ڇا؟ مان به ته هاڻي نج پج سنڌي ٿي پيو آهيان!"

ايئن اسين سنڌي ڳالهائيندي هِڪٻئي کي لڳاءَ منجهان ڏسندا رهياسين. بي اِنتها خوشيءَ ۾ هِڪٻئي جي اکين منجهان هِڪٻئي ۾ محبت جي مئه اوتي رهيا هئاسين. هوءَ به هاڻي رک رکاءَ کي پاسيرو ڪري پنهنجي اندر جي حقيقي احساس سان سامهون اچي رهي هئي. اها رات اسان ڳالهايو ته گهٽ هوندو پر اکين سان هِڪٻئي کي داستان خوب پڙهايا هونداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن ڪان پوءِ اتي وِچايل پٽرائيءَ تي يوڳيءَ سُورج-سلامي جي مشقن جهڙي انداز ۾ يوگا ڪرڻ شروع ڪئي. مان سندس فوٽو ڪڍندو رهيس. هوءَ مون کي گهور پائي ڪنهن ڪنهن مهل ڏسندي به رهي. ان کان پوءِ ٻوڌيشالا اندر داخل ٿياسين. جيڪو هڪ جديد دؤر جي گهر جيان هو. لابيءَ مان ڏاڪڻيون چڙهي مٿي وياسين. ٻڌ جا مُجسما، دُعائي ڦيٿا وغيره رکيل هئا. يوڳيءَ اتي به پنهنجي طريقي سان ٻڌ جي مورتين آڏو جُهڪندي رهي. مان سندس انداز ۽ ساڳين ئي شين کي وري وري ڏسندو رهيس.

ان کان پوءِ علائقي جي مارڪيٽ ۾ وياسين. جتي ننڍيون ڪاٺي پيتي جون هوٽلون ۽ ڪجھ عام ساز سامان جا دڪان هئا. ماني ڪاڌيسين. ڪائڻ کان پوءِ دڪانن اڳيان گذرندي اچانڪ مون سندس هٿ جهلي کيس ڇِڪيو. مان اوهان جو هٿ هٿ ۾ جهلي پسار ڪرڻ ٿو چاهيان... ان تي هڪ هلڪڙي. ڪمزور سَٽ ڏئي ڇڏائڻ چاهيائين. پر منهنجي اکين جي گهور جي جَهل پختي هئي ۽ سندس نِسَتِي! ان کان پوءِ خبر نه ٿي پئي هٿ تي هن جي پڪڙ پُختي هئي يا منهنجي!

اسين نوبرا واديءَ جا مختلف پهلو ڏسڻ لڳاسين. دِسڪٽ نوبرا واديءَ جو مَرڪزي شهر هئڻ ڪري بهتر سهولتن واري جاءِ هئي. شويوڪ ڍنڍ تي ٻڌل شهر دِسڪٽ ۾ ڪيتريون ئي تاريخي جايون هيون. ان ڏينهن اسان وچي شويوڪ نديءَ تي لڳل ڪئمپن تي پنهنجي رهائش بُڪ ڪئي. شام جو اتي پهتاسين ته ٿڌ ٿوري سوائي هئي. سندس ڪپڙا ٿلهي فيبرڪ مان نهيل هئا. پر به سيءُ جام هو. نديءَ جو ڪنارو به هو. رات به هئي.

ان رات اسان جي تصور کان وڌيڪ ٿڌ هئي. هي خيمن جي ڪيپ صَفا سادي هئي. چند بنيادي سهولتن سان. مشڪل سان ڏهه ٻارنهن خيما هئا. انهن مان اڌ کان مٿي خالي هئا. اسان کان علاوه فقط به ٻيا خيما بُڪ هئا.

هڪ ملازم باهه جو مچ ٻاري رهيو هو. ٻيا ان جي چوڌري پٽرائيون لڳائي رهيا هئا. جيستائين پوري ويهڪ تيار ٿئي، تيستائين اسان پسار ڪرڻ لڳاسين. کيس ٿلها ڪپڙا ۽ شال اوڍيل هوندي به هلڪو سيءُ لڳي رهيو هو. مان سوئيٽر مٿان هڪ شال ويڙهي آيس. هوءَ ٻانهون ويڙهي هٿ بغلن ۾ وجهي چوڻ لڳي. "هيءُ اچانڪ ايڏو سيءُ ڇو ٿي ويو آهي؟"

مون بنا سوچئي، ٻانهن ڊگهيري پنهنجي شال کولي کيس ويڙهي... جيئن ئي مون سندس پٺيءَ کان پنهنجي ٻانهن ورائي، هوءَ هلڪڙي ڏڪي ۽ جَهٽڪي سان منهن ورائي مون تي نِهار وڌائين. مون کيس ڏٺو. آهستڙي چيائين، "ڇا پيا ڪريو ڪبير."

مون بنا ڪجھئي پنهنجي ويڪري شال کيس اڳيان به ورائي ڏني. هن ٿورو حِجاب ڪيو. پر پوءِ پاڻ ئي شال کي ورائي پاڻ کي ان اندر سولو ڪرڻ لڳي. هڪ شال جي گرمائش هئي. مٿان جسمن جي اها پهرين وَيجهڙائي. ڦهر ڪري ڇڏيا هئا سندس ڇهاءَ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جسم ۾ بہ رت جي گردش وڌي وئي هئي... مان اَئڪسٽسيءَ جي اِنتهائن تي هئس. هاڻي پَسار صَفا آهستي ڪري ڇڏي هئيسين.

پنيان ڪئمپنگ آفيسر ڊوڙندو آيو ۽ چيائين، ”صاب آگ جل گئي هي.“ منهنجي ٻانهن اجان بہ ڪيس ورايل هئي. آهستڙي پري ٿيندي چيائين، ”اُتي هلي ويهون ٿا.“

اسين باهہ جي سامهون ويهي رهياسين، هوءَ منهنجي پاسي ۾ ويٺي. سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڪيس پاڻ سان ويجهو ڪري ويهاريان يا سندس سامهون ٿي ويهان ۽ ڪيس ڏسندو رهان! هوءَ منهنجي پاسي ۾، پر ٿوري پَريري ٿي ويٺي، مون پاڻ تان شال لاهي ڪيس ويڙهي ڇڏي. چيائين، ”اوهان ڪي سيءُ ٿيندو.“ نهڪر ڪري چيم، ”هاڻي سيءُ ختم ٿي ويندو، باهِ جو ٻري پئي.“ ٻانهن وڌائي پوري شال ڪيس ويڙهي ڇڏيم.

مُرڪي نِهاريائين تہ پُڇيومانس، ”موسيقي هلائجي؟“ چيائين، ”ها، اج اوهان پنهنجي پسند ٻُڌرايو.“

مون نيم ڪلاسيڪي خيال ۽ ٺُمريون هلايون، شوڀا گُرتوجي، گِرجا ديوي، اُستاد شجاعت، ڪشوري اَمونڪَر... شوڀا گُرتو جا بہ خيال، ”بان نينون ڪا، ظالم ني، مارا همين“ ۽ ”ڪهين ديکهو رِي گهنشيام“، هوءَ ٻئي خيالَ ورائي ورائي ٻڌندي رهي...

ڪافي دير کان پوءِ مَچ جي ٻئي پاسي، اسان جي سامهون هڪ ٻيو جوڙو اچي ويٺو، جيڪو پنجاهہ جي آخري حصي ۾ هوندو. ٻئي اسان ڪي مُرڪي ڏسڻ لڳا. ناريءَ پڇيو، ”نئين شادي ٿي لڳي.“ مون مُرڪي يو ڳڻيءَ ڪي ڏٺو. مون ڪين ها ڪئي ۽ يو ڳڻي مون ڪي ڏسي مُرڪڻ لڳي. تعارف ڪرايائون، ٻئي پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر هئا. ڊاڪٽر سنديپ جوشي ۽ ڊاڪٽر نيروپا جوشي.

ٻنهي اسان جي موسيقيءَ جي چونڊ جي تعريف ڪئي، ڪچهري ڪئي، گڏجي ماني کاڌيسين. موسيقي هلندي رهي، اسان ٻئي رکي رکي هِڪٻئي کي مُرڪي ڏسندا بہ پئي رهياسين. اکين جي اکين سان هڪ خاموش گفتگو بہ هلي رهي هئي. هو جوڙو مانيءَ کان پوءِ ٿوري جُهٽ ويهي هليو ويو، اسين ويٺا رهياسين ۽ هوءَ اهي بہ ڪلام ورجائي ٻڌندي رهي.

مون ڪانئس پُڇيو، ”سو، مِينتَوخ، اسين نئون شادي شده جوڙو ٿا لڳون؟“

مُرڪ گهري ٿي ويس. پُڇيم، ”پوءِ؟ ڪڏهن ڪجي شادي؟“

نهاريائين، پڇيائين، ”ايڏو جلدي شاديءَ جو فيصلو بہ ڪري ڇڏيو اوهان!“

”تہ ڇا هڪ جنم تائين ترسڻو پوندو ان فيصلي ڪرڻ لاءِ؟“ اهو چئي ڏٺومانس.

حسب معمول خاموشيءَ سان نِهاريائين... چيم، ”مون کي تہ ڪو سبب نہ ٿو نظر اچي هِڪٻئي کان پري رهڻ جو!؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري نِهاريائين. اها ئي خاموش نِهار. ڏسي پُڇيومانس، ”آهي ڪو سبب پري رهڻ جو.“ سندس چپن تي مُرڪ گهري کان گهري ٿيندي وئي.

پر اها ئي خاموش نِهار. هاڻي ان نِهار ۾ خالي پڻو يا اداسي نه هئي. اکين ۾ به چپن جي مُرڪ جو تمام گهرو اثر هو... ڪيڏيون نه سُهڻيون اکيون هئس! ڏسي سوچڻ لڳس. پر ڇا رڳو اکيون سُهڻيون هئس، سندس سمورو وُجُود سراپا حُسن هو. مون سندس ڪوڙ سارا فوٽو ڪڍيا هئا. سندس ويجهو ٿي ڪري ساڻس گڏ سيلفيون ڪڍيم، مُرڪندي پئي رهي، ڪنهن مهل اگر سيلفي عجيب پئي آئي ته هلڪا هلڪا ٽهڪ ڏنائين. فوٽو ڪڍي پورا ڪيم ته ڪيس ڏنم. هوءَ منهنجي ايترو ته ويجهي هئي جو هڪ لمحي لاءِ مان لُڏي ويس.

مون کي نهاريائين، سندس اکين ۾ اُن ويجهڙائيءَ عجيب رنگ پيري ڇڏيا هئا، محسوس ٿيو پئي ته سندس دل به ڪيس پري ٿيڻ نه ٿئي ڏنو. مون کي لڳو ته ايئن ئي نهاريندي نهاريندي بيوسيءَ باوُجود به هوءَ پنهنجو پاڻ جهلي، پرتي تي وئي. مون کيس روڪڻ چاهيو پر مان به پاڻ جهلي ويس.

ايڏين ويجهڙائين جي باوجود به مون ۾ ڪنهن ڪنهن مهل بلڪل بي يقينيءَ واري ڪيفيت ٿئي اچي وئي ته ڪيڏو نه معنيٰ خيز هو ته اسان کي هڪبئي سان ههڙي رومانوي ماحول ۾ گڏ رهڻ جو موقعو مليو هو. پر هلڪي هلڪي اڻ تڻ به ٿي پئي، جڏهن وقت پوري ٿيڻ جو سوچيم ٿئي: منهنجي واپسيءَ جي ٽڪيٽ جيڪا مان پنجويهه ڏينهن اڳتي ڪرائي آيو هئس، اها تاريخ به متان آئي بيٺي هئي. رهائشي تربيت وارا پندرهن ڏينهن به پن ڏينهن ۾ پورا ٿيڻ وارا هئا. ان کان پوءِ باقي بچيا ڏهه ڏينهن.

اهي ته اک ڇنڀ ۾ گذري ويندا. پوءِ ڇا ٿيندو؟ پر وري اهو به سوچيم پئي ته يو ڳئي ايتري قُربت کان پوءِ هن محبت کي ڇڏي وڃي نه سگهندي. سندس دل ۾ به هاڻي مون لاءِ لڳاءُ هو، پر ان تي ساڻس ڳالهائڻ لازمي هو. مان انتظار ڪري رهيو هئس ته ڪو موقعو وٺي ان موضوع تي ساڻس ڳالهايان.

جيستائين باهه جو مَچ ٻَريو ٿئي. اسان اُتي ئي هڪبئي جي ڀر ۾ ويٺا رهياسين. هڪبئي کي نِهاريندي نه ٿئي ٿڪاسين، مان مٿس ٻلهار پئي ويس. جڏهن باهه جا ٽانڊا اُجهامڻ لڳا ته ميٽتوخ چيو، ”هلجي ڪبير، ڪافي دير ٿي وئي آهي.“

مون کيس ڏٺو. محسوس ڪيم، رڳو منهنجي اکين ۾ بيچيني نه هئي، هڪبئي کان پري ٿيڻ جي گهڙي کيس به ڪيڏي نه سخت گهڙي ٿئي لڳي. مان اٿي بيٺس، کيس اٿارڻ لاءِ ڏانهس هٿ وڌايم، هوءَ هٿ جهلي اٿي بيٺي. هڪ ڀيرو وري هڪبئي جي ويجهو هئاسين، آمهون سامهون. ڪيڏي نه اٿل پُٿل هئس، سندس اندر ۾ جذبن جي، سندس اکين مان به اها ئي بيچيني بکي رهي هئي. پر پاڻ کي روڪڻ به ته لازمي هو! ايئن ئي ٽڪيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انفراديت هُندر ۽ دِسڪٽ جي.

اسين ٻئي ٿوهن وارن انن تي چڙهياسين، ان ڪري جو هُندر اچجي ۽ وارياسي سواريءَ جو تجربو نہ ڪجي اهو ڪيئن مُمڪن هو؟ اهو اسان کي اُتي گائيڊن سمجهايو.

جيئن هر ڏينهن پوئين ڏينهن کان هڪ قدم اڳتي هو، اڄ بہ ايئن ئي هو. اڄ هن پاڻ ئي پاڻ پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ جهليو ٿي. جڏهن اسان هڪٻئي جو هٿ جهلي بنا هلي نہ پيا سگهون. هڪ پاسي سائِس ويجهڙائي هئي تہ ٻئي پاسي هلڪي نيري آسمان هيٺ اهو وارياسو هڪ سفيد نظاري جو ڏيک ڏئي رهيو هو. وارياسي جي تَڏ ۾ رات ڪيئن هوندي؟ مون يوگِنيءَ کان پُڇيو تہ هن بہ چيو تہ ان کي ڏسڻ بنا وڃڻ ڊِوهہ هجي ها. تڏي وارياسي جي رات ۾ جبلن جي گهيرن ۾ ويهي اسان هڪٻئي کي ڏسڻ ٿئي چاهيو. اسان هندر جو تجربو ڪري اني ئي صحرائي خيمن ۾ ترسڻ جو سوچيو.

ان ڏينهن اسان محسوس ڪيو تہ رڳو ساوڪ ئي دل ۽ اکين کي رنگين نہ ڪندي آهي، صحرا جو بہ پنهنجو مزاج هوندو آهي. اهو وري اندر ۾ پُراسرار حُسن پيدا ڪندو آهي. اڄ اندر ۾ پُراسراريت طاري ٿي پئي هئي. هڪ حسين ناري، وارياسو، رات، خنڪي، اڪيلائي، محبت: حقيقي مئڪشي نہ هئي تہ ٻيو ڇا هو؟ ان ڏينهن هن ان منظر تي ڪافي ڳالهايو پئي، منجهس خيالن جي گهرائي اڄ ڪجهہ سوائي پئي نظر آئي. ڪيس ان واديءَ جي حُسن مخمور ڪري وڌو هو.

سچ بہ اهو ئي هو. اسان نُوبرا جي سفر ۾ ڇا ڇا نہ ڏٺو: هيءَ اها وادي هئي جتان سلڪ روٽ گذريو ٿئي. جتي اوچائين تي ڏکيا ۽ پيچيده ترين سفر ڪرڻ اٿئر هو، هلڪڙي برف سان ڀريل جابلو چوٽيون، منفرد سفيد وارياسو، جهڙو اُجو پٽ وڇايل هجي... پيرن هيٺان گسڪندڙ واري، هر ڏينهن تيزيءَ سان ٿيڪ ڏانهن وڌندڙ تَڏ، جبلن جا هيبت ناڪ گهيرا. انهن گهيرن اندر نيري آسمان هيٺ بہ واديون شيوڪ ۽ نُوبرا ۽ انهن ئي نالن سان بہ نديون جن جي پاڻين جا مختلف جاين تي نيري رنگ جا مختلف شيڊز هئا. ڪٿي آسماني، ڪٿي فيروزي، ڪٿي گهرو نيرو تہ ڪٿي ساواڻ مائل نيرو رنگ! فطري حُسن جي انتها جو هڪ نمونو هو!

ندين جي ڪنارن تي عجب منظر ڏسڻ ۾ ٿئي آيا، مثال طور ڪير تصور ڪري تہ اَڻ-کُٽ وارياسي پَٽ تي ڏور فقط بہ جهوپڙا نظر ايندا هجن! هڪ پاسي ڪان حسين رنگن وارين ندين جي ڪنارن تي جابلو گهوڙا ڊوڙندا نظر اچن ۽ چوڏاري جبل ان سموري منظر کي پنهنجي ياڪر ۾ پريو بيٺا هجن تہ ڪيئن محسوس ٿيندو؟ جڻ سموري ڪائنات جي وسيع تر تنهائيءَ ۾ بہ اڪيلا جُهوپڙا هجن، جيڪي فطرت جي اَڻ ڪَٿي حَسين وُسعت جي گهيرن ۾ پنهنجو وجود قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ مگن هجن. جن مرڪجهہ انسانَ ان وُسعتَ جي اَجگريتَ توڙي گوناگونيتَ ۾ پنهنجو جياپو مُمڪن ڪري رهيا هجن. جابلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَڪَن جي وچ ۾، شديد ٿڌ ۽ جديد سهولتن کان وانجهي علائقي ۾ ڪين رهندو ڏسي اسان جهڙا ماڻهو ان حُسن سان تار نظاري جي هَيبتَ کي محسوس ڪرڻ جي ڪيتري به ڪوشش ڪن، تڏهن به ان تجربي کي نه ٿا محسوس ڪري سگهن، جنهن مان رهندڙ ۽ اڪيلا جهوپڙا گذرندا هوندا.

اتي ننڍڙين ڳاڏين جي پندرهن منٽن جي سُواري جيڪا شويوڪ ڍنڍ تائين سياحن کي نظارو ڪرائڻ لاءِ ونئي وئي پئي، اسان پنهي ان سواريءَ جو تجربو به ڪيو. حيرت انگيز ڳالهه اها هئي ته مٽيتريا پُٺ جو مُجسمو پري کان شويوڪ نديءَ ڏانهن هٽ پٺي نهاريندي نظر ٿئي آيو. پنهنجي پاڻ ۾ مُتضادن جو مثال هو اهو ماڳ: ڪٿي صحرا ته ڪٿي پوکيءَ جي ڪري صَفا ساوا ڳوٺ. مُجسمَي جا گلابي، ڳاڙها ۽ فيروزي رنگ، ڀٽن ڌوهن وارا گهري خاڪي رنگ جا اٿ. هُندر جي ظاهري ڦڪي ۽ بي چَسي واريا سي صحرا تي اهي رنگ ڪيئن نه ڪڙي ٿئي بيٺا!

ان کان سواءِ اهي اڻ چاتل ڳوٺ جن مان اسين گذرياسين، پر اتي ترسي نه سگهياسين: خلسر ڳوٺ، سُمُر ڳوٺ جتي جابلو ٻڪريون ۽ رڍون چرنديون هجن، زمسخانگ محل، اينسا گومپا، ياراب ٽسو نديءَ، وغيره... انهن مڙني جاين تي ناهموار پٿرن سان جُڙيل ننڍيون وڏيون عمارتون، سِرُن نما چورس پٿرن جي ويڙهن سان ڍڪيل گهرءِ جهوپڙا، منگوليائي نقشن وارا ماڻهو، سندن اڪيون نيريون، ڳاڙهسرا ناسي وار، اِهي سڀ اهڃاڻ ڪين ۽ سندن ڌرتيءَ کي سموري دنيا کان منفرد ڪندڙ هئا.

پر ڳنّيءَ جو خيال هو ته اتان جا ماڻهو انهن وادين جهڙا ئي آهن. پُڇيومانس، ”صرف هتي ايئن آهي يا هر جاءِ تي ايئن ئي آهي ته ماڻهو پنهنجي چوڌاري فطرت جهڙا ئي پوندا آهن؟“

چيائين، ”انسان ۽ فطرت ۾ تمام گهڻي هم آهنگي آهي، جيئن واديون گرم يا برفاني هونديون آهن، تيئن انسان به ايئن ئي گرمجوش ۽ ٿڌا هوندا آهن.“

مان سندس ان جواب تي سوچڻ لڳس ته مون کي پنهنجو ديسَ ياد آيو، جتي جابلو علائقي اسان جي قسمت توڙي سگهه ان جاگرافيائي مزاجَ جي حساب سان پئي طئه ڪئي آهي!

اسين ايئن مختلف موضوعن تي ڪچهريون ڪندا رهياسين. شام به پنهنجا پر پکيڙي اچي لهڻ لڳي هئي. اڄ سمورو ڏينهن جڏهن ڏسڻ وڃان هر جاءِ گهمي گهمي ٿڪجي پياسين ته وچي صحرائي خيمن ٻاهران وچايل پترائٽين تي ويهي رهياسين... جسم جواب ڏئي ويا هئا، مون سان ته اها حالت هئي جو ويهڻ باوُجود به بدن هلڪو هلڪو ڏکي رهيو هو...

اڪين تي ڪيپَ هئا، ڪيس ڏسي ته هوئن به نشا ورتيون ويندا هئم، پر ٿڪل بدن جي هلڪي نسَتائي ان لذت کي ويتر ٻيڻو ڪري ڇڏيو هو. ڏٺومانس، ڪاري رنگ جي ڍري اسڪارف منجهان وارن جون ڇڳون ٻاهر نڪري سندس مُک کي ڇُهي رهيون هيون، هوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به، واهه جي جدليات تخليق ڪئي آهي محبت جي اوهان ڪبير!“

ڪيس ڏسي شعر پڙهيم، ”سَيي ڪڇ هي تيرا ديا هوا... اوهان جي ڏني مان پيش ڪريان پيو.“

ڪلي هڪدم شعر مڪمل ڪندي چيائين، ”سَيي راحتين، سَيي رنجشين؟“

چيم، ”اوهه نه. هن فقير کي رنجشون نه ڏجو. جيتريون مليون آهن زندگيءَ ۾ اهي ئي ڪافي آهن...“

هائي خاموش ٿي وئي. اها ئي خاموش نهار، چپن ۾ پيڙيل هلڪي مُرڪ. جيڪا هڪ ئي وقت مُرڪ ۽ غير مُرڪ جا پار ڏئي. سندس خاموشيءَ کي جيئڻ جو تيئڻ رهڻ ڏنم...

ٽڪ جو ڪو بندوبست ڪرڻ جو سوچيم.

اوسي پاسي واجهائيندي پُڇيو ماس، ”ٽڪ ٽي پيو آهي، چانهه پيئجي ته ڪو ايمان اچي، اوهان پيئندؤ؟“ ها ڪيائين ۽ مان چانهه جو چوڻ هليو ويس. ايندي ايندي دير ٿي وئي جو اسان وارن خيمن جي ڪئنٽين بند هئي ۽ ٿورو پرتي وڃڻو پيو. جيستائين موٽيس تيستائين هوءَ پٽرائيءَ تي اکيون بند ڪريو پاسو ورائي ليٽي پئي هئي. وار سندس ڳَل تي ڪري پيا هئا. ڪيس ننڊ وٺي وئي هئي. ڪجهه لمحا بيٺي بيٺي ڏسندو رهيس. ڪيس ايئن پهريون ڀيرو ننڊ ۾ ڏٺو هئم، جنهن انداز ۾ سُتل هئي ڪيڏي نه معصوم لڳي رهي هئي...

آهستگيءَ سان سندس پاسي ۾ ويهي ڪيس ڏسڻ لڳس. واقعي به انهن ڇهن اٺن منٽن ۾ ڪيس ننڊ وٺي وئي هئي. سوچيم ڳهٽي ٿڪجي پئي هوندي، اسين به ڪالهه ڪان رڳو گهمياسين پئي. ڳهٽو هلڻ جي ڪري ٿڪ ته مون کي به ٿي پيو هو. ڪيس ڪي پل ڏسي مان به سندس ڏانهن پاسو ورائي، اڌ پٽرائيءَ تي ۽ اڌ پَٽ تي ليٽي پيس. ليٽندي ڪجهه ٿي دير اندر منهنجي به اک لڳي وئي، خبر ئي نه پئي ته ڪو چانهه آئي يا نه. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ان ننڊ دوران مون هڪ خواب ڏٺو:

خواب ۾ مان يو ڳٽيءَ سان ليهه جي بازارين ۾ گهمي رهيو هئس. مون کي ان خواب ۾ سائس ڪو به چٽو مڪالمو ياد نه آهي، بس اهو واضح آهي ته اسين ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمون پيا، تسڪين جي احساس سان ته اسان هڪبئي سان گڏ آهيون. گهمندي گهمندي اتي اچانڪ واريءَ جو طوفان اچي ٿو، ان مهل مان ڪيس چوان ٿو، ”يو ڳٽي هٿ نه ڇڏجانءِ، پل واري ڀنهي کي سان ڪٽي هلي پر الڳ نه ٿيون.“

اهو ٻُڌي هن منهنجي هٿ کي ويتر زور سان پڪڙيو. مان خواب مان اُٿي پيس، ڏٺم يو ڳٽي ان ئي انداز سان پاسو ورائي ليٽيل هئي، بس فرق اهو هو ته هائي هوءَ جاڳيل هئي ۽ مون ڏانهن نهاري رهي هئي... شام منجهان رات اچي لٿي هئي. واريائَي جي رات،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهري روشنين سان برندڙ خيما ۽ ان ۾ سندس اکيون برندڙ ڏيئا هئا، جيڪي مون تي کُتل هئا. هڪ پل لاءِ تہ بيحد عجيب لڳو تہ اسين هڪ ئي جاءِ تي ليٽيل هئاسين ۽ گڏجي ننڊ ڪري اٿيا هئاسين. اکيونِ منٽ کن مليل رهيون. منهنجي چپن تي مُرڪ اچي وئي، هوءَ بہ مُرڪي ان ئي مهل هوءَ اٿي ويهي رهي.

پُڇيم، "ڪيتري دير سُتا آهيون؟" چيائين "مان تہ پنج منٽ اڳ اٿي آهيان. ڪلاڪ تي ويو هوندو ننڊ ڪئي." "مان بہ اٿي وينس. چيم "چانهہ تہ رُلي وئي."

چيائين، "ها، پر هاڻي تہ ڪجھ کائڻ جي بہ ضرورت آهي، بک پئي لڳي." اهو چئي هوءَ اٿي بيٺي...مون ڏٺو، اسان جي رهائشي خيمن واري ڪيفي هاڻي کُلي وئي هئي. هوءَ وئي ۽ سينڊوچ ۽ چانهہ جو چئي آئي.

پڌايومانس تہ ان مختصر ننڊ دوران مون خواب ڏٺو. کلي چيائين، "اڇا ايتري دير ۾ خواب ڏسي ڇڏيو اوهان، عجيب آهي، پڌايو نہ ڇا ڏٺوَ."

مون کيس خواب پڌايو تہ هوءَ واريءَ جي طوفان تي حيران ٿي، چيائين، "واريءَ جا طوفان تہ بيحد خطرناڪ هوندا آهن، اهي وڏن وڏن دڙن، قافلن کي هڪڙيءَ ڪنڊ کان ڪٽي ڪوهين ڏُور، ٻيءَ ڪُنڊ تي ڦٽي ڪندا آهن."

چيم، "پر مون کي چٽو ياد آهي تہ پاڻ ان ۾ بچي ويا آهيون، ان ڪري جو اسان هِڪٻئي جو هٿ نہ ڇڏيو آهي."

ان تي هوءَ وري ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي، چيائين، "ڏسو تہ سهي، اوهين خوابن ۾ بہ فلمي سين پئدا ٿا ڪيو."

بيرو سينڊوچ ۽ چانهہ رکي ويو. مون کيس چانهہ جو مگ ڪٽي ڏيندي چيو، "تہ ڇا اسان جي زندگي فلمي تہ ڇا. پر معجزاتي موڙن واري نہ آهي؟ تصور ڪيو، اوهان جو هتي اچڻ، اسان جو هتي پاڻ ۾ ملڻ، هيءَ رهائشي تربيت، ان مان اسان جو هِڪٻئي سان ايئن گَندِجڻ، اوهان کي اهو سڀڪجھ صَفا عام ڇو ٿو لڳي؟"

وري کلي شرارت منجهان چيائين، "ها، چوان ٿي نہ، آهي تہ فلمي."

مون بہ ان ئي شرارتي انداز ۾ چيومانس، "تہ پوءِ اچو تہ ان کي اڃان وڌيڪ فلمي ناهيون." کلي چيائين، "اوڪي، ٺيڪ آهي."

سندس هٿ جهلي چيم، "هي بہ تہ فلمي آهي نہ، منهنجو اوهان جو هٿ جهلڻ."

شرارتَ منجهان چيائين، "ها، منهنجو جواب ۾ هٿ جهليل رهڻ ڏيڻ تہ فلمي آهي، پر جي مانِ هٿ ڇڏايان تہ اهو تہ ويتر وڌيڪ فلمي ٿي پوندو نہ."

دل لِڇي پئي، چيومانس، "ايڏيون اَذيت پسنداڻيون ڳالهيون نہ ڪر مِينتَوخ، مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪهاڻيءَ جي خوشيءَ واري پڇاڙي سوچي آهي.“

ان تي ڪلڻ لڳي. چانهه مان سُرڪ ڀري چيائين ، ”اوڪي اوڪي ڪبير. خوشيءَ واري پڇاڙي سوچيون ٿا. اوهان ٻڌايو، اها ڪيئن هجي!“

مون ڪلي پڇيو مانس، واقعي؟“

چيائين، ”ها. ٻُڌايو، اوهان ڪيئن ٿا ڏسو پنهنجي هن ڪهاڻيءَ جي خوشيءَ واري پڇاڙي!؟“

چيم، ”مان ڏسان ٿو ته پاڻ ٻئي گڏ هونداسين. هميشه لاءِ. ڪڏهن به الڳ نه ٿيڻ لاءِ.“

چَپ ڀيڙي مُرڪي چيائين، ”همممم، ٻيو؟“

چيم، ”ٻيو ڇا. سمورو قصو ان ۾ آهي، هڪ جملي ۾ توروئي ڪو ٻُڌائي سگهبو.“

چيائين، ”نيڪ آهي، تفصيل سان ٻڌايو ته جيئن مون کي خبر پوي اوهين ڇا ٿا سوچيو.“

چيو مانس، ”وڏيڪ ڇا ٻڌايان، بس، اوهان سان مان شادي ڪري زندگي وسائڻ ٿو چاهيان.“

مُرڪي نهارڻ لڳي. ٻنا ڳالهائي نِهار ڊِگهي ڪري ڇڏيائين. سندس اکين ۾ ڄڻ سُوالن بَدران جوابَ هئا...

مون به ان ئي احساس ۾ مُرڪي ڏنو مانس، اسان جون اکيون مِليون...

چيم، ”ميننوخ، شاديءَ جي اَڄ جو جواب نه ڏيندؤ؟“

ڪجهي ڪانه.

چيو مانس، ”بَس، نيڪ آهي، اِيئن ئي هڪٻئي کي ڏسندا ٿا رهون.“

ان تي ڀرپور مُرڪي پئي ۽ ان ئي مُرڪ ڀريل نهارَ سان ڏسندي ڳالهه مٽائيندي چيائين، ”ٻُڌايو ڪبير، اوهان انٽراپالاجسٽ نه هُجو ها ته ڇا هُجو ها؟“

اڇانڪ ۽ اهڙي سُوالَ جي اُميد نه هئم، سوچڻ لڳس.

چيو مانس، ”اَنٽراپالاجِسٽ هجان ها يا نه. پر فوٽو گرافر، وِڊيو گرافِر يا فلم ميڪر لازمي هجان ها.“

ٿورو ترسيس، مُرڪي ڏنو مانس... وري چيم، ”۽ تنهنجو عاشق به لازمي هجان ها.“

ان تي هلڪڙو ٽهڪ ڏئي چيائين، ”اوڪي. ٻُڌايو. جيڪڏهن اوهان منهنجا عاشِق نه هجو ها ته؟“

ان تي مُون اَحتجاج ڪيو، ”صفا نه. اِهو سُوال ئي غَير حِساس آهي. اِن جو جواب نه آهي مون وٽ.“ اِن تي هوءَ ڪلڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئائين، جڻ ڪا ديوي ٿئي لڳي.

سچ اهو هو تہ هوءَ سينگار جي تہ محتاج هئي ئي ڪا نہ. سندس هٿ جَهلي ڪيس پنهنجي ويجهو ڪيم، عجب معطر ڪنڌڙ هُڳاءَ ۾ واسيل هئي، چيم، ”هيءَ ڪهڙي خوشبوءِ هنئي اٿئي مينتوخ، ماري ڇڏيئي!“

ڪلي چيائين، ”ءِ اوهان تي اڇو رنگ بيحد نهندو آهي.“ ان تي ڪيس ڪلي چيم، ”شڪر آهي مون تي بہ ڪو رنگ نهي ٿو.“ مُرڪڻ لڳي.

اسان ميلي جا مختلف پاسا ۽ فن جا شاهڪار ڏسندا رهياسين. موسيقيءَ جا نوجوان راڳِين جا لوڪل بئنڊ آيل هئا... ڪٿي موسيقي وڄي رهي هئي تہ ڪٿي انگريزي يا هندي گانا هلي رهيا هئا. ڪاڏي پيتي جا لوڪل ۽ ٻاهريان فرينچائيز هئا. لَداخي ثقافت جو نماءُ هو جنهن ۾ ڪپڙا، مورتيون، زيور ۽ ٻيو سينگار ۽ استعمال جو سامان وغيره پيل هو.

هڪڙي ڪنڊ تي چترڪار ويٺل هئا جيڪي پَئسن جي عيوَض ماڻهن جا پورٽريٽ ناهي رهيا هئا. مُجسمن جي وڏي نمائش لڳل هئي. چترن جي نمائش. رقص جا پروگرام وغيره رٿيل هئا. جيئن جيئن رات گهري ٿيندي وئي، تيئن تيئن صحرا فني سرگرمين ۽ فانُوسن سان جَرڪندو ويو.

اسان ٻنهي گڏجي پنهنجا بہ پورٽريٽ ٺهرايا. انهن مان هڪڙو مون پنهنجي ڪمري ۾ فريم ڪرائي لڳرائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ اسين هَٿ هٿ ۾ پڪڙيو ويٺا آهيون. ٻيو جيڪو وِٽس هو، ان ۾ اسين هڪٻئي کي نهاري رهيا آهيون.

رات پنهنجا پورا پَرَ پکيڙي صحرا کي پنهنجي گهيرن ۾ وٺي ها، ان ڪان اڳ فانوسن واريءَ کي رنگين ۽ سونهري روشنين سان جرڪائي ڇڏيو. ان ڪان سواءِ اسٽال ۽ رهائشي خيما هر رنگ جا رِڪيا ويا هئا. نيرا، ڳاڙها، ساوا، پيلا، نارنگي... انهن رنگن سان ماحول ويتر شوخ ٿئي لڳو. هتي ڪافي بوڌيشالائن جا ميلا ڏٺا هئاسين پر هي منظر تہ صفا منفرد هو. جنهن ۾ ٻُڌ مَت تہ هو، پر عِبادتي صورتَ بدران فَنَ ۽ جماليات جي صورت ۾ هو. جنهن ۾ جدت بہ هئي تہ ڪلاسيڪيت بہ.

اسان پئي مسحور ٿيا ميلو گهمياسين پئي. جتي جتي موسيقي هلي ٿئي. هوءَ اتي ترسي ٿئي پئي. يا وري جتي رقص هو... اتي وَنگَ ٿئي پئجي ويس پيرن ۾.

اسان جو گهڻو وقت مُجسمن، پينٽنگن، رقص ۽ موسيقيءَ وارين جاين تي گذريو. هلندي هلندي ماڻهن جي هڪ وسيع دائري ۾ بيهي رهياسين، جتي موسيقارن جو هڪ گروهہ ويٺل هو، جيڪي اولهہ ۽ اوڀر جو فيوزِن Fusion وڄائي رهيا هئا. پر هڙئي نوجوان آرٽسٽ هئا، هندستاني توڙي ٻاهريان. سٺ ستر ماڻهن جو انگ دائري ۾ ويٺل هو. پهرين تہ خاموشيءَ سان هر ڪنهن موسيقي ٿئي ٻڌي، ڪو مشهور پيس هليو ٿئي تہ تاڙين جو ڦهڪو ۽ هوڪرا پئي ٿيا. موسيقيءَ جو هلڪو ٽيڻ ۽ وري تيز ٽيڻ بيحد طِلسماتي هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهستي آهستي موسيقي تيزي اختيار ڪندي ٿئي وئي. ڪجھ ماڻھو محوِ رقص بہ ٿيڻ لڳا پئي، پر موسيقيءَ جي رفتار جهڪي ٿي پئي تہ اهي ويهي پئي رهيا.

ڪيس پنهنجي شال ويڙهي بانهن جي گهيري سان ويجهو ڪيو بيٺو هئس. ڪيس چيم، "محسوس ڪر، هوا ۾ مختلف نشن جو ساءُ آهي..." ڪنهن جي هٿن ۾ گلاس هو تہ ڪنهن جي هٿ ۾ سگريٽ. يا ڪو پيو خُماري وڪر، چيائين، "ها تمام شديد خوشبوءِ پئي محسوس ٿئي ماحولَ ۾."

هوءَ منهنجي بانهن جي دائري ۾ وڏيڪ سوڙهي ٿي منهنجي ويجهو ٿيندي پئي وئي، ڪلهي تي مٿو لاڙي بيٺي هئي.

ڪافي اهڙا ڪلام هئا. جن تي مون ڪانشس پُڇيو ٿئي، "رقص ڪرڻ چاهيندينءَ؟" چيائين، "نہ. رقص لاءِ شرط اهو هوندو آهي تہ موسيقي مون کي وٺي، اها مجبور ڪري رقص ڪرڻ تي."

اسين بيهندا ۽ هلندا رهياسين پئي. رنگ برنگي خيمن اندران ليئا پائيندڙ رنگ رنگ جي روشني، جاءِ جاءِ تي پريل باهہ جا مچ. جيستائين نهارَ پئي ٿئي، صحرا باهہ جي ۽ رنگين خيمن جي روشنيءَ ۾ رنگين روشنين جو صحرا لڳي رهيو هو. هڙئي باهہ جي رنگن جا شيڊ هئا: هلڪو ڦڪو، تيز ڦڪو، نارنگي، ڳاڙهو. جن جي وچ ۾ نيرَي ۽ سائي رنگ جون لهرون بہ ٿئي نظر آيون.

اُن رات ڪيترائي سياحَ آيل هئا. جن مان ڪجھ ڏيهي تہ ڪجھ پرڏيهي هيپي ۽ رولاڪ ٽولن جي صورت ۾ وينا هئا. مخصوص هُگاءَ مان سمجھ ۾ آيو ٿئي تہ اتي مختلف نَشا واپرائجي رهيا هئا. مون ڪيس ٻڌايو تہ ڪلي چيائين، "اوهان خُمار کي ايڏو جو ياد ڪريو ٿا تہ اهو اوهان کي هر جاءِ تي ملي ٿو."

هڪ گروهہ وٽ پهتاسين، جنهن ۾ لوڪل ٽوڙي پرڏيهي هيپي سياحَ جوڙن جي صورت ۾ ويٺل هئا، ڪنهن جي هٿ ۾ وهسڪي جو گلاس هو تہ ڪو "جادو" پريل سگريٽن جا ڪش هڻي رهيو هو. بہ ڄڻا رباب تي ڳائي رهيا هئا. مون يوڳتيءَ کي انهن سان گڏ ويهڻ لاءِ چيو، هن چيو مٿان هو اعتراض وارين. هن هڪ ناريءَ کي آهستڙي چيو تہ اسين ساڻن گڏ ويهڻ چاهيون ٿا. هن خوشيءَ سان ها ڪئي. اسين پئي اتي ويهي رهياسين. موسيقي، شراب، چرس، هر ڪو مست لڳو پيو هو. مون سوچيو، اتان ئي شايد مون کي ڪجھ نشي پٽي جو سامان ملي پوي، سخت ٻاڙ پئي لڳي!

هڪ نوجوان جوڙي اتي رقص ڪرڻ شروع ڪيو. رباب مُک ساز هو، تاڙيون ۽ هُوڪرا شروع ٿي ويا. سُرور ۾ هر ڪو مستيءَ جي مٿاهين ڏاڪي تي پهتل هو. يوڳتيءَ کي هن ناريءَ هڪڙو ڪش هڻي پنهنجو خُماري سامان سان پريل سگريٽ آڇيو، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هڪ سگريٽ آهستي آهستي پورو ڪيو ۽ ناريءَ جي ڏسيل ماڻهوءَ ڪان وچي پُڇيم ته اهڙو پيو سامان ڪٿان ملي سگهندو؟ مون ڪيس به ٽي سگريٽ آڻڻ لاءِ چيو، هو پئسن عيوض اهي مون کي ڏئي ويو.

يو گِٽي موسيقي ۽ رقص کي ڇڏي مون تي مَحو هئي، پڇيائين، "خبر اٿو، ان ۾ ڇا آهي؟" مُرڪي چيم، "هشيش."

هڪدم چيائين، "اوهه، هشيش. خبر آهي اهو اوهان سان ڇا ڪندو؟" مُرڪي پيارَ منجهان پُڇيو مانس، "ٻڌاءِ ڇا ڪندو مون سان هشيش، مِينتوخ؟"

هوءَ ان سُوالَ مٿان سُوال تي هلڪڙي مُرڪ سان گهوريندي رهي ۽ مون ڪَش هڻڻ شروع ڪيا. شديد پيارَ منجهان ڏسندي يو گِ ڪرايو مانس، "هي مون کي ڌرتيءَ تي ويٺي مٿي ڪٿي آسمانَ جو مُشاهدو ڪرائيندو، جي تو کي گڏ هلڻو آهي ته تولاءِ به هڪڙو آٿيان...!؟"

ٽُپ نهڪر ڪيائين. مان ڪيس ڏسي کلندو رهيس.

نشو منهنجي بدن جي جيوَ-گهرڙن ۾ وسڻ شروع ٿي ويو هو. آهستي آهستي مڙني رقص ڪرڻ شروع ڪيو ته منهنجي دل رقص ڪرڻ تي چيو، مان به اٿي بيٺس. ڏانهس هٿ وڌايم ته هوءَ سرزَنش مان ڏسندي مُرڪندي اٿي بيٺي. سندس چيلهه ۾ ٻانهن وجهي ٻئي هٿ سان سندس هٿ جَهلي آهستي آهستي سالسا ڪرڻ لڳس. هن به ڪلهي تي هٿ رکي رقص شروع ڪيو. ڪيس سالسا آئي ٿئي، مون ته باقاعدي لَندن ۾ ان جي تَربيت ورتي هئي.

هن جو جسم وري منهنجي ايترو ويجهو هو جو منهنجي اکين تي بيٺن نشن جا ڪيپ چڙهي ويا هئا. اکيون سندس چهري تي ڄمي ويون هيون. ڪيس ڏنم، دل چيو ته وري سندس حُسن جي ساراهه ڪريان، پر پوءِ سوچيم ته چوندي ته مان نشي ۾ آهيان، ان ڪري ٿو ڳالهايان. ان ڪري مُرڪڻ لڳس.

پڇيائين، "چو پيا مُرڪو."

چيم، "جي سبب ٻڌائيندس ته اوهين چوندؤ نشي ۾ آهيان. اجايو منهنجا اَحساس نَشي ۾ هجڻ جي الزامن جي ورَ چڙهي ويندا."

ٺهڪ ڏئي کلي پئي. چيائين، "بلڪل، اڄ اوهان جي هر ڳالهه کي هشيش جي لينس سان ڏسبو."

مون ڪيس ان تي ڪو به جواب نه ڏيڻ چاهيو.

اندر ئي اندر سوچيندو رهيس ته ٻانهن کي ڪيئن ضابطي ۾ رکان. ان مخصوص حالت ۾ جڏهن هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ هئي، محو رقص هئي، سوچيم ان کان وڌيڪ پيو رهيو ڇا هو جيڪو ڪيس لفظن ۾ چوان ها؟ ان ڪري ڪيس خاموشيءَ سان ڏسندو ۽ سالسا ڪندو رهيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيائين، ”اوهان کی سالسا تي ڪافي مهارت آهي.“
چيم، ”پر اوهان کان گهٽ.“
چيائين، ”ها، سالسا ۾ پارٽنر جي مهارت بہ ڪافی هوندی آهي، سو اوهان جی مهارت جی آسري تي مان ڪريان پئي، هونئن مون پارتي، ٽينگو ۽ بيلي ۽ چيني رقص سکيا آهن.“
دل ۾ چيم، رقص ئی تہ هو جيڪو ڪيس اچڻ لازمي هو. ڪيس مڪمل طور محبوبہ بنائڻ لاءِ. اهو بہ ڪيس ايندو هو!
ڏڪ وڃڻ لڳو. رقص تکو ٿيندو ٿئی ويو پر اسين ان ئی پُرسڪون حالت ۾ آهستی آهستی لهڪياسين پئي. شايد هشيش جو اثر هو، جنهن مون کي هڪ ڪيفيتَ ۾ ٻيهاري ڇڏيو هو.
هونئن هوءَ اڪثر چُپ هوندی هئي، اڄ منهنجيءَ دل ڳالهائڻ تي نہ پئي چيو.
پڇيائين، ”اوهان چُپ آهيو؟“
چيم، ”اوهان بہ تہ چُپ هوندا آهيو اڪثر.“
مُرڪي پئی، چيائين، ”سو اوهان ڪيفَ ۽ خُمارَ جي حالت ۾ خاموش رهندا آهيو.“
بس، مُرڪی ڪيس ڏٺم. ڪيس چا چوان ها يلا؟
جی اهوئی سڀ ڪجهہ هن مهل ڳالهايان ها جيڪو دل ۾ هو تہ هوءَ اُن کی بیءَ نسبت ۾ سوچی ها. سو مان چُپ رهيس. مٿان قهر جی ويجهڙائی هئی. منهنجو هڪ هٿ سندس چيلهہ تی هو، ٻيو سندس هٿ ۾. نظرون سندس مُکَ تی هيون، هوءَ سموری مون وٽ جَڪڙيل هئی، اتان کان اڳتي وڌڻ جو نہ سوچيان ها تہ ڪفر هجي ها... فقط سوچيندو رهيس، ڪيس ڏسندو رهيس.
پڇيائين، ”چا پيا سوچيو؟“
اکين ۾ اکين کی کُپائی پُڇيومانس، ”ٻڌاءِ ميتوخ، مان چا سوچيندو هوندس؟“
گهری مُرڪ مُرڪی پئی، جنهن سندس اکين ۾ چمڪ آڻی ڇڏی.
سندس جسم کي وَيجهو محسوس ڪيم. هٿَ تي زور کُپائيندي پُڇيم، ”اوهان ٻڌايو، چا پيا سوچيو؟“
ڀرپور مُرڪی ڏسڻ لڳی. اکيُون وری هڪٻئی ۾ کُپی پيون هيون، ايئن ڪَڙجي ويون هيون چڻ، جو هاڻی پَری ڪرڻ سان بہ پری ٿيڻ مُمڪن نہ هو!
ڪجهہ چيائين نہ. پر ايئن تَڪيندی تَڪيندی، هلڪڙو ياڪر پائی سالسا ڪرڻ لڳی. سندس اچانڪ ايئن ڪرڻ مون ۾ سمُوری ڪائنات لاهی ڇڏی. ان اَدا تی مان جڻ فَنا ٿي ويس. مون بہ پنهنجيون ٻانهون سندس ڇوُڏاريءَ وَرائي ڇڏيون. ان ئي رقاصي حالتَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾. جسمَ هڪبئي ۾ پَرجي. هڪ ئي وحدتَ بڻجي پيا. ٻين سازن سان گڏ دفَ جي ٿاڦَ تي رقص جاري هو. اسين ٻئي ڪيتري ئي ديرَ تائين ان حالت ۾ موسيقيءَ جي ردم تي هڪبئي کي ڀاڪرين ڀري سالسا ڪندي پنهنجي پيرن جي سوڙهي دائري ۾ گول ڦِرندا رهياسين.

مان سندس جسم جي ڇُهاءَ سان سمورو وڳهريس پئي. هڪ ته ماحول جي عطا ڪيل خاص ڪيفيت هئي، ٻي منهنجي خُمارَ واري حالت هئي. تيون اِچ هوءَ به نشو واپرائي ٻنا خبر نه آهي ڪهڙن خُمارن ۾ هئي. مٿان اسين هڪبئي جي ڀاڪرن ۾ رقاصي هئاسين. منهنجون ته اکيون خُمارَ ۾ بند پئي تي ويون، رباب توڙي دفَ جو آواز ڄڻ جسمَ ۾ رتَ سان گڏ محو گردش هو.

اکين جي بند ڇپرن اندر ڄڻ ڪا وائبريشن ٿي رهي هئي، جيڪا يوڳٽيءَ جي ٻُت ۾ پئدا ٿيندڙ هيجان جي هئي يا هشيش جو ڪمال هو. وقت جو احساس غائب هو، جاءِ ڄڻ هئي ئي نه. نه زمان ۾ نه مڪان ۾، خَلا ۾ هئاسين. مون محسوس ڪيو يا ته Disconnection ٿي ويو هو، پوري وُجُود جو ٻاهر ڪان، يا ٻئي پاڻ ۾ ملي ويا هئا؟ داخل خارج کان الڳ ٿي پيو هو. يا داخل ۽ خارج ٻئي هڪ ٿي پيا هئا؟ بلڪل ائين جيئن هوءَ ۽ مان هڪ ٿي پيا هئاسين... سمجهه ۾ نه ٿئي آيو ته ڇا ٿي رهيو هو.

مون کي محسوس ٿيڻ لڳو، اسان ٻنهي جي شناخت وڃڻ وهڻ لڳي هئي. ڄڻ ٻئي وڳهريل وُجُود بڻجي پيا هئاسين، ٻنا نالي، سڃاڻپ، ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جي. جسم ڄڻ جسم نه هو، رُوح پاڻ اچي جسم جو لباس پائي ويٺو هو. اندر پاڻ اچ ٻاهر نروار ٿي ويٺو هو. جذبات جي اهڙي حالت هئي، جو سمجهي ويو هئس ته جيڪڏهن ان وَهڪري ۾ وهي ويس ته ان ۾ اچ انتها ٿيندي. اچ جيتوڻيڪ هن ڀاڪر پائي پاڻ ئي هڪ حدَ اورانگهي ڇپي هئي، پر مون کي ضابطن ۾ رهڻو هو. اچ مان ڪيفَ جي اُن مقامَ تي هئس، جتي شعور ڇنو ٿِي وُجود بڻجي سامهون اچي بيهندو آهي. جيڪو اُن مهلَ جي وَس ۽ بيوسيءَ جي ڪيفيتَن ۾ سوچن ۽ خيالَن کي باشعور رڪندو آهي.

ڪنهن مهل ته محسوس ٿيو پئي ڄڻ ڪنهن سمنڊ ۾ ترِي رهيو هجان ۽ جسم پاڻيءَ سان پوسارجي ويو هجي. پاڻيءَ جي سطح تي، بي وزن ٿي تَنبي جيان ترڻ لڳس پئي ڄڻ. تڪڙو پاڻ کي ان خيال مان ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪيم، جو محسوس ٿيو ته واقعي ڄڻ پاڻيءَ ۾ هجان، ايترو جو پاڻي ٿي پيو هجان.

ان احساس مان نڪتس ته سندس جسمَ کي ڀاڪُرن ۾ محسوس ڪيم. ڇُهاءَ به عجيب هو، ڄڻ جسمن جو نه، وُجودن جو هو.

نَشي جي ان حالتَ ۾ وري اکين آڏو رنگ اچي ويا، ڄڻ رنگن جي ٿالهيءَ تي برش هَلِي ڪنهن حسين ڪئنوس تي نقش ڏاهيندو پئي ويو. هر نقش سندس چهرو هو. ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهري تي هلڪي لچاري مُرڪ سان مُرڪي پئي، پر ڇيو موٽايائين نہ. ان ئي ڪلام جا ٻہ شعر ڳائي ٻڌايائين. سندس آواز ۾ جادو هو، منفرد قسم جي لطافت هئي، ورجائڻ لاءِ چيومانس. هڪ ٻہ ڀيرو ورجايائين. مون اجازت وٺي ان کي رڪارڊ ڪري ورتو.

ڳائي بس ڪيائين تہ اداس ٿي وئي. ڪيس ڏٺم.

چوڻ لڳي، "مان اڪثر اهڙي موسيقي ٻڌڻ کان لنوائيندي آهيان جيڪا مون کي بيوس ڪري، جيئن هيءَ."

چيم، "پر ڪڏهن ڪڏهن بيوس ٿيڻ لازمي بہ آهي."

چيائين، "ها پر مون کي پُرزور ڪلام تکي وهندڙ پاڻيءَ جيان لڳندا آهن. جي پَڪڙ مضبوط نہ هجي تہ اهي اوهان کي پنهنجي وهڪري وهائي هليا ويندا آهن. ڪو ٻڏي ڪو بچي!"

سندس اکين ۾ آلاڻ هئي. سندس پٺي هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي اکين ۾ ڏٺومانس. هوءَ اڄ خاموشيءَ بدران وڏيڪ سلڻ واري ڪيفيت ۾ اچي وئي هئي. ڪجهہ پهرن جو وقفو ڏئي هن ڪجهہ نہ ڪجهہ چيو پئي. ان رات هن جيئن پنهنجي چاهہ جو اظهار ڪيو، اهو هن ميلي ۽ مهل کي منهنجي پوري زندگيءَ جو يادگار موقعو بنائي ويو. مون ڪيس پهريون ڀيرو ان ڪيفيتي جُنون ۾ ڏٺو هو، هڪ تہ هوءَ محبت ۾ هئي، ٻيو مٿس اداسي حاوي هئي، جنهن جي ڪري خيالن ۾ بيحد گهرائي اچي وئي هئس. جي مون ڪانئس ڪو سُوال پُڇيو بہ پئي تہ هن الائجي ڪٿان وڃي آسمانن جي اوچاين. ڏرتيءَ جي اونهائين منجهان گهرا خيال ڪڍي اچي انهن سان جواب ڏنا پئي. سندس اکيون پنل هيون...

پُڇيومانس، "اداس آهين؟"

چيائين، "اداسي محبت ۾ تحليل پئي ٿئي، ڪبير!"

چيم، "مان تنهنجين اداسين کي ختم ڪري ڇڏيندس."

چيائين، "پوءِ توکي مون ۾ تحليل ٿيڻو پوندو."

چيومانس، "ڪبير گم ٿي ويندو، تون بڻجي پوندو."

مُرڪي چيائين، "في الحال تہ مان پئي گم ٿيان ڪبير ۾، تُون پئي بڻجان."

اهو چئي هن پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو. منهنجو شعور اڳ ئي ٿهري سُجاڳيءَ ۾ هو. سندس اهڙو اظهار ٻڌي مون کي اسان جي رشتي جي جڙ سدا جاودانيءَ جي پَڪ ملي وئي. مون سوچيو تہ اڄ هن جو وارو هو. مون بہ ڏسڻ پئي چاهيو تہ هوءَ ڪيترو پنهنجي اندر جي روڪ ٽوڪ کي پاسيرو رکي، پنهنجو ماضي ٽپي، داخلي رنڊڪن کان آجي ٿي هن محبت جي موٽ ڏئي ٿي.

جنهن ۾ هاڻي هوءَ جڻ پاڻ ملهائيندي نظر پئي آئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي ئي بينچن تي ويٺي ويٺي مون هڪ ٻيو سگريٽ ڪڍيو ته يوڳتي مون کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳي. ڏسي نيزاريءَ منجهان چيو مانس، ”خير آهي رائي، اڄ مڙئي برداشت ڪر.“

اڏريس ته مان اڳ ٻه پٽي پر هاڻي شعور جي وِيتر اتاهين اڏار تي هئس. ڳَرن چپرن منجهان ڪيس ڏسندو ءِ مُرڪندو رهيس.

حيرت منجهان ورجايائين. ”ان جو مطلب آهي اوهان خُمارَ جي حالتَ ۾ خاموش تي ويندا آهيو.“

”همممر“ ڪري ڪيس ڏنم. اکيون مليون. مُرڪي پياسين. چيم، ”خاموش ان ڪري آهيان جو مان به تحليل پيو ٿيان مينتَوخ!

ڪلي پڇيائين، ”ڇا ۾؟“

چيم، ”الائجي هن نَشي ۾، ماحول ۾، تو ۾، يا تنهي ۾.“

هوءَ مون کي مُرڪي ڏسندي رهي. سندس لاءِ مون کي ايئن ڏسڻ جو تجربو نئون هو. پٽي پاسي مون لاءِ به هي نشو صَفا نئون ته نه هو، پر مان ان جو عادي نه هئس. ان جي تاثير ۾ هر شَئي جو نئون تجربو ٿي رهيو هئم. ان ڪيفيت جي ڪري ئي سَندس ساٿ ۾ ڪيفَ جي آخري حدن تي پهچي رهيو هئس، جنهن ۾ پاڻ کي نئون محسوس ڪيم پئي. سڀ ڪجهه نئون هو: رنگَ، موسم، موسيقي، آسمان، زمين، نهارون، ڇُهاءَ هر شئي ۾ نئون ذائقو هو. هر احساس پنهنجي عام شدتَ کان ڇوڻو پنجوڻو شديد پئي محسوس ٿيو.

مثال طور، اُن وقت بَيرو ڪاڏي لاءِ ڪا شَئي رکي ويو، مون کائڻ شُروع ڪيو، ذائقو زبان کان ويندي جسم جي رڳ رڳ تائين هليو ويو. کائڻ فقط کائڻ نه هو، وُجُودي ذائقي جو تجربو هو. هر گرنهه جي چٻاڙڻ وقت جيئن جيئن زبان کي ذائقو محسوس ٿيو پئي، اهو لمحن ۾ ورهائجي ٿي رهيو. ڄڻ اهو سلوموشن ۾ ترسي ترسي پئي زبان جي ذائقي جي احساس تان گذريو. ان دوران هر لمحي تي اهو ذائقو شدتَ اختيار ڪري رهيو هو. هوءَ سامهون هئي، اُن ذائقي کي سندس موجُودگيءَ لذتن جي انتها ڏئي ڇڏي هئي.

مان ٻي خبر ٿيس پئي، سَمجهه ۾ نه ٿئي آيم ته مان يوڳتيءَ کي ڏسي ساڻس ڳالهايان يا ورِي اُنهن ڪيفيتن جي انتهائن جو سُرور ماڻيان!

ايئن سوچيم پئي ته سندس آواز ٻڌم، ”هيلو؟ ڪٿي پيا اُڏرو!“

چيم، ”نَشو رتَ ۾ داخل ٿي ويو آهي، ان جي شدت کي پيو مُنهن ڏيان.“

ان تي حيرت منجهان مُرڪڻ لڳي، چيائين، ”اڇا! ٻيو ٻڌايو ڇا پيو محسوس ٿئي اوهان کي؟“

کلي چيم، ”ڳالهائيندس ته اوهان چوندؤ ته نَشي جو اثر آهي.“

کلي ڏنائين. ”نه نه، بلڪل نه چونديس ايئن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم، ”واعدو؟“ چيائين، ”پڪو واعدو.“

چيم، ”نَشي جيان، لڳي ٿو، تون بہ رت ۾ داخل ٿي رُوح تائين هلي وئي آهين. هر گهڙي ۾ تنهنجو عَڪس پڌرا ٿي پيو آهي، پڌاءِ تہ ان تي ڇا ڳالهايان؟ هاڻي مون کي نہ ڇئجان تہ مان خُمارن جي ڪري فلمي مڪالما ڳالهايان پيو!“

ڪلندي منهنجي ٻانهن جهلي ڇاڳ منجهان چيائين، ”نہ، ڪبير، بلڪل بہ نہ چونديس، تون سڀ ڪجهہ ڳالهاءِ. اڄ تو کي ٻُڌان ٿي.“

چيم، ”هر شئي شدتن سان محسوس ٿئي پئي: ڪاڏي جي ذاتي ڪان وٺي، تنهنجي نهارن تائين، ڇُهاءَ تائين، هن صحرائي رات جي خوبصورتيءَ تائين، هر شئي ايتري تہ گهري، ڇتي ۽ شديد آهي جو ان جي طلسماتي احساس تي ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ لفظ نہ آهن.“

مُڙي سندس سامُهان ٿي ويٺس. سندس ٻئي هَٿ پنهنجي هٿن ۾ جَهليم. خُماريل اکين سان مُرڪي نهاريومانس، چيم، ”ذهن پڪيءَ جيان ٿي پيو آهي، مينتوخ، جيئن پکي اڏار ڪري هڪ وڻَ کان ٻئي وڻَ تي وڃي ويهندا آهن. تيئن ذهنُ بہ ڪنهن مهل ڪنهن هڪ خيال تي ڪا دير ويهي، ان کي ڦلهوري وري ٻئي خيال تي وڃي وَيهي ٿو. انيڪ خيالن جي سمنڊ ۾ ترڳي پيو ذهن. صفا هلڪو محسوس ٿو ڪريان پيو. لڳي ٿو جسم ۽ خيالن تي هاڻي ڪو بہ بار ناهي رهيو، هوا بہ گهلي ٿي تہ بدن کي هڪ نئين فرحتَ بخشي، ويندي چمڙيءَ کي بہ هڪ عجب نئون مزو ڏئي ٿي وڃي. وُجُود سمنڊ ٿي پيو آهي ۽ اندر منجهہ جڻ لهرون پيون هلن، خيالن تي بہ، تہ جسم تي بہ.

تنهنجي نهار منهنجي رَت ۾ ٿي داخل ٿئي، تنهنجي ڇُهاءَ سان جسم ۾ ڪرنٽ جو وَهڪرو جاري ٿو ٿي پوي. ڇُهاءَ جو لطيف احساس جيڪو هڪ لمحو محسوس ٿي هليو ويندو آهي، اهو ترسي پيو آهي!“

اهو چئي ٿوري جهٽ رکي کيس ڏٺم، پڇيومانس، ”ڇا تو کي بہ ايئن ٿو محسوس ٿئي؟“

اکين ۾ وياڪل پڻو اڇي ويس، چيائين، ”ڪبير، تنهنجو پيار مون کي مون وٽان ڪنيي ڪٿي ويو.“

اهو ٿي تہ هو جيڪو ٻڌڻ چاهيم پئي. کيس ڏسي سوچيم پئي تہ هوءَ واقعي ڪنيجي ڪٿي وٺي هئي جڻ، صفا بيچين ٿي پئي هئي. منهنجي ڇُهاءَ کان پري هئي تہ سندس رويو هڪڙو هو. پر ڇُهاءَ سان هوءَ ٻي ٿئي پئي، جڻ منهنجو وُجُود ٿي پئي هئي.

چيم، ڪاش اڄ هوءَ بہ سون واري ڪيفَ کي محسوس ڪري ها تہ کلي چيائين، ”تہ پوءِ مون کي پنهنجي ڪيئن خبر پوي ها تہ منهنجي هيءَ ڪيفيت نَشي جي ڪري آهي يا...“

اهو چئي چپ ٿي وئي...

بيچين ٿي پيس، چيم، ”يا؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون بند ڪري ڇپائين، ”يا اوهان جي ڪري آهي.“

سندس اِهي لفظ ٻُڌي سوچيم، اڄ سمورن پاڳن ڪلڻ جو ڏينهن اچي ويو هو شايد. ڪيس ڏٺم، هوءَ منهنجي ڪيتري نه ويجهي اچي وئي هئي. سندس ڇُهاءُ جيئن منهنجي بدن ۾ ڪرنٽ لڳائي رهيو هو. تيئن دل ۾ شديد خواهش پيدا ٿي پئي ته سندس چهرو پنهنجن هٿن ۾ جهلي ان کي بي اختيار چُمان. هي منهنجا خمارن جي دوران جا ضبط هئا پر. سگهارا بند پڌل هئم ڇڻ. مان هونئن به نشي جي حالت ۾ وڌيڪ مُحتاط ٿي ويندو آهيان، پر اڄ ته هن ڪيف مُنهنجي ضبط جون حدون ٽئي ماپيون.

خُمارن جي بيوسيءَ منجهان ڏسي چيومانس، ”اڄ ته مُون تي ضَبط جا حُڪم لڳل آهن، جي ان حالت ۾ نه هجان ها ته اڄ اوهان منهنجي ضبط جو ٽُٽڻ ڏسو ها، هاڻي ته پڌو ويٺو آهيان...“

ان تي مُرڪي پئي. چهرو مٿي ڪري اکيون اکين ۾ وجهي چيائين، ”پر اڄ مون تي ته ڪي بندشون نه آهن.“ ڪيس ڏٺم، نشو مون واپرايو هو، اکيون سندس گلابي ٿي رهيون هيون.

سوچيم: نيڪ آهي، ڏسون ٿا. پڌل ۽ ڪليل بندن جي وچ ۾ اڄ ڇا ٿو ٿئي. مان عاشق ته خمارَ جو به هئس نه، اُڃ خمار تي ڇُڙواڳ ڪنڊڙ هجڻ جا الزام لڳن ها. اِهو به ته سهي نه سگهان ها! پر حقيقت اها هئي ته مان تڙپي رهيو هئس. مون کي اهو تڙپڻ به محبت جو ئي اَڻ-ٽُٽ حصو لڳي رهيو هو.

مُون کي ياد ٿو اچي، ان ڏينهن هن بيحد لاچاريءَ منجهان چيو هو، ”ڪبير، مون ايتري شديد محبت اڳ ڏسي ان کي وڃائي به ڇڏيو، هاڻي ان جي شدت کان خوف ٿئي ٿو.“

ڪيس غور سان ڏٺم، سندس چهري تي هارَ جا آثار هئا، ايترا گهرا آثار.

سندس هٿ جهلي پنهنجي سيني تي رکي چيم، ”ماضي وسار ميننتُوخ، هن محبت کي سانڍ، اها نه کُٽندي، مان واعدو ٿو ڪريان. هن پروچ فقيرَ تي ويساهُ ڪر، تنهنجي تصورن کان به مٿي پيار آهي مون وٽ تو کي ڏيڻ لاءِ.“

سندس چهرو پاڻ ڏانهن ڪري سندس اکين ۾ ڏٺم. اکين ۾ هلڪڙي آلاڻ هئس. چيومانس، ”ڏس، مينتوخ، جي اهي اکيون ڇلڪي پيون ته مان انهن کي چُمندس.“

مان اهو چئي وينس، محسوس ڪيم ان جُملي سندس جسم کي هلڪڙو ڏڪائي ڇڏيو. مان اهو چئي به پنهنجو پاڻ جهلي ويس. پر اِها مون کي ئي خبر هئي ايئن چوڻ کان پوءِ پاڻ کي پلڻ ڪيڏو نه ڏکيو هو! هن پنهنجو مُنهن منهنجي ڪُلهي تي لاڙي ڇڏيو ته جيئن مان ڪيس نهاري نه سگهان...!

سچ اهو هو ته مون ڪيس جذبات جي هڪ لهر جي نتيجي ۾ ايئن جسماني طور حاصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ چاهيو بہ نہ ٿئي. هشيش، ايل ايس ڊي، مَيريجوائانا يا ڪَئنابس واپرائي جسماني، تخيلاتي توڙي شعوري لذتن جي انتهائن جو چَسڪو وٺڻ تہ هن دنيا ۾ عام پريڪٽس هئي. منهنجو اِهو هرگز وَڙ نہ هو تہ محبت کي فقط سَڌن جي پُورائي جو ذريعو سمجهان ها. اڄ مُنهنجو وُجُود خُمارَ جي بيخبري هوندي بہ باخبريءَ جي آسمانَ تي پئي اُڏاڻو.

مان ڪيس نهاريندو رهيس، هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ پنهنجو چهرو لڪائيندي ۽ ظاهر ڪندي رهي، ڪيس چيم، ”چهرو نہ لڪاءِ مينتوخ، ايئن ڪري جنون تي ڏين مون کي.“

اهو ٻُڌي هن وري چهرو مٿي ڪيو، آهستڙي چيائين، ”منهن نہ لڪائينديس تہ وري هڪ ڀيو جنون ٿيندو.“

چيم، ”ها، مون کي اهو جنون کپي.“

چيائين، ”وس کان نڪري ويجبو.“

چيم، ”مان وَسَ مان نہ نڪرندس، مينتوخ!“

هڪدم چيائين، ”مون تنهنجي ڳالهہ نہ ڪئي ڪبير.“

ايئن چوڻ تي ڪيس پنهنجي اندرَ جي اٿاهہ پيارَ سان ڏٺم، سندس اکين ۾ ڪيڏو نہ پيار ۽ پاڻ ارپنا هئي! منهنجي ڳِل تي پنهنجو هٿ رکي، پنهنجو چهرو صفا ويجهو آڻي اکين ۾ ڏٺائين... ٻئي پَل اکيون بند ڪري منهنجين اکين تي پنهنجا چَپَ رکي ڇڏيائين، مان سندس ٻي ترتيب ساهَن ۽ چپن جي لرزش کي محسوس ڪري رهيو هئس، حَدَ تي وئي هئي! مان ڪيئن نہ وَسَ مان نڪران ها؟

مون ڪيس ڇڪي پاڪرن ۾ ڀري اٿاريو ۽ پنهنجي خِيمي ۾ وٺي آيس. اها رات اسان جي وچ مان حتمي پردا اٿڻ جي رات هئي. سندس ساهہ تڙپندڙ آوازن سان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. جڻ هر ڇُهاءُ جسم ۾ بجليون ڇَڏي رهيو هئس. جِسم جي ڇهاءَ جي اهڙي شدت تہ مون زندگيءَ جي پهرئين جسماني تجربي ۾ بہ محسوس نہ ڪئي هئي. بجليءَ جو لَذت ڀريو ڪرنٽ جسم تي سُري رهيو هو. جيئن ڪو ڦهر جو ماهر آرٽسٽ هڪ ننڍڙي خيال کي ڀيو ڪئنواس تي پکيڙيندو ويندو آهي، تيئن جسم بہ مُحبتَ ۾ هڪ ڇُهاءَ سان سموري تَنتي سرشتي کي اليڪٽريفاءِ ڪري احساس کي احساس سان ڳنڍي هيجان جو چار اُٺندو ٿئي ويو. اهو وُجودي ٽرانس هڪ هڪ لمحي جو الڳ الڳ ۽ مُنفرد هو... عملي ٽرانس!

سندس جسم ڇُهاءَ سان لڇندو ٿئي ويو. سندس ساهَہ جڻ ڪنهن جادوئي غفا مان ٿئي آيا، ڀڙاڏي سان، جيترو ويجهو اوترو پري. مُنهنجن پُٺن، مٿي ۽ وارن تي سندس هَٿَ ڦَٿڪي رهيا هئا. مون کي محسوس ٿي رهيو هو جڻ جسم جسم سان محوِ گفتگو هجي ۽ سندس هر ساهہ، ڇهاءُ کي مان پنهنجي ساهَہ ۽ ڇُهاءَ سان ورجائي رهيو هجان. جسم جڻ غير مادو ٻڻجي ساهہ ٻڻجڻ لڳا هئا، ان حالت ۾ پنهنجي ۽ سندس جسم کي تمام هلڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪري رهيو هئس.

هوءَ الڳ هئي ڪٿي، ايئن هڪبئي جي ويجهو هئاسين، جڻ هڪ ٿي ويا هئاسين. محسوس پئي ٿيو جڻ طلسماتي چار جي جڪڙ ۾ پئدا ٿيل هئاسين. اها جادوُ انگيزي پراڻو داستان ٿئي لڳي. قديم سجاڻپ هئي جسم جي جسمَ سان، شعورَ جي شعور سان، بي پناهَ پُراڻپَ هئي هِڪبئي سان رشتي ۾.

مون کي تہ خبر نہ پئي تہ اهي قربتن جا لمحا ڪيترِي دير جاري هئا. جيستائين ياد آهي، مون کي محسوس ٿيو پئي تہ مان ازل کان انهيءَ لذت جي حالت ۾ هئس. جڻ ان حالت مان ڪڏهن ٻاهر ٿيو ئي نہ هجان. مان اڻڄاڻ تہ باخبر ۽ اڻڄاڻ تہ باشعور محسوس ڪري رهيو هئس جو ان مهل جو لمحو لمحو صفا آهستي سُرندو محسوس پئي ڪيم: جڻ سيڪنڊ منٽن ۾ ۽ منٽ ڪلاڪن ۾ گذري رهيا هئا. جڏهن دماغ جي تَنتن تي نشا چڙهن تہ خيالن، يادن، سوچن، تصورن ۽ سمجهہ جي انداز تي بہ نشا چڙهندا آهن... جڻ سموري زمان ۽ مڪان تي خُمارَ جو راڄ قائم ٿي ويو هو!

سندس سونَ جهڙي نرم جسم جو ڇُهاءَ، ٻانهن جا گهيرا. ساهن جو لاهہ چاڙهہ، بيوس ٿيندڙ بي ترتيب ۽ ساهن ۾ وچڙيل آواز... سندس وُجُود ڇهاءَ کان تاسارو رهيو هو. سندس تڙپ، بدن جي لچ، هٿن جا زور ۽ پڪڙڻ وري ڇڏڻ... پنهنجو پاڻ کي انهن وجداني لمحن جي مرضيءَ تي هن ايئن ڇڏي ڏنو جيئن ڪو تيراڪ پاڻيءَ جي سطح تي تري، لهرن جي وس لهڪندو رهي... اهي سڀ اندازَ سندس محبت جي شديد اڄ جا ڏَسَ بہ ڏئي رهيا هئا. جيڪا ان رات ڀرپور طور پوري ٿي رهي هئي. جسم جو هر سَنڌ موسيقيءَ جي تارَ جيان ٿي پيو هئس جڻ. جتي ٿَئي هٿ رکيم، اتي سندس رڳن جي تار ڦَٽڪي ٿئي اٿي.

بدن جي بدن سان ميلاپَ جي موسيقي ئي پنهنجي هئي جڻ. جنهن کي ڇُهاءَ سان ئي محسوس ڪري سگهجي پيو. ان ڪري بہ جو هر ڇُهاءُ رڳن کي تاڙن جيان وڄايو پئي. هڪ هڪ وڄتَ سان جڻ بدن جا رباب يا سِتار ٿئي وڄڻ لڳا ۽ جسم رُوح جي اٿاهہ گهرائين تائين ڏوڏجي ٿئي ويو.

مان ننڊ ۾ سجاڳ هئس ۽ ان ننڊ ۾ بي پناهہ سُجاڳي هئي... جڻ شعور جا سُجاڳ وهڪرا مون سان مخاطب هئا...

محسوس ڪيم جسماني محبت هڪ متحرڪ ميڊيٽيشن يا ڌيان جو عمل آهي. ڪٿي پڙهيو هئم تہ ميڊيٽيشن لاءِ آخر خاموشي ۽ غير متحرڪ جسم ڇو ڪيي؟ ميڊيٽيشن جي سپريم ڏاڪي تي هيئن بہ سماڌي ٿيندي آهي، جيئن اڄ منهنجي ۽ مينتوخ جي ٿي رهي هئي. بدن ۽ تصور، داخل ۽ خارج، وُجود ۽ شعور هڪبئي منجهہ تحليل ٿين تہ عظيم سماڌي نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو ڀلا؟ جڏهن جسم پوري طرح هڪبئي ۾ تحليل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چڪا تہ مون ڪيس ڏٺو تہ هوءَ منهنجين ٻانهن ۾. بند اکين سان. مُڪمل سُڪوتَ ۾ هئي، ڪيس پنهنجي ويجهو ڪري ورِي چميم، ٻاڪر وجهي سمهي پيس.

مون کي محسوس پئي ٿيو تہ مان چڻ سندس جوهر سان اڄ مليو هئس. ڪيڏو نہ شاناٿتو هو سو. لذتن جي آسمانن تي بہ اُن جو پنهنجو شانُ نظر ٿئي آيو. سندس خود سپردگيءَ ۾ بہ پنهنجو وقار هو. هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ سمهي رهي يا مان سندس ٻانهن ۾ هئس پر سندس شاناٿتي وُجودَ عجب اُن ننڊ ۾ بہ سُجاڳي عطا ڪئي هئي...

بار بار اَک کُلي ٿئي تہ ڪيس پاڻ ۾ پڪوڙڻ ٿئي شروع ڪيم. سندس وڃائجي وَڃڻ جو خوف هو. ڪيس ازلي خوشيون ڏيڻ جي خواهش هئم. سندس زندگيءَ جي پوڄناڻن جي موت ۾ ڪيس اهو ڪجهہ ڏيڻ ٿئي چاهيم جنهن جو هوءَ تصور بہ نہ ڪري سگهي. ڪيس ٻاڪر پائي سندس وارن تي هٿ ڦيريندو رهيس، هوءَ ساڳئي طريقي سان ڪنڌ منهنجي ڪلهي، ٻانهن يا سيني ۾ لڪائيندي رهي ۽ مان ڪيس ورائي سامهون آڻي چمندو رهيس. پيار جي شدتَ سان سندس سمورو وُجود ٽڙي پيو هو. اُن رات جسمن ذريعي رُوحن جو ميلاپ ٿيو هو. جڏهن مڪمل سُجاڳي ملي پئي تہ خبر نہ آهي ڪهڙي مهل اسين هڪٻئي جي ٻانهن ۾ خمارن منجهان ننڊ جي دنيا ۾ هليا وياسين.

صبح جو سوير بہ ٻيرا اک کُلي، هوءَ پاسي ۾ سُتل ڏسي وري سمهي ٿئي رهيس. جڏهن ٽيون ڀيرو اک کلي تہ هوءَ پاسي ۾ نہ هئي. گهڙي ڏٺم، صبح جا نَو ٿي رهيا هئا. تڪڙو تيار ٿي ٻاهر آيس، پوڄتيءَ کي ڏسڻ شروع ڪيم تہ ڪٿي هئي، چؤڌاري نظر ڊوڙايم. نيٺ نظر اچي وئي، اڄ هوءَ سفيد لَڌاخي لباس ۾ رنگين اسڪارف پايو ڪنهن سياح سان ڳالهائي رهي هئي.

وڃي سندس پاسي ۾ بيٺس، ٻئي هڪٻئي کي ڏسي ڀرپور مُرڪي پياسين. ڪيس غور سان ڏٺم. پهريون ڀيرو ڪيس مڪمل سفيد لباس ۾ ڏٺو هئم. ڏاڍي نهي پئي. ٻانهن کان جهلي ڏٺومانس، ڀرپور مُرڪي پئي، چيم. "هل تہ هلي ڪجهہ کائون بک لڳي آهي."

سندس وُجود مُرڪي رهيو هو. بس هوءَ خاموش هئي. منهنجي دل نہ ٿئي ڀاپي سندس اُن نئين روپ کي ڏسندي...

اسان جي وچ مان هاٿي هڙئي وٿيون ختم ٿي ويون هيون.

اسان ساني ڪائي سامان پئڪ ڪري ٽئڪسي ڪرائي لَيهہ کان دهلي وڃڻ لاءِ سفر تي نڪتاسين. پروگرام هيئن هو تہ ليهہ کان دهليءَ تائين مختلف جاين تي ترسبو: لَيهہ چڏي، هماچل ۾ هڪ رات ڪيلانگ ۾، ٻي رات منالي‌ءَ ۾ گذاريندا. هڪ بہ ڏينهن دَهليءَ ۾ رهي پوءِ واپسي ڪبي. هي ڏينهن اسان ٻنهي جي زندگيءَ جا اهم ترين ڏينهن هئا، جن ۾ اسان کي مستقبل بابت سنجيدگيءَ سان گفتگو ڪرڻي هئي.

هن مون کي وري اُن ئي ڪاروانسَراءِ بابت ٻڌايو تہ هوءَ جڏهن پهريون ڀيرو هِماچل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پنهنجي پي ايچ ڊي لاءِ بہ نڪرڻو هو، ڪيس ساڻ وٺي وڃڻ ٿئي چاهيم. پر اهي سڀ معاملا مون سندس صلاح سان طئہ ڪرڻ پئي چاهيا. هاڻي ڳالهائڻ لازمي هو. سوچيم، اڄ ڪيلانگ ۾ گهمڻ دوران ان موضوع تي ساڻس ڳالهائيندس. مان اهي ڳالهيون سوچي رهيو هئس ۽ هوءَ بي پرواهہ لکڻ ۾ گم هئي.

مُرڪي چيومانس، ”ڏاڍي ناهوڪي پئي لڳين.“ منهنجي جاڳ ڪان بي خبر، اڇانڪ منهنجو آواز ٻڌي هڪدم اکيون مٿي ڪري نهاري ڏٺائين، ”اوهين ايڏي دير تائين سمهندا آهيو!“

پُڇيومانس، ”ڇا وقت ٿيو آهي؟“ چيائين، ”ساڍا ڏهہ ٿين پيا، اٿو. بک لڳي آهي، ڪجهہ جايون بہ ڏسي وٺون. منالي ناهي هلڻو؟“ اٿي وهنجي تيار ٿيس، ماني کائي ٽئڪسي ڪرائي گهمڻ نڪتاسين.

هن جو شوق هو تہ مان دلائي لاما سان ملان ها. هوءَ تہ اڳ ئي هماچل ۾ هن سان ملي چڪي هئي. پتو ڪرايائين. خبر پئي تہ هو ملڪ ۾ ئي نہ هو!

هماچل پرديش رياست جو شهر ڪيلانگ اسان ٻنهي کي تمام گهڻو وڻيو. ڪيلانگ ڀاڳا ڊئم جي ڪنارن تي ٻڌل مندرن ۽ ڊرمہ شالائن، ٻوڌي-درن ۽ ٻوڌيشالائن جو سمجهيو ويندڙ شهر آهي. ندين، جبلن ۽ خوبصورت نظارن وارو هي علائقو واقعي بہ هن واديءَ جو حُسن هو.

اتي جا ڪجهہ جابلو رستا بي انتها خطرناڪ هئا. هڪ رستي جو تجربو تہ اسان بہ ڪيو. جڏهن ڪيلانگ کان منالي ويندڙ رستا نانگن جيان وَڪڙ کائيندا آهن تہ مُسافرن جا هانوَ اچي نڙيءَ ۾ اٽڪندا آهن.

مِينتوخ ۾ مون ڳالهايو پئي تہ سيئاري ۾ برف جي ڪري اهي رستا اُڪارڻ بلڪل ناممڪن هوندو. چون ٿا تيز سيءَ ۾ هيءَ جاءِ، روهتانگ پاس جي ڪري، برف ڪرڻ کان پوءِ سموري دنيا کان مڪمل طور ڪٽجي ويندي آهي. آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ کان وٺي مئي مهيني تائين اها ئي غير يقينيءَ واري صورتحال رهندي آهي. اسين تہ خير سيئاري جي ان سخت موسم کان ڪجهہ اڳ آيا هئاسين، پر تڏهن بہ اتي هاڻي ڪافي ٿڌ ٿي چڪي هئي. هيءَ وادي سياحتي حُسن جي انتهائن تورڙي اوکن رستن جي ڪري انسانن بدران خدا جو ماڳ بہ سڏي ويندي آهي. يعني اهڙي جاءِ جيڪا انسانن بدران خدائن لاءِ ٺهيل هجي يا خدائن جي سگهہ ۽ شانَ وٽئون هجي. اتان جو ڪئمپنگ جو هڪ مڪان بہ ڪافي مشهور هو. دَرچا نالي اهو ماڳ تمام گهٽي اوچائيءَ تي هجڻ ڪري جبل جهاڳيندڙن جي دِل وٽئون هوندو آهي.

اسان ڪيلانگ جا مُک سياحتي مرڪز گهميا. جن ۾ ٻوڌيشالائون بہ هيون. اُتي شِوَ جي مندر تريلوڪنات هلڻ لاءِ مون مِينتوخ تي خاص زور ڀريو. اسان واري ڪاٽيج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مئنيجر اسان کي ٻڌايو هو تہ ترِيلوڪنات مندر کي شِوَ مندر بدران اَئوالوڪِتيشوارا جيڪو رحم جو ديو آهي، اُن جو ٻوڌي-دُر سمجهيو ويندو آهي ۽ هن ٻوڌِي-دَرَ جي پراٿپ پنج هزار سالن کان بہ مَتي آهي.

هتي جي مشهور ٻوڌِيشالائن ۾ ڪاردَنگ، شاسپُر، تايُول ٻوڌِيشالائون مشهور آهن... پر منجهانئن سڀ کان قديم ترين ٻوڌِيشالا گرو گهنٽال آهي، جيڪا ڪيلانگ کان پَنجن يا ڇَهن ميلن جي مفاصلي تي آهي، اسين اُها گهمياسين. اسان کي خبر پئي تہ ڪيلانگ ۽ اُن جي اوسي پاسي وارن علائقن ۾ هتي تبتيائي ٻُڌ مَت جو مخصوص مڪتب دُروڪپا حاوي آهي.
آخر ۾ اسان لهال ۽ اسپِتِي قبائِلي ميوزيم بہ ڏٺو. جنهن ۾ اُن علائقي جا ثقافتي لباس، رقص جا ماسڪ، پٿر جو سازَ سامان، ڪندراتي نشانيون، غاليچا وغيره شامل هئا.

مانجهاندو ڪري اسين منالي ڏانهن نڪتاسين. ٽئڪسي ڊرائيور اسان کي منالي جي سياحتي جاين لاءِ اتساهيندو پئي هليو. اسان کيس پئي ڏينهن سموري ڏينهن جي لاءِ بُڪ ڪري ڇڏيو. ان سفر دوران فقط هڪ جاءِ تي چانهہ پاڻيءَ لاءِ ٿوري دير ترسياسين. يوگِتيءَ ٽئڪسي واري کي ان گيسٽ هائوس جو ڏس سمجهايو پئي جتي هو اڳ بہ رهي چڪي هئي، ان جي لوڪيشن جي بہ ڪافي سارا هہ ڪيائين پئي.

اسين شام ستين وڳي تائين منالي پهچي ويا هئاسين. مينتوخ کي ڏاڍي جلدي هئي ڪاروانسراءِ پهچڻ جي، سندس خيال ۾ اهو ئي وقت هو جنهن وقت اتي موسيقي ۽ راڳ شروع ٿي ويندا آهن. اسين گيسٽ هائوس ۾ سامان رکي سُتت ئي ان قديم ڪاروانسراءِ لاءِ نڪتاسين. رات جي وقت جابلو هماچل جي حُسن جو جوهر اسان چوڏاري منظرن ۾ ڏٺو تہ مِينتوخ چيو، ”اوهان کي منالي سياحتي لحاظ کان ليهَ کان وڌيڪ وڻندو.“

مون مُرڪي سندس هٿ جهلي چيو، ”۽ رُومانوي بہ وڌيڪ لڳندو.“ دلربائي مُرڪ ۾ نِهار ڏنائين.

سچ اهو هو تہ يوگِتيءَ جي حُسن کان پوءِ ٻئين نمبر تي ڪا خوبصورت جاءِ يا منظر ڪو مون ان سفر ۾ ڏٺو تہ واقعي ان ڪاروانسراءِ ۾ ڏٺو. اتي اڄ موسيقيءَ جي خاص رات هئي، جنهن لاءِ هن ٻڌايو تہ اها سال جي يادگار ترين رات هوندي آهي، جتي هر رنگ ۽ نسل جو انسان موجود هوندو آهي.

موسيقي اها ئي هئي جيڪا يوگِتي نوبرا واديءَ واري رهائشي تربيت دوران بار بار هلائيندي رهي هئي. اها موسيقي جڻ منهنجي رڳن ۾ پيهجي وئي هئي، اُن سان منهنجي گهري ٻنجاتپ ٿي وئي هئي.

ان ڪاروانسَراءِ ۾ داخل ٿيندي ئي محسوس ٿيو تہ جڻ هڪ عجب جادوئي ماحولَ ۾ اچي داخل ٿيا هئاسين. سامهون يوگِتيءَ کي ڪا سُجاڻو ناري نظر آئي، هوءَ اتي وچي ساڻس ملي ۽ مون کي بہ مِلرايائين. اسان جي سامهون اسٽيج نما تَلهو نهيل هو، جنهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندو، رک هن يارَ تی!“
ان جواب تی مُرکی پئی.
کيس سمجهايم تہ ايئن هرگز نہ ٿيندو. مان سموری زندگی سندس ان خواهش جی تکميل جو ذمو کڻندس. اها سندس نہ پر منهنجی بہ دلی خواهش هئی. ان ڳالهہ تی ٿورو بهتر محسوس ڪيائين.ياڪر پائی پاڻ ڏانهن ويجهو ڪری ٻانهن تی سمهاری چيومانس، ”جلدی شادی ڪر مون سان مائی، مان انتظار نہ ٿو ڪری سگهان.“ هوءَ ”هممم“ ڪری مُنهنجی سينی سان چهٽی پئی... آواز بدران چڻ ساهہ سان ڳالهائيندي پڇيائين، ”ڪبير، هي پيار ڪيڏو نہ حسين ٿو لڳی!“
چيومانس، ”ان پيار جو مون وٽ تولاءَ سمنڊ آهی، بس پاند وڏو رک تہ اِن کي سنڀالي سگهين.“ ان تی بس منهنجو هٿ پنهنجی هٿ ۾ جهلی اُن کی چمندی رهی.
منجهس شديد پيار هو. جيڪو سندس تاسارَی وجود منجهان ڦٽی ٿئی نڪتو! ٻڌايومانس تہ کيس بلوچی لباسَ ۾ پنهنجی ڪنوار جی روپَ ۾ تصور پيو ڪريان. ڪيڏو عجيب هو مان ساڻس گڏ هوندی بہ سندس بابت تصور ڪری رهيو هئس، بلوچی عروسی لباس ۾... انهن ئي سوچُن ۾ ٻ هڪٻئي جي وجودن ۾ سمائجندي الائجي ڪنهن مهل سُمهي رهياسين.
ٻئی ڏينهن صبح جو اک کُلی تہ ڏٺم تہ هوءَ پاسی ۾ سُتل ڪانہ هئی. سامهون نظر کيم تہ صوفی تی ويٺی ڪجهہ لکندی نظر آئی. وهنتل هئی. وار کُليل هئس ۽ اها ئی گيڙُو ساڙهی پاتل هئس. مون اچان سمهڻ ٿئي چاهيو، پر اڌ ننڊ اڌ جاڳ ۾ پڇيومانس، ”ڇا پئی ڪرين اپسرا...؟“
مون ڏانهن هلڪی مُرڪ سان نهار وجهی، پوءِ ڊائریءَ ۾ مُنهن وجهی لکندي رهي.
رکي رکي منهنجي اک کُلندي رهي، ڏٺم تہ هوءَ مسلسل لکي رهي هئي.

بس اِتان اسان جي نئين ڪهاڻي شُروع ٿي، جنهن تي تہ مون سوچيو ئي نہ هو!

ننڊ پوری ڪری اٿيس تہ هوءَ ڪمری ۾ نہ هئی...!
اٿی باٿ رومر ڏانهن وڃڻ لڳس تہ سامهون ٽيبل تی سندس ڊائری رکيل ڏٺم، اُن مٿان هلڪو نارنگی رنگ جو ننڍو فلئگ نوٽ لڳل هو، جنهن تی لکيل هو، ”ڪبير لاءِ.“
ڊائريءَ ۾ اندر هڪڙو خط پيو هو، جنهن ۾ مون لاءِ قيامت مِثل پيغام هو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪبير. قيد جذبن جو هجي، يا مادي ضرورتن جو. ھنھي ۾ هڪڙي هڪجھڙائي آهي. اُهو اوهان کي پنهنجي ڊائري مان باهر نڪرڻ نه ٿو ڏئي. مون کي لڳي ٿو پاڻ قيد جي انهن ٻنهي قسمن ۾ ڦاسي پيا آهيون. تون بيحد حسين ماڻهو آهين، تو جهڙي ئي حسين تنهنجي محبت آهي، هڪ پيرو وري مُنهنجي دل محبت سان ٻرجي وئي. مون تو سان زندگي گذارڻ جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا... تون سمجھين سگهين ٿو، ان محبت ۾ تو کان پري وڃڻ ڪيڏو نه مُشڪل هوندو! پر مان سمجھان ٿي هي سڀ ڪجھ غلط پيو ٿئي.

مان جيترو تنهنجي ويجھو اچان پئي اوترو ٻوڏي سفر کان پري وڃان پئي... ٻوڏي سفر ۽ منزل ۾ اهڙي اَڻلھ محبت وڏي روڪ آهي جو ان کي ساڻ ڪٺي سفر نه ٿو ڪري سگهجي. اها ٻوڏي مقصدن کي بي معنيٰ ڪري ڇڏيندي. مان پنهنجي ٻوڏي دنيا ڏانهن واپس موٽڻ لاءِ تو وٽان هميشه لاءِ وڃان پئي، مون کي ڳولڻ بدران مون کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪجانءِ! پنهنجي وچ ۾ شروع ٿيل هي نئون سَنبَنڌ اسان کي ڪڏهن به ٻوڏي سفر ڏانهن نه وٺي ويندو. ان سفر تي پاڻ ٻنهي کي الڳ الڳ نڪرڻو پوندو. مان پنهنجي منزل جي پويان وڃان پئي. هيءَ پنهنجي ڊائري ڇڏي پئي وڃان، مون وٽ ان کان سواءِ تو کي ڏيڻ لاءِ ڪجھ به نه آهي.“

آخر ۾ موڪلائيءَ جي هيٺان لکيل هو:

(تو کان ۽ تنهنجي پيار کان پري وڃڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي ڪبير!)

اهو خط پڙهي مان ناقابل بيان صدمي ۾ وڃي ويس...

ان جو ته گمان به نه هئم ته هوءَ ڪو ائين به ڪندي! اندر ئي اندر ۾ ورجايم پئي، ”يو ڳٽي، تون مون سان ائين ظُلم ڪري هلي ويندينءَ؟“ منهنجي سيني سان ڇُهنيل سندس وجود جو لمس اڃان به مون کي محسوس ٿي رهيو هو. ڪيترو پيار ٿئي آيس مون تي، اهو سڀ پَلي هوءَ ڪيئن ٿي هلي وڃي سگهي؟

بي ساخته ڊوڙي ڪائونٽر تي آيس، اتي وينل ماڻهوءَ ٻڌايو ته هوءَ ڏيڍ ڪلاڪ اڳ ۾ ٽئڪسيءَ ۾ نڪري وئي. ڪيڏانهن وئي، ان جي ڪيس خبر نه هئي... مان شاڪ ۽ ڏک ۾ ھسٽيرڪ ٿي پيس ته ڪٿي ڳوليان ها ڪيس؟ پنهنجي ننڊ تي ڪاوڙ آيم پئي ته سوير چو نه اٿيس...! ڪيس وڃڻ ئي نه ڏيان ها. يا جاڳيل هجان ها ته هوءَ شايد اهڙو فيصلو ئي نه ڪري سگهي ها... ڪيڏو نه ظُلم ڪيو هٿائين. سوچيم، ڪو ائين به ڪري ٿو سگهي ڇا! هيڏي محبت ڏيڻ وٺڻ کان پوءِ به ائين ڇڏي وڃي سگهي!

هينئر سمجھيو اٿم ته ڪنهن به الميي کي ياد ڪري اُن تي ڳالهائڻ يا ان کي لکڻ، اُن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻيهر گذرڻ کان گهٽ نہ آهي. اهو سمورو قصو لکڻ کان پوءِ محسوس ٿئي پيو ڄڻ وجودي پيڙاءَ مان گذريو آهيان؛ صفا ٻي ساهو ٿي پيو آهيان! هاڻي بہ ذهن ۽ دل اُن واقعي کي ياد ڪرڻ جي سگهہ نہ ٿو ساري سگهي. خاص ڪري ٽڏهن جڏهن ساڻس گڏ گذاريل رومانوي وقت بہ تصورن تي طاري رهندو آهي. الميي ۽ عشق جي يادن جي پينڊولم ۾ دردَ ۽ صدمي جي وچ ۾ لمان پيو!

ڊائريءَ ۾ لکيل سندس خط ۽ ٻين لکٽين تي اڳتي لکندس.

درد کي لکي ڪري درد ۾ پيرجي ويس، موڊ متائڻ لاءِ ٻوڙي پانڌين جي وچ ۾ ٿيل خط و ڪتابت جا آخري پاڳا پڙهڻ شروع ڪيم.

هن آخري پاڳي ۾ استاد پنهنجي سفر جي داستانَ جا آخري پاسا لکيا هئا، جنهن ۾ هن جادم جي مون سان ملاقات جي داستان تي بہ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ لکيو هو. تخليقيت سان ڀرپور لکٽي هئي! مون کي تہ سندس پرڏيهي مُشاهدن حد کان وڌيڪ حيران ڪيو هو، جيڪي سياسي ۽ رومانوي قصن سان ڀريل هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا پانڊِي!

تُنهنجو تفصيلي خط مليو جنهن کي مون غور سان توڙَ تائين پڙهيو آهي. تنهنجي خَطن جي وَرنڊِي آئون اُن قصي کان ئي شُروع ڪندس. جيڪو پنهنجي آخري خَط ۾ تو ڏانهن لکيو هئم: ٽِپال گهرَ جي سامهُون واري ميدان تي پئدا ٿيل هڪ دل جو اَحوال. جيئن تون اُن موضوعَ تي منهنجي موقِفَ توڙي دِل جي اُن ڪهاڻيءَ کي اَنتَ تائِين سمجهي سگهين. اُن کان پوءِ اُن دؤر جي سائيگان واري مَسئلي کي مُڪمل طور لکندس. گڏوگڏ تنهنجي ٻُولها وارن پهلوئن تي بہ پنهنجي راءِ ڏيندو هلندس. پر سڀ کان اڳ ۾ تون منهنجو جِبلتي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسڻ وارو آخري مامرو پڙهہ. پانڊِي!

سائيگان مان موٽِڻ کان ڏَهارو سال کن پوءِ هڪ سال لاءِ اسڪاٽلينڊ جي هڪ تربيتي پروگرام ۾ بطور هڪ ٻوڙي گُروءَ ۾ تَربيت ـ ڪار ويو هئس. جتي سِکيا جي مختلف ڪورسن ۾ مون کي پڙهائڻ سان گڏ يوگا جون نِشستون بہ ڪرائِڻيون هيون. شام جو خود انگريزي ٻوليءَ جو اِڳتي جو ڪورس بہ لازمي ڪرائِڻو هو تہ جيئن ٻوليءَ جي مهارَت حاصل ڪري بهتر طور ٻوڙِي سِکيا ماڻي سگهجي.

انگريزيءَ جا تربيتي ڪلاس ڇهن مهينن جا هئا ۽ هفتي جا پنج ڏينهن هوندا هئا. روزانو ٻہ ڪلاڪ. اُهو ڪورس ڪرائيندڙ اُستاد اسان وٽ ٻوڏي تربيت بہ وٺندي هئي. هڪ پاسي هوءَ منهنجي گُرو هئي، ٻئي پاسي هوءَ منهنجي وِديارٿي بہ ٿي پئي. هوءَ اصل هندستاني هئي ۽ ڏهہ سال کن اڳ برطانوي شهريتَ حاصل ڪري اِتي رهي پئي. سندس نالو آترِي هو.

سچ اهو آهي تہ آترِيءَ کي مون سان لڳاءُ ٿي ويو. جنهن کي شُروع ۾ تہ آئون تمام وڏي سَگهہ سان لنوائي ويس، پر سندس اُن ئي خيالَ تہ تياڳُ غير فطري ۽ غير اِنساني هو اُن مون کي منهنجي ٻوڏي جيون ۾ هِڪ پيرو ٻيهر لوڏي وِڌو. ايئن مون هڪ پيرو وري محبت شُروع ڪئي. پنهنجن اُستادن، دوستن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي ٻوڙي دنيا ۾ ڪنهن کي به ڪا ڳالهه ڏني بنا پنهنجي اسڪاٽ لينڊ وارن آخري پنجن مهينن جا پهريان ٽي مهينا موڪل وارن ڏينهن تي آتريءَ سان گڏ سندس فليٽ تي رهندو هئس.

اُنهن ٽن مهينن جي ڪهاڻي به اُها ئي آهي. پانڌيئا محبت جي ڪوڙڪيءَ ۾ گرفتار ٿي ڦاسي پوڻ. ساٿس پورو جيون گذارڻ جي خواهش. گهر ٻارَ جي خواهش. آئون سدّن جو گهر ٿي پيس. پر پهرئين مهيني اندر ئي مون کي اَيما وارو پهريون تجربو ياد اچي ويو. تاشي ۽ لِيءَ جون سمجهاڻيون ۽ پنهنجي ٻوڙي تربيتَ جا خاص ڳڻَ ياد اچي ويا. مون هڪدم محسوس ڪيو ته جهڙوڪر جِبلت منهنجي اندر جي ٻوڙيءَ کي ڪائي رهي هئي. مون کي احساس ٿي ويو ته هيءَ جِبلتي خواهش به جلد ئي ماٺي ٿي ويندي. ٻيو مهينو ساٿس گڏ رهندي به ڏِل مَن هٽندي گذري ويا. جنهن ۾ مون آتريءَ سان ڪجهه سَليو ته ڪِين پر پنهنجي پاڻَ ۾ ئي پٽي سوچيم ته ڪجهه صحيح نه ٿي رهيو هو. آخري ٽيون مهينو اِن سڱ مان نِڪرڻ جو هو. هوءَ نه نِڪتي. آئون نِڪري آيس. اسان ٻنهي ۾ان سنبڌ کان موڪلائي سولي نه هئي. مون محسوس ڪيو مون لاءِ به آڙانگي هئي پر هن لاءِ ته الميو هو.

منهنجي سنڌ موٽڻ ۾ اجان آخري به مهينا باقي هئا. اُهي ٽي مهينا مون پنهنجو ڪشت وڏائي ڇڏيو وڃي هُن پار پيس. جتي هوءَ جِسم ته پري جي ڳالهه ٿي. منهنجي جذبي کي به نه ڇُهي سگهي. هوءَ ڪجهه وقت جي لُچَ کان پوءِ سمجهي وئي ته مون تي وقت ضيان ڪرڻ بيڪار هو.

منهنجي سِکيا اِها هئي ته جِبلت اِنسانَ جي اِنسانيتَ ۽ انسان-پڻي جي دُشمن به ٿِي سگهي ٿي. اُن منجهان اَعتدال مان نِڪري وڃڻ ڪِٿي ڪِٿي اَڻ-ٽَر ٿيو پوي. اِن ڪري ٻوڏ-سَتوَئي پنڌَ ۾ ته اُها لازمي طور بي راهَه ڪندڙ لڳي مون کي. عام ٻوڙي جيون ۾ پلي ماڻهو اِنهن جبلتن جو پُورائو ڪري. پر جي ٻوڙي سَتوَ ٽيڻ جي خواهش رکي ٿو ته پوءِ هُو لازمي طور پنهنجي اوائلي عمر ۾ ئي اِن جو تجربو ماڻي ته جيئن مهلَ ۾ ئي اِنهن سَڌُن کي پَلَي وڃي. سو اِهو اٿئي منهنجي جيونَ جو اَمُلهه مُشاهدو.

لَداخ واري پنڌَ کان پوءِ آئون پانيان ٿو ته تومِيرا جي ڳولها ۾ هڪ حد تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو پنڌ پُنائي ورتو آهي. ٻوڌسَتوَئي پنڌ ۾ مائِي ۽ مرد جي ان لاڳاپي کي نِنديندي ٻہ آئون تنهنجي اِن ڳولها جي حقَ ۾ آهيان. جيئن تہ تون ان نُقطي تي پُختو بيٺو آهين، تنهنجي ان موقف کي آئون ٻُڌ مَت اندر هڪ اهم تحقيق سمجهندي توکي چوندس تہ تون ان پنڌ کي جاري رک. تجربو ماڻ. جنهن منزل جي ڪَڏَ آهين ان جي پويان وڃ. سِکيا وٺ. پوءِ مون کي ڏَسجانءِ تہ توان تجربي جي آڌارَ تي آخر ڪهڙو لاڀ پِرايو؟ چو تہ اسان سينني لاءِ لازمي آهي تہ اسين پنهنجا پنهنجا تجربا ڪيون. تون منهنجن تجربن مان ڪو نہ سِکندين. حياتيءَ جي سِکيا لاءِ توکي پنهنجا تجربا پاڻ ڪرڻا پوندا.

تو تي تہ اِهو بہ بار آهي تہ تُنهنجي ٿَهيءَ جي ٻوڌِيُن کي سنڌ ۾ ٻُڌ مَتَ جي دؤرَ کي بيهر آڻڻو آهي. اسان وارو وقت تہ ڏهڪاءَ وِگهي گُذري ويو جنهن ۾ اسين کُلئي عام پاڻَ کي ٻوڌي بہ نہ چئي سَگهندا هئاسين. مُطلِق ماڻَ سان چؤديواريءَ اندر پيا ٻُڌ مت کي آهستڙي آهستڙي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين.

سنڌ جون چند ٻوڌِيشالائون هڪ گُونگي ماءُ جيان پيون پنهنجا ٻَچڙا پاليندڀون هيون. نہ تہ هِن خِطي ۾ ٻُڌ مَت ڪيترو نہ قديم رهيو آهي، مثال طور چون ٿا تہ ستين صديءَ ۾ باميان افغانستان ۾ چيني ٻوڌي سَتوا اچي پنهنجي همعصر ٻوڌين سان ملندا رهندا هئا.

توکي تہ خبر هوندي تہ ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾، ملير، منهوڙو، رنچوڙ لين، مندرن سان گڏ ٻوڌي-در جيني-درَ بہ هوندا هئا. جيتوڻيڪ وسيع ايراضيءَ تي ٻڌل ٻوڌيشالائون تنهن وقت سنڌ ۾ فقط بہ هيون. هڪڙي ڊِيبل واري ٻي پارڪر واري. اهي ايراضيءَ توڙي ٻوڌي تربيت ۽ تحرڪ ۾ ايتريون وڏيون هيون جيتري اسان جي سائيگان واري قوان ائم هئي. ان کان سواءِ ننڍيون ننڍيون ٻوڌيشالائون ۽ ٻوڌي درَ تہ سوين هئا.

هاڻي تہ انهن جو حال توکي بہ خبر آهي. آهستي آهستي اهي يا تہ بند ٿي ويون يا مندرن جي صورت اختيار ڪري پاڻ تي ماٺ طاري ڪري چڏيائون. مثال طور ڪي ماٺهو تہ اهو بہ چون ٿا نوشهري فيروز وارو تاريخي ٻوڌي-دَر بہ اڄڪلھ هندو مندر طور سَجاتو وڃي ٿو. بهاول پور سنڌ جو حصو هو، اُتي جي عجائب گهرن ۾ بہ اهي ٻوڌي نشانيون ملن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ڏسجي ٿو ته ٻڌ ۽ ٻوڌي ـ دَر ۽ جيني ـ دَر سنڌ ۾ هر جاءِ تي آهن. هينئر به سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ جيني ۽ ٻوڌي آثار ملن ٿا. ننگر، ٺٽي، جهرڪن ۽ ديبل توڙي ساحلي علائقن ۾ خاموش غفائن جيان ڳجهيون ٻوڌيشالائون موجود آهن. اروڙ ٽائي بولا خان کان متي جبلن ۾، ڪوهستان، حيدرآباد جي ڪيترن علائقن. شڪار پور ۽ نوشهري فيروز وغيره ۾ ڪافي برادريون ظاهري طرح ته مسلمان آهن، پاڻ اندر ۾ پاڻ کي ٻڌ سڏائين ٿيون ۽ اهو هر ڪنهن سان سلين به نه ٿيون.

موهن جي دڙي جي اسٽوپا کي ٻوڌي دؤر جو يادگار سڏيو ٿو وڃي. حيدرآباد پرسان سُڏيران يا سُڏيرڻ جو ٽُلهه جتي ساليانو ميلي تي انيڪ ٻوڌي زيارت لاءِ اچي پنهنجا متا ڪوڙائيندا هئا... جتي، سندن خيال ۾، گوتم ٻڌ جا هڏا پوريل آهن. ٻي جاءِ سراج جي ٽڪري آهي. جيڪا روهڙيءَ جي جبلن ۾ اولهه مان آندل هڪ ڏاتوءَ جي ٿئريس پرسان نهيل آهي. ٿين جاءِ ڪاهوءَ جو دڙو ميرپورخاص ۾ آهي ۽ ان کان سواءِ هڪ ٻوڌي اسٽوپا جيڪو نوابشاهه جي مِير رُڪڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي. اهي سڀ ماڳ مڪان هڪ عظيم تاريخ ڏانهن اِشارو ڪن ٿا.

ايتري قديم تاريخ هوندي به اسين اڄ وڏي واڪ ان نسبت سان پنهنجي سُڃاڻپ نه ٿا ڪرائي سگهون. هر جاءِ تي ايئن آهي ته سندن وجود هو پر هاڻ اهو ماضيءَ جي ڪهاڻي اچي بڻيو آهن. 1965 تائين پاڪستان ۾ جَين مَت جا ماڳ هئا. پوءِ 1965 واري پاڪ ـ ڀارت جنگ بعد کين لڏايو ويو. ٿَر ۾ جَيني به هئا. ٻُڌ مَت جيان جَين مَت هاڻ به گُونگِي ماءَ جيان آهي، پر موجود آهي. اَڏول جبل جيان... سندن ظاهري طور پنهنجي ڌرم تي هلڻ لاءِ هاڻ حالتون ويتر اُوکيون ٿي پيون آهن.

پانڌيا هن خطي ۾ سرد جنگ کان پوءِ جڏهن مذهبيت گڏ بدترين سياستَ جو چوغو به پاتو آهي ته اسان لاءِ ڌرتي ويتر تنگ ٿي وئي آهي. تڏهن کان اِسين پنهنجين ٻِرن کي ويتر سوڙهو ڪندا ويا آهيون. تو واري ننگر پارڪر واري سنڌ ٻوڌيشالا هاڻ به ته ايئن ئي ڳُجهه ڳوهه ۾ هلي پئي!

تنهنجي نسل تي اِهو بار آهي ته ٻُڌ مَت کي سنڌ ۾ هڪ ڀيرو وري نِروار ڪري. تون ان جي ماضيءَ جي تاريخ ته لازمي پڙهي ڇڏ. اسين سنڌي ته رهيا ئي ڪثرت ۾ وحدتَ ۽ وحدتان ڪثرتَ جا قائل آهيون. اهو ته اسان جي رتَ ۾ پيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ سائيگان ڏانهن موٽان ٿو.
تورو ساڏو ٿِچ ڪُوانگ جي خود سوزيءَ کان پوءِ واري سائيگان جي صورتحال تي تو آڏو هڪ گهري نظر پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.
سچ اهو آهي تہ آئون وِيٽنام ۾ آمريڪا جي خوني هٿ چُراند جو عيني شاهد آهيان. ان ڪري جيستائين ساڏو ٿِچ ڪوانگ جي پاڻ ساڙڻ واري واقعي کان پوءِ واري صورتحال کان وٺي وِيٽنامي جنگ جي خاتمي جي ڇيهَ تائين نہ لکبو تيستائين نہ تہ اُن دؤر جي ہوڏِي مسئلي کي تهَہ تائين سمجهبو نہ وري ان دؤر جي آمريڪي سياست کي سمجهي سگهبو.
ٿِچ ڪُوانگ جي پاڻ ساڙڻ واري واقعي تي تنهنجي راءِ جو مون کي اندازو تہ اڳ ۾ئي هو پر اها مون کي خبر نہ هئي تہ تون احتجاج جي ان تدبير کي غير سياسي چئي رد ڪندين تہ ان قسم جي واقعن ئي ٻُڌ مَت ۾ اِنتهاپسنديءَ جو ٻِج وڌو. جهڙوڪر تون ساڏو ٿِچ جي ان عمل کي هڪ ٻوڏي مذهبي اڳواڻ جو مذهبيت جي ڪري رد عمل ٿو سمجهين ۽ هڪ سياسي حڪمتِ عملي يا گُر نہ ٿو سمجهين! آئون تو سان اِن حوالي کان سَهمت نہ آهيان. پانڌيا اهو جيتوڻيڪ سنگين عمل هو پر هو هڪ سياسي تدبير.
مان تنهنجي ان راءِ پنيان تصور کي بہ سمجهان ٿو. سچ تہ اهو بہ آهي تہ اِن واقعي تي خود ٻُڌ مَت ۾ بہ ايئن ئي بہ رايا قائم ٿيا هئا. ٻوڏِين جي هڪ چڱي انگَ ان تدبير کي رد ڪيو هوءِ ٻين ان جي ڀرپور حمايت ڪئي هئي.
سچ اهو آهي تہ جيئن تون ٻوڏِي سَتوَ ٿِچ ڪوانگ دوڪ جو پاڻ ساڙڻ وارو لقاءُ پڙهي جُهري پيو هئين. تيئن سمورو وِيٽنام ان واقعي کان پوءِ المناڪ حادثن جي آڙاهہ ۾ وِجي ڪِريو هو. تون پاڻ ئي اندازو لڳاءِ تہ اسان لاءِ اُهو نظارو ڏسڻ ڪيئن هوندو؟ اها يادگيري فقط ذهن ۾ لقاءَ جو عڪس ئي نہ ٿي ڏيکاري پر مون کي تہ ساڏو ٿِچ ڪُوانگ جي جِسم جي ٿِچڪڻ جا آواز اڄ پنجاهہ سالَ گذرڻ کان پوءِ بہ جهڙوڪر ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ شايد ان ننڍيءَ عُمر ۾ اهو نہ ڪٿي ڏسجي ها، پر ان دؤر ۾ ان احتجاج کان سواءِ ڪو ٻيو حل نہ هو. ان دؤر ۾ ڪئٿوليائي راڄ جي بي رحميءَ جو توڪي شايد ئي اندازو هجي.
تصور ڪر صدر ڊيئم جي گهر جي هڪ مائِي مادام نِهو هڪ اخبار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڏو ٽِچ ڪوانگ جي پاڻ ساڙڻ تي ڏڪار مان چيو هو ته "وري هِڪ ٻئي ٻوڌيءَ کي سڙي باربيڪيو ٿيڻ جو نظارو ڏسنديس ته تاڙيون وڄائينديس." ان دؤر جي نفرت. سفاڪيءَ جو اندازو اُن بي رحم ۽ عقل کان وانجهي نارِيءَ جي ان بيان مان لڳائي سگهجي ٿو. ياد رکجانءِ! ٻوڌين لاءِ اهو بي رحم جذبو فقط ڊيئم جي حڪومت ۽ ڪٽنب ۾ نه پر سموري ڪئٿوليائي آباديءَ ۾ هو. هي بيان انهن اجتماعي سفاڪ جذبن جي هڪ علامت آهي.

سموري ٻوڌي دنيا توڙي ٻُڌ مت کان ٻاهر انسان دوست ڌُرين ان واقعي جي وڏي پئماني تي نِندا ڪئي هئي. پر نه ٿيو هو ڪو اثر ته فقط ڊيئم حڪومت ۽ تڏهوڪي ڪئٿوليائي چرچ تي. ان واقعي کان پوءِ مٿن ڪا جُونءِ به نه سُري هئي. هڪ پاسي صدر ڊيئم جي حڪومت پنهنجا ظلم جاري رکيا هئا ته ٻئي پاسي سندس پادري ڀاءُ نُهو ڊِنهه سموري ملڪ جي ٻوڌيشالائن تي حملا ڪرائي ڏنا هئا. سوين ٻوڌين کي ٿاڻن ۾ بي گناهه بنديو ويو.

مون وِيئَت نام جو اهو عجب دردناڪ دؤر ڏٺو جنهن ۾ گهرو ويڙهه واري ان خوني دؤر ۾ آمريڪي حڪومت هر حال ۾ ڏکڻ وِيئَت نام ڇڏڻ نه ٿئي چاهيو. جيتوڻيڪ پاڻ فوجن کي واپس گهرائڻ جي ڳالهه ڪرڻ ته شُروع ڪئي هئائون پر اها به فقط هڪ ڏيکاءُ هو. جڏهن ته صدر ڪئنيڊي خود هڪ بيان ۾ چيو هو ته اتان وڃڻ چڙو وِيئَت نام مان نه پر پوري ڏکڻ-اوڀر ايشيا مان وڃڻ هوندو. ان ڪري هو ڏور-رس نظر نه رکي سگهيا ته اتان نه نڪرڻ کين تذليل جي کهڙين کهڙين بدترين حالتن مان گذارائيندو.

آمريڪين جو حال ڏِس! صدر ڊيئم جي ڀاءُ جي ٻوڌيشالائن تي حملن ۽ ڊيئم حڪومت جي بدترين ٻوڌي-دُشمن پاليسين تي سڌي سنئين تنقيد بدران آمريڪي سرمائيدارن فقط ايترو چيو ته صدر ڊيئم پنهنجي ڀاءُ نِهو ڊِنهه جي انهن افعالن کي دُرست ڪري. هتي ماڻهو مري رهيا هئا ۽ هي افعالن درست ڪرڻ جهڙا هلڪا ڦُلڪا بيان ڏئي رهيا هئا!

حقيقت اِها آهي ته اهو سُوال ته آمريڪا وِيئَت نام ۾ رَهي نه رَهي؟ اِن حوالي کان خود وائيٽ هائوس ٻن نقط نظرن ۾ ورهائجي چُڪو هو. اهوئي سبب هو جو صدر ڪئنيڊيءَ جي حڪومت ان معاملي جي ڪري ٻِنهه ڪمزور ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪي هئي. مٿان وري ان دوران ئي فِرانسِي صدر ڊيگال جو بيان سامهون آيو جيڪو بيحد وقتائتو ۽ انسان دوست هو. هن چيو تہ ڏکڻ ۽ اتر وِيٽنام پاڻ ۾ گڏجي وڃن ۽ ٻاهرين مُداخلتَ جو پرزور مقابلو ڪري ان آمريڪي ڏاڍَ جو حتمي طور خاتمو ڪن. هن تہ سڌو سنئون آمريڪا کي چيو تہ: ”آخر اسين سڀئي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڇو نہ ٿا وڃون!؟ بس، هيءَ دنيا پنهنجن دشمنن کي ڏئي ڇڏيون تہ جيڪو وڻين سو ڪن!“

آمريڪا جو اهو مزاج پراڻو آهي تہ جن ملڪن سان سندن جنگي ۽ سفارتي مفاد جُڙيل هوندا آهن، هو انهن ئي ملڪن جي سياست سان هٿ چُراند ڪندو آهي ۽ ان ملڪ جي فوجي جرنيلن سان ڳٺ-جوڙ ڪري ڪائنس سندن ئي مُلڪَ ۾ آمريت آڻڻ لاءِ خطرناڪ اسڪيمون پلاٽ تيار ڪندو آهي. اها ڳالهہ پوري عالم ۾ واڪي ٿي چُڪي هئي تہ نہ تہ آمريڪا وِيٽنام مان نڪرڻ جو خواهشمند هو نہ وري ڊيئم حڪومت جي حمايت ڇڏڻ جي حق ۾ هو تيستائين جيستائين ان جو تختو اونڌو نہ ڪيو وڃي. ان لاءِ انهن وِيٽنامي جرنيلن سان ڳجهي طريقي سان ڳالهيون شُروع ڪري ڏنيون.

ان حقيقت هوندي بہ ڪجهہ اهم وِيٽنامي جرنيلن اهڙي قدم کڻڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. آمريڪا انهن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکي، پر ان سان گڏ ڊيئم حڪومت جي حمايتَ بہ جاري رکي، جيڪا عوام ۾ سخت غيرمقبول هئي. جڏهن تہ عالمي توڙي داخلي طور آمريڪا جو وِيٽنام مان نڪرڻ تي وڏو زور هو. ان دٻاءَ جي نتيجي ۾ آمريڪا سورنهن هزار فوجين مان هڪ هزار فوجي واپس گهرائڻ جو اعلان ڪيو. دنيا کي پنهنجي تَڏا ويڙهہ جو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

ٻئي پاسي ٻوڌي احتجاج جاري رهيو. پنجين آڪٽوبر 1963 ۾ وري هِڪ ٻئي ٻوڌي سائيگان جي مرڪزي مارڪيٽ ۾ پاڻ ساڙي ڇڏيو. اهڙن انيڪ واقعن کان پوءِ خود آمريڪي ڦوُرو راجَ بہ نيٺ ڊيئم حڪومت تي وڏي واڪي عدم اعتماد ڏيکاريو ۽ ڳجهہ ئي ڳجهہ ۾ ڊيئم حڪومت جو تختو اونڌو ڪري کيس قتل ڪرڻ واري منصوبي جي تياريءَ لاءِ ڪجهہ مخصوص وِيٽنامي فوجي آفيسرن سان ڳالهہ ٻولهہ بہ جاري رکي. آخر ڪار نومبر ۾ صدر ڊيئم ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پادري پاءَ کي فوج ذريعي مارائي سندن حڪومتَ جو سدائينءَ لاءِ خاتمو ڪيو ويو. اهو ساڳيو رَديو، سازشي تڪسات. جيڪو آمريڪا پنهنجي هر بينڪ ۾ استعمال ڪندو آهي: جاگرافيائي اهميت رکندڙ ملڪن تي آمريتَ مڙهي، آمِرن کي ڀرپور استعمال ڪري آخر ۾ انهن کي مارائي ڇڏي..

جيتوڻيڪ وِيٽنام نامي گهرُو ويڙهه دوران آمريڪا پنهنجا بدبودار، نفرت انگيز مفاد پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس اهو اندازو نه هو ته سندس وِيٽنام مان دير سان نڪرڻ جا ڪيترا اُگرا نتيجا نڪرندا...!

بهرحال ان دوران منهنجي ٻوڙي تربيت جاري هئي، ان تربيت ۾ هڪ ننڍڙو اضافو اهو ٿيو هو ته هاڻ اسين سياسي موضوعن تي ڳالهه ٻولهه به لازمي طور ڪندا هئاسين. اڻ اعلانيل طور جهڙوڪر اهو اسان جي ٻوڙي تربيتي نصاب جو حصو ٿي چُڪو هو. انهن سياسي حالتُن ٻُڌ مت جي علمي، فِڪري ۽ سماجي صورت تي وڏو اثر ڇڏيو. ان کي نوان رُخ ۽ روپ ڏنا.

پيارا پانڊِي! آئون سائيگان جي ڪٿائن جو آخري حصو لکڻ کان اڳ تنهنجي پنڊَ جي پُرلطف قصي تي هڪ نظر وجهڻ چاهيندس.

تنهنجو احوال غور سان پڙهي، ان تي چڱيءَ ريت غور ڪيو اٿم. مون کي ان جو شديد ڏک آهي ته تون مِيرا سان ملڻ جي تاتَ ۽ تانگهه کٽي ويو هئين پر ڳولها جي ان پنڌ تان نراش موٽيو آهين. مون کي تنهنجي ان ارمان جو احساس آهي پر نتيجي ۾ تو عظيم سِکيا ماڻِي آهي. ان ڪري جو ڳولها خود به ماڻڻ جو ئي پَرتوو آهي. ماڻِڻ ڏانهن وڃڻ ۾ ماڻڻ کان وڌيڪ چَس آهي، ويساهه ڪر مون تي پانڊي..!

منهنجو هڪڙو ٻيو خيال به آهي ته تو اهو پنڌ کٽي دل سان ڪيو ته آهي، پر سندس ڳولها ۾ جهڙوڪر تو ڪو وڏو ڪشٽ نه ڪنيو آهي. تو فقط اُتي وڃي ماڻهن کان سندس بابت پُڇا ڪئي ته ڪا اهڙن نقشن ۽ اهڙن پارن واري نارَ ڪين نظر آئي يا نه؟

مِيرا جي لَداخ مان سنڌ نه موٽي ته پوءِ ڪيڏانهن وئي، اهو توکي ڪيئن پتو نه پيو؟ بهرحال جيئن توکي جهوني ٻوڙياٽي ٻُڌايو ته هوءَ "ڳولها جي پنڌ تي هئي. هُتي ٻوڙي ياترين جا ڪٽڪ لتل هئا، انهن منجهان ڪنهن سان وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي“ ان تي تو چون تو سوچين ته هن کي ٻين ماڳن تي به ڳولهجي؟

لَيهه ۾ هَيمِس ميلي جي ڏينهن ۾ مختلف ملڪن مان ٻوڌين جي هجوم جا ڪٽڪَ اچي لهندا آهن. جن ۾ نيپال، ڀوٽان ۽ تبت جهڙن ملڪن جا رهواسي شامل هوندا آهن. تبت جي سموري ڏاکڻي پٽي ٻوڌي ملڪن جي رهواسين سان ڀريل آهي. مون اها سموري پٽي وِک وِک پيرن سان پنڌ گهمي آهي. بيشڪ انهن جاين تي دنيا جو هر ٻوڌي وڃڻ چاهيندو. هوءَ جهوني صحيح ٿي سگهي ٿي ته هوءَ انهن ڳَتڪن منجهان به ڪنهن سان شامل ٿي وڃي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن جو پريم فقط تو سان نه پر ٻُڌ مَت سان به هو. هوءَ توکي ان لاءِ به ته ڳولهي رهي هئي نه ته جيئن اوهين ٻئي ٻُڌ مَت جي ڪارِج ۾ ڪم اچو. ايئن نه آهي؟

مون کي خبر نه آهي ته مِيرا اجڪلهه ڇا ٿي سوچي. جڏهن لَيهه مان ڪيس پتو پيو هوندو ته تون واپس سنڌ موٽيو آهين ته هوءَ به تو پٺيان موٽڻ گهرجي ها.

بهرحال تون جيئن ته سندس ڳولها ۾ نڪتل آهين. جي ڪٽي موٽيو به آهين سنڌ ته فقط جسماني طور. تُنهنجي رُوح جي سرگردانيءَ جا پارَ ته مون کي تنهنجن خطن منجهان ملن پيا. تون سندس ڳولها ۾ اجان اڳتي وڃڻ جي ڪوشش ڪندين. هاڻ مِيرا جي ڳولها تنهنجو ٻوڌي مقصد آهي...

ڇاڪاڻ ته تون ان ڳولها کي ايئن ئي سمجهين ٿو ته آئون به تنهنجي مقصد جي احترام ۾ ايئن ئي سمجهان ٿو پر جيئن تُنهنجي ساڌو سچل توکي چيو هو ته ”وڃ. وڃي پاڻ وڃاءِ مُشاهدو ڪر. پر مشاهدو ڪجانءِ. وڃائجي نه وڃجانءِ“ سو تون به وڃائجڻ بدران ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي لازمي رَس. پانڊِيا نتيجي تي نه رَسڻ به وِڃائجڻ ئي آهي. پنڌ. پل منزل نه ماڻين. اجايا نه ويندا آهن.

مون وٽ به خيال آهن: هڪ ته مون کي اها خبر نه آهي ته تون مِيرا ماڻي اندر جي روشني ماڻيندين يا نه. يا وري تنهنجي ٻوڌي پنڌ جي ڇيهه تي تو لاءِ نِرواڻ هوندو يا نه. پر هڪ خبرَ سا ضرور اٿم ته تون اهو پنڌُ ڏاڍي سهڻي سَگهه سان ڪري رهيو آهين. تنهنجي ڪَتا پڙهڻ کان پوءِ سوچيم جَهڙوڪَر تون ڪنهن پراڻي ساٿيءَ جي ڳولها جي اتاولائيءَ بدران نئين ڳولها جا ترنگَ ڪنيو پيو هلين. تو خط ۾ لکيو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پيارا ٻوڙي سَتوا! مِيرا ڏانهن ڪيل ان پنڌَ ۾ مون جيڪو سکيو اِن ياد جي سُرور جو ڪو اَنت نہ هو. مان ان خوشيءَ جي ميلي ۾ جَهڙوڪر ٻنهہ ٻيهي رهيو هئس. يعني ذهن تي ايتري تہ ٽانٽيڪائي چانيل رهي آهي جو لڳي ٿو جڙ اهو احساس اتي ئي ٻيهي ويندو.“

انهن ٻنهي معاملن بابت توکي ٻوڙي قصن جا بہ پوسٽ ڪارڊ تو موڪليان. ڀهريون ڪارڊ تنهنجي جيون ڪٿا منجهان لِيئا پائيندڙ تنهنجيءَ سگهہ تي آهي:

**پوسٽ ڪارڊ ”آخري لمحا ۽ سگهہ“**

هڪ ڀيري هڪڙو ٻوڙي هڪ گهاٽي جهنگ مان گذري رهيو هو اچانگ ڪيس هڪ خطرناڪ چيتو نظر آيو. جڏهن هن کي اچانگ سامهون ايندڙ ان هيبتناڪ صورتحال ۾ ڪجهہ ٻيو نہ سُجهيو تہ هو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳو نيٺ ساهہ بچائڻ لاءِ ويجهي کان ويجهي وڻ تي چڙهي ويو جيڪو اسٽرابيريءَ جو وڻ هو. هڪ تہ اُهو اڳ ئي ايڏو سگهارو وڻ نہ هوندو آهي، مٿان هو ٻرڏي ان وڻ جي هڪ ڪمزور لام کي پڪڙي تنگجي ٻينو اها لام ايتري تہ سنهڙي هئي جو هر لمحي کيس لڳو ٿئي تہ اها جهڙوڪر اجهو ڪِري.. سندس پاڳ وري اهڙو پِيلو هو جو انهيءَ مهل ان سنهڙي لِچڪندڙ لام کي ٻن ڪوئن ٽُڪڻ شروع ڪيو! جڏهن هن ڏٺو تہ هيٺ چيتو بہ ٻينو آهي، وڻ ڪمزور بہ آهي ۽ ڪوئا بہ لام ٽُڪين پيا تہ کيس اچي سِر جي لڳي. ايتري ۾ اچانگ سندس نظر اسٽرابيرين جي هڪ ڳاڙهي ڇُڳي تي پئي تہ ڪجهہ لمحن لاءِ سندس ذهن مان اُن مؤتمار خطري جو ڌِيان هٽي ويو. هن پاٽمرادو ئي ان خيال کي وساري اسٽرابيريون کائڻ شروع ڪيون. جيڪي کيس جام لذيذ بہ لڳيون.

تو بہ ان پنڌَ ۾ گُهمندي گُهمندي ۽ ماڻهن سان ملندي مِيرا جي غير موجُودگيءَ جي هيبتَ کي بلڪل اُن ٻوڙيءَ جيان کنيو آهي جنهن ڏرتيءَ تي ڪجهہ لمحن کان پوءِ ايندڙ اِمڪاني موتَ جي احساس هوندي بہ ڳاڙهيون بيريون کائڻ شُروع ڪيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تہ ٿيو تنهنجو عمل. مِيرا جي خبر نہ ٿي پوي تہ سندس مَن ۾ اها ٿي محبت آهي يا نہ. يا سندس تانگهہ "ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان. شالَ مَ ملان هوتُ" ۾ بدلجي وئي آهي ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس ماڻڻ کان پوءِ تنهنجي اندر جي تانگهہ ويتر وڌي وڃي ۽ تون پڇتائين؟ يا وري ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي پانڌِي تہ منزل ماڻڻ يا نہ ماڻڻ هڪ ئي ڳالهہ ٿيو پوي. هي پوسٽ ڪارڊ پڙهہ:

**پوسٽ ڪارڊ "وصال، سوئي وڇوڙو"**

هڪ پيري هڪڙي پوڙي گروءَ اعلان ڪيو تہ هڪ نوجوان پوڙي نِرواڻ جو متاهون ڏاڪو ماڻيو آهي. ان خبر ٻين نوجوان ٻوڙي بزرگ ٻوڙين ۾ چڙبول پيدا ڪري ڇڏيو. منجهانئن ڪجهہ وٽس ويا ۽ پُڇيائونس. "اسان ٻُڌو آهي تو نِرواڻ ماڻيو آهي، ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي؟"

هن وراڻيو "ها، اها ڳالهہ صحيح آهي."

هڪڙي ڪانئس پُڇيو "هاڻ ڇا پيو محسوس ڪرين؟"

هن وراڻيو "اها ئي ساڳي اُتاولائي!"

سو پانڌِي، ان جا بہ اِمڪان آهن تہ تو لاءِ ماڻڻ نہ ماڻڻ هڪ ئي ڳالهہ بڻجي وڃي؟ ٿي سگهي ٿو مِيرا بہ اهو سمجهي وئي هجي ۽ هن تنهنجي ڳولها ترڪ ڪري ڇڏي هجي...؟ نہ تہ هن لاءِ سنڌ ۾ توکي ڳولهڻ ايڏو اڙانگو ڇو ٿئي ها؟ ان کان پوءِ هو پنتي پنهنجي چارَ سُڃاڻ ۽ واسطي وارن سان رابطي ۾ ڇو نہ آهي؟ ان جي اُڻ تُڻ توکي بہ تہ هئي نہ؟ تون ڪنهن بہ صُورتحال لاءِ پاڻ کي تيار رکجانءِ.

اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ جيئن تہ تون هن سان سخت ـ دِليءَ سان پيش آيو آهين. ان ڪري ڪيس ايئن ڇڏڻ جي پشيماني تو منجهان نہ وڃي ۽ تنهنجو اندر ضِد ۾ اچي سندس ڳولها کي جاري رکي تہ ڪيس ڪيئن ڪري موٽائي آڻين. سو جي توکي هوءَ ملي پئي تہ تنهنجي جيونَ جي سِڪيا ٻي هوندي، ان ڪري تنهنجا خيال ۽ پنڌ بہ ٻيا هوندا. جي نہ ملي تہ سِڪيا، خيال ۽ پنڌ وري ان حساب سان هوندا.

پيارا پانڌِيا آئون تنهنجي مِيرا جي ڳولها ۽ ان ڳولها جي نتيجي ۾ ڪيس ماڻڻ ۽ نہ ماڻڻ جو فقط اهو مطلب سمجهان ٿو تہ ڪيس ماڻڻ يا نہ ماڻڻ هڪ ئي ڳالهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. خاص ڪري تو جهڙي ٻوڍِيءَ جي لاءِ تہ ٻنهہ ايئن ئي آهي. ان سان نہ تہ تنهنجي جيونَ جي ڏُک تي ڪو فرق پوندو، نہ وري تنهنجي جيونَ جي خوشيءَ ۾ ڪو فرق ايندو. جذبن جي ابتدائي اُٿل پُٿل جي لذت جلد ماٺي ٿي ويندي، ان کان پوءِ توکي ڌرتي ۽ آسمان وڌيڪ چِٽا نظر ايندا. تون پنهنجي سَڌُن کي هڪ ٻوڍِيءَ جي نگاهہ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪندين ۽ توکي نيون روشنيون نظر ايندين.

پانڊِيا هاڻ آئون ٿورو تنهنجي مُشاهدن جي تجربي تي ڳالهائڻ چاهيندس. تنهنجا ڏِيان خوابن جهڙا آهن، بس خوابن ۽ تنهنجي ڏِيان ۾ فرق فقط ايترو آهي تہ تون ڏِيان دوران ٻاهرئين لقاءَ کان بہ باخبر هوندو آهين ۽ خواب داخلي يادداشت جي جهلڪ هوندا آهن، جنهن ۾ خارجي دنيا بابت بي خبري رهندي آهي.

تون مِيرا کي جهازي ٻيڙن ۾، خانقاهن ۾، جَهر جَهنگن ۽ جديد شهرن ۾ پَسندو رهيو آهين. هوءَ جنهن جنهن حالَ ۾ توکي تنهنجي ڏِيان ۾ نظر اچي ٿي، تون ڪيس سندس چهري جا اُهڃاڻ پڙهي انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو تہ هوءَ سُک ۾ آهي، يا اُتاولي آهي يا اهنجن مان گذري ٿي پئي. بهرحال تو دُرست چيو آهي تہ تون مُشاهدن کي پنهنجي جيونَ جي هر نئين ايندڙ موڙ جي حساب سان مَتجندي ڏٺو آهي.

مثال صوفين جي خانقاهن ۾مئڪشي، سُرور، راڳ جو سماءُ وغيره سڀ ڪجهہ توکي ڪنهن لازمي لقاءَ جيان لڳي رهيا هئا. اتي توکي مِيرا جو احساس بہ رهندو آهي تہ هوءَ اُتي موجُود آهي، جيڪا توکي نظر نہ ٿي اچي؟ تنهنجا مُشاهدا تہ مون کي بہ پروليون ٿا لڳن هاڻ. اُهي جَهڙوڪَر اهڙيون ڳجهارتون هجن جيڪي هڪ ڏينهن نيٺ پڄي پونديون. اهي لقاءَ ٿورا ٿورا حقيقت جهڙا بہ آهن. مثال طور بندر تي بينل مِيرا توکان جڏهن موڪلائڻ لاءِ آئي هئي، تڏهن تون کيس تِياڳي، درد ۾ ڦٿڪندو ڇڏي وڃي رهيو هئين. تنهنجي ڏِيان جي مشاهدن ۾ اهو نظارو تنهنجي حقيقي جيونَ سان ملندڙ جُلندڙ آهي.

تُنهنجي ذهن ۾ ڦڙڪندڙ سڙهہ، هوا جا سرد گهيرا، ڪوهيڙا، ٻڙ جا وڻ، ساموندي پنڌُ، خانقاهون ۽ لَداخ موجُود آهن. ڪٿي ڪٿي تو مون کي بہ ڏِيان ۾ ڏٺو آهي، سائيگان کي محسوس ڪيو آهي. تنهنجا ڏِيان تنهنجي علم، شعور، وجدان، فِڪر، تصور ۽ تخيل جا مظهر آهن. تمام گهڻا دلچسپ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون مِيرا نـ ڏٺي آهي. پر تنهنجي بيان توڙي ڏِيان جي دنيا جي مِيرا مون کي گذريل دورن جي ٻوڌي سَنتوَن جهڙي ٿي لڳي. مون توکي پَٿساجيـ گرو، اميتاڀـ ۽ گُوان ين (قُوان اَئم) ٻوڌي سَتوَن بابت ٻُڌايو هو. اڄ توکي آئون ٻن ٻين ناريِ ٻوڌي سَتوَن بابت لکندس. مِيرا جو سوچيندي سوچيندي اڄ مون کي راڻي مها مايا ذهن ۾ آئي آهي. جنهن لاءِ چيو ويجي ٿو تـ هوءَ شهزادي سڌارٿ يعني گوتم ٻُڌ جي ماءُ هئي. جيڪا شهزادي کي جنم ڏيڻ کان پوءِ ستن ڏينهن اندر ئي هيءُ جهانُ ڇڏي وئي هئي. ماءُ جي ايئن اچانڪ گذارِي وڃڻ کان پوءِ گوتم کي سندس ماسي مها پجاپتيءَ نپائي وڏو ڪيو هو.

ٻوڌي سَنتوَ مها مايا بابت هڪ مشهور ۽ جڳ-مڃيل روايت اها آهي تـ ڪنهن زماني ۾ سُڌوڌنا نالي عوام ۾ هڪ محبوب ۽ مشهور بادشاهـ هوندو هو. جيڪو هڪ جنگجو قبيلي سڪياس جو حاڪم هو. جنهن مها مايا نالي هڪ نهايت ئي حسين مائِيءَ سان شادي ڪئي، جيڪا ڪوليان بادشاهـ ارجونا جي ڌيءَ ۽ پنهنجي قبيلي جي شهزادي هئي. ٻئي قبيلا ڪوليان ۽ سڪياس هماليـ جبلن جي ترَيءِ ۾ وسيل پٽن تي رهندا هئا. جيڪي هينئر ملڪ نيپال جو حصو آهن.

راڻي مهامايا کي تبتيائي ٻُڌ مت ۾ گِيوترولما ۽ جاپانيءَ ۾ مايا ٻُنين سڏيو ويندو آهي. راڻي مهامايا جو هڪ خواب ٻوڌي دنيا ۾ وڏي اهميت وارو آهي. چون ٿا تـ راڻي خواب ۾ محسوس ڪيو تـ چار رُوح ڪيس هماليـ جبلن جي وچ مان وهندڙ اَنوتاتا ڍنڍ ڏانهن کڻي وڃي رهيا آهن. انهن ڪيس ڍنڍ ۾ سڀ کان سُرهي سُڳنڌ ۾ وهنجاري، آسماني لباس اوڍائي، حسين ترين گلن ۾ سجائي ڇڏيو آهي. ٿُرت پوءِ هڪ اڇي رنگ جو هاٿي آسمان منجهان ظاهر ٿئي ٿو جنهن پنهنجي سونڊ ۾ سفيد رنگ جي ڪنول جو گل جهلي رکيو هو. اِن هاٿيءَ سندس چوڌاري ٽي چڪر ڏنا. چڪر ڏيندي ڏيندي نيٺ اُهو هاٿي سندس ٻچيدانيءَ ۾ داخل ٿي گم ٿي ويو ۽ ايئن راڻيءَ کي جاڳ ٿي پئي.

جيئن تـ نيپال جي ڌرتيءَ تي هاٿيءَ جي وڏي اهميت آهي. ان ڪري راڻيءَ ان خواب جي علامتي اشارن تي بيحد خوش ۽ حيران هئي. راڻيءَ جو اهو خواب ٻُڌي بادشاهـ اڇرج ۾ پئجي ويو. هن ڪجهه ڏاهن ماڻهن ڏانهن نياپو اُماڻيو تـ ان خواب جي ساپيان بيان ڪن. ڏاهن ماڻهن بادشاهـ کي ٻُڌايو تـ اهو خواب سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتنب توڙي ديس جا پاڳ ڀيٽا تيڻ جي علامت آهي ۽ راڻي هڪ عظيم انسان جي ماءُ بڻجڻ واري آهي. راڻيءَ جي پيٽ ۾ هڪ اهڙو تہ مٽيادار ٻار آهي جيڪو هن ديس توڙي عالم جو هڪ عظيم انسان بڻبو.

اهو 624 قبل مسيح جو دؤر هو. جنهن ۾ سئڪيامُني ٻُڌ ڄائو. ان جو نالو سڌارٿ رکيو ويو.

سڌارٿ جي جنم ڏيندڙ ماءُ هئڻ ڪري مها مايا ديويءَ جي پنهنجي جاءِ تي اهميت آهي. سندس عجب خواب جي ڪارنامي ۽ گوتم ٻُڌ جي ماءُ هئڻ جي ناتي ڪيس ٻڌرين ٻوڌي سَتوَ مائِي سڏيو ويندو آهي. پر سندس ڀيڻ. يعني شهزادي سڌارٿ جي ماسي مها پجاپتي گوتميءَ جي اهميت بہ گهٽ نہ آهي. اهو ان ڪري تہ مها پجاپتي ڀهرين ٻوڌياڻي تياڳڻ هئي جنهن ڪي گوتم ٻُڌ نِرواڻ ڪان پوءِ پنهنجي ٻوڌي دائري ۾ آندو.

ٻُڌ مَت ۾ ڪيترائي ڏاهه مها پجاپتي گوتمي ڪي اُها ڀهرين ڀڪشوڻي سڏيندا آهن جنهن گوتم ڪان اجازت وٺي مڪمل ٻوڌ-سَتوَئي دنيا ۾ پير رکيو هو. ٻوڌي مڪتب جي اوائلي ليکن ۾ پالي ٻوليءَ ۾ جيڪو شاعريءَ جو مجموعو آهي. جنهن ڪي ٿيريگٿا چيو ويندو آهي. اُهو بہ ٻوڌي-سَتوَ نارين جو ئي لکيل آهي. ڀيڪوڻي يا ڀڪشُوڻي ٻُڌ مَت ۾ هڪ بيحد اڳتي مقام تي پهتل ناري ڪي چوندا آهن. اُهي "وِنايا" تي ڪاربند هلنديون آهن. جنهن جي پالِي توڙي سَنسڪرت ۾ معنيٰ تعليم. نظم ضبط. تربيت وغيره آهي. هي اصولن ۽ قاعدن تي ٻڌل هڪ ٻوڌي نظام آهي. جنهن تحت ڀڪشُوڻيون ۽ ڀڪشُو تربيت وٺندا آهن.

مَهاياني ۾ باقاعدي ناريون ٻوڌ-سَتوَئي دنيا ۾ داخل ٿين ٿيون. ان جا مثال اسان ڪي ڪوريا. وِيئَت نام. چين ۽ تائيوان ۾ ملندا. جڏهن تہ ٿيراوَيدا ۽ وَجَرياني مڪتبن ۾ ڪجهہ مايون مڪمل ٻوڌ-سَتوَئي مقام تي رسيون آهن.

هڪ ڀيري گوتم ٻُڌ ڪان سندس دوست آنندا پڇيو "نارِي جيڪڏهن ڀڪشوڻي ٿئي ٿي تہ سندس روحاني صلاحيت جي اُها اڏار تہ نہ هوندي جيڪا مرد جي هوندي آهي؟"

تنهن تي گوتم آنندا کي سختيءَ سان وراڻيو هو تہ ناريون بہ مردن جيان نِرواڻ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ڪان آجپو ماڻي سگهن ٿيون. ٻنهي ۾ ڪو فرق نہ آهي. بس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشت ڪٽڻ جي چاهَہ تي مدار رکي ٿو جيڪو هر انسان ۾ گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو.

ڪِن مُلڪن ۾ مردن جي پيٽ ۾ نارِي ٻوڌِي سَتوَئن لاءِ اضافي اَٺ گُرو_ڌاما ٻُڌايا ويندا آهن، جن تي ڪين قسم ڪٽڻو پوندو آهي. پر ان ڳالهہ کي ڪافي ڌاها رد ڪن ٿا. اهو چئي تہ اهي اضافي گُروڌاما گوتم ٻُڌ جا چيل نہ هئا. اِهي گوتم ٻُڌ کان پوءِ آيل ٻوڌِي سَتوَئن جا چيل ۽ لاڳو ڪيل آهن.

اهي اصول نارين جي ٻوڌ_سَتوَئي پنڌ ۾ تنگ نظر ٻوڌين شامل ڪيا آهن جيڪي نارين کي مردن جي پيٽ ۾ هيچ سمجهندا هئا. اُنهن اُصولن ۾ نارين جو اُتي ويهي ڪري مڙني مرد ٻوڌِي سَتوَئن کي ٻوڌِي سلام پيش ڪرڻ، برساتن ۾ اهڙي جاءِ تي هجڻ کان جَهل جتي ڪو مرد ساڌُو ساڻن گڏ نہ هجي. سندن مرد ٻوڌِي سَتوَ سان احترام سان ڳالهائڻ. ساڻن بحث نہ ڪرڻ ۽ چا بہ تي وجي مرد ساڌوئن سان تيز لهجو نہ اختيار ڪن... اها سوچ سِڌو سنئون صنفي مَت پيد تي ٻَڌل آهي. اُهي سوڙهي دماغ جا ساڌُو تہ اهو بہ يقين رکندا آهن تہ نِرواڻ تي رسڻ فقط مرد ٻوڌين لاءِ ئي ممڪن آهي. پر اِهو بلڪل هڪ مفروضو آهي.

ٿيراوَيدا ٻُڌ مَت ۾ سِري لنڪا ۾ هاڻ هڪ ڀڪشوڻي مڪمل نِرواڻَ تي رَسي آهي. هونئن ٿيراويدي مڪتبَ ۾ سمجهيو ويندو آهي تہ نالي ماتر ڀڪشُوڻيون ٻُڌ جي ڏنل آرڊينيشن تي هلي سگهنديون آهن. يعني اُهي آرڊر يا اصول جيڪي گوتم ٻُڌ تياڳ ڪري قائم ڪيا. اُنهن تي فقط مرد ٻوڌِي ئي ڪاميابيءَ سان هلي سگهن ٿا. ان قسم جي پوئتي پيل سوچَ جو سبب ٻيو ڪجهہ بہ نہ فقط صنفي متييد آهي، ان متييد کي هن دور ۾ رد نہ ڪبو تہ وڌي فِڪري کوٽَ ساڻ ڪٽي هلبي.

ٻوڌِي آرڊينيشن يا اصول ۽ مڪمل طريقہ ڪار جن ٻوڌِي صحيفن ۾ لکيل آهن، انهن ۾ وِنايہ پِٽِيموڪها ۽ پرَتِيموڪشا نالي صحيفا شامل آهن.

ان کان پوءِ هڪ ٻي نارِي ٻوڌِي سَتوَ بابت توکي ٻُڌائيندس، جيڪا مَهايانہ ٻُڌ مت جي روايت ۾ آهي. ان کان سواءِ اها تبتيائي يعني وَجرايانہ ٻُڌ مَت ۾ بہ اهميت رکي ٿي. ٻوڌِي سَتوَ تارا آزاديءَ جي ماءُ طور بہ سڃاتي وڃي ٿي. ڪيس سوبَ، ڪمن جي پُورٽتا ۽ ماٽِتا جي نمائنده ديوي بہ سڏيو ويندو آهي. تارا ديويءَ کي سنسڪرت ۾ آريا تارا ۽ تبتيائي ٻُڌ مَت ۾ جيتسُون دولما سڏيو ويندو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاپان ۾ ڪيس تارا بوساتسو ۽ چيني ٻڌ مت ۾ ڏولائو پُوسا سڏيو ويندو آهي.

تارا ديويءَ کي مهايانہ ٻڌ مت ۾ نارِي ٻوڌِي سَتوَ ۽ وجرايانہ ٻڌ مت ۾ آزاديءَ جي نمائنده ٻڌ سڏيو ويندو آهي. تارا ٻوڌِي سَتوَ تنترياڻي ڏيان جي ديوي(Tantric Meditation Deity) طور بہ سُڃاتي ويندي آهي. جنهن لاءِ چون ٿا تہ تبتيائي ٻڌ مت ۾ ان ديويءَ جو ڪردار انسان جي اندر داخلي خصلتون پيدا ڪرڻ ۽ خارج کي سمجهڻ آهي... ان کان سواءِ هوءَ جذبن، احساسن ۽ خالي پٽي جي ظاهري ۽ اندرين ڳجهن رازن کي سمجهڻ جي نمائندي ديوي بہ آهي.

ٻوڌِي سَتوَ تارا جا انيڪ روپ آهن ۽ هر روپ جا پنهنجا پنهنجا لقب آهن. مثال طور ڪيس رنگن سان بہ بيان ڪيو ويندو آهي. "سائي تارا" روشن خيال شعورَ جي سرگرميءَ جي ٻڌ سڏي ويندي آهي. "سفيد تارا" رحم، ڏکهي جيونَ، سُتِي ڦَڪِي ۽ شانتِيءَ ۽ شانت مَنَ جي ديوي سڏي ويندي آهي. ان کان سواءِ اڇي رنگ واري تارا کي خواهشون پوريون ڪرڻ واري ديوي بہ سڏيو ويندو آهي. "رَيتِي تارا" پلين شين جي وچ ۾ چقمقي قوت جي خوفناڪ پهلوءَ جي ديوي سڏي ويندي آهي. "ڪاري تارا" طاقت جي نمائنده ديوي آهي. "سونهري/پِيلي تارا" دولت ۽ خوشحاليءَ سان واڳيل سمجهي ويندي آهي. "نيري تارا" ڪاوڙ ۽ ڏمر کي اثبات ۾ تبديل ڪرڻ واري ديوي سمجهي وڃي ٿي.

ڪيس پيتا ڏيڻ لاءِ اسين سندس منتر پڙهندا آهيون، جن ۾ هي مشهور آهي، *"اوم تارِي تُتارِي تُورِي سُهاوا."* ڪيس اَئوالوڪِتِشوَرا جو نارِي روپ ۽ ان جي ٿي ڳوڙهن مان جنم ورتل سمجهيو ويندو آهي.

پيارا پانڊِيا! جيئن تہ تنهنجي پنهنجي جيون-ڳنا هڪ ڏَند-ڳنا نما قصو بڻجندي پئي وڃي، تون تارا ديويءَ بابت ڏَند-ڳنائون پڙهہ. ڇاڪاڻ تہ اصل واقعن منجهان ئي ڏَند-ڳنا جنم وٺندي آهي. ان کان اڳ جو ايندڙ دؤر تنهنجي ۽ مِيرا جي قصي کي هڪ ڏَند-ڳنا ۾ تبديل ڪري منجهائنس حقيقت کي گم ڪري ڇڏي، تون ٻين ڏَند-ڳنائن جي چڱيءَ ريت پرک ڪر.

سو ان ڳنا پويان هڪ ڏَند-ڳنا آهي، جيڪا ٻوڌِي سَتوَ اَئوالوڪِتِشوارا جي باري ۾ آهي. توکي اُها ٻڌائي پوءِ ٻوڌِي سَتوَ تارا ديويءَ بابت ٻيا وڌيڪ تفصيل ٻڌايان ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيري مون کي ساڌو تاشِيءَ ٻوڌي سَتوَ اَئوالوڪِتشوارا بابت ٻڌايو هو ته اَئوالوڪِتشوارا هڪ ڏينهن مارپوريءَ جي چوٽيءَ تي اچي بيٺو جنهن کي ”ريٽي ڳاڙهي چوٽي“ سڏيندا آهن. ان چوٽيءَ تان هن ڏٺو ته سندس علائقو اوتانگ جنهن کي ”کير جو ميدان“ به سڏيندا هئا، باهه جو هڪ اَڻ ـ کُٽ جهان جيان لڳي رهيو هو. جتي لکين ماڻهو ڏکن جي باهه ۾ سڙيا پچيا پئي، بک، اڃ ۾ پاهه هئا. هو اُن ڏک جي تڪليف نه سَهِي سگهڻ ڪري رڙيون ۽ آهه و زاري ته ڪن تا پر ان سُورَ وِڳهي هو مرن نه تا. هو جيئرا ئي جهڙوڪر ان سبب جي ڪري آهن ته جيئن ان سُورَ کي آخري ساهه تائين ڪٽي پوڳين.

ٻوڌي سَتوَ اَئوالوڪِتشوارا جيڪو اٿاهه محبت ۽ رحمدليءَ جي نمائندگي ڪندڙ ٻوڌي سَتوَ هو. جڏهن هن اهو دل ڏکوئيندڙ لقاءُ ڀَسيو ته سندس اکيون ڏک منجهان وهڻ شُروع ٿي ويون. سندس اکين جا لُڙڪ هيٺ پَٽَ تي ڪِرڻ لڳا. سندس ساڄيءَ اک مان جيڪو لُڙڪ ڌرتيءَ تي ڪريو ان منجهان پِريڪوتي ديوي ڄمي پئي، جنهن اتي بيهي ڪري اَئوالوڪِتشوارا آڏو احترام منجهان سندس سُورَ جي ميٽا جو اعلان ڪيو ۽ واعدو ڪيائين ته هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جا سُورَ ختم لاءِ ان جاکوڙ ۾ هوءَ سندس ساٿي رهندي. ان ڪان پوءِ پريڪوتي ديوي وري اَئوالوڪِتشوارا جي ان ساڄي اک ۾ سمائجي وئي جتان هوءَ سندس نڪتل لڙڪَ منجهان اُسري هئي. ان ڏَند ـ ڪٿا موجب اها ئي پِريڪوتي ديوي وري هڪ نيپالي شهزادي ڀِرتسون جي روپ ۾ پئدا ٿي.

هڪ ڳوڙهو جيڪو اَئوالوڪِتشوارا جي کاٻي اک مان لڙِي ٻٽَ تي ڪِريو هو ان منجهان تارا ديوي جنم ورتو. ان به ساڻس ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ۽ پوءِ سندس کاٻي اک ۾ پيهر سمائجي وئي ۽ پوءِ هڪ چينائي ديوي ڪونگجو جي روپ ۾ پئدا ٿي.

سو ان ڏَند ـ ڪٿا موجب تارا ديوي ٻوڌي سَتوَ اَئوالوڪِتشوارا جي کاٻي اک مان ان ڏک ڀريل لڙڪ منجهان پئدا ٿي آهي جيڪو اَئوالوڪِتشوارا انسانيت جي ڏک ڏولاون کي محسوس ڪري وهايو هو. ان ڪري تارا ديوي حفاظت جي ديوي آهي. جيڪا ماڻهن کي ڏکن ۽ اهنجن منجهان ڪڍندي آهي. ڪيس مڙني ٻوڌي سَتوَئن جي ماءُ به سڏيو ويندو آهي. ان ڪري کيس هندو ڌرم ۾ ديوي ماءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني Mother Goddess سان بہ مُشابھہ سمجھيو ويندو آهي.

هونئن ڪيترائي ماڻهو تارا کي ٻُڌ مَت کان سواءِ هندومت سان بہ واڳيل سمجھندا آهن. يعني سندس پاڙ هندومت کي سمجھندا آهن. ڪيترائي محقق بہ ان تي منجھيل آهن تہ سندس اصل وابستگي هندو ڌرم سان آهي يا ٻُڌ مَت سان تارا ديويءَ جي تاريخي حقيقت ڪھڙي بہ هجي، پر تبتيائي ٻُڌ مَت ۾ هوءَ تمام وڏي اهميت رکي ٿي.

سندس شهرت هن خطي ۾ تڏهن وڌي جڏهن ٻُڌ مَت جي تحريڪ پدما سمڀاوا جي ذريعي ڀارت مان تبت تائين رَسي. هاڻ هوءَ تبت کان سواءِ ڀوٽان، نيپال ۽ منگوليائي ٻُڌ مت ۾ بہ تمام گھڻي مشهور آهي.

پانڊِيا تو ضرور ان ڳالھ تي ڌِيان ڏريو هوندو تہ ڏَند-ڪٿائي ڪردارن بابت انيڪ ڪٿائون گھڙيل آهن. جيڪي هڪ نہ ٻئي سبب جي ڪري ڪيترن ئي ٻوڌِي سَتوَ ڪردارن سان ملنديون جُلنديون نظر اچن ٿيون. خود تارا ديويءَ کي ايڪيھن مختلف روپن ۾ ڏٺو ۽ سمجھيو ويندو آهي. جيئن مون توکي هر رنگ جي تارا جي الڳ الڳ ڳُڻن بابت ٻڌايو.

توکي تارا ديويءَ بابت هڪ ٻي دلچسپ ڏَند-ڪٿا ٻڌائيندو هلان جنھن کي هڪ ننڍي نيتي. نؤورنِي ديوي بہ سمجھيو ويندو آهي.

چون ٿا تہ هزارين سال اڳ ڪو دؤر هو. هڪ نؤورنِي شهزادي هوندي هئي جيڪا هڪ اَڻ-ڏٺي دنيائي نظام ۾ رهندي هئي. سندس نالو يِيشي داوا هو. سندس نالي جي لُغوي معنيٰ ”قديم سُجاڳيءَ جو چنڊ“ آهي. چون ٿا تہ اُها شهزادي ڪيترا ئي دؤر ان مخصوص نظام جي ٻُڌ کي پوڄيندي هئي. جنھن جو نالو تونيئو دروپا هو. هوءَ ڪانئس ٻوڌِيڪتا يعني هڪ ٻوڌِيءَ جي سُجاڳ دماغ بابت هدايتون وٺندي هئي. تونيئو دروپا سندس ڪشٽ جي انعام ۾ کيس عظيم ٻوڌِي سَتوَ تارا ديويءَ جي روپ ۾ جنم وٺڻ جي بشارت ڏنِي. جيڪا انيڪ دنيائي نظامن جي ديوي هوندي.

سندس ذهني سجاڳيءَ ۽ اُن ۾ جدت بابت هڪ ڳالھ اها بہ چئي ويندي آهي تہ هڪ ڀيرو کيس سندس ٻوڌِي پوئلڳن اُتساهيو تہ هوءَ پنھنجو نئون جنم هاڻ مرد ٻوڌِي سَتوَ جي روپ ۾ وٺي. سندن خيال موجب. جيئن هو ايندڙ جنمن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ ترقي ڪري سگهي. ان جي جواب ۾ تارا پنهنجن پوئلڳن کي ٻڌايو هو تہ اهو تصور ئي ڪمزور دماغن جي پيداوار هو تہ سُجاڳيءَ ۾ ترقي ۽ نرواڻ جي ماڻتا ڪو مخصوص صنف تي مدار رکي ٿي. هن چيو: جيئن تہ نارين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ گهٽا نہ آهن، ان ڪري هوءَ سدائين وري بہ ناري ٻوڌي سَتوَ جي روپ ۾ جنم وٺڻ چاهيندي تہ جيئن نارين جي خدمت ڪري سگهي. تيستائين ايئن ئي ناريءَ جي رُوپ ۾ جنم وٺندي رهندي جيستائين سَمسَرا يا جيون ۽ موت جو اهو ڦيٽو هلندو ٿو هلي. ٻُڌ مَت موجب سَمسَرا جيون ۽ موت جو هڪ لڳاتار جاري ڦيرو آهي.

ٻُڌ مَت ۾ ناري واد تحريڪ جو بنياد تارا ديويءَ جو اهو جملو چيو وڃي ٿو. سندس لاءِ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هوءَ ناريءَ کي مرد کان گهٽ سمجهندڙن کي نندينديي آهي.

ان ڏند ـ ڪٿا موجب چيو وڃي ٿو تہ هوءَ پنهنجن پوئلڳ ٻوڌين کي اهو نياپو ڏئي هزارين سالن تائين ڏيان جي ڪيفيت ۾ هلي وئي ۽ سندس انيڪ دورن تي ٻڌل طويل ڪشٽ سان لکين انسان هر قسم جي سُور منجهان پنهنجي جان آجي ڪن ٿا.

تارا ديوي فطرت جي انهن پهلوئن سان ڳنڍيل آهي جيڪي ناريءَ سان واڳيل آهن. جنهن ۾ جنم ڏيڻ، سرجڻ، پالڻ وغيره جهڙا ڳڻ شامل آهن. ناريءَ جو روپ فطرت، ڪائنات توڙي سماج تي حاوي ۽ عظيم آهي، مرد ان جو مقابلو ڪري ئي نہ ٿو سگهي.

هاڻ اچون ٿا تنهنجيءَ ميرا ديويءَ ڏانهن...

تون اِن ڳالهہ جو اِمڪان رک تہ ميرا کي تنهنجي ڳولها جي پيڙا رَڱي، رَچائي رَيتو ڪندي هوءَ تنهنجي ڳولها جي پنڌ تي نہ نڪتل آهي. اِها اصلَ ۾ سندس پنهنجي اندرَ جي ڳولها آهي. ياد رک، تون بہ ميرا جي ڳولها تي فقط ظاهري طرح نڪتل آهين. اصل ۾ اِها تنهنجي بہ اندرَ جي ئي ڳولها آهي. ٿي سگهي ٿو اوهان ٻنهي مان ڪو ڪنهن عظيم ٻوڌي ڪشٽ ۾ هليو وڃي ۽ ٻوڌ ـ سَتوَئي پنڌ تي نڪري پوي؟ ان جو اِمڪان رک.

توکي ميرا جو مڪمل ڏس پتو ماڻڻ لاءِ سندس ڳولها ۾ هڪ پيرو وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرڻو پوندو. شايد تنهنجو سندس ڳولها ۾ اُهو آخري پنڌ هجي.

توکي چيو هئم ته هر ڳالهه معنيٰ-خيز ۽ مفهوم-گِير آهي. تنهنجو مِيرا کي ڇڏي اڪيلي سِر ہوڙي پنڌ ڪڍڻ، مِيرا جو تنهنجي ڳولها ۾ نڪرڻ، تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ عِلمي لِک پڙهه، تنهنجا مُشاهدن پريل ڏِيان، مِيرا جي ڳولها ۾ تنهنجو نڪري پوڻ، پيهر لَداخ وڃڻ، بشرياتي محقق سان ملڻ جيڪو هڪ پاسي تو جيان ٻُڌ مَت کي مذهب نه تو سمجهي ۽ ان ئي موضوع تي تحقيق ڪري ٿو ته ٻئي پاسي پاڻ کي پريمَ جو سيلاني سڏي، پاڻ کي به هڪ پنڌ تي نڪتل ٻڌائي ٿو. سڀ ڪجهه ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي اڳتي هلي ڪنهن ڳَنا جي مڪمل صورتڪشِي ڪندو، جيڪا مڙني واقعن کي ڳنڍڻ کان پوءِ تيار ٿيندي.

انساني جيونَ آهي ئي ايئن ته ان کي پنهنجي سوچ جهڙا يا متضاد تصور رکندڙ ماڻهو ملندا آهن، جن سان هڪجهڙائي هوندي آهي انهن سان ماڻهو ويجهڙايون رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مِيرا، لَداخ، ساڌو چوفيل ۽ ڪبير تنهنجي ميلاپَ جي تَند کي وڌيڪ پَڪو ڪن ٿا. پاڻ جهڙا ماڻهو ملڻ جيونَ ۾ روشني اچڻ جيان آهي.

اسين سڀ ہوڙي اچي گڏيا آهيون: تون، مِيرا، ڪبير ۽ هن جي يوڳٽي، آئون ۽ خود ٻُڌ مَت بہ. سيئي تاريخ ۾ پنڌ ڪندا ٿا هلون. تو ڪبير کي پنڌ بابت ڏاڍو ڻُز جواب ڏنو ته ”رُوح جي پنڌ ۾ جيڪڏهن واقعي به عشق نه آهي ته اهو پنڌ ڪهڙي ڪم جو؟ عشق ئي ته انسان جي ماڻهپي جي پُورڻتا جو هڪ سبب آهي.“

پيارا پانڊِيا! آئون تنهنجي سوچ جو احترام ڪريان ٿو، پر توسان ان ڳالهه تي آئون سَهمت بِنهه نه آهيان ته دنيا ۾ جيڪي ہوڙي سَتوَ گذريا آهن، جن اَمر جِيونَ جا شرابَ آڇيا ۽ داروءَ جون حَتمي ڦَڪيون آڇي انساني دنيا مان ڏکن جي خاتمي جي ڳالهه ڪئي، اُهي حقيقي نه پر ڏَند-ڪَٿائي ۽ انساني ذهن جا گهڙيل ڪردار هئا. تو هڪ پاسي انهن جي آڇيل شرابن ۽ ڦَڪين کي دولاب سڏي ہوڙي عقيدي جي نفي ڪئي آهي ۽ ٻئي پاسي ٻڌ مَت جي سچي پيروڪار هجڻ جي دعويٰ به ڪئي آهي؟

تون چوين ٿو غير عَقُليت جي ٻُڌ مَت ۾ جاءِ نه آهي، پر جنهن عَقُليت پَسنديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون ڳالھ ڪرين ٿو اھا بہ تہ اھڙي ئي قسم جي اِنتھاپسنديءَ جي ڏيڻ آھي. جنھن ۾ داخل ٿي ماڻھو رُوحانيت پسنديءَ ڏانھن وِيندڙ ھر ڳُس وِڃائي اوپرائپ محسوس ڪندو آھي. عجب اھو آھي تہ ڪو ماڻھو عشق جي گھرائين ۾ ويساھ رکي ۽ رُوحانيت پسنديءَ کي رَدَ بہ ڪري؟ ان تضاد کي ڪيئن سمجھجي؟

خير جيستائين آئون توکي ۽ تون پنھنجي پاڻ کي مڪمل طور سمجھون، تيستائين فقط ايترو چوندس تہ تون ڀلي جيئن چاھين تيئن سوچ. اڳتي ھلي ان ڳالھ کي تون جيونَ جو وڏيڪ تجربو ڪري پوءِ بيھر سڪندين. تون ھڪ ڏاڪو بيو بہ ڪشت ڪر. مِيرا جي ڳولھا ۾ سرگردان ٿيءُ، وِڃائي ماڻ... ۽ ماٺي وِڃاءِ. پوءِ جيونَ کي نئين سري سان سمجھہ. جيئرو ھوندس تہ تنھنجي رُوح تي تنھنجي سِکيا جا تِياڳي رنگ پَسندُس پانڊِيا باقي ھاڻ نہ تہ مون کي تنھنجون ڳالھيون آئڙن ٿيون. نہ وري تنھنجي پُڏ مَت بابت دعويٰ سمجھہ ۾ اچي ٿي. ڀلي تون مڃ يا نہ پر آئون اڄ بہ اھوئي سمجھان ٿو تہ تنھنجوارتڪاز ٽُٽو آھي.

تنھنجي ڳالھ جي رد ۾ آئون اھو بہ چوندس تہ منھنجو ساڏو تِڇ ڪوانگ جي احتجاج ۾ وڃڻ لازمي ھو. بيشڪ منھنجي ننڍي عمر ھئي، تڏھن بہ اھا مون لاءِ ھڪ ڀرپور سِکيا ھئي. نہ ئي وري تو جيان آئون ڪو اھو سمجھان ٿو تہ ساڏو دوڪ مون کي روڪڻ بدران احتجاج ۾ شرڪت جي اجازت ان ڪري ڏني ھئي جو ھو دنيا ڇڏڻ وارو ھو ان ڪري کيس اھو احساس نہ رھيو ھو تہ سندس اھڙو احتجاج ڀوڙي توڙي ٻي دنيا تي ڪھڙو منفي اثر ڇڏيندو!

جيڪڏھن مون ڪنھن لمحي اُن جي سنگينيءَ جي ڪري اُن تي اعتراض واريو بہ ھو تہ اُھا وقتي ڪيفيتَ ھئي. جيڪي ماڻھو ان واقعي کي ھڪ پُر ھيجان تماشي جيان ماٺ ڪري ڏسي رھيا ھئا. يا وري اھو فوٽوگرافر جيڪو کيس بچائڻ بدران فوٽو ڪڍي رھيو ھو اُھي سيئي انسان اھو ڄاڻي رھيا ھئا تہ اھو ھڪ لازمي احتجاج ھو. ان کي تيڻ ڏيٺو ھو. ان ڪري اھي سيئي ماٺ ھئا... پر ظالم نہ ھئا. اھو ظالم لاءِ عبرتناڪ سبق ھو.

باقي اھو تو صحيح چيو تہ ان دؤر ۾ ٻوڙي دنيا ۾ بحران پئدا ٿي چڪو ھو. سري لنڪا. وِيئَٽ نام. برما ۾ ٻوڙين پوڳڻ شُروع ڪيو ھو. شايد اھو دُرست آھي تہ ٻُڏ مَت عام مذھبن جيان ٻين مذھبن سان ويڙھہ ۾ نہ اچي ھا. فقط فلسفوئي رھي ھا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ان پوڳنا ڪان بچي پوي ها. پر پانڊيا ٻڌ مت نہ تہ فقط هڪ فلسفو هو جو فقط علمي دائرن تائين محدود رهي ها. نہ ئي اهو رُوحانيت ڪان ايترو پري هو جو ان کي مذهب جي دائري ڪان هتائي پري ڪري ڇڏجي ها. ٻڌ مت هڪ رُوحاني فلسفو رکندڙ مذهب آهي جيڪو اُن وقت هڪ تحريڪ جي صورت ۾ اڀريو هو.

تون چوين ٿو تون مِيرا سان ملي ڪري ٻڌ مت کي عالمي سياست جي ٽڪساٽ ڪان ڏار ڪري هڪ عَقُلي، علمي ۽ منطقي فلسفي جيان بيهارڻ جي ڪوشش ڪندين...

پر پانڊيا تون ان منجهان رُوحانيت نہ ڪڍي سگهندين. اتي تنهنجي عَقُليت پسندي ڪم نہ ٿي ڪري سگهي. تنهنجو انومان صحيح آهي. تنهنجي ان غير عقيدي پسنداڻي فِڪر سان بوڏي دنيا ۾ هڪ بيو بحران پئدا ٿي سگهي ٿو.

تو پاران يَئساجيہ گرو توڙي اميتايہ ٻڌ جي انساني پيڙا مان آجپي لاءِ آڇيل ڦڪين ۽ اَمرتا بخشيندڙ شرابن کي دولابُ سڏڻ مون کي اَڻنجايو آهي. هن وقت آئون توکي شايد سمجهائي نہ سگهان. جو تنهنجو مڪتب فِڪر ٻنهي مختلف ۽ نرالو آهي. پر توکي ڪجهہ ڳالهيون چٽيون چوڻ چاهيندس. اهي ڳالهيون ذهن ۾ لکت ٻنهي ۾ سنڀالي رکجان ۽ا

سڀ ڪان پهرين اها ڳالهہ تہ چٽ وچٽ نظر ايندڙ شيون، اصل ۾، پاڻ ۾ اندروني طور ڳنڍيل آهن. ان ڪري اُهي شيون. توڙي لقاءَ ظاهري طور اڻ واڳيل هوندي بہ بامعنيٰ ان ڪري آهن جو اُهي پاڻ داخلي طور هِڪٻئي سان ايئن ڳنڍيل آهن جيئن جسم جون رڳون پاڻ ۾ ڳنڍيل هونديون آهن. ان ڪري ئي فطرت ۾ موجُود شيون هِڪٻئي تي مدارَ بہ رکن ٿيون. جيئن تہ اُهي هِڪٻئي تي مدار رکن ٿيون ان ڪري منجهانئن مڙني يا ڪن جي هجڻ يا وُجُود وڃائڻ جو هِڪٻئي تي اثر ٿئي ٿو.

ٻين ڳالهہ پهرينءَ منجهان نڪتي آهي تہ جيئن تہ شين، لقائن ۽ واقعن ۾ گهرا لاڳاپا آهن. اهي نہ رڳو هِڪٻئي تي مدار رکن ٿا پر اسان جي جيونَ جا پنڌ اسان کي چٽوچٽ لقائن ۾ موجود انسانن توڙي حالتن سان لازمي طور ملائيندا آهن...

اسين ڌرتيءَ تي جتي جتي ملندا آهيون. هڪ خاص گهڙيءَ ۾، هڪ ئي هوا جي گهيرن اندر ساڳي ماحوليات ۾ رهندا آهيون. اها جاءِ، موقعو واقعو اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جيونَ جي هڪ گڏيل تاريخ جو حصو بڻجن ٿا. اسان جي جيونَ جا اهي خاص لمحا ۽ انهن لمحن ۾ موجود واقعا هڪ جهڙا هوندا آهن. انهن لمحن کي اسان جي وُجودَن گڏجي ماڻيو يا وچايو هوندو آهي. ان ڪري اسان جون يادون بہ هِڪٻئي سان مُشابهت رکنديون آهن.

ٽين ڳالهہ پهرين ٻنهي ڳالهين جو تَتُ آهي تہ جيئن تہ شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ ان ڳانڍاپي جي ڪري اسان پنهنجي جيونَ جي پنڌن دوران هِڪٻئي سان ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ لازمي طور ٽڪرائجندا آهيون. ايئن اسين هِڪٻئي کان مختلف هوندي بہ ٿورا گهڻا هڪجهڙا هوندا آهيون.

آخري، يعني چوٿين ڳالهہ اها آهي تہ انهن مٿين حقيقتن جي ڪري ئي اسين پنهنجي تاريخ جي ڪردارن جا اولڙا آهيون. چاهي اهي ڪردار اسان کان سوين ٿوڙي هزارين سال اڳ ڇو نہ گذري ويا هجن.

تاريخ جا اهي ٻوڙي ڪردار ٿوڙي اڄ جا ڪردار ٿوري گهڻي فرق سان هڪجهڙا آهن. بس، وقت جي پکڙيل ميدان تي اسان منجهان ڪي اڳ گذريا آهن تہ ڪي هاڻ گذرن پيا. ڪي وري سياڻي گذرندا، نہ تہ دنيا تہ اها ئي آهي... چنڊ تارا بہ اُهي ئي آهن... ۽ هي اسان جو سِڄ، جنهن اُڀرندي ۽ لهندي پٺي انساني تاريخ ۾ مختلف دورن، راڄن ۽ سلطنتن جي اوُجَ ۽ زوالَ کي پسيو آهي، اهو بہ ساڳيو ئي آهي.

ان ڪري مون جيون ۾ هر ملندڙ ماڻهوءَ کي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪيو آهي، ان کي ياد رکيو آهي، اهو سوچي تہ اُهو جيونَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ٻيهر ضرور ٽڪرائبو. جي اُهو پاڻ نہ ٽڪرائبو تہ ان جي صحبت ۾ ماڻيل سِکيا جي ڪنهن مخصوص صورتحال ۾ لازمي ضرورت پوندي.

شيون بامعنيٰ آهن، خوشيون ٿوڙي حادثا. ان ڪري لازمي آهن.

تنهنجي رِڌون پالڻ واري روحاني ڪسرتَ مون کي وڻي. اها بہ لازمي هئي. جانور سان انسان جو لاڳاپو ڏنڊين آڳريون ڏياريندڙ مُشاهدا عطا ڪري ٿو. توکي مون (ڇِمسي) چنڊول پکيءَ جو قصو ٻُڌايو هو. ان تي مون ساڌو ٽِچ ڪوانگ دوڪ واري حادثي کان پوءِ غور ڪرڻ جهڙوڪَر وساري ڇڏيو پر اهو ڪيل تجربو تہ زبردست هو. تو وٽ بہ رڍ جهڙي سادي جانور کي پالڻ بابت صبر جا مثالَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا هوندا. ٻوڙي تربيتي ڪورس جي اها سِکيا توکي جيون ۾ اَڻ ڳڻين مقامن تي ڪم ايندي رهندي.

تو هڪ ننڍڙي گهيٽڙيءَ جي ٽڪرَ ۾ معنيٰ سمجهندي بلڪل صحيح چيو ته "اسان سيئي ساهه وارا هِڪٻئي جو مِزاجُ بدلايون ٿا."

اصل ۾ توکي هيئن چوڻ گهرجي ته اسين سيئي ساهَه وارا هِڪٻئي جو مُقدر پڻ بدلايون ٿا. هِڪٻئي لاءِ اسانجي جذبن توڙي خيالن جي ڏي وٺ ۾ انيڪ معنائون لڪل آهن. تون ايترو ياد رک ته هر موقعو واقعو باسبب آهي. آئون وري ورجائيندُس! تون، تاشِي، چوفيل، لِي، ڪبير، مِيرا ۽ مان، ويندي ساڏو تڇ دوڪ جو ايئن احتجاجَ ڪري هليو وڃڻ، سڀ ڪجهه اسرار رکن ٿا.

مون توکي چيو هو ته آئون تو ڏي سائيگان جي سياسي راند جا آخري ياڱا لکندس، ان ۾ توکي ساڏو دوڪ کان پوءِ جي قُوان آئم تي به تفصيل سان لکندس. آخر ۾ منهنجي سائيگان ۾ اڌائي سالن جي گذاريل دؤر تي پڻ لکندس ته جيئن تون وِيٽنام ۾ آمريڪي مداخلت جي شُروعاتي دؤر کان وٺي خاتمي تائينءَ کي ڀرپور طور سمجهي سگهين.

پيارا پانڊِي! آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اهو منهنجو ڀاڳُ هو يا اَڀاڳ، جو آئون سائيگان ۾ ان دؤر ۾ موجُود هئس جيڪو وِيٽنام جي سياسي توڙي سماجي لقاءَ ۾ بدترين بحران، رتوڇاڻ ۽ نسل ڪشيءَ جو دؤر هو. مون کي علمي ۽ مُشاهداتي طور گهڻو ڪجهه ماڻڻ جو احساس آهي ته عالمي آپيشاهِي ۽ جبر جو اُهو دؤر مون نه رڳو ڏٺو پر آئون ان دؤر مان مشاهدا ڪندو گذريس به. ان دؤر منهنجي جيئڻ جي وصفَ توڙي ان جي معنائن کي نوان موڙ ۽ رُخ عطا ڪيا.

منهنجون انيڪ ترجيحون نئين سِر جُڙيون، ان ڪري جو جيونَ ته اُهو هو ئي نه جيڪو مون کي سمجهايو ويو هو. انساني جيونُ جيئڻ دنيا جي ٻين ڪُنڊن ۾ اُسريو نِسريو ۽ پليو نِپنو پئي، ان کان وِيٽنام نامي انسان جو جيون مختلف هو. وِيٽنام نامي انسان پنهنجي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي پُر وقار جياپي لاءِ وڙهي رهيو هو.

تو ڪڏهن سوچيو آهي پانڊِي ته انساني جِيونَ جو اهڙي اذيتناڪ انداز ۾ جيئڻ ڪيئن آهي؟ سو به ڪجهه هيڏي وجودن جي ڪري؟

هن دنيا جي قسمت اثبات طئہ ڪري ها، ان کان اڳ نفي پنهنجو ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيٽنام جنگ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي هئي پر وِيٽنام نامين ان کان ڏهوڻي وڏيڪ قيمت ادا ڪئي هئي.

ڪانگريس 1973 ۾ جنگ جي اختيار جو ائڪٽ متعارف ڪرايو هو ته ڪانگريس جي اجازت کان سواءِ جنگين ۾ حصو نه وٺبو پر ان وقت تائين دير ٿي چُڪي هئي. تاريخ جي وڏن قتلامن منجهان هڪڙو قتلام ٿي چڪو هو. پرائيءَ ڌرتيءَ جي حدن اندر داخل ٿي ان جي وقار کي مجرُوح ڪيو ويو هو. آمريڪا پاڻ کي هڪ سفاڪ ملڪ ثابت ڪري دنيا آڏو وائکو ٿي چڪو هو. آمريڪا پنهنجي شرمناڪ تاريخ ڪٺي جيئي پيو...

دنيا ڏِسي پئي پانڊِي ته اُن بس ته هاڻ به نه ڪئي آهي. ان کان پوءِ وارن پنجن ڇهن ڏهاڪن ۾ به سندس رت جي راند اُها ئي رهي آهي. فقط ميدانِ جنگ مَٽبا رهيا آهن. وهندڙ رتَ جا نسل مختلف رهيا آهن پر ظلم، بربادي ۽ خونريزيءَ جي اُها ئي تاريخ آهي.

عالمي آبيشاهيءَ جي ان تاريخ تي هڪ سرسري نظر وجهجي ته وِيٽنام صدين کان خارجي مُداخلتَ توڙي بينڪي راڄن هيٺ رهيو آهي. پهرين ان تي چين جو راڄ رهيو ان کان پوءِ 1800 ۾ فرانس اچي فِرانسِي انڊو چائنا جو بنياد وِڌو. 1900 جي ڏهاڪي ۾ وِيٽنام نامين قومي جدوجهد جي هڪ منظم تحريڪ هلائي، جنهن ۾ انهن پنهنجي خود مختياريءَ کي وڏائڻ ۽ فِرانسِي مداخلت کي گهٽائڻ تي زور ڏنو. هوچِي مِنهه جي اچڻ کان پوءِ وِيٽنام ۾ ان تحريڪ زور ورتو ۽ هن 1941 ۾ ”وِيٽنام مِنهه“ نالي قوميت پسند مليشيائي/گوريلا پارٽي ناهي وِيٽنام جي قسمت کي تبديل ڪيو. وِيٽنام مِنهه اتر ويٽنام مان اُڀري، جيڪا آمريڪا جي وِيٽنام جنگ تائين ختم ٿي چُڪي هئي. (جڏهن ته وِيٽنام ڪانگ جو 1960 ۾ ڏکڻ وِيٽنام ۾ بنياد پيو ۽ اُن آمريڪا خلاف ويڙهه ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو).

ٻين عالمي جنگ دوران جڏهن فرانس جرمنيءَ جي بينڪ ٻٽيو ته فرانس وِيٽنام ۾ پاڙئون ڪمزور ٿي ويو ۽ ان دوران جاپان وِيٽنام کي پنهنجي ضابطي هيٺ ڪري ورتو... پر وِيٽنام مِنهه جاپاني بينڪين کي اهڙي ته پليءَ ريت مُنهن ڏنو جو جاپانين جي تاريخ ۾ ان سَگهه ۽ فتح جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳَ پڙاڏا ڪندا رهندا...

ايئن ٻين جنگ عظيم جي پڇاڙيءَ ۾ جاپان هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ هوچي مِنهه وِيٽنام جو بطور هڪ آزاد ملڪ طور اعلان ڪيو. جنهن جو نالو هن "ڊيموڪريٽِڪ ريپبلڪ آف وِيٽنام" رکيو پر سندن ڀاڱي ۾ اڃان جبر جون ڪجهه قسطون باقي هيون. فرانس نه رڳو وِيٽنام کي هڪ آزاد ملڪ نه مڃيو پر ان تي ٻيهر ڪاهَه به ڪئي.

ٻئي پاسي آمريڪا هَوچي مِنهه جي مدد جي درخواست کي رد ڪندي فرانس سان ملي ويو. پر 1954 ۾ فرانس پهرين اِنڊوچينيائي جنگ هارائي، امن معاهدو ڪري گهر ڀيڙو ٿيو. جنيوا اَڪارڊ اُتر ۽ ڏکڻ وِيٽنام کي عارضي طور الڳ ڪيو ان اِرادي سان ته 1956 وارين چونڊن ۾ ٻنهي کي ڳنڍيو پر آمريڪا جي مَنشا ڪا ٻي هُئي. چُونڊُن ڪرائڻ جو واعدو وري هِڪ ٻيو ڊرامو هو...!

آمريڪا جي وِيٽنام ۾ دلچسپيءَ پويان مقصد اِهو هو ته شايد اتر وِيٽنام جو زوال ڪميُونِيائي (ڪميونِسٽ) راڄ کي وڌو ڌَڪ هڻي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندو. جيئن ئي جنيوا معاهدو ٿيو. آمريڪا ائنٽي ڪميُونِيائي نگو ڊِنهه ڊيئم جي حمايت شُروع ڪئي. جنهن راڄ ۾ ايندي ئي چونڊون ملتوي ڪيون.

ان دؤر جي باري ۾ ته آئون توکي تفصيل سان لِکي چُڪو آهيان پر ڊيئم جي خلاف "قومي آزادي محاذ" جي جدوجهد هلي هئي (جنهن کي اڳتي هلي "وِيٽ ڪانگ" سَڏيو ويو). جنهن جي پويان هوچي مِنهه بطور هڪ عظيم اڳواڻ جي مُحرڪ هو.

جيئن مون توکي اڳ لکيو هو ته ڪيئن سائيگان ۾ ٻوڌين تي مؤتمار حملن، احتجاجن ۽ ساڌو ڪُوانگ دوڪ جي خودسوزيءَ کان پوءِ جڏهن ملڪ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي ته ان ئي سال، يعني 1963 ۾ آمريڪا ڊيئم کي مارائي عوام کي مانو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان کان پوءِ اُن وري پنهنجو هڪ ٻيو مُهرو آندو جنهن جو رُوح ڊيئم وارو ئي هو، بس صورت ٻي هئس. جيتوڻيڪ صدر جانسن صدر ڪئنيڊيءَ جي پيٽ ۾ مداخلت کي ڪي قدر گهٽائڻ شُروع ڪيو.

پر پانڊِيا جيئن ٿيندو آهي سياسي چالبازين ۾ ته جيئن ئي ملڪ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو عوام دوست سربراهه ملڪ ۾ امن جي حوالي کان ڪي سگهارا فيصلا ڪندو آهي تہ رياستي گماشتا ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا ڪرڻ شُروع ٿي ويندا آهن.

صدر جانسن جي ان قدم کان ٿُرت پوءِ چوٿين آگسٽ 1964 ۾ ٽونڪن جي خليج جي مقام تي آمريڪي بحري بيڙن تي (مُبينا طور) اتر وِيئٽ نامي فوجي بحري بيڙن جن کي وِيئٽ نامي گشتي تاربيڊو بيڙيون سڏبو هو. حملو ڪيو. سو ٿيو اُهو ئي، جنهن جو اڳواٽ ئي منصوبو تيار هو.

چوٿين آگسٽ تي حملو ٿيو ستين آگسٽ تي آمريڪي ڪانگريس ٺهراءُ بحال ڪيو تہ آمريڪا وِيئٽ نام جنگ اٽڪر هئي!

يعني ان حملي پويان آمريڪا جو پنهنجو هٿ هو. ڪنهن ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جو سندس اهو پراڻو ۽ چسو سازشي گُر رهيو آهي. جيڪو هو اڄ ڏينهن تائين استعمال ڪندو آهي. ان کي تہ هاڻ ڪو بار بہ سمجهي وجي! پاڻ ماري سينو پٽڻ ۽ ان کان پوءِ هڪ خطرناڪ پاليسي ڪٽي اچڻ. اتي بہ ايئن ئي ٿيو. اهو حملو ڪرائي آمريڪا وِيئٽ نام ۾ داخل ٿي ويو.

صدر جانسن بيهر وِيئٽ نام ۾ فوجون موڪلڻ شُروع ڪيون. ان دوران 1966 تائين وِيئٽ نام ۾ چار لک آمريڪي فوجون اچي ويون هيون. وِيئٽ ڪانگ جي ٺاڪن تي بمباري ۽ آپريشن بہ شروع ٿي ويا. جن سان بحران ويتر وڌي ويو.

آمريڪا جي هيڇ سان گڏ ناڪاميءَ جي ڀؤ جي حد تہ ڏسو تہ وِيئٽ نام جهڙي ننڍڙي ملڪ مان ڪميونيائي راڄ ختم ڪرڻ لاءِ هن 1961 کان وٺي 1971 تائين ايجنٽ آرينج جهڙا ڳرا ۽ حساس ترين بم بہ استعمال ڪيا. جن جو ڪيميائي ٽيڪ هونئن تہ پوکيءَ جي مختلف قسمن کي تباهہ ڪندو آهي ۽ ٻوٽن ۽ وڻن تان پن ڇاٽي ڇڏيندو آهي پر ايجنٽ آرينج ڪيميڪل جي نتيجي ۾ انيڪ بيماريون بہ پيدا ٿينديون آهن. مثال طور اهو انساني چمڙي ڳاري ڇڏيندو آهي ۽ ڪينسر جا انيڪ قسم ان سان پيدا ٿين ٿا!

عالمي سطح تي ان وحشياڻي غنڊاگرديءَ جي حدَ تہ ڏس پانڊي!

سچ اهو آهي تہ تڏهن بہ وِيئٽ نامي گوريلن سندن نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن پيار پيار کي ڳُهرندو آهي. تيئن وِڳوڙ وِڳوڙ کي ڳُهري رهيو هو. هِڪبئي کي مات ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سفاڪيءَ جون حدون وسيع ٿينديون پئي ويون. آمريڪا جي هَبَڇَ جتادار هئي... پر وِيئَت نامين تہ هارائڻ جو امڪان ئي نہ رکيو هو!

انهن پنهنجي دشمن جي هبڇ ۽ ڦهر ڏسي پنهنجين جنگي تدبيرن ۽ حڪمت عملين کي بيحد منظم ڪري ورتو هو. آمريڪي جابر کي ان تنظيم جو اندازو ئي نہ هو. خاص ڪري وِيئَت نام ۾ آمريڪي فوجي نڪاڻن تي هڪ ئي وقت حملن وارو آپريشن.

وِيئَت ڪانگ ڏرجنين آمريڪي ٺاڪَن تي هڪ ئي وقت حملا ڪيا هئا. جيتوڻيڪ پاڻ بہ ماريا ويا پئي، پر آمريڪي فوجي نڪاڻن تي هڪ ئي وقت زوردار حملن آمريڪي فوج کي ڏڪائي انهن جي همت کي ٻنهہ پَست ڪري ڇڏيو. مٿان آمريڪا ۾ جنگ جي خلاف جذبات بہ تمام تيزيءَ سان ابري ۽ پکڙجي رهيا هئا.

جيتوڻيڪ پنهنجن آمريڪي شاگردن ۽ امن پسند شهرين جي احتجاجن تي بہ آمريڪا تمام وڏو ردعمل ڏئي رهيو هو. مثال طور قومي جمهوري ڪنوينشن 1968 دوران ڪينٽ اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن تي پوليس هٿيارن جا مُنهن کولي ڇڏيا هئا. ان حملي ۾ چار کن شاگرد مارجي ويا هئا. ٻئي پاسي اوهايو رياست ۾ هڪ مجمعي تي بہ گوليون هلايون ويون هيون. ان هوندي بہ عالمي سطح تي آمريڪا ڏاڍي بيشرمائيءَ سان چئي رهيو هو تہ آمريڪي عوامَ جي گهڻائي ان جنگ جي مات حمايتي آهي.

يعني عوام جيڪو ڳالهائي نہ رهيو هو. اهو ان جنگ جو پُرزور حامي هو!

صدر جانسن کان پوءِ صدر نِڪسن جيتوڻيڪ پنهنجي عوام کي ٻُڌائڻ لاءِ اهو چوندو رهيو تہ هو وِيئَت نام مان پنهنجون فوجون ڪڍي پيو. پر هن وِيئَت نام توڙي ٻين ملڪن ۾ وِيئَت ڪانگ جي حامين جي ٺاڪن تي حملا شروع ڪرائي ڏنا هئا. جن ۾ ڪمبوڊيا ۽ لائوس بہ شامل هئا تہ جيئن سماجواديت جي حمايت کي وڏو ڌڪ لڳي. چيو تہ اهو بہ وڃي ٿو تہ صدر نِڪسن اهي حملا ڪانگريس سان مشوري بغير ڳُجهہ ڳوهہ ۾ ڪرايا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ اهي سازشي عمل پينٽاگان پيپرز جي صورت ۾ هڪ ڪُڏو اِسڪينڊل تي سامهون آيا. جنهن ۾ وِيٽنام ۾ آمريڪي مُداخلت جا سيئي اَچا ڪارا، ظاهري ۽ ڳُجها سبب واضح تي سامهون اچي ويا. اُنهن دستاوِيزن پڌرو ڪيو تہ آمريڪي ميڊيا پنهنجي مُلڪ جي خوني حرڪتُن کي لِڪائيندي رهي هئي جن ۾ ذڪر وِيٽنام جو بطور الڳ ملڪ نهڻ پويان آمريڪا جو ڪِردار ۽ وِيٽنام جنگ دوران ڪمبوڊيا ۽ لائوس تي بمباريءَ جهڙيون خوني ڪارروايون شامل هيون. پينٽاگان پيپرز اهو بہ پڌرو ڪيو تہ صدر ٽرومن جي انتظاميہ فرانس جي بينڪي جنگ ۾ ڪميونسٽ وِيٽنام مِنهہ خلاف فرانس جي فوجي امدا د ڪئي.

اُنهن پيپرن جي واڪي ٽيڻ پويان ڪهڙا محرڪ هئا، اهو راز ئي رهيو. ظاهري طور اهي پيپر ڊئنيل ايلسبرگ پڌرا ڪيا جيڪو آمريڪي فوجي تجزيہ نگار هو سي آءِ اي ۽ فوج لاءِ تحقيق ڪندڙ اداري رَئنڊ ۾ ڪم ڪندو هو. جيتوڻيڪ 2002 ۾ ايلسبرگ هڪ ڪتاب "پيپرز آن دي وار" بہ لکيو جنهن دنيا ۾ وڏي شهرت ماڻي آهي. تڏهن بہ مان اهو ئي چوندس ڊئنيل ايلسبرگ پاران انهن پيپرن جي پڌري ڪرڻ پويان اڃان بہ ڪي اسرار آهن. جيڪي واڪا ٽيڻ گهرجن. اهو ئي سبب آهي تہ ڪي تجزيہ نگار ڪيس انهن پيپرن پڌرن ٽيڻ پويا فقط هڪ ظاهري ڊَمِي سمجهندا آهن.

بهرحال، جون 2011 ۾ اِهي پيپر مڪمل ظاهر ڪيا ويا. جن ۾ اِ هو کُلي سامهون آيو تہ اِن جنگ جي پويان وڏو مقصد چِين کي روڪڻ هو جيڪو ڏِينهون ڏينهن اڳتي وڌي ايشيائي مُلڪن کي مضبوط ڪري رهيو هو.

ان مارا ماريءَ دوران ئي آمريڪا سمجهي ويو هو تہ هاڻ اتي سندس دال نہ ڳرندي، کيس موٽڻ جو ميهڻو جهلڻو ئي پوندو. ايئن آمريڪا 1972 کان وٺي پنهنجن فوجين کي وِيٽنام مان ڪڍڻ شُروع ڪيو ۽ مارچ 1973 تائين سموري آمريڪي فوج وِيٽنام ڇڏي آمريڪا موٽائي وئي. پر وئي کان پوءِ بہ آمريڪا بس نہ ڪئي هئي.

مارچ 1973 کان پوءِ بہ ڏکڻ وِيٽنام کي اتر وِيٽنام خلاف آمريڪي مدد ملندي رهي ۽ وڏي ويڙهاند کان پوءِ نيٺ ڏکڻ وِيٽنام کي اتر وِيٽنام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ملائي. سوشلسٽ ريپبلڪ وِيٽنام جو نالو ڏئي ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏيو. ايئن هڪ قوم جي ٻي قوم تي ظلم ۽ ڏاڍ جي سنگين ڳاٿا پنهنجي پُڄاڻيءَ تي رَسي.

منهنجا پيارا پانڌيڙا هيءَ هئي وِيٽنام جي رت ـ هاڻي ڳاٿا جون منهنجي تجربي ۽ سمجهه ۾ آيل ڪجهه جهلڪيون. آمريڪا ڪجهه ملڪن جي قسمت جو لکندڙ رهيو آهي. ڪير ٿو چوي ته خدا آسماني مقامن ۾ وسن ٿا. خود ساخته خدا ته هن ڌرتيءَ تي وسن ٿا. جن شيطان گيريون ڪري دنيا ۾ امن امان کي برباد ڪيو ۽ ملڪن، خطن ۽ قومن جي لکيي جا ليک پنهنجين منشائن موجب تيار ڪيا. آئون اهڙي ئي خود ساخته خدائيءَ هيٺ وِيٽنام جي بدترين قسمت کي پسنديَ اتي جسماني توڙي شعوري طور جوان ٿي رهيو هئس.

مون هن ڌرتيءَ جي گولي تي وڏا پنڌ ڪيا آهن. پر جنهن زميني خدائن جي سرد ۽ بي رحم راڄ جو مون سائيگان ۾ مُشاهدو ڪيو اهو مون کي ڪٿي ٻئي ڪنهن هنڌ نظر نه آيو. وِيٽنام واري سِڪيا منهنجي جيونَ کي جيڪا بلوغت ڏني، ان مون کي هن ڌرتيءَ جي تصورن جي حساب سان جلدي جهونو ڪري ڇڏيو. جَهڙوڪَر مون جُڳ جيئي دنيا کي هر پاسي کان پسي ڇڏيو هو. منهنجي لاءِ جيونَ ۾ مادي شين جي حيثيتَ ٻُڙي تي چڪي هئي. مون لاءِ تِياڳ سولو ٿي چڪو هو. آئون اهو ڪجهه ٻڌجي چڪو هئس جيڪو سالن جي ڪشٽ کان پوءِ به شايد ئي ٻڌجي پئي سگهيس. درد ايترو ته گهرو هو جو تِياڳ سولو هو. بس جيئڻ اوکو هو.

بس، اها اٿئي منهنجي سائيگان جي ڳاٿا. جيئن مون چيو هو منهنجي ان ڳاٿا کي تو ضرور به پنهنجي رُوح ۽ وُجُود سان پڙهيو هوندو.

تنهنجي عشق جو قصو به اصل ۾ تنهنجي وُجُود جي ئي ڳاٿا آهي. آئون ان باري ۾ ايندڙ تفصيل جو انتظار ڪندس ته آخر تون پنهنجي منزل ڪيئن ٿو ماڻين. مِيرا ۽ تون گڏجي ڪيئن ٻُڌ مَت مان لاڀُ پرائيندؤ.

اهو ڄاڻي مون کي خوشي ٿيندي ته تون پنهنجي پنڌَ کي هاڻ اڳتي ڪهڙي رخ ۾ ٿو وٺي هلين.

پر آئون هن سال ڏکڻي ياترا تي وڃڻ ڪري تنهنجا ايندڙ خط پڙهي نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندس. ڪڏهن موٽي ايندس. اهو هاڻ نہ ٿو چئي سگهان پر اهو واعدو ٿو ڪريان تہ جيئن ئي موقعو مليو تنهنجن مڙني خطن جو جواب ڏيندس.

بس. توکي منهنجي هڪ صلاحَ آهي تہ پنهنجي ان ڳولها جي وچ ۾ ايذيون گهٽيون وِٿيون نہ ڏئي تہ جيئن تون ان مخصوص ڳولها کي تُرت ڪنهن نہ ڪنهن انتَ تائين رَسائين ۽ پنهنجا نوان پنڌَ شروع ڪري سگهين. توکي اهو خط لکي مون ياترا جي تياري شروع ڪري ڏني ۽ نڪرڻ مهل تنهنجو خطن جو ٿَهو مليم. جيڪو ساڻ کنيو اٿم. سفر ۾ پڙهندس.

تنهنجو پنهنجو ساڌُو لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڈو مِيرا جي ڳولها واري پنڌ تان نِراس موٽيس. يڪو طبيعت ۾ بهتري نہ آئي اٿم. وِياڪل وِياڪل ٿو محسوس ڪريان.

ان ڪري بہ تنهنجي اِسڪاٽليند واري تِياڳ جي ڪهاڻيءَ ويتر دل ڏُکائي ڇڏي. اسان تِياڳي مردن پاپَ ڪري الائجي ڪيترين نارين کي رِڻ ۾ رُلائي ڇڏيو ساڈُو. اهو رُلائڻ نہ هو تہ بيو ڇا هو؟ تو محبت کي ڪوڙڪيءَ سان تشبيهہ ڏني. اهو پڙهي دِل تي ٻَرڇيون هليون آهن. جِبلت تہ انسان سان ساڻ آهي. جي انسان ماني ڪائي سگهي ٿو تہ بي جِبلتي سَڌ جو پُورائو جياپي کي سولو ٿي ڪندو. بلڪل ايئن جيئن پيٽ ۾ اَنُ جيونُ سَولو ٿو ڪري. ماٺهو وحشتون تہ پلي پَلي، پر سَڌون چو تہ پَلي؟ ماڻهو ماڻهوءَ کي ڪيئن ٿو پَلي سگهي ساڈُو!

مون جڏهن وِيئَت نام ۾ ٻوڌين جي خونريزيءَ بابت پڙهيو تہ منهنجو اِن ڳالهہ تي ويساهُ ويتر پِيٺو تي ويو تہ توهم پرستي پَس و پيش نرگسيت کي جنم ڏئي ٿي، جنهن ۾ قتل ۽ غارت اَڻ ـ ٽَر آهي. پر سياست وري وڏي حرفتي شئي آهي، اُها عقيدي کي جيترو هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان استعمال ڪري ٿي، اُن جي عقيدي کي تيستائين ڳَلَ بہ نہ پوندي هوندي، جيستائين پورو سماجي، سياسي ۽ معاشي ڍانچو لُڏي نہ وڃي. توکي ساڈو تِچ ڪُوانگ واري حادثي تي منهنجي راءِ نہ وٽي. مان جيڪو چوڻ چاهيان ٿو ان کي ورجائيندس.

ساڈُو تِچ ڪُوانگ دراصل ڄِيئَن ۾ رُڳو پاڻ نہ ساڙيو هو. پنهنجو پرامن آئيندو بہ ساڙيو هو... ۽ ڪليسا بہ پنهنجي مستقبل توڙي دنيا سان اهو ئي ڪرڻ وڃي رهي هئي. جنهن جسم جي تِچڪڻ جا آواز تنهنجي ذهن ۾ اڄ پنجاهہ سالَ گذرڻ کان پوءِ بہ پڙاڏا ڪن پيا تہ پوءِ ان جا اثر تڏهن ڪهڙا پيا هوندا؟ انساني نفسيات سان ڪيڏي نہ بدبودار راندَ ٿي هوندي؟ ڏِس، هيبتَ جو اثر بہ هيبَتناڪ هوندو نہ؟

سياست لازمي آهي، پر ٻُڌ مَت جهڙو فِڪر سياستَ ۾ ٻهرو وٺندي حڪمت عمليون بہ فِڪري اختيار ڪندو نہ؟ يا هوا ها سوچ پنهنجي فِڪر بدران بدترين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي تِڪساتن ۾ توهم پرستيءَ کان سڪندو؟ ماڻ ماپا ۾ شرط تہ پنهنجا رکندو نہ؟ جڏهن فِڪر جو پاند هٿن مان ڇڏائجي ويو تہ پوءِ ڏِس ڇا ٿيو دنيا سان؟ هڪڙا ٻوڏين کي ماري رهيا هئا. ٻيا وري ٻوڏي ٿي ڪري پاڻ ماري رهيا هئا. هڪڙا پاڻ ساڙي رهيا هئا. ٻيا ڪين سڙندي ڏسي ان کي باربي ڪيو ٿيندڙ گوشت سڌي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. وحشتَ جو جواب وحشتَ سان اچي رهيو هو. ساڌو!

گوتم ٻُڌ انساني همدردي، رحم، محبت. جاڻ ۾ اَهنسا جا درسَ ڏيندو هليو ويو ۾ ان جا پيروڪار وري مسئلن جا حل همدرديءَ بدران سفاڪي، رحم بدران نفرتَ، جاڻ بدران وحشت ۾ اَوِڳوڙ بدران وِڳوڙ سان ڪندا! ڪنهن سوچيو هو تہ ٻُڌ سان ٻوهہ ٻين کان وڌيڪ پنهنجا ٻوڏي ئي ڪندا؟

وِيئَت نامي تہ سدائين اهڙي جنگ کي وڙهندا رهيا آهن. فِرانسِي بينڪيتَ کي اسين اوڻيهين صديءَ ۾ وڌندي وِيجهندي ڏسون ٿا. 1887 ۾ وڏي فِرانسِي-اِنڊو چيني بينڪ ناهي. 1954 ۾ وِيئَت نام پاڻ اُن بينڪيت کي شڪست ڏئي، پاڻ کي آزاد ڪيو. سندس آمريڪا سان ويڙهہ وڏ ۾ وڏ خوني رهي. تو جنگ جا آخري پساهَہ ڏنا؟ اهي تہ وَيتر اجان وڌيڪ خوني هئا.

تو صحيح چيو تہ آمريڪا پوءِ بہ بس نہ ڪئي... منهنجي بہ هڪ ڳالهہ صحيح ثابت ٿي، جنگين ۾ انساني سماج جو سڀ کان وڌيڪ ڪمزور پاسو بدترين ڀوڳنا جو شڪار ٿيندو آهي ۾ مذهب هر دوَرَ ۾. توڙي اڄ تائين سماجن جي ڪمزور ترين پهلوئن منجهان رهيو آهي. ان کي جنگ جهڙي بي رحم لفاءَ ۾ استعمال ڪرڻ سان لازماً انسان-دشمن نتيجا نڪرڻا هئا. پر ساڌو ڏسِ! آمريڪا مذهبَ جي استعمال جي تجربي مان ڪا بہ مَثبت سِکيا نہ ورتي...

اسان وِيهين ۾ اِيڪيهين صديءَ جون افغان توڙي عرب جنگيون ڀَسيُون آهن. اتي بہ آمريڪا ايئن ئي مذهبن کي استعمال ڪندو رهيو آهي. ايڪيهين صديءَ ۾ سندن تيار ڪيل انتهاپسنديءَ جي ڏانچي سموري دنيا کي گهيري ورتو. مثال طور افغان جنگ ۾ آمريڪا جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي، ان انتهاپسنديءَ جي اهڙي چٽنگ باري ڇڏي، جو اڄ ان چٽنگَ منجهان پکڙجندڙ باهہ دنيا جي هر ڪُنڊ ۾ ٻرندي ڏسون پيا... آپيشاهي راڪاس جي پيدا ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ويا ڪي ڪيئن ٻنجو ڏبو. سُجهي نہ ٿوا!
شڪر تہ فرانس نيٺ پنهنجين ئي غلطين مان سکي آمريڪا کي درس ڏئي رهيو هو. صدر ڊيگال جي تجويز هئي تہ وقتائتي تہ "آخر اسين سيئي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن چو نہ ٿا وڃون ۽ هيءَ دنيا پنهنجن دشمنن کي ڏئي ڇڏيون تہ ان سان جيڪو وڻين سو ڪن". پر صدر ڊيگال کي اِها خبر نہ هئي تہ آمريڪا جيڪو اڳ ئي ڪوريا ۾ ۽ ڪيوبا ۾ راڳا ڪري چڪو هو اهو ويئٽنام کان پوءِ دنيا جي ٻين مُلڪن ۾ اها ئي جنگي لوفرائپ ۽ خوني ويڙهاندَ جاري رکندو.
اهو چِليءَ ۾ 1973 ۾، افغانستان ۾ 2001 ۾، عراق ۾ 2003 ۾، شام ۾ 2014 ۾ ساڳي ئي بدترين ويڙهہ ڪندو. ڪنهن کي خبر هئي تہ ايندڙ دؤرن ۾ بہ سندس تاريخ جا پنا رت سان رنگيل هوندا. ويهين توڙي ايڪيهين صديءَ جي جديد دؤر ۾ بہ اها ئي رتوڇاڻ جاري نظر ايندي؟
ويئٽنام جنگ کان اڳ ڪوريائي جنگ ۾ سندس ٻهرو ڏسو. ڪميونسٽ راڄ جي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ ڏکڻ ڪوريا جي مدد لاءِ ٽپي پيو. جيڪا 1950 کان 1953 تائين هلي. 1962 ۾ ڪيوبا جي ميزائيلن وارو مسئلو ۽ سندس بدترين سياسي گُر تہ ڏسو سي آءِ اي جا ڪيوبائي ماڻهو تيار ڪري بي آف پِگ ذريعي ڪيوبا ۾ داخل ڪيائين. جيڪي جهلجي پيا. پوءِ دنيا ڏٺو تہ ڪاسترو ۽ چي سندس سياسي چالبازيءَ کي ڪهڙي سياسي جوابَ سان ورنايو هو... اُن تي چون ٿا صدر ڪئنيڊي ڪليسا ۾ گوڏا کوڙي روئي پيو هوا!
آمريڪا ۽ ڪيوبا جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا جيڪي 1961 ۾ ختم ٿيا هئا سي جولاءِ 2015 ۾ وري ٻيهر قائم ٿيا. ٻنهي هڪٻئي جي ملڪن ۾ پنهنجا پنهنجا سفارت خانا اڌ صديءَ کان پوءِ کوليا.
چِليءَ جو فوجي ڪُو جنهن کي 1973 جو 11/9 بہ سڏبو آهي. آمريڪا جي چُرچ، فوجي امداد ۽ بدترين سياسي گُر تحت جنرل آگسٽو پنوشي چِليءَ جي جمهوري طور چونڊيل صدر سَلوِيڊور آيينڊَي کي ڪُو ذريعي سندس ئي محل ۾ مارائي جمهوري حڪومت جو خاتمو ڪرائي ڇڏيو. پنوشي کي خود آيينڊَي پاڻ چِلي فوج جو ڪمانڊر مقرر ڪيو هو. اهو ذهن ۾ رکجي پاڪستان جي فوجي جرنل ضياء جي ذوالفقار علي ڀُٽي کي لاهڻ ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهڻ واري واقعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پويان بہ ساڳيا هٿ آهن.

آمريڪا جيتوڻيڪ افغانستان ۾ ظاهري طرح 2001 يا 2002 ۾ داخل ٿيو جنهن جو سبب 11/9 ڏسيائين. پر پوري دنيا ڄاڻي ٿي تہ آمريڪا اتي اڳ ئي موجود هو. جنهن جي تڏهوڪي سوويت يونين بہ نشاندهي ڪئي هئي. اهو شام ۾ بہ ظاهري طرح 2014 ۾ داخل ٿيو پر 2011 واري شامي خانہ جنگيءَ دوران بہ شامي باغين کي آمريڪا جي مڪمل هٿي مليل هئي. هزارين شامي باغين کي فوجي تربيت ملي. پر ان ۾ آمريڪا سان سندس ساٿاري فرانس، برطانيہ، ترڪي، اسرائيل ۽ سعوديءَ جي سربراهيءَ ۾ عَرب لِيگ بہ شامل هئا.

سو تو اهو صحيح چيو آهي تہ آمريڪا جو اهو جارحاڻو مزاج پراڻو آهي، جنهن بابت سندس ميڊيا ساڻس گڏ آهي ۽ اها پنهنجي عوام کي ايترو تہ بيخبر رکندي آهي جو آمريڪي عوام جي اڪثريت سمجهندي آهي تہ آمريڪا پوري دنيا مان وِڳوڙ ختم ڪرائڻ لاءِ نڪتل آهي ۽ کين اصل خطرو اُتِن طشترين کان آهي جيڪي ٻئي گرهہ کان اچي مٿن حملو ڪنديون! آمريڪا پنهنجي عوام کي اهڙين احمقانہ سوچُن ۾ گُم رکندو آهي.

سو ساڈو، تو صحيح چيو آهي تہ ٻوڏين لاءِ سياست لازمي آهي. تو اهو بہ صحيح چيو آهي تہ جنگ اُن وقت واقعي هڪ قدر ٻڻجي ٿي وڃي، جڏهن اها انساني حقن لاءِ جابر خِلاف وڙهي وڃي. پر ڪيئن ۽ ڪهڙن شرطن تي؟ اهو ٻڌ مَت جو فِڪر طئہ ڪندو. ٻيو تہ اُن ۾ بهتري ۽ تبديلي بہ آڻي سگهجي ٿي. ڇا لازمي نہ آهي تہ هاڻ ٻُڌ جي تعليمات ۾ جديد دؤر جي حِساب سان تبديلي آڻجي؟

خير ساڈو، انهن بحثن جا شايد ڪي خاص نتيجا نہ نڪرن. اِن ڪري مان ميرا واري قصي ڏانهن موٽان ٿو تنهنجي ناريءَ تياڳ ڏانهن ۽ سنڌ ۾ ٻوڏي راڄ جي ماضيءَ ۽ آئيندي جي تصورن ڏانهن.

ها، خبر نہ آهي مِيرا لَداخ مان سنڌ نہ موٽي تہ پوءِ ڪيڏانهن وئي. مون کي شڪ آهي تہ هوءَ منهنجي ڳولا جي پنڌ تي ئي آهي، اُتان نِڪري ڪنهن ٻئي هنڌَ هلي وئي آهي. منهنجو رُوح سندس پويان ڪيس ڳولڻ ۾ آهي. مان وري ڪيس ڳولڻ لاءِ نڪرندس پر ٿورو وقت ترسي. مون کي پاڻ منجهہ وري سگهہ پرٽي پوندي. هيڏي ڊگهي سفر تان نِراس موٽڻ اندر ۾ پيڙ پَري ڇڏي آهي. موٽي اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ سفر جو ترنگ جهٽڪي کان تُٽي پيو هو... جيڪو تو پنهنجي پوسٽ ڪارڊ ۾ لکيو آهي.

جيڪي وِصال ۾ سو وِڇوڙي ۾ وارو پوسٽ ڪارڊ وٺيو ته سهي مون کي پر ساڈو. ماڻهوءَ جو پيارُ هوندي به ملندي ساڻ ئي ڪٿي گُم ٿي ويندو آهي... تڏهن به ماڻهوءَ سان ماڻهو ساڻ رهندو آهي. ان ماڻهوءَ جو هجڻ غنيمت لڳندو آهي. مون ميرا سان حياتي گُذاري هئي. مون کي خبر هئي ته محبت کان پوءِ گڏ رهڻ ۾ محبت سان ڇا ٿيندو آهي، اهو ٿيو. مان ڪيس ڇڏي هليو ويس. پُڏ مَت جيڪا شئي نظرانداز ڪري پيو سا مُنهنجو موٽڻ آهي. ساڈو ماڻهو وڃي وري پوءِ موٽي به ته اچي ٿو!

ان تي به ته ڳالهائجي؟ ان ڪري ماڻهو يا نه ماڻهو هڪ ڳالهه نه آهي. به الڳ الڳ شيون آهن. جيئن هجڻ ۽ نه هجڻ. ها منهنجي اندر ۾ ساڻس اهڙي ڪنورتا سان پيش اچڻ جي ڪري پشيماني آهي. پر منهنجي ڳولا کي هڪ فرد جي انا جو ضد نه سَڏ ساڈوا هوءَ نه مِلي ته پاڻ کان وڃائجي ويندس. ان ڪري جو ڪيس ڏيانَ ۾ وري ڏسڻ کان پوءِ ته مان ويتر اُتاولو ٿي پيو آهيان. ڏيان ۾ هوءَ منهنجي ئي سامهون ويني هوندي آهي.

واپس اچڻ کان پوءِ ته منهنجي ڏيان جي دنيا کي نواڻ ملي آهي. هڪ ته نراشا ۽ آشا جي سِير ۾ گُهمان پيو. جيئن دل ۾ گهٽي اميد آسرو نه آهي، تيئن ڏيان به ڪو آسرو نه ٿو ڏئي. مٿان سفر تان موٽي اچڻ کان پوءِ ڪيس مسلسل لداخ ۾ ڏسان پيو. مختلف بوڌيشالائن ۾. ڏيان ۽ يوگا ڪندي. جتي مان ساڻس ڳالهايان به ٿو. ڏيان چِتو ٿي پيو آهي. ساڻس مڪالمو به ٿئي پيو.

ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ مون ڏيانَ ۾ ڏٺو ته ميرا ٻوڌي ياترين جي ٽولي جي اڳواڻي ڪري هڪ ٻوڌي سنتَ جي زيارت لاءِ وڃي رهي آهي. ساڻس گڏ اڳيان جوڳ ورتل نارين ۽ مرد هلي رهيا آهن. پويان عام ماڻهن جو هجوم ساڻن گڏ هلي رهيو آهي. مان سندس اڳيان اچان ٿو. هوءَ مون کي ڏسي ڇرڪي ٿي پوي ۽ مُرڪندي عجب منجهان چوي ٿي. "تون هتي جادم؟"

مان ڪيس ڏِسان ٿو. پنهنجي اُن ئي ڪيفيتَ ۾. جيڪا سندس هَلَئي وڃڻ ۽ سندس ڳولا کان پوءِ نراش موٽڻ واري آهي. چوان ٿو. "مِيرا. مان موٽي آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، توکي ونڻ آيو آهيان، مون سان هلِي هل.“

ان تي مون کي ڏِسي عجب ِوچان چوي ٿي، ”هي ماڻهن جو هُجوم ته ڏِس جادِمَ. اسين هڪ بوڙڍي سَتوَسان ملڻ وڃي رهيا آهيون. تون به ساڻ هل. هنن کي مان اَڏ تي ڇڏي ڪيئن توسان هلي هلان. سُونهائَپ جا ڪريان پئي؟“

مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي. اِن ڪري جو منهنجي دِماغ جي سُئي اُتي ئي اَٽڪيل آهي. مان وري اهو ئي ٿو ورجايان ته ميرا سوٽِي هل. پر هوءَ عجيب نظرن سان مون کي ڏسندي، نيٺ لَنوائي، اڳتي هلي ٿي وڃي. ايئن مان ڏيانَ مان نِڪري آيس. ڏيان ۾ ئي سهي پر سندس ايئن هلئي وڃڻ مون کي صدمو ڏئي ڇڏيو...

ان ڏيانَ ۾ ڪهڙي معني هوندي ساڏو؟

مان هينئر به چوندس ته عَقليت پسندي ۽ منطقيتَ ۾ ئي آچپو آهي، ان کان سواءِ ڪو فِڪر اڳتي هلندو نظر اچي به ٿو ته به اهو ياد رکجي ته اُهو جتناءُ نه ڪندو. جي جتناءُ ڪندو ته به پيو انسان سان دولاب ڪندو. عقيدا انسان سان دولاب ڪن ٿا. مان اُنهن کي ايئن آزاد انساني سوچَ تي مَڙهڻ کي نِنديان ٿو ۽ تون ٿو چوين ته منهنجو اِرتڪاز ٽُٽو آهي. ساڏُو!

اِن تي مان احتجاج ڪريان ٿو! تون سمجهين ٿو سنڌ ۾ بُڌ مَت اِن صورت ۾ پکڙيو؟ سنڌي معاشرو اهو نه آهي جيڪو تنهنجي دوَرَ ۾ هو. جي بُڌ مَت کي وري اُپرڻو آهي هتي ته لازمي آهي بطور هڪ فِڪر اُپري. سنڌ مَتجي پئي، هر ڏينهن. هاڻ اها دولابن جي ور ورِلي چڙهي. مون کي افسوس آهي ته مان تنهنجن مِڙني خيالن کي رد پيو ڪريان.

تُنهنجا مِثال مَنطقي آهن پر انهن کي تون لاڳُو غير مَنطقيت سان ڪرين ٿو. اهو دُرست آهي ته شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. فطرت ۾ ڳانڍاپو آهي. چڙوچڙ شيون اُن ڳانڍاپي جي ڪري هڪ ٿي آهن. هڪٻئي تي سندن اثر رهي ٿو. اهو به صحيح آهي ته اسين هڪ ئي ماحوليات ۾ رهڻ جي ڪري ساڳين مسئلن، ساڳين خوشين ۽ ساڳين ناڪامين ۽ ڪاميابين کي ماڻيون ٿا. پر ساڏُوان مان اهو جَواز ڪِٿان آيو ته اسين ماڻهن کي دولابِي شربَت آڇيون؟

ڪو به شربت يا شراب ڪنهن به انسانَ کي ڪنهن به مَرض مان فقط ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربن اجان هن خِطي ۾ پير نہ کوڙيو هو. عربن جو اچڻ هو تہ هڪ بدترين دؤر جي شروعات. پر ٽئڪس وٺڻ جي ڪري انهن پُڌ مَٽَ کي ختم نہ ڪيو. بوڌي ياترين جي اچڻ جي ڪري انهن ناڻو ڪمايو ٿئي.

705 کان 715 تائين جڏهن خالد بن وليد جي خلافت ۾ حجاج بن يوسف اويرائين پاسي جو گورنر هو. پهرين تہ هن رڻ باري ڏنو. پر سنڌ جي فتح ان ڪري بہ سولي ٿي چُڪي هئي جو مڪران اڳ ۾ ئي عربن جي هٿ ۾ اچي چُڪو هو. مان چوڻ اِهو ٿو چاهيان تہ اِها ظاهري طور ڪٽي اسلام جي پکيڙ هئي. پر سچ اِهو آهي تہ عرب تہ ساموندي بندر جي پويان هو. قزاقن کان بچڻ لاءِ عرب واپارين کي هي سولو گسُ کپندو هو. کيس فتحُن جو جنون هو مثال طور 636 ۾ بہ عربن اهڙي ئي هڪ ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ناڪام ويا.

ڏس تہ سهي هُو ڪيئن ڏکڻ انديا، گجرات. سِيلان جي پيٽن تائين رَسي ويا هئا. سندن ناڪاميءَ جون اهي ڪهاڻيون بہ ڪافي دلچسپ آهن. ايئن 711 ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو تہ ڍيبل، سيوهڻ. برهمڻ آباد. اروڙ (اجوڪو سکر) ۽ مُلتان ۾ سِنڌ اُموين ۽ عباسين جي خلافت جو حصو ٿي ويا. گورنر رکيا ويا. ان وقت سنڌ ۾ هندو، جَيني ۽ بوڌي آبادي رهندي هئي.

مان چوان ٿو ساڌُو يا چَچُ برهمڻ نہ هجي ها. يا وري هو زرعي سماج مان نہ هجي ها. پنهي صورتن ۾ سنڌ جي قسمت ٻي هجي ها. مون هڪ چيني سياح جو ليکُ پڙهيو هو جنهن موجب عربن کان اڳ سنڌ ۾ 400 بوڌيشالائون ۽ 26 هزار بوڌي هئا. هندو آبادي هاريو ڪندي هئي. جڏهن تہ بوڌي واپاري هئا. اهو چَچَ جي حڪمرانيءَ جو دؤر هو. هڪ هندو برهمڻ. پيو بهراڙيءَ جو. زراعتَ جو حامي، کيس بوڌي ان ڪري بہ نہ آئڙيا ٿئي جو انهن جي گهٽائي واپار ۾ هئي.

مثال جڏهن اُمَوي آيا تہ هِندو اُنهن سان وڙهيا پر بوڌي نہ وڙهيا. ان ڪري جو هو چَچ جي پاليسين سان اڳ ئي متفق نہ هئا. انهن ماٺ ميٺ ۽ امن سان پاڻ کي عربن آڏو پيش ڪيو. سموري سنڌ ۾ اهي ئي مثال قائم ٿيا. نيرون ڪوٽ اجوڪي حيدرآباد جي بوڌي گورنر بنا ڪنهن مزاحمت جي پاڻ نِوايو. ايئن شهرن جي اڪثريتَ مزاحمت نہ ڪئي. منجهائن جن ايڪڙ ٻيڪڙ مزاحمت ڪئي انهن کي پوڳٽو پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي اهي ٻوڌي ۽ هندو جيڪي حجاج بن يوسف سان سَهمت ٿيا انهن کي پنهنجي عقيدي اندر رهڻ جي اجازت ملي. نہ رڳو اهو پر ڪين تحفظ بہ فراهم ڪيو ويو. منجهانئن ڪيترا اسلام ۾ داخل ٿيا.

جيئن تہ عرب اقتصادي سگهہ حاصل ڪرڻ تي وڌيڪ محو هو. ڪيس غير مسلمانن کان ٽئڪس وڌيڪ ملندو هو. ٻوڌي ساڌو گنڌارا ۽ ٻين مقدس جاين تي وڃڻ لاءِ ٽئڪس ادا ڪندا هئا. ان کان سواءِ هندو بہ مختلف مذهبي جڳهين جي زيارت لاءِ ٽئڪس ڏيندا هئا. ان ڪري مسلمانن ڪين مذهب مٽائڻ لاءِ بلڪل بہ تنگ نہ ڪيو. راجا ڏاهر جي دؤر ڪي ٻوڌي دؤر سڏيو ويندو آهي، پر سنڌ جو ٻڌ مت ٻوڌي هندو ڌرم بہ سڏيو ويندو هو. ان ڪري جو اهو بنگال ۾ پالا سلطنت ۽ آنڌرا ۾ سَتاوهاناس راڄ جي زيرِ اثر هيو.

بس ساڌُو ٻڌ مَتَ جي روشن تاريخَ ۽ اڄ تائين ٻوڌي تصورن جو قائم رهڻ اِن ڳالهَہ جو اُهڃاڻُ آهي تہ ايندڙ وقتَ اهڙي فِڪر جو ئي آهي.

تنهنجو پنهنجو پاڻَڪ. جادم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**"لوٽس فيٽ"**

وُجود جي احساساتي ٻاڙ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ. جنون لازمي هو! ڪنهن ڪنهن مهل ضبط جي حدن کان ٻاهر نڪرڻ به لازمي هو. پنهنجي اندر جو ويچ سڳهارو هجي ته ضبط جي حدن کان ٻاهر به ضبط ئي هوندو. بانسري جيئن ئي شُروع ٿي. ان وُجود کي ڌوڏي ڇڏيو... ان جي تاثيرَ ايتري ته سنگين ۽ رقيق هئي جو سمورو آرڪيسٽرا سندس جادوئي گهيرن ۾ جهڪڙجي. ڪيجي ٿئي ويو. سمورو ساز دردوندي جو ڳيءَ جيئان سرگردان ٿي چڻ وينلن جي چوڌاري رَمڻ ٿئي لڳو ۽ ٻُڌندڙ مست ٿيڻ لڳا پئي.

پر جڏهن وائلن پئي وڳو ان ڳنڀيرتا سان گڏ تصورن جو وسيع جهان ٿئي سان آندو. ان داخل ۽ خارج جي بحران کي نظم ڏئي معنيٰ پئي ڏني. ٻُڌندڙ جي ذهن ۾ هڪ ترتيب ٿئي پيدا ٿي پئي پر ان کي لفظن سان بيان نه پيو ڪري سگهجي. ڇڻ ان موسيقي ٻُڌڻ دوران هڪ عجب احساس پهريون ڀيرو جنم ورتو پئي. جيڪو هڪ ئي وقت ٻنهي چتو ۽ ڳجهو هو. ظاهر به ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ به. مڪمل طور جدلياتي.

هيءَ موسيقي هئي ئي ڪاروانسراءِ جي. جنهن پهريون ڀيرو ڪنهن ڪاروانسراءِ ۾ جنم ورتو هوندو ۽ ان جي مُسافر رهاڪن لاءِ ئي مخصوص هوندي...

پر مون سان ڇا ٿيو هو؟ "لوٽس فِيٽ" مون کي ضبط جي حدن منجهان ٻاهر ڪڍي، جُنون ۾ ڌِڪي. مون کي رقص ڏئي ڇڏيو هو... مون کان لفظ ڇني ڇڏيا هئائين... ۽ هُو! هو پنهنجي سموري وجودي حشمتَ، ڏاهپَ ۽ حُسين نهارُن سان منهنجي سامهون ويٺل هو ۽... مان... مان طوفان ۾ هئس، بي لفظ هئس، بي اختيار هئس، جو، هو منهنجي ويجهو هو ۽ ٻنهي پرانهون هو!

خبر پئي ته اها ڪاروانسراءِ ان ڳنين يگاڻين خاصيتُن جي ڪري مُلڪئون مُلڪ مشهور هئي. جتي قافلن جا قافلا ٽڪ پيڻ لاءِ اچي لهندا هئا. اُتي پهچڻ پڄاڻان هر مسافر محسوس ڪري وٺندو هو ته اها ڪاروانسراءِ ڊگهي سفر دوران ٽڪ لاهڻ لاءِ. فقط هڪ ترساءِ جي جاءِ نه هئي. جتي اوپرا ماڻهو اچي هڪ رات ترسي هليا وڃن ها. فقط هڪ رات جو ترِساءُ ئي اتي ونگ جيان ٻڌجي پوندو هو ۽ مُسافر ڪي پل وڌيڪ ترسي وُجودِي ٽڪ به پيڻ لڳندا هئا. قديم طرز جي ڪاروانسَراءِ جي ٻاهرئين ڏيک ئي ان جي اندر جي جهلڪين جا راز کوليا پئي.

ان جي در ديوارُن تي قديم دؤر جي لِڪ پڙهه جا آثارَ چٽيل هئا. جيڪي ضرور به ڪنهن نه ڪنهن خيال ڏانهن اشارا ۽ قديم قصن جون نشانيون هئا. يتين، چٽ. دَر درين جي تاڪن ۽ روشندانن جي سرپلسٽڪ قدامت کي اهڙيءَ ته مهارتَ سان جاوِدان رکيو ويو هو جو جديد دؤر جو ذهن اتي داخل ٿيندي ئي ماضيءَ جي ڪنهن قديم دؤر سان رَلجي خود هڪ سريئل ڪردار پئي ٻنجي ويو. قدامت ۽ جِدت جي ميلاپ ان ڪاروانسَراءِ کي وڌيڪ پراسرار بنائي ڇڏيو هو. شعور بس حيران هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر بيٺل دربان سراءِ جي داخل جي سامهون ئي هڪ هال ڏانهن اشارو ڪري ان ۾ اندر وڃڻ لاءِ چيو. جتان ڪان ساز وڄڻ جو هلڪڙو هلڪڙو آواز ٻاهر تائين آيو ٿئي. مون ان هال ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. عجب جادو هو. جو موسيقيءَ جي ان هلڪڙي آواز اُتندي ئي دل جي تارن کي ڇيڙي سموري وُجُود کي بي خود ڪري ڇڏيو هو... دل تنبوري جيان وڄڻ لڳي هئي. رڳ رڳ ۾ بي خودي گردش ڪرڻ لڳي. ان قديم روشنين واري هال ۾ داخل ٿيندي ئي وجود عجيب احساس ۾ ويڙهجي ويو. ايترو عجيب احساس جو حيرت کي پنهنجي ضبط سان جهلي پاڻ سنڀالڻو ٿئي پيو.

ماحول ۾ عجيب خوشبوءِ هئي، جنهن ۾ تماڪ ۽ شَرابَ سان گڏ قديم عطر مليل هجن جڻ. ڪير مسحور نه ٿئي ها اتي؟

مان به پاڻ سنڀالي هڪ ڪُنڊ جهلي ويهي رهيس. جتان سموري هال جو نشا ڏيندڙ منظر مُنهنجي آڏو هو. ويهندي ئي سامَت ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪيم ته سامهون هوءَ ويٺل ڏٺم. ڌرتيءَ ۾ چانڊ ٿي پئي. بيابان ۾ برسات وسي پئي... مان رُلي ويس ۽ پاڻ ئي پاڻ کي ليڇي پيس. پلا ان بيحد ۾ سِرجيل هڪ شاهڪار لقاءِ جي منظرڪشي ڪجي ها ته ڪيئن ڪجي ها؟ ۽ مان عشق جي درد جي مَه پيتل هئس، هوش ۾ ڪٿي هئس؟

---

اها پولي عظيم مڪملتا جو سمونڊ هئي، جنهن ۾ خيال، سوچون، تصور تري رهيا هئا. ان موسيقيائي سنگم (آرڪيسٽرا) کي ڏسي ۽ ٻُڌي خيال آيو ته اتي ئي هڪ ٻيو آرڪيسٽرا به هو، جنهن جي مختلف پهلوئن جو ميلاپ هڪ نئين فن کي جنم ڏئي رهيو هو، جيڪو ڪنهن به پيتان پيتيءَ کان آزاد ۽ انفرادي هو.

مثال، هيءُ به هڪ آرڪيسٽرا نه هو ته ٻيو ڇا هو؟ هڪ عجيب قديم ڪاروانسراءِ. اڻ ڏٺل ماڳن ۽ منزل تان/ڏانهن ايندڙ/ويندڙ مسافر. پنهنجي عظيم وُسعت سان پکڙيل رات. سِياري جي موسم جي هلڪڙي خُنڪي، ڪن پيالن ۾ مَه هئي ته ڪِن پيالن مان هلڪڙي ٻاڦ ڪڍندڙ قرمزي چانهه. يگاني موسيقي. ٻن اِنسانن جي اندر ۾ اُڪرن جيان پرندڙ عشق. اُن ٽُن جي هيجان ۾ ڇُلڪندڙ بيوس، بي ترتيب ساهه. مڙني اوپرن مسافرن جي اکين ۾ هِڪٻئي لاءِ نئين شَناسائي پسڻ. دل ۽ وُجُود جو بي پناهه اتاولائيءَ ۾ لُڇڻ: اهي سڀئي عنصر ملي ڪري هڪ وُجُودي آرڪيسٽرا بڻجي وُجُودي ترنگ (Existential Ecstasy) ڏئي رهيا هئا... ان ۾ ڪهڙو شڪ هو ته هر مسافر جي رڳ رڳ ۾ سُرور جا وهڪرا وهيا پئي. منهنجي اندر ۾ سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ کان لُڏي ويو هو. ان موسيقيءَ سموري تَنتي سِرشتي کي ڏوڏي ڇڏيو هو. هاڻي هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ ساز ڳالهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهڻ کان رهي به ته نه ٿئي سگهيس. اکيون مٿي کٽي هڪ پيرو وري کيس گهور پائي ڏنم. هوءِ مون ڏانهن ئي نهاري رهي هئي! ايئن اکين جو پاڻ ۾ ملڻ، مٿان ان موسيقيءَ جي يڪانگيت ۽ پرفريب ماحول منهنجي اندر جي سمنڊ ۾ لهرون اٿاري ڇڏيون هيون. سندس اکيون به ته سمونڊ هيون. ان ڪيفيت ۾ مون کي سندس مُک تي به لهرون محو رقص نظر آيون ٿي.

موسيقي پنهنجي اوُجَ تي اچي رَسي هئي. هلڪڙي نرم لهجي کان وٺي تيز لهجي اختيار ڪرڻ واري ڪريسينڊو جي سرڪٽ ۾ ڦري رهي هئي... ان جي تاثير ايتري ته گهري هئي جو يوڳنيءَ جي پِر ۾ ويٺل هڪ ناري ۽ مرد اٿي بيهي تبلي، گٽار ۽ وائلن جي لئه تي رقص ڪرڻ شروع ڪيو. مڙني لاءِ اهو نظارو بيحد پُرلطف هو جو رقص صَفا منفرد هو. هو ته اولهائين انداز جو. پر ان مُنفرد رقص ۾ ڪجهه هو جيڪو رقص درويشيءَ جهڙو هو. پر ڇا؟ خبر نه ٿئي پئي.

مرد ۽ ناري پنهنجي پنهنجي رقص جي مهارت جا معرڪا پَسائڻ شروع ڪري ڏنا. ٻنهي جا وجود ڪنهن چابي ڏنل رانديڪن جيان، مخصوص رقاصي قدم کڻي رهيا هئا. ڇڻ هو گهڻو اڳ ئي ان موسيقيءَ تي پنهنجا جسم کيڏائي، ڪَٿائي چُڪا هئا... جيئن ئي موسيقي پنهنجي اتانهن سُرن تي پهتي، مرد ٿڪجي ويهي رهيو ۽ نارِي نچندي رهي.

اچانڪ هُن نارِيءَ نچندي نچندي يوڳنيءَ ڏانهن هٿ وڌايو. يوڳني ڪجهه سمجهندي نه سمجهندي سندس هٿ جهلي اُٿي بيٺي! هوءَ نارِي نچندي رهي ۽ يوڳني سانس گڏ آهستي آهستي سندس نيڻن ۾ پنهنجا نيڻ کپائي سندس ئي رقاصي دائري ۾ ڦرندي کيس اکين ۾ گهوريندي رهي. محسوس ٿيو پئي سندس رقص جي مزاج کي پرکي رهي هئي يا پنهنجي جسم کي ان ناچڻيءَ جي جسم سان هم آهنگ ڪري رقص جي تياري ڪري رهي هئي. سندس اکين ۾ تخليقيت جو جنون نظر ٿئي آيو. مُنهن تي عجب مُرڪ هئس. جنهن منجهان سندس اندر جون شدتون بکيون ٿئي...

ڪجهه منٽن جي ان وجداني ڦيري کان پوءِ هن رقص شُروع ڪري ڏنو. ڦهر مڇي پيو!

مان ڇا، هر ڪنهن جي دل جي ڌڙڪڻ بي ترتيب ٿي پئي ۽ ندي هن ماهِ لقا جي رقص تي...

بدن ڪنهن لچڪندڙ لامَ جيان ڪنهن مهل بانسريءَ تي ته ڪنهن مهل تبلي جي ٿاڦ تي. ته ڪنهن مهل وائلن ۽ گٽار جي نفيس ضربن تي آهستي آهستي ڦِريو. ڇليو پئي. سندس نِهار مون تي پوندي پئي رهي، اندر ۾ محسوس ڪيم سندس اهو رقص مون لاءِ نياپو هو. ان نِهارَ ۾ مون لاءِ مستيءَ ۾ ورتل محبت هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا اندرئون اکين ۾ اوتجي آئي هئس... سندس رقص ۾ ايتري ته مهارت ۽ ايترو ته تخليقي جنون هو. جو سائس گڏ رقص ڪندڙ ناري رقص ڇڏي، سندس سامهون سراءِ جي مسافرن سان گڏ بيهي، کيس ڏسڻ لڳي ۽ سندس پذيرائيءَ ۾ تاڙيون وڄائيندي رهي...

مون تي يوگنيءَ جي گهور ايتري ته ڪِپيل هئي جو اُن جي تعاقب ۾ ڪيترن ئي مسافرن ان کي محسوس ڪري مون کي تڪڻ شروع ڪيو... هُوڪرن، تاڙين ۽ عجيب ٻولين ۾ ڪنهن مهل هن کي ته ڪنهن مهل مون کي گهوريندي سندس پذيرائي شروع ڪري ڏني. هڪ پاسي سندن ترنگ ۾ ٻُڏل آوازن ۽ مون تي گهور مون کي ويهڻ نه ٿئي ڏنو. ٻئي پاسي يوگنيءَ جي نگاهه مون تي ايتري ته منجمد هئي. جو سندس جسم جي ڦيرن به ان مليل نگاهن کي ڪَٽيو نه ٿئي...

مائهن جي پُرترنگ سڏن تي اٿي بيهي مان به نچندڙ يوگنيءَ سان بيهي رهيس، رقص ڪيئن ڪبو آهي، ان کان بي خبر هئس... کيس ڏسندو. سندس رقص جي محور ۾ ڦرندو رهيس...

هائي سندس نيڻن جي هيجاني گُهورَ جي شدت مون کي هڪ پيرو وري اُهائي چريائپ ڏئي ڇڏي... عشق جي مستيءَ جو راڄ هو. منهنجي لُونءَ لُونءَ ۾ بي خودي رت جي دوري جيان گردش ڪرڻ لڳي... هوءَ پگهريل بدن سان ان گيڙو ساڙهيءَ ۾ ڪنهن عاشق رقاص ديويءَ جيان لڳي پئي. جيڪا جسم ذريعي رقص جي پيتا ڏئي رهي هئي... آهستي آهستي موسيقي ڊري ٿيندي وئي.

هائي بس تبلي جي ٿاڦ وڃي بچي هئي، جنهن تي سندس سينو، ٻانهون، چيلهه عربي رقاص جيان بي خود ٿي ٿڙڪيا ٿئي...

عجب منظر هو... سندس سَنڌُن جو اِيئن تبلي جي ٿاڦ تي وِرڻ، نهارڻ جو مون تي ڪُپڻ، مان بيوسيءَ جي آخري حدُن تي پهچي چُڪس... خوشيءَ ۽ درد جي عظيم ميلاپ دل کي ترنگ ۾ ٻهوڙي وِڌو هو. اکيون وسڻ لاءِ آتيون هيون. هائي تبلي جي ٿاڦ هلڪڙي ٿيندي ٿئي وئي ۽ يوگنيءَ جو رقص به ڍرو ٿيندو ويو...

هائي هوءَ ان هلڪي موسيقي جي ردم ۾ منهنجي گول ڦرندڙ جسم سان هم آهنگ ٿيندي منهنجي ويجهو ايندي وئي. اسان جون اکيون هڪٻئي ۾ ٻکجي ويون... نچڻ جي ڪري سندس ساهه بي ترتيب ٿي پيا هئا ۽ سندس هيٺ مٿي ٿيندڙ سينو سندس اندر ۾ متل ڪنهن طوفان جا پار ڏئي رهيو هو... ڪجهه پلن کان پوءِ هڪٻئي جي محور ۾ ڦرڻ کي روڪيوسين. بي پناهه پيڙاءَ ۽ پيار منجهان سندس اکين ۾ گهوريم، جتي درد بي پناهه هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين تہ هوءَ مايا ديويءَ جي ٻوڌيشالا ۾ ٿي ڪٿي وپاسنا ڪندي آهي. آخر ۾ هن اهو بہ چيو تہ جيئن تہ مايا ديويءَ جي ٻوڌيشالا ڪافي وسيع آهي، اتي مون کي ميرا بابت پڇا ڪرڻي پوندي.

هن معلومات ڏني پئي پر منهنجو ذهن تہ نالي تي اٽڪي پيو هو.

هيءَ ميرا هئي! نالو بدل پئي لڳو!

سوچيم، هي نالو ڪيترو نہ سچاتل هو. بس ڪڙيون ڳنڍڻ جي دير هئي!

اچانڪ منهنجي دماغ ۾ هڪ خيال آيو. جنهن سموري ڪهاڻي واضح ڪري ڇڏي! مون هڪدم ٻئي هٿ مٿي تي رکي چيو، ”او خدايا. هيءَ جادم واري ميرا تہ نہ آهي!“

منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي...!

مينتوخ. يوڳتي، ميرا. سڀ هڪ ئي ناريءَ جا نالا هئا!

منهنجي دماغ کي چڪر اچي ويا. پاڻ سنڀالي ڪيس چيم، ”جيئن ئي اچي تہ هو مون کي اطلاع ڪري، پنهنجو سيل نمبر بہ ڏنومانس تہ جي ڪمري تي نہ هجان تہ هو ان تي هو نياپو ڪري سگهي. ڪمري ۾ اچي بيڊ تي ڪِريس!

هوءَ جادم جي ميرا هئي!

مون کي هو سهڻو جانٺو جوان ياد آيو. جنهن سان منهنجي ايتري تہ گهري سنگت ٿي وئي هئي جو هن پنهنجي زندگيءَ جي عظيم هوند مون حوالي ڪري ڇڏي: سندس ۽ سندس استاد جي وچ ۾ ٻن سالن تائين جي فڪري خطن جي ڏي وٺ...!

منهنجي دماغ ۾ ڪڙيون ملڻ شروع ٿي ويون تہ تصوير مڪمل تيار ٿي بيٺي!

معنيٰ اسين ٻئي ان وقت لداخ ۾ هڪ ئي ناريءَ جي تلاش ۾ هئاسين ۽ هوءَ وري سندس تلاش ۾ نڪتل هئي. ان دوران مان ڪيس مليس، جنهن سان هوءَ بي اختيار محبت ڪري ويٺي! جڏهن مون واقعن جي اتفاق تي غور ڪيو تہ حيرت جي بي پناهہ جهان ۾ ٻتال بيٺو هئس. اکيون پٿرائجي ويون هيون. حيرت ۽ غير يقينيءَ جي ڪري منهنجي جسم کي ڏڪڻي وٺي وئي.

مون کي ڪنهن ڪنهن مهل ذهن ۾ ايندو هو تہ شايد ان رات گهڻي پيتي ڪان پوءِ مون کي جادم پنهنجي ناريءَ کي ڇڏي سنياس تي هلڻي وڃڻ وارو داستان ٻڌايو هو تہ ڪيئن هن جي وڃڻ ڪان پوءِ بہ هوءَ سندس موٽڻ جي انتظار ۾ هئي ۽ هاڻي سندس تلاش ۾ نڪتل هئي، يعني هو ٻئي هڪٻئي جي تلاش ۾ ليهہ جي مختلف شهرن ۾ ڦريا پئي.

پر مان ان ڳالهہ کي مينتوخ سان ڳنڍي نہ سگهيس تہ ڪو مينتوخ ميرا جو ٻوڌي نالو هوندو. جادم جي خطن ۾ موجود ناري، يوڳتي مينتوخ ئي آهي، جيڪا جادم جي تلاش ۾ لداخ آئي هئي. هاڻي مون کي اهو بہ سمجهہ ۾ آيو تہ ميرا ليهہ ۾ ڇا جي لاءِ پئي هر ٻوڌيشالا ۾ ڦرندي هئي ۽ اتان جي ٻوڌين سان ملاقاتون ڪندي هئي. هوءَ اصل ۾ ڪانئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ساڳيا جملا. مون سندس ڊائريءَ تي پڙهيا هئا. جيڪي جادم ڪيس چيا هئا!
ڪيس چيم، ”اهو پاپ ناهي، محبت آهي يار. تو کي مان ايئن نه ڪرڻ ڏيندس.“
چياڻين، ”مون کان غلطي ٿي وئي هئي، مان جذبات ۾ وهي وئي هيس. اهو سڀ جسم جو چاهه هو، ڪبير! تون سمجهين ڇو نه ٿو، اها محبت نه هئي.“
مون ڪاوڙ منجهان ڪيس ڪُلهن کان جهلي چيو. ”اها محبت هئي مينتوخ، محبت، هوش ۾ اچ، هي ڇا پيئي چوين!“
مون ڪيس ياد ڏياريو ته ڪيئن هُن پاڻ هڪ ڀيري چيو هو ته فقط سَنياس ئي ٻُڌ تي پهچڻ جي اڪيلي وات نه آهي، يعني فقط سَنياس ئي ٻُڌ تائين نه وٺي ويندو آهي.
چيو مانس، ”مينتوخ، تو ئي ته چيو هو ته ٻوڌي سفرَ ۾ اِهو پنهنجي پنهنجي چُونڊ تي مدار رکي ٿو ته منزل ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪهڙو گُس اختيار ڪجي. سَنياس کي ته تو به غير ضروري پئي سمجهيو، پوءِ هاڻي ڇا ٿي ويو آهي جو تون پاڻ اُن پاسي پئي وڃين.“
ان جو ڏاڍو مختصر جواب ڏنائين، ”مان راهه کان هٽي وئي هئس، ڪبير اِها ٻوڌي پنڌ جي نفي هئي.“
مان تڙپي اٿيس. چيم، ”نه، نه، هرگز نه، محبت ڪيئن نفي ٿيندي ان پنڌ جي. ياد ڪر مينتوخ. اسان جو هڪٻئي لاءِ پيار، هڪٻئي لاءِ چاهه. تو ته مون کان پري ٿي نه پئي ٿيڻ چاهيو؟“
اهو ئي مختصر جواب آيو. ”چيم نه ته مان راهه کا هٽي وئي هئس، ڪبير. تون اها سادي ڳالهه سمجهين ڇو نه ٿو؟“
ان ساڳئي بحث ۾ اسان کي ڪلاڪ کان مٿي ٿي ويو ته مون بس ڪئي. هوءَ اُن خيال تي اٽل قائم هئي، محبت، عشق، شادي، جسماني رشتا ٻوڌي پنڌ ۾ رستي-روڪ هئا.
دل چيو رڙيون ڪريان...!
متروڪ، متروڪ. متروڪ سوچ. عقيدو ايئن ظلم نه ڪري ته جيئي ڪيئن! سخت ڪاوڙ ۾ هئس!
اها رات اسين گڏ هئاسين. هڪ ئي ڪمري ۾. پر هوءَ عام دوستاڻو جسماني ڇهاءُ به نه چاهي رهي هئي. مان ايندڙ وڇوڙي جي ڏک کي سوچي ئي درد آڙاهه ۾ پچريس پئي پر هوءَ پري صوفي تي ويٺي مون کي ڏسندي رهي پئي. ڪيس بستري تي اچڻ لاءِ چيم ۽ پاڻ صوفي تي وڃي ليٽيس. مشڪل سان ڪجهه ڪلاڪ سُتو هوندس. هلڪي ڪڙڪي تي اک کُلي، سج ايرڻ وارو هو. هوءَ تيار ٿي پئي. گهڙي ڏنم صبح جا ساڍا پنج ٿي رهيا هئا.
پُڇيو مانس، ”هن مهل ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“
چياڻين. ”مايا ديوي ٻوڌيشالا. ڏيان لاءِ.“ چيم. ”مان به هلندس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪل هوندي ۽ مان اٿيس. تيار ٿي ساڻس گڏ ويس.
هن اڌ ڪلاڪ ڪن يوگا ڪئي. ان ڪان پوءِ ڌيان ۾ هلي وئي. مان ساڻس گڏ يوگا ڪري سندس ڌيان مان سجاڳيءَ جو انتظار ڪندو رهيس. هوءَ ٺپ خاموشيءَ سان ڏيڍ ڪلاڪ ان حالت ۾ ويٺي رهي.
سندس پورو جسم ڪنهن ماهر يوگيءَ جي تپسيا جو نتيجو لڳي رهيو هو. چهرو عجب روشنيءَ ۾ چمڪيس پئي، مان سمجهي ويس ته هاڻي هوءَ جادم واري ئي دڳ تي هلي وئي هئي... جادم جيئن ڪيس ڇڏيو، هوءَ تيئن مون کي ڇڏي رهي هئي. اهو سوچيندي ۽ دل منجهان آسرو نه ٽٽي لاٿم ته ڪو هوءَ مون ڏانهن واپس نه ورندي.
اتان واندا ٿي ناشتي لاءِ هڪ ريسٽورنٽ تي ويناسين. ان وقت مان دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هئس ته ڪيس جادم جي سندس تلاش بابت ٻڌائيندس.
ڪيس مُرڪي ڏٺم ۽ گهوري سندس نالو وٺي چيومانس، ”مس مِيرا، صفا رڻ ۾ رولِيو اٿئي مون کي، ڇو پِلا مون کان جادمَ جا بدلا پئي وٺين؟“
ان نالي ڪٽڻ تي حيرت منجهان مون کي ڏسڻ لڳي، هميشه جيان ڪجهه ڪُڇي ڪين. چيمِ، تو نالو مٽائي ڇڏيو ميرا!
مُرڪي پئي... چيائين، ”نه! نالو ته نه مٽايو اٿم.“ ٻُڌايائين ته مينٽوخ سندس پوڙي نالو هو. مَهاياڻ ۾ ٿيراوَيدا ٻنهي مڪتبن ۾ اها پوڙي رسم آهي ته تربيتڪار پوڙي سَتوَ نَون ڀڪشوئن توڙي ڀڪشوڻين کي نئون نالو ڏئي ان سان سڏيندا آهن.
مون کيس جادم سان پنهنجي ملاقات ۽ سندس خطن بابت ٻڌايو ته هن ويتر حيران ٿي مون کي ڏٺو! پنهنجي پرس مان فوٽو ڪڍي ڏيکاريائين جادم جو، پڇيائين، ”هي هو اهو ماڻهو؟“ جادم جو فوٽو ڏٺم، چيومانس، ”ها، بلڪل اهو ئي ماڻهو هو جيڪو تنهنجي جستجو ۾ نڪتل هو، مون جيان.“
اهو ٻُڌي هوءَ ڪيتري ئي دير تائين اداس رهي. ڏاڍي ارمانَ وچان چيو هئائين، ”جادم بلڪل صحيح ڪيو هو، ڪبير. ٿيڻ ته ائين ئي ڪرڻ گهرجي هر سچي پوڙيءَ کي. هن جو تياڳ ته غلطي نه هئي جي هو پوڙ-سَتوَئي پنڌ تي هو ته... پوءِ هو ڇو واپس موٽيو هن خواهشن جي غيرجٽادار دنيا ڏانهن؟ هو مايا موهه جي پنيان ڇو هلڻ لڳو، اوچتو، صحيح رستي تي هلندي هلندي؟“
مون سندس ان خيال تي ساڻس ڪافي بحث ڪيو، ”پاڻ ٻئي ان تي هڪٻئي سان سهمت هئاسين نه ته سَنياس وٺڻ غير فطري هو؟“ مون کيس اسان جي ويڇهڙائين جا لمحا، سندس مون سان چنبڙڻ، پيار ڪرڻ ياد ڏياريو، پر نه. منهنجي انهن ڳالهين ياد ڏيارڻ توڙي زور پرڻ جو ڪو به فائدو نه ٿيو. هوءَ پنهنجي فيصلي تي اٽل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ اُن سمورى ماضيءَ جى لڳاءَ کى رد ڪندى چوندى رهى تہ اسان ٻنهى جى وچ ۾ جيڪو ڪجهہ اڻ صحرا جى ميلى وارى رات ۾ ان کان پوءِ ايندڙ ڏينهن ۾ ٿيو اهو محبت بدران جبلت هو، اهو پوڙ-سَتوَئى پنڌ جى خلاف هو. مان هر پيرى سندس ان سوچ کي رد ڪندو رهيس ۽ ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ بيوس ٿى ان موضوع کان بس ڪيم پئى.

مون کيس جادم جا خط پڙهايا ۽ ان سان گڏ پنهنجى ۽ سندس سفر ۽ محبت جى داستانَ تى لکيل مڪمل ڊائرى بہ ڏيکارى. کيس ٻڌايم تہ ڪيئن سندس ليک ۾ پنهنجا خيال ملائى ان کى ”لوٽس فيٽ“ نالو ڏنو هئم.

هو روز رات جو ان مواد کى غور سان پڙهندى هئى. ڪجهہ ڏينهن ۾ اهو پڙهي پورو ڪيائين. هوءَ جادم جي تلاش وارا خط پڙهي اداس ٿي وئي!

مان تہ اڃان تائين حيران هئس انهن اتفاقن تي... ڪيڏي نہ حيرت انگيز ڳالهہ هئي، کيس چيم، ”ڏِس مينتوخ، ساڌو لطيف جي چيل ڳالهہ جڻ ثابت ٿي رهي هئي، هن لکيو هو، ”اڳتي هلي سڀ ڪجهہ ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي ڪنهن ڪَتا جي مڪمل صورتڪشِي ڪندو، جيڪا مڙني واقعن کي ڳنڍڻ کان پوءِ تيار ٿيندي.“ هي سڀئي ڪردار هڪ جاءِ تى ملى رهيا هئا، اتفاق بہ ڪيڏا عجيب هوندا آهن.“

هوءَ ”هممممم“ چئى چپ رهى.

هن جادم جى سندس تلاش وارى موضوع تى بلڪل نہ ڳالهايو. مون بہ زور نہ ڀريو.

هڪ صبح جو اٿى مون کى چيائين، ”ڪيڏو عجيب آهى ڪبير، هو منهنجى تلاش ۾ نڪتل هو. مان سندس تلاش ۾. پر ان دوران مون سندس محبت وڃائى ڇڏى. تون منهنجى زندگيءَ ۾ اچى وڃين، هاڻى بہ جى مان هن ڀوڏى پاسى نہ وڃان ها تہ وٽس بہ نہ وڃان ها. منهنجى اندر ۾ جهڙوڪر سندس محبت هئي ئي نہ... ڪيڏي نہ بي ثبات آهي محبت بہ، زندگيءَ جيان!“

کيس رد ڪيم، ”محبت بى ثبات نہ آهي، مينتوخ. محبت تہ وٽ اڄ بہ آهي، منهنجى محبت، ڪٿى آهى بى ثباتى؟“

بہ پل چپ ٿى ڏٺائين، مون نوٽ ڪيو پئى گفتگوءَ دوران ڪيترا ئي ڀيرا هوءَ لاجواب بہ ٿى پئي پر اندر ۾ فيصلو ڪرى وينى هئى.

چيائين، ”مان تمام جلد ڊگهى وڀاسنا ۾ ويندس، پنهنجو وقت ضايع نہ ڪر ڪبير، تون هليو وڃ، وڃى پنهنجى رسمى زندگى گذار.“

حيران ٿيس... وڃي پنهنجي رسمي زندگي گذاريان؟ هوءَ سمجهي ٿي مان ائين ڪري سگهندس؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيم، شديد محبتن ۾ شديد ارپنائون. شديد قربانيون ۽ عشق جا شديد اظهار هوندا آهن. ان شدت جا، مثبت هجن يا منفي، نتيجا بہ شديد هوندا آهن. شديد محبتن جا المناڪ نتيجا اهڙين پوڙن جيان هوندا آهن جيڪي وجود کي، خاص طور تي داخليت کي ايئن راڳي ويندیون آهن جو اندر جي ڌرتي سنڌ تي ويندي آهي. سنڌ ڌرتيءَ تي جيئن وري پوکي نہ ٿيندي آهي، تيئن دل بہ وري ان ساڳي شديد محبت سان آبيار نہ ٿي سگهندي آهي.

پر مڪالمي ۾ ڪيترو بہ عقل ۽ منطق هجي، ان کيس راضي ٿي نہ پئي ڪيو.

مون کيس بيوسيءَ مان چيو، ”تون مون سان اهو ئي ڏوھ ڪرڻ وڃين پئي جيڪو تو سان جادم ڪيو. سالن جي رولاڪي!“

ايئن چوڻ تي هوءَ هڪ ڀيرو وري لاجواب ٿي مون کي ڏسڻ لڳي.

چيومانس، ”ياد ڪر. مينتوخ! تو پنهنجي ڊائريءَ تي جادم جي ڇڏي وڃڻ تي ڪيتري نہ ڪروڌ منجهان کيس نندیو هو، وري پاڻ بہ اُها ئي غلطي ڪرين پئي؟“

خالي اکين سان ڏسڻ لڳي.

کيس خاموش ڏسي هڪ ڀيرو ٻيهر مڃائڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهيم. هر لمحو مون کي هڪ ڪوشش لاءِ اتساهي رهيو هو، هر لمحو هڪ موقعو هو جڻ. هر لمحي ۾ امڪان هو، محبت ٻيهر ملڻ جو، ڪيڏو نہ حسين هو هر امڪاني لمحو!

چيم، ”مان ڪجھ مهينن ۾ ڊاڪٽريٽ لاءِ انگلينڊ وڃان پيو. مون سان هلي هل، تون بہ هلي ٻُڌ مَت تي تحقيق ڪر. ايئن ارپڻ سان ٻُڌ مَت کي عِلمي فائدو بہ ٿيندو.“

هوءَ مون کي ڏسندي رهي. ان ڳالھ ۾ ٻُڌ مَت کي عِلمي فائدي تي زور هو، لڳو ان متس ٿورو اثر ڪيو هو.

مون کيس ياد ڏياريو تہ جڏهن هن مون کي جادم جي ڇڏي وڃڻ بابت ٻڌايو هو تہ ڪيئن اسان هڪڙو سڄو ڏينهن شانتي اسٽوپا تي گڏ گذاريو هو. ان ڏينهن پهريون ڀيرو مون سان پنهنجو پيار قبولي هوءَ ڪيڏو نہ خوش هئي!

ياد ڏيارڻ تي هوءَ ڪجھ پل مون کي ڏسندي رهي، پوءِ ڪافي دير ٿي وئي هئي. سوچيم شايد پنهنجي اُها خوشي ياد ڪري ان تي غور ڪيائين پئي، پر ايئن نہ هو.

ڪجھ دير کان پوءِ هن مون کي هڪ ڀيرو وري چيو تہ مان هليو وڃان، وڃي پنهنجي زندگي گذاريان!

الائجي اندر ۾ ڪهڙي سختي اچي وئي هئس جنهن کي محبت جون نرميون بہ پگهاري نہ پئي سگهيون.

چا بہ هو، پر مون بہ پنهنجي اندر ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو. سندس اِن ڳالھ مڃڻ کان ٽَپ اِنڪار ڪري ڇڏيم ۽ اتي ئي رهي پيس. ساٿس گڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو روز سندس اهو ئي روٽين هو، سوير اٿي يوگا ڪرڻ. ٻگهي ڏيان ۾ وڃڻ. ان کان پوءِ اسين گڏجي يا تہ گهمندا هئاسين، يا وري سائنس گڏ پوڏي درسن ۾ ويهندو هئس. لمبينيءَ جي اوسي پاسي جا علائقا بہ گڏجي گهمياسين. مان ڪوشش ڪندو هئس تہ سائنس ڪچهريون ڪريان پر هوءَ محبت کي ڇڏي باقي موضوعن تي نارملي ڳالهائيندي هئي، پر تمام گهڻ: خاموشي سندس ترجيح هئي.

هوءَ هاڻي بہ منهنجي محبوبہ هئي، پر فرق اهو هو تہ هاڻي هن کي مون سان محبت نہ رهي هئي. مون کي ان سان ڪو فرق بہ نہ ٿئي پيو. مون کي خبر هئي تہ ڇا بہ ٿئي، منهنجي دل تي هميشہ سندس ئي راڄ رهڻو هو. مون کي پنهنجيءَ دل سان ڪم هو. مون واقعي بہ ان دردَ کي محسوس ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو هو تہ ڪو واقعي بہ هن کي مون سان محبت نہ رهي هئي.

هتي يوڳتي پنهنجي ڏيان کي ڏيڍ ڪلاڪ مان وڌائيندي پئي وئي. خاموش ڪنهن وڻ هيٺ ڪلاڪن جا ڪلاڪ خارجي دنيا کان بيخبر ڏيان ۾ هوءَ ڇا سوچيندي هئي، ڪا خبر نہ هئي. شامَ جو پنهنجون سيئي مشقون ڪري هوءَ مون سان گڏ هلي ايندي هئي. مون کي محسوس ٿيندو هو تہ هوءَ اهو سڀ ڪجهہ فرض ۾ ڪري رهي هئي، جو ڪيس منهنجو احساس هو تہ مان سندس پويان سڀ ڪجهہ ڇڏي وَتس اچي رهي پيو هئس.

ڏاڍو ئي مختصر ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندا هئاسين، مان ڪيس پيو ڏسندو هئس تہ ڪيئن منجهانئس رنگَ، شوخي، ادائون گم ٿينديون پئي ويون. اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي منهنجو اندر سڙندو هو. موقعو ملندي ئي ڪيس وري راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ هلي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پوڏي سينٽر اَڏايون. ان تي مون کي گهوري واعدو وٺندي هئي تہ ڪيس پڪَ ڏيان تہ مان پاڻ ضرور اهڙو سينٽر جوڙائيندس.

ڪيس چوندو هئس، ”تو کان سواءِ تہ نہ. تو سان مِلي ڪري ضرور اهو واعِدو پورو ڪندس.“

تہ چوندي هئي، ”پوءِ ڪهڙو فائدو ڪبير؟ مزو تہ تڏهن آهي جڏهن مان تو سان نہ هجان ۽ تون اهي خوابَ پورا ڪرين.“ مرن وٽ ڪانئس پري وڃڻ جو تصور ئي نہ هو!

ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڪوڙ سارو بحث جي مُوڊ ۾ هوندو هئس تہ ڪيس ڪاوڙ ۾ ياد ڏياريندو هئس تہ هن بہ نہ زندگي گڏ گذارڻ ۽ شاديءَ لاءِ ها ڪئي هئي. اسان ان لاءِ گڏجي خواب ڏٺا هئا. جيڪڏهن هن اهي خوابَ پورا نہ پئي ڪيا تہ مان ڇو سندس خوابَ پورا ڪريان ها؟

ان جي جواب ۾ ڪنهن ڪنهن مهل هوءَ مون کي ڏسي مُرڪي پوندي هئي. ڪيس مُرڪندو ڏسي مان بہ مُرڪي بحث ختم ڪري ڇڏيندو هئس. هن محبوبَ سان ڪهڙا ويهي ليکا ڪريان ها! پر مون کي اهو بہ اندازو ٿي ويو هو تہ سندس مُرڪ جو مِزاج مٽجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو هو. هي اُها مُرڪ ٿي نہ هئي، جنهن کي ڏسي مان ڪيس پاڪر وِجهندو هئس، ۽ هوءَ سينو سيني سان ملائي ان جي ڀرپور موٽ ڏيندي هئي.

جنهن شئي مون کي شديد ڌڪ ڏنو، سا اها هئي تہ اسان جي وچ ۾ تمام تيزيءَ سان سڀ ڪجهہ تبديل ٿيڻ لڳو هو. ايتري تيزيءَ سان جهڙو ڪر ان معاملي ۾ وقت سيڪنڊن بدران منٽ جا ڪانٽا ٽپي رهيو هو. هر گُذرندڙ ڏينهن سندس رويو ٿي اهڙو ٿيندو پئي ويو، جو پاڻ ڏي مفاصلا وڌڻ لڳا.

اصل ۾ هوءَ هاڻي منهنجي مائي رهي ئي نہ هئي، هوءَ بس "ڪا بہ" ٿي پئي هئي. محسوس ٿيندو هو تہ مون واري يوڳتي تہ ڪٿي گم ٿي وئي هئي، هيءَ ڪا ٻي ناري هئي. ساڳئي چهري، ساڳئي آواز واري! جنهن سان هاڻي منهنجي حُجتَ واري واٽَ بند ٿي وئي هئي. مون کي لڳو تہ هن سان گڏ هئڻ جو رستو شايد ئي ڪڏهن بند ٿئي! ان ڪري مان هڪ پاڇي جيان ساڻس گڏ رهندو هئس، جڻ اهو منهنجو فرض هو.

هڪ رات جڏهن مايا ديويءَ واري پوڏيشالا مان مونياسين پئي تہ چيائين تہ هوءَ هاڻي ڏکهي ڏيان تي ويندي، شايد ڏينهن ٻن ٽائين. منهنجا ڪاڪَ لڳي ويا. "لاڳيتو بہ ڏينهن معنيٰ؟" ڪجهہ چيائين نہ بس، نهاريائين. پڇيم، "پندرهن ڏينهن جي وِياسنا جيان نہ؟ جنهن ۾ اسين ڏينهن ۾ هڪ بہ ڀيرو تہ ملندا! ڳالهائيندا هئاسين، چيائين، "نہ، هاڻي مان پوري ڏينهن جي ساندهہ ڏيان تي ويندس..."

کي گهوري چيم، "تون پورو ڏينهن لاڳيتو بنا ڪجهہ کاڌي پيتي ڌيان ۾ رهندينءَ؟"

ها ڪيائين، پڇيم، "ڪڏهن کان؟"

چيائين، "تمام جلد، هڪ ٻن ڏينهن اندر، مان مايا ديويءَ جي پوڏِيشالا وجي رهنديس هاڻي، هتان وڃڻو پوندو مون کي."

چيم، "مِينتوخ! تون هتان هلي ويندينءَ؟

مون کي ذهن ۾ هيمس پوڏيشالا جا خاموش پوڙي ياد آيا جيڪي ننڍي وهيءَ کان ان سختيءَ جا عادي بڻجي پنهنجيون جوانيون وڃائي چُڪا هئا. مون کي انهن تي ڪيڏو نہ تَرس آيو هو. منهنجي تہ گمان ۾ ئي نہ هو تہ خود منهنجي يوڳتي بہ هڪ ڏينهن پنهنجي سونهري جواني ان متروڪ رسم جي حوالي ڪري ڇڏيندي.

جڻ ان وقت منهنجو هَيمس جا گونگا بنايل پوڙي ڏسڻ بي سبب نہ هو! ڇا اُهي سڪل مُنهن وارا نوجوان سنياسي مون ڏٺا ئي ان ڪري هئا جو مون کي ان يوڳنا مان گذرڻو هو؟ اهو ڏسڻ هن يوڳنا جي مختصر تياري هئي؟ شايد زندگيءَ ۾ نظر ايندڙ ڪو بہ منظر بي معنيٰ نہ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون بيوسيءَ منجهان ڪيس ڏنو، جي ڪو ردعمل ڏيان بہ ها تہ ان جو مٿس ڪهڙو فرق پوي ها؟ سندس سَرد رويي مون کي بہ دردَ طرف سَرد ڪري ڇڏيو هو، هاڻي مون کي شديد غم محسوس نہ ٿي رهيو هو. بَس، مان پيش اچي ويل الميي جي حالت اندر هئس. جيڪو ٿيڻ جي پَؤ کان ڏيل ڏکندا آهن، اهو ٿي چڪو هو ۽ وڏيڪ دردناڪ ٿيڻ وڃي رهيو هو ۽ مان ان منجھ اندر موجود هئس، ان منظرَ جو ڪردار هئس. هڪ ڏند-ڪٿائي الميو هو، جنهن جا سيئي ڪردار هئاسين. هوءَ ان جو عظيم ڪردار بڻجڻ وڃي رهي هئي. شايد تاريخ جا پنا اهو ئي ياد رکندا. بيا ڪردار ڪَڪ پنَ جيان تاريخَ جي پَنن اندر غائب صورت ۾ اڏرندا رهندا. ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن جي اکين کان اوجھل.

مون کي ايئن سندس هتان هليو وڃڻ، سو بہ ايڏو جلدي. سخت تڪليف ڏئي رهيو هو، هڪ ڀيرو وري ڪيس منٿ ڪيم، مضبوط دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم.

ڪيس چيم، ”پلا تون مون کي تہ ٻوڏي تربيتَ ۾ ٿورو اڳتي ڪري پوءِ ايڏي ڏکي تَپسيا تي وڃ نہ. ماڻهن کي ٻوڏي رستو ڏيکارڻ بہ تہ هڪ سچي ٻوڏيءَ جو فرض آهي. مون سان ٿورو وقت گذار تہ جيئن مان هن صدمي مان آهستي آهستي نڪران“. مون ڪيس ڏنو. مون کي هڪ شعر ياد اچي ويو، جنهن کي سوچي اکيون پرجي آيم. ”يَڪ لَخت وڇوڙا اوکا هي، مَيڏي مَن، دل ڪُجھ قسطان ڪر“: اهو شعر پڙهي ڪيس ڏنم، منهنجي پرجي آيل اکين کي ڏنائين تہ چيم، ”هي ڏَڪ قِسطوار ڪري هَڻ. مِينتوخ.“

مون کي احساس منجهان نِهاريائين، مون محسوس ڪيو تہ منهنجي ڳالھ مٿس اثر ڪيو هو.

مون ڪيس سوچيندي ڏسي وري چيو، ”مان سمجهي ويو آهيان تہ پاڻ هن پراڻي رشتي ڏانهن وري نہ موٽنداسين. پر مون کي هڪدم پاڻ کان پري ڪري منهنجي صدمي جو وقت ڏِگهو ڪري ڇڏيندينءَ. اهو تہ تون بہ نہ چاهيندينءَ مينتوخ تہ مان ايئن ڦتڪندو رهان.“

چيائين، ”ها مان چاهيندس تہ تون هن صدمي مان نڪري اچين ۽ ٻوڏي پنڌَ تي هلڻ شُروع ڪرين تہ جيئن هي فيصلو تو کي صدمي ڏيڻ بدران سڪون ڏي.“

چيم، ”نيڪ آهي تہ پوءِ ڪجھ قِسطون ڪر ان جون، مان تيار آهيان تو سان پيو گي مشقُون ڪرڻ لاءِ، مون کي بہ ان دنيا ۾ اندر وڃي هل. مون کي تو کان سواءِ ٻاهر سخت خوف ٿو ٿئي.“

هوءَ منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي گهرن نيڻن سان مون کي ڏِسندي رهي، منهنجي ڳالھ مٿس اثر ڪيو هو، مٿان معاملو ٻُڌ مَت سيکارڻ جو هو. ان خواب سان تہ هاڻي سندس رُوح ٻدل هو، مجي ورتائين تہ هوءَ منهنجي ڪري پنهنجا ڏِگها ڏيانَ ٿورو دير سان شُروع ڪندي، اڳ ۾ مون کي ڏيانَ جي بنيادي تربيتَ ڪرائي ان ۾ اڳتي وٺي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن شام جو اسان دير تائين ڪچهري ڪئي، سندس ڳالهايون اَملهه هيون.

چيومانس، "مينتوخ، مون کي بُڌاءِ مان ان پنڌَ تي هلان ته ڪيترو اڳتي وڃي سگهان ٿو؟" (مون اهي سُوال ڪانئس پڇيا ته پئي، پر سچ اهو هو ته اهو سڀ ڪجهه سائنس وڏيڪ وقت گذارڻ ۽ ڪيس ڏکهين تپسيائن تي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪري رهيو هئس. نه ته مون کي ٻُڌ مت جي اِن رسم اندران ئي اندران ان کان باغي ڪري ڇڏيو هو! مان ان جي ان رسم کي سخت ڪروڌ ۽ ڪاوڙ منجهان رد ڪري رهيو هئس.)

چهري تي ڏاڍي سهڻي مُرڪ اچي ويس. چيائين، "ڳالهه اڳتي وڃڻ جي نه آهي، ڪبير، ڳالهه سراپا حُسن تي وڃڻ جي آهي. اهو هڪ ٻوڌيءَ جي زندگيءَ جو اصل ڪارجُ آهي اصل ڪارج کي مڪمل ڪرڻ حُسن ازل حاصل ڪرڻ آهي. تون ان حُسن جي سفرَ تي هرندين ته حُسن ماڻيندو ويندين. اُن جو ڪو اَنت ٿورروئي آهي، نرواڻ ته سفر آهي، ڪبير."

مون کيس چيو، "مون سان ٿورو ٻُڌ مَت جي قِسمن بابت ڳالهائي، اُهو گوتم کان پوءِ ڏڙن ۾ چو ورهائجي ويو؟ ڪي ڏڙا اهڙا به آهن مينتوخ، جيڪي ان قسم جي تياڳ کي مڪمل طور رد ڪن ٿا..." اها منهنجي هڪ پيرو وري ڪوشش هئي ڪيس دليل سان پنهنجي فيصلي تان هٽائڻ جي. هاڻي ته جادم جا به اهي ئي خيال هئا. هو به جڏهن پنهنجي ڪئي تي پڇتائي رهيو هو ته هيءَ چو اُن گس تي وڃي رهي هئي!

ان جي جواب ۾ هي چيائين، "ها، گوتم ٻُڌ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ٻوڌي سَنگها ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا هئا. سندن ايئن ورهائجڻ لازمي هو. جڏهن اهي ورهائجي ويا ته انهن ٻُڌ مَت جي فِڪر ۽ فلسفي ۾ تخيلاتي طوفان آڻي ڇڏيا. تصوراتي تخليق جو وسڪارو ٿي پيو: هڪ اڏ استاويرا ۽ ٻيو مها سَنگهيڪا بڻيو. ٻنهي ۾ رسمن ۽ ٻُڌ جي تعليمات جي تشريح جا ننڍا ننڍا فرق هئا."

سندس ان رسمي جواب تي مان ڦٽڪي پيس. مون کي اهڙي معروضيت سان پريل جواب جي اميد نه هئي. مون موضوع کي اسان ٻنهي رشتي، جادم ۽ سندس تياڳ جي غير منطقيت ڏانهن موڙڻ پئي چاهيو. مان ڪوشش ڪندو رهيس.

مون چيو، "ٻُڌ مَت جو ايئن گوتم ٻُڌ جي گذرڻ کان پوءِ فورن پوءِ ورهائجي وڃڻ جو نقصان ته ٿيو هوندو، مينتوخ، ٻوڌي پنهنجي مقصد کان هٽي ويا؟"

هڪدم چيائين، "نه. نقصان چو ٿيو هوندو؟ ٻُڌ مَت کي وُسعت ملي."

مون کيس ڏٺو ته اڳتي چا ٿئي چيائين. مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

چيائين، "ياد رک! ٻن حصن ۾ ورهائجڻ لازمي آهي، هڪ مان ٻه ٿيڻ، جيئن نئون جنم ٿيندو آهي. ٻه اَڌ ٿيڻ جيئن ته الميو نه آهي، ان ڪري اُن کي الميو سمجهڻ غير ٻوڌِي اهجاڻ آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ اجان تائين سمجهي نہ پئي سگهي تہ انهن سُوالن مان منهنجي مُراد ڇا هئي؟ هوءَ وِڇوڙي کي جدلياتي انداز ۾ پيش ڪري ايئن الڳ ٿيڻ کي لازمي قرار ڏئي رهي هئي. مون اندر ۾ احتجاج جهڙو ڪيو.

هاڻي مون ڏکي ڇپي ڳالهہ ڪرڻ بدران ڪيس سِڌو چيو، ڇا "جادم جو توکي ڇڏي وڃڻ بہ لازمي هو؟"

چيائين، "ڏس نہ ڪبير، ان ڳالهہ کي پاسي رک، اهو بہ تہ سوچ تہ ڪيڏو نہ فائدو ٿيو گوتم جي ٻُڌ مَت کي. ٻنهي اُڏن پاڻ کي بيان ڪيو تہ پتو پيو تہ هنن ٻُڌ جي ئي فلسفي کي ڏسڻ جا نوان رُخ پيدا ڪري ورتا هئا. ايئن جيترا جيترا مڪتبَ وڌندا ويا، اهي ٻُڌ کي ڏسڻ جا نوان پهلو ٻنجي پيا پر سيئي ٻُڌ جي ازلي ڏاهپ تي ويساهہ ڪندڙ آهن. پاڻ کي سچا ٻوڌي پوئوار چورائيندا آهن. ان سچائيءَ جي دعويٰ ڪندي ڪندي اسان ٻنهي ۾ جادم بہ ٻوڌي فڪر جي دنيا ۾ ڪيڏو نہ ڊگهو سفر ڪيو آهي. اهو بہ تہ سوچ تون."

سندس اهي مثال ٻُڌي مان اندر ۾ وڌيڪ بيچين ٿي پيس، مان سندس ڳالهہ جي فڪري پاسي تي تہ غور ئي نہ ڪري رهيو هئس. منهنجي سوچ جو ڪانٽو تہ هڪ ئي خيال تي بيهي ويو هو. مون کي لڳو پئي تہ ڇڻ هوءَ اسان جي وِڇوڙي جي لازمي هجڻ جو جواز بہ پيش ڪري رهي هئي.

مون ڪيس چيو، "مينتوخ، مثال ٽُنڻ جا ڏين ٿِي، ڪيئن ڪريان، تنهنجي ڳالهہ ٻُڌان يا دِل سنياليان؟"

ان تي چيائين. "ڪبير تون پنهنجي پاڻ مان نڪري اچ! تنهنجو اِرتڪاز ۾ غور پَنهنجي پاڻَ تي آهي. اِن کي صحيح ڏس ۾ وٺي وڃ تہ جيئن توکي هن سموري ڳالهہ ۾ وِڇوڙي جي احساس بدران معنيٰ نظر اچي. تون ان پنڌ تي ٿورو اڳتي هلي ڏس تہ جيئن توکي ان جو راز سمجهہ ۾ اچي، بلڪل ايئن جيئن مان سمجهي وئي آهيان. تون صَدمي واري حالت مان نڪري ايندين، هميشہ لاءِ."

مان ساڻس بلڪل سَهمت نہ هئس پر سندس ڳالهہ کي نہ مڃڻ تي ڳالهائي اِن موضوع تي وڌيڪ بحث نہ ٿئي ڪرڻ چاهيم. ڪيس ٻڌندو رهيس تہ پلي جيڪر چوي ٿي چوندي رهي.

مون کي غور سان ڏسندي پڇيائين. "ڪبير، تون سمجهين نہ ٿو تہ تون ٻاهر بدران اندر ۾ پيو ڏسين، حقيقت بدران عڪسَ کي پيو ڏسين؟"

نہ سمجهندي، چيم. "ٻُڌاءِ تہ مان ڪيئن عڪس ڇڏي حقيقت کي ڏسان. منهنجي سامهون حقيقت بدران عڪس ئي آهي، جنهن کي تون هرويرو سچ پئي سمجهين."

ان تي هوءَ سوچڻ لڳي، اچانڪ سندس چهري تي مُرڪ تري آئي جيڪا جهٽ پَل ۾ گهري ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، "مان توکي گوتم جي ڏيان جي هڪ ڪهاڻي ٻڌايان."
مان ٻڌڻ لڳس، هن چيو:
"هڪ ڀيري گوتم ٻڌ هڪ نديءَ جي ڪناري ڌيان جي حالت ۾ ويٺو ۽ پاڻ کان ڏينهن تائين بي خبر ٿي ويو. ڪنول آسڻ ۾. سانت. ڪُليل اکين سان، نديءَ ۾ نظر ايندڙ پنهنجي عڪس کي تڪيندي غور قائم رکي ڌيان ڪندو رهيو. ڏينهن گذري ويا، سندس مٿي ۽ چهري جا وار وڌا ٿي ويا. سندس ڌيان جاري هو.
هڪ ڏينهن، هو پنهنجي ئي عڪس کي تڪيندي تڪيندي، اچانڪ ڌيانَ مان سُجاڳ ٿيو ۽ عڪسَ ڏانهن هٿ وڌائي ان کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين. سندس سامهون، سندس جهڙو ئي هڪ گوتم. نديءَ جي پاڻيءَ جي سطح تي ڪنول آسڻ ۾ ويٺل هو.
هاڻي هو هڪٻئي کي ڏسندا رهيا. تمام گهري گهور سان ۽ منجهن مڪالمو شروع ٿيو:
گوتم کيس چيو، "تون گم ٿي وڃ. تون فقط هڪ عڪس آهين."
عڪسَ وراڻيو، "مان تنهنجو عڪس نه. تنهنجي حقيقتَ آهيان."
گوتم چيو، "تون منهنجي ئي حقيقتَ جو عڪس آهين، منهنجو ئي خيال آهين، بي وجود آهين."
عڪسَ وراڻيو، "مان تُنهنجي ئي وُجود جي تخليق آهيان. تو مَنجهان ئي جُڙي پئدا ٿيو آهيان، وجودَ مان نڪتل وُجود آهيان، مان ڪيئن ويندس؟"
ان تي گوتم کيس چيو، "تون منهنجي سوچَ جي پُل آهين."
عڪسَ ضد ۾ وراڻيو، "ها، مان تنهنجيءَ سوچَ جي پُل آهيان، پر مان آهيان."
گوتم چيو، "تون منهنجي شڪ جي اِنتها آهين. منهنجي گمانَ جي آخري حَدَ آهين، تو منهنجي اَڻ-ڄاڻائِيءَ ۾ مون منجهان عڪس ماڻي ورتو آهي، مان پنهنجي ڄاڻَ سان توکي فَنا ڪري ڇڏيندس."
ايئن ڪافي دير هلندڙ مڪالمي کان پوءِ گوتم پنهنجي عڪسَ کي شِڪستَ ڏني ۽ عڪس گم ٿي ويو.
"تہ ڪبير، اسان پنهنجن تصورن کي سوچي سوچي، انهن جي عڪسَ کي حقيقي سمجهڻ لڳندا آهيون. ايئن الميا اسان جي دل تي ضابطو رکڻ شروع ڪندا آهن. تون غور ڪندين ۽ ٻوڏي مشقون روزانو ڪندين تہ تون ان ڪيفيتَ مان نِڪري ايندين. ان تي سوچ تہ اندر ڪيئن اِنهن زنجيرن مان آزاد ٿيندو؟ ان کان سواءِ تون هن پيڙا ۾ قائل رهندين."
هوءَ ڳالهائيندي رهي، مان ٻڌندو رهيس.
ايئن اسان ڪافي ڏينهن گڏ گذاريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مون کي ڌيانَ جون ڏهيون مشقون ڪرائڻ شروع ڪيون. باقاعدي هڪ تربيتڪار جيان.

اسان ڌيانَ جا نَو قسم ڪيا. هوءَ مون کي ايئن اڳتي وٺي وڃي رهي هئي، جيئن ڪنهن ٻارَ کي ڪو وڏو آهستي آهستي اڳتي وٺي وڃي. منهنجو مقصد سنڌس سات هو. جيڪو پورو ٿيو پئي.

ڌيانَ جي پهرين مشق. ٻين مشق. ٽين مشق. پوريون نَو مشقون پوريون ڪرڻ ۾ اسان کي ويهارو ڪن ڏينهن لڳي ويا. ان جو هڪ هڪ پهلو مون کي هڪ عظيم ياد. عظيم سکيا ۽ هڪ عظيم احساس ڏئي ويو. هر ڌيانَ جي شروعاتَ ۾ سنڌس ڏاهپ ڀريل گفتگو ٻڌ هئي. جنهن ذريعي هوءَ مون کي اِهي ڏکيون مشقون ڪبڏي نہ سولائيءَ سان سيکاري رهي هئي.

پهرئين ڏينهن جي مشق لاءِ هوءَ مون کي مايا ديوي ٻوڏيشالا وٺي آئي. اڄ ميرانجهڙي اڇي رنگ جي ساڙهي پاتي هئائين. سا ڳئي پراتي انداز سان وارَ پويان هلڪا ٻڌل هئس. چمڪندڙ وَيڪريون اکيون. چَپن تي هڪ پر سڪون مرڪ ۽ غير مرڪَ جي حالتَ هئس. ڪنول آسڻ ۾ ويني ڪا ديوي لڳي رهي هئي.

سائس گڏ ويهي رهيس. سوچيم. نوبرا واديءَ جي وَيجهڙائيءَ واري رشتي کان پوءِ هي وري سائس نئون رشتو جُڙيو هو. جنهن ۾ هاڻي هوءَ منهنجي استاد هئي. منهنجي گرو هئي. الائجي تہ ڇو. مان قبول ڪرڻ لڳو هئس تہ هوءَ منهنجي اهڙي محبوبہ هئي جنهن کي هاڻي مون پاڻ بہ ڇهڻ نہ ٿئي چاهيو. سندس وجود ۾ ايترو تہ وَقار هو. جو مان بي اختيار سوچڻ لڳو هئس تہ جي مان عقيدو رکندڙ هجان ها تہ ڪيس ديوي بنائي سندس پرستش ڪريان ها. اهڙي ناريءَ سان رُڳو محبت ڪرڻ سائس اِنصاف نہ هو. سائس فقط عشق ئي ڪري سگهجي ٿو...

مون ڪنول آسڻ اختيار ڪيو ۽ هن ڌيانَ جي اِرتڪاز تي ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ ڪيئن ڌيان ماڻهوءَ کي اندران مضبوط ڪندو آهي. يانيم! منهنجي پر ۾ هوءَ مون ۾ سائس گڏ زندگي گذارڻ جي خواهش کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪري رهي هئي. چيائين:

”ڌيان جي شروعات ڪان اڳ اِرتڪاز گهرجي. اِرتڪاز تہ جيئن شيون مُڪمل ڪجن. فطرتَ ۾ هر شئي اِرتڪاز جي حالت ۾ محو آهي. اها اڳتي وڌي ٿي. متحرڪ آهي. جيئن ندي متحرڪ هوندي آهي. وهندي ٿي رهي. آد جُڳادَ ڪان. سندس اِرتڪاز وهڻ تي آهي. پکي پکڻ جو اِرتڪاز پنهنجي جيايي ۽ پنهنجي اڏار تي آهي.

تون اِرتڪاز کي ايئن سمجهہ. پرنا اِرتڪازَ جي حالتَ ۾ نہ هجن تہ پاڻ وڌي ويجهي نہ سگهن ها. اِرتڪاز فطري مظهَرن جو جوهر آهي. اِنساني جسم اِرتڪاز جي بنياد تي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلسل ڌيانَ جي حالتَ ۾ هوندو آهي. ان ڪري ٿي اهو مسلسل مُتحرڪ رَهي ٿو. ايترو مُتحرڪ جو انسان جا اندروني عضوا ننڊ جي حالتَ ۾ به پنهنجي پنهنجي ڪارِجَ ۾ مگن رهن ٿا. هڪ ڀرپور، مُڪمل اِرتڪازَ سان. ان ڪري سماجي انسان به مُڪمل اِرتڪاز کان سواءِ جاني نه ٿو سگهي."

سوچيم پئي! محبت به ته اِرتڪاز جو ئي هڪ قسم آهي، اِرتڪاز کان سواءِ ته محبت به پنهنجا قدر وڃائي ٿي ويهي. هوءَ اِهو ڇو نه ٿي سمجهي سگهي؟ ڇا عقيدو عقليت کي ايئن ماري ڇڏيندو آهي، جڏهن دماغ جو عقلي سمجهه کي ممڪن بنائيندڙ پاسو مڪمل بند ٿي ويندو آهي. عقيدو محبت سان پيٿالاجيڪل مسئلو ڪري ٿو ڇڏي، واقعي به ايئن ئي هوندو. عقيدو رکندڙ ۽ عقيدي کان آزاد ماڻهن جا دماغ به هڪٻئي کان مختلف ٿي ويندا هوندا. مان انهن پاسن تي سوچيندو رهيس ۽ هوءَ ڳالهائيندي رهي.

"سو ڌيانَ جو پهريون مرحلو اِرتڪاز شروع ڪرڻ آهي. اِن مَشق کي شماٿا چئجي ٿو. اها ڌيان ۾ سڀ کان اڳ واري حالت آهي. دماغ کي هڪ جاءِ تي مرڪوز رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ڪنهن به شئي تي. مثال طور، جي ڌيان ڪُليل اکين سان هجي ته سامهون ڪو نظارو ٿي سگهي ٿو، ڪمري ۾ پيل ڪا شئي به هجي سگهي ٿي، اکيون بند هجن ته سمنڊ يا نديءَ جي وَهڪري جو آواز هجي، هلڪي موسيقي هجي، وغيره."

سوچيم، جي اِرتڪاز لاءِ ڪنهن به شئي کي محور ٺاهڻ لازمي هو، ڪو به نظارو، سمنڊ يا ندي، ويندي ڪمري ۾ پيل ڪا به شئي... ته پوءِ ارتڪاز ۾ محبت ۽ محبوب ڇو نه هجن؟ مان سندس ڳالهين کي اڌ ٻڌي رهيو هئس اڌ نه، پر هوءَ اڃان به ڳالهائي رهي هئي.

"ماڻهوءَ جي پنهنجي مِزاجَ ۽ لاڙي موجب. ايئن اِرتڪاز جي شروعات ٿيندي، خيالَ کي ڪنهن نقطي تي مرڪوز ڪرڻ سان اِهو ممڪن ٿيندو. ان وقت ٻيا خيال وچڙائيندا، تنگ ڪندا پر انهن کان انڪار ڪري ڪين گُم ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي، نيٺ خيال مرڪوز ٿيندو.

اِن جو ٻيون مرحلو تڏهن اچي ٿو جڏهن اِرتڪاز قائم ٿئي ٿو. پل ڪنهن به شئي تي ٿئي ته ان تي غور قائم رکبو. جيئن ان مخصوص تصورَ کان سواءِ ڪي ٻيا خيالَ تنگ نه ڪن. ايئن اِرتڪاز لاءِ غورَ جي سفر جي شروعات ٿي وڃي ٿي. اهو غور وِچ ۾ ٽٽي سگهي ٿو، خيال تنگ ڪندا رهندا، ڪوشش جي باوجود به."

سوچيم اِها ڳالهه ته زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي لاڳو ڪري سگهجي ٿي. جي هر مقصد غور رکڻ سان حاصل ٿئي ٿو ته ماڻهوءَ جو محبت تي غور هن دنيا کي سهڻو بنائڻ ۾ مدد ڪندو، ان خيال کي هوءَ ڪيئن ٿي رد ڪري سگهي؟ اِرتڪاز جي وٽس ايتري اهميت هئي جو هر ٻيري اِن کي ٽٽڻ کان پوءِ وري جوڙڻ تي اتساهيائين پئي... پر پوءِ محبت جو ختم ٿيڻ ڇاهو؟ اهو سندس لاءِ ايڏو غير اهم ڇو هو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٽيون مرحلو اهو آهي جڏهن غور ٽُٽي ته ان کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻي پوندي، ڇو ته خيال حاوي هوندا. تنگ ڪندا. اوهان جي پنهنجي ئي اندر جي عڪس جيان بيحد موجود جهڙا. جيڪي اوهان تي پنهنجو ضابطو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا. ايترو جو ڪنهن مهل لڳندو ته اوهان انهن کان ڪڏهن نه سگهندا پر ڪوشش ڪندا رهندؤ ته هڪ وقت ايندو اوهان کي محسوس ٿيندو: ڪين مات ڪرڻ اوکو نه آهي! هي اوکائي سوکائيءَ جي پاڻين ۾ ترڳڻ جو مرحلو آهي، جتان تري، پار پئي ڪامياب ٿيڻو آهي.

چوٿين مرحلي ۾ اِرتڪاز قائم ٿي وڃي ٿو، غورُ ڪنهن ڪنهن مَهل ٽُٽي به ٿو، پر هَر ڀيري ٽٽڻ کان پوءِ هِڪدم وري جُڙي پوي ٿو. اِتان سَگهه جي شُروعات محسوس ٿيندي ته غور آهستي آهستي سولو ٿو ٿيندو وڃي ۽ اِرتڪاز کي آهستي آهستي رُڪاوٽ گهٽ ٿيندي ٿي وڃي. هاڻي اوهان جو اِرتڪاز سان مَيل مُڪمل ٿي ويو آهي. اِرتڪاز ٽٽڻ ڇڏي ڏئي ٿو. ذهن سُجاڳ ٿيڻ لڳي ٿو، اِرتڪاز مڪمل مقام تي پهچڻ جو مُشاهدو ڪري ٿو، غور پُختگيءَ جي حالتَ تي پهچي ٿو ۽ سُجاڳيءَ ڏانهن پهرين وکَ وڌي ٿي. اِهي هڙئي ڪيفيتون هڪ اهڙي ذَهني حالت پيدا ڪن ٿيون، جنهن ۾ ڌِيانُ ٻي بندش تي پوي ٿو. تِرڪڻ لڳي ٿو، تِرڪي ٻَي ڌيانيءَ ۾ هليو ٿو وڃي پر صَفا ساڻي رَندڪ سان، جتي غور ٻُڏڻ ٿو لڳي. ساڻين سوچن سان ئي اِن مرحلي تي ڌِيان ڪندڙ کي هڪ نئين ذِهني حالتَ مِلي ٿي، جيڪا کيس پَنجين مرحلي تي وٺي وڃي ٿي.“

ڪمال جو اختيار ۽ مهارت هئس ان ڄاڻ تي، پر ڪيڏو عجيب هو ته هوءَ اُن مهارت ۽ ڄاڻ کي هڪ پاسائون استعمال ڪري رهي هئي. جڻ دنيا ڇڏڻ تي ۽ سنياس وٺڻ تي اِرتڪاز قائم ڪرڻ اعليٰ ۽ اتم قدر هو، جڏهن ته ان اِرتڪاز ۾ ئي پر دنيا جو حصو ٿي جيئڻ ناڪامي هئي.

هوءَ سُجاڳيءَ جا مقام بيان ڪري رهي هئي، جنهن ۾ سڀ ڪجهه هو پر محبت نه هئي.

”پنجين مرحلي تي دِماغ سُجاڳيءَ جي پهرئين مَقام تان اُتي اڳتي هلڻ ٿو لڳي. ٻئي مقام تائين پهچي ٿو. جتي ٻَي ڌِيانيءَ واري ڪيفيتَ ۾ تِرڪڻ کان پاڻ ئي بَچي سگهجي ٿو. جِتي غورَ کي ٻُڏڻ کان باخبر ٿي روڪي سَگهجي ٿو. اِن حالتَ ۾ خيالَ اچي به ويندا آهن پر اهي اِرتڪاز مُڪمل ٿيڻ جي ڪري ننڍاڪڙا ٿي گهيرڻ ۾ اچي ويندا آهن، سو نه هئڻ جيان محسوس ٿيندا آهن. منجهن رُڪاوٽَ وجهڻ جي سَگهه نه رهي هوندي آهي. اِتي دِماغ پاڻ وڌيڪ واضح ٿي روشن ٿي وڃي ٿو. سُجاڳيءَ جي ٻين حالتَ ۾ ٻي ڌِياني، غورَ جو ٻُڏڻ ۽ ٻي خيالي تنگ نه ٿا ڪن. اِتي سُجاڳيءَ جي ٽين منزل صفا ٻئي ڏاڪي تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌيانَ جي ڇهين مرحلي تي اِرتڪاز ۽ غورَ جو تجربو ويتر پڪو ٿئي ٿو. سُجاڳي ٽئين مقامَ تي پهچي ٿي. ٽئين مقام جا پنهنجا مَظهرَ آهن. اِن مقامَ تي رڪاوٽن جي ڏساڻن بابت خبر پوي ٿي. دِماغ بغير ڪنهن ڪوشش جي اهي ڏساڻون بند ڪري ٿو ڇڏي، جَنهن جي ڪري رُڪاوٽن تي ضابطو صَفا سَولو ٿيو پوي. ٻي ڏِيانيءَ واري سُستي اُچي سگهي ٿي پر اِن کي جلد ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. اِن حالتَ ۾ سُستي ايندي ويندي رهي ٿي.“

هوءَ ڇا هڪ پل لاءِ به اهو نه سوچي رهي هئي ته سندس ايئن اِرتڪاز کي محبت کان سواءِ ڪرڻ سندس اندر جي روشنين ختم ٿيڻ جو اهڃاڻ به ٿي سگهي پيو. هوءَ غلط راهه تي به ٿي سگهي پئي. هن اِنهن امڪانن تي سوچڻ ڇو ختم ڪري ڇڏيو هو؟ دنيا تياڳي اِرتڪاز حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه هئي؟ دنيا ۾ رهي، دنيا ۾ جيئي ۽ رشتن، ڪِرتَ ۽ ڪار ونهنوار ۾ هلي ڪري بهتر جيئڻ تي اِرتڪاز قائم ڪجي ها ته پوءِ مڃجي ها.

اها ڳالهه ته انهن جو ڳين تي به لاڳو هئي جيڪي دنيا ڇڏي جهرن جهنگن ۾ وڃي رهندا آهن. عام دنيا جي لوازمات جي وچ ۾ رهي اهڙا سنياس ونجن ها ته مڃجي ها. جهنگ، جبل ۽ حتمي نويڪلائين ۾ جتي انساني لذت جي ڪا به شئي موجود نه هئي اتي وڃي پنهنجي ضبط جون حدون ماپڻ ڏوکو هو. ڪيڏي نه خود فريبي هئي. سگهه رکڻ جي خود فريبي!

سُجاڳيءَ جي ستين مقام کي بيان ڪندي هن چيو:

”ڌيانَ جي سَتين مرحلي ۾ دماغ جي سُجاڳي چوٿين مقام تي پهچي ٿي، جتي سُجاڳي وَڌيڪ روشن ٿي وَڃي ٿي. هاڻي ذهن ۾ هڪ مڪمل سُجاڳ ڪيفيت طاري ٿيندي. هاڻي غورُ نه ٻڌندو ۽ ٻي ڏِياني پراڻهين ٿي ويندي ۽ لڳاتار ڪوشش جي قوت سان ماٿيل توازن نه ٽٽندا. سَگهه قائم ٿيندي ۽ قائم رهندي.

اٺين مرحلي تي اِرتڪازَ جي اعليٰ ماڳ تي پهچبو، اتي پهچڻ سولو ٿي ويندو، صفا سولو. شئي تي ارتڪاز لاءِ صفا ٿوري ڪوشش کپي ۽ اهو ٿي پوندو. ان کي جاري رکي سگهبو. بنا رڪاوٽ جي. هي سُجاڳيءَ جو پنجون مرحلو سُجاڳيءَ جي حتمي مقامَ جي جهلڪ رکي ٿو، اِن ۾ اُن ازلي مقامَ ڏانهن دَر دريون کُلڻ ٿا لڳن، جيڪو بلڪل سامهون آهي. ڏاهپَ جڏهن اِن سُجاڳيءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳندي ته روشني، وجدان ۽ عظيم اِتڪاز سان ملي، خود ڏاهپَ نئين مقامَ ڏانهن پيرا ڪندي. جنهن کي سُجاڳ ڏاهپَ جو نالو ڏبو آهي. سُجاڳ ڏاهپَ سامهون آهي، بس، اڳيان ايندڙ ڪنهن مقام تي آهي.“

ڪجهه به هو، سندس جانَ کي سلام هو! هُن ٻُڌ مَت تي پڙهيو هو، پر فڪري ۽ علمي انداز سان نه! سوچيم ڪاش ته هوءَ مڃي وڃي ها ۽ مون سان ٻاهر هلي بشريات جي شعبي ۾ ٻُڌ مَت کي باقاعدي تدريسي طور پڙهي ها. ڪيڏو ضروري هو هر فڪر جي انسان لاءِ ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن ڏينهن هن ناشتو ٻاهر ڪرڻ چاهيو. اسين نڪري آياسين. مان اندر ئي اندر ۾ مايوس هئس. اڄ سڀ ڪجهه پهرين کان مختلف هو: اڄ سورج-سلاميءَ دوران نين ملاقي رکڻ، مون کي مُکياري سڏي ڪانئس الڳ ٿي ڪري پوڙهي سفرَ جا مرحلا طئه ڪرڻ جو چوڻ، ٻاهر ناشتي لاءِ اچڻ.

ٿيو ايئن جنهن جو ڊپ هئم. ناشتو ڪري، چانهه گهرايائين، چيائين، ”ڪبير مان سُياڻي کان وياسنا شروع ڪنديس، هاڻي ٻاڻ ايئن نه ملنداسين، تون هتي اچي پنهنجون مشقون ڪر، پر مان نوبڪلاڻيءَ ۾ رهڻ چاهيان ٿي.“

سوچيم، اجان ڪهڙي وڏيڪ نَوبڪلاڻي گهربي هئس؟ درستَ، مٽ مائٽ، ويندي جادو سان به ملڻ نه ٿي چاهيائين. هتي هڪڙو مان هئس، جنهن سان سموري ڏينهن ۾ چند جُملا ئي ڳالهائيندي هئي. بَس، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نوبڪلاڻي گهربي هئس!

بيوس ٿي ڪري، هڪ تمام غير ضروري جُملو ڳالهايم، جيڪو هَيڏو ڪجهه ٿي رهڻ کان پوءِ، خاص ڪري هن صورتحال ۾، ڪو احمق ئي ڳالهائيندو. سندس نالي سان ڏوراپو ڏيندي چيومانس، ”ميرا صاحب، چوين چو نه ٿي ته تون هاڻي مون سان نه ٿي ملڻ چاهين.“

ڪيڏو چريو هئس، واقعي نه ٿي ملڻ چاهيائين. تڏهن ئي ته ٿِي ڪيو هئائين مون کي.

مُرڪي چيائين، ”ڪبير ايتري ڪاوڙ، جو مينتوخ بدران ميرا صاحب سڏيئي!“

شرمندو ٿيس، چيم، مان ڇا ڪريان، مان ته بس رُلي ويس، مِينتوخ!“

وري اڪيون پرجي آيم. ان جو مٿس ڪهڙو اثر ٿيڻو هو!

مان ٻئي ڏينهن يوگا لاءِ آيس ته هوءَ اڳ ئي پوڙي وڻ جي هيٺان ڏيان ۾ هلي وئي هئي. ٿوري ڪنڌائتي ٿي ويٺي هئي، جتي مائٽن جي گهڻي اچ وڃ نه هئي. مان سورج-سلامي ۽ پراڻيام ڪري ڪيس پري کان ڏٺو. ڪجهه ڪائڻ پيٽڻ هليو ويس. اندر ۾ عجيب تڪليف هئم. ڪنهن سان سليان ها؟

مائيڪل ۽ جَين کي ته خَبر ئي نه هئي ته مون سان ڇا مان ڇا ٿي گذريو هو. هڪ ٻن مهينن اندر اسان جي ڪتابن جو سينٽ اينڊريوس يونيورسٽيءَ ۾ مهورت ٿيڻ وارو هو. هنن مون تي ڪافي زور رکيو هو ته ڪيئن به ڪري وٽن پهچان، جيڪر ته اسان جي رچ ۾ اڳ ئي ڦٽ ٿيل هو. پنهنجي پر ۾ هو ٻئي سمجهي رهيا هئا ته مان سان مينتوخ کي به وٺي ايندس، جنهن لاءِ هو ٻئي مون کي لکي چڪا هئا. ان ڪري جو مون اسان جي هڪٻئي سان محبت جي اظهار ۽ سندس مڃي رهڻ بابت کين ايميل تي ٻُڌائي ڇڏيو هو. مينتوخ ٻاڻ به ڪيڏو نه متاثر ٿي هئي اسان جي تحقيق کان، اسان جي تيار ٿيل ڪم جي ڇپجڻ جو ڪيس به انتظار هو پر هاڻي ته سندس صورتحال ئي مٽجي چڪي هئي. مان جين ۽ مائيڪل کي ڇا چوان ها ته ڪيس ڇا ٿي ويو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوڪھڙو ونجندو ٿئي ويو. هوءَ هڪ اهڙي پکي بيرگياٽي بڻجي وئي هئي، جنهن جي جسم تان ماس گهٽ ٿيندو پئي ويو. ڏيان دوران چهري تي هلڪڙي مُرڪ هوندي هئس، اهائي ساڳي مُرڪ، جنهن جي هجڻ نہ هجڻ ٻنهي جو گمان ٿيندو آهي.

هاڻي هوءَ ٽيهن ڏينهن جي وپاسنا تي هلي وئي. مان ڪيس پري کان ڏيان ڪندي ڏسندو هئس. هوءَ جڏهن ايترن ڏينهن لاءِ خاموش رهندي هئي تہ وچ ۾ ڪنهن مهل سندس گرو اچي ڪيس ان ڏيان مان آجو ڪندو هو. هوءَ آهستي آهستي هلندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي... صفا ٿورڙي ماني کائيندي هئي. مون نوٽ ڪيو پئي تہ سندس وَڪون سست ٿينديون پئي ويون. مان حيران ٿيندو هئس، اها ٻوڌي ارهنا هئي يا آپگهات؟

غلط هو يا صحيح هو. مون جادم سان رابطو ڪرڻ جو سوچيو. مون ان وقت ڪيس بطور هڪ انسان ڏٺو. نہ ڪي فقط هڪ مرد جي طور. هوءَ جنهن پاسي وڃي رهي هئي، اتان ڪيس روڪڻ جي ضرورت هئي... مان ناڪام ٿيو هئس، هوءَ پنهنجي فيصلي تي قائم هئي. مان بيوس هئس تہ ڇا جادم ڪجھ ڪري سگھيو پئي؟ ان جو امڪان هو. اهو سوچي مون کي تڪليف تہ ٿي، پر مان اهو زهر پيئي ويس ۽ جادم سان لازمي رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيم. پهرين تہ مون ڪيس فون ڪري پُڇيو تہ هو لمبيني اچي سگهندو؟ جادم صفا حيران ٿي ويو. سبب پڇيائين تہ چيومانس تہ ڪيس ڪجھ ڏيکارڻو آهي. هو ڪجھ بہ سمجھي نہ رهيو هو.

مون سندس ائڊريس وٺي منهنجي سفر جو داستان ۽ ميرا جي ڊائريءَ منجهان سندس لاءِ لکيل پنا فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪلي ڏنا. شروع بدران پَنن جي آخر ۾ هي نوٽ لکيم. ”جادم ميرا ملي وئي آهي. مينتوخ ميرا جو ٻوڌي نالو آهي. عجيب ڳالھ اها آهي تہ اسين ٻئي سندس تلاش ۾ لداخ ۾ مليا هئاسين. هوءَ تنهنجي تلاش ۾ ڦري رهي هئي.“ اهو لکي ان جي هيٺان پنهنجو نالو ۽ نمبر لکيم.

جادم خط پڙهي مون کي فون ڪئي، جذبات ۾ سندس آواز ساٿ نہ ٿئي ڏنو. مون کان ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيائين، ”ڪبير، توکي يقين آهي تہ تون جنهن ناريءَ جو ذڪر ڪري پيو، اها ميرا ئي هئي؟“ مون ها ڪئي ۽ ڪيس فون ذريعي سندس ليھ وارو فوٽو موڪليم! سندس جواب آيو، ”او ماءِ گاڊ ڪبير، هيءَ تہ واقعي ميرا آهي!“ مون ڪيس سندس لمبينيءَ واري سنياس جو ٻُڌايو تہ هوءَ ڪيئن ان سفر ۾ اڳتي وڃي پئي. ٻئي ڏينهن ئي هن مون کي لکيو، ”مان سياٽي رات ڪٽمنڊو پهچندس ۽ پرينهن لمبيني.“ مون ڪيس ان ننڍڙي هوٽل جي ائڊريس لکي موڪلي ۽ سندس ڪمرو اتي بُڪ ڪرائي ڇڏيو.

هاڻي ٻن ڏينهن ۾ جادم اچي رهيو هو. هتي ميرا هر ڏينهن ڪجھ وکون اڳتي وڌي رهي هئي. مون محسوس ڪيو ٿئي تہ سندس وُجُود هر خواهش کان آجو ٿي هلڪو ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريو هو. مان بہ سندس بابت قسم سان چٽي سگهيس ٿئي تہ هائي وٽس ڪا بہ خواهش نہ رهي هئي، شايد ساهہ ڪڍڻ جي بہ نہ!

---

ٻن ڏينهن ڪان پوءِ جادم منجهند جي آخري پهرن ۾ لمبينيءَ پهتو. ڏاڍي گرم جوشيءَ سان مليو. سندس پوري وُجُود ۾ بيچيني واڪا ڪندي نظر پئي آئي. ڪانئس انتظار نہ ٿئي ڪيو ٿيو، ڪيئن بہ ڪري ان مهل ئي يو ڳتيءَ سان ملڻ ٿئي چاهيائين. هوءَ منجهند جي هلڪڙي ننڊ ڪري اُٿي هئي ۽ خاموشيءَ سان سامهون تلاءَ ۾ بدڪون ترندي پئي ڏٺائين. گيڙو ساڙهي پاتل هئس، وار ان ئي انداز سان هلڪا ٻڌل هئس. سندس اکيون جهڙيون پنڊ پهڻ تي پيون هيون. سندس ڪمزور ۽ بي رحم سختيءَ جي ور چڙهي ويل وُجود ڪي ڏسي جادم جون اکيون ڦاٽي ويون. مون ڏانهن ڏٺائين، مون ڪي سندس اکين جا تاثرات اجان ٿائين نہ وسريا آهن. منجهن دردناڪيت هئي، سخت شاڪ هو: مون سوچيو، هو پنڊ پهڻ تي چڪو هو يا هو انهن سيني حالتن منجهان ان هڪ شديد لمحي دوران گذري رهيو هو. سندس اکين ۾ نہ ڪٽڻ جهڙو، بي پناهہ درد ڏٺم.

جادم جي سامهون اچڻ ڪان اڳ مان سندس سامهون آيس، مٿس ڪو فرق نہ پيو. ڪيس سڏيم، "مِيرا." ڏٺائين، ڪنهن بہ اظهار ۽ احساس ڪان عاري چهري سان، ڪيس گهوري چيم، "هي ڏس، ڪير آيو آهي!" اڻ ٻڌو ڪريو ظاهري طرح بدڪون ڏسندي رهي، جڻ سندس اِرتڪاز قائم هو... جادم ڪان رهيو نہ ٿيو، هو بي تاب ٿي سندس سامهون اچي ويو. سندس پاسي ۾ ويهي چيائين، "مِيرا، هي چا ڪري ڇڏيو اٿئي پاڻ ڪي، ايڏي وڏي سزا ڏيندينءَ منهنجن پاپن جي؟"

مِيرا هلڪو چرڪ پريو. ڪيس ڏٺائين. جادم جي جملي منهنجيءَ دل ڏڪائي ڇڏي، هو ڪيڏي نہ تڪليف ۾ هو! ميرا ڪيس ملي بہ تہ ڪهڙي حال ۾!

مِيرا ڪيس ڏسندي رهي. جادم سندس هٿ جهلڻ چاهيو، مِيرا ڪي جڻ ڪرنٽ لڳو، هن چرڪي هٿ هٽائي ڇڏيو.

اِن تي جادم جي تڙپي پيو، سندس اکين مان ٽاندا نڪرڻ لڳا... هو هِسٽيريا منجهان ڳالهائيندو رهيو، "اٿ هتان ميرا، هي چا پئي ڪرين، ڏاهي ٿيءُ. مان تنهنجو پاپي آهيان، جيڪا چاهين مون ڪي سزا ڏي، پر ايئن نہ ڪر."

مِيرا پترايل نهارن سان ڪيس ڏسڻ لڳي، بنا هڪ اکر اکلئي.

جادم ڪيس مڃائڻ جي ڪوشش ۾ ڳالهائيندو رهيو، "ميرا تو ڪي سڀ ياد ٿا ڪن، دوست، مائٽ، جيجي سڪينہ، آشا، هل تہ هلون ٿا هتان."

هوءَ ڪيس خالي اکين سان ڏسندي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادم ڳالهائيندو رهيو. ”هل مِيرا، هلي پنهنجو گهر وساءِ. ڪيترن ئي سالن کان خالي پيو آهي.“

هوءَ خاموش رهي.

جادم کان هڪ لمحو بہ مِيرا جو اهڙ واڳيل رويو برداشت نہ پئي ٿيو. هن جي بي صبري جي انتها هئي.

چيائين، ”مان تہ پيڪي ويو هئس. تون چو ٿي پيڪين مِيرا، تون تہ منهنجي ڳولا ۾ هئينءَ نہ. هي ڏِس، هاڻي مان اچي ويو آهيان، ايئن نہ ڪر راڻي!

اِهو چئي جادِمَ سندس پيرن تي هٿ رکي ڇڏيا! ميرا پنهنجا پير سوڙي پرتي ڪري ڇڏيا. جادم جي دِل کي جهٻر اچي ويو، جيڪو سندس اکين مان لڙڪن جي صورت ۾ ظاهر ٿي پيو.

اتي ئي هڪ نظر نہ ايندڙ منظر ماتم ڪدو بڻيل منهنجي دل جو بہ هو! ڪو ماڻهو منهنجي محبوبہ جي پيرن تي هٿ رکي اُن کي راڻي سڏي رهيو هو! ۽ مان اهڙن المناڪ منظرن جو خاموش، بي آواز شاهد ٿي پيو هئس!

مِيرا ڪيس پنهنجين گهرين اکين سان ڏسي چيو، ”جادِم تون صحيح هئين. جِسم جي خواهِش پوري ٿيڻ نہ ٿي ڏئي. مون بہ تو جيان سڀ ڪجهه تيا ڳي ڇڏيو.“

مون ڏانهن ڏسي مُرڪي پئي. ڪيس نِهاري چيائين، ”جادم، خبر اٿئي، محبت ڪيڏي غير جٽادار آهي. مان تنهنجي ڳولا ۾ نڪتل هئس، مون کي ڪبير ملي ويو. مان هن سان محبت ڪري ويٺس. سائس زندگي گذارڻ جي خواهِش ۾ مون کان تون مڪمل طور وِسري وئين. اتان مون سمجهيو تہ اهڙي محبت اصل ۾ ڪوڙي خواهش آهي. مون پاڻ کي اُن کان هميشہ جي لاءِ آجو ڪري ڇڏيو.“

جادم جي آڏو مِيرا جو منهنجي پيار کي ايئن مجتا ڏيڻ منهنجي جلندڙ هانءَ تي چنڊو هڻي ويو.

پر مون ڏٺو پئي تہ اهو ٻُڌي جادم ظاهري طور سچو نظر ايندڙ اندر ۾ ٽُٽي پُرزا پُرزا ٿيو پئي. سندس اکيون اندر جي پيچ ڊاهہ جو آئينو بڻجي پيون هيون. مون کي جادم جي تڪليف جو بہ شديد احساس ٿيو پئي، پر هن وقت اسين ٻئي برابر بيوس هئاسين، جو هوءَ بي پرواهہ هئي! ڪيتري ئي دير بنا ڳالهائڻ جي ويٺي رهي...

جادم وري سندس پيرن تي پنهنجا هٿ رکي ڇڏيا. مِيرا هاڻي ان هٿ کان بيخبر بڻجيو ويٺي رهي. جادم رکي رکي ڪيس سمجهايو ٿئي، مِنٿ ٿئي ڪيائينس. پر هوءَ احساسن کان وانجهيل، بنا ڪجهه ورنائڻ جي هڪ پٿر جيان اسان جي سامهون چڻ پئي هئي، پٿر بڻجي ويل انسان جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوري دير کان پوءِ هوءَ اُتان اُٿڻ لڳي.

اُٿڻ کان اڳ جادم ڏانهن ڏسي چيائين، ”جادِم تون بلڪل صحيح هئين. هي دنيا مايا جو موهُ آهي. اِن جي ڄار مان تون ته نڪري ويو هئين، وري ڇو ڦٿو موٽين؟“

ان کان پوءِ مون ڏانهن نهاري چيائين، ”ڪبير، تون به هِن ڄار مان پاڻ کي آجو ڪر. راهَ تي اچ. اندر جون روشنيون اتي ئي آهن. زماني جو وجُود ٺيا ڳي، حقيقي مشاهدو ماٺي ڏس.“

مون منجهائس آسرو لاٿو هو. ان ڪري مون ڪجھ به نه ڳالهايو. بس ڪيس ڏٺم پئي. مون هاڻي اها تڪليف به نه ٿئي محسوس ڪئي. مسلسل هڪ المئي ۾ رهڻ جي ڪري الميو اوهان جي جسم جي حصي جيان حقيقت بڻجي ويندو آهي. جنهن جو اوهان کي ارمان به محسوس نه ٿيندو آهي.

اهو چئي هوءَ اتي ۽ پنهنجي ننڍڙي آستاني طرف وڃڻ لڳي. جادم پنهنجي وس ۾ نه هو. سندس پويان پويان وڃڻ لڳو. ڪيس ڪلهي تي هٿ رکي ياڪر پائڻ چاهيائين، پو ڳٽي ترسي پئي، ڪيس مُڙي ڏسڻ لڳي. جادم ڪيس ياڪر ۾ ڀريو. هوءَ بي ساهي جسم سان ٻانهون سڌيون ڪيو بيٺي رهي ۽ ڪيس پري ٿيڻ جو چوندي رهي ته اهو پاپ هو. سندس وجود ۾ اينري به سگھ نه بچي هئي جو هو ڪيس پري ڪري سگهي... پر هن ايتري ته پختي انداز ۾ ڪيس پاڻ کان پري ٿيڻ لاءِ چيو جو جادم کي هٽڻو پئجي ويو.

هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي، جادم سندس پويان هلندو رهيو.

مان به سندس پٺيان ويس. پو ڳٽي پنهنجي بيحد ننڍڙي ڪمري ۾ وڃي پنهنجي هنڌ تي ويٺي. ان ڪمري ۾ ڪجھ ڪتاب، هڪ سگري، به ٽي ٿانو رکيل هئا. هوءَ اتي اکيون بند ڪري ڌيان جي حالت ۾ ويهي رهي. جادم سندس پاسي ۾ ويهي رهيو. ميرا ڪائنس مڪمل بي خبر ٿي وئي.

جادم مُڙي مون ڏانهن ڏٺو. سندس اکين ۾ پاڻي هو. مون سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ کيس پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڪيم. سندس ڪمري مان نڪري آياسين. جادم مون سان هلندي مُڙي مُڙي ميرا کي ڏسندو رهيو ۽ اتي ئي وڻ وٽ هو هڪ هارايل جواريءَ جيان ويهي رهيو. رکي رکي ميرا جي ڪمري ڏانهن نهاريندو رهيو. جنهن جي دروازي مان سندس ڌيانَ جي حالت ۾ ويل وجود جو اڌ ليئا پائي رهيو هو. مان ڏاڍي مشڪل سان ڪيس اتان واپس وٺي آيس.

اها رات جادم مٿان تمام ڳري رات هئي. جيڪا مون ساڻس گڏ جاڳي گذاري. مان معمول موجب پنهنجا سگريٽ ۽ خماري سامان کڻي آيس. ٻه گلاس ناهيم. هڪ سندس آڏو رکيم... مون کي يقين هو ته هو اڄ نهڪر نه ڪري سگهندو ۽ ائين ئي ٿيو. اسين ڪلاڪ کن پيئندا ۽ سگريٽ ڦوڪيندا رهياسين. سندس اکيون بار بار آليون ٿيون پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن پرڀاش ٽيم تہ مون کي چيائين، ”غلطي منهنجي هئي، مون کيس ان ڏڳ تي لاتو.“

مان بي انتها صبر سان کيس ٻڌندو رهيس. اسان ٻئي مرد هڪ ئي ناريءَ جا عاشق هئاسين. اسان ٻنهي کي هڪٻئي سان صبر سان پيش اچڻو هو. جيتوڻيڪ اسان ٻنهي مان ڪير بہ کيس حاصل ڪري نہ سگهيو هو پر هو تہ سندس وَرُ بہ هو. مون کي سندس ان اختيار جو احساس هو.

هن بيوسيءَ منجهان مون کي ڏسي چيو، ”پهرين تہ ميرا لاءِ تنهنجي محبت بابت پڙهي مان تپي ويو هئس. پر جڏهن سمورو ليک پڙهي پورو ڪيم تہ پنهنجي بيرحمي ياد آيم تہ ڪيئن کيس چڏي هليو ويو هئس. مٿان تو سان ملي بہ چڪو هئس. سوچيم، هوءَ هئي ئي عِشق ڪرڻ جهڙي، تون سائس ان سنبنڌ ۾ نہ جُڙين ها تڏهن بہ عجب ئي ٿئي ها: پنهنجي اهڙي دردناڪ زندگيءَ ۾ هوءَ تو جهڙي عاشق سان محبت نہ ڪري ويهي ها، اهو بہ ڪيئن ممڪن هو؟“

مون وٽ چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو.

جادم پيئندو رهيو، مٿس ڪيپ چڙهندا ويا، مُنهن تي مستقل درد لهي آيو هئس. هڪ مهل اِن ئي ڪيفيتَ ۾ چيائين، ”ڪبير! هاڻي مون کي سَمجهہ ۾ آيو آهي تہ مون تو کي ۽ ميرا کي گڏ پنهنجي ڏيانَ ۾ ڪيئن ٺٺي ڏنو.“

مون کيس ڏٺو، سندس اکيون خماريل، آليون ۽ گلابي هيون.

مون لمحي لاءِ کيس ۽ پوڳٽي ميرا کي گڏ تصور ڪيو، دل وڏي نهڪي سان ڌڙڪي پئي. جڻ اندران ئي اندران ٻڏي ٿئي ويس. سندس بابت سوچڻ لڳس تہ هو منهنجي ۽ ميرا جي باري ڪيئن سوچيندو هوندو. سندس تڪليف جو احساس ٿيم. ايئن سرچيندي سوچيندي خاموش پيئندو رهيس، پوڳٽيءَ لاءِ منهنجا احساس جادم جي اچي وڃڻ کان پوءِ ويتر برف تي ريا هئا.

جادم هر روز ميرا سان ملندو رهيو. ميرا روز کيس ان ئي انداز ۾ انڪاريندي رهي. هر شام جو اسان گڏ گذاريندا هئاسين. اسان ٻنهي جو ڏک ۽ مقصد ساڳيو هو، ان اسان کي تمام گهري رِشتي ۾ ڳنڍي ڇڏيو.

هڪ شام جو اسين مايا ديوي بوڌيشالا مان واپس آياسين. ٻئي ڏينهن لاءِ چيائين تہ هو آخري ڀيرو ميرا کي سمجهائڻ ويندو، جي هوءَ نہ سمجهندي تہ هو ان معاملي کي ٻئي طريقي سان حل ڪندو.

مون کيس سواليہ نظرن سان ڏٺو.

مون کان پڇيائين، ”تون هتي ڪيستائين آهين، ڪبير؟“

مون کي سندس سُوال عجيب لڳو هو، ان جو ڇا جواب ڏيانس ها؟ مون تہ سوچي ڇڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندي، مون کي نہ تہ لڳي هوءِ هتان نڪرندي.“

اهو بہ ياد آيم، چيو هئائين تہ هوءَ لمبينيءَ تڏهن ويندي جڏهن ڪيس اُتان واپس موٽڻ جو خفو نہ هوندو. ڇا واقعي سندس زندگيءَ جا سيئي خفا ختم ٿي ويا هئا؟ ايترو آزاد پئي محسوس ڪيائين جو مون سميت سڀ ڪجھ ڇڏي سگھي!

جادم ڳالهايو تہ خيالن مان نڪتس. چيائين، ”هتان پلي نہ نڪري، وڀاسڻ مان تہ نڪري.“

اهو چئي منهنجي اکين ۾ نهاريائين. پوءِ آهستڙي چيائين، ”ڪبير، شائي تہ بس مان اهو ٿو چاهيان تہ هو جيئي، پلي ڪٿي بہ رهي.“

اسان ٻنهي جو اهو مشترڪ مقصد هو. پر مون وٽ هڪ ٻيو مقصد بہ اڃان جيئرو هو. ان سُوالَ تي بہ سوچيم پئي تہ جڏهن هوءَ سامت ۾ ايندي تہ اسان مان ڪنهن کي چڏيندي؟ خبر نہ آهي ڇو مون اهو بہ سوچيو پئي تہ جي هوءَ هتان سلامت نڪري آئي تہ مون وٽ واپس اچي ويندي.

اهو سوچي جادم کي نهاريم، پر اهو ڪيس ڪيئن چوان ها!

هو ميرا جو مُڙس هو. هو ٻئي هڪٻئي جي تلاش ۾ ماڳن مڪانن تي رُليا پئي. مان تہ سندن وچ ۾ آيل هڪ ننڍڙو وقت جو وهڪرو هئس، جيڪو گذري چڪو هئس.

سَچ اهو هو تہ مون سان ڏاڍو عجب حادثو پيش اچي ويو هو. اهو وات ويندي پيش ايندڙ حادثو، منهنجي سموري زندگيءَ تي هڪ مُهر هڻي ويو هو جنهن جو تصور بہ نہ ڪيو هئم. اهو تجربو پنهنجي سفر جي ڳوٺڙيءَ ۾ ڪٿي هاڻي زندگيءَ ۾ هلڻو هئم. مون کي محسوس ٿيو پئي تہ ڪنهن اوپري معاشري ۾ جتي ماڻهن سان ساڳي ٻولي نہ ڳالهائي سگهجي، اتي ساڻن ڏيٺ ويٺ ٿيندي بہ ذهن تي اڪيلائيءَ جو غلبو حاوي رهندو آهي.

ماڻهوءَ جو داخل پنهنجي اندر سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيو مڪالمو ڪندو آهي، پنهنجي زندگيءَ جي محسوسات، دردن ۾ مامرن جي دٻاءَ هيٺ هر شئي کي هڪ مخصوص انداز ۾ پيو ڏسندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هر ڪنهن جي اندر جي مختلف معاملن هجڻ جي ڪري ماڻهو ساڳئي ئي لقاءَ کي مختلف انداز ۾ پيا پرجهندا آهن.

اِهو منهنجي اندر جو دردَ ۾ ٻڌل لقاءُ هو. جنهن مون کي ايئن سمجهايو پئي، ايئن پَسايو پئي، ايئن محسوس ڪرايو پئي.

مُون کي سموري وارتا ڪو ڊرامو لڳي رهيو هو. هڪ صَفا تنها رُوح جو لکيل المناڪ ڊرامو، جنهن کي سرجڻهار حقيقتَ جو روپ ڏئي اسان جي زندگين کي ان ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو هو. محسوس ڪيم شايد اهو ڊرامي نگار ان سموري لقاءَ کي ڏاڍو جلدي خاتمي تي پُڄائڻ ٿو چاهي. هڪ لمحي ۾ سيڪجھ 'آهي' مان 'هو'، حال مان ماضي ٿي ويندو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پنهنجي نارِيءَ سان محبتَ ڪي لنوائي ٿو ته ان سان سندس ڏِيانَ ۽ ارپنا کي نقصان ٿو پهچي؟ پر محبت ۾ منهنجو ته تجربو ئي ٻيو رهيو...!

مون محسوس ڪيو ته محبت ڪرڻ خود ڏيانَ جي ڪيفيتَ ۾ وڃڻ جيان آهي. پنهنجي محبوبَ سان ويجهڙائي خود هڪ قسم جي سماڌِي آهي. ان کي رد ڪرڻ شعور کي رد ڪرڻ جيان آهي. داخليت جي وجدان کي مارڻ جيان آهي. پاڻ مارڻ جيان آهي. پاڻ مارڻ به ايئن ئي ڏوهه آهي، جيئن ڪنهن ٻئي کي مارڻ ڏوهه هوندو آهي.

ايذي ذهني ۽ جسماني سختي ڪاٿجي جو اوهان کي محبت ۽ جبلتي خواهشون محسوس ئي نه ٿين! ساڌپڻي ۾ زندگي گهاري خوش ٿيڻ ڏيک ۾ ڀلي ڪيڏو به جنگاڻ معرڪو لڳي، اصل ۾ اذيت پسنديءَ جي اِنتها تي پهچڻ جي سگهه آهي، جيڪا بدترين نفي آهي. اوهان پاڻَ کي اذيت ڏيو يا ڪنهن ٻئي کي ڏيو، ڪهڙو فرق آهي؟ اِها هڪ سخت نفسياتي بحران جي علامت آهي، جنهن ۾ اعلاج جي ضرورتَ هوندي آهي. اعلاجَ ٿئي ته جيئن ماڻهو عام فطري خواهشن ۽ ضرورتن کي وري حاصل ڪرڻ جي خواهش محسوس ڪرڻ لڳي.

مان ته بيحد ڏڪارو آهيان ته جن ٻارن کي بنياد ڪان اها تربيتَ مِلي ٿي، انهن جو ڇا ٿيندو هوندو؟ اهو ته بلڪل ايئن آهي ته ڪنهن جون اکيون تنجڻ ۾ ئي ڪيڏي ڇڏجن ته ان انسان کي ڏسڻ جي لوازمات جي ڪهڙي خبر پوندي؟ نه وري هن کي نه ڏسي سگهڻ جي پوءِ ڪا کوٽَ محسوس ٿيندي.

ان تي مون کي هڪ ڏاڍي دلچسپ فرينچ ڪهاڻي ياد آئي آهي: هڪ ويچ هڪ پئدائشي نابين ڇوڪريءَ جي اکين جو ڪامياب اعلاج ڪري انهن کي روشن ڪري ٿو ڇڏي. نينگري پنهنجي زندگيءَ ۾ جڏهن پهريون ڀيرو عجيب شڪل صورتَ ۽ شبيهه وارين رنگ برنگي فطري ۽ سماجي شين، مخلوق ۽ لقائن سان ڀريل دنيا ڏسي ٿي ته پريشان ٿي ويچ کي چوي ٿي ته هيءَ ته اها دنيا ئي نه هئي جيڪا هن سمجهي هئي. ويچ کيس وڻ، ٽڻ، پکي، زمين، فصل ۽ ماڻهو ڏيکاري ٿو، جن جي هوءَ پنهنجي روزانو جي زندگيءَ ۾ عادي هئي ته هوءَ چويس ٿي ته اهي ماڻهو، سمورو فطري توڙي سماجي لقاءُ ۽ خود ويچ به، سندس خيالن ۾ جيئن جيئن هئا، روشن اکين کي ته اهي نظر ئي نه پئي آيا!

ڪهاڻيءَ جو المناڪ پاسو اهو هو ته نينگري ويچَ کي زور ڀري ٿي ته هو کيس وري پهرين جهڙو ڪري ڇڏي. ان ڪري جو اها اونداهي دنيا جنهن ۾ هن هر شئي، انسانَ، لقاءَ ۽ آواز کي پنهنجي نابين تخيل ذريعي سوچي گهڙيو هو، ان جو ته احساس ئي ٻيو هو، اها ته دنيا ئي ٻي هئي.

سو، نابين جو به پنهنجو تخيل هوندو آهي! هي سڀ نابين جا خواب ٿا ڏسن، ڪين روشني نه ٿي وٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڏو لطيفَ جا اهي جملا تہ محبت جِبلت آهي، محبت ڪوڙڪي آهي يا فقط جسماني سَدَ آهي، انساني حقن ۽ فطري ضرورتن کان بي رحم انڪار آهن. بُدَ مَت جهڙي فِڪري مڪتبَ جي نالي تي ايئن ڪرڻ ظلم جي بدترين شڪل نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ انسانيت پسنديءَ تي ڪاپاري ڌَڪ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ مون کي ساڏو لطيفَ جي انهن خيالن تمام گهڻو ڏکويو. جن ۾ هن چيو، "مون پنهنجو ڪَشٽ وڏائي ڇڏيو تہ وچي هُن پار پيس، جتي هوءَ جِسم تہ پري، منهنجي جذبي کي بہ نہ ڇُهي سگهي. هوءَ ڪجھ وقت جي لِڇَ کان پوءِ سمجهي وئي تہ مون تي وقت ضيان ڪرڻ بيڪار هو."

ان ناريءَ ۽ محبتَ ڏانهن پنهنجي سفاڪيءَ کي هن ڪيئن فخر ۾ هوڏ سان بيان ڪيو آهي. هي مون کي هڪ منظم مڪتب جو راهہ کان هٽي وڃڻ جيان لڳو آهي. اصل ۾ بُدَ مَت پاڻ ئي پُلجي پيو آهي، هاٿي جيڪو پيو سيني کي پِلائي.

پنهنجن جذبن کي غير وجدان جو حصو سمجهي انهن کي برباد ڪرڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سفاڪي آهي. جنهن ۾ اوهين هر شئي، جيڪا انساني ۽ فطري آهي، کي نہ محسوس ڪيو! جيئرو انسان ڪيئن نہ محسوس ڪندو. اندر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪجھ مري تہ ٿو جنهن سان احساسن ڏانهن حِساسيتَ محسوس نہ ٿي ٿئي.

خواهشن جي قبضي ۾ هجڻ يا غير خواهش جي قبضي ۾ هجڻ، ٿوري فرق سان ڳالھ هڪڙي ئي آهي. جوڳ ۽ تياڳ جنهن ۾ دنياوي شيون ڇڏڻ تي زور هجي، اهو هن دنيائي جانورَ انسان کي ڇا ڏيندو. سواءِ اَڻ-هوندَ جي. جذبن جي اَڻ-هوندَ. محبت جي اَڻ-هُوندَ. پنهنجي مرضيءَ جي خوشي ۽ خوراڪ جي اڻ-هُوندَ. ڇا اهو بُدَ مَت آهي؟

جيڪڏهن سنڌ ۾ هھڙي بُدَ مَت کي اَٽڪو آهي تہ ان ۾ ۽ ٻئي ڪنهن مذهب جي انتهاپسنديءَ ۾ ڪهڙو فرق رهجي ويندو؟ اسان کي ٻين مذهبن جو سياسي چوغا پائي ڪڏي سياست ڪرڻ خراب لڳي ٿو، پر جنهن مڪتبِ ۾ رهي ڪري اسين انساني فطرت سان پيا اهڙيون ظالمانيون رانديون ڪيون، ان جو ڇا؟ ان جي نِندا نہ ڪجي؟

تياڳ جي اخلاقياتَ مون کي هاٿي ٿوري ٿوري سمجھ ۾ اچڻ لڳي آهي: هيءَ پنهنجي پوڇا ۽ پنهنجي ئي چوڌاري طواف ڪرڻ آهي. پنهنجي وجود تي ظالماڻو عتاب ڪرڻ ۽ ان ۾ سوبَ ماڻڻ. ان جنون کي چو جيئدان ڏجي، جنهن ۾ مردن جو نارين ساڻ هجڻ ۽ ساڻن محبت ڪرڻ ڪمزور ٿو ڪري؟ منهنجي محبت ۽ منهنجي معصوم محبوبہ هڪ غير عقليتَ ۽ هڪ مڪتب جي غير منطقيتَ جي وَر چڙهي وئي، مان ڪيئن معاف ڪندس فڪر جي نالي ۾ ان ڍونگ کي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ساڌو! مان هي خط انتهائي پيڙاءَ واري حالت ۾ لکان پيو. وڌيڪ تفصيل نہ ٿو لکي سگهان. ڳالھ مختصر اِها تہ مِيرا مِلي وئي آهي، هوءَ لمبينيءَ ۾ مايا ديوي ٻوڌيشالا ۾ مڪمل تياڳ تي هلي وئي آهي. کيس واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان پيو. مان چاهيان ٿو ڪيس ان ڏيانَ مان اٿارجي، اِن ۾ مون کي تنهنجي ۽ بين ٻوڌِي اختيارين جي ساٿَ جي ضرورتَ آهي. اِهو سڀ ڪجھ ترت ڪرڻو پوندو، دير بنھ دير ڪري ڇڏيندي.

تنهنجو پنهنجو، جادم



پيارا پانڌي!

چا لمبينيءَ منجهان پوري دنيا ۾ مشهور ٿي ويل تياڳي ناري تنهنجي ميرا آهي؟

ڏرتيءَ کي اِهو ياڳ تنهنجي مهرباني آهي؟ پر تون ارهو ڇو آهين اِن تي؟ ڇو ٿو هن کي وِپاسنہ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرين؟ هوءَ ٻوڌِي ستوَ ناري آهي، هن صديءَ جي ٻُڌ مَت جي روشني آهي. جنهن دڳ تي تو سُوال اٿاري سدائين تنقيد ڪئي آهي، ان دڳ تي مِيرا تو کي رَسي ڏيکاريو آهي!

پانڌِي! پنهنجي دنياوي خواهشُن کي پَل؛ انهن جي نتيجي ۾ ٻُڌ مَت کي ايئن ڇيهو رسائڻ جو تو کي ڪو حق نہ آهي.

مان تو کي هن ديويءَ جي نِرواڻ ڏانهن پندَ ۾ رستي-روڪَ ڪرڻ نہ ڏيندِس.

تنهنجو اُستاد، لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جشن جو ڏينهن هو!

لُمبينيءَ مان جڏهن اها خبر ڪنهن خوشبوءِ جيان نڪتي ته اُن جو هُڳاءُ سموري دنيا ۾ پکڙجي ويو. ڌرتيءَ جي هر ڪُنڊ تي ان واقعي تي چِٽمَيگويون ٿيڻ لڳيون هيون.

لقاءُ ڇا هو؟ هڪ ٻوڌيشالا جي وسيع ميدان جي وچ ۾، جتي سرءُ جي مُنڊ وڻن سان ڪِيس ڪيا هئا، اُتي انيڪ ماڻهن جو هجوم اچي مِڙيو هو. جيڪو ان سرءُ جي موسم ۾ ڪنهن لقاءَ کي صدين پُڄاڻان آيل بهار جيان ملهائي رهيو هو. جاءِ جاءِ تي ڦِڪي ۽ گيڙُو رنگ جا سُڪل پن ڪِريل هئا... جهڙوڪر ڌرتي خود هڪ عظيم ٻوڌي سَتوَ بڻجي چُڪي هئي. انهن گيڙُو سُڪل پتن سان ڀريل ميدانَ جي وِچ ۾، پتن جي ڍير سان مُشابهه وينل هڪ وُجُود هو جيڪو هر ڪنهن لاءِ اڄ پذيرائيءَ جو حسين مِثال اچي بڻيو هو. اڄ ان وُجُود جي خود-اِنڪاريءَ جي واڪاڻ تي رهي هئي، اصل ۾ نفيءَ جي واڪاڻ تي رهي هئي.

هونئن به ٻوڌيشالا جي اها جاءِ پوري سال کان ماڻهن جي ذهنن ۾ اکين جو مرڪز بڻجي چُڪي هئي. خاص ڪري سال جا آخري هڪ به مهينا اتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏِيان ۾ گم وينل هڪ يگاني نارِيءَ کي ايندڙ ويندڙ خلق پنڊ پهڻ تي پيئي تڪيندي هئي. اُنهن سُڪل پنن سان ڀريل ميدان جي وچ ۾ سندس پاڻ ملهائيندڙ وُجُود پذيرائيءَ جو حسين مِثال بڻيو وينو هو. سڀ ڪو اُن کي پسڻ لاءِ آتو هو. ”نڪا ڄهل نه پل، سڀ ڪو پَسي پرينءَ کي“. جهڙو مثال هو.

سندس چوڏاري انيڪ ٻينل ماڻهن ۾ پهرين ٻن دائرن تائين ڏيهه توڙي پرڏيهه جي نالي وارن ٻوڌين جو گهيرو هو. جيڪي سندس چوڏاري ويهي پالي ٻوليءَ ۾ منتر پڙهي رهيا هئا. انهن ٻن گهيرن کان ٻاهر عام ماڻهو ٻينل هئا، جن پڪا ڪيا ٿئي ته هيءَ ته اصلي ۽ سچي پچي ٻوڌي سَتوَ نارِي هئي. سندن لاءِ اها وڏي شان وٺئون ڳالهه هئي ته هِن صديءَ هڪ اهڙي، ٻوڌي سَتوَ نارِي پيدا ڪئي هئي جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سئڪيامُنيءَ جي ديس ۾ اچي هڪ مِثالي تِياڳ ڪيو هو. اتي آس پاس وينل ٻوڌي سَتوَئن جو خيال هو تہ سندس ڏِيان جي ماٺ. سانتيڪي ۽ پرزور وجداني وهڪري ڪيس ٻُڌ مَت ڏانهن هڪ وهندڙ ندي بنائي ڇڏيو هو. جيڪا ڌرتيءَ جي سَنڌَ سَنڌَ ۾ وَهي اُن کي پٽي سيراب ڪندي. ڪين ويساهُہ هو تہ سندس عشق جو جنون هڪ اڻ ـ کُٽ برقي وهڪرو بڻجي ويو هو جنهن ۾ هوءَ ان پنڌ ۾ ڌرتي تورڙي آسمان اُڪاري سموري سِرشٽيءَ کي روشنيون آڇيندي.

اتي بہ انسان اُن تياڳڻ جي پير ۾ وينا. مُک ٻوڌين سان ڳالهائي رهيا هئا. ڪين ناريءَ جو تياڳ ختم ڪرائڻ لاءِ زور پري رهيا هئا. سندن چهرن تي ماتم هو. ڪِروڌ هو. غصو هو. ان عجب ٻوڌي رسم تي اَزلي ويڳاڻپ جو احساس منجهائن ڪاوڙ جي صورت نِڪتو پئي.

اُتي ڪِن ٻوڌين جو خيال هو تہ هوءَ وجدان جي حالت ۾ هلي وئي هئي. وجدان. جيڪو هڪ واديءَ جيان هو! اتي ويڄو پوندو آهي. اُتي رَسڻ لاءِ وڏو جوکو کائڻو پوندو آهي. پر ان کان پوءِ اڙانگا پنڌ سولا تي پوندا! آهن ۽ وُجُود سچي ترنگ جي احساس ۾. ازلي خوشيءَ جي ترنگ ۾ هليو ويندو آهي. اُها ترنگياتي ڪيفيتَ مڙني ڪيفيتن کان اُتم آهي! اُتي ڪِن ماڻهن چيو پئي تہ هوءَ مري چُڪي آهي. بس وينل انداز ۾ مُئي آهي. ڪِن چيو تہ هوءَ جيئري آهي. نِرواڻ ماڻڻ واري حالت ۾ هلي وئي آهي. ڪن تہ اهو بہ چيو پئي تہ ڪيس ان حالت مان اُٿارڻ جي ڪوشش ڪرڻ پاپ هو. ڪاوڙ ۽ ڏک ۾ ڏمريل اُنهن ٻنهي نوجوانن کي ماڻهو سمجهائي رهيا هئا. هڪ ٻوڌي سَتوَ چيو تہ هيءَ ناري تہ سئڪيامُنيءَ (گوتم ٻُڌ) جي چونڊيل هئي. سندن پاڳ هو تہ هوءَ لُمبينيءَ ۾ پنهنجو آخري آستان ناهيندي. سندن خيال ۾ ان تي روئڻ اپاڳ هو.

لُمبيني تورڙي سموري دنيا جون ٻوڌيشالائون ان امڪاني آپگهات جي انتظار ۾ جشن ملهائڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. جشن جيڪو سندن خيال ۾ اُن يگاني پِڪشُوڻيءَ جي موتَ جي صورت ۾ هڪ عظيم اربنا بڻجي ويندو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڊاڪٽر سحر گل هڪ ليکڪا، ناول نگار، محقق ۽ فلسفي جي اسڪالر آهي. هن بنيادي تعليم نوابشاه مان، ماسٽرس فلسفي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1998 ۾ ۽ اينٽراپالاجيءَ ۾ برطانيه جي يونيورسٽي آف سسيڪس، برائيٽن مان 2007 ۾ مڪمل ڪئي. هن فلسفي ۾ ئي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ 2018 ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پي ايچ ڊي تحقيق ۾ هن سنڌ ۾ سنڌي قوم بشمول ٻي نسلي گهٽائيءَ جي پاڻ ۾ طبقاتي بنيادن تي هيڪڙائيءَ جي امڪان کي ڦلهوريو آهي. ڊاڪٽر سحر گل گڏريل ٻن ڏهاڪن دوران ڪيترن ئي ملڪي ۽ بين الاقوامي ادارن سان مختلف سطحن تي ڪم ڪيو آهي. هو 2015 کان 2018 دوران ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شهيد بينظير ڀٽو چيئر جي ڊائريڪٽر پڻ رهي چڪي آهي.

ڊاڪٽر سحر گل جا دلچسپيءَ جا موضوع ادب، لطيفيات، فلسفو، سماجيات ۽ تحقيق آهن. پاڻ شاه لطيف جي شاعريءَ تي فلسفياڻي نگاهه کان 2012 کان ڪم ڪري رهي آهي، ۽ ان تحقيق کي مختلف ٻولين ۾ پنهنجي گفتگوءَ ذريعي پيش به ڪندي رهي آهي. ان کان سواءِ پاڻ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڊپلوما ڪري چُڪي آهي. سندس چار ڪتاب ڇپجڻ لاءِ تيار آهن، انهن ۾ يوناني فلسفي ۽ مڪالمي تي ٻڌل ناول، ادبي ۽ سماجياتي موضوعن تي مضمونن جو ڪتاب، تاريخيماديت تي انگريزيءَ منجهان ترجمو ۽ ٻارن لاءِ فلسفياڻين ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب شامل آهن، جن مان ڪجهه 2018 جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ڪجهه 2019 جي شروع ۾ پڌرا ٿيندا.

ISBN: 978-969-9866-83-8

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪانئر، ياجوڪَڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙهندڙ نَسل) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book